بسم اللہ الرحمن الرحیم

احسن البیان فی تفسیر القرآن

حضرت العلامہ مولانا محمد ادریس کاندھلوی

ناشر

ادارۃ خدمۃ القرآن والسنۃ

بسم الله الرحمن الرحيم

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِي لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِينَ (الاسراء)

تحقيق هيءُ قرآن هدايت ڪري ٿو ان (وات) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي ۽ ايمان وارن

کي خوشخبري ڏي ٿو

احسن البيان في تفسير القرآن

حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري

ناشر:
ادارهٔ خدمة القرآن والسنة
شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه

نالو : # اَحسنُ البيان فـــي تفسِيرِ القُرآن

مفسّر: شيخ التفسير والحديث
حضرت الحاج مولانا مُحمّد ادريس ڏاهري
مهتمم جامعه مُحمّديه مديرادارهٔ خدمة القران
والسُنّة ـ شاهپور جهانيان
0244-314244 - 0300-3028840
0301-3814120 - 03342822660

تاريخ اشاعت : 2006

ڇپائيندڙ : ادارهٔ خدمة القرآن والسنّة
شاهپور جهانيان ضلع نواب شاه سنڌ

پريس : ضياء القرآن پبليڪيشنز لاهور

زيرنگراني : صاحبزاده عاشق حسين ڏاهري
صاحبزاده حافظ احسانُ الله ڏاهري
صاحبزاده قاري محمّد اسد الله ڏاهري

ملڻ جو هنڌ
جامعه محمديه
شاهپور جهانيان ضلع نواب شاه سنڌ

فهرست مضامين

عنوان	صفحو نمبر
سورة الانفال جو تعارف	١
آيت نمبر ١ جو تفسير شان نزولءِ	٣
هڪ عجيب حديث	۴
آيت نمبر ۴،٣،٢ ۽ انهن جو تفسير	٦- ٧
آيت ٨،٧،٦،٥ ۽ انهن جو	
تفسير- شان نزول	٩ - ١٠
نحوي سمجهاڻي	١٣
فائدا- آيت ٩، ١٠ تفسير ۽ شان نزول	١٦- ١٧
فائدا-	١٩
آيت نمبر ١١، ١٢، ١٣، ١۴	٢٠
تفسير ۽ شان نزول	٢١
فائدو- آيت ١٥، ١٦ ۽ تفسير	٢٣-٢۴
فئة ڇا آهي؟ جنگ جي ميدان	
مان ڀڄڻ لاءِ معافي آهي؟	-٢٥
فائدو-	٢٦
آيت ١٧، ١٨، ١٩، تفسير ۽ شان نزول	٢٧
آيت ٢٠، ٢١، ۽ تفسير	٣٠
فائدو- آيت ٢٢، ٢٣، تفسير	٣١
۽ شان نزول	٣٢
آيت ٢۴- تفسير ۽ شان نزول	٣٣-٣۴
دين تي ثابت رهڻ لاءِ	
دعا. مسئلہ-	٣٥
ڇهن صورتن ۾ نماز پڙهي سگهجي ٿي	″
فائدو- آيت ٢٥، ٢٦ ۽ تفسير	٣٦

عنوان	صفحو نمبر
آيت ٢٧، ٢٨ - تفسير ۽ شان نزول	٣٧-٣٨
آيت ٢٩، ۽ تفسير	۴٠
ٻه حديثون	۴١
آيت ٣٠ تفسير ۽ شان نزول	۴٢
حضرت ابوبڪر رضي الله	
عنه کي هجرت ۾ گڏ کڻڻ جو	
سبب،	۴٥
نڪتو-	۴٦
فائدو- آيت ٣١ ۽ تفسير	۴٧
آيت ٣٢- ٣٣ ۽ تفسير	۴٨
فائدو- آيت ٣۴- تفسير ۽ فائدا	۴٩-٥٠
حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر	
رضي الله عنهما جي خوشنصيبي	٥١
آيت ٣٥- ٣٦ تفسير ۽ شان نزول	٥٢
فائدو-	٥٣
آيت ٣٧، ٣٨ ۽ تفسير	٥۴
فائدا-	٥٥
آيت ٣٩، ۴٠ ۽ تفسير	٥٦
فائدا- آيت ۴١- تفسير ۽ شان نزول	٥٧-٥٨
غنيمت جي شرعي اصطلاحي	٥٩
معنيٰ- جنگ دوران هٿ آيل مال	
مجاهدن کي ڇو ٿو ڏنو وڃي؟	٥٩
سوال - جواب	٦٠
قرابتدارن جو حصو قائم آهي	٦١

اصحاب رسول(عليه الصلواة والسلام) جي عمل جو ڪمال	٦٢
فائدا-	٦٣
آيت ۴۲- ۽ تفسير	٦۴
فائدا-	٦۵
آيت ۴۳، ۴۴ ۽ تفسير	٦٦
فائدا -	٦٧
آيت ۴۵، ۴۶ ۽ تفسير	٦٨
صبر جون ڀلايون ۽ برڪتون. مسئله	٧٠
آيت ۴۷- تفسير ۽ فائدا	٧١
عجيب حڪايت، آيت ۴۸- تفسير ۽ شان نزول	٧٢-٧٣
آيت ۴۹ ۽ تفسير	٧۵
آيت ۵۰، ۵۱ ۽ تفسير	٧۵-٧٦
آيت ۵۲-۵۳-۵۴- تفسير آل جي معنىٰ ۽ مراد	٧٧
فائدا-	٧٨
آيت ۵۴- ۵۵ - تفسير	٧٩
سوال- جواب- فائدا	٨٠
آيت ۵۶، ۵۷، ۵۸ تفسير ۽ شان نزول	٨١-٨٢
فائدو-	٨٣
آيت ۵۹، ٦٠ تفسير	٨۴
في سبيل الله خرچ ڪرڻ جي برڪت	٨۵
آيت ٦١، ٦٢، ٦٣ ۽ تفسير	٨۵-٨٦
نبوي معجزو	٨٧
آيت ٦۴- تفسير ۽ شان نزول	٨٨
حضرت عمر رضي الله عنه جي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو	٨٩
ڪعبه ۾ ظاهر ۾ نماز ادا ڪئي وئي	٩٠
هڪ اهم سمجهاڻي ۽ محبت پيدا ڪرڻ جو عمل	٩١
حضرت عمر جو شان	٩٢
آيت ٦۵- ٦٦ ۽ تفسير	٩۴-٩۵
فائدو	٩٦
آيت ٦٧، ٦٨، ٦٩ ۽ تفسير	٩٧
فائدو- آيت ٧٠، ٧١ ۽ تفسير	٩٩-١٠٠
فائدا-	١٠٢
آيت ٧٢- تفسير ۽ شان نزول	١٠٣
فائدا-	١٠۵
آيت ٧٣، ٧۴ ۽ تفسير	١٠٦
فائدا- آيت ٧۵ ۽ تفسير	١٠٨
سوال- جواب- فائدا	١٠٩
سورة التوبة جو تعارف	١١٠
مسئله	١١۴
آيت ١، ٢ ۽ تفسير	١١۵
فائدو- آيت ٣- ۽ تفسير	١١٨
آيت ۴ - ۽ تفسير	١١٩-١٢٠
آيت ۵، ٦، ۽ تفسير	١٢١
فائدو-	١٢٢
آيت ٧، ٨، ٩ ۽ تفسير	١٢٣
فائدا- آيت ١٠، ١١- تفسير-	[illegible]
سوال ۽ جواب	١٢۵-١٢٦
فائدو- آيت ١٢- ١٣- تفسير ۽ شان نزول	١٢٧-١٢٨
نهايت اهم مسئلو	١٢٩
آيت ١۴، ١۵ ۽ تفسير	١٣٠
شان نزول- جهاد جي اصلي حڪمت	١٣١
فائدا- اعتراض ۽ جواب	١٣٣
آيت ١٦، ١٧، ١٨- تفسير ۽ شان نزول	١٣۴-١٣۵
مسجد ڪي آباد ڪندڙن جون ڀلايون	١٣٧

فائدا- ١٣٧
آيت ١٩، ٢٠، ٢١، ٢٢ تفسير ۽ شان نزول ١٣٨-١٣٩
آيت ٢٣، ٢٤ تفسير ۽ شان نزول ١٤١
الله تعالىٰ ۽ سنڌس رسول عليه الصلواة
والسلام جي محبت فرض آهي ١٤٣
محبت جا قسم- تصوف فرض آهي ١٤٤
فائدا- آيت ٢٥- تفسير ١٤٦
شان نزول ۽ غزوه حنين جو بيان ١٤٧
حضرت عباس رضي الله عنه جو سڏ ١٤٨
آيت نمبر ٢٦- ٢٧- ۽ تفسير ١٤٩
فائدا- ١٥٠
آيت- ٢٨- تفسير ۽ شان نزول ١٥١
مسئله ١٥٢
آيت ٢٩- تفسير ۽ شان نزول ١٥٥
جزيو ڇا آهي؟ ١٥٦
رسول عليه الصلواة والسلام جو
گستاخ قتل ڪيو ويندو. ١٥٨
آيت ٣٠ تفسير ۽ شان نزول ١٥٩
فائدو آيت ٣١- تفسير ۽ فائدا ١٦١
افسوس صد افسوس - سوال- جواب ١٦٣
سوال- جواب- آيت ٣٢- ٣٣ ۽ تفسير ١٦٤-١٦٥
نور مان مراد ڇا آهي؟ فائدا- ١٦٥
اعتراض- جواب- سوال- سوال- جواب ١٦٧-١٦٩
صوفيانه نڪتو ١٧٠
آيت ٣٤- تفسير ١٧١
حضور عليه الصلواة والسلام جو شان
لڪائيندڙ يهودي ۽ نصارىٰ يا سنڌن
پوئلڳ آهن بي عمل علماءِ متوجه ٿين ١٧٢
سوال- جواب- حضرت ابوبڪر غفاري ١٧٣
جو واقعو ۽ شيعن جو ڪوڙ ١٧٤
زڪواة نه ڏيندڙن جي سزا- مسئله ١٧٥
مسئله- اعتراض- جواب ١٧٦
آيت ٣٥- ٣٦ ۽ تفسير ١٧٧-١٧٨
ضروري وضاحت ۽ فائدا ١٧٩
آيت ٣٧- تفسير- فائدا- ١٨٣-١٨٤
سوال- جواب ١٨٤
آيت ٣٨، ٣٩- تفسير- شان نزول ١٨٥
آيت ٤٠ - تفسير- شان نزول ١٨٩
معجزا- ١٩٣
حضرت عمر رضي الله عنه جي ١٩٤
خسرت- حضرت ابوبڪر رضي 〃
الله عنه جي اصحابي هجڻ جو 〃
منڪر ڪافر آهي ١٩٤
جنت جو ساٿي ١٩٤
حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ميار
ڪان محفوظ رهيو- ١٩٥
حضور عليه الصلواة والسلام حضرت
حسان کان ابوبڪر رضي الله عنهما جو 〃
شان ٻڌي تصديق ڪئي 〃
نڪتو- الله تعالىٰ ڪنهن تي
سڪون لاٿو؟ ١٩٦
سوال- جواب- حضرت ابوبڪر ١٩٧
رضي الله عنه نبين عليهم الصلواة 〃
والسلام کان پوءِ افضل آهي 〃
اعتراض- انهن جا جواب ١٩٨
گڏ هجڻ جو مطلب اعتراض-جواب- ٢٠٤
اعتراض-جواب ٢٠٥
صوفيانه نڪتو- آيت ٤١- تفسير ٢٠٦
فائدو- آيت ٤٢- ٤٣- ٤٤- ٤٥- ٢٠٧
ڪا

٤٦ ۾ تفسير	٢٠٩ تائين
فائدو آيت ٤٧- ٤٨- ۾ تفسير	٢١١
آيت ٤٩- ٥٠- ٥١- تفسير ۾ شان نزول	٢١٣
آيت ٥٢- ٥٣- تفسير	٢١٥
آيت- ٥٤- ٥٥ تفسير ۾ شان نزول	٢١٨
سوال- جواب	٢١٩
فائدا-	٢٢٠
آيت- ٥٦، ٥٧، ٥٨، ٥٩ ۾ تفسير	٢٢١
فائدا -	٢٢٣
آيت ٦٠ تفسير ۾ شان نزول	٢٢٤
زڪواة ڏيڻ جون حڪمتون	٢٢٨
آيت ٦١- تفسير ۾ شان نزول	٢٣٠
غور ڪرڻ جي قابل الفاظ	٢٣١
فائدا-	٢٣٢
آيت ٦٢- ٦٣- تفسير ۾ شان نزول	٢٣٣-٢٣٤
آيت ٦٤- ٦٥- ٦٦ تفسير ۾ شان نزول	٢٣٦-٢٣٧
آيت ٦٧- ٦٨- ۾ تفسير	٢٤٠
فائدا- آيت ٦٩- تفسير	٢٤٢-٢٤٣
فائدا-	٢٤٤
آيت ٧٠- تفسير	٢٤٥
فائدو- آيت ٧١- ٧٢- تفسير- الله	٢٤٨-٢٤٩
جو رضامندو وڏو آهي	٢٥٠
فائدا- آيت ٧٣- تفسير- جهاد جا قسم- فائدا	٢٥١-٢٥٢
آيت ٧٤- تفسير ۾ شان نزول	٢٥٤
هڪ واقعو	٢٥٦
فائدا-	٢٥٨
مسئله	٢٥٩
آيت ٧٥، ٧٦ تفسير ۾ شان نزول	٢٦٠
آيت ٧٧، ٧٨- تفسير- منافقين جون نشانيون	٢٦٤
آيت ٧٩، ٨٠ تفسير ۾ شان نزول	٢٦٥-٢٦٦
اصحابن جي دشمن جو حال-	٢٦٩
الله جي پيارن جي دشمن کي	
توبه نصيب نه ٿيندي	٢٧٠
اعتراض- جواب	٢٧١-٢٧٣
آيت ٨١، ٨٢ تفسير ۾ شان نزول	٢٧٤
خدا جي خوف کان روئڻ لاءِ نبوي ارشادات	٢٧٥
فائدو- اعتراض- جواب	٢٧٦
آيت ٨٣- ٨٤ ۾ تفسير	٢٧٧
غيبي علم عطا ڪرڻ- عبدالله بن	٢٧٨
ابي منافق جي نماز جنازه جو بيان	٢٧٩
قميص مبارڪ ڏيڻ ۾ حڪمت-	٢٨٠
ٻه مسئلا- ضروري وضاحت	٢٨١
سوال- جواب	٢٨٢
آيت ٨٥- تفسير- فائدو	٢٨٤
آيت ٨٦، ٨٧، ٨٨، ٨٩ ۾ تفسير	٢٨٥
آيت ٩٠- ٩١ ۾ تفسير	٢٨٧
خيرخواهي ڪرڻ جي اهميت	٢٨٩
آيت ٩٢- ٩٣- ٩٤- تفسير	٢٩٠
آيت ٩٥- ٩٦- تفسير	٢٩٣
آيت ٩٧- ٩٨- تفسير	٢٩٥
آيت - ٩٩- - تفسير	٢٩٦-٢٩٧
آيت ١٠٠- تفسير	٢٩٩
آيت ١٠١- تفسير	٣٠٤
آيت ١٠٢- ١٠٣ - تفسير	٣٠٧
آيت ١٠٤- ١٠٥- - تفسير	٣٠٩
آيت ١٠٦ - تفسير- شان نزول	٣١١
آيت ١٠٧- ١٠٨ - تفسير- شان نزول	٣١٤
منافقن جي مسجد جي حالت	
ڇا هئي؟	٣١٦

مسجد قبا ۾ نماز پڙهڻ جي فضيلت	۳۱۹
حضور عليه الصلواة والسلام جن مسجد قبا ڏي گهڻو ايندا هئا	〃
مسئلا، فائدا	۳۲۰
مسئلا، لطيفا، اعتراض ۽ ان جا جواب	۳۲۲
آيت - ۱۰۹- ۱۱۰- تفسير	۳۲۳
آيت ۱۱۱- تفسير	۳۲۵
ڪريم رب جي ڪرم نوازي	〃
سوال - جواب	۳۲۶
آيت ۱۱۲- تفسير	۳۲۷
نماز جهاد ڪان ٻه افضل آهي	۳۲۸
فائدو-	۳۲۹
آيت ۱۱۳- ۱۱۴- تفسير- شان نزول	۳۳۰
آزر حضرت ابراهيم عليه السلام جو چاچو هو	۳۳۱
سوال- جواب- فائدا	۳۳۲
آيت ۱۱۵- ۱۱۶- تفسير	۳۳۳
نڪتو- اعتراض - جواب	۳۳۴
آيت ۱۱۷- ۱۱۸- تفسير	۳۳۵
توبه مان ڇا مراد آهي،	۳۳۷
حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذڪر ڪرڻ ۾ حڪمتون-	〃
محبوب عليه الصلواة والسلام جن جي محبوب دعا	〃
آيت ۱۱۹- تفسير	۳۳۹
سچ ڳالهائڻ جون ڀلايون، نبوي ارشادات	۳۴۰
فائدا-	۳۴۱
آيت ۱۲۰- ۱۲۱- تفسير	۳۴۲
جهاد في نفسه فرض ڪفايه آهي	۳۴۳
آيت ۱۲۲- تفسير	۳۴۴
ديني علم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ لاءِ نبوي فرمان	۳۴۵
آيت ۱۲۳- تفسير- شان نزول	۳۴۶
آيت ۱۲۴ کان ۱۲۷ تائين تفسير	۳۴۷
آيت ۱۲۸- ۱۲۹ تفسير	۳۵۰
سورة يونس جو تعارف	۳۵۳
آيت ۱-۲- تفسير	۳۵۴
سوال- جواب	۳۵۵
قدم صدق مان ڇا مراد آهي	۳۵۷
فائدا-	۳۵۸
آيت ۳-۴- تفسير	۳۶۰
فائدا-	۳۶۲
آيت ۵- ۶- تفسير	۳۶۳
آيت ۷-۸- تفسير	۳۶۷
آيت ۹- ۱۰- تفسير	۳۶۸
سوال- جواب	۳۶۹
آيت ۱۱- ۱۲- تفسير- شان نزول	۳۷۱
آيت ۱۳- ۱۴- ۱۵- تفسير	۳۷۳
فائدا-	۳۷۵
آيت ۱۶- ۱۷- ۱۸- تفسير	۳۷۶
الله تعاليٰ جي اذن سان شفاعت حق آهي	۳۷۸
آيت ۱۹- ۲۰- تفسير	۳۷۹
فائدا-	۳۸۱
آيت ۲۱- ۲۲- تفسير	۳۸۲
فائدو-	۳۸۵
آيت ۲۳- تفسير	۳۸۶
آيت ۲۴- تفسير	۳۸۸
آيت ۲۵- ۲۶- تفسير	۳۸۹
دارالسلام مان ڇا مراد آهي	۳۹۰
فائدا-	۳۹۱
آيت ۲۷- ۲۸- ۲۹- تفسير	۳۹۳
آيت ۳۰- تفسير	۳۹۴
فائدا-	۳۹۵
آيت ۳۱- تفسير	۳۹۶
آيت ۳۲- کان ۳۵ تائين تفسير	۳۹۸
فائدا-	۴۰۱
آيت ۳۶- ۳۷- تفسير- شان نزول	۴۰۲

آيت ٣٨- ٣٩- تفسير، فائدو	۴۰۴
آيت ۴۰- ۴۱- تفسير	۴۰۵
آيت- ۴۲- ۴۳- تفسير	۴۰۷
آيت ۴۴- ۴۵- تفسير	۴۰۸
فائدو-	۴۰۹
آيت ۴٦- ۴۷ تفسير	۴۱۰
آيت -۴۸- ۴۹- تفسير- شان نزول	۴۱۲
سوال جواب	۴۱۳
فائدا-	۴۱۷
آيت ۵۰- ۵۱- ۵۲ -تفسير	۴۱۸
آيت ۵۳- ۵۴- تفسير- شان نزول	۴۲۰
فائدا-	۴۲۱
آيت ۵۵- ٥٦ تفسير	۴۲۲
آيت ۵۷- ۵۸- تفسير	۴۲۴
الناس مان مراد ڪير آهن	〃
الله تعاليٰ جي فضل ۽ رحمت مان مراد	۴۲۵
ڇا آهي ڪهڙي خوشي منع آهي ۽ ڪهڙيءَ	〃
جو حڪم ڪيل آهي	〃
هر درد جي دوا قرآن ڪريم آهي	۴۲٦
آيت ۵۹- ٦۰ تفسير	۴۲۸
آيت ٦۱ تفسير	۴۲۹
فائدا-	۴۳۰
آيت ٦٢- ٦٣- ٦۴ -تفسير	۴۳۱
اولياءَ الله جي صحبت جي اهميت	۴۳۳
اولياءَ الله جا قسم	۴۳۴
اولياءَ لله جون نشانيون	۴۳٦
الله تعاليٰ جي ٻانهن مان ڀلا ڪير آهن	۴۳۷
البشريٰ (بشارت) مان مراد ڇا آهي	〃
فائدا	۴۳۹
آيت ٦۵- ٦٦ تفسير- شان نزول	۴۴۱
ڇا الله تعاليٰ جا رسول عليهم الصلواة	۴۴۲
والسلام ۽ مومن ٻانها به عزت وارا آهن	〃

فائدا- اعتراض- جواب	۴۴۳
آيت ٦٧- کان ۷۰ تائين تفسير	۴۴۴
آيت ۷۱- ۷۲- ۷۳ تفسير	۴۴۷
فائدا، مسئلا	۴۵۰
آيت ۷۴ کان ۸۱ تائين تفسير	۴۵۲
آيت ۸۲ کان ۸۴ تائين تفسير	۴۵۵
حضرت موسيٰ عليه السلام تي اول	۴۵٦
نوجوانن ايمان آندو	〃
آيت ۸۵- ٨٦ تفسير	〃
آيت ۸۷- تفسير	۴۵۷
آيت ۸۸- ۸۹ تفسير	۴۵۹
آيت ۹۰- ۹۱- ۹۲ تفسير	۴٦۱
درياءَ جي ڇولين فرعون جي لاش	۴٦۳
کي ٻاهر ڪڍي اڇلايو	〃
فائدا-	۴٦۴
آيت ۹۳ -تفسير	۴٦۵
آيت ۹۴- ۹۵ تفسير	۴٦۷
آيت ۹٦- ۹۷ تفسير	۴٦۸
آيت ۹۸- ۹۹- ۱۰۰ تفسير	۴٦۹
حضرت يونس عليه السلام جو واقعو	۴۷۰
آيت ۱۰۱- ۱۰۲- ۱۰۳ تفسير	۴۷۳
آيت ۱۰۴- ۱۰۵- ۱۰٦- تفسير	۴۷۵
آيت ۱۰۷- ۱۰۸- ۱۰۹ تفسير	۴۷۷
سوال- جواب	۴۷۸

سورة هود جو تعارف، ۴۸۰

اڳين سورتن سان ربط ۽ تعلق،نالو	۴۸۰
۽ ان سان سڏجڻ جو سبب،نزول،	〃
رڪوع، آيتن، ڪلمن، حرفن جو تعداد	〃
فضائل ۽ تدبير	۴۸۱
آيت ۱- ۲- ۳- ۴ تفسير	۴۸۳
فائدا آيت ۵ تفسير	۴۸۴- ۴۸۵

آيت ٦-٧-٨- تفسير	٤٨٦-٤٨٧
سوال- جواب هڪ علمي نڪتو	٤٨٨
آيت ٩- ١٠- ١١- تفسير	٤٩٢
آيت ١٢- ١٣- تفسير	٤٩٣
آيت ١٤- ١٥- ١٦- تفسير- ضروري وضاحت	٤٩٦
فائدو- آيت ١٧- ١٨- تفسير	٤٩٧-٤٩٨
"بينه" ۽ "شاهد" مان مراد ڪير آهي؟	٤٩٩
آيت ١٩- ٢٠- ٢١- تفسير	٥٠١
فائدا-	٥٠٢
آيت ٢٢- ٢٣- ٢٤- تفسير	٥٠٣
فائدو- آيت ٢٥- ٢٦-	٥٠٤
٢٧- ٢٨- تفسير	٥٠٥
آيت ٢٩- ٣٠- تفسير	٥٠٧
فائدا-	٥٠٨
آيت ٣١- ٣٢- تفسير	٥٠٩
سوال- جواب- سوال- جواب	٥١١
- سوال- جواب	"
آيت ٣٣- ٣٤- ٣٥- تفسير	٥١٢
آيت ٣٦- ٣٧- ٣٨- ٣٩- تفسير	٥١٥
آيت ٤٠- ٤١- ٤٢- تفسير	٥١٨
فائدا- ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندڙ ڇا پڙهي؟	٥٢٠
آيت ٤٣- ٤٤- تفسير	٥٢١
تنبيه- هن آيت جي فصاحت ۽ بلاغت	٥٢٢
جودي جبل جو بيان	٥٢٣
آيت ٤٥- ٤٦- ٤٧- تفسير	٥٢٤
غير ضروري ڳالهيون نه	٥٢٥
پڇجن ته ڀلو آهي	"
نيڪ اعمال ضروري آهن	٥٢٦
آيت ٤٨- ٤٩- تفسير	٥٢٧
"من انباء الغيب" جي خاص سمجهاڻي	٥٢٨

اعتراض- جواب	٥٢٨
اعتراض- جواب	٥٢٩
آيت ٥٠- ٥١- ٥٢- ٥٣- تفسير	٥٣٠
صداقت جو دليل	٥٣١
هر نبي روشن دليل سان ايندو	٥٣٢
آهي- فائدا-	"
وعظ ۽ دين جي دعوت ڏيڻ تي	"
اجورو نه گهرجي	"
اعتراض- جواب- اعتراض- جواب	٥٣٣
آيت ٥٤- ٥٥- ٥٦- ٥٧- تفسير	٥٣٤
دشمنن کان بچاءَ لاءِ وظيفو- فائدو-	٥٣٦
آيت ٥٨- ٥٩- ٦٠- تفسير	٥٣٧
حضرت هود علىٰ نبينا وعليه الصلواة	٥٣٨
والسلام جا مومن امتي ڪيترا هئا؟	"
فائدا-	"
آيت ٦١- ٦٢- تفسير	٥٤٠
آيت ٦٣- ٦٤- ٦٥- تفسير	٥٤٢
فائدو- اعتراض- جواب	٥٤٣
آيت ٦٦- ٦٧- ٦٨- تفسير	٥٤٤
آيت ٦٩- ٧٠- ٧١- ٧٢- ٧٣- تفسير	٥٤٦
حضرت ابراهيم علىٰ نبينا و عليه	٥٤٧
الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾	"
ملائڪن جي آمد	"
سيدنا ابراهيم علىٰ نبينا و عليه	٥٤٨
الصلواة والسلام جي روحاني قوت	"
جو ادراڪ	"
حضرت ساره کي بشارت ڏيڻ جو	٥٤٩
وجه - فائدا	"
مسئله - ڇا حسنين ڪريمين اهل	٥٥٠
بيت آهن؟	"

آيت- ۷۴ - ۷۵ - ۷٦- تفسير	۵۵۱	
فائدا-	۵۵۲	
آيت ۷۷- ۷۸- ۷۹ - ۸۰- تفسير	۵۵۴	
"هٰؤلاءِ بناتی" جي وضاحت	۵۵۵	
سوال- جواب- آيت ۸۱- ۸۲- ۸۳- تفسير	۵۵۷-۵۵٦	۵۵۷-۵۵۷
آيت ۸۴- ۸۵-۸٦-۸۷- تفسير	۵۵۹	۵٦۳-۵۵۹
تور ۽ ماپ ۾ گهٽتائي ڪرڻ جي سزا	″	
آيت ۸۸- ۸۹- تفسير	۵٦۴	
فائدا-	۵٦۵	
آيت ۹۰- ۹۱- ۹۲- تفسير	۵٦٦	
آيت ۹۳- ۹۴- تفسير	۵٦۸	
آيت ۹۵- تفسير	۵٦۹	
آيت ۹٦- ۹۷- ۹۸- ۹۹- تفسير	۵۷۰	
فائدا-	۵۷۱	
آيت ۱۰۰- ۱۰۱- ۱۰۲- تفسير	۵۷۲	
آيت ۱۰۳ - ۱۰۴ - ۱۰۵ -	۵۷۴	
۱۰٦- ۱۰۷- تفسير	″	
آيت ۱۰۸- ۱۰۹- ۱۱۰- تفسير	۵۷۷	
آيت ۱۱۱- ۱۱۲- ۱۱۳- ۱۱۴- تفسير	۵۷۹	
ظالم ڪان پري رهڻ لاءِ ارشاد	۵۸۰	
بدمذهبن ڪان پري رهجي	۵۸۱	
نيڪيون برائين ڪي ميٽينديون آهن-	۵۸۲	
نبوي ارشادات	″	
آيت ۱۱۵- ۱۱٦- ۱۱۷- تفسير	۵۸۳	
آيت ۱۱۸- ۱۱۹- ۱۲۰- تفسير	۵۸۵	
آيت ۱۲۱- ۱۲۲- ۱۲۳- تفسير	۵۸۷	

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سورة الانفال جو تعارف

هن سورة مباركه جي تعارف ۾ هيٺيون ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ گهرجن.

١: نالو- هن پلاريءَ سورة جو نالو الانفال آهي.

٢:نالي رکڻ جو سبب - هي آهي جو ان جي شروعات ۾ الانفال (غنيمت جي مالن) جي احڪام کي بيان ڪيو ويو آهي.

٣: رکوعن، آيتن ۽ ڪلمات جو تعداد- هن ۾ ڏهه رکوع، پنجهتر آيتون ۽ هڪ هزار ۽ پنجهتر (١٠٧٥) ڪلما آهن.

۴:نزول جو زمانو: هن سورة جي مضمونن تي غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو ته هن جو نزول سنه ٢ هجري کان پوءِ جلد جنگ بدر جي دوران ٿيو آهي.

٥: مڪيه آهي يا مدنيه؟: نحاس پنهنجي ڪتاب الناسخ ۾ ۽ ابو الشيخ ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ۽ ابن مردويه حضرت عبدالله بن زبير ۽ حضرت زيد بن ثابت رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته هي سورة مدنيه آهي. (١) ڪن جو قول آهي ته سڄي سورة مدنيه آهي پر ست آيتون جن جي شروعات "وَاِذْيَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا" کان آهي اهي مڪيه آهن مگر اهو قول ضعيف آهي پهريون قول صحيح آهي (٢).

٦: سورة الاعراف سان تعلق ۽ ربط -١- سورة الاعراف ۾ جنت ۽ دوزخ کان سواءِ هڪ عارضي مقام اعراف جو بيان هو ۽ هن ۾ جهاد جي اصل مقصد دين جي خدمت ۽ الاهي رضاحاصل ڪرڻ سان گڏ جنت جي ملڻ کان سواءِ عارضي شيءِ الانفال جو ذڪر آهي. -٢- سورة الاعراف ۾ الاهي اطاعت جو اجمالي حڪم هو" وَاْمُرْ بِالْمَعْرُوْفِ" ۽ هن ۾ ان جو تفصيلي بيان آهي. (٣) "٣-: سورة الاعراف ۾ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جو سندن امتن ۽ قومن جي حالات سان بيان هو ۽ هن ۾ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جو سندن امت ۽ قوم جي حالات سان گڏ ذڪر آهي. (۴)

٧: سانجهي نماز ۾ تلاوت- طبراني صحيح سند سان حضرت ابو ايوب ۽ حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم

---

(١)الدر المنثور صفحه ٣ جلد ۴ (٢) الصاوي صفحه ١٠٨جزء ٢ (٣) نعيمي صفحه ٥٢٨ جلد ٩ (۴)المراغي صه ١٦١ جلد ٣ جزء٩ روح المعاني صه ١٥٨ جلد ٣ جزء٩

جن سانجهي نماز جي ٻن رڪعتن ۾ سورة الانفال تلاوت ڪندا هئا. (١)

٨: بيان ٿيل مضمون- هن سورة ۾ بہ الله تعالىٰ ڪيترين ئي اخلاقي ۽ تمدني ڳالهيون ارشاد فرمايون آهن. انفال جو فيصلو، بدر جي جنگ جو قصو، ابو لبابه جي توبه، هجرت جو واقعو، قرآن جو مقابلو ڪندڙ جي ناڪامي، غنيمت جو حڪم، نزاع ۽ جهيڙي ڪرڻ جا نقصان، الله تعالىٰ ۽ انهي جي زيادتيءَ ۽ بي شڪري ڪرڻ کان سواءِ نعمت نہ ٿو کسي، ڪافرن جي برائي، بزدليءَ جي برائي، صلح جي ڪوشش ڪندڙ سان صلح ڪرڻ وغيره وغيره آهن ۽ هن سورة جو گهڻو حصو بدر جي جنگ سان متعلق آهي.

سُوْرَةُ الْاَنْفَالِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ خَمْسٌ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّعَشَرُ رُكُوْعَاتٍ

سورة الانفال مدنيه آهي ۽ اها پنجهتر آيتون ۽ ڏهہ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع ٿو ڪيان الله جي نالي سان جو گهڻو مهربان هميشہ رحم ڪندڙ آهي

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ ۚ

پڇن ٿا توکان غنيمتن جي باري ۾ فرماءِ تہ غنيمتون الله ۽ رسول جي لاءِ آهن،

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۪ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ

پوءِ ڊڄو الله کان ۽ اصلاح ڪيو پنهنجو پاڻ ۾ ۽ اطاعت ڪيو الله

وَرَسُوْلَهٗٓ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ①

۽ ان جي رسول جي جيڪڏهن آهيو مؤمن

(١) فتح القدير صفحہ ٢٨٢ جلد ٢

تفسير

هن کان اڳ ۾ آيل سورة الاعراف جي آخري آيتن ۾ مسلمانن کي عبادات خصوصًا تسبيح، تهليل، ذکر ۽ فکر جو حڪم ڏنو ويو هو ۽ هن آيت ۾ انهن کي معاملات جي درست ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ڇوته تقوىٰ جا ٻه رڪن آهن "۱" عبادات "۲" معاملات" هڪ رڪن کي بيان ڪرڻ کان پوءِ ٻئي رڪن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

شان نزول

امام احمد حضرت عبادة بن صامت رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: جيڪي اصحابي بدر جي جنگ وقت حضور عليه الصلواة والسلام جن سان گڏجي نڪتا هئا. انهن ۾ مان به شامل هوس، جڏهن مسلمانن ۽ ڪافرن جو مقابلو ٿيو ۽ الله تعالىٰ ڪافرن کي شڪست ڏني ته هي ڀڄڻ لڳا ۽ مسلمان تن حصن ۾ ورهائجي ويا. "۱" هڪڙا دشمن جي پويان پيا "۲" ٻيا پنهنجي لشڪر مان ٽڙيلن فردن کي هڪ جاءِ تي سميٽڻ لڳا. "۳" ٽيان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ ذات جا چوڪيدار ٿي بيٺا ته متان دشمنن جو مٿن حملو ٿئي جڏهن رات ٿي ۽ سيئي موٽي اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيا ته جن ميدان ۾ رهي لشڪر کي هڪ جاءِ تي ڪٺي ڪري غنيمت جو مال گڏ ڪيو هو انهن چيو ته ان مال ۾ ٻئي ڪنهن جو حصو ناهي ۽ جيڪي دشمنن جي پويان ويا هئا ۽ جن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي چوڪيداري ڪئي انهن چيو ته ان ۾ اسان جو به حصو آهي ان مسئلي کي واضح ڪرڻ لاءِ هيءَ آيت نازل ٿي " يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ" الايه. پوءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن ان جي موافق اها غنيمت تقسيم ڪئي (۱) فرمان عالي شان آهي " يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ" اوهان کان غنيمتن جي باري ۾ پڇن ٿا. الانفال نفل جو جمع آهي معنىٰ زياده شيءِ - بعضي عبادتن کي نفل به ان جي ڪري سڏيندا آهن جو اهي فرائض کان زياده آهن ۽ هتي انفال مان مراد قوي قول ۽ اڪثر مفسرن جي فرمان مطابق غنيمت جو مال آهي (۲) " قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ" فرماءِ ته: غنيمتون الله ۽ رسول جي لاءِ آهن. مطلب ته انهن جو فيصلو الله تعالىٰ ۽ ان جي پياري رسول عليه

(۱) تفسير القاسمي سورة الانفال ص ۵ جلد ۵ (۲) نعيمي صفحه ۵۳۰ جلد ۹

الصلواة والسلام جي حوالي آهي. جيئن الله تعالىٰ پنهنجي رسول عليه الصلواة والسلام کي حڪم ڪندو تيئن پاڻ تقسيم ڪرڻ فرمائيندا. (۱)
۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته الله تعالىٰ غنيمتن جي ورهائڻ جا اختيار سڀني کان کسي پنهنجي پياري رسول عليه الصلواة والسلام کي ڏنا پوءِ پاڻ برابريءَ جي بنياد تي سڀني ۾ ورهايائون (۲) "فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ" پوءِ الله کان ڊڄو ۽ پاڻ ۾ صلح سان رهو. مقصد ته مومن جي جنگ جو اصل مقصد حق جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ آهي ان ۾ دولت جي لالچ جو ڪنهن به قسم جو دخل نه هوندو ۽ جيڪڏهن غنيمت جي مال جي تقسيم ۾ فردن جي تحويل ۾ ڏني وڃي ها ته ٻه خطرا هئا "۱" ان سان مسلمانن جي هڪ ٻئي سان حسد جو رستو کلي وڃي ها ۽ سندن اتحاد ۽ ٻڌي ٽٽي پوي ها. "۲" مسلمانن جي نيت ۾ اخلاص جيڪو سندن اعمال جو روح آهي ختم ٿي وڃي ها "وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗٓ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ" ۽ جيڪڏهن ايمان وارا آهيو ته الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪيو. يعني جنهن ڪامل ايمان ڏانهن الله تعالىٰ ۽ ان جي پياري رسول عليه الصلواة السلام اوهان کي سڏيو آهي ۽ اوهان اهو قبول ڪري ان ۾ محبت ۽ دلچسپي ڏيکاري آهي، اهو الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي اطاعت سان ئي قائم رهندو ۽ ڊڄندا رهو ته اهو هٿان نڪري نه وڃي (۳).

هڪ عجيب حديث

محدث ابو يعلىٰ پنهنجي مسند ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: هڪ ڀيري حضور عليه الصلواة والسلام جن ويٺا هئا اوچتو ڏٺوسون ته پاڻ کلڻ لڳا تانجو سندن(نوراني) ڏند (مبارڪ) ظاهر ٿيا (حضرت) عمر (رضي الله عنه) ڪين عرض ڪيو ته: يارسول الله! منهنجو ابو ۽ امان اوهان تان قربان وڃن اوهان کي ڪهڙي ڳالهه کلايو؟ پاڻ فرمايائون ته: منهنجيءَ امت مان ٻه شخص رب العزة تبارڪ وتعالىٰ جي اڳيان گوڏن ڀر ڪري پوندا. انهن مان هڪ عرض ڪندو ته: اي منهنجا رب! مون کي منهنجي ڀاءُ کان منهنجو حق وٺي ڏي الله تعالىٰ ان کي فرمائيندو ته: پنهنجي ڀاءُ کي سندس حق ڏي. اهو عرض ڪندو ته: اي منهنجارب ! مون وٽ ڪانيڪي بچي نه آهي (مان ڪٿان ڏيانس؟) (پهريون عرض ڪندڙ) عرض ڪندو ته

(۱) الڪبير ص ۱۱٦ جزءِ ۱۵ (۲) مظهري ص ۷ جلد ۴
(۳) الڪبير ص ۱۱۷ جزءِ ۱۵

اي منهنجا رب! پوءِ پلان انهن جي عوض منهنجي گناهن جا بار کڻي (راويءَ) فرمايو تہ پوءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جون اکيون (مبارڪ) روئڻ جي ڪري پاڻي وهائڻ لڳيون. ان کان پوءِ فرمايائون تہ: بلاشبہ قيامت جو ڏينهن نهايت وڏو آهي جنهن ۾ ماڻهو محتاج هوندا تہ ڪو سندن بار کڻي، پوءِ الله تعاليٰ ان حق طلب ڪندڙ کي فرمائيندو تہ: اک مٿي کڻ ۽ جنت جي منظرن ڏانهن نهار پوءِ مٿي اک کڻي نهاري عرض ڪندو تہ: اي منهنجا پالڻهار! هتي جا چانديءَ جا شهر سون جون ٺهيل ماڙيون ڏسان ٿو جيڪي موتين سان جڙيل آهن، هي ڪهڙي نبي؟ ڪهڙي صديق ۽ ڪهڙي شهيد لاءِ ٺهيل آهن؟ الله تعاليٰ فرمائيندو تہ: هي ان لاءِ آهن جيڪو انهن جو ملهہ ڏيندو، اهو پاڻهو عرض ڪندو تہ: ڪير ان جي ملهہ جيتري ملڪيت رکندو؟ الله تعاليٰ فرمائيندس تہ: تون ان جي ملهہ جي ملڪيت رکين ٿو؟ عرض ڪندو تہ: اي منهنجا رب! اها ڪهڙي ملڪيت آهي؟ الله تعاليٰ فرمائيندس تہ: پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ کي پنهنجو حق معاف ڪر عرض ڪندو تہ: اي منهنجا رب مون معاف ڪيو مانس - الله تعاليٰ فرمائيندو تہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي هٿ مان وٺ ۽ ٻئي بهشت ۾ داخل ٿيو، ان کان پوءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو تہ (الله تعاليٰ جو فرمان آهي) " فَاتَّقُوا اللَّهَ وَأَصْلِحُوا ذَاتَ بَيْنِكُمْ، (الله کان ڊڄو ۽ پاڻ ۾ اصلاح ڪيو) الله تعاليٰ پاڻ قيامت جي ڏينهن مومنن ۾ صلح ڪرائيندو. (۱)

فائدا: هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" غنيمت جي مال جو حلال هجڻ هن امت جي خصوصيت آهي اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي امتن مان ڪنهن بہ امت لاءِ اهو جائز نہ هو "۲" جهاد جو اصل مقصد الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ديني تبليغ جي اڳيان رڪاوٽن کي دور ڪرڻ آهي غنيمت جو مال وڌيڪ نفعو آهي جنهن کي انفال سان بيان ڪيو ويو آهي "۳" حضور انور عليه الصلواة والسلام جن شرعي احڪام خصوصًا غنيمت جي مال تقسيم ڪرڻ ۾ الله تعاليٰ جي عطا ۽ اذن سان مطلق مختار آهن جيئن گهرن تيئن تقسيم ڪن اهو " لِلَّهِ وَالرَّسُولِ" لفظ مان ثابت ٿيو. الله تعاليٰ جو ذڪر برڪت لاءِ آهي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو ذڪر سندن ملڪ هجڻ ۽ اختيار جي لاءِ آهي "۴" حضور عليه الصلواة والسلام جن جيڪڏهن ڪنهن جهاد نہ ڪندڙ کي بہ مجاهدن جي شمار ۾ داخل ڪن تہ ڪين اختيار آهي جيئن بدر جي جنگ ۾

(۱) تفسير ابن ڪثير ص۲۸۵جلد۲

سندن پاڪ دامن نياڻيءَ رقيه جي بيمار هجڻ جي ڪري حضرت عثمان موجود نه هو پر پاڻ ان ڪي بدر جي مجاهدن ۾ داخل فرمائي ڪيس مال غنيمت مان ٻين مجاهدن جي برابر حصو ڏنائون حضرت عثمان تي اعتراض ڪندڙ حقيقت ۾ حضور عليه الصلواة والسلام تي اعتراض ڪن ٿا. (معاذ الله) اهڙيءَ طرح حضرت عثمان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي حڪم سان حديبيه جي واقعي وقت مڪه پاڪ ڏانهن ويل هو ته پاڻ بيعت وٺڻ وقت سندس طرفان بيعت ڪري ڪيس انهن بيعت ڪندڙن ۾ شامل فرمايائون.

سوال: ڇا اصحابي سڳورا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي تقسيم تي ناراض هئا؟ جو الله تعالىٰ قرآن پاڪ جي آيت لاهي فيصلو فرمايو؟

جواب: ناراض نه هئا پر انهن جو مقصد ان تقسيم جي حڪمت معلوم ڪرڻ هو ان جي ڪري الله تعالىٰ فرمايو ته: اوهان ڪان غنيمتن جي مال جي باري ۾ پڇن ٿا، ائين نه فرمايائين ته اعتراض ڪن ٿا.

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ

بلاشڪ مؤمن اهي آهن جو جڏهن الله جو ذڪر ڪيو وڃي ته ڏڄي وڃن دليون انهن جون ۽ جڏهن پڙهيون وڃن

عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٢﴾

انهن تي آيتون ان جون ته وڌائين انهن ڪي ايمان ۾ پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا

الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣﴾ اُولٰٓئِكَ

جيڪي قائم ڪن ٿا نماز ۽ ان مان جو رزق ڏنوسون انهن ڪي خرچ ڪن ٿا اهي ئي

هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٤﴾

آهن، ايمانوارا سچا، واسطي انهن جي درجا آهن وٽ رب انهن جي ۽ بخشش ۽ رزق عزت وارو

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي احڪام ۽ اطاعت جو اجمالي ذڪر هو ۽ هتي انهن جو تفصيلي بيان ڪندي فرمان آيو آهي "اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ " بلاشڪ مؤمن (صرف) اهي آهن جو جڏهن الله جو ذڪر ڪيو وڃي ته انهن جون دليون ڏڄي وڃن. هتي ايمان جي ڪمال جو اهو درجو بيان ڪيو ٿو وڃي جنهن تائين پهچڻ جي هر مومن جي دل ۾ خواهش هوندي آهي ان مقام تي فائز ٿيندڙن جي پهرين صفت اها آهي جو جڏهن الله تعالىٰ جي عزت، جلال، سلطنت ۽ گنهگارن جي مٿان پڪڙ ۽ عذاب جو ذڪر ڪيو وڃي ته انهن جون دليون ڏڄي وڃن ٿيون.

سوال: الله تعالىٰ قرآن پاڪ ۾ ٻئي جاءِ تي ارشاد فرمايو آهي ته "اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ" (۱) جن ايمان آندو ۽ سندن دليون الله جي ذڪر سان اطمينان حاصل ڪنديون آهن پوءِ هتي ڇو فرمان ٿيو آهي ته مومن اهي آهن جو جڏهن الله تعالىٰ جو ذڪر ڪيو وڃي ته انهن جون دليون ڏڄن ٿيون؟

جواب: قلبن جي اطمينان مان مراد آهي ته الله تعالىٰ جي نعمتن ڪي بيان ڪرڻ وقت انهن کي اطمينان حاصل ٿيندو آهي (۲) ۽ قرآن پاڪ جي ٻنهيءَ آيت ۾ بيان ٿيو آهي " وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ " (۳) ۽ انهن نوڙت ڪندڙن کي بشارت ڏي جو جڏهن الله جو ذڪر ڪيو ويندو آهي ته انهن جون دليون ڏڄي وينديون آهن ۽ بعضي مفسرن فرمايو آهي ته: ان مان مراد آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ٻانهي جي دل ۾ گناهه جو ارادو ٿيندو آهي ۽ ان حال ۾ ڪيس الله تعالىٰ ياد ايندو آهي ته ان کان ڏڄي گناهه نه ڪندو آهي قرآن پاڪ جي مفسر سديءَ جو اهو قول آهي (۴) " وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا " ۽ جڏهن انهن جي اڳيان ان جون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون ته انهن جي ايمان کي وڌائي ڇڏين ٿيون - هيءَ ٻي صفت آهي مفسرن ۽ محدثن جي اتفاق سان ايمان جي وڌڻ مان مراد آهي ته انهن جي ايمان جي قوت، ڪيفيت ۽ نور ۾ ترقي ٿيندي آهي ۽ تجربه ۽ مشاهده سان واضح آهي ته صالح اعمال سان ايمان ۾ قوت ۽ سيني جو اهڙو شرح ٿيندو آهي جو

(۱) سورة الرعد آيت ۲۸ (۲) تفسير القاسمي ص۹ جلد۵ سورة الانفال
(۳) سورة الحج آيت ۴۴- ۴۵ (۴) البحر المحيط ص ۴۵۷ جلد ۴

صالحہ اعمال ان جي اهڙي طبعي عادت بنجي پوندا آهن جو انهن جي ڇڏڻ جي ڪري ڪيس تڪليف پهچندي آهي ۽ گناهن ڪان ان ڪي اهڙي نفرت پيدا ٿيندي آهي جو گناهہ ڪرڻ تہ ڇا انهن ڪي ويجهو بہ نہ ويندو آهي ۽ ان جي ايمان ۾ چمڪ، روشني، ترقي ۽ صالحن عملن ڏانهن رغبت پيدا ٿيندي آهي "وَّعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ" ۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪندا آهن.

هي ايمان وارن جي ٽين صفت آهي "يَتَوَكَّلُوْنَ" توڪل ڪان ورتل آهي توڪل جي معنىٰ آهي ڀروسو ۽ اعتماد مقصد تہ پنهنجا امور ان جي حوالي ڪن ٿا ٻئي ڪان نہ ڊڄن ٿا ۽ نہ ٻئي ۾ اميد رکن ٿا (۱) بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ سمورو ايمان الله تعالىٰ تي توڪل ڪرڻ آهي، صحيح حديث ۾ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جو ارشاد آهي تہ: توڪل جو مطلب اهو نہ آهي تہ پنهنجي ضرورتن جي لاءِ اسباب ۽ تدبيرن کي ڇڏي ويهي رهي (۲) ۽ جڏهن شريعت ۽ عقل فيصلو ڏين ٿا تہ انسان ڪي ڪمائيءَ جو اختيار آهي تہ الله تعالىٰ ان ڪي عمل ڪرڻ جي لاءِ تڪليف ڏني آهي ۽ عمل موافق جزا بہ ڏنو ويندو چڱا عمل هوندا تہ چڱي ۽ جيڪڏهن برا اعمال هوندا تہ بري جزا ملنديس انسان تي واجب آهي تہ پنهنجي نفس جي امور جي تدبير ۾ الله تعالىٰ جي طرفان رکيل اسباب جي نظام جي موافق ڪوشش ڪري ۽ اهو معاملو بہ الله تعالىٰ جي طرفان مقرر ڪيل آهي ۽ جيڪو ان ۾ ڪامياب ٿيندو آهي تہ اهو بہ الله تعالىٰ جي طرفان مٿس فضل ۽ ڪرم آهي. پر اسباب ۽ الله تعالىٰ جي طرفان رکيل نظام ۽ طريقن کي ڇڏي وهڻ جهل ۽ گمراهي آهي. (۳)

" اَلَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ" جيڪي نماز قائم ڪن ٿا. هيءَ مومنن جي چوٿين صفت آهي پهرئين ٽن جو واسطو دل سان هو ۽ هن جو جسم سان آهي، نماز قائم ڪرڻ جو مقصد آهي هميشه پڙهڻ، دل لڳائي پڙهڻ، وقت تي پڙهڻ (۴) مقصد تہ پوري آداب ۽ شرائط سان ائين پڙهڻ جيئن حضور عليه الصلوٰة والسلام جن پنهنجي قول ۽ عمل سان سيڪاريو آهي. نماز جون برڪتون، آثار ۽ فائدا بيان ڪندي جو ٻڌايو ويو آهي تہ "اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنْكَرِ" (۵) بلاشڪ نماز بيحيائيءَ ۽ برائيءَ ڪان روڪي ٿي. ان مان مراد بہ ٺاهي ٺاهي نماز قائم ڪرڻ آهي نماز جي آداب ۾ ڪوتاهي ڪندڙ ڪي نماز جون اهي برڪتون نصيب نہ

(۱) بيضاوي ڪامل ص ۲۳۴ (۲) معارف القرآن ص۱۷۹ ج۴ (۳) المراغي ص ۱۶۵ جلد ۳ جزءُ ۹. (۴) نعيمي ص ۵۳۷ جلد ۹ (۵) سورة العنڪبوت آيت ۴۵

ٿيندا آهن " وَمِمَّا رَزَقْنَاهُمْ يُنفِقُونَ " ۽ جيڪي اسان کين ڏنو آهي ان مان خرچ ڪن ٿا،
هي مومنن جي پنجين صفت آهي ۽ خرچ ڪرڻ مان مراد الله جي واٽ ۾ هر قسم جو
خرچ ڪرڻ آهي زڪواة، فطره ، اضحيٰ، خيرات ۽ صدقات شرعي واجبات ته ان ۾
داخل آهن پر نفلي صدقات، تبرعات مهمانن، دوستن ۽ بزرگن جي مالي خدمت به ان
۾ شامل آهي (١)" اُولَـٰئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُونَ حَقًّا " اهي ئي سچا مومن آهن، مطلب ته
اهي ئي سچا مؤمن آهن جن جو ظاهر ۽ باطن برابر آهي ۽ زبان ۽ دل متفق آهن ۽ جن
۾ اهي صفتون ناهن اهي زبان سان ته ڪلمو پڙهن ٿا پر سندن دل ۾ ايمان ۽ اطاعت
جو رنگ نه آهي.

" لَهُمْ دَرَجَاتٌ عِندَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَرِزْقٌ كَرِيمٌ " انهن جي لاءِ سندن رب وٽ درجا
۽ بخشش ۽ عزت وارو رزق آهي وهو ما اعدالله لهم في دارکرامته مما لاعين رأت ولا اذن
سمعت ولا خطر علىٰ قلب بشر (٢) يعني ان رزق ڪريم مان مراد اهو رزق آهي
جيڪو الله تعالىٰ مٿي ذڪر ڪيل صفتن سان موصوف ٻانهن لاءِ پنهنجي دار
ڪرامت بهشت ۾ تيار ڪري رکيو آهي ۽ اهو اهڙو عجيب آهي جو اڳ ۾ اهڙو نه
ڪنهن اک ڏٺو ۽ نه ڪنهن ڪن ٻڌو نه ڪنهن جي دل ۾ ڇيڪيو هوندو ۽ حضرت ابن
عباس رضي الله عنهما فرمايو ته: ان مان مراد جنت ۾ سٺو ثواب آهي. (٣)

كَمَآ أَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنۢ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ وَإِنَّ فَرِيقًا مِّنَ

جيئن ڪڍيو توکي رب تنهنجي گهر تنهنجي مان سچ سان ۽ بيشڪ جماعت هڪ

الْمُؤْمِنِينَ لَكَٰرِهُونَ ۝٥ يُجَٰدِلُونَكَ فِى الْحَقِّ بَعْدَ مَا تَبَيَّنَ

مومنن مان البت نه پسند ڪندڙ هئا ، زباني بحث پيا ڪن توسان حق جي باري ۾ پڇاڻان ان جي جو ظاهر ٿيو

كَأَنَّمَا يُسَاقُونَ إِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ يَنظُرُونَ ۝٦ وَإِذْ يَعِدُكُمُ اللَّهُ

ڄڻ ته اهي ڪاهيا ٿا وڃن طرف موت جي ۽ اهي ڏسن پيا ۽ (ياد ڪريو) جڏهن وعدو ڪيو اوهان سان الله

(١) معارف القرآن ص ١٨٠ جلد ۴ (٢) تيسير الكريم الرحمان ص ١٩٧ جلد ٢ (٣) تنوير المقياس ص ١۴٥

اِحۡدَى الطَّآئِفَتَيۡنِ اَنَّهَا لَكُمۡ وَتَوَدُّوۡنَ اَنَّ غَيۡرَ ذَاتِ

هڪڙيءَ جو ٻن جماعتن مان تہ بلاشڪ اها اوهان جي لاءِ آهي ۽ محبت پيا رکو تہ بيشڪ بغير

الشَّوۡكَةِ تَكُوۡنُ لَكُمۡ وَيُرِيۡدُ اللّٰهُ اَنۡ يُّحِقَّ الۡحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ

هٿيارن واري ٽولي هجي اوهان لاءِ ۽ ارادو ٽوڪري الله تہ ثابت ڪري حق کي فرمانن پنهنجن سان

وَيَقۡطَعَ دَابِرَ الۡكٰفِرِيۡنَ ۝٧ لِيُحِقَّ الۡحَقَّ وَيُبۡطِلَ الۡبَاطِلَ وَلَوۡ

۽ وڍي پاڙ ڪافرن جي تانتہ ثابت ڪري ڏيکاري حق ۽ باطل ڪري ڏيکاري باطل

كَرِهَ الۡمُجۡرِمُوۡنَ ۝٨

جيتوڻيڪ ناپسند ڪن مجرم

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ڪامل ايمان وارن جي توڪل على الله جو ذڪر هو ۽ هتي ان جو مثال ڏئي تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي.

شان نزول

قرآن ڪريم جي صحيح مفهوم ۽ مراد بيان ڪندڙن مفسرن پلارن لکيو آهي تہ: هيءَ آيت بدر واري جنگ جي ابتداء متعلق نازل ٿي هئي، واقعه هيئن هو تہ مڪه مڪرمه جي رهاڪو قريشي ڪافرن سردارن ابو سفيان جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ تجارتي قافلو تيار ڪيو جيڪو شام ملڪ ۾ وڃي واپار ڪري ڪمائي ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ نفعو اسلام ۽ مسلمانن کي ختم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي اهو قافلو شام ملڪ ۾ پهتو واپار ڪري گهڻو ڪجهہ ڪمائي جڏهن واپس ٿيو تہ الله تعالىٰ ان جو علم پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جن کي عطا فرمايو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن تہ ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ ۽ ڪنهن کي قرڻ لٽڻ واري

ذهن کان بالڪل صاف ۽ پاڪ هيا پر جڏهن تہ انهن قافلي وارن جي ان تجارتي قافلي جي سوچ محنت ۽ سفر سبب اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف ۽ انهن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ هيا تڏهن الله تعالىٰ جي اذن سان پاڻ ان قافلي وارن ۽ سندن نيتن جو پنهنجن پيارن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي اطلاع ڏيندي فرمايائون تہ انهن جو پير ڪٿي ڪانئن اسلام خلاف گڏ ڪيل دولت ڪسي وڃي تانتہ ان سان مسلمانن جي ايمان ۽ عزت کي لٽڻ ۾ ڪامياب نہ ٿين حضور عليه الصلواة والسلام جن اصحابن سڳورن کي اهو بہ ٻڌايو تہ اهي صرف چاليهہ (۴۰) ڄڻا آهن جن ۾ ابو سفيان عمرو بن عاص مجرم بن نوفل جهڙا قريشي سردار بہ شامل آهن اصحابن سڳورن تامُل ۽ فڪر ڪان سواءِ انهن ڪافرن جي اسلام ۽ مسلمانن خلاف ڪم ڪندڙ قافلي جو رستو روڪڻ ۽ سندن مال تي ڪنٽرول ڪري کسڻ جو پروگرام بنائي تياري ڪئي ۽ ٽي سؤ تيرهن ڄڻا نهايت غريبي حال ۾ نڪتا ڪين سواريءَ لاءِ ستر اٺ ۽ بہ گهوڙا هئا ۽ جنگي هٿيارن ۾ اٺ تلوارون ۽ بہ زرهون هيون هيڏانهن هي روانا ٿياءِ هوڏانهن ابو سفيان کي ڪنهن غلط طريقي سان اها ڳالهہ پهتي ان ضمضم بن عمرو غفاريءَ شخص کي ڪجهہ پئسا ڏئي تڪڙو روانو ڪيو تہ ابو جهل کي وڃي چؤ تہ جلد از جلد قافلي وارن جي مدد لاءِ پهچي ابو جهل اها خبر ٻڌي باهہ ٿي ويو ۽ فوراً ڪعبہ معظمہ جي ڇت تي چڙهي مڪي پاڪ جي رهاڪن کي چوڻ لڳو تہ: اوهان جو قافلو خطري ۾ آهي ان جي مدد لاءِ نڪرو اهو اعلان ٻڌندي ئي ساڍا نو سؤ (۹۵۰) جنگي بهادر جنگي هٿيارن ۽ سامان سان تيار ٿي روانا ٿيا ۽ اتيئي مڪہ پاڪ ۾ رهندڙ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي ڦڦيءَ عاقلة بنت عبدالمطلب خواب ۾ ڏٺو تہ هڪ اٺ تي سوار شخص مڪہ پاڪ جي ابطح نالي مقام ۾ بيهي ٽي پيرا اعلان ڪري رهيو آ تہ: اي ڌوڪيباز ڪافرو! پنهنجي ڪسڻ وارين جاين ڏانهن هلو سيئي ماڻهو ان وٽ گڏ ٿي ويا ۽ پوءِ ان ابوقبيس جبل مان هڪ وڏو پٿر ڪڍي مٿي فضا ۾ اڇلايو جيڪو مٿي پهچي ذرا ذرا ٿي ويو ۽ اهي ذرا هر ڪنهن جي گهر ۾ وڃي ڪريا حضرت بيبي عاقلة اهو خواب پنهنجي ڀاءُ حضرت عباس کي ٻڌايو ان وليد بن عتبہ سان ڳالهہ ڪئي جڏهن وليد پنهنجي دوست ابوجهل سان ڳالهہ ڪئي تڏهن ان ڪلي چيو تہ عبدالمطلب جي اولاد مان مرد تہ نبي بڻيو پر هاڻي عورتون بہ نبي بڻجڻ لڳيون آهن ۽ ان انهي خواب ڏانهن ڪوبہ توجهہ نہ ڏنو، ساڍانوسؤ (۹۵۰) جنگي جوان هٿيارن سان مسلح ٿي نڪتا ۽ انهن کي

پنهنجي فتح تي ايترو يقين هو جو پاڻ سان گڏ شراب جا مٽ ۽ نچڻ واريون عورتون به وٺي هليا ته مسلمانن کي ختم ڪري مدينه پاڪ ۾ شراب پيئنداسون ۽ ناچ ڪرائي فتح جو جشن ملهائينداسون ۽ هوڏانهن ابو سفيان مديني وارو رستو ڇڏي بحرين جو رستو وٺي مڪه مڪرمه ۾ پهچي ويو ۽ ابو جهل کي چورائي موڪليائين ته اسان جو قافلو خيريت سان مڪه ۾ پهچي ويو آهي اوهان واپس موٽي اچو پر ابوجهل آڪڙ جي چيو ته بهادر شخصيتون جڏهن جنگ لاءِ نڪرنديون آهن ته ڪجهه ڪرڻ کان سواءِ واپس نه ورنديون آهن ابو سفيان تون اسان وٽ پهچي اسان سان ياگي يائيوار ٿيءُ پوءِ ابوسفيان پاڻ سان اهيئي قافلي وارا ساٿي گڏ وٺي اچي ابوجهل سان مليو ۽ سندن تعداد نوسؤنوي (٩٩٠) ٿي ويو هوڏانهن حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجن پيارن اصحابن رضي الله عنهم کي فرمايو ته ابو سفيان وارو قافلو نڪري ويو ابو جهل ۽ ان جا ساٿي جنگ لاءِ آيا آهن هاڻي انهن سان جنگ ڪرڻي آهي انهن مان جيڪي جنگ لاءِ تيار ٿي نه آيا هيا انهن پهريان سستي ڏيکاري پر حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما جي اثرائتي تقرير ٻڌي اهي سست به چست ٿي ويا. حضرت مقداد بن عمرو اٿي عرض ڪيو ته يا رسول الله! اوهان کي جتي الله تعالىٰ موڪلي هلو اسين هلڻ لاءِ تيار آهيون اسين حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جا ساٿي ناهيون جو چئون ته: تون ۽ تنهنجو رب وڃي وڙهو اسين هتي ويٺا آهيون، اسان جو عرض آهي ته اسين اوهان سان آهيون حضرت مقداد جي ان عرض تي حضور عليه الصلواة والسلام جن تمام گهڻو خوش ٿيا ان کان پوءِ حضرت سعد بن معاذ اٿي عرض ڪيو ته: يا رسول الله! جيڪڏهن اوهان اسان کي سمنڊ ۾ گهڙڻ جو حڪم ڪيو ته اسين ان ۾ به گهڙڻ لاءِ تيار آهيون ان تي حضور عليه الصلواة والسلام جن تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ فرمايائون ته الله تي توڪل ڪري هلو انشاءَ الله تعالىٰ ڪافر سخت هار کائيندا، مان سندن ڪسڻ جون جايون ڏسي رهيو آهيان ان کان پوءِ بدر جي جنگ جو واقعو ٿيو ان جي باري ۾ هي آيتون نازل ٿيون (١) فرمان مبارڪ آهي " كَمَآ أَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنْ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ " جيئن توکي تنهنجي رب تنهنجي گهر مان حق سان ڪڍيو.

(١) روح البيان ص ٣١٥ جلد ٣ روح المعاني ص ١٧٠ جلد ٣ جزءِ ٩ التفسير الڪبير ص ١٢٦ جزءِ ١٥.

نحوي سمجهاڻي

هن عبارت ۾ "كما" جي ڪ جو تعلق ڪنهن سان آهي؟ ان جون ڪيترئيون ترڪيبون بيان ڪيون ويون آهن پر آسان ۽ سولي ترڪيب هيءَ آهي ته "كَمَا" ۾ ڪ تشبيهه جو ۽ ماموصوله يا مصدريه آهي ۽ هيءَ عبارت هڪ مقدر عبارت جي خبر آهي اصل ۾ هيءَ عبارت هيئن آهي: اي حالهم هذه في كراهة تنفيل الغزاة كحال اخراجك من بيتك (۱) يعني انهن مجاهدن جو غنيمت جي مال کي سيني غازين ۾ ورهائڻ کي نه پسند ڪرڻ ۾ حال ائين آهي جيئن اوهان کي جنگ بدر لاءِ گهر مان ڪڍڻ کي سندن طرفان نه پسند ڪرڻ جو حال هو. مطلب ته: جيئن اوهان جو جنگ جي لاءِ گهرمان نڪرڻ حق آهي تيئن اوهان جي طرفان غنيمت جي مال جي تقسيم ڪرڻ به حق آهي ۽ جيئن اوهان جو گهر مان جنگ لاءِ نڪرڻ فائديمند ثابت ٿيو تيئن اوهان جي طرفان غنيمت جي تقسيم به فائديمند آهي ياد رکڻ گهرجي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي مديني منوره کان بدر ڏانهن روانگي يا ته حضرت جبرئيل عليه السلام جي عرض ڪرڻ سان هئي يا سندن دلي خيال سان پر ٻنهي صورتن ۾ اهو فرمان درست آهي ته اوهان کي اوهان جي گهر مان اوهان جي رب ڪڍيو ڇوته ٻئي صورتون وحي جون آهن "۱" جلي "۲" خفي (۲) ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي گهر مان مراد مدينه منوره آهي ڇوته اهو سندن دائمي گهر آهي (۳) عربيءَ ۾ وطن کي به بيت سڏيو ويندو آهي (۴) "وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ لَكَارِهُوْنَ" ۽ بيشڪ مومنن مان هڪ ٽولي پسند ڪندڙ ناهن، هي فرمان مبارڪ اڳئين فرمان کان حال آهي ۽ "فَرِيْقًا" ۾ تنوين تنڪير جي آهي جنهن مان ثابت ٿيو ته غنيمت جي مال کي تقسيم ڪرڻ تي حيرت ۽ ناپسندگيءَ جو اظهار ڪرڻ وارا تمام ٿورا هئا ۽ اهو به ثابت ٿيو ته انهن ٿورن جي طرفان ناپسنديدگي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي فعل مقدس جي ڪري نه پر پنهنجي مسڪينيءَ ۽ جنگ لاءِ تيار ٿي نه نڪرڻ جي ڪري هئي، ان جي ڪري قرآن ڪريم انهن ٿورن کي به مؤمن سڏيو آهي.

"يُجَادِلُوْنَكَ فِى الْحَقِّ" اوهان سان حق ۾ زباني بحث پيا ڪن - ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هتي جدال مان مراد مقابلي ۽ مخالفت جو جهيڙو ناهي پر عرض

(۱) تفسير القاسمي ص ۱۴ سورة الانفال جلد۵ (۲) نعيمي ص ۵۴٦ جلد ۹
(۳) البيضاوي كامل ص ۲۳۴ (۴) نعيمي ص ۵۴٦ جلد۹

معروض ڪرڻ مراد آهي ۽ جڏهن تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو هر قول/فعل حق آهي ان جي ڪري " فِی الْحَقِّ " آندو ويو - مطلب تہ ڪنهن ڳالهہ جو حق هجڻ اوهان جي سمجهہ تي موقوف ناهي جيڪو ڪجهہ ان جي زبان حق جي ترجمان مان نڪري حق اهوئي آهي پوءِ اهو اوهان جي عقل ۾ اچي يا نہ " بَعْدَ مَا تَبَيَّنَ " ان ڪان پوءِ جو اهو حق روشن ٿيو، هتي روشن ٿيڻ مان مراد آهي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي طرفان خبر ڏيڻ تہ بدر جي جنگ ۾ فتح اسان جي ٿيندي ۽ جيڪو سامان ڪافر ڪٺي آيا آهن اهو بہ اسان جي لاءِ آندو اٿن (انشاء الله) ۽ اها اسان جي غنيمت ٿيندي ۽ مان انهن ڪافرن جي قتل ٿيڻ جون جايون ڏسي رهيو آهيان. كَأَنَّمَا يُسَاقُوْنَ اِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ" جڻ تہ موت ڏانهن هڪليا وڃن ٿا ۽ اهي ڏسي رهيا آهن، هن فرمان مقدس ۾ انهن جي غير اختياري حالت جو بيان آهي، مطلب تہ ان بدر جي جنگ ۾ مسلمانن کي ڪافرن جي مقابلي ۾ وڃڻ اهڙو ڳرو محسوس ٿي رهيو هو جڻ تہ کين موت ڏانهن هلايو ٿي ويو، هنن لفظن ۾ بہ انهن جي صفائي بيان ڪئي وئي آهي تہ: جيئن انسان کي ڦاسي گهاٽ يا ڪنهن ڪسڻ واري جاءِ تي وٺي وڃڻ سان گهبراهٽ ٿيندي آهي ائين ئي انهن جي بي قراري ۽ بي اختياري هئي ڇوتہ اهي ويچارا نهايت مسڪين ۽ هٿيارن ڪان خالي هئا ان سان گڏ جنگ جي فن ڪان بہ اڻ واقف هئا ۽ جنگ لاءِ باقاعده تياري ڪري بہ نہ آيا هئا.

سوال: اصحابن جي ان ٽولي کي اهو مناسب هو جو حضور عليه الصلواة والسلام جي خيال مبارڪ جي خلاف ڪن؟

جواب: اصحابن ڀلارن جي ان ٽولي ڪا بہ حڪم عدولي نہ ڪئي هئي پر مشوري جي جواب ۾ پنهنجي ضعف ۽ همت جي بلند نہ هجڻ جو اظهار ڪيو هومگر رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي سائين ڪان اهو ايترو اظهار بہ سندن بلند مقام جي اعتبار سان الله تعالىٰ وٽ پسند نہ هو ان جي ڪري ان کي ناراضگيءَ جي لفظن سان بيان ڪيو ويو (۱) " وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ لَكُمْ " ۽ (ياد ڪيو) جڏهن الله اوهان سان ٻن جماعتن مان اوهان کي هڪڙيءَ (تي فتح ڏيڻ) جو وعدو ڪيو تہ بلاشڪ اها اوهان لاءِ آهي ۽ اوهان (وري ان ڳالهہ سان) محبت رکو پيا تہ بنا هٿيارن واري ٽولي اوهان لاءِ هجي. ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ جڏهن مسلمان ان واپاري قافلي جي هٽ

(۱) معارف القرآن ص ۱۸۸ جلد ۴

ڪرڻ لاءِ هٿيارن ڪٽڻ ۽ جنگي تياري ڪرڻ کان سواءِ نڪتا هئا تڏهن سندن طبعي خواهش اها هئي ته ڪين صرف قافلي وارا هٿ اچن ۽ جنگ لاءِ تيار ٿي ايندڙ ڪافرن جي وڏي لشڪر سان ويڙهه ڪرڻ خطري کان خالي ناهي. الله تعالىٰ هتي بيان فرمايو ته: مون اوهان سان ٻنهي جماعتن "۱" واپاري قافلي "۲" ۽ جنگ لاءِ ايندڙ لشڪر مان هڪ تي اوهان کي فتح ڏيڻ جو وعدو ڪيو ۽ اهو پورو ٿيو.
"وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ بِكَلِمَاتِهٖ وَيَقْطَعَ دَابِرَ الْكَافِرِيْنَ" ۽ الله جو ارادو آهي ته پنهنجن فرمانن سان حق ثابت ڪري ۽ ڪافرن جي پاڙ پٽي ڇڏي- حق جي ثابت ڪرڻ مان مراد آهي اهڙو ظاهر ڪرڻ جو هر ڪنهن کي ڪليل طرح مشاهدي ۾ اچي ۽ "ڪَلِمَاتِهٖ" مان مراد تشريعي فرمان به آهن مثلاً- حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جو بدر جي طرف روانو ٿيڻ، لشڪر سان مقابلي جي لاءِ حڪم ڪرڻ وغيره ته تڪويني فرمان به مثلاً مڪي جي رئيسن جو ايتري زبردست تياريءَ سان اچڻ ۽ پوءِ به مغلوب ۽ مقهور ٿي موٽڻ وغيره وغيره "لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ الْبَاطِلَ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ" تانته حق کي حق ڪري ڏيکاري ۽ باطل کي باطل ڪري ڏيکاري پلي ڪٿي مجرم ناپسند ڪن. هتي به اهوئي کليءَ طرح مشاهدي ۾ اچڻ مراد آهي. يعني اسين گهرون پيا ته مڪي جي ڪافرن جي پاڙ ئي پٽجي ۽ ڪٽجي وڃي ۽ اهو تڏهن ٿيو جڏهن ابوجهل ۽ ان سان گڏ آيل چونڊيءَ جا سردار کي قتل ٿي ويا ته ڪي قيدي بنجي ذليل ٿي مسلمانن جي هٿ آيا ۽ پوءِ پاڻ به مسلمان ٿيا ۽ اها جنگ باطل کي باطل ڪري ڏيکارڻ ۽ حق کي حق ڪري ڏيکارڻ جو ذريعو بڻي- هنن عبارتن ۾ انهن ٿورڙن سستي ڪندڙن مسلمانن کي تنبيه ڪئي وئي آهي ته اوهان جيڪا صورت پسند ڪئي هئي اها نهايت پست همتي، آرام طلبي،وقتي ۽ هنگامي فائدي جي شيءِ هئي ۽ الله تعالىٰ جيڪو ارادو فرمايو اهو بلندهمتي، بلند مقاصد، مڪمل ۽ دائمي فائدي واري شيءِ آهي ۽ ٻيءَ آيت ۾ ان کي مزيد واضح ڪيو ويو آهي ته الله تعالىٰ جي قدرت جي قبضه کان ته ڪا به شيءِ ٻاهر نه آهي جيڪڏهن اهو گهري ها ته تجارتي قافلي تي ئي مسلمانن کي غلبو ۽ قبضو عطا ڪري ها مگر ان حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ سندن اصحابن سڳورن جي شايان شان اهو ڏٺو ته سندن مقابلو مسلح فوج سان ٿئي، ان تي سندن قبضو ٿئي تانته حق جو حق هجڻ ۽ باطل جو باطل هجڻ واضح ٿئي.
سوال: الله تعالىٰ جڏهن عليم ، خبير ۽ هر ڪم جي ابتداءِ ۽ انتهاءکان باخبر

آهي تہ ان اصحابن ڀلارن سان اهو مبهم وعدو ڇو ڪيو تہ ٻنهي جماعتن مان هڪ تي اوهان کي غلبو عطا ڪندو؟

جواب: ان ڳالهہ کي مبهم رکڻ ۾ (والله اعلم) حڪمت اصحابن سڳورن جو امتحان وٺڻ آهي ۽ انهن کي اخلاقي تربيت ڏيڻي هئي تہ اهي هميشه همت بلند رکن ۽ اعلىٰ مقاصد جي حصول جي لاءِ جدوجهد ڪندي سامهون ايندڙ خطرات کان نہ گهبرائين.

فائدا: هن آيت مان هي فائدا حاصل ٿيا. "١" "يَعِدُكُمُ اللّٰهُ" ۾ اصحابن سان جنهن وعدي جو ذڪر ڪيو ويو آهي اهو ساڻن حضور صلى الله عليه وسلم جن ڪيو هو پر الله تعالىٰ ان وعدي کي پنهنجو وعدو سڏيو ان مان ثابت ٿيو تہ محبوب عليه الصلواة والسلام جن مالڪ مٺي جا مختار محبوب آهن سندن قول الله تعالىٰ جو قول آهي "٢" انسان طبعي طور آرام ۽ سک جو طالب آهي، حقيقت ڏانهن هڪدم توجه ڪنهن ڪنهن جو ويندو آهي پر ان آرام طلب ڪرڻ جي ڪري اهو سزا ۽ عذاب جو حقدار نہ آهي اصحابن سڳورن مان ڪن آرام ۽ جنگ کان بچڻ جو خيال ڏيکاريو تہ الله تعالىٰ انهن جي اڳيان جنگ اختيار ڪرڻ جي حڪمت بيان ڪئي پر انهن کي سزا ۽ عذاب نہ ڏنايو بلڪ ڪين " مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" لفظ آڻي سندن ايمان کي ثابت ڪيو "٣" بدر جي جنگ الله تعالىٰ جي قدرت ۽ حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جي معجزي جو وڏو ۽ عجيب نمونو هئي. ڪافرن جو مڪمل مسلح ٿي عيش عشرت جي سامان سان اچڻ ۽ انهن جي مقابلي ۾ مسلمانن جو جنگ جي سوچ کان سواءِ بنا هٿيارن جي اچڻ ۽ غالب ٿيڻ حيرت ۾ وجهندڙ هو.

إِذْ تَسْتَغِيثُونَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ أَنِّي مُمِدُّكُمْ

جڏهن مدد گهرو پيا پالڻهار پنهنجي کان پوءِ قبول فرمايائين واسطي اوهان جي بيشڪ مان مدد ڪندڙ اوهان جو آهيان

بِأَلْفٍ مِنَ الْمَلَائِكَةِ مُرْدِفِينَ ۝٩ وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ إِلَّا بُشْرَىٰ

هڪ هزار ملائڪن سان اڳيان پويان ايندڙ ۽ نہ بنايو ان کي الله مگر خوشخبري

وَلِتَطْمَئِنَّ بِهِ قُلُوبُكُمْ ۚ وَمَا النَّصْرُ إِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ إِنَّ اللّٰهَ عَزِيزٌ حَكِيمٌ ۝١٠

۽ تانت مطمئن ٿين ان سان دليون اوهان جون ۽ ناهي مدد مگر وٽان الله جي بيشڪ الله غالب، حڪمت وارو آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بدر جي جنگ جو مقصد بيان ٿيو ۽ هنن ۾ ان جي ڪجهه صورت بيان ڪئي وئي آهي.

شان نزول

ابن ابي شيبه، احمد ، مسلم ، ابوداؤد ، ترمذي، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ، ابو عوانه، ابن حبان،ابو الشيخ،ابن مردويه، ابو نعيم ، ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءِ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ان فرمايو ته: مون کي حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه خبر ٻڌائي ته جڏهن بدر جي جنگ لڳي رهي هئي ۽ حضور پُرنور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجن اصحابن ڏانهن نهاريو ته اهي ٽي سؤ تيرنهن (٣١٣) ڄڻا هئا ۽ ڪافرن ڏانهن نهاريائون ته اهي هڪ هزار ۽ ان کان ڪجهه مٿي هئا تڏهن پاڻ الله تعاليٰ ڏانهن متوجه ٿي هٿ مبارڪ ڊگها ڪري عرض ڪرڻ لڳا ته يا الله! مون سان جيڪو وعدو ڪرڻ فرمايو اٿئي اهو پورو ڪر اي الله! جيڪڏهن منهنجي هيءَ ٿورڙي تعداد واري جماعت هلاڪ ڪري ڇڏيئي ته زمين ۾ تنهنجي عبادت نه ڪئي ويندي پاڻ هٿ مبارڪ، ڊگها ڪري اها دعا گهرندا رهيا (۽ دعا ۾ ايترو ته مستغرق رهيا) جو سندن ڪلهن تان چادر لهي ڪري پئي جيڪا حضرت ابو بڪر (صديق رضي الله عنه) کڻي سندن ڪلهن تي وڌي ۽ کين پاڪر پائي عرض ڪيائين ته: يا رسول الله! اوهان دعا ڪافي گهري آهي الله تعاليٰ اوهان سان ڪيل وعدو جلد پورو ڪندو تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي (١) ان کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه حضور عليه الصلواة والسلام جن وٽ ويٺو رهيو ۽ پاڻ استغراقي ڪيفيت ۾ رهيا ڪجهه دير کان پوءِ حضرت ابوبڪر ڏانهن متوجهه ٿي فرمايائون ته: ابابڪر! الله تعاليٰ جي مدد پهچي وئي هو ڏس جبرئيل امين پنهنجي گهوڙي کي لغام کان سواءِ وٺيو اچي پيو (٢) فرمان مبارڪ آهي "اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ" جڏهن پنهنجي رب کان مدد گهرو پيا پوءِ اوهان جي دعا قبول فرمايائين، ياد رکڻ گهرجي ته اها دعا ته صرف حضور عليه الصلواة والسلام جن گهري هئي پر پاڻ جڏهن ته امت جا امام آهن، سندن دعا ڄڻ ته

(١)الدر المنثور ص ٢٨ جلد ۴ (٢) الخازن ص ١٧١ جلد ٢

سِيني جي دعا آهي تڏهن تستغيثون جمع جو صيغو آندو ويو آهي " اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ " بيشڪ مان اوهان جي هڪ هزار ملائڪن سان مدد ڪندڙ آهيان جيڪي هڪ ٻئي جي پويان لاڳيتا ايندا ، ڄاڻڻ گهرجي تہ مسلمانن جي مدد لاءِ اچڻ وارن ملائڪن جو تعداد قرآن پاڪ ۾ ڪٿي ٣ هزار تہ ڪٿي پنج هزار آيو آهي ۽ هتي هڪ هزار جو ذڪر ان ڪري آيو آهي جو پهريان هڪ هزار ملائڪ هئا .

" وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى " ۽ ان (مدد) کي الله تعالىٰ صرف فتح جي خوشخبري ڏيڻ بنايو هو. هيءَ ملائڪن جي موڪلڻ جي حڪمت بيان ٿي رهي آهي يعني اهي سڀئي ايترا ملائڪ ڪافرن جي هلاڪ ڪرڻ لاءِ نہ آيا هئا انهن کي هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ تہ هڪڙو ئي ڪافي هو هڪ ئي ملائڪ حضرت لوط عليه السلام جي قوم جي شهرن کي ڪٽي مٿان اونڌو ڪري ڪيرايو هو، هڪ ئي ملائڪ حضرت صالح عليه السلام جي امت تي دانهن ڪري ڪين هلاڪ ڪري ڇڏيو هو پر ايترن ملائڪن جي اچڻ ۾ ڪجهہ حڪمتون هيون "۱" اوهان لاءِ بشارت بڻيا جو جڏهن اوهان ملائڪن جي نزول جي خبر ٻڌي تہ اوهان جا ڪوماٽيل چهرا خوشيءَ مان ٽڙڻ لڳا "۲" " وَلِتَطْمَئِنَّ بِهٖ قُلُوْبُكُمْ " ۽ تانتہ ان سان اوهان جون دليون مطمئن ٿين. قوي قول هيءُ آهي تہ هيءَ عبارت " بُشْرٰى " تي عطف ڪيل آهي پر جڏهن تہ غازين جو اطمينان اهم شيءِ هو تڏهن ان کي وڏي ۽ ڪليل عبارت سان آندو ويو آهي ۽ مفرد جو جملي تي ۽ جملي جو مفرد تي عطف ڪرڻ جائز آهي الله تعالىٰ جو ٻيو فرمان آهي "لِتَرْكَبُوْهَا وَزِيْنَةً" هن ۾ "زِيْنَة" مفرد کي "لِتَرْكَبُوْهَا" جملي تي عطف ڪري آندو ويو آهي (۱) مطلب تہ انهن ملائڪن جي نزول سان اوهان جي دلين کي اطمينان ۽ قرار نصيب ٿيندو جهاد ۾ دل جو اطمينان نهايت اهم آهي اهي ملائڪ اصحابن سڳورن کي ڏسڻ ۾ تہ ڪونہ ٿي آيا پر قرآن ڪريم ۽ حبيب صلى الله عليه وسلم جن جي فرمان تي يقين رکڻ جي ڪري اهي گهڻو مطمئن ٿيا هئا.

" وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِاللّٰهِ " ۽ مدد تہ صرف الله وٽان ئي ايندي آهي ملائڪن جو نزول ۽ ٻيون ڪارروايون فتح حاصل ٿيڻ جو صرف سبب آهن ان جي ڪري مؤمن کي الله تعالىٰ جي ڪرم تي ئي نظر ڪرڻ گهرجي " اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ " بلاشڪ الله غالب،حڪمت وارو آهي. هيءَ عبارت چڱ مٿئين عبارت جو دليل آهي يعني الله تعالىٰ

(۱) روح المعاني ص ۱۷۴ جلد ۳ جزءِ۹

غالب بہ اهڙو غالب آهي جو جنهن کي گهري ان کي بہ غالب بنايو ڇڏي ۽ حڪمت وارو بہ آهي ڪنهن کي فتح ڏيڻ ۾ بہ ان جي حڪمت آهي تہ هار ڏيڻ ۾ بہ.

فائدا: هن آيت سڳوريءَ مان هي فائدا سمجهہ ۾ اچن ٿا "١" "اذ"جي اڳيان اذڪروا جو لفظ مقدر آهي معنىٰ تہ الله تعالىٰ جي هيءَ نعمت ياد ڪيو جو اوهان جي مدد ڪرڻ لاءِ ملائڪ موڪليائين. ان مان اها ڳالهہ بہ واضح ٿي تہ الله تعالىٰ جي نعمتن کي ياد ڪرڻ سٺو ڪم آهي جيئن ٻيءَ جاءِ تي فرمان مبارڪ آهي. "وَأَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ" (١) ۽ پر پنهنجي رب جي نعمت جو اظهار ڪندو رهہ، سرورِ دو عالم صلى الله عليه وسلم جن جو ميلاد جي محفلن ذريعي ڄمڻ وغيره بيان ڪرڻ بہ الله تعالىٰ جي نعمت جو ذڪر آهي جيڪو نهايت ڀلو ڪم آهي ان کي بدعت چئي ان کان روڪڻ گمراهي ۽ ضلالت آهي "٢" "رَبَّكُمْ" جي لفظ مان ثابت ٿيو تہ دعائن ۾ الله تعالىٰ جو اهو اسم مبارڪ استعمال ڪرڻ نهايت سٺو آهي.

"٣" الله تعالىٰ ڪڏهن ملائڪن جي ذريعي پنهنجي مجاهدن ٻانهن جي مدد ڪندو آهي جيئن "أَنِّي مُمِدُّكُمْ" مان واضح ٿي رهيو آهي ١٩٦٥ عيسوي سن ۾ جڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ لڳي هئي ۽ ان وقت اڃان مسلمانن ۾ الله تعالىٰ جو خوف ۽ حضور عليه السلام جن سان محبت گهٽي موجود هئي تہ جنگ جي ميدان ۾ ڪيترا اڇا سجاتل جوان بہ نظر آيا هئا ڪيترن ماڻهن الله تعالىٰ جي ولين کي مدد ڪندي اکين سان ڏٺو هو ان ئي جنگ جي موقعي تي دمشق ۾ حضرت بلال رضي الله عنه جي قبر مبارڪ مان ڪيترن ماڻهن 'حي على الجهاد' جو آواز ٻڌو ۽ مدينه منوره ۾ بزرگن خواب ۾ حضور پر نور صلى الله عليه وسلم جن کي جلد جلد روانو ٿيندي ڏسي عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صلى الله عليه وسلم) ڪٿي تشريف فرما ٿيڻ لاءِ روانگي آهي فرمايائون تہ پاڪستان ۾ جهاد جي لاءِ- هندو قيدي مسلمانن مجاهدن کان پڇندا هئا تہ اهي ساون ڪپڙن وارا سپاهي ڪٿي آهن جيڪي اوهان سان گڏجي اسان سان لڙندا هئا. اهي سڀ ڳالهيون ان وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ آيون هيون، ابو جهل بدر جي جنگ ۾ زخمي ٿي ڪرڻ ۽ مرڻ مهل حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان پڇيو هو تہ: اڇن ڪڪن سان نوان ماڻهو ڪير هئا جيڪي اوهان سان گڏ جنگ ڪري رهيا هئا فرمايائينس تہ اهي ملائڪ هئا (٢) "٣" ملائڪن جي نزول ۾ ڪيتريون حڪمتون هيون مسلمانن کي ڪاميابيءَ جي

(١) سورة الضحىٰ آيت ١١ (٢) نعيمي ص ٥٦١ جلد٩

بشارت ڏيڻ، مجاهدن جي دلين کي سڪون بخشڻ، خود انهن ملائڪن جي عزت افزائي ڪرڻ جيڪي بدر جي جنگ ۾ شريڪ ٿيا هئا جيئن بدر جي جنگ ۾ شريڪ ٿيندڙ اصحابي اصحابين ۾ شاندار آهن تيئن بدر ۾ اچڻ وارا ملائڪ، ملائڪن ۾ شاندار آهن.

اِذْ يُغَشِّيْكُمُ النُّعَاسَ اَمَنَةً مِّنْهُ وَيُنَزِّلُ عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ

(ياد ڪيو) جڏهن ڍڪايائين اوهان کي اوجهراٽي (ننڊ جي) امن ڏيڻ لاءِ پنهنجي طرفان ۽ لاهي پيو اوهان تي آسمان مان

مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمْ بِهٖ وَيُذْهِبَ عَنْكُمْ رِجْزَ الشَّيْطَانِ وَلِيَرْبِطَ

پاڻي تانت پاڪ ڪري اوهان کي ان سان ۽ پري ڪري اوهان کان پليدي شيطان جي ۽ تانت همت ٻڌرائي

عَلٰى قُلُوْبِكُمْ وَيُثَبِّتَ بِهِ الْاَقْدَامَ ﴿۱۱﴾ اِذْ يُوْحِيْ رَبُّكَ اِلَى

دلين اوهان جي تي ۽ ثابت ڪري ان سان قدمن کي جڏهن وحي پيو موڪلي رب تنهنجو

الْمَلٰٓئِكَةِ اَنِّيْ مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِيْنَ آمَنُوْا سَاُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ

طرف ملائڪن جي تہ بلاشڪ مان گڏ آهيان اوهان سان پوءِ ثابت رکو انهن کي جو ايمان آندائون سگهوئي وجهندس مان دلين انهن جي

الَّذِيْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ فَاضْرِبُوْا فَوْقَ الْاَعْنَاقِ وَاضْرِبُوْا مِنْهُمْ

۾ جو ڪفر ڪيائون دپ پوءِ (ڌڪ) هڻو مٿان ڪنڌن جي ۽ هڻو انهن جي هر هڪ

كُلَّ بَنَانٍ ﴿۱۲﴾ ذَالِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَاقِقِ

سنڌ کي اهو سبب ان جي جو تحقيق انهن مخالفت ڪيائون الله ۽ ان جي رسول جي ۽ جيڪو مخالفت ڪندو

اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۳﴾ ذَالِكُمْ فَذُوْقُوْهُ

الله ۽ ان جي رسول جي پوءِ يقينًا الله سخت آهي عذاب ڏيڻ وارو اها (سزا اٿو) پوءِ چکو ان کي

وَاَنَّ لِلْكَافِرِيْنَ عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۴﴾

۽ بلاشڪ ڪافرن جي لاءِ عذاب آهي باھ جو

تفسير

اڳين آيتن ۾ بدر جي جنگ وارن غازين ۽ مجاهدن جي روحاني، غيبيءَ مدد ۽ ملائڪن جي نزول جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي ئي جسماني ۽ ظاهري مدد اوجهراٽي اچڻ ۽ مينهن پوڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي.

شان نزول

جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن مديني منوره مان نڪري بدر ڏانهن روانا ٿيا ته بدر جي ويجهو رستي ۾ ڪين ٻه ماڻهو مليا حضور عليه الصلواة والسلام انهن کان پڇيو ته: ڇا ابو سفيان جو قافلو هتان لنگهيو هو؟ انهن عرض ڪيو ته هائو، رات جي وقت لنگهيو هو پوءِ مسلمانن ڪانئن مڪه مڪرمه جي ڪافرن جي حالات معلوم ڪرڻ جي لاءِ انهن ٻنهي کي ٻڌو انهن مان هڪ حضرت عباس رضي الله عنه جو غلام ابو رافع هو. ٻيو عقبه بن ابي معيط جو غلام اسلم هو. مسلمانن ابو رافع کان پڇيو ته هن ميدان جي لاءِ مڪي پاڪ مان گهڻا نڪري آيا آهن ان چيو ته تقريبًا سيئي نڪري آيا آهن اهو ٻڌي حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو ته مڪه پاڪ پنهنجي جگر جا ٽڪرا اسان ڏانهن اڇلائي ڇڏيا آهن پوءِ وري ابو رافع کان پڇيائون ته ڇا ڪجهه ماڻهو واپس به موٽي ويا آهن؟ ان چيو ته هائو جڏهن ابو سفيان جي قافلي جي خيريت سان نڪري وڃڻ جي خبر پئي ته ڪجهه ماڻهو واپس وري ويا آهن ان تحقيق ڪرڻ کان پوءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ اصحاب سڳورا بدر جي ميدان ڏانهن روانا ٿيا ڏٺائون ته مڪه پاڪ وارا ڪافر اڳئي اتي ديرو ڄمائي پاڻيءَ جي کوهن واري صاف ۽ مٽي زمين واري ميدان تي قبضو ڪيو ويٺا هئا، مجبوراً مسلمان اتي لٿا جتي ريتي گهڻي هئي ۽ پاڻي بلڪل نه هو. هنن حضراتن کي اتي ٻه تڪليفون درپيش آيون "١" هڪ پاڻيءَ نه هجڻ جي ڪري سخت اڃ "٢" ٻيو ريتيءَ ۾ هلندي سندن پير هيٺ لهيو ٿي ويا انَ موقعي تي شيطان انساني صورت ۾ ٿي انهن غازي مردن وٽ آيو ۽ هر هڪ سان جدا جدا ملي چوڻ لڳو ته اوهان چئو ٿا ته اسان حق تي آهيون، الله تعاليٰ جا پيارا آهيون ۽ اسان جو نبي به سچو آهي هيءَ عجيب حقانيت آهي جو الله تعاليٰ اوهان کي خشڪ ۽ ريتيءَ واري علائقي ۾ لاٿو آهي. هاڻي نتيجو هي نڪرندو جو جڏهن اوهان اڃ جي سخت بري حال

۾ هوندئو تہ ڪافر نهايت آسانيءَ سان اوهان کي ڪليل شڪست ڏيندا ۽ اوهان مان ڪير بہ سلامتيءَ سان گهر واپس نہ ويندو ڇوتہ اوهان اجايل هوندا ۽ ڪافر تازا توانا، انهن خبرن کي ٻڌي ڪي مسلمان مايوس ٿيا تہ الله تعالىٰ جي رحمت جي درياءَ جوش کاڌو ۽ لاڳيتو ايتري برسات وسي جو ريتي ڄمي سئي زمين ٿي وئي ۽ اصحابن ان حصي ۾ حوض وانگر هڪ ڪڏ ناهي ورتي جيڪا پاڻيءَ سان ڀرجي وئي ۽ ان کي تلاءُ وانگر استعمال ڪيائون هوڏانهن ڪافرن جي رهڻ واري ميدان ۾ گپ ۽ اهڙي ترڪڻ ٿي جو هلندي پئي ترڪيا مومنن کي ان بارش سان تمام گهڻي خوشي پهتي ۽ سندن دليون مطمئن ۽ باغ بهار ٿيون ۽ اها بارش انهن کي فتح جي هڪ بشارت معلوم ٿي. ان موقعي تي هيءَ آيت نازل ٿي (۱) فرمان مبارڪ آهي "اِذۡ یُغَشِّیۡکُمُ النُّعَاسَ اَمَنَۃً مِّنۡہُ" ۽ (ياد ڪيو) جڏهن الله تعالىٰ اوهان تي پنهنجي طرفان امن ڏيڻ لاءِ اوجهراٽيءَ جي اهڙي ڪيفيت طاري ڪئي ڇڻ تہ ان سان اوهان کي ڊڪي ڇڏيائين، اهو سڀ ڪجهہ قلبي سڪون ۽ چين جو اثر هو. محدث ابو يعلىٰ ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ بدر جي جنگ ۾ مقداد کان سواءِ اسين سڀئي ننڊ جي اوجهراٽيءَ ۾ هياسين مگر حضور عليه الصلواة والسلام جن ان کان آزاد هيا ۽ صبح تائين وڻ جي هيٺان نماز پڙهندا رهيا (۲) ان جي ڪري چيو ويو آهي تہ اها اوجهراٽي معجزي جي حڪم ۾ آهي (۳)

" وَیُنَزِّلُ عَلَیۡکُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّیُطَہِّرَکُمۡ بِہٖ وَیُذۡہِبَ عَنۡکُمۡ رِجۡزَ الشَّیۡطٰنِ" ۽ اوهان تي آسمان کان پاڻي لاهي پيو تانتہ ان سان اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان کان شيطان جي پليدي پري رکي - هن حصي ۾ برسات وسائڻ ۽ ان جي حڪمت بيان ڪئي وئي آهي تہ اها ان جي ڪري لاٿي وئي هئي تہ اوهان مان بي وضو شخص وضو ڪن ۽ جن کي غسل جي ضرورت پوي اهي غسل ڪن ۽ انساني شڪل ۾ اچي شيطان جيڪي وسوسا وڌا هيا تہ مري ويندؤ، ان شيطان جي ان پليد سوچ کي اوهان کان پري رکي بارش پوڻ سان اوهان جي دلين ۾ اچڻ وارا وسوسا بہ دور ٿي ويا.

" وَلِیَرۡبِطَ عَلٰی قُلُوۡبِکُمۡ وَیُثَبِّتَ بِہِ الۡاَقۡدَامَ" ۽ تانت اوهان جي دلين کي مضبوط رکي ۽ ان سان قدمن کي ثابت رکي، يعني ان بارش مان هڪ تہ اوهان جي دلين ۾ مضبوطي پيدا ٿي وسوسا نڪري ويا ٻيو تہ اوهان جا قدم ان ريتيءَ ۾ بہ ثابت رهيا ۽

(۱) روح البيان ص ۳۲۰ جلد ۳ (۲) الدر المنثور ص ۳۱ جلد ۴ (۳) جمل ص ۲۳۱ جلد ۲

ترڪي ڪرڻ ڪان محفوظ رهيا ۽ ڪن مفسرن جو قول آهي تہ قدمن جي ثابت ڪرڻ مان مراد آهي دلين کي صبر جي قوت عطا ڪرڻ ڇوتہ جيڪو دل جو ڪمزور هوندو آهي ان جا پير نہ کپندا آهن (۱) "اِذْ يُوْحِيْ رَبُّكَ اِلَى الْمَلٰٓئِكَةِ اَنِّيْ مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" جڏهن تنهنجو رب ملائڪن ڏانهن وحي پيو فرمائي تہ يقينًا مان اوهان سان گڏ آهيان پوءِ ايمان وارن کي ثابت رکو، يعني سندن دلين ۾ دشمن تي جرئت سان حملي ڪرڻ جو خيال القاءِ الهام طور وجهو ۽ ڪين جهاد جي ترغيب ڏياريو "سَاُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ فَاضْرِبُوْا فَوْقَ الْاَعْنَاقِ وَاضْرِبُوْا مِنْهُمْ كُلَّ بَنَانٍ" جلدي ڪافرن جي دلين ۾ (مسلمانن جو) رعب وجهندس پوءِ انهن جي ڪنڌن جي مٿان ڌڪ هڻو ۽ سندن هر هڪ سنڌ تي ڌڪ هڻو، ڌڪ هڻڻ جو حڪم يا ملائڪن کي آهي ۽ ان قول تي ڇٽبو تہ ملائڪن بہ جنگ ۾ حصو ورتو هو يا مومنن کي آهي ۽ ان حڪم سان انهن کي جنگ ڪرڻ تي همٿايو ويو آهي ۽ ڪين ٻڌايو ويو آهي تہ ڪافرن بي دينن کي نہ ڪا سهوليت ڏيڻي آهي ۽ نہ انهن تي جنگ جي دوران رحم ڪرڻو آهي (۲)

" ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَاقِقِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ" اهو ان ڪري جو بلاشڪ انهن الله ۽ ان جي رسول (عليه الصلواة والسلام) جي مخالفت ڪئي آهي ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندو پوءِ يقينًا الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي مطلب تہ ڪافرن کي اها سزا ان جي ڪري ملي جو انهن الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي مخالفت ڪئي هئي ۽ جيڪو بہ الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي مخالفت ڪندو ان کي دنيا ۾ قتل ڪرڻ وغيره کان سواءِ آخرت ۾ سخت عذاب ٿيندو. " ذٰلِكُمْ فَذُوْقُوْهُ وَاَنَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابَ النَّارِ" (اي حق جا دشمنو!) اهائي سزا اٿو پوءِ ان کي چکو ۽ بلاشڪ ڪافرن جي لاءِ باهہ جو عذاب آهي " ذٰلِكُمْ" ۾ خطاب ڪافرن سان آهي (۳) ان موقعي تي اسلام جي دلير مجاهدن ڪافرن کي ماري سندن لاشن جا ڍير ڪري ڇڏيا هئا ستر ڄڻا مارجي ويا هئا تہ ستر ڄڻا قيدي بنجي مدينہ منوره ۾ آندا ويا هئا (۴).

فائدو: جيئن فوج جي گهٽائي، هٿيارن ۽ مددگارن جي زيادتي دشمنن جي دلين ۾ رعب پيدا ڪندي آهي تيئن ايمان ڪامل ۽ دل جي تقوىٰ سان بہ دشمنن جي دلين ۾ رعب پيدا ٿيندو آهي ڏسو بدر جي جنگ ۾ غازي تمام ٿورا ۽

(۱) الخازن ص ۱۷۲ جلد ۲ (۲) تيسير الكريم الرحمان ص ۳۰۰ جلد ۲
(۳) زاد المسير ص ۳۳۰ جلد ۳ (۴) حقاني ص ۱۸۸ جلد ۴

هٿيارن کان خالي هٿا پر ايمان ۽ تقوىٰ جي برڪت سان ڪافرن جي وڏي لشڪر تي بہ سندن رعب طاري ۽ جاري رهيو، ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جي مخالفت حقيقت ۾ الله تعالىٰ جي مخالفت آهي.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ

اي ايمان وارو! جڏهن مقابلو ڪيو انهن شخصن سان جو

كَفَرُوا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ ۝١٥ وَمَنْ يُّوَلِّهِمْ

ڪفر ڪيائون ٽولي جي صورت ۾ پوءِ نہ ڦيرائي ڏيو انهن کي پٺيون ۽ جيڪو ڦيرائي ڏيندو

يَوْمَئِذٍ دُبُرَهٗٓ اِلَّا مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ اَوْ مُتَحَيِّزًا اِلٰى فِئَةٍ

انهن کي ان ڏينهن پٺي پنهنجي مگر حرفت ڪندڙ واسطي جنگ جي يا جاءِ وٺندڙ طرف ٽوليءَ (پنهنجي)

فَقَدْ بَآءَ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ۚ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝١٦

پوءِ تحقيق موٽيو الله جي غضب سان ۽ جاءِ ان جي جهنم آهي ۽ اهو بري جاءِ موٽڻ جي آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ مؤمنن جو جنگ بدر ۾ ثابت قدم رکڻ ۽ انهن تي ملائڪن ۽ مينهن وسائڻ وارين نعمتن جو ذڪر هو ۽ هتي انهن نعمتن جو انهن جي موافق شڪر ادا ڪرڻ سيکاريو ويو آهي يعني جنگ ۾ ثابت قدم رهڻ پٺي ڏئي نہ ڀڄڻ وغيره وغيره . فرمان مبارڪ آهي " يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ " اي ايمان وارو! جڏهن ٽولي ڪري بيهندڙ ڪافرن سان جنگ جي مقابلي ۾ سامهون اچي ملو تہ انهن کي پٺي ڏئي نہ ڀڄو "زَحْفًا" جي معنىٰ مجتمعين (١) هن عبارت ۾ جنگ جي دوران مجاهدن کي ميدان ڇڏڻ ۽ پٺي ڏئي ڀڄڻ کان روڪيو ويو

(١) تاج التفاسير ص ١٧٥ جزء ١

آهي جهاد مان نڪري ڀڄڻ ۽ پٺي ڏئي وڃڻ وڏي ۾ وڏو گناهہ آهي جيڪڏهن جنگ جي ميدان ۾ ڪافر مسلمانن کان ٻيڻا هجن تہ بہ ڀڄڻ جي موڪل ناهي. (۱)

"وَمَنْ يُوَلِّهِمْ يَوْمَئِذٍ دُبُرَهُ إِلَّا مُتَحَرِّفًا لِقِتَالٍ أَوْ مُتَحَيِّزًا إِلَىٰ فِئَةٍ فَقَدْ بَاءَ بِغَضَبٍ مِنَ اللَّهِ وَمَأْوَاهُ جَهَنَّمُ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ" ۽ جيڪو جنگ واري ڏينهن پٺي ڦيرائي هليو ويندو ان شخص کان سواءِ جيڪو ان پٺي ڏيڻ ۾ بہ جنگي حرفت ۽ ڪاريگري استعمال ڪري ٿو يا پناهہ واري جاءِ ڏانهن پناهہ وٺي ٿو تہ پٺي ڏئي ڀڄندڙ (جنگ جي ميدان مان) الله جي غضب سان موٽيو ۽ ان جي جاءِ جهنم آهي ۽ اها موٽڻ جي لاءِ نهايت بڇڙي جاءِ آهي. مطلب تہ جيڪڏهن ڪي مجاهد ڪنهن جنگي مصلحت جي لاءِ مثال طور ان لاءِ تہ پوئتي هٽي حملو ڪرڻ نهايت اثرائتو ثابت ٿيندو يا ڪو سپاهي پنهنجي مرڪزي فوج کان جدا ٿي ويو آهي ۽ هاڻي پوئتي هٽي انهن سان ملي جنگ ڪري ٿو تہ اهو گناهہ نہ آهي.

فئة ڇا آهي؟

الله تعاليٰ جو فرمان تہ جيڪو فئة ڏانهن اچي پناهہ وٺندو ۽ ملندو ان تي گناهہ نہ آهي ان فئہ مان مراد خود حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن سعيد بن منصور، ابن سعد، ابن ابي شيبه، احمد، عبد بن حميد، الادب المفرد ۾ بخاريءَ، ابوداڻود، ترمذي، ابن ماجہ، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، نحاس، ابو الشيخ، ابن مردويه ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: جنگ جي ميدان مان نڪري وڃڻ وارا مسلمان فجر جي نماز کان اڳ ۾ اچي حضور عليه السلام جي دربار مان معافي طلب ڪرڻ لاءِ ويهي رهيا پاڻ جڏهن نماز پڙهائڻ لاءِ ٻاهر آيا تہ پڇيائون؟ ڪير آهيو؟ عرض ڪيائون تہ جنگ جي ميدان مان نڪري ڀڄڻ وارا، پاڻ فرمايائون تہ " نہ اوهان تہ حملو ڪندڙن ۾ شامل آهيو، اوهان فئة ڏانهن آيا آهيو مان اوهان جي ۽ سڀني مسلمانن جي فئة (پناهہ جي جاءِ) آهيان. (۲)

جنگ جي ميدان مان ڀڄڻ واري لاءِ معافي آهي؟

جنگ جي ميدان مان ڀڄڻ گناهہ تہ بالڪل وڏو آهي جو هڪ ڪي ڀڄندي ڏسي ٻيا بہ بزدل ٿيندا پر رحمة للعالمين صلى الله عليه وسلم جن اهڙن گناهگارن لاءِ بہ معفرت جا دروازا کولائي ڇڏيا آهن تہ متان اهڙي غلطي ڪرڻ کان پوءِ صفا

(۱) حاشيه عثماني ص۲۳۷ طبع سعودي عربيه (۲) الدر المنثور ص ۳۸ جلد ۴

ناامید ٿين ۽ وري جهاد ۾ حصو نہ وٺن، ابن سعد، ابوداؤد، ترمذي ۽ الاسماء والصفات ۾ بيهقيءَ حضرت بلال بن يسار کان ۽ ان رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جي آزاد ڪيل غلام حضرت زيد کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو: جنهن"اَسْتَغْفِرُ اللهَ الَّذِيْ لَاۤاِلٰهَ اِلاَّ هُوَالْحَيُّ الْقَيُّوْمُ" ٽي ڀيرا چيو تہ الله تعالیٰ ان کي مغفرت نصيب ڪندو ڀلي ڪٿي جنگ جي ميدان مان ڀڄي ويو هجي (١) .

فائدو: ياد رکڻ گهرجي تہ هر قسم جي حق واري جهاد ۾ استقامت رکڻ ضروري آهي پوءِ اهو ڪافرن سان هجي يا مرتدن سان يا ڪنهن شبهي ۽ غلط فهميءَ جي ڪري حق واري حڪومت جي برخلاف وڙهندڙن سان، ها غلط فهمي جي ڪري وڙهندڙن سان جيڪڏهن ڪو جنگ جو ميدان ڇڏي ڀڄو تہ ان جي پويان وڃڻ ضروري ناهي حضرت علي رضي الله عنه حضرت معاويه سان جنگ جي دوران اهو حڪم صادر ڪندي فرمايو هو تہ: "اخواننا بغوا علينا" هي اسان جا ڀائر آهن جن اسان جي خلاف بغاوت ڪئي آهي ۽ جڏهن حضرت علي ۽ ام المومنين عائشه رضي الله عنهما جي وچ ۾ جمل نالي مشهور جنگ ٿي ۽ امان سائڻ هٿيار ڇڏيا تہ ان وقت بہ حضرت علي امان سائڻ سان ماءُ وانگر پيش اچڻ جي لائق ۽ مناسب برتاءُ ڪيو، مرتدن (اسلام آڻي وري ڪافر ٿيندڙن) لاءِ حڪم آهي تہ مردن کي قتل ڪيو ۽ عورتن کي قيد ۾ رکو اهوئي وجه هو جو حضرت ابوبڪر يمامہ جي جنگ مان هٿ آيل حضرت بيبي خوله بنت جعفر کي ٻانهي بنائي رکيو ان کان پوءِ ان کي آزاد ڪري سندس نڪاح حضرت علي المرتضیٰ رضي الله عنه سان ڪرايو . (٢)

فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللهَ قَتَلَهُمْ ۪ وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ

پوءِ نہ قتل ڪيو اوهان انهن کي ۽ پر الله قتل ڪيو انهن کي ۽ نہ اڇلايو تو جڏهن اڇلايو تو ۽ پر

اللهَ رَمٰى ۚ وَلِيُبْلِيَ الْمُؤْمِنِيْنَ مِنْهُ بَلَآءً حَسَنًا ۭ اِنَّ اللهَ سَمِيْعٌ

الله اڇلايو ۽ تانت آزمائي مومنن کي پنهنجي طرفان آزمائڻ سهڻو بيشڪ الله ٻڌندڙ،

(١) الد رالمنثور ص٣٩ جلد۴ (٢) نعيمي ص ٥٨٣ جلد ٩

عَلِيْمٌ ۝١٧ ذٰلِكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ مُوْهِنُ كَيْدِ الْكٰفِرِيْنَ ۝١٨ اِنْ تَسْتَفْتِحُوْا

ڄاڻندڙ آهي اهو (تہ ٿيو) ۽ بيشڪ الله ڪمزرو ڪندڙ آهي رٿ ڪافرن جي ڪي جيڪڏهن فتح گهرندؤ

فَقَدْ جَآءَكُمُ الْفَتْحُ ۚ وَاِنْ تَنْتَهُوْا فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَاِنْ تَعُوْدُوْا

پوءِ تحقيق آئي اوهان وٽ فتح ۽ جيڪڏهن رڪجندؤ تہ پوءِ اهو ڀلو آهي اوهان لاءِ ۽ جيڪڏهن موٽندؤ تہ

نَعُدْ ۚ وَلَنْ تُغْنِيَ عَنْكُمْ فِئَتُكُمْ شَيْئًا وَّلَوْ كَثُرَتْ ۙ

موٽنداسون ۽ هرگز نہ دفع ڪندي اوهان کان جماعت اوهان جي ڪا شيءِ جيتوڻيڪ گهڻي هوندي

وَاَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٩

۽ بيشڪ الله گڏ آهي مؤمنن سان

تفسير

اڳين آيتن ۾ غازين ۽ مجاهدن جي ان مدد جو ذڪر هو جيڪا ملائڪن جي ذريعي ڪئي وئي ۽ هتي ان مدد جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪا بغير ذريعي جي سڌي سنئين ڪئي وئي.

شان نزول

جڏهن الله تعالىٰ جي امر سان حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ اصحابي سڳورا رضي الله عنهم بدر جي ميدان ۾ پهتا ۽ ڪين ٻن گرفتار ڪيلن ماڻهن جي هٿان ڪافرن جي لشڪر جي گهڻائي، جنگ جي لاءِ مڪمل تيار ٿي اچڻ جو احوال معلوم ٿيو تہ پاڻ ايزدي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائون تہ: ” اي منهنجا رب! هي مڪي جا قريشي تڪبر ۽ فخر ڪري رهيا آهن انهن تنهنجو مقابلو ڪندي تنهنجي نبي (عليه الصلواة والسلام) کي ڪوڙو چيو آهي تو جيڪو مون کي جنگ ۾ فتح ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي اهو پورو ڪر “ ان کان پوءِ حضرت علي رضي الله عنه کي فرمايائون

تہ: مون کي مٺيءَ جي هڪ مٺ ڪٺي ڏي حضرت علي کين اها ڪٺي ڏني ۽ پاڻ "شَاهَتِ الْوُجُوْهُ" (خراب ٿيا منهن) فرمائي، اها مٺي ڪافرن ڏانهن اڇلايائون تہ اها سڀني جي اکين ۾ تہ پئي پر انهن جي نڪ جي سوراخن ۽ وات ۾ بہ گهڙي وئي، سندن اها ڪاروائي بدر جي جنگ فتح ڪرڻ جو هڪ بنياد ثابت ٿي ۽ ان ڪان پوءِ ٿورن ڪلاڪن ۾ مسلمانن ستر ڪافرن کي قتل ڪيو ۽ ستر کي قيدي بڻايو ۽ سندن لشڪر مان صرف تيرنهن شهيد ٿيا جيڪي بدر جي ميدان ۾ پنهنجن مزارن ۾ آرام فرما آهن. جڏهن انهيءَ عظيم فتح ملڻ کان پوءِ بدر ۾ وڙهندڙن اصحابن پاڻ ۾ گفتگو ڪئي ۽ ڪنهن چيو تہ مون فلاڻي کي هيئن ماريو ڪنهن چيو تہ مون فلاڻي کي هيئن قيدي بنايو (۽ اهو ظاهر ۾ صحيح ۽ جائز بہ هو پر صحابہ جي شايان شان نہ هو جو ان کي پاڻ ڏانهن نسبت ڪن) تڏهن الله تعالىٰ هي آيت نازل فرمائي (۱) فرمان مبارڪ آهي" فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ " پوءِ اوهان انهن کي قتل نہ ڪيو پر الله انهن کي قتل ڪيو.

هن عبارت ۾ مستقل خطاب تہ بدر جي جنگ ڪندڙن غازين سان آهي پر بڌاٽڻو سڀني مسلمانن کي آهي يعني بدر جي جنگ ۾ هٿ تہ اوهان جا هئا پر حقيقي ڪارسازي الله تعالىٰ جي هئي ان جي مدد اوهان سان شامل رهي، ميدان ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو موجود هجڻ، ملائڪن جو نزول اوهان جي دلين کي مطمئن رکڻ، برسات وسائي اوهان جي وهڻ واري جاءِ کي مناسب بنائڻ سڀ ان ڪريم جو ڪرم هو ڪافرن کي بہ حقيقت ۾ قتل ان ڪيو جو اوهان کي وڙهڻ جي جرئت ۽ قوت عطا ڪيائين ان جو شڪر ڪيو ۽ ان ڪم جي نسبت بہ ان ڏانهن ڪيو. "وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى" ۽ تو نہ اڇلايو جڏهن تو اڇلايو پر الله تعالىٰ اڇلايو. اڪثر مفسرن وٽ ان اڇلائڻ مان مراد اهائي مٺيءَ جي مٺ اڇلائڻ آهي جيڪا پاڻ بدر جي جنگ ۾ اڇلائي ڪافرن جي منهن ۾ هنئي هيائون. (۲) هن عبارت ۾ اڇلائڻ جي نفي بہ ذڪر ڪيل آهي تہ ثبوت بہ. "اِذْ رَمَيْتَ" مان مراد هٿ سان اڇلائڻ آهي "مَارَمَيْتَ" مان مراد ڪافرن جي اکين ۾ پهچائڻ ۽ ان ۾ وجهڻ آهي، مطلب تہ اوهان جڏهن اها مٺيءَ جي مٺ اڇلائي هئي تہ انهن جي اکين تائين پهچائي انهن ۾ اوهان نہ وڌي هئي پر الله تعالىٰ وڌي هئي ثبوت هڪ شيءِ جو آهي تہ نفي ٻيءَ شيءِ جي يا هٿ اوهان جاقوت اسان جي يا ڪم اوهان جو اذن اسان

(۱)روح البيان ص ۳۲۵ جلد ۳ روح المعاني ص ۱۸۴ جلد ۳ جز۹(۲) زاد المسير ص ۳۳۳ جلد ۳

جو مراد آهي. (۱)مقصد تہ بناساز سامان جي تعداد ۾ بہ ٿورڙن مسلمانن ۾ اها طاقت ڪٿان هئي جو ان وڏي هٿيارن سان ڀرپور لشڪر کي شڪست ڏين ها اهو سڀ الله تعالیٰ جي قدرت جو ڪمال آهي جو مٺيءَ جي مٺ هزار ڪن ڪافرن جي اکين ۾ اهڙي نموني وڌائين جو اهي اکين مهٽڻ ۾ مشغول رهيا ۽ مسلمانن انهن تي زبردست حملو ڪري کين شڪست ڏني.

"وَلِيُبْلِيَ الْمُؤْمِنِيْنَ مِنْهُ بَلَآءً حَسَنًا" ۽ تانتہ مومنن کي پنهنجي طرفان سهڻي نموني آزمائي، چاڻڻ گهرجي تہ الله تعالیٰ ٻانهن کي جيئن آفتن ۽ تڪليفن سان آزمائيندو آهي تيئن نعمتن ڏيڻ سان بہ آزمائيندو آهي.هتي آزمائڻ جو اهو ٻيو قسم مراد آهي يعني الله تعالیٰ اهي بدر جي جنگ واريون سموريون ڪارروايون ان جي ڪري ڪيون تہ ڪافرن کي ختم ڪري ۽ مومنن کي آزمائڻ لاءِ پنهنجي طرفان نعمتون عطا ڪري تہ شڪر ڪن ٿا يا نہ. "اِنَّ اللّٰہَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ" بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي جنهن پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جي گهريل دعاٻڌي قبول ڪئي ۽ ان کي مسلمانن جي حال جو بہ علم آهي تہ جيڪڏهن مسلمان بدر جي جنگ ۾ هار کائي ويا تہ آئنده جي لاءِ انهن جون دليون مايوس رهنديون ۽ همت ۽ جرئت سان ڪابہ جنگ نہ لڙندا. "ذٰلِكُمْ وَاَنَّ اللّٰہَ مُوْهِنُ كَيْدِ الْكٰفِرِيْنَ" اهو (تہ وٺو) ۽ يقينًا الله ڪافرن جي رٿ کي ڪمزور بنائيندڙ آهي. هن عبارت ۾ "ذٰلِكُمْ" لڪل لفظ "خذوا" جو مفعول آهي يعني هينئر هي نعمتون تہ وٺو ٻيون نعمتون اڳتي عطا ٿينديون يا اهو لفظ المقصود جي خبر آهي يعني ان جنگ جا ٻہ مقصد آهن "۱" اوهان کي انعام ۽ اڪرام سان نوازڻ "۲" ڪافرن جي مڪر ۽ فريب کي ڪمزور ڪرڻ.

"اِنْ تَسْتَفْتِحُوْا فَقَدْ جَآءَكُمُ الْفَتْحُ" جيڪڏهن فتح گهرو پيا تہ يقينًا اوهان وٽ فتح آئي آهي مطلب تہ جيڪا شيءِ گهرو ٿا اها اوهان کي ملي "وَاِنْ تَنْتَهُوْا فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ" ۽ جيڪڏهن رڪجندؤ تہ پوءِ اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي مطلب تہ اي بدر جي جنگ ۾ لڙڻ وارؤ! جيڪڏهن اوهان آئنده جي لاءِ غنيمت جي تقسيم وغيره ۾ اختلاف کان رڪجندئو ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام جي تقسيم تي راضي رهندؤ تہ اوهان جي لاءِ بهتر آهي جو هرجنگ ۾ فتح ۽ نصرت اوهان جا قدم چمندي "وَاِنْ تَعُوْدُوْا نَعُدْ" ۽ جيڪڏهن اوهان موٽندؤ تہ اسين بہ موٽنداسون، مطلب تہ جيڪڏهن اوهان آئنده وري بہ اختلاف ڪيا تہ عتاب جي هيٺان رهندؤ ۽ اسين اوهان

(۱) نعيمي ص ۵۸۷ جلد ۹

جي مدد نه ڪنداسون (۱) " وَلَنْ تُغْنِيَ عَنْكُمْ فِئَتُكُمْ شَيْئًا وَّلَوْ كَثُرَتْ وَاَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ " ۽ اوهان ڪان اوهان جي پناهه واري ڪابه شيءِ تڪليف دفع نه ڪندي پلي ڪيتري به گهڻي هجي ۽ بيشڪ الله ايمان وارن سان گڏ آهي مطلب ته اوهان جي ڪاميابي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي غلامي، اطاعت ۽ اتباع ۾ آهي جي اها ڇڏيو ته اوهان کي ڪابه پناهه بچائي نه سگهندي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ نه آهي ته الله تعالىٰ جي رحمت ايمان وارن سان گڏ آهي ۽ انهن کي ڪير به ڪو نقصان نه ڏئي سگهندو. (۲)

يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا اَطِيْعُو اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَاَنْتُمْ

اي ايمان وارو! اطاعت ڪيو الله ۽ ان جي رسول جي ۽ نه ڦرو ان ڪان ۽ اوهان

تَسْمَعُوْنَ ﴿۲۰﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿۲۱﴾

ٻڌو پيا ۽ نه هجو انهن وانگر جو چيائون ته ٻڌوسون ۽ اهي نه پيا ٻڌن

تفسير

اڳئين آيت ۾ ڪافرن کي چيو ويو هو ته الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول مقبول صلى الله عليه وسلم جي مخالفت ڪان پري رهو نه ته ڪيتري به دنيوي طاقت رکندڙ هوندؤ ته به الاهي عذاب ۽ پڪڙ ڪان بچي نه سگهندؤ هنن آيتن ۾ مسلمانن سان خطاب ڪندي ڪين هدايت ڪئي وئي آهي ته اوهان به محتاط رهو ۽ الله جل شانه ۽ ان جي حبيب عليه الصلواة والسلام جي بي فرمانيءَ ڪان بچو گويا بي فرمانن کي فرمانبرداريءَ ڏانهن متوجهه ڪرڻ ڪان پوءِ فرمانبردارن کي فرمانبرداريءَ تي قائم رهڻ لاءِ تاڪيد ڪيو ويو آهي. ارشاد مبارڪ آهي "يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا اَطِيْعُو اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَاَنْتُمْ تَسْمَعُوْنَ" اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪيو ۽ ان حال ۾ جو اوهان ٻڌو پيا ان ڪان منهن نه ڦيرايو. مطلب ته اي

(۱) التفسير الكبير ص ۱۴۲ جزء ۱۵ (۲) نعيمي ص ۵۹۵ جلد ۹

مومنؤ! اوهان پوري جا پورا الله جل شانه ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جا پڪا مطيع ۽ فرمانبردار ٿي رهو. دنياجون حالتون ۽ حادثا ڪٺي ڪيترو به اوهان کي ڦيرائڻ ۽ هٽائڻ گهرن تہ ان حال ۾ جواوهان الاهي فرمانۦ نبوي ارشاد ٻڌي چڪا آهيو ڪنهن به قيمت ۾ انهن جي اطاعت کان منهن نہ موڙيو. "وَلَا تَكُونُوا كَالَّذِينَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ" ۽ انهن وانگر نہ ھجو جن چيو تہ اسان ٻڌو آهي حالانڪ اهي ٻڌن ڪونہ ٿا. هن عبارت ۾ الله ايمان وارن کي روڪي ٿو تہ انهن ڪافرن وانگر نہ ٿين جيڪي چون ٿا تہ اسان اوهان جي زبان مان قرآن ڪريم جون آيتون ٻڌيون آهن حالانڪ اهي حق جي ٻڌڻ کان ٻوڙا ۽ ڏسڻ کان انڌا آهن نہ دل سان ٻڌن ٿا ۽ نہ انهن ۾ غور ۽ فڪر ڪن ٿا. (۱).

فائدو: هنن آيتن کي " يَاأَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا" سان شروع ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ شرعي احڪام صرف مومنن مسلمانن تي جاري آهن ڪافرن کي ڪفر جي زماني واريون ضايع ٿيل نمازون ۽ روزا قضا ڪرڻا ناهن ۽ نہ ان زماني جي زڪواة ڏيڻي اٿن. ڇوتہ اسلام ۽ ايمان آڻڻ کان اڳ ۾ انهن تي ادائي ڪانہ هئي تہ قضا ڇاجي ڪندا؟.

تنبيه: ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪي ڪافر مسلمانن جي رعيت ٿيو رهيا پيا آهن انهن تي مسلمانن جي سياسي ۽ ملڪي احڪام جي اطاعت ڪرڻ لازم آهي ان جي ڪري انهن کي چوريۦ، ڌوڪي ۽ رشوت خوريۦ کان پري رهڻ بہ لازم آهي ڇوتہ اهي ملڪي معاملا آهن جن جو هرملڪي فرد ذميدار آهي (۲).

إِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَاللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۲۲﴾

بيشڪ بڇڙا جانور الله وٽ ٻوڙا گونگا آهن جيڪي عقل نہ ٿا رکن ۽ جيڪڏهن ڄاڻي ها الله انهن

وَلَوْعَلِمَ اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ وَلَوْ اَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا

۾ ڪا ڀلائي تہ البت ٻڌائي ها انهن کي ۽ جيڪڏهن ٻڌائي ها انهن کي تہ البت ڦري وڃن ها

وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۲۳﴾

حالانڪ اهي منهن موڙيندڙ آهن.

(۱) ايسر التفاسير ص ۱۲۹ جلد ۲ (۲) نعيمي ص ۶۰۱ جلد ۹

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جي نہ ٻڌڻ جو ذڪر هو، " وَهُمۡ لَايَسۡمَعُوۡنَ" ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي بدترين مخلوق هجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

شان نزول

عربن جي قبيلي بني عبد الدار بن قصي وارن هڪ پيري حضور عليه الصلواة والسلام جن کي چيو تہ اسين اوهان جون ڳالهيون ٻڌڻ کان ٻوڙا ۽ ڪلمي پڙهڻ کان گونگا آهيون انهن جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي ۽ انهن مان ٻن ڄڻن حضرت مصعب بن عمير ۽ سويل بن حرمله کان سواءِ سمورا احد جي جنگ ۾ مارجي ويا باقي اهي ٻہ اسلام قبول ڪري حضور عليه الصلواة والسلام جا اصحابي بڻيا هئا (۱) ۽ هڪ قول آهي تہ ڪافر حضور عليه الصلواة والسلام جن کي اچي چوندا هئا تہ جيڪڏهن اوهان الله تعالىٰ جا سچا رسول آهيو تہ اسان جي لاءِ قصي بن ڪلاب کي جيئرو ڪريو جيڪو نهايت برڪت پريو ٻانهو هو زنده ٿيڻ کان پوءِ اهو جيڪڏهن شاهدي ڏي تہ اوهان الله تعالىٰ جا سچا رسول آهيو تہ اسين بہ شاهدي ڏينداسون تہ واقعي اوهان الله جا نبي آهيو انهن جي ان سوال جي جواب ۾ آيو تہ جيڪڏهن اسين انهن کي اها شاهدي ٻڌرايون تہ بہ ڦري ويندا (۲) فرمان مبارڪ آهي "اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنۡدَاللهِ الصُّمُّ الۡبُكۡمُ الَّذِيۡنَ لَايَعۡقِلُوۡنَ" بلاشڪ جاندارن مان بدتر جانور اهي آهن جيڪي ٻوڙا، گونگا آهن عقل بہ نہ ٿا رکن.

مطلب تہ جيڪي ماڻهو ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي قوتن مان صحيح فائدو نہ ٿا وٺن ۽ انهن مان حق سمجهڻ ۽ حق جي پيغام پهچائڻ جو فائدو نہ ٿا حاصل ڪن انهن جو انسانن ۾ شمار ئي نہ ڪيو ويندو انهن جون ظاهري شڪليون ۽ صورتون ڪٿي انسانن جون آهن پر حقيقت ۾ اهي ٻوڙا ۽ گونگا بدترين جانور آهن جن کي عقل ئي ڪونہ آهي "وَلَوۡ عَلِمَ اللهُ فِيۡهِمۡ خَيۡرًا لَّاَسۡمَعَهُمۡ" ۽ جيڪڏهن الله انهن ۾ چڱائي ڄاڻي ها تہ انهن کي ٻڌرائي ها. مقصد تہ انهن ۾ حق جي قبول ڪرڻ جي لياقت ۽ الاهي ڪلام جي سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ جي توفيق پيدا ڪئي وڃي ها پر جڏهن تہ انهن مسلسل سرڪشيءَ ۽ ڄاڻي واڻي ڪفر ۽ عناد سان پنهنجي ان استعداد ۽

(۱) روح المعاني ص ۱۹۰ جز ۹ جلد ۳ (۲) مظهري ص ۴۶ جلد ۱۴

اهليت جو گلو گهٽيو آهي تڏهن ڪين ڪوبہ فائدو نہ ٿيو آهي ۽ نہ ٿيندو . " وَلَوۡ اَسۡمَعَهُمۡ لَتَوَلَّوۡا وَّهُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ " ۽ جيڪڏهن انهن کي ٻڌارائي ها تہ بہ ڦري وڃن ها ان حال ۾ جو اهي منهن موڙيندڙ آهن. الغرض تہ جيڪڏهن الله تعالىٰ ان مثل کي زنده ڪري ان جي شاهدي انهن کي ٻڌرائي ها تہ بہ ان کان ڦري وڃن ها. الله تعالىٰ جي ٻانهن کي الله تعالىٰ جا احڪام دل سان ٻڌڻ گهرجن.

يَاۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اسۡتَجِيۡبُوۡا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوۡلِ اِذَا دَعَاكُمۡ لِمَا

اي ايمان وارؤ! قبول ڪيو الله جي لاءِ ۽ رسول جي لاءِ جڏهن سڏي اوهان کي ان لاءِ جو

يُحۡيِيۡكُمۡ ۚ وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوۡلُ بَيۡنَ الۡمَرۡءِ

جيئرو ڪري اوهان کي ۽ يقين ڪريو تہ بيشڪ الله اوٽ ٿو بڻجي انسان

وَقَلۡبِهٖ وَاَنَّهٗۤ اِلَيۡهِ تُحۡشَرُوۡنَ ﴿۲۴﴾

۽ سندس دل جي وچ ۾ ۽ بيشڪ اهو ئي الله آهي جنهن ڏانهن اتاريا ويندؤ.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي بدبختين جو ذڪر ڪيو ويو هو تہ اهي ڪنن جي هوندي ٻوڙا ۽ زبان جي هوندي گونگا ۽ عقل جي هوندي بي عقل رهن ٿا ڇو تہ انهن انهن مان فائدو نہ ورتو ۽ هن آيت ۾ مسلمانن کي حڪم ڪيو ٿو وڃي تہ اوهان پنهنجي ساري قوت الله ۽ ان جي محبوب رسول عليه السلام جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ان جي صورت اها آهي تہ جنهن وقت اوهان کي الله تعالىٰ جو نبي عليه الصلواة والسلام سڏي تہ حاضر ٿي وڃو، فرمان مبارڪ آهي " يَاۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اسۡتَجِيۡبُوۡا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوۡلِ اِذَا دَعَاكُمۡ لِمَا يُحۡيِيۡكُمۡ " اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي رسول جي سڏ کي جنهن وقت بہ اوهان کي سڏي قبول ڪيو، ان جي لاءِ تہ اوهان کي زندگي بخشي.

مطلب تہ: جنهن وقت ۽ جنهن بہ ڪم لاءِ اوهان کي الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول

صلى الله عليہ وسلم جو سڏ ٿئي تہ حاضر ٿيو ان سان اوهان کي حقيقي ۽ ابدي زندگي ملندي قلب زندہ ٿيندو ان مان انڌيرا دور ٿيندا ۽ غفلت نڪري ويندي .

شان نزول

• ترمذي ۽ نسائي حضرت ابوهريرة رضي اللّٰعنہ کان روايت آندي آهي تہ: حضور عليہ الصلواة والسلام جن (پنهنجي اصحابيءَ) ابي بن ڪعب کان ان حال ۾ لنگهيا جو اهو نماز پڙهي رهيو هو پاڻ ڪيس سڏ ڪيائون تہ تڪڙ ۾ نماز پوري ڪري سندن خدمت ۾ آيو پاڻ ڪيس فرمايائون تہ توکي منهنجي سڏ جي جلد جواب ڏيڻ کان ڪهڙيءَ شيءِ روڪيو؟ ان عرض ڪيو تہ مان نماز ۾ هوس پاڻ فرمايائون تہ "ڇا الله تعالىٰ ڪونہ فرمايو آهي تہ "اي ايمان وارؤ! جڏهن بہ اُوهان کي الله ۽ رسول (عليہ الصلواة والسلام) جو سڏ ٿئي تہ قبول ڪيو" ان عرض ڪيو تہ: جڏهن بہ اوهان جو سڏ ٿيندو تہ (بلا تاخير ڪهڙي بہ ڪم ۾ هوندس) حاضر ٿيندس ڪٿي نماز ۾ ڇونہ هجان. (۱) امام بخاري ڪتاب التفسير ۾ حضرت ابو سعيد بن معلي رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي ان ٻڌايو تہ مان نماز پڙهي رهيو هوس تہ نبي ڪريم صلى الله عليہ وسلم جن مون وٽان اچي لنگهيا ۽ مون کي سڏ ڪيائون، مان نماز پوري ڪري حاضر ٿيس تہ پاڻ فرمايائون : سڏ ٻڌڻ شرط ڇو نہ آئين؟ ڇا الله تعالىٰ جو فرمان نہ آهي تہ : ايمان وارؤ! جنهن وقت بہ الله ۽ ان جو رسول (عليہ الصلاة والسلام) اوهان کي سڏين تہ قبول ڪيو؟ (۲).

" وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ" ۽ ڄاڻو تہ الله انسان ۽ ان جي دل جي وچ ۾ اوٽ ٿيندو آهي. يعني الله تعالىٰ سيني شين ۾ تصرف ڪندڙ آهي ۽ اهوئي ان ڳالهہ تي قادر آهي جو انسان ۽ سندس دل جي خواهشات جي وچ ۾ اوٽ ٿئي ۽ حائل بنجي. ان جي ئي هٿ ۾ هر شيءِ آهي ان ڪان ئي ڊڄي خوف رکي سندس سڏ کي قبول ڪرڻ ۾ دير نہ ڪجي. (۳) انسان ڪيتروئي دانشمند ۽ طاقتور ڇونہ هجي جيڪڏهن سندس ارادن ۾ الله تعالىٰ جو حڪم رڪاوٽ پيدا ڪندو تہ ڪجهہ نہ ڪري سگهندو ڇوتہ دلين تي حڪمراني تہ ان جي آهي اهو گهري تہ ٻانهي جي دل کي معرفت جي نور سان چمڪائيندڙ بنائي ڇڏي ۽ نہ گهري تہ ان لاءِ هدايت جا سڀ چمڪندڙ ڏياوسامي وڃن سڀ ڪجهہ ان جي ڪرم سان آهي.

(۱) مظهري ص ۴۶ جلد ۴ روح المعاني ص ۱۹۱ جزءِ ۹ (۲) تفسير القاسمي ص ۳۴ سورة الانفال جلد ۵ (۳) البحر المحيط ص ۴۸۱ جلد ۴

دين تي ثابت رهڻ لاءِ دعا

امام احمد ۽ ترمذي حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ حضور عليه الصلواۃ والسلام جن گهڻو ڪري دعا جا هي الفاظ چوندا هئا. "يَا مَقلِّبَ الْقُلُوْبِ ثَبِّتْ قلبِنِي علىٰ دِيْنِکَ" اي دلين کي ڦيرائيندڙ! منهنجي دل کي پنهنجي دين تي ثابت رک ۽ مسلم شريف ۾ هي وڌيڪ آيو آهي تہ پاڻ فرمايائون: سڀني انسانن جون دليون الله تعالىٰ جي (قدرتي) ٻن آڱرين ۾ ائين آهن جيئن هڪ دل. جيئن وڻيس تيئن ڦيرائين. (۱)

" وَاَنَّهٗ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ" ۽ بلاشڪ ان ڏانهن ئي اٿاريا ويندو. مطلب تہ اها ڳالهہ ذهن ۾ رکو تہ هي دنيا هميشه رهڻ جي جاءِ ناهي آخرڪار مالڪ ڏانهن موٽي هلڻو آهي ۽ ان جي اطاعت نہ ڪرڻجي ڪري اتي پڇتائيندؤ پر اهو ڪم جو نہ ٿيندو.

مسئلہ: جيڪڏهن نمازي نماز جي حالت ۾ حضور عليه اصلواۃ السلام جن جي سڏ تي سندن خدمت ۾ حاضر ٿئي ۽ جنهن ڪم جو حضور عليه الصلواۃ والسلام جن حڪم ڪن اهو بہ ڪري تڏهن بہ اهو نماز ۾ چئبو باقي رهيل رڪعتون پوريون ڪري نماز ٽي ويندي نماز نہ پجندي،چونہ جيئن نماز بہ حضور عليه الصلواۃ والسلام جن جي سڏ جي حاضري آهي تہ ٻئي سڏتيِ وڃڻ بہ ستدن حاضري آهي. (۲) نماز جي حالت ۾ حضور عليه الصلواۃ والسلام جن تي"السلام عليک ايهاالنبي"چئي خطاب سان سلام پڙهڻ سان نماز ڪمال کي ٿي پهچي.

ڪِن صورتن ۾ نماز ڀڃي سگهجي ٿي؟

"۱" جيڪڏهن ڪو شخص نفلي نماز پڙهي رهيو آهي ۽ ان کي ماءُ سڏيو حالانڪ ماءُ کي خبر نہ آهي تہ ڪو منهنجو پٽ نماز پڙهي رهيو آهي تہ اهو نفل ڀڃي ماءُ جي سڏ کي جيءُ چوي. "۲" جيڪڏهن نماز پڙهندڙ ڏسي رهيو آهي تہ ڪو ماڻهو بي خبريءَ ۾ چت تان پٽ تي يا واٽ ويندڙ کوهہ ۾ ڪري رهيو آهي تہ نمازيءَ تي حق آهي تہ نماز ڀڃي ان کي بچائي . "۳" جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو نماز شروع ڪئي ۽ ان کان ريل گاڏي نڪري وڃي رهي آهي يا جهاز اڏامي رهيو آهي يا مجاهد پنهنجو گهوڙو ٻڌي نماز شروع ڪئي ۽ اهو گهوڙو ڀڄو ٿو وڃي تہ انهن صورتن ۾ نماز

---

(۱) تفسير ابن ڪثير ص ۲۹۸ جلد ۲ (۲) بيضاوي ڪامل ص ۳۳۷

پڄي انهن کي پهچڻ جائز آهي مگر نماز وري منڍ کان پڙهڻي پوندي. (۱) .

فائدو: مٿين آيت مان ثابت ٿيو ته جيئن الله تعاليٰ جي سڏ قرآن پاڪ کي مڃڻ ضروري آهي تيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي سڏ حديث کي به مڃڻ ضروري آهي ۽ حديث پاڪ جو منڪر هن آيت ڪريمه جو به منڪر آهي.

وَاتَّقُوْا فِتْنَةً لَّاتُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَآصَّةً ۚ وَاعْلَمُوْٓا

۽ ڊڄو ان فتني کان جو هرگز نه پهچي انهن کي جو ظلم ڪيائون اوهان مان خاص ڪري. ۽ ڄاڻو

اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝۲۵ وَاذْكُرُوْٓا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ

ته بيشڪ الله سخت عذاب وارو آهي ۽ ياد ڪيو جڏهن اوهان ٿورا هيئو ڪمزور سمجهيل

فِى الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ فَاٰوٰىكُمْ

زمين ۾ ڊڄو پيا ته جهٽي هڻي کڻي نه وڃن اوهان کي ماڻهو پوءِ پناهه ڏنائين اوهان کي

وَاَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝۲٦

۽ ڏنائين ٻيائين اوهان جي مدد پنهنجي سان ۽ رزق ڏنائين اوهان کي پاڪ شين مان تانته اوهان احسان مڃيو

تفسير

اڳئين آيت ۾ الله جل جلاله ۽ ان جي رسول صلی الله عليه وسلم جي سڏ کي قبول ڪرڻ جو حڪم ۽ ان کي قبول ڪرڻ تي ملڻ واري ثواب جو ذڪر هو ۽ هتي ان حڪم کي نه قبول ڪرڻ جي ڪري ملندڙ سزا جو ذڪر ٿي رهيو آهي. فرمان مبارڪ آهي. " وَاتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَآصَّةً " ۽ ان فتني کان ڊڄو جيڪو خاص ڪري انهن کي هرگز نه پهچندو جن اوهان مان ظلم ڪيو.

مقصد ته: جيڪڏهن اوهان مان گهڻا نيڪي نه ڪن ۽ ظلم ۽ بي فرماني اختيار ڪن ۽ اوهان انهن کي چڱائي چوڻ ۾ سستي ڪيو ته اهو هڪ قسم جو

(۱) نعيمي ص ٦۱۵- ٦۱٦ جلد ۹

فتنو آهي جنهن جي لپيٽ ۾ گناهه ڪندڙن سان گڏ اوهان نه ڪندڙ به اچي ويندؤ. هن مان ثابت ٿيو ته مسلمانن کي پنهنجي اثر واري علائقي ۽ ماحول ۾ ڪنهن به جرم ۽ گناهه کي قائم رهڻ جي سختيءَ سان مخالفت ڪرڻ گهرجي ڇوته جيڪڏهن ائين نه ڪندا ته سيئي الاهي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويندا. ترمذي ۽ ابوداءُود قيس بن حازم کان ۽ ان حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمائن پيا ته " ان الناس اذا روا الظالم فلم ياخذوا علي يده اوشک ان يعمهم الله تعالىٰ بعقاب (١) يعني ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته جڏهن ماڻهو ظالم کي (ظلم ڪندي ڏسندا) پوءِ ان جا هٿ نه روڪيندا ته اها ڳالهه قريب آهي جو الله تعالىٰ انهن (سڀني) کي عام عذاب ۾ مبتلا ڪري " وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ" ۽ ڄاڻو ته بلاشڪ الله (تعالىٰ) عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي. جيڪو ان جي امر جي مخالفت ڪندو ان کي آخرت جي عذاب کان سواءِ دنيا ۾ به ڪڏهن ڪڏهن سزا ڏيندو آهي " وَاذْكُرُوْٓا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ فِى الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ" ۽ (اها نعمت به) ياد ڪيو جڏهن اوهان زمين ۾ ٿورا نهايت ضعيف سمجهيل هيئو ڊڄو پيا ته متان اوهان کي ماڻهو (ڪافر) جهٽي کڻي هليا وڃن. مطلب ته دنيا جي وڏين طاقتن روم ۽ فارس يا ٻين جي ڀيٽ ۾ اوهان جي ڪابه حيثيت نه هئي. " فَاٰوٰىكُمْ وَاَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ" پوءِ اوهان کي پناه ڏنائين ۽ پنهنجي مدد سان اوهان کي قوت ڏنائين ۽ پاڪ شين مان رزق عطا ڪيائين ته اوهان ان احسان ۽ مهربانيءَ جو شڪر ادا ڪري سندس مهربانين کي مڃيو، مقصد ته اوهان الله تعالىٰ جي ان احسان ۽ نعمت کان غافل نه رهو جو اوهان کي مدينهمنوره ۾ رهائش ڏنائين انصارن جهڙا بي مثال قرباني ڏيندڙ ياٺر عطا ڪيائين ۽ پاڪ صاف، رزق به عنايت فرمايائين. ان مالڪ مٺي جو شڪر ۽ ذڪر ڪندا رهو. (٢).

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْٓا

اي ايمان وارو! نه خيانت ڪيو الله ۽ رسول سان ۽ (نه) خيانت ڪيو امانتن پنهنجن ۾

اَمٰنٰتِكُمْ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ

حالانڪ اوهان ڄاڻو ٿا. ۽ يقين ڄاڻو ته ان کان سواءِ ڪجهه به ناهي ته اوهان جا مال

(١) روح المعاني ص١٩٤ جلد٣ جزء٩ (٢) المراغي ص١٩٠ جلد٣ جزء٩

وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ وَّاَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۲۸﴾

۽ اوهان جو اولاد فتنو آهن ۽ بيشڪ الله ان وٽ ثواب وڏو آهي

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ وقتي ۽ عام فتني جو " وَاتَّقُوْا فِتْنه" سان ذڪر ڪيو ويو ۽ هتي شخصي ۽ هر وقت گڏ رهڻ واري فتني مال ۽ ۽ اولاد جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

شان نزول

عرب جي قبيلي بني عوف بن مالڪ مان هارون بن منذر نالي انصاري صحابي هو جنهن جي ڪنيت ابو لبابہ هئي (رضي الله عنه) ان جا ٻار ۽ ٻچا بني قريظہ يهودين جي محلي ۾ رهندا هئا جو سندس گهر بہ اصل اتي هو. جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن خندق جي جنگ کان پوءِ ايڪويهہ ڏينهن انهن بني قريظہ يهودين جو اهڙو سخت گهيراءُ ڪيو جو اهي تنگ ٿي صلح جي لاءِ تيار ٿيا تڏهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن انڪار ڪندي فرمايو تہ: جيڪڏهن اوهان صلح پسند آهيو تہ سعد بن معاذ کي حڪم ٿا بنايون اهو اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري" انهن عرض ڪيو تہ ڀلا ابو لبابه کي اسان ڏي موڪليو تہ ان سان ان جي باري ۾ صلاح مشورو ڪيون. حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن ابولبابه کي انهن ڏانهن موڪليو جڏهن انهن ڪانئس سعد بن معاذ کي حڪم مقرر ڪرڻ لاءِ مشورو ورتو تہ ان ڪين پنهنجيءَ ڳچيءَ تي تلوار هلائڻ جو آڱر سان اشارو ڏئي ٻڌايو تہ: اهو تہ اوهان کي قتل ڪرائي ڇڏيندو. ۽ ابو لبابه اهو اشارو صرف ان جي ڪري ڏنو جو ڪيس بني قريظہ جي پاڙي ۾ رهندڙن پنهنجن ٻارن ۽ ٻچن جي تڪليف پهچڻ جو خطرو ذهن ۾ هو، ان جي ڪري ان کان اها ڳالهہ ٿي وئي، پر فوراً ڪيس اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ آئي تہ مون تہ الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول مقبول عليه الصلواة والسلام سان خيانت ڪري وڌي. جو سندن راز کي ظاهر ڪري ويٺو آهيان. اتانهين جيئن موٽي آيو تيئن پاڻ کي نبوي مسجد (علىٰ بانيه الصلوات والتسليمات) جي هڪ ٿنڀ سان ٻڌي ڇوڙ لڳو تہ جيڪڏهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي پاڪ هٿن سان مون کي هن ٿنڀ کان ڇوڙيندا تہ

نيک نہ تہ مان نہ کائيندس نہ پيئندس ائين ئي ہڏو پيو هوندس. حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ جڏهن اهو واقعو پيش ڪيو ويو تہ پاڻ فرمايائون: ابو لبابه سڌو مون وٽ اچي ها تہ مان سندس حق ۾ مغفرت جي دعا گهران ها هاڻي جڏهن تہ اهو سڌو سنئون مالڪ جي بارگاهہ ڏانهن متوجهہ ٿيو آهي تہ ان پاڪ رب جي فيصلي جو انتظار ڪري، ابو لبابه ست ڏينهن نہ ڪاڌو نہ پيتو تانجو جڏهن بيهوش ٿي ويو تڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي رب پاڪ جي طرفان سندس توبه قبول ڪرڻ جو ارشاد پهتو ۽ پاڻ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان ڳالهہ ڪيائون تہ ابولبابه رضي الله عنه جي توبه الله تعالیٰ قبول ڪئي آهي. ابولبابه کي اچي ٻڌايائون تہ تنهنجي توبه قبول ٿي وئي آهي هاڻي تہ پاڻ کي کول ان چيوتہ مان پاڻ کي تيستائين هرگز نہ ڪوليندس جيستائين حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن مون کي نہ ڪوليندا. پوءِ حضور پاڪ صاحب (لولاک عليه اکمل الصلوات وافضل التسليمات) جن اچي کيس ان ٿنڀ مان کوليو ۽ سيني ايمان وارن کي آئنده اهڙي غلطي ۽ خيانت ڪرڻ کان روڪڻ جي لاءِ هيءَ آيتون نازل ٿيون (۱).

(هاڻي ان ٿنڀ کي ماٿهو اسطوانة ابولبابه چوندا آهن ۽ اتي نفل پڙهي توبه ڪندا آهن) ان توبه قبول ٿيڻ کان پوءِ ابولبابه حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ: مون کان اها غلطي گهر، ٻارن ۽ مال ملڪيت جي محبت ڪرائي آهي ان جي ڪري مان اتي جو رهڻ وغيره ختم ڪري پنهنجو سمورو مال فقيرن ۽ غريبن ۾ خيرات ڪيان ٿو (۲). فرمان مبارک آهي "يَاأَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا لاتَخُوْنُوا اللهَ وَالرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْا أَمَانَاتِكُمْ وَأَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ" يعني اي مومنو! الله ۽ رسول سان خيانت نہ ڪيوءِ نہ ڄاڻي واڻي پنهنجي امانتن ۾ خيانت ڪيو. الله تعالیٰ ۽ ان جي رسول سان خيانت مان مراد ڇا آهي؟ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ الله تعالیٰ جي فرضن کي ڇڏڻ الله تعالیٰ سان خيانت آهي ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي سنت کان منهن موڙڻ سندن پاڪ ذات سان خيانت آهي اهڙيءَ طرح مسلمانن جا راز دشمنن تائين پهچائڻ، حڪومت جي سربراهن، اعلیٰ آفيسرن ۽ ملازمن جي پنهنجي فرائض جي ادائگيءَ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ، ملڪ جي صنعت ڪارن ۽ تاجرن جي طرفان ملڪي صنعت ۽ ڪاروبار ۾ ديانتداريءَ کي نظر انداز ڪرڻ الله تعالیٰ ۽ ان جي

(۱) تفسير خازن ص ۱۷۹ روح المعاني ص۱۹۵جز۹ جلد۳ (۲) نعيمي ص ۶۲۹ جلد ۷

رسول عليه الصلواة والسلام سان خيانت ڪرڻ ۾ داخل آهي (١) " وَاعْلَمُوْا اَنَّمَا اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ " ۽ ڄاڻو تہ ان ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي تہ اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد فتنو آهن. فتني مان مراد آزمائش آهي. حقيقت بہ اهائي آهي تہ مال ۽ اولاد کان وڌيڪ سخت آزمائش ڪا بہ ناهي انهن جي محبت انسان کي بزدل بہ بنائيندي آهي تہ بخيل بہ، مومن تي واجب آهي تہ مال ۽ اولاد جي آزمائش ۾ ڪامياب رهي حلال مال ڪمائي ان کي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ کپائي نيڪيءَ جي ڪمن ۾ استعمال ڪري، اولاد جي سهڻي تربيت ڪري، ڪين ديني ڪمن جو عادي بنائي پلا ڪم ڪرائي براين کان بچائي "وَاَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ" يعني الله تعاليٰ وٽ ئي وڏو ثواب آهي. اهو مال ۽ اولاد جي متعلق ان جي احڪام تي عمل ڪندڙ کي وڏو درجو ۽ ثواب عطا فرمائيندو (٢).

فائدو: جيڪڏهن ڪنهن انسان جو عقيدو غلط ناهي پيو ڪو گناهہ يا غلطي ان کان صادر ٿئي ٿي تہ اهو ڪافر نہ ٿيندو: مٿين آيت ۾ الله تعاليٰ خيانت ڪندڙ کي مومن ڪري سڏيو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ عَنْكُمْ

اي ايمان وارو! جيڪڏهن ڊڄندؤ الله کان تہ ڪندو واسطي اوهان جي فرق ڪندڙ شيءِ ۽ ميٽيندو اوهان کان

سَيِّاٰتِكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ۝۲۹

برايون اوهان جون ۽ بخشيندو واسطي اوهان جي ۽ الله وڏي پلائيءَ وارو آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ مال ۽ اولاد جي فتني جو ذڪر هو هاڻي تقويٰ جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي جنهن جي ذريعي ماڻهو ان آزمائش ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو. ارشاد ايزدي آهي "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا" يعني اي ايمان وارو! جيڪڏهن الله تعاليٰ کان ڊڄندؤ تہ اوهان جي لاءِ فرق ڪندڙ شيءِ بنائيندو. ڄاڻڻ

(١) ضياءُ القرآن ص ١۴٢ جلد ٢ (٢) المراغي ص ١٩٥ جلد٣ جزء٩

گهرجي تہ فرقان ان شيءِ کي سڏيو ويندو آهي جيڪا ٻن شين ۾ واضح فرق ڪري، ان جي ڪري فيصلي کي بہ فرقان سڏيو ويندو آهي ڇوتہ اهو حق ۽ ناحق ۾ فرق ڪندو آهي الله تعالیٰ جي مدد کي بہ فرقان سڏيو ويندو آهي جو ان جي ذريعي حق کي فتح ۽ باطل کي شڪست ملندي آهي ۽ ٻنهي ۾ فرق واضح ٿيندو آهي قرآن ڪريم ۾ ان ئي لحاظ سان بدر جي جنگ واري ڏينهن کي " يَوْمَ الْفُرْقَانِ" سڏيو ويو آهيءِ هتي " فُرْقَانًا" مان مراد اڪثر اصحابن ۽ قرآن پاڪ جي مفسرن وٽ الله تعالیٰ جي مدد، نصرت ۽ حفاظت آهي جيڪا انهن سان گڏ هوندي ۽ ڪين ڪير بہ نقصان ۽ ايذاءُ پهچائي نہ سگهندو ۽ پنهنجي نيڪ مقصدن ۾ ڪاميابي ماڻيندا (١) " وَيُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيَغْفِرْلَكُمْ" ۽ اوهان کان اوهان جون برايون ميٽيندو ۽ اوهان کي بخش ڪندو.

ٻہ حديثون

"١" محدث بزار حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ حضور عليه السلام جن فرمايو تہ: قيامت جي ڏينهن انسانن جي لاءِ ٽي دفتر کوليا ويندا. "١" اهو جنهن ۾ سندس صالح عمل هوندا "٢" اهو جنهن ۾ ان جا گناهہ هوندا "٣" اهو جنهن ۾ ان تي الله تعالیٰ جي طرفان ڪيل نعمتن جو ذڪر هوندو. الله تعالیٰ انهن نعمتن مان نهايت ننڍيءَ نعمت کي فرمائيندو تہ: تون پنهنجي بدلي ۾ هنن جي نيڪ ۽ صالح عملن مان حصو وٺ. اها ننڍي ۾ ننڍي نعمت جڏهن ان مان حصو وٺندي تہ ان جا سڀ صالح عمل پورا ٿي ويندا ۽ اها بارگاهہ ايزديءَ ۾ عرض ڪندي تہ يا الله! اڃان مون پنهنجو پورو حصو نہ ورتو آهي پوءِ ٻانهي جا صرف گناهہ ۽ مٿس ڪيل ٻيون نعمتون رهنديون ۽ جڏهن الله تعالیٰ ٻانهي تي رحم ڪرڻ جو ارادو فرمائيندو تہ کيس حڪم ڪندو تہ: اي منهنجا ٻانها! مون تنهنجي لاءِ نيڪين کي ٻيڻو ڪري تنهنجي براين کان درگذر فرمائي توکي نعمت عطا ڪئي اٿم.

"٢" طبراني حضرت واصلة بن الاسقع رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: الله تعالیٰ قيامت جي ڏينهن هڪ اهڙي ٻانهي کي اٿاريندو جنهن جي مٿان گناهہ نہ هوندا. پوءِ ان کي فرمائيندو تہ: ٻن امرن مان ڪهڙو امر پيارو اٿئي؟ توکي تنهنجي عمل جو بدلو ڏيان يا توتي پنهنجي نعمت ڪيان ٻانهو عرض ڪندو تہ: اي منهنجا رب! تون وڏيڪ ڄاڻندڙ آهين تہ مون تنهنجي ڪا بہ بي فرماني نہ ڪئي آهي. الله تعالیٰ

(١) معارف القرآن ص ٢١٨ جلد۴

فرمائيندو تہ: منهنجي ٻانهي (جي نيڪ عملن ڪي) منهنجي نعمت جي بدلي ۾ وٺو. جڏهن ملائڪ ان جي نيڪ عملن ڪي مٿس ڪيل نعمتن جي بدلي ۾ وٺندا تہ ان جي ڪابہ نيڪي نہ بچندي تڏهن عرض ڪندو تہ يا الله! مون ڪي پنهنجي نعمت ۽ رحمت سان نوازڻ فرماءِ.

" وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ " ۽ الله وڏي ڀلائيءَ وارو آهي، مطلب تہ سندس طرفان تقويٰ ڪندڙن کي برائين ميٽڻ ۽ گناهن بخشڻ جو فرمان سندس خالص فضل ۽ احسان آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ " يُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ " مان مراد ننڍا گناهہ ميٽڻ آهن ۽ "وَيَغْفِرْلَكُمْ" مان مراد وڏا گناهہ بخشڻ آهن. (۱)

وَاِذْ يَمْكُرُبِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ

(۽ ياد ڪر) جڏهن رٿ پيا ڪن تولاءِ اهي شخص جو ڪفر ڪيائون تانت قيد ڪن توکي يا شهيد ڪن توکي يا

يُخْرِجُوْكَ ۚ وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ ۚ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿۳۰﴾

ڪڍن توکي ۽ رٿ ڪن پيا ۽ رٿ ڪري پيو الله ۽ الله ڀين رٿ ڪندڙن کان ڀلو آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ الله وڏي فضل وارو آهي ۽ هتي ان فضل جي اظهار جو هڪ واقعو پيش ڪيو ويو آهي جيڪو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي هجرت وقت پيش آيو هو.

شان نزول

جڏهن مسلمان مکه مکرمه کان هجرت ڪري ٻين علائقن ۾ وڃي رهيا ۽ اتي فراغت، سڪون ۽ آرام سان الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ لڳا تہ اها ڳالهہ مکه مکرمه ۾ رهندڙن ڪافرن کي تمام ڳري لڳي تہ هي سڪ جو ساهہ ڇو پيا کڻن؟ ان کان پوءِ وري مدينه منوره جا رهاڪو انصار سڳورا حج تي آيا تہ انهن مان ٻارنهن ڄڻن حضور عليه الصلواة والسلام جن تي ايمان آڻي سندن بيعت ڪئي ۽ ٻئي سال وري

(۱) تفسير مظهري ص ۵۵ جلد ۴

ستر ڄڻن بيعت ڪئي ان بيعت کي بيعة العقبة سڏيو ويو آهي اها خبر بہ جڏهن مڪه پاڪ جي رهندڙن ڪافرن کي پئي تہ اهي وڌيڪ غصي ۾ آيا ۽ هڪ ڏينهن سڀ قريشي سردار قصي بن ڪلاب جي گهر ۾ گڏ ٿي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪرڻ لڳا تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ (حضرت) محمد(صلی الله عليه وسلم)جن جو معاملو اسان جي وس کان ٻاهر نڪري پري پري وارن علائقن تائين اثر انداز ٿي رهيو آهي. اڃان اها ڳالهہ ٻولهہ هلي پئي تہ هڪ پوڙهو شخص دروازي تي پهتو ان چيو تہ مان نجد جو شيخ آهيان مون کي خبر پئي تہ اوهان ڪنهن اهم گڏجاڻيءَ ۾ آهيو مون سوچيو تہ مان بہ اوهان سان شريڪ ٿي اوهان کي ڪو سٺو ۽ سهڻو مشورو ڏيان (اهو شيطان لعين هو جيڪو انساني صورت ۾ ٿي آيو هو) ڪافرن ان کي بہ پنهنجي ميٽنگ ۾ شريڪ ڪيو ڳالهہ اڳتي هلي تہ ان نجدي شيخ جي صورت ۾ آيل شيطان چيو تہ اول اوهان پنهنجا مشورا ڏيو. ابوالبختري بن هشام ڪافر چيو تہ مسلمانن تي سختيون ڪري وس ڪيو ائٿون تہ من اهي مڙن پر نہ ٿا مڙن هاڻي اسان کي (حضرت) محمد (صلی الله عليه وسلم) جي وجود کي ختم ڪرڻ جو انتظام ڪرڻو آهي جنهن لاءِ منهنجي راءِ آهي تہ ان کي هڪ گهر ۾ وجهي گهر جو دروازو پٿرن سان اهڙو بند ڪري ڇڏجي جو ڪلي نہ سگهي ۽ پاڻ اتي اندر هلاڪ ٿي وڃي (معاذ الله) اهو ٻڌي ان نجدي شيخ چيو تہ: اهو مشورو صحيح نہ آهي ڇو تہ سندس (حضور عليه الصلواة والسلام جا) مائٽ ۽ قوم وارا بني هاشم اها ڳالهہ برداشت نہ ڪندا. ڪيس اتاهين ڪڍي ويندا ۽ مڪه پاڪ ۾ خانه جنگي شروع ٿي ويندي ۽ ان مان (حضرت) محمد (صلی الله عليه وسلم) کي ئي فائدو پهچندو اها راءِ بہ قبول نہ ٿي. ان کان پوءِ بني عامر بن لوئي قبيلي جي هشام بن عمرو نالي شخص اٿي چيو تہ ان (حضرت حبيب عليه الصلواة والسلام) کي هڪ اٺ تي وهاري مڪه (پاڪ) کان ايترو پري ڪڍي ڇڏيو جو وري مڪي (پاڪ) ڏانهن منهن ئي نہ ڪري ۽ اسين ان کان هميشه لاءِ ڇٽي پئون. نجدي شيخ چيو تہ اها راءِ بہ قابل قبول ناهي اوهان ڏسو ٿا تہ ان (حضور عليه الصلواة والسلام) جي زبان (مبارڪ) ڪيتري فصيح ۽ مؤثر آهي جو پنهنجيءَ ڳالهہ ٻولهہ سان ماڻهن جون دليون موهي ٿو وجهي جيڪو سندس ٻول ٻڌي ٿو اهو ان جو ٿي ٿو وڃي جيڪڏهن اوهان ان کي مڪه (پاڪ) مان ڪڍي ڇڏيو تہ اهو جتي بہ رهي اتي جي رهاڪن کي مسلمان بنائيندو ۽ پوءِ انهن کي پاڻ سان وٺي اوهان تي اهڙو حملو ڪندو جو اوهان پاڻ

مکي (پاڪ) ۾ رهي نہ سگهندؤ، اهو تہ اوهان پنهنجي هلاڪ ڪرڻ لاءِ پاڻ فيصلو ڪري رهيا آهيو. اهو مشورو بہ رد ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ ابوجهل اٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ منهنجي راءِ هي آهي تہ قريشين جي هر هڪ خاندان مان ڪجهہ نوجوان تيز ۽ تکيون تلوارون کڻي هڪدم ان (حضور عليه الصلواة والسلام) تي سخت حملو ڪري کيس قتل (شهيد) ڪري ڇڏين ۽ اها خبر ئي نہ پوي تہ ڪنهن جي ذڪ سان قتل (شهيد) ٿي ويا جڏهن سيئي قريشي خاندان ان ۾ ملوث ٿيندا تہ بني هاشم سيني سان وڙهي نہ سگهندا ۽ مجبور ٿي خون بها وٺڻ تي راضي ٿيندا ۽ سيئي پاڻ ۾ چندو ڪري اها خون بها پري ڏينداسون ۽ هميشہ لاءِ پريشاني دور ٿي ويندي. نجدي شيخ اهو مشورو پسند ڪندي چيو تہ هيءَ راءِ نهايت اعلىٰ آهي ۽ راءِ ڏيندڙ بہ وڏو عقلمند ۽ هوشيار آهي. (معاذ الله ثم معاذ الله) جڏهن سيني ان راءِ کي منظور ڪيو ۽ سيئي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا تڏهن الله جل شانه جبرئيل سڳوري کي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ موڪلي سمورو تفصيلي احوال پيش ڪرائي مکه مکرمه مان هجرت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ جو حڪم فرمايو ۽ هيئن ٿيو جو مکي پاڪ جا ڪافر تيز تلوارون کڻي حضور عليه الصلواة والسلام جن کي شهيد ڪرڻ جي ارادي سان سندن پاڪ حويليءَ جو گهيراءُ ڪري اچي بيٺا. الله جل شانه جي پياري نبي عليه الصلواة والسلام ان ئي رات مکي مکرمه مان هجرت ڪرڻ جو فيصلو فرمايو. پر سندن پاڪ ذات وٽ انهن ڪافرن دشمنن جون ڪجهہ امانتون پيل هيون سي کين پهچائڻ لاءِ حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه کي ڏئي کيس پنهنجي بستري تي سمهاري تسلي ڏيندي فرمايائون تہ: تون منهنجي بستري تي سمهي رهہ ڪافر تنهنجي وار ڪي بہ ڪجهہ ڪري نہ سگهندا. اهي امانتون ڪافرن کي پهچائي پوءِ مون ڏانهن مديني پاڪ هليو اچجانءِ. حضرت علي رضي الله عنه نهايت خوشيءَ سان سندن ان فرمان تي عمل ڪيو ۽ پاڻ قرآن ڪريم جون آيتون " إِنَّا جَعَلْنَا فِي أَعْنَاقِهِمْ أَغْلَالًا فَهِيَ إِلَى الْأَذْقَانِ فَهُمْ مُقْمَحُونَ. وَجَعَلْنَا مِنْ بَيْنِ أَيْدِيهِمْ سَدًّا وَمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَأَغْشَيْنَاهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُونَ (۱) (بيشڪ اسان سندن ڳچين ۾ ڳٽ وڌا پوءِ اهي ڪاڏين تائين (پيل) اٿن تنهن ڪري اهي ڳاٽي ٽنگيل آهن ۽ اسان سندن اڳيان اوٽ ۽ سندن پويان اوٽ ڪئي سون پوءِ انهن کي مٿان ڍڪي ڇڏيوسون پوءِ اهي نہ ڏسندا) پڙهي سندن حويلي پاڪ جي چوڌاري بيٺلن ڪافرن جي گهيري جي وچان ٻاهر نڪري سڌا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه

(۱) سورة ياسين آيتون ۸-۹

جي گھر آيا ۽ ان کي پنهنجو اعتماد ۽ پروسي جهڙو سچو ساٿي سمجهي گڏ وٺي مکي پاڪ کان ڪجهه فاصلي تي ثور نالي غار ۾ گهڙي اچي ويٺا. هوڏانهن بيٺل ڪافر حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ بستري تي ستل حضرت علي رضي الله عنه کي خود حضور عليه الصلواة والسلام سمجهي سڄي رات گهر مبارڪ کي گهيرو ڪيو بيٺا رهيا صبح جو جڏهن سندن بستري تان حضرت علي اٿيو ته ڪافر ڏسي حيران ٿي ويا ۽ پڇيائونس ته: اي علي! (حضرت) محمد (صلى الله عليه وسلم) ڪٿي آهي؟ پاڻ فرمايائون ته الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ته ڪٿي آهي؟ پوءِ اهي ڪافر حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڳولڻ لاءِ چئني طرفين ٽڙي ويا ۽ انهن مان ڪي ان غار جي منهن تي به اچي پهتا جنهن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عند تشريف فرما هئا. پر الله تعالىٰ جي امر سان ان جي منهن تي ڪوريئڙي ڄار ٺاهي ڇڏيو ۽ ان ڄار تي ڪبوتر آنا لاهي وٺي هئي اها صورت ڏسي انهن هڪ ٻئي کي چيو ته جيڪڏهن ڪي هن غار ۾ اندر وڃن ها ته نه اهو ڄار رهي ها نه اهي آنا هجن ها. ائين چئي اهي واپس هليا ويا ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي سچي ساٿي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن سان گڏ ٽي ڏينهن ان غار ۾ رهي پوءِ مدينه منوره ڏانهن روانا ٿيا هن آيت ۾ ان واقعي کي بيان ڪيو ويو آهي (۱) فرمان ايزدي آهي "وَاِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ" يعني اي محبوب (عليڪ الصلواة والسلام) اهو وقت ياد فرمايو جڏهن اوهان جي باري ۾ ڪافر رٿون پيش ڪري رهيا هئا ته اوهان کي قيد ڪري رکن يا اوهان کي شهيد ڪن يا اوهان کي مکي مان ڪڍي ڇڏين. "وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ" ۽ اهي به رٿ رٿين پيا ۽ الله به رٿ رٿي پيو ۽ الله رٿ ڪندڙن مان ڀلو رٿ ڪندڙ آهي سندس رٿ ڪامياب هوندي آهي ۽ سندس رٿ جي خلاف رٿيندڙن کي ناڪامي ۽ ڪانسواءِ ڪا به شيءِ نصيب نه ٿيندي آهي.

حضرت ابوبڪر کي هجرت ۾ گڏ کڻڻ جو سبب

حضرت امام حسن عسڪري عليه الرحمه والرضوان پنهنجي تفسير ۾ وضاحت ۽ صراحت سان لکيو آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي هجرت ۾ الله جل شانه جي حڪم سان ڪنيو هو (۲)

(۱) زاد المسير ص ۳۴۷ جلد ۳ وسيرة ابن هشام ص ۴۸۰ - ۴۸۳ جلد ۱ التفسيرالكبير ص ۱۵۵ جزء۱۵ (۲) ضياءُ القرآن ص ۱۴۵ جلد ۲

ان مان ثابت ٿيو تہ ابو بڪر صديق رضي الله عنه الله تعالیٰ وٽ بہ پسنديده شخصيت آهي جنهن کي پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام جو مٿن اهڙي سخت حملي ٿيڻ جي امڪاني حالت ۾ بہ رفيق بنايائين.

فائدا: "١" هن آيت جي شان نزول پڙهڻ مان ظاهر ٿيو تہ شيطان جو هيڊ ڪوارٽر نجد جو علائقو آهي جو ڪافرن جي پيچڻ تي ٻڌايائين تہ مان نجدي شيخ آهيان ۽ اهوئي سبب هوندو جو حضور عليه الصلواة والسلام جن نجد جي لاءِ دعا نہ گهري هئي. امام بخاري الجامع الصحيح ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَنَا فِیْ شَامِنَا اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَنَا فِیْ يَمَنِنَا قَالُوْا يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَفِیْ نَجْدِ نَا قَالَ اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَنَا فِیْ شَامِنَا اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَنَافِیْ يَمَنِنَا قَالُوْا يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَفِیْ نَجْدِنَا فَاَظُنُّهٗقَالَ فِی الثَّالِثَةِ هُنَا کَ الزَّلَازِلُ وَالْفِتَنُ وَبِهَا يُطْلَعُ قَرْنُ الشَّيْطَانِ (١)

يعني اي الله! اسان جي شام ۽ اسان جي يمن ۾ برڪت پيدا ڪرڻ فرماءِ (عرض ڪرڻ وارن) عرض ڪيو تہ: ۽ اسان جي نجد ۾ (برڪت پوڻ لاءِ بہ دعا فرمايو تہ پاڻ ان لاءِ دعا نہ گهرندي وري) فرمايائون! اي الله! اسان جي شام ۽ اسان جي يمن ۾ برڪت پيدا ڪرڻ فرماءِ (عرض ڪرڻ وارن) عرض ڪيو تہ: ۽ اسان جي نجد ۾ (برڪت پيدا ٿيڻ لاءِ بہ دعا فرمايو) حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه فرمايو تہ) مان سمجهان ٿو تہ پاڻ ٽئين ڀيري فرمايائون تہ " اتي زلزلا ۽ فتنا هوندا ۽ اتاهين شيطان جو سڱ ظاهر ٿيندو.

نڪتو

هن حديث پاڪ ۾ شيطان جي سڱ جو ذڪر ٻنن وجهن جي ڪري ڪيو ويو هڪ تہ جيئن حيوان جي ساري جسم ۾ سڱ ئي سخت هوندو آهي تيئن نجدي بہ برائيءَ ۾ شيطان کان سخت آهي جو تہ شيطان لعنتي بنجڻ ۽ تڙجڻ وقت چيو هو تہ " اِلَّاعِبَادَکَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ (٢) تنهنجي خالص ٻانهن کي گمراهہ نہ ڪري سگهندس. مگر هي نجدي انهن خالص ٻانهن جي پويان بہ بسترا ٻڌيو پيا هلندا تہ انهن کي گمراهہ ڪيون. ٻيو تہ سڱ وارو جانور جڏهن ڪنهن سان وڙهندو آهي تہ ان کي سڱ هڻي پويان پاڻ زورڏيندو آهي شيطان بہ جيڪڏهن ڪنهن کي گمراهہ

(١) مشڪواة المصابيح باب ذڪر اليمن والشام ص۵۸۲ (٢) سورة ص آيت ٨٣

ڪرڻ جي پويان پوندو آهي تہ ان ڏانهن نجدي عقيدي وارن ڪي موڪلي پاڻ ان جي پويان زور ڏيندو آهي . ٿيون تہ جڏهن سڳ وارو جانور ڪنهن جاءِ ۾ گهڙندو آهي تہ اول سڳ داخل ڪندو پوءِ پاڻ بہ داخل ٿيندو آهي شيطان بہ جڏهن جهنم ۾ داخل ٿيندو تہ اول نجدين گمراهن ڪي داخل ڪري پوءِ پاڻ داخل ٿيندو. حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي فرمان مقدس ۾ ڪئي حڪمتون هونديون آهن.

فائدو۲: هن آيت مبارڪ مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ الله جل جلالہ جي نبي عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي آندل سچي دين جي دشمني ۽ مخالفت ڪرڻ شيطان ۽ سندس سائين ڪافرن جو ڪم آهي ۽ الله تعالىٰ جي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم ۽ ان جي آندل سچي دين ۽ دينديارن جي حفاظت ۽ سنڀال مالڪ مني ۽ ان جي پيارن ٻانهن جو ڪم آهي.

وَإِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِمْ آيَاتُنَا قَالُوا قَدْ سَمِعْنَا

۽ جڏهن پڙهيون وڃن ٿيون انهن تي آيتون اسان جون تہ چون ٿا تحقيق ٻڌوسين

لَوْ نَشَاءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هَٰذَا ۙ إِنْ هَٰذَا إِلَّا أَسَاطِيرُ الْأَوَّلِينَ ﴿٣١﴾

جيڪڏهن گهرون اسين تہ البت چئون اسين مثال هن جي ناهن هي مگر آڪاٽيون پهرين جون

تفسير

اڳين آيتن ۾ عربن ڪافرن جي ان مڪر ۽ فريب جو بيان هو جيڪي اهي حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ ذات لاءِ رٿي رهيا هئا ۽ هن آيت ۾ انهن جي ان مڪر ۽ فريب جو بيان ڪيو ويو آهي جيڪي اهي قرآن پاڪ جي متعلق ماڻهن جي دلين ۾ وجهندا هئا، فرمان ايزدي آهي " وَإِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِمْ آيَاتُنَا قَالُوا قَدْ سَمِعْنَا لَوْ نَشَاءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هَٰذَا " يعني جڏهن انهن (ڪافرن) جي اڳيان اسان جون آيتون (قرآن ڪريم) تلاوت ڪيون وڃن ٿيون تہ چون ٿا تہ جيڪڏهن اسين گهرون ها تہ ان جهڙو چئي وجون ها. ڪافرن جو مقصد هو تہ اسين اهڙو ڪلام ناهڻ نہ ٿا گهرون جيڪڏهن گهرون ها تہ اهڙو ڪلام ناهي سگهون ٿا. پر اهو سندن

بيان صرف زباني هو ڪين قرآن پاڪ چئلينج ڏنو جيڪو اجا تائين قائم آهي پر ڪنهن ۾ به اهڙي جرئت نه ٿي نه ٿيندي. "اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ" هي ته صرف پهرين جون آکاڻيون آهن ٻيو ڪجهه ناهي.هي به ڪافرن جي قول جو حصو آهي ته: قرآن پاڪ ۾ صرف اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جي هلاڪ ٿيلن امتن جا قصا ۽ آکاڻيون آهن ٻيو ڇا آهي؟ انهن ڪافرن دلين جي انڌن کي الاهي ڪلام جي اسرار، رموز ۽ حڪمتن جي حقيقت جي خبر نه هئي تڏهن اها بک ڪري رهيا هئا.

وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ

۽ جڏهن چيائون ته اي الله! جيڪڏهن هجي هي اهوئي حق وٽان تنهنجي

فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ اَوِائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۳۲﴾

پوءِ وساءِ مٿان اسان جي پٿر آسمان کان يا آڻ اسان وٽ عذاب دردناڪ

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ

۽ نه آهي الله تانت عذاب ڪري انهن کي حالانڪ تون انهن ۾ آهين

وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿۳۳﴾

۽ نه آهي الله عذاب ڪندڙ انهن کي ان حال ۾ جو اهي مغفرت طلب ڪن ٿا

تفسير

شان نزول.ابن ابي حاتم، ابوالشيخ، ابن مردويه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته ابو جهل بن هشام چيو: اي الله! جيڪڏهن هي قرآن تو وٽان آيل حق آهي ته پوءِ اسان تي آسمان کان پٿرو ساءِ، اسان کي هلاڪ ڪر، ان جي جواب ۾ هي آيتون لٿيون (۱) فرمان مبارڪ آهي

(۱) الدرالمنثور ص ۵۵ جلد ۴

"وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَاءِ اَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ" ۽ جڏهن چيائون ته: اي الله! جيڪڏهن هي قرآن سچو تو وٽان آهي ته پوءِ اسان تي آسمان کان پٿر وساءِ يا اسان کي دردناڪ عذاب ڪر. هن عذاب جي گهرڻ جي ڪري الله جل جلاله ڪين عذاب ڪري ته سگهيو ٿي پر ڇو نه ڪيائين ان جو جواب هي آهي "وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ" يعني ان حال ۾ جو اوهان انهن ۾ موجود آهيو اوهان جي هوندي اهي پلي عذاب جي گهر ڪن ته به الله تعالىٰ ڪين عذاب نه ڪندو. ڇوته اوهان رحمته للعالمين آهيو. "وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ" ۽ نه الله انهن کي ان حالت ۾ عذاب ڪندو جو اهي گناهن جي مغفرت طلب ڪندا هجن. مفسرن لکيو آهي ته جيڪڏهن ڪو گناهگار گناه ڪرڻ کان پوءِ ان جي مغفرت طلب ڪندو رهندو ته ان تي به عذابﷺ ايندو.

فائدا: "۱" هنن آيتن ۾ غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ ذات اهڙي پياري آهي جو انهن جي هوندي ڪافرن جي عذاب گهرڻ جي باوجود انهن تي عذاب نه آيو ۽ جنهن محبوب عليه الصلواة والسلام جي صدقي دنيا ۾ ڪافرن تي ئي عذاب نه آيو ته مومنن تي ته نه دنيا ۾ ايندو نه آخرت ۾ "۲" ۽ اهو به ثابت ٿيو ته جيئن ڪافر جو عقيدو اونڌو آهي تيئن سندس دعا به اونڌي هوندي آهي جيئن هن آيت ۾ آيو ته: انهن ڪافرن چيو ته اي الله! جيڪڏهن هي قرآن سچو آهي ته اسان تي عذاب لاهه، حالانڪ چوڻ کپندو هو ته يا الله! جيڪڏهن هي قرآن سچو آهي ته اسان کي ان تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي حڪم تسليم ڪرڻ جي توفيق عطا ڪرڻ فرماءِ. (۱).

وَمَا لَهُمْ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَهُمْ يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ

۽ ڇا آهي انهن جي لاءِ جو نه عذاب ڪري انهن کي الله حالانڪ اهي روڪين ٿا مسجد عزت واري۽ کان

وَمَا كَانُوْا اَوْلِيَاءَهٗ اِنْ اَوْلِيَاؤُهٗ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ

۽ ناهن متولي ان جا ناهن متولي انه جا مگر پرهيزگار ۽ پر اڪثر انهن

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۴﴾

مان نه ٿا ڄاڻن

(۱) نعيمي ص ٦٥٢ جلد ۹

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ڪافرن جي طرفان دنيا ۾ آسماني عذاب اچڻ جي لاءِ دعا ۽ دنيا ۾آسماني عذاب نه اچڻ جا اسباب بيان ڪيا ويا ۽ هتي دنيا ۾ ڪين مسلمانن جي هٿان سزائن ملڻ ۽ اخروي عذاب جو ذڪر ڪيو ويو آهي فرمان عاليشان آهي. " وَمَالَهُمْ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَهُمْ يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَمَاكَانُوْا اَوْلِيَآءَهٗ" يعني انهن ڪافرن وٽ آهي ڇا جو الله ڪين عذاب نه ڪندو اهي الله جي عزت واري مسجد کان بہ ماڻهن کي روڪين ٿا حالانڪ ان جا نہ متولي آهن نہ اهو ڪين اختيار مليل آهي. ڇوتہ اهي مشرڪ آهن ۽ مشرڪ بيت الله شريف جي مسجد جا متولي ڪيئن ٿيندا؟ " اِنْ اَوْلِيَآءُهٗٓ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَايَعْلَمُوْنَ" ان (مسجد حرام) جا متولي تہ صرف متقي ۽ پرهيز گار ئي آهن، پر انهن ڪافرن گهڻن کي اهو علم ئي نہ آهي.

مطلب تہ دنيا ۾ انهن ڪافرن کي مسلمانن جي هٿان سزائن ملڻ جو اهو سبب آهي جو اهي الله تعالىٰ جي پياري رسول مقبول صلى الله عليه وسلم ۽ ان جي سچن تابعدارن کي الله تعالىٰ جي گهر ۾ عبادت ڪرڻ کان روڪين ٿا ۽ ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن تہ اهي ڪعبه جا متولي آهن ۽ انهن جو حق آهي جو ان پاڪ گهر ۾ ٽي سؤ سٺ بت رکي انهن جي عبادت ڪن. حالانڪ ان پاڪ گهر ۽ عزت واريءَ مسجد جا متولي تہ اهي ئي پرهيزگار ۽ متقي انسان آهن جن رب پاڪ کي راضي ڪيو ۽ ان جي گهر جي صحيح عزت ۽ تعظيم ڪئي. ڪافرن، ڪوڙن معبودن جي اڳيان پيشاني جهڪائيندڙن ۽ سجدا ڪندڙن جو بيت الله سان ڪهڙو واسطو؟.

فائدا:۱ شبير احمد عثماني صاحب لکيو آهي تہ: اڪثر مفسرن جي قول مطابق: دنيا ۾ تباهي آڻيندڙ آسماني عذاب کان روڪيندڙ بہ شيون آهن "۱" حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جو وجود مسعود جو سندن برڪت سان هن امت تي خواه امت دعوت ڇو نہ هجي تباهي آڻيندڙ آسماني عذاب نہ ايندو. اڻين ڪڏهن ڪنهن وقت ڪنهن فرد تي عذاب اچي وڃي تہ اهو ان جي خلاف ناهي. "۲" استغفار پڙهندڙ جي موجودگي. انهن جي مغفرت طلب دعائن جي صدقي بہ ڪرم ٿيندو آهي. (۱).

(۱) حاشية شبير احمد عثماني صـ ۲۳۹ طبع سعودي عربيه

۲: متي ذڪر ڪيل آيت جي لفظ " وَاَنْتَ فِيهِمْ " مان ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي موجود هجڻ جي ڪري عام تباهه ڪندڙ آسماني عذاب نه ايندو ۽ الحمد لله اهو اڄ تائين نه آيو آهي ان سان ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن دنيا مان ظاهري رحلت ڪرڻ ڪان پوءِ به اسان ۾ موجود آهن. الله تعالىٰ جو فرمان مبارڪ آهي "وَمَااَرْسَلْنَاكَ اِلاَّ رَحْمَةً لِّلعَالَمِيْنَ" (۱). يعني اسان اوهان کي جهانن جي لاءِ رحمت بنائي موڪليو آهي ۽ رحمت هرجاءِ تي موجود آهي.

حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما جي خوشنصيبي

متئين آيت جي مطابق جڏهن ڪافرن تي به انهن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي موجود هجڻ جي ڪري عذاب نه آيو ۽ امن ۾ رهيا ته مومن تي ته سندن صدقي وڏيڪ رحمت ۽ ڪرم ٿيو ۽ ٿيندو رهندو پر پلاپاڳ ۽ وڏا بخت ته انهن پيارن حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما جا آهن جيڪي دنياوي زندگيءَ ۾ گڏ رهڻ سان گڏ مزار پر انوار ۾ به ساٿن ڪني آهن انهن تي پلايون ۽ پال ته حساب ڪان متي هوندا.

وَمَاكَانَ صَلَاتُهُمْ عِنْدَ الْبَيْتِ اِلَّا مُكَآءً وَّتَصْدِيَةً فَذُوْقُوا

۽ نه هئي نماز انهن جي بيت الله وٽ مگر سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائڻ پوءِ چکو

الْعَذَابَ بِمَاكُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿۳۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ

عذاب سبيان ان جيجو ڪفر ڪندا هيئو، بيشڪ جن ڪفر ڪيو خرچ ڪن ٿا مال پنهنجا

لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ

تانت روڪين واٽ الله جيڪان پوءِ جلد خرچ ڪندا انهنڪي تنهن ڪان پوءِ هوندو انهن تي

حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ ۬ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْآ اِلٰى جَهَنَّمَ يُحْشَرُوْنَ ﴿۳۶﴾

افسوس ان ڪان پوءِ مغلوب ڪيا ويندا ۽ جن ڪفر ڪيو طرف جهنم جي گڏ ڪيا ويندا

(۱) سورة الانبياءآيت ۱۰۷

تفسير

اڳين آيتن ۾ مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن جي غلط دعائن جو بيان هو ۽ هتي انهن جي طرفان ڪعبه الله شريف ۾ اداڪيل برائي نام لغو نمازن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

شان نزول

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ مڪه مڪرمه ۾ رهندڙ عرب، قريشي ڪافر بالڪل اگهاڙا ٿي ڪعبه الله جو طواف ڪندا هئا مرد بہ عورتون بہ ۽ طواف جي حالت ۾ هٿن سان تاڙيون ۽ وات سان سيٽيون وڄائيندا هئا ۽ انهن حرڪتن کي بهترين عبادت سمجهندا هئا ۽ بني عبدالدار قبيلہ وارا تہ جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي نماز پڙهندي ڏسندا هئا تہ سندن ٻنهي پاسن کان گڏ ٿي کي تاڙيون وڄائيندا هئا تہ کي سيٽيون هڻندا هئا ۽ پنهنجي ان حرڪت کي عبادت ۽ ثواب جو باعث سمجهندا هئا انهن جي متعلق اها پهرين آيت نازل ٿي(۱) بدر واري جنگ ۾ ڪافرن جي لشڪر جو کاڌو ڪارائڻ ٻارهن ڄڻن جي ذمي هو. جيڪو اهي واري واري تي ڏيندا هئا. "۱" ابوجهل بن هشام "۲" عتبه بن ربيعه "۳" شيبه بن ربيعه بن عبدشمس "۴" نبيه بن حجاج "۵" منبه بن حجاج "٦" ابوالبختري بن هشام "۷" نضر بن حارث "۸" حڪيم بن حزام "۹" ابي بن خلف "۱۰) زمعه بن اسود "۱۱" حارث بن عمرو بن نوفل "۱۲"عباس بن عبدالمطلب . اهي سيئي قريشي هئا انهن مان هر هڪ شخص پنهنجي واري ۾ ڏهہ اٺ ڪهي طعام تيار ڪري ڪافرن جي لشڪر کي کاڌو کارائيندو هو ۽ احد جي جنگ جي وقت ابوسفيان بن حرب ڪيترن ڪافرن کي پئسا ڏئي جنگ لاءِ تيار ڪيو. انهن جي متعلق هي آيت نازل ٿي (۲) فرمان مبارڪ آهي " وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمْ عِنْدَ الْبَيْتِ اِلَّا مُكَاءً وَّتَصْدِيَةً " ۽ بيت الله وٽ انهن جي نماز سيٽين ۽ تاڙين وڄائڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هئي. مقصد تہ اهي ڪافر ڪعبه معظمه وٽ وڃي بيهوده حرڪتون ڪندا، سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائيندا ۽ ان کي پنهنجي نماز ۽ ثواب جو ڪم سمجهندا آهن. اڄ تائين هندستان جا هندو بہ مندرن ۾ وڃي اها ساڳي رسومات بجا آڻيندا آهن جيڪا ان پراڻي دور ۾ مڪي

(۱) مظهري ص ٦۳ ج ۴ . نعيمي ص ٦٦۴ ج ۹ القرطبي ص ۴۰۰ ج ۷
(۲) روح المعاني ص ۲۰۴ جز ۹ زاد المسير ص ۳۵۵ جلد ۳ خازن ص ۱۸۴ جلد ۲.

پاڪ جا رهاڪو مشرڪ ڪندا هئا.

"فَذُوقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ" يعني اوهان جي ڪفر ۽ گندين حرڪتن جي پچاڙي اها آهي ته عذاب چکو، عذاب ۾ رهو هتي عذاب مان مراد دنيا ۽ آخرت جا ٻئي عذاب آهن دنيا ۾ جيئن بدر جي جنگ وقت ڪي قتل ٿيا ته ڪي قيدي بنجي نهايت ذليل ۽ خوار ٿيا ۽ آخرت ۾ جهنم جو ٻارڻ بنجندا. (۱) "اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" بلاشڪ جن ڪفر ڪيو پنهنجا مال ان لاءِ خرچ ڪن ٿا ته الله جي واٽ کان روڪين. يعني اسلام کان روڪڻ لاءِ ماڻهن کي پئسا ڏين ٿا "فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ" ۽ جلد خرچ ڪندا انهن کي تنهن کان پوءِ اهو انهن تي افسوس ۽ حسرت هوندو. ان کان پوءِ مغلوب ڪيا ويندا. مطلب ته اسلام کي الله تعاليٰ غالب بنائيندو ڪفر مغلوب ٿيندو ته اهي ڪفر جي وڌائڻ لاءِ خرچ ڪيل مال به مٿن افسوس ۽ حسرت رهجي ويندا. ڪا به شيءِ پلئه نه پونديـن (۲). "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا اِلٰى جَهَنَّمَ يُحْشَرُوْنَ" ۽ جن ڪفر ڪيو اهي جهنم ڏانهن گڏ ڪيا ويندا. هتي الله تعاليٰ صرف ائين نه فرمايو ته: "وَاِلٰى جَهَنَّمَ يُحْشَرُوْنَ" ڇو ته ان مال خرچ ڪرڻ ۽ اسلام کان روڪڻ جي ڪاررواين ڪرڻ کان پوءِ به جيڪڏهن ڪي مسلمان ٿيا ته اهي ان ۾ داخل نه آهن. جهنم ۾ گڏ صرف اهي ڪيا ويندا جيڪي مرڻ تائين ڪفر کان نه مڙيا (۳).

فائدو: مٿي ذڪر ڪيل آيت ۾ "عِنْدَ الْبَيْتِ" اچڻ سان ثابت ٿيو ته گناهه ڪٿي به ڪيو وڃي ته گناهه آهي پر شرف ۽ شان وارين جاين تي گناهه ڪرڻ اجان وڌيڪ سخت گناهه آهي جو ان ۾ رب پاڪ جي بيفرمانيءَ سان گڏ ان مقدس مقام جي بيحرمتي به آهي ۽ اهو به ثابت ٿيو ته عبادت عقل سان نه ٿاهبي آهي عبادت الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت جو نالو آهي.

لِيَمِيْزَ اللّٰهُ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَيَجْعَلَ الْخَبِيْثَ بَعْضَهٗ عَلٰى

تانته جدا ڪري الله پليد کي پاڪ کان ۽ رکي پليد کي بعض ان جي کي بعض تي پوءِ ڍير

بَعْضٍ فَيَرْكُمَهٗ جَمِيْعًا فَيَجْعَلَهٗ فِيْ جَهَنَّمَ اُولٰٓئِكَ هُمُ

ڪري ان کي سڀني کي پوءِ وجهي ان کي جهنم ۾ اهي ئي

(۱) معارف القرآن ص ۲۲۹ جلد ۴ (۲) روح البيان ص ۳۴۴ جلد ۳
(۳) التفسير الڪبير ص ۱٦۰ جزء ۱۵.

الْخَاسِرُوْنَ ۝ قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْلَهُمْ مَّا قَدْ

خساري وارا آهن فرماءِ انهن کي جو کفر کيائون تہ جيکڏهن رکجندا تہ بخشيو ويندوا نهن لاءِ اهو جو تحقيق

سَلَفَ ۚ وَاِنْ يَّعُوْدُوْا فَقَدْ مَضَتْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ ۝۳۸

اڳي ٿيو ۽ جيڪڏهن وري ڪندا تہ پوءِ تحقيق گذريو طريقو پهرين جو

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ڪافرن جي طرفان اسلام دشمني ۽ ان جي لاءِ مال خرچ ڪرڻ ۽ ان جي دنياوي نتيجي جو ذڪر هو ۽ هاڻي ان خرچ ڪرڻ جي اخروي انجام جو ذڪر ٿي رهيو آهي: ارشاد گرامي آهي "لِيَمِيْزَ اللّٰهُ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ" تانت الله پليد کي پاڪ کان جدا ڪري. مطلب تہ الله تعالىٰ اسلام کي آهستي آهستي غالب ڪندو ۽ ان وچ ۾ ڪافر پنهنجو مال ڪفر جي وڌائڻ لاءِ ڪپائيندا ۽ مسلمان اسلام جي غلبي لاءِ. پوءِ پليدن کان پاڪن کي جدا ڪندو ۽ پاڪ انهن تي غالب رهندا. (۱) "وَيَجْعَلَ الْخَبِيْثَ بَعْضَهٗ عَلٰى بَعْضٍ فَيَرْكُمَهٗ جَمِيْعًا فَيَجْعَلَهٗ فِيْ جَهَنَّمَ" يعني هڪڙن پليدن کي ٻين جي مٿان رکي سيني کي ڍير ڪري جهنم ۾ داخل ڪندو مطلب تہ پهريان اهي جهنم جي ڪناري تي گڏ ٿيندا ان کان پوءِ جهنم ۾ اڇلايا ويندا. (۲). "اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخَاسِرُوْنَ" اهيئي نقصان وارا آهن. جن دنيوي ۽ اخروي عذاب بہ حاصل ڪيا ۽ ٻنهي جهانن ۾ خساري ۾ پيا.

" قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْلَهُمْ مَّاقَدْ سَلَفَ" يعني ڪافرن کي چئو تہ: جيڪڏهن رڪجندا تہ ڪين جيڪي اڳ ۾ ڏوهہ ڪيا هوندائون اهي بخش ڪيا ويندا. مقصد تہ هاڻي بہ جيڪڏهن ڪافر ڪفر، طغيان، اسلام دشمني ۽ حق جي عداوت کان باز ايندا ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي غلامي قبول ڪندا تہ ڪين اڳ ۾، ڪفر جي حالت ۾ ڪيل گناهہ معاف ڪيا ويندا الاسلام يهدم ماڪان قبله. اسلام

(۱) موضح القرآن ص ۲۹۷ (۲) نعيمي ص ۶۷۲ جلد۹

ان کان اڳ ۾ ٿيل گناهن کي ميٽي ڇڏيندو آهي. صرف حقوق العباد جي معافي تيستائين نہ آهي جيستائين حقدار حق نہ بخشي. "وَاِنْ يَعُوْدُوْا فَقَدْ مَضَتْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ" ۽ جيڪڏهن موٽي ڪفر ڪندا تہ پوءِ پهرين جو طريقو گذري چڪو آهي. يعني جيئن اڳيان ماڻهو پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ، نہ مڃڻ ۽ انهن سان عداوت رکڻ جي ڪري تباهہ ٿي ويا تيئن هي بہ تباهہ ۽ برباد ٿي ويندا يا مراد آهي تہ جيئن بدر جي جنگ وقت ڪافرن جو حال ٿيو ۽ ڪين سزا ملي تيئن هنن جو بہ حال ٿيندو ۽ ڪين سزا ملندي (۱).

فائدا

"۱" مٿيئن آيت مبارڪه جي جمله "لِيَمِيْزَ اللّٰهُ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ" مان ثابت ٿيو تہ صحيح انسان جو امتياز ۽ فرق قوميت، وطنيت، زبان وغيره سان نہ آهي بلڪ ايمان ۽ اعمال سان آهي سڀ مومن هڪ قوم آهن پوءِ انهن جي زبان، وطن ۽ قوميت ڀلي ڪٿي مختلف هجي ۽ سيئي ڪافر جدا قوم ۽ مومنن کان جدا آهن جيتوڻيڪ زبان ۽ قوميت ۽ وطن ۾ هڪ هجن. "۲" فَيَرْكُمَهٗ جَمِيعًا" مان ثابت ٿيو تہ قيامت ۾ ڪافر ڪافرن سان ڪٺي هوندا. مومنن سان گڏ نہ هوندا ڀلي ڪٿي ڪيترا بہ سنڌن ويجها مائٽ هجن ۽ مومن مومنن سان گڏ هوندا بلڪ ولين، نبين ۽ خصوصًا حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن سان گڏ هوندا. جيئن فرمان مقدس آهي " فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصّٰلِحِيْنَ" (۲) پوءِ اهي الله جي نعمت ڪيلن نبين، صديقن، شهيدن ۽ صالحن سان گڏ هوندا. "۳" "يُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ" (انهن جا اڳيان گناهہ معاف ڪيا ويندا"). مان ثابت ٿيو تہ اسلام آڻڻ کان اڳ ۾ ڪفر جي حالت ۾ جيڪڏهن ڪنهن شخص مسلمانن کي شهيد ڪيو تہ ان تي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ ان جي ديت يا قصاص نہ رهندو اهڙي طرح ڪفر جي وقت ۾ ڇڏيل عبادتون بہ نہ قضا ڪندو نہ ڪفارت ڏيندو. ٻيا بہ جيڪي گناهہ ڪيا هوندائين اهي سڀ اسلام جي صدقي معاف ٿي ويندس.

(۱)حاشيه شبير احمد عثماني ص ۲۴۰ حاشيه ٦(۲) سورة النساء آيت ٦۹

وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَاتَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِۚ فَاِنِ

۽ جنگ ڪيو انهن سان تانجو نہ هجي فتنو ۽ هجي دين سڄو واسطي الله جي پوءِ جڏهن

انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ۝۳۹ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ

رڪجن پوءِ بيشڪ الله ان ڪي جو ڪن ٿا ڏسندڙ آهي ۽ جيڪڏهن منهن موڙين پوءِ پڪ ڄاڻو تہ بيشڪ الله

مَوْلٰكُمْ ۭ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ۝۴۰

مولا اوهان جو آهي ڀلو آهي مولا ۽ ڀلو آهي مددگار

تفسير

اڳين آيتن ۾ ارشاد ٿيو تہ ڪافر خبيث آهن اهي پاڪ مؤمنن سان گڏ رهي نہ سگهندا انهن کان دنيا ۽ آخرت ۾ جدا هوندا ۽ هتي مومنن کي انهن پليدن، خبيثن ڪافرن سان جهاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي تہ انهن جو زور ٽٽي ۽ اهي مسلمانن تي ظلم ڪري نہ سگهن. فرمان پاڪ آهي " وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَاتَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ " ۽ انهن سان جهاد ڪيو تانجو فتنو نہ رهي ۽ دين سمورو الله جو هجي. يعني عرب جي ڪفارن سان تيستائين جهاد جاري رکو جيستائين عرب ۾ ڪو ڪافر نہ رهي سندن زور ۽ ظلم هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي ۽ ان نيت سان تہ الله جو ڪلمو بلند رهي جهاد ڪرڻ وڏو ثواب آهي. حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن بہ فرمايو آهي تہ " اُمِرْتُ اَنْ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّٰى يَقُوْلُوْا لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ فَاِذَا قَالُوْهَا عَصِمُوْا مِنِّي دِمَاءَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ اِلَّا بِحَقِّهَا وَحِسَابُهُمْ عَلَى اللّٰهِ عَزَّ وَجَلَّ " (۱) يعني مان (الله تعالىٰ جي طرفان ان ڳالهہ جو) امر ڪيو ويو آهيان تہ تيستائين ماڻهن سان جهاد ڪندو رهان جيستائين لا اله الا الله چون پوءِ جڏهن اهو ڪلمون چوندا تہ مون کان پنهنجا رت ۽ مال محفوظ رکندا مگر جيڪڏهن اهي ڪنهن ٻئي حق ۾ وڃڻ جا لائق ٿيا تہ ويندا ۽ انهن جو حساب الله (عزوجل) تي آهي.

(۱) تفسير القاسمي ص ٥٦ جزء۸ جلد ٥

"فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ" پوءِ جيڪڏهن رڪجن تہ پوءِ بلاشڪ الله جيڪي ڪجهہ ڪن ٿا ان کي ڏسندڙ آهي. مقصد تہ جيڪڏهن اهي ڪافر ڪفر کان ۽ اوهان سان جنگ ڪرڻ کان رڪجن تہ الله انهن جي ان نيت ۽ ڪردار کي ڏسي ٿو ڪين ان جي موافق بدلو عطا ڪندو. "وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَوْلٰىكُمْ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ" ۽ جيڪڏهن منهن موڙين تہ پوءِ چڱي طرح ڄاڻو تہ الله تعالىٰ اوهان جو مولا مددگار آهي نهايت ڀلو مولا نهايت ڀلو مددگار آهي. يعني جيڪڏهن ڪافر اوهان جي ديني دعوت نہ ٻڌن ۽ ڪفر، فتني، فساد ۽ اوهان سان وڙهڻ کان نہ مڙن تہ پوءِ اوهان يقين سان ڄاڻو تہ الله اوهان جو مددگار آهي نہ انهن کان ڊڄو ۽ نہ انهن جي پرواهہ ڪيو اهو ڀلو مولا ۽ ڀلو مددگار آهي پنهنجن ٻانهن کي ضايع نہ ڪندو آهي. (۱)

فائدا

"۱" "وَقَاتِلُوْهُمْ" الاية مان ثابت ٿيو تہ عرب ۾ رهندڙ ڪافرن کي يا اسلام قبول ڪرڻو پوندو يا جنگ سان منهن ڏيڻو پوندو. ٻي ڪابہ صورت انهن جي لاءِ نہ آهي، باقي ٻين ملڪن ۾ جزيه وغيره قبول ڪري ڪافرن کي بہ امن امان ڏئي رهائي سگهجي ٿو. "۲" "وَيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ" مان ثابت ٿيو تہ جهاد ۾ غنيمت حاصل ڪرڻ، ملڪ قبضي ۾ آڻڻ ۽ پنهنجي نالي ڪڍڻ جي نيت نہ ڪجي. صرف الله تعالىٰ جي ڪلمہ حق کي بلند ڪرڻ جي نيت ڪجي ۽ جڏهن جهاد جو مقصد پورو ٿئي، ڪافر مسلمان ٿين يا جزيه ڏين تہ پوءِ انهن جي مثان ڪنهن بہ قسم جي تلوار ڪڍڻ منع آهي ڪين فوراً امن ڏجي. (۲).

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ

۽ ڄاڻو تہ تحقيق جيڪي غنيمت بنائي اوهان ڪا شيءِ پوءِ بيشڪ واسطي الله جي آهي پنجون حصو ان جو

وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ اِنْ كُنْتُمْ

۽ واسطي رسول جي ۽ واسطي قرابت وارن جي ۽ يتيمن جي ۽ مسڪينن جي ۽ مسافر جي جيڪڏهن ايمان آندو اٿو

(۱) تفسير المراغي ص ۲۰۸ جلد ۳ جزء۹ (۲) نعيمي ص ۶۸۰- ۶۸۱ جلد ۹

امَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا يَوْمَ الْفُرْقَانِ يَوْمَ الْتَقَى

الله تي ۽ ان تي جو لاٿوسون مٿان ٻانهي پنهنجي فرق ڪندڙ ڏينهن ۾ ان ڏينهن جو مليون

الْجَمْعَانِ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۴۱﴾

ٻه جماعتون (فوجون) ۽ الله هر شيء تي قادر آهي

تفسير

هنن ڪان اڳ ۾ آيل آيتن ۾ مسلمانن کي ڪافرن سان جهاد ڪرڻ جو حڪم مليل هو ۽ هتي جهاد ۾ هٿ آيل غنيمت جي مال ۽ ملڪيت جي ورهائڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

شان نزول

قرآن ڪريم جي مفسرن لکيو آهي ته هيء آيت مبارڪه بدر جي جنگ جي موقعي تي ان وقت نازل ٿي. جڏهن جنگ ختم ٿيڻ ڪان پوء هٿ آيل غنيمت جي مال ورهائڻ جو وقت آيو جڏهن ته ان ڪان اڳ ۾ ڪڏهن به غنيمت جو مال نه ورهايو ويو هو حضرت آدم عليه السلام ڪان وٺي حضرت عيسىٰ عليه السلام تائين اڳين سڀني دينن ۾ غنيمت جو مال جبل تي رکيو ويندو هو جيڪڏهن ان ۾ خيانت نه هوندي هئي ته سفيد رنگ جي غيبي باهه اچي ان کي ساڙي ويندي هئي ۽ اها ان جي مقبوليت جي نشاني هئي جڏهن ته بدر جي جنگ ڪان پوء غنيمت جي مال ورهائڻ جو پهريون موقعو هو تڏهن هن آيت ۾ ان جي تقسيم جو طريقو سمجهايو ويو (۱) ارشاد عالي آهي "وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ" ۽ ڄاڻو ته جيڪو ڪجهه اوهان غنيمت ۾ هٿ ڪيو. قوي قول مطابق هي نئون جملو آهي جنهن جي اول ۾ واو عطف جو نه پر ابتدائيه آندو ويو آهي. ۽ "غَنِمْتُمْ" ورتل آه غنم (غ جي پيش ۽ ن جي سڪون سان) مان. معنىٰ نفعو ۽ ڪاميابي.

(۱) نعيمي ص ۳ جلد ۱۰

غنيمت جي شرعي اصطلاحي معنىٰ

شرعي اصطلاح ۾ غنيمت ان منقول ۽ کڻي سگهڻ جهڙي مال ۽ ملڪيت جو نالو آهي جيڪو مسلمان ڪافرن تي غالب ٿي هٿ ڪندا آهن. ۽ جيڪو غلبي ۽ زور لڳائڻ کان سواءِ حاصل ٿيندو آهي ان کي فيءِ سڏيندا آهن ۽ ان جي تقسيم غنيمت وانگر نه ٿيندي آهي "مِنْ شَيْءٍ" ۾ ان ڳالهه کي بيان ڪيو ويو آهي ته جنگ ۾ هٿ آيل گهٽ ۾ گهٽ شيءِ سئي ۽ ڌاڳي تائين به غنيمت جي مال ۾ جمع ٿيندي ۽ جنگ دوران قيد ٿيندڙ ڪافر به غنيمت جي مال ۾ داخل آهن وقت جي امير کي انهن جي ورهائڻ جو اختيار آهي.

جنگ دوران هٿ آيل مال مجاهدن کي ڇوٿو ڏنو وڃي؟

ياد رکڻ گهرجي ته سچو ۽ حق وارو نظريو جنهن کي اسلام ۽ قرآن بيان فرمايو آهي هي آهي ته ساري ڪائنات اصلي ۽ حقيقي ملڪيت الله رب العزة جل جلاله جي آهي جنهن ان کي پيدا ڪيو آهي وجود ڏنو آهي انسان جي ملڪيت ۾ ڪنهن شيءِ جي اچڻ جو صرف هڪ طريقو آهي جو الله تعالىٰ جي قانون جي مطابق اها شيءِ ان جي حوالي ڪئي وڃي ۽ سندس ملڪيت قرار ڏني وڃي جيئن رب العالمين جل شانه جو سورة ياسين ۾ فرمان آهي اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَا اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مَالِكُوْنَ. (۱) ڇا نه ڏٺائون؟ ته اسان انهن جي لاءِ ان مان جيڪي اسان جي قدرتي هٿن ٺاهيا چوپايا پيدا ڪيا پوءِ اهي انهن جا مالڪ آهن.

جڏهن ڪا قوم الله تعالىٰ سان بغاوت ڪري ڪفر ۾ مبتلا ٿيندي آهي ته پهريائين الله جل شانه انهن کي سڌارڻ جي لاءِ پنهنجا پيغمبر عليهم السلام ۽ ڪتاب موڪليندو آهي ۽ جيڪي بدبخت انهن کان به متاثر نه ٿيندا آهن ته پوءِ جيئن دنياوي حڪومتون باغين کي ڪچلڻ لاءِ فوجن کي ميدان ۾ لاهينديون آهن تيئن مالڪ ۽ خالق به پنهنجن پيارن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جي تابعدارن کي مشرڪن ۽ ڪافرن جي ڪچلڻ لاءِ جهاد جو حڪم ڏئي انهن جي جان ۽ مال مجاهدن جي لاءِ مباح ڪري سندن حوالي ڪندو آهي ۽ جڏهن ته انهن ڪافرن ۽ مشرڪن کي مالڪ مٿي جي عطا ڪيل ملڪيت استعمال ڪرڻ جي اجازت نه

(۱) سورة ياسين آيت ۵۲

آهي تڏهن سندن ملڪيت ۾ مال سرڪاري طور ضبط ڪيا ويندا آهن جن جو پيو نالو مال غنيمت آهي ڪافرن ۾ مشرڪن جي ان ضبط ٿيل مال جي لاءِ قديم زماني ۾ الله تعالىٰ جو قانون اهو هو ته ان مان ڪنهن کي فائدي وٺڻ جي اجازت نه هئي اهڙن مالن کي گڏ ڪري ڪنهن جبل يا ڪليل جاءِ تي رکيو ويندو هو ۽ آسمان کان هڪ قدرتي باهه ايندي هئي جيڪا ان کي ساڙي ڇڏيندي هئي ان دوران مجاهدن جي جهاد مقبول ٿيڻ جي اها ئي نشاني هوندي هئي. مگر خاتم الانبياءِ والمرسلين عليهم الصلواة والسلام جن کي جيڪي رب العالمين جي طرفان خصوصيات عطا ٿيون هيون انهن مان هڪ هيءَ به هئي جو سندن امت جي لاءِ غنيمت جو مال حلال ڪيو ويو ۽ حلال به اهڙو جنهن کي اطيب الاموال سيني مالن مان وڌ ۾ وڌ پاڪ مال، سڏيو وڃي ٿو ۽ اثين سڏڻ جو وجه هي آهي جو جيڪو مال انسان پنهنجي محنت ۽ ڪمائيءَ سان حاصل ڪري ٿو اهو انسانن جي ملڪيت در ملڪيت کان ڦرندو سندس هٿن تائين پهچي ٿو ۽ انهن وچ وارن ڪيترن واسطن ۾ حرام ۽ ناجائز يا مڪروهه طريقن جو به احتمال رهي ٿو پر غنيمت جي مال مان جيڪا شيءِ الاهي آرڊر سان ڪافرن جي عارضي مالڪي مان نڪري ٿي ته اها براهه راست الله جل شانه جي ملڪيت ۾ آهي ۽ هاڻي جنهن کي به ملي ٿي سڌي سنئين الله جل شانه جي ملڪيت مان ملي ٿي جنهن ۾ حرام يا مڪروهه هجڻ جو شبهو به ناهي. مطلب ته غنيمت جو مال اڳين امتن لاءِ حلال نه هو اهو حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي امتن لاءِ انعام طور حلال ڪيو ويو آهي ۽ مذڪوره آيت ۾ ان جي تقسيم جو طريقو ٻڌايو ويو آهي. "فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ" پوءِ يقينًا ان جو پنجون حصو الله جي لاءِ آهي. مقصد ته ان غنيمت جي مال مان پنجون حصو هيٺ ذڪر ڪيلن جي حوالي ڪيو ويندو . هتي الله جل شانه جو ذڪر برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ اهو ٻڌائڻ جي لاءِ ڪيو ويو آهي ته اهو حصو جن کي ملندو اهو انهن تي الاهي انعام ۽ احسان آهي ٻئي ڪنهن جو ٿورو ياڳڻ نه آهي.

سوال: غنيمت واري مال جو پنجون حصو ته آيت ۾ ذڪر ڪيلن کي ملندو. پر چار حصا ڪنهن ڏانهن ويندا؟

جواب: باقي چار حصا مجاهدن ۾ ورهايا ويندا " وَلِلرَّسُوْلِ " ۽ رسول جي لاءِ- هتي الرسول تي آيل لام تمليڪ جو آهي يعني هڪ حصو حضور عليه السلام جن جي ملڪيت ۾ شمار ڪيو ويندو هو ۽ پاڻ ان مان پنهنجن گهر وارن ۽ ٻين ضرورتن تي خرچ ڪندا هئا. جيڪڏهن اجان به ڪجهه بچي پوندو هو ته اهو آئنده جهاد جي

تياريءَ ۾ تير، تلوارون، وغيره ونڻ تي صرف ڪندا هئا (١)

مفسرن لکيو آهي تہ: "لِلرَّسُوْلِ" ۾ لام خصوصي استحقاق بيان ڪرڻ جي لاءِ آيل آهي مقصد تہ الله تعالىٰ غنيمت جي پنجين حصي کي خرچ ڪرڻ ۽ تقسيم ڪرڻ جو حق رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي عطا ڪيو آهي جو پاڻ پنهنجي صوابديد ۽ خيال مبارڪ تي هيٺ ذڪر ڪيلن قسمن ۾ ان کي ورهائين ۽ جمهور ائمه تحقيق وٽ سندن ذمي اهو لازم نہ هو تہ ان پنجين حصي کي پنجن حصن ۾ برابر تقسيم ڪن بلڪ صرف ايترو ضروري هو تہ انهن پنجن ۾ ورهائين پوءِ جيڪڏهن پنهنجي مبارڪ راءِ سان ڪنهن کي گهٽ ڪنهن کي وڌ ڏين تہ بہ صحيح آهي. (٢).

" وَلِذِي الْقُرْبىٰ " ۽ قرابت دارن لاءِ - هتي بہ مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن جا قرابت دار آهن پر هرقرابت دار نہ صرف اهي جن سندن ڏکن ۾ ساٿ ڏنو (٣) "وَالْيَتَامىٰ وَالْمَسَاكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ" ۽ يتيم ۽ مسڪين ۽ مسافر- يتيم ان نابالغ ٻچي کي سڏيو ويندو آهي جنهن جو پيءُ وفات ڪري ويو هجي. مسڪين اهو آهي جنهن وٽ مال بالڪل نہ هجي ۽ مسافر پنهنجي گهر ۾ ڀلي ڪٿي غني هجي پر جيڪڏهن سفر جي حالت ۾ غريب آهي تہ ان کي بہ غنيمت جي مال واري پنجين حصي مان حصو ملندو.

قرابت دارن جو حصو قائم آهي

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ غنيمت جي مال مان حضور عليه الصلواة والسلام جن جو حصو تيستائين هو جيستائين پاڻ دنيا تي ان وقت واري ظاهري زندگيءَ مبارڪ سان رهيا. دنيا تان رحلت ڪرڻ کان پوءِ سندن حصو ختم ٿي ويو باقي سندن قرابتدارن جو حصو تہ قيامت تائين قائم آهي حضرت شاه ولي الله محدث دهلوي حجه الله البالغه ۾ ائين لکيو آهي. ۽ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه تہ اهل بيت ڪرام کي ٻين کان وڌيڪ حصو ڏيندو هو (۴)

علامه ثناءُ الله پاني پتي ان موضوع کي نهايت تفصيل ۽ تشريح سان آڻي آخر ۾ فيصلو ڏنو آهي تہ: وبهذا يثبت ان سهم ذوي القربىٰ لم يسقط ويجوز دفعه اليهم غنيهم وفقيرهم (٥) يعني حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دنيا تان

(١) نعيمي ص ۴ ج ١٠ معارف القرآن ص ٢۴٠ جلد ۴ (٢) معارف القرآن ص ٢۴٠ جلد ۴
(٣) نعيمي ص ۴ ج ١٠ (۴) ضياءُ القرآن ص ١٥٠ جلد ٢ (٥) مظهري ص ٧٥ جلد ۴

ظاهري رحلت ڪرڻ ڪان پوءِ قرابت دارن جو حصو نہ ڪرندو ۽ انهن کي مال غنيمت مان حصو ڏيڻ جائز آهي غني هجن يا فقير علامه ابو حيان اندلسي عليه الرحمة بہ ائين لکيو آهي (١) "اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا يَوْمَ الْفُرْقَانِ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعَانِ" جيڪڏهن ايمان آندو آهي اوهان الله تي ۽ ان تي جيڪو اسان پنهنجي ٻانهي تي حق ۽ ناحق ۾ فرق ڪندڙ ڏينهن ۾ لاٿو جنهن ڏينهن ٻہ جماعتون (فوجون) هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون هيون. يعني غنيمت جي مال جي متعلق جيڪي اوهان کي احڪام ٻڌايا ويا آهن جيڪڏهن اوهان ۾ ايمان جو نور هوندو تہ انهن تي عمل ڪرڻو پوندو.

اصحاب رسول عليہ الصلواة والسلام جي عمل جو ڪمال

سوچڻ گهرجي تہ الله تعالىٰ جي مٿئين حڪم تي نبوة جي فيض سان فيضياب ٿيندڙن اهڙو عمل ڪري ڏيکاريو جو پنهنجا تہ پنهنجا پر پراوا بہ حيران رهيا. جڏهن مسڪينن مجاهدن جي اڳيان قيصر ۽ ڪسرىٰ جي محلاتن ۽ خزانن جا دروازا کوليا ويا ۽ هر شيءِ سندن قدمن ۾ ڍير لڳي پئي هئي ڪجهہ لڪائي رکن ها تہ ٿي سگهيو ٿي پر انهن تي قرآنيٰ تعليم ۽ نبوي تربيت اهڙو اثر وڌو هو جو ذرو پرزو احتياط سان گڏ ڪري خليفہ جي خدمت ۾ پهچايائون ٿي جتي الله جل جلاله ۽ ان جي محبوب عليه الصلواة والسلام جي ٻڌايل رستي موافق تقسيم ٿيندي هئي. يَوْمَ الْفُرْقَانِ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ ياد رکڻ گهرجي تہ الله جل جلاله هن آيت ۾ جنهن ڏينهن کي فرق ڪندڙ ڏينهن سڏيو آهي ان مان مراد بدر جي جنگ وارو ڏينهن آهي ان کي فرقان ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ڪافرن کي شڪست ۽ مومنن کي فتح ملڻ سان حق ۽ ناحق ۾ فرق ٿيو (٢) ان ڏينهن حضور عليه الصلواة والسلام جن تي آيتون ۽ ملائڪ ۽ فتح نازل ٿي هئي جن تي ايمان آڻڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ٻہ جماعتون (فوجون) جيڪي هڪ ٻئي جي سامهون ٿي وڙهيون انهن مان مراد مسلمانن ۽ ڪافرن جون فوجون آهن جن ميدان بدر ۾ مقابلو ڪيو هو(٣) "وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" ۽ الله هر شي تي قادر آهي. مطلب تہ اي مومنو! اوهان بدر جو واقعو ڏسو ۽ ٻڌو ۽ منهنجي ڪامل قدرت جي ڪمال جو اقرار ڪيو تہ ان ٽي سئو تيرنهن (٣١٣) مسڪينن مجاهدن کي جن وٽ نہ پورا هٿيار هئا نہ سواري نہ ڪاڌي جو سامان هزار هٿيار بندن تي ڪيئن غلبو ۽ فتح عطا ڪئي. اهو اهڙو قادر آهي جو گهري تہ ابابيل موڪلي هاٿين وارن ابرهي ۽ ان جي فوج کي پٿرين سان مارائي ڇڏي. هن آيت مبارڪ تي غور ڪرڻ سان هيٺيان فائدا حاصل ٿيا.

(١) البحر المحيط ص ۴٩٧ جلد ۴ (٢) تفسير ابي السعود ص ٢٣ جزء۴ (٣) المدارك ص۱۴ ج اجزء۲

فائدا

١: آيت مباركه ۾ آيل لفظ "مَا" ۽ "من شيءٍ" مان ثابت ٿيو تہ غنيمت جو مال ٿورو هجي يا گهڻو نبوي دور ۾ ان جا پنج حصا ٿيندا هئا چار مجاهدن لاءِ ۽ هڪ الله جل جلاله جي لاءِ جنهن کي وري پنج حصا ڪيو ٿي ويو. (١) حضور عليه الصلواة والسلام جن جو (٢) سندن قرابت دارن جو (٣) يتيمن جو (۴) مسڪينن جو (٥) مسافرن جو.

٢: حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ سندن صدقي خاص مومنن جو وڏو درجو آهي جو الله تعاليٰ غنيمت جي مال مان ڪين ملندڙ حصي کي اول پنهنجو حصو سڏيو آهي.

٣: حضور عليه الصلواة والسلام جا اهي قرابت دار جيڪي سندن مددگار ۽ معاون رهيا بارگاهہ ايزديءَ ۾ وڏي عزت ۽ شان وارا آهن جن جي لاءِ رب العزة "وَلِذِي الْقُرْبىٰ" فرمائي غنيمت جي مال جي پنجين حصي مان حصو رکرايو پر جيڪي سندن قرابت دار سندن دشمن ٿيا جيئن ابولهب وغيره تہ اهي ساري مخلوق ۾ بدترين شمار ڪيا ويا.

۴: بدر جي جنگ جا واقعا يعني ملائڪن جو نزول، حضور عليه الصلواة والسلام جن جي طرفان هڪ ڏينهن پهريان ڪافرن جي قتل ٿيڻ وارين جاين جو مقرر ڪرڻ، ننڍين اصحابن جو ابوجهل جهڙي سرڪش ڪافر کي قتل ڪرڻ، ٿورڙن مسلمانن جو ڪافرن جي نهايت وڏي ۽ مضبوط جماعت کي قتل ڪرڻ ۽ ڪيترن کي قيدي بنائڻ الله تعاليٰ جي قدرت جون اهي نشانيون جن جو "وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا" ۾ ذڪر ڪيل آهي انهن تي ايمان آڻڻ ضروري آهي.

اِذْ اَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوٰى وَالرَّكْبُ

جڏهن اوهان اورئين پاسي سان هيئو ۽ اهي پرئين پاسي سان ۽ قافلو

اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَلَوْ تَوَاعَدْتُّمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِي الْمِيْعَادِ وَلٰكِنْ

هيٺاهين پاسي کان اوهان کان ۽ جيڪڏهن هڪ ٻئي سان وعدو ڪيو ها تہ البت مخالفت ڪيو ها وعدي پوري ڪرڻ ۾ ۽ پر

لِّيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ۬ۙ لِّيَهْلِكَ مَنْ هَلَكَ عَنْۢ بَيِّنَةٍ

تانت پورو ڪري الله امر کي جو هو ڪرڻو تانت هلاڪ ٿئي اهو جو هلاڪ ٿيو چٽي دليل سان

وَّ يَحْيٰى مَنْ حَيَّ عَنْۢ بَيِّنَةٍ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَسَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۴۲﴾

۽ جيئرو ٿئي اهو جو جيئرو ٿيو چٽي دليل سان ۽ بيشڪ الله البت ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

اڳيئن آيت ۾ بيان ڪيو ويو تہ بدر جي جنگ ۾ فتح وغيره خاص الله تعالىٰ جي عطا هئي نہ صرف اوهان جي ڪوشش، ۽ هتي ان جو دليل ڏنو ويو آهي تہ بدر جي جنگ ۾ ظاهري اسباب تہ اوهان جي فتح ۽ ڪاميابيءَ جي خلاف هئا پر ان جي باوجود اوهان جي فتح تي اهو خالص خداوندي ڪرم هو. فرمان مبارڪ آهي "اِذْاَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوٰى وَالرَّكْبُ اَسْفَلَ مِنْكُمْ" جڏهن اوهان اورئين پاسي ۽ اهي پرئين پاسي هئا ۽ قافلو اوهان کان هيٺئين پاسي هو. ڄاڻڻ گهرجي تہ "عُدْوَةِ" چٿبو آهي واديءَ جي پاسي کي ۽ دنيا جي لفظ جي معنىٰ ويجهو ۽ هتي ان مان مراد بدر جي واديءَ جو مديني پاڪ وارو پاسو آهي قصوىٰ جي معنىٰ پرانهون ۽ هتي ان مان مراد وادي جو ٻيو پاسو آهي جنهن پاسي ڪافرن منزل ڪئي هئي ۽ قافلي مان مراد اهو ائن جو قافلو آهي جيڪو مڪي وارن شام ڏانهن واپار جي لاءِ موڪليو هو تہ ان مان ڪمايل ملڪيت مسلمانن جي خلاف استعمال ڪئي ويندي ۽ ڪافر ان جي بچائڻ لاءِ مڪه مڪرمه کان نڪري آيا هئا ۽ اهو قافلو سمنڊ واري پاسي بدر جي ميدان کان ٽن ميلن جي فاصلي تي هو اهي قافلي وارا بہ پنهنجن ڪافرن جي مدد لاءِ پهچي سگهيا ٿي. پر مسلمانن جو مددگار صرف الله تعالىٰ هو جنهن ڪين ملائڪ موڪلي ايڏن سخت دشمنن تي فتح عطا فرمائي "وَلَوْتَوَاعَدْتُّمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِى الْمِيْعٰدِ" ۽ جيڪڏهن اوهان (جنگ ڪرڻ جو) پروگرام رکو ها تہ ان ۾ برخلافي ڪري وهو ها. ايڏي خطرناڪ ۽ سخت دشمن جو مقابلو ڏسي نہ اچو ها ۽ نہ جنگ ٿئي ها. "وَلٰكِنْ لِّيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا" ۽ پر تانت جيڪو امر ڪرڻو هو الله ان کي پورو ڪري. مطلب تہ

جنگ ۾ ناغو نہ پيو بي اختيار ٿي ٻنهي جماعتن جنگ جوٽي ڏني ۽ الله تعالیٰ پنهنجو اهو فيصلو جيڪو سندس علم ۾ طي ٿي چڪو هو ظاهر ۾ بہ پورو ڪري ڏيکاريو حق بلند ٿيو ۽ باطل شڪست کاڌي. " لِيَهۡلِكَ مَنۡ هَلَكَ عَنۡۢ بَيِّنَةٍ وَيَحۡيىٰ مَنۡ حَيَّ عَنۡۢ بَيِّنَةٍ " تانت جيڪو هلاڪ ٿئي سوبہ روشن دليل سان ۽ جيڪو زنده رهي سوبہ روشن دليل سان، مقصد تہ جيڪڏهن ڪو اسلام قبولي هميشه واري حياتي حاصل ڪري تہ ان لاءِ رستو روشن آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ڪفر تي چاٽي واٽي رهي تہ ان لاءِ بہ رستو ڪليل آهي " بَيِّنَةٍ " جي مثان آيل عن بعد جي معنیٰ ۾ آهي جيئن " عَمَّا قَلِيلٍ لَيُصۡبِحُنَّ نَادِمِينَ " (١) (ٿوري وقت کان پوءِ ضرور پشيمان ٿيندا-) ۾ عن بعد جي معنیٰ ۾ آيل آهي هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

فائدا:١- بدر جي ميدان واري جنگ الله تعالیٰ کي تمام گهڻي پياري ۽ ان ۾ جنگ ڪندڙ حضور عليه الصلواة والسلام جن جا اصحابي بہ خدا کي گهڻا پيارا آهن جو رب العزة جل مجده ان جنگ جو احوال نهايت تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

فائدو:٢- رب پاڪ جي حڪمت اسان جي سمجهہ کان مٿي آهي ڏسو بدر جي موقعي تي اوچتو جنگ ٿيڻ عقلي لحاظ سان تمام گهڻي تڪليف ڏيندڙ هئي پر ان جو انجام نهايت شاندار ٿيو.

فائدو:٣- جڏهن ظاهري اسباب کان ٻانهو نااميد ٿيندو آهي تڏهن مالڪ مٿي جي رحمت جي درياءَ کي جوش ايندو آهي ۽ جيڪي اسباب جي هوندي بہ ڪم نہ ٿيندا آهن اهي ڪري ڏيکاريندو آهي. غزوه بدر ۾ مسلمان مايوس هئا پر الله تعالیٰ جي ڪرم ڪافرن کي اهڙي شڪست ڏني جو جنهن ٻڌو اهو حيران رهيو.

فائدو:۴- آيت مبارڪه جي لفظ " عَنۡۢ بَيِّنَةٍ " مان ثابت ٿيو تہ بدرواري جنگ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي حقانيت جو دليل هئي ۽ " لِّيَهۡلِكَ " ۽ " يَحۡيىٰ " لفظن مان واضح ٿيو تہ ايمان جان ۽ دل جي زندگي ۽ ڪفر انهن جو موت آهي. ڪافر زنده رهي بہ مثل آهن ۽ مومن مرڻ کان پوءِ بہ جيئرا آهن.

إِذۡ يُرِيكَهُمُ ٱللَّهُ فِي مَنَامِكَ قَلِيلٗاۖ وَلَوۡ أَرَىٰكَهُمۡ كَثِيرٗا لَّفَشِلۡتُمۡ

جڏهن ڏيکاري پيو توکي انهن کي الله ننڊ تنهنجيءَ ۾ ٿورا ۽ جيڪڏهن ڏيکاري ها توکي اهي گهڻا تہ البت سستي ڪيو ها

(١) سورة المؤمنون آيت ۴٠

وَلَتَنَازَعْتُمْ فِى الْأَمْرِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ سَلَّمَ ۗ إِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ

۽ البت وڙهو ها ان ڪم ۾ ۽ پر الله سلامت رکيو بيشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي

الصُّدُوْرِ ۝ وَإِذْ يُرِيْكُمُوْهُمْ إِذِ الْتَقَيْتُمْ فِىٓ أَعْيُنِكُمْ قَلِيْلًا

سينن وارين ڳالهين کي ۽ جڏهن ڏيکاري پيو اوهان کي انهن کي جڏهن آمهون سامهون

وَّيُقَلِّلُكُمْ فِىٓ أَعْيُنِهِمْ لِيَقْضِيَ اللّٰهُ أَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ۚ

ٿيئو اکين اوهان جن ۾ ٿورا ۽ ٿورو ڪري پيو ڏيکاري اوهان کي اکين انهن جي ۾ تانته پورو ڪري الله امر کي جو هو ڪرڻو

وَإِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْأُمُوْرُ ۝

۽ الله ڏانهن موٽايا تا وڃن امر

ع

تفسير

اڳين آيت ۾ مسلمانن کي اهي نعمتون ياد ڏياريون ويون جيڪي مٿن بدر جي جنگ وقت ٿيون هيون ۽ هينئر انهن نعمتن جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي جيڪي مٿن بدر جي جنگ ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪيل هيون. ارشاد گرامي آهي "اِذْ يُرِيْكَهُمُ اللّٰهُ فِيْ مَنَامِكَ قَلِيْلًا" جڏهن الله توکي ننڊ ۾ اهي ٿورا ڪري پيو ڏيکاري. مقصد ته اوهان کي خواب جي ذريعي ذهن نشين ڪرايو ويو ته اهي تعداد ۾ ڪٽي ڪيترا به گهٽا هجن پر دلي طرح اهڙا ڪمزور هوندا جڻ ٿورا آهن اوهان کي ڪجهه ڪري نه سگهندا. "وَلَوْ أَرَاكَهُمْ كَثِيْرًا لَّفَشِلْتُمْ وَلَتَنَازَعْتُمْ فِى الْأَمْرِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ سَلَّمَ ۗ إِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" ۽ جيڪڏهن اهي توکي گهڻا ڪري ڏيکاري ها ته اوهان (مسلمانن) ۾ سستي پيدا ٿئي ها ۽ جنگ ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي معاملي ۾ جهڳڙو ڪري وهو ها ۽ پر الله سلامت رکيو يقينًا اهو سينن وارين ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي. هن آيت ۾ جنگ بدر ۾ لڙندڙن غازين سان خطاب آهي يعني اي غازيو! جيڪڏهن رب پاڪ پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جي ذريعي اوهان کي ڪافرن جو

تعداد زياده ڪري ڏيکاري ها تہ ان ۾ بہ خطرا هئا "١" تہ اوهان همت هاري وهوها ۽ جهاد ڪرڻ جي جرئت ئي نہ ڪيو ها "٢" تہ اوهان جهاد ڪان پهريان ئي پاڻ ۾ اختلاف ڪري وهوها تہ هلجي يانہ. ڪي چون ها تہ هلون ٿا الله تعالىٰ جي اذن سان ٿورا گهڻن تي غالب ٿي ويندا آهن. ڪي چون ها تہ اسين بنا هٿيارن وارا انهن مسلح ڪافرن سان هلي جنگ جوٽيون اهو پاڻ ڪي پاڻهي هلاڪ ڪرڻو آهي. پر الله تعالىٰ اوهان ڪي ان محبوب عليه الصلواة والسلام جي خواب جي ذريعي بزدليءَ ۽ همت هارڻ ڪان بچائي سلامت رکيو. بلاشڪ اهو سينن وارين ڳالهين ڪي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي ان اهڙو انتظام ڪيو جو هميشه لاءِ مسلمانن جا منهن مٿي ٿي ويا "

وَاِذْ يُرِيْكُمُوْهُمْ اِذِالْتَقَيْتُمْ فِيْٓ اَعْيُنِكُمْ قَلِيْلًا وَّيُقَلِّلُكُمْ فِيْٓ اَعْيُنِهِمْ لِيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا" ۽ جڏهن آمهون سامهون ٿيئو تہ اوهان جي اکين ۾ اهي ٿورا ڪري پيو ڏيکاري ۽ اوهان ڪي وري انهن جي اکين ۾ ٿورو ڪري پيو ڏيکاري تانتہ جيڪو ڪم ڪرڻو هو اهو الله پورو ڪري ڏيکاري. المقصد تہ: اي ميدان بدر جا غازيئو! اها بہ الله جي نعمت ياد ڪيو جيئن محبوب عليه الصلواة والسلام جن ڪي خواب ۾ ڪافرن جو لشڪر ٿورو ڪري ڏيکاريائين تيئن اوهان ڪي سڄاڳيءَ ۾ بہ ڪافر ٿورا ڪري ڏيکاريائين حالانڪ هئا گهڻا ۽ اوهان ڪي وري انهن جي نگاهن ۾ ٿورو ڪيو پيو ڏيکاري حالانڪ اوهان روحاني جذبيءَ همت جي لحاظ سان گهڻا هيئو، اهو سڀ ان جي قدرت جو ڪمال هو.

"وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ" ۽ الله ڏانهن ئي سڀ امر موٽاويندا آهن مطلب تہ فتح، ڪاميابيءَ جنگين ۾ مدد ڪرڻ اهي سڀ امر الله ڏانهن موٽايا وڃن ٿا جنهن ڪي اهو ڪامياب ڪري سوڪامياب ٿيندو. ان جي ڪري هر ڪم ۾ ان تي ئي توڪل رکو.

فائدا: ١- الله تعالىٰ جي نبين عليهم الصلواة والسلام جو خواب خصوصا حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن جو خواب رب پاڪ جي طرفان هوندو آهي ان ۾ شيطان جو دخل نہ هوندو آهي اهو هڪ قسم جو وحي آهي جنهن تي شرعي احڪام قائم ٿيندا آهن. جيئن " يُرِيْكَهُمُ اللّٰهُ" مان واضح آهي.

فائدو: ٢- جيئن اصحابن سڳورن جو هڪ ٻئي سان ڳالهہ ۾ اختلاف راءِ ڪرڻ گناهہ نہ آهي تيئن فقهہ جي امامن جو اجتهادي مسئلن ۾ اختلاف بہ گناهہ نہ آهي ۽ آيت جي لفظ " وَيُقَلِّلُكُمْ " مان ثابت ٿيو تہ الله تعالىٰ ان ڳالهہ تي قادر آهي جو ننڍيءَ شيءِ ڪي وڏو ڪري ڏيکاري ۽ وڏيءَ شيءِ ڪي ننڍو ڪري ڏيکاري سڀ قوتون

ان جي قدرتي هٿ ۾ آهن.

فائدو: ۳- " وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ" مان ثابت ٿيو تہ مسلمانن مجاهدن کي جنگ لاءِ تياريون ڪرڻ جي باوجود فتح ۽ مدد الله جل شانه جي طرفان سمجهڻ گهرجي.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا

اي ايمان وارؤ! جڏهن مقابلو ڪيو ڪنهن جماعت سان پوءِ ثابت قدم رهو

وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۞ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ

۽ ياد ڪيو الله کي گهڻو تانت اوهان ڪامياب ٿيو ۽ اطاعت ڪيو الله جي ۽ ان جي رسول جي

وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَتَذْهَبَ رِيْحُكُمْ وَاصْبِرُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ

۽ نہ پاڻ ۾ تڪرار ڪيو پوءِ سست ٿي پوندؤ ۽ هلي ويندي هوا اوهان جي ۽ صبر ڪيو بيشڪ الله گڏ آهي

الصّٰبِرِيْنَ ۞

صبر ڪندڙن سان

تفسير

مٿين آيتن ۾ انهن غيبي امدادن جو ذڪر هو جيڪي خصوصي طرح بدر ۾ جهاد ڪندڙن تي نازل ٿيون هيون ۽ هنن آيتن ۾ انهن ھن عملن جو بيان آهي جن جي ڪرڻ سان مجاهدن تي هميشه غيبي امدادن جو نزول ٿيندو رهندو. فرمان ايزدي آهي " يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ" اي ايمان وارؤ! جڏهن جنگ جي مقابلي ۾ ڪافرن جي ڪنهن جماعت سان ملو تہ پوءِ ثابت قدم رهو ۽ الله جو ذڪر گهڻو ڪيو تانت اوهان ڪاميابي ماڻيو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جهاد ۾ صبر ڪرڻ نفس کي تمام گهڻو ڳرو لڳندو آهي ان جي ڪري هن مضمون کي پياري ندا " يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا سان شروع ڪري فرمايو ويو تہ

دشمن جي مقابلي ۾ نهايت مضبوطيءَ سان بيهو ثابت قدم رهو سستي نه ڪيو. ها جيڪڏهن ڪنهن مجاهد کي جان جي وڃڻ جو خطرو يقيني آهي پوءِ اهو دشمنن کان پٺي ڦيري پنهنجي ساٿين سان اچي ملي ته اهو گناهه نه آهي (١) ۽ ان کان پوءِ الله تعاليٰ جي ذڪر گهڻي ڪرڻ جو حڪم آيو، حقيقت هيئن آهي ته گهبرايل دلين کي تسڪين ڏيندڙ ۽ ترڪندڙن پيرن کي ثابت رکندڙ الله تعاليٰ جي ذڪر کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ نه آهي. اهو مومن جو مخفي ۽ مخصوص هٿيار آهي جنهن کان غيرمسلمان بالڪل اڻ واقف آهن. هيءَ ڳالهه به وسارڻ نه گهرجي ته جنگ ۾ ويڙهه جو وقت غالبًا اهڙو هوندو آهي جنهن ۾ ڪير ڪنهن کي ياد نه ڪندو آهي هر ڪو پنهنجي فڪر ۾ هوندو آهي قرآن ڪريم ان اهم موقعي تي ايمان وارن کي الله جي ذڪر جي تلقين ڪئي سا به "ڪَثِيۡرًا" جي تاڪيد سان. نماز ۽ روزي لاءِ "ڪَثِيۡرًا" جو حڪم نه آهي ذڪر لاءِ آهي سو صرف ان جي ڪري جو ذڪر ٻين ڪمن کان روڪيندو ناهي ٻيا ڪم به هلندا رهن ته ذڪر به هلندو رهي. جنگ جي ميدان ۾ الله اڪبر جا نعرا هڻڻ به ذڪر ۾ داخل آهن(٢) ۽ ان سان ئي اوهان کي ڪاميابي ملندي.

"وَاَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ" ۽ الله ۽ ان جي رسول،(عليه الصلواة والسلام) جي اطاعت ڪيو ڇو ته بي فرماني ۽ معصيت سان الله ناراض ٿيندو ۽ هر فضل کان محروم رهجي ويندؤ. "وَلَا تَنَازَعُوۡا فَتَفۡشَلُوۡا وَتَذۡهَبَ رِيۡحُكُمۡ" ۽ پاڻ ۾ تڪرار نه ڪيو پوءِ سست ٿي پوندؤ ۽ اوهان جي هوا نڪري ويندي. هتي هوا مان مراد قوت ۽ مدد آهي جيئن جيڪڏهن ڪو ڪنهن امر ۾ غالب ٿيندو آهي ته عرب چوندا آهن الريح لفلان. غلبو فلاڻي جي لاءِ آهي (٣) ۽ ڪن جو قول آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن کي جيڪا به فتح ملندي هئي ان ۾ قدرتي هوا لڳندي هئي جنهن سان ڪافرن جي منهن ۾ ڌوڙ پوندي هئي. هتي اها هوا مراد آهي. (۴) مطلب ته اي مجاهدؤ! جيڪڏهن پاڻ ۾ تڪرار ۽ اختلاف ڪندؤ ته هڪ ته اوهان ۾ سستي پيدا ٿيندي ٻيو ته اوهان جو دشمنن جي دلين تي جيڪو رعب ويٺل آهي اهو نه رهندو. دشمن سمجهندو ته هي پاڻ ۾ ئي ڪونه ٿا نهن سو اسان کي ڇا ڪندا.

"وَاصۡبِرُوۡا اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ" ۽ صبر ڪيو يقينا الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي. صبر ته هميشه ڀلو آهي پرخاص ڪري جهاد جي وقت ته نهايت اهم آهي ڇو ته الله جل شانه

(١) نعيمي ص ٢٥ جلد ١٠ (٢) معارف القرآن ص ٢٥١ جلد ۴
(٣) القرطبي ص ٢۴ جلد ٨ (۴) المدارڪ ص ١٠٦ جزءِ٢ جلد١

جي خاص رحمت ، فضل،نصرت ۽ مدد صبر وارن سان گڏ آهي.

صبر جون ڀلائيون ۽ برڪتون

جامع ترمذي، مسند امام احمد بن حنبل ۽ صحيح ابن حبان ۾ حضرت ابو موسىٰ اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو اِذَامَاتَ وَلَدُ الْعَبْدِ قَالَ اللّٰهُ لِمَلَآئِكَتِهٖ قَبَضْتُمْ وَلَدَ عَبْدِيْ؟ فَيَقُوْلُوْنَ نَعَمْ فَيَقُوْلُ قَبَضْتُمْ ثَمَرَةَ فُؤَادِهٖ؟ فَيَقُوْلُوْنَ نَعَمْ فَيَقُوْلُ: مَاذَا قَالَ عَبْدِيْ فَيَقُوْلُوْنَ حَمِدَكَ وَاسْتَرْجَعَكَ فَيَقُوْلُ ابْنُوْا لِعَبْدِيْ بَيْتًا فِى الْجَنَّةِ وَسَمُّوْهُ بَيْتَ الْحَمْدِ" جڏهن ڪنهن ٻانهي جو ٻچڙو مرندو آهي ته الله پنهنجي ملائڪن کي فرمائيندو آهي ته: اوهان منهنجي ٻانهي جي ٻچي جو روح قبض ڪيو؟ عرض ڪندا ته هائو- الله فرمائي ٿو ته: اوهان ان جي دل جو ميوو پٽي آئيو؟ عرض ڪندا ته هائو. الله فرمائيندو ته: پوءِ منهنجي ٻانهي ڇا چيو؟ عرض ڪندا ته: تنهنجو حمد ڪيائين ۽ "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ" پڙهيائين. پوءِ فرمائيندو ته: منهنجي ٻانهي لاءِ جنت ۾ گهر ٺاهيو ۽ ان جو نالو بيت الحمد رکو ۽ صحيحين ۾ حضرت ابو سعيد ۽ ابو هريره رضي الله عنهما کان روايت آهي ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو: مَا يُصِيْبُ الْمُسْلِمَ مِنْ نَصَبٍ وَلاَ وَصَبٍ وَلاَهَمٍّ وَلاَحُزْنٍ وَلَا اَذًى وَلاَغَمٍّ حَتَّى الشَّوْكَةِ يُشَاكُهَا اِلَّا كَفَّرَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ خَطَايَاهُ" مسلمان کي ڪابه تڪليف، بيماري، فڪر، ڏک ايذاءُ ۽ غم پهچندو آهي تانجو ڪو ڪنڊو ڪيس لڳندو آهي ته به الله ان جي ڪري سندس خطائون ميٽيندو آهي (۱)

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته مٿين آيتن ۾ الله تعالىٰ ڪافرن جي مقابلي ۾ مسلمانن کي پنج روحاني هٿيار عطا ڪيا آهن. جن مان ٽي حملي ڪرڻ جي لاءِ ۽ به بچاءَ جي لاءِ. حملي ڪرڻ وقت ثابت قدم رهڻ، الله جو ذڪر گهڻو ڪرڻ ۽ الله ۽ ان جي پياري رسول عليه الصلواة والسلام جي فرمانبرداري ڪرڻ روحاني هٿيار آهن ۽ تڪرار ڇڏي متحد ٿيڻ، منظم هجڻ ۽ صبر ڪرڻ بچاءَ جا هٿيار آهن. مجاهدن کي اهي سڀ هٿيار استعمال ڪرڻ سان فتح، غلبو، عزت ۽ وقار حاصل ٿيندو آهي.

مسئله: اسلام کان ڦري ڪافر ٿيندڙن مرتدن سان جهاد ۾ سختي ڪرڻ ضروري آهي انهن سان صلح ۽ ڪائنن جزيو وغيره ڪجهه به قبول نه ڪيو ويندو انهن جي لاءِ صرف ٻه صورتون آهن يا قتل يا اسلام (۲) انهن جي لاءِ ئي فرمان مبارڪ آهي" تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ(۳) انهن سان جنگ ڪندؤ يا مسلمان ٿيندا.

(۱) عدة الصابرين ص ۱۰٦ (۲) نعيمي ص ۲۸ جلد ۱۰ (۳) سورة الفتح آيت ۱٦

وَلَا تَكُونُوا كَالَّذِينَ خَرَجُوا مِن دِيَارِهِم بَطَرًا وَرِئَاءَ النَّاسِ

۽ نہ ٿجو انهن وانگر جو نڪتا گهرن پنهنجن مان تڪبر سان ۽ واسطي ڏيکارڻ ماڻهن جي

وَيَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ اللَّهِ ۚ وَاللَّهُ بِمَا يَعْمَلُونَ مُحِيطٌ ﴿٤٧﴾

۽ روڪين پيا واٽ الله جي کان ۽ الله ان کي جو ڪن ٿا گهيراءُ ۾ رکندڙ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن جسماني ڪمزورين جو بيان هو جن کان مجاهدن کي بچڻ گهرجي ۽ هن آيت ۾ ان روحاني ۽ دلي ڪمزوريءَ جو بيان آهي جنهن کان بچڻ بہ ضروري آهي. فرمان عالي آهي " وَلَا تَكُونُوا كَالَّذِينَ خَرَجُوا مِن دِيَارِهِم بَطَرًا وَرِئَاءَ النَّاسِ وَيَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ اللَّهِ " ۽ انهن وانگر نہ ٿجو جيڪي پنهنجن گهرن مان تڪبر سان ۽ ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نڪتا. چاهڻ گهرجي تہ هن آيت پاڪ ۾ مسلمانن کي نيت ۾ اخلاص ۽ سچائي رکڻ جي تعليم ڏني وئي آهي. ڇوتہ اسلامي عملن جو روح روان نيت کي سهڻو رکڻ آهي خاص ڪري جهاد ۾ جيڪو صرف ڪهڻ، لٽڻ ۽ ڦرڻ جو نالو نہ آهي بلڪ عظيم الشان عبادت آهي جنهن ۾ تڪبر ۽ ڏيکاءُ سان ڪاميابي نہ ملندي ۽اهو تڪبر ۽ وڏائي انهن جو ڪم آهي جيڪي دين جا مخالف، حق جا دشمن ۽ ماڻهن کي الله جي واٽ کان روڪيندا آهن. پر انهن کي بہ هي ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي تہ اهي جو ڪجهہ ڪن ٿا الله تعالىٰ جي ڪامل قدرت ۽ قوت کان ٻاهر نہ آهن ان جي قدرتي احاطي ۾ آهن (۱).

فائدا: هن آيت پاڪ تي غور ڪرڻ سان هيٺيان فائدا سمجهہ ۾ اچن ٿا.

فائدو:۱- مومنن خاص ڪري مجاهدن کي گهرجي تہ ڪافرن جي طريقي کان پري ٻچن ۽ هر عبادت خصوصًا جهاد ۾ عجز، انڪساري سان گڏ رب العزة جل شانہ تي اعتماد ڪن. مانڪ مٽي تي ڀروسو ڪرڻ ئي مؤمن جو حقيقي هٿيار آهي جنهن جي اڳيان هيا تہ ڇڏيو پر شيطان جهڙو سخت دشمن بہ بيهي نہ سگهندو آهي.

(۱) البيضاوي ڪامل ص ۲۴۲

فائدو: ۲- رياءُ ڪندڙ تڪبر سان هلندڙ الله جي واٽ کان روڪيندڙ بدعمل آهن جيڪي الله جي احاطي ۾ آهن ان جي سزا کان بچي نہ سگهندا .

عجيب حڪايت

اسماعيل حقي عليه الرحمه لکيو آهي تہ هڪ بزرگ پنهنجي گهرجي دريءَ کان ٻيهي سورة طٰهٰ سڄوري جي تلاوت ڪري سمهي رهيو ۽ رات جو خواب ۾ ڏٺائين تہ نوراني لباس سان هڪ شخص وڏو ڪاغذ کڻي آيو جنهن ۾ سورة طٰهٰ لکيل هئي ۽ ان جي تلاوت ڪرڻ جي ڪري هر هڪ حرف جي مقابلي ۾ ڏهہ نيڪيون بہ لکيل هيون پر هڪ جملو اهڙو هو جنهن جي هيٺيان نيڪيون لکيل نہ هيون. تلاوت ڪرڻ واري بزرگ ان ڪاغذ آڻيندڙ کان پڇيو تہ هن جملي جون نيڪيون ڇو لکيل نہ آهن؟ ان جواب ۾ چيس تہ جنهن وقت تون تلاوت ڪندي ان جملي تي پهچڻ وارو ٿيو هئين تہ ان وقت هڪ شخص دريءَ کان سامهون اچي لنگهيو تو ان نيت سان تہ منهن جي تلاوت هن ڪي پسند اچي اهو جملو ناهي پڙهيو هو. اهو رياءُ هو جنهن جي ڪري الله تعالىٰ ان جو درجو نہ لکايو آهي. (۱).

وَاِذْ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطَانُ اَعْمَالَهُمْ وَقَالَ لَاغَالِبَ

۽ جڏهن سينگاريو واسطي انهن جي شيطان عملن انهن جي کي ۽ چيائين تہ ناهي ڪو غالب

لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَاِنِّيْ جَارٌ لَّكُمْ فَلَمَّا تَرَآءَتِ

واسطي اوهان جي اڄوڪي ڏينهن ۾ ماڻهن مان ۽ بيشڪ مان واهرو آهيان واسطي اوهان جي پوءِ جڏهن آمهون سامهون ٿيا

الْفِئَتَانِ نَكَصَ عَلٰى عَقِبَيْهِ وَقَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكُمْ اِنِّيْٓ

ٻئي لشڪر تہ موٽيو ڪڙين پنهنجين تي ۽ چيائين بيشڪ مان بيزار آهيان اوهان کان بيشڪ مان

اَرٰى مَا لَا تَرَوْنَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ ؕ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۴۸﴾

ڏسان ٿو جيڪو اوهان نہ ٿا ڏسو بيشڪ مان ڊڄان ٿو الله کان ۽ الله ڏاڍو آهي عذاب جو

(۱) روح البيان ص ۳۵۵ جلد ۳

تفسير

اڳئين آيت ۾ ڪافرن جو اهو عيب بيان ڪيو ويو تہ اهي جنگ جي لاءِ تڪبر ڪري هٿيلا ٿي نڪتا هئا ۽ هتي انهن جي ٻئي عيب کي بيان ڪيو ٿو وڃي تہ اهي شيطان جي حمايت تي يقين ڪري ميدان ۾ پهتا هئا، اهڙي دشمن تي اعتماد ڪرڻ وڏي بدعقلي ۽ بي تميزي ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

شان نزول

جڏهن مڪه مڪرمه جا رهاڪو ڪافر مسلمانن سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ بدر جي طرف روانا ٿيا تہ واٽ سان سندن لنگهڻ عربن جي هڪ قبيلي بني ڪنانه جي ڳوٺ ڪان ٿيو. ان قبيلي وارن جو پاڻ هڪ ماڻهو قتل ڪيو هيائون ان جي ڪري ڪين دشمنيءَ جو خطرو بہ محسوس ٿيو تہ متان مسلمانن ڪان پهريان ئي بني ڪنانه وارا اسان سيني مردن کي قتل ڪري مال بہ لٽي وڃن تہ عورتون بہ وٺي وڃن ان سوچ ۾ ممڪن هو تہ اتاهين ڪان ئي واپس مڪه مڪرمه واپس ٿين ها شيطان بني ڪنانه قبيلي جي سردار سراقة بن مالڪ جي صورت ۾ ٿي پنهنجي وڏي جماعت پاڻ سان گڏ وٺي جهنڊو هٿ ۾ ڪٽي اچي ساڻن مليو ۽ چيائين تہ مان بني ڪنانه قبيلي جو سردار آهيان ۽ هي منهنجي قبيلي جا اهم ماڻهون مون سان گڏ آهن اوهان جڏهن تہ هڪ نهايت ڀلي ڪم جي لاءِ نڪتا آهيو تڏهن مان پاڻهي اوهان جي چوڻ ڪانسواءِ ئي اوهان وٽ آيو آهيان اوهان بالڪل نہ ڊڄو اسين سڀ اوهان سان گڏ آهيون ان چوڻ سان انهن جي همت افزائي ٿي ۽ انهن جي تڪبر ۽ غرور ۾ اضافو ٿيو. تانجو بدر جي جنگ جو ڏينهن آيو تہ بہ هي ساڻن گڏ رهيو ۽ جنگ لاءِ صفون ٻڌرائيندي حارث بن هشام ڪافر جي چنبي ۾ چنبو ڏئي پي هليو پر جڏهن مسلمانن جي مدد لاءِ آسمان ڪان ملائڪ لهندي ڏٺائين تڏهن ڊڄي ان حارث بن هشام ڪافر ڪان هٿ ڇڏائي وٺي ڀڳو ان چيس تہ: هن حالت تائين اسان کي آڻي هاڻي ڇو ٿو ڀڄين؟ چيائين تہ: جيڪو مان ڏسان پيو اهو اوهان ڪونہ ٿا ڏسو. مون اوهان کي ميدان ۾ لاٿو هاڻي اوهان ڄاڻو تہ مسلمان ڄاڻن، مان وڃان پيو. ائين چوڻ ڪان پوءِ هليو ويو ۽ ڪافرن جي دل ٽٽي پئي. انهن جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي (۱) جمهور مفسرن جو.

(۱) حاشيه عثماني ص ۲۴۲ بيضاوي ڪامل ص ۲۴۲

اهو قول آهي تہ شيطان سراقه بن مالڪ جي صورت ۾ ظاهر ٿي آيو هو ۽ ڪن جو قول آهي تہ نہ ڪافرن جي دلين ۾ صرف وسوسو وڌو هيائين ظاهر ٿي نہ آيو هو (۱) فرمان الاهي آهي " وَإِذْ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطَانُ أَعْمَالَهُمْ " ۽(ياد ڪر) جڏهن شيطان انهن جي لاءِ سندن اعمال سينگاريا. ياد رکڻ گهرجي تہ اذ لفظ ڪان اڳيان اذڪر جو لفظ مقدر آهي. هي نئون جملو آهي مطلب تہ اي محبوب ! (عليڪ الصلواة والسلام) پنهنجن امتين سان هيءَ ڳالهہ بيان ڪيو تہ شيطان انهن ڪافرن ڪي مسلمانن سان جنگ ڪرڻ وارا پروگرام سينگاري پيش ڪيا تہ اوهان تمام سٺي پروگرام لاءِ نڪتا آهيو " وَقَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَإِنِّي جَارٌ لَّكُمْ " ۽ چيائين تہ اڄ ماڻهن مان ڪير بہ اوهان ڪان غالب نہ ٿيندو ۽ مان اوهانجو محافظ ۽ حمايتي آهيان. هن حصي ۾ شيطان جا بہ ڏوڪا بيان ڪيل آهن " ۱" تہ بدر جي جنگ ۾ مسلمان اوهان تي غالب نہ ٿيندا جو اهي ٿورا آهن ۽ اوهان گهڻا آهيو اوهان هٿيارن سان آهيو ۽ مسلمانن وٽ ايترا هٿيار نہ آهن اوهان تجربيڪار آهيو ۽ اهي تجربيڪار نہ آهن اوهان جنگ جي تياري ڪري آيا آهيو ۽ هو اوچتو آيا آهن ان جي ڪري اوهان تي غالب ٿيندؤ " ۲" تہ اوهان ان وڏي لشڪر ۽ طاقت هوندي اڪيلا نہ آهيو مان پنهنجي لشڪر سميت اوهان جو حمايتي ۽ مددگار آهيان " فَلَمَّا تَرَاءَتِ الْفِئَتَانِ نَكَصَ عَلَىٰ عَقِبَيْهِ" پوءِ جڏهن ٻئي لشڪر هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آيا تہ پنهنجن ڪڙين تي پوئين پير ڀڳا. يعني ڪافر ۽ مسلمان فوجون هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون ۽ مسلمانن جي مدد لاءِ ملائڪن کي لهندي ڏٺائين تہ اتاهين پوئين پير ڀڳو.

" وَقَالَ إِنِّي بَرِيءٌ مِّنكُمْ إِنِّي أَرَىٰ مَا لَا تَرَوْنَ إِنِّي أَخَافُ اللَّهَ ۚ وَاللَّهُ شَدِيدُ الْعِقَابِ" ۽ چيائين تہ مان اوهان ڪان بيزار آهيان جيڪي مان ڏسان ٿو اهو اوهان ڪونہ ٿا ڏسو مان اللهڪان ڊڄان ٿو ۽ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي. هيءُ شيطان جي ڪافرن ڪان بيزاريءَ جو ذڪر آهي. مقصد تہ مان الله جي ملائڪن کي ڏسان پيو هاڻي اوهان جي ڪابہ مدد ڪري نہ سگهندس. منهنجو ڪووس نہ آهي. ائين چئي ڀڄي ويو.

إِذْ يَقُولُ الْمُنَافِقُونَ وَالَّذِينَ فِي قُلُوبِهِم مَّرَضٌ غَرَّ هَٰؤُلَاءِ

۽ (ياد ڪر) جڏهن چون پيا منافق ۽ اهي جو دلين انهن جي ۾ بيماري آهي تہ مغرور ڪيو آهي هنن کي

(۱) خازن ص ۱۹۰ جلد ۲ حاشيه مراد آبادي ص ۳۸۵

دِيْنُهُمْ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۴۹﴾

دين انهن جي ۽ جيڪو توڪل ڪري ٿو الله تي پوءِ بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي

تفسير

اڳيئين آيت ۾ ڪافرن سان ڪيل شيطان جي ڌوڪي جو ذڪر هو ۽ هتي وري شيطاني مزاج وارن منافقن جو ذڪر ڪري ٻڌايو ويو آهي ته ”اِذْ يَقُوْلُ الْمُنَافِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ غَرَّ هٰٓؤُلَآءِ دِيْنُهُمْ“ (ياد ڪر) جڏهن منافق ۽ جن جي دلين ۾ بيماري هئي چون پيا ته هنن (مسلمانن) کي سندن دين مغرور ڪيو آهي. يعني اهي شخص جن جي دلين ۾ يقين جو نور نه هو ۽ حياتي ۽ موت، فتح ۽ شڪست، عزت ۽ ذلت جي اسلامي معيار کان اڻڄاڻ واقف نه هئا جڏهن انهن ڏٺو ته ٽي سئو تيرنهن بنا هٿيارن جي سپاهي ايڏي وڏي فوج سان مقابلي لاءِ نڪتا آهن ته چوڻ لڳا: هنن مسلمانن کي سندن دين اهڙو مغرور ۽ مجنون ڪري ڇڏيو آهي جو پنهنجي نفعي ۽ نقصان جي به خبر ڪانه ٿي پوين. ”وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ“ ۽ جيڪو الله تي توڪل ڪري ٿو پوءِ يقيناً الله غالب، حڪمت وارو آهي. مطلب ته: مسلمانن کي غرور نه آهي پر انهن جي الله جل جلاله تي توڪل آهي ۽ جيڪو توڪل ڪندو ته بلاشڪ الله غالب ، حڪمت وارو آهي اهو ئي توڪل ڪندڙن کي ڪافرن تي فتح ۽ غلبو عطا ڪندو آهي.

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ يَتَوَفَّى الَّذِيْنَ كَفَرُوا الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ

۽ جيڪڏهن ڏسين جنهن وقت وفات ڪرائيندا انهن شخصن کي جوڪفر ڪيائون ملائڪ ڌڪ هڻندا

وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿۵۰﴾ ذٰلِكَ بِمَا

منهن انهن جي کي ۽ پٺين انهن جي کي ۽ چکو عذاب ساڙيندڙ باهه جو اهو سبب ان جي جو اڳي

قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿٥١﴾

موڪليو هٿن اوهان جي ۽ بيشڪ الله ناهي ظلم ڪندڙ واسطي ٻانهن جي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي انهن گناهن جو ذڪر هو جيڪي اهي دنيا ۾ ڪندا هئا ۽ هنن آيتن ۾ انهن گناهن تي کين ملڻ واري سزا جو بيان ڪندي ٻڌايو ٿو وڃي " وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ يَتَوَفَّى الَّذِيْنَ كَفَرُوا الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ" يعني جيڪڏهن اوهان اها حالت ڏسو جنهن وقت ملائڪ ڪافرن کي وفات ڪرائيندي سندن منهن ۽ پٺين تي ڌڪ هڻندا ۽ کين چوندا ته ساڙيندڙ باهه جو عذاب چکو (ته اوهان کي وڏيڪ هيبت وارو منظر ڏسڻ ۾ ايندو) اهو عذاب ڪنهن کي ٿيو يا ٿيندو. ان ۾ مفسرن جا ٻه قول آهن " ١" ته اها حالت بدر ۾ جنگ ڪندڙن ڪافرن جي هئي جن جي مقابلي ۾ مسلمانن جي مدد لاءِ الله تعالىٰ ملائڪن کي موڪليو هو جن ڪافرن جي قريشي سردارن کي منهن ۽ پٺين تي ڌڪ هڻي ماريو ٻه ٿي ۽ جهنم جي ساڙيندڙ باهه جي سزا واري خبر ٻه ٻڌائي ٿي "٢" ته هن آيت ۾ هر ڪافر جي مرڻ جو حال بيان ٿيل آهي. جڏهن ڪوبه ڪافر مرندو آهي ته موت جو ملائڪ ان جي روح قبض ڪرڻ وقت ان جي منهن ۽ پٺيءَ تي ڌڪ هڻندو آهي ۽ بعضي روايتن جي مطابق ان ملائڪ جي هٿن ۾ باهه ۾ گرم ڪيل لوهه جا ڏنڊا هوندا آهن جيڪي ڪافرن کي هڻندا آهن پر جڏهن ته ان عذاب جو تعلق عالم برزخ سان آهي ان جي ڪري ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي " ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ" يعني اها سزا ۽ عذاب ان جي ڪري ٿو ملي جو اوهانجي هٿن اهڙا ڪم ڪري موڪليا هئا ۽ الله ٻانهن لاءِ ظلم ڪندڙ ناهي. چاڻڻ گهرجي ته جڏهن ته عام ڪاروبار هٿن سان ٿي وجود ۾ ايندو آهي ان جي ڪري هتي هٿن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ۽ يقينًا الله ٻانهن سان ظلم ڪندڙ نه آهي. جو هروڀرو ڪنهن کي عذاب ڪري، بلڪ اها سزا انسان جي باطل عقيدن ۽ فاسد عملن جو نتيجو آهي.

كَدَاْبِ آلِ فِرْعَوْنَ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

(انهن جو حال) مثال طريقي تابعن فرعون جي ۽ انهن جي آهي جيڪي هيا اڳي انهن کان انڪار ڪيائون آيتن الله جي جو

فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۵۲﴾

پوءِ پڪڙيو انهن کي الله سببان گناهن انهن جي بيشڪ الله قوي سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي،

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى

اهو سببان ان جي جو بيشڪ الله نہ آهي ڦيرائيندڙ نعمت کي جو نعمت ڪيائين اها ڪنهن قوم تي تان جو

يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۵۳﴾

ڦيرائين پاڻ انهيءَ کي جو سندن سرن سان آهي ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي

تفسير

اڳ ۾ ڪافرن کي دنيوي ۽ اخروي عذابن ملڻ جو بيان ٿيو، خاص ڪري بدر ۾ جنگ ڪندڙ ڪافرن کي ۽ هتي اهو ٻڌائيندي تہ اهو عذاب اتفاقي نہ پر اسانجو جاري ڪيل قانون آهي جيڪو اڳي بہ هو ۽هاڻي بہ آهي فرمان مبارڪ آهي " كَدَاْبِ آلِ فِرْعَوْنَ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ " يعني (بدر ۾ وڙهندڙن ڪافرن کي سزا) ائين آهي جيئن فرعون جي پوئلڳن ۽ انهن کان اڳين کي ملي هئي.

آل جي معنيٰ ۽ مراد

آل اصل ۾ اهل هوان جي معنيٰ آهي وارو. جيئن اهل علم-علم وارو-اهلِ خانہ-گهروارو، اهل مال- مال وارو، ۽ آل جو لفظ وڏن ماڻهن ڏانهن نسبت ڪيو ويندو آهي پوءِ اهي دنيا ۾ وڏا هجن جيئن آل فرعون يا دين ۽ دنيا ٻنهي ۾ جيئن آل رسول عليه الصلواة والسلام (۱) قرآن پاڪ ۾ فرعون جي آل مان مراد ان جي فوج، پوليس،

(۱) تبيان شرح ميزان الصرف ص ۲

نوڪر ۽ غلام آهن ڇو تہ فرعون ٻي اولادي هو ۽ اهو پنهنجن فوجين ۽ پوليس جي هٿان ظلم ڪرائيندو هو ان جي ڪري انهن کي آل فرعون سڏيو ويو ۽ تبع هجڻ جي لحاظ سان حضور عليه الصلواة والسلام جن جا سيئي اصحاب، اولاد ۽ هر متقي مومن مسلمان سندن آل ۾ داخل آهن ۽ اڳين مان مراد حضرت نوح، حضرت هود ۽ حضرت صالح عليهم الصلواة والسلام جون قومون آهن. (۱) "كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ" الله جي آيتن جو انڪار ڪيائون پوءِ سندن ئي گناهن جي ڪري الله کين پڪڙيو. آيت مان مراد الله تعالىٰ جي توحيد جا آفاقي ۽ انفسي دلائل يا انبياءِ ڪرام جا مطلق معجزا آهن جن جو ڪافرن انڪار ڪيو هو ۽ قدرتي پڪڙ ۾ آيا هئا. (۲) "اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ" بيشڪ الله قوي، عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي. ڪنهن کي بہ پڪڙڻ جوارادو ڪندو آهي تہ ڪو بہ ان کان بچي نہ سگهندو، سندس قوت ۽ پڪڙ نرالي آهي" "ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ"

يعني (اها پڪڙ جيڪا مٿي بيان ٿي سندن ئي گناهن جي ڪري هئي) الله تعالىٰ ڪنهن بہ قوم تي ڪا نعمت ڪري انهن کان تيستائين نہ ڦيرائيندو آهي جيستائين پاڻ پنهنجن سرن تي ڪيل نعمت جي ڦيرائڻ وارا عمل نہ ڪن. پر جڏهن هُنها پاڻ ان نعمت جي بي قدري ڪندي باطل عقيدا ، گندا اخلاق رکندا ، سهڻا اعمال ڇڏي ڏيندا تہ پوءِ الله تعالىٰ ڪانئن اها نعمت ڪسي وٺندو. شاهوڪار هوندا تہ سڃا ٿي ويندا ، عزت وارا هوندا تہ ذليل ٿي ويندا (۳) "وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ" ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي. مطلب تہ الله تعالىٰ جي رسولن ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوندڙ جيڪو ڪجهہ چون ٿا الله اهو ٻڌندڙ آهي ۽ جيڪوڪجهہ ڪن ٿا الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (۴) نعمت مان مراد ڇا آهي؟ ان ۾ ٻہ قول آهن هڪ تہ ان مان مراد عام نعمت آهي. ٻيو تہ ان مان مراد حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي بعثت آهي. مقصد تہ الله تعالىٰ کين رحمت بنائي موڪليو. پوءِ جن سندن نبوت ۽ رسالت ۽ بعثت جو انڪار ڪيو تن ڄڻ تہ پاڻ تان پاڻهي اها نعمت ڦيرائي ڇڏي (۵)

فائدا: هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هيٺيان فائدا حاصل ٿيا (۱) فقه جا مجتهد امام جنهن قياس سان مسئلا ثابت ڪندا آهن،اهو حق آهي يعني ڪنهن

(۱) نعيمي ص ۵۴ جلد ۱۰ (۲) تنويرالاذهان ص ۳۰ جلد ۲ (۳) تيسير الڪريم الرحمٰن ص ۲۲۰ جلد ۲ (۴) تفسيرالمراغي ص ۱۷جلد ۴ جزء ۱۰ (۵) مدارڪ ص ۱۰۸ جزء ۲ جلد ۱

مشترڪ علت جي ڪري اصل وارو حڪم فرع ۾ جاري ڪرڻ، هتي "كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ" ۾ "ڪ" تشبيه جو آهي يعني ڪفر ۾ ٻيون برايون وغيره ٻنهي ٽولن، مڪي مڪرمه جي رهاڪو، مشرڪن ۽ فرعونين ۾ مشترڪ علت موجود هئي ان جي ڪري ٻئي ڌريون عذاب ۾ مبتلا ٿيون. (١) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ انهن ڏانهن موڪليل ڪنهن بہ قوم تي پيغمبر عليه الصلواة والسلام جي مخالفت ڪان سواء عذاب نہ آيو آهي. جيئن هن آيت جي لفظن "كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ" مان واضح آهي. يعني الله جي نبين عليهم الصلواة والسلام جي طرفان بيان ڪيل توحيد جي دلائل ۽ معجزن جو انڪارڪيائون.پوءِ خدا وندي پڪڙ ۾ آيا. ڇو تہ الله تعالىٰ جي نعمتن جو شڪر نہ ڪرڻ جي ڪري ٻانهي ڪان نعمتون کسجي وينديون آهن پر شڪر ڪرڻ سان نعمتون وڌنديون آهن.

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ

(انهن جو حال فرعون جي تابعن ۽ انهن جهڙو آهي جيڪي انهن ڪان اڳ هيا ڪوڙو ڄاتائون آيتن رب پنهنجي جي کي

فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ۝٥٤

. پوءِ هلاڪ ڪيوسون انهن کي سببان گناهن انهن جي ۽ ٻوڙيوسون تابعن فرعون جي کي ۽ مڙئي هئا ظلم

اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝٥٥

بيشڪ بدترين جانور الله وٽ اهي آهن جن ڪفر ڪيو پوءِاهي نہ ٿا ايمان آڻين

تفسير

اڳ ۾بيان ڪيو ويو تہ جيستائين ڪا قوم پاڻهي . الله تعالىٰ جي نعمت ڪان روگرداني نہ ٿي ڪري تيستائين الله تعالىٰ انهن تان نعمت نہ ٿو ڦيرائي. هنن آيتن ۾ ان جو ثبوت ڏنو ٿو وڃي تہ ڏسو فرعونين تي اسان ڪيترا ڪرم ڪيا پر انهن جڏهن قدر نہ ڪيو تہ تباه ٿي ويا. فرمان اقدس آهي "كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ وَالَّذِيْنَ مِنْ

(١) البحرالمحيط ص ٥٠٧ جلد ۴

"قَبْلِهِمْ" فرعون جي تابعن ۽ انهن وانگر جيڪي انهن کان اڳ ۾ هئا هن نموني جي آيت اڳ ۾ به آئي آهي. پر اتي فرعونين جي ان ڪفر جو بيان هو جيڪو انهن الله تعالىٰ جي رسولن عليهم الصلواة والسلام جي طرفان توحيد جي لاءِ قائم ڪيلن دليلن جو ڪيو هو ۽ هن ۾ انهن جي ان تڪذيب ڪي بيان ڪيو ويو آهي جيڪا انهن رب جي قدرتي نشانين ۽ نعمتن جي ڪئي هئي. "كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ." پنهنجي رب جي آيتن کي ڪوڙو چيائون پوءِ انهن کي سندن ئي گناهن جي ڪري هلاڪ ڪيوسون ۽ فرعون جي تابعن کي ٻوڙيوسون ۽ سيئي ظالم هيا. هن عبارت ۾ "اٰيٰتِ" کان پوءِ "رَبِّهِمْ" جو لفظ آڻي ان طرف اشارو ڪيو ويو آهي ته هي ماڻهو وڏا ظالم ۽ حق نه مڃيندڙ هئا جو جيڪا ذات انهن جي پالڻهار ۽ پرورش ڪندڙ آهي ۽ پيدائش جي ابتداءکان وٺي موجوده حالات تائين ان جي ئي نعمتن ۾ پلجي وڏا ٿيا آهن ان جي آيتن کي ڪوڙو ٿا چون جڏهن ته اڳيئن آيتن ۾ هو ته اسان انهن کي سندن ئي گناهن جي ڪري پڪڙيو پر جڏهن ته اها پڪڙ مختلف نمونن سان ٿي سگهي ٿي ان جي ڪري هن آيت ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي ته اسان انهن کي سندن ئي گناهن جي ڪري ٻوڙي ماريو ۽ اهو ٻوڙي مارڻ ته فرعونين جي لاءِ هو باقي ٻين قومن کي جيڪي سزائون مليون هيون ٻين آيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪن تي زلزلا آيا، ڪي زمين ۾ غرق ڪيا ويا، ڪن جون صورتون مٽجي ويون، ڪن تي طوفان آيو ۽ آخر ۾ مڪي جي مشرڪن کي بدر جي جنگ ۾ مسلمانن جي هٿان قتل ڪرايو ويو. "اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَاللّٰهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَهُمْ لَايُؤْمِنُوْنَ" بلاشڪ سيني جانورن ۾ الله وٽ بدترين جاندار اهي شخص آهن جن ڪفر ڪيو پوءِ اهي ايمان نه ٿا آڻين. دواب دابہ جو جمع آهي. دابہ ان کي چئبو آهي جيڪو زمين تي چري پري. (۱)

سوال: هتي الله تعالىٰ شرالناس ڇو نه آندو؟ يعني ماڻهن ۾ سخت برا.

جواب: ان ۾ اشارو آهي ته ڪافرن سان گڏ اٿڻ ويهڻ به نه گهرجي. ڇو ته اهي انسان ئي نه رهيا آهن عام حيوان وانگر بڻجي ويا آهن. بلڪ انهن کان به برا آهن. (۲)

فائدا: هنن آيتن کي سمجهڻ مان هيٺيان فائدا حاصل ٿيا ء۱ ته عذاب يافتہ قومن مان فرعونين جو ٻوڙڻ نهايت عجيب هو جو هڪ ئي درياءَ مان ان وقت بني اسرائيل سلامت نڪتا ۽ فرعوني ٻڏي ويا. ڇو ته اسرائيلي حضرت موسىٰ نبي سڳوري سان

(۱) معارف القرآن ص ۲٦٦جلد ۴ (۲) روح البيان ص ۳٦۲ جلد ۳

گڏ هئا ۽ فرعوني جدا هئا۽ ۲ ڪافر جانورن تانجو ڪتي ۽ سوئر ڪان بہ برا آهن ڇو تہ ڪو بہ جانور ڪافر، بت پرست ۽ الله جل جلالہ جي نبي سان مقابلو ڪندڙ نہ آهي. حالانڪ اهي آهن بہ عقل ڪان خالي. الله تعاليٰ هنيءَ آيت ۾ بہ ڪافرن ڪي ساري مخلوق ڪان نهايت برو سڏيو آهي. فرمان مبارڪ آهي "اُولٰٓئِکَ هُمۡ شَرُّ الۡبَرِيَّةِ" (۱) اهي ئي مخلوق ۾ زياده برا آهن. حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي ٻيڙيءَ ۾ جانورن لاءِ جاءِ هئي پر سندس ڪافر پٽ ڪنعان جي لاءِ ڪافر هجڻ جي ڪري نہ هئي ۳ اِلله جل شانہ جا مومن ٻانها عام مخلوق ڪان ڀلا آهن جيئن فرمان مبارڪ آهي "اُولٰٓئِکَ هُمۡ خَيۡرُ الۡبَرِيَّةِ" (۲) اهي مخلوق ۾ ڀلا آهن. ان جي ڪري انهن لاءِ جنت جون نعمتون ۽ راحتون رکيون ويون آهن. اللهم اجعلنا من اهل الجنة بحرمة حبيبک ساقي الڪوثر- صلى الله عليه وسلم.

اَلَّذِيۡنَ عَاهَدۡتَّ مِنۡهُمۡ ثُمَّ يَنۡقُضُوۡنَ عَهۡدَهُمۡ فِيۡ كُلِّ مَرَّةٍ وَّهُمۡ

اهي جو معاهدو ڪيو تو انهن سان تنهن ڪان پوءِ ٽوڙين ٿا عهد پنهنجو هر ڀيري ۽ اهي

لَا يَتَّقُوۡنَ ۝٥٦ فَاِمَّا تَثۡقَفَنَّهُمۡ فِى الۡحَرۡبِ فَشَرِّدۡ بِهِمۡ مَّنۡ خَلۡفَهُمۡ

نہ ٿا ڊڄن پوءِ جيڪڏهن لهين انهن کي جنگ ۾ تہ پوءِ ڀڄاءِ انهن سان انهن کي جو پويان انهن جي آهن

لَعَلَّهُمۡ يَذَّكَّرُوۡنَ ۝٥٧ وَاِمَّا تَخَافَنَّ مِنۡ قَوۡمٍ خِيَانَةً فَانۢبِذۡ اِلَيۡهِمۡ

تانتہ اهي نصيحت وٺن ۽ جيڪڏهن انديشو ڪرين ڪنهن قوم مان خيانت جو تہ پوءِ اڇلاءِ انهن ڏانهن

عَلٰى سَوَآءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡخَآئِنِيۡنَ ۝٥٨

برابريءَ (جي بنياد) تي بيشڪ الله نہ ٿو محبت رکي خيانت ڪندڙن سان.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ ڪافر الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ جانورن ڪان بہ سخت برا آهن ۽ هتي انهن جي براين مان هڪ برائي بيان ڪئي وئي آهي يعني خيانت ۽ عهد شڪني.

(۱) سورة البينة آيت ٦ (۲) سورة البينة آيت ۷

شان نزول

مدينہ منوره ۾ يهودين جا ٻہ قبيلا آباد هئا . ۱- بني قريظه ۲- بني نضيره ، جڏهن حبيب خدا ، سيد انبيا عليه و عليهم الصلواة والسلام جن مکه مکرمه مان هجرت ڪري مدينہ پاڪ ۾ پهتا تہ پاڻ بني قريظه سان معاهدو ڪيو هيائون تہ اهي اسلام ۽ ان جي آٽيندڙ هستي (عليه الصلوات والتسليمات) جي مقابلي ۾ سندن دشمنن سان ڪنهن بہ قسم جي مدد نہ ڪندا بلڪ غير جانبدار ٿي رهندا پر جڏهن بدر جي جنگ جو واقعو پيش آيو تہ بني قريظه وارن لڪ ۾ مکي پاڪ مان جنگ لاءِ ايندڙن ڪافرن کي خفيہ نموني هٿيار سپلاءِ ڪيا ۽ ٻي بہ هر ممڪن جنگي مدد ڪئي. جڏهن الله جل جلالہ ڪافرن جي مقابلي ۾ مسلمانن جي کلي مدد ڪئي ۽ انهن بني قريظه جي بدبختن کان ان جي باري ۾ پڇيو ويو تہ انهن چيو تہ اسان کان غلطي ٿي وئي. آئينده جي لاءِ ائين نہ ڪنداسون. پوءِ انهن سان ٻيو ڀيرو ان ئي قسم جو معاهدو ڪيو ويو ۽ سندن دلين ۾ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جي ۽ مسلمانن جي هيبت ويهي وئي ۽ سمجهي ويا تہ حضرت حبيب عليه الصلواة والسلام سچو نبي آهي ۽ اسلام دنيا جي ٻين سيني دينن تي غالب ٿي ويندو پر جڏهن احد جي جنگ ۾ مسلمانن کي تڪليف پهتي تہ بني قريظہ جا يهودي وري دل ڪري ويا ۽ سندن سردار ڪعب بن اشرف پنهنجن ساٿين کي پاڻ سان وٺي مکه پاڪ پهچي ڪافرن کي وري مسلمانن تي حملي ڪرڻ لاءِ ڀڙڪايو نہ صرف مکه مکرمه وارن کي پر ساري عرب جي ڪافرن کي ملاقاتن ذريعي مسلمانن سان هڪ فيصلي ڪن جنگ لاءِ آماده ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ خندق واري جنگ (جنهن کي غزوة الاحزاب بہ سڏيو ويو آهي) وجود ۾ آئي. انهن جي متعلق هي آيتون لٿيون جن ۾ ارشاد ٿيو. "اَلَّذِيْنَ عَاهَدْتَّ مِنْهُمْ ثُمَّ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَهُمْ فِيْ كُلِّ مَرَّةٍ وَّهُمْ لَا يَتَّقُوْنَ" يعني انهن بدترين جانورن مان اهي (بہ) آهن جن سان اوهان معاهدو ڪيو ۽ اهي ان عهد کي هر ڀيري ڀڃن پيا ۽ اهي ڊڄن ئي نہ ٿا. مطلب تہ اهي هر ڀيري غداري ڪندا رهن ٿا "فَاِمَّا تَثْقَفَنَّهُمْ فِي الْحَرْبِ فَشَرِّدْ بِهِمْ مَّنْ خَلْفَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ."

يعني جيڪڏهن اهي ڪافر توکي جنگ ۾ لين ۽ انهن تي غالب ٿين ته انهن کي اهڙي سزا ڏي جو پويان اچڻ وارا ڏسي ڀڄن ۽ جن کي سزا ملي اهي به ٻين لاءِ عبرت بڻجن تانته اهي نصيحت وٺن پوءِ يا ته ڪفر کان ئي توبهہ ڪندا يا پنهنجن ڪافرن جي مدد ڪرڻ کان ڀڄندا. "وَإِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ خِيَانَةً فَانْبِذْ إِلَيْهِمْ عَلَىٰ سَوَاءٍ ۚ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْخَائِنِينَ" يعني جيڪڏهن (معاهدي ڪرڻ کان پوءِ) ڪنهن قوم مان خيانت جو خوف ۽ خطرو محسوس ڪيو ته سندن معاهدو سندن طرف برابري جي ليول تي اڇلائي ڏيو، يقينن الله خيانت ڪندڙن سان محبت نه ٿو رکي. مطلب ته جيڪڏهن ڪنهن قوم ڪليل عهد شڪني نه ڪئي آهي پر آثار ۽ قرينا ٻڌائن ٿا ته اهي معاهدي ٽوڙڻ جي لاءِ تيار آهن ته اوهان کي اجازت آهي جيڪڏهن مصلحت سمجهو ته انهن جو عهد واپس ڪيو ۽ ڪين معاهدي کان دستبرداريءَ جو اطلاع ڏئي مناسب ڪارروائي ڪيو تانته ٻئي جماعتون ڪيل معاهدن جي ڪري شڪ ۽ شبهي ۾ نه رهن ۽ ٻئي مساويانه طور تي سجاڳ ۽ هوشيار ٿي پنهنجي حفاظت جو انتظام رکن. اوهان جي طرفان ڪا چوري يا خيانت نه ٿئي ڇو ته خيانت ڪرڻ (ڇو نه ڪافرن سان هجي) کي الله تعالىٰ پسند نه ٿو ڪري.

فائدو: آيت مبارڪه تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو ته مسلمان کي گهرجي ته پنهنجي وعدي جو سخت پڪو رهي. ڏسو قرآن پاڪ ۾ انهن ڪافرن سان به وعدي وفا ڪرڻ ۽ خيانت نه ڪرڻ جو حڪم ٿي رهيو آهي، جيڪي مسلمانن کي ڌوڪي ڏيڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا ۽ خيانت صرف مال ۽ ملڪيت ۾ نه هوندي آهي پر وعدي برخلافي ڪرڻ به هڪ قسم جي خيانت آهي، الله جل جلاله هر مسلمان، مؤمن کي هر قسم جي خيانت ڪرڻ کان منع ڪئي آهي.

وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا سَبَقُوا ۚ إِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُونَ ﴿٥٩﴾ وَأَعِدُّوا لَهُمْ

۽ هرگز نه سمجهن اهي شخص جو ڪفر ڪيائون، ته اڳتي وڌي ويا. بيشڪ اهي نه عاجز ڪندا ۽ تيار ڪيو واسطي انهن جي

مَا اسْتَطَعْتُمْ مِنْ قُوَّةٍ وَمِنْ رِبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُونَ بِهِ عَدُوَّ اللَّهِ

اهو جو ڪري سگهو طاقت ۽ گهوڙن ٻڌڻ مان ڊيڄاريو ان سان دشمن الله جي کي

وَعَدُوَّكُمْ وَاٰخَرِيْنَ مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ لَا تَعْلَمُوْنَهُمْ ۚ اَللّٰهُ يَعْلَمُهُمْ ۗ وَمَا

۽ دشمن پنهنجي کي ۽ ٻين کي سواءِ انهن جي جو نہ ٿا ڄاڻو انهن کي. الله ڄاڻي ٿو انهن کي اها جو

تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ۝۶۰

خرچ ڪندؤ ڪا بہ شيءِ واٽ الله جي ۾ تہ پورو بدلو ڏنو ويندو. اوهان جي لاءِ ۽ اوهان نہ ظلم ڪيا ويندؤ.

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن ڪافرن جو ذڪر هو جيڪي وعدي برخلافي ڪري رهيا هيا ۽ ان جي باوجود مسلمانن جي دسترس هيٺان هئا جو ڪين سزا ڏئي سگهيا ٿي ۽ هتي انهن ڪافرن جو جيڪي اسان جي دسترس کان نڪري ويا ذڪر ڪندي بيان ڪيو ٿو وڃي تہ اهي خوش نہ ٿين اهي بہ عنقريب گرفت ۾ ايندا. فرمان عاليشان آهي "وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَبَقُوْا اِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُوْنَ" ۽ ڪافر ائين نہ سمجهن تہ اهي اڳتي وڌي ويا. يقينن اهي عاجز نہ ڪندا. مٿي ذڪر ڪيل حڪم تہ ڪافرن کي معاهدي ٽوڙڻ جو اطلاع ڏيو. ٻڌڻ کان پوءِ ممڪن هو تہ ڪافر ان کي مسلمانن جي سادگي سمجهي خوش ٿين ها تہ جڏهن انهن وٽ خيانت ۽ ڌوڪو جائز ناهي تہ اهي اسان کي اطلاع ڏيندا پر اسان انهن سان خيانت ۽ ڌوڪو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينداسون ۽ ڪين نقصان پهچائينداسون. انهن کي تنبيهہ ڪئي وئي آهي تہ اها سوچ ئي نہ رکو. اوهان ڪٿي ڪيتري بہ تياري ۽ انتظامات ڪيو پر جڏهن الله جل جلالہ مسلمانن جي هٿان اوهان کي خوار ۽ ذليل ڪرڻ گهرندو تہ اوهان ڪنهن بہ تدبير سان ان کي نہ عاجز ڪري سگهندا ۽ نہ ان جي قدرت ۽ تسلط جي احاطي ڪان ڀڄي سگهندا. "وَاَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّمِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ" ۽ انهن جي لاءِ جيترو ڪري سگهو ٿا طاقت ۽ گهوڙن ٻڌڻ مان ڪيو. مطلب تہ الله جل شانہ تي ڀروسي ڪرڻ جي معنىٰ اها ناهي تہ شرعي طرح جائز ۽ ضروري اسباب بہ اختيار نہ ڪيو. مسلمانن تي فرض آهي تہ وس آهر جهاد جو سامان تيار رکن، جيڪو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي مبارڪ دور ۾ گهوڙا، تلوارون، نيزا ۽ خنجر وغيره هيا ۽ هن هلندڙ دور ۾

جنگي جهاز، ميزائيل وغيره رکڻ ۽ انهن جي استعمال ڪرڻ جي ڄاڻ آهي.
"تُرۡهِبُوۡنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَعَدُوَّكُمۡ وَاٰخَرِيۡنَ مِنۡ دُوۡنِهِمۡ ۚ لَا تَعۡلَمُوۡنَهُمۡ ۚ اَللّٰهُ يَعۡلَمُهُمۡ" ان سان الله جي دشمنن ۽ پنهنجن دشمنن ۽ انهن کان سواءِ ٻين کي ڊيڄاريو. اوهان انهن کي نه ٿا ڄاڻو، الله انهن کي ڄاڻي ٿو. يعني جنگ لاءِ هميشه تيار رهڻ، هٿيار رکڻ، دشمن کي ڊيڄارڻ ۽ ان تي رعب ۽ دٻدٻي ويهارڻ جا ظاهري سبب آهن. باقي فتح ۽ ڪاميابيءَ جو اصل سبب ته الله جل شانه جي مدد آهي. جيئن ٻهريان بيان ٿي چڪو آهي. (اهي دشمن جيڪي اوهان نه ٿا ڄاڻو) مان مراد منافق آهن جيڪي مسلمانيءَ جي پردي ۾ هئا. (۱) "وَمَا تُنۡفِقُوۡا مِنۡ شَيۡءٍ فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيۡكُمۡ وَاَنۡتُمۡ لَا تُظۡلَمُوۡنَ" ۽ جيڪا به شيءِ الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندؤ ته ان جو اوهان کي پورو پورو بدلو ملندو ۽ اوهان ظلم نه ڪيا ويندؤ. هي مالي جهاد ڏانهن اشارو آهي يعني جهاد جي تياريءَ ۾ جيترو به مال خرچ ڪندؤ اوهان کي ان جو آخرت ۾ پورو پورو درجو ڏنو ويندو. هڪ نيڪيءَ جي بدلي ۾ ست سؤ نيڪين جو ثواب. (۲) ۽ گهٽ ڪري ته دنيا ۾ ئي ان جو معاوضو ملي ويندو آهي.

في سبيل الله خرچ ڪرڻ جي برڪت

روداني جمع الفوائد ۾، هيثمي مجمع الزوائد ۾ ۽ بزار معراج جي طويل حديث ۾ روايت آندي آهي ته: حضور عليه الصلواة والسلام جن معراج واري رات هڪ اهڙي قوم کان لنگهيا جو هڪ ڏينهن پوک پوکين، پيا ۽ ٻئي ڏينهن لڻن پيا پر لڻڻ کان پوءِ وري به اهڙي تيار ٿيو بيٺي آهي. جهڙي ٻهريائين هئي. پوءِ پاڻ جبرئيل کي فرمايائون ته: هي ڇا آهي؟ عرض ڪيائين ته: هي في سبيل الله جهاد (۾ خرچ) ڪندڙ آهن جن لاءِ هڪ نيڪي ستن سون تائين ٻيڻي ڪئي وڃي ٿي ۽ جيڪو خرچ ڪن ٿا الله اهو (دنيا ۾ ئي) ڪين واپس ڪري ڏيندو آهي. (۳)

وَاِنۡ جَنَحُوۡا لِلسَّلۡمِ فَاجۡنَحۡ لَهَا وَتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ

۽ جيڪڏهن لاڙو ڪن واسطي صلح جي ته پوءِ لاڙو ڪر واسطي ان جي ۽ توڪل ڪر الله تي بيشڪ اهوئي

السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۶۱﴾ وَاِنۡ يُّرِيۡدُوۡۤا اَنۡ يَّخۡدَعُوۡكَ فَاِنَّ حَسۡبَكَ اللّٰهُ ؕ

ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ۽ جيڪڏهن ارادو ڪن هي ته ٺوڳو ڏين توکي پوءِ تحقيق ڪافي آهي تو لاءِ الله.

(۱) التفسير الكبير ص ۱۸۶ جزء ۱۵ (۲) القرطبي ص ۳۸ جلد ۸. (۳) تنوير الاذهان ص ۳۵ جلد ۲

هُوَالَّذِيٓ اَيَّدَكَ بِنَصۡرِهٖ وَبِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۝ وَاَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ

اهوئي آهي جو تائيد ڪيائين تنهنجي مدد پنهنجيءَ سان ۽ مؤمنن سان ۽ محبت وڌايائين دلين انهن جي ۾

لَوۡاَنۡفَقۡتَ مَا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا مَّآاَلَّفۡتَ بَيۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ وَلٰكِنَّ

جيڪڏهن خرچ ڪرين ها تون اهو جي زمين ۾ آهي سڀ ته محبت پيدا ڪرين ها دلين انهن جي ۾ ۽ پر

اللّٰهَ اَلَّفَ بَيۡنَهُمۡ ؕ اِنَّهٗ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ۝

الله محبت پيدا ڪيائين انهن ۾ بيشڪ اهو غالب حڪمت وارو آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ مسلمانن کي جهاد جي لاءِ تياري ۽ قوة پيدا ڪرڻ جو حڪم هو ۽ هنن ۾ انهن جي عاقبت ۽ انجام جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته اوهان جي طاقت ۽ پاور کي ڏسي ممڪن آهي ته دشمن صلح جي لاءِ تيار ٿين. ارشاد عالي آهي "وَاِنۡ جَنَحُوۡا لِلسَّلۡمِ فَاجۡنَحۡ لَهَا" ۽ جيڪڏهن صلح لاءِ لاڙو ڪن ته تون به ان لاءِ لاڙو ڪر. هي نئون جملو آهي جنهن ۾ نئون حڪم ڏنو ويو آهي يعني صلح جي لاءِ ۽ اهو حڪم وجوب لاءِ نه پر مباح هجڻ لاءِ آهي. مطلب ته جيڪڏهن انهن سان صلح ڪيو ته جائز آهي. صلح ڪرڻ فرض يا واجب ناهي. اهو ئي سبب آهي جو حضرت علي رضي الله عنه خارجين سان جنگ ڪئي ۽ صلح نه ڪيو ۽ پاڻ زنديقن (اندر جي ڪافرن عبدالله بن سبا جي تابعن) کي جيئرو ئي باهه ۾ ساڙائي ڇڏيائين (١) ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه زڪواة جي منڪرن ۽ مسليمه ڪذاب جي معتقدن مرتدن سان صلح جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان سواءِ ئي جهاد شروع ڪري ڏنو (٢) "وَتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ" ۽ الله تي توڪل ڪر بيشڪ اهو ئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي. المقصد ته اوهان ڪافرن سان سندن صلح لاءِ لاڙو ڏسي پوءِ صلح ڪيو ۽ الله تي ڀروسو رکو ۽ انهن جي مڪر ۽ فريب جو خطرو ذهن مان ڪڍي

(١) حاشية مشڪواة شريف ص ٣٠٧ (٢) نعيمي ص ٧٩ جلد ١٠

ڇڏيو. يقينن اهو هر ڳالهه جو ٻڌندڙ ۽ هر شي کي ڄاڻندڙ آهي.
"وَاِنْ يُّرِيْدُوْا اَنْ يَّخْدَعُوْکَ فَاِنَّ حَسْبَکَ اللّٰهُ" ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڌوکي ڏيڻ جو ارادو ڪندا ته پوءِ (پريشان نه ٿيو) يقينن الله اوهان جي لاءِ ڪافي آهي. انهن جي شر ۽ مڪر کان اوهان کي هر طرح محفوظ رکندو. (۱) "هُوَالَّذِيْٓ اَيَّدَکَ بِنَصْرِهٖ وَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ" اهو (الله) ئي ته آهي جنهن تنهنجي پنهنجي مدد ۽ مؤمنن سان تائيد ڪئي. هن عبارت ۾ الله جل شانه پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام جن کي ان تائيد ۽ مدد ڪرڻ واري نعمت ياد ڏياري آهي ته اي حبيب! عليه الصلواة والسلام اسان اوهان جي مهاجرن ۽ انصارن سان تائيد ڪئي ۽ پنهنجي طرفان خصوصي مدد ڪرڻ فرمائي (۲) "وَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ لَوْاَنْفَقْتَ مَا فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَلٰکِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَيْنَهُمْ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ حَکِيْمٌ" ۽ سندن دلين ۾ (هڪ ٻئي لاءِ) محبت پيدا ڪيائين. جيڪڏهن تون جو ڪجهه به زمين آهي سڀ خرچين ته به انهن جي دلين ۾ محبت پيدا ڪري نه ٿو سگهين ۽ پر الله انهن جي دلين ۾ محبت پيدا ڪئي آهي. بلاشبه اهو غالب، حڪمت وارو آهي.

نبوي معجزو

علامه زمخشري لکيو آهي ته انهن جي دلين ۾ جن ڏانهن حضور عليه الصلواة والسلام جن مبعوث فرمايا ويا محبت پيدا ڪرڻ سندن روشن معجزن مان هڪ معجزو آهي ڇو ته عربن ۾ جيڪا حميت، تعصب، ٿوري گهٽي ڳالهه تان ويڙهه شدت اختيار ڪري چڪي هئي، ان جي هوندي صرف ٻن ڄڻن مخالفن ۾ محبت پيدا ڪرڻ ئي مشڪل ڳالهه هئي پر سيئي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اتباع ۾ اهڙا متحد ٿي ويا جو اسلام جي منڪرن جي مٿان هڪ ئي ڪمان مان سڀ تير هٽيٰ رهيا هئا. ۽ اهو سڀ قادر رب جي قدرت جو ڪمال هو، جنهن انهن جي دلين مان بغض، ڪينو ڪڍي انهن جي اندر ۾ هڪ ٻئي جي لاءِ محبت مودت ۽ الفت پيدا ڪئي (۳) امام حسن بصري ۽ قتاده جو قول آهي ته هيءَ صلح واري آيت ڪافرن کي قتل ڪرڻ جي حڪم سان منسوخ ٿيل آهي ۽ ٻين جو قول آهي ته اها منسوخ نه آهي جيڪڏهن مسلمان حاڪم صلح ۾ مصلحت ڏسي ٿو ته صلح ڪرڻ جائز آهي پر ڪيتري مدت لاءِ صلح ڪري. جيڪڏهن سمجهي ٿو ته پاڻ قوت ۽ جنگ جي طاقت

(۱) روح البيان ص ۳٦٦ جلد ۳ (۲) تفسير ابن ڪثير ص ۳۲۳ جلد۲ (۳) الڪشاف ص ۱۲۲ جلد۲

دشمنن کان وڌيک رکي ٿو تہ وڌ ۾ وڌ هک سال صلح کري ۽ جيکڏهن دشمن طاقتور آهي تہ ان سان وڌ ۾ وڌ ڏهن سالن لاءِ معاهدو کري (۱) پر ان صلح ۽ معاهدي ۾ مقرر کيل وقت بہ کافرن تي اعتماد نہ کرڻ گهرجي. پروسو صرف رب العزة جل مجده تي کري.

فائدو: الله جل شانه جي ٻانهن کان مدد وٺڻ جائز آهي نہ شرک آهي نہ کفر - رب پاک حضور عليه الصلاة والسلام جن کي فرمايو تہ: الله اهو ئي تہ آهي جنهن اوهان جي پنهنجي مدد ۽ مومنن سان تائيد کئي. جيکڏهن مومنن سان مدد وٺڻ ناجائز هجي ها تہ رب العزت جل مجده انهن سان تائيد جو ذکر نہ کري ها. ۽ اهو ثابت ٿيو تہ مومنن جو پاڻ ۾ اتحاد ۽ اتفاق نهايت پياري شيءِ آهي جنهن کي الله تعالیٰ پنهنجو احسان کري بيان فرمايو آهي (۲)

يَاۤ اَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُکَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَکَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٤﴾

اي غيب جون خبرون ڏيندڙ! کافي آهي تولاءِ الله ۽ اهو جو تابع ٿيو تنهن جو مومنن مان.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ارشاد ٿيو هو تہ الله اوهان جي لاءِ کافي آهي، ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ الله اوهان لاءِ تہ کافي آهي پر جيکو اوهان جو تابع ٿيو آهي اهو بہ اوهان ۽ اوهان جي دين متين جي خدمت ۽ حفاظت جي لاءِ کافي آهي. فرمان عالي شان آهي "يَاۤ اَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُکَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَکَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" اي نبي! تنهنجي لاءِ الله کافي آهي ۽ مومنن مان جيکو تنهنجو تابع ٿيو.

شان نزول

اسلام جو ابتدائي دور هو اجان اوڻيتاليهہ (۳۹) شخص اسلام تي آيا هئا ٽيٽيهہ مرد ۽ ڇهہ عورتون. ٽي ڏينهن اڳ ۾ سيدنا حضرت حمزه اسلام قبول کيو هو ۽ کافرن مسلمانن تي ظلم ۽ تشدد حد کان لنگهائي ڇڏيا هئا اربعاءجو ڏينهن هو تہ حضرت حبيب کريم عليه الصلاة والسلام جن ايزدي بارگاهہ ۾ دعا گهري تہ:

(۱) خازن ص ۱۹۵ جلد۲ (۲) نعيمي ص ۸۲ جلد ۱۰

الاهي! اسلام کي قوت عطا کر، عمرو بن هشام (ابوجهل) کي مسلمان بڻائڻ جي ذريعي يا عمر بن الخطاب جي مسلمان ڪرڻ جي ذريعي. حضور پاڪ عليه الصلاة والسلام جن جي اها دعا بارگاهه خداونديءَ ۾ مقبول ۽ مستجاب ٿي ۽ حضرت عمر کي رب العزت حبيب پاڪ عليه الصلاة والسلام جن جي دعا جي صدقي اسلام نصيب ڪيو ۽ مسلمان ٿي دنيا تي اسلام جو نالو بلند ڪيائين، حضرت عمر فاروق رضي الله عنه خميس جي ڏينهن مسلمان ٿيو ۽ ان وقت سندس عمر ڇويهه (٢٦) سال هئي (١)

حضرت عمر جي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته جڏهن آيت ڪريمه "اِنَّكُمۡ وَمَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ" (اي ڪافرو! اوهان ۽ جن جي الله کان سواءِ عبادت ڪيو ٿا جهنم جو ٻارڻ آهيو) نازل ٿي ته ابوجهل قريشي سردارن کي گڏ ڪري تقرير ڪئي ته (حضرت) محمد (عليه الصلاة والسلام) ته هاڻي اوهان کي ۽ اوهان جي معبودن کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون آهن ڇا اوهان ۾ ڪو اهڙو غيرتمند ناهي؟ جو ان کي قتل (شهيد) ڪري ته مان ان کي هڪ سئو (١٠٠) اٺ انعام ۾ ڏيندس. (ياد رکڻ گهرجي ته ابوجهل حضرت عمر رضي الله عنه جو سڳو مامون هو. سندس پيڻ حضرت عمر رضي الله عنه جي ماءُ هئي) ۽ اٺن سان گڏ هڪ هزار اوقيه چاندي به ڪيس عطا ڪندس (حضرت) عمر (رضي الله عنه) اٿي چيس ته: ماما! اهو وعدو پڪو آهي ضرور پورو ڪندين؟ ان چيو ته بلڪل پورو ڪندس پوءِ حضرت عمر ان کي ڪعبة الله ۾ وٺي هبل، لات ۽ منات بتن جي اڳيان عهد ورتو ۽ اقرار ڪرايو ان وقت بيت الله ۾ ننڍا وڏا ڏيڍ هزار (١٥٠٠) بت پيا هئا جن جو وڏو هبل هيو. بس اهو ڪم پڪو ڪري حضرت عمر سڄي هٿ ۾ تلوار ڪنڌي ۽ کٻي ڪلهي تي ڪمان رکي روانو ٿيو. ان وقت محبوب پاڪ عليه الصلاة والسلام جن ڪجهه مسلمانن سان گڏ صفا جبل جي پير ۾ دارارقم ۾ خفيه نموني رهيل هئا. حضرت عمر رضي الله عنه کي غصي ۽ ڪاوڙ جي ڪيفيت ۾ هٿيارن سان مسلح ڏسي رستي ۾ هڪ شخص پڇيو ته: عمر! ڪاڏي پيو وڃين؟ چيائين ته (حضرت) محمد (صلى الله عليه وسلم) ڏاڍو فساد برپا ڪيو آهي (معاذ الله ثم معاذالله من هذا القوم الباطل) ان کي (شهيد) قتل ڪرڻ ٿو وڃان، نه هوندو، نه فساد برپا ٿيندو. ان چيس ته عمر! اهو فساد ته

(١) روح البيان ص ٣٦٨ جلد١ - نعيمي ص ٨٦ جلد ١٠

تنهنجي گهر ۾ بہ قائم ٿي چڪو آهي پنهنجو گهر سنڀال ۽ اوڏانهن توجه ڪر. تنهنجي ڀيڻ مڙس سميت مسلمان ٿي چڪي آهي جنهن جو گهر قرآن پاڪ جي پڙهائي جو مدرسو لڳو پيو آهي. حضرت عمر اتاهين کان پنهنجي ڀيڻ جي گهر ڏانهن موٽيو تہ ان وقت سندس ڀيڻ جنهن جو نالو فاطمہ ۽ ڀيڻويو جنهن جو نالو سعيد بن زيد هو سورة طٰهٰ پڙهي رهيا هئا سندن گهر جو دروازو اندران بند هو سڏ ڪري دروازو کولايائين ۽ ڀيڻ کان پڇيائين تہ ڇا ٿي پڙهين؟ ائين چئي پنهنجي ڀيڻ جي مڙس سعيد بن زيد کي ڇمبڙي ويو ۽ تمام گهڻو مارايائينس. سندس ڀيڻ پنهنجي مڙس کي ڇڏائڻ آئي تہ ان کي بہ ڏاڍو مارايائين. ڀيڻ اها سخت مار برداشت ڪندي چيس تہ: اي عمر! اسان اسلام قبول ڪيو آهي تون اسان کي قتل ڪندين تہ بہ اسلام نہ ڇڏينداسون. سندس ڀيڻ جي ان گفتي ٻڌڻ سان حضرت عمر ڪجھ ٿڌو ٿيو ۽ ڀيڻ کي چيائين تہ: مون کي اهو ڪاغذ ڏيو جيڪو اوهان پڙهيو پئي جنهن تي قرآن پاڪ لکيل آهي ڀيڻ چيس پاءِ! تون شرڪ ۽ ڪفر جي پليديءَ جي ڪري پاڪ نہ آهين قرآن پاڪ کي پاڪ هٿ لائيندا پليد نہ لائيندا. هڪ روايت موجب سندس ڀيڻ کيس قرآن پاڪ پڙهي ٻڌايو تہ پاڻ روئي ڏنائين ۽ اسلام قبول ڪرڻ جي نيت سان دارارقم ڏانهن روانو ٿيو. دروازي تي پهچي دروازو کڙڪائي کولڻ لاءِ چيائين اصحابن سڳورن خطرو سمجهي دروازو نہ کوليو پر حضرت حمزه رضي الله عنه جيڪو تازو مسلمان ٿي چڪو هو فرمايو تہ: دروازو کوليو جيڪڏهن عمر سٺي ارادي سان آيو آهي تہ اسين ان جو احترام ڪنداسون ۽ جيڪڏهن بدارادي سان آيو آهي تہ سندس ئي تلوار سان سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪنداسون. پوءِ دروازو کوليو ويو ۽ جيئن جو حضرت عمر رضي الله عنه جي نگاھ حضرت حبيب ڪريم عليه الصلاة والسلام جن جي حسين ۽ نوراني منهن مبارڪ تي پئي تہ پاڻ کيس هٿ مان وٺي پڇيائون تہ: ڪهڙي ارادي سان آيو آهين؟ عرض ڪيائين تہ اسلام قبول ڪرڻ لاءِ. حضور پر نور عليه الصلاة والسلام جن کيس ڪلمه طيبه پڙهايو مسلمانن خوشيءَ مان الله اڪبر جو اهڙو زور سان نعرو هنيو جو مڪه مڪرمه جي بازار ۾ ٻڌڻ ۾ آيو ۽ پوءِ جبرئيل امين اها آيت آڻي عرض ڪيو تہ: عمر جي مسلمان ٿيڻ جي ڪري ملائڪن ۾ خوشي پيدا ٿي آهي.

ڪعبة الله ۾ ظاهر ٿي نماز ادا ڪئي وئي

بعضي روايتن ۾ آيو آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنه جي مسلمان ٿيڻ تي خوشيءَ مان پهريان حضور عليه الصلاة والسلام جن پاڻ الله اڪبر جو نعرو هنيو هو. ان

وقت حضرت عمرِ رضي الله عنه کين عرض ڪيو تہ يا رسول الله ڪافر پنهنجن ڪوڙن معبودن کي ظاهر ظهور پوڄيندا وتن ۽ اسين حق وارا، پنهنجي سچي معبود بالحق جي عبادت لڪي ويهي ڪيون اڄ هلو تہ ڪعبه ڪريم ۾ کليءَ طرح نماز ادا ڪيون مون کي ان رب جو قسم آهي جنهن اوهان کي نبي بنائي موڪيلو آهي تہ مان جن مجلسن ۾ ڪفر جون ڳالهيون ڪندو هوس انهن ۾ اسلام جون کلي ڳالهيون ڪندس. ڪافرن کي جڏهن حضرت عمر جي مسلمان ٿيڻ جي خبر پئي تہ اهي گهرن ۾ لڪي ويا ۽ مسلمانن بيت الله شريف جي اڳيان کلي نماز ادا ڪئي (۱) ڪيترن مفسرن لکيو آهي تہ هيءَ آيت حضرت عمر رضي الله عنه جي مسلمان ٿيڻ وقت نازل ٿي هئي ان جي ڪري مڪيه آهي جيڪا حضور عليه الصلاة والسلام جن جي امر سان مدنيه سورتن ۾ رکي وئي آهي ۽ ڪي چون ٿا تہ نہ هيءَ آيت بہ مدنيه آهي بدر جي ميدان ۾ جنگ ڪندڙ مجاهدن جي حق ۾ نازل ٿي آهي. علامه مفتي احمد يار خان نعيميءَ لکيو آهي تہ قوي قول اهو آهي تہ هيءَ آيت سورة الفاتحه وانگر بہ ٻيرا نازل ٿي آهي پهريان حضرت عمر جي مسلمان ٿيڻ وقت مڪي پاڪ ۾- پوءِ بدر جي جنگ وقت مدينه پاڪ ۾ (۲)

هڪ اهم سمجهاڻي

ياد رکڻ گهرجي تہ آيت جي جملہ "حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ" جي ترڪيب ۾ علماءِ ڪرام بہ واٽون لکيون آهن "۱" "وَ" مع جي معنيٰ ۾ آهي پوءِ ترجمه ٿيندو تہ: الله تو لاءِ انهن مومنن سميت جيڪي تنهنجا تابع ٿيا ڪافي آهي، اوهان سڀني جو محافظ ۽ مددگار اهو ئي آهي "۲" تہ "وَ" عطف جو آهي ۽ "مَنِ" الله جي لفظ تي عطف ڪيل آهي پوءِ معنيٰ ٿيندي تہ: تنهن جي لاءِ الله ڪافي آهي ۽ اهو بہ ڪافي آهي جيڪو تنهنجو مومن تي تابع ٿيو آهي (۳) ۽ ان مان مراد حضرت عمر رضي الله عنه آهي (۴)

محبت پيدا ڪرڻ جو عمل

علامه اسماعيل حقي لکيو آهي تہ: مون ڪن پرهيزگارن عالمن ۽ زاهدن بزرگن کان ٻڌو ان جون بہ زالون هيون جن جو هڪ ٻئي سان سخت بغض ۽ ڪينو هو ان آيت مبارڪه "هُوَ الَّذِيْٓ اَيَّدَكَ بِنَصْرِهٖ وَبِالْمُؤْمِنِيْنَ" سچي هڪ پاٽيءَ سان پريل ٿانو تي پڙهي دم ڪري اهو پاڻي ٻنهن کي پياريو تہ انهن جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت پيدا ٿي ۽ هميشه لاءِ سندن دشمني ۽ بغض دفع ٿي ويا. (۵)

(۱) المواهب اللدنية ص ۲۴۲ جلد۱ - مدارج النبوة ص ۷۰ جلد۲ (۲) نعيمي ص۸۸ جلد ۱۰
(۳) التبيان في اعراب القرآن ص۶۳۰ جلد۲ (۴) بحر العلوم ص ۲۵ جلد۲ (۵) روح البيان ص ۳۶۸ جلد ۳

نبوي حديثن علىٰ قائلها الصلاة والسلام مان حضرت عمر رضي الله عنه جو شان

(۱) حضرت عمر رضي الله عنه سراپا دين آهي

امام المحدثين امام بخاري حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله عليه الصلاة والسلام جن فرمايو "بَيْنَا اَنَا نَائِمٌ رَاَيْتُ النَّاسَ عُرِضُوْا عَلَيَّ وَ عَلَيْهِمْ قُمُصٌ فَمِنْهَا مَا يَبْلُغُ الثَّدْيَ وَ مِنْهَا مَا يَبْلُغُ دُوْنَ ذَالِکَ وَ عُرِضَ عَلَيَّ عُمَرُ وَ عَلَيْهِ قَمِيْصٌ اِجْتَرَّهُ قَالُوْا فَمَا اَوَّلْتَهُ يَا رَسُوْلَ اللهِ قَالَ الدِّيْنَ (۱) يعني ان دوران جو مان ننڊ ۾ آهيان تہ منهنجي اڳيان ماڻهو پيش ڪيا ويا جن جي مٿان (مختلف سائيز) جون قميصون پاتل هيون. ڪن جون ايتريون (ننڍيون قميصون) هيون جيڪي سندن ٻين (سينن) تائين ٿي پهتيون تہ ڪن جون ان ڪان بہ گهٽ ۽ منهنجي اڳيان جڏهن عمر پيش ڪيو ويو تہ ان ڪي ايڏي وڏي قميص پاتل هئي جنهن ڪي گهلي هلي رهيو هو. (اصحابن) عرض ڪيو يا رسول الله! پوءِ ان جو تاويل ڪهڙو ڪيو؟ فرمايائون تہ دين. مطلب تہ عمر سڄو دين سان ڍڪيل، مڪمل ديندار آهي.

(۲) حضرت عمر الله کي پيارو آهي

محدث ترمذي روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن حضرت عمر جي اسلام تي اچڻ لاءِ جيڪا دعا گهري هئي ان جا الفاظ هي هيا "اَللّٰهُمَّ اَعِزَّ الْاِسْلَامَ بِاَحَبِّ هٰذَيْنِ الرَّجُلَيْنِ اِلَيْکَ بِاَبِيْ جَهْلٍ اَوْ بِعُمَرَ بِنِ الْخَطَّابِ" (۲) اي الله! هنن ٻنهي مردن ابوجهل يا عمر بن خطاب مان جيڪو توکي وڌيڪ پيارو آهي ان کي مسلمان بنائي اسلام جي عزت افزائي ڪر. پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه مسلمان ٿيو جنهن مان صاف صاف ظاهر آهي تہ اهو الله تعالىٰ کي گهڻو پيارو آهي.

(۳) حضرت عمر رضي الله عنه

جنهن واٽ سان ويندو هو ان واٽ سان ٽپي شيطان نہ ويندو هو

حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه کان هڪ طويل روايت ۾ آيو آهي تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "يَا ابْنَ الْخَطَّابِ وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ مَا لَقِيَکَ الشَّيْطَانُ سَالِکًا فَجًّا قَطُّ اِلَّا سَلَکَ فَجًّا غَيْرَ فَجِّکَ" متفق عليه - اي ابن خطاب! قسم آهي ان پاڪ ذات جو جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساهہ (مبارڪ) آهي تہ توکي

(۱) صحيح بخاري ص ۵۲۱ جلد۱ (۲) ترمذي شريف ص ۲۰۹ جزء۲

کنهن واٽ سان کڏهن ايندي شيطان ڏسندو آهي تہ اها واٽ ئي ڇڏي ٻي واٽ وٺي ويندو آهي.

(۴) حضرت عمر جي زبان ۽ دل ۾ حق آهي

محدث ترمذيءَ روايت آندي آهي تہ حضور عليه الصلاة والسلام جن فرمايو "اِنَّ اللهَ جَعَلَ الْحَقَّ عَلٰى لِسَانِ عُمَرَ وَ قَلْبِهٖ"- يعني الله تعالىٰ عمر جي زبان ۽ دل تي حق کيو آهي. مطلب تہ صرف زباني مسلمان نہ (جيئن شيعا گمراهہ چوندا آهن) پر زباني ۽ دلي طرح پڪو ۽ سچو مومن آهي جيئن سندس زبان حق ڳالهائيندي آهي تيئن سندس دل ۾ بہ حق ئي حق هوندو آهي.

(۵) حضرت علي رضي الله عنه جو ارشاد مبارک

حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه فرمايو آهي تہ "مَا كُنَّا نُبْعِدُ السَّكِيْنَةَ تَنْطِقُ عَلٰى لِسَانِ عُمَرَ" يعني اسين ان ڳالهہ کي پري نہ سمجهندا هئاسون تہ عمر جي زبان تي سڪون آڻيندڙ (ملائڪ يا غيبي امر) ڳالهائي رهيو آهي.

(٦) حضرت عمر جي اهليت جو ڪمال

عقبہ بن عامر کان روايت آهي تہ حضور صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو - "لَوْكَانَ بَعْدِي نَبِيٌّ لَكَانَ عُمَرُ بْنُ الْخَطَّابِ" (۱) يعني جيڪڏهن مون کان پوءِ نبي ٿيڻ ممڪن هجي ها تہ عمر بن خطاب ٿئي ها. (ڇو تہ ان ۾ اها اهليت ۽ صلاحيت رکيل آهي جيڪا ڪنهن نبيءَ ۾ هوندي آهي پر جڏهن تہ مون کان پوءِ ڪنهن بہ قسم جو نبي نہ ٿيندو ان ڪري عمر بہ نبي نہ ٿيندو)- المقصد تہ. حضرت عمر بن الخطاب رضي الله عنه نهايت شاندار اصحابي آهي. سڄي دنيا جا مسلمان اسلام ۽ حضور (عليه الصلاة والسلام) جا طالب آهن ۽ حضور عليه الصلاة والسلام جن الله تعالىٰ کان حضرت عمر جي طلب ڪئي. ٻيا سڀ طالب ۽ حضرت عمر رضي الله عنه مطلوب. حضرت عمر رضي الله عنه الله جل جلالہ جي طرفان محبوب عليه الصلاة والسلام جن لاءِ خاص عطيو ۽ تحفو آهي جنهن کي منتخب ڪري سندن خدمت ۾ موڪليو ويو. ۽ سندن ساٿ ۾ رهڻ لاءِ چونڊيو ويو شيطان ٻين ماڻهن جي رت ۾ ملي ويندو آهي پر حضرت عمر رضي الله عنه کي پري کان ڏسي سندس اچڻ واري واٽ ئي ڇڏي ڀڄي ويندو آهي. حضرت عمر حضور صلى الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ ڪڏهن ڪو مشورو عرض ڪندو هو تہ

(۱) مشڪواة ص ۵۵۷-۵۵۸

ڪيترا ڀيرا سندس مشوري مطابق آيتون لهي آيون. هڪ ڀيري حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم ڪان عمره تي وڃڻ جي اجازت گهريائين تہ پاڻ ڪيس فرمايائون تہ اسان کي پنهنجي دعا ڪان نہ وسارجان (۱) حضرت عمر رضي الله عنه دين ۾ نهايت مضبوط ۽ ڪامل هو پاڻ بہ عمل ڪندو هو تہ دين جي ڳالهين تي ٻين کان بہ سختيءَ سان عمل ڪرائيندو ۽ عمل ڪرائڻ کي پسند فرمائيندو هو. سندس مهر جيڪا هٿ ۾ منڍي ڪري پائيندو هو ان جو نقش هي الفاظ هوندا هئا "ڪفيٰ بالموت واعظا يا عمرا" اي عمر موت نصيحت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. (۲)

يَا اَيُّهَاالنَّبِيُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلَى الْقِتَالِ ؕ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ

اي غيب جون خبرون ڏيندڙ! همٿ ڏيار مؤمنن کي جنگ ڪرڻ تي جيڪڏهن هوندا اوهان مان

عِشْرُوْنَ صَابِرُوْنَ يَغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ

ويه صبر ڪندڙ تہ غالب ٿيندا ٻن سون تي ۽ جيڪڏهن هوندا اوهان مان سؤ ڄڻا

يَّغْلِبُوْٓا اَلْفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿۶۵﴾

تہ غالب ٿيندا هڪ هزار ڪافرن مان جو ڪافر ٿيا سبب ان جي جو يقينن اهي اهڙي قوم آهن جو نہ ٿا سمجهن

اَلْـٰٔنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ وَعَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ ضَعْفًا

هيئنر هلڪائي ڪئي الله اوهان ڪان ۽ معلوم اٿس تہ بيشڪ اوهان ۾ ڪمزوري آهي.

فَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ

پوءِ جيڪڏهن هوندا اوهان مان سؤ ڄڻا صبر ڪندڙ تہ غالب ٿيندا ٻن سون ڪان ۽ جيڪڏهن هوندا

يَّكُنْ مِّنْكُمْ اَلْفٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفَيْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۶۶﴾

اوهان مان هزار ڄڻا تہ غالب ٿيندا ٻن هزارن ڪان الله جي حڪم سان ۽ الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي.

(۱) نعيمي ص ۹۱ جلد۱۰ (۲) تنوير الاذهان ص ۳۸ جلد۲

تفسير

اڳئين آيت ۾ بيان ڪيو ويو تہ اي غيب جون خبرون ڏيندڙ! اوهان لاءِ الله ڪافي آهي ۽ الله جي اذن سان اوهان جا مومن تابعدار خصوصًا حضرت عمر رضي الله عنه اوهان جي دين جي خدمت ۽ حفاظت لاءِ ڪافي آهي ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ ان ڪفايت جو ظهور هن طرح ٿيندو جو اهي جهاد ۾ ايندا تہ پاڻ ٿورا هوندا پر گهڻن دشمنن تي غالب رهندا. فرمان مبارڪ آهي "يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِينَ عَلَى الْقِتَالِ" اي نبي! مومنن کي جنگ تي همت ڏيار هن مان ثابت ٿيو تہ مسلمانن جو سربراهہ بہ مسلمانن کي جنگ ۽ جهاد تي حرص ڏياريندو رهي. "إِنْ يَكُنْ مِنْكُمْ عِشْرُونَ صَابِرُونَ يَغْلِبُوا مِائَتَيْنِ ۚ وَإِنْ يَكُنْ مِنْكُمْ مِائَةٌ يَغْلِبُوا أَلْفًا مِنَ الَّذِينَ كَفَرُوا بِأَنَّهُمْ قَوْمٌ لَا يَفْقَهُونَ" جيڪڏهن اوهان مان ويهہ صبر ڪندڙ هوندا تہ ٻن سون تي غالب ٿيندا ۽ جيڪڏهن اوهان مان سئو ڄڻا هوندا تہ ڪافرن مان هزار تي غالب ٿيندا ان سببان جو اهي ڪافر بلاشڪ و شبہ اهڙي قوم آهن جيڪي سمجهہ ئي نہ ٿا رکن. مطلب تہ جيڪڏهن مسلمان صبر جي دامن کي مضبوطيءَ سان ونندا تہ پاڻ کان ڏهوڻ دشمنن جي لشڪر تي غالب ٿي ويندا ۽ هي جملو آهي تہ خبريہ پر معنوي لحاظ سان امر آهي يعني اي مسلمانو! پاڻ کان ڏهوڻ تي زياده دشمن جي مقابلي ۾ بہ سختيءَ سان بيهي رهو قدم پوئتي نہ هٽايو. ڪافر پنهنجي تعداد جي ڪثرت سان اوهان کي مغلوب ڪري نہ سگهندا. "الْآنَ خَفَّفَ اللَّهُ عَنْكُمْ وَعَلِمَ أَنَّ فِيكُمْ ضَعْفًا ۚ فَإِنْ يَكُنْ مِنْكُمْ مِائَةٌ صَابِرَةٌ يَغْلِبُوا مِائَتَيْنِ ۚ وَإِنْ يَكُنْ مِنْكُمْ أَلْفٌ يَغْلِبُوا أَلْفَيْنِ بِإِذْنِ اللَّهِ" يعني هينئر الله اوهان تي هلڪائي ڪئي ۽ ان کي معلوم آهي تہ اوهان ۾ ڪمزوري آهي. پوءِ جيڪڏهن اوهان مان سئو ڄڻا صبر ڪندڙ هوندا تہ ٻن سون تي غالب ٿيندا ۽ جيڪڏهن اوهان مان هزار ڄڻا هوندا تہ الله جي اذن سان ٻن هزارن تي غالب ٿيندا. هي حڪم اڳئين حڪم کان ڪجهہ عرصو پوءِ نازل ٿيو هو اڳئين ۾ امر هو تہ پاڻ کان ڏهوڻ تي دشمن سان بہ مقابلو ڪيو هتي فرمان ٿيو تہ پاڻ کان ٻيڻي سان بہ مقابلو ڪيو "وَاللَّهُ مَعَ الصَّابِرِينَ" * الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي.

مطلب تہ اها ڳالهہ ذهن ۾ هجي تہ اهو وعدو نالي خاطر مسلمانن سان نہ آهي جيڪي مصيبت، ڏکن ۽ آزمائش جي حالت ۾ همت هاري ويهي رهن پر انهن سچن مومنن سان آهي جيڪي حق جي واٽ ۾ پيش ايندڙ هر تڪليف کي خوشيءَ سان برداشت ڪندا آهن جيئن حالتون سنگين ۽ خطرناڪ ٿينديون وينديون تيئن سندن ايماني قوة بہ وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ٿيندي ويندي. ۽ دشمن جي گهٽي تعداد ۽

طاقتکڏسي مايوسيءَ جي بجاءِ مرڪنديءَ مقابلو ڪندا آهن. (۱)

فائدا: هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا ۱- ڪافرن سان لڙڻ ۽ جهاد ڪرڻ گهڻو ڪري فرض ڪفايه هوندو آهي ڪڏهن ڪڏهن حالتن جي نزاڪت جي ڪري فرض عين به ٿي ويندو آهي. "حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ" مان ائين معلوم ٿي رهيو آهي ڇو ته جيڪڏهن جهاد صرف فرض عين هجي ها ته ان لاءِ رغبت ۽ همت ڏيارڻ جي امر جي بجاءِ سڌو سنئون وڙهڻ جو امر اچي ها ۲- اسلامي حڪومت کي گهرجي ته مجاهدن، غازين ۽ دين حق جي لاءِ لڙندڙن جي هر طرح همت افزائي ۽ دلجوئي ڪري تانته اهي سڪون ۽ قلبي اطمينان سان لڙن. اها ڳالهه به ترغيب ڏيارڻ واري امر مان ملي رهي آهي. اميرالمؤمنين حضرت عمر رضي الله عنه جن پنهنجي خلافت جي دوران مجاهدن جي هر هڪ ٻچي ٻچڻ جي پچا ڪندا ۽ سنڀال لهندا هئا. هڪ ڀيري حضور عليه الصلواة والسلام جن کان سندن پياريءَ نياڻيءَ سيده فاطمه زهراءِ رضي الله عنها هڪ نوڪرياڻي گهري ته پاڻ ان کي جيڪو جواب عنايت ڪيائون اهو هنن هيٺ لکيل شعرن مان معلوم ٿي رهيو آهي.

هين يه خادم ان يتيمون كيلئے
باپ جن كے جنگ مين مارے گئے
تم په سايه هے رسول الله كا (عليه الصلواة والسلام)
آسرا ركهو فقط الله كا

هلندڙ دور جون حڪومتون فوجي ملازمن جي ٻچن جي تعليم ۽ علاج مفت ڪرائينديون آهن، انهن جو اصل به اها ئي آيت آهي. (۲)

۳- جهاد لاءِ رغبت ڏيارڻ، غازي ۽ مجاهد تيار ڪرڻ الله عزوجل شانه جو حڪم ۽ حضور ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي سنت آهي. جهاد کان روڪڻ شيطاني حرڪت آهي ۽ روڪيندڙ شيطان آهي. جيئن مرزا قادياني (لعنة الله عليه ابدا ابدا) جنهن چيو هو ته مون جهاد جو حڪم منسوخ ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي جهاد ڪرڻ گناهه آهي. هي ملعون يهودين ۽ عيسائين جو ايجنٽ ۽ ٻچيل ڪتو هو. الله تعالىٰ ان ظالم جي سوچ ۽ فڪر کان هر مسلمان کي محفوظ رکي. آمين يا رب العالمين ۴- جيڪڏهن مسلمانن جي لشڪر کان دشمنن جو لشڪر ٻيڻو آهي ته مسلمانن کي مقابلي کان ڀڄڻ حرام آهي پر جيڪڏهن ٽيڻو يا اجا به وڌيڪ آهي ته پوءِ مسلمانن کي جان بچائڻ لاءِ مقابلي کان ڀڄڻ جائز آهي. حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهم جو اهو قول آهي. (۳)

(۱) نعيمي ص ۱۰۰ جلد ۱۰ (۲) التفسير الكبير ص ۱۹۴ جزء ۱۵ (۳) ضياءُ القرآن ص ۱۶۴ جلد۲

مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗٓ اَسْرٰى حَتّٰى يُثْخِنَ فِى الْاَرْضِ

. نہ آهي واسطي نبي جي هيءَ ڳالهہ جو هجن واسطي ان جي قيدي تانجو (ڪافرن جو) رت وهائي زمين ۾

تُرِيْدُوْنَ عَرَضَ الدُّنْيَا ۖ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۗ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٧﴾

ارادو ڪيو ٿا سامان دنيا جي جو ۽ الله ارادو ڪري ٿو آخرت جو ۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي

لَوْلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيْمَآ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٦٨﴾

جيڪڏهن نہ هجي ها لکت طرفان الله جي جو اڳي ٿي تہ البتہ پهچي ها اوهان کي ان ۾ جو ورتو اوهان عذاب وڏو

فَكُلُوْا مِمَّا غَنِمْتُمْ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ ۗ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٩﴾ ع

پوءِ ڪائو ان مان جو غنيمت ڪيوَ حلال، پاڪ ۽ ڊڄو الله کان بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ مومنن کي جهاد جا احڪام ٻڌائي ان جي ترغيب ڏياري وئي ۽ هنن ۾ جهاد ۾ فتح ملڻ کان پوءِ جا احڪام بيان ڪيا ويا آهن. فرمان مبارڪ آهي "مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗٓ اَسْرٰى حَتّٰى يُثْخِنَ فِى الْاَرْضِ تُرِيْدُوْنَ عَرَضَ الدُّنْيَا ۖ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۗ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ" نبي جي (شان مبارڪ) لاءِ مناسب نہ آهي جو ان وٽ قيدي هجن تان جو زمين ۾ (رت وهائڻ سان) غلبو حاصل ڪري. اوهان دنيا جي سامان جو ارادو ڪيو ٿا ۽ الله آخرت جو ارادو ٿو ڪري ۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ هيءَ آيت بدر جي جنگ ۾ جهاد ڪندڙن جي متعلق نازل ٿي هئي. اصل ڳالهہ هو تہ الله تعاليٰ بدر جي جنگ کان اڳ ۾ سورة محمد (صلى الله عليه وسلم) ۾ جنگ جي متعلق جيڪي ابتدائي هدايتون ڏنيون هيون انهن ۾ جنگي قيدين کان فديو (جان بها) وٺڻ جي اجازت تہ ڏنل هئي پر ان سان گڏ اهو شرط رکيل هو تہ پهريان دشمنن جي طاقت کي هميشہ لاءِ اهڙو ختم ڪري ڇڏيو جو وري جنگ لاءِ جرئت نہ ڪري. ان کان پوءِ جيڪي قيدي بچن انهن کان سرجي بها وٺي کين ڇڏي ڏيو پر بدر جي جنگ ۾

مجاهدن جڏهن ڏٺو تہ اسان جي فتح ٿي وئي آهي تہ انهن کان ڪافرن کي هميشه جي لاءِ ڪچلڻ واري ڳالهہ ذهن مان نڪري وئي ۽ ميدان مان ڀڄي ويندڙ ڪافرن جي پويان وڃي انهن کي قتل ڪرڻ جي بجاءِ هڪ تہ جيڪي ڪافر هٿ آيا انهن کي قيدي بنائيندا ويا ۽ ٻيو تہ غنيمت جو هٿ ايندڙ سامان سنڀاليندا رهيا ۽ جيڪڏهن همت ۽ پوري قوت سان ڪافرن جي پويان وڃي انهن کي قتل ڪن ها تہ انهن جي طاقت جو هميشه لاءِ اهڙو خاتمو ٿي وڃي ها جو وري جنگ لاءِ سوچين بہ نہ ها. الله جل شانه مٿئين آيت ۾ انهن کي ان واقعي تي عتاب نازل ڪيو آهي اهو عتاب حضور عليه الصلواة والسلام جن تي ناهي. (۱)- جيئن "تُرِيدُونَ عَرَضَ الدُّنْيَا" (دنيا جي سامان جو ارادو ٿي ڪيُوَ) مان واضح ٿي رهيو آهي. يعني اوهان فاني دنيا جي اسباب تي نظر ڪئي حالانڪ مومن جو شان آهي تہ اهو هر ڪم جي انجام تي نظر رکي تہ ڇا ٿيندو؟ "لَوْلَا كِتَابٌ مِّنَ اللَّهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيمَا أَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ" "جيڪڏهن الله جي طرفان لکت اڳ ۾ نہ ٿئي ها تہ جيڪو اوهان (فديو) ورتو هو ان تي اوهان کي وڏو عذاب ٿئي ها. مطلب تہ اها اوهان جي غلطي في حد ذاته اهڙي هئي جو ان تي اوهان کي سخت سزا ڏجي ها پر ان سزا نہ ڏيڻ جو وجه اهو آهي جيڪو الله پهريان ئي لکي ڇڏيو آهي. اها لکت ڇا آهي ان جا مختلف وجه ٿي سگهن ٿا ۱- تہ اصحابن سڳورن جي اها غلطي اجتهادي هئي جنهن تي عذاب نہ ٿيندو آهي. ۲- تہ الله تعالىٰ جيستائين ڪنهن بہ ڪم کان صاف صاف نہ ٿو روڪي تيستائين ان جي ڪندڙ کي عذاب نہ ٿو ڪري. فديي وٺڻ جي تہ سورة محمد ۾ اجازت ڏئي چڪو هو صرف اها ڳالهہ اصحابن جي ذهن مان نڪري وئي هئي تہ وڏن وڏن ڪافرن کي نيست نابود ڪري پوءِ رهيل قيدين کان فديو وٺڻ جائز آهي ۳- تہ بدر جي جنگ ۾ وڙهندڙن مجاهدن جي خطائن کي اڳي ئي معاف ڪري چڪو آهي ۴- تہ انهن قيدين مان ڪيترن جي مقدر ۾ اسلام قبول ڪري اسلام لاءِ مجاهد بنجڻ لکيل هو. انهن سببن جي ڪري وڏي عذاب کان بچي ويا آهيو (۲) "فَكُلُوا مِمَّا غَنِمْتُمْ حَلَالًا طَيِّبًا وَاتَّقُوا اللَّهَ إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ" يعني جيڪو غنيمت جو مال هٿ ڪيو اٿو اهو حلال پاڪ آهي. پلي ڪائو ۽ الله کان ڊڄندا رهو بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي.

اڳئين آيت ۾ آيل عتاب کان پوءِ مسلمان غنيمت جي مال کائڻ کان بہ پڇڻ لڳا تہ متان مالڪ مٿو ناراض ٿئي هن آيت ۾ انهن کي تسلي ڏيندي هٿ آيل غنيمت جي مال

(۱)تفهيم القرآن ص ۱۵۹ جلد ۲ (۲) حاشيه شبير احمد عثماني ص ۲۴۶ مطبوعه سعودي عربيه

ڪائڻ جي اجازت ڏني وئي تہ اهو هٿ آيل سامان الله جل شانه جي عطا آهي. اهو حلال ۽ پاڪ سمجهي ڪائڻ ڪا منع نہ آهي پر جنگ جي دوران اوهان جي نظر مال تي نہ هجي. الله جل جلالہ جي رضا تي هجي مال جي فڪر ۾ عاليشان مقاصد ۽ بلند مرتبي کمن کان اک ٻوٽ نہ ڪيو. الله تعالیٰ کان ڊڄندا رهو تہ اهو غَفُوْرٌ، رَّحِيْمٌ اوهان جون سڀ غلطيون اوهان کي معاف ڪري ڇڏيندو.

مسئلہ: هينئر جيڪڏهن مسلمان جهاد ۾ ڪافرن کي قيدي بنائين تہ حنفي فقهاء وٽ انهن کان نہ مال وٺي ڪين ڇڏڻ جي اجازت آهي، نہ مفت ۾ ڇڏڻ جي تانت اهي ڪافرن سان ملي وري مسلمانن سان وڙهن پر انهن کي يا غلام بنائي رکڻو آهي يا آزاد ڪري پنهنجو رعيتي بنائي رهائڻو آهي(۱)

فائدو: غنيمت جي مال ڏانهن توجهہ ڪرڻ جي ڪري اصحابن سڀني رضي الله عنهم کي عتاب ۽ ڏوراپو تہ مليو پر اهو مال حلال ۽ پاڪ هو حرام نہ هو ڇو تہ حرام کي ڪائڻ لاءِ ڪڏهن بہ حڪم نہ ٿئي ها. قرآن پاڪ ڪليل لفظن ۾ "حَلٰلًا طَيِّبًا" فرمائي ان کي پاڪ، صاف ۽ حلال سڏيو آهي.

يَاۤ اَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّمَنْ فِيۤ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ الْاَسْرٰۤى اِنْ

اي غيب جون خبرون ڏيندڙ! فرماءِ واسطي انهن جي جو هٿن اوهان جن ۾ آهن قيدين مان جيڪڏهن

يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّاۤ اُخِذَ مِنْكُمْ

ڄاڻي الله دلين اوهان جي ۾ چڱائي تہ ڏيندو اوهان کي ڀلو ان کان جو ورتو ويو اوهان کان

وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۷۰﴾ وَاِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ

۽ بخشيندو اوهان کي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي ۽ جيڪڏهن ارادو ڪندا ڪي ڏيڻ جو توکي پوءِ تحقيق دوکي ڏيڻ جي

خَانُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ فَاَمْكَنَ مِنْهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۷۱﴾

ڪوشش ڪيائون الله سان اڳ پوءِ قوت ڏنائين (اوهان کي) انهن تي ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

(۱) موضح القرآن ص ۳۰۴ - ۳۰۵

تفسير

هنن آيتن کان پهريان غنيمت طور هٿ آيل مال جو مجاهدن لاءِ حلال ۽ پاڪ هجڻ بيان ڪيو ويو ۽ هتي ڪافرن جي طرفان پنهنجن هٿن سان ڏيڻ واري فديي جو بيان ڪيو ويو آهي.

شان نزول: حاڪم صحيح سند سان ۽ بيهقيءَ السنن ۾ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنهماکان روايت آندي آهي تہ (جڏهن بدر جي جنگ کان پوءِ ڪافرن جي جنگي قيدين کي فديو ڏئي جان ڇڏائڻ جو فيصلو ٿيو ۽ انهن پنهنجن قيدين جي ڇڏائڻ لاءِ فديا موڪليا تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نياڻيءَ سيده زينب رضي الله عنها بہ پنهنجي قيدي مڙس ابوالعاص بن الربيع جي ڇڏائڻ لاءِ فديي ۾ اهو هار موڪليو (جيڪو ڪيس رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڏاج ۾ ڏنو هو) جڏهن پاڻ اهو هار ڏٺائون تہ سندن دل تي رقت طاري ٿي ۽ پاڻ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي فرمايائون تہ جيڪڏهن اوهان جي راءِ منهنجي نياڻيءَ جي قيد ٿيل مڙس کي ڇڏڻ لاءِ بيهي تہ ان کي ڇڏي ڏيو (۱) ۽ ٻين مفسرن آندو آهي تہ مکي مکرمه ۾ رهندڙن قريشي ڪافرن بدر ڏانهن نڪرڻ وقت ڏهن شخصن تي سندن لشڪر جو کاڌو پيتو رکيو هو جيڪي واري تي لشڪر کي کارائيندا پيارينداڙهن تان جو موٽي مکي پاڪ پهچن انهن ڏهن مان هڪ حضرت عباس بن عبدالمطلب بہ هو پاڻ مکي پاڪ مان ويهہ اوقيون پاڻ سان کڻي هليو هو. انهن ڏهن مان ۹ ڄڻا تہ پنهنجي پنهنجي واري ۾ کارائيندا رهيا. عين بدر جي جنگ واري ڏينهن حضرت عباس جو وارو آيو تہ معاملو ٻيو ٿي ويو ۽ ڪافرن جا ستر (۷۰) فرد قتل ٿي ويا ۽ ستر (۷۰) قيدي بڻجي ويا. پاڻ بہ قيدي ٿيو ۽ ساڻس گڏ سون جون ويهہ اوقيون غنيمت جي مال ۾ اچي ويون ۽ جڏهن انهن قيدين کي ڇڏائڻ لاءِ في ماڻهو چانديءَ جون ويهہ اوقيون مقرر ڪيون ويون ۽ حضرت عباس جي ذمي ويهہ اوقيون سندس ۽ ويهہ ويهہ سندس ڀائيٽين عقيل بن ابي طالب ۽ نوفل بن حارث جون بہ رکيون ويون. ٽوٽل سٺ اوقيون ٿيون ۽ ڪن روايت موجب ويهہ اوقيون وري سندس جنگ جي حليف (قسم سان ساٿي) عتبه بن عمرو جون بہ مٿس رکيون ويون پوءِ مڙئي اسي (۸۰) ٿيون - حضرت عباس (رضي الله عنه) عرض ڪيو تہ: مون وٽ ايترو سون ڪٿي آهي جو سيني جي پاران ادا ڪيان؟ پاڻ فرمايائونس تہ: اهو

(۱) الدرالمنثور ص ۱۱۱ جلد ۴)

سون ڪيڏي ويو جيڪو تو ۽ تنهنجيءَ گهر واريءَ ام الفضل گهر ۾ پوري رکيو هو ۽ تو ان ڪي چيو هو تہ خبر نہ آهي تہ مان جنگ کان سلامتيءَ سان موٽان يا نہ اهو منهنجن ٻچن قثم، عبدالله، عبيدالله ۽ تو لاءِ خرچ وغيره ۾ ڪم ايندو.

حضرت عباس اهو ٻڌي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن کان پڇيو تہ: اوهان کي اهو ڪنهن ٻڌايو؟ پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ. حضرت عباس رضي الله عنه ڪين عرض ڪيو تہ: مان شاهدي ٿو ڏيان تہ اوهان سچا آهيو ۽ اها بہ شاهدي ٿو ڏيان تہ الله کان سواءِ ڪو بہ معبود بالحق نہ آهي ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ يقينن اوهان الله جا رسول آهيو. منهنجي ان سون جي خبر الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نہ هئي. اهو مون پنهنجيءَ گهر واريءَ کي نهايت اونداهيءَ رات ۾ ڏنو هو. (١) ۽ جڏهن حضرت عباس اهو واقعو پنهنجن ڀائٽين عقيل ۽ نوفل سان بيان ڪيو تہ انهن بہ دل ۾ ايمان آندو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن بالڪل سچا آهن. (٢) ارشاد مبارڪ آهي "يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِمَنْ فِي أَيْدِيكُمْ مِنَ الْأَسْرَىٰ إِنْ يَعْلَمِ اللَّهُ فِي قُلُوبِكُمْ خَيْرًا يُؤْتِكُمْ خَيْرًا مِمَّا أُخِذَ مِنْكُمْ" يعني اي نبي! جيڪي اوهان جي هٿن ۾ قيدي آهن انهن کي فرمايو تہ: جيڪڏهن الله اوهان جي دلين ۾ چڱائي ڄاڻي تہ اوهان کي ان کان ڀلو عطا ڪندو جيڪو اوهان کان ورتو ويو آهي. هن آيت ۾ فديو ڏئي جان ڇڏائيندڙن ۽ پوءِ مسلمان ٿيندڙن کي بہ بشارتون ڏنيون ويون ١- دنيا ۾ تہ انهن جيترو فديو ڏنو هوندو ان کان وڌيڪ ڪين ملندو. حضرت عباس بن عبدالمطلب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون بدر جي موقعي تي جيڪي اوقيون پري ڏنيون هيون الله تعاليٰ انهن جي بدلي ۾ مون کي دنيا ۾ بہ گهڻو ڪجهہ عطا ڪيو جو اڄ مون وٽ ويهہ مالدار غلام آهن ۽ ٢- آخرت ۾. جو الله تعاليٰ سندن گناهہ بخشيندو. الله نهايت ئي بخشيندڙ مهربان آهي.

جيئن فرمان آهي "وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۗ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَحِيمٌ" ۽ اوهان کي مغفرت نصيب ڪندو ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي. "وَإِنْ يُرِيدُوا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللَّهَ مِنْ قَبْلُ فَأَمْكَنَ مِنْهُمْ ۗ وَاللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ" ۽ جيڪڏهن اوهان سان خيانت ڪرڻ جو ارادو ڪندا تہ پوءِ تحقيق الله سان بہ اڳ ۾ خيانت ڪئي هيائون پوءِ (الله مومنن کي) انهن تي قوت ڏني ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي. هتي خيانت مان مراد ۾ بہ ٽي قول آهن ١- دين ۾ خيانت ڪرڻ. يعني جيڪي ماڻهو هتي ڪلمو پڙهي وڃن ٿا ۽ سندن نيت ۾ آهي تہ مڪه معظمه ۾ پهچي وري ڪافر ٿي ويندا ٢- مال ۾ خيانت يعني هتي وعدو ڪري وڃن ٿا

(١) روح المعاني ص ٣٦- ٣٧ جزءَ ١٠ جلد ۴ بيضاوي ڪامل ص ٢۴٥- اسباب النزول للواحدي ص ١٨٠ (٢) نعيمي ص ١١٥ جلد ١٠

تہ پنهنجي سر جي بها مكه پاڪ ۾ پهچي موڪليندا پر موڪلڻ جي نيت نہ اٿن ٣- جن ڪافرن قديو ڏنو هو انهن حضور عليه الصلواة والسلام جن سان اهو بہ وعدو ڪيو هو تہ وري مسلمانن جي مقابلي ۾ ڪافرن سان گڏجي نہ ايندا. اهو پورو نہ ڪن. الله تعالىٰ فرمايو تہ انهن ڳالهين تي پريشان نہ ٿجو. اهي الله سان بہ خيانت ڪري چڪا آهن. جو "اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ" واري ڏينهن وعدو ڪري آيا ها ۽ اهو وساري ويٺا ۽ ان ڪان پوءِ الله تعالىٰ مومنن کي انهن جي مٿان قوت ۽ غلبو ڏنو ۽ هاڻي جيڪڏهن اجان بہ نہ مڙندا ۽ خيانت ڪندا تہ وري بہ مؤمنن کي غلبو ڏئي انهن جي هٿان ڪين سخت سزا ڏني ويندي ۽ الله ڄاڻندڙ آهي جو ان ڪان ڪافرن جي خيانت ۽ مؤمنن جي امانت خفيه نہ آهي. حڪمت وارو آهي جيڪڏهن خيانت ڪندڙن کي دير ۽ مهلت ڏيندو آهي تہ اها بہ حڪمت ڪان خالي نہ آهي.

فائدا -: هنن آيتن ۽ انهن جي شان نزول مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا ١- الله تعالىٰ جي عطا سان حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي نگاهہ ويجهو، پري ڏينهن، رات،انڌيري توڙي روشنيءَ ۾ ڏسي ٿي ٢- حضرت عباس رضي الله عنه بدرجي جنگ ڪان پوءِ ٿيون واقعو پيش اچڻ وقت ئي ايمان آڻي چڪو هو پر ان جو ڪليل اعلان مڪي مڪرمه جي فتح ٿيڻ وقت ڪيو هيائين. ٣- ڪافرن جو مال جيڪو انهن حرام جي ذريعن سان گڏ ڪيو هجي پر جڏهن غنيمت جي مال ۾ آيو تہ مسلمانن مجاهدن لاءِ حلال آهي. (١)

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ جهاد ڪيائون مالن پنهنجن ۽ سرن پنهنجن سان

سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ

واٽ الله جي ۾ ۽ جن جاءِ ڏني ۽ مدد ڪيائون اهي بعض انهن مان وارث آهن

بَعْضٍ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ

بعض جا ۽ جن ايمان آندو ۽ نہ هجرت ڪيائون ناهي واسطي اوهان جي ورثي انهن جي مان ڪا

(١) نعيمي ص ١١٨ جلد ١٠

شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا ۚ وَاِنِ اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِى الدِّيْنِ فَعَلَيْكُمُ

شيءِ تان جو هجرت ڪن ۽ جيڪڏهن مدد گهرن اوهان کان دين ۾ پوءِ اوهان تي

النَّصْرُ اِلَّا عَلٰى قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا

مدد ڪرڻ (لازم) آهي مگر اهڙيءَ قوم تي جو اوهان ۾ ۽ انهن ۾ معاهدو آهي ۽ الله جيڪي

تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۷۲﴾

ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته مؤمن ۽ ڪافر جيتوڻيڪ رت جي رشتي ۾ ملن ٿا ته به ٻي تعلق آهن ڇو ته جسماني رشتو ايترو قوي نه آهي جيترو ايماني رشتو. ايمان جي قوي رشتي وارو ضعيف رشتي واري جي حساب ۾ نه ايندو، جيئن بدر جي واقعات مان ظاهر ٿي رهيو آهي ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي ته به مؤمن ڪٺي رت جي رشتي ۾ نه آهن مگر ايماني رشتي جي ڪري اهي هڪ ٻئي جا قريب ۽ وارث آهن.

شان نزول

جڏهن حبيب پاڪ، سياح افلاڪ، صاحب لولاڪ صلى الله عليه وسلم جن مڪه معظمه کان هجرت ڪري مدينه منوره جي سرزمين کي پنهنجن قدمن سان مشرف فرمايو تڏهن مڪه مڪرمه مانَ ڪيترا پيا مسلمان به هجرت ڪري محبوب آقا عليه الصلواة والسلام جن وٽ مديني پاڪ ۾ پهتا ۽ مديني پاڪ جي اصلي رهاڪن سندن نهايت ئي شاندار ۽ دائمي مهماني ڪري اهڙو مثال قائم ڪري ڏيکاريو جو ڪڏهن آسمان اهڙي مهماني نه ڏٺي هوندي. حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن مهاجرين ۽ انصار ۾ مواخاة (هڪ ٻئي جو ڀاءُ بنجڻ) قائم ڪئي ته فلاڻو مهاجر اصحابي فلاڻي انصاري اصحابيءَ جو ڀاءُ آهي ۽ فلاڻو، فلاڻي جو ۽ ان

ديني ياءُ بنجڻ جي ڪري اهي هڪ ٻئي جا وفات ڪان پوءِ بہ وارث ٿيڻ لڳا ۽ هجرت نہ ڪندڙ ياءُ پنهنجي هجرت ڪندڙ ياءُ جو وارث نہ ٿيندو هو ۽ اهو حڪم مڪه مڪرمه فتح ٿيڻ تائين جاري رهيو ۽ جڏهن مڪه معظمه فتح ٿيڻ ڪان پوءِ هجرت ختم ٿي تہ اهو حڪم بہ منسوخ ٿي ويو ۽ ان حڪم کي منسوخ ڪندڙ آيت "وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ" اڳيان اچي رهي آهي. حضرت ابن عباس، حسن بصري، سدي، مجاهد، قتادة، عام مفسرن ۽ اڪثر علماءَ جو قول اهو آهي (۱) فرمان الٰهي آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" بيشڪ جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ پنهنجن مالن ۽ سرن سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيائون. هي انهن اصحابن سڳورن جون صفتون آهن جيڪي اصل مڪه مشرفه جا رهاڪو هئا. پهريان پهريان تہ پنهنجي قوم جي مخالفت ڪندي هر خطرو قبول ڪري، ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪندي ايمان آندائون ان ڪان پوءِ الله جي واٽ ۾ وطن ۽ ان ۾ موجود هر پياري شنيءِ ڇڏي هجرت ڪيائون. ديسي هئا پرديسي بڻيا ۽ الله جي واٽ ۾ مال، سر ۽ هر ڪجهہ لٽايائون. "وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا" ۽ جن جاءِ ڏني ۽ مدد ڪيائون. هن عبارت ۾ انهن اصحابن ڀلارن جي تعريف ڪئي وئي آهي جيڪي اصل مدينه پاڪ جا رهاڪو هئا ۽ مڪه پاڪ مان هجرت ڪري ايندڙن کي پنهنجن گهرن ۾ جاءِ ڏئي رهايائون ڪين هر طرح جون سهوليتون ڏئي پرديسين کي ديسي بنائي ڇڏيائون "اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ" اهي انهن مان هڪڙا ٻين جا وارث آهن. جو مهاجر ۽ انصار ٻئي ڀائر بنائڻ ڪان پوءِ هڪ ٻئي جي ميراث جا وارث ٿيندا هئا. (۲) هتي ولايت مان مراد وراثت ۾ حصيدار ٿيڻ آهي. "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا" ۽ جن ايمان آندو ۽ هجرت نہ ڪيائون اوهان جي لاءِ انهن جي ورثي مان تيستائين ڪا بہ شيءِ نہ آهي جيستائين اهي هجرت ڪن. هن عبارت ۾ مؤمنن جي انهن فردن جو ذڪر آهي جن ايمان تہ آندو پر مڪه پاڪ مان هجرت نہ ڪئي هيائون. انهن لاءِ فيصلو ڏنو ويو تہ جيستائين اهي هجرت نہ ڪندا تيستائين اوهان جي ميراث مان انهن کي ڪا بہ شيءِ نہ ملندي. اسلام جي ابتداء ۾ هجرت ڪرڻ لازم هئي ۽ انهن جڏهن بہ هجرت ڪئي تہ اهي مهاجرن ۾ شامل ٿيا ۽ پنهنجن قرابت دارن جا وارث بڻيا (۳) "وَاِنِ اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ" ۽ جيڪڏهن اوهان ڪان دين جي باري ۾ مدد گهرن تہ اوهان تي مدد ڪرڻ لازم آهي. مطلب تہ انهن جي هر ممڪن مدد ڪيو "اِلَّا

(۱) روح المعاني ص ٣٦- ٣٧ جزء ۱۰ جلد ۴ بيضاوي ڪامل ص ۲۴۵- اسباب النزول للواحدي ص ۱۸۰ (۲) نعيمي ص ۱۱۵ جلد ۱۰ (۳) حاشيہ مراد آبادي ص۳۹۱

عَلٰى قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ" مگر اهڙي قوم تي جو اوهان ۽ انهن جي وچ ۾ معاهدو ٿيل آهي. سندن مدد نہ ڪيو پر انهن ۾ ڳالهين ذريعي ناهہ ڪرايو (۱) "وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ" ۽ جيڪو ڪجھ اوهان ڪيو ٿا الله ان کي ڏسندڙ آهي.

فائدا: مٿئين آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا سمجھ ۾ آيا. فائدو۱- مهاجر ۽ انصار ٻئي الله تعاليٰ جا مقبول ۽ محبوب ٻانها آهن پر مهاجر انصارن کان ٻن وجهن جي ڪري افضل آهن. ۱- تہ انهن انصارن کان پهريان ايمان آندو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي صحبت ۽ خدمت بہ انهن کي پهريان نصيب ٿي هئي ۲- مهاجرن ڪيترا سال مڪه پاڪ جي ڪافرن جي هٿان تڪليفون ۽ اذيتون برداشت ڪيون ۳- مهاجرن اسلام جي لاءِ وطن ڇڏيو. وطن ڇڏڻ وڏي قرباني آهي جيڪا انصارن کي ميسر نہ ٿي هئي. ۴- محمدي شريعت تي هلڻ بہ اول مهاجرن کي نصيب ٿيو. ان جي ڪري مهاجر پيشوا ۽ انصار مقتدي بڻيا (۲) ۵- خلفاءِ راشدين حضرت ابوبڪر، حضرت عمر، حضرت عثمان، حضرت علي، رضي الله عنهم بہ مهاجرين مان آهن. ۶- سڀ کان وڏي ڳالھ اها آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن پاڻ بہ مهاجرين مان آهن. جيئن سندن پاڪ ذات سان انسانن کي غير انسانن تي عرب کي عجم تي شرف حاصل ٿيو. تيئن سندن برڪت سان مهاجرن کي انصارن تي عزت ۽ شان مليو. فائدو۲ ۲- دين جي ڪمن ۾ الله تعاليٰ جي ٻانهن کان مدد گهرڻ، انهن کي انصار، مددگار سڏڻ شرڪ يا ڪفر نہ پر خداوندي فرمان سان ثابت آهي. اصحاب سڳورا هڪڙا ٻين جا مددگار هئا. انصار جي معنيٰ مددگار. حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام جي قول کي قرآن پاڪ ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ ان فرمايو هو تہ "مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ" الله جي دين لاءِ منهنجا مددگار ڪير آهن؟ تہ حوارين جواب ڏنو هو. اسين الله جي دين جا مددگار آهيون. جڏهن دين ۾ غير الله کان مدد وٺڻ جائز آهي تہ دنيوي ڪمن ۾ بہ جائز آهي ۽ اها مدد وٺڻ "اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ" جي خلاف نہ آهي. جيئن گستاخ ٽولا حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ الله تعاليٰ جي ٻين پيارن نبين، ولين کان مدد وٺڻ کي شرڪ چوندا ۽ "اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ" جي خلاف سمجهندا آهن. فائدو ۳- ڪنهن بہ ملڪ جا مسلمان جيڪڏهن ڪنهن ڪافر ملڪ سان جنگ ۽ جهاد شروع ڪن تہ ٻين مسلمان ملڪن تي انهن جي مدد ڪرڻ لازم آهي جيئن "فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ" مان واضح ٿي رهيو آهي ڇو تہ سڄي دنيا جا مسلمان جسم جدا پر جان هڪ آهن جيئن بدن جا عضوا جدا

(۱) بحرالعلوم ص۲۸ جلد ۲ (۲) التفسير الڪبير ص ۲۰۷- ۲۰۹ جزء۱۵

جدا پر جان هڪ هوندي آهي تيئن آقاءِ دوجهان، سيد انس و جان حضور عليه الصلواة والسلام جنهن سيني ملڪن جي مسلمانن کي هڪ بنائي ڇڏيو آهي.

فائدو ۴- مسلمانن کي معاهدي جي پابندي ڪرڻ لازم ۽ نهايت ضروري آهي جو نه اهو معاهدو ڪافرن سان ڪيل هجي. مسلمانن کي وعدي برخلافي ڪرڻ کان سخت پرهيز ڪرڻ ضروري آهي. فائدو ۵- آيت جي شروعات ۾ اول "اٰمَنُوْا" آئي ان کان پوءِ "وَهَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا" آئي ثابت ڪيو ويو ته ايمان اعمال کان مقدم آهي ۽ ايمان جي جان حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي محبت ۽ سندن ادب آهي. بي ادب بي محبت آهي ۽ محبت ناهي ته ايمان ناهي ۽ ايمان نه رهيو ته اعمال برباد ٿي ويندا. هن آيت تي بي ادبن کي غور ڪرڻ نهايت اهم آهي. فائدو ٦- جهاد جيئن جسم سان ٿيندو آهي تيئن مال ملڪيت سان به ۽ ان ۾ هر قسم جو خرچ داخل آهي. ڪاڏو، پيتو، هٿيار ۽ مجاهدن کي سواري مهيا ڪري ڏيڻ سڀ جهاد آهي پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو، جاني ۽ مالي ٻئي جهاد ڪري ته پوءِ ان جا درجا ئي نرالا آهن.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ اِلَّا تَفْعَلُوْهُ تَكُنْ فِتْنَةٌ

۽ جن ڪفر ڪيو بعضي انهن مان وارث آهن بعض جا جيڪڏهن نه ڪندو اهو ته هوندو فتنو

فِى الْاَرْضِ وَفَسَادٌ كَبِيْرٌ ﴿٧٣﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا فِيْ

زمين ۾ ۽ فساد وڏو ۽ جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ جهاد ڪيائون

سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ

وات الله جي ۾ ۽ جن پناهه ڏني ۽ مدد ڪيائون. اهي ئي مومن آهن سچا

لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٧٤﴾

واسطي انهن جي بخشش آهي ۽ رزق ڀلو.

تفسير

اڳئين آيت ۾ ٽن خوش نصيب جماعتن جو ترتيب وار ذڪر ٿيو ١- جيڪي مؤمن به ٿيا ته هجرت به ڪيائون. هي پهرئين درجي جا ماڻهو هئا ٢- جن ايمان آندو

۽ انصار ٿيا. هي ٻئي درجي جا ٻٽيا ٣- جن صرف ايمان آندو نه مهاجر ٻٽيا نه انصار. اهي ٽئي درجي جا آهن ۽ هتي ورِي هڪ آيت ۾ بدنصيبن ڪافرن ڪي ۽ انهن جي پويان مؤمنن جي مقام ڪي بيان ڪيو ويو آهي. ارشاد ايزدي آهي "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَاءُ بَعْضٍ" ۽ جن ڪفر ڪيو انهن مان هڪڙا ٻين جاوارث آهن. مطلب ته اي مؤمنو! اوهان جا نسبي مٽ ۽ مائٽ جيڪي ڪافر آهن ڪيٽي ڪيترا به اوهان ڪي ويجها هجن نه اهي اوهان جا وارث آهن ۽ نه اوهان انهن جا وارث ٿيندؤ. مثلاً پيءُ مسلمان آهي ۽ ان جو پٽ ۽ ڌيءُ ڪافر آهن ته اهي پيءُ جا وارث نه ٿيندا نه پيءُ انهن جو وارث ٿيندو. ها اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا وارث ٿي سگهندا "اِلَّا تَفْعَلُوْهُ تَكُنْ فِتْنَةٌ فِى الْاَرْضِ وَفَسَادٌ كَبِيْرٌ" جيڪڏهن اهو نه ڪندؤ ته زمين ۾ فتنو ۽ وڏو فساد ٿيندو. يعني اي مسلمانؤ! جيڪڏهن اوهان مسلمان پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ملي متحد ٿي نه رهيئو ۽ اوهان ٻين ملڪن جي مسلمانن جي ڪافرن جي مقابلي ۾ مدد نه ڪئي ۽ انهن تي ظلم ٿيندي ڏسي خاموش رهيئو ته ڪيترا ضعيف مسلمان ڪافرن سان ملي ويندا ۽ اوهان آهستي آهستي ڪمزور ٿي ويندؤ. ڪافرن جا حوصلا بلند ٿيا ته هر جاءِ تي مسلمانن جو جيئڻ جنجال ٿي ويندو. "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" ۽ جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيائون. هن عبارت ۾ آيل ترتيب اڳ ۾ به بيان ٿي چڪي آهي ۽ جهاد مان مراد عام آهي. مال سان جهاد ڪري يا جان سان. "وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا" ۽ جن پناهه ڏني ۽ مدد ڪيائون. اڳئين عبارت ۾ مهاجر ۽ هن ۾ انصار بيان ڪيا ويا آهن. هتي انهن جماعتن جو ٻيو ڀيرو ذڪر اجايو نه پر سندن فضائل ٻڌائڻ لاءِ ڪيو ويو آهي. "اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ" اهي ئي سچا مؤمن آهن. انهن لاءِ مغفرت ۽ پلو، عزت وارو رزق آهي. يعني سيئي مهاجر ۽ انصار سچا ۽ پڪا مؤمن آهن ۽ نهايت شاندار آهن. ٻيو ڪو به انهن جي درجي ۽ مرتبي ڪي پهچي نه سگهندو. ايمان ۾ نهايت مضبوط ۽ مستحڪم آهن. هيءُ رب العزة جل شانه جي طرفان انهن جي پڪي مؤمن هجڻ جي گارنٽي آهي ۽ انهن جي لاءِ شاندار بخشش آهي، جنهن ڪان پوءِ ڪو به گناهه نه رهي ۽ جنتي رزق عزت وارو آهي جيڪو بي ضرر، ۽ ايترو وسيع هوندو جنهن جو نه حساب هوندو نه شمار (١) ۽ ان رزق مان دنيوي رزق به مراد ٿي سگهي ٿو ۽ "ڪريم" مان مراد آهي ته ڪنهن جي ڳڻ، ٿوري ڪان سواءِ ۽ بغير محتاجيءَ جي ملڻ وارو- الله تعالىٰ اهي سڀ نعمتون حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي اصحابن رضي الله عنهم ڪي عطا فرمايون هيون. ديني

(١) روح المعاني ص ٣٩ جزء ١٠ جلد ۴

نعمتن سان گڏ دنيوي انعامات سان بہ مالامال ٿيا. (۱) **مسئلو**- اسلامي ملڪن ۾ رهندڙ ڪافر بہ مختلف مذهب رکن ٿا. هڪڙو عيسائي آهي ٻيو يهودي يا هڪڙو مجوسي آهي ٻيو مشرڪ تہ اهي ڪٽي ڪيترا بہ نسبي قريب هجن هڪ ٻئي جا وارث نہ ٿيندا. (۲) **فائدا**- مٿين آيتن تي غور ڪرڻ سان هيٺيان فائدا حاصل ٿيا. فائدو ۱- مسلمانن جا پاڻ ۾ اختلاف يا ڪافرن سان دوستي رکڻ وڏي فتني ۽ فساد ۽ مسلمانن جي هلاڪت جو سبب آهي. جيئن "تَكُنْ فِتْنَةٌ فِي الْأَرْضِ وَفَسَادٌ كَبِيرٌ" مان واضح ۽ روشن آهي. ان جو تجربو فلسطين ۽ ڪشمير جي مسلمانن جي حالات مان ٿي رهيو آهي. فائدو ۲- سڀئي مهاجر ۽ انصار مخلص مؤمن آهن انهن جي سچي مؤمن هجڻ جي شاهدي رب العزة جل مجده قرآن ڪريم ۾ ڏئي چڪي آهي. جيڪو انهن کي منافق چوي اهو پاڻ منافق آهي. ٻئي جاءِ تي فرمان آهي "وَأَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوَىٰ" (۳) ۽ انهن کي تقويٰ جو ڪلمو لازم ڪري ڇڏيائين. جنهن مان انهن جو متقي هجڻ بہ ثابت آهي. ٽئين جاءِ تي فرمان آهي "رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ" (۴) الله انهن کان راضي آهي. جڏهن رب انهن کان راضي آهي تہ ٻيو ڇو ٿو گندو ڳالهائي.

وَالَّذِينَ آمَنُوا مِنْ بَعْدُ وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا مَعَكُمْ فَأُولَٰئِكَ

۽ جن ايمان آندو ان ڪان پوءِ ۽ هجرت ڪيائون ۽ جهاد ڪيائون اوهان سان گڏ پوءِ اهي

مِنْكُمْ ۚ وَأُولُو الْأَرْحَامِ بَعْضُهُمْ أَوْلَىٰ بِبَعْضٍ فِي كِتَابِ اللَّهِ ۗ

اوهان مان آهن ۽ قرابت وارا بعضي انهن مان وڌيڪ ويجها آهن بعض سان الله جي ڪتاب ۾

إِنَّ اللَّهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ۝٧٥

بيشڪ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ انصارن ۽ انهن مهاجرن جو ذڪر هو جن پهريان پهريان هجرت ڪئي هئي ۽ هن آيت ۾ انهن جو ذڪر ٿي رهيو آهي. جن حديبيه جي صلح ڪان پوءِ

(۱) نعيمي ص ۱۳۰ جلد ۱۰ (۲) ساڳيو حوالو (۳) سورة الفتح آيت ۲۶ (۴) سورة البينة آيت ۸

هجرت ڪئي. جنهن ڪي هجرت ثانيه چئجي. فرمان عالي شان آهي. "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَهَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا مَعَكُمْ فَاُولٰٓئِكَ مِنْكُمْ" ۽ جن پوءِ ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ اوهان سان گڏ جهاد ڪيائون پوءِ اهي اوهان مان آهن. يعني پوءِ ايمان آڻي، هجرت ڪرڻ ۽ اوهان سان گڏجي جهاد ڪرڻ وارا به اوهان سان شامل آهن. اوهان وانگر مؤمن، اصحابي، مهاجر ۽ مجاهد ڳڻيا ويندا ۽ جيڪي اخروي ۽ دنيوي نعمتن جا وعدا اوهان سان ڪيل آهن. انهن ڪي به شامل آهن. "وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ" ۽ قرابت وارا بعضي انهن مان وڌيڪ ويجها آهن بعض سان الله جي ڪتاب ۾. هيءَ آيت ناسخ آهي، جنهن سان اڳيون حڪم منسوخ ٿي ويو. معنىٰ قرابت وارا قرابت آهر هڪ ٻئي جا وارث ٿيندا ۽ مهاجر ۽ انصار هاڻي هڪ ٻئي جا جسماني ۽ نسبي رشتي ڪان سواءِ وارث نه ٿيندا. الله جي ڪتاب ۾اها ڳالهه لکجي چڪي آهي. ان ڪتاب مان مراد يا لوح محفوظ آهي يا قرآن ڪريم يا الله جو حڪم (۱) "اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" بلاشڪ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي. اهو پنهنجن ٻانهن جا معاملاان طريقي هلائيندو آهي جنهن ۾ سندن ڀلائي ۽ فائدو ڄاڻندو آهي.

سوال - آيت جي عبارت "وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ" قرابت وارا (هڪڙا انهن مان ٻين ڪي وڌيڪ ويجها آهن) مان ثابت ٿيو ته حضرت علي رضي الله عنه حضور عليه الصلواة والسلام جن جو قريب هجڻ جي ڪري ٽن پهرين خليفن ڪان خلافت جو وڌيڪ حقدار هو؟ ان ڪي ئي اول خلافت ڏني وجي ها.

جواب: حضور عليه الصلواة والسلام جن ان قرابت جي حڪم ڪان مستثنىٰ آهن سندن ذات جي متعلق ورثي وارا معاملا نه هلند اپر جيڪڏهن اوهان هرو ڀرو چوندؤ ته پوءِ حضرت علي رضي الله عنه ڪان وڌيڪ ته حضرت عباس ويجهو قريب آهي ڇو ته حضرت علي سؤٽ هو ۽ حضرت عباس چاچو. رضي الله عنهما **فائدا** - هن آيت ڪريمه تي غور ڪرڻ سان هي ڳالهيون ذهن ۾ آيون. فائدو ۱- حضور عليه الصلواة والسلام جن جا اصحابي سڳورا سڀ اصحابي هجڻ جي ڪري شاندار آهن پر انهن جي مرتبن ۾ فرق آهي. پهريان مؤمن، مهاجر سيني ڪان شان ۾ وڌيڪ آهن. ان ڪان پوءِ اهي جن ٻه هجرتون ڪيون. هڪ حبش ڏانهن ٻي مديني منوره ڏانهن. انهن ڪان پوءِ انصار سڳورا. جن مهاجرن ڀلارن ڪي جيءَ ۾ جايون ڏنيون هيون؛ پهرين ۽ پوئين سيني اصحابن سڳورن ڪان شان ۾ بلند حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي جو هجرت

(۱) تفسير القاسمي ص ۱۱ جزءُ ۸ جلد ۵

۾ حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جو ساٿ ڏنائين. بلڪ حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪيس هجرت ۾ ساٿ لاءِ پسند فرمايو ۲- "جَاهَدُوْا مَعَكُمْ" (اوهان سان گڏ جهاد ڪيائون) مان ثابت ٿيو ته جيڪا عبادت الله تعالىٰ جي پيارن سان گڏ ڪئي وڃي اها نهايت پياري ۽ بارگاهه ايزديءَ ۾ مقبول آهي. الحمد لله والصلواة والسلام عليٰ رسول الله وعلىٰ آله واصحابه ومن والاه- جو اڄ رمضان المبارڪ مهيني جي پهرين تاريخ سنه ۱۴۱۸هه مطابق ۳۰ ڊسمبر ۱۹۹۷ع اربعاءِجي ڏينهن ساڍي ٻارهين بڄي منجهند جو سورة الانفال جو تفسير لکي پورو ڪيم.

سورة التوبة جو تعارف

هن سورة سڳوريءَ جي تعارف ۾ هيٺ لکيل ڳالهيون نهايت اهم آهن ۱- نالا ۽ انهن سان سڏجڻ جو سبب ۲- مڪيه آهي يا مدنيه ۳- نازل ٿيڻ جو وقت ۴- رڪوع، آيتون ۽ ڪلما ۵- ڪهڙن مضمونن تي مشتمل آهي. ٦- سورة الانفال سان ربط ۽ تعلق ۷- فضائل ۽ برڪتون ۸- هن جي منڍ ۾ بسم الله الرحمٰن الرحيم ڇو نه لکي وئي؟ تلاوت ڪرڻ وقت بسم الله پڙهي سگهجي ٿي يا نه؟ ان مسئلي جي وضاحت.

۱- نالا ۽ انهن سان سڏجڻ جو سبب: ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته قرآن ڪريم جي مفسرن هن سورة جا پندرهن (۱۵) نالا لکيا آهن. ۱- التوبة ڇو ته هن ۾ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جي اصحابي ڪعب بن مالڪ ۽ سندس ٻن ساٿين جي عظيم الشان توبه جو ذڪر آهي ۲- البراءَة معنىٰ بيزار ٿيڻ. ان جي ڪري جو هن ۾ مشرڪن کان بيزاري ۽ ساڻن ڪيل معاهدن کي ڪينسل ڪرڻ جو بيان آهي (۱) حضرت ابن عمر ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ائين روايت ڪيل آهي (۲) ۳- المقشقشة هي لفظ واحد مؤنث اسم فاعل جو صيغو قشقش يقشقش کان ورتل آهي. بيمار کي بيماريءَ کان صحت ملندي آهي ته چيو ويندو آهي ته قشقشهٗ ان کي بيماريءَ کان ڇڏايائين. هيءَ سورة به مؤمن کي منافقيءَ کان ڇڏائي اخلاق ڏانهن آڻيندڙ آهي. ان جي ڪري ان نالي سان سڏي وئي آهي. (۳) ۴- الفاضحة خوار ڪندڙ ابوعبيد، ابن المنذر، ابوالشيخ، ابن مردويه، سعيد بن جبير کان ۽ ان حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهم کان ۽ ابو الشيخ حضرت عڪرمه کان ان حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنهم کان اهو نالو روايت ڪيو آهي (۴) ۵- سورة العذاب- ڇو ته ان

(۱) ضياءالقرآن ص۲۰۳ جلد۲ (۲) بحرالعلوم ص۳۰ جلد۲ (۳) ساڳيو حوالو. (۴) الدرالمنثور ص۱۲۰-۱۲۱ جلد۴

۾ ڪافرن ڪي عذاب ٿيڻ جو ذڪر گهڻو آهي. ابن ابي شيبه، طبرانيءَ اوسط ۾، حاڪم ۽ ابن مردويه سيني محدثن حضرت حذيفه صحابيؓ رضي الله عنه کان اهو نالو روايت ڪيو آهي. ٦- المنقرة- ڪافرن جي دلين ۾ لڪل راز ظاهر ڪندڙ. ابوالشيخ حضرت عبدالله بن عبيد بن عمير رضي الله عنه کان اهو نالو روايت ڪيو آهي. ٧ المعبرة ماڻهن جي رازن کي کوليندڙ- ابن المنذر حضرت محمد بن اسحاق رضي الله عنه کان اهو نالو روايت ڪيو آهي (١) ٨- الحافرة- کوٽيندڙ

ڇو ته ان منافقن جي دلين ۾ دفن ٿيل نفاق کي کوٽي مسلمانن جي اڳيان ظاهر ڪري رکيو. اهو نالو حضرت فقيه ابوالليث سمرقندي عليه الرحمه حضرت حسن بصريءَ کان نقل ڪيو آهي. (٢) ٩- المثيرة - ڇو ته ان منافقن جي حالتن کي پڌرو ڪري ڇڏيو. اهو نالو قرآن پاڪ جي مفسر قتادة کان نقل ڪيل آهي. (٣) ١٠- المبعثرة - ڇو ته ان منافقن جون ڳجهيون اڏائي ڇڏيون لڪائڻ نه ڏنيون. اهو نالو حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت ڪيل آهي ١١- المخزية - خوار ڪندڙ ان جي ڪري جو هن سورة ۾ هڪ جملو آهي "وَاَنَّ اللّٰهَ مُخۡزِي الۡكَافِرِيۡنَ" ۽ بلاشڪ الله ڪافرن کي خوار ڪندڙ آهي. ١٢- المنكلة- عذاب ڪندڙ. ١٣- المشددة ڪافرن تي سختي ڪندڙ. ١۴- المدمدمة - ڪافرن تي عذاب پلٽائيندڙ- ١٥- البحوث- بحث ڪندڙ ڇو ته ان منافقن جي لڪل ڳالهين جو بحث ڪيو آهي. (۴)

٢- مڪيه آهي يا مدنيه: هيءَ سورة پلاري جمهور مفسرن جي اتفاق سان مدنيه آهي. (٥) ۽ قرآن ڪريم جي نازل ٿيندڙ آخري سورتن مان آهي.

٣- نزول جو سال: هيءَ سڄي سورة نبوي هجرت کان پوءِ نائين (٩) سال ۾ مرحلي وار نازل ٿي هئي هڪ حصو تبوڪ جي جنگ کان اڳ ۾ ان ئي سال جي رجب مهيني ۾ نازل ٿيو هو - ٻيو حصو ان جنگ لاءِ تياريءَ جي دوران نازل ٿيو هو - ٽيون حصو جنگ کان واپس ورڻ کان پوءِ نازل ٿيو هو. (٦)

- رڪوع، آيتون ۽ ڪلما: هن ۾ سورهن (١٦) رڪوع، هڪ سؤ اوڻٽيهه آيتون ۽ چار هزار اٺهتر (۴٠٧٨) ڪلما آهن. (٧) ۽ هن ۾ ڏهه هزار چارسؤ اٺاويهه حروف آهن. (٨)

(١) ساڳيو حوالو. (٢) بحرالعلوم ص٣ جلد٢ روح المعاني ص٤١ جزء ١٠ جلد٣ (٣) بحرالعلوم ص٣ جلد٢ التفسير الڪبير ص٢١٥ جزء ١٥ (۴) بحرالعلوم ص ٣٠ ج ٢ (٥) ساڳيا حوالا- (٦) القرطبي ص٦١ ج ٨ (٧) في ظلال القرآن ص١٥٦۴ جلد٣-

۵- ڪهڙن مضمونن تي مشتمل آهي: هن سورة کي غور ڪري پڙهڻ ۽ سمجهڻ سان هن مان هيٺ لکيل مضمون ذهن نشين ٿين ٿا ١- عرب مان شرڪ ۽ ڪفر کي مڪمل طرح ختم ڪيو وڃي ۽ قديم مشرڪن واريون رسمون ڪلي طرح تباهه ۽ برباد ڪيون وڃن.

٢ ـ اسلام جو مرڪز هميشه لاءِ خالص اسلامي مرڪز هجي ۽ ٻيو ڪو به عنصر ان جي اسلامي مزاج ۾ نه ته خلل انداز ٿي سگهي ۽ نه ڪنهن خطري جي موقعي تي اندروني فتني جو سبب بنجي. ان غرض لاءِ مشرڪن کان براءة (بيزاري) ڪندي ساڻن ڪيل معاهدا ختم ڪيا ويا.

٣ - مڪه مڪرمه کي فتح ڪرڻ ۽ ڪعبه جي انتظام سنڀالڻ کان پوءِ اهو بالڪل نامناسب هو ته جيڪو گهر وجود ۾ آيو ئي ان لاءِ آهي ته ان ۾ خالص الله جل جلاله جي عبادت ڪئي وڃي، يا ان ۾ مشرڪن جو شرڪ ۽ شرڪيه رسومات ادا ڪيون وڃن ۽ ان جا متولي مشرڪ رهن. ان جي ڪري حڪم ڪيو ويو ته آئنده جي لاءِ ڪعبه جا متولي به مسلمان رهن ۽ بيت الله شريف جي حدود ۾ شرڪ ۽ جاهليت جون سموريون رسمون زور ۽ سختيءَ سان نه صرف بند ڪيون وڃن پر مشرڪ ان مقدس گهر کي ويجها به نه وڃن تانت ان ابراهيمي بناء (علىٰ بانيه الصلواة والسلام) جو شرڪ سان آلودو هجڻ جو امڪان ئي نه رهي.

۴- عرب جي تمدني زندگي ۾ به جاهليت جي باقي رهيل آثار ۽ رسومات جو قلع، قمع ڪيو وڃي ۽ اهي اسلامي جديد دور ۾ مڪمل طرح هٽايون وڃن.

۵ - عرب ۾ اسلامي مشن جو تڪميل جي پايئہ کي پهچڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو جيڪو سامهون هو سو اهو هو ته عرب کان ٻاهر به حق جي دين اسلام جو دائرو وڌائي وسيع ڪيو وڃي پر ان وسعت لاءِ روم ۽ ايران جون سياسي قوتون وڏ ۾ وڏ رڪاوٽ هيون ۽ اها ڳالهه اڻ ٽر هئي ته عربن جي قبيلن کان فارغ ٿيندي ئي انهن سان تصادم ٿيندو ۽ اڳتي هلي ٻين غير اسلامي سياسي ۽ تمدني نظامن سان منهن ڏيڻو پوندو. ان جي ڪري هن سورة ۾ مسلمانن کي هدايت ڪئي وئي ته عرب کان ٻاهر جيڪي ماڻهو مسلمان نه آهن انهن جي خود مختار حڪمرانيءَ کي به تلوار جي ذريعي ختم ڪيو وڃي تانت اهي اسلام جي راهه ۾ رڪاوٽ نه بنجن پر اسلامي اقتدار جو تابع ٿي رهڻ قبول ڪن. جيتري قدر ايمان قبول ڪرڻ جو تعلق آهي اهو مٿن منحصر آهي خوشيءَ سان قبول ڪن ته ڀلو آهي نه ته مرضيءَ وارا آهن پر ڪين اهو حق نه آهي

جو الله جل جلاله جي ڏرتيءَ تي قابض رهي ان جي عبادت کان روڪين جنهن ڌرتي پيدا ڪئي آهي.

٦ - اهم مسئلو منافقن جو به هو جن کي وقتي مصلحتن خاطر ظاهر نه ٿي ڪيو ويو پر جڏهن بيروني خطرات جو دٻاءُ گهٽيو ته حڪم ڏنو ويو ته منافقن سان ڪا به نرمي نه ڪيو ۽ انهن سان اهڙيءَ سختيءَ سان پيش اچو جهڙي دين جي کليل دشمنن ۽ منڪرن سان ڪئي وڃي ٿي ۽ ان رباني حڪم تي عمل جو نتيجو هو جو حضور عليه الصلواة والسلام جن تبوڪ جي جنگ لاءِ تياريءَ دوران سويلم نالي شخص جي گهر کي باهه ڏياري ساڙي ڇڏيو هو جتي منافقن جو هڪ ٽولو گڏ ٿي مسلمانن کي جنگ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ ان ئي حڪم تي عمل ڪندي حضور عليه الصلواة والسلام جن تبوڪ جي جنگ کان واپس ٿيندي مسجد ضرار (منافقن جي مسجد)کي ڊاهڻ ۽ ساڙڻ جو حڪم ڪيو هو.

٧ - سچن مومنن مان به ڪن ۾ ڪمزوري محسوس ٿي رهي هئي ان جو علاج به ضروري هو جيڪو هن سورة ۾ ڪيو ويو ڇو ته اسلام عالمگير جدوجهد جي مرحلي ۾ داخل ٿيڻ وارو هو ۽ ان مرحلي ۾ جڏهن ته مسلم عرب کي پوري غير مسلمان دنيا سان منهن ڏيڻو هو ايمان جي ڪمزوريءَ کان وڌيڪ مسلمانن لاءِ ڪو به خطرو زياده نقصان ڪار نه هو. ان جي ڪري جن شخصن تبوڪ جي جنگ جي موقعي تي سستي ۽ ڪمزوري ڏيکاري هئي انهن کي نهايت شدت سان ملامت ڪئي وئي ۽ آئنده لاءِ فيصلو ڪيو ويو ته جيڪو اسلام جي لاءِ قرباني ڏيڻ ۾ سستي ڪندو ان جو ايمان معتبر نه رهندو (١)

٨ - فضائل ۽ برڪتون: ١- هن سورة جي تلاوت ايمان جي نشاني آهي. منافق ان کي نه پڙهندو نه ياد ڪندو. طبرانيءَ اوسط ۾ حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَلْمُنَافِقُ لَا يَحْفَظُ سُوْرَةَ هُوْدٍ وَبَرَآءَةَ وَيٰسِيْنَ وَالدُّخَانِ وَعَمَّ يَتَسَاءَلُوْنَ"

يعني منافق سورة هود، توبه، يٰس، دخان ۽ عم يتساءلون ياد نه ڪندو ثابت ٿيو ته سچو مؤمن انهن کي ياد ڪندو،پڙهندو ۽ انهن ۾ ذڪر ٿيل حڪمن تي عامل رهندو.

٢- حضرت عمر رضي الله عنه ان سورة ۽ سورة النور جي پڙهڻ جي ترغيب ڏيندو هو. ابو عبيد، سعيد بن منصور، ابوالشيخ ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ابي عطية همدانيءَ کان روايت آندي آهي ته حضرت عمر رضي الله عنه (پنهنجن عملدارن کي) لکيو هو ته

(١) تفهيم القرآن ص ١٧٢- ١٧٣ جلد ٢ ضياء القرآن ص ١٧٣ کان ١٧٦ جلد ٢

سورة براءة پڙهو ۽ عورتن کي سورة النور جي تعليم ڏيو. (۱) علامه مفتي احمد يار عليه الرحمة لکيو آهي ته هن سورة مبارڪ کي عامل ۽ زاهد پنهنجي وظائف ۾ گهڻي اهميت ڏيندا آهن ۽ روايتن ۾ آيل آهي ته جيڪو مسلمان اشراق جي نماز کان پوءِ يارهن ڀيرا هن سورة کي تلاوت ڪري ڪنهن به ظالم ۽ بي رحم حاڪم جي اڳيان ويندو ته اهو هن تي رحمدل ٿي پوندو. (۲) مفسر قرآن عبدالله بن عمر شيرازي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان روايت آندي آهي پاڻ فرمايائون ته "مَا اُنْزِلَ الْقُرْآنُ عَلَيَّ آيَةً آيَةً وَحَرْفًا حَرْفًا مَا خَلاَ سُوْرَةَ بَرَآءَةَ وَقُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ فَاِنَّهُمَا اُنْزِلَتَا عَلَيَّ وَمَعَهُمَا سَبْعُوْنَ اَلْفَ صَفٍّ مِّنَ الْمَلاَئِكَةِ" (۳) يعني مون تي قرآن سورة براءة ۽ قل هو الله احد کان سواءِ آيت آيت ۽ حرف حرف ڪري نازل نه ڪيو ويو آهي. اهي ٻئي سورتون جڏهن مون تي نازل ڪيون ويون ته انهن ٻنهي سان ستر هزار صفون ملائڪن جون گڏ هيون.

۹- سورة الانفال سان تعلق ۽ ربط: سورة الانفال ۾ ڪافرن سان جهاد ڪرڻ، جنگ دوران هٿ آيل سندن مال کي غنيمت بنائڻ ۽ ان کي صحيح طريقي سان تقسيم ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ ظاهر آهي ته اهو جهاد تڏهن ٿيندو جڏهن انهن سان معاهدو ٿيل نه هوندو. هن سورة ۾ انهن معاهدن کي ٽوڙڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انفال جي آخر ۾ مسلمانن کي هڪ ٻئي سان ميل جول محبت ۽ پيار رکڻ جو حڪم هو ۽ هن سورة ۾ ڪافرن سان تعلق ٽوڙڻ جو بيان ڪيو ويو آهي.

۱۰- هن سورة جي اول ۾ بسم الله الرحمٰن الرحيم ڇو نه لکي وئي؟ قرآن ڪريم جي مفسرن ان جا مختلف جواب ڏنا آهن پر وڌيڪ قوي ۽ صحيح جواب اهو آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن ان جي شروعات ۾ بسم الله الرحمٰن الرحيم لکڻ جو حڪم نه ڏنو هو ڇو ته جبريل عليه السلام هن سورة کي آڻڻ وقت بسم الله سڳوري نه آندي هئي. (۴)

مسئله: قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ وقت هن سورة جي منڍ ۾ بسم الله پڙهجي يا نه. ان ۾ اختلاف آهي، ابن حجر مڪي تلاوت جي دوران بسم الله پڙهڻ کان سخت منع ڪئي آهي ۽ علامه رمليءَ مڪروه چئي آهي، مگر جمهور علماءَ جو قول آهي ته جيڪڏهن مٿان سورة انفال پڙهندي سورة توبه اچي وڃي ته نه پڙهي ۽ جيڪڏهن شروعات ئي هن کان ٿو ڪري ته پلي پڙهي (۵) مفتي محمد شفيع صاحب لکيو آهي ته: فقهاءِ حضرات فرمايو آهي ته جيڪو شخص مٿان کان سورة انفال جي تلاوت ڪندو

(۱) الدرالمنثور ص۱۲۰ جلد۴ (۲) نعيمي ص۱۳۸ جلد۱۰ (۳) بيضاوي ڪامل ص ۲۷۲
(۴) القرطبي ص ۶۳ جلد ۸ (۵) نعيمي ص ۱۴۰ جلد ۱۰

اچي ۽ سورة توبه شروع ڪري وبهي تہ اهو بسم الله نہ پڙهي، پر جيڪو شخص تلاوت شروع ٿي توبه سڄوريءَ ڪان ڪري ان کي گهرجي تہ بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهي. ڪي اڻ واقف سمجهندا آهن تہ اهو غلط آهي ۽ ڪي ماڻهو سورة توبه جي تلاوت وقت بسم الله جي بجاءِ اعوذ بالله من النار وغيره پڙهندا آهن. اها دعا حضور عليه الصلواة والسلام جن يا ڪنهن اصحابي ڪنهن مجتهد امام ڪان ثابت نہ آهي. (۱)

سُوْرَةُ التَّوْبَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مِائَةٌ وَّتِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ آيَةً وَّسِتَّةَ عَشَرَ رُكُوْعًا

سورة توبه مدني آهي ۽ اها هڪ سؤ اوڻٽيهہ آيتون ۽ سورهن رڪوع آهي

بَرَآءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى الَّذِيْنَ عَاهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ①

(معاهدن کان) بيزاري آهي الله ۽ ان جي رسول جي طرفان انهن ڏانهن جو معاهدو ڪيو اوهان مشرڪن مان

فَسِيْحُوْا فِي الْاَرْضِ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ

(ڪنهن سان) پوءِ گهمو ڦرو زمين ۾ چار مهينا ۽ چڱي طرح ڄاڻو تہ بيشڪ اوهان ناهيو

مُعْجِزِى اللّٰهِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ مُخْزِى الْكٰفِرِيْنَ ②

عاجز ڪندڙ الله کي ۽ بيشڪ الله خوار ڪندڙ آهي ڪافرن کي.

تفسير

سورة انفال جي آخري آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ مسلمان مسلمانن جا دوست، وارث ۽ ولي آهن ۽ هتي اعلان ڪيو ويو آهي تہ مسلمان ڪافرن کان بيزار ۽ جدا رهن. گويا تقويٰ جي هڪ رڪن مؤمنن سان محبت جو ذڪر پهريان ۽ تقويٰ جي ٻئي رڪن ڪافرن کان علحدگيءَ جو ذڪر پويان ڪيو ويو آهي.

شان نزول: مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ حضور اڪرم، نور مجسم صلي الله عليه وسلم جن عرب جي قبيلن سان امن جا معاهدا ڪيا هئا پر مسلمانن جي ظاهري

(۱) معارف القرآن ص ۳۰۷ جلد ۴

ڪمزوريءَ جي ڪري اهي انهن معاهدن جو احترام تمام گهٽ رکندا هئا ۽ جڏهن بہ انهن کي موقعو ملندو هو تہ مسلمانن کي تڪليف پهچائڻ کان باز نہ رهندا هئا. جڏهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن تبوڪ جي سفر تي روانا ٿيا جيڪو مدينه منوره کان سوين ميل پري هو ۽ رومي بادشاهہ جي لشڪر سان مقابلو بہ نهايت خطرناڪ هو تہ مشرڪن جو تہ جڻ گهہ ۾ تڪر ڪريو ۽ ڪين وڏي اميد هئي تہ قيصر بادشاهہ مسلمانن کي ختم ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن پاڻ مسلمانن سان وعدو وفا نہ ڪندا تہ ڪائڻن ڪير پڇندو بہ ڪو نہ. ان جي ڪري طرحين طرحين ڪوڙا افواهہ پکيڙڻ ۽ عهد شڪني ڪرڻ لڳا پر الله تعاليٰ کي ٻيو ڪجهہ منظور هو حضور صلي الله عليه وسلم جن تہ خيرن سان ڪاميابي ماڻي موٽيا پر فيصلي طلب اها ڳالهہ هئي تہ هاڻي انهن پاليلن نانگن کي ڍر ڏئي ڇڏجي جو جڏهن بہ گهرن تہ ڏنگين ۽ اسلام ۽ اسلامي رياست جي دشمني ڪن ۽ جڏهن بہ مسلمان ڪنهن ٻاهرئين دشمن ڏانهن متوجهہ ٿين تہ هي سندن لاءِ آزار ۽ ايذاءَ جو باعث بنجن يا سندن معاملي کي ڪنهن طريقي سان هميشہ لاءِ حل ڪري ڇڏجي. جڏهن سنہ ۹ هہ ۾ مسلمانن جو قافلو حضور صلى الله عليه وسلم جن جي امر سان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي اڳواڻي ۾ حج لاءِ روانو ٿيو تہ هن سورة جون ابتدائي آيتون نازل ٿيون جن ۾ صاف، صاف حڪم ڏنو ويو تہ هاڻي ڪافرن سان ڪيل معاهدا سيئي منسوخ آهن. انهن کي دوستيءَ جي لباس ۾ دشمني ڪرڻ جي اجازت نہ آهي. حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم جن حج جي ڏينهن هي آيتون پڙهي اعلان ڪرڻ جي لاءِ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه کي موڪليو. اڳ ۾ موڪليل قافلو حضرت ابوبڪر صديق جي اڳواڻي ۾ مڪه مڪرمه ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ حضرت علي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ڏاچيءَ مبارڪ تي سوار ٿي قافلي کي ويجهو اچي پهتو. ڏاچيءَ اڳيان قافلي جي سوارين کي ڏسي آواز ڪيو جيڪو حضرت ابوبڪر صديق سڃاتو ۽ چيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جي ڏاچي مبارڪ جو آواز آهي. پوئتي نهاري حضرت علي رضي الله عنه کي ڏسي پڇياڻينس تہ! علي! قافلي جو امير ٿي آيو آهين يا مامور؟ حضرت علي رضي الله عنه ٻڌايس تہ حج جو امير تون آهين ان تنهنجي امارت جي ماتحت هلي هي آيتون پڙهي ٻڌائي اعلان ڪرڻ آيو آهيان. ان کان پوءِ پاڻ حضرت ابوبڪر صديق جي پويان جماعت سان نمازون پڙهندي، حج جا ارڪان ادا ڪندي مڪه مڪرمه ۾ تشريف فرما ٿيو ۽ ذوالحج جي ڏهين تاريخ پٿرين هڻڻ وارن جمرن مان جمرة العقبة وٽ بيهي

اعلان ڪيائين تہ اي انسانؤ! مان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو پيغام ڪٺي اوهان کي ٻڌائڻ آيو آهيان. ۽ هن سورة التوبہ جون ابتدائي ٽيهہ يا چاليهہ آيتون تلاوت ڪرڻ کان پوءِ فرمايائين تہ "مون کي هي حڪم ڪيو ويو آهي تہ اوهان کي هي فرمان ٻڌايان.

"١" هن سال کان پوءِ ڪوبہ مشرڪ حج نہ ڪري "٢" ڪير بہ اگهاڙو ٿي بيت الله جو طواف نہ ڪري "٣" ايمان وارن کان سواءِ ڪوبہ ماڻهو جنت ۾ نہ وڃي سگهندو "۴" تہ جنهن سان بہ ڪو معاهدو ٿيل آهي جيڪڏهن معاهدي جي خلاف ورزي نہ ڪئي اٿس تہ اهو معاهدي وارو مدو پورو ڪيو ويندو، ۽ جنهن سان ڪو معاهدو ٿيل نہ آهي ان کي چار مهينا مهلت آهي، ان اعلان کان پوءِ مخالفن جو رد عمل ظاهر ٿي پيو ۽ پتو پئجي ويو تہ اهو اعلان انتهائي مناسب وقت سان ڪيو ويو هو (١) فرمان عالي شان آهي "بَرَآءَةٌ مِّنَ اللهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى الَّذِيْنَ عَاهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ" الله ۽ سندس رسول جي طرفان انهن مشرڪن ڏانهن بيزاريءَ جو پيغام آهي جن سان معاهدو ڪري چڪا آهيو، هتي مشرڪن سان انهن معاهدن جي ٽوڙڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جي مدت مقرر ڪيل نہ هئي "براءَةٌ" ۾ آيل تنوين تفخيم جي آهي معنىٰ مڪمل بائيڪاٽ ۽ ڪيل معاهدا منسوخ. "فَسِيْحُوْا فِى الْاَرْضِ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِى اللّٰهِ وَاَنَّ اللّٰهَ مُخْزِى الْكٰفِرِيْنَ" پوءِ زمين ۾ چار مهينا گهمو ڦرو! ۽ يقين ڪيو تہ اوهان الله کي عاجز ڪري نہ سگهندؤ ۽ يقينًا الله ڪافرن کي خوار ڪندڙ آهي. مطلب تہ اوهان کي چار مهينا

هر طرح مڪمل آزادي آهي جتي وڻيوَ گهمو، جنهن سان وڻيوَ ملو اوهان تي ڪنهن بہ قسم جي پابندي ناهي امن، سڪون سان ۽ جنگ جي خطري کان محفوظ ٿي سير ڪيو. هيءَ مدت انهن لاءِ هئي جن سان معاهدو چئن مهينن کان گهٽ يا بالڪل رکيل ئي نہ هو (٢) ان کان پوءِ ڪافرن کي تنبيهہ ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو چئن مهينن وارو وقت جيڪو اوهان کي مليو آهي سو ڪمزور ۽ ضعيف هجڻ جي ڪري نہ پر ان ۾ مصلحت آهي تانت اوهان ٿڌيءَ دل سان پنهنجي مستقبل جي لاءِ چڱيءَ طرح سوچيو. ياد رکڻ گهرجي تہ مخالفن سان اها نرمي ان ڳالهہ جو روشن ثبوت آهي تہ اسلام رحمت ۽ راحت وارو دين آهي. آخر ۾ وري بہ مشرڪن کي تنبيهہ ڪئي وئي آهي تہ مهلت ملڻ کان پوءِ بہ نہ سوچيندؤ تہ يقين ڪيو تہ الله تعالىٰ ڪافرن کي دنيا ۾ قتل ۽ ذلت ۽ آخرت ۾ عذاب سان خوار ڪندو.

(١) ضياء القرآن ص١٧٧-١٧٨ جلد٢ تفسير ڪبير ص٢١٧ جزء٥ (٢) القرطبي ص٦۴ جلد٨

فائدو: "بَرَآءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ" جي عبارت مان ثابت ٿيو تہ جنهن کان حضور عليه الصلاة والسلام بيزار آهن ان کان الله تعالىٰ بہ بيزار آهي عرب ڪافرن حضور عليه الصلاة والسلام جن سان بدعهدي ڪري حضور عليه الصلاة والسلام جن کي بيزار ڪيو تہ الله تعالىٰ انهن کان بيزار هجڻ جو اعلان ڪرايو. ها اهو ٿي سگهي ٿو جو الله تعالىٰ ڪنهن گنهگار ٻانهي کان ناراض هجي تہ حبيب اڪرم صلى الله عليه وسلم جن شفاعت ڪري الله تعالىٰ کي ان تي راضي ڪري ڇڏين. سندن ئي مقام تہ آهي جو قيامت ۾ بارگاهہ ايزديءَ ۾ سجدو ڪري رب العزت جل شانه جي جلال کي جمال سان ۽ قهر کي مهر سان تبديل ڪرائيندا

وَاَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْاَكْبَرِ اَنَّ اللّٰهَ

۽ عام اعلان آهي الله ۽ ان جي رسول جي طرفان ماڻهن ڏانهن وڏي حج جي ڏينهن بيشڪ الله

بَرِيْٓءٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۙ۬ وَرَسُوْلُهٗ ۭ فَاِنْ تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ

بيزارآهي مشرڪن کان ۽ رسول ان جو پوءِ جيڪڏن توبه ڪيو تہ پوءِ اهو ڀلو آهي اوهان جي لاءِ

وَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ ۭ وَبَشِّرِ

۽ جيڪڏهن منهن ڦيريو اوهان تہ پوءِ يقين ڄاڻو تہ بيشڪ اوهان ناهيو عاجز ڪندڙ الله کي ۽بشارت ڏي

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝۳

انهن کي جو ڪفر ڪيائون عذاب دردناڪ جي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کان الله جل جلالہ ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي بيزار هجڻ جو ذڪر هو ۽ هن آيت ۾ بيزاريءَ جو اعلان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْاَكْبَرِ" ۽ الله ۽ ان جي رسول جي طرفان وڏي حج جي ڏينهن ماڻهن کي عام اعلان آهي. هتي حج اڪبر جي ڏينهن مان مراد ڏهين

ذوالحج عيد الاضحيٰ جو ڏينهن آهي يا ۹ تاريخ عرفات ۾ بيهڻ وارو ڏينهن مراد آهي ۽ حج کي اکبر (وڏو) ان کري سڏيو ويو جو عمره کرڻ حج اصغر (ننڍو حج) آهي (۱) "اَنَّ اللّٰهَ بَرِيْٓءٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ وَرَسُوْلُهٗ"

بيشڪ الله ۽ سندس رسول مشرڪن کان بيزار آهن. هي اعلان غالبًا انهن قبيلن جي حق ۾ هو جن مقرر وقت تائين معاهدو ڪري وري پاڻ ئي پڳو هو. هتي انهن کي مطلع ڪيو ويو ته ساڻن ڪيل معاهدو سندن ئي غلطين جي ڪري ختم ڪيو ويو آهي.

"فَاِنْ تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ وَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ" پوءِ جيڪڏهن توبه ڪيو ته پوءِ اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي ۽ جيڪڏهن منهن موڙيو ته يقين ڄاڻو ته اوهان الله کي عاجز ڪري نه سگهندؤ مطلب ته اي عهد ڀڃندڙ مشرڪؤ! جيڪڏهن هينئر به اوهان شرڪ ۽ ڪفر کان توبه ڪندؤ ته اوهان لاءِ ان ۾ بهتري آهي اوهان جي دنيا ۽ آخرت سينگارجي ويندي نه ته الله کي اوهان ڇا ڪري سگهندؤ؟. ان جو ارادو آهي ته عرب جي جزيري کي ڪافرن ۽ ڪفر کان پاڪ رکي سو ڪري ڇڏيندو.

"وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ" ۽ ڪافرن کي دردناڪ عذاب جي بشارت ڏي. هي خطاب حضور صلی الله عليه وسلم جن سان آهي ته: اوهان ڪافرن کي بشارت ڏيو ته انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي (۲)

فائدو: "فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ" (پوءِ اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي) مان ثابت ٿيو ته اسلام قبول ڪرڻ ۽ نيڪ اعمال ادا ڪرڻ ۾ فائدو نيڪي ڪندڙ جو آهي. اهو حضور عليه الصلاة والسلام جن تي ڪنهن جو احسان نه آهي حضور پاڪ عليه الصلاة والسلام جن سج آهن اسين سندن ڪان نورحاصل ڪندڙزمين آهيون. مهرباني سندن آهي اسان جي مٿن ڪابه مهرباني نه آهي.

اِلَّا الَّذِيْنَ عَاهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ثُمَّ لَمْ يَنْقُصُوْكُمْ

سواءِ انهن جي جو عهد ڪيو اوهان (انهن سان) مشرڪن مان ان ڪان پوءِ نه گهٽايائون اوهان ڪان

شَيْـًٔا وَّلَمْ يُظَاهِرُوْا عَلَيْكُمْ اَحَدًا فَاَتِمُّوْٓا اِلَيْهِمْ

ڪا شيءِ ۽ نه مدد ڪيائون اوهان تي ڪنهن هڪجي پوءِ پورو ڪيو انهن ڏانهن

عَهْدَهُمْ اِلٰى مُدَّتِهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۝

عهد انهن جوسندن مدت تائين بيشڪ الله محبت رکي ٿو پرهيزگارن سان

(۱) حاشية عثمانيه ص ۲۴۹ (۲) تنويرالانتهان ص ۴۶ جلد۲

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن مشرڪن سان واسطو رکندڙن حڪمن جو بيان هو جن حضور صلى الله عليه وسلم جن سان عهد ڪري ڀڳو هو ۽ هتي انهن مشرڪن سان واسطو رکندڙن حڪمن جو بيان ٿي رهيو آهي جيڪي پنهنجي عهد تي قائم رهيا. ايزدي فرمان آهي "اِلَّا الَّذِيْنَ عَاهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ" انهن مشرڪن کان سواءِ جن سان اوهان عهد ڪيو آهي. هتي مٿين حڪمن مان انهن کي مستثنىٰ ڪيو ويو آهي جن جي معاهدي جو وقت مقرر هو "ثُمَّ لَمْ يَنْقُصُوْكُمْ شَيْئًا وَّلَمْ يُظَاهِرُوْا عَلَيْكُمْ اَحَدًا" پوءِ نه اوهان سان ڪا گهٽتائي ڪيائون ۽ نه اوهان جي خلاف ڪنهن جي مدد ڪيائون. مطلب ته انهن ان عهد جي وفا ڪرڻ ۾ نه ڪا ڪوتاهي ڪئي ۽ نه ٻين عهد ڀڃڻ وارن سان ڪنهن قسم جي مدد ڪيائون "فَاَتِمُّوْا اِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ اِلٰى مُدَّتِهِمْ" پوءِ انهن سان طي ڪيل مدت تائين عهد پورو ڪيو. يعني انهن سان وعدي واري مدت پوري ڪيو باقي وڏيڪ لاءِ ڪنهن به قسم جو ڪو عهد نه ڪيو. مدت پوري ٿيڻ کان پوءِ انهن سيني جو حڪم هڪڙو هوندو. "اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ" بيشڪ الله پرهيزگارن سان محبت رکي ٿو. مقصد ته پنهنجو عهد پورو ڪرڻ تقوىٰ آهي ۽ عهد پورو ڪندڙ متقي آهن ۽ الله تعالىٰ متقين سان پيار ۽ محبت گهڻي رکندو آهي.

فَاِذَا انْسَلَخَ الْاَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ

پوءِ جڏهن گذرن مهينا عزت وارا پوءِ قتل ڪيو مشرڪن کي جتي به لهو

وَجَدْتُّمُوْهُمْ وَخُذُوْهُمْ وَاحْصُرُوْهُمْ وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ

انهن کي ۽ وٺو انهن کي ۽ قيد ڪيو انهن کي ۽ وهو واسطي انهن جي هر گهٽ ۾

فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَخَلُّوْا سَبِيْلَهُمْ اِنَّ

پوءِ جيڪڏهن توبهه ڪن ۽ قائم ڪن نماز ۽ ڏين زڪواة پوءِ ڇڏيو واٽ انهن جي بيشڪ

اللّٰہَ غَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿۵﴾ وَ اِنۡ اَحَدٌ مِّنَ الۡمُشۡرِکِیۡنَ اسۡتَجَارَکَ فَاَجِرۡہُ

الله بخشيندڙ مهربان آهي ۽ جيڪڏهن ڪو مشرڪن مان پناهه وٺي توڪان پوءِ پناهه ڏي ان کي

حَتّٰی یَسۡمَعَ کَلٰمَ اللّٰہِ ثُمَّ اَبۡلِغۡہُ مَاۡمَنَہٗ ؕ

تانجو ٻڌي ڪلام الله جو ان کان پوءِ پهچاءِ ان کي جاءِ امن واريءَ ان جي تي

ذٰلِکَ بِاَنَّہُمۡ قَوۡمٌ لَّا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶﴾ؑ

اهو سبب ان جي جو بلاشڪ اهي قوم آهن جو نه ٿا ڄاڻن.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ارشاد ٿيو ته معاهدي جي وقت تائين انهن کي ڪجهه به نه چئو انهن کي آزاد گهمڻ ڦرڻ ڏيو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته معاهدي جي وقت پوري ٿيڻ سان گڏ عزت وارن مهينن جي گذرڻ کان پوءِ انهن کي نه ڇڏيو. فرمان مبارڪ آهي "فَاِذَا انۡسَلَخَ الۡاَشۡهُرُ الۡحُرُمُ فَاقۡتُلُوا الۡمُشۡرِکِیۡنَ حَیۡثُ وَجَدۡتُّمُوۡهُمۡ" پوءِ جڏهن عزت وارا مهينا گذرن ته پوءِ جتي به ڪافرن کي لهو ته انهن کي قتل ڪيو. هتي انهن عزت وارن مهينن مان مراد شوال، ذوالقعده، ذوالحج ۽ محرم آهن ۽ هن آيت سان قرآن جون اهي سيئي آيتون منسوخ ٿي ويون جن ۾ ڪافرن جي ايذاءَ تي صبر ڪرڻ ۽ انهن کان درگذر ڪرڻ جو حڪم آيل هو. جمهور علماءَ جو ان ڳالهه تي اجماع آهي (۱) "وَخُذُوۡهُمۡ وَاحۡصُرُوۡهُمۡ وَاقۡعُدُوۡا لَهُمۡ کُلَّ مَرۡصَدٍ" ۽ انهن کي وٺو ۽ قيد ڪيو ۽ انهن جي (وٺڻ) لاءِ هر گهٽ تي ويهي وڃو. مطلب ته انهن کي پنهنجن شهرن ۾ گهمڻ، ڦرڻ ۽ داخل ٿيڻ کان روڪيو ڪين جتي به لهو ته ٻڌي قيدي بنايو (۲) "فَاِنۡ تَابُوۡا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّکٰوةَ فَخَلُّوۡا سَبِیۡلَهُمۡ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ" پوءِ جيڪڏهن توبهه ڪن ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪواة ڏين ته پوءِ سندن رستو کولي ڇڏيو يقينًا الله بخشيندڙ مهربان آهي. مطلب ته

(۱) تنويرالاذهان ص۴۷جلد۲ (۲) القرطبي ص۷۳جلد۸

جيڪڏهن ڪفر کان توبهہ ڪري، اسلام قبولي، نماز ۽ زڪوات ادا ڪن تہ پوءِ اوهان انهن کي ڪجهہ نہ چئو. اوهان کي انهن جي رستي روڪڻ جي بالڪل اجازت ناهي رهيو انهن جي باطن جو معاملو سو الله جل جلالہ جي حوالي آهي. مسلمانن کي تہ سندن ظاهري حالات جي موافق عمل ڪرڻو آهي.

هن آيت مان ثابت ٿيو تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪلمه پڙهڻ کان پوءِ نماز ادا نہ ٿو ڪري يا زڪواة نہ ٿو ڏي تہ مسلمان ان جو رستو روڪي سگهن ٿا. امام احمد، امام شافعي ۽ امام مالڪ وٽ بي نمازي جيڪڏهن توبهہ نہ ٿو ڪري تہ اسلامي حڪومت جو فرض آهي تہ ان کي قتل ڪري ڇڏي. امام احمد وٽ اهو مرتد آهي ۽ شافعي ۽ مالڪ وٽ مرتد نہ آهي پر ان تي حد جاري ڪري ان کي تعزير خاطر قتل ڪيو ويندو ۽ امام ابو حنيفه جو قول آهي تہ ان کي تمام گهٽي مارڪٽ ڪئي وڃي تانجو توبه ڪري يا مري وڃي. (۱) "وَاِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ" ۽ جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو هڪڙو اوهان کان پناهہ گهري تہ ان کي پناهہ ڏي تانجو اهو الله جو ڪلام ٻڌي ان کان پوءِ ان کي سندس امن واري جاءِ تي پهچاءِ - مطلب تہ مقرر ڪيل عهد جي مدت گذرڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو غير مسلم اوهان وٽ اچي ۽ اوهان کان امن گهري تانت اوهان جو توحيد جي عقيدي وارو پيغام، قرآن ڪريم ۽ جنهن مقصد لاءِ اوهان موڪليا ويا آهيو ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري تہ ان کي پناهہ ۽ امن ڏيو تانت الله جو ڪلام ٻڌي، سوچي ۽ سمجهي ۽ حقيقت کان آگاهہ ٿئي. پوءِ جيڪڏهن اسلام قبول ڪري تہ پلو ۽ جيڪڏهن اسلام قبول نہ ٿو ڪري تہ بہ ان کي امن واريءَ جاءِ تي پهچايو. ان کي ذوڪي سان قتل نہ ڪيو ۽ وري جيڪڏهن هٽ اچي وڃي تہ پوءِ ان کي قتل ڪري سگهو ٿا. حضرت علي ۽ حضرت امام حسن بصري رضي الله عنهما جو قول آهي تہ اهو حڪم هميشہ لاءِ آهي ۽ ضحاڪ ۽ سديءَ جو قول آهي تہ اهو پناهہ ڏيڻ وارو حڪم "فَاقْتُلُوا الْمُشْرِكِيْنَ" آيت جي نازل ٿيڻ سان منسوخ ٿيل آهي (۲) والله اعلم.

فائدو - استجارڪ ۽ "اجره" مان ثابت ٿيو تہ الله تعالىٰ جي نبي عليه الصلواة والسلام جي پاڪ ذات ڪافرن کي پناهہ ڏئي سگهن ٿا ۽ جڏهن ڪافرن جي لاءِ پناهہ جي جاءِ آهن تہ ايمان وارن لاءِ تہ وڌيڪ آهن. "ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ" اهو ان سبب جي ڪري آهي جو اهي ڪافر يقينن اهڙي قوم آهن جيڪي نہ ٿا ڄاڻن. مطلب تہ

(۱) حاشيه شبيراحمد عثماني مطبوعه سعودي عربيہ ص ۲۴۹ (۲) الڪشاف ص ۱۷۵ جلد ۲

اهو سڀ ڪجهہ ان جي ڪري آهي جو انهن ڪافرن کي ڄاڻ ئي نہ آهي تہ اسلام جي حقيقت ڇا آهي؟ ان ۾ ڪهڙيون خوبيون آهن؟ ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ کان سواءِ انهن کي قتل ڪرڻ اوهان جي بعثت جي مقصد جي خلاف آهي.

كَيْفَ يَكُوْنُ لِلْمُشْرِكِيْنَ عَهْدٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ رَسُوْلِهٖٓ اِلَّا

ڪيئن هوندو مشرڪن لاءِ عهد الله وٽ ۽ ان جي رسول وٽ سواءِ

الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ فَمَا اسْتَقَامُوْا لَكُمْ

انهن جي جو عهد ڪيو اوهان مسجد عزت واريءَ وٽ پوءِ جيستائين قائم رهيا اوهان لاءِ

فَاسْتَقِيْمُوْا لَهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۝ كَيْفَ وَاِنْ يَّظْهَرُوْا

پوءِ قائم رهو انهن لاءِ بيشڪ الله محبت ٿو رکي پرهيزگارن سان ڪيئن ۽ جيڪڏهن غالب ٿين

عَلَيْكُمْ لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ۭ يُرْضُوْنَكُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ

اوهان تي تہ نہ خيال ڪندا اوهان ۾ مائٽيءَ جو ۽ نہ وعدي جو راضي ڪن ٿا اوهان کي منهن پنهنجي سان

وَتَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَاَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ ۝ اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا

۽ انڪار ڪن ٿيون دليون انهن جون ۽ گهڻا انهن جا فاسق آهن. خريد ڪيائون عوض آيتن الله جي ملهہ

قَلِيْلًا فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ اِنَّهُمْ سَاۗءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝

ٿورو پوءِ روڪيائون واٽ ان جي کان بيشڪ اهي برو آهي اهو ڪم جيڪو ڪيائون ٿي.

تفسير

هن آيت ۾ هڪ اعتراض جو جواب آهي ۽ اهو هي آهي تہ اڳين آيتن ۾ ڪافرن سان ڪيل عهد ۽ انجام کي ٽوڙڻ جو حڪم هو ۽ عهد شڪني، قرآن پاڪ جي

پڙهندڙن ۽ پڙهائيندڙن جي شان جي لائق تہ نہ آهي هتي ان اعتراض جو جواب ڏيندي فرمايو ويو آهي تہ عهد ۽ انجام ٽوڙڻ ۾ اڳرائي ڪافرن پاڻ ڪئي هئي پوءِ انهن سان عهد پورو ڪيئن ڪري سگهبو؟ فرمان عالي شان آهي "كَيْفَ يَكُوْنُ لِلْمُشْرِكِيْنَ عَهْدٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ رَسُوْلِهٖٓ" مشرڪن جي لاءِ الله وٽ ۽ سندس رسول وٽ عهد ڪيئن هوندو؟ هي استفهام تعجب ۽ انڪار جي معنيٰ ۾ آهي. مطلب تہ مشرڪ مومن جو ضد آهن شرڪ جي حالت ۾ انهن سان عهد ڪيئن قائم رهي سگهندو؟ (۱) مطلب تہ عهد نہ رهندو. "اِلَّا الَّذِيْنَ عَاهَدْتُّمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ فَمَا اسْتَقَامُوْا لَكُمْ فَاسْتَقِيْمُوْا لَهُمْ" انهن ڪان سواءِ جن سان اوهان مسجد حرام ۾ عهد ڪيو آهي پوءِ جيستائين اهي اوهان سان قائم رهن تہ اوهان بہ انهن سان قائم رهو. هنن مان مراد مڪہ معظمہ وارا آهن جن سان حضور عليه الصلاة والسلام جن حديبيه ۾ ڏهن سالن جي لاءِ معاهدو ڪيو هو. فرمان آهي تہ جيستائين اهي پنهنجي عهد تي قائم رهن ۽ اوهان جا حقوق سنڀالين تہ اوهان بہ انهن سان عهد تي قائم رهو "اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ" بلاشڪ الله متقين سان محبت رکندو آهي. ان ڪان ڊڄو هرو ڀرو عهد نہ ٽوڙيو. حضور عليه الصلاة والسلام ۽ سندس اصحابن اهو حڪم ادا ڪري ڏيکاريو. پر جڏهن قريشين ان عهد جي پاڻ خلاف ورزي ڪئي ۽ حضور عليه الصلاة والسلام سان ساٿ ڏيندڙ قبيلي خزاعه جي ماڻهن کي حرم شريف ۾ قتل ڪيائون تہ پوءِ پاڻ سن ۸ هجري

رمضان المبارڪ مهيني ۾ مٿن ڪاهہ ڪري مڪہ پاڪ فتح ڪيائون ۽ غالب ٿيڻ کان پوءِ بہ جن اسلام قبول ڪيو انهن کي ڇڏي ڏنائون اهي ٻن هزارن جي قريب هئا ۽ جيڪي مڪہ پاڪ ڇڏي ڀڳا پاڻ انهن لاءِ بہ چار مهينا امن ۽ آساني ڏيڻ جو اعلان ڪيائون انهن مان صفوان بن اميه ۽ عڪرمه بن ابو جهل بہ هئا. پر پوءِ وري ڪين هدايت نصيب ٿي ۽ ڪلمو پڙهي اسلام قبول ڪري اصحابي بڻيا (۲) "كَيْفَ وَاِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ۭ يُرْضُوْنَكُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ وَتَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَاَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ" ۽ ڪيئن ٿيندو ۽ جيڪڏهن (اهي ڪافر) اوهان تي غالب ٿين تہ نہ اوهان ۾ مٽيءَ کي ڏسن نہ وعدي کي، اوهان کي منهن سان راضي ڪن ٿا ۽ سندن دليون انڪاري آهن ۽ انهن مان گهڻا فاسق آهن. هن عبارت ۾ الله تعالىٰ مومنن کي ڪافرن کي دشمن سمجهڻ ۽ ڪائن بيزار ٿيڻ تي حرص ڏياريو آهي ۽ بيان ڪيو آهي تہ انهن جون دليون اهڙو تہ بغض رکن ٿيون جو جيڪڏهن اهي مسلمانن تي (معاذ الله) غالب

(۱) البحر المحيط ص ۱۲ جلد ۵ (۲) تفسير القاسمي ص۱۴۰ جزء ۸ جلد ۵

ٿي وڃن تہ نہ انهن ۾ مٽي، مائٽي ڏسندا نہ وعدو. سيدنا ابن عباس رضي الله عنه جو فرمان آهي تہ آيت جي لفظ "اِلاًّ" مان مراد قرابت ۽ "ذمہ" مان مراد آهي وعدو. ضحاڪ ۽ سدي جو قول بہ اهو آهي (١) "اِشْتَرَوْا بِـاٰيَاتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا فَصَدُّوْ عَنْ سَبِيْلِهٖ اِنَّهُمْ سَآءَ مَاكَانُوْا يَعْمَلُوْنَ"

الله جي آيتن جي عوض ٿورو ملهہ ورتائون پوءِ ان جي رستي کان روڪيائون يقينًا اهي جو ڪجهہ ڪن ٿا برو آهي. يعني قرآن پاڪ جي آيتن جي بدلي ۾ سڌن ۽ خواهشات جي اتباع حاصل ڪري الله تعالىٰ ڏانهن پهچائيندڙ راهہ کان روڪيائون سندن اهو عمل ۽ ڪردار نهايت برو آهي. (٢)

فائدا: "١" مٿين آيتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ ڪافر مسلمان جو ڪڏهن بہ خيرخواهہ نہ ٿيندو چو نہ پيءُ يا پٽ يا سڳو ڀاءُ هجيس، مسلمان کي انهن تي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪي ڪافر حضور عليه الصلاة والسلام جن جي پاڪ رت جا پياسا هئا سي بہ غالبًا سندن مائٽ هيا. ۽ اهو ثابت ٿيو تہ مسلمان غير مسلمان جي اثر هيٺ نہ اچي. ڀلي ڪٽي ويجهو عزيز ڇو نہ هجي. اڪثر ڪافر زبان جا مٺا ۽ دل جا ڪوڙا، زهر ۽ نهايت خطرناڪ هوندا آهن ۽ اهو بہ ذهن ۾ آيو تہ دنيوي نفعي جي لالچ ۾ دين ڇڏڻ يا دين جي حڪم ۾ نرمي ڪرڻ ڪافرن جو طريقو آهي مسلمان جو فرض آهي تہ دين کي مضبوطيءَ سان وٺي دنيا خود بخود ايندي "٢" بعضي گناهن جي نحوست جي ڪري انسان ايمان کان محروم ٿي وڃي ٿو. جيئن اڪثر اهل عرب بدعهديءَ جي ڪري ايمان کان پري ٿي ويا ۽ اهو بہ واضح ٿيو تہ جيڪو شخص زبان جو مٺو نہ آهي پر دل جو صاف آهي اهو ان کان ڀلو آهي جيڪو زبان جو مٺو ۽ دل جو ڪوڙو آهي پر جيڪڏهن الله تعالىٰ ڪنهن کي زبان مٺي ۽ دل پاڪ صاف عطا ڪري ٿو تہ ان تي خاص ڪرم آهي. شال الله تعالىٰ ان صفت سان هر مسلمان کي موصوف بنائي.

لَايَرْقُبُوْنَ فِيْ مُؤْمِنٍ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً وَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ⑩

نہ ٿا لحاظ ڪن مومن ۾ مائٽيءَ جو ۽ وعدي جو ۽ اهي ئي آهن حد کان لنگهندڙ

(١) ابن ڪثير ص٣٤٨ جلد ٢ (٢) بيضاوي ڪامل ص٢٤٨

فَاِنۡ تَابُوۡا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخۡوَانُكُمۡ

پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ۽ نماز قائم ڪن ۽ ڏين زڪواة پوءِ ڀائر اوهان جا آهن

فِى الدِّيۡنِ‌ؕ وَنُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۱﴾

دين ۾ ۽ کولي کولي بيان ٿا ڪيون آيتون واسطي ان قوم جي جو ڄاڻن ٿا

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ عرب جا مشرڪ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان سندن قرابت ۽ عهد جو خيال نہ ٿا ڪن ۽ موقعو ملندي ئي انهن سان جنگ ۽ انهن کي قتل ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿيو وڃن ٿا هاڻي ٻڌايو ٿو وڃي تہ سڀ ڪافر قيامت تائين ڪنهن بہ مسلمان جي قرابت ۽ معاهدي جو لحاظ نہ ٿا رکن ان ڪري مسلمانن کي بہ قيامت تائين انهن تي اعتماد نہ ڪرڻ گهرجي. ارشاد ايزدي آهي "لَا يَرۡقُبُوۡنَ فِىۡ مُؤۡمِنٍ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً‌ ؕ وَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡمُعۡتَدُوۡنَ" مومن ۾ مائٽي ۽ عهد جو لحاظ نہ ٿا رکن ۽ اهي ئي حد کان لنگهندڙ آهن. يعني قيامت تائين ڪوبہ ڪافر ڪنهن بہ مسلمان جي قرابت جو خيال نہ رکندو نہ عهد نڀائيندو. ياد رکڻ گهرجي تہ ان فرمان جو ظهور اڄ تائين ٿي رهيو آهي جنهن کي هر سمجهدار مسلمان ڏسي رهيو آهي. آخرت جي پڪڙ جي ڊپ ۽ ديني ذميداري محسوس ڪرڻ کان سواءِ شرافت بہ هڪ شيءِ آهي جنهن جا جوهر مذهب ۽ ملت جي قيد کان سواءِ بہ ڪيترين قومن ۾ ليندا آهن ۽ ان جي تقاضا هوندي آهي تہ انسان قرابت ۽ عهد جو خيال رکندو آهي پر هي انسانيت جا دشمن ان جوهر کان بہ محروم آهن. سوال: "لَا يَرۡقُبُوۡا" لفظ جڏهن متي بيان ٿيو آهي تہ ٻيو ڀيرو ڇو آندو ويو؟. جواب: اڳ ۾ ان جو بيان سيني ڪافرن جي لحاظ سان هو ۽ هتي يهودين جي لحاظ سان. (۱) "فَاِنۡ تَابُوۡا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخۡوَانُكُمۡ فِى الدِّيۡنِ‌ؕ وَنُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّعۡلَمُوۡنَ" پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ۽ نماز قائم ڪن ۽

(۱) حاشيه دريابادي ص ۳۹۵

زڪواة ڏين تہ پوءِ دين ۾ اوهان جا ڀائر آهن ۽ اسين ان قوم لاءِ جيڪي ڄاڻ رکن ٿا آيتون کولي کولي بيان ڪيون ٿا. مطلب تہ جيڪڏهن اهي ڪفر ۽ شرڪ جي عقائد کان توبه ۽ بيزاريءَ جو اظهار ڪندي مسلمانن وارا ڪم، نماز ۽ زڪواة جهڙا اهم فرض ادا ڪندا تہ اهي اوهان جا ديني ڀائر بنجندا سندن دل ۾ جو ڪجهہ هوندو ان کي الله جي حوالي ڪري ظاهر تي اعتبار ڪيو ويندو. سندن پراڻن ڏوهن، عهد شڪني ۽ قرابت جي لحاظ نہ رکڻ کي درگذر ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن نہ تہ پوءِ جنگ جا مستحق آهن (١) فائدو: هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ پيسن ۽ ٻين دنيوي لالچن جي ڪري دين ۾ تبديلي ڪرڻ ۽ عهد ٽوڙڻ، ماڻهن کي سڌي رستي کان روڪڻ، مؤمنن جي قرابت جو لحاظ نہ رکڻ سيئي ڪم ڪافرن جا آهن. مؤمنن کي انهن ڪمن کان پاسو ڪرڻ ضروري آهي ۽ جڏهن بہ مسلمانن ۽ ڪافرن جي پاڻ ۾ لڙائي لڳي تہ مسلمان جي جنگ جهاد آهي نہ ڪافر جي. ڇو تہ ڪافر حد کان لنگهندڙ آهي ۽ اهو بہ واضح ٿيو تہ مسلمان ٿيڻ لاءِ ڪفر کان توبه ڪرڻ سان گڏ نماز ۽ زڪواة جهڙن اهم فرضن جي ادائيگي بہ اهم آهي ۽ اسلامي اخوت ۽ ڀائيچارو عالمگير آهي ان ۾ عربي، عجمي، هندي، سندي، ڪاري ۽ گوري جو فرق معتبر نہ آهي ۽ اهو بہ ظاهر ٿيو تہ قرآن پاڪ جون لڪيل ۽ صاف آيتون انهن لاءِ مفيد آهن جيڪي ڄاڻ رکن. باقي عوام انهن ڄاڻ وارن کان پڇي ان تي عمل ڪري طب جي علم کي ماهر طبيب سمجهندا عوام انهن طبيبن جي نسخن کي استعمال ڪري فائدو حاصل ڪندو (٢)

وَاِنْ نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَطَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ

۽ جيڪڏهن پڇن قسم پنهنجا پڃاڻان وعدي پنهنجي ۽ طعنا هڻن دين اوهان جي ۾

فَقَاتِلُوْٓا اَئِمَّةَ الْكُفْرِ ۙ اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُوْنَ ﴿١٢﴾

تہ پوءِ جنگ ڪيو اڳواڻن ڪفر جي سان بيشڪ اهي ناهن قسم انهن جا تانتہ اهي رڪجي پون

اَلَا تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ وَهَمُّوْا بِاِخْرَاجِ

ڇا نہ جنگ ڪندو ان قوم سان جو پڃائون قسم پنهنجا ۽ ارادو ڪيائون

(١) حقاني ص ٢٠٨ جلد ۴ (٢) نعيمي ص ١٨٣ جلد ١٠

الرَّسُوْلِ وَهُمْ بَدَءُوْكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ اَتَخْشَوْنَهُمْ ۚ

رسول جي ڪڍڻ جو ۽ انهن شروعات ڪئي اوهان سان پهرئين ڀيري ڇا ڊڄو ٿا انهن کان؟

فَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشَوْهُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳﴾

پوءِ الله وڌيڪ حقدار آهي هن ڳالهه جو ته ڊڄو ان کان جيڪڏهن آهيو مؤمن.

تفسير

اڳين آيتن ۾ عهد ٽوڙيندڙن ڪافرن جي توبهه ۽ ان سان واسطو رکندڙن حڪمن جو بيان هو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته جيڪڏهن اهي توبهه نه ڪن ته انهن سان جنگ ڪيو.

شان نزول- سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي ته هي آيتون انهن ڪافرن جي متعلق نازل ٿيون جن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي مڪه مڪرمه ۾ ايترو تنگ ڪيو جو پاڻ اتان هجرت ڪري مدينه منوره ۾ تشريف فرما ٿيا (۱) فرمان عالي شان آهي "وَاِنْ نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَطَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا اَئِمَّةَ الْكُفْرِ" ۽ جيڪڏهن عهد ڪرڻ کان پوءِ به پنهنجا قسم ڀڃن ۽ اوهان جي دين ۾ طعنا هڻن ته پوءِ انهن ڪفر جي اڳواڻن سان جنگ ڪيو.

هتي انهن ڪافرن کي "ڪفر جا اڳواڻ" سڏيو ويو آهي جيڪي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ مرتد ٿي ويا اسلام جي ڇانو ۾ راحت جي زندگي گذارڻ جي باوجود ان تي ٺي طعنا هڻڻ لڳا "اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُوْنَ" يقينن انهن جا قسم آهن ئي ڪو نه (ان لاءِ انهن سان جنگ ڪيو) تانته اهي رڪجي پون. مقصد ته انهن جي قسمن تي اعتماد ڪرڻ يا انهن جي سٽيي زبان تي اعتبار ڪرڻ نهايت سادگي آهي. جيڪا ايماني فراست سان مناسبت ٿي نه ٿي رکي. انهن کي تڏهن هوش ايندو ۽ ڪفر کان رڪجندا جڏهن انهن جي مٿان مجاهدن جون تلوارون چمڪارا ڪري وسنديون. پوءِ اهي

(۱) نعيمي ص ۱۸۵ جلد ۱۰

اسلام جي حقانيت سڃاڻندا. هن آيت ۾ ڪافرن جي ذهنيت جو صحيح تجزيو ڪيو ويو آهي. "اَلَا تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ وَهَمُّوْا بِاِخْرَاجِ الرَّسُوْلِ وَهُمْ بَدَءُوْكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ" ڇا انهيءَ قوم سان جنگ نہ ٿا ڪيو جن پنهنجا قسم ڀڃي ڇڏيا ۽ رسول (صلی اللہ عليه وسلم) جي ڪڍي ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪيو هيائون ۽ انهن ئي پهرئين پيري اڳرائي ڪئي. مفسرن لکيو آهي تہ هيءَ آيت مدينہ پاڪ ۾ رهندڙن يهودين، ڪافرن ۽ منافقن جي حق ۾ لٿي هئي. جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن تبوڪ جي جنگ لاءِ روانا ٿيا هئا تہ پويان انهن ڪافرن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي مدينہ پاڪ مان ڪڍي ڇڏڻ جو پڪو پروگرام رٿيو هو ۽ عرب جي مشرڪن کي پنهنجي مدد جو يقين ڏياري ڪين بغاوت ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هو. علامه ثناء اللہ پاني پتي لکيو آهي تہ اهو ئي قول ترجيح وارو آهي. (۱) "اَتَخْشَوْنَهُمْ فَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشَوْهُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ" ڇا انهن کان ڊڄو ٿا؟ اللہ ان ڳالهہ جو وڌيڪ حقدار آهي تہ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ ان کان ئي ڊڄو. مقصد تہ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ اللہ کان ئي ڊڄو ڇو تہ ايمان جي تقاضا بہ اها آهي.

فائدا- مٿي لکيل آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا ۱- تہ جيڪو شخص بار بار وعدا ۽ قسم ڀڃي ان جي قسم ۽ وعدي تي آئنده لاءِ اعتبار نہ ڪيو وڃي. مؤمن هڪ سوراخ مان بہ ٻيرا نہ ڏنگيو ويندو آهي. ۲- تہ جيڪو ذمي ڪافر نبي صلی اللہ عليه وسلم جي شان ۾ گستاخي ڪري يا اسلام جي توهين ڪري ان سان ڪيل ذمو ٽٽي ويو ان کي قتل ڪيو وڃي اهو "وَطَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ" مان ثابت ٿيو.

نهايت اهم مسئلو

هر قسم جي ڪافر جي توبهہ قبول آهي پر حضور صلی اللہ عليه وسلم جن جي گستاخ جي توبهہ ڪنهن بہ قيمت ۾ قبول نہ آهي. ڀلا جيڪڏهن ڪنهن گستاخي ڪرڻ کان پوءِ توبهہ ڪئي تہ ان جو اسلام قبول آهي پر ان گستاخيءَ جي ڪري قتل ڪيو ويندو. زنده رهڻ جو حق نہ اٿس جيئن ڪو ڪافر ڪنهن کي قتل ڪري پوءِ مسلمان ٿيو تہ هن جو تہ اسلام قبول آهي پرڪيس ان قتل جي بدلي ۾ قتل ڪبو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو شخص حضور عليه الصلواة والسلام جي ڪنهن بہ شي وار

(۱) مظهري ص ۱۴۴ جلد ۴

مبارڪ يا نعلين شريفين جي توهين ڪندو تہ اهو ڪافر ٿي ويندو(۱) ۲- جهاد ۾ اول اول ڪوشش اها ڪئي وڃي تہ ڪافرن جي اڳواڻن ۽ سردارن کي ڪٺو وڃي ان عمل سان انهن جي فوج جي همت ٽٽندي ۽ خونريزيءَ کان سواءِ فتح حاصل ٿيندي جيئن "فَقَاتِلُوا اَئِمَّةَ الْكُفْرِ" مان واضح ٿي رهيو آهي. بدر جي جنگ ۾ پهرئين حملي ۾ ابوجهل قتل ٿي ويو الله تعالىٰ فرمايو تہ "مون مسلمانن کي شاندار فتح عطا ڪئي آهي. اهو ئي حڪم باغين، خارجين ۽ فسادين لاءِ بہ آهي. جو انهن جي اڳواڻن کي پهريان ختم ڪيو وڃي تانتہ فتني جي باهہ وسامي وڃي ۳- جهاد جو مقصد نہ ڪافرن کي هلاڪ ڪرڻ آهي نہ غنيمت جو مال هٿ ڪرڻ ۽ نہ ملڪ وٺڻ پر ان جو مقصد صرف ڪفر جو زور ٽوڙڻ آهي جنهن سان اهي اسلام جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ نہ بنجن ۽ مسلمانن کي تنگ نہ ڪن.

قَاتِلُوْهُمْ يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِاَيْدِيْكُمْ وَيُخْزِهِمْ وَيَنْصُرْكُمْ

جنگ ڪيو انهن سان عذاب ڪندو انهن کي الله هٿن اوهان جن سان ۽ خوار ڪندو انهن کي ۽ مدد ڪندو اوهان جي

عَلَيْهِمْ وَيَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۴﴾ وَيُذْهِبْ غَيْظَ

انهن تي ۽ شفا ڏيندو سينن ايمان واريءَ قوم جي کي ۽ ڪڍندو ڪاوڙ

قُلُوْبِهِمْ ۚ وَيَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۵﴾

دلين انهن جي کي ۽ توبهہ قبول ڪري ٿو الله جنهن جي گهري ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي.

تفسير

هنن آيتن کان اڳين آيتن ۾ ڪافرن سان جهاد ڪرڻ جا ست سبب بيان ڪيا ويا جن مان هر هڪ جهاد جو سبب آهي ۱- وعدو ڀڃڻ ۲- قسم ٽوڙڻ ۳- حضور صلى الله عليه وسلم جن کي مديني منوره مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۴- مسلمانن سان

(۱) نعيمي ص ۱۸۹ جلد ۱۰

جنگ جي ابتداء ڪرڻ ۵- اسلام تي طعنہ زني ڪرڻ ٦- ماڻهن کي ايمان کان روڪڻ ۷- الله تعالىٰ جي آيتن کي وڪڻڻ ۽ هنن آيتن ۾ جهاد ڪرڻ سان ملندڙن پنجن فائدن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ۱- ڪافرن کي مسلمانن جي هٿان عذاب ڏيڻ ۲- انهن کي دنيا ۾ خوار ڪرڻ ۳- مسلمانن جي مدد ڪري ڪين فاتح بنائڻ ۴- مؤمنن جي دلين کي ٺڏو ڪرڻ ۵- سندن دلين مان ڪاوڙ ڪڍڻ.

شان نزول

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ هجرت کان اڳ ۾ يمن ملڪ جي شهر سبا جا ڪجهہ ماڻهو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ اچي سندن زيارت ڪري مسلمان بنجي اصحابي هجڻ جو شرف حاصل ڪري جڏهن واپس وطن پهتا تہ سندن هم وطنن ۽ قوم وارن کين اهڙا ايذاء ڏنا جو رب پناهہ ۾ رکي. انهن مسلمانن حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪري موڪليو تہ سائين! ڪافرن جا ايذاء برداشت ڪان نڪرندا ٿا وڃن. پاڻ عليه الصلواة والسلام جن کين پيغام ڏياري موڪليو تہ: ڪو فڪر نہ ڪيو انشاء الله تعالىٰ جلدي اوهان کي انهن ايذائن کان آزادي ملندي. هجرت کان پوءِ الله تعالىٰ هي آيتون لاهي مؤمنن کي يمن وارن مسلمانن سان ٿيل ظلم ياد ڏياري سندن دلين ۾ جهاد جو جذبو پيدا ڪيو. حضرت ابن عباس رضي الله عنه جو قول اهو آهي (۱) ارشاد عالي آهي "قَاتِلُوْهُمْ يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِاَيْدِيْكُمْ وَيُخْزِهِمْ وَيَنْصُرْكُمْ عَلَيْهِمْ وَيَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ وَيُذْهِبْ غَيْظَ قُلُوْبِهِمْ" انهن سان جنگ ڪيو الله انهن کي اوهان جي هٿن سان عذاب ڪندو ۽ انهن کي خوار ڪندو ۽ اوهان جي انهن جي مٿان مدد ڪندو ۽ مؤمن قوم جي سينن کي شفا ڏيندو ۽ سندن دلين مان ڪاوڙ ڪڍندو.

جهاد جي اصلي حڪمت

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هنن آيتن ۾ جهاد جي مشروعيت جي اصلي حڪمت بيان ڪئي وئي آهي. قرآن ڪريم ۾ گذريل قومن جا جيڪي قصا بيان ڪيا ويا آهن انهن مان ظاهر آهي تہ جڏهن بہ ڪا قوم ڪفر، شرارت، انبياء عليهم الصلواة والسلام جي تڪذيب ۽ عداوت ۾ حد کان لنگهي ٿي وئي تہ قدرت واري رب جي

(۱) روح البيان ص ۳۹۵ جلد ۳ بيضاوي ڪامل ص ۲۴۹

طرفان انهن جي مٿان آسمان کان کو نہ کو تباهہ کندڙ عذاب آيو ٿي جنهن سان انهن جي سموري ڪفريات ۽ ظلم جو هڪ ئي دفعي سان خاتمو ڪيو ٿي ويو جيئن فرمان مبارڪ آهي "فَكُلًّا أَخَذْنَا بِذَنْبِهِ فَمِنْهُمْ مَّنْ أَرْسَلْنَا عَلَيْهِ حَاصِبًا وَمِنْهُم مَّنْ أَخَذَتْهُ الصَّيْحَةُ وَمِنْهُم مَّنْ خَسَفْنَا بِهِ الْأَرْضَ وَمِنْهُم مَّنْ أَغْرَقْنَا وَمَا كَانَ اللَّهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلَٰكِن كَانُوا أَنفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ (۱) پوءِ سيني کي سندن گناهہ جي ڪري پڪڙيوسون پوءِ انهن مان ڪن تي سخت آنڌي موڪلي سون ۽ انهن مان ڪن کي (آسماني) ڪڙڪي پڪڙيو ۽ انهن مان ڪن کي زمين ۾ ڳهايوسين ۽ انهن مان ڪن کي ٻوڙيوسين ۽ الله جي شان جي لائق نہ آهي جو انهن تي ظلم ڪري ۽ پر پنهنجن سرن تي پاڻ ٿي ظلم ڪيائون.

ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ۽ شبهو نہ آهي تہ عذاب جا اهي سيئي قسم سخت هلاڪ ڪندڙ ۽ آئينده نسلن جي لاءِ عبرت ڏيندڙ هئا پر ان صورت ۾ عذاب ڪيلن کي دنيا ۾ رهي ڪري پنهنجي ذلت ۽ رسوائيءَ جو حال ڏسڻ جو موقعو نہ ٿي مليو ۽ نہ آئينده جي لاءِ توبهہ ۽ رجوع ڪرڻ جو ڪو امڪان باقي هو پر حضور عليه الصلواة والسلام جن جي رحمةَ اللعالمين هجڻ جي صدقي جهاد جي اجازت ملي تانت الله تعالىٰ انڪار ڪندڙن ۽ نہ مڃيندڙن هئيلن کي بلاواسطي عذاب ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجن مخلص ۽ وفادار ٻانهن جي هٿان سزا ڏيارڻ ۽ خوار ڪرڻ سان گڏ پنهنجن مؤمنن ٻانهن جي قدر افزائي ڪري ۽ سندن نصرت، مدد ۽ غلبو ظاهر ٿئي ۽ سندن دليون ٺرن تہ جيڪي ماڻهو اڳ ۾ ڪين حقير ۽ ضعيف سمجهي مٿن ظلم ستم ۽ چٽرون ڪندا هئا اهي ساڳيا اڄ الله تعالىٰ جي فضل، ڪرم ۽ تائيد سان سندن مهربانيءَ جا محتاج لڳا وينا آهن ڪفر ۽ باطل جي رعب تاب کي ڏسي جيڪي اهل حق حق چئي نہ سگهندا هئا يا جيڪي مظلوم ظالمن کي ڪجهہ چوڻ جي بجاءِ سندن ظلم سهندا هئا جهاد في سبيل الله جي ذريعي قلبي سڪون حاصل ڪندا هئا ۽ آخري ڳالهہ هيءَ آهي تہ خود مجرمن جي حق ۾ بہ سزا ڏيڻ جو هي طريقو وڌيڪ نافع آهي ڇو تہ سزا ملڻ کان پوءِ بہ توبهہ ۽ رجوع ڪرڻ جو دروازو ڪليل هوندو آهي گهڻو ممڪن آهي جو حالات مان عبرت حاصل ڪري ڪيترا مجرم توبهہ ڪري اسلام قبول ڪن. چنانچہ حضور

(۱) سورة عنڪبوت آيت ۴۰

صلى الله عليه وسلم جن جي دور ۾ ائين ٿيو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ سارو عرب دل جي سچائيءَ سان الله تعالىٰ جي دين ۾ داخل ٿيو. "وَيَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ" ۽ الله توبهه قبول ٿو فرمائي جنهن جي گهري ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي. اهوهر هڪ ڀانهي جي حالت کي ڄاڻي ٿو ان سان پنهنجي حڪمت جي مطابق معاملو ڪندو آهي ۽ هر زماني جي مناسبت سان احڪام موڪليندو آهي.

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا ۱- تہ ڪفر تي مرڻ يا مارجي وڃڻ خود عذاب ۽ ڪيترن عذابن جو سبب آهي ۽ ان جي برعڪس ايمان تي مرڻ يا شهيد ٿيڻ الله تعالىٰ جي رحمت ۽ ڪيترين رحمتن جو ذريعو آهي ۲- تہ الله وارن جا هٿ ۽ انهن جا آستانا الله تعالىٰ جي رحمت جو بہ مظهر آهن تہ قهر جو بہ. جڏهن ڪافرن کي سندن هٿان قتل ۽ سزائون ملن ٿيون تہ انهن لاءِ قهر جو مظهر ۽ جڏهن مؤمنن کي فيض، برڪت ۽ دعائون ملن ٿيون تہ انهن لاءِ رحمت جو مظهر بجليءَ جو پاور هيٽر کي گرم ۽ فرج کي ٿڌو ڪندو آهي ۳- مسلمانن کي ايذائيندڙ ڪافر جي موت تي خوشي ڪرڻ صحابہ ڪرام بلڪ انبياءِ عظام عليهم الصواة والسلام جي سنت آهي جيئن "ويشف صدور قوم مؤمنين" مان واضح ٿي رهيو آهي ۴- جيڪڏهن ڪافر قيديءَ کي قيد ۾ توبهہ ۽ ايمان نصيب ٿئي تہ ان لاءِ اهو قيد الله تعالىٰ جي رحمت آهي جو ان لاءِ جنت ملڻ جو ذريعو آهي. جيئن "وَيَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ" مان واضح ۽ روشن آهي ۽ الله تعالىٰ جي ڪنهن بہ فعل تي اعتراض ڪرڻ نہ گهرجي ڇو تہ اهو عليم، حڪيم آهي ڀانهو جيڪڏهن مصيبت ۾ صبر ڪندو تہ ڪيس ان جو ميوو مٺو ملندو.

اعتراض: مٿين آيتن مان ثابت ٿيو تہ جنگ ۾ ڪافرن کي مارڻ انهن لاءِ عذاب آهي حالانڪ قرآن پاڪ جي ٻيءَ آيت ۾ بيٺو آهي تہ "وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ" ۽ الله انهن کي انهن ۾ اوهانجي موجود هجڻ جي ڪري عذاب نہ ڪندو. پوءِ هي تہ ٻنهي آيتن ۾ تعارض آهي جيڪو نہ هجڻ ڪپي.

جواب: عذاب جي نفيءَ مان ٻن قسمن جي عذاب جي نفي آهي ۱- عام هلاڪ ڪندڙ عذاب نہ ايندو ۽ جنگ ۾ ڪن کي عذاب ٿيندو آهي تہ ڪن کي نہ ۲- ان مان مراد آهي تہ آسمان کان عذاب نہ ايندو. باقي مسلمانن جي هٿان اچي سگهي ٿو.

اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تُتْرَكُوْا وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جَاهَدُوْا مِنْكُمْ

ڇا سمجهيو اوهان تہ ڇڏيا ويندؤ ۽ اڃان نہ ظاهر ڪيو الله انهن کي جو جهاد ڪيائون اوهان مان

وَلَمْ يَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوْلِهٖ وَلَا الْمُؤْمِنِيْنَ وَلِيْجَةً ؕ

۽ نہ ورتائون سواءِ الله ۽ ان جي رسول ۽ مؤمن جي ڪو رازدار

وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶﴾ مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا

۽ الله خبر رکندڙ آهي ان جي جو ڪيو ٿا نہ آهي مشرڪن لاءِ هي جو آباد ڪن

مَسَاجِدَ اللّٰهِ شَاهِدِيْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ

مسجدون الله جون شاهدي ڏيندڙ سرن پنهنجن تي ڪفر جي اهي ئي آهن جو ڪريا عمل انهن جا

اَعْمَالُهُمْ ۚۖ وَفِى النَّارِ هُمْ خَالِدُوْنَ ﴿۱۷﴾ اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ

۽ باھ ۾ اهي هميشه رهندڙ آهن صرف اهو ئي آباد ڪندو مسجدن الله جي کي جنهن

اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ وَلَمْ

ايمان آندو الله تي ۽ ڏينهن قيامت، تي ۽ قائم ڪيائين نماز ۽ ڏنائين زڪواة ۽ نہ

يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ فَعَسٰٓى اُولٰٓئِكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿۱۸﴾

ڊنو سواءِ الله جي ڪنهن کان پوءِ ويجها آهن اهي شخص تہ هجن هدايت وارن مان.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ جهاد ڪرڻ جا اهي فائدا بيان ڪيا ويا هئا جن جو تعلق مؤمنن جي طرفان ڪافرن جي جنگين ڪرڻ سان هو ۽ هتي مؤمنن جي طرفان منافقن سان تعلقات نہ رکڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تُتْرَكُوْا وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جَاهَدُوْا مِنْكُمْ وَلَمْ يَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوْلِهٖ وَلَا الْمُؤْمِنِيْنَ وَلِيْجَةً "

ڇا اوهان سمجهو ٿا تہ اوهان ائين ڇڏيا ويندؤ. حالانڪ الله اڃان اوهان مان انهن کي ظاهر نہ ڪيو آهي جيڪي جهاد ڪن ۽ الله ۽ ان جي رسول (عليہ الصلواة والسلام) ۽ مؤمنن ڪان سواءِ ڪو رازدار نہ رکن. مطلب تہ الله تعالىٰ کي جنگ جي امر ڪرڻ ڪان اڳي بہ خبر آهي تہ ڪير جنگ ڪندو ڪير نہ ڪندو پر پاڻ انهن کي پين جي اڳيان ظاهر ڪرڻ لاءِ اهو امر ڪري ٿو پوءِ جيڪو ظاهر ٿي جهاد ڪندو ان کي درجو ڏيندو جيڪو نہ ڪندو ان کي نہ ڏيندو؛ "وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ" ۽ جيڪي ڪيو ٿا ان ڪان الله خبردار آهي. ان کي اوهان جي دلين جي رازن جي بہ ڄاڻ آهي تہ ڪير اخلاص سان جهاد ڪري ٿو ۽ ڪير نہ. ڪنهن جي نيت رب ڪريم کي راضي ڪرڻ آهي ۽ ڪنهن جي نيت ۾ غنيمت جو مال ۽ پاڻ پڏائڻ آهي. **فائدو**: آيت جي لفظ "وَلَمَّا" مان ظاهر ٿيو تہ الله تعالىٰ جي حبيب عليہ الصلواة والسلام جي امت ۾ مخلصن مجاهدن جو وجود هوندو ئي هوندو. بخاري ۽ مسلم حضرت معاويہ رضي الله عنہ ڪان روايت آندي آهي تہ حضور صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو "لا يزال من امتي امہ قائمہ بامرالله لايضرهم من خذلهم ولا من خالفهم حتى ياتي امرالله وهم على ذالک" (١) يعني هميشہ منهنجي امت ۾ هڪ اهڙي جماعت هوندي جيڪي الله جي امر سان قائم هوندا. انهن کي سندن خوار ڪرڻ وارو ۽ مخالف ڪو بہ نقصان نہ ڏئي سگهندو تانجو الله جو امر ايندو تہ بہ اهي ان تي قائم هوندا ۽ هن آيت مان اهو بہ واضح ٿيو تہ مخلص مومن ڪافر ۽ منافق ڪان پري رهندو انهن کي پنهنجو رازدار نہ بنائيندو (٢) "مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ شٰهِدِيْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ" مشرڪن کي (حق) نہ آهي جو پنهنجن سرن تي ڪفر جا پاڻ شاهد هوندي الله جي مسجدين کي آباد ڪن.

شان نزول

مفسرن پلارن لکيو آهي تہ: حضور عليہ الصلواة والسلام جن جو چاچو حضرت عباس جڏهن اسلام قبول ڪرڻ ڪان اڳ ۾ بدر واري جنگ جي دوران قيدي ٿي مدينہ منوره ۾ آيو تہ مسلمانن کيس ڪفر ڪرڻ ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جن سان مائٽيءَ ڇنڻ وغيره وارا طعنا هنيا ۽ حضرت علي رضي الله عنہ تہ اهي ڳالهيون نهايت سختيءَ سان چيس. حضرت عباس رضي الله عنہ انهن طعنن کي ڏکيو سمجهي مسلمانن کي جواب ڏنو تہ اوهان اسان جون اهي برايون بيان ڪيو ٿا اسان جون چڱايون

(١) المظهري ١۴٦ جلد ۴ (٢) روح البيان ص ٢٩٦ جلد ٣

چو نہ بيان كيو؟ حضرت علي رضي اللہ عنه كيس چيو تہ چا اوهان جو چگايون بہ آهن؟ چيائين تہ هائو "اسان مسجد حرام كي آباد كيو، بيت اللہ تي غلاف چاڙهيو ۽ حاجين جي خدمت ۾ مصروف هوندا آهيون انهن كي پاڻي پياريندا آهيون ۽ مسكينن غلامن كي آزاد كندا آهيون. هيءَ آيت ان جي ڳالهين جي رد ۾ نازل ٿي (۱) جنهن ۾ ٻڌايو ويو تہ جيكي بيت اللہ شريف جي ارد گرد بتن كي كڙو كيو انهن جي پوڄا كندي شرك ۽ كفر كري رهيا آهن ۽ پنهنجي كفر جا پاڻ شاهد آهن.

انهن كي كو حق نہ آهي جو اللہ جي مسجدن خصوصن بيت اللہ شريف واري مسجد حرام كي آباد كن (۲) ياد ركڻ گهرجي تہ مشركن ۾ هر قسم جا كافر، دهريا، نصاريٰ، يهودي، مجوسي وغيرهم داخل آهن، انهن لاءِ نہ اڳي جائز هو نہ هاڻي جائز آهي جو مسجدن جا متولي ٿي وِيهن. انهن لاءِ اهو كم ثواب نہ پر عذاب جو باعث آهي. پاڻ كٿي ان كي ثواب سمجهن (۳) "اُولَٰئِكَ حَبِطَتْ أَعْمَالُهُمْ وَفِي النَّارِ هُمْ خَالِدُونَ" اهي سندن اعمال برباد ٿي ويا ۽ اهي هميشہ باهہ ۾ هوندا. يعني انهن كافرن جون اهي مسجد حرام آباد كرڻ، كعبہ تي غلاف چاڙهڻ ۽ حاجين كي پاڻيءَ پيارڻ واريون نيكيون قابل ذكر ئي ناهن. اهي كفر جي كري برباد ٿي ويون اهي هميشہ جهنم ۾ هوندا سندن كو بہ عمل كين باهہ كان بچائي نہ سگهندو. "إِنَّمَا يَعْمُرُ مَسَاجِدَ اللَّهِ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَأَقَامَ الصَّلَاةَ وَآتَى الزَّكَاةَ وَلَمْ يَخْشَ إِلَّا اللَّهَ" اللہ جي مسجدن كي صرف اهو آباد كندو، جنهن اللہ ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ نماز قائم كيائين ۽ زكواة ڏنائين ۽ اللہ كان سواءِ كنهن كان بہ نہ ڊنو.

مطلب تہ مسجدن جا متولي ۽ منتظم صرف اهي ٿي سگهندا جيكي اللہ تعاليٰ ۽ قيامت جي ڏينهن تي محكم يقين ركندا ۽ عملي اعتبار سان نماز ۽ زكواة جا پائبند هوندا ۽ سندن كردار ايترو بلند هوندو جو ديني معاملي ۾ كنهن كان نہ ڊڄندا ۽ اللہ تعاليٰ جي رضا حاصل كرڻ تي ٻئي جي رضا ۽ خوشنوديءَ كي ترجيح نہ ڏيندا. ياد ركڻ گهرجي تہ مسجد جي آباد كرڻ ۾ نماز، اللہ جي ذكر ۽ قرآن جي تعليم، كان سواءِ تعميري كم، مرمت، صفائي ۽ روشني سڀ داخل آهن. (۴) "فَعَسَىٰ أُولَٰئِكَ أَنْ يَكُونُوا مِنَ الْمُهْتَدِينَ" پوءِ اميد تہ اهي هدايت وارن مان هوندا. ياد ركڻ گهرجي تہ "عَسَىٰ" جو لفظ آڻي كافرن جي طمع كي مكمل طرح ختم كيو ويو

(۱) القرطبي ص ۸۹ جلد ۸ المظهري ص ۱۴۶ جلد۴ (۲) تنوير الاذهان ص ۵۲ جلد۲
(۳) نعيمي ص ۲۰۱ جلد ۱۰ (۴) بيضاوي كامل ص ۲۴۸ المظهري ص ۱۴۷ جلد ۴

آهي. يعني جڏهن مؤمن بہ هدايت ملڻ جا اميدوار آهن تہ ڪافرن جي لاءِ تہ ڪجھ بہ نہ رهيو (١)

سوال- الله تعاليٰ مسجدن کي آباد ڪندڙ جي صفتن ۾ آندو تہ الله ۽ قيامت تي ايمان آڻين ٿا. حضور عليه الصلواة والسلام جن تي ايمان آڻڻ جو ذڪر ڇو نہ آندو ويو؟

جواب - علامه ثناء الله پاني پتي عليه الرحمه اهو سوال آڻي ان جي جواب ۾ لکيو آهي تہ: اهو ان جي ڪري جو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ کان سواءِ الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي جيئن حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جو ارشاد آهي تہ "اَتَدْرُوْنَ مَا الْاِيْمَانُ بِاللهِ وَحْدَهٗ؟ قَالُوْا اَللهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَمُ- قَالَ شَهَادَةُ اَنْ لَّآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ (٢) يعني اوهان کي خبر آهي تہ الله وحده تي ايمان آڻڻ ڇا آهي؟ عرض ڪياٿون تہ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻن ٿا. فرماياٿون تہ: هن ڳالھ جي شاهدي ڏيڻ تہ الله کان سواءِ ڪو بہ سچو معبود نہ آهي ۽ بلاشڪ محمد ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي. هن حديث پاڪ ۾ پاڻ پنهنجي رسالت جي شاهديءَ کي بہ الله وحده تي ايمان سڏيو اٿن.

نبوي حديثن مان مسجد آباد ڪندڙ جي ڀلائي

١- معجم ڪبير ۾ طبراني حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه کان مرفوعًا روايت آندي آهي تہ "مَنْ تَوَضَّأَ فِيْ بَيْتِهٖ فَاَحْسَنَ الْوُضُوْءَ ثُمَّ اَتَى الْمَسْجِدَ فَهُوَ زَائِرُ اللهِ وَحَقٌّ عَلَى الْمَزُوْرِ اَنْ يُّكْرِمَ زَائِرَهٗ" (٣) يعني جيڪو پنهنجي گهر ۾ سهڻي طريقي وضو ڪري مسجد ۾ آيو تہ اهو (ڄڻ تہ) الله جي زيارت ڪندڙ آهي ۽ جنهن جي زيارت ڪئي وڃي ان تي حق آهي تہ پنهنجي زيارت ڪندڙ جي عزت ڪري. مطلب تہ مسجد ۾ اچڻ واري جي الله وٽ عزت آهي.

٢- حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اِنَّمَا عُمَّارُ الْمَسَاجِدِهُمْ اَهْلُ اللهِ" (۴) يعني الله جو اهل (پيارا ٻانها) صرف مسجدن کي آباد ڪندڙ آهن.

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن ۾ آيا ١- تہ مسجد جي تعمير جو حق صرف مسلمانن کي آهي ڪنهن ڪافر کي نہ آهي ان ڪري قاديانين کي مسجد ٺاهڻ جو يا ان ۾ عبادت ڪرڻ جو حق نہ آهي ڇو تہ اهي قرآن ڪريم، نبوي

(١) فتح القدير ص ٣۴۴ جلد ٢ (٢) مظهري ص ١۴٧ جلد ۴
(٣) الفتح السماوي ص ٦٧٠ جلد ٢ (۴) ابن ڪثير ص ٣۴٠ جلد ٢

حديثن جي روشنيءَ ۾ امت جي متفق فيصلي سان ڪافر آهن ۲- مسجد جي تعمير، نک، تڏي، روشنيءَ تيل، بلب، راڊ، يا مؤذن ۽ امام جي تنخواه وغيره لاءِ بہ مشرڪ ڪافر ڪان نہ چندو وٺجي ۽ نہ ان کي پنهنجي مسجد ۾ عبادت ڪرڻ ڏجي. (۱)

اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ الْحَآجِّ وَعِمَارَةَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ

ڇاڪيو ٿا حاجين کي پاڻي پيارڻ (واري) ۽ مسجد حرام جي آباد ڪرڻ (واري کي) ان جي مثل جو

آمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَجَاهَدَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ اللّٰهِ ۭ

ايمان آندائين الله تي ۽ ڏينهن قيامت تي ۽ جهاد ڪيائين الله جي واٽ ۾ نہ ٿا برابر ٿين الله وٽ

وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۹﴾ اَلَّذِيْنَ آمَنُوْا وَهَاجَرُوْا

۽ الله نہ ٿو هدايت ڪري قوم ظالم کي اهي شخص جو ايمان آندائون ۽ هجرت ڪيائون

وَجَاهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۙ اَعْظَمُ دَرَجَةً

۽ جهاد ڪيائون الله جي واٽ ۾ مالن، پنهنجن سان ۽ سرن پنهنجن سان وڏا آهن درجي جي لحاظ سان

عِنْدَ اللّٰهِ ۭ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿۲۰﴾ يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ

الله وٽ ۽ اهي ئي ڪامياب ٿيندڙ آهن. خوشخبري ڏي ٿو انهن کي رب انهن جو رحمت جي پاڻ وٽان

وَرِضْوَانٍ وَّجَنّٰتٍ لَّهُمْ فِيْهَا نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ ﴿۲۱﴾ خٰلِدِيْنَ

۽ رضامندي جي ۽ بهشتن جي انهن لاءِ ان ۾ نعمتون دائمي آهن. هميشہ رهندڙ

فِيْهَآ اَبَدًا ۭ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۲۲﴾

هوندا ان ۾ هميشہ بيشڪ الله، ان وٽ اجر وڏو آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافرن کي مسجدن خصوصًا مسجد حرام جي

(۱) نعيمي ص۲۰۳ جلد ۱۰

خدمت ڪرڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ جيڪڏهن ڪافر اهي خدمتون ڪن تڏهن بہ اهي مؤمنن، مجاهدن جي برابر نہ ٿيندا.

شان نزول

بعضي روايتن ۾ سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان آيو آهي تہ: هڪ ڀيري حضرت عباس ۽ حضرت علي رضي الله عنهما ۾ گفتگو هلي حضرت عباس رضي الله عنه حضرت علي کي چيو تہ: جيڪڏهن اوهان اسان کان اسلام، هجرت ۽ جهاد ۾ اڳرائي ڪئي آهي تہ اسان مسجد حرام جي آبادرکڻ ۽ حجاج کي پاڻي پيارڻ جي خدمت ڪئي آهي تڏهن الله تعالىٰ هيءَ آيت نازل ڪئي (۱) فرمان عالي شان آهي "اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ الْحَاۤجِّ وَعِمَارَةَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَجَاهَدَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" ڇا حاجين جي پاڻي پيارڻ ۽ مسجد حرام جي آباد ڪرڻ واري کي ان وانگر بنايو اٿو جنهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو. هن ۾ همزه استفهام انڪاري آهي ۽ خطاب انهن مڪي ۾ رهندڙن، هجرت نہ ڪندڙن مسلمانن سان آهي يا مشرڪن سان جيڪي سمجهندا هئا تہ مڪي ۾ رهي حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ مسجد حرام جي خدمت ڪري ان کي آباد ڪرڻ ايمان آڻي هجرت ڪرڻ ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان ڀلو آهي. حضرت عباس رضي الله عنه حج جي موسم ۾ هڪ وڏو ٽانو زمزم سان ڀري ان ۾ ڪشمش پسائي ڇڏيندو هو جنهن کي حاجي استعمال ڪندا هئا (۲) ياد رکڻ گهرجي تہ الله تعالىٰ جي ذات صفات کي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي ذريعي مڃڻ جو نالو ايمان آهي ان جي ڪري "اٰمَنَ بِاللّٰهِ" ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن تي ايمان آڻڻ بہ داخل آهي "لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَاللّٰهِ" الله وٽ برابر نہ ٿا ٿين.

مطلب تہ ايمان وارا مجاهد ۽ ايمان کان خالي، جهاد نہ ڪرڻ وارا، صرف حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ مسجد حرام کي آباد ڪرڻ وارا برابر نہ آهن. مومنن، مجاهدن جو الله تعالىٰ وٽ وڏو درجو آهي. (۳) "وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ" ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نہ ٿو ڪري. يعني شرڪ ۽ رسول الله صلى الله عليہ وسلم سان عداوت رکي، گمراهيءَ ۾ غرق ٿيندڙ ظالمن کي هدايت نصيب نہ ٿيندي. "اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَ اللّٰهِ" جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون

(۱) الڪبير ص ۱۱ جزءِ ۱٦ روح المعاني ص ٦٧ جزء ۱۰ جلد ۴
(۲) الصاوي ص ۱۳۲ جزءِ ۲ (۳) روح البيان ص ۱، ۴ جلد۳

۽ الله جي واٽ ۾ مالن ۽ سرن سان جهاد ڪيائون اهي درجي جي لحاظ سان الله وٽ وڏا آهن. هتي "اَلَّذِيْنَ" مان مراد اصحابي سڳورا رضي الله عنهم آهن جن کي شعوري ايمان عطا ٿيو هو جو انهن حضور پر نور عليه الصلاة والسلام جن جي ذات، صفات ۽ معجزات کي اکين سان ڏسي ايمان آندو هو "وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ" ۽ اهي ئي ڪامياب آهن. مقصد ته ڪافر، جيتوڻيڪ حاجين کي پاڻي پيارين ۽ مسجد حرام جي خدمت ڪن ته به ڪامياب نه آهن ڪامياب اهي مومن مهاجر ۽ مجاهد آهن جيڪي مالن ۽ سرن سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندا آهن "يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ وَرِضْوَانٍ وَّ جَنّٰتٍ لَّهُمْ فِيْهَا نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ خَالِدِيْنَ فِيْهَا اَبَدًا اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ اَجْرٌ عَظِيْمٌ" انهن کي سندن رب پاڻ وٽان رحمت ۽ رضامندي ۽ بهشتن جي خوشخبري ڏي ٿو ان بهشت ۾ انهن لاءِ دائمي نعمت آهي جنهن ۾ هميشه هميشه رهندا. يقينًا الله وٽ وڏو اجر آهي. مطلب ته دنيا ۾ ئي رب العالمين انهن کي خوشخبري ڏي ٿو حضور عليه الصلاة والسلام جن جي ذريعي يا ان نموني جو دنيا انهن کي الله تعالىٰ جو مقبول پانهو ۽ ولي مڃي ٿي.

يا مرڻ وقت ملائڪن جي واسطي سان يا قيامت ۾ جنت ۾ الله تعالىٰ سڌو سنئون کين خوشخبري ڏيندو يا اتي به رحمت وارن ملائڪن جي ذريعي.

فائدو: جهاد جا ٽي قسم آهن "۱" مالي، ڪنهن مجاهد کي جهاد جو سامان ڏئي محاذ تي موڪلڻ "۲" جاني، پنهنجي سر جنگ جو ميدان ملهائڻ "۳" جاني ۽ مالي گڏيل جو پاڻ به ميدان ۾ وڃي ۽ ٻين جي به مدد ڪري انهن ٽيني مان جهاد جو آخري قسم بهتر آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰبَآءَكُمْ وَاِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَآءَ

اي ايمان وارؤ! نه بڻايو پيئرن پنهنجن کي ۽ ڀائرن پنهنجن کي دوست

اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى الْاِيْمَانِ ۭ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ

جيڪڏهن پسند ڪن ڪفر کي ايمان تي ۽ جيڪو دوست بڻائيندو انهن کي اوهان مان

فَاُولٰٓئِکَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۳﴾ قُلْ اِنْ کَانَ اٰبَآؤُکُمْ وَاَبْنَآؤُکُمْ

پوءِ اهي ئي ظالم آهن فرماءِ جيڪڏهن آهن پيئر اوهان جاءِ پٽ

وَاِخْوَانُکُمْ وَاَزْوَاجُکُمْ وَعَشِیْرَتُکُمْ وَاَمْوَالُ نِ اقْتَرَفْتُمُوْهَا

اوهان جا ۽ ڀائر اوهان جا ۽ زالون اوهان جون ۽ ڪٽنب اوهان جا ۽ مال جو ڪمايو اوهان انهن کي

وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ کَسَادَهَا وَمَسٰکِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَیْکُمْ

۽ واپار جو انديشو ٿا ڪيو نقصان ۾ پوڻ جو انهيءَ کان ۽ جايون جو پسند ڪيو ٿا انهن کي وڌيڪ پيارا اوهان کي

مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِیْ سَبِیْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰی یَاْتِیَ

الله ۽ ان جي رسول ۽ ان جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان پوءِ انتظار ڪيو تانجو آڻي

اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ وَاللّٰهُ لَا یَهْدِی الْقَوْمَ الْفٰسِقِیْنَ ﴿۲۴﴾

الله امر پنهنجو ۽ الله نه ٿو هدايت ڪري قوم فاسق کي

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيتن ۾ ڪافرن سان جهاد ڪرڻ جو حڪم هو ۽ هنن آيتن ۾ ڪافرن مائٽن کان مائٽي ڇنڻ ۽ انهن کان جدا رهڻ جو تاڪيدي فرمان ڪيو ويو آهي.

شان نزول

جڏهن حضور پر نور عليه الصلاة والسلام جن مڪه معظمه مان هجرت ڪئي ته اتي رهڻ وارن مسلمانن تي به هجرت ڪرڻ لازم ٿي وئي ۽ عذاب کان سواءِ اتي رهڻ به حرام ٿي ويو ان حڪم تي جڏهن ڪن مسلمانن هجرت جو ارادو ڪيو ته سندن ٻار ٻچا ڪين ڇنبڙي پيا ۽ چوڻ لڳا ته اسان کي ڪنهنجي سهاري ٿا ڇڏي وڃو اوهان کان سواءِ هتي اسين برباد ٿي وينداسون ان جي ڪري اهي جڏهن هجرت کان رڪجي ويا

تڏهن هي آيتون نازل ٿيون (۱) "يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَاتَتَّخِذُوْا اٰبَائَكُمْ وَاِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَاءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى الْاِيْمَانِ" اي ايمان وارو! پنهنجن پيئرن ۽ پنهنجن ڀائرن کي پيارو نہ ڪيو جيڪڏهن اهي ڪفر کي ايمان کان وڌيڪ پسند ڪن ٿا. ياد رکڻ گهرجي تہ دار الڪفر کي ڇڏي دارالسلام ڏانهن وڃڻ ۽ هجرت ڪرڻ کان رڪاوٽ اهي ٿي مائٽيون ۽ مٽيون تہ هيون جن جي محبت ۽ خاطرداريءَ جي ڪري انسان هجرت جهڙي اهم فرض جي ادا ڪرڻ کان محروم هيو ان جي ڪري فرمان آيو تہ ڪنهن سان بہ پلي اهي اوهان جا پيئر ۽ ڀائر ڇو نہ هجن اهڙي دلي محبت نہ رکو جيڪا ڪنهن وقت بہ الله تعاليٰ جي حڪم بجا آڻڻ ۾ رڪاوٽ بنجي "وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ" ۽ جيڪو بہ اوهان مان انهن سان دوستي رکندو تہ پوءِ اهي دوستي رکڻ وارا ٿي ظالم آهن. "اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ" مان ثابت ٿيو تہ انهن ڪافرن سان واسطو نہ رکو جيڪي عمداً ڪفر تي قائم ۽ پيشگي ڪندڙ آهن پر جيڪو ورثي طور ڪافر تہ آهي پر سمجهدار نرم دل ۽ ٺڌي طبيعت آهي تہ ان سان واسطو رکي ان کي اسلام ڏانهن مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. (۲)

"قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَاؤُكُمْ وَاَبْنَاؤُكُمْ وَاِخْوَانُكُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَاَمْوَالُ ۨاقْتَرَفْتُمُوْهَا وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسَاكِنُ تَرْضَوْنَهَا اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ"

(اي حبيب عليڪ الصلواة والسلام) فرماءِ تہ: جيڪڏهن اوهان جا پيئر ۽ اوهان جا پٽ ۽ اوهان جا ڀائر ۽ اوهان جون زالون ۽ اوهان جا ڪٽنب ۽ اهي مال جيڪي گڏ ڪيا اٿو ۽ واپار جنهن ۾ خساري کان ڊڄو ٿا ۽ جايون جن ۾ رهڻ کان اوهان راضي آهيو اوهان کي الله ۽ ان جي رسول ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد کان وڌيڪ پيارا آهن تہ پوءِ انتظار ڪريو تانجو الله پنهنجو امر آڻي. هن آيت ۾ الله تعاليٰ اهي شيون بيان ڪيون آهن جن جي محبت ۾ انسان طبعي طور مبتلا هوندو آهي ۽ انهن سان محبت انساني فطرت جي تقاضا آهي مال، ڪاروبار ۽ رهائشي جاين جي محبت انسان ۾ ان جي ڪري هوندي آهي جو عزت ۽ آرام سان زندگي گذارڻ ۾ انهن جو محتاج

هوندو آهي ۽ اسلام جڏهن تہ فطري دين آهي اهو انسان جي طبعي تقاضائن ۽ سندس ضرورتن جو مناسب خيال رکندو آهي ان جي ڪري ان حڪم ڏنو آهي تہ اوهان تعلقات ۽ مائٽيون مڪمل طرح نہ ٽوڙي سگهندؤ نہ انهن ڏانهن مڪمل توجه هٽائي سگهندؤ

(۱) خازن صہ ۲۱۲ جلد۲ (۲) نورالعرفان صہ ۳۰۲

پر جيئن تہ انساني زندگيءَ جو مقصد صرف انهن شين تائين محدود نہ آهي بلڪ ان کان گھڻو اڳتي ۽ گھڻو بلند آهي ان جي ڪري انسان کي انهيءَ تعلقات ۽ انهن شين ۾ صفا ڦاسي وڃڻ کان روڪيو ويو آهي ۽ هن آيت ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ انهن مٽن، مائٽن،سامان ۽ اسباب سان ايتري گھڻي محبت نہ رکو جو اها اوهان جي روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي الله جل شانہ ۽ ان جي نبي عليہ الصلوٰة والسلام جي محبت سان ٽڪرائجي ايثار، سخاوت ۽ شهادت کان روڪي پر جي ڪنهن وقت اهڙي صورت پيدا ٿئي تہ انهن مٽن، مائٽن کي لت هڻي الله تعاليٰ ۽ ان جي حبيب عليہ الصلوٰة والسلام جي محبت کي اهميت ڏيو ۽ هر قرابت، رشتو، سامان، مال، ملڪيت، جڳهيون ۽ جايون قربان ڪري ڏيکاريو ۽ جڏهن ائين ڪندؤ تڏهن اوهان ايماندار چوزائڻ جا حقدار ٿيندؤ.

الله تعاليٰ ۽ سندس رسول مقبول عليہ الصلاة والسلام جي محبت فرض آهي.

ياد رکڻ گهرجي تہ هر مؤمن، مسلمان تي الله جل شانہ ۽ ان جي حبيب عليہ الصلاة والسلام جي محبت فرض آهي. قرآن پاڪ جي هن آيت سان گڏ حضور عليہ الصلاة والسلام جن جي پاڪ حديثن مان بہ اها فرضيت ثابت آهي.

حديث ۱- صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت انس رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ حضور عليہ الصلاة والسلام جن فرمايو:

" لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ"

اوهان مان ڪو هڪڙو بہ تيستائين مؤمن ناهي جيستائين مان ان کي والد، اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نہ هجان.

حديث ۲- ان ئي صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ روايت موجود آهي تہ حضور عليہ الصلاة والسلام جن فرمايو: " ثَلَاثٌ مَنْ كُنَّ فِيْهِ وَجَدَ بِهِنَّ حَلَاوَةَ الْاِيْمَانِ - مَنْ كَانَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِمَّا سِوَاهُمَا وَمَنْ اَحَبَّ عَبْدًا لَايُحِبُّهٗ اِلَّا لِلّٰهِ وَمَنْ يَكْرَهُ اَنْ يَعُوْدَ فِى الْكُفْرِ بَعْدَ اَنْ اَنْقَذَهُ اللّٰهُ مِنْهُ كَمَا يَكْرَهُ اَنْ يُلْقٰى فِى النَّارِ". يعني جنهن ۾ ٽي (ڳالهيون) هونديون اهو انهن سان ايمان جو مٺاڻ حاصل ڪندو. ۱- اهو جنهن کي الله ۽ ان جو رسول (عليہ الصلاة والسلام) ٻيءَ هر شيءِ کان وڌيڪ پيارا هجن. ۲- جيڪو ڪنهن سان محبت صرف الله جي رضا خاطر ئي رکي. ۳- جيڪو ڪفر کان الله تعاليٰ جي

(۱) نورالعرفان صہ ۳۰۲

مهربانيءَ سان ڇنڻ کان پوءِ ان ۾ وري اچڻ کي ائين ناپسند تو ڪري جيئن باه ۾ اڇلائڻ کي. (١)

محبت جا قسم

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ محبت جا ٻہ قسم آهن. ١- طبيعي ، جيڪا انسان ۾ پيدائشي طور رکيل هوندي آهي جيئن والدين جي اولاد سان. ٢-اختياري، جيڪاڪن سببن جي ڪري پيدا ٿيندي آهي -هتي الله تعالىٰ ۽ حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جن سان محبت رکڻ مان ڪهڙي محبت مراد آهي ان ۾ مفسرن جا هي قول آهن. علامہ بيضاوي لکيو آهي تہ: هتي محبت مان مراد اختياري محبت آهي طبيعي نہ آهي. (٢)
مطلب تہ الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول عيلہ الصلوٰة والسلام جي فرمانن کي ڇڏي آيت ۾ ذڪر ڪيل شين کي اختيار نہ ڪرڻ گهرجي. ۽ علامہ ثناءالله پاني پتي عليہ الرحمتہ لکيو آهي تہ- هتي محبت مان مراد صرف اختياري نہ پر طبيعي بہ آهي ڇو تہ ايمان جو ڪمال اهو آهي جو طبيعت شريعت جي تابع هجي ۽ ان جي ئي تقاضا ڪري جنهن جو شريعت امر ڪيو آهي جيئن حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن جو فرمان عالي شان آهي تہ: "مَنْ اَحَبَّ لِلّٰهِ وَاَبْغَضَ لِلّٰهِ وَاَعْطٰى لِلّٰهِ وَمَنَعَ لِلّٰهِ فَقَدِ اسْتَكْمَلَ الْاِيْمَانَ"
جنهن الله جي لاءِ ڪنهن سان محبت ۽ بغض رکيو ۽ الله جي لاءِ ڏنو ۽ روڪيو ان پنهنجو ايمان ڪامل ڪري ورتو. ۽ ايمان جي مٺاڻ جو جيڪو حديث ۾ ذڪر آيو آهي ان مان مراد اهڙي لذت جو حاصل ٿيڻ آهي جهڙي طبيعي خواهشات مان حاصل ٿيندي آهي ۽ اهو ئي ايمان جو ڪمال آهي ۽ اهو صفائيءَ وارن قلبن ۽ پاڪ صاف نفوس جي صاحبن جي صحبت کان ملندو آهي -

تصوف فرض آهي: ان کان پوءِ علامہ موصوف لکيو آهي تہ: هتي آيت ۽ محبت جي متعلق آيل حديثن مان ثابت ٿئي ٿو تہ مشائخ ڪرام جي خدمت ۾ رهي تصوف حاصل ڪرڻ فرض آهي ۽ جنهن کي اها منزل حاصل ٿي وئي تہ اهو ائين چوندو جيئن هڪ فارسي شاعر چيو آهي. شعر

آنکس کہ ترا شناخت جان راچہ کند
فرزند وعيال خان ومان راچہ کند
ديوانہ کنی هردو جهانش بخشی
ديوانہ تو هردو جهانراچہ کند

(١) تفسير مظهري صہ ١۵٣جلد ۴ (٢) البيضاوي ڪامل صہ ٢۵٠

يعني جنهن کي تنهنجي معرفت حاصل ٿي اهو ساهہ کي ڇاکندو پٽن، عيال، ۽ سامان وغيره کي ڇاکندو؟- ديوانو بنائڻ کان پوءِ ان کي ٻئي جهان ڏين تہ بہ تنهنجو ديوانو ٻنهي جهانن کي ڇا کندو؟ (۱)

سچ هي آهي تہ ايمان جو لطف اچي ئي تڏهن ٿو جڏهن دل ۾ الله جل شانہ ۽ ان جي رسول مقبول عليہ الصلوٰة والسلام جي محبت ۽ عشق جا شعلا هجن ان وقت اهي سيئي رڪاوٽون وجهڻ وارا زنجير خود بخود ڀڃي وڃن ٿا ۽ سڀ حجاب ذرا ذرا ٿيندا نظر اچن ٿا. والدين پنهنجي ٻچن جا تڙپندڙ لاش ڏسي بہ مرڪندا رهندا آهن. زالون مڙسن جا سر ڌڙ کان ڌار ڏسي الله جل جلالہ جي بارگاهہ ۾ شڪر جو سجدو ڪنديون آهن ۽ ڀينرون ڀائرن جي شهيد ٿيڻ لاءِ دعائون گهرنديون رهنديون آهن ان حالت ۾ نہ رات جو ننڊ هوندي اٿن ۽ نہ ڏينهن جو ٿڪاوٽ-

اُحِبُّکَ حُبَّیۡنِ حُبَّ الۡهَوٰی
وَحُبًّا لِاَنَّکَ اَهۡلٌ لِّذَاکَا
فَاَ مَّاالَّذِیۡ هُوَ حُبُّ الۡهَوٰی
فَشَیۡءٌ شَغَلۡتُ بِهٖ عَنۡ سِوَاکَا
وَاَمَّاالَّذِیۡ اَنۡتَ اَهۡلٌ لَهٗ
فَکَشۡفُکَ لِیَ الۡحُجۡبُ حَتّٰی اَرَاکَا (۲)

مطلب تہ: اي مولا! مان توسان ٻيڻي محبت رکان ٿي هڪ تہ تون منهنجو محبوب آهين ٻيو تہ تون ان محبت جي لائق بہ آهين پهرين محبت تہ مون کي ماسویٰ کان بي خبر ڪري ڇڏيو آهي ٻيءُ محبت جي تقاضا هيءَ آهي تہ حجاب ڪنيا وڃن ۽ تنهنجي ديدار جي لذت حاصل ٿي وڃي- علامہ رشيد رضا صاحب آند وآهي تہ: سيدنا عبدالقادر جيلاني عليہ الرحمتہ کي جڏهن کو ٻار ڄمندو هو تہ پاڻ جنازه نماز وانگر چار تڪبيرون هڻندو هو ۽ فرمائيندو هو تہ مان ان کي ان جي ڪري ميت ٿو سمجهان جو ان جي محبت منهنجي دل مان الله تعالیٰ جي محبت ڪڍي نہ وڃي.

علامہ موصوف لکيو آهي تہ: جنهن کي دشمن سان جهاد نصيب نہ ٿئي تہ اهو نفس سان جهاد ڪري اهو مقام ماڻي. (۳)

"وَاللّٰهُ لَایَهۡدِی الۡقَوۡمَ الۡفٰسِقِیۡنَ" ۽ الله فاسق قوم کي هدايت نٿو ڪري - يعني جيڪي

(۱) مظهري صہ۱۵۳جلد ۴ (۲) المنار صہ ۲۴۱ - جلد۱۰(۳) تفسيرالمنار صہ۲۴۱-۲۴۲ جلد ۱۰-

شخص الله ۽ ان جي رسول عليہ الصلاة والسلام سان محبت نٿا رکن اهي فاسق آهن انهن کي هدايت نصيب ٿي نہ ٿيندي.

فائدا: هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا: "١" انسان تي سيبني کان وڏيڪ حق الله ۽ ان جي رسول عليہ الصلاة والسلام جا آهن انهن جي حقوق جي مقابلي ۾ نہ پيءُ ماءُ جا حق آهن ۽ نہ ڀين جا ٢- والدين ڀائر ۽ ڀينرون جيڪڏهن ڪافر آهن تہ انهن سان محبت رکڻ غلط آهي- ها سندن والدين هجڻ يا مٽي مائٽيءَ جي ڪري واجب ٿيندڙ شرعي حقوق ادا ڪرڻ ضروري آهن يا ڪنهن ڪافر جو مسلمان تي قرض آهي يا امانت رکيل آهي تہ اهي بہ ادا ڪرڻ فرض آهن ٣- جڏهن خالق ۽ مخلوق جا حق گڏجن ۽ ڏسجي ٿو تہ مخلوق جي حق اداڪرڻ جي ڪري خالق جو حق رهجي ويندو تہ خالق جو حق اڳم اداڪري مثلاً والدين ڪنهن ڪان نماز جي وقت خدمت وٺڻ جو اهڙي نموني خيال ڪن جو انهن جي خدمت ۾ مصروف ٿيڻ جي ڪري ان جي نماز هلي ويندي تہ خدمت ڇڏي ڏي نماز نہ ڇڏي(١)

لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِيْ مَوَاطِنَ كَثِيْرَةٍ ۙ وَّيَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ اِذْ

البتہ تحقيق مدد ڪئي اوهان جي الله گهڻين جاين ۾، ۽ حنين واري ڏينهن جڏهن پسند آئي

اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ فَلَمْ تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْئًا وَّضَاقَتْ

اوهان کي گهڻائي اوهان جي، پوءِ نہ دفع ڪيائين اوهان ڪان ڪا شيءِ ۽ تنگ ٿي اوهان تي

عَلَيْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ وَلَّيْتُمْ مُّدْبِرِيْنَ ﴿٢٥﴾

زمين، ان هوندي جو ڪشادي هئي ان ڪان پوءِ ڦريئو اوهان پٺي ڏيندڙ

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ مسلمانن کي دين جي خاطر ڪافر ماءُ، پيءُ ۽ مائٽن سان تعلقات ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ويو جيڪو فطري طور نفس تي نهايت ڳرو هو ۽ هن آيت ۾ انهن کي الله تعالىٰ جي طرفان ٿيل مدد ۽ مهرباني ٻڌائي ٿي وڃي تانتہ

(١) نعيمي ص ٢٢٦جلد ١٠

مٿن مائٽن جي سهاري کان وڌيڪ الله تعاليٰ جو سهارو ۽ مدد سمجهي ان تي اعتماد ڪن.

شان نزول ۽ غزوه حنين جو بيان

ياد رکڻ گهرجي تہ هي آيتون حنين جي جنگ جي باري ۾ نازل ٿيون هيون جنهن جو بيان هن طرح آهي تہ: جڏهن رب پاڪ جي مدد سان حضور عليه الصلاة والسلام جن مڪہ پاڪ فتح ڪيو تہ اتاهين ڪان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي طائف جي پر ۾ حنين نالي مقام تي عرب جا نهايت سرڪش بہ قبيلا هوازن ۽ ثقيف رهندا هئا انهن پاڻ ۾ صلاح ۽ مشورو ڪيو هو تہ (حضرت) محمد (مصطفیٰ صلي الله عليه وسلم) جو ڏيڍو ۽ لشڪر وڌندو ٿو وڃي ۽ جيڪڏهن اهو ئي حال رهيو تہ اهو اسان تي بہ غالب ٿي ويندو اچو تہ اسين ٻئي قبيلا پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ان تي اهڙو حملو ڪيون جو ڪيس پتو پئجي وڃي تہ اسين ڪهڙا بهادر آهيون-

نبي پاڪ عليه الصلاة والسلام جن سان ڏهہ هزار اصحاب تہ اڳ ۾ ئي گڏ هيا وري مڪہ پاڪ فتح ٿيڻ ڪان پوءِ ٻہ هزار اصحابي آس پاس وارا بہ اچي شريڪ ٿيا ۽ سندن لشڪر جو تعداد ٻارهن هزار (۱۲۰۰۰) ٿي ويو پاڻ انهن جي ان تيارين کي ختم ڪرڻ لاءِ شوال مهيني سنہ ۸ھ جي شروعات ۾ ڇنڇر جي ڏينهن مڪہ مڪرمہ کان نڪتا ۽ اڱاري جي ڏينهن حنين نالي مقام تي منزل انداز ٿيا ۽ هوڏانهن هوازن ۽ ثقيف قبيلي وارا تہ جنگ لاءِ اڳي ئي تيار هئا جنگ شروع ٿي تہ پهريائين تہ مسلمانن کي دشمنن حملي سان پريشان ڪري وڌو ۽ هيڏي هوڏي ڀڄڻ لڳا پر حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي طرفان حضرت عباس رضي الله عنه ڪين سڏي چيو تہ مسلمانو!

حضور عليه الصلوٰة والسلام جن هيڏانهن تشريف فرما آهن هيڏي اچو ان اعلان ٻڌڻ شرط مسلمان گڏ ٿي ويا ۽ گڏجي دشمنن تي سخت حملو ڪيائون ۽ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن پٿرين جي هڪ مٺ پري ڪافرن ڏانهن اڇلائي تہ هر هڪ جي اکين ۾ اهي پٿريون لڳيون ۽ پاڻ فرمائون تہ هينئر جنگ تيز ڪرڻ جو وقت آهي - مسلمانن همت ڪئي ۽ الله تعاليٰ حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي صدقي ڪين فتح ۽ ڪاميابي عطا ڪئي. ان جنگ ۾ مسلمانن کي غنيمت جو مال تمام گهڻو هٿ آيو- ڪافرن مان ڇهہ هزار قيدي ٻڌيا جن ۾ گهڻيون عورتون ۽ ٻار هئا ڪين چوويهہ (هزار ۲۴۰۰۰) اٺ هٿ آيا ٻڪرين جو تہ شمار ئي نہ هو- انهن قيدين ۾ حضور عليه

الصلاة والسلام جن جي کير پيارڻ واري امان حليمہ سعديہ جي نياڻي بہ هئي جيڪا حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن جي کير جي ڀيڻ ٿئي. پاڻ ان کي گهڻو مال ۽ سامان ڏيئي آزاد ڪري ڇڏيو هيائون جڏهن اها پنهنجي قوم ۾ پهتي ۽ حبيب پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي ڪرم ۽ رحم جو ذڪر ڪيائين تہ اهي سڀ مسلمان ٿي مدينہ منوره ۾ پهتا حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن سندن قوم مان قيد ٿيلن کي واپس ڪري ڇڏيو. (۱)

حضرت عباس رضي الله عنه جو سڏ

علامہ صاوي لکيو آهي تہ حضرت عباس رضي الله عنه جو آواز ڪڙڪيدار هو ۽ سندس سڏ ۸ ميلن تائين ٻڌڻ ۾ ايندو هو(۲) حنين جي جنگ مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ حضور عليہ الصلواة والسلام جن طائف ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اتاهين موٽندي جعرانہ نالي مقام تي غنيمت جو هٿ آيل مال تقسيم ڪيائون ۽ اتاهين کان ئي عمره جو احرام ٻڌي عمره اداڪيائون (۳) ان واقعي جي اهميت کي ظاهر ڪندي تاڪيد واري لام ۽ قد سان فرمان ٿيو: "لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِيْ مَوَاطِنَ كَثِيْرَةٍ وَّيَوْمَ حُنَيْنٍ"

البتہ تحقيق الله اوهان جي گهڻين جاين ۾ مدد ڪئي ۽ حنين جي جنگ واري ڏينهن (بہ اوهان جي مدد ڪيائين) ان مدد مان مراد غيبي تائيد آهي پوءِ اها ملائڪن سان هجي يا ڪافرن جي دلين ۾ رعب وجهڻ ۽ مسلمانن ۾ همت ۽ جرئت پيدا ڪرڻ سان ۽ ان ۾ خطاب مجاهدن اصحابن سان آهي- "اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ فَلَمْ تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْئًا" جڏهن اوهان کي اوهان جي گهڻائي پسند آئي پوءِ اها اوهان کان ڪا بہ شيءِ دفع ڪري نہ سگهي- ياد رکڻ گهرجي تہ حنين جي مقام تي جڏهن ٻارهن هزار مسلمانن جو لشڪر لٿو تہ ڪن مسلمانن کي ان ڳالهہ تي ناز هو تہ اڄ اسين تمام گهڻا آهيون ڪافر اسان کي ڇا ڪري سگهندا لشڪر جي گهڻائيءَ تي ناز ڪرڻ الله تعالىٰ کي پسند نہ آيو ۽ ان جنگ ۾ مسلمانن کي تڪليف بہ گهڻي اچي وئي هئي. "وَّضَاقَتْ عَلَيْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ وَلَّيْتُمْ مُّدْبِرِيْنَ" ۽ اوهان تي ڪشادي هجڻ جي باوجود زمين تنگ ٿي پئي ان کان پوءِ اوهان پٺيون ڏيئي هٽي ويئو- المقصد تہ: دشمنن جي سخت جنگ اوهان کي اهڙو تہ وائڙو ڪري ڇڏيو جو ڪشادي هجڻ جي باوجود حنين جو علائقو ۽ سرزمين اوهان کي تنگ ٿيندي نظر آئي ۽ اوهان اتي سڪون ۽ اطمينان

(۱) الصاوي ص ۱۳۲-۱۳۴جزء۲ (۲) ساڳيو حوالو (۳) نعيمي ص ۲۳۲ جلد ۱۰

محسوس نٿي ڪيو-

فائدا- هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.١- تہ حنين واري جنگ جو ڪيترين جنگين کان شان نرالو آهي جنهن ۾ قدرت واري ٽي رنگ ظاهر ڪرايا. ١- مسلمانن کي فتح ملي ٢- سندن ناز ۽ خود پسنديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪين ٿورڙو وقت هار ۽ شڪست ملي ٣- ان هار ۽ تڪليف کان پوءِ وري ڪين زبردست فتح ملي ۴- مسلمانن کي گهرجي تہ جنگ ياڪنهن ٻئي ڪم لاءِ سامان، اسباب ڀلي گهڻا گڏ ڪن پر ڀروسو صرف الله تعالىٰ تي رکن- سامان ۽ اسباب تي ناز نہ ڪن.

ثُمَّ اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَاَنْزَلَ

ان کان پوءِ لاٿائين سڪون پنهنجو رسول پنهنجي تي ۽ مؤمنن تي ۽ لاٿائين

جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا وَعَذَّبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَذٰلِكَ

اهڙو لشڪر جو نہ ڏٺو اوهان ان کي ۽ عذاب ڪيائين انهن کي جو ڪفر ڪيائون ۽ اهو

جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۶﴾ ثُمَّ يَتُوْبُ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ

بدلو آهي ڪافرن جو ان کان پوءِ توبہ قبول ڪرڻ سان وري ٿو جنهن تي گهري

وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۷﴾

۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي

تفسير

هن آيت کان اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيت ۾ حنين جي ميدان ۾ ٿوري دير لاءِ مسلمانن جي پيرن نہ ڪپڻ جو ذڪر هو ۽ هاڻي ان ئي ميدان ۾ سندن پيرن ڪپڻ ۽ فتح حاصل ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي " ثُمَّ اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ" ان کان پوءِ الله پنهنجي طرفان پنهنجي رسول ۽ مؤمنن تي سڪينہ کي نازل

فرمايو- سڪينۃ مان مراد سڪون ۽ ثابت قدم رهڻ آهي. (۱)

مقصد تہ حنين جي مقام تي ڀڄرائين ٿي مجاهد وائڙاٽي هيڏي هوڏي پکڙجي ويا هئا پر جڏهن الله تعاليٰ مٿن سڪون لاٿو تہ گڏ ٿي مرسيءَ سان دشمنن جو مقابلو ڪيائون "وَاَنْزَلَ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا" ۽ اهڙو لشڪر لاٿائين جو اوهان ڏٺو ئي ڪونہ- ان لشڪر مان مراد ملائڪ آهن ۽ اهي ڪيترا هئا انهن جي تعداد لاءِ ڪو اهڙو صريح نص آيل نہ آهي سعيد بن جبير جو قول آهي تہ اهي پنج هزار هيا ۽ انهن جي لاهڻ مان مقصد مسلمانن جي دلين ۾ سهڻا خيال پيدا ڪرڻ هو (۲)

"وَعَذَّبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا" ۽ جن ڪفر ڪيو انهن کي عذاب ڏنائين- ان عذاب مان مراد انهن جو قتل ٿيڻ قيدي بنجڻ ۽ سندن ملڪيتن جو غنيمت جي مال ۾ اچڻ آهي "وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ" ۽ اها ڪافرن جي سزا آهي جيڪا کين دنيا ۾ ملي ۽ آخرت جو عذاب ان کان جدا آهي "ثُمَّ يَتُوْبُ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ" ان کان پوءِ الله جنهن کي گهري ٿو ان تي توبہ قبول ڪرڻ سان وري ٿو. مقصد تہ انهن ڪافرن تي جيڪو ڪجهہ جاري ٿيڻو هو سو ٿيو ان کان پوءِ جيڪڏهن ڪفر کان هٽي اسلام قبول ڪندا تہ الله تعاليٰ سندن توبہ قبول فرمائيندو- "وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" ۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي - توبہ ڪرڻ واري کي بخشي ٿو ۽ ايمان آڻي صالح عمل ڪرڻ واري تي رحم فرمائي ٿو.

فائدا- هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا سمجهہ ۾ آيا- ۱- تہ دل جو سڪون الله تعاليٰ جي وڏي نعمت آهي مطمئن فوج پلي ٿوري هجي گهبرايل گهڻي فوج تي غالب ٿي ويندي آهي - ۲- بدر جي جنگ ۾ جيڪي ملائڪ آيا هئا اهي مسلمانن کي ڏسڻ ۾ آيا هئا ۽ حنين وارا مسلمانن کي ڏسڻ ۾ نٿي آيا. پر ڪافرن کي ڏسڻ ۾ آيا هئا تہ اهي ڊڄن جيئن "لَّمْ تَرَوْهَا" مان واضح ٿي رهيو آهي -

۳- ڪافرن جي لاءِ جنگ ۾ مرڻ عذاب آهي ۽ سندن موت حرام تي موت آهي پر مسلمانن لاءِ جنگ ڪندي جان ڏيڻ رب العزة جل شانہ جي رحمت ۽ سندن موت شهادت ۽ باعث سعادت آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا

اي ايمان وارؤ! ان کان سواءِ ڪجهہ ناهي تہ مشرڪ پليد آهن پوءِ نہ ويجها وڃن، مسجد حرام

(۱) التفسير الكبير ص ۲۲ جز ۱٦ (۲) ڪبير ص ۲۲ جز ۱٦

الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا ۚ وَإِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ

کي پنهنجي هن سال کان پوءِ ۽ جيڪڏهن خوف ٿا ڪيو، غريبيءَ جو پوءِ جلدي غني بنائيندو اوهان

يُغْنِيكُمُ اللَّهُ مِنْ فَضْلِهِ إِنْ شَاءَ ۚ إِنَّ اللَّهَ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿٢٨﴾

کي الله پنهنجي مهربانيءَ سان جيڪڏهن گهرندو ،بيشڪ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ آيل آيتن ۾ ارشاد هو تہ اسباب ۽ سامان جي بجاءِ مسبب الاسباب رب پاڪ تي توڪل ڪيو ۽ هتي ان جو نتيجو سمجهايو ٿو وڃي تہ ڪافرن کي مسجد حرام ڪان روڪيو ۽ انهن جي روڪڻ جي ڪري اوهان جي ڪاروبار تي ڪوبہ اثر نہ پوندو ڏجو ڇو ٿا؟

شان نزول - مفسرن پلارن لکيو آهي تہ جڏهن سنہ ۹ هجريءَ ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي اڳواڻيءَ ۾ حضرت علي رضي الله عنه، سورة التوبہ جي منڍ ۾ ذڪر ٿيل ڪافرن ڪان بيزاريءَ واريون آيتون پڙهيون ۽ انهن ڪان هر قسم جي قطع تعلقات جو اعلانَ ڪري فرمايو تہ: ايندڙ سال ڪان وٺي ڪو مشرڪ ۽ ڪو اگهاڙو بيت الله جو طواف نہ ڪري- عرب جي مشرڪن اهو اعلان ٻڌي مسلمانن کي چيو تہ: اوهان اسان کي حج ڪان تہ روڪيو پر ان جو نتيجو اوهان بہ ڏسجو ڇو تہ حج ۾ تجارت جو سامان اسين آڻيندا آهيون ۽ اوهان جي آمدني بہ اسان جي ذريعي ٿيندي آهي جيڪڏهن اسان اچڻ ڇڏي ڏنو تہ سکيا اوهان بہ ڪونہ رهندءان ڏمڪيءَ جي ڪري مکي پاڪ جا کي رهاڪو پريشان ٿيا انهن کي تسلي ڏيڻ لاءِ هيءَ آيت نازل ٿي- (۱)

فرمان الٰهي آهي: " يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِنَّمَا الْمُشْرِكُونَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا " اي ايمان وارو: ان ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي تہ مشرڪ پليد آهن پوءِ هن سال ڪان پوءِ عزت واري مسجد جي ويجها بہ نہ وڃن- هن آيت جي هن حصي مان ثابت ٿيو تہ مشرڪ پليد آهن پر اهو عقيدي جي لحاظ سان باقي سندن ظاهري بدن تي جيڪڏهن ڪا نجاست لڳل نہ آهي تہ اهو پليد نہ آهي جمهور جو قول اهو آهي (۲)

(۱) تفسير القاسمي ص ۱۶۱ جزءِ۸ (۲) ساڳيو حوالو

يادرکڻ گهرجي تہ مسجد حرام جو لفظ عام طور تہ ان جاءِ جي لاءِ ڳالهايو ويندو آهي جيڪا بيت الله جي چوطرف گهيريل آهي پر قرآن ۾ حديث ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهو لفظ مڪہ مڪرمہ جي پوري حرم لاءِ بہ استعمال ٿيو آهي جيڪو هر چورس ڪيترا ميل ۾ چئني طرفن کان حضرت ابراهيم خليل عليہ الصلواة والسلام جي قائم ڪيل حدن تي مشتمل آهي جيئن معراج واري واقعي کي بيان ڪندي ارشاد ٿيو آهي "مِنَ الْمَسْجِدِالْحَرَامِ" (عزت واري مسجد کان) هتي بہ علماء جي متفق قول مطابق پورو حرم مراد آهي ڇو تہ معراج واري واقعي جي شروعات مشهور مسجد حرام مان نہ پر سيده ام هاني رضي الله عنها جي گهر کان ٿي هئي ان ئي نموني سان آيت ڪريمہ "اِلَّا الَّذِيْنَ عَاهَدْتُّمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِالْحَرَامِ" مان مراد پورو حرم آهي ڇو تہ جنهن صلح جي واقعہ جو هتي ذڪر آهي اهو حديبيہ نالي ان مقام تي ٿيو هو جيڪو حرم جي حدود کان ٻاهر پر ان سان متصل آهي اُن جي ڪري آيت جي معنىٰ ۾ مفهوم اها آهي تہ هن سال کان پوءِ حرم جي حدود ۾ مشرڪن جي داخلا ممنوع آهي- ۾ "بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا" (سندن هن سال کان پوءِ) مان مراد ڪهڙو سال آهي؟ بعضي حضرات جو قول آهي تہ ان مان مراد ڏهون سن هجري آهي پر جمهور مفسرن وٽ نائون سن هجري مراد آهي ڇو تہ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن سنہ ۹ هجري ۾ حج جي موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق جي اڳواڻيءَ ۾ حضرت علي جي زبان سان ڪافرن ۾ مشرڪن کان تعلقات قطع ڪرڻ جو اعلان ڪرايو هو- ان جي ڪري سن نائين کان ڏهين تائين مهلت جو سال شمار ڪيو ويو ۾ سن يارهين هجريءَ کان ان اعلان تي عمل شروع ٿيو-

مسئلہ- مذڪوره آيت ۾ جيڪو حڪم ٿيو تہ سن ڏهين هجريءَ کان پوءِ ڪوبہ مشرڪ مسجد حرام ۾ داخل نہ ٿئي ان جي متعلق ٽي ڳالهيون غور طلب آهن- ۱- تہ اهو حڪم صرف مسجد حرام لاءِ آهي يا ٻيون مسجدون بہ ان ۾ داخل آهن- ۲- تہ جيڪڏهن اهو حڪم خاص مسجد حرام لاءِ آهي تہ ڪنهن بہ مشرڪ جو مسجد حرام ۾ داخل ٿيڻ مطلقًا ممنوع آهي يا صرف حج ۾ عمره جي لاءِ -۳- ان حڪم ۾ اهل ڪتاب بہ داخل آهن يا نہ انهن ڳالهين جي متعلق جڏهن تہ قرآن پاڪ جا ظاهري الفاظ آيل نہ آهن تڏهن قرآن ڪريم جي اشارات ۾ نبوي حديثن جي روايات کي سامهون رکي مجتهدن امامن پنهنجي پنهنجي اجتهاد جي مطابق احڪام بيان فرمايا آهن ان سلسلي ۾ پهريون پهريون بحث اهو آهي تہ قرآن پاڪ مشرڪن کي نجس ڪهڙي اعتبار سان سڏيو آهي جيڪڏهن ظاهري نجاست يا معنوي خباثت تہ وغيره جو

هجڻ مراد آهي تہ پوءِ اها ڳالهہ واضح آهي تہ ڪنهن بہ مسجد ۾ پليدي داخل ڪرڻ قطعًا جائز نہ آهي ۽ ان ئي طرح سان تڙواري مرد ۽ حيض ۽ نفاس واري عورت کي بہ ڪنهن مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ناهي پر جيڪڏهن ان مان مراد ڪفر ۽ شرڪ واري باطني نجاست آهي تہ پوءِ ان جو حڪم ظاهري پليدي کان جدا هوندو. مفسر قرطبي لکيو آهي تہ مدينہ جي فقيهن امام مالڪ وغيرهم عليهم الرحمہ جو قول آهي تہ مشرڪ هر معنىٰ جي لحاظ سان نجس (پليد) آهن اهي گهڻو ڪري ظاهري نجاست کان بہ پاسو نہ ڪندا آهن تڙ پوڻ وغيره کان پوءِ بہ غسل جو اهتمام نہ ڪندا آهن ۽ ڪفر ۽ شرڪ جي اندروني پليدي تہ انهن ۾آهيئي آهي. ان جي ڪري هي حڪم سيني مشرڪن تي جاري ۽ سيني مسجدن لاءِ عام آهي- ۽ حضرت امام شافعي عليہ الرحمتہ فرمايو آهي تہ هي آيت خاص مسجد حرام لاءِ آهي ان ۾ ڪوبہ مشرڪ داخل نہ ٿيندو باقي ٻين مسجدن ۾ دخول منع نہ آهي ۽ امام ابو حنيفه رضي الله عنه جو قول آهي تہ هن آيت ۾ صرف مشرڪن کي مسجد حرام ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو آهي (۱) ۽ اهو بہ حج ۽ عمره جي طور ۽ طرز تي جنهن جو دليل حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي قيادت ۾ حضرت علي رضي الله عنه جي ذريعي ڪافرن کان تعلقات ڪٽڻ جو اعلان آهي جنهن جا الفاظ هي آهن "لَايَحُجَّ بَعْدَالْعَامِ مُشْرِكٌ" هن سال کان پوءِ ڪوبہ مشرڪ حج نہ ڪري. ان جي ڪري هن آيت مان مراد بہ اهو آهي تہ انهن کي حج ۽ عمره جي ممانعت آهي پر اهي ڪنهن ضرورت جي ڪري وقت جي اميرالمؤمنين جي اجازت سان داخل ٿي سگهن ٿا جنهن جو دليل ثقيف قبيلي جي وفد وارو واقعو بہ آهي جو جڏهن مڪہ مڪرمہ جي فتح ٿيڻ کان پوءِ اهي رسول الله صلی الله عليه وسلم جي هن سڏ ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ انهن کي مسجد ۾ رهاياڻون حالانڪ اهي ان وقت اڃان ڪافر هئا اصحابن سڳورن رضي الله عنهم ڪين عرض بہ ڪيو تہ يارسول الله ! هي پليد آهن پاڻ فرماياڻون تہ: انهن جي پليد هجڻ جو مسجد تي ڪوبہ اثر نہ پوندو- هن روايت مان اها ڳالهہ واضح ٿي تہ آيت مبارڪہ۾ مشرڪن کي نجس چوڻ مان مراد ڪفر ۽ شرڪ جي نجاست آهي جيئن سيدنا امام اعظم عليہ الرحمتہ جو مذهب آهي حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه جي روايت ۾ بہ آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو: ڪنهن مسلمان جي غلام يا ٻانهي کان سواءِ ڪوبہ مشرڪ مسجد ۾ نہ وڃي باقي اهي ضرورت ۾ داخل

(۱) القرطبي ۱۰۴ جلد ۸

ٿي سگهن ٿا- (۱) هي حديث به ان ڳالهه جي شاهد آهي ته شرڪ ظاهري نجس نه آهي جنهن جي ڪري ڪيس مسجد جي داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو آهي نه ته غلام ۽ ٻانهي کي ضرورت وقت داخل ٿيڻ جي اجازت نه هجي ها جڏهن ته اصل بنيادي سبب ڪفر، شرڪ ۽ ان جي غلبه جو خطرو آهي ۽ اهو غلام ۽ ٻانهي ۾ نه هوندو آهي تڏهن انهن کي اجازت ڏني وئي آهي (۲)

"وَاِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيْكُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖٓ اِنْ شَآءَ" ۽ جيڪڏهن مسڪين هجڻ جو خوف ٿا ڪيو ته پوءِ الله اوهان کي جيڪڏهن گهرندو ته جلدي پنهنجي فضل سان شاهوڪار بنائيندو- ابن ابي حاتم حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ۽ ابن جرير ۽ ابوالشيخ سعيد بن جبير، عڪرمه، عطيه عوفي، ضحاڪ ۽ قتاده وغيرهم کان آندو آهي ته: مڪي پاڪ جا رهاڪو مشرڪ بيت الله شريف ڏانهن ڪاڏا ڪٺي ايندا هئا پوءِ جڏهن هن آيت لهڻ جي ڪري بيت الله ۾ اچڻ کان روڪيا ويا ته ڪن مسلمانن کي اها ڳالهه ڳري لڳي ۽ چوڻ لڳا ته اسان لاءِ طعام ۽ سامان ڪير آڻيندو؟

انهن جي باري ۾ هي فرمان لٿو ته: جيڪڏهن اوهان کي سچي ۽ مسڪين هجڻ جو خطرو آهي ته الله تعاليٰ اوهان کي جلد غني بنائيندو

"اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ" يقينًا الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي- مفسرن ڀلارن فرمايو آهي ته پوءِ الله تعاليٰ مينهن وسايا ۽ جده شريف جارهاڪو ۽ يمن جي ملڪ مان صنعاءِ جرش جا رهندڙ مسلمان ٿيا جن تجارت جي ذريعي ايترو اناج ۽ سامان آندو جو مسلمانن جا ڏک ۽ خطرا دور ٿي ويا. (۳)

قَاتِلُوا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَلَا يُحَرِّمُوْنَ

جنگ ڪيو انهن سان جيڪي نٿا ايمان آڻن الله تي ۽ نه قيامت جي ڏينهن تي، ۽ نٿا حرام سمجهن

مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَلَا يَدِيْنُوْنَ دِيْنَ الْحَقِّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا

اهو جيڪو حرام ڪيو الله ۽ ان جي رسول ۽ نٿا قبول ڪن دين سچو انهن مان جيڪي ڏنا ويا

(۱)القرطبي ۱۰۶جلد ۸ (۲) معارف القرآن ص ۳۵۶جلد ۴ (۳) مظهري ص ۱۷۸ جلد ۴

الْكِتَابَ حَتّٰى يُعْطُوا الْجِزْيَةَ عَنْ يَّدٍ وَّهُمْ صَاغِرُوْنَ ﴿٢٩﴾

كتاب تانجو ڏين جزيو هٿ سان حالانڪ اهي (ذليل) مغلوب آهن

تفسير

هن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيتن ۾ مشرڪن جي متعلق احڪام بيان ٿيا ته انهن کي مسجد حرام ۾ اچڻ نه ڏيو ضرورت سمجهو ته انهن سان جنگ ڪيو ۽ هن آيت ۾ اهل ڪتاب يهودين ۽ نصارن سان واسطو رکندڙ احڪام بيان ڪيا ويا آهن ته انهن سان صرف جنگ نه ڪيو پر انهن کان (سرجي بها جذيو) به وٺو.

شان نزول: ابن ابي شيبه، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، ابوالشيخ ۽ سنن ۾ بيهقي، حضرت مجاهد رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته جڏهن حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن پنهنجن اصحابن رضي الله عنهم کي تبوڪ جي جنگ لاءِ حڪم فرمايو تڏهن سندن تائيد لاءِ هيءَ آيت مبارڪ نازل ٿي (١)

فرمان عالي شان آهي: "قَاتِلُوا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَلَا يُحَرِّمُوْنَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَلَا يَدِيْنُوْنَ دِيْنَ الْحَقِّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتَابَ حَتّٰى يُعْطُوا الْجِزْيَةَ عَنْ يَّدٍ وَّهُمْ صَاغِرُوْنَ" اهل ڪتاب مان انهن سان جنگ ڪيو جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان نٿا آڻين ۽ جيڪي الله ۽ ان جي رسول (عليه الصلوٰة والسلام) حرام ڪيو آهي ان کي حرام نٿا سمجهن ۽ نه حق واري دين کي اختيار ٿا ڪن تانجو ذليل ۽ مغلوب ٿي هٿ سان جزيه (سرجي بها) ڏين - ياد رکڻ گهرجي ته جڏهن عرب جي جزيره مان گهٽڻ حصن تي اسلام جو جهنڊو لڳايو ويو ۽ اتي جي رهاڪو مشرڪن جي طاقت ختم ٿي وئي ته پسگر دائيءَ جي حڪومت کي به اسلام جي ان روز بروز وڌندڙ طاقت کان انديشو ٿيڻ لڳو ۽ انهن اسلام کي ڪچلڻ جو تياريون شروع ڪري ڇڏيون هن آيت ۾ مسلمانن کي عرب مشرڪن جي مقابلي جي بجاءِ اهل ڪتاب جي فوجن سان جنگ جا قانون ۽ قائدا بيان ڪيا ويا آهن ۽ انهن سان جنگ ڪرڻ جو سبب بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته انهن ۾ چار بنيادي خرابيون آهن- ١- الله جل جلاله جي پاڪ ذات تي ايمان ڪونه اٿن -٢- قيامت جهڙي عظيم ۽ بلاشڪ اچڻ واري ڏينهن تي به يقين ڪونه اٿن ۽ ان لاءِ هٺرادو

(١) الد رالمنثور ص ١٦٧ جلد ۴

تصور قائم ڪيا اٿن.

۳- آسماني ڪتابن ۾ نازل ڪيل احڪام ڪي نفساني خواهشات جي نذر ڪري ڇڏيو اٿن-

۴- سچي دين کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن- اهڙا ماڻهو جيڪڏهن هن تسلط ۽ اقتدار جا مالڪ بڻيا تہ ظلم ۽ تشدد جو دروازو کلي ويندو ان جي ڪري جيڪڏهن انهن جي طرفان حملي ياعهد ٽوڙڻ جو خطرو هجي تہ انهن سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار رهو- پر جيڪڏهن اهي اسلام جي بالادستيءَ کي تسليم ڪندي اسلامي مملڪت جا پر امن شهري ٿي رهڻ گهرن تہ اهي جزيو ڏئي رهي سگهن ٿا.

جزيو ڇا آهي؟

جزيو اهو ٽيڪس آهي جيڪو ڪنهن ملڪ جي شهرين تي رکيو ويندو آهي ۽ تاريخ جي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ ان جي شروعات اسلام کان اڳي ايران جي بادشاهہ نوشيروان ڪئي هئي عرب جا اهي صوبا جيڪي ايران جي ڪنٽرول ۾ هئا ان کان بخوبي واقف هئا ان جي ڪري ئي جڏهن يمن جا عيسائي (اهل نجران) بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيا هئا تہ انهن اسلام قبول ڪرڻ کان معذرت ظاهر ڪندي جزيہ اداڪرڻ تي ساڻن صلح ڪيو هو اسلامي تاريخ ۾ اهو پهريون جزيہ هو جيڪو وصول ڪيو ويو. جزيہ حاصل ڪرڻ جا مختلف وجه آهن ۱- تہ اهو انهن اهل ڪتاب جي قتل نہ ڪرڻ جو بدلو آهي ۲- انهن جي حفاظت ۽ ڪانئن فوجي خدمتون نہ وٺڻ جو معاوضو آهي ۳- تہ انهن کي جيڪي اسلامي مملڪت جي شهري هجڻ ۾ برابر جا حق حاصل آهن ۽ ڪين مذهبي ۽ معاشي آزادي ڏني وئي آهي ان جو عوض آهي ۴- تہ سندن جان ۽ مال جي حفاظت جو جيڪو ذمو کنيو ويو آهي ان جو بدلو آهي- حبيب پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي سيرت پاڪ کي جيڪڏهن مطالعو ڪجي ٿو تہ صاف معلوم ٿئي ٿو تہ جزيہ جي وٺڻ جو مقصد ادا ڪندڙن کي فوجي خدمتن کان مستثنیٰ ڪرڻ ۽ سندن جان، مال، ۽ عزت جي حفاظت ڪرڻ جو معاوضو آهي حضرت خالد بن وليد صلو بابن نسطونا ۽ سندس قوم سان جيڪو معاهدو ڪيو هو ان جا الفاظ هي هيا.

هذا كتاب من خالد بن الوليد لصلوبا بن نسطونا وقومه اني عاهدتكم على الجزية والمنعة فلك الذمة والمنعة ومامنعناكم (اي حميناكم) فلنا الجزية والافلا-

كتب سنة اثنتي عشرة في صفر (۱)

هن روايت ۾ ان سان هم معنىٰ ٻين متعدد روايتن مان خبر پوي ٿي تہ اهو جزيہ ان ذميداريءَ جو معاوضو هو جيڪا مسلمان سندن حفاظت لاءِ پنهنجي مٿان رکندا هئا. ۽ ائين بہ ٿيو تہ جڏهن بہ مسلمانن محسوس ڪيو تہ اهي ان ذميداريءَ کي پوري ڪرڻ ۾ قاصر رهندا تہ انهن جزيہ واري وصول ڪيل رقم بہ واپس ڪري ڇڏي جيئن يرموڪ جي جنگ کان پهريان جڏهن مسلمانن جنگي مصلحت کي پيش نظر رکي حمص وغيره علائقن کي خالي ڪرڻ ضروري سمجهيو تہ اسلامي فوجن جي عام سپہ سالار حضرت ابوعبيده رضي الله عنه پنهنجي ماتحت سڀني جنرلن کي حڪم موڪليو تہ پنهنجن پنهنجن علائقن مان جيڪو جزيہ ۾ وصول ڪيو اٿوَ اهو انهن کي واپس ڪيو ۽ کين ٻڌايو تہ اوهان جي حفاظت جي جيڪا ذميداري اسان قبول ڪئي هئي، جنهن جي عيوض اوهان اسان کي هي رقمون ڏنيون هيون اسين اها ذميداري نڀائڻ کان قاصر آهيون ان جي ڪري اسين اوهان جون رقمون اوهان کي واپس ڪري رهيا آهيون جيڪڏهن الله تعالىٰ اسان کي دشمنن تي ڪاميابي بخشي تہ جيڪو معاهدو اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ ٿي چڪو آهي اهو بحال رهندو جيڪڏهن اوهان ان کي نہ ٽوڙيو تہ اسين ان جي پائيندي ڪنداسون جڏهن اتي جي رهاڪن مسلمانن جو اهو رويو ڏٺو تہ انهن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ "ردكم الله علينا ونصركم عليهم" شال الله تعالىٰ اوهان کي اسان ڏانهن صحيح سلامت موٽائي ۽ انهن جي مٿان اوهان جي مدد ڪري. اوهان اسان کان ورتل رقمون اسان کي واپس ڪيون آهن ۽ جيڪڏهن اسان جا اهي ڪافر پاڻ ڪنهن بهاني سان اسان کان اهي رقمون وٺن ها تہ ڪڏهن بہ واپس نہ ڪن ها اهوئي اهو بي مثل ڪردار هو جنهن غير مسلمانن کي اسلام جو شيدائي بنائي ڇڏيو هو- اميرالمؤمنين حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه جي دور خلافت ۾ اهڙا متعدد واقعا ملن ٿا جن مان واضح ٿئي ٿو تہ جڏهن جزيہ اداڪرڻ وارن جنگ ۾ مسلمانن جو ساٿ ڏنو تہ مٿن لڳايل جزيو معاف ڪيو ويو هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ ڪنهن ڪان جزيو وٺي انهن سان صلح ڪرڻ جائز آهي علامہ ابوبڪر جصاص عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ أهل ڪتاب کان جزيو وٺي انهن سان صلح ڪرڻ جو حڪم تہ قرآن ڪريم ۾ موجود آهي پر مجوسي جيڪي اهل ڪتاب نہ آهن انهن کان بہ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جزيو ورتو ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ اهل ڪتاب کان

(۱) المنار ص ۲۹۴ جلد ۱۰

سواءِ ٻين ڪافرن کان ٻہ جزيو وٺي انهن سان صلح ڪرڻ شرعًا جائز آهي صرف عرب جي بت پرستن کان جزيو وٺڻ جائز نہ آهي انهن جي اڳيان صرف ٻہ رستا آهن. اسلام يا تلوار- ياد رکڻ گهرجي تہ عورتن، انڌن، منڊن، نهايت ٿي معذورن وغيرهم تي جزيو نہ آهي. (۱)

رسول عليه الصلوٰة والسلام

جو گستاخ قتل ڪيو ويندو

علامہ مظهري جزيي جي بحث ۾ آندو آهي تہ: "وفي الفتاوٰى من مذهب ابي حنيفة ان من سب النبي صلى الله عليه وسلم يقتل ولايقبل توبتہ سواء كان مؤمنا اوكافرا" (۲) يعني حضرت امام ابو حنيفتہ عليه الرحمتہ جو مذهب آهي تہ جنهن حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي گستاخي ڪئي اهو قتل ڪيو ويندو ان جي توبہ قبول نہ ڪئي ويندي پوءِ اهو اصلي ڪافر هجي يا مؤمن سڏائڻ وارو هجي.

فائدو- هن آيت ۾ آيل جنگ جي حڪم مان ثابت ٿيو تہ جهاد بہ نماز ۽ روزي وانگر عبادت آهي جيڪو ان جي لاءِ گهربل شرطن جي موجودگيءَ ۾ قيامت تائين جاري رهندو- قاديانين مرتدن ڪافرن جي طرفان جهاد جي منسوخ ٿيڻ وارو قول بالڪل غلط آهي.

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ عُزَيْرُ ِابْنُ اللّٰهِ وَقَالَتِ النَّصٰرَى الْمَسِيْحُ ابْنُ اللّٰهِ ۭ

۽ چيو يهودين تہ عزيز الله جو پٽ آهي ۽ چيو نصارن تہ مسيح الله جو پٽ آهي

ذٰلِكَ قَوْلُهُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ ۚ يُضَاهِــُٔـوْنَ قَوْلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

اهو قول انهن جو سندن منهن سان آهي مشابہ ٿا ٿين قول انهن جي کي جو ڪفر ڪيائون

مِنْ قَبْلُ ۭ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ۝۳۰

اڳ ۾ هلاڪ ڪري انهن کي الله ڪيڏي ٿا اونڌا ڪيا وڃن

(۱) ضياء القرآن ص ۱۹۹جلد ۲ المظهري ۱۸۹ جلد ۴ (۲) المظهري ص ۱۹۲جلد۴

تفسير

اڳين آيتن ۾ ارشاد ٿيو ته يهودي ۽ نصارىٰ نہ الله تعالىٰ تي ايمان رکن ٿا نہ قيامت جي ڏينهن تي. هن آيت ۾ ان جو دليل ٻڌايو ٿو وڃي.

شان نزول

ابن اسحاق، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابوالشيخ، ۽ ابن مردويہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: هڪ ڀيري يهودين جي هڪ جماعت نبي ڪريم عليه الصلاة والسلام جن جي خدمت ۾ آئي ۽ اچي عرض ڪيائون تہ يارسول الله! اسين اسلام ڪيئن قبول ڪريون؟ اوهان اسان جي قبلہ بيت المقدس ڏانهن نماز پڙهي وري قبلو بدلائي ڇڏيو ۽ اوهان حضرت عزير عليه السلام کي بہ الله تعالىٰ جو پٽ ڪري ڪونہ ٿا مڃيو ان کي الله تعالىٰ جو ٻانهو ٿا چئو جيڪڏهن اوهان اهي ٻہ ڪم نہ ڪيو ها تہ ممڪن هو تہ اسين ايمان آڻي موءمن بڻجون ها انهن جي رد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي. (۱) فرمان مبارڪ آهي "وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ عُزَيْرُنِ ابْنُ اللّٰهِ وَقَالَتِ النَّصٰرَى الْمَسِيْحُ ابْنُ اللّٰهِ" يهودين چيو تہ عزير الله جو پٽ آهي ۽ نصارن چيو تہ مسيح (حضرت عيسىٰ) الله جو پٽ آهي- جڏهن يهودين جون بي فرمانيون حد کان لنگهي ويون انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام کي شهيد ڪرڻ توراة جي احڪام ۾ پنهنجي خواهشات مطابق تاويلات ڪرڻ انهن جي عادت بنجي وئي تہ مٽن بخت نصر ظالم بادشاهہ (متوفىٰ ۵٦۱ق م) جي صورت ۾ الاهي عذاب ظاهر ٿيو ۽ ان ظالم بيت المقدس جي سر سر کان ڏار ڪري ڇڏي هزارن جي تعداد ۾ يهودين کي قتل ڪيائين ۽ ان وقت توراة شريف جا موجود نسخا ضايع ۽ گم ٿي ويا تہ ان وقت حضرت عزير عليه الصلوٰة والسلام جنهن کي عبراني ٻوليءَ ۾ عزرا (اي زيڊ آر اي) (متوفىٰ ۴۵۸ق م تقريبًا) چوندا آهن پنهنجي حفظ ۽ ياد جي مطابق پراڻي دور جي لکيل توراة مطابق وري توراة لکايو ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن توراة جو هڪ قديم نسخو هٿ آيو تہ اهو بعينہ ان طرح لڌو ويو جيئن حضرت عزير عليه الصلوٰة والسلام لکايو هو- ان کان پوءِ يهودين جي دلين ۾ حضرت عزير عليه الصلوٰة والسلام جو قدر ۽

(۱) الدرالمنثور ص ۱۷۱ جلد ۴ نعيمي ۲۵۹ جلد ۱۰

مرتبو پيدا ٿيو ۽ کيس موسوي دين جو مجدد قرار ڏنو ويو ۽ کن يهودين ته غلو ۾ پئجي کيس الله جل شانه جو پٽ سڏڻ شروع کيو عام يهودين جو عقيدو اهو نه هو انهن مان هڪ گروپ جو عقيدو اهو هو جن جا نالا هي آهن، سلام بن شکم، نعمان بن اوفيٰ، ابو انس، وشاس بن قيس ۽ مالک بن صيف وغيرهم (١) ۽ هاڻي ان عقيدي وارا يهودي دنيا تان ختم ٿي چڪا آهن کوبه نه رهيو آهي. (٢) ۽ هتي آيت ۾ به اهو قول مطلق يهودين ڏانهن ان جي ڪري منسوب ڪيو ويو آهي جو ڪنهن به قوم جا بااثر ماڻهو جيڪڏهن ڪا ڳالهه ڪندا آهن ته اها ان ساري قوم ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي. (٣)

ياد رکڻ گهرجي ته ابن ۽ ولد ٻئي عربي لفظ آهن ولد صلبي اولاد کي سڏيو ويندو آهي ۽ ابن جي لفظ جي به حقيقي معنيٰ اها ئي آهي پر مجازي طور محبوب ۽ دادلي کي به ابن سڏيو ويندو آهي جيئن "نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّاۗؤُهٗ" ۾ "ابناء" دادلن جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي حضرت عيسيٰ عليه الصلاة والسلام جي لاءِ عيسائين جي اڪثريت جو اهو عقيدو آهي- علامه ابوحيان اندلسي عليه الرحمته لکيو آهي ته جڏهن محمدي نبوة جو سج روشن ٿيو ۽ پٽ هجڻ جي عقيده جي باطل هجڻ تي مضبوط دلائل قائم ڪيا ويا ۽ مناظرن ۾ به عيسائين کي لاجواب ٿيڻو پيو ته مجبور ٿي انهن ابن الله جي مجازي مفهوم يعني (محبوب) بيان ڪرڻ شروع ڪئي.(١)

"ذٰلِكَ قَوْلُهُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ يُضَاهِـُٔوْنَ قَوْلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ" اهو انهن جو قول سندن منهن سان آهي جنهن سان اڳين ڪافرن جي قول سان مشابه ٿين ٿا مقصد ته اها سندن ڳالهه غلط ۽ بنا دليل جي آهي وٽن ان جو ڪوبه ثبوت نه آهي علم معاني جي برک عالمن لکيو آهي ته قرآن ڪريم ۾ جتي به قول سان گڏ فم (وات) يا لسان (زبان) جو ذڪر ٿيل آهي اتي ان قول جي معنيٰ غلط ۽ اجائي ڳالهه آهي ۽ آيت جي ان الفاظ مان ان امر ڏانهن اشارو ٿي رهيو آهي ته يهودي ۽ عيسائي جيڪي حقيقت ۾ توحيد جا علمبردار رهيا انهن ۾ مشرڪن وارن نظريات جي اثر ڪرڻ جو وجه هي آهي ته انهن جي چوطرف جيڪي مشرڪ قومون آباد هيون اهي الله جل جلاله کي مجسم شيءِ مڃيندا هئا ۽ ٻين شين ۾ ان جي حلول (الهي داخل ٿيڻ) جا قائل هئا- مثلاً يونان جا فلسفي- انهن ڪان هي متاثر ٿيا ۽ انهن جي مشرڪانه نظريات کي وڏي

(١) الدرالمنثور ص ١٧١جلد ۴ (٢) البحر المحيط ص ٣١ جلد ٥
(٣) ضياءالقرآن ١٩٧ جلد ٢ (۴) البحرالمحيط ص ٣١ جلد ٥

فراخدليءَ سان پنهنجي توحيد واري دين ۾ داخل ڪيائون- يهودي ۽ عيسائي مذهب کهڙيءَ طرح يوناني، رومي، ۽ مصري فلسفيانہ نظريات کان متاثر ٿيا اهو هاڻي ڪو راز نہ رهيو آهي يورپ جي محققن پاڻ ان موضوع تي وڏا وڏا ڪتاب لکي قرآن حڪيم جي ان ارشاد کي تسليم ڪيو آهي. (١)

"قَاتَلَهُمُ اللّٰهُ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ" هلاڪ ڪيو انهن کي الله ڪيڏي ٿا اونڌا ڪيا وڃن، يعني انهن کي خدا جي مار پوي حقيقت کي ڇڏي ڪيڏانهن ٿا اونڌا ڪري ڦيرايا وڃن- علامہ اسماعيل حقي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ هي استفهام تعجب جو آهي جنهن ۾ انهن کي پٽيو ويو آهي (٢)

فائدو- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ عيسائي ۽ يهودي ابن هجڻ جي عقيدي ۾ برابر آهن عيسائي حضرت عيسىٰ کي الله جو پٽ ۽ يهودي حضرت عزير عليهما السلام کي الله جو پٽ سمجهندا هئا-

اِتَّخَذُوْۤا اَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ

ورتائون پادرين ۽ راهبن پنهنجن کي رب ڪري سواءِ الله جي

وَالْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ ۚ وَمَاۤ اُمِرُوْۤا اِلَّا لِيَعْبُدُوْۤا اِلٰهًا

۽ مسيح پٽ مريم جي کي ۽ نہ امر ڪيا ويا مگر تانت عبادت ڪن معبود

وَّاحِدًا ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ سُبْحٰنَهٗ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٣١﴾

هڪ جي نہ آهي ڪوبہ عبادت جو حقدار سواءِ ان جي پاڪائي آهي ان جي ان کان جو شرڪ ڪن ٿا

تفسير

اڳين آيتن ۾ يهودين ۽ نصارن جي مشرڪ هجڻ جو هڪ اهو وجہ بيان ڪيو ويو آهي تہ: انهن حضرت عزير ۽ مسيح عليهما السلام کي الله تعالىٰ جو پٽ چيو هو جيئن مشرڪن ملائڪن کي الله تعالىٰ جون ڌيئرون سڏيو هو ۽ هتي انهن جي مشرڪ هجڻ

(١) ضياءُ القرآن ص ١٩٧ جلد ٢ (٢) روح البيان ص ۴١٥ جلد ٣

جو ٻيو وجه بيان ڪيو ٿو وڃي تہ انهن پنهنجن ڀين ڀوپن پادرين کي بہ الله تعالىٰ وانگر رب سمجهيو هو، جيئن هندن پنهنجن پنڊتن کي سمجهيو هو تہ انهن جا احڪام الله تعالىٰ جي احڪام وانگر هوندا آهن گويا سندن اعتقادي شرڪ بيان ڪرڻ کان پوءِ سندن عملي شرڪ بيان ڪيو ويو آهي.

فرمان ايزدي آهي: "اِتَّخَذُوٓا اَحۡبَارَهُمۡ وَرُهۡبَانَهُمۡ اَرۡبَابًا مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَالۡمَسِيۡحَ ابۡنَ مَرۡيَمَ" پنهنجن پادرين ۽ راهبن ۽ مسيح پٽ مريم جي کي الله کان سواءِ رب بنايائون، يعني حلال ۽ حرام ڪرڻ وارو جيڪو شان رب العالمين جو آهي هنن اهو پنهنجن ڀوپن، پادرين ۽ راهبن کي ڏنو هو آسماني ڪتابن جي فرمودات کي ڇڏي ڪري پنهنجن عالمن ۽ مشائخن کي نذرانا وغيره ڏيئي پنهنجي مرضي مطابق حلال ۽ حرام ڪرائيندا هئا- شاه عبدالقادر دهلوي لکيو آهي تہ: عالم جو قول عوام جي لاءِ تيستائين سند آهي جيستائين اهو ان کي شريعت جي دلائل مان سمجهي بيان ڪري پر جيڪڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ ان اهو قول لالچ جي ڪري چيو آهي تہ اهو سند نہ آهي، (١) "وَمَآ اُمِرُوٓا اِلَّا لِيَعۡبُدُوٓا اِلٰهًا وَّاحِدًا لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ" حالانڪہ امر تہ اهو ڪيا ويا هئا تہ عبادت صرف هڪ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ نہ ڪن- يعني توراة ۽ انجيل ۽ سڀني آسماني ڪتابن ۾ انهن کي اهوئي حڪم ڪيل هو تہ اهي عبادت صرف هڪ الله جي ڪن ان جي فرمان کي اڳيان رکن پر انهن الله تعالىٰ جي بالمقابل پنهنجن ڀوپن ۽ پادرين کي حرام ۽ حلال ڪرڻ جو مالڪ بنائي ڇڏيو انهن کي سجدا ڪري انهن کان پنهنجا گناه بخشائيندا ۽ انهن جي عبادت ڪندا هئا.

انهيءَ جي ڪري انهن سڀني آسماني ڪتابن جي مخالفت ڪئي- حالانڪہ الله جل جلالہ کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي هر قسم جي عبادت ان کي سونهي ٿي ۽ ان جي لاءِ لائق آهي. پوءِ اها عبادت اعتقادي عملي هجي يابدني هجي يا مالي. "سُبۡحٰنَهٗ عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ" ان جي هر طرح پاڪائي آهي ان کان جو هي شرڪ ڪن ٿا.

يعني رب العزة جل شانہ انهن ٻنهي جماعتن يهودين ۽ نصارن جي هر قسم جي شرڪ کان پاڪ ۽ صاف آهي.

فائدا- هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- الله جل جلالہ ۽ ان جي رسول مقبول صلى الله عليه وسلم جي حڪم جي مقابلي ۾ ڪنهن ٻئي جي حڪم کي مڃڻ يا سٺو سمجهڻ ۽ قرآن حڪيم ۽ حديث پاڪ جي احڪام کي ناقابل عمل

(١) موضع القرآن ص ٣١۴ حاشيہ ٢

سمجهڻ ۽ برو چاڻڻ صريح ڪفر آهي ۽ اهڙو ذهن رکندڙ نهايت بدتر ۽ الله عز وجل جلاله جي مقابلي ۾ ٻين کي الله سمجهندڙ آهي.

افسوس صد افسوس

ياد رکڻ گهرجي ته اهو ذهن اڄ ڪلهه جي ڪلمه پڙهڻ وارن بي دينن، گمراهن، فاسقن ۽ فاجرن پيرن جي مريدن جو به ٿي ويو آهي جيڪڏهن انهن کي قرآن پاڪ جي آيت يا سهڻي نبي عليه الصلوٰة والسلام جي حديث مبارڪ ٻڌائجي ٿي ته ان ڪان بي توجهي ڏيکاريندي چوندا آهن ته اسان جو پير ته ائين ڪونه ٿو چوي. "مَعَاذَاللهُ ثُمَّ مَعَاذَاللهُ" شال رب العزة جل جلاله ان غلط ذهن کان بچائي.

۲- الله جل مجده ۽ ان جي حبيب عليه الصلوٰة والسلام جي مقابلي ۾ ڪنهن ٻئي جي اطاعت ڪرڻ درپرده ان کي الله سمجهڻ آهي- ۳- شرڪ جا ٻه قسم آهن ۱- عملي، ۲- اعتقادي- ڪنهن ٻانهي کي الله وانگر سمجهڻ شرڪ عملي آهي يهودين ۽ عيسائين مسيح بن مريم ۽ احبار ۽ رهبان کي رب بنايو- پر احبار ۽ رهبان کي عملي طور ۽ مسيح بن مريم کي اعتقادي طور.

سوال

اوهان اهل سنت وجماعت سڏائيندڙن ٻه حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کي حرام ۽ حلال ڪرڻ جو مختار مڃيو آهي اهو به چڻ ڪين رب بنائڻ ۽ شرڪ آهي. ان جي ڪري اوهان به مشرڪ آهيو؟

جواب

حضور عليه الصلاة والسلام جن کي حرام ۽ حلال ڪرڻ جو اختيار رب العزة جل جلاله پاڻ ڏنو آهي. جيئن فرمان عالي شان آهي "وَلَايُحَرِّمُوْنَ مَاحَرَّمَ اللهُ وَرَسُوْلُهٗ" (۱) ۽ جيڪي الله ۽ ان جي رسول حرام ڪيو آهي ان کي حرام نٿا سمجهن. ٻيءَ جاءِ تي ارشاد مبارڪ آهي: "وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ" (۲) ۽ (رسول الله صلى الله عليه وسلم) انهن جي لاءِ پاڪ شيون حلال ٿو ڪري ۽ پليد شيون حرام ٿو ڪري. ٽيئن جاءِ تي فرمان مبارڪ آهي- "وَلِاُحِلَّ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِیْ حُرِّمَ عَلَيْكُمْ" (۳) ۽ تانته مان (نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم) اوهان جي لاءِ بعض اهي شيون حلال ڪيان جيڪي اوهان تي حرام ڪيون ويون آهن عيسائين ۽ يهودين جي طرفان پنهنجن پوپن

(۱) سورة التوبه آيت ۲۹ (۲) سورة اعراف آيت ۱۵۷ (۳) سورة آل عمران آيت ۵۰

۾ پادرين کي حرام ۾ حلال ڪرڻ جو مالڪ سمجهڻ ان جي ڪري شرڪ هو جو رب العزة جل جلاله جي طرفان انهن کي اهي اختيار عطا ڪيل نه هئا پر حبيب اڪرم نور مجسم صلي الله عليه وسلم جن کي الله جل شانه پاڻ اهي اختيار ڏنا آهن ان جي ڪري ڪين حلال ۾ حرام ڪرڻ جو مختار سمجهڻ نه شرڪ آهي نه ڪفر- مشرڪ جو پٿر ڏانهن منهن ڪري سجدو ڪرڻ ۾ گنگا جي تعظيم ڪرڻ شرڪ آهي ڇو ته الله جل شانه جو اهو امر نه آهي پر مسلمان جو ڪعبه ڏانهن منهن ڪري مالڪ مٺي کي سجدو ڪرڻ ۾ زم زم شريف جي تعظيم ڪرڻ عين ايمان آهي ڇو ته ايزدي امر آهي.

سوال

اوهان مجتهدن امامن حضرت امام اعظم، امام مالڪ، امام شافعي، امام احمد بن حنبل رضي الله عنهم جي تقليد ڪري انهن کي " أَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ " بنايو آهي، جيڪو هن آيت جي روشنيءَ ۾ شرڪ آهي (غير مقلد)

جواب

اها اوهان جي سمجهه جي غلطي آهي اسان انهن بزرگن جي طرفان قرآن ڪريم ۾ نبوي حديث جي روشنيءَ ۾ تحقيق ڪيل مسئلن تي عمل ڪندا آهيون اسان جو عمل قرآن پاڪ ۾ حديث جي فرمانن تي آهي هي انهن جي مقابلي ۾ قطعًا نه آهي.

يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّطْفِئُوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَيَاْبَى اللّٰهُ اِلَّآ اَنْ يُّتِمَّ

ارادو ٿا ڪن ته وسائن الله جي نور کي واتن پنهنجن سان ۾ انڪار ٿو ڪري الله مگر هي ته پورو ڪري پنهنجي

نُوْرَهٗ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٣٢﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى

نور کي جيتوڻيڪ نه پسند ڪيو ڪافرن اهو (الله) اهو ئي آهي جو موڪليائين رسول پنهنجو هدايت

وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾

النصف

۾ سچي دين سان تانته غالب ڪري ان کي سڀني دين تي جيتوڻيڪ نه پسند ڪيو مشرڪن

تفسير

اڳيئن آيت ۾ يهودين ۽ نصارن جي طرفان ڪين مليلن دينن کي تبديل ڪرڻ ۽ مٽائڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ سندن طرفان اسلام ۽ اسلام آڻيندڙ نبي عليه الصلوٰة والسلام کي مٽائڻ ۽ شهيد ڪرڻ جي ڪوشش جو بيان ٿي رهيو آهي- فرمان مبارڪ آهي "يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَاللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ" ارادو ٿا ڪن ته الله جي نور کي پنهنجن واتن (ڦوڪون ڏيڻ) سان وسائين-

نور مان ڇا مراد آهي؟

يادرکڻ گهرجي ته هن آيت ۾ ذڪر ڪيل "نُوْرَاللّٰهِ" الله جي نور مان مراد ٻه قول آهن-
١- ابن ابي حاتم سدي کان روايت آندي آهي ته ان مان مراد اسلام آهي ڪافرن جو ارادو هو ته پنهنجن زباني بيانن سان ان جي مخالفت ڪري ان کي ختم ڪن. ٢- ابن ابي حاتم ضحاڪ کان روايت آندي آهي ته الله جي نور مان مراد حضور عليه الصلوٰة والسلام جن آهن- ڪافرن جو ارادو هو ته کين شهيد ڪري ڇڏين. (١)

"وَيَاْبَى اللّٰهُ اِلَّآ اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَلَوْكَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ"

۽ الله انڪار ٿو ڪري مگر هي ته پنهنجي نور کي پورو ڪري جيتوڻيڪ ڪافر پسند نه ڪن- مطلب ته الله جل جلاله جي خالص توحيد، اسلام ۽ مصطفوي نبوت جو سج جڏهن چوٽيءَ تي چڙهي

چمڪي رهيو آهي ته اهي ڪافرانه ۽ مشرڪانه پاليسيون ڪٿي ڪامياب ٿينديون اها ڪوشش ڪرڻ ته حقيقت کان خالي بي مغز ڳالهين، فضول بحث ۽ جهيڙن سان حق جي نور کي ختم ڪجي ائين آهي جيئن ڪو بي وقوف ڦوڪون ڏيئي سج يا چنڊ جي روشنيءَ کي وسائڻ جي ڪوشش ڪري - ڪافر ڪيترو به ناپسند ڪن پر ٿيندو ڪجهه به نه-

نور خدا ہے کفر کی حرکت پہ خندہ زن
پهوکوں سے یہ چراغ بجھایا نہ جائیگا

فائدا: هن آيت کي سمجهڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ١- قرآن پاڪ جي مفسر ضحاڪ جي بقول نورالله مان مراد حضور عليه الصلوٰة والسلام جن آهن- ان مان

(١) الدرالمنثور ص ١٧٥ جلد ۴

ثابت ٿيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن الله جو نور آهن جيئن ہين آيتن مان بہ ثابت آهي، ٢- حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جي شان گهٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا، شان مبارڪ ہڏي چڙهڻ وارا، سندن عظمت سان ساڙ رکڻ وارا قرآن ڪريم جي حڪم مطابق ڪافر آهن جيئن "وَلَوْكَرِهَ الْكَافِرُوْنَ" مان صاف ظاهر ۽ واضح آهي.

"هُوَالَّذِيْ أَرْسَلَ رَسُوْلَهُ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهُ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهِ وَلَوْكَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ"

اهو الله اهوئي تہ آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو تانتہ ان کي سڀني دينن تي غالب بنائي جيتوڻيڪ مشرڪ پسند نہ ڪن-

مطلب تہ: الله تعالىٰ جنهن هدايت ۽ سچي دين سان پنهنجي رسول عليه الصلواة والسلام کي موڪليو آهي جيستائين دليل ۽ برهان جو تعلق آهي- تہ اهو سڀني دينن تي غالب آهي هر جاءِ هر زماني ۾ دليلن جي لحاظ سان مسلمان غير مسلمان تي فاتح رهيو آهي ۽ جڏهن بہ مسلمانن الاهي احڪام کي دل جي سچائيءَ سان پنهنجو ڪري ان تي عمل ڪيو آهي تہ سياسي اقتدار بہ سندن غلام رهيو آهي- بغوي حضرت ابو هريرة ۽ ضحاڪ کان آندو آهي تہ اسلام جو اهو ڪامل، مڪمل غلبو حضرت عيسىٰ عليه السلام جي آسمان کان نزول وقت ٿيندو تانجو ڪوبہ ٻئي دين وارو نہ رهندو سڀ اسلام ۾ داخل ٿيندا. (١) ۽ صحيح مسلم ڪتاب الفتن واشراط الساعة ۾ حضرت ثوبان رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو-

"إِنَّ اللهَ زَوٰي لِيَ الْأَرْضَ فَرَأَيْتُ مَشَارِقَهَا وَمَغَارِبَهَا وَسَيَبْلُغَ مُلْكُ أُمَّتِيْ مَازُوِيَ لِيْ مِنْهَا"

يعني الله تعالىٰ مون لاءِ زمين جا اوڀر ۽ اولهہ گڏ ڪري ڏيکاريا ۽ منهنجي امت جي بادشاهي اتي پهچندي جيڪو مون کي گڏ ڪري ڏيکاريو ويو آهي ۽ امام احمد بہ روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو:

"إِنَّهُ سَتُفْتَحُ لَكُمْ مَشَارِقُ الْأَرْضِ وَمَغَارِبُهَا وَإِنَّ عُمَّالَهَا فِي النَّارِ إِلَّا مَنِ اتَّقَى اللهَ وَأَدَّى الْأَمَانَةَ" (٢)

يعني هيءَ ڳالهہ يقيني آهي تہ جلد اوهان لاءِ زمين جا اوڀر ۽ اولهہ فتح ڪيا ويندا ۽ ان جا عملدار جهنم ۾ ويندا پر جيڪو الله کان ڊڄندو ۽ امانت ادا ڪندو اهو جهنم ۾ نہ ويندو.

فائدا: هن آيت کي سمجهڻ سان هي فائدا ذهن ۾ آيا آهن- "١" هدايت ۽ سچو دين حضور عليه الصلوٰة والسلام جن سان ائين وابستہ آهن جيئن روشني سج

(١) مظهري ص ١٩٥ جلد ۴ (٢) تفسير لقاسمي ص ١٨٩ جزء ٨ جلد ٥

سان حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڇڏي نہ کنهن کي هدايت ملندي نہ سچو دين نصيب ٿيندو- "۲" "بِالْهُدٰى" جي "ب" مان ثابت ٿيو تہ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن هدايت ۽ سچي دين کان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿيا ۽ نہ ٿيندا جيڪو ڪين هدايت ۽ حق واري دين کان هڪ سيڪنڊ بہ جدا سمجهي اهو ڪافر ۽ گمراهہ آهي - "۳" جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي ڪنهن وقت مسلمان ڪافرن کان دٻجي وڃن ٿا تہ بہ مايوسي نہ ڪجي اها حالت عارضي هوندي آهي دائمي غلبو ۽ ڪاميابي اسلام کي آهي -اڄ بہ قرآن پاڪ سيني مذهبي ڪتابن توراة، انجيل" زبور ويد ۽ شاسترن تي غالب آهي- دنيا ۾ ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب جا اثين ۽ ايترا حافظ نہ آهن جيترا قرآن ڪريم جا آهن ۽ ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب جا ايترا تفسير لکيل نہ آهن جيترا قرآن ڪريم جا آهن- قرآن پاڪ جا مختلف زبانن ۾ تقريبًا هڪ لک (۱۰۰۰۰۰) تفسير لکجي چڪا آهن- (۱) اهوئي قرآن پاڪ آهي جيڪو سيني کان وڌيڪ ڇپجي ٿو، وڌيڪ پڙهيو وڃي ٿو- بغير سمجهڻ جي بہ ان جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ ۾ لذت ايندي آهي ۽ ٻڌندڙن کي تڙپائيندو آهي اسلام جون مسجدون دنيا جي سيني عبادت گاهن کان وڌيڪ آهن ۽ اسلام جا مرڪزي شهر مڪه ۽ مدينه دنيا جي ٻين مقدس مقامن تي غالب آهن-

۴- حضور عليه الصلوٰة والسلام جن دنيا جي ٻين سيني مذهبي اڳواڻن کان غالب آهن اڄ بہ جيترو زور شور مان سندن شان بيان ڪيو ٿو وڃي ايترو ٻئي ڪنهن جو بہ بيان نٿو ڪيو وڃي، سندن ثي صفتون من موهيندڙ آهن دنيا جي ڪيترين ٻولين ۾ هڪ لک کان وڌيڪ سندن سيرت ۽ تاريخ جي موضوع تي ڪتاب لکيل آهن سندن ثي محبت وارا خادم الله تعالىٰ جا ولي آهن ٻئي ڪنهن بہ دين ۾ ولي نہ آهن سندن صدقي سندن شهر مدينہ منوره جي گهٽين، گهيڙن، اتي جي اڏامندڙ دز لاءِ بہ عاشقن ادب ۽ محبت مان شعر ڻاهيا ۽ ڻاهيندا رهن ٿا. ۵- "وَلَوْكَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ" مان ثابت ٿيو آهي تہ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي آندل دين اسلام ۽ سندن شان کي نہ پسند ڪندڙ مشرڪ هوندا مسلمان نہ هوندا-

اعتراض

مٿي اوهان لکي آيا آهيو تہ "نُوْرَاللهِ" مان مراد ضحاڪ جي بقول حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن. پر اهو قول صحيح نہ آهي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن تہ خالص بشر آهن نور نہ آهن-

(۱) نعيمي ص ۲۷۵ جلد ۱۰

جواب

نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن لاءِ قرآن پاڪ ۾ بشر هجڻ جو جيڪو ذڪر آهي اهو بہ حق آهي نور هجڻ جو جيڪو بيان آهي اهو بہ حق آهي نور هجڻ بشر هجڻ جو ضد نہ آهي ماڻهو پڇندا آهن تہ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم نور آهن يا بشر اهو سوال ئي غلط آهي يا اتي ڳالهائبو آهي جتي اهي بہ شيون هڪ ٻئي جو ضد هجن جيئن چئجي تہ هي رات آهي يا ڏينهن، هيءَ شيءِ باهہ آهي يا پاڻي وغيره نور ۽ بشر هڪ ٻئي جا ضد نہ آهي ان جي ڪري نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي نور هجڻ ۽ بشر هجڻ لاءِ جيڪو قرآن پاڪ جو فرمان آهي اهو حق آهي جيئن سندن بشريت قرآن ڪريم بيان ڪئي آهي تيئن سندن نور هجڻ جو ذڪر بہ ڪيترين آيتن ۽ نبوي حديثن ۾ آهي جن سيني تي ايمان آڻڻ فرض آهي. پر جڏهن تہ سندن نور هجڻ بشر هجڻ کان اڳ ۾ آهي ان جي ڪري اسان جو عقيدو آهي تہ سندن حقيقت نور آهي ۽ جنهن صورت ۾ تشريف فرما ٿيا اها بشر آهي. "والله الملهم لفهم الحق والصواب"

سوال

آيت مبارڪ ۾ آهي تہ: الله پنهنجي نور کي پورو ٿو ڪري- جيڪڏهن اتي نور مان مراد نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن آهن تہ پوري ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي؟ ڇا پاڻ ناقص آهن جو ڪين پورو ڪيو ٿو وڃي؟

جواب

اتي پوري ڪرڻ مان مراد سندن ظهور کي پوريءَ طرح ميدان ۾ آڻڻ آهي- جيئن سج اڀرڻ شرط سج آهي پر منجهند جي وقت ان جي روشني مڪمل طرح ظاهر ٿيندي آهي- تيز هوندي آهي. اها ان جي روشنيءَ جي ظهور جي ڪماليت آهي.

سوال

اوهان چيو آهي تہ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن هدايت کان هڪ سيڪنڊ بہ جدا نہ آهن پاڻ هميشہ هدايت جا صاحب آهن پر قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي-

"وَوَجَدَكَ ضَالًّا فَهَدَىٰ"(1)ءِ اوهان کي ضال لڌائين پوءِ هدايت ڪيائين،ضال جي معنىٰ ڇا آهي؟

(1) سورة الضحىٰ آيت ۷

جواب

هن آيت ۾ جيڪو بہ "ضَالًّا" جي معنىٰ گمراهہ ڪندو اهو پاڻ گمراهہ ۽ ڪافر آهي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن گمراهيءَ کان هر وقت، هر طرح پاڪ آهن جيئن قرآن ۾ ارشاد آهي: "مَاضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَاغَوَىٰ"(۱)

۽ اوهان جي ساٿ رهڻ وارو (محبوب) نہ گمراهہ ٿيو نہ ڀٽڪيو- "ضَالًّا" جي معنىٰ آهي تہ توکي هدايت جو نشان، نهايت بلند ۽ بالا لذائين پوءِ تنهنجي ذريعي بين کي هدايت ڪيائين- ان جي ڪري "فَهَدَاكَ" توکي هدايت ڪيائين نہ آيو آهي صرف "فَهَدَىٰ" هدايت ڪيائين آيو آهي-(۲)

سوال

اوهان چئو ٿا تہ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کان هدايت هڪ سيڪنڊ بہ پري نہ ٿي آهي حالانڪہ قرآن پاڪ ۾ آهي، "مَاكُنْتَ تَدْرِيْ مَا الْكِتَابُ وَلَا الْاِيْمَانُ" توکي خبر ئي نہ هئي تہ ڪتاب ڇا آهي ۽ نہ خبر هيئي تہ ايمان ڇا آهي؟
جڏهن ڪين ڪتاب تہ ڇا ايمان جي بہ وحي کان اڳ ۾ خبر نہ هئي تہ ڪين هدايت جي ڪهڙي خبر؟

جواب

ان سوال جا ٻہ جواب آهن، ۱- الزامي، ۲- تحقيقي- الزامي هي آهي تہ
حضرت عيسىٰ عليه السلام ڄمندي ئي هدايت وارو هو جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي-
"اِنِّيْ عَبْدُاللهِ اٰتَانِيَ الْكِتَابَ وَجَعَلَنِيْ نَبِيًّا"
(۳)مان الله جو ٻانهو آهيان مون کي ڪتاب ڏنو اٿس ۽ مون کي نبي بڻايو اٿس. اهو تہ اوهان بہ تسليم ڪيو ٿا پوءِ حضور عليه الصلوه والسلام جن جيڪي حضرت عيسىٰ عليه السلام جا بہ سردار آهن- انهن جو هميشہ هدايت تي هجڻ ڇو نٿا مڃيو؟ تحقيقي جواب هي آهي تہ اوهان جي طرفان اعتراض ۾ پيش ڪيل آيت ۾ "تَدْرِيْ" لفظ درايت کان ورتل آهي درايت جي معنىٰ آهي اٽڪل سان ڄاڻڻ جنهن ۾ غلطيءَ جو امڪان هوندو آهي- مطلب آهي تہ اوهان اٽڪل سان ڪونہ ٿي ڄاتو تہ ڪتاب ڇا آهي ۽ ايمان ڇا آهي ڇو تہ اٽڪل ۾ غلطيءَ جو امڪان هو اوهان الله تعالىٰ جي ڄاڻائڻ سان ڄاتو جنهن ۾ ڪنهن بہ غلطيءَ جو امڪان نہ آهي. هدايت جو نہ هجڻ تہ ثابت ئي ڪونہ

(۱) سورة النجم آيت ۲ (۲) الشوریٰ آيت ۵۲ (۳) سورة مريم آيت ع۳۰

آهي- ٿورو سوچي سمجھي پوءِ اعتراض ڪيو.

صوفيانہ نڪتو

بعض شيون پانهن جون روشن ڪيل هونديون آهن جيئن ڏيو، گيس ۽ بجلي انهن کي پانهو بند بہ ڪري سگهي ٿو تہ کولي بہ سگهي ٿو. ۽ ڪي شيون سڌيون رب العالمين جل جلالہ روشن ڪيون آهن جيئن سج، چنڊ، تارا وغيره انهن کي جيڪڏهن سيئي پانها ملي وسائڻ تہ بہ نہ وسامندا- ان ئي نموني سان روحانيت جي جهان ۾ ڪي پنهنجي ڪوشش سان روشن ٿيندا آهن تہ ڪي ڪنهن جي عنايت سان پر اهي جلد وسامي ختم بہ ٿي سگهن ٿا مگر روحاني قوتن کي الله تعالىٰ روشن ڪيو آهي جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ ٻيا انبياء عليهم السلام، اصحاب سڳورا، امام پلارا، ۽ اولياء عظام- اهي نہ ڪنهن جي وسائڻ سان وسامندا نہ ڪنهن جي ختم ڪرڻ سان ختم ٿيندا صوفياءِ ڪرام فرمايو آهي تہ اسان سڀ الله تعالىٰ جا پانها آهيون اسان کي ان جي ربوبيت تي ناز آهي تہ اسين رب جا پانها آهيون پر حضور عليه الصلواة والسلام جن اها عالي صفات ذات آهن جن تي رب العالمين جي ربوبيت کي ناز آهي- رب العزة جل شانه جو ارشاد آهي تہ مان اهو رب آهيان جنهن اوهان ڏانهن حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جهڙي هستيءَ کي رسول ڪري موڪليو آهي- ۽ آيت ۾ صرف اهو ٻڌايو ويو آهي تہ: پنهنجي رسول کي موڪليائين اهو نہ ٻڌايو ويو تہ ڪنهن ڏانهن- تانتہ سندن عام رسالت تي دلالت ڪري. جيئن مالڪ سيني جو رب آهي تيئن محبوب سيني جو نبي آهي.

يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ لَيَاْكُلُوْنَ

اي ايمان وارو ! بيشڪ گهڻا (يهودين جي اڳواڻن ۽ (عيسائي) درويشن سڌا ٻنڌرڙئہ مَز البتہ کائن ٿا

اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ

مال ماڻهن جا باطل (ذريعي) سان ۽ روڪين ٿا واٽ الله جي کان ۽ اهي جو ٿا

يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

گڏ ڪري رکن سون ۽ چاندي ۽ نہ ٿا خرچ ڪن انهن کي الله جي واٽ ۾

فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۳۴﴾

پوءِ بشارت ڏي انهن کي دردناڪ عذاب جي

تفسير

اڳين آيتن ۾ اهل ڪتاب جي هيٺين طبقي وارن جو بيان هو تہ انهن پنهنجن مذهبي اڳواڻن، پوپ، پادرين کي معبود بنائي سندن حڪم کي الله جل جلالہ جي حڪم کان وڌيڪ اهميت ڏني ٿي ۽ هن آيت مبارڪہ ۾ سندن سردارن ۽ وڏن اڳواڻن جي بدڪردارن کي بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي بہ نهايت بدڪردار ۽ حرام خور آهن- فرمان مبارڪ آهي: "يَاَيُّهَاالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ لَيَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" اي ايمان وارو! تحقيق گهڻا احبار (يهودين جا مذهبي اڳواڻ) ۽ راهب (عيسائي درويش سڏائيندڙ) ماڻهن جو مال باطل ذريعي کائن ٿا ۽ الله جي واٽ کان روڪين ٿا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ جيتوڻيڪ يهودين ۽ نصارن جي مذهبي پيشوائن جي بدڪردارن جو بيان آهي پر خطاب مسلمانن سان ڪيو ويو آهي تانتہ اهي انهن عيبن کان بچن- هي رب العزة جل شانه جو خاص ڪرم آهي جو پاڻ مسلمانن کي سڏي ڪڏهن ڪين پنهنجن محبوب ٻانهن جون سهڻيون وصفون ٻڌائي ٿو تہ انهن جي پيروي ڪن تہ ڪڏهن مردودن جا عيب ٻڌائي ٿو تہ انهن کان بچاءُ حاصل ڪن ۽ هن آيت ۾ الله جل جلالہ پنهنجن ٻانهن کي ايمان جي صفت سان ياد فرمائي ٻڌايو تہ: اي منهنجا مڃڻ وارا ٻانهو! اوهان جو مون ڪريم، قادر، رب سان تعلق اهو آهي جو اوهان ايمان وارا آهيو منهنجي حبيبِ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جا سچا امتي ۽ غلام آهيو ان ڪان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ دولت، عزت، اولاد، ملڪ، زبان، وغيره مون سان اوهان جو تيستائين تعلق پيدا ڪندڙ ناهي جيستائين اوهان مؤمن ناهيو ان خطاب ۾ اصحابن سڀورن رضي الله عنهم کان وٺي اسان جهڙن گنهگارن سميت سڀ ايمان وارا داخل آهن.

حضور عليه الصلوٰة والسلام جو شان لڪائيندڙ يهودي

۽ نصاريٰ ياسندن پوئلڳ آهن

ياد رکڻ گهرجي تہ يهودين ۽ عيسائين جا مذهبي پيشوا پنهنجن پوئلڳن کان مال ۽ ملڪيت وٺي حضور صلى الله عليه وسلم جون توراة ۽ انجيل ۾ بيان ڪيل سهڻيون صفتون لڪائيندا هئا ۽ انهن ٻنهي آسماني ڪتابن ۾ لکيل شرعي سزائن ۾ بہ تبديل ڪندا هئا- جيئن توراة ۾ لکيل هو تہ زنا ڪندڙ کي سنگسار ڪيو وڃي تہ انهن مالدارن زنا ڪندڙن کان پئسا وٺي زنا جي سزا صرف ڪارو منهن ڪري- زانيءَ کي جلوس جي شڪل ۾ شهر جي بازارن ۾ ڦيرائڻ مقرر ڪئي آهي- ۽ عمداً پنهنجن پوئلڳن کي الله جل شانه جي نبي حبيبﷺ عليه الصلوٰة والسلام تي ايمان آڻڻ ۽ اسلام قبول ڪرڻ کان روڪيندا هئا-

بي عمل علماءَ متوجہ ٿين

هن آيت جو تفسير ڪندي علامہ اسماعيل حقي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ: انهن يهودين ۽ نصارن جي مذهبي اڳواڻن وانگر اهي عالم، مفتي، قاضي ۽ جج بہ آهن جيڪي رشوة وٺي غلط فتوائون ڏين ٿا يا صحيح ۽ قوي قول ڇڏي ضعيف ۽ مرجوح قول تي عمل ڪرائن ٿا (۱) علامہ پاني پتي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ:

"ياخذون الرشوة في احكامهم ويحرفون كلام الله ويكتبون بايديهم كتبا ويقولون هذا من عندالله ويغيرون نعت النبي صلى الله عليه وسلم يخافون انهم لوصدقوه لذهب عنهم المأكل التي كانوا ياكلونها من سفلتهم" (۲)

يعني اهي اهل ڪتاب جا مذهبي اڳواڻ خدائي احڪام جي بدلائڻ ۽ الاهي ڪلام ۾ تحريف ڪرڻ لاءِ رشوة وٺندا هئا ۽ پنهنجي هٿن سان لکيل ڪتاب ماڻهن کي ڏيکاري چوندا هئا تہ هي الله جو فرمان آهي ۽ حضور نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو شان مٽائيندا هئا ڊڄندا هئا تہ جيڪڏهن ڪين سچو چوندا تہ سندن ڪمينا پوئلڳ مال ۽ ملڪيتون کائڻ روڪي ڇڏيندا. جيڪي کائيندا ۽ ٻچن کي کارائيندا هئا-

راقم الحروف عرض گذار آهي تہ هن هلندڙ دور ۾ جيڪي علماءِ سڏائڻ وارا نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم ۽ سندن پيارن اصحابن، امامن، اوليائن ۽ رباني عالمن جي شان

(۱) روح البيان ص ۴۱۷ جلد ۳ (۲) مظهري ص ۱۹۶ جلد ۴

کي لڪائين ٿا ۽ بيان ڪرڻ کي شرڪ، ڪفر، بدعت چون ٿا يا اهل بيت اطهار جي حق تلفي ڪن ٿا تہ اهي بہ انهن يهودين ۽ عيسائين جا ايجنٽ ۽ ڪارندا آهن الله جل جلالہ جي بارگاه عالي جاه ۾ ادب سان التجا آهي تہ پڪن ۽ سچن مسلمانن کي انهن گندن جي صحبت ۽ اثر ڪان محفوظ رکي. اهڙن عالمن سڏائڻ وارن، بي ادبن، گستاخن، يهودي ايجنسين جي ايجنٽن ڪان بچڻ لاءِ الله تعالىٰ جي پيارن خبردار ڪيو آهي. ابوالشيخ حضرت فضل بن عباس رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي

ان فرمايو تہ: ان عالم جي اتباع ڪيو جنهن کي آخرت جو فڪر آهي ان ڪان ڊڄو جنهن جو مقصد مال ۽ دنيا گڏ ڪرڻ آهي- اهو اوهان جا شڪريہ اداڪندي اوهان کي نقصان نہ ڏئي ڇڏي (۱)

علامہ ابن ڪثير هن آيت جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: ان بيان مان مقصد بد ذهن علماء، گمراه ڪندڙن ۽ ظاهري طرح عابدن جي صحبت ۽ اثر ۾ اچڻ ڪان ڊيجارڻ آهي حضرت سفيان بن عينيه جو فرمان آهي تہ: اسان جي علماء مان فساد ڪندڙ يهودين سان ۽ عابدن مان فساد ڪندڙ نصارن سان مشابہ آهن (۲)

"وَالَّذِينَ يَكْنِزُونَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنفِقُونَهَا فِي سَبِيلِ اللَّهِ" ۽ جيڪي سون ۽ چاندي گڏ ڪري رکن ٿا ۽ ان کي الله جي واٽ ۾ خرچ نٿا ڪن- هي ڪنهن جي حالت بيان ڪئي وئي آهي ان ۾ بہ احتمال آهن. ۱- اهو يهودين ۽ عيسائين جي گهٽڻ مذهبي اڳواڻن ڏانهن اشارو آهي جيڪي ناجائز طريقي سان سون ۽ چاندي حاصل ڪري گڏ ڪندا ويندا هئا ۽ اهڙو محفوظ رکندا هئا جو ان مان الله جل جلالہ جو حق بہ ادا نہ ڪندا هئا- ۲-ان مان مراد اهي سون ۽ چاندي گڏ ڪندڙ مسلمان آهن جيڪي رشوة وغيره جي ذريعي مال گڏ ڪري يهودين ۽ نصارن جي مشابہ ٿي ويا آهن.

هتي ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪو حرام ونئي ٿو ۽ جيڪو حلال ۽ پاڪ مال مان الله جي واٽ ۾ خرچ نٿو ڪري اهي دردناڪ عذاب ملڻ ۾ برابر آهن- (۳)

سوال

هن آيت مبارڪ جي هن حصي "وَلَا يُنفِقُونَهَا" ۾ آيل "ها" ضمير" الذهب والفضة" ڏانهن وري ٿو ۽ جڏهن تہ اهي ٻہ (تثنيہ) آهن تہ انهن ڏانهن ضمير بہ تثنيہ جو "هما" ورايو وڃي ها- ها- واحد جو ضمير ڇو آندو ويو؟

(۱) الدرالمنثور ص ۱۷۷ جلد ۴ (۲) ابن ڪثير ص ۳۵۰ جلد ۲
(۳) الڪشاف ص ۱۸۷ جلد ۲

جواب

"ها" واحد جو ضمير معنوي لحاظ سان آندل آهي سون ۽ چاندي جتي هوندو آهي ان کي کنوز (کاٽيون) سڏيندا آهن ۽ کنوز ڏانهن ها ضمير ورايو ويندو آهي ان جي کري هن آيت ۾ بہ اهو ضمير آندو ويو آهي (١) ۽ گڏ ڪرڻ مان مراد دينارن ۽ درهمن کي صندوقن ۾ رکڻ يا مٽيءَ ۾ دفن ڪري الله جل جلاله جي واٽ ۾ خرچ نہ ڪرڻ آهي ۽ ائين ڪرڻ شرعي حڪم جي بي فرمانيءَ سان گڏ عقل جي ڪوتاهي بہ آهي ڇو تہ پيسو خرچ ڪرڻ، ان مان نفعو پرائي ترقي ۽ بلندي حاصل ڪرڻ لاءِ هوندو آهي پيسو سون ۽ چاندي رکڻ ۽ دفن ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ (٢) ۽ ابن المنذر حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ:

"وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ" مان مراد اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجن مالن جي زڪواة ادا نٿا ڪن اهي زمين ۾ دفن نہ بہ ڪن تہ پوءِ بہ سندن سون ۽ چاندي ڇڻ تہ دفن ٿيل آهن ابن ابي شيبه، ابن المنذر ۽ ابوالشيخ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان اهو قول بہ آندو آهي تہ: جنهن مال جي زڪواة اداڪئي وئي اهو دفن ٿيل نہ آهي (٣) "فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ" پوءِ انهن کي دردناڪ عذاب جي بشارت ڏي- هي آهي تہ الله جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪندڙن مال گڏ ڪري رکندڙن لاءِ سزا جو بيان پر ان کي بشارت سڏڻ ۾ گهٽي ڪاوڙ جو اظهار آهي-

حضرت ابوذرغفاري رضي الله عنه

جو واقعو ۽ شيعن جو ڪوڙ

جمهور اصحابن رضي الله عنهم ۽ تابعن ڀلارن جو فرمان آهي تہ مال، ملڪيت، سون، چاندي وغيره مان رب العالمين جا فرض ڪيل حصا ڪڍڻ کان پوءِ جيڪو بچي اهو رکڻ يا پنهنجي ڪم آڻڻ جائز آهي ۽ حضرت ابوذرغفاري رضي الله عنه جو قول آهي تہ ضرورت کان زياده بچيل سمورو مال خيرات ڪرڻ فرض آهي ان موضوع تي حضرت ابوذرغفاري ۽ حضرت معاويہ رضي الله عنهما ۾ اختلاف ٿي پيو حضرت معاويہ اهو احوال حضرت عثمان ذي النورين رضي الله عنهم کي لکيو حضرت عثمان حضرت

(١) ڪمالين شرح اردو جلالين ۴٧٨ جلد ٢
(٢) المنار ص ۴٠٣ جلد ١٠ (٣)، الدرالمنثور ١٧٧ جلد ۴

ابوذرغفاري کي شام کان مديني منوره ڏانهن گهرايو- حضرت ابوذرغفاري جي اها فتوٰي بڌي ساڻس کيترائي اصحاب مليا ۽ کيس سمجهايائون ته اوهان اها فتوٰي صحيح نه ڏني آهي پر اهو پلارو ان فتوٰي تي قائم رهيو نيٺ حالت اها ٿي جو جتي به حضرت ابوذرغفاري رضي الله عنه وڃي ويهي ته اتي ماڻهن جا ميڙ ٿيو وڃن ۽ سڀئي ان مسئلي جي متعلق ساڻس بحث کن نيٺ حضرت ابوذرغفاري رضي الله عنه پريشان ٿي حضرت عثمان جي مشوري سان مدينه پاڪ کان ڪجهه پري ربذه نالي مقام تي وڃي رهيو ۽ حياتيءَ جا آخري ڏينهن به اتيئي پورا ڪيائين- (١)

هن روايت کي شيعا وڏائي رنگ ڏيئي اهڙو پيش ڪندا آهن جنهن مان ثابت ٿئي ته معاذالله حضرت عثمان رضي الله عنه وڏو ظالم هو جنهن حضرت ابوذرغفاري رضي الله عنه جهڙي اصحابيءَ کي حق چوڻ تان مدينه منوره مان ڪڍي ڇڏيو هو. حقيقت جيڪا هئي اها اسان لکي آهي مسلمانن کي ان تي اعتماد آهي ۽ رکڻ کپي.

زڪواة نه ڏيندڙ جي سزا

حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن کي اللهٰ تعالىٰ مال ڏنو ۽ ان زڪواة ادا نه ڪئي ته اهو سندس مال گنجو نانگ بڻايو ويندو جنهن کي مٿي تي وارن جون به چڳون هونديون ۽ اهو ان زڪواة نه ڏيندڙ جي ٻنهي واڇن ۾ چنبڙي پوندو کيس ڪائيندو ۽ چوندو ته مان تنهنجو مال تنهنجو گڏ ڪيل خزانو آهيان". (٢)

فائدا- هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا .-١ آيت مبارڪه جي لفظ "بِالْبَاطِلِ" مان ثابت ٿيو ته حرام ته حرام آهي پر جيڪو مال حرام جي ذريعي حاصل ڪيو وڃي اهو به حرام آهي ان جي ڪري رشوة، جوا، وياج، ڪنهن مجرم جي جرم جي خبر آهي ته هن واقعي هي جرم ڪيو آهي پوءِ به ان جي وڪالت ڪري عوض وٺڻ غلط فتوائن ۽ غلط تقريرن جو معاوضو وٺڻ سڀ حرام آهي جيڪو مسلمان اهي ڪم ڪري ٿو اهو يهودين جي پوپن ۽ پادرين جو پوئلڳ آهي-

مسئلو

حرام ڪم جي مزدوري وٺڻ به حرام آهي- اهڙي طرح جيڪو ڪم پنهنجي مٿان فرض عين آهي ان جي اجرت وٺڻ به منع آهي- جائز ۽ مستحب ڪم جي اجرت وٺڻ جائز آهي. ٢- آيت مبارڪ جي لفظ "وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللهِ" مان ثابت ٿيو ته

(١) روح المعاني ص٢٨١ جزء١٠ جلد٤ (٢) خازن ص٢٣١ جلد٢

ڪنهن ماڻهوءَ کي نيڪ ڪم ۾ چڱيءَ واٽ کان روڪڻ به حرام ۾ يهودين ۾ نصارن جو ڪم آهي-

مسئلہ- فتوٰی غلط ڏيڻ جو اجورو وٺڻ حرام آهي ڇو ته حرام ڪم جو اجورو آهي ۽ ڪوبه شرعي مسئلو صحيح ٻڌائڻ جو اجورو وٺڻ به حرام آهي پر اهو مسئلو لکي ڏيڻ جو اجورو وٺڻ جائز آهي ڇو ته مسئلو ٻڌائڻ فرض آهي لکي ڏيڻ فرض نه آهي ۽ جڏهن لکي ڏيڻ فرض نه آهي ته ان جو اجورو وٺڻ به منع نه آهي رب العزة جل جلاله جو فرمان عالي شان آهي "وَلَايُضَارَّ كَاتِبٌ وَّلَاشَهِيْدٌ" ۾ لکندڙ ۾ شاهد نقصان نه ڏنا ويندا. لکڻ وارو وقت قربان ڪري ٿو اهو ان لکڻ جو عوض وٺي سگهي ٿو. اهڙي طرح امامت ڪرائڻ، بانگ ڏيڻ،قرآن پڙهائڻ، تعويذ وغيره جو اجورو وٺڻ جائز آهي (١)

فائدو ٣- سون، چاندي، ۽ ٻئي قسم جو مال گڏ ڪرڻ منع نه آهي ها ان جي زڪواة نه ڏيڻ سخت ڪبيرو گناهه آهي ٿورو مال جنهن جي زڪواة ادا نه ٿي ڪئي وڃي "وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ" ۾ داخل آهي ۽ گهڻو مال جنهن جي زڪواة ادا ڪئي ٿي وڃي ان ۾ داخل نه آهي- روايت آهي ته جڏهن اها آيت نازل ٿي ته پهريان اصحابن سڀورن سمجهيو هو ته ڪنهن به قسم جو ڪيترو مال به گڏ ڪرڻ حرام آهي ان تي انهن کي گهڻو فڪر رهيو حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه ڪين چيو ته اهو مسئلو مان ٿو پڇان- پاڻ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ اچي سموري حقيقت پڇيائين- پاڻ فرمايائون ته: الله تعالىٰ زڪواة ان لاءِ فرض ڪئي آهي ته باقي رهيل مال پاڪ ۽ صاف ٿي وڃي - مطلب ته زڪواة کان پوءِ باقي مال رکڻ جائز آهي (٢)

اعتراض ١- جيڪڏهن هن آيت ۾ پوپ پادرين جا عيب بيان ڪرڻا هئا ته ايمان وارن کي خطاب ڇو ڪيو ويو؟ سڌو سنئون انهن کي مخاطب بڻايو وڃي ها؟

جواب - ايمان وارن کي مخاطب ان لاءِ بنايو ويو ته اهي انهن عيبن کان محفوظ رهن-

اعتراض- نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته: جيڪڏهن مون وٽ احد جبل جي برابر سون هجي ته مان اهو سمورو ڏينهن جي اندر الله جي واٽ ۾ خيرات ڪري ڇڏيان.

ڏسو حضور صلى الله عليه وسلم جن اتي ائين ڪونه فرمايو ته: مان ڪجهه خيرات ڪري ڇڏيان ها- نتيجو اهو ٿو نڪري ته سمورو بچيل مال رب پاڪ جي رستي

(١) نعيمي ص ٢٨١جلد ١٠ (٢) ساڳيو حوالو.

۾ خيرات ڪرڻ گهرجي.

جواب - اهو حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن جو پنهنجو زهد ۽ تقوىٰ جو مقام هو امت لاءِ ائين ضروري نه آهي. جيئن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه جنگ جي فنڊ ۾ سمورو مال ڪڍي اچي پيش ڪيو هو ته اهو ان جو صديقيت وارو مقام هو. جيڪڏهن مطلق مال رکڻ حرام هجي ها ته اصحابن سڳورن مان ڪير به گڏ ڪري نه رکي ها.

مشهور اصحابي حضرت زبير بن عوف رضي الله عنه جون چار گهرواريون هيون- سندس وصيت ادا ڪرڻ، ڪان پوءِ اولاد هجڻ جي ڪري سندس گهروارين کي انون حصو مليو پر اهو جڏهن چار حصا ڪيو ويو ته هر هڪ گهرواريءَ کي ٻه لک درهم حصي ۾ آيا هئا (۱) ثابت ٿيو ته زڪواة ادا ڪرڻ ڪان پوءِ بچيل مال رکڻ جائز آهي.

يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِجَهَنَّمَ فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ

جنهن ڏينهن تپايو ويندو ان تي جهنم جي باهه ۾ پوءِ ڏنبيون ويندون ان سان پيشانيون انهن جون

وَجُنُوْبُهُمْ وَظُهُوْرُهُمْ ؕ هٰذَا مَاكَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ فَذُوْقُوْا

۽ پاسا انهن جا ۽ پٺيون انهن جون هي اهو آهي جو گڏ ڪري رکيو اوهان پنهنجي پاڻ لاءِ پوءِ چکو

مَاكُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ۞۳۵ اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَاللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا

اهو جو ٿي گڏ ڪري رکيو اوهان بيشڪ ڳاڻاٽو مهينن جو الله وٽ ٻارهن مهينا آهن

فِيْ كِتَابِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ مِنْهَآ اَرْبَعَةٌ

الله جي ڪتاب ۾ ان ڏينهن جو پيدا ڪيائين آسمانن ۽ زمين کي انهن مان چار

حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ وَقَاتِلُوا

عزت وارا آهن اهو دين پڪو آهي پوءِ نه ظلم ڪيو انهن ۾ سرن پنهنجي تي ۽ جنگ ڪيو

الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ۞۳۶

مشرڪن سيني سان جيئن جنگ ڪن ٿا اوهان سان سيئي ۽ ڄاڻو ته بيشڪ الله گڏ آهي پرهيز گارن سان

(۱) نعيمي ص ۲۸۲- ۲۸۳ جلد ۱۰

تفسير

هن کان اڳ ۾ آيل آيتن ۾ مال گڏ ڪري رکڻ ۽ زڪواة نہ ڏيڻ وارن جي سزا جو بيان هو ۽ هتي اها سزا ۽ عذاب ملڻ جو وقت ٻڌايو ٿو وڃي تہ اهو عذاب دنيا ۾ نہ ٿيندو جو جلد ختم ٿي وڃي پر اهو آخرت ۾ ٿيندو جيڪو اڻ کٽ هوندو-

ارشاد الاهي آهي "يَوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ وَجُنُوْبُهُمْ وَظُهُوْرُهُمْ"

ان ڏينهن اهو سون ۽ چاندي جهنم جي باھ ۾ تپائي پوءِ ان سان انهن جون پيشانيون ۽ انهن جا پاسا ۽ انهن جون پٺيون ڏنيون وينديون- يعني زڪواة نہ ڏيندڙن کي ان نموني سزا ڏني ويندي- هتي پيشانين پاسن ۽ پٺين جو ذڪر ڪيل آهي ۽ انهن مان مراد يا پورو بدن آهي يا تہ انهن ٽن جو خصوصي ذڪر ان جي ڪري ڪيو ويو آهي جو جڏهن بخيل کان ڪو مسڪين خيرات گهرندو آهي تہ سڀ کان اول ان جي پيشانيءَ تي گهنڊ چڙهندو آهي ان کان پوءِ وري مسڪين کان لهرائيندي پاسو ورائيندو آهي پر جي اجان بہ مسڪين سندس پچر نہ ڇڏي تہ پوءِ ان کي پٺي ڏيندو آهي- ان جي ڪري اهي عضوا خصوصي طرح ذڪر ڪيا ويا آهن (١)

"هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ فَذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ" هي اهو آهي جيڪو اوهان پاڻ پنهنجن سرن لاءِ گڏ ڪري رکيو هو پوءِ جيڪو گڏ ڪري رکيو هيو اهو چکو- هي انهن کي زباني سزا طور چيو ويندو تہ هاڻي وٺو مزو اوهان سوچيو هڪڙو هو ٿي پيو ڪجھ پيو-

فائدو- "مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ" (جيڪو پنهنجي پاڻ لاءِ گڏ ڪري رکيو هيو) ان مان ثابت ٿيو تہ وقف ڪيل مال ملڪيت تي زڪواة فرض نہ آهي ڪٿي ڪيترو بہ هجي چو تہ اهو پاڻ لاءِ گڏ ڪيل ناهي- ۽ انسان جو اولاد وغيره بہ "لِاَنْفُسِكُمْ" ۾ داخل آهي انسان جيڪو ڪجھ پنهنجي اولاد ،عزيزن ۽ مٽن مائٽن لاءِ ڪري ٿو ان جي بہ جيڪڏهن زڪواة ادا نٿو ڪري تہ اها سزا لوڙيندو ان جي ڪري عقلمند انسان کي گهرجي تہ نيڪ اعمال جمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪري چو تہ نيڪ عملن تي نہ زڪواة آهي نہ ٽئڪس نہ ڪو آخرت ۾ پڇاڻو آهي. اهي نيڪ عمل جيڪڏهن اخلاص سان

(١) معارف القرآن ص ٣٦٨ جلد ۴

ڪندو تہ ثواب ئي ثواب آهي.

"اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَاللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ مِنْهَآ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ" بيشڪ الله وٽ مهينن جو ڳاڻاٽو ٻارهن مهينا آهي الله جي ڪتاب ۾ جنهن ڏينهن آسمان ۽ زمينون پيدا ڪيائين انهن مان چار مهينا تعظيم ۽ عزت وارا آهن

ضروري وضاحت

يادرکڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ عربن جي جاهليت واري دور جي هڪ جاهلانہ بد رسم جو ذڪر ۽ ان کان بچڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي- جنهن جو تفصيل هن طرح آهي تہ پراڻي دور ۽ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي شريعتن ۾ بہ سال جا ٻارهن مهينا مڃيا ويندا هئا جن مان چار مهينا نهايت بابرڪت ادب ۽ احترام جي قابل سمجهيا ويندا هئا ٽي تہ لاڳيتا هئا ذوالقعد، ذوالحج، محرم ، ۽ هڪ رجب سڀني نبين عليهم الصلواة والسلام جون شريعتون ان تي متفق آهن انهن چئن مهينن ۾ عبادت جي هر قسم جو ثواب زياده هوندو آهي ۽ انهن ۾ جيڪڏهن ڪو گناهہ ٿو ڪري تہ ان جو عذاب بہ زياده هوندو آهي- اڳين شريعتن جي حڪم مطابق بہ انهن مهينن ۾ جنگ ۽ جهيڙو ممنوع هو- مڪه مڪرمہ جا رهاڪو عرب جڏهن تہ حضرت اسماعيل ۽ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو اولاد آهن- ان جي ڪري اهي سيئي سندس نبوت ۽ رسالت جا قائل ۽ سندس ڪي ملي‍ل شريعت ڪي مڃڻ جي دعوٰي ڪندڙ هئا ۽ جڏهن تہ ان شريعت ۾ بہ انهن چئني مهينن ۾ جنگ، جهيڙو ۽ شڪار منع هو تہ جاهليت وارن عربن کي ان حڪم جي تعميل سخت ڏکي لڳندي هئي ڇو تہ ان دور ۾ جنگ ۽ جهيڙو سندن ڪاروبار ٿي چڪو هو پوءِ ان ۾ آساني حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن نموني نموني جا حيلا ڪرڻ شروع ڪيا- جيڪڏهن انهن چئن مهينن مان ڪنهن مهيني ۾ ڪين جنگ ڪرڻ جي ضرورت پيش ايندي هئي يا جنگ ڪندي ڪندي اهو مهينو اچي ويندو هو تہ چوندا هئا تہ هن سال هي مهينو انهن معزز مهينن مان ناهي ۽ هن کان پوءِ اچڻ وارو مهينو معزز آهي مثلاً محرم اچي ويو تہ چوندا هئا تہ هن سال محرم جو مهينو معزز ناهي صفر مهينو معزز آهي پوءِ جيڪڏهن اڃان ضرورت پوندي هين تہ چوندا هئا تہ ربيع الاول معزز مهينو آهي صفر بہ ناهي الغرض تہ سال ۾ چار مهينا پورا ڪندا هئا پر الله جل جلالہ جي طرفان ڏنل ترتيب ۽ تعين جو خيال نہ ڪندا هئا جنهن مهيني کي گهرندا هئا ذوالحج بڻائيندا هئا جنهن کي گهرندا هئا تہ رمضان

مبارڪ قرار ڏيندا هئا مرضيءَ جا مالڪ رهندا هئا پلاجيڪڏهن وڙهندي وڙهندي ڏهه مهينا گذري ويندا هين ته چار مهينا عزت وارا پورا ڪرڻ لاءِ سال ڪي وڌائي ٻارهن مهينن جي بجاءِ چوڏهن مهينا ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته هن ڀيري هي چوڏهن مهينن جو سال ٿيو آهي ۽ ان طريقي سان اهي چار عزت وارا مهينا پورا ڪندا هئا- مقصد ته ابراهيمي دين جو احترام ذهن ۾ رکي ايتري ڦيرڦار ڪندا هئا پر الله تعالىٰ جي طرفان مهينن جي مقرر ڪيل ترتيب جو احترام نه ڪندا هئا ۽ سندن ان ردو بدل جي ڪري ان زماني ۾ انهن مهينن جو امتياز ڪرڻ ئي مشڪل ٿي ويو هو ته ڪهڙو مهينو رمضان يا شوال آهي ۽ ڪهڙو ذوالقعد يا ذوالحج آهي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي هجرت ڪرڻ کان پوءِ ائين سال هجريءَ ۾ جڏهن مڪه مڪرمه فتح ڪيو ويو ۽ نائين سال هجريءَ ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه جي اڳواٽيءَ ۾ حج جي موسم ۾ حضرت علي رضي الله عنه کي سيني ڪافرن ۽ مشرڪن کان تعلقات قطع ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ لاءِ موڪليو ته اهو حقيقي لحاظ سان ڪٽي ذوالحج مهينو هو پر جاهليت جي ان پراڻي رواج مطابق اهو ذوالقعد قرار ڏنل هو ۽ ان سال انهن وٽ حج لاءِ به اهوئي مهينو مقرر ڪيو ويو هو پوءِ ڏهين سال هجريءَ ۾ جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حجه الوداع لاءِ تشريف فرما ٿيا ته قدرتي طور اهڙو نظام ٿي ويو جو حج ذوالحج مهيني ۾ مقرر ڪيل هو جاهليت وارن عربن جي حساب ۾ به مهينو ذوالحج هو- ۽ ان جي ڪري رسول الله صلى الله عليه وسلم جن منىٰ واري خطبي ۾ ارشاد فرمايو ته "الاان الزمان قد استدار ڪهيئته يوم خلق السلوات والارض" خبردار زمانو ان صورت تي اچي چڪو آهي جنهن تي انهيءَ ڏينهن هو جڏهن الله آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا هئا- يعني جيڪو مهينو اصل ۾ ذوالحج هو جاهليت وارن جي حساب ۾ اهوئي بيٺو- هيءَ اها جاهليت واري رسم هئي جيڪا مهينن جي تعداد، ترتيب ۽ تعين ۾ ردوبدل جي ذريعي ڪندا هئا جنهن جي نتيجي ۾ انهن سيني شرعي حڪمن ۾ خلل پوندو هو جن جو واسطو ڪنهن خاص مهيني يا خاص تاريخ سان هوندو هو. يا جيڪي احڪام سال جي ابتداء يا انتهاء سان واسطو رکن ٿا مثلاً ڏهه تاريخون حج واريون يا محرم جون ٻهريون جن ۾ روزا رکيا وڃن يا سال پورو ٿيڻ تي زڪواة جهڙو اهم فرض ادا ڪيو وڃي ۽ ٻيا احڪام ظاهر ۾ ڳالهه ته نهايت ٿوري هئي جو ڪنهن مهيني جو نالو مٽي اڳي يا پوءِ ڪيو ٿي ويو پر ان جي نتيجي ۾ جيڪي سوين شرعي احڪام ڦيرايا ٿي ويا ۽ انهن تي عمل ڪرڻ

ناممڪن ٿي رهيو قرآن پاڪ ۾ الله تعالىٰ ان جاهليت جي خراب رسم کي ختم ڪرڻ ۽ مسلمانن کي ان کان بچڻ جي هدايت ڪئي آهي- آيت ۾ آيل لفظ "عِدَّةَ" جي معنىٰ تعداد ۽ شهور شهر جو جمع آهي معنىٰ مهينا- مطلب ته الله وٽ مهينن جو تعداد ٻارهن مقرر ڪيل آهي ان ۾ گهٽ وڌائي ڪرڻ جو ڪنهن کي به اختيار ڪونهي. ان کان پوءِ "فِيْ كِتَابِ اللّٰهِ" (الله جي ڪتاب ۾) فرمائي ٻڌايو ويو آهي ته اها ڳالهه ازل کان لوح محفوظ ۾ لکيل هئي- پوءِ "يَوْمَ خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضَ" چئي ٻڌايو ويو آهي ته اهو خداوندي فيصلو جيتوڻيڪ ازل ۾ ٿيل هو پر مهينن جي اها ترتيب ۽ تعين ان وقت عمل ۾ آيا جڏهن آسمان ۽ زمينون پيدا ڪيا ويا-

ان کان پوءِ ٻڌايو ويو ته انهن مان چار مهينا عزت وارا آهن اها انهن جي عزت ٻن وجهن جي ڪري آهي ١- ته انهن ۾ جنگ ۽ جهيڙو حرام آهي ٢- ته انهن جي متبرڪ هجڻ جي ڪري منجهن ڪيل عبادت جو ثواب گهڻو آهي- پهريون حڪم ته اسلامي شريعت منسوخ ڪري ڇڏيو آهي هاڻي انهن ۾ ڪافرن سان جنگ ڪري سگهجي ٿي باقي ٻيو حڪم عبادت جي ثواب گهڻي ملڻ وارو برقرار آهي- حجته الوداع جي ڏهين تاريخ رسول اڪرم صلى الله عليه وسلم جن انهن چئن عزت وارن مهينن جي تشريح ڪندي هيئن فرمايو ته: اهي ٽي مهينا لاڳيتا ذوالقعد،ذوالحج، محرم ۽ هڪ مهينو رجب آهي "ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ" اهو پڪو دين آهي مطلب ته مهينن جي تعين ترتيب ۽ انهن ۾ هر مهيني خصوصًا چئن عزت وارن مهينن جي متعلق جيڪي احڪام آهن- انهن کي الله تعالىٰ جي ازلي فيصلي مطابق رکڻ ئي پڪو سچو ۽ دين مستقيم آهي انهن ۾ پنهنجي طرفان ردوبدل، ڪمي بيشي ڪرڻ ابتي سمجهه ۽ غلط طبيعت جي نشاني آهي-

"فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ" پوءِ انهن ۾ پاڻ تي پاڻ ظلم نه ڪريو- يعني انهن مقدس ۽ معزز مهينن ۾ اوهان پنهنجو نقصان ڪري نه وهو جو انهن ۾ مقرر ڪيل احڪام جي خلاف ورزي ڪيو يا انهن ۾ عبادت گهٽ ڪيو- احڪام القرآن ۾ علامه جصاص فرمايو آهي ته هن جملي ۾ ان ڳالهه ڏانهن به اشارو آهي ته انهن متبرڪ مهينن جو خاصو اهو به آهي ته انهن ۾ ڪو به شخص جيڪڏهن عبادت ڪندو آهي ته ان کي ٻين مهينن ۾ به عبادت جي توفيق ۽ همت نصيب ٿئي ٿي اهڙي طرح جيڪو شخص ڪوشش ڪري انهن مهينن ۾ پاڻ کي گناهن ۽ برن ڪمن کان بچائي ته سال جي باقي مهينن ۾ به ان کي برائين کان بچڻ آسان رهي ٿو ان جي ڪري انهن مهينن

مان فائدو نہ وٺڻ وڏو نقصان ۽ پاڻ تي پاڻهي ظلم ڪرڻ آهي (۱) "وَقَاتِلُوا الْمُشْرِكِينَ كَافَّةً كَمَا يُقَاتِلُونَكُمْ كَافَّةً" ۽ ڪافرن سان گڏجي جنگ ڪيو جيئن اهي اوهان سان گڏجي جنگ ڪن ٿا- مطلب تہ عزت وارن مهينن ۾ بہ انهن سان جنگ ڪري سگهو ٿا- فقيہ ابوالليث سمرقندي آيت جي هن جملي جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ شروع ۾ انهن چئن مهينن ۾ جنگ ڪرڻ حرام هئي پر هن آيت سان ان جو حرام هجڻ منسوخ ڪيو ويو ۽ سڀني مهينن ۾ جنگ ڪرڻ جائز آهي- جمهور جو قول اهو آهي(۲) (۱) "وَاعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ مَعَ الْمُتَّقِينَ" ۽ ڄاڻو تہ يقينًا الله پرهيزگارن سان گڏ آهي المقصد تہ الله تعالىٰ پرهيزگارن جي مدد ڪندو، انهن کي ڀلائيءَ ۽ چڱائيءَ جي توفيق ڏيندو آهي پوءِ جيڪو زمين تي ظلم ۽ زيادتيءَ کان بچندو ۽ جنگ ۾ خوار ٿيڻ جي سببن کي اختيار نہ ڪندو تہ الله تعالىٰ ان سان گڏ هوندو ۽ جنهن سان الله تعالىٰ گڏ هوندو ان تي ڪير بہ غالب ٿي نہ سگهندو(۳)

سوال- هن جملي ۾ "إِنَّ اللَّهَ مَعَكُمْ" ڇو نہ آندو ويو (الله اوهان سان گڏ آهي) "كم" ضمير جي جاءِ تي "الْمُتَّقِينَ" اسم مظهر ڇو آندو ويو؟

جواب- انهن جي متقي هجڻ جي مدح ڪرڻ ۽ تقوىٰ ۾ ڪوتاهي ڪندڙن کي تقوىٰ جو حرص ڏيارڻ ۽ اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ مدد جو مدار تقوىٰ تي آهي المتقين لفظ آندو ويو آهي. (۴)

فائدا- هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا ۱- دنيا ۾ ڪيترن قسمن جا سال ۽ مهينا هوندا آهن پر انهن سڀني ۾ عزت وارا اسلامي مهينا ۽ سال آهن جو ڪيترا اسلامي احڪام انهن سان هلندا آهن- جيئن "عِنْدَ اللَّهِ" جي لفظ مان واضح ٿي رهيو آهي ۲- اسلامي مهينا نهايت پراڻا آهن جو الله تعالىٰ انهن کي آسمانن ۽ زمينن جي پيدا ڪرڻ وقت مقرر ڪيو هو ۽ اهي ئي لوح محفوظ ۾ لکيا ويا هئا جيئن "يَوْمَ خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ" مان ظاهر ٿي رهيو آهي ۳- چئن عزت وارن مهينن ۾ جهاد جو منع هجڻ منسوخ ٿيل حڪم آهي جيئن "وَقَاتِلُوا الْمُشْرِكِينَ كَافَّةً" مان روشن آهي هاڻي هر مهيني ۽ هر زماني ۾ جهاد جائز آهي انهن ئي چئن مهينن ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن حنين ۽ طائف وارين جنگيون ڪيون جيڪي ان ڳالهہ جو قوي دليل آهن. ۴- هونئن تہ هر مسلمان تي تقوىٰ ڪرڻ لازم آهي پر خاص ڪري مجاهد لاءِ تہ تقوىٰ نهايت ضروري ۽ اهم آهي جيئن "إِنَّ اللَّهَ مَعَ الْمُتَّقِينَ" مان پڌرو آهي.

(۱) معارف القرآن ۳۷۲ جلد ۴ (۲) تفسير بحرالعلوم ص ۴۶ جلد ۲ (۳) المراغي ص ۱۱۶ جزء ۱۰ (۴) تفسير ابوالسعود ص ۶۴ جزء۴ جلد۲

إِنَّمَا النَّسِيٓءُ زِيَادَةٌ فِى الْكُفْرِ يُضَلُّ بِهِ الَّذِيْنَ

ان کان سواءِ ناهي تہ اڳتي پوئتي ڪرڻ واڌارو ڪرڻ آهي ڪفر ۾ گمراهہ ڪيا وڃن ٿا ان سان اهي جو

كَفَرُوْا يُحِلُّوْنَهٗ عَامًا وَّيُحَرِّمُوْنَهٗ عَامًا لِّيُوَاطِئُوْا

ڪفر ڪيائون حلال سمجهن ٿا ان کي هڪ سال ۽ حرام سمجهن ٿا ان کي ٻئي سال تانتہ برابر ڪن

عِدَّةَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ فَيُحِلُّوْا مَا حَرَّمَ اللّٰهُ ۭ زُيِّنَ لَهُمْ سُوْٓءُ

ڳاڻيٽو ان جو جيڪو حرام ڪيو الله پوءِ حلال ڪن ان کي جو حرام ڪيو الله سينگاريا

أَعْمَالِهِمْ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِيْنَ ﴿۳۷﴾ ع۵

ويا انهن لاءِ برا عمل انهن جا ۽ الله نٿو هدايت ڪري ڪافر قوم کي

تفسير

اڳينءَ آيت ۾ عربن ڪافرن جي ان بي قاعدگيءَ جو ذڪر هو جيڪا اهي سال جي مهينن وڌائڻ ۾ ڪندا هئا جو ٻارهن جي بجاءِ چوڏهن مهينا مقرر ڪندا هئا ۽ هن آيت ۾ انهن جي طرفان ڪيل مهينن جي تبديليءَ جو ذڪر آهي يعني محرم کي صفر بنائيندا هئا تہ صفر مهيني کي وري ربيع الاول ڪندا هئا فرمان عالي شان آهي: "اِنَّمَا النَّسِيٓءُ زِيَادَةٌ فِى الْكُفْرِ" بلاشڪ گهٽ وڌ ڪرڻ ڪفر ۾ زيادتي آهي- مطلب تہ الله تعالىٰ جي طرفان مقرر ڪيل مهينن جي ترتيب ۾ گهٽ وڌائي نہ ڪرڻ کپي اهو نہ صرف ڪفر بلڪ ڪفر ۾ واڌارو آهي- هي مسلمانن کي سبق ڏنو ويو آهي تہ اهي پنهنجي ذاتي مصلحتن ۽ ٻين وجهن جي ڪري الاهي احڪامن ۾ ردوبدل نہ ڪن "اَلنَّسِيٓءُ" جي لغوي معنىٰ آهي ڪنهن شيءِ کي سندس وقت کان پوئتي ڪري ڇڏڻ (۱) "يُضَلُّ بِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُحِلُّوْنَهٗ عَامًا وَّيُحَرِّمُوْنَهٗ عَامًا" ان سان ڪافر گمراهہ ڪيا وڃن ٿا هڪ سال ان کي حلال ڪن ٿا ۽ ٻئي سال ان کي حرام ڪن ٿا- هيءَ انهن جي طرفان گمراهيءَ ۾ وڌڻ

(۱) زادالمسير ص ۴۳۴ جلد۳

جو بيان آهي ڇو ته گمراهه ته اهي پهريان ئي هيا مقصد ته جنهن مهيني ۾ جنگ ڪرڻ حرام هئي ان جو نالو بدلائي ان ۾ جنگ حلال سمجهندا هئا-
۽ جنهن ۾ جنگ حلال هئي ان جو نالو بدلائي ان کي جنگ حرام سمجهندا هئا "لِيُوَاطِئُوا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ اللَّهُ فَيُحِلُّوا مَا حَرَّمَ اللَّهُ" تانته جيڪي مهينا الله حرام ڪيا آهن ان جو عدد برابر ڪن پوءِ جيڪي الله حرام ڪيا آهن اهي حلال ڪن- مطلب ته اها ڦير گير ان جي ڪري ڪندا هئا ته الله تعاليٰ جي طرفان حرام ڪيل مهينن جو تعداد پورو ڪن- جنهن مهيني ۾ الله جنگ حرام ڪئي آهي ان ۾ جنگ حلال ڪن.
"زُيِّنَ لَهُمْ سُوءُ أَعْمَالِهِمْ" انهن لاءِ سندن برا اعمال سينگاريا ويا آهن يعني اهي ماڻهو انهن براين کي سهڻو سمجهن ٿا ۽ ائين ٿا ڀائن ته ڄڻ انهن تي ڪين ثواب ملندو ۽ الله جل جلاله به سندن انهن ڪنن ڪرتوتن کان راضي آهي- "وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِينَ" ۽ الله ڪافر قوم کي هدايت نه ڪندو آهي. يعني اهڙي قسم جي ڪافرن کي جيڪي ڪفر کي ايمان ۽ گناهن کي نيڪي سمجهن رب العالمين سڌي واٽ نه ڏيکاريندو آهي.
فائدا- هن آيت مان هي فائدا حاصل ٿيا ۱- چنڊ جي مهينن ۾ جيڪي اسلامي مهينا به آهن تبديلي ڪرڻ ڪفر آهي ڇو ته ڪيترئيون عبادتون انهن سان وابسته آهن جيئن حج، روزا، عيد جون نمازون، قرباني، ۽ فطرا وغيره مهينن ۾ تبديلي ڪرڻ سان اهي سيئي عبادتون درهم برهم ٿي وينديون باقي انگريزي ۽ هندي مهينن جي تبديل ڪرڻ ڪفر نه آهي ڇو ته انهن سان اهي عبادتون وابسته نه آهن ۲- جيئن اسلامي فرضن جي فرض هجڻ جو انڪار ڪفر آهي تيئن انهن جي ڪيفيتن ۽ انهن لاءِ مقرر ڪيل وقتن جو انڪار ڪرڻ به ڪفر آهي، مثلاً جيڪڏهن ڪو ظهر نماز جي فرضيت جو انڪار ڪري ته اهو ڪافر آهي پر جيڪو ان جي رڪعتن يا وقت جو انڪار ڪري اهو به ڪافر آهي عرب ڪافر به مهينن ۾ تبديلي ڪري حج جو وقت مٽائيندا هئا ته قرآن پاڪ ان کي ڪفر سڏيو آهي ۳- جيڪو ماڻهو گناهه کي عبادت سمجهي ۽ ٻين ماڻهن کي ان ڏانهن سڏي رغبت ڏياري ان کي به هدايت نصيب نه ٿيندي جيئن "وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِينَ" مان واضح ٿي رهيو آهي.
سوال- هتي ٻڌايو ويو ته مهينن جي تبديليءَ جي ڪري ڪافر گمراهه ٿيا. ڪافر ته پهريائين کان گمراهه هئا پوءِ گمراهه ڪيئن ٿيا؟
جواب- انهن جي گمراهه ٿيڻ جا ٻه مطلب آهن -

١- سندن گمراهيءَ ۾ واڌارو ۽ اضافو آيو ٢-انهن وٽ جيڪي گمراهيءَ جا قسم هيا انهن قسمن ۾ اضافو ٿيو هي گمراهيءَ جو قسم بہ ڪين مليو- گمراهي عقائد جي بہ هوندي آهي تہ اعمال جي بہ هنن ۾ گمراهيءَ جا سيئي قسم گڏ ٿي ويا.

يَآاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَالَـكُمۡ اِذَا قِيۡلَ لَـكُمُ انْفِرُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ

اي ايمان وارؤ! ڇا حال آهي اوهان جو؟ جڏهن چيو وڃي ٿو اوهان کي تہ نڪرو الله جي واٽ ۾

اثَّاقَلۡتُمۡ اِلَى الۡاَرۡضِ‌ؕ اَرَضِيۡتُمۡ بِالۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا مِنَ الۡاٰخِرَةِ‌ۚ

تہ ڳرا ٿي پيؤ زمين ڏانهن ڇا راضي ٿيؤ حياتيءَ دنيا واريءَ تي عوض آخرت جي

فَمَا مَتَاعُ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا فِى الۡاٰخِرَةِ اِلَّا قَلِيۡلٌ ﴿۳۸﴾

پوءِ ناهي سامان حياتيءَ دنيا واريءَ جو بمقابل آخرت جي مگر تمام ٿورو

اِلَّا تَنۡفِرُوۡا يُعَذِّبۡكُمۡ عَذَابًا اَلِيۡمًا ۙ وَّيَسۡتَبۡدِلۡ قَوۡمًا

جيڪڏهن نہ نڪروندو تہ عذاب ڪندو اوهان کي عذاب دردناڪ ۽ مٽي آڻيندو قوم (ٻي)

غَيۡرَكُمۡ وَلَا تَضُرُّوۡهُ شَيۡـئًا‌ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۳۹﴾

اوهان کان سواءِ ۽ نہ نقصان ڏيندؤ ان کي ڪجهہ بہ ۽ الله هر شيءَ تي قادر آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي مهينن مٽائڻ وارن عيبن کي بيان ڪيو ويو ۽ هتي مسلمانن کي انهن سان جهاد ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ٿو وڃي.

شان نزول

جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن مڪه مڪرمه فتح ڪرڻ، غزوه حنين، طائف کي فتح ڪرڻ ۽ جعرانہ واري عمره ادا ڪرڻ کان فارغ ٿي مدينہ منوره ۾

تشريف فرما ٿيا تہ خبر پئي تہ شام جي شهر تبوڪ ۾ ان جي آس پاس ۾ رومي بادشاهہ جو نهايت وڏو لشڪر مسلمانن تي حملي ڪرڻ جي لاءِ گڏ ٿيو آهي حضور عليه الصلوٰة والسلام جن خيال مبارڪ ڪيو تہ انهن کي اڳتي وڌڻ نہ ڏجي پر تبوڪ پهچي اتي ئي ساڻن جهاد ڪجي ۽ پاڻ ان جهاد لاءِ تياري ڪرڻ جو حڪم فرمايائون ۽ مسلمانن کي ٻڌايائون تہ اسان کي تبوڪ تي حملو ڪرڻو آهي جتي اسان جي خلاف پلاننگ ٿي رهي آهي ۽ سندن حڪمت عملي اڳ ۾ اها هوندي هئي تہ جتي بہ جنگ لاءِ ويندا هئا تہ ان جاءِ جو نالو ظاهر نہ ڪندا هئا مجاهدن کي وٽي اتي پهچندا هئا پوءِ انهن کي خبر پوندي هئي تہ هتي جنگ جو ميدان آهي پر جڏهن تہ تبوڪ مديـنـہً منوره کان نهايت گهڻو پري تقريبًا پنج سؤميلن جي فاصلي تي هو. موسم بہ تمام گرم هئي ۽ مدينہ پاڪ وارن جا ڪجورن وارا باغ بہ ڪجور ڏيڻ لاءِ تيار هئا ان جي ڪري پاڻ اهو فيصلو کولي بيان ڪيائون تانتہ مسلمان سهي سنبري نڪرن- اهو جهاد جو اعلان منافقن تي تہ گهڻو ڳرو گذريو پر ڪي ڪي مسلمان بہ سست ٿي پيا بهرحال جڏهن نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سنہ ٩هجريءَ ۾ ٽيهن يا چاليهن هزارن جو وڏو لشڪر تيار ڪيو جنهن ۾ ڏهہ هزار گهوڙا هئا ۽ حضرت عثمان غني رضي الله عنه ڏهہ هزار اشرفيون، نوسؤ اٺ، هڪ سؤ گهوڙا ۽ ڏهن هزارن مجاهدن جي سامان سميت حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن وٽ پيش ڪيا هئا حضرت ابوبڪر گهر جو سمورو سامان حضرت عمر اڌ سامان حضرت عبدالرحمان بن عوف هڪ سؤ سون جون اوقيون (موجوده دور جا تقريبًا پوڻا چار سؤ تولا) حضرت عباس ۽ حضرت طلحہ سڳورن بہ گهڻي مدد ڏني مسلمان عورتن پنهنجا زيور لاهي جهاد جي فنڊ ۾ جمع ڪرايا ۽ حضورعليه الصلوٰة والسلام جن مدينہ منوره جي انتظام سنڀالڻ لاءِ حضرت علي ۽ محمد بن مسلمہ انصاري رضي الله عنه کي مقرر ڪري جهاد جو وڏو جهنڊو حضرت ابوبڪر کي ٻيو جهنڊو حضرت زبير کي ٽيون جهنڊو حضرت اسد بن حضير کي چوٿون جهنڊو حباب بن منذر کي ڪڻائي روانا ٿيا ان لشڪر ۾ عبدالله بن ابي منافق بہ پنهنجن ساٿين سميت نڪتو هو پر ثنية الوداع مقام کان موٽي آيو ۽ ڪي مسلمان ارادو ڪندي تہ اڄ ٿا نڪرون صبحاڻي ٿا نڪرون رهجي ويا هئا. انهن جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون (١) ۽ جڏهن نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن تبوڪ ۾ تشريف فرما ٿيا تہ اتي پاڻيءَ جو هڪ چشمو هو جنهن ۾ پاڻي ٿورو هو نبي پاڪ صلى الله

(١) ابوالسعود ص ٦٥ جزء۴

عليه وسلم جن ان ۾ پاڻيءَ جي گرڙي مبارڪ وڌي تہ ان جو پاڻي وڌي ايترو گهڻو ٿي ويو جو اسلامي لشڪر ۽ ساڻن گڏ آندل اٺ ۽ گهوڙا پاڻي پي ڍاپي پيا- روم جي بادشاهہ هرقل حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جو مقابلو نہ ڪيو سندس فوجون واپس هليون ويون ۽ جنگ ڪانہ ٿي محبوب ڪريم عليه التحية والتسليم جن حضرت خالد بن وليد ڪي چار سؤ ڪان وڌيڪ مجاهد ڏيئي دومہ الجدل جي حاڪم اڪيدا ڪي گرفتار ڪرڻ لاءِ موڪليندي فرمايو تہ اهو شڪار پيو ڪري ان ڪي اتاهين پڪڙي وني اچو حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه پنهنجن ساٿين مجاهدن سان گڏ وڃي ان ڪي پڪڙي آيو حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان تي جزيو مقرر ڪري ڪيس ڇڏي ڏنو- ان ئي طرح ايلہ نالي علائقي جي حاڪم ڪي مسلمان ٿيڻ جي دعوت ڏنائون ان قبول نہ ڪئي تہ ان ڪي بہ جزيو قبول ڪرائي ڇڏي ڏنائون- اهو جهاد پوري آزمائش جو ذريعو هو- پاڻ اتي تقريبًا ويهہ ڏينهن رهيا ۽ ان موقعي تي ايلہ جي حاڪم ڪين هڪ اڇي رنگ جو خچر تحفہ طور ڏنو جيڪو پاڻ قبول ڪرڻ فرمايائون ۽ پاڻ ڪيس هڪ چادر عنايت ڪيائون جيڪا ان سندن شڪريہ ادا ڪندي قبول ڪئي (۱) هن جنگ ڪي غزوة العسرة ۽ الغزوة الفاضحة سڏيو ويو آهي جو ان ۾ مسلمان نهايت تنگيءَ ۽ تڪليف ۾ هئا ۽ منافق خوار ۽ خراب ٿيا. فرمان مبارڪ آهي "يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا مَا لَكُمْ اِذَا قِيْلَ لَكُمُ انْفِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللهِ اثَّاقَلْتُمْ اِلَى الْاَرْضِ" اي ايمان وارؤ! اوهان ڪي ڇا ٿو ٿئي؟ جو جڏهن اوهان ڪي چيو ٿو وڃي تہ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ لاءِ نڪرو تہ ڳرا ٿي زمين ڏانهن ڪري ٿا پئو- ياد رکڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ مسلمانن ڪي خطاب آهي پر انهن ڪي اي ايمان وارؤ! چئي سڏڻ ۾ شفقت جو اظهار بہ ڪيو ويو آهي ڇو تہ تبوڪ جي جنگ ۾ نڪرڻ بعضي طبيعتن تي نهايت ڳرو هو سفر ڊگهو، گرميءَ جي موسم مسلمانن وٽ سامان نهايت ٿورو هو، روم ۽ شام جي خطرناڪ فوجن سان مقابلو هو ڪجورن جي پچڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو موقعو جن تي سڄو سال گذر ڪرڻو هوندو هو پر مٿئين پيار واري سڏ سان گهڻا مجاهد تيار ٿي ويا "اَرَضِيْتُمْ بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا مِنَ الْاٰخِرَةِ فَمَا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا فِى الْاٰخِرَةِ اِلَّا قَلِيْلٌ" ڇا اوهان آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي حياتيءَ تي راضي آهيو دنيا جي حياتي آخرت

(۱) الصاوي ص ۱۳۹ جزء ۲ نعيمي ص ۳۰۶ جلد ۱۰

جي مقابلي ۾ تہ نهايت ٿوري آهي- مطلب تہ دنياوي حياتي عارضي ۽ فاني آهي جيڪا آخرت واري دائمي زندگيءَ جي مقابلي ۾ ڪابہ اهميت ۽ حيثيت نٿي رکي مؤمن جي نگاهہ ۾ دنيوي عيش ۽ آرام کي آخرت واري زندگيءَ جي ابدي راحت تي ترجيح هجڻ نہ کپي- امام احمد، مسلم ۽ ترمذي حضرت مسور بن مخرمہ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ:

"دنيا آخرت جي مقابلي ۾ ائين آهي جيئن اوهان مان ڪو هڪڙو پنهنجي آڱر سمنڊ ۾ وجهي مٿي ڪڍي پوءِ ڏسي تہ ان مان ڪيترو پاڻي ڪري ٿو" (۱) مطلب تہ جيئن آڱر مان ڪرندڙ پاڻيءَ جي سمنڊ جي اڳيان ڪا حيثيت نہ آهي تيئن دنيا جي حياتيءَ جي آخرت جي مقابلي ۾ بہ ڪا حيثيت نہ آهي ۽ دنيوي نعمتن جو اخروي نعمتن جي مقابلي ۾ اهو حال آهي-

"اِلَّا تَنْفِرُوْا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ وَّ يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوْهُ شَيْــًٔـا ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" جيڪڏهن نہ نڪرندؤ تہ اوهان تي دردناڪ عذاب نازل ڪندو ۽ اوهان جي بجاءِ اوهان کان سواءِ ٻي قوم مٿي آڻيندو ۽ اوهان ان کي ڪو نقصان ڏئي نہ سگهندؤ ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي- يعني جيڪڏهن اوهان پنهنجي نبي عليه الصلواة والسلام سان جنگ تي گڏ نہ نڪرندؤ تہ الله تعالىٰ اوهان جي دشمن کي اوهان تي غالب ڪري ان جي هٿان اوهان کي هلاڪ ڪرائيندو ۽ اهڙا ماڻهو اوهان جي جاءِ تي آڻيندو جيڪي اوهان کان پلا ۽ وڌيڪ فرمانبردار هوندا ۽ اوهان جنگ ۾ نہ وڃڻ سان الله تعالىٰ کي ڪوبہ نقصان ڏيئي نہ سگهندؤ. اهو هر شيءِ تي قادر آهي اهو اوهان جي بجاءِ ٻين کي آڻڻ تي بہ قادر آهي (۲)

فائدو- هتي جهاد ۾ سستي ڏيکارڻ وارن کي بہ "يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" (اي ايمان وارا) سان سڏڻ مان ثابت ٿيو تہ مسلمان ڪنهن ڪم ۾ سستي ڪرڻ سان ڪافر نہ ٿوٿئي ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ شريعت پاڪ جي ڳرن ۽ سخت حڪمن ۽ عبادتن کي ڳرو سمجهڻ يا انهن جو طبيعت تي بار سمجهڻ فسق ۽ فجور ناهي جيئن ڪنهن کي سخت سرديءَ جي موسم ۾ ٿڌي پاڻيءَ سان وضؤ ڪرڻ ڳرو لڳي پر وضو ڪري ٿو- ڏسو تبوڪ جي جنگ کي ڳرو سمجهندڙ کي نہ فاسق سڏيو ويو ۽ نہ انهن کي توبہ ڪرڻ جو حڪم ٿيو (۳)

(۱) تفسيرالمراغي ص ۱۲۰ جز ۱۰ جلد ۳ (۲) بحرالعلوم ص ۴۹ جلد ۲ (۳) نعيمي ص ۳۱۰ جلد ۱۰

اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

جيڪڏهن مدد نہ ڪندؤ اوهان ان جي پوءِ تحقيق مدد ڪئي ان جي الله جڏهن ڪڍيو ان کي انهن ماڻهن جو ڪفر ڪيائون

ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِى الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ

ٻيو ٻن ۾ جنهن وقت اهي ٻئي هئا غار ۾ جڏهن فرمائي پيو واسطي ساٿيءَ پنهنجي تہ نہ غمگين ٿي بيشڪ الله

مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ

اسان سان گڏ آهي پوءِ لاٿو الله سڪون پنهنجو ان تي ۽ مدد ڪيائين ان جي اهڙن لشڪرن سان جو نہ

تَرَوْهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِيْنَ كَفَرُوا السُّفْلٰى ۭ

ڏٺو اوهان انهن کي ۽ ڪيائين ڳالهہ انهن جي ڪي جو ڪفر ڪيائون هيٺ

وَكَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الْعُلْيَا ۭ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝۴۰

۽ ڳالهہ الله جي اهائي مٿي آهي ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي

تفسير

اڳينءَ آيت ۾ الله تعاليٰ جي بي نياز هجڻ جو ذڪر هو تہ اهو پنهنجي پسند ڪيل دين اسلام کي هرحال ۾ غالب ڪندو اوهان مدد ڪيو يا نہ ڪيو ۽ هن آيت ۾ هجرت واري واقعي سان ان جو ثبوت پيش ڪيو ويو آهي-

شان نزول

هي آيت مبارڪ نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي هجرت جي متعلق نازل ٿي هئي جنهن جو بيان هيئن آهي تہ جڏهن مڪہ مڪرمہ جي رهندڙن ڪافرن جا مسلمانن تي ظلم حد کان لنگهي ويا تہ نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن مسلمانن کي مختلف مقاماتن ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ جي اجازت ڏني ڇڏي آهستي آهستي اهي هجرت ڪندا رهيا تانجو حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت ابوبڪر

صديق، حضرت علي رضي الله عنه، حضرت صهيب رضي الله عنهم کجهہ عورتن ٻارڙن ۽ اهڙن ضعيف مسلمانن جيکي هجرت کري نہ ٿي سگهيا، کان سواءِ کو بہ مسلمان مکه پاک ۾ نہ رهيو. حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه بہ حبش ملک ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ نکري چکو هو پر برک الغمام مقام وٽ کيس مکه جي رهاکن سردارن مان هک سردار ابن الدغنه مليو جنهن کائنس پڇيو تہ: ابوبکر کيڏانهن ٿو وڃين؟ پاڻ ٻڌايائونس تہ: الله جي زمين جي کنهن حصي ۾ سک جو ساهہ کڻڻ لاءِ نکري پيو آهيان. انهن کيس منٿون کري موٽايو ۽ چيو تہ اوهان جهڙو ماڻهو مکي مان وڃڻ نہ ڏبو- ان کان پوءِ حضور عليه الصلواه والسلام جن حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه کي فرمايو تہ: مون کي بہ رب العزة جل جلالہ جي طرفان هجرت کرڻ جو حکم ملڻ وارو آهي تون مون سان گڏ هجرت کجانءِ- حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه کي اها ڳالهہ ٻڌي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ اٺ سو درهم ڏئي ٻہ ڏاچيون خريد کري انهن کي سگهو کرڻ لاءِ سٺي نموني چاريندو رهيو تہ مٿن سواري کري هجرت کبي- انهن ڏاچين مان هک جو نالو قصويٰ هو جنهن تي نبي اکرم صلي الله عليه وسلم جن هجرت جي دوران سواري کئي اها ڏاچي سڄي حياتي وٽن رهي ۽ حضرت ابوبکر صديق جي خلافت ۾ وفات کري وئي، حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ٻي ڏاچيءَ جو نالو عضباءِ هو انهيءَ حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت ۾ وفات کئي هئي ۽ قيامت جي ڏينهن اٿندي. سيده فاطمہ زهراءِ رضي الله عنها ان تي سوار ٿي محشر جي ميدان ۾ تشريف فرمائيندي. انهن ٻنهي ڏاچين جي خريداري ذوالحج مهيني جي آخر ۾ ۽ هجرت جي تياري محرم شريف ۾ کئي وئي هئي ان جي کري اسلامي هجري سال جي ابتداءِ محرم کان کئي وئي آهي جيتوڻيک حبيب پاک صلي الله عليه وسلم جن جي هجرت ربيع الاول ۾ ٿي هئي. جڏهن صبح جي موقعي تي مدينہ منوره جا رهاکو انصار مکه مکرمہ ۾ آيا ۽ اتي جي ٻن قبيلن اوس ۽ خزرج جي اڳواڻن حبيب پاک عليه الصلواه والسلام جي پاک هٿ تي بيعت کري پهرئين پيري ٻارنهن ڄڻن ۽ ٻئي پيري ستر ڄڻن اسلام قبول کيو ۽ اها خبر مکہ پاک جي مشرکن ٻڌي تہ کين خطرو محسوس ٿيو تہ اسلام تہ مکہ پاک کان ٻاهر بہ پکڙجي رهيو آهي تڏهن پنهنجي صلاح ۽ مشوري کرڻ واريءَ جاءِ ۾ (جيکا قصي بن کلاب جي گهر ۾ هئي ۽ ان کي دارالندوة سڏيندا هئا) گڏ ٿي سوچڻ لڳا تہ هاڻي ڇا کجي؟ سيرت نگارن لکيو آهي تہ ان ميٽنگ ۾ شيطان بہ انسان ٿي نجدي شيخ جي صورت ۾

اچي شريڪ ٿيو هو ۽ ڪين چوڻ لڳو تہ مان نجد جو شيخ آهيان اوهان هڪ سهڻي سوچ لاءِ گڏ ٿيا آهيو مان بہ اوهان ڪي ان ۾ سهڻي صلاح ڏيڻ لاءِ آيو آهيان هين مختلف مشورا ڏنا جيڪي ان نجدي شيخ ڪي نہ وڻيا پوءِ ابوجهل چيو تہ منهنجو مشورو آهي تہ مڪہ پاڪ جي سيني قبيلن مان هڪ هڪ ماڻهو منتخب ڪيو جيڪي گڏ جي رات جو حضرت محمد مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم جي گهر ڪي گهيرو ڪري ويهن ۽ جيئن صبح جو اٿي تہ مٿس سخت حملو ڪري ڪيس شهيد ڪري ڇڏين ۽ جڏهن سيئي ان قتل ۾ ملوث هوندا تہ هڪ بني هاشم گهراڻي وارا ڪنهن سان وڙهندا وڙهي نہ سگهندا لاچار ٿي خون بها تي راضي ٿيندا جيڪا گڏجي پري ڏينداسون نجدي شيخ جي صورت ۾ آيل شيطان بہ ان مشوري ڪي پسند ڪيو ۽ اها ڳالهہ متفق راءِ سان منظور ڪئي وئي- اها صلاح صفر مهيني ۾ ڇنڇر جي ڏينهن ڪئي هيائون ۽ هاڻي اها دارالندوة حرم شريف جي حدود ۾ اچي وئي آهي.

نيٺ پروگرام جي مطابق سيني قبيلن مان هڪ هڪ نوجوان مسلح ٿي آيا ۽ نبي اڪرم نور معظم صلي الله عليه وسلم جي گهر مبارڪ ڪي گهيرو ڪري ويهي رهيا ۽ جبريل امين اچي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ سموري حقيقت پيش ڪئي پاڻ حضرت علي رضي الله عنه ڪي پنهنجي سائي رنگ جي چادر مبارڪ ڏئي جيڪا چار گز ڊگهي ۽ ٻہ گز ويڪري هئي فرمايائون تہ: علي! تون منهنجي بستري تي سمهي رهہ مان توکي خوش خبري ٿو ڏيان تہ: ڪافر توکي ڪابہ تڪليف نہ ڏئي سگهندا- سندن پاڪ گهر ڪي گهيرو ڪندڙ هڪ سؤ فرد هيا پاڻ مٺيءَ جي مٺ پري سورة ياسين شريف جي آيت "وَجَعَلْنَا مِنْ بَيْنِ أَيْدِيهِمْ سَدًّا وَمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَأَغْشَيْنَاهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُونَ"(۱) (۽ اسان سندن اڳيان اوٽ ڪئي سندن پويان بہ اوٽ ڪئي سون پوءِ ڪين ڍڪيوسون پوءِ اهي نٿا ڏسن) پڙهيائون ۽ اها مٺيءَ جي مٺ جو انهن ڏانهن اڇلايائون تہ اها سيني جي مٿي تي پئي ۽ اهي سڀ سندن ڏسڻ کان انڌا ٿي پيا ۽ پاڻ انهن جي وچان اهڙي نموني نڪري ويا جو ڪين ڏسڻ ۾ ئي نہ آيا ۽ پاڻ سڌا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي گهر پهتا ۽ ان کي پاڻ سان وٺي ثور جبل ڏانهن روانا ٿيا جيڪو مڪه پاڪ کان ان وقت پنج ميل پري هو ان کي ثور ان جي ڪري ٿا سڏين جو هڪ پيري ان تي ثور بن مناة نالي شخص رات رهيو هو ان جي نسبت سان اهو ثور سڏيو ويو ان جو اصل نالو جبل اطحل هو. هوڏانهن جڏهن حضرت علي رضي الله عنه بستري تان اٿيو تہ ٻاهران گهر ڪي گهيرو ڪري ويهندڙ

(۱) ياسين شريف آيت ۹

ڪافر ڪيس ڏسي حيران ٿي ويا ۽ هي حيرت اها به لڳين جو سندن مٿي تي مٽي پيل هئي. حضرت علي رضي الله عنه کان حضور عليه الصلواة والسلام جي باري ۾ پڇيائون ته پاڻ ڪيڏانهن ويا؟ حضرت علي فرمايو ته: الله تعاليٰ ئي بهتر ڄاڻي ٿو- هوڏانهن حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت ابوبڪر سان گڏ ثور جبل جي غار ۾ اندر لهڻ جو ارادو فرمايو ته حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ڪين عرض ڪيو ته يارسول الله! پهريائين مون کي غار ۾ لهڻ جي اجازت ڏيو ته مان ان کي صاف ۽ سٺو ڪيان ۽ ان کان پوءِ اوهان کي اندر لهي اچڻ لاءِ عرض ڪيان متان اندر کو ايذا ڏيندڙ نانگ يا بلا هجي ۽ اوهان کي ايذا پهچائي. پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه اڪيلو غار ۾ لٿو فرش کي صاف ڪرڻ کان پوءِ ڏٺائين ته ان جي اندرين پاسن ۾ تمام گهڻا سوراخ هئا پنهنجي چادر مبارڪ کي ڦاڙي جيڪي به پاسن وارا سوراخ هئا بند ڪيائين باقي هڪ سوراخ وڃي بچيو ان تي پنهنجو پير رکي بند ڪري حضور عليه الصلواة والسلام جن کي اندر اچڻ لاءِ عرض ڪيائين ۽ سندن سر مبارڪ پنهنجي هنج ۾ رکي ڪين آرام ڪرايائين- غار جي پاسن وارن سڀني سوراخن ۾ نانگ هيا پر جنهن سوراخ تي پير رکيو هيائين ان ۾ موجود نانگ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي پير مبارڪ کي ڪئي ڀيرا ڏنگيو پر پاڻ پنهنجو پير مبارڪ ان سوراخ تان نه هٽايائين غار جي نانگ کان غار وارو يار غالب رهيو پر زهر پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو سڄي جسم ۾ زهر جو اثر نظر آيو ۽ ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي اکين مان پاڻي وهي آيو جيڪو محبوب پاڪ صلى الله عليه وسلم جي ڳلن مبارڪ تي ڪريو پاڻ پنهنجون اکيون مبارڪ کولي ڏٺائين ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي اکين مان پاڻي وهي رهيو آهي- پڇيائونس ته ڇا ٿيو آهي؟ عرض ڪيائين ته: هڪ نانگ هن پير واري سوراخ ۾ آهي جيڪو ڪيترا ئي ڀيرا ڏنگ هڻي چڪو آهي پاڻ فرمايائون ته: ڏنگ ڪٿي هنيا اٿس؟ عرض ڪيائين ته: پير جي آڱوٺي ۾ هنيا اٿس- پاڻ فرمايائون ته ڏيکار ڪٿي ڏنگ هنيا اٿس حضرت ابوبڪر رضي الله عنه سوراخ تان پير ڪڍي ڏيکاريو ۽ پاڻ ان تي پنهنجو لعاب مبارڪ جو لڳايائون ته اتي جو اتي زهر وارو درد ختم ٿي ويو مگر الله تعاليٰ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي شهادت جو مقام ڏيڻ گهريو ان جي ڪري سندس وفات وقت وري زهر جو اثر ظاهر ٿيو جنهن جي ڪري ڪيس شهادت جو مقام به عطا ٿيو- هوڏانهن مڪه مڪرمه جا ڪافر ڇئني پاسي ڳولڻ لاءِ نڪري پيا ۽ غار جي منهن تي اچي پهتا- پر رب العزة جل شانه

جي قدرت سان غار جي منهن تي هڪ ڪوريئڙي ڄار ٺاهي ڇڏيو ۽ ڪبوتري آنا لاهي وڌي- جيڪي ڪافر هٿيارن سان مسلح ٿي غار جي منهن تي اچي پهتا هئا انهن مان ڪي چوڻ لڳا ته غار ۾ اندر به ڏسجي ته ڪن چيو ته هن غار تي هي ڄار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي ڄمڻ کان اڳ جو آهي جيڪڏهن هن ۾ اندر ڪير وڃي ها ته اهو ڄار ٽٽي پوي ها ۽ آنا پڄي پون ها مٿان ڪافر اهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته اندران حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه اهي سڀ ڳالهيون ٻڌي حضور عليه الصلواة والسلام جن کي عرض ڪيو - پاڻ ڪيس جيڪو جواب ڏنائون اهو هن آيت ۾ مذڪور آهي پاڻ ان غار ۾ ٽي ڏينهن رهيا ان عرصي دوران حضرت ابوبڪر جو غلام مالڪ بن فهيره غار جي پر ۾ ٻڪريون چاريندو هو ۽ کين ڪير پياري ويندو هو، شام جو حضرت ابوبڪر جو پٽ گهران کاڌو پيتو کڻي پهچائيندو هو ۽ روزانو کين مڪي پاڪ جي ڪافرن جون خبرون به ٻڌائيندو هو جڏهن ڪافر ويهي ويهي ٻور ٿي موٽي ويا تڏهن حضور عليه الصلواة والسلام ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه باقي سفر ڪري مدينه منوره ۾ تشريف فرما ٿيا- (١)

معجزا

هجرت جي دوران حضور عليه الصلواة والسلام جن کان جيڪي معجزا ظاهر ٿيا هئا انهن مان ڪجهه هي آهن ١- حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي غار ۾ جڏهن سخت اڃ لڳي ۽ پاڻي به موجود نه هو تڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايس ته غار جي ڪنڊ مان ۽ هڪ روايت موجب منهن تان پاڻي پي اڃ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ويو ۽ ڏنائين ته اتي پاڻيء جو هڪ چشمو هو جيڪو کير کان وڌيڪ اڇو ماکيء کان وڌيڪ مٺو، برف جهڙو ٿڌو ۽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار هو- پاڻ ان مان ڍؤ ڪري پيئائون موٽي آيا ته حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايس ته هي ڪوثر جي چشمي جو پاڻي هو جيڪو الله جل جلاله تنهنجي لاء هتي پهچايو هو ٢- حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ڪافرن جي واپس وڃڻ کان پوء حضور نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جن کي عرض ڪيو ته: يارسول الله! جيڪڏهن هي ڪافر اسان کي ڏسي اندر لهي اچن ها ته اسين ڪيڏانهن وڃون ها؟ حضور عليه الصلواة والسلام جن پاڪ آگر سان غار جي هڪ ڪنڊ ڏانهن اشارو ڪري فرمايو ته هيڏانهن، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه نهاريو ته اتائين ڪيس هڪ سمنڊ جو

(١) روح البيان ط۲۴۳۱-۴۳۲ جلد۳، خازن ص۲۲۵ جلد۲ نعيمي ص۲۱۳-۲۱۶ جلد ١٠-

ڪنارو نظر آيو جنهن ۾ سندن انتظار ۾ هڪ ٻيڙي تيار نظر آئي. (۱)

حضرت عمر رضي الله عنه جي حسرت

محدث رزين روايت آندي آهي ته حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو: ڪاش-منهنجي ساري حياتيءَ جون نيڪيون حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي هڪ رات ۽ هڪ ڏينهن جي برابر هجن ها. رات اها جنهن ۾ پاڻ حضور عليه الصلواة والسلام جي صحبت ۾ هجرت ڪري غار ۾ آيو هو ۽ ڏينهن اهو جڏهن نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن دنيا تان ظاهري رحلت فرمائي ته پاڻ مستقل مزاجيءَ سان مسلمانن جي رهنمائي ڪري ڪين باهمي اختلاف ۽ جنگ ڪان بچائي وڌائين، (۲) فرمان مبارڪ آهي "اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا" اوهان ان جي مدد نه ڪندؤ ته پوءِ يقينًا الله ان جي ان وقت مدد ڪئي جڏهن ڪافرن ان کي ڪڍيو- يعني الله جل جلاله جو نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم اوهان جي مدد جو محتاج نه آهي بالفرض جيڪڏهن اوهان سندن مدد نه ڪئي ته به اهو ڪامياب آهي سندس مددگار الله آهي اوهان ڏٺو ته هجرت دوران سندن يار غار ڪان سواءِ ساٿن ٻيو ڪير به گڏ نه هو تڏهن به ڪافر سندن وار کي به لوڏي نه سگهيا- "ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا" ٻن ۾ ٻيو جڏهن اهي ٻئي غار ۾ هئا تڏهن پنهنجي ساٿيءَ کي فرمائي پيو ته غمگين نه ٿيءُ يقينًا الله اسان سان گڏ آهي-

حضرت ابوبڪر جي اصحابي هجڻ جو منڪر ڪافر آهي

علماء ڪرام لکيو آهي ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو اصحابي هجڻ قرآن پاڪ جي هن آيت مان ثابت آهي جيڪو سندس ان شان جو منڪر آهي اهو قرآن ڪريم جي نص جو منڪر هجڻ جي ڪري ڪافر آهي- (۳)

جنت جو ساٿي

ابن شاهين، دارقطني، ابن مردويه، ۽ ابن عساڪر حضرت ابن عمر رضي الله عنهم ڪان روايت آندي آهي ته سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن حضرت ابوبڪر رضي

(۱) نعيمي ص۳۱۷ جلد ۱۰

(۳) مظهري ص ۲۰۷ جلد ۴ الاڪليل ص ۱۴۰ روح المعاني ص ۱۰۰ جز ۱۰ جلد ۴

الله عنه کي مخاطب ٿي فرمايو "اَنْتَ صاحبي فِی الْغَار وَاَنْتَ مَعِيَ عَلَی الْحَوْض" تون منهنجو غار ۾ ساٿي هئين ۽ تون مون سان حوض (کوثر) تي بہ گڏ هوندين- اهڙي روايت ابن مردويه حضرت ابن عباس کان بہ آندي آهي (١)

حضرت ابوبکر صديق ميار

کان محفوظ رهيو

"طرا بلسيءِ فضائل الصحابه" ۾، ابن عساکر حضرت علي ۽ سفيان بن عينه رضي الله عنهما کان، حکيم ترمذي حضرت حسن........ کان ۽ ابن المنذر شعبي کان روايتون آنديون آهن تہ الله تعالىٰ جي طرفان ڏنل ميار کان هڪ حضرت ابوبکر محفوظ رهيو ٻيا سڀ ان ۾ اچي ويا- (٢) محمد ادريس عفي عنه جو عرض آهي تہ ان ميار کان حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه بہ محفوظ آهي جو حبيب کريم صلي الله عليه وسلم جي امر سان سندن بستري تي ستو هو-

حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت

حسان کان حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه جو شان ٻڌڻ فرمايو

ابن عدي ۽ ابن عساکر حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن حضرت حسان رضي الله عنه (جيکو سندن شان ۾ شعر ٺاهيندو هو) کي فرمايو تہ ابوبکر جي باري ۾ کجهہ شعر چيا اٿئي؟ عرض کيائين تہ هائو- فرمايائونس تہ: ٻڌاءِ تہ مان بہ ٻڌان، پوءِ حضرت حسان رضي الله عنه هي شعر پڙهيا.

وَثَانِيَ اثْنَيْنِ فِی الْغَارِ الْمُنِيْفِ وَقَدْ
طَافَ الْعَدُوِّبِهٖ اِذْ صَعَدَا الْجَبَلَا
وَكَانَ حِبَّ رَسُوْلِ اللّٰهِ قَدْ عَلِمُوْا
مِنَ الْبَرِيَّةِ لَمْ يَعْدِلْ بِهٖ رَجُلَا

يعني برکت واري غار ۾ ٻن مان ٻيو هو- جڏهن جبل تي چڙهيا ۽ دشمن ان غار تي ڦري رهيا هيا (حضرت ابوبکر) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي تمام گهڻو

(١) الدرالمنثور ص ١٩٩ - ٢٠٢ جلد ۴ (٢) ساڳيو

پيارو هو ڀاڻ ان جي برابر ڪنهن کي به نه ڪيو هيائون- مطلب ته اصحابن مان ڪوبه ان جي برابر نه آهي حضرت ابوبڪر اصحابن ۾ سڀني کان پلو آهي حضرت حسان جا اهي شعر ٻڌي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن گهڻو خوش ٿي ڪليا ۽ فرمايائون ته حسان سچ چيو اٿئي اهو آهي به ائين جيئن چيو اٿئي (۱)

نڪته- حضرت موسىٰ عليه السلام جڏهن بني اسرائيل کي گهبرائيندي ڏٺو ته فرمايائين- "اِنَّ مَعِيَ رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ" يقينًا مون سان منهن جو رب گڏ آهي جيڪو مون کي جلد رهنمائي ڪندو- پر حضور صلى الله عليه وسلم جن حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کي سندن پاڪ ذات لاءِ پريشان ٿيندي ڏسي فرمايو ته: "لَاتَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا" غمگين نه ٿيءُ الله اسان ٻنهي سان گڏ آهي- يادرکڻ گهرجي ته الله تعالىٰ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي فرمايو آهي "لَاتَحْزَنْ عَلَيْهِمْ" (۲) انهن جو غم نه ڪر- ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت ابوبڪر کي فرمايو ته "لَاتَحْزَنْ" حضور عليه الصلواة والسلام جن الله جا محبوب آهن ۽ حضرت ابوبڪر حضور عليه الصلواة والسلام جو محبوب آهي (۳)

"فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا" پوءِ الله ان تي پنهنجو سڪون لاٿو ۽ ان جي اهڙن لشڪرن سان مدد ڪيائين جو اوهان اهي ڏٺائي ڪونه-

الله تعالىٰ سڪون ڪنهن تي لاٿو؟

ان ۾ ٻه قول آهن . ۱- حضور عليه الصلواة والسلام جن تي . ۲- حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه تي، علامه قرطبي لکيو آهي ته ٻيو قول وڌيڪ قوي آهي ڇو ته حضرت ابوبڪر کي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ ذات کي تڪليف پهچڻ جو خطرو محسوس ٿي رهيو هو حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڪو خطرو محسوس نه ٿيو هو پوءِ الله جل جلاله سڪون لاهي حضرت ابوبڪر کي مطمئن بڻايو- ۽ ظاهر ۾ ته هي لشڪر تمام ضعيف هو پر باطني طور ڪيڏو نه قوي نڪتو- حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي ان رفاقت ۽ صداقت کي نگاه ۾ رکندي حضور عليه الصلواة والسلام پنهنجن امتين کي صديق سهڻي جي پچر ڪرڻ کان روڪيندي فرمايو هو"منهن جي ڪري منهنجي ساٿيءَ جي پچر ڇڏي ڏيو شروع ۾ اوهان مون لاءِ چيو هو ته ڪوڙ ٿو هڻين پر ابوبڪر چيو هو ته سچ ٿو فرمائين"۽ ڀاڻ ملائڪن جي لشڪرن سان تائيد ڪيا ويا- ۽ ڪٿي تائيد ڪيا ويا ان ۾ ٻه قول آهن . ۱- ته بدر

(۱) روح المعاني ص۹۷ جزء۱۰ جلد ۴ بحرالعلوم ص۱۵۱ جلد ۲
(۲) نعيمي ص۳۱۹ جلد ۱۰ (۳) القرطبي ص۱۴۸ جلد ۸

احزاب ۽ حنين ۾. ٢- تہ ملائڪن جي ذريعي غار ۾، جو دشمن نہ ڏسي سگهيا نہ غار ۾ داخل ٿيا.

سوال- جڏهن "اَيَّدَهٗ" جو ضمير متفق قول مطابق حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن ورايو ٿا ۽ چئو ٿا تہ سندن تائيد ٿي هئي تہ "عَلَيۡهِ" جو ضمير حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه ڏانهن ڇو ٿا ورايو؟ اتي بہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذات مراد وٺو؟

جواب- هر ضمير جي مرجع ان جي مناسب ۽ لائق ڪيڏي ويندي آهي سڪون ان کي ڏبو جنهن کي بيقراري هوندي آهي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي حضور عليه الصلواة والسلام جن تي دشمنن جي حملي جي خطره جي بيقراري هئي ان جي ڪري ان کي سڪون ڏنو ويو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي ڪا بہ بيقراري ۽ پريشاني نہ هئي ان جي ڪري مٿن سڪون نازل ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ هئي ان نموني سان ضميرن جي ورائڻ جو مثال ٻيءَ آيت ۾ بہ آهي.

"لِّتُؤۡمِنُوا بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ وَتُعَزِّرُوۡهُ وَتُوَقِّرُوۡهُ وَتُسَبِّحُوۡهُ" (١) ڏسو "توقروه" جوضمير حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن ۽ "تُسَبِّحُوۡهُ" جو ضمير الله جل جلاله ڏانهن وري ٿو- (٢) "وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوا السُّفۡلٰى وَكَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الۡعُلۡيَا وَاللّٰهُ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ" ۽ ڪافرن جي ڳالهہ کي هيٺ ڪيائين ۽ الله جي ڳالهہ ئي بلند آهي ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي- ڪافرن جي ڳالهہ مان مراد سندن شرڪ ۽ بتن ڏانهن سڏڻ آهي ۽ الله جي ڳالهہ مان مراد توحيد جو ڪلمو ۽ اسلام ڏانهن سڏڻ آهي (٣) مطلب تہ الله جل جلاله ڪافرن جي ڳالهين، مشورن ۽ ارادن کي ناڪام ڪري پنهنجي توحيد جي ڪلمہ، اسلام ۽ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي بلند ڪيو ۽ اهو سڀ ڪجهہ ان جي ڪري ٿيو جو الله غالب بہ آهي تہ حڪمت وارو بہ آهي. جنهن کي اهو غالب ڪندو ان کي ڪير بہ هيٺ نہ ڪري سگهندو ۽ ان ٻانهي کي غالب ڪرڻ ۾ بہ سندن ڪيتريون ئي حڪمتون هونديون آهن-

سيدنا ابوبڪر صديق نبين عليهم الصلواة والسلام

کان پوءِ ساري مخلوق ۾ افضل آهي

سچن سنين، حق وارن جي نالي واري عالم، مفتي ۽ قرآن ڪريم جي لاجواب مفسر علامہ احمد يار خان نعيمي عليه الرحمہ لکيو آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ساريءَ امت جو اتفاق ۽ اجماع سان عقيدو آهي تہ حضرت ابوبڪر انبياء

(١) سورة الفتح آيت ٨ (٢) زادالمسير ص ۴۴١ جلد ٣ (٣) فتح القدير ص ٣٦٢ جلد ٢

ڪرام عليهم الصلواةوالسلام ڪان پوءِ ساري مخلوق ڪان افضل آهي- ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ سندس افضل الخلق هجڻ لاءِ قرآن ڪريم جون آيتون ۽ نبوي حديثون شاهد آهن (۱)

اعتراض ۽ انهن جا جواب

۱- اوهان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي شان ڪي ثابت ڪرڻ لاءِ هن آيت مان دليل ٿا وٺو تہ ڪيس هجرت جي سفر ۾ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي رفاقت جي سعادت حاصل ٿي هئي پر اوهان جو اهو دليل وٺڻ صحيح نہ آهي. اهو صحيح تڏهن هجي ها جڏهن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن الله جل جلاله جي امر سان ڪيس رفيق بنائن ها پر هي تہ پاڻهي پاڻ گڏ جي هليو هو ۽ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن ڪيس ان جي ڪري نہ جهليو تہ متان ڪافرن سان وڃي ڳالهہ ڪري ڪين گرفتار ڪرائي وجهي- (شيعا)

جواب

اوهان جو اهو اعتراض بالڪل غلط ۽ واهيات مان آهي ڇو تہ سندن هجرت جو پروگرام نهايت رازداريءَ سان طئي ڪيو ويو هو- جڏهن ڪافرن جي قبيلن جا نوجوان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ گهر ڪي گهيرو ڪري ويٺا هئا ۽ پاڻ الله جل جلاله جي حفاظت ۾ سندن اکين ۾ مٽي وجهي ٻاهر نڪري آيا هاڻي پڇڻ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڪي هجرت جو ڪنهن ٻڌايو؟ جو اڳي نبي اڪرم عليه الصلواة والسلام جن سان شريڪ ٿيو. ظاهر آهي تہ يا ڪيس حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن ٻڌايو يا حضرت علي رضي الله عنه جنهن بہ ٻڌايو تہ حضرت ابوبڪر تي اعتماد ۽ ڀروسو ڪري ٻڌايو هوندو جيڪڏهن حضور عليه الصلواة والسلام دشمن ڪي ٻڌايو تہ ڇو؟ ۽ جيڪڏهن حضرت علي ٻڌايو تہ ڇو؟ ڇا اهو بہ معاذالله دشمن هو؟ نہ هرگز نہ- نتيجو اهو نڪتو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پڪو مجاهد ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو اعتماد جوڳو صحابي هو جنهن ڪي هجرت ۾ رفاقت جي سعادت، عظيم عزت ۽ بلند مقام نصيب ٿيو- وڌي ڳالهہ تہ اها بہ آهي جو الله تعالىٰ حضور نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن ڪي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان هجرت ڪرڻ ڪان منع تہ نہ ڪئي پر سندس هجرت ۾ رفاقت ڪي قرآن پاڪ ۾ بيان فرمايو- جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي

(۱) نعيمي ص۳۲۱ جلد ۱۰

ايمان ڪامل جو واضح دليل ۽ روشن ثبوت آهي- شيعن جي علماءَ به ان رفاقت جي تصديق ڪندي ان کي تسليم ڪيو آهي. ڪجهه حوالا قارئين جي پيش خدمت آهن.

۱- شيعي عالم فتح الله ڪاشانيءَ پنهنجي تفسير منهج الصادقين ۾ لکيو آهي ته:

پس پيغمبر صلی الله عليه وسلم شب پنجشنبه درشهر مکه اميرالمؤمنين رابر جائي خود ميخوا بانيد وخود ازخانئه ابوبکر دررفاقت اوبيرون آمده بدان غار توجه نمود- يعني رسول الله صلی الله عليه وسلم جن خميس جي رات جو مڪه مڪرمه ۾ اميرالمؤمنين (حضرت علي) کي پنهنجي جاءِ تي سمهڻ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ ابوبڪر جي گهر کان ان جي رفاقت ۾ ٻاهر اچي غار ڏانهن متوجه ٿيا- شيعن جي ڪتاب حملهٔ حيدري جي مصنف باذل جيڪو هجرت جي واقعي جي متعلق لکيو آهي اهو به قارئين ڪرام جي پيش نظر آهي. شايد منڪرن جي انڌين اکين لاءِ شفا وارو سرمو بڻجي-

چنين گفت راوي که سالار دين
چون سالم بحفظ جهان آفرين
زنزديک آن قوم پر مکر رفت
بسوئے سرائے ابوبکر رفت

يعني روايت ڪندڙ جو قول آهي ته دين جو سالار (رسول الله صلی الله عليه وسلم) جڏهن الله تعالیٰ جي حفاظت ۾ ان مڪر ڪندڙ قوم جي گهيري کان ٻاهر نڪتو ته (حضرت) ابوبڪر صديق جي حويليءَ ڏانهن ويو-

پئي هجرت اونيز آماده بود
که سابق رسولش خبرداده بود
نبي بردر خانه اش چون رسيد
بگوشش ندائي سفر برکشيد
چو بوبکر زان حال آگاه شد
زخانه برون رفت همراه شد

يعني اهو (ابوبڪر) به هجرت لاءِ تيار هو جو رسول الله صلی الله عليه وسلم جن ان کي اها خبر اڳيئي ٻڌائي ڇڏي هئي- جڏهن سندس گهر جي دروازي تي نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن پهتا ته سندن ڪن ۾ سفر جي لاءِ ارشاد فرمايائون- ۽ جڏهن حضرت ابوبڪر صديق اهو فرمان ٻڌو ته گهر مان نڪري سندن سفر جو ساٿي ٿيو- انهن ٻنهي حوالن سان ثابت ٿيو ته نبي اڪرم صلی الله عليه وسلم جن پنهنجي هجرت جي ارادي

۽ پروگرام کان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي اڳيئي آگاهه ڪري ڪيس پنهنجي سفر جي ساٿي ٿيڻ لاءِ به ارشاد ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو صرف ان جي ڪري جو ڪين خبر هئي ته حضرت ابوبڪر صديق سندن وفادار يار آهي. نه ته هڪڙن دشمنن جي حملي کان نڪري پئي دشمن جي گهر اچڻ ۽ ان کي پنهنجو ساٿي بنائڻ ڪنهن ادنيٰ انسان کان ٿي نه ٿيندو محبوب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن ائين ڪيئن ڪندا- ان ئي موضوع تي حضرت امام حسن عسڪري رضي الله عنه جي روايت به پڙهڻ جهڙي آهي- سندن ڏانهن نسبت ڪيل تفسير (تفسير حسن عسڪري) ۾ روايت آهي ته جڏهن ڪافرن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي شهيد ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته سندن خدمت ۾ جبرئيل آيو جنهن کين الله تعالىٰ جا سلام پهچائي ڪافرن جي طرفان رٿيل پروگرام جو عرض ڪيو ۽ الله تعالىٰ جو اهو پيغام به پهچايو ته "وامرک ان تستصحب ابابکر" ۽ اوهان کي امر ڪيو اٿس ته پاڻ سان ابوبڪر کي ساٿي بنائي ڪڻ- (۱)

اعتراض ۲- ٺيڪ آهي مڃيو سون ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي هجرت جو اطلاع به حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏنو ۽ پاڻ ئي ڪيس ساٿي بنائي وٺي ويا هئا پر ان ڳالهه لاءِ ڪهڙو دليل آهي ته ان هجرت واري سفر ۾ ان جي نيت به اخلاص واري هئي ۽ ظاهر آهي ته جيستائين نيت ۾ اخلاص نه هوندو تيستائين ڪو به عمل مقبول نه هوندو ۽ جڏهن مقبول نه رهيو ته فضيلت ۽ شان جو باعث ڪٿان رهندو؟

جواب- منجهند واري سج جي هوندي جيڪڏهن ڪو شخص پڇي ته سج اڀريو آهي يا نه جي اڀريو آهي ته دليل ڏيو ته اهو انڌو سمجهيو ويندو جنهن کي سج ڏسڻ واري اک ئي نه آهي ساڳيو مثال هنن معترضن جو به آهي- ذرا سوچيو- خدارا- وري وري سوچي پوءِ فيصلو ڏيو- جيڪو شخص هڪ ڪامياب تاجر آهي جنهن وٽ نهايت ڪشادو ۽ گهڻو مال ۽ ملڪيت آهي ۽ ڪيس هر قسمَ جي عزت ۽ آرام ميسر آهي پٽ آهن نياڻيون آهن ۽ اهو انهن سڀني شين جي پرواهه نه ڪندي هڪ اهڙيءَ هستيءَ جو ساٿ ٿو ڏي جنهن کي شهيد ڪرڻ جا منصوبا بنجي رهيا آهن عرب جو ٻچو ٻچو ان جي رت جو اڃايل ٿو لڳي هر طرف کان دشمنين جا بادل مٿان پرجي اچي بيٺا آهن جيڪو شخص ان سخت حالتن ۾ ساهه هٿ تي رکي الله تعالىٰ جي محبوب عليه الصلواة السلام جي سنگت ۽ ساٿ اختيار ڪري ان جي نيت جي خلوص ۾ شڪ ڪرڻ انسان جو ته ڪم نه آهي- ۽ وڌيڪ ڳالهه ته اها آهي جو ٿي

(۱) ضياء القرآن ص۲۰۶-۲۰۸ جلد ۲

ڏينهن غار ۾ رهن ٿا ان عرصي دوران حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو غلام ۽ پٽ هر روز شام جو غار ۾ اچي مڪہ وارن جا احوال ٻڌائي ٿا وجن ۽ سندن نياڻي اسماً روزانو ڪاڌو ڪٽي ڪارائي ۽ سندس خريد ڪيل غلام عامر بن فهيره سڄو ڏينهن ٻڪرين جو ڌڻ چاري شام جو غار جي منهن تي اچي منزل ڪري کير ڏهي گرم ڪري حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪري ويندو هو مطلب تہ حضرت ابوبڪر صديق جو سارو خاندان ان وقت خدمت گذاري ۽ جان نثاريءَ جو مظاهرو ڪري رهيو هو جنهن وقت مڪہ وارا حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي زنده وٺي اچڻ يا شهيد ڪرڻ تي هڪ سوُ ڳاڙهن اٺن ڏيڻ جي انعام جو اعلان ڪري چڪا آهن ۽ عرب جا ڪيترا ئي نوجوان ان انعام جي لالچ ۾ پنهنجن تيز هلندڙن گهوڙن تي سوار ٿي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي تلاش ۾ ڊڪندا پيا وتن ۽ هيڏانهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي خاندان وارن صرف هڪ فرد نہ پر گهر جي سيني فردن پٽن نياڻين ۽ زرخريد غلامن جي دل ۾ اهو فڪر آهي تہ الله تعالىٰ جو حبيب صلى الله عليه وسلم خير سان پنهنجي منزل مقصود تي پهچي- پوءِ انسانيت ۽ ان جي اخلاق تي ان ڪان وڌيڪ ۽ وڏو ظلم ڪهڙو آهي جو اهڙي شخص جي خلوص تي شڪ ڪيو وڃي ۽ شڪ بہ اهي ڪن جن کي حق جي واٽ ۾ ڪي تڪليف تہ نهيو پر ڪڏهن ڪندو بہ نصيب نہ ٿيو آهي-

اعتراض ۳- صاحب جي لفظ جي معنىٰ آهي ساٿي، رفيق گڏ وهندڙ ان لفظ ۾ شرف ۽ شان جي تہ ڪا ڳالهہ ئي نہ آهي هڪ ڪافر هڪ مؤمن جو هڪ پرهيزگار هڪ فاسق جو ساٿي ۽ دوست ٿي سگهي ٿو- جيئن هن آيت ۾ آهي-

"وَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗ اَكَفَرْتَ بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ" (۱) ۽ پنهنجي ساٿيءَ کي ڳالهيون ڪندي چيائين تہ: ڇا تو ان الله سان ڪفر ڪيو آهي جنهن توکي مٽيءَ مان پيدا ڪيو- هن آيت ۾ صاحب لفظ آيو آهي حالانڪہ اهو بہ ڪافر هو

اهڙيءَ طرح سورة يوسف ۾ آيو آهي "يَاصَاحِبَيِ السِّجْنِ" (۲) اي جيل جا بہ ساٿيو- ۽ اهي ٻئي بہ ڪافر هئا-

جواب- "والله الموفق للحق والصواب" جيڪڏهن ڪنهن بہ جاءِ تي استعمال ڪيل صرف لفظ کي ڏسبو تہ پوءِ ڪيترين ئي جاين تي ٻين لفظن جي بہ معنىٰ ڪم جي نہ رهندي- ايمان جي لفظ کي ئي وٺو جنهن جي لغوي معنىٰ آهي تصديق ڪرڻ-

(۱) سورة الڪهف آيت ۳۷ (۲) سورة يوسف آيت ۴۱

تصديق الله تعاليٰ جي توحيد جي به ٿي سگهي ٿي ته شيطان ۽ بتن جي به- جيئن هن آيت پاڪ ۾ آيو آهي- "يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ وَالطَّاغُوْتِ" جبت ۽ طاغوت (شيطان ۽ بتن) تي ايمان آڻين ٿا- اهڙي طرح هجرت جي معنيٰ آهي ڪنهن شهر کي ڇڏي ٻئي شهر ۾ وڃڻ- اهو وطن ڇڏڻ الله تعاليٰ ۽ ان جي محبوب صلي الله عليه وسلم جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ به هوندو آهي ته دنيوي نفعي حاصل ڪرڻ- ڪنهن عورت سان شادي ڪرڻ ۽ بري ڪم لاءِ به هوندو آهي- ان ئي نموني عبادت جو لفظ الله تعاليٰ لاءِ به استعمال ڪيو ويندو آهي ته باطل معبودن لاءِ، جيئن هن آيت ۾ آهي-

"وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ" (۱) ۽ الله کان سواءِ ان جي عبادت ڪن ٿا جيڪو نه انهن کي نقصان ٿو ڏي ۽ نه نفعو ٿو ڏي-

نتيجو اهو نڪتو ته جيڪڏهن لفظ جي لحاظ سان "صَاحِبُه" لفظ شرف جو باعث نه آهي ته پوءِ ايمان، عبادت، هجرت ۽ ٻيا اسلامي القاب به شرف ۽ شان کان خالي آهن ۽ ڪنهن کي مؤمن مهاجر ۽ عابد چوڻ سان ان جي عزت افزائي نه ٿيندي- حقيقت هيئن آهي ته انهن لفظن جي عزت ۽ شرف صرف لغوي معنيٰ جي لحاظ سان نه پر سندن تعلقات جي لحاظ سان آهي- ايمان جڏهن الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم تي هوندو عبادت به جڏهن الله تعاليٰ جي هوندي ۽ هجرت به جڏهن ان جي لاءِ هوندي ته پوءِ اهي الفاظ شاندار آهن- اهڙي طرح صاحب لفظ به پنهنجي منسوب يعني نبي صلي الله عليه وسلم جن جو صاحب ۽ ساٿي هجڻ جي لحاظ سان شاندار آهي. ان نسبت جي ڪري لفظ به عزت ۽ عظمت وارو ته ان مان ورتل مراد حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه به عزت ۽ عظمت وارو آهي.

مسلمان ڀائرو! اوهان انصاف ڪري ٻڌايو ته: ڇا الله جل جلاله جي محبوب سان گڏ رهڻ صحبت اختيار ڪرڻ ۽ ڪافر جي صحبت ۽ گڏ رهڻ هڪ جهڙا آهن؟ ڪوبه ايماندار ائين چوڻ جي جرأت نه ڪندو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي هن سنگت ۽ رفاقت کي جنهن انداز سان بيان ڪيو ويو آهي اهو به هڪ خصوصي شان رکي ٿو "ثَانِيَ اثْنَيْنِ" جي ٻن لفظن تي غور ڪيو- عرب جي لغت ۾ اهڙن قسمن جي عدد جو ذڪر ٻن نمونن سان ڪيو ويندو آهي- چوندا آهن-

ثاني اثنين، ثالث ثلاثه، رابع اربعه وغيرها- يعني ٻن مان ٻيو، ٽن مان ٽيون- چئن مان چوٿون- ان صورت ۾ پهريون عدد ٻئي جو جزء حصو هوندو آهي ۽ ان ۾ داخل هوندو آهي- ٻي صورت هيءَ هوندي آهي- ثالث اثنين، رابع ثلاثه، خامس اربعه، يعني

ٻن کي ٽي بنائيندڙ، ٽن کي چار بنائيندڙ، چئن کي پنج بنائيندڙ، ان صورت ۾ پهريون عدد ٻئي جو نہ حصو آهي نہ ان ۾ داخل آهي- پر هاڻي ان کي داخل ڪيو ٿو وڃي پهريان صرف ہہ هئا هن جي ملڻ سان ٽي ٿي ويا- پهريان صرف ٽي هئا هن جي ملڻ سان چار ٿي ويا- پهريان صرف چار هئا هن جي ملڻ سان پنج ٿي ويا- حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه جي رفاقت واري آيت ۾ "ثَانِيَ اثْنَيْنِ" آيل آهي يعني جيڪي ہہ پهريان ئي موجود هئا انهن ہن مان ہيو- اها اهڙي صحبت ۽ رفاقت جو هڪ ٻئي جو ڇڻ تہ حصو ٿي ويا هئا الله تعالىٰ شاهد آهي تہ اها صحبت حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه جو ئي حصو هئي- ان ڳالهہ جي مفهوم ۽ مراد کي نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن هيئن بيان فرمايو آهي جنهن کي شيعي عالم لکيو آهي ان جي پڙهڻ کان پوءِ تہ ڪنهن کي ڪنهن بہ قسم جو شڪ ڪرڻ نہ گهرجي- فتح الله ڪاشاني هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ: چون بوبکر درغار کفار رابديد مضطرب شد وبسيار خائف گشت وگفت يارسول الله! اگر کسي ازمشر کان درزير قدم خود نگه کند هر آئينه مارا بہ بيند حضور صلي الله تعالىٰ عليه وآلہ وسلم فرمود "وماظنک باثنين الله ثالثهما" يعني جڏهن (حضرت) ابوبکر صديق رضي الله عنه غار مان ڪافرن کي ڏٺو تہ اهو سخت پريشان ۽ گهڻو خائف ٿيو عرض ڪيائين تہ: يارسول الله! جيڪڏهن مشرڪن مان ڪنهن بہ رڳي پنهنجي پير ڏانهن هيٺ نهاريو تہ اسان کي ڏسي وٺندا- حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن فرمايس "ڌتنهنجو انهن ہن لاءِ ڪهڙو خيال آهي، جن سان گڏ ٽيون الله آهي." هنن لفظن تي غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن حضرت ابوبکر صديق کي فرمايو تہ اسان ٻنهي سان گڏ ٽيون الله آهي ان کان مٿي عزت ۽ سرافرازي ڪهڙي ٿيندي- الله جل جلالہ شال ڏسڻ واريون اکيون ۽ مڃڻ واري دل عطا ڪري.

اعتراض ۴- جڏهن (حضرت) ابوبکر صديق رضي الله عنه غمگين ۽ پريشان ٿيو تہ اهو غم ۽ پريشاني گناهہ ۽ معصيت هو. نہ تہ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن ڪيس منع نہ ڪن ها نيڪي جي ڪم کان الله جل جلالہ جو نبي منع ڪندو ڇا؟

جواب- الله تعالىٰ ڪيترين جاين تي پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام کي حزن ڪرڻ کان روڪيو آهي- حضرت لوط عليه الصلواة والسلام وٽ جڏهن الله تعالىٰ جا ملائڪ آيا ۽ ٻڌايائونس تہ اسين تنهنجي امت کي تباه ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا

آهيون ۽ پاڻ غمگين ٿيا تہ ملائڪن کيس عرض ڪيو: "لاتحزن انا منجوک واهلک" (۱) غمگين نہ ٿي اسين توکي ۽ تنهنجي اهل کي ڇڏائڻ وارا آهيون- خود نبي اڪرم نور مجسم صلی الله عليه وسلم جن لاءِ بہ ارشاد آيو- "لَايَحْزُنْکَ قَوْلُهُمْ" (۲) اوهان کي انهن جو چوڻ غمگين نہ بنائي- بي آيت ۾ آهي-

"قَدْ نَعْلَمُ اَنَّهٗ لَيَحْزُنْکَ الَّذِیْ يَقُوْلُوْنَ" (۳) يقيناً اسين ڄاڻون ٿا تہ جيڪو ڪجهہ ڪافر چون ٿا اهو اوهان کي غمگين ٿو بنائي- حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي غم کي گناهہ چوڻ وارا ٻڌائن تہ ڇا اهي غم ڪرڻ وارا انبياء عليهم الصلواة والسلام گنهگار ٿيا (معاذالله) يا نہ؟ جي نہ ۽ يقيناً نہ تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه بہ غمگين ٿيڻ جي ڪري گنهگار نہ ٿيو ۽ جنهن حڪمت جي ڪري الله تعالیٰ نبين عليهم الصلواة والسلام کي غم کان روڪيو حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن بہ ان ئي لحاظ سان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي غم کان روڪيو نہ انبياء عليهم الصلواة والسلام گناہ ڪيو نہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه- حقيقت هيءَ آهي تہ حزن ۽ خوف طبعيه امور آهن جيڪي بحيثيت انسان جي ننڍي توڙي وڏي ماڻهوءَ ۾ موجود هوندا آهن پوءِ جيئن الله تعالیٰ پنهنجن پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام کي لاتخف، ۽ لاتحزن، چئي سندن دلجوئي ٿو فرمائي تيئن حبيب پاڪ صلی الله عليه وسلم جن بہ پنهنجي يار، وفادار، يار غار جي دلجوئي ڪرڻ فرمائي (۴)

معيت (گڏ هجڻ) جو مطلب

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ: الله جي معيّت جا ڪيترا قسم آهن هڪ معيت علم سان هوندي آهي يعني الله تعالیٰ هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو ۽ پنهنجي علم جي ذريعي هر شيءِ سان گڏ آهي- اهو هر شيءِ سان آهي ۽ ان ۾ ڪا فضيلت نہ آهي ۲- الله تعالیٰ جي ٻئي قسم جي معيت سندس متقين ۽ محسنين ٻانهن سان آهي. جيئن ارشاد باري آهي "اِنَّ اللهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ" (۵) يقيناً الله انهن سان گڏ آهي جيڪي متقي ٿيا ۽ انهن سان جو اهي محسن آهن- اها معيت پلائي آهي جنهن سان الله تعالیٰ پنهنجن ٻانهن جي مدد ڪندو آهي ۽ ڪين پنهنجي لطف سان نوازيندو آهي، ۳- معيت جو ٽيون قسم اهو آهي جيڪو انبياء ۽ مرسلين عليهم الصلواة والسلام کي

(۱) سورة العنکبوت آيت ۳۳ (۲) سورة ياسين آيت۷۶ (۳) سورة الانعام آيت ۳۳
(۴) ضياء القرآن ص۲۰۸ کان ۲۱۲ جلد ۲ (۵) ضياء القرآن ص۲۰۸ کان ۲۱۲ جلد ۲

ميسر آهي الله جل جلاله هر دشمن جي مقابلي ۾ سندن تائيد ۽ مدد ڪندو آهي جنهن سان اهي ڪامياب رهندا آهن ۽ سندن مدمقابل ڪافر ۽ مشرڪ ذليل ۽ خوار ٿيندا آهن- غار جي اندر حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن پنهنجي سچڻ ۽ ساٿيءَ کي- "اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا" (الله اسان سان گڏ آهي) فرمائي ان خصوصي معيت ۾ شريڪ فرمايو-

اعتراض- نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي ان جي ڪري نه موٽايو ته متان مڪه پاڪ ۾ وڃي سندن دشمني ڪري ان جي شر کي دفع ڪرڻ جي لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي ويس ته چپ رهي-

جواب- ان اعتراض جا ٻه جواب آهن - ۱- الزامي ۽ اهو هي آهي ته خارجي ملعون ٻه چون ٿا ته هجرت واري رات حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن حضرت علي رضي الله عنه کي پنهنجي بستري تي ان جي ڪري سمهاريو هو ته اهو ڪافرن جي هٿان ڪسي وڃي ۽ پاڻ سندس شر کان محفوظ رهن ۽ اهي ئي ظالم ملعون چون ٿا ته حضرت علي رضي الله عنه سيده فاطمہ الزهراء رضي الله عنها کي زهر ڏيئي ماريو هو ۽ ڪيس رات جو ان ڪري دفن ڪرايو هيائين ته متان راز ظاهر ، ٿي پوي- (نعوذبالله) ۽ پاڻ وقت جي اسلامي حڪومت ۾ ڦاسي وڃي-
(نعوذبالله) جيئن خارجين ملعونن جا اهي ڪوڙ آهن تيئن شيعن جا ٻه حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي خلاف ڪوڙ آهن- قربان وڃجي اهل السنةّ والجماعةّ جي سهڻن عقيدن تان جن وٽ اصحابن، امامن، اهلبيتن ۽ سڀني ولين جي لاءِ دل ۾ ٻه عزت ۽ وقار آهي ۽ سڀني پيارن سان پيار آهي-

۲- تحقيقي جواب جيڪو اڳ ۾ ٻه لکي آيا آهيون ۽ اهو هي آهي ته اهڙي خطرناڪ حالت ۾ هڪڙن دشمنن کان نڪري ٻئي دشمن جي گهر اچي ان کي پنهنجو ساٿي بنائڻ عام عقلمند انسان جو ئي ڪم نه آهي ته حبيب پاڪ صلی الله عليه وسلم جن ائين ڪيئن ڪندا. ڪجھ عقل ۽ هوش سان ڪم وٺجي.

اعتراض- غار ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي پنهنجي سر جو ڊپ هو حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو نه هو-

جواب- اها ٻه اوهان اعتراض وارن جي ڪم عقلي آهي- هوڏانهن چئو ٿا ته مشرڪ هو مسلمان نه هو (معاذالله) حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جو دشمن هو ته پوءِ ان کي ڪافر ڇو مارين ها ۽ ان کي ڊپ ڇا جو؟ اوهان جي هن اعتراض سان ئي صاف صاف ثابت ٿيو ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پڪو مؤمن هو تڏهن ته

ڏپ ٿي ڪيائين- ٻيو تہ پنهنجي سر جو ڏپ ڪري ها تہ نانگن سان ڀريل غار ۾ اڪيلو ڪيئن لهي ها ڏجي ٻاهر ويهي رهي ها- حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه انتهائي پڪو مؤمن مجاهد ۽ نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن تان ساهہ صدقي ڪرڻ ۽ جان گھورڻ وارو هو.

صوفيانہ نڪتو

رب العزة جل جلالہ جا صالح ٻانها صوفياء ڪرام فرمائن ٿا تہ غار ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه حضور آقاءِ نامدار صلی الله عليه وسلم جن سان ائين خلوت ۾ گڏ رهيو جيئن حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن لامڪان تي پنهنجي پالڻهار سان گڏ هئا- "اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا" ۾ نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن اهو بہ اشارو فرمايو تہ اي ابوبڪر! رب العزة جل جلالہ جي معيت اسان ٻنهي سان ازلي ابدي آهي ۽ ان معيت جو ئي اثر هو جو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ظاهري زندگيءَ ۾ دنيا مان رحلت ڪان پوءِ بہ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان گڏ آهي. حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو معراج لامڪان تي ٿيو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو معراج غار ثور ۾ ٿيو هو-

اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّ ثِقَالًا وَّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ

نڪرو هلڪا ٿي يا ڳرا ٿي ۽ جهاد ڪيو پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سرن سان

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝۴۱

الله جي واٽ ۾ اهو اوهان جي لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن آهيو جو ڄاڻو ٿا

تفسير

هن ڪان پهريان ذڪر ڪيل آيتن ۾ فرمايو ويو تہ الله جل جلالہ ۽ ان جو سچو رسول نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم اوهان جي مدد جا محتاج نہ آهن. هجرت ۾ ڏسو تہ الله پنهنجي حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم ۽ سندس ساٿيءَ کي ڪيئن محفوظ رکيو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اوهان ان جا محتاج آهيو ان جي ڪري اٿو جهاد

ڪريو- فرمان ايزدي آهي "اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّثِقَالًا" هلڪا ۽ ڳرا ٿي نڪرو. هي الفاظ وڏي وسعت رکن ٿا- مطلب هي آهي ته جڏهن جهاد لاءِ نڪرڻ جو حڪم ٿئي ته جنهن به حال ۾ هجو نڪري پئو خوشحال هجو يا تنگ دست، ساز وسامان جي ڪثرت هجي يا بي سروساماني جي حالت- حالتون موافق هجن يامخالف جوان هجو ياڪمزور نڪري ميدان ملهايو (۱)

"وَّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ذٰلِكُمْ خَيْرٌلَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ"

۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سرن سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪريو اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ٿا: مقصد ته اوهان جو جهاد غنيمت حاصل ڪرڻ، ملڪ فتح ڪرڻ، پنهنجي نالي ڪيرائڻ لاءِ نه هجي صرف دين جي خدمت لاءِ هجي نيت به اهائي هجي اهو جهاد تڏهن عبادت آهي جڏهن ان ۾ نيت مخلصانه هجي ۽ جهاد اوهان لاءِ آخرت ۾ ته ڀلو آهي پر دنيا ۾ به ڀلو آهي جو ان سان اوهان دنيا ۾ عزت ۽ وقار واري قوم بنجندؤ، الله تعالىٰ جو دين عام ٿيندو، دين جا دشمن دٻجي ويندا ۽ اوهان الله تعالىٰ جي عبادت آزاديءَ سان ڪري سگهندؤ-

فائدو- جڏهن غازي جهاد لاءِ نڪري ته سفر جي هر شدت ڪي خوشيءَ سان برداشت ڪري رب العزة جل جلاله جي بي شڪري نه ڪري- شڪر ڪرڻ سان انشاءالله تعالىٰ ڪمزور به قوي ٿي ويندو ۽ قدرتي طرح ان جو دشمن تي اهڙو دٻدٻو ۽ رعب وهندو جو هٿيار ڇڏي ڀڄي ويندو ۽ مسلمان فاتح ٿيندو.

لَوْكَانَ عَرَضًا قَرِيْبًا وَّسَفَرًا قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ وَلٰكِنْ بَعُدَتْ

جيڪڏهن هجي ها سامان ويجهو ۽ سفر وچولو ته البته پويان هلن ها تنهنجي ۽ پر پري ڪان ڏسڻ ۾ آئي

عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ۚ وَسَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَوِاسْتَطَعْنَا لَخَرَجْنَا مَعَكُمْ ۚ

انهن کي تڪليف ۽ جلد قسم کڻندا الله جو ته جيڪڏهن طاقت رکون ها ته البته نڪرون هااوهان سان گڏ

ع ۵ ع ۱۲ يُهْلِكُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۴۲﴾

هلاڪ ڪن ٿا سرن پنهنجن کي ۽ الله ڄاڻي ٿو ته بيشڪ اهي البته ڪوڙا آهن

(۱) تفهيم القرآن ص۱۹۶ جلد ۲

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن ڪمزور مسلمانن جو ذڪر هو جن تي تبوڪ ڏانهن وڃڻ دنياوي وجهن جي ڪري ڳرو هو ۽ هن آيت ۾ انهن منافقن جي حالت بيان ٿي رهي آهي جيڪي ايماني ڪمزوريءَ جي ڪري ان غزوه تبوڪ ۾ وڃڻ ڪان لهرائي بهانا ناهي رهيا هئا- فرمان عالي شان آهي-

"لَوۡكَانَ عَرَضًا قَرِيۡبًا وَّسَفَرًا قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوۡكَ وَلٰكِنۡ بَعُدَتۡ عَلَيۡهِمُ الشُّقَّةُ" جيڪڏهن سامان ويجهو ۽ وچولو سفر هجي ها ته البته اوهان جي پويان هلن ها ۽ پر انهن کي اها تڪليف پري ڪان ڏسڻ ۾ آئي- مطلب ته جڏهن انهن کي تبوڪ جي جنگ لاءِ حڪم مليو ته پري پنڌ ۽ قوي دشمن ڏسي منافق پنهنجا عذر پيش ڪري ٽٽائڻ لڳا پر جيڪڏهن اهو حڪم ڪنهن ويجهي سامان ۽ آسان پنڌ لاءِ هجي ها ته پوءِ اوهان جي پويان هلن ها ۽ ان ۾ شريڪ ٿين ها-

"وَسَيَحۡلِفُوۡنَ بِاللّٰهِ لَوِاسۡتَطَعۡنَا لَخَرَجۡنَا مَعَكُمۡ يُهۡلِكُوۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ" ۽ جلد الله جو قسم کڻي چوندا ته جيڪڏهن اسين طاقت رکون ها ته اوهان سان گڏ نڪرون ها پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ٿا ڪن- يعني اهي منافق يا ته نڪرڻ ڪان پهريان ئي قسم ڪائي طرحين طرحين حيلا بهانا ڪن ٿا ته اوهان انهن کي مدينه پاڪ ۾ رهڻ جي اجازت ڏيو يا اوهان جي واپس اچڻ ڪان پوءِ قسم کڻي عذر پيش ڪندا تانته پنهنجي منافقيءَ تي پردو قائم ڪري سگهن- "وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ اِنَّهُمۡ لَكٰذِبُوۡنَ" ۽ الله ڄاڻي ٿو ته بلاشڪ اهي ڪوڙا آهن- ان ڪان انهن جي منافقي لڪل ناهي- اها منافقي ۽ ڪوڙا قسم ڪائڻ سندن لاءِ هلاڪت جو باعث آهي.

عَفَا اللّٰهُ عَنۡكَ لِمَ اَذِنۡتَ لَهُمۡ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيۡنَ صَدَقُوۡا

درگذر فرمايو الله توڪان تو ڇو اجازت ڏني انهن کي تانجو ظاهر ٿين تنهنجي لاءِ اهي جو سچا ٿيا

وَتَعۡلَمَ الۡكٰذِبِيۡنَ ﴿۴۳﴾ لَا يَسۡتَاۡذِنُكَ الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ

۽ ڄاڻين تون ڪوڙن کي نه ٿا موڪل وٺن توڪان اهي جو ايمان آڻين ٿا الله تي ۽ ڏينهن

الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ

قيامت تي تہ جهاد کن مالن پنهنجن ۽ سرن پنهنجن سان ۽ الله ڄاڻندڙ آهي

بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۴﴾ اِنَّمَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ

تقوىٰ وارن کي تحقيق موکل تا وٺن توکان اهي جو نہ تا ايمان آڻين الله تي ۽ ڏينهن

الْاٰخِرِ وَارْتَابَتْ قُلُوْبُهُمْ فَهُمْ فِيْ رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُوْنَ ﴿۴۵﴾

قيامت تي ۽ شک کيو دلين انهن جي پوءِ اهي شک پنهنجي ۾ تا حيران ٿيرن

وَلَوْ اَرَادُوا الْخُرُوْجَ لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً وَّلٰكِنْ كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ

۽ جيڪڏهن ارادو کن ها نڪرڻ جو تہ هو تياريءَ کن ها ان لاءِ تياري ڪرڻ ۽ پر نہ پسند ڪيو الله اٿڻ انهن جي کي

فَثَبَّطَهُمْ وَقِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿۴۶﴾

پوءِ ڳرو ڪيائين انهن کي ۽ چيو ويو تہ ويهو ويهندڙن سان گڏ

تفسير

اڳين آيتن ۾ مخلصن مومنن جي اها نشاني ٻڌائي وئي تہ اهي جهاد ۾ نہ هلڻ جا بهانا نہ ٺاهيندا پر بنافڪر جي جهاد ۾ شريڪ ٿيندا ۽ هنن آيتن ۾ منافقن جي انهن پيش ڪيلن بهانن تي غضب جو اظهار ڪندي انهن بهانن کي نہ ٻڌڻ جو ارشاد ٿي رهيو آهي- ايزدي ارشاد آهي- "عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَتَعْلَمَ الْكٰذِبِيْنَ" الله اوهان کي معاف ڪيو. انهن کي اجازت ڇو ڏنيو- تانجو ظاهر ٿين ها اوهان لاءِ اهي جو سچ ڳالهايائون ۽ ڄاڻو ها ڪوڙن کي- ياد ڪرڻ گهرجي تہ منافق نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جي بارگاه ۾ اچي جهاد ۾ شرڪت نہ ڪرڻ لاءِ عذر بيان ڪندا هئا حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي ڪريم طبيعت جي ڪري انهن کي پوئتي رهڻ جي اجازت ڏيندا هئا پر جيڪڏهن پاڻ انهن

ڪي اجازت نہ ڏين ها تہ بہ اهي جهاد ۾ شرڪت نہ ڪن ها- سندن منافقيءَ جو حال ڪلي پوي ها"
عَفَا اللّٰهُ عَنۡكَ" (الله اوهان کي معاف ڪيو) اهي ڪلمات ڪنهن گناهہ جي معافيءَ ڏيڻ لاءِ نہ پر
تعظيم ۽ تڪريم جي اظهار لاءِ آندا ويا آهن. اهل عرب جو دستور هو تہ جڏهن بہ
ڪنهن جي عزت ۽ توقير ڪي اظهار ڪرڻ گهرندا هئا تہ ان سان گفتگو جي ابتدا اهڙن
ئي ڪلمن سان ڪندا هئا علامہ رازي عليه الرحمه لکيو آهي تہ: "ان ذالک يدل علىٰ
مبالغه الله في تعظيمه وتوقيره" (۱) يعني انهن ڪلمن سان الله تعالىٰ پنهنجي
محبوب صلى الله عليه وسلم جي تعظيم ۽ توقير ۾ وڏي واڌاري جو اظهار فرمايو
آهي- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ انهن کي اجازت ڏيڻ کو گناهہ نہ هو پر ان وقت جي
مصلحتن جي لحاظ سان اجازت نہ ڏيڻ وڌيڪ موزون هو ان اعلىٰ ۽ اڪمل صورت کي
ترڪ ڪرڻ جي ڪري خطاب کي "عَفَا اللّٰهُ عَنۡكَ" سان شروع ڪيو ويو آهي- (۲)
"لَا يَسۡتَاۡذِنُكَ الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ اَنۡ يُّجَاهِدُوۡا بِاَمۡوَالِهِمۡ وَاَنۡفُسِهِمۡ" نہ
موڪل گهرندا اوهان کان اهي شخص جن الله ۽ قيامت تي ايمان آندو آهي تہ پنهنجن
مالن ۽ پنهنجن سرن سان جهاد ڪن- مقصد تہ اهي جاني ۽ مالي جهاد کان نہ
لهرائيندا- مڙس ٿي ميدان ملهائيندا-
"وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌۢ بِالۡمُتَّقِيۡنَ" ۽ الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي پرهيزگارن کي. اهو ئي کين سندن
سهڻن عملن جو سهڻو بدلو عطا ڪرڻ فرمائيندو-
"اِنَّمَا يَسۡتَاۡذِنُكَ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَارۡتَابَتۡ قُلُوۡبُهُمۡ فَهُمۡ فِيۡ رَيۡبِهِمۡ
يَتَرَدَّدُوۡنَ" اوهان کان موڪل تہ اهي ئي گهرن ٿا جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان نہ ٿا
آڻين ۽ انهن جون دليون پنهنجي ئي شڪ ۾ حيران ۽ پريشان آهن- پوءِ ڪڏهن جنگ لاءِ نڪرڻ جو
ارادو ڪن ٿا تہ متان مسلمان ڪامياب ٿي کين ايذائن ۽ ڪڏهن نڪرڻ جو ارادو نہ ٿا
ڪن سندن غلط گمان اهو هو تہ حضور نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي تبوڪ
جي جنگ کان سلامت موٽڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿي- (۳)
"وَلَوۡ اَرَادُوا الۡخُرُوۡجَ لَاَعَدُّوۡا لَهٗ عُدَّةً وَّلٰـكِنۡ كَرِهَ اللّٰهُ انۡۢبِعَاثَهُمۡ فَثَبَّطَهُمۡ" ۽ جيڪڏهن نڪرڻ
جو ارادو ڪن ها تہ ان لاءِ پوري پوري تياري ڪن ها پر الله تعالىٰ سندن (جنگ لاءِ)
اٿڻ کي پسند نہ فرمايو پوءِ (منجهن سستي ۽ ڳرائي پيدا ڪري)
(کين جنگ تي وڃڻ کان) روڪي ڇڏيائين- يعني انهن جا حيلا بهانا تہ هاڻي جي
ڳالهہ آهي هي تہ شروع کان ئي جنگ جي لاءِ آماده نہ هئا ۽ نہ ان لاءِ ڪا تياري ڪئي

(۱) التفسير الڪبير ص۷۳ جز۱٦ (۲) حاشيہ عثماني ص۲۵۷ مطبوعہ سعودي عرب (۳) المظهري ص۲۲۳ جلد ۴

هي ٿيون ۽ سندن ٿي اندر ڪوٺي هجڻ جي ڪري الله جنگ ۾ سندن شموليت ۽ شرڪت ڪي پسند نہ فرمايو ۽ ان جي ڪري اهڙا سست ٿيا جو نڪتائي ڪونہ.
"وَقِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ" ۽ چيو ويو تہ پوئتي وهندڙن سان گڏ وهو- يعني جنگ تي نہ هلندڙن مريضن، منڊن، انڌن ۽ عذر وارن سان جيڪي تبوڪ ڏانهن وڃڻ جهڙا ناهن انهن سان گڏ ويهي رهو- ۽ ٿيو بہ ائين جو انهن وانگر جنگ ۾ شريڪ نٿي سگهيا-
فائدو- مٿين آيتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ اسلام جي متعلق شڪ ۽ تردد ڪرڻ تہ حق آهي يا ناحق دل جي بدترين بيماري ۽ الله جل جلالہ جو سخت عذاب آهي. ان جي ڪري منافق ماڻهو ڪليلن ڪافرن کان بہ نهايت برا ۽ بڇڙا آهن ۽ اهي جهنم جي نهايت هيٺين طبقي ۾ هوندا اهڙي ماڻهوءَ کي نہ دل جو سڪون ملندو ۽ نہ قرار نصيب ٿيندو-

لَوْخَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّازَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا وَّلَاْاَوْضَعُوْا خِلٰلَكُمْ

جيڪڏهن نڪرن ها اوهان ۾ تہ نہ وڌائن ها اوهان لاءِ مگر نقصان ۽ البتہ ڊوڙن ها اوهان جي وچ ۾

يَبْغُوْنَكُمُ الْفِتْنَةَ ۚ وَفِيْكُمْ سَمّٰعُوْنَ لَهُمْ ۗ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ

طلب ڪن ها اوهان ۾ فتنو ۽ اوهان ۾ گهڻا ٻڌندڙ آهن انهن لاءِ ۽ الله ڄاڻندڙ آهي

بِالظّٰلِمِيْنَ ۝ لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَقَلَّبُوْا لَكَ الْاُمُوْرَ

ظالمن کي، البتہ تحقيق طلب ڪيائون فتني کي اڳي ٿي ۽ ابتو ڦيرايائون تنهنجي لاءِ ڪمن کي

حَتّٰى جَآءَ الْحَقُّ وَظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ۝

تانجو آيو حق ۽ غالب ٿيو امر الله جو ۽ اهي ناخوش آهن

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ارشاد ٿيو تہ رب العزة جل جلالہ تبوڪ جي جنگ ۾ انهن منافقن جي شريڪ ٿيڻ کي پسند نہ فرمايو- ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ ان جو سبب هي هو جو منافقن جي شرڪت مان نقصان ٿي نقصان هو گويا اڳ ۾ دعوىٰ هئي ۽ هتي ان دعوىٰ جو دليل پيش ڪيو ٿو وڃي- مالڪ الملڪ مٺي جو پيارو فرمان آهي.

"لَوْخَرَجُوا فِيكُمْ مَّازَادُوكُمْ اِلَّاخَبَالاً وَّلاَ اَوْضَعُوا خِلاَلَكُمْ يَبْغُونَكُمُ الْفِتْنَةَ وَفِيكُمْ سَمَّاعُونَ لَهُمْ وَاللهُ عَلِيمٌ بِالظَّالِمِينَ" جيكڏهن اوهان ۾ نڪرن ها ته اوهان ۾ ٻيو ڪجهه نه وڌائن ها صرف نقصان ڏين ها ۽ اوهان جي وچ ۾ ڊوڙن ها اوهان ۾ فتني پيدا ڪرڻ جي جدوجهد ڪن ها ۽ اوهان ۾ انهن جي لاءِ گهٽا ڪجهه ٻڌندڙ آهن ۽ الله ظالمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي- مطلب ته اهي منافق جيڪڏهن جنگ ۾ اوهان سان گڏجي هلن ها ته اهي بي همت ۽ سست پاڻ ته ڪجهه نه ڪن ها پر ٻين کي به سست ڪري وجهن ها ۽ مسلمانن جي لشڪر ۾ تفرقو وجهي ڪوڙا قسم ڪٽي مجاهدن کي ڊيجارين ها- انهن جي نه هلڻ ۾ اهي حڪمتون هيون جن جي ڪري قدرت واري انهن کي شرڪت نصيب نه ڪئي ۽ انهن جي لاءِ جاسوسي ڪرڻ وارا، اوهان جي صفن ۾ موجود آهن جيڪي اوهان جون ڳالهيون ۽ پروگرام ٻڌي اوهان جي مخالفن تائين پهچائين ٿا ۽ الله ظالمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو- ان جي ڪري انهن کي شموليت نصيب نه ڪيائين-

"لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَقَلَّبُوا لَكَ الْاُمُوْرَ حَتّٰى جَاءَ الْحَقُّ وَظَهَرَ اَمْرُاللهِ وَهُمْ كَارِهُوْنَ" البته تحقيق فتنو طلب ڪيائون ۽ اوهان لاءِ ڪمن کي ابتو ڦيرائي پيش ڪيائون تانجو حق آيو ۽ الله جو امر غالب ٿيو ۽ اهي ناخوش ٿي رهيا. يعني اوهان جي اسلام ۽ ايمان ڏانهن سڌڻ واري پروگرام کي ناڪام بنائڻ جي لاءِ قسم قسم جا حيلا بهانا ۽ تجويزون ڪندا رهيا- پر الله جو امر آيو ته سندن سڀ شرارتون ختم ۽ تباهه ٿي ويون ۽ ناحق جو وجود ٿي مٽجي ويو-

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ ؕ اَلَا فِى

۽ انهن مان اهو به آهي جيڪو چوي پيو ته اجازت ڏي مون کي ۽ نه

الْفِتْنَةِ سَقَطُوْا ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌ ۢ بِالْكَافِرِيْنَ ﴿۴۹﴾

فتني ۾ وجهه مون کي خبردار فتني ۾ ته ڪري پيا ۽ بلاشڪ جهنم البته گهيراءُ ڪندڙ آهي ڪافرن کي،

اِنْ تُصِبْكَ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۚ وَاِنْ تُصِبْكَ مُصِيْبَةٌ

جيڪڏهن پهچي ٿي توکي ڀلائي ته بري لڳي ٿي انهن کي ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي توکي مصيبت ته

يَقُوْلُوْا قَدْ اَخَذْنَا اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ وَيَتَوَلَّوْا وَّهُمْ

چون ٿا تحقيق درست ڪري ورتو اسان ڪم پنهنجي ڪي اڳي ئي ۽ موٽن ٿا ۽ اهي

فَرِحُوْنَ۝ قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَا اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ

خوش ٿيندڙ آهن فرماءِ تہ هر گز نہ پهچندو اسان کي مگر جيڪو لکيو الله

لَنَا ۚ هُوَ مَوْلٰىنَا ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ۝

اسان لاءِ اهو مالڪ اسان جو آهي ۽ الله تي پوءِ گهرجي تہ توڪل ڪن مؤمن-

تفسير

هن ڪان اڳ۾ لکيل آيتن ۾ منافقن جي بهانن جو اجمالي ذڪر هو ۽ هتي انهن جو تفصيلي بيان ڪيو ويو آهي.

شان نزول

جڏهن حضور صلى الله عليه وسلم جن تبوڪ جي جنگ لاءِ وڃڻ جو ارادو فرمايو تہ جد بن قيس نالي هڪ منافق کي بہ فرمايائون تہ جنگ لاءِ تيار ٿي اچ، ان عرض ڪيو تہ: سائين مدينہ پاڪ ۾ رهندڙن انصارن کي خبر آهي تہ مان عورتن جو گهڻو شيدائي آهيان حسن واريون عورتون ڏسندو آهيان تہ پاڻ کي بچائي نہ سگهندو آهيان ۽ اوهان جنهن روم جي قوم ڏانهن هلي رهيا آهيو اتي جون عورتون تہ اجان وڌيڪ سهڻيون آهن- اتي هلڻ ڪان پوءِ ممڪن آهي تہ مان گناهہ ۾ ڦاسي پوان- مون ڪان پاڻ روڪيو نہ ٿيندو ان جي ڪري مون کي وڃي نہ هلو ۽ مون کي ان فتني ۾ نہ ڦاسايو- ان جي ترديد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي- (۱) سيدنا ابن عباس رضي الله عنہ جو فرمان آهي تہ اهو ان جو صرف بهانو هو- سيده عائشہ ۽ حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنہ ڪان بہ هن آيت جو شان نزول اهوئي روايت ڪيل آهي- (۲) ارشاد مبارڪ آهي- "وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ اَلَا فِى الْفِتْنَةِ سَقَطُوْا" ۽ انهن مان ڪو اهو بہ آهي جيڪو چوي ٿو تہ

(۱) التفسير الڪبير ص۸۳ جز۱۶ (۲) روح المعاني ص ۱۱۲جز۱۰ نعيمي ص۳۵۷ جلد ۱۰

مون کي (پوئتي رهڻ جي) موکل ڏي ۽ مون کي فتني ۾ نه وجهه خبردار فتني ۾ ته ڪري پيا آهن- يعني انهن جو جهاد لاءِ نه نڪرڻ خود فتنو آهي جنهن ۾ ڪري تباهه ٿي رهيا آهن- "وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكَافِرِيْنَ" ۽ بلاشڪ جهنم ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي- هيءَ انهن منافقن کي سندن ڪيل گندي ڪردار جي سزا ٻڌائي وئي آهي ته پاڻ جن برن ڪمن جي گهيراءَ ۾ آهن سمجهڻ گهرجين ته اهو مٿن جهنم جو گهيراءُ آهي (۱)

"اِنْ تُصِبْكَ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ وَاِنْ تُصِبْكَ مُصِيْبَةٌ يَّقُوْلُوْا قَدْ اَخَذْنَا اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ وَيَتَوَلَّوْا وَّهُمْ فَرِحُوْنَ" جيڪڏهن توکي ڪا ڀلائي پهچي ٿي ته انهن (منافقن) کي ڏکي لڳي ٿي ۽ جيڪڏهن توکي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته چون ٿا يقيناً اسان پنهنجو ڪم اڳي ئي سنڀالي ورتو ۽ خوشيون ڪندي موٽن ٿا- حضرت ابن عباس رضي الله عنه فرمايو آهي ته ڀلائي مان مراد بدر واري جنگ جي فتح آهي جيڪا رب العالمين حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي نصيب ڪئي هئي ۽ منافق ڏکوئجي ويا ته ائين چو ٿيو ۽ تڪليف مان مراد احد جي جنگ واري تڪليف آهي جيڪا محبوب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي پهتي هئي ۽ منافق خوش ٿيا هئا- (۲)

"قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَآ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا هُوَ مَوْلٰنَا"

فرماءِ ته: اسان کي الله جيڪو اسان لاءِ لکيو آهي ان کان سواءِ ڪابه تڪليف اصل نه پهچندي- اهوئي اسان جو مددگار آهي. هن فرمان مبارڪ ۾ محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان خطاب باصواب آهي- مطلب ته اوهان انهن منافقن کي ٻڌايو ته: دنيا وارا دنيوي اسباب تي ڀروسو ڪندا آهن پر اسان جو اسباب اختيار ڪرڻ سان گڏ الله جل جلاله جي پاڪ ذات تي ڀروسو آهي جڏهن دنيا وارا مادي نفعي ۽ ظاهري ۽ عارضي ڪاميابين کي پنهنجي ڪاميابيءَ جو معراج تصور ڪندا آهن ۽ انهن تي خوشيون ملهائيندا آهن تڏهن ايمان وارا پنهنجي پالڻهار جي رضا حاصل ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهن جيڪڏهن سر قربان ڪرڻ سان ڪين اها نعمت نصيب ٿيندي آهي ته ان کي حقيقي عيد سمجهندا آهن- پر جيڪڏهن (معاذالله) رب پاڪ جي رضا حاصل نه ٿي ته ان ظاهري فتح کي هزار ناڪاميءَ کان به وڌيڪ ڏکائيندڙ محسوس ڪندا آهن- "وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ" ۽ الله تي ئي مومن ڀروسو ڪن- ۽ الله وحده تي توڪل ڪندڙن مومنن تي حق آهي مالڪ مٿي شريعت مطهره جي ذريعي جيڪو فرمان ان تي نافذ ڪيو آهي اهو پورو ڪري ڏيکاري- رب العالمين جيڪي دنيوي زندگيءَ لاءِ

(۱) ابوالسعود ص۷۲ جزء۴ جلد ۲ (۲) النهرالماد ص۵۱ جلد ۵

اسباب پيدا ڪيا آهن اهي اختيار ڪري. اسباب ڇڏڻ توڪل نہ آهي- اسباب اختيار ڪري ۽ يقين مسبب الاسباب تي رکڻ توڪل آهي (۱)

فائدو- "هُوَمَوْلَانَا" مان ثابت ٿيو تہ رب العزة جل جلالہ خالق تہ سڀني جو آهي پر مولا صرف مومنن جو آهي جيئن احد جي جنگ ۾ حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن ڪافرن کي فرمايو هو تہ "اَللّٰهُ مَوْلَانَا وَلَامَوْلیٰ لَكُمْ" اسان جو مولا الله آهي ۽ اوهان جو مولا آهي ئي ڪونہ- مولا معنیٰ مددگار ۽ حامي، اهو بہ ثابت ٿيو تہ جڏهن پاڻ اسان جو مولا آهي تڏهن ان جي طرفان موڪليل ڏک، مصيبتون بہ حڪمت کان خالي نہ آهن- مؤمن لاءِ ان جي طرفان موڪليل تڪليفون تحفا ۽ سور سوکڙيون آهن-

قُلْ هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ اِلَّآ اِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ وَنَحْنُ نَتَرَبَّصُ بِكُمْ

فرماءِ تہ: ٿا انتظار ڪيو اسان لاءِ مگر هڪ جو ٻن ڀلاين مان ۽ اسين انتظار ڪيون ٿا

اَنْ يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖٓ اَوْ بِاَيْدِيْنَا فَتَرَبَّصُوْٓا اِنَّا

اوهان لاءِ هي تہ پهچائي اوهان کي الله عذاب پاڻ وٽان يا هٿن اسان جن سان پوءِ انتظار ڪيو

مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿۵۲﴾ قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ؕ

بيشڪ اسان اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيون فرماءِ تہ: خرچ ڪيو اوهان خوشيءَ سان يا

اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿۵۳﴾

ناخوشيءَ سان هر گز نہ قبول ڪيو ويندو اوهان کان بيشڪ اوهان هيٺو قوم فاسق

تفسير

هن کان اڳيئن آيت ۾ ارشاد ٿيو هو تہ منافق جهاد ۾ نہ وڃڻ کي عقلمندي ۽ احتياط سمجهندا آهن ۽ هن آيت ۾ ٻڌايو ٿو وڃي تہ پڪا مسلمان ۽ مؤمن وري جهاد ۾ وڃڻ ۽ اتي تڪليف سهڻ کي پنهنجي خوش نصيبي ۽ عقلمندي ڄاڻندا آهن گويا بي وقوفن جي حماقت واري ڳالهہ کان پوءِ ڪامل عقل وارن جو بيان ٿي رهيو آهي

(۱) المراغی ص۱۳۴ جزء ۱۰

فرمان مبارڪ آهي- "قُلْ هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ اِلَّآ اِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ وَنَحْنُ نَتَرَبَّصُ بِكُمْ اَنْ يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖٓ اَوْبِاَيْدِيْنَا" فرماءِ ته: اوهان اسان جي لاءِ ٻن ڀلاين مان هڪ جو انتظار ڪيو ٿا ۽ اسين اوهان جي لاءِ هي انتظار پيا ڪيون ته الله اوهان کي پاڻ وٽان سڌو يا اسان جي هٿان عذاب پهچائي- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته منافق جنگ تبوڪ جي موقعي تي ڪفر ۽ اسلام جي ان ڪشمڪش ۾ حصو وٺڻ جي بجاءِ پنهنجي سوچ ۽ ڪمال دانشمنديءَ سان ويٺي اهو ڏسي رهيا هئا ته ان ڇڪتاڻ جو انجام ڪهڙو ٿيندو؟ رسول الله صلى الله عليه وسلم ۽ سندن پيارا اصحابي فتحياب ٿي ٿا اچن يا رومين جي فوجي طاقت سان ٽڪرائجي ختم ٿي وڃن ٿا؟ هن آيت ۾ ڪين ان سوچ جو جواب هي ڏنو ويو آهي ته اوهان کي جن ٻن نتيجن مان هڪ جي ظاهر ٿيڻ جو انتظار آهي ايمان وارن لاءِ ته انهن ٻنهي ۾ سراسر ڀلائي آهي اهي جيڪڏهن فتحياب ٿين ٿا ته ان جو ڀلائي هجڻ ته ظاهر آهي پر جيڪڏهن اهي پنهنجي مقصد جي راهه ۾ جان جي بازي لڳائيندي سيئي شهيد ٿي وڃن ٿا تڏهن به دنيا جي نگاهه ۾ ڪٿي اها انتهائي ناڪامي هجي پر حقيقتًا اها به ٻي ڀلائي آهي ۽ ناڪامي نه پر ڪاميابي آهي ڇو ته مومن جي ڪامياب هجڻ يا ناڪام هجڻ جو معيار اهو ناهي ته ان ڪو ملڪ فتح ڪيو يا نه- ڪاحڪومت قائم ڪئي يا نه پر ان جو معيار هي آهي ته انهن پنهنجي پالڻهار رب جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي دل، دماغ، جسم ۽ جان جون سڀ قوتون لڙايون يا نه- جيڪڏهن ان اهو ڪم ڪيو ته حقيقت ۾ اهو ڪامياب آهي پوءِ دنيا جي اعتبار سان ڪٿي ڇا به هجي- مؤمن جي لاءِ جنگ ۾ فتح يا شهادت دنيوي سيني نعمتن کان ڀليون نعمتون آهن جنگ ۾ فتح حاصل ڪرڻ سان مؤمن دنيا ۾ ڀلو نالو، دٻدٻو ۽ دشمن تي غلبو حاصل ڪري ٿو ۽ شهادت جي ذريعي دنيوي تڪليفن کان نجات رب العزة جل جلاله جو قرب ۽ هميشه واري زندگي حاصل ڪري ٿو- ۽ پاڻ وٽان عذاب پهچائڻ مان مراد آهي خفيه سزا يعني منافقت تي پڪڙيندي اهڙو عذاب ڏي جيڪو ڪنهن ظاهري سبب کان سواءِ هجي جيئن آسمان کان پٿرن جو وسڻ، صورتن جو مٽجڻ، غيبي آفتن جو اچڻ، ۽ اسان جي هٿان سزا ملڻ مان مراد آهي ته اوهان جو لڪل ڪفر ظاهر ٿئي- اوهان کي مسلمانن کان جدا ڪري قتل ڪيو وڃي، هيءَ رعايت عارضي اٿو اڄڪلهه مسلمان ٿيندؤ يا ڪليل ڪافر پوءِ ڳولهي ڳولهي قتل ڪيا ويندؤ- "فَتَرَبَّصُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ" پوءِ انتظار ڪيو اسين به اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيون-

هن حصي ۾ انهن منافقن کي متنبه ڪيو ويو آهي ته اوهان پنهنجن شيطانن جي ڏنلن وعدن جو انتظار ڪيو اسين وري رب العزة جل جلاله جي طرفان ڪيل وعدن جي پوري ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا آهيون- (١)

"قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْكَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ" فرماءِ ته (اي منافقؤ) اوهان خوشيءَ سان يا ناخوشيءَ سان خرچ ڪيو اوهان جي طرفان اهو ڪڏهن به قبول نه ڪيو ويندو.

هن مقام تي واضح ڪيو ويو آهي ته منافقن جون هئي ڳالهيون برابر آهن خرچ نه ڪندا ته اهو ظاهر آهي پر جيڪڏهن خرچ ڪندا ته ان ۾ به اخلاص ۽ الله تعالىٰ جي رضا مطلوب نه هوندي ان جي ڪري هئي ڳالهيون برابر آهن ڪابه قبول نه ڪئي ويندي. (٢)

"اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا فٰسِقِيْنَ" يقينًا اوهان فاسق قوم آهيو- يعني اوهان بي فرمان ۽ سرڪش آهيو- هن حصي ۾ سندن خرچ جي قبول نه ڪرڻ جو سبب بيان ڪيو ويو آهي (٣) هتي آيل لفظ "فٰسِقِيْنَ" مان مراد ڪافر آهن- مطلب ته جڏهن اوهان اندر جا ڪافر آهيو ۽ ڪافر جي ڪابه نيڪي قبول نه ٿيندي آهي تڏهن اوهان جو ڪو به خرچ قبول نه آهي وڻ جي پاڙ نه هوندي ته ميوا ڪيئن جهليندو جيڪڏهن اوهان گهرو ٿا ته اوهان جي عمل کي مقبوليت ملي ته پهريائين منافقي لڪل ڪفر ۽ اندر واري انڪار کان سچي توبه ڪيوءِ مخلص مومن بڻجو پوءِ نيڪ اعمال ڪيو.

فائدا- هنن آيتن جي غور سان مطالعو ڪرڻ مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ" مان واضح ٿيو ته ڪافر ۽ منافق هميشه مسلمانن جا دشمن ۽ بد خواهه رهيا آهن ۽ رهندا- مسلمانن جي خوشيءَ تي انهن کي ڏک ۽ مسلمانن جي ڏک تي انهن کي خوشي حاصل ٿيندي آهي. ٢- مومن کي جيڪا مصيبت پهچي ٿي اها به ان لاءِ الله تعالىٰ جي رحمت آهي جنهن تي صبر ڪرڻ سان کيس اجر ملي ٿو ۽ هڪ لحاظ سان جنگ ۾ فتح ۽ ڪاميابي سٺي شيءِ آهي ته هئي اعتبار سان شهادت افضل آهي جو فتح ۽ ڪاميابيءَ ۾ شڪر آهي ته تڪليف برداشت ڪرڻ ۾ صبر آهي-

٣- منافق جي ڪابه عبادت قبول ناهي پوءِ خوشيءَ سان ڪري يا مجبوريءَ سان ان کي ان جو ثواب نه ملندو منافقن ۽ ڪافرن تي قدرتي عذاب ڪنهن وقت به اچي سگهي ٿو جيئن "مِنْ عِنْدِهٖ" مان ثابت ٿي رهيو آهي- ڪافرن جي مٿان مصيبت اچڻ جو

(١) تفسير ابي السعود صه ٧۴ جز۴ (٢) القرطبي ص ١٦٠ ج ٨ (٣) فتح القدير صه ٣٦٩ جلد ٢

انتظار ڪرڻ بہ اللہ جل جلالہ جو امر ۽ امر جي اداڪرڻ جي لحاظ سان ثواب ۽ اجر آهي (۱)

وَمَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقَاتُهُمْ اِلَّآ

۽ نہ روڪيائون انهن کي هن ڳالھ کان جو قبول ڪيا وڃن انهن کان خرچ انهن جا مگرهن شيءِ جو

اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَلَايَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ اِلَّا وَهُمْ كُسَالٰى

بيشڪ انهن ڪفر ڪيو اللہ ۽ ان جي رسول سان ۽ نہ ٿا اچن نماز تي مگر هن حال ۾ جو اهي سست آهن

وَلَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَهُمْ كَارِهُوْنَ ﴿۵۴﴾ فَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ

۽ نہ ٿا خرچ ڪن مگر جو اهي نہ پسند ڪندڙ آهن ۽ نہ عجب ۾ وجهن توکي مال انهن جا

وَلَآ اَوْلَادُهُمْ ۭ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِى

۽ نہ اولاد انهن جو ان کان سواءِ نہ آهي جو ارادو ٿو فرمائي اللہ تانت عذاب ڪري انهن کي انهن

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۵۵﴾

سان حياتيءِ دنيا واريءَ ۾ ۽ نڪرن ساهہ انهن جا ان حالت ۾ جو اهي ڪافر آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ ارشاد ٿيو تہ منافقن جا صدقا ۽ خيراتون اصل قبول ٿي نہ آهن- ۽ هتي انهن جي قبول نہ هجڻ جو وجہ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي نہ اللہ تعالىٰ تي ايمان رکن ٿا ۽ نہ رسول اللہ صلي اللہ عليه وسلم جن تي-

فرمان مبارڪ آهي: "وَمَامَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقَاتُهُمْ اِلَّآاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِا للّٰهِ وَبِرَسُوْلِهٖ" ۽ انهن کي هن ڳالھ کان جو سندن خرچ قبول ڪيا وڃن ٻيءَ ڪنهن بہ شيءِ نہ روڪيو هو مگر هي جو انهن اللہ ۽ ان جي رسول جو انڪار ۽ ڪفر ڪيو هو. يعني اهي ڪافر ۽ منافق جيڪو بظاهر خير خيرات ڪن ٿا ان جي قبول نہ ٿيڻ جو اصل سبب اهو آهي جو

(۱) نعيمي صہ ۳۷۴ جلد ۱۰

اهي الله جل جلاله ۽ سندس پاڪ صفتن کي جيئن مڃڻ جو حق آهي تيئن ڪونہ ٿا مڃن ۽ جيڪو سچ، حق ۽ هدايتون ان جي سچي ۽ برگزيدي رسول آنديون آهن ان جو بہ انڪار ڪن ٿا- "وَلَايَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ اِلَّاوَهُمْ كُسَالٰى وَلَايُنْفِقُوْنَ اِلَّاوَهُمْ كٰرِهُوْنَ" ۽ نماز تي نٿا اچن مگر ان حال ۾ جو اهي سست آهن ۽ خرچ نٿا ڪن مگر ان حال ۾ جو اهي نہ پسند ڪندڙ آهن- مطلب تہ سندن خرچ جي قبول نہ ٿيڻ ۾ اهي ہہ ڳالهيون بہ ظاهري اسباب آهن، ۱- نماز ۾ سستي، ۲- دل جي خوشيءَ سان خرچ نہ ڪرڻ- نماز ۾ سستي ڪرڻ جون ہہ ٽي صورتون آهن ياتہ هميشہ نہ پڙهي ياڪڏهن پڙهي تہ ڪڏهن نہ پڙهي يا صحيح وقت تي نہ پڙهي ياجماعت جي پائبندي نہ ڪري يا تہ نماز کي دل سان فرض ٿي نہ سمجهي پر پنهنجي منافقت کي لڪائڻ جي لاءِ نماز ۾ شريڪ ٿئي ۽ هتي بہ اهو ٿي مراد آهي ۽ اهڙي بدعملي سندن عقيدي جي بري هجڻ جو دليل آهي ۽ نہ پسند ڪندي خرچ ڪرڻ جون بہ ہہ ٽي صورتون آهن-

۱- هڪ رب پاڪ جي طرفان مقرر ڪيل زڪواة کي فرض تہ سمجهي پر بخيل هجڻ جي ڪري ادا نہ ڪري، ۲- ٻيو تہ نالي ڪيرائڻ جي لحاظ سان خرچ ڪري، ۳- ٽيون تہ زڪواة کي فرض ٿي نہ سمجهي صرف ماڻهن جي طعنن ۽ منافقت جي الزام کان بچڻ لاءِ اداڪري اهو ذهن رکڻ ڪفر آهي ۽ هتي اهوئي مراد آهي-

"فَلَاتُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَلَآاَوْلَادُهُمْ" پوءِ توکي انهن جا مال ۽ انهن جو اولاد عجب ۾ نہ وجهي. هتي "لَاتُعْجِبْكَ" ۾ خطاب هر ڪلمو پڙهندڙ مسلمان سان آهي (۱) يعني جڏهن منافقن جو دلي حال هي آهي ۽ سندن اعمال اهڙا آهن تہ سندن مال ۽ اولاد ڏسي عجب ۾ نہ پئو ۽ نہ سمجهو تہ اهي انهن لاءِ نعمتون آهن-

"اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ" ان کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي تہ الله ارادو فرمائي ٿو تہ انهن کي انهن (مالن ۽ اولاد) سان دنيوي حياتيءَ ۾ عذاب ڪري ۽ سندن ساهہ ان حالت ۾ نڪرن جو اهي ڪافر هجن.

سوال- جڏهن اهي منافق ۽ ڪافر اهڙا مردود آهن تہ پوءِ انهن کي مال، اولاد ۽ ٻين نعمتن سان ايترو ڇو نوازيو ويو؟

جواب- اهي انهن لاءِ نعمتون نہ پر عذاب الٰهي آهن جيئن هڪ لذيذ ۽ خوشگوار غذا تندرست ماڻهوءَ جي صحت ۽ قوت کي وڌائيندي آهي ۽ بيمار ۽ خلطن جي خرابيءَ واري مريض کي هلاڪ ٿيڻ جي وجهہ ڪندي آهي

(۱) الخازن صہ ۲۳۵ جلد ۲

منافقن ۽ ڪافرن ڪي مليل مال ۽ اولاد جو بہ اهو حال سمجهو- انهن لاءِ بد عقيدي هجڻ جي ڪري اهي نعمتون زهر آهن- جڏهن تہ ڪافر دنيا جي حرص ۽ محبت ۾ غرق هوندا آهن ان جي ڪري اول ان جي گڏ ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪندا ۽ مشقت سهندا آهن پوءِ جيڪڏهن ذرو بہ نقصان پهچندو اٿن تہ جيتريقدر انهن شين سان محبت هوندي اٿن ايتري قدر ڏک ۽ غم بہ پهچندو اٿن ۽ ڪو وقت بہ ان غم کان خالي نہ رهندا آهن ۽ وري جڏهن موت ڪين انهن پيارين شين کان جدا ڪندو آهي تہ ان وقت ڪين پهچندڙ صدمي جو تہ اندازو ڪرڻ ئي مشڪل هوندو آهي. الغرض تہ دنيا جي عاشق ۽ حريص ڪي ڪنهن وقت بہ حقيقي سڪون، آرام ۽ راحت نصيب نہ ٿيندي آهي- آمريڪا ۽ يورپ جي وڏن سرمائيدارن جا بہ اهڙا بيان ايندا رهندا آهن پر الله جل جلالہ جا اهي مومن ٻانها جيڪي دولت ۽ اولاد ڪي معبود,زندگيءَ جو نصب العين ۽ مقصود نہ سمجهندا آهن جڏهن تہ سندن دلين ۾ دنيا جي محبت وارو مرض نہ هوندو آهي تہ مال ۽ اولاد سندن حق ۾ نعمت ۽ ديني ڪمن ۾ مدد جو ذريعو بڻجندو آهي-

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- ڪفر جي هوندي ڪا بہ نيڪي قبول نہ آهي جيئن وضؤ کان سواءِ نماز صحيح نہ آهي. ٢- "كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ" ۾ الله جل جلالہ کي نہ مڃڻ کان پوءِ ان جي رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم کي نہ مڃڻ جو ذڪر آڻڻ سان ثابت ٿيو تہ جيئن الله جل جلالہ کي نہ مڃڻ ڪفر آهي تيئن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي نہ مڃڻ بہ صريح ڪفر آهي- ٣- جيڪا خير خيرات ماڻهن جي طعنن کان بچڻ لاءِ يا فخر طور ڪئي وڃي تہ ان جو ثواب نہ ملندو جيئن "وَهُمْ كَارِهُوْنَ" مان واضح ٿي رهيو آهي تہ خير خيرات اها مقبول ۽ بارگاهہ ايزدي ۾ منظور آهي جيڪا نهايت دل جي خوشيءَ سان الله تعالیٰ ۽ ان جي محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪئي وڃي.

وَ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ ؕ وَمَاهُمْ مِّنْكُمْ وَلٰكِنَّهُمْ

۽ قسم ٿا کڻن الله جو تہ بيشڪ اهي البتہ اوهان مان آهن حالانڪہ ناهن اهي اوهان مان ۽ پر اهي

قَوْمٌ يَّفْرَقُوْنَ ﴿٥٦﴾ لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَاً اَوْ مَغٰرٰتٍ اَوْ مُدَّخَلًا

قوم آهن جو ٿا ڊڄن جيڪڏهن لهن ها پناهہ جي جاءِ يا غار يا داخل ٿيڻ جي جاءِ

لَّوَلَّوْا اِلَيْه وَهُمْ يَجْمَحُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّلْمِزُكَ فِي

۽ تہ البت پٺي ڏئي ڀڄن ها ان ڏانهن حالانڪ اهي زوري ڪري ٿا ڀڄن ۽ انهن مان اهي بہ آهن جوطعنو هڻن ٿا توکي

الصَّدَقَاتِ ۚ فَاِنْ اُعْطُوْا مِنْهَا رَضُوْا وَاِنْ لَّمْ يُعْطَوْا مِنْهَآ

صدقن (جي باري) ۾ پوءِ جيڪڏهن ڏنا ويا ان مان تہ راضي ٿيا جيڪڏهن نہ ڏنا ويا ان مان تہ

اِذَا هُمْ يَسْخَطُوْنَ ﴿٥٨﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ رَضُوْا مَا آتَاهُمُ اللّٰهُ

ان وقت اهي ڪاوڙ ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن تحقيق اهي راضي ٿين ها ان ڪان جو ڏنو انهن کي الله

وَرَسُوْلُهٗ ۙ وَقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ سَيُؤْتِيْنَا اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ

۽ ان جي رسول ۽ چون ها تہ ڪافي آهي اسان جي لاءِ الله جلد ڏيندو اسان کي الله فضل پنهنجي مان

وَرَسُوْلُهٗٓ ۙ اِنَّآ اِلَى اللّٰهِ رَاغِبُوْنَ ﴿٥٩﴾ ع

۽ ان جو رسول بيشڪ اسين الله ڏانهن رغبت رکندڙ آهيون

تفسير

اڳين آيتن ۾ ارشاد ٿيو تہ منافق جيڪو صدقو وغيره ڪن ٿا اهو صرف پنهنجي منافقي لڪائڻ لاءِ ڪن ٿا باقي ايمان جو انهن کي ذرو بہ حاصل نہ آهي. ۽ هتي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ انهن جو مدينہ منوره ۾ اوهان وٽ اچڻ، وڃڻ ۽ اوهان سان گڏ رهڻ بہ سندن مجبوري آهي جو ان طريقي سان پنهنجي منافقي لڪائن ٿا- ارشاد رباني آهي-

"وَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ" ۽ قسم کڻن ٿا الله جو تہ بلاشڪ اهي اوهان مان آهن- مقصد تہ منافقن جي اها حالت هوندي هئي جو دل ۾ اسلام سان دشمني رکندا هئا پر جڏهن تہ اسلامي قوت جي اڳيان ڪمزور هوندا هئا ان جي ڪري مسلمانن جي اڳيان قسم کڻندا هئا تہ اسين اوهان وانگر مسلمان ۽ اوهان مان ئي آهيون-

"وَمَا هُمْ مِنْكُمْ وَلٰكِنَّهُمْ قَوْمٌ يَفْرَقُوْنَ" ۽ اهي اوهان مان ناهن ۽ پر اهي ڊڄندڙ قوم آهن- هن حصي ۾ رب العزة جل جلاله ٻڌايو ته اهو سڀ ڪجهه انهن جو مڪر، فريب ۽ ڏوڪو آهي اهي اوهان مان آهن ئي ڪونه اهو سڀ صرف ڊڄندي ڪن ٿا ته متان ظاهر ٿي پون-

"لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَأً اَوْ مَغٰرٰتٍ اَوْ مُدَّخَلًا لَّوَلَّوْا اِلَيْهِ وَهُمْ يَجْمَحُوْنَ" جيڪڏهن ڪا پناهه جي جاءِ يا غار يا داخل ٿيڻ جي جاءِ لهن ها ته زوري اوڏانهن ڀڄي وڃن ها. مطلب ته جيڪڏهن مٿي لڪائڻ جو مرڪز ملي وڃين ها ته رسيون ڇني به اوڏانهن ڀڄي وڃن ها پر ڪا به پناهه جي جاءِ نه ڏسي اوهان وٽ اچن ٿا ۽ ڪوڙا قسم کڻي بچاءُ حاصل ڪن ٿا.

"وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّلْمِزُكَ فِى الصَّدَقٰتِ فَاِنْ اُعْطُوْا مِنْهَا رَضُوْا وَاِنْ لَّمْ يُعْطَوْا مِنْهَآ اِذَا هُمْ يَسْخَطُوْنَ" ۽ انهن مان اهي به آهن جيڪي اوهان کي صدقن جي باري ۾ طعنا هڻن ٿا پوءِ جيڪڏهن انهن مان ڪجهه ڏنا وڃن ٿا ته راضي ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن نٿا ڏنا وڃن ته پوءِ ان وقت اهي ڪاوڙ جي پون ٿا- هي به منافقن جي حالت جو بيان آهي- بارگاهه رسالت ۾ جڏهن زڪواة ۽ عشر جو مال ايندو هو ۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي پالڻهار جي حڪم مطابق اهو خرچ ڪندا ۽ مستحقين کي ڏيندا هئا ته منافق ڏسندا هئا جيڪڏهن کين ڪجهه مال ملندو هو ته راضي ٿيندا هئا ۽ جيڪڏهن نه ملندو هو ته سخت ناراض ٿيندا ۽ ڪاوڙ ڪندا هئا-

"وَلَوْ اَنَّهُمْ رَضُوْا مَآ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ" ۽ جيڪڏهن اهي ان تي راضي ٿين ها جيڪو کين الله ۽ ان جي رسول ڏنو (ته سندن لاءِ ڀلو هو) يعني جيڪڏهن اهي کين الله ۽ ان جي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي طرفان عطا ٿيل نعمت تي راضي ٿي ان جو شڪر ادا ڪن ها ته سندن لاءِ تمام سٺو هو- علامه شبير احمد عثماني صاحب لکيو آهي ته: جيڪا ظاهري ۽ باطني دولت الله ۽ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي سرڪار کان کين ملي ٿي ان تي مسرور ۽ مطمئن ٿين ها (۱)

"وَقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ سَيُؤْتِيْنَا اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ وَرَسُوْلُهٗٓ اِنَّآ اِلَى اللّٰهِ رٰغِبُوْنَ" ۽ چون ها ته اسان لاءِ الله ڪافي آهي الله جلدي اسان کي پنهنجي فضل مان ڏيندو ۽ ان جو رسول (به ڏيندو) يقينًا اسين الله ڏانهن رغبت رکندڙ آهيون. مقصد ته اهل ايمان لاءِ اهوئي سهڻو رهي ٿو ته اهي الله تعالىٰ تي اعتماد ڪن ۽ هي يقين رکن ته الله تعالىٰ سندن لاءِ ڪافي آهي ۽ اهو پنهنجي فضل سان کين مالامال ڪندو. ۽ سندس محبوب نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم به پنهنجي جودو سخاوري هٿ سان کين نوازيندو-

(۱) حاشيه عثماني ص۲۵۹

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا سمجهه ۾ آيا. ۱- تقيه ڪرڻ، پوءِ اهو قولي هجي يا عملي منافق جو ڪم آهي- (جيئن شيعا ڪندا آهن) سچو مؤمن پانهو ان ڪان هر طرح بچندو آهي ڏسو منافق دل ۾ ڪافر هيا زبان سان ايمان جي دعوٰى ڪندا هئا تانته سندن دلين ۾ لڪل ڪفر ظاهر نه ٿي پوي- الله جل جلاله ان پاليسيءَ کي غلط قرار ڏئي ڇڏيو- ۲- قسم کڻي پنهنجي ايمان جو ثبوت ڏيڻ منافقن جو ڪم آهي نه سچن مومنن جو- سچن مومنن کي دنيا وارا هونئن ئي سچو سمجهن ٿا. ۽ اها منافقن واري نشاني اڄ به ڪن ماڻهن ۾ موجود آهي جيڪي منبر تي بيهي قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي ماڻهن کي چوندا آهن ته اسين سني آهيون گمراهه نه آهيون. ۳- "ماهم منكم" مان ثابت ٿيو ته صالحن پانهن ۾ شامل نه هجڻ وڏو عذاب آهي- ۽ صالحن ۾ شموليت الاهي، انعام، اڪرام ۽ احسان آهي. ۴- منافق پنهنجي منافقيءَ کي لڪائڻ لاءِ ڪيتري به ڪوشش ڪندو پر اها لڪي نه سگهندي ان جي منهن مان اهڙا الفاظ خود بخود نڪري ويندا جن سان ظاهر ٿي پوندو- جيئن "وَمِنهم مَن يلمزك" مان ظاهر ٿي رهيو آهي- ۽ ان ئي جملي مان اهو به ثابت ٿي رهيو آهي ته نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي ڪنهن به قول يا فعل تي طعنو ڪرڻ ڪفر ۽ منافقن جي پڪي نشاني آهي. ۵- صرف مال ۽ ملڪيت ملڻ جي ڪري الله ۽ ان جي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم کان راضي رهڻ ايمان جو ڪمال نه آهي پر ايمان جو ڪمال اهو آهي جو انسان هر حال ۾ ان جي هر حڪم تي راضي رهي الله جل جلاله جي رضا ايمان بلڪ ان جو روح آهي. ٦- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي عطا خود مالڪ مٺي جي عطا آهي ڏسو غنيمت جو مال مجاهدن کي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ئي ڏيندا هئا پر الله جل جلاله ان کي پنهنجي عطا سڏيو آهي. ان ئي طرح الله تعالىٰ جي عطا حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي عطا آهي، ڏيندڙ رب پاڪ آهي ته ونڊيندڙ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم. ان جي ڪري ائين چوڻ جائز آهي ته حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جنت وغيره وٺي ڏيندا ۽ جهنم کان بچائيندا آهن اهوئي سبب هو جو حضرت ربيعه صحابي رضي الله عنه حضور پاڪ صلى الله عليهٔ وسلم جن کان جنت گهري هئي- ۷- "آتَاهُمُ اللهُ وَرَسُولُهٗ" (الله ۽ ان جي رسول انهن کي ڏنو) ان مان ثابت ٿيو ته الله تعالىٰ سان گڏ حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جو ذڪر ڪنهن حرف کي وچ ۾ آڻڻ کان سواءِ به جائز آهي. ۸- اهو به ثابت ٿيو ته نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن الله تعالىٰ جي اذن سان ڏيندا آهن ۽ سڀ

ڪجهہ ڏيندا آهن- جيئن "سَيُؤْتِينَا اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ وَرَسُوْلُهٗٓ" مان ثابت ٿي رهيو آهي-
ڏسو هتي عطا ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو قيد لڳايل نہ آهي هر شيءِ الله جي فضل سان
۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي هٿان ملندي آهي-

اِنَّمَا الصَّدَقَاتُ لِلْفُقَرَآءِ وَالْمَسَاكِيْنِ وَالْعَامِلِيْنَ عَلَيْهَا

ان ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي تہ صدقا فقيرن جي لاءِ آهن ۽ مسڪينن جي لاءِ ۽ ان تي ڪم ڪندڙن لاءِ

وَالْمُؤَلَّفَةِ قُلُوْبُهُمْ وَ فِى الرِّقَابِ وَالْغَارِمِيْنَ وَفِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

۽ انهن لاءِ جو الفت ڏياريل آهن دليون انهن جون ۽ آزاد ڪرائڻ ۾ انهن جي ۽ ۽ قرضين لاءِ ۽ الله جي واٽ ۾

وَ ابْنِ السَّبِيْلِ فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٠﴾

۽ مسافر لاءِ مقرر آهي الله وٽان ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جي انهن اعتراضن جو جواب ڏنو ويو جيڪي اهي حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن تي غنيمت جي مال تقسيم ڪرڻ تي ڪندا هئا ۽ هتي سندن انهن اعتراضن جو جواب ڏنو ويو آهي جيڪي اهي صدقن جي ورهائڻ تي ڪندا هئا-

شان نزول

حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جا مالدار ۽ ملڪيت وارا اصحابي سڳورا رضي الله عنهم پنهنجي مال ۽ ملڪيت مان نڪرندڙ زڪواة سندن پاڪ خدمت ۾ ان ارادي سان پيش ڪندا هئا تہ پاڻ پنهنجي پاڪ هٿن سان مستحقين ۾ ورهائن تانتہ الله جل جلالہ سندن مبارڪ هٿن جي برڪت سان مقبول ۽ منظور فرمائي منافقن مان ڪي اهڙا ذليل ذهن وارا بہ هيا جيڪي اها ڳالهہ بہ برداشت نہ ڪري سگهيا ۽ بهتان هڻندي چوڻ لڳا تہ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن پنهنجن گهروارن، مٽن مائٽن، دوستن ۽

عزيزن کي ڏيڻ لاءِ اها زکواة وٺي رکن ٿا- انهن جي ان غلط ڳالهه کي رد ڪرڻ لاءِ هيءَ آيت نازل ٿي - (۱) فرمان پاڪ آهي "اِنَّمَا الصَّدَقَاتُ لِلْفُقَرَآءِ وَالْمَسَاكِيْنِ- کان- وَابْنِ السَّبِيْلِ" تائين- ان کان سواءِ ڪجهه به نه آهي ته صدقا فقيرن ۽ مسڪينن ۽ انهن لاءِ ڪم ڪندڙن ۽ دلين ۾ الفت پيدا ڪيلن ۽ ٻانهن کي آزاد ڪرڻ ۽ قرضين کي ڏيڻ لاءِ ۽ الله جي واٽ ۾ ڪپائڻ ۽ مسافر لاءِ آهن- آيت ۾ آيل لفظ "انما" حصر جي لاءِ آهي جنهن جو مطلب آهي تـه صدقا صرف ۽ صرف هتي ذڪر ڪيلن جي لاءِ آهن- "الصَّدَقَاتُ" "صدقه" جو جمع آهي ۽ صدقهَ صدق کان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ آهي سچائي جڏهن ته صدقو سخيءَ جي ايمان جي سچائيءَ جي دليل آهي ان جي ڪري ان کي صدقه سڏيو ويو آهي- هتي فقراءِ ۽ مسڪين جدا جدا ذڪر ڪيا ويا آهن فقير ۽ مسڪين ۾ ڪهڙو فرق آهي انهن جي متعلق علماءِ ڪرام جا ٻه ٽي قول آهن. ۱- فقير اهو آهي جنهن وٽ ڪجهه نه ڪجهه هجي ۽ مسڪين اهو آهي جنهن وٽ ڪجهه بـه نـه هجي امام اعظم عليه الرحمه وٽ اهو قول پسنديده آهي پر لغت جي ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته فقير اهو آهي جنهن وٽ ڪجهه به نه هجي ۽ مسڪين اهو آهي جنهن وٽ ڪجهه هجي ان اختلاف مان پتو پوي ٿو ته حقيقت ۾ اهي ٻئي لفظ قريب المعنىٰ آهن ناداري، مفلس ۽ محتاج هجڻ انهن ٻنهي ۾ قدر مشترڪ آهي ان جي ڪري فصيحن جي ڪلام ۾ اهي ٻئي لفظ هڪ ٻئي جي معنىٰ ۾ مستعمل آهن ۽ سلامتي ان ۾ آهي تـه ان بحث ۾ نـه پئجي پر انساني نفسيات جي رازدار، حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جيڪا مسڪين جي مراد ٻڌائي آهي ان کي فيصلو ڪندڙ قول بنائجي-

پاڻ فرمايو اٿن تـه: مسڪين اهو آهي جنهن وٽ ايترو سرمايو نـه هجي جيڪو ان کي غني ڪري ڇڏي ۽ نـه ان جي ظاهري حالت ان جي تنگدست هجڻ جو پتو ڏيندي هجي جو ماڻهو ان کي غريب سمجهي صدقو ڏين ۽ نـه اهو ڪنهن جي اڳيان سوال جو هٿ ڊگهو ڪندو هجي- حضرت امام اعظم عليه الرحمه فرمايو آهي تـه: جنهن وٽ ويهه دينار يا ٻه سؤ درهم هجن (يعني زڪواة جو نصاب) تـه ان کي زڪواة وٺڻ جائز نـه آهي- ۽ امام شافعي عليه الرحمه جو مسلڪ آهي تـه: جيڪڏهن ڪو شخص صحت مند ۽ روزي ڪمائڻ تي قادر آهي تـه ان جي لاءِ صدقو وٺڻ حرام آهي- ۽ اهڙي طرح حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي ساري اهل بيت بلڪ سيني هاشمين مسڪينن ۽ فقيرن لاءِ بـه زڪواة وٺڻ جائز نـه آهي (۲) "وَالْعَامِلِيْنَ عَلَيْهَا" ۽ ڪم

(۱) الصاوي صـ۱۴۳ جزء ۲ (۲) ضياء القرآن صـ۲۲۲ جلد ۲

ڪندڙ ان زڪواة جي حصول لاءِ المقصد تہ جيڪي ماڻهو وقت جي حاڪم جي طرفان زڪواة ۽ صدقات وصول ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيا ويندا آهن انهن جون پگهارون بہ ان زڪواة جي مال مان ادا ڪيون وينديون ۽ ان مان هي بہ ثابت ٿيو تہ ماڻهن کان زڪواة وصول ڪرڻ حڪومت جي ذميداري آهي حڪومت جو فرض آهي تہ اها منظم طور زڪواة وصول ڪري ۽ پوري اهتمام سان مستحقين کي پهچائي خلافت عباسيہ تائين اهو طريقو رهيو هو ڪي ڪي وقت جا حاڪم زڪواة جي مال ۾ ناجائز تصرف بہ ڪندا هئا پر زڪواة وري بہ انهن جي حوالي ڪئي ويندي هئي تانتہ اهو نظام باقي رهي- پلا جيڪڏهن بني هاشمين مان ڪو اهڙو ملازم رکيو وڃي تہ ڇا ان کي زڪواة جي پئسي مان پگهار ڏ ئي سگهجي ٿي؟ حضرت امام ابو حنيفه ان کي بہ ناجائز سڏيو آهي (۱) "وَالْمُؤَلَّفَةِ قُلُوبُهُمْ" ۽ اهي جيڪي الفت ڏياريون ويون دليون انهن جون- يعني ماڻهن جي دلين کي اسلام ڏانهن مائل ڪرڻ جي لاءِ بہ ڪين زڪواة ڏيڻ جائز آهي- ان جون ٽي صورتون آهن. ۱- ڪافرن جي رئيسن کي ان غرض جي لاءِ ڏيڻ تہ اهي پاڻ غريبن مسلمانن کي ايذاءُ نہ ڏين پر ٻين کي بہ ايذائڻ کان روڪين- ۲- ڪافرن کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ رغبت ڏيارڻ ۳- نون مسلمانن جي خاطرداريءَ لاءِ سندن مدد ڪرڻ تانتہ اهي وري ڪافرن ڏانهن مائل نہ ٿين نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن انهن ٽنهي قسمن جي ماڻهن جو دليون محبت ۾ آڻڻ لاءِ ڪين وڏي فياضيءَ سان زڪواة جي مال مان ڏيندا هئا-

سوال- ڇا اجان بہ "الْمُؤَلَّفَةِ قُلُوبُهُمْ" آهن؟

جواب- جمهور علماءُن هاڻي اهو حڪم منسوخ ٿي ويو آهي- ڇو تہ الله تعالىٰ اسلام کي ايتري عزت، غلبو ۽ قوت عطا ڪئي آهي جو ڪنهن کي پئسا ڏئي ان جي دل ۾ اسلام جي محبت پيدا ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ رهي آهي ۽ ڪن عالمن جو خيال آهي تہ اهو حڪم منسوخ نہ آهي بلڪ جيڪڏهن ڪنهن وقت بہ ان جي ضرورت محسوس ٿئي تہ وقت جي حاڪم کي ائين ڪرڻ جي اجازت آهي (۲) "وَفِي الرِّقَابِ" ۽ ٻانهن کي آزاد ڪرڻ ۾- اسلام غلاميءَ کان روڪڻ لاءِ جتي ٻيون ڪوششون ڪيون آهن اتي اها ڪوشش بہ ڪئي اٿس تہ زڪواة جي آمدنيءَ جو هڪ حصو غلامن کي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ بہ مقرر ڪيو وڃي ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن ڪي مسلمان جنگي قيدي ٻڌجي ويا آهن تہ انهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ بہ زڪواة جي مال مان

(۱) ضياء القرآن صہ۲۲۳ جلد۲ (۲) القرطبي صہ۱۸۱ جلد ۸

رقم خرچ ڪري سگهجي ٿي-
(۱) "وَالْغَارِمِيْنَ" ۽ قرضين لاءِ- يعني اهي ماڻهو جن وٽ مٿن هوندڙ قرضن لاهڻ لاءِ ڪا به شيءِ نه آهي ته زڪواة جي فنڊ مان انهن جي مدد ڪرڻ به جائز آهي اسلام ڪي انهن جي ان ڏڪائيندڙ حالت تي به رحم آهي پر ان ۾ هڪ شرط هي به آهي ته اهو قرض ڪنهن بري ۽ ناجائز ڪم لاءِ نه ڪنيو هجين ۽ نه فضول خرچيءَ جي ڪري مقروض ٿيا هجن- "وَفِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" ۽ الله جي واٽ ۾- هن مان مراد اهي حج ڪرڻ وارا ۽ غازي آهن جن وٽ رستي جو ٿمر نه آهي ۽ مفلس هجڻ جي ڪري پنهنجي لاءِ ضروري سامان وني نٿا سگهن زڪواة جي مال مان انهن جي مدد ڪرڻ به جائز آهي پر محققن عالمن جو قول آهي ته في سبيل الله مان مراد صرف اهي به نه آهن هر اهو ڪم جيڪو عام مسلمانن جي فائدي لاءِ ڪيو وڃي ٿو اهو في سبيل الله ۾ داخل آهي جيئن ديني مدرسا جن ۾ قرآن ۽ سنت جي تعليم ڏني وڃي ۽ ديني علم جا محقق ۽ اسلام جا مبلغ تيار ڪيا وڃن اهي بطريقه اوليٰ ان ۾ داخل آهن-

علامه رشيد رضا صاحب لکيو آهي ته: "والتحقيق ان سبيل الله هنا مصالح المسلمين عامه التي بها قوام امرالدين والدولة دون الافراد" ۽ تحقيق هي آهي ته سبيل الله مان مراد اهي مصلحتون ۽ مفيد ڪم آهن جن سان عام مسلمانن کي فائدو پهچي دين ۽ دولت ٻنهي جي تقويت حاصل ٿي- ان کان پوءِ لکيو اٿس ته:
اسان جي زماني ۾ نهايت اهم ڪم جنهن ۾ اهو زڪواة وارو پئسو استعمال ڪيو وڃي ٿو اسلام جي مبلغين کي تيار ڪري منظم انجمنن جي نگرانيءَ ۾ ڪافرن جي رياستن ۾ ديني دعوت لاءِ موڪلڻ آهي ۽ انهن جي مالي ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي ۽ ان ۾ ديني مدرسن کي جتي شرعي علوم پڙهايا وڃن ٿا خرچ ڏيڻ به داخل آهي.
(۲) "وَابْنِ السَّبِيْلِ" ۽ مسافر لاءِ- ان مان مراد اهو مسافر آهي جنهن جو سفر جي دوران خرچ ڪٽي ويو آهي پوءِ اهو پنهنجي وطن ۾ چو نه ڪٽي دولت مند هجي پر هن حالت ۾ ان جي زڪواة جي پئسي مان مدد ڪرڻ جائز آهي پر ان شرط سان جو اهو سفر ڪنهن گناه جي ارادي سان نه ڪيو هجيس "فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِ" هي سڀ الله جي طرفان فرض آهي- هتي "فَرِيْضَةً" کي زبر ان جي ڪري ڏني وئي آهي جو اهو فعل مقدر جو مفعول مطلق تاڪيد لاءِ استعمال ڪيل آهي- مطلب ته مٿي ذڪر ڪيل قسمن ۾ زڪواة ورهائڻ فرض آهي (۳) پوءِ جيتري قدر به پهچي سگهي- "وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ" ۽ الله

(۱) القرطبي صه۱۸۱ جلد ۸ (۲) المنار صه ۵۸۵ کان ۸۸ ۵ جلد ۱۰ (۳) البحرالمحيط ٦١ جلد ۵

ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. هي فرمان معظم گذريل مضمون جو تتمه آهي يعني الله تعاليٰ ڪن کي امير ۽ ڪن کي غريب بنايو ان ڪان پوءِ اميرن تي زڪواة فرض ڪري غريبن جو ڪم هلايو- ان ۾ ان جون ڪئي حڪمتون آهن-

زڪواة ڏيڻ جون حڪمتون

۱- قدرتي طرح مال ۽ ملڪيت دلين جون محبوب آهن انهن جي ذريعي انسان ڪيترين ئي شين ۽ ڪيترين ئي ڪمن ڪرڻ تي قادر ٿيندو آهي ۽ مال ملڪيت جي محبت جيڪڏهن گهٽي ٿي ويندي تہ اها الله جي ذڪر ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جي عشق ڪان روڪيندي ان جي ڪري الله تعاليٰ مالدارن کي حڪم ڏنو تہ غريبن کي زڪواة ڏيو تانتہ اوهان جي دلين مان مال جي محبت گهٽجي ۽ مالڪ مٺي جي محبت وڌي-

۲- مال ۽ ملڪيت جي گهٽي هجڻ سان دل سخت ٿيندي آهي جنهن سان دل جو دنيوي لذتن ڏانهن لاڙو وڌندو آهي لهذا ان کي رب العالمين جل مجده جي واٽ ۾ خرچ ڪيو تانتہ دل ۾ نرمي پيدا ٿئي خدا جو خوف، رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جو عشق ۽ آخرت جي تياري نصيب ٿئي-

۳- بدني عبادت بہ انسان کي ڳري لڳندي آهي پر مالي عبادت ان ڪان بہ سخت محسوس ٿيندي آهي ان جي ڪري امتحان طور زڪواة فرض ڪئي وئي تہ ڀانهو پنهنجي مالڪ جو مطيع ۽ فرمانبردار رهي ۽ سرڪشيءَ ڪان بچي پوي-

۴- تہ مال ۽ ملڪيت جو حقيقي مالڪ الله جل جلالہ آهي، مالدار امير ان جو خزانچي ۽ غريب عوام الله تعاليٰ جا ئي پيدا ڪيل ٻانها آهن رب العزة جل جلالہ پنهنجن خزانچين کي حڪم ڪيو آهي تہ منهنجي ڏنل مال مان منهنجن ٻانهن جون ضرورتون پوريون ڪيو جيڪڏهن ڪندا تہ امانت دار ۽ سچا آهن ۽ جيڪڏهن نہ ڪندا تہ خيانتي ۽ ڪوڙا آهن-

۵- تہ جيڪڏهن امير ۽ مالدار ماڻهو مسڪينن کي ڪجهہ نہ ڏيندا تہ مسڪينن جي دلين ۾ اول ريس پوءِ حسد پيدا ٿيندو جنهن جي ڪري اهي فساد برپا ڪري ڌاڙا ۽ ڦريون ڪرڻ شروع ڪندا جيئن هاڻي ڏٺو پيو وڃي پر جيڪڏهن انهن کي مالدارن جي ذريعي ڪجهہ ملندو رهندو ۽ سندن حاجتون پوريون ٿينديون رهنديون تہ انهن جي دلين ۾ گهٽو ڪري پنهنجن محسنن ۽ مهربانن لاءِ محبت پيدا ٿيندي جنهن

سان جهان جو نظام صحيح نموني قائم ٿي هلندو.

٦- ته مال ۽ ملڪيت وڃڻ واريون شيون آهن جيڪڏهن خوشيءَ سان خرچ نه ڪيا ويا ته نيٺ هٿن مان هليا ويندا چوري، باهه لڳڻ، يا ڦڏن فسادن جي ذريعي ختم ٿي ويندا پلا پيو ڪجهه نه به ٿئي پر مري ته هٿ ڪڍنا آهن ان جي ڪري ان کي الله جل جلاله جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ سان رب پاڪ به راضي ٿيندو ته دنيا ۾ به چڱو نالو رهندو-

٧- زڪواة ۽ خيرات غريبن ۽ مسڪينن جي دعائن حاصل ڪرڻ جو ذريعو ۽ وسيلو آهي جن سان انسان پاڻ ۽ سندس مال ۽ ملڪيت محفوظ رهن ٿا-

٨- ته سخاوت ڪرڻ جي ڪري انسان الله جل جلاله جي پيارن نبين خصوصًا حضرت محمد مصطفیٰ صلی الله عليه وسلم جن سان تعلق ۽ سندن اطاعت حاصل ڪري ٿو-

٩- ته انسان کي الله تعالیٰ جي طرفان ٽي شيون مليون آهن، ١- روح، ٢- بدن، ٣- مال- روح جو زيور ايمان ۽ سهڻا اخلاق آهن- بدن جو زيور عبادتون ته مال جو زيور به هجڻ گهرجي ۽ اها زڪواة ۽ صدقا ڏيڻ آهي-

١٠- ته انسان تي پنهنجي منعم، محسن ۽ مهربان مالڪ جي نعمتن جو شڪر ڪرڻ لازم آهي ۽ هر نعمت جي شڪر جي حقيقت اها آهي ته ان کي الله جل جلاله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري مال ملڪيت به هڪ نعمت آهي ۽ ان جو شڪر زڪواة ادا ڪرڻ آهي-

١١- ته گهٽو ڪري ڪافر مسلمانن کي دنيوي لالچون ڏئي ڪفر ۽ برايون ڪرائيندا آهن پر جيڪڏهن مالدار ماڻهو زڪواة ادا ڪندا، مسڪينن ۽ غريبن جي سنڀال لهندا ته اهي انهن دشمنن جي لالچ ۽ طمع ڏيارڻ واري ڦند ۾ نه ڦاسندا- لهاذا زڪواة ضرور ڏني وڃي ته مسڪين ۽ غريب ماڻهو وقت سٺو گذاري ايمان ڪامل ۽ عمل صالح تي قائم رهن گناهن ۽ براين بلڪه برن عقيدن کان بچي پون- (١)

وَ مِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ النَّبِيَّ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ اُذُنٌ قُلْ

۽ انهن مان اهي به آهن جو ايذائين ٿا نبي کي ۽ چون ٿا ته اهو ڪَن (جو ڪچو) آهي فرماءِ ته

(١) تفسير ڪبير صه ١٠٠ جزء ١٦

أُذُنُ خَيْرٍ لَّكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ يُؤْمِنُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ

ڪن ٻڌائي جو آهي اوهان جي لاءِ ايمان ٿو رکي الله تي ۽ اعتبار ٿو ڪري مومنن تي ۽ رحمت آهي

لِّلَّذِيْنَ آمَنُوْا مِنْكُمْ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ

انهن لاءِ جو ايمان آندائون اوهان مان ۽ اهي جو ايذائين ٿا الله جي رسول کي انهن لاءِ

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦١﴾

عذاب دردناڪ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جي ان طعنن جو ذڪر هو جيڪو انهن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن تي غنيمت جو مال ورهائڻ جي باري ۾ هنيو هو ۽ هتي انهن ئي منافقن جي ان طعني جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪو اهي سندن بردباريءَ ۽ پرده داريءَ تي هڻندا هئا-

شان نزول

هن آيت ڪريمه جي شان نزول جي متعلق مفسرن ٻه روايتون آنديون آهن-

۱- ته منافقن مان ڪجهه فرد پنهنجي خصوصي مجلس ۾ ويهي حضور نبي اڪرم نور مجسم صلي الله عليه وسلم جي شان جي گستاخي ڪري رهيا هئا ته انهن مان هڪ چٽو چوڻ لڳو ته: جيڪڏهن اسان جي هن بڪواس جي خبر نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کي پئي ته اسان جي حالت خراب ٿيندي. ۽ اسان جي منافقت جا راز کلي پوندا- ٻيو چوڻ لڳو ته: اهو فڪر نه ڪيو ڀيرياٿين ته هتي ڪوبه مسلمان ويٺل نه آهي جيڪو ڪين ٻڌائي صرف اسين ئي آهيون پلا جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان ڪين اها خبر پئجي به وئي ته اسين ڪوڙو قسم کڻي ويندا سون ته اسان اوهان جي باري ۾ ڪجهه به نه چيو آهي ۽ اها ڳالهه آزمايو ويٺا آهيون ته پاڻ جاچ ۽ تحقيق ڪرڻ کان سواءِ ئي ڳالهه مڃيندا آهن چو ته پاڻ ڪنن (مبارڪن) جا ڪچا آهن جيڪا به ڳالهه

ٻڌن ٿا تہ ان تي اعتبار ڪن ٿا-
ان جي متعلق هيءَ آيت مبارڪ نازل ٿي (۱)

۲-ابن ابي حاتم حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: اها آيت نبتل بن حارث منافق جي باري ۾ لٿي هئي جيڪو حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم جي خدمت پاڪ ۾ اچي ويهندو هو ۽ سندن ڳالهيون ٻڌي منافقن کي وڃي ٻڌائيندو هو.

محمد بن اسحاق جو قول آهي تہ اهو نبتل منافق اهڙو تہ بد شڪل هوندو هو جو حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن ان لاءِ فرمائيندا هئا تہ جيڪو شيطان کي ڏسڻ گهري سو ان نبتل کي ڏسي- هڪ ڏينهن ان کي ڪنهن ماڻهوءَ چيو تہ تنهنجي انهن حرڪتن جي خبر جيڪڏهن نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کي پئي تہ تنهنجو ڇا حشر ٿيندو؟ چوڻ لڳو تہ: مان قسم کڻي ان ڳالهہ تان ڦري ويندس پاڻ ڪنن (مبارڪن) جا ڪچا آهن مون کي ڪجهہ بہ نہ چوندا- ان جي ان حالت جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي- (۲)

فرمان عالي شان آهي- "وَمِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ النَّبِيَّ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ اُذُنٌ" ۽ انهن مان ڪي اهي آهن جيڪي نبي پاڪ کي ايذائن ٿا ۽ چون ٿا تہ اهو ڪن آهي- مطلب تہ منافقن مان ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي گستاخيون ڪري نبي پاڪ کي ايذائن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪين ڪو جهلي ٿو تہ اهي خبرون نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن تائين پهچنديون تہ جواب ۾ چون ٿا تہ اهو اهڙو اعتبار ڪرڻ وارو آهي جو اسين ڪيس جيئن ٻڌائينداسون ان تي اعتبار ڪري ويندو-

غور ڪرڻ جي قابل الفاظ

هن فرمان مبارڪ ۾ بہ لفظ غور ڪرڻ جهڙا آهن ۱- يُؤْذُوْنَ، ۲- النَّبِيَّ "يُؤْذُوْنَ" (ايذائن ٿا) ۾ هي ٻڌايو ويو تہ جڏهن هو پنهنجن محفلن ۾ رسول پاڪ صلی الله عليه وسلم جون گستاخيون ڪندا آهن تہ ان سان محبوب مصطفیٰ صلی الله عليه وسلم کي ايذاءِ پهچي ٿو-

سوال پيدا ٿئي ٿو تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جو ڪو پڪو عاشق ۽ سچو مسلمان تہ ان محفل ۾ هوندو ئي ڪونہ هو پوءِ ڪين ڪيئن ٿي خبر پئي تہ سندن گستاخي ٿي رهي آهي- "النبي" لفظ ان خبر پوڻ جو دليل آهي- مطلب تہ جنهن جي

(۱) تنوير القياس ص۱٦۰ خازن ص۲۴۱ جلد ۲ (۲) مظهري ص۲۵۴ جلد ۴ خازن ص۲۴۱ جلد ۲

گستاخي ڪن ٿا اهو نبي آهي ۽ نبي جي معنىٰ آهي غيب جون خبرون ڏيندڙ. منافق جي انهن حرڪتن جي ان ڪي پوري پوري خبر آهي تڏهن ڪيس ايذاءُ پهچي ٿو- نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جو علم ۽ سندس نگاه پاڪ جي ڪماليت تہ اعلىٰ آهي پر پاڻ جنهن خچر تي سوار ٿيندا هئا ان جي اکين جي اڳيان ٿي پردا پري ٿي ويا هئا ۽ غيبي حالتون ڏسي رهيو هو.

جيئن پاڻ هڪ ڀيري ان تي سوار هئا ۽ اهو قبر ۾ مئل جي عذاب واري حالت کي ڏسي ۽ پيرن تي بيهي رهيو هو علامہ رومي عليه الرحمتہ مثنوي شريف ۾ آندو آهي تہ هڪ ڀيري سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جي مٽي مبارڪ تي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي چادر مبارڪ هئي تہ سندس نگاه آسمان کان مٽي نور جي بارش ڏسي رهي هئي- (۱) "قُلْ اُذُنُ خَيْرٍلَّكُمْ" فرماءِ تہ: ڪنن جو ڪچو اوهان جي ڀلائي لاءِ آهي. يعني اوهان جي ڪوڙن کي ظاهر نہ ڪرڻ ۽ خاموش رهڻ اوهان جي لاءِ رحمت آهي پاڻ نهايت مهربان هجڻ جي ڪري اوهان جي گستاخين ۽ بي ادبين کان بہ درگذر فرمائين ٿا اها ان جي بي علمي نہ سمجهو- پر انهن ڳالهين جي اوهان کي الله تعالىٰ وٽان سزا ضرور ملندي ان جو انتظار ڪيو- "يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَيُؤْمِنُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ" الله تي يقين رکي ٿو ۽ مؤمنن جي ڳالهين تي بہ يقين رکي ٿو ۽ اوهان مان ايمان آڻڻ وارن جي لاءِ رحمت آهي- مقصد تہ جيڪو رحيم ۽ ڪريم نبي صلى الله عليه وسلم دشمنن جي پردي پوشي ڪري، انهن کي رسوا ۽ خوار نہ ڪري ان جي پنهنجن تي شفقت، رافت ۽ رحمت ڪيتري هوندي ان جو اندازو هرڪو لڳائي سگهي ٿو. ان جي ڪري مٿئين جملي سان گڏ اهو بہ ٻڌايو ويو تہ پاڻ اوهان مان (سچن) ايمان وارن لاءِ خصوصي رحمت آهن- "وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ" ۽ جيڪي الله جي رسول کي ايذائن ٿا انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي- هن حصي ۾ قيامت تائين اچڻ وارن ماڻهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪير بہ هجي جنهن بہ منهنجي محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ذري برابر بہ بي ادبي ڪئي تہ ان لاءِ دردناڪ عذاب آهي. پوءِ اهو ايذاءُ قول سان يا فعل سان يا ڪنهن ٻئي نموني سان ڏنو وڃي-

فائدا- هن آيت پاڪ کي غور سان پڙهڻ مان هي فائدا حاصل ٿيا-

۱- حضور نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن هر شخص جي ڪليل يا لڪل

(۱) نعيمي صہ۴۱۰ جلد ۱۰

حال کان باخبر آهن کائن سندن حال لکل نہ آهي ڏسو پاڻ منافقن جي لکل گستاخين کان کيئن باخبر هئا جنهن جو کين ڏک ٿيو ۽ الله تعالىٰ فرمايو تہ: جيکي بہ الله تعالىٰ جي رسول کي ايذائن ٿا انهن لاءِ دردناک عذاب آهي- ۲- هتي پهرئين جملي ۾ "يُؤْذُوْنَ" کان پوءِ "اَلنَّبِيَّ" آندو ويو "الرسول" نہ آندو ويو غالبًا ان جي کري جو نبي جي معنىٰ غيب جو خبرون ڏيندڙ آهي. حبيب پاک صلي الله عليه وسلم جن جي گستاخي کير بہ کٿي بہ کنهن بہ نموني کري ٿو تہ پاڻ باذن الله ان کان باخبر آهن- ۳- خبر هجڻ جي باوجود پاڻ نهايت پردو رکڻ وارا پيغمبر آهن ۽ پاڻ مالک مٺي جي سهڻيءَ صفت ستار جا اتم ۽ اکمل مظهر آهن ۽ گستاخي کندڙن ان رمز کي نہ سمجهندي نقصان ۾ وجي رهيا آهن- ۴- محبوب کريم صلي الله عليه وسلم جن کي بي خبر ۽ بي علم سمجهڻ منافقن جو کم آهي ۽ مؤمن جو عقيدو اهو آهي تہ پاڻ رب العزة جل جلاله جي عطا سان هر ماڻهوءَ جي ايمان، اعمال، ادب ۽ بي ادبيءَ کان بخوبي واقف آهن ۽ سندن طرفان مخالفن جي معذرت قبول کرڻ ۽ کين هر ڳالهہ تي نہ پکڙڻ سندن شفقت ۽ الله جل جلاله جي رحمت ۽ مهرباني آهي- (۱)

يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ لِيُرْضُوْكُمْ ۚ وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ اَنْ

قسم کڻن ٿا الله جو اوهان جي لاءِ تانت راضي کن اوهان کي ۽ الله ۽ ان جو رسول وڌيک حقدارآهن

يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۲﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْۤا اَنَّهٗ

هن ڳالهہ جا تہ راضي کن ان کي جيکڏهن آهن مؤمن ڇا نہ ڄاڻائون تہ تحقيق ڳالهہ هيئن آهي تہ تحقيق

مَنْ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ

جيکو مخالفت ٿو کري الله جي ۽ ان جي رسول جي پوءِ بيشک ان لاءِ باهہ جهنم جي آهي

خَالِدًا فِيْهَا ۭ ذٰلِكَ الْخِزْيُ الْعَظِيْمُ ﴿۶۳﴾

هميشه هوندا ان ۾ اهاخواري وڏي آهي

(۱) نعيمي صہ ۴۱۲ جلد ۱۰

تفسير

هن کان اول ذکر کيلن آيتن ۾ ارشاد ٿيو تہ: منافق پنهنجن مجلسن ۾ حضور ڪريم صلی اللہ عليه وسلم جن جون گستاخيون ڪندا هئا ۽ هتي ٻڌايو وڃي ٿو تہ اهي وري مسلمانن جي مجلسن ۾ ايندا هئا تہ ڪوڙا قسم کڻي انهن حرڪتن جو انڪار ڪندا هئا سندن دلين ۾ اللہ تعالیٰ جو خوف نہ هوندو هو مسلمانن جو خوف هوندو هو-

شان نزول

ابن المنذر ۽ ابن ابي حاتم حضرت قتادة رضي اللہ عنه کان روايت آندي آهي تہ منافقن مان هڪ شخص چيو تہ (حضرت محمد مصطفیٰ صلی اللہ عليه وسلم)جيڪو چوي ٿو جيڪڏهن اهو حق آهي تہ پوءِ اسين گڏهن کان بہ بدتر آهيون- ان وقت انهن وٽ عامر بن قيس نالي هڪ مسلمان ويٺو هو جنهن ان کي فرمايو تہ: جيڪو ڪجهہ (حضرت) محمد (صلي اللہ عليه وسلم) فرمائي ٿو اهو حق آهي ۽ تون گڏه کان بہ بدتر آهين- ائين چوڻ کان پوءِ اهو مسلمان نبي پاڪ صلی اللہ عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ کين سموري حقيقت عرض ڪيائين- حضور پاڪ صلی اللہ عليه وسلم جن ان شخص کي گهرائي پڇيس تہ ڪوڙو قسم کڻي چوڻ لڳو تہ مون ائين ڪونہ چيو آهي- مسلمان صحابي اللہ جل جلالہ جي بارگاه ۾ دعا گهرندي عرض ڪيو تہ: يااللہ! سچي جو سچ ۽ ڪوڙي جو ڪوڙ ثابت ڪر اللہ جل جلالہ هيءَ آيت نازل ڪري ٻڌايو تہ منافق ڪوڙا قسم کڻن ٿا- (۱) ۽ قرآن پاڪ جي مفسرن مقاتل ۽ ڪلبيءَ جو قول آهي تہ جڏهن حضور پاڪ صلي اللہ عليه وسلم جن تبوڪ جي جنگ ڏانهن ويا تہ ڪيترا ئي منافق جنگ ۾ عمداً شريڪ نہ ٿيا ۽ جڏهن پاڻ خير سان ڪامياب ٿي موٽيا تہ اهي سندن خدمت ۾ اچي ڪوڙا قسم کڻي چوڻ لڳا تہ: اسان کي هي عذر ۽ هي مجبوريون هيون ان جي ڪري هلي نہ سگهياسون- انهن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي (۲) فرمان مبارڪ آهي- "يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ لِيُرْضُوْكُمْ" اوهان وٽ اللہ جا قسم کڻن ٿا تانتہ اوهان کي راضي

(۱) الدرالمنثور صہ۲۲۸ جلد ۴ (۲) الخازن صہ۲۴۱ جلد ۲

ڪن- المقصد تہ جڏهن انهن منافقن جي منافقي، ڏوڪو ۽ دغابازي پڪڙجي پوي ٿي تہ اوهان کي راضي ڪرڻ لاءِ الله جا قسم کڻن ٿا تہ اسان نہ ائين چيو آهي ۽ نہ ڪيو آهي نہ اسان جي نيت ۾ اوهان جي لاءِ غلط سوچ آهي- "وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ" ۽ الله ۽ ان جو رسول ان ڳالهہ جا وڌيڪ حقدار آهن تہ انهن کي راضي ڪن- مطلب تہ اها نڳي ۽ ڪوڙا قسم الله ۽ ان جي رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم سان نہ هلندا ۽ اصل ڳالهہ اها ئي آهي تہ انهن کي راضي ڪن- "اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ" جيڪڏهن مومن آهن- يعني ايمان ۽ نيت سچي هجڻ جي دعويٰ ۾ سچا تڏهن چڱبا جڏهن الله جل جلالہ ۽ ان جي پياري رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي راضي ڪندا- "اَلَمْ يَعْلَمُوْۤا اَنَّهٗ مَنْ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدًا فِيْهَا ذٰلِكَ الْخِزْيُ الْعَظِيْمُ" ڇا تہ ڄاڻائون تہ: ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندو ان لاءِ يقينًا جهنم جي باهہ آهي ان ۾ هميشہ هوندو اها وڏي خواري آهي. يعني اهي منافق ان جا ڪوڙا قسم کڻن ٿا تہ خوار نہ ٿين ۽ ڪنهن کي خبر ئي نہ پوي پر الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم جي مخالفت ڪرڻ جي ڪري ڪين جڏهن هميشہ لاءِ جهنم جي باهہ ۾ وڌو ويندو تہ اها سندن وڏي ۾ وڏي خواري هوندي- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ آيل لفظ "يُّحَادِدِ" محاداة کان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ آهي ڪنهن جي مقابلي ۾ جدا محاذ قائم ڪرڻ جنهن ۾ هر ڪنهن جي حد جدا هجي-(۱)

فائدا- ۱- پنهنجي مومن ۽ سچي هجڻ لاءِ هرو ڀرو قسم کڻڻ منافقن جو ڪم آهي سچن مومنن کي قسم کڻڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي آهي انهن مان ايمان جي خوشبو خود بخود ايندي آهي- موجوده دور ۾ بہ الله جل جلالہ ۽ ان جي پياري رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جا گستاخ قسم کڻندا آهن، قرآن پاڪ مٿي تي رکي يا هٿن ۾ جهلي چوندا آهن تہ اسين سچا آهيون پر حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي عاشقن کي نہ قسم کڻڻ جي ضرورت پوندي آهي نہ قسم کڻندا آهن- عطر پنهنجي خوشبوءِ پاڻ ظاهر ڪري ٻڌائيندو آهي تہ مشڪ آهي يا گلاب آهي- ۲- الله جل جلالہ کي راضي ڪرڻ جي نيت ايمان جي ڪامل هجڻ جو دليل آهي ۽ الله تعالىٰ کي وساري مخلوق کي راضي ڪرڻ جي نيت ڪرڻ منافقن جو ڪم آهي- ۳- "وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ" مان ثابت ٿيو تہ ايمان، عبادت ۽ معاملات ۾ الله جل جلالہ سان گڏ ان جي پاڪ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي راضي ڪرڻ جي نيت ڪرڻ بہ نہ شرڪ

(۱) القرطبي صہ۱۹۴ جلد ۸

آهي نہ ڪفر ۽ نہ گناهہ بلڪ اها نيت ڪرڻ ايمان جي ڪمال جي نشاني آهي- ۴- الله تعاليٰ جي پاڪ ناليٰ سان گڏ ان جي پياري رسول ڪريم صلی الله عليه وسلم جو نالو وٺڻ بلڪ انهن ٻنهي لاءِ هڪ ضمير ۽ صيغو استعمال ڪرڻ جائز ۽ درست آهي جيئن "اَحَقُّ اَنْ يَّرْضُوْهُ" ۾ احق بہ ٻنهي لاءِ هڪ صيغو آهي تہ "يُرْضُوْهُ" ۾ "ہ" ضمير بہ ٻنهي لاءِ هڪ آهي- ان جي ڪري ائين چوڻ جائز آهي تہ الله رسول (ڪريم صلی الله عليه وسلم) ڀلائي ڪري آفتن کان بچائي وغيره (۱)

يَحْذَرُ الْمُنٰفِقُوْنَ اَنْ تُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ سُوْرَةٌ تُنَبِّئُهُمْ بِمَا

ڊڄن ٿا منافق هن ڪان تہ لاٿي وڃي انهن تي ڪا سورة جو خبر ڏي انهن کي ان (راز) جي جو

فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۚ قُلِ اسْتَهْزِءُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ مُخْرِجٌ مَّا تَحْذَرُوْنَ ﴿۶۴﴾

دلين انهن جي ۾ آهي فرماءِ تہ: مسخريون ڪيو بيشڪ الله ظاهر ڪندڙ آهي ان کي جو ڊڄو ٿا

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا

۽ البت جيڪڏهن پڇندين انهن کان تہ البت ضرور چوندا تہ ان کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي تہ

نَخُوْضُ وَ نَلْعَبُ ۚ قُلْ اَبِاللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ وَرَسُوْلِهٖ كُنْتُمْ

مذاق ٿي ڪئي سون ۽ راند ٿي ڪئي سون فرماءِ تہ: ڇا الله سان ۽ انهن جي آيتن سان ۽ ان جي رسول سان

تَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۶۵﴾ لَا تَعْتَذِرُوْا قَدْ كَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ ۚ

چٺر ٿي ڪيو نہ عذر پيش ڪيو تحقيق ڪفر ڪيو توهان ايمان آڻڻ پنهنجي کان پوءِ

اِنْ نَّعْفُ عَنْ طَآئِفَةٍ مِّنْكُمْ نُعَذِّبْ طَآئِفَةً ۢ

جيڪڏهن معاف ڪنداسون جماعت هڪ کان اوهان مان تہ عذاب ڪنداسون هڪ جماعت کي

بِاَنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿۶۶﴾ ع۱۴

سببان ان جي جو بلاشڪ اهي مجرم هئا

(۱) نعيمي صہ ۴۲۱ جلد ۱۰

تفسير

هنن آيتن کان اول لکيل آيتن ۾ منافقن جي طرفان سندن کيل حرڪتن تي بي قراريءَ ۽ پيشمانيءَ جو ذڪر هو جو ڪوڙا قسم کڻي مسلمانن کي پنهنجي طرفان مطمئن ڪندا هئا ۽ هتي انهن ئي منافقن جي طرفان ڪين مستقبل ۾ پيش ايندڙ خطرن کان ڊڄڻ جو بيان ٿي رهيو آهي.

شان نزول

علامہ رازي عليه الرحمه لکيو آهي تہ: هڪ ڀيري ٻارهن منافقن پاڻ ۾ ويهي خفيه اجلاس ڪيو جنهن ۾ انهن مومنن جي خلاف سازش تيار ڪئي ۽ الله جل جلاله اها سڀ حقيقت پنهنجي محبوب نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم کي ٻڌائي پاڻ هڪ مجمع ۾ اعلان فرمايائون تہ: ڪجھ ماڻهن اسان جي خلاف هڪ سازش رٿي آهي ۽ اهي هتي موجود آهن اهي اٿي توبه ڪن تہ مان سندن لاءِ شفاعت ڪريان- پر انهن مان ڪير بہ اٿي نہ بيٺو پاڻ ڪيترائي ڀيرا ائين فرمائيندا رهيا پر منافق نہ اٿيا- نيٺ پاڻ انهن مان هر هڪ جو نالو وٺي فرمايائون تہ: اي فلاڻا! اٿ تون بہ منافق آهين تون بہ ان سازش ۾ شريڪ هئين- ائين انهن ٻارهن ئي کي اٿاري ٻيهاري ماڻهن کي ڏيکاريائون تہ هي اهي سازش ڪرڻ وارا منافق آهن- پوءِ انهن مڃيو تہ واقعي اسان اها حرڪت ڪئي آهي اسان کي معاف ڪيو وڃي پاڻ فرمايائون تہ: مون اوهان جي شفاعت لاءِ ۽ الله تعالىٰ جي رحمت اوهان جي بخشش لاءِ گهڻو انتظار ڪيو پر اوهان اٿي نہ بيٺؤ هاڻي اهو وقت گذري ويو اٿو هن مجلس مان نڪري وڃو- پوءِ اهي اتاهين ڪڍيا ويا ان تي پهرين آيت "يَحْذَرُ الْمُنَافِقُوْنَ" نازل ٿي.

حضرت امام حسن بصري جو قول اهو آهي- (۱) علامہ احمد صاوي عليه الرحمه لکيو آهي تہ جڏهن نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن غزوه تبوڪ کان واپس ٿيا تہ ٻارهن منافق سندن واپسيءَ واري رستي سان هڪ جبل جي گهٽ ۾ لکي ويٺا هئا تانتہ اوندهيءَ جو فائدو وٺي ڪين شهيد ڪري ڇڏين حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن حضرت عمار رضي الله عنه کي فرمايو تہ: تون وڃي هل ۽ انهن ٻارهن کي

(۱) التفسيرالكبير صہ۱۲۰ جزء۱۶

ئي اتان هٽائي ڇڏ حضرت عمار رضي الله عنه انهن کي اتان اچي هٽايو ۽ حضورڪريم صلی الله عليہ وسلم جن خيريت سان مدينہ منوره ۾ پهتا ۽ حضرت عمار کان پڇيائون تہ: اهي پارهن سڃاتا هيئي؟ عرض ڪيائين تہ: اونداهيءَ رات ۾ مان انهن کي سڃاڻي نہ سگهيس پاڻ فرمايائون تہ: مان تہ انهن جا نالا بہ ڄاڻان ٿو- حضرت عمار عرض ڪيو تہ انهن کي قتل ڪرائي ڇڏجي جن ايڏي خطرناڪ سازش ڪئي هئي؟
پاڻ فرمايائون تہ: انهن کي قتل نہ ڪرائبو ڇو تہ اهي ظاهر ۾ ڪلمو پڙهن ٿا ۽ ٻين ملڪن ۾ مشهور ٿي ويندو تہ (حضرت) محمد (صلی الله عليہ وسلم) ڪلمو پڙهندڙن کي بہ قتل ڪرائي ٿو- تڏهن اها پهرين آيت نازل ٿي-(۱)
علامہ شهاب الدين آلوسي بغدادي عليه الرحمہ لکيو آهي تہ: جڏهن حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن پنهنجن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان گڏ غزوه تبوڪ لاءِ وڃي رهيا هئا تہ سندن اڳيان ويندي ڪجهہ منافق پاڻ ۾ چوندا ٿي ويا (حضرت) محمد (صلی الله عليه وسلم) فارس ۽ روم کي فتح ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي. ڪٿي اهي طاقتور ملڪ ۽ ڪٿي هي؟ محبوب پاڪ صلی الله عليه وسلم جن پنهنجن پيارن اصحابن رضي الله عنهم کي فرمايو تہ: انهن اڳيان وڃڻ وارن کي بيهاريو ۽ مون ڏانهن وٺي اچو- اصحابي سڳورا انهن کي وٺي آيا پاڻ انهن کي فرمايائون تہ: اوهان پاڻ ۾ هيئن هوئن ڇو ٿي چوندا ويئو؟ انهن چيو تہ اسين ائين پنڌ ڪٽائڻ لاءِ چوندا ٿي وياسون دل ۾ اسين اوهان سان سچا آهيون انهن جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون- (۲)
ارشاد مبارڪ آهي "يَحْذَرُ الْمُنَافِقُوْنَ اَنْ تُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ سُوْرَةٌ تُنَبِّئُهُمْ بِمَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ" منافق هن ڳالهہ کان ڊڄن ٿا تہ انهن تي اهڙي ڪا سورة لاٿي وڃي جيڪا انهن کي اها ڳالهہ ٻڌائي جيڪا سندن دلين ۾ آهي. يعني ڪين سندن منافقيءَ جي ظاهر ٿيڻ جو خطرو رهي ٿو. ڊڄن ٿا تہ متان اهڙي ڪا سورة نازل ٿئي جنهن ۾ سندن پول پڌرا ڪيا وڃن- "قُلِ اسْتَهْزِءُوْا اِنَّ اللّٰهَ مُخْرِجٌ مَّا تَحْذَرُوْنَ" فرماءِ تہ ڀلي مسخريون ڪندا رهو- بلاشڪ جنهن ڳالهہ کان اوهان ڊڄندا هيئو الله ان کي ظاهر فرمائيندڙ آهي- مقصد تہ اوهان کي ڊپ هو تہ اسان جي منافقي ظاهر نہ ٿي پوي سو اها هاڻي ظاهر ٿي رهي آهي الله جل جلالہ اوهان جا نالا ۽ احوال پنهنجي پياري نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم کي ٻڌائي ڇڏيا آهن- علامہ محمد بن احمد انصاري قرطبي عليه الرحمہ لکيو آهي تہ: "اِنَّ اللّٰهَ

(۱) الصاوي على الجلالين صہ۱۴۵ جز۲ (۲) روح المعاني صہ۱۳۰ جز۱۰ جلد ۴

مخرج ماتحذرون" جو مطلب آهي تہ: انه عرف نبيه عليه السلام احوالهم واسماءهم لا انها نزلت في القرآن" (١)
يعني ان فرمان مقدس جو مطلب آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم کي انهن جي احوال ۽ نالن جي سڃاڻ ڏني آهي- ان جو مطلب اهو ناهي تہ الله تعالىٰ انهن جا نالا قرآن پاڪ ۾ نازل فرمايا آهن "وَلَئِنْ سَأَلْتَهُمْ لَيَقُولُنَّ إِنَّمَا كُنَّا نَخُوضُ وَنَلْعَبُ قُلْ أَبِاللَّهِ وَآيَاتِهِ وَرَسُولِهِ كُنْتُمْ تَسْتَهْزِئُونَ" ۽ البتہ جيڪڏهن انهن کان پڇندين تہ چوندا ان کان سواءِ ڪجهہ ناهي جو اسان مسخريون ۽ رانديون ٿي ڪيون فرماءِ تہ: ڇا الله ۽ ان جي آيتن ۽ ان جي رسول سان مسخريون ٿي ڪيو؟ چاڻ گهرجي تہ مسلمانن سان مسخريون ڪرڻ منافقن جو هڪ پسنديده طريقو هوندو هو ۽ اهي ڪوبہ اهڙو موقعو هٿان وڃائڻ پسند نہ ڪندا هئا خاص ڪري جڏهن مسلمان خالي هٿن هجڻ جي باوجود روم جي بادشاهہ قيصر سان جنگ ڪرڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا تہ انهن اندر جي ڪوڙن کي وڏيڪ مسخريون ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ چوڻ لڳا تہ: هي ويچارا ڏسو! جيڪي روم جي بادشاهہ سان جنگ ڪرڻ هليا آهن- ڪي چوڻ لڳا تہ: ڇڏي ڏيو! اتي صرف پهچڻ جي دير اٿن رومي فوجي هنن کي اهڙو سبق سيکاريندا جو مائرن جو کير ياد اچي ويندن ڪي چوڻ لڳا تہ: يار مزو تہ تڏهن ٿيندو جو هنن جي هٿن ۽ پيرن ۾ هٿڪڙيون ۽ ڏنڊا بيڙيون هونديون ۽ مٿان ديڙا وسندا رهندن- الغرض تہ جڏهن سندن اهڙيون نامعقول ڳالهيون مسلمان ٻڌندا هئا تہ اهي منافق حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪندا هئا تہ: حضرت! اسين مڙئي مسخريون ڪري دل وندرايون ٿا- انهن جي لاءِ الله تعالىٰ فرمايو تہ: ڇا الله ۽ ان جي آيتن ۽ ان جي رسول نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم سان چٿرون، مسخريون ۽ مذاقون ڪيو ٿا- "لَا تَعْتَذِرُوا قَدْ كَفَرْتُمْ بَعْدَ إِيمَانِكُمْ إِنْ نَعْفُ عَنْ طَائِفَةٍ مِنْكُمْ نُعَذِّبْ طَائِفَةً بِأَنَّهُمْ كَانُوا مُجْرِمِينَ" عذر پيش نہ ڪريو اوهان ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو آهي جيڪڏهن اسين اوهان مان هڪ جماعت کي معاف ڪنداسون تہ ٻي جماعت کي عذاب ڪنداسون ان سببان جو يقينًا اهي مجرم هئا- يعني ڪوڙا عذر ناهڻ ۽ بهانا بنائڻ سان ڪجهہ بہ نہ ٿيندو جنهن کي بہ منافقي ۽ مسخرين ڪرڻ جي سزا ملڻي آهي ضرور ملندي ها جيڪو هينئر بہ دل جي سچائيءَ ۽ صفائيءَ سان توبہ ڪندو ۽ پنهنجن گناهن کان باز ايندو تہ الله تعالىٰ ان کي معاف ڪندو ۽ جيڪو ڪفر ۽ منافقيءَ جي هوندي بہ مسخرين ۽ چٿرن

(١) القرطبي صـ١٩٦ جلد ٨

کان پري رهيو هوندو ان کي اها چٽر ۽ مسخريءَ واري سزا نہ ملندي-(۱)

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.۱- ٻٽي پاليسي رکڻ واري منافق تي دنيا ۾ هي عذاب آهي تہ اهو هميشہ ڊپ ۾ رهندو ان جي دل کي سکون ۽ قرار نصيب نہ ٿيندو مخلص مومن ان غم ۽ فڪر کان آزاد رهندو ان کي صرف الله جل جلالہ ۽ ان جي پياري رسول ڪريم صلی الله عليه وسلم کي راضي ڪرڻ جو فڪر هوندو- ۲- حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن پردو رکندڙ نبي آهن پاڻ ڪنهن جا عيب اگهاڙا نہ ڪندا آهن ها قرآن پاڪ جي ڪا سورة نازل ٿي ڪنهن جا عيب ۽ منافقي ظاهر ڪرڻ جو حڪم ڪري تہ اها ٻي ڳالهہ آهي-

اَلْمُنَافِقُوْنَ وَالْمُنَافِقَاتُ بَعْضُهُمْ مِّنْ بَعْضٍ يَاْمُرُوْنَ

منافق مرد ۽ منافق عورتون بعضي انهن جا بعض مان آهن امر ڪن ٿا

بِالْمُنْكَرِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمَعْرُوْفِ وَيَقْبِضُوْنَ اَيْدِيَهُمْ

برائيءَ جو ۽ روڪين ٿا چڱائيءَ کان ۽ بند ٿا رکن هٿن پنهنجن کي

نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ اِنَّ الْمُنَافِقِيْنَ هُمُ الْفَاسِقُوْنَ ﴿۶۷﴾ وَعَدَ

وساريائون الله کي پوءِ ڇڏيائين انهن کي بيشڪ منافق اهيئي فاسق آهن وعدو ڪيو

اللّٰهُ الْمُنَافِقِيْنَ وَالْمُنَافِقَاتِ وَالْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدِيْنَ

الله منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ ڪافرن سان جهنم جي باهہ جو هميشه رهندا

فِيْهَا ۭ هِيَ حَسْبُهُمْ ۚ وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۶۸﴾

ان ۾ اها ڪافي آهي انهن لاءِ ۽ لعنت ڪئي انهن تي الله ۽ انهن لاءِ عذاب هميشه وارو آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن مردن جي منافقيءَ جو ذڪر هو ۽ هتي ٻڌايو وڃي ٿو تہ منافقي جيئن مردن ۾ هئي تيئن عورتن ۾ بہ هئي- ارشاد مبارڪ آهي "اَلْمُنَافِقُوْنَ

(۱) حاشيہ عثماني صہ ۲۶۱ مطبوعہ سعودي عربيہ

"وَالْمُنَافِقَاتِ بَعْضُهُمْ مِنْ بَعْضٍ" منافق مرد ۽ منافق عورتون انهن جا بعض بعض مان آهن يعني سيئي هڪ جهڙا آهن سڀني جي مزاج هڪ آهي هر بري نظريي ۽ بري فعل جي رواج ڏيارڻ ۽ اشاعت ۾ وڏا چالاڪ آهن- "يَأْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمَعْرُوْفِ وَيَقْبِضُوْنَ أَيْدِيَهُمْ نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ" برائي جو امر ڪن ٿا ۽ نيڪيءَ کان روڪين ٿا ۽ پنهنجا هٿ بند رکن ٿا (حقيقت هيئن آهي ته) الله کي وساري ڇڏيائون پوءِ الله به کين ڇڏي ڏنو- مقصد ته اهي برائيءَ جا علمبردار ۽ نيڪيءَ کان بيزار آهن ۽ ڪوشش ڪن ٿا ته نيڪي ڪرڻ وارا نه ترقي ڪن ۽ نه اقتدار جا مالڪ هجن جيڪڏهن ڪانئن چڱي ڪم لاءِ مدد طلب ڪجي ٿي . وٽن مال ملڪيت گهڻو آهي ته به مٺيون ڀيڙي وهن ٿا ۽ خير جي ڪم لاءِ خرچ ڪرڻ جي انهن کي توفيق ئي نصيب نه ٿيندي آهي انهن پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته کين الله تعالىٰ ياد نه آهي جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته رب العزة جل جلاله به کين پنهنجي رحمت ۽ عنايت عطا ڪرڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي جتي ٻين جي لاءِ ان جي فضل ۽ ڪرم جا دروازا کليل آهن اتي هنن منافقن مردن ۽ عورتن لاءِ کليل دروازا به بالڪل بند آهن ڇڻ ته ٻاهر ڪو سائل آهي ئي ڪونه جنهن ڏانهن سخاوت ۽ ڪرم جو قدرتي هٿ وڌايو وڃي الله تعالىٰ کي وسارڻ اهڙو عمل آهي جنهن جي بدلي ۾ اهو وساريندڙ پاڻهو خود وسري وڃي ٿو جيترو هي گناهه وڏو آهي اوتري ان جي سزا به وڏي آهي-

"إِنَّ الْمُنَافِقِيْنَ هُمُ الْفَاسِقُوْنَ" بيشڪ منافق اهي ئي فاسق آهن- جيڪي دل ۾ بغض ظاهر ۾ دوستي ڏيکاريندا آهن اهي آهن ته تمام برا پر پاڻ کي پلو ثابت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن- "وَعَدَ اللّٰهُ الْمُنَافِقِيْنَ وَالْمُنَافِقَاتِ وَالْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدِيْنَ فِيْهَا" الله منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ ڪافرن کي جهنم جي باهه ۾ داخل ڪرڻ جو وعدو فرمايو آهي. ان ۾ هميشه رهيا پيا هوندا- هتي منافقن ۽ ڪافرن کي گڏي بيان ڪرڻ مان ثابت ٿيو ته الله تعالىٰ وٽ ٻنهي جو حڪم هڪ آهي- (۱) "هِيَ حَسْبُهُمْ وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ" اها انهن لاءِ ڪافي آهي ۽ الله انهن تي لعنت ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ هميشه وارو عذاب آهي. مطلب ته سندن منافقي ۽ ڪفر جي بدلي ۾ اهو عذاب ڪافي اٿن، الله جي لعنت به اٿن ۽ اهو عذاب انهن لاءِ دائمي هوندو- علام ثناءَ الله

پاني پتي عيله الرحمه لکيو آهي ته ان عذاب مان مراد آخرت جو عذاب آهي يا دنيا ۾ اها تڪليف جيڪا منافقيءَ ۽ ڪفر جي ڪري محسوس ڪري رهيا آهن ظاهر

(۱) نورالعرفان صہ۳۱۴

۾ هڪ نمونو تہ اندر ۾ ﻫﻴﻮ رکيو ٿا اچن ۽ هميشہ مسلمانن کان ڊڄندا رهن ٿا تہ متان انهن کي سندن انهن حالتن جي خبر پئجي وڃي ۽ خوار خراب ٿين- (۱)

فائدا- هنن آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا- ۱- هر شخص پنهنجي هم عقيدي شخص جو هم جنس هوندو آهي مومن مومن جو، ڪافر ڪافر جو، منافق منافق جو- ۲- منافق ظاهري ڪلمي پڙهڻ جي ڪري مسلمانن ۾ شمار ڪيا ويندا آهن پر آهن خالص ڪافر ۽ دين جا دشمن ان جي ڪري انهن ۽ ڪافرن لاءِ گڏي جهنم جي باهہ جو ذڪر ڪيو ويو آهي- ۳- برائيءَ جو امر ڪرڻ ۽ پلن ڪمن کان روڪڻ منافقن جو ڪم آهي- علامہ مفتي احمد يار خان نعيمي عليه الرحمه هن آيت جي تفسيري فوائد ۾ لکيو آهي تہ ان مان موجوده دور جي گستاخن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي ميلاد شريف ۽ ايصال ثواب لاءِ منعقد ٿيندڙن محفلنءِ خيراتن کان روڪين ٿا. (۲)

كَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْكُمْ قُوَّةً وَّاَكْثَرَ اَمْوَالًا

انهن وانگر جو هئا اوهان کان اڳي هئا سخت اوهان کان طاقت ۾ ۽ گهڻا مالن

وَّاَوْلَادًا ۭ فَاسْتَمْتَعُوْا بِخَلَاقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلَاقِكُمْ كَمَا

۽ اولاد جي لحاظ سان پوءِ نفعو ورتائون پنهنجي حصي سان پوءِ نفعو ورتو اوهان حصي پنهنجي سان جيئن

اسْتَمْتَعَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلَاقِهِمْ وَخُضْتُمْ كَالَّذِيْ

نفعو ورتو انهن جو گذريا اوهان کان اڳ ۾ پنهنجي حصي سان ۽ مشغول رهيئو ان (تولي) وانگر جو

خَاضُوْا ۭ اُولٰۗىِٕكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ

مشغول رهيا اهي ٿي آهن جو ڇٽ ٿيا عمل انهن جا دنيا ۽ آخرت ۾

وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ؀

۽ اهي ٿي نقصان وارا آهن

(۱) مظهري صہ ۲٦۲ جلد ۴ (۲) نعيمي صہ ۴۳۷ جلد ۱۰

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن منافقن جو ذڪر هلي رهيو هو جيڪي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي دور ۾ هيا ۽ هن آيت ۾ انهن منافقن جو بيان ٿي رهيو آهي جيڪي اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي دور ۾ مختلف ملڪن ۾ گذريا تانته ان سان محبوب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي قلب مبارڪ کي تسلي ڏني وڃي ته اهي موذي نه رڳو هاڻي آهن پر هميشه کان هلندا آيا آهن- فرمان مبارڪ آهي- "كَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْكُمْ قُوَّةً وَّاَكْثَرَ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا" انهن وانگر جيڪي اوهان کان اڳ۾ گذري ويا- اوهان کان طاقت ۾ سخت (وڌيڪ قوي) مال ۽ اولاد جي لحاظ سان گهڻا هئا- هن عبارت ۾ ٻه ترڪيبون نهن ٿيون-

۱- "كَالَّذِيْنَ" واري ڪاف کان پهريان انتم لڪل ضمير موجود آهي ۽ هي جملو پيش جي جاءِ ۾ خبر ٿيندو- ۲- اتي فعلتم لڪل آهي ۽ "كَالَّذِيْنَ" زبر جي جاءِ تي ان جو مفعول"به" آهي(۱)

مطلب ته: اي منافقو! هن دنيا ۾ اوهان جو وجود ڪا نئين شيءِ ناهي اوهان کان اڳ۾ به اهڙا ماڻهو گذري چڪا آهن جيڪي قوت، طاقت، مال ۽ اولاد ۾ اوهان کان وڌيڪ ۽ گهڻا هئا انهن کي به سمجهائڻ وارن گهڻو سمجهايو پر زندگيءَ جي ان اعلىٰ ۽ پاڪيزه مقصد کان انهن جا عقل قاصر رهيا- جسماني لذتن ۽ شهوتن جي خواهشن ۾ ٻڏل رهيا زندگيءَ جون نهايت قيمتي گهڙيون برباد ڪري هليا ويا- "فَاسْتَمْتَعُوْا بِخَلَاقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلَاقِكُمْ كَمَا اسْتَمْتَعَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلَاقِهِمْ وَخُضْتُمْ كَالَّذِيْ خَاضُوْا" پوءِ پنهنجي حصي سان نفعو ورتائون اوهان به ائين نفعو ورتو آهي جيئن اوهان کان اڳين نفعو ورتو ۽ اوهان به ائين (دنيوي لذتن ۾) مشغول رهيا آهيو جيئن اهي (دنيوي لذتن ۾) مشغول رهيا- يعني اوهان به انهن وانگر آخرت جي فڪر کان غافل ٿي دنيا جي فاني سامان مان جيڪو مقدر ۾ اوهان جو حصو آهي نفعو حاصل ڪري رهيا آهيو ۽ سموري اٿڻ، ويهڻ، غير ضروري ڪمن، دنيوي لذتن ۽ خواهشاتن ۾ مشغول ٿيڻ ۾ انهن وانگر آهيو- پوءِ اها ڳالهه به ذهن نشين ڪريو ته

(۱) الــڪشاف صه ۲۰۱ جلد ۲

جيڪو انهن جو حشر ٿيو اوهان جو بہ اهوئي حشر ٿيندو- انهن وٽ جسماني، مالي ۽ اولاد جي ڪثرت جي قوت اوهان کان گهڻي ۽ وڌيڪ هئي تڏهن بہ بچي نہ سگهيا تہ اوهان ڪيئن بچي سگهندؤ- عجب آهي تہ الله جل جلالہ جي طرفان اچڻ واري سزا کان ڪيئن بي فڪر آهيو؟

"أُولَٰئِكَ حَبِطَتْ أَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْخَاسِرُونَ" اهي انهن جا عمل دنيا ۽ آخرت ۾ چٽ ٿي ويا ۽ اهي ئي نقصان وارا آهن- يعني انهن کي ڪابہ دنيوي ۽ اخروي برڪت نصيب نہ ٿي باقي دنيوي لذتن ۽ خواهشاتن جو حصو جيڪو سندن مقدر ۾هو سو ڪين مليو ۽ اهو بہ عارضي آهي حقيقي ۽ باقي رهڻ وارو ناهي.

فائدا- هن آيت جو مطالعو ڪرڻ سان هي ڳالهيون ذهن نشين ٿيون-

١- شرعي اصول مان هڪ اصل قياس آهي ۽ اهو حق آهي يعني ڪن ٻن مسئلن ۾ ڪنهن مشترڪ وجہ جي ڪري ٻنهي لاءِ ساڳيو حڪم ثابت ڪرڻ صحيح ۽ حق آهي ڏسو هتي "كَالَّذِينَ" ۾ ڪاف،تشبيه جو آٿي نبوي دور جي منافقن کي اڳين نبين (علىٰ نبيناوعليهم الصلواة والسلام) جي دور سانتشبيه ڏني وئي آهي- مقصد تہ جڏهن اوهان جا عقيدا، اعمال ۽ حرڪتون بہ انهن جهڙيون آهن تڏهن اوهان کي جيڪا سزا ملندي اها بہ انهن جي سزا جهڙي هوندي- فقهاءِ ڪرام جي قياس شرعيءَ جو طريقو بہ اهوئي هوندو آهي.

٢- سموري دنيا جون مادي طاقتون الله تعالىٰ جي هڪ ٻانهي جي روحاني طاقت جي اڳيان فيل ٿي وينديون آهن- اهو فائدو- "كَانُوا أَشَدَّ مِنكُمْ قُوَّةً" مان ثابت ٿي رهيو آهي جو منافقن جي جماعت قوت، دولت ۽ دنيوي عزت ۾ وڌيڪ هئي مگر الله جل جلالہ جي نبي ڪريم جي مقابلي ۾ ناڪام رهي. ٣- دنيا ۾ الله جل جلالہ جي نعمتن مان حصو مومنن ۽ ڪافرن ٻنهي کي ملندو آهي پر ڪافر صرف دنيوي فائدو وٺندو آهي ۽ مومن ان مان ٻئي جهان سهڻا بنائيندو آهي ڪافر دنياوي نعمتن جي درياءَ ۾ ٻڏي مرندو آهي مومن ان مان تري ڪناري تي پهچندو آهي ڪافر جا دنيا ۾ ڪيل چڱا ڪم برباد ٿي ويندا ۽ برا عمل ان سان قيامت تائين گڏ هلي ڪيس جهنم جو ٻارڻ بنائيندا ۽ مومن جا برا اعمال معاف ٿي ويندا ۽ نيڪ اعمال ان سان گڏ هلي ڪيس سڪرات قبر ۽ قيامت جي عذاب کان بچائيندا. ۴- الله جل جلالہ مومن کي سندس نيڪ عملن جي صدقي ۽ برڪت سان دنيا ۾ بہ فائدو عطا ڪندو آهي جو ڪن نيڪين جي ڪري عمر وڌندي آهي ۽ ڪن نيڪين جي ڪري مال ۽ اولاد ۾ برڪت پيدا ٿيندي

آهي ڪن جي ڪري آفتون ۽ مصيبتون ٽرنديون آهن ڪن جي ڪري عزت ۽ عظمت ملندي آهي تہ ڪن نيڪين جي صدقي الله تعالىٰ جو خوف ۽ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جو عشق پيدا ٿيندو آهي- (۱)

اَلَمْ يَاْتِهِمْ نَبَاُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّ

ڇا نہ آئي انهن وٽ خبر انهن جي جيڪي اڳي هئا انهن کان نوح جي قوم جي ۽ عاد جي ۽

ثَمُوْدَ ۙ وَقَوْمِ اِبْرٰهِيْمَ وَاَصْحٰبِ مَدْيَنَ وَالْمُؤْتَفِكٰتِ ؕ

ثمود جي ۽ ابراهيم جي قوم جي ۽ مدين وارن ۽ اونڌا ڪري ڪيرايلن جي

اَتَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ

آيا انهن وٽ رسول انهن جا پنهنجن روشن دليلن سان پوءِ نہ هو الله (جو هي دستور) تانت ظلم ڪري انهن تي

وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ۝

۽ پر (پاڻ) سرن پنهنجن تي ظلم ٿي ڪيائون

تفسير

هن آيت کان اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ موجوده دور جي منافقن جي حالت گذريل ڪافرن ۽ منافقن وانگر هئي ۽ هتي انهن گذريلن ڪافرن جي ڇهن قومن جو ذڪر ٿي رهيو آهي- ارشاد مبارڪ آهي "اَلَمْ يَاْتِهِمْ نَبَاُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ" ڇا انهن وٽ ڪائنات اڳين جي خبر نہ آئي؟ خبر اچڻ مان مراد انهن تائين پهچڻ يا عام مشهور ٿيڻ آهي ڇو تہ حجاز مقدس جي علائقي ۾ انهن قومن تي عذاب اچڻ جا قصا مشهور هئا ۽ سفر جي دوران جڏهن انهن قومن جي برباد ٿيلن ڳوٺن کان لنگهندا هئا تہ اتان جي رهاڪن کان انهن قومن جي باري ۾ پڇندا هئا ۽ سندن هلاڪت جا قصا ٻڌندا هئا ان جي ڪري هتي صرف انهن ڇهن قومن جو ذڪر ٿيو آهي جيڪي انهن منافقن جي ڳوٺن جي قريب رهندڙ هيون- "قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادَ وَثَمُوْدَ وَقَوْمِ اِبْرٰهِيْمَ

(۱) نعيمي صہ ۴۴۴ جلد ۱۰

وَاَصْحَابِ مَدْيَنَ وَالْمُؤْتَفِكَاتِ" نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود ۽ ابراهيم جي قوم ۽ مدين وارن ۽ اونڌاڪري ڪيرايلن جي- آيت مبارڪ جي هن حصي ۾ صراحت سان انهن قومن جو ذڪر ڪري تنبيه ڪئي وئي آهي ته جن جي عظامت ۽ دٻدٻي جا داستان انهن تائين پهتا آهن ننڍا ۽ وڏا انهن جي باري ۾ ڳالهه ڪندا ٿا وتن، اهي بي فرمان هجڻ جي ڪري تباهه ٿي ويا- اهي ڇهه قومون هي آهن.

۱- حضرت نوح جي قوم- حضرت نوح عليه السلام عراق ۾ رهندو هو- راقم الحروف محمد ادريس پڙهندڙن پائرن جي خدمت ۾ عرض گذار آهي ته مون اهو تنور وارو مقام ڪوفي جي شهر ۾ ڏٺو آهي جتان نوح عليه السلام جي قوم مان ڪافرن کي ٻوڙي تباهه ڪرڻ وارو پاڻي نڪتو ۽ طوفان جي ابتدا ٿي هئي. ۲- عاد- هيءَ حضرت هود عليه السلام جي قوم هئي جيڪي يمن جي علائقي احقاف ۾ رهندا هئا ۽ سخت انڌيري اچڻ سان هلاڪ ڪيا ويا هئا. ۳- ثمود- هيءَ حضرت صالح عليه السلام جي قوم هئي ۽ اهي يمن جي علائقي حجر ۾ رهندا هئا حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن هن علائقي کان لنگهندي اتي رهڻ ۽ اتي جي کوه مان پاڻي پيئڻ کان منع ڪئي هئي ڇو ته اها عذاب الاهي جي لهڻ ۽ اچڻ جي جاءِ هئي اها قوم ڀريان غيبي آواز ۽ ان کان پوءِ زلزلي سان هلاڪ ٿي هئي- خيال ۾ رهي ته حضرت نوح عليه السلام جي قوم کي "قَوْمِ نُوْحٍ" ڪري سڏيو ويو آهي ۽ هنن کي "عَادٍوَّثَمُوْدَ" سڏيو ويو آهي هتي قوم جو لفظ ان جي ڪري نه آندو ويو آهي جو حجاز مقدس وارن وٽ اهي قومون عاد ۽ ثمود جي لفظن سان ئي مشهور هيون ۽ ٻيو ته انهن ٻنهي قومن مان هزارين ماڻهو مسلمان ٿيا هئا- حضرت نوح عليه السلام جي قوم مان سندس ساڍا نو سؤسال (۹۵۰) ديني دعوت ڏيڻ جي باوجود صرف اسي (۸۰) ماڻهن ايمان آندو هو- ۴- قَوْمِ اِبْرَاهِيْمَ- ان مان مراد نمرود ۽ ان جا تابعدار آهن جيڪي بغداد ۽ ڪوفي جي وچ تي بابل جي شهر ۾ رهندا هئا نمرود اهو بادشاهه هو جنهن جي روءِ زمين تي حڪومت هئي ۽ خدا هجڻ جي دعوىٰ ڪندو هو اهو پاڻ هڪ منڊي مڇر جي ذريعي هلاڪ ڪيو ويو ۽ ان جا تابعدار ۽ قوم جاين جي ڇتين ۾ هٽي هلاڪ ڪيا ويا- يادرکڻ گهرجي ته انهن ڪافرن کي نبين عليهم الصلواة والسلام جي قوم وطن ۽ نسب جي لحاظ سان سڏيو ويو آهي دين جي لحاظ سان نه سڏيو ويو آهي- ۵- اَصْحَابِ مَدْيَنَ- مدين وارا، هي حضرت شعيب عليه السلام جي قوم هئي جيڪا مدين جي علائقي ۾ رهندي هئي ان قوم جو نالو به مدين هو ڇو ته اهي حضرت ابراهيم عليه السلام جي پٽ مدين جي

اولاد مان هئا- حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڏسيل دين ۽ رستي کي ڇڏڻ جي ڪري ڪافر ٿيا ۽ غيبي باهه سان هلاڪ ڪيا ويا- ٦- "اَلْمُؤْتَفِكَاتِ" اونڌا ڪري ڪيرايل ڳوٺ- انهن مان مراد اهي ڳوٺ آهن جن ڏانهن حضرت لوط عليه السلام کي نبي ڪري موڪليو ويو هو. انهن ڳوٺن جي رهاڪن الله تعالىٰ جي نبي حضرت لوط عليه السلام جي بي فرماني ڪئي لونڊي بازيءَ جي گناهه کان نه مڙيا ته الله تعالىٰ انهن ڳوٺن کي ٿي پاڙ کان پٽرائي مٿي ڪٽائي اونڌو ڪرائي اڇلرايو ان جي ڪري انهن کي "اَلْمُؤْتَفِكَاتِ" سڏيو ويو آهي- (۱) "اَتَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنَاتِ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ" انهن وٽ سندن رسول روشن دليلن سان آيا پوءِ الله انهن تي ظلم نه ڪيو هو ۽ پر پنهنجن سرن تي پاڻ ظلم ٿي ڪيائون- يعني انهن وٽ انهن ڏانهن موڪليل رسول عليهم الصلواة والسلام روشن ۽ چٽا معجزا ڪٽي آيا جيڪي انهن جي حقانيت جا دلائل هيا پر انهن قومن انهن نبين عليهم الصلواة والسلام کي نه مڃيو ته الله تعالىٰ انهن کي مختلف قسمن جي عذابن سان هلاڪ ۽ برباد ڪري ڇڏيو ۽ اهو الله تعالىٰ انهن سان ظلم نه ڪيو هو پر انهن پاڻ پنهنجن نفسن ۽ سرن تي ظلم ڪيو جو الله جل جلاله جي پيارن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جو انڪار ڪري ويٺا-

فائدو: "اَلَمْ يَاْتِهِمْ نَبَاُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ" مان ثابت ٿيو ته صحيح تاريخ پڙهڻ، تاريخي مقامات تي وڃڻ، ڏسي ياد رکڻ به هڪ قسم جي عبادت آهي ڇو ته برن کي سندن براين جي ڪري مليل سزا کي ڏسي انسان براين کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي- ۽ اهو به واضح ٿيو ته جن ماڻهن تي جنهن نبي عليه الصلواة والسلام جي اطاعت فرض آهي اهي ماڻهو ان نبي عليه الصلواة والسلام جي قوم آهن-

وَالْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنَاتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ يَاْمُرُوْنَ

۽ مومن مرد ۽ مومن عورتون بعضي انهن مان مددگار بعض جا آهن امر ٿا ڪن

بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ

نيڪيءَ جو ۽ روڪين ٿا برائيءَ کان ۽ قائم ڪن ٿا نماز

(۱) نعيمي ص ۴۴۹ جلد ۱۰

وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ يُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ اُولٰٓئِكَ

۽ ڏين ٿا زڪواة ۽ اطاعت ڪن ٿا الله ۽ ان جي رسول جي

سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ (۷۱)

جلد رحم ڪندو انهن تي الله بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي

تفسير

اڳ ۾ آيل ڪيترين ئي آيتن ۾ منافقن جو ذڪر هلي رهيو هو ۽ هتان ڪان ايمان ۾ سچن ۽ مخلصن بانهن جو ذڪر تي رهيو آهي- فرمان ايزدي آهي- "وَالْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنَاتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ" ۽ مومن مرد ۽ مومن عورتون هڪ ٻئي جا مددگار آهن- مقصد تہ اهي خوش نصيب مرد ۽ خوش نصيب عورتون جن منهنجي حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جي ديني دعوت کي قبول ڪيو انهن ۾ هڪ اهڙو روحاني انقلاب پيدا ٿيو آهي جو سندن ظاهر ۽ باطن ۾ ڪافي تبديلي اچي وئي آهي- اهي دل ۽ جان سان هڪ ٻئي جا مددگار، خيرخواهہ ۽ ساٿي آهن.

"يَأْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَيُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ" نيڪيءَ جو امر ڪن ٿا ۽ برائيءَ ڪان روڪين ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪواة ڏين ٿا الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪن ٿا- الغرض تہ اهي چڱن ڪمن کي فروغ ڏيڻ لاءِ پنهنجا سڀ وسائل استعمال ڪن ٿا ۽ پنهنجي راحت ۽ آرام کي قربان ڪندي براين ڪان روڪڻ لاءِ محنت ڪن ٿا ۽ ضرورت پوين ٿي تہ پنهنجي سر جو بہ سودو ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ اهي باطل ۽ برائيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن ۽ نماز ادا ڪندا ۽ زڪواة ڏيندا آهن الله ۽ ان جي رسول نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي هر حڪم جي اطاعت ڪندا آهن- "اُولٰٓئِكَ سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ" اهي ئي آهن جن تي الله جلد رحمت ڪندو- بلاشڪ الله غالب، حڪمت وارو آهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ "سَيَرْحَمُهُمْ" ۾ س تاڪيد ۽ مبالغي جي لاءِ آهي- يعني الله تعالىٰ انهن تي پنهنجي رحمت ضرور نازل ڪندو-

فائدا- هن آيت مان هي ڳالهيون واضح ٿيون-

۱- ايمان وارا مرد ۽ ايمان واريون عورتون هڪ ٻئي جا مددگار ۽ محب آهن انهن جي هڪ ٻئي سان ايماني محبت هوندي آهي ۽ جيئن ايمان مرڻ کان پوءِ بہ مومن سان گڏ هوندو آهي تيئن انهن جي محبت بہ قائم ۽ دائم هوندي آهي. ۲- مسلمانن جي ڪافرن سان دلي دوستي هرگز نہ ٿيندي جيڪڏهن هوندي بہ تہ عارضي ۽ وقتي جيئن انسان ۽ ان جي پاليل نانگ جي هڪ ٻئي سان عارضي محبت هوندي آهي. ۳- مسلمانن جي محبت مرڻ سان ختم نہ ٿيندي آهي باقي هوندي آهي ڏسو الله جل جلاله جي ولين سان ماڻهن جي محبت سندن دنيا تان رحلت ڪرڻ کان پوءِ بہ باقي هوندي آهي بلڪہ دنيا تي رهڻ وارا جيئرا انسان پنهنجن وفات ڪري ويڻ وارن مٽن، مائٽن دوستن بلڪہ سڀني مومنن کي بہ دعائن ۽ سندن روح کي درجي تي پهچائڻ لاءِ مالڪ مٺي جي نالي خيراتن صدقن سان ياد ڪندا آهن ۽ نمازن ۾ انهن لاءِ دعا گهرندا آهن- "رَبَّنَا اغْفِرْلِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ" اي اسان جا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي والدين ۽ سڀني مومنن کي ان ڏينهن مغفرت نصيب فرماءِ جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو- ۴- هر مومن کي الله جل جلاله جي دين جي دعوت ڏيڻ ۽ نيڪيءَ جي لاءِ امر ڪرڻ گهرجي- جيئن "يَأْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ" مان ظاهر ٿي رهيو آهي ۽ اهو نيڪيءَ جو امر صرف هڪ ڀيرو نہ پر گهڻائي ڀيرا، بار بار ڪرڻ گهرجي ۽ اهو امربالمعروف صرف زبان سان نہ پر قلم، عمل، هٿ وغيره سان ڪرڻ کپي ڪي الله جل جلاله جا اهڙا ٻانها بہ گذريا آهن جو دنيا تان رحلت ڪرڻ کان پوءِ بہ سندن دين جي لاءِ دعوت هلي رهي آهي جيئن ديني ڪتاب لکڻ وارا، يا روحانيت ڏيڻ وارا الله جا ولي سڳورا وغيرهم، جو سندن ڪتابن ۽ قلبي انوار جي ذريعي ڪيترائي بي دين ماڻهو ديندار بنجي رهيا آهن.

وَعَدَ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ

وعدو ڪيو الله مومنن ۽ مومنياڻين سان بهشتن جو جو وهن ٿيون

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِيْ

هيٺان انهن جي نهرون هميشه رهندڙ هوندا انهن ۾ ۽ گهرن پلن جو

جَنّٰتِ عَدْنٍ وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۷۲﴾ ۹ ع(۶) ۱۵

باغن رهڻ وارن ۾ ۽ الله جي طرفان رضامندو وڏي شيءِ آهي اهائي ڪاميابي وڏي آهي

تفسير

گذريلن آيتن ۾ منافقن ۽ ڪافرن جي لاءِ دوزخ وغيره جي وعدي جو ذڪر هو ۽ هن آيت ۾ مومنن ڪي ملڻ وارين بهشتي نعمتن جو ذڪر ٿي رهيو آهي- ايزدي ارشاد آهي "وَعَدَاللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَاالْاَنْهَارُ خَالِدِيْنَ فِيْهَا وَمَسَاكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ" الله مومنن ۽ مومنياڻين سان انهن بهشتن جو وعدو ڪيو آهي جن جي هيٺان نهرون پيون وهنديون انهن ۾ هميشہ رهيا پيا هوندا ۽ رهڻ وارن باغن ۾ پلا گهر بہ ملندن- خيال رکڻ گهرجي تہ الله تعالىٰ اهي وعدا حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان ڪنهن جي واسطي ڪان سواءِ ڪيا ۽ حضور (صلى الله عليه وسلم) جن پنهنجي امت سان اهي وعدا پاڻ ڪيا جيڪو ڪجهہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو اهو الله جل جلالہ جو وعدو ٿي ويو ۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جا اهي وعدا ڪن سان شخصي طرح ٿيا جيئن پاڻ فرمايائون تہ: ابوبڪر، عمر عثمان، علي جنتي آهن، حسن ۽ حسين جنتي جوانن جا سردار آهن وغيره ۽ ڪن سان صنفي يا نوعي يا جنسي ۽ هتي ذڪر ڪيل وعدي ۾ ٻئي قسم داخل آهن مومن ۽ مومنياڻيون بہ مختلف درجن وارا آهن ڪي گنهگار، ڪي پرهيزگار، ڪي اوليہ ، تہ ڪي غوث ۽ قطب وغيرهم ۽ جيڪو جهڙي درجي جو مومن آهي ان سان اهڙو وعدو آهي. "وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ذَالِكَ هُوَالْفَوْزُالْعَظِيْمُ" ۽ الله جي طرفان رضامندو وڏي شيءِ آهي اهائي وڏي ڪاميابي آهي- هي بہ الله تعالىٰ جي طرفان جنتين لاءِ نعمت آهي جيڪا بهشتي باغن ۽ محلاتن ڪان اعلىٰ ۽ افضل آهي-

الله جو رضامندو وڏو آهي

صحيحين ۾ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: الله تعالىٰ جنت وارن ڪي سڏي فرمائيندو- اي جنت وارو! عرض ڪندا: لَبَّيْكَ يَا رَبَّنَا وَسَعْدَيْكَ، اي اسان جا رب اسان حاضر آهيون ۽ تنهن جي فرمانبرداري ڪندڙ آهيون- الله فرمائيندن تہ: ڇا اوهان راضي ٿيئو؟ عرض ڪندا تہ: ڇو نہ راضي ٿينداسون حالانڪہ تو اسان ڪي اها نعمت ڏني آهي جيڪا پنهنجي مخلوق مان ڪنهن ڪي بہ نہ ڏني اٿئي- الله تعالىٰ فرمائيندو تہ مان اوهان ڪي ان ڪان بہ

پلي نعمت ڏيان ٿو عرض ڪندا تہ اها وري ڪهڙي آهي؟ فرمائيندو تہ: مان اوهان تي پنهنجو رضامندو نازل فرمايان ٿو پوءِ اوهان تي هميشہ لاءِ ڪاوڙ نہ ڪندس- ۽ طبراني صحيح سند سان حضرت جابر رضي الله عنه کان مرفوع روايت آندي آهي تہ جڏهن جنتي جنت ۾ داخل ٿيندا تہ الله تعالىٰ انهن کي فرمائيندو- ڇا اجان ڪجهہ گهرو ٿا- تہ وڌائي ڏيانو؟ عرض ڪندا تہ: اي اسان جا رب جيڪو ڪجهہ اسان کي ڏنو اٿئي ان کان بہ ڪا شيءِ پلي آهي ڇا؟ الله تعالىٰ فرمائيندو تہ: منهنجو راضي هجڻ سڀ کان وڏو آهي-

فائدا- هن آيت کي غور سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا- ١- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جا وعدا درحقيقت الله تعالىٰ جا وعدا آهن جيڪي پاڻ ضرور پورا ڪندو ان جي ڪري جن اصحابن پلارن ڇئن يارن ۽ ٻين سان پاڻ جنت جا وعدا فرمايائون اهي قطعي طور جنتي آهن. ٢- اهو بہ واضح ٿيو تہ جيڪو بہ مومن جنهن درجي تي فائز هوندو ان لاءِ جنت بہ ان جي درجي موافق هوندي جنت جا درجا ۽ طبقا مختلف آهن ڇو تہ انهن جا حقدار بہ مختلف حيثيتن وارا آهن. ٣- جنت ۾ رهندڙن کي ڪجهہ باغ سير ۽ تفريح لاءِ ملندا تہ ڪجهہ باغن ۾ سندن بنگلہ، ڪمرا وغيره هونداجن ۾ رهائش ڪندا.

يَا اَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنَافِقِيْنَ وَاغْلُظْ

اي نبي (غيب جون خبرون ڏيندڙ) جهاد ڪر ڪافرن ۽ منافقن سان ۽ سختي ڪر

عَلَيْهِمْ ۚ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۚ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٧٣﴾

انهن تي ۽ جاءِ انهن جي جهنم آهي ۽ بڇڙي جاءِ ٽڪڻ جي آهي

تفسير

هن آيت پلاريءَ ڪان اڳين آيتن ۾ ڪافرن ۽ منافقن کي ملندڙ اُخروي سزائن ۽ مومنن کي آخرت ۾ ملندڙ نعمتن جو ذڪر هو ، هن آيت ۾ ڪافرن ۽ منافقن کي ملندڙ دنياوي سزا جو ذڪر ۽ حڪم ڏنو رهيو آهي- مالڪ مٿي جو فرمان مبارڪ

آهي "يَاأَيُّهَاالنَّبِيُّ جَاهِدِالْكُفَّارَ وَالْمُنَافِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ" اي نبي (غيب جون خبرون ڏيندڙ) ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ انهن تي سختي ڪر- ياد رکڻ گهرجي تہ دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ ڪوشش ۽ محنت ڪرڻ ڪي جهاد سڏبو آهي ۽ اهو جهاد ڪڏهن تلوار سان، ڪڏهن قلم سان تہ ڪڏهن زبان سان ٿيندو آهي- ۽ هتي جهاد مان مراد عام آهي. ڪليلن ڪافرن سان تلوار سان ۽ لڪل ڪافرن ۽ منافقن سان زبان سان- ۽ ڪافرن مان مراد بہ هر قسم جا ڪافر آهن پوءِ اهي مشرڪ هجن يا دهريا- ڪميونسٽ يا اهل ڪتاب نصاريٰ ۽ يهودي وغيرهم. ۽ منافقن مان مراد لڪل ڪافر آهن جيڪي اندر جا انڪاري آهن "وَمَأْوٰهُمْ جَهَنَّمُ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ" ۽ انهن جي جاءِ جهنم آهي ۽ اها ٽڪڻ جي لاءِ انتهائي بڇڙي جاءِ آهي- مطلب تہ دنيوي سزائن ۽ اذيتن ملڻ جي ڪري اهي آخرت جي عذاب کان بچي نہ سگهندا. سندن اصلي سزا تہ جهنم جي پڙڪندڙ باهہ آهي جيڪا ڪين رهڻ جي جاءِ ڪري ڏني ويندي ۽ اها نهايت ئي بڇڙي جاءِ آهي.

جهاد جا قسم

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن پلاريءَ آيت ۾ جنهن جهاد جو حڪم ڪيو ويو آهي ان جا ٽي قسم آهن- ١ـ هٿ سان- ٢ـ زبان سان-٣- دل سان- ابن ابي شيبه، ڪتاب الامربالمعروف ۾، ابن ابي الدنيا، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، ابوالشيخ ۽ ابن مردويه (سيدنا) ابن مسعود رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ: اهو جهاد هٿ (تلوار) سان آهي جيڪڏهن نہ تہ زبان سان ۽ جيڪڏهن اهو بہ نٿو ڪري سگهي تہ پوءِ ان ڪفر ۽ منافقيءَ ڪي دل ۾ برو سمجهي. ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ (سيدنا) ابن مسعود رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ: جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ (سيدنا) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن امر فرمايو هو تہ: هٿ سان جهاد ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن هٿ سان نٿو ڪري سگهي تہ زبان سان ۽ جيڪڏهن ڪير اهو بہ نٿو ڪري سگهي تہ پوءِ دل سان جهاد ڪري- يعني ڪفر ۽ منافقيءَ ڪي دل ۾ برو سمجهي. (١)

فائدا- هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا سمجهہ ۾ آيا- ١ـ "يَاأَيُّهَاالنَّبِيُّ" تي غور ڪرڻ سان واضح ٿيو تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن الله تعاليٰ جا نهايت خاص محبوب آهن جو الله تعاليٰ قرآن ۾ بين نبين عليهم الصلواة والسلام ڪي

(١) الدرالمنثور صہ٢٣٩ جلد ۴

نالن سان سڏيو- "يَاآدَمُ" "يَامُوْسىٰ" وغيرهما ۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي لقبن سان سڏيو. ۲- ۽ "اَلنَّبِيُّ" جي معنىٰ تي غور ڪرڻ سان واضح ٿيو ته رب العزة جل جلاله ڪين ڳجهين ڳالهين جو علم عطا فرمايو آهي ڇو ته نبي جي لفظي معنىٰ آهي خبر ڏيندڙ ۽ هتي عام خبر مراد وٺڻ مناسب نٿو رهي ڇو ته عام خبر ته ريڍيو ٽي وي به ڏيندا آهن ۽ انهن کي نبي نه چئبو نبي اهو آهي جيڪو الله تعالىٰ جي طرفان عطا ڪيل غيبي خبرن جي ڄاڻ ڏي-

۳- "وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ" ۽ انهن تي سختي ڪر- مان ثابت ٿيو ته ڪافرن، منافقن ۽ انهن وانگر هر بد مذهب ۽ گمراه ٽولي تي سختي ڪرڻ ضروري آهي تانته اهي پاڻ سڌرن نه ته به ٻين کي گمراه ڪرڻ کان ڊڄن. ۴- دنيا ۾ ڪافرن ۽ منافقن جي حالت ۾ فرق آهي ڇو ته منافق زبان سان مڃيندا پر آخرت ۾ ٻنهي ٽولن جي سزا هڪ آهي ٻئي جهنم ۾ رهندا ڇو ته "مَاْوَاهُمْ جَهَنَّمُ" ۾ "هم" جمع جو ضمير ٻنهي لاءِ آيو آهي- ياد رکڻ گهرجي ته جهنم ۾ وڃڻ ٻي شيءِ آهي پر جهنم رهڻ جي جاءِ ٿي ملي اها ٻي شيءِ آهي. گنهگار مسلمان به جهنم ۾ ويندا پر پوءِ نڪرندا ڪافر ۽ منافق اتي ئي رهيا پيا هوندا ڪڏهن به نه نڪرندا.

يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ؕ وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ الْكُفْرِ

قسم کڻن ٿا الله جو ته نه چيائون حالانڪ البت تحقيق چيائون ڪفر جو ڪلمو

وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَهَمُّوْا بِمَا لَمْ

۽ ڪفر ڪيائون پنهنجي اسلام آڻڻ کان پوءِ ۽ پڪو ارادو ڪيائون ان جو جو نه

يَنَالُوْا ۚ وَمَا نَقَمُوْا اِلَّاۤ اَنْ اَغْنٰهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ

پهچي سگهيا ۽ نه ڪاوڙيا مگر هن ڳالهه کان جو شاهوڪار ڪيو انهن کي الله ۽ ان جي رسول

مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا لَّهُمْ

پنهنجي فضل سان پوءِ جيڪڏهن توبه ڪندا ته هوندو ڀلو انهن جي لاءِ

وَاِنْ يَّتَوَلَّوْا يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ فِى الدُّنْيَا

۽ جيڪڏهن ڦرندا ته عذاب ڪندو انهن کي الله عذاب دردناڪ دنيا

وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَمَا لَهُمْ فِى الْاَرْضِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿٧٤﴾

۽ آخرة ۾ ۽ ناهي انهن لاءِ زمين ۾ ڪو دوست ۽ نہ ڪو مددگار

تفسير

اڳ ۾ آيل آيت ۾ مالڪ مٿي پنهنجي محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم کي حڪم فرمايو هو تہ ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪيو ۽ هن آيت ۾ انهن منافقن جا اهي عيب بيان ڪيا ويا آهن جن جي ڪري انهن سان جهاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

شان نزولِ

هن آيت جا ٻہ حصا آهن.

١- "يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ" - ٢- "وَهَمُّوْا بِمَا لَمْ يَنَالُوْا"

- پهرين حصي جي شان نزول جي متعلقِ مفسرن لکيو آهي تہ: حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن تبوڪ جي جنگ لاءِ ٻہ مهينا قيام جي دوران منافقن جي بري انجام تي انهن کي پيش اچڻ وارين بدترين حالتن جو ذڪر ڪندا رهيا- تہ اهو بيان ٻڌي انهن منافقن مان هڪ شخص جلاس بن سويد نالي چيو تہ: اهي منافق اسان جا سردار، اڳواڻ ۽ ڀائر آهن جيڪڏهن (حضرت) محمد (مصطفیٰ صلى الله عليه وسلم) جو فرمان سچ آهي تہ پوءِ اسين گڏهن کان بہ برا آهيون- ان جي اها ڳالهہ ٻڌي اتي موجود حضرت عامر بن قيس انصاري رضي الله عنه فرمايو تہ: الله جو قسم آهي تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سچا آهن ۽ اوهان گڏهن کان بہ برا آهيو- بعد ۾ جڏهن عامر اهو سچو احوال حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تڏهن پاڻ جلاس کي سڏائي پڇيائونس تہ: عامر جيڪو احوال ڪيو آهي ڪيئن آهي؟ جلاس قسم کڻي چوڻ لڳو تہ: مون ڪجهہ بہ نہ چيو آهي- حضرت عامر هٿ کڻي دعا گهري تہ: ياالله! پنهنجي پياري نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم تي قرآن پاڪ جي آيت نازل ڪري سچي جو سچ ۽ ڪوڙي جو ڪوڙ ظاهر ڪرڻ فرماءِ. حضرت عامر رضي الله عنه جي ان دعا تي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ۽ اصحابن سڀني رضي

الله عنهم آمين چيو تہ هيءَ آيت نازل ٿي ۽ جلاس حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ: يارسول الله! (صلی الله عليه وسلم) عامر سچو آهي مون کان قصور ٿيو آهي منافقيءَ کان توبہ ڪري پڪو ۽ سچو مسلمان ٿيان ٿو پوءِ توبہ ڪري سچو ۽ پڪو مسلمان ٿيو- (۱) ۲- هڪ ڀيري عبدالله بن ابي منافق چيو تہ جڏهن اسين موٽي مديني پهچنداسون تہ اسان جا عزت وارا ماڻهو مديني ۾ رهندڙن ذليلن کي ڪڍي ڇڏيندا- سندس ان قول ۾ عزت وارن مان مراد سندس قبيلي وارا ۽ ذليلن مان مراد هجرت ڪري ايندڙ مسلمان ۽ مومن هئا. حضرت عمر رضي الله عنه اها ڳالهہ ٻڌي فرمايو تہ:مان ان منافق ابن ابي کي قتل ڪندس- اهو قسم کڻي ويو تہ مون ائين نہ چيو آهي- حضرت زيد بن ارقم ان جي اها گندي گفتگو حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پهچائي تہ اهو اتي بہ قسم کڻي ويو تہ: مون ائين ڪونہ چيو آهي- ان جي متعلق هيءَ آيت مبارڪ نازل ٿي- (۲)

۳- ابن جرير،ابن المنذر ۽ ابن ابي حاتم قتادة کان روايت آندي آهي تہ هڪ جنگ ۾ بہ شخص پاڻ ۾ وڙهي پيا- هڪڙو جهينه قبيلي مان ۽ ٻيو غفار قبيلي مان ۽ جهينه قبيلي وارن ۽ انصارن جو هڪ ٻئي جي همدردي ۽ مدد ڪرڻ جو معاهدو ڪيل هو. ويڙهہ ۾ غفار قبيلي وارو جهينه قبيلي واري تي غالب ٿي ويو تہ عبدالله بن ابي منافق انصارن کي چيو تہ پنهنجي معاهدي ڪيل ياءُ جهينيءَ جي مدد ڪيو- ۽ الله جو قسم آهي تہ مدينہ موٽي هلنداسين تہ اتان عزت وارا ذليلن کي ڪڍي ڇڏيندا- (جيئن مٿي لکي آيا آهيون) سندس اها ڳالهہ هڪ سچي مسلمان حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي پاڪ خدمت ۾ عرض ڪئي پاڻ عبدالله بن ابي کي گهرائي پڇيائون تہ: قسم کڻي چوڻ لڳو: مون ائين ڪونہ چيو آهي- الله تعالیٰ ان جي باري ۾ هن آيت جو هي حصو نازل فرمايو- (۳) هي هيون آيت مبارڪ جي پهرين حصي جي شان نزول متعلق روايتون- ۽ ٻئي حصي "وَهَمُّوا بِمَا لَمْ يَنَالُوا" جي متعلق مفسرن بہ روايتون آنديون آهن- ۱- تہ: جلاس منافق جڏهن مسلمانن جي خلاف بڪواس ڪئي- ۽ سندس اها بڪواس حضرت عامر بن قيس ٻڌي تہ جلاس کي دپ ٿيو تہ متان عامر اهي خبرون حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پهچائي ان جي ڪري ان حضرت عامر کي شهيد ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر ان ۾ ڪامياب نہ ٿيو ۽ اها خبر حبيب پاڪ

(۱) الڪشاف صہ۲۰۳ جلد ۲ القاسمي صہ۲۶۴۲ جزء۸ جلد ۵ (۲) نعيمي صہ۴۷۴ جلد ۱۰ (۳) فتح القدير صہ۳۸۴ جلد ۲ الدرالمنثور صہ۲۴۱ جلد ۴

صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پهچي وئي- ان جي ان ناڪام ارادي بيان ڪرڻ لاءِ هي حصو نازل ٿيو (١) ٢- قرآن پاڪ جي مفسر سدي فرمايو تہ: منافقن پاڻ ۾ فيصلو ڪيو هو تہ عبدالله بن ابي منافق کي پنهنجي سرداريءَ جو تاج پارائي پڳ ٻڌرائيندا سون. اها ڳالهہ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن کي پسند نہ هئي انهن جي باري ۾ هي حصو نازل ٿيو-

(٢) ٣- تبوڪ جي جنگ کان واپسيءَ تي منافقن پاڻ ۾ مشورو ڪري فيصلو بيهاريو تہ رستي ۾ حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن جي پاڪ ذات عالي صفات کي اوچتو حملو ڪري اهڙي نموني شهيد ڪري ڇڏيون جو ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي- الله جل جلالہ سندن ان مڪر ۽ ڌوکي کان حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن کي محفوظ رکيو ان جي متعلق هي آخري حصو نازل ٿيو- (٣) فرمان عالي شان آهي- "يَحْلِفُوْنَ بِا للّٰهِ مَاقَالُوْا" الله جو قسم کڻن ٿا تہ نہ چيو اٿن- يعني منافق پنهنجن مجلسن ۾ ڪفر جا ڪلما چون ٿا ۽ جيڪڏهن مسلمانن کي سندن ڳالهين جو اطلاع ملي ٿو ۽ اهي ڪائنن پڇن ٿا تہ قسم کڻي وجن ٿا تہ اسان ڪجهہ بہ نہ چيو آهي "وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَهَمُّوْا بِمَالَمْ يَنَالُوْا" ۽ البتہ يقينًا ڪفر جو ڪلمو چيائون ۽ اسلام آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيائون ۽ ان ڳالهہ جو پڪو ارادو ڪيائون جنهن کي نہ پهتا- يعني ڪفر جي ڪلمي چوڻ وارا منافق ڪوڙا قسم کڻي ڇٽي نہ سگهندا- اسلام ظاهر ڪرڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو اٿن. جيڪي زبان مان اهڙا گفتا ڪڍن ٿا جيڪي اسلام جا منڪر ڪيندا مومن نہ ڪيندا- انهن اهڙي ڪم جو پڪو ارادو ڪيو جنهن کي پهچي نہ سگهيا.

هڪ واقعو

هن آيت جي تفسير ۾ مفسرن هي واقعو بہ آندو آهي تہ جڏهن سيدنا رسول الله صلی الله عليه وسلم جن تبوڪ کان واپس تشريف فرما ٿي رهيا هئا تہ ٻارهن منافقن پاڻ ۾ پڪو پروگرام رٿيو تہ جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن رات جو سفر ڪندي جبل جي ڪنهن گهٽ کان لنگهن تہ ڪين ڌڪو ڏئي ڪيرائي ڇڏجي- (معاذالله ثم معاذالله من ذالک) ائين پڪو پهہ ڪري منهن تي ڪپڙو ٻڌي رستي ۾ هڪ گهٽ وٽ ويهي رهيا- جيئن جو حبيب پاڪ، سياح افلاڪ، صاحب لقب لولاڪ،

(١) نعيمي صہ ۴٧۴ جلد ١٠ القرطبي صہ ٢٠٦ جلد ٨ (٢) خازن صہ ٢۴٨ جلد ٢ مدارڪ صہ ١٣٦ جزء ٢ جلد١ (٣) التفسيرالڪبير صہ ١٣٦ جزء ١٦

صلى الله عليه وسلم جن جي سواري مبارڪ جنهن جي مهار حضرت حذيفه هٿ ۾ ورتيو اڳيان ۽ حضرت عمار پويان ٿي آيا- جبل جي ان گهٽ وٽ پهتي ته اهي منهن ڍڪيل ٻارهن شخص رستو روڪي بيهي رهيا پر حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جيئن جو ڪين شرمائيندي للڪاريو ته پڇي ويا ۽ پاڻ حضرت حذيفه ۽ حضرت عمار رضي الله عنهما کي فرمايائون ته: اوهان اهي سڃاتا؟ ٻنهي عرض ڪيو ته يارسول الله! منهن ڍڪي آيا هئا ان جي ڪري اسان ڪونه سڃاتا- پاڻ فرمايائون: اهي قيامت تائين منافق رهندا (ايمان نصيب نه ٿيندن) اهي ان مقصد لاءِ آيا هئا ته مون کي ڪڏي ۾ اڇلائين- ٻنهي اصحابن ٻلارن عرض ڪيو ته يارسول الله! اوهان انهن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڇو نٿا صادر فرمايو؟ حڪمت جي مرڪز، ۽ منبع انهن کي جواب ۾ ارشاد فرمايو ته: مان انهن جي قتل ڪرڻ جو حڪم نه ڏيندس. مان اها ڳالهه پسند نٿو ڪيان جو عرب چون ته (حضرت) محمد (صلى الله عليه وسلم) هڪ قوم کي پاڻ سان گڏ وٺي ٻين سان وڙهندو رهيو ۽ جڏهن غالب ٿيو آهي ته انهن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو اٿس جن کي جنگ ۾ استعمال ڪيو هيائين- ان ڪان پوءِ پاڻ بارگاه ايزديءَ ۾ دعا گهريائون ته يااللهّٰ! انهن تي دبيله جو تير موڪل- اصحابن پڇيو ته: يارسول الله! دبيله جو تير ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته: باهه جو شعلو (امرُ) آهي جيڪو انهن جي دل جي رڳ تي لڳندو ۽ انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو- (۱)

محبوب جي گستاخي ڪفر آهي

وَلَقَدْ قَالُوا كَلِمَةَ الْكُفْرِ (۽ يقينًا ڪفر جو ڪلمو چيو هيائون) جي وضاحت ڪندي سنڌ جي نامور ولي حضرت مخدوم نوح صديقي هالائي المتوفىٰ ۹۹۸هه پنهنجي طرفان لکيل قرآن پاڪ جي فارسي ترجمي ۾ آندو آهي ته: اهو ڪفر جو ڪلمو حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي شان ۾ نالائق گفتگو ڪرڻ ۽ دين تي طعنو ڪرڻ هو- (۲) جنهن مان ثابت ٿيو ته حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي ڪنهن به قسم جي گستاخي ڪرڻ يا الله تعالىٰ جي دين جي ڪنهن به ڪم تي طعن ۽ ٽوڪ ڪرڻ ڪفر آهي ۽ اهڙين چوڻ يا ڪرڻ وارو ڪافر آهي- وَمَا نَقَمُوا إِلَّا أَنْ أَغْنَاهُمُ اللَّهُ وَرَسُولُهُ مِنْ فَضْلِهِ ۽ ڪنهن به قسم جو ٻيو بدلو نه ورتائون مگر هن ڳالهه جو ته الله ۽ ان جي رسول (ڪريم صلى الله عليه وسلم) انهن کي پنهنجي فضل سان

(۱) تفسير ابن ڪثير صه۳۷۲ جلد ۲ (۲) فارسي ترجمو مخدوم نوح صه۲۰۰

شاهوڪار بنايو. يعني اهي احسان فراموش قرضن جي هيٺان دٻيل ۽ ايترا محتاج هئا جو پيٽ پري کائڻ لاءِ ڪين ڪاڏو بہ ميسر نہ هوندو هو- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن مديني منوره ۾ تشريف فرما ٿيا سندن آمد جي برڪت سان انهن جي ڪاروبار ۾ برڪت پئي پوکن ۾ اناج وڌيڪ پيدا ٿيڻ لڳو ۽ غنيمتن جي مالن مان بہ ڪين حصو ملندو رهيو- جڏهن مالي حالت ۾ ترقي ڪري ويا تہ ان جي بجاءِ جو الله جل جلالہ ۽ ان جي پياري رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي طرفان ٿيل فضل ۽ مهربانين جو شڪر ادا ڪن پر رهندو مخالفت ڪرڻ لڳا(۱) "فَإِنْ يَتُوبُوا يَكُ خَيْرًا لَّهُمْ وَإِنْ يَتَوَلَّوْا يُعَذِّبْهُمُ اللَّهُ عَذَابًا أَلِيمًا فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَمَا لَهُمْ فِي الْأَرْضِ مِنْ وَلِيٍّ وَلَا نَصِيرٍ" پوءِ جيڪڏهن توبہ ڪندا تہ انهن لاءِ ڀلو آهي ۽ جيڪڏهن منهن ڦيرائيندا تہ الله انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب نازل ڪندو ۽ انهن لاءِ زمين تي نہ ڪو دوست هوندو ۽ نہ ڪو مددگار- المقصد تہ: اهي منافق جيڪڏهن هاڻي بہ سچي دل سان توبہ ڪن ۽ اهي احسان فراموشيون ۽ شرارتون ڇڏي ڏين تہ سندن لاءِ ڀلو آهي ۽ جيڪڏهن اڃان بہ نہ مڙندا ۽ احڪام الاهي کان منهن موڙيندا تہ الله تعالىٰ ڪين دنيا ۽ آخرت ۾ اهڙي سزا ڏيندو جنهن کان ڪين بچائڻ وارو روءِ زمين ۾ ڪٿي بہ نہ ملندو-

فائدا-۱- ڪوڙو قسم کڻڻ هر وقت ۽ هر حال ۾ برو آهي ڇو تہ ان ۾ الله تعالىٰ جي نالي جي بي ادبي ۽ ان نالي پاڪ کي پنهنجي ڪوڙ تي شاهد بنائڻ آهي پر حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي پاڪ درٻار ۾ حاضر ٿي ڪوڙو قسم کڻڻ تہ غضب تي غضب آهي جو ان ۾ الله تعالىٰ جي پاڪ نالي سان گڏ محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي پاڪ مجلس جي بي ادبي ۽ توهين آهي- جن منافقن جي ڪوڙي قسم کڻڻ جو هتي بيان ٿي رهيو آهي انهن بہ حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي پاڪ بارگاه ۾ قسم ڪنيو هو- ۲- الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ نبي ڪريم رؤف، رحيم، صلى الله عليه وسلم جي پيارن اصحابن رضي الله عنهم جي عزت احترام ۽ دعا جي مقبوليت گهڻي آهي جو انهن جي ڳالهہ جي تصديق ۽ انهن جي مخالفت جي تڪذيب لاءِ قرآن ڪريم جون آيتون لهي آيون- جيئن حضرت عامر بن قيس جي دعا جو ذڪر لکي آيا آهيون-

۳- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي اصحابن جي توهين ۽ گستاخي ڪرڻ ڪفر آهي جيئن هن آيت جي شان نزول واريءَ ان روايت مان حاصل ٿيو

(۱) حاشيہ شبير احمد عثماني صـ۲۶۳ مطبوعہ سعوديہ عربيہ

جنهن ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ عبدالله بن ابي منافق چيو هو تہ غزوه تبوڪ کان واپسيءَ تي مديني ۾ پهچڻ کان پوءِ عزت وارا ذليلن کي اتان ڪيڍي ڇڏيندا- الله تعالىٰ ان کي ڪفر جو ڪلمو سڏيو آهي-

۴- الله تعالىٰ جنهن جي حفاظت ڪري سڄو جهان ملي بہ اها حفاظت نہ ٽوڙي نٿو سگهي- جيئن "وَهَمُّوا بِمَالَمْ يَنَالُوا" مان واضح ٿي رهيو آهي تہ منافقن لڪ ۾ سازش ڪري حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي شهيد ڪرڻ جو پروگرام رٿيو پر الله تعالىٰ انهن کي ناڪام ڪيو-

۵- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن نهايت مهربان ۽ سيني تي محسن آهن سندن بي فرماني ڪرڻ انتهائي ناشڪري ۽ احسان فراموشي منافقن جو طريقو آهي- ٦- الله تعالىٰ حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي اهڙو غني ڪيو آهي جو پاڻ ٻين کي بہ غني بنائن ٿا- فرمان مبارڪ آهي "وَوَجَدَكَ عَائِلًا فَاَغْنٰى" (۱) ۽ توکي عيالدار لڌائين پوءِ غني بنايائين ۽ هن آيت ۾ فرمايائين: "اَغْنَاهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ" انهن کي الله ۽ ان جي رسول غني بنايو آهي. شعر-

ان کي درنے کر ديا سب سے غني
بے طلب بے مانگے اتنا مل گيا

مسئلو- حضور انور، صلى الله عليه وسلم جن لاءِ فقير جو لفظ استعمال ڪرڻ حرام ۽ بي ادبيءَ جي نيت سان چوڻ ڪفر آهي- (۲) ۷- الله جل جلاله ۽ ان جي پياري حبيب صلى الله عليه وسلم ڏانهن نعمتن ڏيڻ جي نسبت ڪرڻ جائز آهي- مثلاً- الله ۽ ان جي رسول جي مهرباني، الله ۽ ان جي رسول نوازيو آهي، الله ۽ ان جي رسول ڏنو آهي وغيره وغيره- جيئن "اَغْنَاهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ" الله ۽ ان جي رسول غني بنايو آهي.

وَمِنْهُمْ مَّنْ عَاهَدَ اللّٰهَ لَئِنْ اٰتَانَا مِنْ فَضْلِهٖ

۽ انهن مان اهي بہ آهن جن عهد ڪيو الله سان تہ البتہ جيڪڏهن ڏيندو اسان کي فضلِ پنهنجي سان

لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۷۵﴾ فَلَمَّآ

تہ البتہ ضرور صدقو ڪنداسون ۽ البتہ ضرور هونداسون صالحن مان پوءِ جڏهن

(۱) سورة الضحىٰ آيت ۸ (۲) نعيمي صہ۴۷۸ جلد ۱۰

آتَاهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٧٦﴾

ڏنائين انهن کي فضل پنهنجي سان تہ بخيلي ڪيائون ان ۾ ۽ ڦريا حالانڪ اهي منهن موڙيندڙ آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ اصلي منافقن جو ذڪر هو ۽ هن آيت ۾ انهن جو ذڪر آهي جيڪي پهريان مخلص هئا ۽ پوءِ مالدار بنجي منافق ٿي ويا.

شان نزول

حسن بن سفيان، ابن المنذر، ابن ابي حاتم" ابوالشيخ، الامثال ۾ عسڪريءَ عمرو ڪري طبراني، ابن منده، الباوردي، معرفة الصحابه ۾ ابونعيم، ابن مردويه، الدلائل ۾ بيهقيءَ ۽ ابن عساڪر حضرت ابو امامه باهلي رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ: ثعلبه بن حاطب (نالي هڪ ڪلمي پڙهندڙ شخص) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ يارسول الله! الله ڪان دعا گهرو تہ مون کي مال (ملڪيت) عطا ڪري- پاڻ ان کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ: اي ثعلبه! ترتي افسوس آهي ڇا تون مون وانگر (مال ۽ ملڪيت ڪان آزاد) رهڻ ۾ راضي نہ آهين؟ جيڪڏهن مان گهران ها تہ الله تعالیٰ مون سان گڏ هنن جبلن کي هلائي تہ هلن ها- وري بہ عرض ڪيائين تہ: يارسول الله! الله ڪان دعا گهرو تہ مون کي مال ۽ ملڪيت عطا ڪري، مون کي ان پاڪ ذات جو قسم آهي جنهن توکي حق سان نبي بنائي موڪليو آهي تہ جيڪڏهن مون کي الله تعالیٰ مال (۽ ملڪيت) عطا ڪيا تہ مان ان مان هر حقدار جو حق ادا ڪندس- پاڻ فرمايائون تہ: اي ثعلب! توتي افسوس آهي. ٿورو مال جنهن جو شڪر ڪري سگهين ان گهڻي مال کان ڀلو آهي جنهن جو شڪر ادا نہ ڪرين- (ٽيون ڀيرو بہ) عرض ڪيائين تہ: الله تعالیٰ کان دعا گهرو پوءِ پاڻ دعا گهريائون تہ: ياالله هن کي مال عطا ڪر- پوءِ ثعلبه واپار جي ارادي سان ٻڪريون ورتيون ۽ انهن ۾ برڪت پئي ۽ ايترو وڌيون جو مدينہ پاڪ ۾ انهن جي بيهڻ جي جاءِ ئي نہ ملي پوءِ اتان نڪري ٻاهر رهڻ لڳو ۽ ڏينهن جو حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان نماز پڙهڻ ايندو هو رات جو

ڪونہ ايندو هو- ۽ اهي ٻڪريون ڪيڙن وانگر وڌڻ لڳيون وري اتان بہ جاءِ متي اجان پري وڃي رهيو پوءِ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان صرف جمعي جي نماز اچي پڙهندو ۽ ملندو هو- ۽ وري اتي بہ ٻڪريون ايتريون وڌيون جو اها جاءِ بہ متي اجان پري وڃي رهيو ۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن وٽ نہ جمعي تي ايندو هو ۽ نہ ڪنهن جنازي ۾ شريڪ ٿيندو هو بس اتان لنگهڻ وارن کان حال احوال پڇندو رهندو هو- گهڻي غير موجود رهڻ جي ڪري حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سندس پڇيو ۽ اصحابن سڳورن سمورو احوال عرض ڪيو- پاڻ فرمايائون تہ: ثعلب جو افسوس آهي- ان کان پوءِ جڏهن الله تعالىٰ پنهنجي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي زڪواة وٺڻ جو حڪم ڪندي آيت مبارڪ "خُذۡ مِنۡ أَمۡوَٰلِهِمۡ صَدَقَةً" (١) نازل فرمائي: تڏهن پاڻ ٻہ شخص هڪ جهينہ قبيلي مان ٻيو بني سلمہ قبيلي مان زڪواة وٺڻ لاءِ مقرر ڪري انن ۽ ٻڪرين جي زڪواة لاءِ جانورن جي عمر بہ مقرر ڪري زڪواة وٺڻ جو سڄو طريقو ٻڌائي ثعلبہ ڏانهن موڪليائون ۽ ڪين بني سليم مان هڪ شخص کان بہ زڪواة وٺڻ جو حڪم ڪيائون جڏهن اهي ٻئي ثعلبہ بن حاطب (دعائون گهرائڻ واري) وٽ پهتا تہ ان انهن کان حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي طرفان زڪواة لاءِ لکرايل ڪتاب گهريو- جڏهن ٻنهي ڪيس اهو ڪتاب ڏيکاريو تہ ڏسي چوڻ لڳو هي تہ هڪ قسم جو ٽيڪس آهي-

في الحال وڃي ٻين کان وٺو جڏهن اتان فارغ ٿيو تہ پوءِ مون وٽان بہ ٿيو وڃجو- اهي ٻئي پلارا اتان اتي بني سليم قبيلي واري شخص ڏانهن آيا تہ ان سندن آڏر پاءِ ڪندي زڪواة ۾ پنهنجي انن مان پلا اٺ پيش ڪيا هنن ٻنهي چيس تہ زڪواة ۾ توتي تہ انهن کان گهٽ ٿا لڳن- ان چيو تہ مان الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ پلي کان پلو مال ڏئي سندس قرب حاصل ڪيان ٿو- پوءِ انهن سندس طرفان زڪواة ۾ ڏنل پلا اٺ قبول ڪيا ۽ اتان فارغ ٿي وري ثعلب بن حاطب وٽ آيا تہ ان ساڳيا جملا استعمال ڪندي چيو تہ: اوهان وڃو مان سوچيان ٿو- ٻئي اصحابي سڳورا رضي الله عنهما واپس موٽيا جڏهن مدينہ منوره ۾ پهتا تہ سندن ڳالهائڻ کان اڳي ئي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: ثعلب تي افسوس آهي- ۽ بني سليم واري لاءِ برڪت جي دعا فرمايائون- پوءِ الله تعالىٰ

(١) سورة التوبہ آيت ١٠٣

"وَمِنْهُمْ مَّنْ عَاهَدَاللّٰهَ" کان تي آيتون نازل فرمايون- راويءَ فرمايو تہ جڏهن اهي آيتون ثعلبه جي مائٽن ٻڌيون تہ ثعلبه وٽ هلي آيا ۽ اچي چيائونس تہ اي ثعلبه! توتي افسوس آهي- الله تعالىٰ تنهنجي متعلق هي آيتون نازل فرمايون آهن پوءِ ثعلبه حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن وٽ هلي آيو ۽ اچي عرض كيائين تہ: هي منهنجي مال جي زكواة وٺو. پاڻ فرمايائون تہ: الله تعالىٰ تنهنجي زكواة وٺڻ کان مون کي منع ڪئي آهي پوءِ روئي مٽي ۾ مٽي وجهڻ لڳو- پاڻ فرمايائون تہ: هي پنهنجي لاءِ پاڻ كيو اٿئي مون توكي چيو هو تہ ٿوري تي راضي رهي شكر كر پر تو منهنجو چوڻ نہ ورتو ۽ پاڻ ان کان جيستائين دنيا جي مٿان جلوه افروز هٿا اها زكواة نہ ورتائون ان کان پوءِ ثعلبه زكواة کڻي حضرت ابوبكر صديق رضي الله عنه وٽ آيو ۽ عرض كرڻ لڳو تہ اوهان سڃاڻو ٿا تہ انصارن ۾ منهنجي كيتري عزت آهي مون کان هي زكواة وٺو- حضرت ابوبكر صديق رضي الله عنه فرمايو تہ: جيكا زكواة حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن قبول نہ فرمائي اها مان كيئن قبول كندس؟ وري حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه وٽ زكواة کڻي آيو ۽ کجھ انصارن، مهاجرن ۽ حضور كريم صلى الله عليه وسلم جي گهروارين کي بہ منٿون كري حضرت عمر رضي الله عنه کي سفارش كرايائين- پر حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه بہ كيس ساڳيو جواب ڏنو- وري حضرت عثمان رضي الله عنه جي خلافت ۾ آيو. ان بہ سندس زكواة قبول نہ كئي ۽ انهيءَ جي خلافت دوران مري ويو. آيت مبارك "اَلَّذِيْنَ يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" (۱) ان جي باري ۾ لٿي هئي- (۲)

يادركڻ گهرجي تہ هي ثعلبه بن حاطب انصاري هو پر بدر جي جنگ ۾ شريك ٿيندڙن مان نہ هو. جيكو ثعلبه بدري هو اهو احد جي جنگ ۾ شهيد ٿي ويو هو هي شخص نهايت نمازي ۽ رات ڏينهن نبوي مسجد ۾ حاضر رهندو هو- ايتري قدر جو ان جو لقب حمامه المسجد (مسجد جو كبوتر) مشهور ٿي ويو هو گهڻن سجدن كرڻ جي كري ان جي پيشاني اٿ جي گوڏي جهڙي ٿي وئي هئي- ان کان پوءِ ان فجر جي نماز کان بعد دعا کان اڳ ۾ فوراً مسجد مان نكرڻ کي معمول بنايو تہ حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن كائنس ان جلدي نكرڻ جو سبب پڇيو- ۽

(۱) سورة التوبة آيت ۷۹ (۲) الدرالمنثور صہ۲۴٦ جلد ۴

فرمايائونس تہ: مسجد مان ايترو جلدي نڪري وڃڻ منافقن جو طريقو آهي- ان عرض ڪيو تہ: اصل سبب هي آهي تہ مان ايترو گهڻو مسڪين آهيان جو مون کي ۽ منهنجي گهرواريءَ کي صرف هڪ پاڪ صاف ڪپڙو آهي اهو اول مان بدن تي ڍڪي جماعت سان نماز پڙهڻ لاءِ ايندو آهيان پوءِ موٽي اهو ڪپڙو گهرواريءَ کي ڏيندو آهيان تہ اها ان سان نماز پڙهي- ان جي ڪري جلدي نڪرندو آهيان- ان ڪان پوءِ رزق ۾ واڌاري لاءِ دعا گهرائڻي هيائين- (١) جيئن لکي آيا آهيون- ارشاد عالي آهي "وَمِنْهُمْ مَّنْ عَاهَدَاللّٰهَ لَئِنْ آتَانَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصَّالِحِيْنَ" ۽ انهن مان اهو بہ آهي جنهن الله سان وعدو ڪيو هو تہ جيڪڏهن اسان کي پنهنجي فضل سان ڏيندو تہ البتہ ضرور صدقو ڪنداسون ۽ البتہ ضرور صالحن مان هونداسون- يعني اهي ماڻهو بہ منافقن مان آهن جيڪي الله تعالیٰ ڪان مال ۽ ملڪيت گهرندا ۽ عهد انجام ڪندا آهن تہ ان مان خير خيراتون ۽ صدقا ڪندا- (٢) مسڪينن مڻن ۽ مائٽن جي سنڀال لهندا مجاهدن لاءِ جنگي سامان خريد ڪندا- صالح عمل ڪري صالحن ۾ شامل ٿي الله تعالیٰ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪندا رهندا- (٣) "فَلَمَّا آتَاهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْابِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ" پوءِ جڏهن پنهنجي فضل سان انهن کي ڏنائين تہ ان ۾ بخيلي ڪرڻ لڳا ۽ منهن موڙيندي ڦري ويا-

المقصد تہ جڏهن الله تعالیٰ کين نوازيو ۽ جيڪو گهريائون عطا ڪيوتہ بخيل بنجي ويا ۽ نہ خيرخيراتون ڪيائون ۽ نہ پنهنجي حال جي اصلاح ڪيائون رهندو ديـن کان منهن موڙي پري ٿي ويا-

فائدا- هن آيت مبارڪہ مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا- ١- حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن هر هڪ جي فطرت کان خبردار اهن تہ ڪنهن جي طبيعت غريبيءَ جي لائق آهي تہ ڪنهن جي اميريءَ جي لائق آهي رب العزة جل جلالہ پنهنجي محبوب ڪريم صلی الله عليه وسلم کي پنهنجي مخلوق جي قلبي ڪيفيت کان بہ واقف ڪيو آهي جيئن ثعلبہ بن حاطب جي واقعي مان واضح آهي ٢- حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن ماڻهن جي عاقبت کان باخبر آهن تہ ڪير ايمان سان مرندو ۽ ڪير بي ايمان ٿي مرندو. ان جي ڪري پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن ثعلبہ جي زڪواة قبول نہ ڪيائون-

(١) نعيمي ص ۴٨٢ جلد۴ (٢) نعيمي صہ۴٨٢ جلد ١٠ (٣) المراغي صہ١٦٨ جزء ١٠ جلد ۴

فَاَعۡقَبَهُمۡ نِفَاقًا فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ اِلٰى يَوۡمِ يَلۡقَوۡنَهٗ بِمَاۤ

پوءِ لاڳو ڪيائين انهن کي منافقي دلين انهن جي ۾ ان ڏينهن تائين جو ملندا ان سان سبب ان جي

اَخۡلَفُوا اللّٰهَ مَا وَعَدُوۡهُ وَبِمَا كَانُوۡا يَكۡذِبُوۡنَ۝ اَلَمۡ يَعۡلَمُوۡۤا

جو نہ پورو ڪيائون الله سان اهو جو وعدو ڪيائون ان سان ۽ سبب ان جي جو ڪوڙ ٿي هنيائون ڇا نہ ڄاتائون تہ

اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ سِرَّهُمۡ وَنَجۡوٰىهُمۡ وَ اَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ الۡغُيُوۡبِ۝

بيشڪ الله ڄاڻي ٿو راز انهن جو ۽ ڳجها مشورا انهن جا ۽ بيشڪ اللهغيبن کي ڄاڻندڙ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ثعلبه بن حاطب جي عملي گناهن جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ انهن گناهن جي نتيجي جو ذڪر ٿي رهيو آهي يعني منافقيءَ جو پيدا ٿيڻ- فرمان ايزدي آهي "فَاَعۡقَبَهُمۡ نِفَاقًا فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ اِلٰى يَوۡمِ يَلۡقَوۡنَهٗ بِمَاۤ اَخۡلَفُوا اللّٰهَ مَا وَعَدُوۡهُ وَبِمَا كَانُوۡا يَكۡذِبُوۡنَ" پوءِ سندن دلين ۾ منافقي ان ڏينهن تائين لاڳو ڪيائين جنهن ڏينهن ان سان ملندا- ان سبب جي ڪري جو الله سان ڪيل وعدي جي مخالفت ڪيائون ۽ ان سبب جي ڪري جو ڪوڙ ٿي هنيائون- مطلب تہ منافقيءَ جي بيماري جيڪا پهريائين ڪان سندن دلين ۾ هئي سندن مسلسل بدعملي، وعدي خلافي، ۽ بد ڪرداريءَ جي ڪري وڌيڪ زياده ٿي ۽ سندن دلين ۾ ان جون پاڙون ايتريون تہ مضبوط ٿي ويون جو انهن جي پٽجڻ جو امڪان ئي نہ رهيو آهي-

منافق جون نشانيون

هن آيت مان ثابت ٿيو تہ منافق وعدي برخلافي بہ ڪندو تہ ڪوڙ بہ هڻندو حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان مبارڪ آهي "آيۃ المنافق ثلاث اذا حدث كذب واذا وعدا خلف واذا اؤتمن خان" (۱) منافق جون ٽي نشانيون آهن- ۱- جڏهن ڳالهہ ڪندو تہ ڪوڙ هڻندو، ۲- جڏهن وعدو ڪندو تہ برخلافي ڪندو ۳- ۽

(۱) تفسير ابن ڪثير صہ۳۷۴ جلد ۲

جڏهن ان وٽ ڪا امانت رکي ويندي تہ ان ۾ خيانت ڪندو- اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ سِرَّهُمْ وَنَجْوٰىهُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ" ڇا نہ ڄاتائون تہ بلاشڪ الله سندن راز ۽ ڳجها مشورا ڄاڻي ٿو ۽ بلاشڪ الله غيبن ڪي ڄاڻندڙ آهي- هتي آيل لفظ "سِرَّ" مان مراد انهن جا عقيدا ۽ "نَجْوٰى" مان مراد انهن جون پاڻ ۾ صلاحون ۽ مشورا آهن- اهي دل ۾ ڪافر هئا ۽ زبان سان چوندا هئا تہ زڪواة هڪ قسم جو ٽيڪس ۽ ظلم آهي. الله تعالىٰ فرمايو تہ ڇا اهي اها ڄاڻ ڪونہ ٿا رکن تہ الله سندن دل وارا عقيدا، صلاحون ۽ مشورا ڄاڻي ٿو ان پنهنجي حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم کي هنن جي هر حال کان واقف ڪري ڇڏيو آهي. اهوئي سبب هو جو نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن بري ڪان بري ڪافر جي بہ توبہ قبول ٿي ڪئي پر ثعلبه جو روئڻ بہ قبول نہ فرمايائون ڇو تہ ان جو اهو روئڻ بہ منافقيءَ وارو هو-

اَلَّذِيْنَ يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ فِى الصَّدَقٰتِ

اهي شخص جو طعنو ٿا هڻن خوشيءَ سان خيرات ڏيندڙن کي مؤمنن مان صدقن (جي باري) ۾

وَالَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ فَيَسْخَرُوْنَ مِنْهُمْ

۽ انهن کي جو نہ ٿا لهن سواءِ محنت پنهنجي پوءِ چٿرون ڪن ٿا انهن سان

سَخِرَ اللّٰهُ مِنْهُمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٩﴾ اِسْتَغْفِرْ لَهُمْ اَوْ لَا

چٿر جو بدلو ڏيندو الله انهن کي ۽ انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي مغفرت گهرين انهن لاءِ يا نہ

تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ

مغفرت گهرين انهن لاءِ جيڪڏهن مغفرت گهرندين انهن لاءِ ستر ڀيرا پوءِ ڪڏهن بہ نہ

يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاللّٰهُ

بخشيندو الله انهن کي اهو هن سببان جو تحقيق انهن نہ مڃيو الله ۽ ان جي رسول کي ۽ الله

لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٨٠﴾ ع

نہ ٿو هدايت ڪري فاسق قوم کي

١٠ع١٦

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جي هنن عيبن جو بيان هو تہ اهي وعدي جا مخالف، ڪوڙ هڻندڙ ۽ بخيل آهن ۽ هتي انهن جي هن عيب جو بيان ٿي رهيو آهي تہ اهي پاڻ تہ ڪنجوس آهن پر مخلصن مسلمانن، رب جي نالي تي خوشيءَ سان خيرات ڏيندڙن تي طعنا هڻندا ۽ چٿرون ڪندا آهن-

شان نزول

تبوڪ جي جنگ جي موقعي تي نبي پاڪ صلی اللہ علیہ وسلم جن اصحابن سڳورن ڪي اللہ تعالیٰ جي واٽ ۾ خيرات ۽ صدقي ڏيڻ جي رغبت ڏياري تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي اللہ عنہ سيني ڪان اول پنهنجي گهر جو سمورو سامان تانجو سئي سڳو بہ ڪٺي آيو- ان سموري سامان جي قيمت چار هزار درهم هئي حضرت عمر فاروق رضي اللہ عنہ پنهنجي سموري سامان جو اڌ ڪٺي حاضر ٿيو. جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي اللہ عنہ کان حضور ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن پڇيو تہ: تون پنهنجي اهل عيال لاءِ ڇا ڇڏي آيو آهين؟

عرض ڪيائين تہ "ابقيت لهم الله ورسوله" مان انهن لاءِ اللہ ۽ ان جو رسول رهائي آيو آهيان ۽ جڏهن حضرت عمر فاروق رضي اللہ عنہ کان پڇيائون تہ: تو پنهنجي اهل عيال لاءِ ڇا ڇڏيو؟ عرض ڪيائين تہ: جيترو ڪٺي آيو آهيان اوترو ڇڏي آيو آهيان- پاڻ فرمايائون تہ: اوهان ٻنهي جي شان ۾ بہ ايترو فرق آهي جيترو اوهان جي گفتگوءِ ۾. حضرت عثمان ذی النورين رضي اللہ عنہ ڏهن هزارن مجاهدن لاءِ جنگ جو سامان ڏنو جنهن تي ڏهہ هزار دينار خرچ آيا ۽ هڪ هزار دينار حضور ڪريم صلي اللہ عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. ۽ انهن کان سواءِ سامان سميت ٽي سؤ اٺ ۽ پنجاهہ گهوڙا ڏنائين حضور ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن سندس قربانيءَ کان راضي ٿيندي فرمايو تہ: اي عثمان جيڪو وڻئي سو ڪر تون بهشتي ٿي چڪو آهين- (١) حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي اللہ عنہ چار هزار درهم ڪٺي آيو خدمت ۾ پيش ڪندي عرض ڪيائين تہ يارسول اللہ! مون وٽ اٺ

(١) روح البيان صہ ۴٧٢ جلد ٣

هزار درهم هيا جن مان چار آندا اٿم اهي الله جي واٽ ۾ خرچ ڪيو ۽ چار هزار پنهنجي اهل عيال لاءِ رکي آيو آهيان رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: جيڪو ڏنو اٿئي ان ۾ الله برڪت ڏيئي ۽ جيڪو رکي آيو آهين ان ۾ بہ برڪت ڏيندءِ- پوءِ الله تعالىٰ ان جي گهر واري مال ۾ ايتري تہ برڪت وڌي جو جڏهن وفات ڪيائين تہ سندس وارثن ۾ بہ گهرواريون بہ هيون جن کي سندس ملڪيت مان اچڻ واري اٺين حصي ۾ بہ هڪ لک سٺ هزار (١٦٠٠٠٠) درهم آيا هئا- عاصم بن عدي عجلانيءَ هڪ سؤ وسق کجور خيرات ۾ ڏني (هڪ وسق ۾ سٺ ٽويا هوندا آهن) حضرت ابوعقيل انصاري (جنهن جو نالو حجاب هو) هڪ ٽويو کجور آڻي عرض ڪيو تہ: يارسول الله! مون سڄي رات پاڻي پرڻ جي مزدوري ڪئي ان ۾ ٻہ ٽويا کجور جا مليا هڪ ٽويو پنهنجي اهل عيال لاءِ رکيو ۽ هڪ ٽويو اوهان جي خدمت ۾ ڪڻي آيو آهيان- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن حڪم فرمايو تہ: هيءَ کجور ٻين جي صدقات ۽ خيرات جي مٿان ڇڏيو- جڏهن منافقن انهن ٻنهي تي طعنو ڪندي چيو تہ عبدالرحمان ۽ عاصم تہ ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ خيرات ڪئي آهي ۽ ابوعقيل جي ٽويي جي الله تعالىٰ کي ڪهڙي پرواهہ آهي- تڏهن انهن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي- (١) فرمان عالي شان آهي "اَلَّذِيْنَ يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ فِى الصَّدَقَاتِ وَالَّذِيْنَ لَايَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ" جيڪي طعنو هڻن ٿا خوشيءَ سان خيرات ڪندڙن کي مومنن مان صدقن (جي باري) ۾ ۽ انهن کي بہ طعنا هڻن ٿا جيڪي پنهنجي پورهئي سان ڪمايل ڪان سواءِ ڪجهہ بہ صدقي ڪرڻ لاءِ نٿا لهن- يعني منافق انهن خوشيءَ سان خيرات ڪندڙن ۽ الله تعالىٰ جي واٽ ۾ مال لٽائيندڙن تي رياءُ ۽ ڏيکاءُ لاءِ خرچ ڪرڻ جا طعنا هڻندي چون ٿا تہ اهي دنيوي وهو الاءِ خرچ ڪن ٿا. ۽ اهي منافق انهن مسڪينن اصحابن تي بہ طعنا هڻن ٿا جيڪي مزدوري ۽ پورهيو ڪري اتان جيڪو ڪجهہ بہ ملين ٿو ان مان بہ رب پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ ڪن ٿا. "فَيَسْخَرُوْنَ مِنْهُمْ سَخِرَاللّٰهُ مِنْهُمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ" پوءِ انهن تان چٿرون ڪن ٿا. الله انهن کي ان چٿر جو بدلو ڏيندو ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي- مطلب تہ اهي منافق مسخريون ڪري رب العزة جل جلاله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ ڪندڙن کي ٽوڪيندا ۽ انهن تي طعنا هڻندا هئا- پر انهن مسخرين ۽ چٿرن جو بدلو انهن کي الله ڏيندو- "سَخِرَاللّٰهُ" جي معنىٰ ڪندي حضرت مخدوم نوح عليه

(١) مظهري صہ ٢٧٢ جلد ۴

الرحمہ لکيو آهي جزاءِ استهزاءِ بہ دهد خدائي بہ ايشان (١) الله انهن کي ان چٽر جو بدلو ڏيندو يعني منافقن کي طعنن هڻڻ جي سزا اهي سخي اصحاب سڳورا رضي الله عنهم نہ پر الله تعاليٰ ڏيندو جو دنيا ۾ قيامت تائين خوار هوندا ۽ آخرت ۾ دائمي دردناڪ عذاب چکندا رهندا- "اِسْتَغْفِرْ لَهُمْ اَوْلَا تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ" انهن لاءِ مغفرت طلب ڪيو يا انهن لاءِ مغفرت طلب نہ ڪيو جيڪڏهن اوهان انهن لاءِ ستر ڀيرا مغفرت طلب ڪندؤ تہ پوءِ بہ الله انهن کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندو- جڏهن اصحابن سڳورن تي طعنا، مذاقون ۽ مسخريون ڪندڙن جي متعلق مٿين آيت نازل ٿي تہ اهي حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جي خدمت ۾ اچي معافي گهري چوڻ لڳا تہ اوهان بہ اسان جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرو- تڏهن الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي: پنهنجي پياري نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم کي انهن لاءِ مغفرت طلب ڪرڻ کان روڪيو ۽ ٻڌايو تہ اوهان انهن لاءِ دعا گهرو يا نہ گهرو انهن کي مغفرت نصيب نہ ٿيندي. جيڪڏهن اوهان انهن لاءِ ستر ڀيرا مغفرت طلب ڪندؤ تہ الله انهن کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندو- منافقن لاءِ دعا کان ايتري تاڪيد سان ان ڪري روڪيو ويو آهي جو حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن پنهنجي رحمت ۽ مهربان طبيعت جي ڪري انهن لاءِ مغفرت طلب ڪرڻ جو سوچي رهيا هئا. ۽ سندن ان سوچ ۾ بہ اها حڪمت هئي تہ سندن ڪريمانہ اخلاق کي ڏسي مخالف ايمان آڻڻ جي لاءِ تيار ٿين. جيئن پاڻ عبدالله بن ابي جي جنازه نماز پڙهايائون- تہ سندن ان اخلاق کي ڏسي ڪيترائي منافق سچا ۽ پڪا مسلمان ٿيا هئا- (٢) "ذَالِكَ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ" اهو هن سببان جو بلاشڪ انهن الله ۽ ان جي رسول کي نہ مڃيو- هن حصي کان اڳ ۾ بيان ٿيو تہ جيڪڏهن اوهان انهن لاءِ ستر مرتبہ دعا گهرندؤ تہ بہ الله انهن کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندو- ممڪن هو تہ اهي الفاظ پڙهي ڪنهن جي دل ۾ شبهو پيدا ٿئي ها تہ (معاذالله ثم معاذالله) حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن جي دعا شايد بيڪار آهي جو ڪيترا ڀيرا بہ گهرن ٿا تہ الله منافقن کي نٿو بخشي- "ذَالِكَ" کان ان شبهي ۽ شڪ جو ازالو ڪندي ٻڌايو ويو (تہ حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن جي دعا مقبول ۽ مستجاب آهي ان ۾ ڪوبہ شڪ ۽ شبهو نہ ڪرڻ گهرجي پر) اهي منافق الله ۽ ان جي پياري رسول ڪريم صلی الله عليه وسلم کي مڃين ئي ڪونہ ٿا ڪافر

(١) نعيمي ص١٥٠ جلد١٠ (٢) فارسي ترجمو مخدوم نوح عليه الرحمہ ص٢٠٠

آهن. تڏهن انهن کي نہ بخشيندو چو تہ الله تعالىٰ وعدو ڪيو آهي تہ ڪافرن کي مغفرت نصيب نہ ڪندو- مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ عبدالله بن ابي منافق جو هڪ پٽ جنهن جو اصل نالو حباب هو ۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن مٽي عبدالله رکيو هو نهايت مخلص مومن ۽ پڪو مسلمان هو- جڏهن عبدالله بن ابي مرض الموت جي حالت ۾ ٿيو تہ سندس ان پڪي ۽ سچي مسلمان پٽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پنهنجي پيءُ جي مغفرت لاءِ دعا گهرڻ جو عرض ڪيو حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان جي مغفرت لاءِ دعا گهري ۽ ان مان سندن مقصد ان سچي مومن پٽ جي دلجوئي ڪرڻ هئي- تڏهن مغفرت طلبيءَ واريءَ دعا کان منع نازل ٿي ۽ جڏهن عبدالله بن ابي منافق مري ويو تہ سندس پٽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي عرض ڪيو تہ: منهنجي پيءُ کي ڪفن ۾ پنهنجي چادر عطا ڪيو ۽ سندس جنازي جي نماز بہ اوهان پڙهايو- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان جو اهو عرض منظور ڪري جڏهن ان جي جنازه نماز پڙهائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا تہ حضرت عمر رضي الله عنه سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ سائين! هي تہ منافق هو؟ پاڻ فرمايائون تہ: الله تعالىٰ مون کي منافقن لاءِ دعا کان روڪيو نہ آهي صرف ٻڌايو آهي تہ: انهن لاءِ مغفرت طلب ڪيو يانہ- جيڪڏهن ستر ڀيرا انهن لاءِ مغفرت طلب ڪندو تہ بہ الله تعالىٰ انهن کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندو- (١) مان ستر ڀيرن کان وڌيڪ مغفرت طلب ڪندس- پوءِ جڏهن آيت مبارڪ "وَلَا تُصَلِّ عَلَىٰ أَحَدٍ مِّنْهُم مَّاتَ أَبَدًا وَلَا تَقُمْ عَلَىٰ قَبْرِهِ" (٢)

(۽ انهن مان ڪو مري تہ ان جي نماز جنازه نہ پڙهہ ۽ نہ ان جي قبر تي بيهہ) نازل ٿي- تڏهن ڪافرن ۽ منافقن لاءِ جنازي جي نماز ۽ مغفرت جي دعا گهرڻ منع ٿي- (٣) "وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفَاسِقِينَ" ۽ الله فاسق قوم کي هدايت نہ ڪندو آهي- يعني فاسق قوم کي دنيا ۾ هدايت آخرت ۾ جنت جي واٽ نصيب نہ ٿيندي- الله تعالىٰ نتو گهري تہ صحابہ تي ٽوڪون ڪندڙ جنت ۾ وڃن.

اصحابن جي دشمن جو حال

مٿي لکيل آيتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ۽ واضح ٿيو تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي پيارن اصحابن سڳورن رضيَ الله عنهم تي طعنا ڪندڙ، الزام

(١) البحرالمحيط ص٧٨ جلد ٥ (٢) التوبہ آيت ص٨۴ (٣) نعيمي ص٥٠٠ جلد ١٠

هٹندڙ، ۽ انهن جي نيڪ عمل کي شبهي جي نگاهہ سان ڏسندڙ اهڙو مجرم آهي جنهن جي لاءِ ڪنهن جي دعا بہ فائدو ڏيندڙ ناهي. جڏهن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي حڪم سان خيرات ڪندڙن صحابن کي منافقن طعنا هنيا تہ: اهي دنيا کي ڏيکارڻ جي لاءِ ڪن ٿا- ۽ الله جل جلاله کي انهن جي ڪجور جي ٽوپي جي ڪهڙي پرواهہ آهي؟ تڏهن الله تعالىٰ پنهنجي محبوب پاڪ صلى الله عليه وسلم کي فرمايو تہ: انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرو يا نہ گهرو الله تعالىٰ انهن کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندو- آيت مبارڪ جي جملي "ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ كَفَرُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ" (اهو هن سببان جو انهن الله ۽ ان جي رسول (ڪريم صلى الله عليه وسلم) کي نہ مڃيو) مان اهو بہ واضح ٿيو تہ اصحابن ڀلارن جو منڪر انهن کان تبرا ڪندڙ مطلق ڪافر آهي- آيتن جي شان نزول کي هر هر پڙهي ڏسو تہ انهن منافقن اصحابن سڳورن تي اعتراض ڪيو تہ الله تعالىٰ انهن کي پنهنجو ۽ پنهنجي پياري رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جو نہ مڃڻ وارو سڏيو ۽ نہ مڃڻ ٿي تہ ڪفر آهي- پر اصحابن سڳورن رضي الله عنهم لاءِ فرمان مبارڪ آهي- "كُلًّا وَعَدَ اللَّهُ الْحُسْنَىٰ" سيني کي الله بهشت جو وعدو ڏنو آهي-

الله جي پيارن جي دشمن کي

توبه جي توفيق بہ نصيب نہ ٿيندي

هن آيت مبارڪ جي ٻن جملن "فَلَنْ يَغْفِرَ اللَّهُ لَهُمْ" (پوءِ الله انهن کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندو) ۽ "وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفَاسِقِينَ" (۽ الله فاسق قوم کي هدايت نہ ڪندو آهي) مان ظاهر ۽ واضح آهي تہ الله تعالىٰ جي پيارن اصحابن، اوليائن ۽ رباني عالمن جي مخالفن انهن تي اعتراض ڪندڙن ۽ انهن جي دشمنن کي توبہ جي توفيق نصيب نہ ٿيندي- اهي هميشہ لاءِ ڌڪاريل ۽ ايزدي دروازي کان تڙيل آهن.

فائدو- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ستر جو عدد عظيم الشان عدد آهي ڇو تہ اهو ستن ڏهاڪن ملائڻ سان ٺهندو آهي ۽ ستن عددن ۾ ۳ اکي ءَ جا عدد ۳- ۵- ۷- آهن ۽ ٻي ٻڌيءَ وارا ۲- ۴- ۶- آسمان بہ ست، زمينون بہ ست، سمنڊ بہ ست آهن- ان جي ڪري ست ڏهاڪا ستر بہ اهم انگ آهي- سيدنا موسىٰ عليه السلام طور سينا تي پنهنجي قوم مان چونڊي ماڻهو بہ ستر آندا هئا- ڏسو آيت "وَاخْتَارَ مُوسَىٰ قَوْمَهُ سَبْعِينَ رَجُلًا" (۱) (۽ موسىٰ پنهنجي قوم مان ستر مرد چونڊيا هئا) حضور ڪريم

(۱) الاعراف آيت ۱۵۵

صلي الله عليه وسلم جن جي پاڪ هٿ تي مدينہ منوره مان آيل ٻئي دفعي (بيعه عقبه) بيعت ڪرڻ وارا ٻہ ستر هئا ان ئي بيعت کان پوءِ حبيب پاڪ صلی الله عليه وسلم جن مدينہ منوره ڏانهن هجرت ڪرڻ جو ارادو رکيو هو- الله تعالىٰ جي واٽ ۾ هڪ ڏاڍو ٻہ خيرات ڪندڙن لاءِ ستر ڏاڍن جو اجر بيان ڪيل آهي-

اعتراض

هن آيت مان ظاهر ٿيو تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي دعا مان ڪوبہ فائدو نٿو ملي پلي ڪٿي ستر ڀيرا دعا گهرن- اوهان اهل السنت والجماعه وارا هرو ڀرو ضد ڪندي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کان ڪرم جون نگاهون ۽ دعائون طلب ڪندا آهيو-

جواب

اعتراض ڪندڙ نالي جا مسلمانو! اوهان حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي محبت، ادب، عشق ۽ احترام کان صفا خالي نهايت پري ۽ ظالمن يهودين جي پليتن چڻن جي ڪري ايترا تہ اکين کان انڌا ٿي ويا آهيو جو هنن آيتن جي اڳ، پوءِ، شان نزول تي غور ئي ڪونہ ٿا ڪيو اوهان تہ دنيا ۾ آيا ئي اعتراض ڪرڻ ۽ ظالمن يهودين جي ايجنٽي ڪرڻ لاءِ آهيو. هنن آيتن تي غور ڪيو تہ ڳالهہ صاف صاف نظر اچي ٿي تہ ڪافرن ۽ منافقن کي سندن دعا مان فائدو نہ ملندو ڇو تہ اهي بخشش جا لائق ئي ناهن ساري جهان کي روشن ڪندڙ سج مان چمڙي جي نگاهہ فائدو نہ وٺندي آهي تہ اهو ان جي نگاهہ جو قصور آهي سج کي ٻي فيض نہ ڇٻو- سچن مسلمانن ۽ مومنن لاءِ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جون نگاهون ۽ دعائون نهايت اهم ۽ مفيد آهن- فرمان مبارڪ آهي-

"وَصَلِّ عَلَيْهِمْ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمْ" (۱) ۽ انهن لاءِ رحمت جي دعا گهر ڇو تہ تنهنجي دعا انهن لاءِ آرام آهي- ٻئي جاءِ تي فرمان عالي شان آهي "ولو انهم اِذْ ظَّلَمُوْا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا" (۲) ۽ جڏهن انهن پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن اوهان وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ رسول بہ انهن لاءِ بخشش گهري ها تہ الله کي توبہ قبول ڪندڙ مهربان لهن ها- هنن آيتن مان واضح ۽ منجهند جي سج وانگر روشن آهي تہ

(۱) التوبہ آيت ۱۰۳ (۲) النساء آيت ۶۴

سندن دعا ايمان وارن لاءِ رحمت ۽ گنهگارن جي مغفرت حاصل ڪرڻ لاءِ نهايت اهم آهي-

يهي در هے جهان شاهبان دنيا دل جهكاتے هين
سوالي بن كے آتے هين مرادين ليكے جاتے هين

اعتراض

ڇا حضور ڪريمَ صلي الله عليه وسلم جن کي ان وقت اها خبر نہ هئي تہ سندن طرفان منافقن لاءِ مغفرت جي دعا قبول نہ ٿيندي جيڪڏهن ڪين خبر نہ هئي تہ اها سندن بي علميءَ جو دليل آهي ۽ جيڪڏهن ڪين خبر هئي تہ پوءِ اها بي فائدي ڪوشش ڇو ٿي ڪيائون؟

جواب

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي الله تعالیٰ اهو علم ڏنو هو ۽ ڪين خبر هئي تہ منافقن لاءِ دعا مقبول نہ ٿيندي پر ڪين اها بہ خبر هئيتہ سندن ان شفقت کي ڏسي ڪيترائي ڪافر ايمان آڻيندا ۽ ڪين اها بہ خبر هئي تہ پاڻ رحمه للعالمين آهن سندن ڪم هو هر هڪ تي رحمت بنجي وسڻ پوءِ ڪو فائدو وٺي يانہ وٺي جيئن ڪين خبر هئي تہ ڪي ڪافر ابوجهل وغيره ايمان نہ آڻيندا- الله تعالى فرمايو هو تہ: "سَوَاۗءٌ عَلَيۡهِمۡ ءَاَنۡذَرۡتَهُمۡ اَمۡ لَمۡ تُنۡذِرۡهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ" انهن جي مٿان اها ڳالهہ برابر آهي- اوهان انهن کي ڊيڄاريو يا نہ ڊيڄاريو ايمان نہ آڻيندا- پر پوءِ بہ پاڻ انهن کي دين جي دعوت ڏيندا رهيا-

اعتراض

انهن منافقن تہ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي صدقات ۽ خيرات تي طعنو ڪيو هو الله تعالیٰ ۽ ان جي پياري رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جو تہ انڪار نہ ڪيو هو پوءِ الله جل جلالہ ڇو فرمايو تہ: "كَفَرُوۡا بِا للّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ" الله ۽ ان جي رسول کي نہ مڃيائون-

جواب

الله جل جلالہ ۽ ان جي رسول مقبول صلی الله عليه وسلم تي ايمان آڻڻ جو مطلب آهي تہ انهن جي هر فرمان ۽ هر ڪلام کي صحيح مڃيو وڃي جيڪڏهن انهن جي هڪ

ڳالھ جو بہ کنھن انڪار ڪيو چڻ تہ اللہ تعالیٰ جي الوهيت ۽ حضور ڪريم صلی اللہ عليه وسلم جن جي رسالت ۽ نبوت جو انڪار ڪري ويٺو- حضرات اصحابن ڀلارن رضي اللہ عنهم جي مخلص مومن هجڻ ۽ سندن عملن جي مقبول هجڻ جي شاهدي اللہ تعالیٰ قرآن ڪريم ۾ ۽ حضور صلي اللہ عليه وسلم جن پنهنجين حديثن پاڪن ۾ ڏني آهي انهن مخلصن کي رياڪار چوڻ، انهن تي طعنا ڪرڻ چڻ تہ اللہ جل جلالہ ۽ ان جي پياري حبيب ڪريم صلي اللہ عليه وسلم جي سچي فرمانن جو انڪار ڪرڻ ۽ انهن کي ڪوڙو چوڻ آهي ان جي ڪري انهن لاءِ فرمان ٿيو تہ: اللہ ۽ رسول کي نہ مڃيائون-

فائدو: علامہ رازي لکيو آهي تہ منافقن جي اڳواڻ عبداللہ بن ابي جو هي طريقو هوندو هو تہ جڏهن حضور ڪريم صلي اللہ عليه وسلم جن منبر تي ويهي خطبہ ارشاد فرمائيندا هئا تہ اهو اٿي خوشامد ڪندي چوندو هو تہ هي اللہ جو اهو رسول آهي جنهن جي اللہ تائيد ۽ مدد ڪري ٿو- ۽ جڏهن احد جي جنگ ڪان پوءِ سندس منافقي ظاهر ٿي تہ ان وري ڪنهن موقعي تي اٿڻ چيو تہ حضرت عمر فاروق رضي اللہ عنہ پاڻ کي روڪي نہ سگهيو ۽ هڪل ڪري چيائينس تہ: اي اللہ جا دشمن! تنهنجي منافقي ظاهر ٿي چڪي آهي ويهي رهہ. اتي موجود ٻين بہ ان جي ملامت ڪئي- بس نماز پڙهڻ ڪان سواءِ ٿي ڪاوڙ جي نڪتو ٻين ٻچيس تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين حضور ڪريم صلي اللہ عليه وسلم جي خدمت ۾ هل ۽ پنهنجي مغفرت لاءِ دعا گهراءِ ان بدبخت چيو تہ دعا گهري نہ گهري مان ان سان نہ ملندس- تڏهن اها آيت لٿي (۱)

فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ وَكَرِهُوْٓا اَنْ

خوش ٿيا پوئتي رهايل گهر ۾ ويهڻ پنهنجي تي رسول اللہ جي پويان ۽ نہ پسند ڪيائون هيءَ ڳالهہ تہ

يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَقَالُوْا

جهاد ڪن مالن پنهنجن ۽ سرن پنهنجن سان اللہ جي واٽ ۾ ۽ چيائون تہ

لَا تَنْفِرُوْا فِي الْحَرِّ ۭ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا ۭ لَوْ كَانُوْا

نہ نڪرو گرميءَ ۾ فرماءِ تہ باهہ جهنم جي سخت گرم آهي جيڪڏهن

(۱) التفسير الكبير صـ۱۴۶ جزء ۱۶

يَفْقَهُوْنَ ﴿٨١﴾ فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّلْيَبْكُوْا كَثِيْرًا ۚ جَزَآءً ۢ بِمَا

سمجهن ها پوءِ گهرجي تہ کلن ٿورو ۽ گهرجي تہ روئن گهڻو بدلو آهي

كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٢﴾

انهن (عملن جو) جيڪي ڪيائون ٿي

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جي قولن جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ انهن جي عملن جو ذڪر ڪيو ويو آهي-

شان نزول

جڏهن حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن تبوڪ جي جنگ لاءِ روانا ٿيا تہ جيڪي منافق پوئتي رهجي ويا هئا اهي جنگ لاءِ نہ وڃڻ تي افسوس ڪرڻ جي بجاءِ خوشيون ڪرڻ لڳا تہ بچي وياسين انهن جي باري ۾ هي آيتون نازل ٿيون- ابن جرير، ابن ابي حاتم ۽ ابن مردويہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ حضور ڪريم صلی الله عليہ وسلم جن جڏهن ماڻهن کي تبوڪ ڏانهن هلڻ جو حڪم فرمايو تہ اها اونهاري جي موسم هئي ڪن ماڻهن عرض ڪيو تہ يارسول الله! (صلی الله عليه وسلم) هينئر سخت گرمي آهي نہ اسين نڪري سگهنداسون ۽ نہ اوهان نڪرو- ان جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون- (۱) فرمان مبارڪ آهي-

"فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ وَكَرِهُوْٓا اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" (جنگ تي نہ وڃڻ وارا) پوئتي رهايل رسول الله (صلی الله عليه وسلم) جن کان پوئتي پنهنجي ويهي رهڻ تي خوش ٿي رهيا هئا ۽ (اها ڳالهہ) پسند نہ ڪيائون تہ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سرن سان الله تعالیٰ جي واٽ ۾ جهاد ڪن- هنن

(۱) الدرالمنثور صہ ۲۵۵ جلد ۴ خازن صہ ۲۵۲ جلد ۲

مان مراد اهي شخص آهن جيڪي غزوه تبوڪ ۾ شريڪ ته نه ٿيا هئا پر پوئتي رهڻ تي خوش ٿي رهيا هئا- ياد رکڻ گهرجي ته گناهه تي فخر ڪرڻ ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان ڏک ۾ خوشيءَ ۾ ساٿ نه ڏيڻ مومن جو شان نه آهي ۽ سندن خوشيءَ تي خوش ٿيڻ ايمان آهي- ايمان جي برڪت سان نيڪ ڪم جي توفيق ملندي آهي ڪفر ۾ منافقيءَ جي ڪري نيڪ ڪم جي همت ئي نه ٿيندي آهي حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان عالي شان آهي ته: سومهاڻي ۾ فجر وارين نمازون منافق تي ڳريون هونديون آهن- جنهن ماٺهوءَ کي گناهه آسان ۾ چڱا ڪم ڳرا لڳن ته سمجهو ان جي دل ۾ منافقي آهي الله تعاليٰ محفوظ رکي- (١) "وَقَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِی الْحَرِّ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا لَوْ كَانُوْا یَفْقَهُوْنَ" ۽ چيائون ته گرميءَ ۾ نه نڪرو- فرمايءِ ته: جهنم جي باهه سخت گرم آهي-

جيڪڏهن سمجهن ها - ائين منافق هڪ ٻئي کي چوندا هئا يا ڪن مؤمنن کي ته اهي سست ٿين جنگ تي نه وڃن پر اهو سڀ ڪجهه ان جي ڪري ٿي چيائون جو سمجهه نه هين ۽ جيڪڏهن سمجهه رکن ها ته ائين نه چون ها ائين چوڻ سان جنهن جهنم جي باهه ڏانهن وڃي رهيا آهن اها دنيوي گرميءَ کان به نهايت سخت گرم آهي "فَلْیَضْحَكُوْا قَلِیْلًا وَّلْیَبْكُوْا كَثِیْرًا" پوءِ گهرجي ته ٿورو کلن ۽ گهڻو روئن. المقصد ته دنيا پاڻ ئي ٿورو وقت آهي ته ان ۾ پلي ٿورو کلي وٺن ۽ آخرت اڻ ڪٽ مدت واري آهي اتي روئڻ به گهڻو ۽ اڻ ڪٽ هوندو (معاذالله) . دنيا ۾ گهڻو روئي رب پاڪ کي راضي ڪن.

روئڻ جي لاءِ نبوي ارشادات

"١" بغوي پنهنجي سند سان حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ عليه وسلم جن فرمايو "اي انسانؤ! (خدا جي خوف کان) روئندا ڪيو ۽ جيڪڏهن روئڻ نه اچي ته روئڻ جو نمونو ڪيو يقينًا جهنمي جهنم جي باهه ۾ ايترو روئندا جو اکين جي پاڻي وهڻ جي ڪري سندن منهن ۾ ائين کڏون ٿي وينديون جيئن پاڻيءَ جي وهڻ وارين کڏون هونديون آهن تانجو جڏهن اکين جو پاڻي ختم ٿي ويندو ته رت وهڻ شروع ٿيندو (۽ اهو به ايترو هوندو) جو ان تي ٻيڙيون هلاءِ ته هلي وڃن.

٢ احمد، ترمذي ۽ ابن ماجه روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيڪي مان ٿو ڄاڻان جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ها ته کلو ٿورو ها روئو

(١) نور العرفان ص ٣١٧

گهڻو ها ۽ پنهنجن بسترن تي پنهنجين زالن مان لذت ئي نہ وٺو ها ۽ ميدانن ۾ نکري الله تعالىٰ ڏانهن رجوع کندي ان کان پناه گهرو ها (١) "جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" ان جي بدلي ۾ جيکو کندا هئا.

فائدو: حضور عليه الصلواة والسلام کي ناراض کري مدينه منوره ۾ رهڻ گناه آهي جيکڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن مدينه کان ٻاهر رهڻ يا وڃڻ ۾ راضي ٿين تہ اهو ٻاهر رهڻ يا وڃڻ عبادت آهي ڏسو تبوک جي جنگ وقت حضور عليه الصواة والسلام جن کي اصحابي سڳورا راضي کندي مدينه کان ٻاهر ويا تہ الله تعالىٰ انهن تي راضي ٿيو ۽ منافق حضور عليه الصلوا والسلام جن کي ناراض کري مدينه منوره ۾ رهيا تہ الله تعالىٰ انهن تي غضب کيو. اهڙي طرح جيکو ماڻهو مدينه منوره ۾ تہ رهي ٿو پر رسول الله ﷺ جن جو گستاخ، بي ادب ۽ سندن ادب کي شرک سمجهڻ وارو آهي تہ ان تي بہ الله جل جلاله جو غضب آهي حبيب پاک عليه الصلواة والسلام جي بي ادب کي رحمت نصيب نہ ٿيندي. ۽ جيکڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن پاڻ مدينه منوره کان ٻاهر نکري وڃن ۽ کنهن کي حکم کن تہ تون مدينه منوره ۾ رهہ تہ ان جو مدينه پاک ۾ رهڻ عين ايمان ۽ عبادت آهي جيئن تبوک ڏانهن ويندي پاڻ حضرت علي رضي الله عنه کي حکم کيو هيائون تہ "تون مدينه منوره ۾ رهہ" ان عرض کيو تہ مان اوهان سان گڏ هلان، پاڻ فرمايائونس تہ "تون منهنجي لاءِ ائين آهين جيئن حضرت هارون عليه السلام حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي لاءِ" مؤمن کي گهرجي تہ هر بد مذهب جي صحبت کان پري رهي اهو هزار بهانا ٺاهي سهڻن عقيدن ۽ نيک عملن کان روکيندو آهي جيئن منافقن تبوک ڏانهن ويندڙن کي گرميءَ جا عذر بهانا ٻڌائي روکيو ٿي.

اعتراض

هن آيت ۾ منافقن لاءِ "اَلْمُخَلَّفُوْنَ" (پوئتي رهايل) جو لفظ ڇو آيو؛ کنهن انهن کي پوئتي رهايو؟

جواب

اهو لفظ ان جي کري استعمال کيو ويو تانت معلوم ٿئي تہ انهن کي شيطان ۽

(١) نور العرفان ص ٣١٧

نفس ڏوکي سان پوئتي رهايو هو. يا انهن جي اندر ۾ جيکي حرکتون ۽ مسلمانن سان بي وفايون ويئل هيون انهن جي ڪري الله تعالىٰ انهن کي پوئتي رهايو جو انهن جي هلڻ مان مسلمانن کي ڪو فائدو نہ هو. جيئن سيدنا موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصواة والسلام جن جي مقابله ۾ اچڻ وارن جادوگرن لاءِ ارشاد ٿيو "اُلْقِيَ السَّحَرَةُ سَاجِدِيْنَ" (جادوگر سجدي ۾ ڪيرايا ويا) وقعوا (سجده ۾ ڪري پيا) نہ آيو چو تہ اهي پاڻ سجدي ۾ نہ ڪريا هئا الله تعالىٰ جي توفيق انهن کي ڪيرايو هو.

فَاِنْ رَّجَعَكَ اللّٰهُ اِلٰى طَآئِفَةٍ مِّنْهُمْ فَاسْتَاْذَنُوْكَ لِلْخُرُوْجِ

پوءِ جيڪڏهن موٽايو توکي الله هڪ جماعت ڏانهن انهن مان پوءِ موڪل گهرن توکان نڪرڻ لاءِ

فَقُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِيَ اَبَدًا وَّلَنْ تُقَاتِلُوْا مَعِيَ عَدُوًّا ۭاِنَّكُمْ

پوءِ فرماءِ تہ ڪڏهن بہ نہ نڪرندؤ اوهان مون سان گڏ هميشه ۽ ڪڏهن بہ جنگ نہ ڪندؤ مون سان گڏجي دشمن سان بيشڪ

رَضِيْتُمْ بِالْقُعُوْدِ اَوَّلَ مَرَّةٍ فَاقْعُدُوْا مَعَ الْخٰلِفِيْنَ ۝ ﴿٨٣﴾ وَلَا تُصَلِّ

اوهان راضي ٿيئو وهڻ تي پهرئين ڀيري پوءِ وهو پوئتي رهندڙن سان ۽ نہ (جنازه) نماز پڙهہ تون

عَلٰٓى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّلَا تَقُمْ عَلٰي قَبْرِهٖ ۭاِنَّهُمْ كَفَرُوْا

ڪنهن هڪ تي انهن مان جيڪو مري ويو هميشه ۽ نہ بيهہ ان جي قبر تي بيشڪ انهن نہ مڃيو

بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَمَاتُوْا وَهُمْ فٰسِقُوْنَ ۝ ﴿٨٤﴾

الله ۽ ان جي رسول کي ۽ مري ويا حالانڪ اهي فاسق آهن

تفسير

هنن مبارڪ آيتن کان اڳ ۾ بيان ڪيو ويو تہ منافق تبوڪ جي جنگ ۾ نہ ويا ۽ هتي حڪم ڪيو ٿو وڃي تہ اي حبيب پاڪ! (عليه الصلواة والسلام) اوهان جي ڪامياب ٿي سلامتيءَ سان موٽڻ کان پوءِ جيڪڏهن اهي خود بخود

اوهان سان ڪنهن جنگ ۾ هلڻ گهرن ته به انهن کي وٺي نه وڃجو.

غيبي علم عطا ڪرڻ

هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان واضح ٿيو ته الله جل جلاله پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام کي تبوڪ جي جنگ دوران اهو علم غيب عطا ڪيو هو ته اهي نه اچڻ وارا منافق اوهان جي واپس ٿيڻ کان پوءِ اوهان سان ٻين جنگين ۾ هلڻ جي پيشڪش ڪندا پر اوهان اها قبول نه فرمائجو. ارشاد رباني آهي "فَاِنْ رَّجَعَكَ اللّٰهُ اِلٰى طَآئِفَةٍ مِّنْهُمْ فَاسْتَاْذَنُوْكَ لِلْخُرُوْجِ فَقُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِيَ اَبَدًا وَّ لَنْ تُقَاتِلُوْا مَعِيَ عَدُوًّا" پوءِ جيڪڏهن الله اوهان کي انهن مان هڪ جماعت ڏانهن (سلامتيءَ سان) موٽائي پوءِ اوهان کان (جنگ ۾) نڪرڻ لاءِ موڪل گهرن ته (اوهان انهن کي) فرمايو ته اوهان ڪڏهن به مون سان گڏ نه نڪرندؤ ۽ نه ڪڏهن مون سان گڏجي (دشمن سان) جنگ ڪندؤ. يعني اوهان جي دلين جا راز کلي ويا اها ڳالهه ٿيڻ ڪيو "اِنَّكُمْ رَضِيْتُمْ بِالْقُعُوْدِ اَوَّلَ مَرَّةٍ فَاقْعُدُوْا مَعَ الْخَالِفِيْنَ" بلاشڪ، اوهان پهرئين ڀيري پوئتي وهڻ ۾ راضي هيئو پوءِ پٺ ۾ رهندڙن سان ويٺا رهو. المقصد ته اوهان کي تبوڪ جي جنگ تي نڪرڻ جي لاءِ بار بار چيو ويو، حرص ڏياريو ويو ته به نه نڪتؤ. الله ۽ ان جي پياري رسول ﷺ جي بي فرماني ڪري ڪوڙا بهانا ناهي ويهي رهيئو ته هاڻي به پوئتي رهيلن فساد ين، بي فرمانن سان گڏ رهو. يا پوئتي رهندڙن مان مراد ننڍا ٻار، ننڍا معذور ۽ عورتون آهن جن تي حق جي دشمنن کي دفع ڪرڻ ۽ الله تعالىٰ جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ لاءِ جهاد فرض ناهي (١) ۽ ائين چوڻ ته اوهان ٻارن ۽ معذورن سان پوئتي رهيا پيا هجو انهن منافق جي غم ۽ فڪر ۾ اضافو ڪندڙ ۽ ڪين شرمائيندڙ هو (٢) "وَلَا تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّلَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ" ۽ انهن مان ڪو هڪ مري ويو ته ان تي (جنازه) نماز هرگز نه پڙهه ۽ نه سندس قبر تي بيهه.

عبدالله بن ابي منافق جي نماز جنازه جو بيان

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته جڏهن عبدالله بن ابي موت واري مرض ۾ مبتلا ٿيو ته حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن

(١) تفسير المراغي ص ١٧٥ جز ١٠ جلد۴ (٢) ايسرالتفاسير صـ ٢٢١ جلد ٢

سندس طبيعت جو پڇڻ لاءِ اتي تشريف فرما ٿيا. ان عرض ڪيو تہ جڏهن مان مري وڃان تہ اوهان منهنجي نمازه جنازه پڙهائجو ۽ منهنجي قبر تي تشريف فرما ٿجو. حضور عليه الصلواة والسلام اتاهين واپس آيا تہ ان ماڻهو موڪلي عرض ڪيو تہ: مون کي ڪفن جي لاءِ پنهنجي قميص مبارڪ عطا ڪرڻ فرمايو حضور پاڪ عليه افضل الصلوات واڪمل التحيات جن ان لاءِ مٿان پائڻ واري اها قميص موڪلي جيڪا قميص جي مٿان پٽي ڪري پائيندا هئا. ان وري عرض ڪري موڪليو تہ: مون تي ان قميص جي مهرباني ڪيو جيڪا اندران پائيندا آهيو ۽ اها اوهان جي پاڪ جسم کي لڳندي آهي. حضرت عمر رضي الله عنه بہ ان وقت سندن خدمت اقدس ۾ موجود هو ان عرض ڪيو تہ: يا رسول الله ﷺ اوهان ان ناپاڪ، پليد کي پنهنجي پاڪ ۽ مبارڪ قميص ڇو ٿا عطا ڪيو؟ حضرت عمر رضي الله عنه جو مقصد هو تہ حقيقت واضح ٿئي پاڻ حقيقت تان نقاب لاهيندي فرمايائون تہ: (ان منافق کي سندس منافقيءَ جي ڪري) منهنجي قميص ڪو فائدو نہ ڏيندي پر منهنجي طرفان ان کي قميص ڏيڻ ۾ اها حڪمت آهي جو منهنجي سهڻي اخلاق، شفقت ۽ رحمت کي ڏسي عبدالله بن ابي وٽ وهڻ وارا هزار منافق مسلمان ٿيندا، ۽ ٿيو بہ ائين جو عبدالله بن ابي وٽ ويهندڙن هزارين منافقن جو ڏٺو تہ هي پليد ساري عمر مخالفت ڪرڻ جي باوجود پنهنجي بخشش ۽ نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ سندن قميص مبارڪ جو سهارو ۽ وسيلو وٺي رهيو آهي تہ انهن جي اکين تان غفلت جا پردا هٽي ويا ۽ سندن اڳيان اها حقيقت واضح ٿي تہ ان رحمتہ للعالمين جي درگاه بي ڪسن جي پناهہ کان سواءِ الله تعالىٰ جي پاڪ بارگاه ۾ منظوري ممڪن ئي ناهي تہ ان جي بجاءِ جو موت ڏسي پوءِ سندن پاڪ دامن کي وٺڻ جي ڪوشش ڪيون هاڻي ئي ڇو نہ مٿن ايمان آڻي گذريلن گناهن جي دل سان معافي وٺي شفاعت جا حقدار بنجون پوءِ ان ئي ڏينهن انهن هزار منافقن سچي توبہ ڪري ايمان آندو- اها سندن پاڪ قميص ۽ سندن سهڻي اخلاق جي برڪت هئي- (١) جڏهن عبدالله بن ابي منافق مري ويو تہ ان جو پٽ جيڪو مخلص مومن هو حاضر ٿيو ۽ پنهنجي پيءُ جي موت جو اطلاع عرض ڪيائين پاڻ ٻڌي ان کي فرمايائون تہ وڃ پنهنجي پيءُ تي جنازه

(١) التفسيرالڪبير صہ ١٥٢ جزءُ ١٦

نماز پڙهائي دفن ڪرائيس- ان عرض ڪيو تہ: اوهان مهرباني فرمائي بابا جي نماز جنازه پڙهايو- ان عفو ۽ رحمت جي پيڪر,گمراهن جي رهبر انڪار نہ ڪيو ۽ ان جي نماز جنازه پڙهائڻ لاءِ روانا ٿيا- حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه وري عرض ڪيو تہ: يارسول الله! الله تعالىٰ ۽ ان جي پياري رسول جي دشمن جي نماز جنازه نہ پڙهو,پر پاڻ ان جي نماز جنازه پڙهايائون، ۽ بخاري حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن عبدالله بن ابي ڪي قبر ۾ لاهڻ ڪان پوءِ بہ اتي آيا ۽ ان ڪي قبر مان ٻاهر ڪڍرائي پنهنجي (پاڪ) گوڏي تي رکي سندس وات ۾ پنهنجي وات (مبارڪ) جو لعاب وجهي ان ڪي پنهنجي قميص مبارڪ ڍڪراياءون- پوءِ الله تعالىٰ هي آيت نازل ڪري منافق تي نماز جنازه پڙهائڻ ڪان منع ڪئي- (۱)

قميص مبارڪ ڏيڻ ۾ حڪمت

ڪيترن ذهنن ۾ اهو سوال پيدا ٿيندو آهي تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان منافق ڪي قميص مبارڪ ڇو عطا ڪئي؟ ان جي جواب ۾ مفسرن سڳورن هي اسباب ذڪر ڪيا آهن. ۱- جڏهن بدر جي جنگ ۾ حضرت عباس بن المطلب رضي الله عنه جيڪو اڃان مسلمان نہ ٿيو هو گرفتار ٿي قيدي بڻجي آيو تہ سندس بدن تي ڦاٽل قميص ڦاٽل هئي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو چاچو هو پاڻ ان ڪي قميص پارائڻ جو ارادو فرماياءون پر جيئن تہ حضرت عباس رضي الله عنه قد جو ڊگهو هو ان جي ڪري ڪيس ڪنهن جي بہ قميص پوري نٿي آئي- عبدالله بن ابي منافق بہ قد جو ڊگهو هو ان پنهنجي قميص حضرت عباس ڪي ڏني ۽ اها پوري آئي جڏهن عبدالله بن ابي وفات ڪئي تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سندس اهو احسان لاهڻ لاءِ ان ڪي پنهنجي پاڪ قميص عطا ڪئي- ۲- الله تعالىٰ پنهنجي پياري حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم کي حڪم ڪيو آهي تہ: "وَأَمَّا السَّائِلَ فَلَا تَنْهَرْ" ۽ پر سائل کي جهڙڪ نہ ڪيو- ان جي ڪري پاڻ ان منافق جو عرض بہ رد نہ ڪياءون- ۳- ان منافق جي طرفان سندس پاڪ قميص گهرڻ ۽ ان سان برڪتون حاصل ڪرڻ واري عقيدي ڪي ڏسي هزار منافق مسلمان ٿيا هئا جيئن مٿي لکي آيا آهيون- ۴- ان منافق جو پٽ سچو ۽ مخلص مومن هو ان جي دلجوئي ڪرڻ لاءِ ائين

(۱) المظهري صـ۲۷۶- ۲۷۷ جلد ۴

ڪيائون- ٥- سندن پاڪ مزاج تي رحمت غالب هئي جيئن رب العزة جل جلاله جو ارشاد آهي "وَمَآ أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِينَ" ۽ اسان اوهان کي سڀني جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي- ۽ بيو فرمان مبارڪ آهي- "فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللهِ لِنتَ لَهُمْ" پوءِ الله جي طرفان رحمت جي ڪري اوهان انهن لاءِ نرم ٿيا آهيو- پاڻ ان جي ڪري به اهڙي دشمن کي پنهنجي پاڪ قميص عنايت ڪئي هيائون- ان جي قبر تي بيهڻ کان منع مان ڇا مراد آهي؟ ان ۾ مختلف قول آهن- ١- زجاج فرمايو تہ: حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ميت جي دفن ٿيڻ کان پوءِ ان جي قبر تي بيهي ان جي مغفرت لاءِ دعا ڪندا هئا ان کان روڪيو ويو- ٢- ان جي قبر جي ضرورتن جي اصلاح نہ ڪيو ۽ هتي نماز ۽ قبر تي بيهڻ جي نهي مان مراد دائمي ۽ ڪلي منع آهي- (١) "إِنَّهُمْ كَفَرُوا بِاللهِ وَرَسُولِهِ وَمَاتُوا وَهُمْ فَاسِقُونَ" بيشڪ انهن الله ۽ ان جي رسول کي نہ مڃيو ۽ مئا حالانڪہ اهي بي فرمان آهن- هي انهن جي مٿان نماز جنازه نہ پڙهڻ ۽ انهن جي قبر تي نہ بيهڻ جي علت بيان ڪئي وئي آهي- مقصد تہ اهي اوهان جي طرفان جنازي جي نماز ۽ انهن جي قبرن تي بيهڻ جا لائق ئي ناهن ڇو تہ انهن الله ۽ ان جي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم کي نہ مڃيو ۽ مرڻ تائين بي فرمان رهيا- (٢)

ٻہ مسئلا

١- هن آيت پاڪ مان ثابت ٿيو تہ ڪنهن بہ ڪافر ۽ منافق جي جنازه نماز ۽ ان لاءِ مغفرت جي دعا گهرڻ جائز ناهي- ٢- ڪنهن بہ ڪافر جي اعزاز ۽ اڪرام جي لاءِ ان جي قبر تي بيهڻ يا ان جي زيارت جي لاءِ وڃڻ حرام آهي ها عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن مجبوريءَ جي ڪري وڃڻ جائز آهي مثلاً: ڪنهن مسلمان جو ڪو ڪافر مٽ يا مائٽ مري وڃي ٿو ۽ ٻيو ڪو ان جو ولي وارث نہ آهي جيڪو ان کي قبر جي حوالي ڪري تہ پوءِ ان مسلمان مائٽ لاءِ جائز آهي جو ان کي قبر ڪوٺائي پورائي ڇڏي- (٣)

ضروري وضاحت

چڱي طرح ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت مبارڪ جي آخري لفظ "فَاسِقُونَ" مان مراد بہ ڪافر آهن انهن تي ئي نماز جنازه جائز نہ آهي- باقي

(١) الڪبير صہ ١٥٣ جزءِ ١٦ (٢) المدارڪ صہ ١٣٩ جلد ١ جزءِ ٢
(٣) معارف القرآن صہ ٤٣٧ جلد ۴

اصحابن، تابعن ۽ امت جي صالح عالمن جو اجماع آهي تہ فاسقن گنهگارن تي جنازه جي نماز جائز آهي ۽ اهوئي اهل السنت والجماعتہ جو مذهب آهي ۽ فاسق جو لفظ ڪافر جي معنيٰ ۾ ٻيءَ آيت ۾ بہ آيل آهي- فرمان مبارڪ آهي- "اَفَمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ فَاسِقًا" ڇا جيڪو مومن آهي ان وانگر آهي جيڪو ڪافر آهي- (۱)

سوال

قرآن پاڪ جي آيت مان ثابت ٿيو تہ ڪافر تي جنازه جي نماز پڙهڻ منع آهي پر جيڪڏهن خبر ناهي تہ مرڻ وارو مومن آهي يا ڪافر تہ پوءِ ڇا ڪجي؟

جواب

علامہ احمد جيون عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن جي خبر ناهي تہ مومن آهي ياڪافر تہ ان جي جنازي جي نماز پڙهڻ جائز نہ آهي- (۲)

سوال

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن عبدالله بن ابي تي نماز جنازه پڙهڻ لاءِ تيار ٿيا تہ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه ڪين ڇو روڪيو؟

جواب

حضرت عمر رضي الله عنه جي ذهن ۾ اهي حڪمتون ۽ مصلحتون نہ هيون جن جي ڪري حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن قميص مبارڪ ڏني ۽ نماز جنازه لاءِ تشريف فرما ٿيا؟

سوال

حضرت عمر رضي الله عنه جو حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي روڪڻ گناه ڇٿبو يا نہ؟

جواب

اهو بالڪل گناهہ نہ هو. جيڪڏهن اهو گناهہ هجي ها تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم ڪيس تنبيہ ڪن ها ۽ الله تعالىٰ سندس مذمت ۾ قرآن پاڪ جون آيتون

(۱) التفسيرات الاحمدية صہ ۴۷۱ (۲) حوالو ساڳيو.

لاهي ها- پر هتي تہ جيئن حضرت عمر رضي الله عنه عرض ڪيو تہ قرآن پاڪ بہ ائين ئي نازل ٿيو-

سوال

ڇا قرآن ڪريم حضرت عمر رضي الله عنه جي خيال مبارڪ جي تائيد مطابق نازل ٿي سگهي ٿو؟

جواب

قرآن پاڪ جي مفسرن ۽ محدثن لکيو آهي تہ اهڙا ڪجهہ موقعا هيا جن تي حضرت عمر رضي الله عنه حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي جيئن عرض ڪيو قرآن پاڪ بہ تيئن نازل ٿيو هو- ۽ اهو سندس بارگاه ايزدي ۽ دربار حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم ۾ محبوب هجڻ جو دليل آهي- (۱)

مسئلہ

ڪافرن ۽ منافقن جي قبرن جي زيارت ڪرڻ ۽ اتي وڃي فاتحہ پڙهڻ گلن جون چادرون چاڙهڻ يا هندن جي لاشن ساڙڻ جي تقريبن ۾ وڃڻ ۽ سڙڻ کان پوءِ سندن چار تي گل چاڙهڻ سڀ حرام ۽ ناجائز آهي- پر افسوس آهي جو مسلمان ان مسئلي کان غافل ٿي مشرڪن جي خوشامد جي لاءِ انهن جي قبرن تي وڃن ٿا ۽ هندن جي موت کان پوءِ انهن لاءِ مرثيا وغيره لکن ٿا- (۲)

فائدو- "وَلَاتَقُمۡ عَلٰى قَبۡرِهٖ" (۽ ان جي قبر تي نہ بيهہ) مان ثابت ٿيو تہ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ڪنهن بہ ڪافر ۽ منافق جي قبر تي نہ ايندا پر پاڻ پنهنجي والده ماجده سيده آمنہ رضي الله عنها جي مزار پر انوار تي آيا ۽ امان سائڻ کي ياد ڪندي روئي ڏنائون ڪين روئندي ڏسي اتي سندن ساٿ ۾ اچڻ وارن بہ روئي ڏنو ۽ پاڻ فرمايائون تہ مون والده ماجده جي قبر جي زيارت ڪرڻ جي الله تعالىٰ کان اجازت گهري تہ الله تعالىٰ اجازت ڏني- ان مان ثابت ٿيو تہ سندن امان سائڻ مومنہ هئي. ۽ اهو علامہ الوسيءَ وٽ مختار قول آهي- (۳)

(۱) التفسيرالكبير صہ ۱۵۲ جزءِ ۱۶ (۲) نعيمي صہ ۵۲۳ جلد ۱۰
(۳) روح المعاني صہ ۱۵۵ جلد ۴ جزءِ ۱۰

وَلَا تُعۡجِبۡكَ اَمۡوَالُهُمۡ وَ اَوۡلَادُهُمۡ ؕ اِنَّمَا يُرِيۡدُ اللّٰهُ اَنۡ

۽ نہ عجب ۾ وجهن توکي مال انهن جا ۽ اولاد انهن جو ان کان سواءِ ڪجهہ ناهي تہ ارادوفرمائي ٿو الله هي تہ

يُّعَذِّبَهُمۡ بِهَا فِى الدُّنۡيَا وَتَزۡهَقَ اَنۡفُسُهُمۡ وَهُمۡ كٰفِرُوۡنَ ﴿۸۵﴾

عذاب ڪري انهن کي انهن سان دنيا ۾ ۽ نڪرن ساهہ انهن جا ان حال ۾ جو اهي ڪافر آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جو رحمت کان محروم هجڻ جو بيان هو ۽ هنن ۾ ڪين مليل خانداني نعمتن کان بي نصيب هجڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي- "وَلَا تُعۡجِبۡكَ اَمۡوَالُهُمۡ وَاَوۡلَادُهُمۡ" ۽ اوهان کي انهن جا مال ۽ انهن جو اولاد عجب ۾ نہ وجهي- هي فرمان مبارڪ يا "وَلَا تُصَلِّ" تي عطف آهي ۽ ان ۾ بظاهر خطاب نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن سان ۽ حقيقت ۾ سندن امت سان آهي- ۽ هاڻي نئون جملو ۽ واو ابتدائيہ ۽ ان ۾ خطاب هر قرآن پڙهندڙ مسلمان سان آهي- (۱) مطلب آهي تہ: اي قرآن پڙهندڙ مسلمان! تون ڪافرن ۽ منافقن جي مال، اولاد، ۽ جائداد جي گهڻائي ڏسي عجب ۾ نہ پئو تہ جڏهن هي ماڻهو الله جل جلالہ جا دشمن آهن تہ انهن کي ايترو مال ۽ اولاد ڪيئن مليو؟ "اِنَّمَا يُرِيۡدُ اللّٰهُ اَنۡ يُّعَذِّبَهُمۡ بِهَا فِى الدُّنۡيَا وَتَزۡهَقَ اَنۡفُسُهُمۡ وَهُمۡ كٰفِرُوۡنَ" ان کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي جو الله ارادو فرمائي ٿو تہ انهن مالن ۽ اولادن سان ڪين عذاب ڪري ۽ سندن ساهہ ڪفر جي حالت ۾ نڪري وڃن- يعني مرڻ وقت بہ اهي ڪافر ۽ منافق ان مال ۽ اولاد ۾ اهڙا تہ مشغول هوندا جو الله تعالیٰ ڏانهن توجہ ڪرڻ جو خيال ئي نہ ايندن ۽ ان ڪفر جي حالت ۾ مري ويندا- (۱) فائدو: ڪافر ۽ منافق جي مالدار هجڻ کي سندن بارگاهہ الاهي ۾ مقبول ۽ محبوب هجڻ جو دليل نہ سمجهڻ گهرجي اهو عقيدو رکڻ ڪفر آهي ۽ جيڪو مال ۽ اولاد الله تعالیٰ کان غافل ڪري اهو عذاب الاهي آهي- (۲)

(۱) نورالعرفان صہ ۳۱۹ (۲) نعيمي صہ ۵۲۸ جلد ۲

وَ اِذَآ اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ اَنۡ اٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَجَاهِدُوۡا مَعَ

۽ جڏهن نازل ڪئي ٿي وڃي ڪا سورة ته ايمان آڻيو الله تي ۽ جهاد ڪيو

رَسُوۡلِهِ اسۡتَاۡذَنَکَ اُولُوا الطَّوۡلِ مِنۡهُمۡ وَقَالُوۡا ذَرۡنَا

ان جي رسول سان گڏ ته اجازت گهرن ٿا توکان طاقت وارا انهن مان ۽ چون ٿا ته ڇڏ اسان کي ته

نَکُنۡ مَّعَ الۡقَاعِدِیۡنَ ﴿۸۶﴾ رَضُوۡا بِاَنۡ یَّکُوۡنُوۡا مَعَ الۡخَوَالِفِ وَ

هجون وهندڙن سان گڏ راضي ٿيا هن تي ته هجن پوئتي رهندڙن سان گڏ ۽

طُبِعَ عَلٰی قُلُوۡبِهِمۡ فَهُمۡ لَا یَفۡقَهُوۡنَ ﴿۸۷﴾ لٰکِنِ الرَّسُوۡلُ

مهر هنئي وئي دلين انهن جي تي پوءِ اهي سمجهن نه ٿا پر رسول

وَالَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ جَاهَدُوۡا بِاَمۡوَالِهِمۡ وَاَنۡفُسِهِمۡ ؕ وَ

۽ جن ايمان آندو ان سان گڏ جهاد ڪيائون مالن پنهنجن ۽ سرن پنهنجن سان ۽

اُولٰٓئِکَ لَهُمُ الۡخَیۡرٰتُ ۫ وَاُولٰٓئِکَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۸۸﴾

اهي انهن لاءِ ڀلايون آهن ۽ اهي ئي ڪامياب آهن

اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِیۡنَ

تيار ڪيا الله انهن لاءِ بهشت جو وهن ٿيون هيٺان انهن جي نهرون هميشه هوندا —

۱۱ ع ۹ ۱۷ فِیۡهَا ؕ ذٰلِکَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِیۡمُ ﴿۸۹﴾

انهن ۾ اها ڪاميابي وڏي آهي

تفسير

اڳينءَ آيت ۾ ٻڌايو ويو ته منافقن جو مال ۽ اولاد انهن جي لاءِ عذاب آهي

۽ هتي ان جو سبب بيان ڪيو وڃي ٿو تہ اهو عذاب ان جي ڪري آهي جو اهو الله تعالىٰ جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ ڪان روڪي ٿو- فرمان مبارڪ آهي- "وَإِذَآ أُنزِلَتْ سُورَةٌ أَنْ آمِنُوا بِاللَّهِ وَجَاهِدُوا مَعَ رَسُولِهِ اسْتَأْذَنَكَ أُولُوا الطَّوْلِ مِنْهُمْ وَقَالُوا ذَرْنَا نَكُن مَّعَ الْقَاعِدِينَ" ۽ جڏهن ڪا اهڙي سورة نازل ڪئي وڃي ٿي (جنهن ۾ حڪم آهي تہ) الله تي ايمان آڻيو ۽ ان جي رسول (ڪريم صلي الله عليه وسلم) سان گڏ جهاد ڪيو تہ انهن مان طاقت وارا توڪان موڪل گهرن ٿا ۽ چون ٿا تہ اسان کي ڇڏ تہ اسين پوئتي ويهندڙن سان گڏ هجون- مقصد تہ جڏهن قرآن ڪريم جي ڪا سورة لاهي ان ۾ تنبيہ ڪئي وڃي ٿي تہ الله تعالىٰ جي پاڪ ذات تي خلوص ۽ پڪائيءَ سان ايمان آڻيو جنهن جو وڏو اثر اهو هجي تہ الله جل جلاله جي پياري رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم سان گڏجي الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو تہ انهن منافقن مان طاقت وارا فرد بہ جان بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ڪوڙا عذر ۽ بهانا ناهي رسول پاڪ صلى الله عليه وسلم ڪان اجازت وٺڻ ايندا آهن تہ اسان کي ڇڏيو تہ پوئتي مدينہ منوره ۾ ويٺلن سان گڏ هجون- "رَضُوا بِأَن يَكُونُوا مَعَ الْخَوَالِفِ" راضي آهن تہ پوئتي رهندڙن سان گڏ هجن- يعني ڪمال بي غيرتيءَ ۽ نامرديءَ جو اظهار ڪندي مدينہ منوره ۾ رهيل عورتن سان گڏ ويهڻ پسند ٿا ڪن- "وَطُبِعَ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُونَ" ۽ انهن جي دلين تي مهر هڻي وئي آهي پوءِ اهي سمجهن ئي نٿا- يعني ڪوڙ، منافقي جهاد ڪان انڪار ڪرڻ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سان جهاد تي گڏ نہ وڃڻ ۽ پوئتي رهڻ جي شامت جي ڪري انهن جي دلين تي مهر لڳائي وئي آهي جو اهي ٿلها ٿلها گناهہ ۽ عيب بہ ڪين نظر نٿا اچن ۽ انتهائي بي همتي ۽ بزدليءَ تي شرمائڻ جي بجاءِ ناز ڪندا ٿا وتن- "لَٰكِنِ الرَّسُولُ وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَهُ جَاهَدُوا بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنفُسِهِمْ وَأُولَٰئِكَ لَهُمُ الْخَيْرَاتُ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ" ۽ پر رسول (صلى الله عليه وسلم) ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو آهي پنهنجن مالن ۽ سرن سان جهاد ڪن ٿا ۽ اهي انهن لاءِ ڀلايون آهن ۽ اهي ئي ڪامياب آهن- يعني منافقن جي سوچ جي برعڪس رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ ان جا پڪا مومن اصحابي سڀ‍ڳورا الله تعالىٰ جي واٽ ۾ جان ۽ مال قربان ڪرڻ جو موقعو ضايع نہ ڪندا آهن پر ان سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ تڙپندا آهن- اهڙن نيڪ بختن جي لاءِ ڀلايون، دين ۽ دنيا جون راحتون، لذتون ۽ عزتون آهن ۽

اهي ٻنهي جهانن ۾ مرادون ماڻيندڙ فلاح ۽ ڪاميابي جا صاحب آهن-

"اَعَدَّاللّٰهُ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ" الله انهن لاءِ اهڙا بهشت تيار ڪيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون انهن ۾ هميشه رهيا پيا هوندا اها وڏي ڪاميابي آهي. يعني منافقن جي مقابلي ۾ مخلص مومنن لاءِ ٻنهي جهانن جي ڀلائي ۽ ڪاميابي يقيني آهي-

وَجَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ الَّذِيْنَ

۽ آيا بهانا ڪندڙ بدوين مان تانت موڪل ڏني وڃي انهن کي ۽ ويٺا اهي جو

كَذَبُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ

ڪوڙو ڄاتائون الله ۽ ان جي رسول کي سگهوئي پهچندو انهن کي جو ڪفر ڪيائون انهن مان

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۹۰﴾ لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَآءِ وَلَا عَلَى الْمَرْضٰى

عذاب دردناڪ ناهي ضعيفن تي ۽ نه بيمارن تي

وَلَا عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ مَا يُنْفِقُوْنَ حَرَجٌ اِذَا نَصَحُوْا

۽ نه انهن تي جو نه ٿا لهن اهو جو خرچ ڪن ڪو گناهه جڏهن خيرخواهي ڪيائون

لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ مَا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ مِنْ سَبِيْلٍ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۹۱﴾

الله ۽ ان جي رسول جي ناهي نيڪوڪارن تي (الزام جو) ڪو رستو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ مدينه منوره ۾ رهندڙ منافقن جي نفاق ۽ سندن مقابلي ۾ مخلصن مجاهدن جي قربانين جو بيان هو ۽ هتي مديني پاڪ کان ٻاهر رهندڙ بدوين منافقن ۽ انهن جي مقابلي ڪندڙن مومنن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي-

"وَجَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ الَّذِيْنَ كَذَبُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ" ۽ ٻهراڙين ۾

رهندڙن (بدوين) مان بهانا پيش كندڙ آيا تانته كين اجازت ڏني وڃي جن الله ۽ ان جي رسول (كريم صلى الله عليه وسلم) كي كوڙو ڄاتو اهي ويهي رهيا- هنن مان مراد مدينه طيبه جي ٻاهرئين علائقي جا رهندڙ عامر بن طفيل ۽ سندس قبيلي جا اهي ماڻهو آهن جن تبوڪ جي جنگ وقت حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي- عرض كيو هو ته جيكڏهن اسين تبوڪ ڏانهن هلنداسون ته اسان كي خطرو آهي ته پويان اسان جا دشمن بني طي قبيلي وارا اسان جي ٻارن ٻچن كي هلاڪ كري ڇڏيندا- حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن انهن كي فرمايو ته الله تعالىٰ مون كي اوهان جي محتاجيءَ كان پناهه ۾ ركندو- الله جل جلاله مون كي اوهان جو سمورو احوال ٻڌائي ڇڏيو آهي- ۽ كي وري اهڙا هيا جيكي اهو ظاهري عذر بهانو پيش كرڻ به نه آيا پر هٺ ڌرمي، وڏائي كري گهرن ۾ ويٺا هئا انهن جو به اهوئي خشر ٿيندو- (۱) "سَيُصِيبُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ" جن انهن مان كفر كيو جلد انهن كي دردناڪ عذاب پهچندو- جنهن ۾ هميشه هوندا- "لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَاءِ وَلَا عَلَى الْمَرْضَىٰ وَلَا عَلَى الَّذِينَ لَا يَجِدُونَ مَا يُنْفِقُونَ حَرَجٌ إِذَا نَصَحُوا لِلَّهِ وَرَسُولِهِ" ضعيفن ۽ بيمارن ۽ انهن تي جيكي خرچ كرڻ لاءِ كجهه به نٿا ركن كوبه گناهه ناهي- ابن ابي حاتم، الافراد ۾ دارالقطني ۽ ابن مردويه حضرت زيد بن ثابت رضي الله عنه كان روايت آندي آهي ته: "مان حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن جي حكم سان سورة البراءة (التوبه) لكندو هوس- جيكو به الله نازل كيو ٿي اهو لكيم ٿي- مان كن تي قلم ركيو ويٺو هوس ته جنگ تي نكرڻ لاءِ حكم آڻيندڙ آيتون نازل ٿيون ۽ حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن ڏسندا رهيا ته ڇا نازل ٿي رهيو آهي- اوچتو هڪ نابينا شخص اچي عرض كيو ته: يارسول الله! مان نابينا آهيان منهنجي لاءِ ڇا حكم آهي؟ ان جي باري ۾ هي فرمان نازل ٿيو- (۲) جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته جيكي ماڻهو واقعي معذور آهن جيئن پوڙها، عاجز پيل، ٻار، عورتون، انڌا، منڊا، ۽ ٿنڊا اهي جيكڏهن الله ۽ ان جي رسول كريم صلى الله عليه وسلم جي خيرخواهي كن ٿا ۽ جنگ ۾ شريڪ نه ٿي سگهيا ته انهن تي كوبه گناهه ناهي- الله ۽ رسول جي خيرخواهيءَ مان مراد آهي ته الله تعالىٰ ۽ ان جي حبيب كريم صلى الله عليه وسلم تي ايمان آڻين ۽ وس آهر اطاعت كرڻ ۾ مخلص هجن ۽ پنهنجي حال آهر اهڙو كم كن جنهن ۾ امت مسلمه جو فائدو هجي

(۱) روح المعاني صـ۱۵۷ جزء۱۰ جلد ۴ (۲) الدرالمنثور صـ۲۶۱ جلد ۴

مجاهدن جون راز ۾ رکڻ جهڙيون ڳالهيون ظاهر نہ ڪن راز ۾ رکن ۽ خيانت ڪندڙن تي ڪڙي نظر رکن-

خيرخواهي ڪرڻ جي اهميت

امام مسلم حضرت تميم داري رضى الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَلدِّيۡنَ النَّصِيحَة. قَالُوا لِمَنۡ يَارَسُولَ اللهِ! قَالَ لِلّٰهِ وَلِكِتَابِهٖ وَلِرَسُوۡلِهٖ وَلِاَئِمَّةِ الۡمُسۡلِمِيۡنَ وَعَامَّتِهِمۡ" دين خيرخواهي ڪرڻ آهي عرض ڪيائون تہ يارسول الله! ڪنهن لاءِ؟ پاڻ فرمايائون تہ الله ۽ ان جي ڪتاب ۽ ان جي رسول ۽ مسلمانن جي اڳواڻن ۽ عام مسلمانن لاءِ- بخاري ۽ مسلم حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي: ان فرمايو تہ: مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي بيعت نماز قائم ڪرڻ، زڪواة ڏيڻ ۽ هر مسلمان جي خيرخواهي ڪرڻ تي ڪئي هئي- (١) مطلب تہ جيئن نماز ۽ زڪواة فرض آهن تيئن مسلمانن جي خيرخواهي ڪرڻ بہ فرض آهي-

"مَا عَلَى الۡمُحۡسِنِيۡنَ مِنۡ سَبِيۡلٍ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ" نيڪو ڪارن تي (الزام هڻڻ جو) ڪو رستو ناهي ۽ الله بخشيندڙ ۽ مهربان آهي- مطلب تہ جيڪي ماڻهو واقعي معذور آهن جيڪڏهن انهن جون دليون صاف آهن الله تعالىٰ ۽ ان جي پياري رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم سان معاملو نيڪ رکيو ٿا اچن مثلاً پاڻ نٿا وڃي سگهن تہ وڃڻ وارن جي همت افزائي ڪن ٿا- ۽ پنهنجي وس آهر نيڪي ڪرڻ لاءِ تيار رهن ٿا انهن تي جهاد ۾ شرڪت نہ ڪرڻ جي ڪري ڪجهہ بہ ناهي- انهن اهڙن مخلصن کان جيڪڏهن بشري تقاضا جي ڪري ڪو گناهہ ٿي بہ وڃي ٿو تہ الله انهن کي بخشي ٿو اهو وڏو بخشيندڙ نهايت مهربان آهي-

وَلَا عَلَى الَّذِيۡنَ اِذَا مَاۤ اَتَوۡكَ لِتَحۡمِلَهُمۡ قُلۡتَ لَاۤ اَجِدُ

۽ نہ انهن تي جو جڏهن آيا تو وٽ تانت سواري ڏين انهن کي تہ فرمايو تو نہ ٿو لهان

مَاۤ اَحۡمِلُكُمۡ عَلَيۡهِ تَوَلَّوۡا وَّاَعۡيُنُهُمۡ تَفِيۡضُ مِنَ الدَّمۡعِ

اها جو سوار ڪيان مان اوهان کي ان تي تہ واپس ٿيا ان حال ۾ جو اکيون انهن جون وهائن ٿيون ڳوڙها

(١) المراغي صہ ١٨٢ جزءِ ١٠ جلد ۴

حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ ﴿۹۲﴾ اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ

ان ڏک کان تہ نہ ٿا لھن اوترو جو (اللہ جي واٽ ۾) خرچ ڪن ان ڪان سواءِ ناهي تہ (الزام جو) رستو صرف انھن تي آهي جو

يَسْتَاْذِنُوْنَكَ وَهُمْ اَغْنِيَآءُ ۚ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا مَعَ

موڪل گھرن ٿا توکان ۽ اھي شاھوڪار آھن راضي ٿيا ھن ڳالھہ تي تہ ھجن

الْخَوَالِفِ ۙ وَطَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۹۳﴾

پوئتي رھندڙن سان ۽ مھر ھنئي اللہ دلين انھن جي تي پوءِ اھي نہ ٿا ڄاڻن

يَعْتَذِرُوْنَ اِلَيْكُمْ اِذَا رَجَعْتُمْ اِلَيْهِمْ ۭ قُلْ لَّا تَعْتَذِرُوْا

بھانا پيش ڪندا اوھان وٽ جڏھن موٽندؤ فرماءِ تہ بھانا پيش نہ ڪيو

لَنْ نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّاَنَا اللّٰهُ مِنْ اَخْبَارِكُمْ ۭ وَسَيَرَى اللّٰهُ

ڪڏھن نہ اعتبار ڪنداسون اوھان جي ڳالھہ تي تحقيق آگاھ ڪيو اسان کي اللہ خبرن اوھان جن کان ۽ ھاڻي ڏسندو اللہ

عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ

عمل اوھان جو ۽ ان جو رسول ان ڪان پوءِ موٽايا ويندؤ طرف ڄاڻندڙ غيب

وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۴﴾

۽ ظاھر جي پوءِ خبر ڏيندو اوھان کي ان جي جو ڪندا ھيئو

تفسير

اڳينءَ آيت ۾ بيان ٿيو تہ "مَاعَلَى الْمُحْسِنِيْنَ مِنْ سَبِيْلٍ" نيڪو ڪارن تي (الزام جو) ڪوبہ رستو ناھي ۽ ھتي انھن جي مقابلي ۾ انھن بدڪارن جو ذڪر آھي جن تبوڪ جي جنگ ۾ شرڪت نہ ڪرڻ جي ڪري عتاب ۽ عذاب سڀ ڪجھہ برداشت ڪيو - ارشاد مبارڪ آھي "وَلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَآ اَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَآ اَجِدُ

مَآ اَحۡمِلُكُمۡ عَلَيۡهِ تَوَلَّوۡا وَّاَعۡيُنُهُمۡ تَفِيۡضُ مِنَ الدَّمۡعِ" ۽ نہ انهن تي جو جڏهن اوهان وٽ آيا تہ انهن کي سواري ڏيو ۽ اوهان انهن کي فرمايو: مان اها سواري نٿو لهان جنهن تي اوهان کي ڪڻان تہ ان حال ۾ واپس ٿيا جو انهن جون اکيون ڳوڙها وهائي رهيون هيون- "حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوۡا مَا يُنۡفِقُوۡنَ" ان ڏک کان تہ نٿا لهن (اوترو مال جو) الله جي واٽ ۾ خرچ ڪن- مقصد تہ اهڙا ماڻهو جيڪي دين جي خدمت لاءِ بي تاب آهن پر ڪنهن حقيقي مجبوريءَ جي ڪري يا ذريعن نہ لهڻ جي ڪري عملاً خدمت نٿا ڪري سگهن تہ انهن جي دل کي ايترو صدمو پهچي ٿو جيئن ڪنهن دنيا جي عاشق کان روزگار جو ذريعو ڪسجي وڃي تہ انهن ۽ انهن جو شمار دين جي خدمت ڪندڙن ۾ ٿيندو ڇو تہ اهي جيتوڻيڪ عملي طور ڪا خدمت ڪري نہ سگهيا پر دل سان همدرد رهيا ۽ اهڙن لاءِ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن تبوڪ کان موٽندي سفر جي دوران فرمايو هو تہ:

"ان بالمدينه اقواما ماسرتم سيرا ولاقطعتم واديا الا كانوا معكم" يقيناً مدينہ (منوره) ۾ اهڙيون قومون آهن جو اوهان ڪا بہ وادي طي نہ ڪئي يا ڪو بہ سفر نہ ڪيو مگر اهي اوهان سان گڏ هئا- اصحابن عرض ڪيو تہ ڇا مدينہ ۾ رهندي؟ فرمايائون: هائو مدينہ ۾ رهندي ڇو تہ مجبوريءَ انهن کي روڪيو هو نہ تہ اهي پاڻ رڪجڻ وارا نہ هئا- "اِنَّمَا السَّبِيۡلُ عَلَى الَّذِيۡنَ يَسۡتَاۡذِنُوۡنَكَ وَهُمۡ اَغۡنِيَآءُ رَضُوۡا بِاَنۡ يَّكُوۡنُوۡا مَعَ الۡخَوَالِفِ وَطَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ فَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ" الزام جو رستو تہ صرف انهن تي آهي جو اوهان کان موڪل گهرڻ آيا حالانڪہ اهي شاهوڪار آهن ان ڳالهہ تي راضي آهن تہ پوئتي رهندڙ عورتن سان گڏ رهيا پيا هجن ۽ الله انهن جي دلين تي ٺپو هڻي ڇڏيو آهي پوءِ اهي ڄاڻن ئي نٿا- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هتي "السَّبِيۡلُ" جي لفظ مان مراد آهي پڪڙڻ جو رستو- مطلب تہ الله تعالیٰ جي طرفان پڪڙ انهن تي ٿيندي جيڪي بهانا ڏاهي حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي بارگاه عالي جاه مان موڪل وٺڻ ايندا هئا حالانڪہ نهايت شاهوڪار ۽ خوشحال هيا ۽ ڪين سفر ۾ وڃڻ لاءِ سواري، خرچ، تندرستي، وغيره هر شيءِ مهيا هئي پر ان طاقت ۽ استطاعت هوندي بہ نهايت بي همت ۽ بي غيرت بنجي مدينہ پاڪ ۾ رهيل عورتن سان گڏ رهڻ پسند ڪيائون جڻ تہ پاڻ بہ عورتون آهن ۽ ان ئي غلط سوچ ۽ غلط رويي جي ڪري الله تعالیٰ سندن دلين تي ٺپو هڻي ڇڏيو پوءِ اهي اها ڳالهہ ڄاڻن ئي نٿا- مطلب تہ ڪين انجام ۽ عاقبت لاءِ سوچڻ جي توفيق ئي نصيب نہ ٿيندي- "يَعۡتَذِرُوۡنَ اِلَيۡكُمۡ اِذَا

رَجَعْتُمْ اِلَيْهِمْ قُلْ لَّاتَعْتَذِرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّاَنَا اللّٰهُ مِنْ اَخْبَارِكُمْ" جڏهن اوهان انهن ڏانهن موٽندؤ ته اوهان وٽ عذر ۽ بهانا پيش ڪندا اوهان فرمايو ته: عذر ۽ بهانا پيش نه ڪيو اسين اوهان تي ڪڏهن به اعتبار نه ڪنداسون يقينًا الله اسان کي اوهان جي احوال جون خبرون ٻڌايون آهن- يعني اهي پوئتي رهيل عورتن سان گڏ رهڻ کي پسند ڪرڻ وارا جڏهن اوهان واپس سلامتيءَ سان مدينه منوره ۾ پهچندؤ ته ڪيترائي عذر ۽ بهانا پيش ڪري اوهان کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا- اي حبيب (ڪريم صلي الله عليه وسلم) اوهان انهن کي فرمايو ته: اوهان اهي عذر ۽ بهانا پيش ئي نه ڪيو اسين اوهان کي انهن ۾ ڪڏهن به نه سچو مڃينداسون ۽ نه اوهان کان مطمئن ٿينداسون ۽ ان جو وجه هي آهي جو الله تعالىٰ اڳي ئي اسان کي اوهان جون خبرون ڏنيون آهن ته اوهان جي دل ۾ هڪڙي ۽ ظاهر ۾ ٻي آهي- ۽ الله تعالىٰ جيڪا خبر ڏني آهي اها حق آهي جنهن ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ ناهي-

سوال

"نَبَّاَنَا" (اسان کي خبر ڏني آهي) جمع ڇو آندو ويو؟ حالانڪه الله تعالىٰ اها خبر ته صرف حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي ڏني هئي ۽ ان مناسبت سان "نباني" اچي ها-

جواب

جمع جي صيغي آڻڻ ۾ اهو اشارو ڏيڻو هو ته الله تعالىٰ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي اها خبر ڏيڻ سان اهو امر به فرمايو آهي ته پاڻ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي به ٻڌائن- پوءِ گويا ته الله تعالىٰ اها خبر سڀني کي ٻڌائي هئي-

"وَسَيَرَي اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" ۽ هاڻي الله ۽ ان جو رسول اوهان جي عملن کي ڏسندا ان کان پوءِ اوهان ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻندڙ (الله تعالىٰ) ڏانهن موٽايا ويندؤ پوءِ جيڪو ڪجهه اوهان ڪيو ٿي ان جي اوهان کي خبر ڏيندو- مطلب ته اوهان جا عذر ۽ بهانا ته ٻڌڻ جهڙا ئي ناهن اهي بالڪل بي ڪار ۽ لغو آهن هاڻي آئنده لاءِ الله ۽ ان جو رسول اوهان جي ڪردار کي ڏسندا ته ڪهڙو ڪردار آهي ۽ اوهان پنهنجي دعوىٰ ۾ ڪيترا سچا آهيو- ان کان پوءِ اوهان کي ان الله پاڪ جي بارگاه ۾ پيش ٿيڻو آهي جيڪو ظاهر ۽ ڳجهه سڀ ڪجهه ڄاڻي

تو ۽ پوءِ جيڪو ڪجهہ ڪندا هيئو ان جي اوهان کي خبر ڏيندو ۽ ان جي موافق اوهان کي جزا يا سزا ملندي منافقن جي سزا تہ الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ ڪولي بيان ڪئي آهي- فرمان عالي شان آهي: "اِنَّ الْمُنٰفِقِیْنَ فِی الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ" (١) يقيناً منافق جهنم جي هيٺاهين طبقي ۾ هوندا-

سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ اِذَا انْقَلَبْتُمْ اِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوْا

جلدي قسم ڪڻندا الله جو اوهان لاءِ جڏهن موٽندؤ انهن ڏانهن تانت منهن ڦيرايو

عَنْهُمْ ؕ فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمْ ؕ اِنَّهُمْ رِجْسٌ وَّ مَاْوٰىهُمْ

انهن کان پوءِ منهن موڙيو انهن کان بيشڪ اهي پليد آهن ۽ جاءِ انهن جي

جَهَنَّمُ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝٩٥ يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ

جهنم آهي بدلي ان جي جيڪي ڪمايائون ٿي قسم ڪڻن ٿا اوهان جي لاءِ

لِتَرْضَوْا عَنْهُمْ ۚ فَاِنْ تَرْضَوْا عَنْهُمْ

تانت راضي ٿيو انهن کان پوءِ جيڪڏهن اوهان راضي ٿيندؤ انهن کان

فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَرْضٰى عَنِ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ۝٩٦

پوءِ بيشڪ الله نہ ٿو راضي ٿئي قوم فاسق کان

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ بيان ٿيل آيتن ۾ منافقن جي بهانن ۽ ڪوڙن حيلن جو ذڪر هو ۽ هتي انهن جي انهن ڪوڙن قسمن جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪي اهي مسلمانن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪڻندا هئا- فرمان مبارڪ آهي- "سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ اِذَا انْقَلَبْتُمْ اِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوْا عَنْهُمْ فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمْ اِنَّهُمْ رِجْسٌ وَّمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ

(١) النساء آيت ١۴٥

جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوا يَكْسِبُونَ" عنقريب اوهان(کي مطمئن ڪرڻ) جي لاءِ قسم کڻندا جڏهن اوهان انهن ڏانهن موٽندا تانته اوهان انهن کان درگذر ڪيو (معاف ڪيو) پوءِ انهن کان منهن موڙيو (تعلقات ٽوڙي ڇڏيو) بلاشڪ اهي پليد آهن ۽ انهن جي جاءِ جهنم آهي ان جي بدلي ۾ جيڪو ڪمايا ٿون ٿي- يادرکڻ گهرجي ته هن آيت ۾ استعمال ٿيل لفظ "لِتُعْرِضُوا" ۽ "فَأَعْرِضُوا" ٻئي اعراض کان ورتل آهن ۽ اعراض مختلف معنائن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي ڪٿي معاف ۽ درگذر ڪرڻ جي معنىٰ ۾ ته ڪٿي تعلقات ٽوڙڻ جي معنىٰ ۾- هن آيت ۾ "لِتُعْرِضُوا" معاف ڪرڻ جي معنىٰ ۾ آيل آهي ۽ "فَأَعْرِضُوا" ۾ منهن موڙڻ ۽ تعلقات ٽوڙڻ جي معنىٰ ۾ آيل آهي- مطلب هي آهي ته: جڏهن اوهان جنگ تبوڪ کان واپس ٿيندؤ ته اهي منافق اوهان وٽ اچي ڪوڙا قسم کڻندا ته اسان کي معاف ڪيو اسان کي هي هي مجبوريون هيون آئنده جي لاءِ اسان کي جيئن حڪم ڪندؤ تيئن ڪنداسون هر هڪ جنگ ۾ جوش ۽ جذبي سان حصو وٺنداسون پر اوهان کي حڪم هي آهي ته انهن کان مڪمل طرح تعلقات ٽوڙي ڇڏيو- ۽ ٿيو به ائين جو حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جيئن ئي مدينه منوره ۾ پهتا ته حڪم فرمايائون ته: انهن منافقن سان نه ويهو ۽ نه ئي انهن سان ڳالهايو- ۽ ان جو سبب اهو آهي جو اهي پليد آهن- هن پليديءَ مان مراد انهن منافقن جي باطني روحاني پليدي آهي- پوءِ جيئن جسماني پليدين کان پاسو ڪيو آهي تيئن روحاني پليدين کان به پاسو ڪرڻ نهايت اهم آهي ته متان ڪو متاثر ٿي انهن برن عقيدن ۽ عملن ڏانهن لاڙو ڪري- (۱) "يَحْلِفُونَ لَكُمْ لِتَرْضَوْا عَنْهُمْ فَإِنْ تَرْضَوْا عَنْهُمْ فَإِنَّ اللَّهَ لَا يَرْضَىٰ عَنِ الْقَوْمِ الْفَاسِقِينَ" اوهان کي قسم کڻي چون ٿا ته(اسين مجبور هياسون ان جي لاءِ) تانته اوهان انهن کان راضي ٿيو پوءِ جيڪڏهن اوهان انهن کان راضي ٿيندو ته به يقينًا الله فاسق قوم کان راضي نه ٿيندو- مطلب ته: اهي منافق قسم کڻي اوهان کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ بالفرض جيڪڏهن اوهان انهن سان راضي ٿي به ويندو ته به الله انهن سان راضي نه ٿيندو- مسلمانن کي راضي ڪرڻ لاءِ اهي ڪوڙا قسم عبدالله بن ابي منافق ڪنيا هئا ته آئنده جي لاءِ ڪنهن به جنگ کان پوئتي نه رهندس- (۲)

فائدو- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو ته پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ هرو ڀرو قسم کڻڻ منافقن جو ڪم آهي جيئن هن هلندڙ دور ۾ اهل سنت وجماعت

(۱) التفسيرالڪبير صه۱۶۴ جزءِ ۱۶ (۲) القرطبي صه ۲۳۱ جلد ۸

جي مخالف مذهبن وارا تقريرن دوران قرآن ڪريم مٿي تي يا هٿ ۾ ڪٽي ڇوندا آهن
تہ اسين حق تي آهيون ۽ اهل سنت وجماعت وارا مشرڪ بدعتي اٿو وغيره وغيره. معاذالله

اَلْاَعْرَابُ اَشَدُّ كُفْرًا وَّنِفَاقًا وَّاَجْدَرُ اَلَّا يَعْلَمُوْا

بدوي تمام سخت آهن ڪفر ۽ منافقيءَ ۾ وڌيڪ لائق آهن هن ڳالھ جا جو نہ ڄاڻن

حُدُوْدَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۹۷﴾

حدون ان جون جيڪو نازل ڪيو الله رسول پنهنجي تي ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي

وَمِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يَّتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ مَغْرَمًا وَّيَتَرَبَّصُ بِكُمُ

۽ بدوين مان اهي بہ آهن جو سمجهن ٿا جيڪو خرچ ڪن ٿا ڇٽي ۽ انتظار ڪن ٿا اوهان تي

الدَّوَآئِرَ ؕ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۹۸﴾

گردشن (جي اچڻ) جو. انهن تي ئي آهي بڇڙي گردش (زماني جي) ۽ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن منافقن جو ذڪر هو جيڪي مدينہ منوره ۾ رهندا هئا ۽ هتي انهن منافقن جو ذڪر آهي جيڪي مدينه منوره کان ٻري ٻاهر رهندا هئا. فرمان مبارڪ آهي "اَلْاَعْرَابُ اَشَدُّ كُفْرًا وَّنِفَاقًا وَّاَجْدَرُ اَلَّا يَعْلَمُوْا حُدُوْدَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ" بدوي (ٻهراڙي ۾ رهندڙ) ڪفر ۽ منافقيءَ ۾ تمام سخت آهن ۽ جيڪي حدون الله پنهنجي رسول تي نازل فرمايون آهن انهن کي نہ ڄاڻڻ لاءِ وڌيڪ لائق آهن ياد رکڻ گهرجي تہ ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو قدرتي طور عمومًا تيز طبع ۽ ضدي هوندا آهن ۽ علم وحڪمت جي مجلسن کان ٻري رهڻ جي ڪري تهذيب ۽ اخلاق جي اثر، علم ۽ عرفان جي روشنيءَ کي گهٽ قبول ڪندا آهن ان جي ڪري اهي ڪفر ۽ منافقيءَ ۾ شهري ڪافرن ۽ منافقن کان سخت هوندا آهن انهن کي اهڙا

موقعا تمام گهڻ ملندا آهن جو اهل علم ۽ اصلاح جي صحبت ۾ رهي ڪري دينداريءَ ۽ تهذيب جا اهي قانون ۽ قاعدا معلوم ڪن جيڪي الله جل جلاله پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام تي نازل فرمايا علم ۽ معرفت ئي اها شيءِ آهي جيڪا انسان جي دل کي نرم ڪندي ۽ مهذب بنائيندي آهي پوءِ جيڪي ماڻهو جهالت ۾ غرق هوندا ظاهر آهي ته انهن جون دليون سخت هونديون ۽ ڪفر ۽ منافقيءَ جي جنهن رستي تي هوندا ته جهنگ جي جانورن وانگر انڌا ٿي هلندا رهندا نه ڪنهن جي ٻڌندا نه ڪنهن جي صلاح وٺندا "وَمِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يَّتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ مَغْرَمًا وَّيَتَرَبَّصُ بِكُمُ الدَّوَآئِرَ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ" ۽ ٻدوين مان ڪي اهي آهن جو جيڪو خرچ ڪندا آهن ان کي ڇٽي سمجهندا آهن ۽ اوهان تي (زماني جي) گردشن جي اچڻ جو انتظار ڪندا آهن انهن تي ئي برائيءَ جي گردش آهي يعني انهن ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙن منافقن مان ڪي اهڙا به آهن جو جيڪڏهن الله تعالىٰ جي واٽ ۾ ڪجهه خرچ ڪرڻو پوندو اٿن ته ان کي ڇٽي سمجهندا آهن ۽ اهي اجان اهو انتظار ڪن ٿا ته مسلمان دنياوي حادثن جي ڪنهن چڪر ۾ اچن "وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ" ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. مطلب ته الله تعالىٰ هر ڪنهن جي ڳالهه يا دعا وغيره ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي ته ڪير عزت ۽ ڪاميابيءَ جو اهل آهي ۽ ڪير ذلت ۽ خواريءَ جو لائق آهي.

وَمِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَيَتَّخِذُ

۽ ٻدوين مان ڪو اهو آهي جيڪو ايمان آڻي ٿو الله تي ۽ ڏينهن قيامت تي ۽ وٺي

مَا يُنْفِقُ قُرُبٰتٍ عِنْدَ اللّٰهِ وَصَلَوٰتِ الرَّسُوْلِ

اهو جو خرچ ڪري ٿو ويجهڙائيءَ جو ذريعو الله وٽ ۽ رسول جي دعائن حاصل ڪرڻ جو

اَلَآ اِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ سَيُدْخِلُهُمُ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ

خبردار بيشڪ اهو قرب جو ذريعو آهي انهن جي لاءِ جلد داخل ڪندو انهن کي الله پنهنجيءَ رحمت ۾

اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۹۹﴾

بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ آيل آيتن ۾ ٻهراڙين ۾ رهندڙن منافقن جو بيان هو ته اهي منافقيءَ ۾ سخت آهن ۽ هتي ٻهراڙين ۾ رهندڙن مومنن جي ايمان ڪامل جو بيان ٿي رهيو آهي منافقيءَ جي انڌيري کان پوءِ ايمان جي نور جو بيان ڪيو ويو آهي. فرمان عالي شان آهي "وَمِنَ الْأَعْرَابِ مَنْ يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَيَتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ قُرُبَاتٍ عِنْدَ اللَّهِ وَصَلَوَاتِ الرَّسُولِ" ۽ بدوين (ٻهراڙين جي رهاڪن) مان ڪي اهڙا آهن جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻين ٿا ۽ جيڪي خرچ ڪن ٿا ان کي الله وٽ ويجهڙاين ۽ رسول (عليه الصلواة والسلام) جي دعائن حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهن ٿا هن آيت ۾ قرآن ڪريم جي معجزانه تاثير ۽ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي تعليم جو حيرت انگيز ڪرشمو ڏيکاريو ويو آهي ته انهن ٿي سخت مزاج، پٿر دل، ۽ سخت عادت ٻهراڙيءَ جي رهاڪن مان جيڪي ڪفر، منافقيءَ، بي علميءَ ۽ سرڪشيءَ جي ڪري ان ڳالهه جا لائق ٿي نه هئا ته الله جل جلاله جي ٻڌايلن قاعدن ۽ قانونن کي سمجهن انهن مان محبوب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي تعليم ۽ قرآن ڪريم جي پرڪشش آواز اهڙا عارف ۽ مخلص فرد پيدا ڪيا جيڪي ايمان آڻڻ وارين سيني شين تي ايمان رکن ٿا ۽ الله جل شانه جي واٽ ۾ جو ڪجهه خرچ ڪن ٿا ان کي رب العالمين عز شانه جي رضا، قرب ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي دعائن حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهن ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته "صلوات" صلواة جو جمع آهي ۽ اهو مختلف معنائن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

جيڪڏهن ان جي نسبت الله جل شانه ڏانهن ڪيل هوندي ته ان مان مراد "رحمت" خير ۽ برڪت آهي جيئن فرمان مبارڪ آهي، "هُوَ الَّذِي يُصَلِّي عَلَيْكُمْ وَمَلَائِكَتُهُ" اهو "الله" ئي ته آهي جيڪو اوهان تي رحمت موڪلي ٿو ۽ ان جا ملائڪ (رحمت موڪلڻ جي دعا ڪن ٿا) ۽ جيڪڏهن ان جي نسبت ملائڪن ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن ڪيل هوندي ته ان مان مراد دعا آهي. ملائڪن جو ذڪر ته هيٺ گذريو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي لاءِ جيئن الله تعالىٰ جو فرمان مبارڪ آهي "وَصَلِّ عَلَيْهِمْ إِنَّ صَلَاتَكَ سَكَنٌ"

لَهُمْ " (۱) ۽ انهن لاءِ دعا ڪرڻ فرمايو بيشڪ اوهان جي دعا انهن لاءِ سڪون آهي مطلب تہ اوهان جي دعا انهن کي ثابت رکڻ واري ۽ انهن لاءِ اطمينان جو سبب آهي (۲) "اَلَاۤ اِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ سَيُدْخِلُهُمُ اللّٰهُ فِىْ رَحْمَتِهٖ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" خبردار بلاشڪ اها انهن جي لاءِ تقرب جو ذريعو آهي الله تعالى انهن کي جلد پنهنجيءَ رحمت ۾ داخل ڪندو بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي- هن عبارت ۾ رب پاڪ انهن مؤمنن کي بشارت ڏني تہ اهي جنهن نيتن سان خرچ ڪن ٿا ڪين ضرور ملندي الله تعاليٰ جلد ڪين پنهنجيءَ رحمت ۾ جاءِ ڏيندو. ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جون پاڪ ۽ محبوب دعائون تہ پنهنجن ڪنن سان ٻڌي ۽ اکين سان ڏسي رهيا آهن علامه صاوي عليه الرحمة "صَلَوَاتِ الرَّسُوْلِ" جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ " لانه الواسطه العظميٰ في کل نعمه فتجب ملاحظته في کل عمل لله " يعني رسول پاڪ عليه الصلواة والسلام جون دعائون حاصل ڪرڻ ان جي ڪري بيان ڪيون ويون آهن جو پاڻ هر نعمت ملڻ ۾ وڏو واسطو آهن ۽ سڀني اڳتي هلي لکيو اٿس تہ " فمن زعم انه يصل الي رضاء الله بدون اتخاذه صلي الله عليه وسلم واسطووسيله بينه وبين الله تعاليٰ ضل سعيه وخاب رايه فهو باب الله الاعظم وسره الافخم والوصول اليه وصول الي الله لان الحضرتين واحدة ومن فرق لم يذق للمعرفه طعما "۲" يعني جنهن اهو گمان ڪيو تہ اهو رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي پنهنجي ۽ مالڪ مٺي جي وچ ۾ واسطي ۽ وسيلي وٺڻ کان سواءِ الله تعاليٰ جي رضا تائين پهچندو ان جي ڪوشش بيڪار ۽ فڪر نقصان ۾ ويندو پوءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن الله جو وڏو دروازو ۽ وڏو راز آهن انهن وٽ پهچڻ الله تعاليٰ وٽ پهچڻ آهي ۽ ٻئي بارگاهون هڪ آهن جنهن انهن ۾ جدائي ڪئي ان کي معرفت جي لذت چکڻ نصيب نہ ٿيندي اَلَاۤ اِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ جو تفسير ڪندي ابن ڪثير لکيو آهي تہ اي الا ان ذالک حاصل لهم "۱" يعني جنهن ارادي ۽ مقصد لاءِ اهي خرچ ڪن ٿا اهو انهن کي حاصل آهي.

فائدو: "قُرُبَاتٍ عِنْدَاللّٰهِ" سان گڏ "صَلَوَاتِ الرَّسُوْلِ" آڻڻ مان ثابت ٿيو تہ نيڪ عملن ۾ الله تعاليٰ جي رضا منديءَ سان گڏ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خوشنوديءَ ۽ دعائن حاصل ڪرڻ جي نيت ڪرڻ شرڪ ۽ منع نہ آهي بلڪ

"۱" القرطبي صہ ۲۳۴ جلد ۸ "۲" الصاوي صہ ۱۵۴ جزءِ ۲

قبوليت جو ذريعو آهي. ان جي ڪري نماز، روزي، حج، زڪواة وغيره سيني عبادتن ۾ هيءَ نيت ڪرڻ ته الله تعالىٰ راضي ٿئي ۽ محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن راضي ٿي دعا ڪن تمام ڀلو آهي حضور عليه الصلواة والسلام جي رضا رب پاڪ جي رضا آهي.

وَالسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ

۽ اڳرائي ڪندڙ، پهريان مهاجرن مان ۽ انصارن مان ۽ اهي جو

اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ

تابعداري ڪيائون انهن جي احسان سان راضي ٿيو الله انهن کان ۽ راضي ٿيا ان کان

وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا

۽ تيار ڪيائين انهن لاءِ بهشت وهن ٿيون هيٺان انهن جي نهرون هميشه رهندڙ هوندا انهن ۾ دائمي طور

ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۰۰﴾

اهو وڏي ڪاميابي آهي.

تفسير

هن آيت کان پهريان ڀهراڙين ۾ رهندڙن منافقن جي نفاق ۽ غلط ڪارين جو ذڪر ۽ اتي جي رهاڪن مومنن مخلصن جي ايمان جي ڪمال، سچائيءَ ۽ صداقت جو بيان ڪرڻ کان پوءِ مدينه منوره ۾ رهندڙن سچن، پڪن ۽ مخلص مومنن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَالسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ" ۽ (سيني کان) اڳيان ۽ (سيني کان پهريان مهاجر ۽ انصار ۽ جيڪي

احسان (نهايت سٺي نموني) سان سندن تابع ٿيا الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا ۽ انهن لاءِ اهڙا بهشت تيار ڪيا اٿس جن جي هيٺان نهرون وهن پيون انهن ۾ هميشه رهندڙ هوندا اها وڏي ڪاميابي آهي.

مهاجرن ۽ انصارن جو شان

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت پاڪ ۾ انهن عظيم هستين مهاجرن ۽ انصارن ۽ ڪين ملڻ وارين نعمتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن الله جل مجده جي محبوب مڪرم، نور مجسم، نبي اعظم ﷺ جي سڏ کي ان وقت جيءُ چيو جڏهن ان کي قبول ڪرڻ هزارين مصيبتن ۽ تڪليفن کي دعوت ڏيڻ جي برابر هو. انهن اسلام جي مدد لاءِ پاڻ کي ان وقت پيش ڪيو جنهن وقت اسلام نهايت بيڪسيءَ جي حالت ۾ هو الله جل شانه کي انهن پاڪ ۽ صاف پيارن ٻانهن جي مٿان ناز آهي بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ ساري انسانيت کي انهن تي ناز آهي انهن حق کي صرف حق جي لاءِ قبول ڪيو ۽ حق کي فروغ ڏيڻ ۽ ڪمال جي مرتبي تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجو وطن ڇڏيو پنهنجن مٽن ۽ مائٽن جا واسطا ٽوڙيا ۽ پنهنجا سر صدقي ڪيا قرآن پاڪ جي هن آيت ۽ اهڙي طرح ٻين آيتن ٻڌايو آهي تہ الله تعالىٰ انهن مخلص ۽ جان قربان ڪندڙن ٻانهن کان راضي آهي ۽ انهن ٻانهن بہ جڏهن ڏٺو تہ رب ڪريم سندن قربانين، محنتن ۽ مجاهدات کي قبوليت جو شرف بخشيو آهي تہ سندس ان بنده پروري ۽ ذره نوازيءَ کي ڏسي راضي رهيا الله تعالىٰ انهن کي پنهنجي رضا (جيڪا اصلي ۽ حقيقي نعمت آهي) سان گڏ جنت جي ابدي نعمتن سان بہ نوازي، سرافراز فرمائي اهو بہ ٻڌايو آهي تہ اهي نعمتون نہ صرف انهن لاءِ آهن پر جيڪي بہ قيامت تائين سندن نقش قدم تي هلندا انهن لاءِ بہ تيار آهن ۽ اهي بہ انهن رباني عنايتن جا حقدار بنجندا الله تعالىٰ جيڪو ظاهر ۽ باطن کي ڄاڻندڙ آهي ان صحابہ ڪرام جي شان کي پاڻ پنهنجي مقدس ڪتاب ۾ کولي کولي بيان ڪري ڇڏيو آهي.

مسلمان ڀائرو! ذرا سوچي فيصلو ڏيو.

قارئين ڪرام کي گذارش آهي تہ ايمان ڪامل سان فيصلو ڏيو تہ جن جون سهڻيون صفتون رب العزة جل شانه پاڻ بيان ڪري جن جي ايمان جو شاهد بہ پاڻ هجي، جن کي جنت ڏيڻ جو اعلان بہ پاڻ ڪري اهڙين هستين لاءِ برو ذهن ۽ گندو عقيدو رکڻ شيطان جي طرفان وڏو ڌوڪو ۽ مسلمان دشمني نہ آهي تہ ٻيو ڇا

آهي؟ اصحاب سڳورا رب العزة جل شانه جي توحيد ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام جي رسالت واريءَ روشن شمع تان ان لاءِ قربان نه ٿيا هئا ته بعد ۾ اچڻ وارو نالي جو مسلمان سندن مدح ۽ ثنا ڪري انهن جي پيش نظر ته صرف الله تعالىٰ جي رضا ۽ ان جي پياري رسول عليه الصلواة والسلام جي خوشي حاصل ڪرڻ هئي جيڪا کين عطا ٿي ۽ الله ۽ ان جي رسول پاڪ ﷺ جي مهربان ۽ راضي هجڻ کان پوءِ ٽن خليفن حضرت ابو بڪر رضي الله عنه، حضرت عمر رضي الله عنه، حضرت عثمان رضي الله عنه کي گمراه شيعا جيڪڏهن گهٽ سمجهي گند ڳالهائيندا يا حضرت علي رضي الله عنه حضرت حسن حضرت حسين رضي الله عنهم کي خارجي پليد جيڪڏهن برو چوندا ته انهن پيارن جي شان تي ڪو اثر نه پوندو پر پنهنجي لاءِ الاهي عذاب حاصل ڪندا. ها سچي مسلمان کي ايترو افسوس ضرور ٿئي ٿو ته ڪاش! اهي بئي ٽولا انهن پيارن جي نقش قدم تي هلي الله تعالىٰ جي رحمت جا مستحق ٿي سگهيا ٿي پر انهن کان منهن موڙي پاڻ کي محروم بڻائي ڇڏيائون.

فائدا- هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا "۱" پراڻو مسلمان هجڻ الله جل جلاله جي نعمت ۽ انسان جي سهڻي صفت آهي. جيئن "اَلسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ" مان واضح ٿي رهيو آهي جو رب العزة جل مجدة پراڻن مومنن کي ان لقب سان مدح جي مقام ۾ ذڪر ڪيو آهي "۲" ڏکئي وقت ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ اسلام جي خدمت ڪرڻ، قرباني ڏيڻ وڏي فضيلت ۽ شان جو باعث آهي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم مان جن اسلام ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن لاءِ ڏکئي وقت ۾ قربانيون ڏنيون انهن کي "اَلسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ" سڏيو ويو آهي.

"۳" اصحابن سڳورن، مهاجرن ۽ انصارن ٻنهي جماعتن جي الله تعالىٰ جي پاڪ بارگاهه ۾ عزت آهي پر مهاجر سڳورا انصارن کان وڌيڪ شاندار، مرتبي ۽ فضيلت جا مالڪ آهن جو انهن کي قرآن پاڪ انصارن سڳورن رضي الله عنهم کان پهريان ذڪر ڪيو آهي "۴" اصحابن سڳورن ۽ قيامت تائين سندن نقش قدم تي هلڻ وارن لاءِ قرآن پاڪ "رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ" جو لفظ آندو آهي ان جي ڪري انهن لاءِ "رضي الله عنهم" چوڻ صحيح ۽ درست آهي.

سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه سيني اصحابن کان افضل آهي

حضرت ابو بڪر جي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن سان گڏ هجرت ڪرڻ مان ثابت ٿيو ته پاڻ سيني اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کان افضل ۽ پلو

آهي پاڻ حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم کي پنهنجي ڪلهي تي کڻي ثور نالي غار جي منهن تي پهچائي پوءِ غار ۾ اندر لهي غار کي صاف ڪيائين ۽ جيڪي اندر سوراخ هيا، پنهنجي چادر وغيره ڦاڙي اهي سوراخ بند ڪيائين پوءِ رسول الله ﷺ جن کي اندر لهڻ لاءِ عرض ڪري ڪين پنهنجيءَ هنج ۾ آرام ڪرايائين ۽ ان وچ ۾ هڪ وڏي سوراخ تي رکيل پير کي ڪيترا پيرا نانگ ڏنگ هنيا ۽ ان جي زهر جي اثر جي ڪري سندس اکين مبارڪن مان ڳوڙها ڳڙي پيا پر ان ارادي سان ته محبوب عليه الصلواة والسلام جي آرام ۾ خلل نه پوي نه دانهن ڪيائين نه پير لوڏيائين.ان جي ڪري پاڻ خلافت ۾ به اول رهيو. علامه رازي مٿينءَ حقيقت کي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ لکيو آهي ته: هذه الايه من ادل الدلائل علىٰ فضل ابي بكر وعمر رضي الله عنهما وعلىٰ صحه امامتهما (١) يعني هيءَ آيت حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما جي شان ۽ سندن خلافت جي صحيح هجڻ جي دليلن مان وڏو دليل آهي الله تعالىٰ ان کي "ثَانِيَ اثْنَيْنِ" فرمايو آهي ته ان کي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ظاهري رحلت کان پوءِ امت جي امور کي سنڀالڻ جو حق هو ڪير آهي جو ان کي ٻئين نمبر تي رکي جيئن هڪ شاعر جو شعر آهي.

موت مين قبر مين اور حشر مين ثاني هي رهے
ثاني اثنين كے اس طرح هين مظهر صديق

خلفاءِ راشدين جي خلافت برحق آهي

هن آيت جي جملي "رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ" مان ثابت ٿيو ته خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم جي خلافت برحق ۽ صحيح هئي ڇو ته الله جل جلاله کان اهي خلافت واريون ڳالهيون لڪل نه هيون ان کي علم هوءِ آهي ته اهي چار ئي يار ان ترتيب سان خليفا ٿيندا جيڪڏهن انهن جي اها خلافت صحيح نه هجي ها ته رب العزت جل شانه قرآن ڪريم ۾ انهن کي پنهنجي طرفان راضي هجڻ وارو اعزاز عطا نه ڪري ها."١"

صحابه ڪرام جو تعداد

ياد ڪرڻ گهرجي ته سڀئي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي پيارن اصحابن رضي الله تعالىٰ عنهم جو تعداد هڪ لک چوويهه هزار (١٢۴٠٠٠) آهي

(١) التفسير الكبير صـ١٦٩ جزءُ ١٦

انهن مان ٽي سئو تيرنهـ (۳۱۳) بدروارا جن مان چار خلفاءِ راشدين آهن ۽ انهن مان هڪ غار وارو يار آهي انبياءِ عظام عليهم الصلواة والسلام کان بعد ٻين سڀني کان افضل سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه آهي (بلا تشبيه وتساوي) جيئن الله جل جلاله جا نبي عليهم الصلواة والسلام ٻه هڪ لک چوويهه هزار (۱۲۴۰۰۰) آهن انهن مان ٽي سئو تيرهن (۳۱۳) رسول ۽ چار اولو العزم (حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذات عالي صفات کان سواءِ) ۽ هڪ مصطفىٰ ۽ محبوب آهي (عليه افضل الصلوات واکمل التحيات)

اعتراض- هن آيت مان ظاهر آهي تہ الله جل جلاله جي پيارن اصحابن پلارن جي لاءِ "رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ" آيل آهي ۽ انهن جي لاءِ ئي اهو جملو استعمال ڪرڻ گهرجي پوءِ اوهان مان عالم يا عام ماڻهو اوليائن سڀني لاءِ بہ رضي الله عنه چوندا آهن جيئن غوث اعظم، خواجہ معين الدين چشتي، حضرت پير مٺا سائين ۽ حضرت مرشدي سهڻا سائين رضي الله عنهم. ڇا اهو جائز آهي؟

جواب- ان ئي آيت مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ الله عز برهانه جي سڀني صالحن، فرمانبردارن، ٻانهن لاءِ رضي الله عنهم چئي سگهجي ٿو ڇو تہ "وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ" (۽ جيڪي سندن نيڪيءَ سان تابعدار ٿيا) ۾ قيامت تائين اصحابن جي تابعداري ڪندڙ صالح مومن مسلمان داخل آهن ۽ سورة البينات پاره ۳۰ ۾ ارشاد آهي "رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ذَالِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ" الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا اهو ان جي لاءِ آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي ٿو. المقصد تہ قيامت تائين الله تعالىٰ کان ڊڄندڙن ٻانهن لاءِ بہ اهو اعزاز آهي.

سوال: "وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ" ۾ اتباع سان احسان جو قيد ڇو لڳايو ويو؟

جواب: اصحابن سڀني رضي الله عنهم جي صرف اتباع (تابعداري) ڪرڻ ڪافي ناهي انهن وانگر ظاهري عمل تہ منافق بہ ڪندا هئا پر اهي مقبول نہ ٿيا اصحابن پلارن جي اتباع اها مقبول آهي جيڪا احسان سان ڪئي وڃي هتي احسان مان مراد آهي اصحابن کي ڀلو ڄاڻڻ، ڀلو چوڻ، ڀلو مڃڻ دل سان انهن کي ڀلو سمجهڻ، زبان سان انهن جي تعريف ۽ ثنا ڪرڻ انهن جي عيب جوئي ۽ گلا کان بچڻ.

سوال: ڇا اصحابن سڀني کان ڪا بہ غلطي نہ ٿي سگهندي يا اهي نبين پيارن عليهم الصلواة والسلام وانگر معصوم آهن؟

جواب: نہ، اهي معصوم ناهن انهن کان غلطي ٿيڻ ممکن آهي پر جڏهن تہ اهي الله جل شانه جي بارگاه ۾ فوراً توبه ڪندا هئا ان جي ڪري "اُولٰۗىِٕكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ" (۱) جي حڪم مطابق سندن گناهہ نيڪين سان بدلجي ويا ۽ رب پاڪ انهن کان راضي هيو، آهي ۽ هوندو.

وَمِمَّنْ حَوْلَكُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ۛ وَمِنْ اَهْلِ

۽ انهن مان جيڪي چوڌاري اوهان جي آهن ٻهراڙيءَ وارن مان منافق آهن ۽ مديني

الْمَدِيْنَةِ ۛ مَرَدُوْا عَلَى النِّفَاقِ ۣ لَا تَعْلَمُهُمْ ۭ نَحْنُ نَعْلَمُهُمْ ۭ

وارن مان پڪار هيا منافقيءَ تي نہ تو ڄاڻين تون انهن کي اسين ڄاڻون ٿا

سَنُعَذِّبُهُمْ مَّرَّتَيْنِ ثُمَّ يُرَدُّوْنَ اِلٰى عَذَابٍ عَظِيْمٍ ۱۰۱

انهن کي جلد عذاب ڪندا سون انهن کي ٻہ ڀيرا ان کان پوءِ موٽايا ويندا عذاب وڏي ڏانهن

تفسير

هن آيت کان اڳين آيتن ۾ ٻري ۽ ٻهراڙين ۾ رهندڙن منافقن جو ذڪر هو جن تائين ايمان جي روشني ۽ نبوت جو فيض پهتو پر منافقيءَ کان نہ مڙيا ۽ هن آيت ۾ انهن منافقن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي يا تہ مدينه منوره ۾ ئي رهندا هئا يا مدينہ پاڪ کي بالڪل ويجها هئا. اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ اصحابن سڳورن جي احسان سان تابعداري ڪندڙن کان الله راضي آهي ۽ ان ۾ ڪو قيد يا شرط لڳل نہ هو تہ انهن سان گڏ رهن يا ويجها رهن هتي ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن انهن وانگر مومن ناهن ۽ انهن جي احسان سان تابعداري نہ ٿا ڪن تہ ڀلي ويجهو رهن يا مدينہ ۾ رهن تہ بہ اهي منافق آهن مومن ناهن انهن لاءِ دنيوي سزا ۽ اخروي عذاب تيار آهي. فرمان مبارڪ آهي "وَمِمَّنْ حَوْلَكُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ۛ وَمِنْ اَهْلِ الْمَدِيْنَةِ ۛ

(۱) سورة الفرقان آيت ۷۰

مَرَدُوا عَلَى النِّفَاقِ" ۽ اوهان جي چئو طرف رهندڙن ٻهراڙين وارن مان به منافق آهن ۽ مديني وارن مان منافقيءَ جا عادي ۽ ان تي پڪا رهندڙ آهن هتي الله جل جلاله مدينه منوره جي ويجهو رهندڙن جهينه، مزينه، اسلم، اشجع ۽ غفار قبيلي جي سچن مخلص مومنن کي ٻڌايو آهي ته اوهان جي چئو طرف به منافق آهن ۽ مدينه منوره ۾ کي منافق آهن جو نفاق انهن جي عادت بنجي چڪو آهي ان تي پڪا ٿيو بيٺا آهن " لَاتَعْلَمُهُمْ نَحْنُ نَعْلَمُهُمْ " تون انهن کي نه ٿو ڄاڻين اسين انهن کي ڄاڻون ٿا مطلب ته اهي منافقيءَ ۾ ايترا ته قابل ۽ راز دار آهن جو منهنجا سهڻا حبيب! (عليه الصلواة والسلام) اوهان پنهنجي فراست جي ڪمال هوندي به اسان جي ڄاڻائڻ کانسواءِ انهن کي ڪونه ٿا ڄاڻو. اسين انهن کي ڄاڻون ٿا. (۱) اهي منافقيءَ ۾ ايترا عميق ۽ اونها آهن جو عام منافقن وانگر منهن،لب،لهجي ۽ ڳالهه ٻولهه سان ظاهر نه ٿا ٿين، "سَنُعَذِّبُهُمْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ يُرَدُّوْنَ اِلٰى عَذَابٍ عَظِيْمٍ" جلد اسين انهن کي ٻه ڀيرا عذاب ڪندا سون ان کان پوءِ وڏي عذاب ڏانهن موٽايا ويندا.

ٻن عذابن مان مراد ڇا آهي؟

سمجهڻ گهرجي ته هتي منافقن کي وڏي عذاب کان اڳ ۾ ٻن عذابن ملڻ جو اطلاع ڏنو ويو آهي. وڏو عذاب ته آخرت وارو آهي پر ٻن عذابن مان مراد ۾ مختلف قول آهن "۱" دنيا ۾ خواري ۽ بدنامي جيئن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جمعه جي ڏينهن منبر تي تشريف فرمائي تقريبًا ڇٽيهن (۳٦) منافقن جا نالا وٺي فرمايو اي فلاڻا! مسجد مان نڪري وڃ تون منافق آهين" ان نموني سان اهي نڪتا ۽ اهو انهن لاءِ وڏي ذلت،خواري ۽ هڪ قسم جو عذاب هو ۽ سندن مال،ملڪيت به ڪين پريشان ڪيو جيڪو انهن لاءِ ذهني عذاب هو "۲" ته انهن مان ڪيترا منافق زمين ۽ آسمان وارين آفتن اچڻ جي ڪري تنگدست،سڃا ۽ بکيا مري ويا "۳" اسلام جي ترقي،۽ عروج ڏسي ڪاوڙ کائيندا ۽، ڏند پيهندا رهيا جيڪو انهن لاءِ عذاب هو. اهي سڀ "مَرَّتَيْنِ" (ٻه ڀيرا عذاب) ۾ داخل آهن ۽ ٻن جو عدد مطلق ڳڻائي لاءِ آهي صرف ٻه ڀيرا مراد ناهن جيئن سورة الملڪ جي آيت "۴" "ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ" (ان کان پوءِ وراءِ تون نگاه کي ٻه ٻه ڀيرا) ۾ به مراد هر هر نهارڻ آهي يا ٻن

(۱) تفهيم القرآن ۳۲۸

پيرن مان مراد نوعي اٿنيئَت آهي يعني قبر جو عذاب ۽ موت کان اڳ جو عذاب والله اعلم. (۱)

اعتراض: هن آيت جي لفظ "لَاتَعْلَمُهُمْ" مان ثابت ٿيو تہ حضور پاڪ عليه الصلوٰاة والسلام جن کي منافقن جو علم نہ هو ۽ اوهان سني مسلمان چوندا آهيو تہ حضور عليه الصلوٰاة والسلام جن هر شخص جي هرحال کان باخبر آهن؟

جواب: هتي نہ ڄاڻڻ مان مراد فراست، عقل ۽ اندازي سان ڄاڻڻ آهي پاڻ انهن کي الله جل جلاله جي طرفان وحي ۽ ڄاڻائڻ سان ڄاڻندا هئا ۽ جيڪڏهن نہ ڄاڻن ها تہ پوءِ انهن کي نالا وٺي مسجد مان ٻاهر ڪيئن ڪڍن ها **فائدا:** هن آيت مبارڪہ تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" تہ جيڪو شخص ازلي بدبخت آهي ان کي نہ ڪنهن سٺي شخص جي صحبت مان فائدو حاصل ٿيندو ۽ نہ سٺي جاءِ تي رهڻ مان. اصحابن سڳورن ايران، توران، شام، فلسطين ۽ روم جي ڪافرن کي ايمان جي دولت سان مالا مال ڪيو پر مدينہ منوره کي ويجهو يا مدينه منوره ۾ رهندڙ منافق ازلي بدبخت هجڻ جي ڪري فيض حاصل ڪري نہ سگهيا "۲" ڪليل ڪافرن جي مقابلي ۾ منافقن ڪافرن تي الله جل شانه جو غضب وڌيڪ آهي جيئن "عَذَابٌ عَظِيْمٌ" مان ظاهر ٿي رهيو آهي جو الله عز برهانه انهن جي لاءِ ٽي عذاب بيان فرمايا "۱" دنيوي زندگيءَ ۾ "۲" برزخي زندگيءَ ۾ "۳" اخروي زندگيءَ ۾ جيڪو نهايت سخت ۽ وڏو هوندو. (۲)

وَآخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا

۽ ٻيا (اهڙا) آهن جو پاسائون گناهہ پنهنجا گڏيائون عمل نيڪ

وَّآخَرَ سَيِّئًا ۚ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ۚ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۰۲﴾

۽ ٻيا برا ويجهي آهي (هيءَ ڳالهہ جو) الله توبہ قبول ڪرڻ سان موٽي انهن تي بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي

خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ بِهَا وَصَلِّ

وٺ تون مالن انهن جي مان صدقو پاڪ ڪر انهن کي ۽ صاف ڪر انهن کي ان سان ۽ خير جي دعا ڪر

عَلَيْهِمْ ۚ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمْ ۚ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۰۳﴾

انهن لاءِ بيشڪ دعا تنهنجي سڪون آهي انهن جي لاءِ ۽ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي.

(۱) حاشيه شبير احمد عثماني ۲۶۸ (۲) نعيمي ۳۶ جلد ۱۱

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيتن ۾ انهن منافقن جو بيان هو جيڪي تبوڪ جي جنگ ۾ شريڪ نه ٿيا هئا پر جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن سلامتيءَ سان موٽي آيا ته ڪوڙا قسم کڻي عذر ۽ بهانا بيان ڪرڻ لڳا ۽ هنن آيتن ۾ انهن مسلمانن جو بيان ٿي رهيو آهي جيڪي جنگ ۾ شريڪ ته نه ٿيا هئا پر حضور عليه الصلواة والسلام جن جي موٽي اچڻ کانپوءِ سچي توبه ڪري الله جل جلاله ۽ ان جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام کي راضي ڪيو هيائون.

شان نزول

مفسرين عظام لکيو آهي ته جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن تبوڪ جي جنگ لاءِ روانا ٿيا ته جيڪي مسلمان صرف سستيءَ جي ڪري نه ويا هئا تن ان غلطيءَ تي پشيمان ٿيندي پاڻ کي نبوي مسجد جي ٿنين سان ٻڌي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳا ته جيستائين اسان کي حضور عليه الصلواة والسلام جن پاڻ نه کوليندا تيستائين انهن ٿنين سان ٻڌا پيا هوندا سون ان وچ ۾ صرف پيشاب، پائخانه وغيره لاءِ سندن ٻچا کين کوليندا هئا باقي وقت ٻڌا پيا هوندا هئا جڏهن پهرين آيت انهن جي باري ۾ نازل ٿي ۽ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن اچي انهن کي کوليو تڏهن جيڪو به مال ملڪيت گڏ ڪري رکيو هيائون کڻي آيا ۽ محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي عرض ڪيائون ته حضورا هن مال جي محبت اسان کي اوهان سان هلڻ کان روڪيو هو اهو سڀ اوهان جي حوالي ڪيون ٿا قبول فرمائي پنهنجن پاڪ ۽ مقدس هٿن سان الله جي واٽ ۾ مسڪينن کي ورهائي ڏيو پاڻ انهن کي فرمايائون ته "اوهان جي گڏ ڪيل ملڪيت وٺڻ جي لاءِ مون کي مالڪ مٺي حڪم نه فرمايو آهي مان اهو نه وٺندس تڏهن هي آيت "خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ" الايه نازل ٿي ۽ پاڻ سندن مالن مان ٽيون حصو وٺي تقسيم ڪيائون باقي ٻه حصا کين موٽائي ڏنائون "۱" ارشاد ايزدي آهي "وَآخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّآخَرَ سَيِّئًا" ۽ ٻيا "اهڙا" آهن جن پنهنجا گناهه ٻاسيا صالح عمل ۽ ٻيا برا عمل کڻي ڪيا اٿن المقصد ته مدينه

(۱) الدر المنثور صه ۲۷۵ جلد۴ البحر المحيط صه ۹۴ جلد۵ روح المعاني صه ۱۲ جز ۱۱ جلد۴

پاڪ جي رهندڙن ۾ جيڪڏهن هڪ طرف منافق، سرڪش ۽ بي فرمان آهن تہ ٻئي طرف ڪي اهڙا مسلمان بہ آهن جو انهن کان جيڪڏهن بشري تقاضا جي ڪري ڪو قصور ٿي ٿو وڃي تہ پوءِ هنجي ان قصورتي پشيمان ٿي توبه ڪن ٿا ۽ الله جل جلالہ ۽ ان جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام کي راضي ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا ۽ قرباني ڏين ٿا "عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" قريب آهي ھيءَ ڳالهہ جو الله انهن جي توبه قبول ڪري بلاشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي.

آيت جي هن حصي ۾ انهن مخلصن کي معافي ملڻ جي اميد ڏياري وئي آهي پر حقيقت هيءَ هئي تہ الله تعالىٰ انهن جي توبه قبول فرمائي هئي تڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڪين ٿنين مان ڪولڻ فرمايو هو (۱) "خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ بِهَا" سندن مالن مان صدقو وٺو ان سان ڪين پاڪ ۽ صاف بنايو. هي خطاب حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سان آهي جنهن ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ: اوهان ان صدقي وٺڻ جي ذريعي انهن کي گناهن کان پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيو "وَصَلِّ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمْ ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ" ۽ انهن لاءِ رحمت جي دعا ڪر يقينًا اوهان جي رحمت واري دعا انهن لاءِ سڪون آهي ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. مطلب تہ انهن جي لاءِ رحمت جي دعا ڪيو ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ ۽ شبهو ناهي تہ اوهان جي دعا انهن جي لاءِ سڪون ۽ قلب جو قرار آهي اوهان جي دعا منهنجي بارگاه ۾ مقبول آهي ان يقين هجڻ جي ڪري انهن جي پريشاني دور ٿي ويندي ڇو تہ الله جل جلالہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي تہ اهي مخلص مومن قول، فعل، نيت ۽ ارادي جا سچا ۽ پڪا آهن.

اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ

ڇا نہ ڄاتائون تہ بيشڪ الله اهو ئي قبول ڪري ٿو توبه ٻانهن پنهنجن جي

وَيَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۰۴﴾ وَقُلِ اعْمَلُوْا

۽ وٺي ٿو صدق (قبول ٿو ڪري) ۽ بيشڪ الله اهو ئي توبه قبول ڪندڙ مهربان آهي ۽ فرماءِ تہ عمل ڪيو

"۱" نعيمي صہ ۴۰ جلد ۱۱

فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۗ وَسَتُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ

پوءِ جلد ڏسندو الله عمل اوهان جا ۽ ان جو رسول ۽ ايمان وارا ۽ جلد موٽايا ويندؤ

الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝۱۰۵

ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ ڏانهن پوءِ خبر ڏيندو اوهان کي ان جي جيڪو ڪندا هيئو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ توبه ۽ صدقي ڪندڙن جي مقبوليت ڏانهن اشارو هو ۽ هنن ۾ توبه ڏانهن رغبت ڏيارڻ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَيَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ" ڇا نہ ڄاڻئون تہ يقينًا الله ئي پنهنجن ٻانهن جي توبه قبول ڪري ٿو ۽ صدقا وٺي ٿو يعني قبول ٿو فرمائي. ۽ بلاشڪ اهو ئي توبه قبول ڪندڙ، مهربان آهي.

ڪهڙي توبه قبول آهي؟

ياد رکڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ توبه جي قبول پوڻ جو ارشاد ٿيو آهي پر قرآن پاڪ جي ٻين آيتن ۽ نبوي حديثن مان ظاهر آهي تہ ان مان مراد اها توبه آهي جنهن جا شرط پورا پورا لهن. ۽ جهڙو گناهہ هوندو تہ ان جي لاءِ توبه بہ اهڙي ڪرڻي آهي ڪفر جي گناهہ جي توبه ايمان آڻڻ آهي حقوق العباد جي توبه حقدارن کي حق ڏيڻ يا انهن کان معافي وٺڻ آهي ڪليل گناهہ جي توبه بہ ڪليل نموني ڪرڻي آهي تہ لڪل گناهہ جي توبه لڪل بہ قبول آهي ۽ "صَدَقَات" مان مراد ڪن ترجمن زڪواة ورتي آهي پر جيڪڏهن ان مان مراد عام صدقا وٺجن جن ۾ نفلي خير، خيراتون بہ داخل ٿين تہ بهتر آهي (الله صدقا وٺي ٿو) مان مراد آهي تہ الله قبول ڪري ٿو جو تہ ان کي ئي خبر آهي تہ ڪنهن قلب جي اخلاص ۽ دل جي سچائيءَ سان خيرات ڏني آهي.

خير، خيرات جا اجتماعي اسلامي فائدا

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ خير خيرات ڏيڻ جي ڪري انسان بخيليءَ

جي پليدين، ڪميٽائپ، طمع، خيانت، چوريءَ، ڦرلٽ، ڦرلٽ، ۽ ٻين ڪيترين براين کان بچي پاڪ ۽ صاف رهي ٿو ڇو تہ جيڪو پنهنجي هٿ ۾ موجود مال رب العزة جل شانه جي نالي خيرات ۽ زڪواة ۾ ڏي ٿو اهو پرائي مال کي ويجهو نہ ويندو ۽ جڏهن انساني فرد اها پاڪائي حاصل ڪندا ۽ علم ۽ تقوىٰ سان (جيڪي ٻئي ايمان جو ميوو آهن) صاف ٿيندا تہ انهن مان هڪ اهڙي جماعت وجود ۾ ايندي جيڪا اجتماعي طور گندين عادتن، حسد، عداوت، بغاوت، ڪنهن تي زيادتي ڪرڻ، فتنن ۽ فسادن کان پاڪ هوندي ۽ ان جي ڪري الله تعالىٰ مالدارن ۽ ملڪيت وارن تي زڪواة، فطره، اضحىٰ ۽ ٻيون ڪيتريون مالي قربانيون رکيون آهن ۽ ان جي ڪري اسلام جيڪو انسان جي روحاني ۽ جسماني اصلاح ڪري ٿو تانت اهو دنيوي سرداري ۽ اخروي سعادت حاصل ڪري انسان کي وچٽري رهڻ جي هدايت ڪئي تہ نہ اهو يهودين وانگر دنيا سان گهڻي محبت رکي جو رب العزة جل شانه جي نالي بہ نہ ڏي ۽ ڪنهن مسڪين، مظلوم جي مدد بہ نہ ڪري ۽ نہ اهو نصارن وانگر گهر ٻچا، ٻار ڇڏي اڪيلو راهب لڳو وڃو هجي اسلام انسان کي عدل جي رغبت ڏياري ٿو تانت ڪنهن سان ظلم نہ ٿئي اسلام زال ۽ مڙس کي هڪ ٻئي جا حقوق سمجهائي ٿو اسلام وياج ۽ جوا کان روڪي ٿو ۽ اسلام اهڙن نوجوانن کي سندن ملڪيت حوالي ڪرڻ کان بہ منع ٿو ڪري جيڪي فضول خرچي ڪري ملڪيت تباهہ ڪري ڇڏين.

نبوي ارشاد

بخاري ۽ مسلم حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو " مَاتَصَدَّقَ اَحَدُكُمْ بِصَدَقَةٍ مِنْ كَسْبٍ حَلَالٍ طَيِّبٍ وَلَايَقْبَلُ اللّٰهُ اِلَّاالطَّيِّبَ اِلَّا اَخَذَهَا الرَّحْمَانُ بِيَمِيْنِهٖ وَاِنْ كَانَتْ تَمْرَةً فَتَرْبُوْ فِيْ كَفِّ الرَّحْمَانِ حَتّٰى تَكُوْنَ اَعْظَمَ مِنَ الْجَبَلِ كَمَا يُرَبِّيْ اَحَدُكُمْ فَلُوَّهٗ اَوْفَصِيْلَهٗ (۱) مطلب تہ جڏهن اوهان مان ڪو هڪ حلال، پاڪ ڪمائيءَ مان ڪجهہ صدقو ڪري ٿو ۽ الله بہ پاڪ شيءِ کان سواءِ ڪجهہ قبول نہ ٿو ڪري تہ الله ان (پاڪ صاف صدقي) کي پنهنجي (قدرتي) سڄي هٿ سان وٺي ٿو ڪٽي هڪ کارڪ هجي ۽ اها کارڪ رحمان جي قدرتي هٿ ۾ وڌي جبل کان بہ وڌي ٿي وڃي (الله تعالىٰ ان کي ائين پالي وڌائي ٿو) جيئن اوهان مان ڪو پنهنجي گهوڙي يا اٺ جي ٻچي کي پالي وڏو

(۱) المراغي صہ ۲۰ جزءِ ۱۱

کندو آهي (۱) "وَقُلِ اعْمَلُوْا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ" ۽ فرماءِ تہ: عمل کيو پوءِ جلد الله اوهان جي عمل کي ڏسندو ۽ ان جو رسول ۽ مومن بہ (اوهان جي عمل کي ڏسندا) "وَسَتُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" ۽ اوهان جلد ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ ڏانهن موٽايا ويندؤ پوءِ جيڪو بہ اوهان ڪندا هيئو انهيءَ سڀ جي اوهان کي خبر ڏيندو مطلب تہ توبه ڪرڻ جي ڪري اوهان جا اڳيان قصور تہ معاف ڪيا ويا پر ڳالهہ اتي ختم نہ ٿي اڳتي بہ ڏٺو ويندو تہ اوهان دين سان ڪيترا سچا ۽ پڪا آهيو هن تبوڪ واري جنگ ۾ اوهان نہ وياتہ اجان جنگيون ٿينديون حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ۽ خلفاءِ راشدين جي دور ۾ بہ اوهان تي امتحان ايندا ۽ رب پاڪ ۽ ان جو پيارو پيغمبر عليه الصلواة والسلام ۽ ٻيا مومن بہ ڏسندا تہ اوهان سچا آهيو يا ڪچا. ان کانپوءِ جڏهن موت ايندو ۽ اوهان الله جل جلاله جي بارگاه ۾ پيش ٿيندؤ جيڪو ڳجهہ ۽ ظاهر سڀ ڄاڻي ٿو تہ اهو اوهان کي انهن سڀني عملن جي خبر ڏيندو جيڪي ڪندا هيئو. ڇو تہ ان کي ئي اوهان جي ظاهرَ ۽ باطن جي ڄاڻ آهي هر هڪ سان سندس ڪيلن عملن جي موافق معاملو ڪندو.

وَآخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا يَتُوْبُ

۽ ٻيا (اهڙا آهن جيڪي) ڍر ڏنل آهن الله جي امر لاءِ يا عذاب ڪندو انهن کي ۽ يا

عَلَيْهِمْ ۗ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۰۶﴾

توبه قبول ڪندو انهن جي ۽ الله ڄاڻندڙ بردبار آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله تعالىٰ جي طرفان ٻانهن جي سچيءَ توبه قبول ڪرڻ جو وعدو هو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ توبه ڪڏهن جلد قبول پوندي آهي تہ ڪڏهن دير سان.

شانِ نزول

جڏهن حضور پر نور شافع يوم النشور صلى الله عليه وسلم جن تبوڪ

(۱) تنوير الايمان ص ۱۰ پ ۱۱

جي جنگ لاءِ مدينہ منوره مان روانا ٿي ويا تہ اهل المدينه مان ٽي ڄڻا "۱" كعب بن مالڪ "۲" مرارة بن الربيع "۳" هلال بن اميه جيڪي ٽئي بدري اصحاب هيا پوئتي رهجي ويا كعب بن مالڪ چيو تہ مون وٽ سيني مدينه پاڪ وارن كان پلاءِ رفتار ۾ تكا اٺ آهن جڏهن بہ نكرندس تہ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي لشكر كي واٽ ۾ پڄي ويندس ان خيال ۾ بہ چار ڏينهن گذري ويس تڏهن لشكر كي واٽ ۾ پهچڻ كان مايوس ٿيو ۽ پشيمان ٿي مدينہ ۾ ويٺو رهيو ٻين ٻن ڀلارن بہ ائين كيو پر هن كان اڳ ۾ ذكر كيلن، مسجد جي ٿنڀن سان پاڻ كي ٻڌڻ وارن وانگر نہ كيائون حضور عليه الصلواة والسلام جن ٻين اصحابن كي انهن ٽنهي سان هر قسم جي تعلقات ٽوڙڻ جو حكم فرمايو پر هنن كي بہ حكم كيائون تہ پنهنجين زالن سان گڏ نہ رهو انهن كي مائٽن ڏانهن موكلي ڇڏيو پوءِ فوراً سندن حكم تي عمل شروع ٿي ويو انهن ٽن مان هلال بن اميه جي گهرواريءَ حضور عليه الصلواة والسلام جن كي عرض كيو تہ منهنجو مڙس وڏي عمر وارو، پوڙهو آهي مون كي صرف ايتري اجازت ڏيو تہ مان ان كي كاڌو كارايان حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان كي اها اجازت ڏني، جڏهن اها ڳالهہ مشهور ٿي وئي تڏهن شام ملڪ جي بادشاهہ جو هڪ قاصد حضرت كعب بن مالڪ رضي الله عنه وٽ نياپو كڻي آيو تہ: اوهان اسان وٽ اچو (مقصد تہ اسان جو دين قبول كيو تہ اوهان كي هر قسم جي سهوليت ڏيندا سون) حضرت كعب اهو نياپو ٻڌي روئي ڏنو ۽ چيائين تہ: منهنجاگناهہ ان حد كي پهتا آهن جو مشركن بہ مون ۾ شرڪ كرڻ جي لالچ ركي آهي ۽ فرمايائين تہ كشادي هجڻ جي باوجود مون تي زمين تنگ ٿي وئي آهي ۽ حضرت هلال بن اميه رضي الله عنه بہ ايترو روئڻ لڳو جو ان جي اكين جي نگاهہ ختم ٿيڻ جو انديشو ٿي ويو كي ماٺهو چوڻ لڳا تہ! جيكڏهن هنن جي معافي جو حكم نازل نہ ٿيو تہ مري ويندا ۽ كي چوڻ لڳا تہ عنقريب الله تعالىٰ انهن جي معافي ۽ مغفرت جو حكم نازل كندو هي الله جي امر اچڻ لاءِ ڍر ڏنل آهن يا مغفرت نصيب كندن يا عذاب ان كشمكش جي حالت ۾ پنجاهہ ڏينهن گذري ويا ۽ پوءِ سندن توبه قبول كرڻ جو فرمان نازل ٿيو تفسير حقاني لكيو آهي تہ انهن ٽن اصحابن سڳورن مسجد جي ٿنڀن سان پاڻ كي ٻڌو تہ نہ هو پر منافقن وانگر كوڙا عذر ۽ بهانا بہ نہ ٺاهيا هيائون "۱" فائق جو فرمان آهي "وَآخَرُونَ

(۱) تنويرالاذهان صہ ۱۰۳ جلد ۲ حقاني صہ ۲۳۱ جلد ۴

مُرۡجَوۡنَ لِاَمۡرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمۡ وَاِمَّا يَتُوۡبُ عَلَيۡهِمۡ " ۽ ٻيا (اهڙا بہ آهن) جيڪي الله جي امر لاءِ ڍر ڏنل آهن يا انهن کي عذاب ڪندو يا سندن توبه قبول ڪندو ٻنهي ڳالهين مان هڪ ٿيندي "وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ" ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي.

هن فرمان اقدس ۾ انهن ٽن اصحابن جي دير سان توبه قبول ڪرڻ جي حڪمت ڏانهن اشارو آهي ۽ اها هيءَ آهي تہ دير سان توبه قبول ڪرڻ جي باوجود انهن جي دين سان محبت، دين جي عظمت لاءِ استقامت ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي دامن سان وابستگيءَ جي مضبوطي ظاهر ٿي ڪين شام ملڪ جي ڪافر بادشاه ڪيتريون لالچون ڏئي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي سڀ نڪرائي ڇڏيائون ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام جو ذروازو نہ ڇڏيائون.

سوال: ڪافرن سان جهاد ڪرڻ فرض ڪفايه آهي ان ۾ ڪجهہ مسلمان شريڪ ٿيا ۽ ڪجهہ نہ ٿيا تہ شريڪ نہ ٿيندڙن تي گناهہ نہ هوندو آهي تبوڪ جي جنگ ۾ بہ گهڻا مسلمان شريڪ ٿيا هئا جيڪڏهن ٿورن حصو نہ ورتو هو تہ انهن تي ايترو عتاب ۽ سختي ڇو ڪئي وئي؟

جواب: تبوڪ جي جنگ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن انهن سڀني کي ضرور شريڪ ٿيڻ جو حڪم فرمايو هو. ان نجي حڪم تي عمل نہ ڪرڻ جي ڪري اهي الاهي عتاب ۾ آيا هئا ورنہ تہ جهاد واقعي فرض ڪفايه آهي پر ڪڏهن ڪڏهن خطري جي حالت ۾ سڀني مسلمانن کي جهاد ڪرڻ لازم هوندو آهي. (١)

وَالَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مَسۡجِدًا ضِرَارًا وَّكُفۡرًا وَّتَفۡرِيۡقًا ۢ بَيۡنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ

۽ اهي جو ٺاهيائون مسجد نقصان ڏيڻ ۽ ڪفر ڪرڻ ۽ ڏڦيڙ وجهڻ لاءِ مومنن ۾

وَاِرۡصَادًا لِّمَنۡ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ مِنۡ قَبۡلُ ؕ وَلَيَحۡلِفُنَّ

۽ گهٽ ٺاهڻ لاءِ ان واسطي جو مخالفت ڪيائين الله جي ۽ ان جي رسول جي اڳ ۾ ۽ البت ضرور قسم کڻندا تہ

اِنۡ اَرَدۡنَاۤ اِلَّا الۡحُسۡنٰى ؕ وَاللّٰهُ يَشۡهَدُ اِنَّهُمۡ لَكٰذِبُوۡنَ ﴿۱۰۷﴾ لَا تَقُمۡ فِيۡهِ

نہ ارادو ڪيو سون مگر ڀلائيءَ جو ۽ الله شاهدي ٿو ڏي تہ بيشڪ اهي البت ڪوڙا آهن نہ بيهہ تون ان ۾

(١) نعيمي صہ ٥٥ ـ ٥٦ جلد ١١

اَبَدًا ؕ لَمَسۡجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقۡوٰى مِنۡ اَوَّلِ يَوۡمٍ اَحَقُّ اَنۡ تَقُوۡمَ

هميشه البت اها مسجد جو بنياد رکي وئي پرهيزگاريءَ تي پهرئين ڏينهن کان وڌيڪ حقدار آهي هن ڳالهه جي ڇو ته

فِيۡهِ ؕ فِيۡهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوۡنَ اَنۡ يَّتَطَهَّرُوۡا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُطَّهِّرِيۡنَ ﴿۱۰۸﴾

ان ۾ انهيءَ ۾ (اهڙا) مڙس آهن جو محبت ٿا رکن هن ڳالهه سان ته پاڪ رهن ۽ الله محبت ٿو رکي پاڪائي ڪندڙن سان

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جي مختلف بدڪارين جو بيان هو ۽ هنن ۾ انهن جي اهڙن ڪمن جو بيان ٿي رهيو آهي جيڪي ظاهر ۾ ته تمام سٺا ٿا لڳن پر اندروني طور غلط ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ جي ڪري نهايت برا آهن.

شان نزول

مفسرين عظام لکيو آهي ته: بني خزرج قبيلي جو هڪ شخص ابو عامر، راهب، عيسائي مذهب اختيار ڪرڻ ۽ توراة ۽ انجيل جو عالم بنجڻ جي ڪري مدينه منوره جي رهاڪن ۾ وڏي عزت وارو هوندو هو جڏهن مدينه منوره ۾ حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن آيا، اسلام جو سج اڀريو ۽ اتي سڀئي ماڻهو حبيب ڪريم، روف، رحيم عليه التحيه والتسليم جي محبت ۾ اچي پرواني وانگر قربان ٿيڻ لڳا ۽ ان ابو عامر جي عزت گهٽجڻ لڳي بلڪ ختم ٿي وئي تڏهن اهو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ اچي چوڻ لڳو ته: اوهان ڪهڙو دين کڻي آيا آهيو؟ پاڻ فرمايون ته "دين حنيف (حضرت) ابراهيم (عليه الصلواة والسلام) جي ملت" ان چيو ته ان ملت ابراهيميءَ تي ته مان آهيان اوهان پنهنجون ناهيل ڳالهيون کڻي آيا آهيو محبوب ڪريم عليه التحيه والتسليم جن فرمايو ته "اسان جو اسلام ئي ملت ابراهيمي آهي" ان چيو ته: پوءِ دعا ٿا گهرون ته اسان مان جيڪو ڪوڙو آهي اهو سفر دوران پشيمانيءَ جي حالت ۾ مري وڃي سهڻي نبي ﷺ فرمايو "آمين" نبي ڪريم عليه التحيه والتسليم جن ان کي اسلام جي دعوت ڏئي ان جا شڪوڪ شبهات دفع ۽ رفع ڪيا

پر اهو ان ضد تي قائم ۽ دائم رهيو جڏهن بدر جي جنگ ۾ الله تعالىٰ پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام کي فتح عطا ڪئي تہ هي بيقرار ۽ بيتاب ٿي مدينه طيبه مان نڪري مڪه مڪرمه ۾ پهتو ۽ اتي جي رهاڪن کي پلاند وٺڻ لاءِ پڙڪايائين ۽ جڏهن مڪه مڪرمه وارن جو لشڪر وري جنگ لاءِ نڪتو تہ هي بہ انهن سان گڏ جي احد جي جنگ واري جاءِ تي پهتو ۽ ان خيال سان تہ سندس پراڻا عقيدتمند، مدينه جا رهاڪو ڪيس ڪافرن جي لشڪر ۾ ڏسي هن ڏانهن هليا ايندا جنگ جي لاٽين ڪان اڳتي وڌي انصارن جي ويجهو اچي بيٺو ۽ انهن کي پاڻ سان ملڻ لاءِ سڏيائين مصطفوي نور ڏسڻ ڪانپوءِ انصار سڳورا هن منحوس جي شڪل ڏسڻ بہ قبول نہ پيا ڪن جڏهن انهن ڪيس راهب سڏڻ جي بجاءِ فاسق سڏيو ۽ سندس اميدن تي پاڻي ڦيرائي ڇڏيو تہ ساڙ ۾ اچي محبوب مصطفىٰ عليه الصلواة والسلام کي چوڻ لڳو تہ: هاڻي ڪافرن سان اوهان جي جيڪا بہ جنگ لڳندي مان انهن سان گڏجي اوهان جو مقابلو ڪندو رهندس پوءِ غزوه حنين تائين ڪافرن سان گڏجي مسلمانن سان وڙهندو رهيو جڏهن غزوه حنين ۾ هوازن قبيلي وارا شڪست کائي ڀڳا تہ هيءُ بہ انهن سان گڏجي ڀڄو ۽ شام ملڪ ۾ پهتو اتي جي بادشاهه قيصر سان هن جا پراڻا واسطا هئا ان سان ملي ان کي مسلمانن سان جنگ ڪرڻ لاءِ پڙڪائڻ لڳو ۽ مدينه منوره ۾رهندڙن منافقن کي پيغام موڪليائين تہ مان، عنقريب شام جي بادشاه کي مديني تي حملو ڪرڻ،مسلمانن کي نيست ۽ نابود بنائڻ لاءِ وٺي ايندس اوهان مدينہ منوره ۾ مسجد جي نالي سان هڪ جاءِ تعمير ڪيو جتي اوهان اڪيلائيءَ ۾ اسلام جي خلاف سازشون ڪري سگهو، مسلمانن ۾ انتشار ۽ افتراق پيدا ڪيو ۽ جڏهن شامي بادشاهه مديني اچي تہ ان نالي خاطر مسجد کي پنهنجي رهائش گاه بنائي ان جي چوڻ تي قبا (اول مدينه) جي ڳوٺ ۾ جيڪا مسجد سرورِ ڪونين ﷺ جن ٺهرائي هئي ان جي ويجهو انهن منافقن بہ هڪ مسجد ناهي ۽ سيدالانام، عليه الصلواة والسلام جي خدمت عاليه ۾اچي پنهنجي نيڪ نيتيءَ جي يقين ڏيارڻ لاءِ عرض ڪيائون تہ يارسول الله! قبا جي ڳوٺ ۾ هڪ ٺي مسجد آهي اونداهين راتين ۽ برسات پوڻ جي حالتن ۾ پوڙهن، بيمارن ۽ ڪمزورن کي اتي پهچڻ ۾ وڏي تڪليف ٿئي ٿي ان جي ڪري اسان هڪ مسجد ناهي آهي اوهان براهِ ڪرم ان ۾ هڪ نماز پڙهايو تہ اها برڪت واري ٿئي حضور عليه الصلواة

والسلام جن جڏهن تہ ان وقت غزوه تبوڪ جي لاءِ تيار هئا انهن کي فرمايائون تہ "هينئر تہ تبوڪ جو سفر درپيش آهي انشاءَ الله تعالىٰ واپس ٿيڻ کانپوءِ ان تي ويچار ڪبو" شام جي بادشاهہ قيصر مدينہ منوره تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو پر حبيب خدا، سرور انبيا عليه التحيہ والثنا جن جي تبوڪ ۾ پهچڻ جي ڪري هٽي ويو ۽ پاڻ جڏهن خيريت سان واپس آيا تہ وري بہ منافقن جو هڪ وفد ساڳيو عرض ڪٺي حاضر ٿيو ان وقت الله جل مجده جبريل عليه السلام کي حڪم فرمايو تہ وڃ ۽ منهنجي رسول عليه الصلواة والسلام کي منهنجو هي حڪم پهچاءِ جبرئيل عليه السلام هي آيتون ڪٺي پهتو ۽ انهيءَ وقت ئي آقاءِ نامدار، مدني تاجدار عليه الصلواة والسلام جن پنهنجن اصحابن سڳورن کي فرمايو تہ وڃو منافقن جي ان نام نهاد مسجد کي ڊاهي باهہ ڏئي ساڙي اچو اصحابن سڳورن هڪدم وڃي حڪم جي تعميل ڪئي ۽ هميشه لاءِ منافقن جو اهو اڪاڙو ڊاهي ڇڏيو (۱) ياد رکڻ گهرجي تہ اهو ابو عامر راهب جنهن کي حضور عليه الصلواة والسلام جن فاسق سڏيو هو اسلام جو پڪو دشمن هو پر الله تعالىٰ جي شان ڪريميءَ تان قربان ٿجي جو ان جو پٽ حضرت حنظله رضي الله عنه اسلام لاءِ لڙندي شهيد ٿيو، ڪيس ملائڪن غسل ڏياريو ۽ غسيل الملائڪہ جي لقب سان مشهور ٿيو. (۲)

۽ اهو ابوعامر فاسق ان پريشانيءَ جي حالت ۾ در بدر ڌڪا کائيندي شام ملڪ جي شهر قنسرين ۾ مري ويو. (۳)

منافقن جي مسجد جي حالت ڇا رهي؟

قرآن پاڪ جي مفسرن لکيو آهي تہ منافقن جي براءِ نام مسجد جو حڪم مسجد وارو نہ رهيو ان کي ڊاهڻ ۽ ساڙڻ کانپوءِ محسن انسانيت، محبوب رب العالمين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جن اول مدينه وارن کي حڪم فرمايو هو تہ گند ڪچرو سڀ اتي اڇلايو. شهر وڌڻ ۽ پلاٽن جي ضرورت محسوس ڪرڻ کان پوءِ ان خالي ميدان ۾ گهر بنائڻ جي لاءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي هڪ اصحابيءَ عاصم بن عدي رضي الله عنه کي اجازت جو اشارو ڏنو پر ان ادب سان عرض ڪيو تہ: يا رسول الله! جنهن منحوس جاءِ لاءِ قرآن پاڪ ۾ مذمت

(۱) الدر المنثور صہ ۲۸۵ جلد ۴ البحر المحيط صہ ۹۸ جلد ۵ خازن صہ ۲۶۵ جلد ۲ (۲) التفسير الكبير صہ ۱۹۳ جزءُ ۱۶ (۳) تنوير الاذهان صہ ۱۰۵ جلد۲

آئي آهي مان اتي گهر ٺاهڻ پسند نہ ٿو ڪيان ثابت بن اقرم ضرور تمند آهي ان جو ڪو گهر ٺهيل ناهي ان کي اجازت ڏيو تہ اتي گهر ٺاهي پاڻ عاصم بن عدي جي مشوري سان ثابت بن اقرم کي اجازت ڏنائون پر ٿيو اهو جو جڏهن کان ثابت ان گهر ۾ رهيو تہ ان کي ڪو اولاد نہ ٿيو يا ٿيو تہ زنده نہ رهيو مؤرخن لکيو آهي تہ انسان تہ ڇا ان جاءِ ۾ ڪا ڪڪڙ بہ ٻچن ڏيڻ لاءِ آنا نہ لاهيندي هئي ڪو ڪبوتر يا جانور بہ اتي نہ وڌيو ۽ ان وقت کان وٺي اڄ تائين اها جاءِ خالي ۽ ويران آهي (۱) اهي جدا مسجد ٺاهڻ وارا منافق ٻارهن ڄڻا هئا جن جو تعلق اوس ۽ خزرج قبيلن جي منافقن سان هو (۲) حضرت حبيب پاڪ "عليه افضل الصلوات واکمل التسليمات" جن مالڪ بن دختم، معن بن عدي، عامر بن السکني ۽ وحشي رضي الله عنهم کي منافقن جي ان مسجد ڊاهڻ ۽ ساڙڻ لاءِ موڪليو هو[۳]

تبوڪ کان موٽندي حضور عليه الصلواة والسلام جن جنهن مقام تي منزل انداز ٿي منافقن جي مسجد کي ڊاهڻ ۽ ساڙڻ جو حڪم ڏنو هو ان جو نالو ذي اوان هو اهو مدينہ منوره کان هڪ ڪلاڪ جي پنڌ تي هو (۴) آيت جي سمجهاڻي۔ فرمان عالي شان آهي "وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَاِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ" ۽ اهي شخص جن نقصان ڏيڻ، ڪفر ڪرڻ، مومنن ۾ تفريق ۽ الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندڙن جي رهڻ جي جاءِ بنائڻ واسطي مسجد ٺاهي ان لاءِ بہ ٻين منافقن وانگر عذاب، ذلت ۽ رسوائي آهي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ منافقن جي طرفان مسجد ٺاهڻ جا چار مقصد ۽ غرض بيان ڪيا ويا آهن.

"۱" ضرار - مسلمانن کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ - ضرر ۽ ضرار ٻئي لفظ عربي زبان ۾ نقصان پهچائڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن پر بعضي عالمن انهن ٻنهي لفظن ۾ هي فرق بيان ڪيو آهي تہ ضرر ان نقصان کي چئبو آهي جنهن ۾ ٻئي جو نقصان ۽ ڪندڙ جو فائدو هجي ۽ ضرار ان کي چئبو آهي جنهن ۾ ٻئي کي تہ نقصان هجي پر نقصان ڏيندڙ کي بہ فائدو نہ پهچي. جڏهن تہ هن مسجد جو انجام اهو ٿيڻو هو ۽ ٺاهڻ وارن کي ان مان ڪوبہ فائدو ملڻو نہ هو ان جي ڪري هتي ضرارا آندو ويو آهي (۲) "ڪُفْرًا" يعني مسجد ۾ ويهي حضور عليه الصلواة

(۱) معارف القرآن صہ ۴۶۲ جلد۴. نعيمي صہ ۵۹ جلد۱۱ (۲) المنار صہ ۳۸ جلد ۱۱ (۳) ڪماليـن شرح اردو جلالين صہ۱۶ (۴) تفسير القاسمي جلد۳ صہ ۳۲۴ جلد۵

والسلام جي گستاخي ڪرڻ وغيره "۳" "تَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" - مومنن ۾ تفريق (جدائي) پيدا ڪرڻ يعني انهن جو اهو به مقصد هو ته مسلمانن ۾ به ٽولا بنجن ۽ اڳئين مسجد جا جماعتي گهٽجن "۴" "اِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ" جنهن اڳ ۾ الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪئي هئي ان جي لاءِ، رهڻ جي جاءِ تيار ڪرڻ. يعني ان مسجد مان اهو ڪم به وٺڻ پيا ته اتي الله جل جلاله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي دشمنن کي پناهه ملي ۽ اتي مسلمانن جي خلاف سازشون ڪيون وڃن انهن سڀني ڳالهين تي غور ڪرڻ سان واضح ٿيو ته منافقن جي جنهن مسجد کي قرآن پاڪ ضرار سڏيو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن ان کي ڊاهڻ ۽ باهه ڏيڻ جو حڪم فرمايو حقيقت ۾ نه اها مسجد هئي نه ان جو مقصد ان ۾ نماز پڙهڻ هو ان مان مقصد اهي تي ڪم هيا جيڪي بيان ڪيا ويا. هينئر به جيڪڏهن ڪنهن مسجد جي مقابلي ۾ ان جي ويجهو مسلمان ڪا مسجد ٺاهين ۽ ان جو مقصد به اهو ئي باهمي تفرقه ۽ پهرين مسجد جي جماعت گهٽائڻ وغيره آهي ته اهڙي مسجد ٺهرائيندڙ کي ثواب نه ملندو پر مسلمانن ۾ تفرقو وجهڻ جي ڪري سخت گنهگار ٿيندو. "وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّا الْحُسْنٰى وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ" ۽ البت ضرور قسم کڻندا ته اسان جو ارادو ڀلائيءَ کانسواءِ ڪجهه به ناهي ۽ الله شاهدي ٿو ڏي ته يقيناً اهي ڪوڙا آهن. مطلب ته اهي خبيث قسم کڻندا پر ڪيترا قسم کڻن ته به انهن تي اعتبار ڪرڻو نه آهي انهن جي ڪوڙي هجڻ جو الله شاهد آهي "لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا" ان ۾ ڪڏهن به نه بيهه- هي نئون جملو آهي جنهن ۾ مصطفيٰ ڪريم عليه التحيه والتسليم جن کي ۽ سندن واسطي سان سندن امت کي ان ضرار مسجد ۾ وڃڻ، وهڻ ۽ نماز پڙهڻ کان هميشه جي لاءِ روڪيو ويو آهي "لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ" البت اها مسجد جيڪا پهرئين ڏينهن کان تقويٰ جي بنياد تي رکي وئي آهي ان ڳالهه جي لاءِ وڌيڪ حقدار ۽ لائق آهي جو ان ۾ بيهو. ان مسجد مان مراد قبا شريف واري مسجد ۽ مدينه ۾ نبوي مسجد ٻئي آهن جن ٻنهي جو پهريون پٿر محبوب مڪرم، نبي معظم، ﷺ جن پاڻ رکيو هو اهيئي نماز پڙهڻ لاءِ وڌيڪ مناسب آهن ڇو ته اهي خالص الله تعاليٰ جي عبادت جي لاءِ ٺاهيون ويون آهن هن آيت جي لفظن ۾ انهن مسجدن ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ حرص ڏياريو ويو آهي علامه مراغي لکيو آهي ته والايه لاتمنع ارادة ڪل من المسجدين لان النبي ﷺ قد

بني كلا من المسجدين ووضع اساسه علي التقوي من اول يوم شرع فيه ببنائه (۱) يعني جيڪڏهن هن آيت ۾ ذڪر ڪيل مسجد مان مسجد قبا ۽ نبوي مسجد ٻئي مراد ورتيون وڃن ته آيت مبارڪه ان ڪان منع نه ٿي ڪري ڇو ته ٻنهي مسجدن جو بنياد حبيبِ پاڪ عليه الصلواة والسلام جن تقوي ۽ خلوص سان رکيو هو.

مسجد قبا ۾ نماز پڙهڻ جي فضيلت

ابن ابي شيبه، ترمذي، حاڪم ۽ ابن ماجه اسيد بن ظهيرة رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي ته نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو "صَلَوَاةٌ فِيْ مَسْجِدِ قُبَا كَعُمُرَةٍ" مسجد قبا ۾ نماز عمره وانگر آهي ابن ابي شيبه، احمد، نسائي ۽ ابن ماجه سهل بن حنيف رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو "مَنْ خَرَجَ حَتّٰي يَاْتِيَ هٰذَا الْمَسْجِدَ - مَسْجِدَ قُبَا- فَيُصَلِّيْ فِيْهِ كَانَ كَعَدْلِ عُمْرَةٍ" جيڪو گهرمان نڪري مسجد قبا ۾ اچي نماز پڙهي ته اها نماز عمره جي برابر آهي.

حضور عليه الصلواة والسلام جن مسجد قبا

ڏانهن گهڻو ايندا هئا ڪڏهن سوار ته ڪڏهن سواريءَ ڪان سواءِ

ابن ابي شيبه ۽ حاڪم صحيح سند سان حضرت ابن عمر رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن قبا ڏانهن گهڻو ايندا ويندا هئا ڪڏهن سوار ته ڪڏهن پيادا (۲) "فِيْهِ رِجَالٌ يُحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ" ان ۾ اهڙا مڙس آهن جيڪي پاڪ رهڻ ڪي پسند ٿا ڪن ۽ الله پاڪائي ڪندڙن سان محبت ٿو رکي. يعني اوهان ان مسجد ۾ نماز پڙهو جنهن ۾ اهڙا مڙس آهن جيڪي گناهن، شرارتن ۽ هر قسم جي نجاستن ڪان پنهنجو ظاهر ۽ باطن پاڪ ۽ صاف رکڻ جو اهتمام ڪن ٿا ان جي ڪري اهي الله جل جلاله جا پيارا ۽ پسند ڪيل ٻانها آهن عبدالماجد دريا بادي هن آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته هن آيت مان اهو به ثابت ٿيو ته مسجد جني فضيلت ان ڪي ٺاهيندڙن جي فضيلت تي مدار رکي ٿي (۳) جنهن مسجد ڪي حضور عليه الصلواة والسلام تعمير فرمايو ان جو شان به نرالو آهي ۽ جنهن مسجد ڪي اصحابن ٺاهيو ان جو شان انهن جي شان مطابق آهي

(۱) الدرالمنثور صـ۲۸۸ جلد۴ (۲) ساڳيو حوالو (۳) حاشيه دريا بادي صـ۴۲۵

مسئلا

"۱" هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان واضح ٿيو ته اڄ به جيڪڏهن ڪا نئين مسجد ضرورت ڪانسواءِ پهرينءَ مسجد جي پر ۾ ماڻهن جي ڏيکارڻ، ريا يا ضد ۽ عناد جي ارادي سان ٺاهي وڃي ته ان ۾ نماز پڙهڻ بهتر ناهي جيتوڻيڪ نماز ٿي ويندي. (۱)

"۲" پائخاني ۽ پيشاب ڪرڻ ڪانپوءِ بهتر بلڪ ڪڏهن ضروري آهي ته پٿر يا پٿر سان صفائي ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻيءَ سان به ڌوئي صفائي حاصل ڪجي جيئن بغوي پنهنجي سند سان حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته آيت مبارڪه جو حصو "فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا" قبا شريف وارن جي حق ۾ نازل ٿيو هو جيڪي پٿرن سان صفائيءَ ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻيءَ سان به صفائي ڪندا هئا. (۲)

فائدا

هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" ڪوبه ڪم ڪيترو به ڀلو ڇو نه هجي پر جڏهن بري نيت سان ڪيو ويندو ته اهو برو بنجي ويندو. ڏسو اسلام ۾ مسجد ٺاهڻ جو ڪيڏو درجو آهي ۽ ڪهڙي نه پياري عبادت آهي پر منافقن بري ارادي سان مسجد ٺاهي ته ان جو نالو ئي مسجد ضرار رکيو ويو ۽ ٺاهڻ وارا مقبول هجڻ جي بجاءِ مردود ٿي ويا "۲" ڪافرن ۽ منافقن جي طرفان ڪا شيءِ وقف ڪئي وڃي ته اهو وقف شرعًا معتبر ناهي ۽ نه ان تي وقف جا احڪام جاري ٿيندا. ڏسو منافقن مسجد ٺاهي هئي ۽ مسجد وقف هوندي آهي پر نبي پاڪ ﷺ جن ان کي قبول نه فرمائي ڊهرائي، ساڙائي گند ۽ ڪچري اڇلائڻ جي جاءِ بنائي ڇڏيو. "۳" اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف سازشون ڪرڻ اسلام جي مقابلي ۾ ڪافرن جي مدد ڪرڻ ڪفر آهي ۽ اهڙو ماڻهو ڪافر آهي. جيئن آيت جي لفظ "ڪُفْرًا" مان ظاهر آهي جو الله تعالىٰ مسجد ضرار ۽ اتي ٿيندڙ سازشن کي ڪفر سڏيو آهي. "۴" مسلمانن ۾ تفرقو وجهڻ، انهن جي جماعت، اتحاد، اتفاق ۽ ٻڌي ٽوڙڻ، انهن ۾ فرقا ٺاهڻ، منافقن جو ڪم آهي.

(۱) معارف القرآن صـ ۴۶۴ جلد ۴ (۲) تفسيرات احمديه صـ ۴۷۹ مظهري صـ ۲۹۹ جلد ۴

"۵" مسلمانن جي خلاف ڪافرن کي پاڻ وٽ پناهہ ڏيڻ،انهن جي حمايت ڪرڻ منافقن جو طريقو آهي "٦" حضور عليه الصلواة والسلام سان دشمني رکڻ،مخالفت ڪرڻ حقيقت ۾ الله تعالیٰ جي دشمني ۽ مخالفت آهي جو الله تعالیٰ انهن مسجد ضرار ناهيندڙن کي پنهنجو بہ مخالف سڏيو آهي جيئن "حَارَبَ اللّٰہَ" مان ظاهر آهي "۷" حضور پاک عليه الصلواة والسلام جن جي مخالفن جي متان شاهد الله تعالیٰ پاڻ آهي جيئن هن آيت ۾ ارشاد ٿيو "وَاللّٰہُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ" ۽ الله شاهدي ٿو ڏي تہ يقينًا اهي ڪوڙا آهن ۽ سورة المنافقون ۾ آيو "وَاللّٰہُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ" ۽ الله شاهدي ٿو ڏي تہ يقينًا منافق ڪوڙا آهن۽ جن جي منافقيءَ ۽ ڏوڪيبازيءَ جو الله تعالیٰ پاڻ شاهد آهي اهي ڪڏهن بہ سندس غضب،قهر ۽ عذاب کان بچي نہ سگهندا. "۸" ڪافرن جي طرفان ٺهرايل مسجد ۾ نماز نہ پڙهجي نہ اها مسجد جي حڪم ۾ آهي ۽ ڪافر کان مسجد جي تعمير لاءِ چندو بہ نہ ونجي پر جيڪڏهن ڪافر ڪجهہ پئسا مسلمان کي ملک ڪري ڏي پوءِ اهو مسلمان. مسجد ۾ ڏي تہ جائز آهي ڇو تہ ملڪيت جي تبديليءَ سان حڪم بہ تبديل ٿي ويندو آهي (۱) "۹" جيڪڏهن ڪافر مسجد ٺهرائڻ لاءِ وصيت ڪري تہ اها وصيت بہ قبول نہ آهي سعدي چلپي لکيو آهي تہ مفتیٰ به قول اهو آهي ۽ اسان جي علماءجو ان تي اجماع آهي ۽ ڪافر صرف مسجد جي تعظيم ڪرڻ سان مسلمان نہ ٿيندو جيستائين ڪلمه شهادت نہ ٿو پڙهي پر جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن مندر يا مڙهيءَ ۾ اچي ان جي تعظيم ڪندو تہ ڪافر ٿي ويندو ڇو تہ انسان صرف نيت سان بہ ڪافر ٿي ويندو پر مسلمان اهو ٿيندو جيڪو دل جي تصديق سان گڏ ڪلمه جو بہ زبان سان اقرار ڪري "۱۰" مسلمانن کي مندر، گرجا وغيره ٺهرائڻ يا ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي مدد ڪرڻ حرام آهي اهڙي طرح مسلمان مستري ۽ ڪاريگر کي بت وغيره ناهڻ بہ قطعًا جائز نہ آهي بلک جيڪڏهن ان جي ٺوڙڙي بہ تعظيم ڪري وٺو تہ ڪافر ٿي ويندو "۱۱" مسجد اخلاص ۽ نيک نيتيءَ سان حلال پيسن مان ٺهرائي وڃي جيئن "اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى" مان ظاهر آهي "۱۲" مسجد جو سنگ بنياد الله جل شانه جي ڪنهن مقبول ٻانهي کان رکرايو وڃي ۽ ڪنهن متقي صالح ٻانهي کان ئي ان جو افتتاح ڪرايو وڃي. ڏسو مسجد قبا جو سنگ بنياد حضرت نبي

(۱) نعيمي صہ٦۴ جلد ۱۱ (۲) تنويرالاذهان صہ۱۰۴ جلد ۲

پاڪ عليه الصلواة والسلام جن رکيو تہ اللہ جل شانه ان مسجد جي قرآن پاڪ ۾ تعريف ڪرڻ فرمائي "۱۳" "فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا" مان ثابت ٿيو تہ جيڪا مسجد صالح ناهين ٿا يا ان ۾ رهي رب العزة جل شانه جي عبادت ڪن ٿا يا ان جي پر ۾ ڪنهن صالح ٻانهي جي قبر مبارڪ آهي تہ اها ٻين عام مسجدن کان پلي آهي ان ۾ عبادت وڌيڪ مقبول ٿيندي آهي مسجد قبا جي فضيلت جو هڪ وجه اهو بہ آهي تہ ان ۾ انصار سڳورا جيڪي پاڪائيءَ سان پيار ڪندا هئا عبادت لاءِ موجود هوندا هئا.

مسئلا

"۱" جيڪو شخص فجر جي نماز پڙهڻ ڪانپوءِ انيئي ويٺو رهي جتي فرض پڙهيو هيائين تانجو سج اپري ٿورو مٿي اچي پوءِ ٻہ رڪعتون نفل اشراق جو پڙهي اٿي تہ ان کي حج ۽ عمره جو پورو پورو ثواب ملندو "۲" پيشاب يا پائخاني ڪرڻ کان پوءِ پٿر يا پتر سان صفائي ڪرڻ ڪانپوءِ وري پاڻيءَ سان ڌوئي پاڪائي ڪرڻ تمام پلو ڪم آهي.(۱)

لطيفا

"۱" سيني کان پهريان پاڻيءَ سان پاڪائي ۽ صفائي حضرت سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام ڪئي هئي "۲" پيشاب ۽ پائخاني ڪرڻ ڪانپوءِ صفائي صرف ٽن شين سان ڪرڻ گهرجي "۱" پاڻي "۲" پتر "۳" بنا ڇهنب جي پٿر انهن کانسواءِ ٻيءَ ڪنهن شيءِ سان صفائي ڪندو تہ سجو ٿي ويندو (۲)

اعتراض ۽ انهن جا جواب

"۱" مسجد قيامت تائين مسجد ٿي رهندي ان جي مٿين عمارت قائم رهي يا نہ رهي اهو مسجد جي احاطي ۾ آيل زمين جو ٽڪرو عزت ۽ احترام جي قابل آهي حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان زمين جي ٽڪري ۾ گند ۽ ڪچرو اڇلائڻ جو حڪم ڇو فرمايو؟

جواب: مسجد جي ميدان جي عزت تڏهن آهي جڏهن مسجد ٺهي پر منافقن جي طرفان تيار ڪيل جاءِ مسجد ٿي ناهي ڇو تہ ڪافرن ۽ منافقن جو وقف شرعًا جائز نہ آهي تہ ان جي ميدان جي عزت ڇو ڪئي وڃي؟

(۱) نعيمي صہ۶۴ جلد۱۱ (۲) روح البيان صہ۵۰۸ جلد۳

اعتراض "۲" حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان کي ڍهرايـو ۽ ساڙايو ڇو؟ پاڻ منافقن کي ڪڍي ڇڏين ها مسجد قائم رکن ها.

جواب: ان جي قائم رکڻ ۾ ٻه خرابيون هيون "۱" تـه ان مسجد جو وقف صحيح مجٽو پوي ها حالانڪ صحيح نـه هو "۲" تـه ائين ڪرڻ سان انهن جي ان گناهه جي پاڙ نـه پٽجي ها ڪڏهن اهي نـه تـه ٻيا منافق ئي ان کي پنهنجو اڏو بنائي ڇڏين ها حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي طورسينا تي وڃڻ کانپوءِ سندس غيرموجودگيءَ ۾ سامريءَ سون مان هڪ گابي جي صورت ٺاهي ماڻهن کي چيو تـه: هي اوهان ۽ موسيٰ جو خدا آهي (معاذ الله) جڏهن حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام واپس آيو تـه اهو گابو ساڙائي ڇڏيائين ان ۾ استعمال ڪيل سون بـه ڪنهن کي نـه ڏنائين تانت ان بري عقيدي جي پاڙ پٽجي وڃي.

اَفَمَنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ عَلٰى تَقْوٰى مِنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٍ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ

ڀلا ڪائي ڪندڙن سان چڱو پوءِ اهو شخص جو رکيائين بنياد ان جو الله کان ڊڄڻ تي ۽ رضا مندي تي ڀلو آهي يا اهو جو

اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانْهَارَ بِهٖ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ

رکيائين بنياد ان جو ڪناري ٺٽن ڪرندڙ جي تي پوءِ ڪري پيو ان سان جهنم جي باهه ۾

وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾ لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ الَّذِيْ بَنَوْا رِيْبَةً

۽ الله نـه ٿو هدايت ڪري قوم ظالم کي هميشه آهي بنياد رکيل انهن جو جيڪو رکيائون شڪ (جو سبب ٿي)

فِيْ قُلُوْبِهِمْ اِلَّآ اَنْ تَقَطَّعَ قُلُوْبُهُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۱۰﴾ ع

۲|ع|۳

دلين انهن جي ۾ مگر هي جو ڪٽجي وڃن دليون انهن جون ۽ الله ڄاڻندڙ،حڪمت وارو آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جي مسجد ضرار ۽ مومنن جي مسجد قبا جو ابتدا جي لحاظ سان فرق بيان ڪيو ويو ۽ هنن آيتن ۾ انتها جي لحاظ سان فرق بيان ڪندي ارشاد ٿي

رهيو آهي "اَفَمَنۡ اَسَّسَ بُنۡيَانَهٗ عَلٰى تَقۡوٰى مِنَ اللّٰهِ وَرِضۡوَانٍ خَيۡرٌ اَمۡ مَّنۡ اَسَّسَ بُنۡيَانَهٗ عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانۡهَارَ بِهٖ فِىۡ نَارِ جَهَنَّمَ" ڇا پوءِ جنهن ان جو بنياد الله کان ڊڄڻ ۽ (ان جي) رضا حاصل ڪرڻ تي رکيو ڀلو آهي يا جنهن ان جو بنياد نهر جي ڪرندڙ ڪناري تي رکيو پوءِ ان سان جهنم جي باهه ۾ وڃي ڪريو اهو ڀلو آهي؟ مطلب ته جنهن ڪم جو بنياد تقوي، يقين، اخلاص ۽ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ تي هوندو اهو نهايت مستحڪم ۽ پائدار هوندو ان جي برخلاف جيڪو ڪم شڪ، شبهي، مڪر ۽ ٺڳيءَ تي بنا ڪيل هوندو اهو بري نيت، ناپائداري ۽ بري انجام جي لحاظ سان ائين آهي جيئن ڪنهن ڪرندڙ ۽ ڍهندڙ نهر جي ڪناري تي ڪا عمارت بيهاري وڃي جو جيڪڏهن ٿوري به زمين لڏي يا ان ڪناري پير ڪاڏي ته سڄي عمارت ڌماڪو ڪري هيٺ اچي ڪرندي ۽ نيٺ وڃي جهنم ۾ وڃي پهندي. "وَاللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ" ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نه ٿو ڪري. يعني ظالم جيڪڏهن ظاهر ۾ ڪو چڱو عمل به ڪري جيئن مسجد وغيره ٺاهڻ ته به ان جي ظلم ڪرڻ جي ڪري اهو ڪم چڱو نه ٿو رهي "لَا يَزَالُ بُنۡيَانُهُمُ الَّذِىۡ بَنَوۡا رِيۡبَةً فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ اِلَّاۤ اَنۡ تَقَطَّعَ قُلُوۡبُهُمۡ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ" جيڪو بنياد هنن رکيو آهي اهو هميشه سندن دلين ۾ شڪ (جو سبب ٿي) رهندو مگر جڏهن سندن دليون ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃن. ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي يعني انهن منافقن جي ان بري عمل جو اثر هيءُ ٿيو جو هميشه سندن دلين ۾ جيستائين موت سندن دلين کي ٽڪرا ٽڪرا نه ڪري نفاق قائم رهندو منافقي موجود هوندي ۽ اهو ڪٽڪو به رهندن ته الله تعاليٰ اسان جي منافقيءَ جو علم نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام کي ڏنو آهي اسان جو حشر الاءِ ڇا ٿيندو؟.

اِنَّ اللّٰهَ اشۡتَرٰى مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ وَاَمۡوَالَهُمۡ بِاَنَّ

بيشڪ الله خريد ڪيا مومنن کان سر انهن جا ۽ مال انهن جا عوض ان جي جو بيشڪ

لَهُمُ الۡجَنَّةَ ؕ يُقَاتِلُوۡنَ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ فَيَقۡتُلُوۡنَ وَيُقۡتَلُوۡنَ وَعۡدًا

انهن لاءِ بهشت آهي جنگ ڪن ٿا الله جي واٽ ۾ پوءِ قتل ڪن ٿا ۽ شهيد ڪيا وڃن ٿا وعدو ٿيل آهي

عَلَيۡهِ حَقًّا فِى التَّوۡرٰٮةِ وَالۡاِنۡجِيۡلِ وَالۡقُرۡاٰنِ ؕ وَمَنۡ اَوۡفٰى بِعَهۡدِهٖ مِنَ

ان تي سچو توراة ۾ ۽ انجيل ۾ ۽ قرآن ۾ ۽ ڪير وڌيڪ وفادار آهي پنهنجي وعدي سان

اللّٰهِ فَاسۡتَبۡشِرُوۡا بِبَيۡعِكُمُ الَّذِىۡ بَايَعۡتُمۡ بِهٖ ؕ وَذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿۱۱۱﴾

الله کان؟ پوءِ خوش ٿيو ان پنهنجي سودي تي جو سودو ڪيو ان سان ۽ اهائي ڪاميابي وڏي آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ تبوڪ جي جنگ ۾ نہ ويندڙن منافقن ۽ ڪن سستي ڪندڙن پوءِ معافي وٺندڙن مسلمانن جو ذڪر هو ۽ هن آيت ۾ جهاد ڪندڙن، مخلصن مومنن جو ذڪر ڪندي انهن تي ٿيندڙ ڪرم نوازيءَ جو بيان ٿي رهيو آهي ايزدي ارشاد آهي إِنَّ اللَّهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُم بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ يُقَاتِلُونَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ فَيَقْتُلُونَ وَيُقْتَلُونَ بلاشڪ الله مومنن ڪان سندن سر ۽ مال ان جي عوض خريد ڪيا آهن جوانهن لاءِ بهشت آهي. (اهي مومن) الله جي واٽ ۾ جهاد ڪن ٿا پوءِ (ڪڏهن) ٻين کي قتل ڪن ٿا ۽ (ڪڏهن پاڻ) شهيد ڪيا وڃن ٿا مفسر قرآن علامه ابوالبرڪات عبدالله نسفيءَ لکيو آهي تہ هڪ ڀيري حضور عليه الصلواة والسلام جن هيءَ آيت تلاوت ڪري رهيا هئا تہ هڪ اعرابي اتان اچي لنگهيو ۽ ان ٻڌي عرض ڪيو تہ اهو ڪامياب ۽ نفعي وارو سودو چڙهيو نہ آهي پوءِ جهاد جي لاءِ نڪتو ۽ جهاد ڪندي شهيد ٿي ويو. (۱)

ڪريم رب جي ڪرم نوازي

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اسان جا وجود بہ الله تعاليٰ پيدا ڪيا تہ اسان وٽ جيڪو مال ۽ ملڪيت آهي سا بہ ان جي عطا ڪيل آهي اسان جي سرن ۽ مالن جو حقيقي مالڪ بہ پاڻ آهي اهو جيڪڏهن اسان جي سرن ۽ مال ملڪيت کي ائين ئي وٺي ۽ جيئن گهري تيئن ان ۾ تصرف ڪري تہ ڪنهن کي مجال آهي جو چو ۽ چا لاءِ ڪري پر ان ڪريم جي ڪرم نوازي ۽ بنده پروري آهي جو پنهنجين شين جو اسان کي مالڪ قرار ڏئي ۽ وري ان فاني وجود ۽ بي بقا، دنيوي سامان جو پاڻ خريدار بڻيو ۽ قيمت ايتري ڳري عطا فرمايائين جنهن جو ڪو انسان تصور ئي ڪري نہ ٿو سگهي يعني بهشت جڏهن مدينه منوره جا رهاڪو ستر انصار مڪه مڪرمه ۾ آيا ۽ رات جو اڪيلائيءَ ۾ حضور پر نور ﷺ جي هٿ مبارڪ تي اها تاريخي بيعت ڪيائون جنهن کي بيعت عقبه ثانيه سڏيو وڃي ٿو تہ ان وقت حضرت عبدالله بن رواحه رضي الله تعاليٰ عنه سندن خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو تہ اي الله جا نبيﷺ! (عليڪ الصلواة والسلام) جيڪو شرط اوهان پنهنجي رب جي لاءِ ۽ پنهنجي ذات پاڪ جي لاءِ اسان کي مڃائڻ گهرو ٿا مڃايو پاڻ فرمايائون تہ "الله جل شانه جي لاءِ تہ هي شرط آهي جو اوهان صرف ان جي عبادت ڪيو ۽ ڪنهن کي ان جو شريڪ نہ بڻايو ۽ منهنجي لاءِ هي شرط آهي تہ جنهن شيءِ سان اوهان پنهنجن سرن ۽ مال جي حفاظت ڪندا آهيو ان سان منهنجي بہ حفاظت ڪجو انصارن عرض ڪيو تہ جيڪڏهن اسان اهي شرط پورا ڪيا تہ اسان کي ڇا ملندو؟ پاڻ فرمايائون تہ "جنت" اهو ٻڌي ان وقت خوشيءَ مان انهن جون دليون باغ بهار ٿيڻ لڳيون ۽

(۱) المدارڪ صہ ۱۴۷ جلد۱ جزءِ ۲

چوڻ لڳا تہ هيءُ سودو تہ وڏي فائدي وارو آهي اهو نہ اسين پاڻ ٽوڙيندا سون نہ اوهان سان ٽوڙڻ جي خواهش جو اظهار ڪندا سون تڏهن هيءُ آيت نازل ٿي (١) خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ مذڪور خريد وفروخت جو مطلب اهو ناهي تہ هينئر ڪان ئي مومنن جا ساه ۽ مال قبض ڪيا ويندا جيئن عام طور واپار ۾ ٿيندو آهي پر ان جي مدعا اها آهي تہ جڏهن مالي قربانيءَ جو موقعو اچي تہ اوهان تامل ۾ فڪر ڪانسواءِ پنهنجو سمورو مال قربانيءَ لاءِ پيش ڪيو ۽ جڏهن جهاد جي ميدان ۾ نڪرڻ جو وارو اچي تہ سرهتن تي رکي حاضر ٿي وڃو اوهان جي طرفان اهو پڪو فيصلو هجي پوءِ پلي اوهان جا سر ۽ مال محفوظ رهي جنگ ۾ استعمال نہ ٿين تہ بہ اوهان ڪي ان جو معاوضو بهشت ضرور ملندو جنهن جو اوهان سان وعدو ڪيو ويو آهي "وَعۡدًا عَلَيۡهِ حَقًّا فِى التَّوۡرَاةِ وَالۡاِنۡجِيۡلِ وَالۡقُرۡاٰنِ" ان تي توراة،انجيل ۽ قرآن ۾ سچو وعدو ٿيل آهي مطلب تہ اهو اهڙو وعدو نہ آهي جنهن کي پورو نہ ڪرڻ جو خطرو هجي بلڪ هي پڪو وعدو آهي ۽ ان جو ذڪر صرف قرآن پاڪ ۾ نہ پر اڳين آسماني ڪتابن توراة ۽ انجيل ۾ آهي.

سوال: هلندڙ دور جي توراة ۽ انجيل ۾ ان جو ذڪر آهي؟

جواب: ياد ڪرڻ گهرجي تہ توراة ۽ انجيل ۾ يهودين ۽ عيسائين ڪافي ڪجھ ڦيرڦار ڪئي آهي پر ان هوندي بہ انهن تحريف ڪيل ڪتابن ۾ هن آيت وارو مضمون ملي ٿو. (٢) علامہ جمال الدين قاسمي لکيو آهي تہ مٿيئن آيت وانگر جهاد تي حرص ڏياريندڙ مضمون توراة ۾ ملي ٿو (٣) "وَمَنۡ اَوۡفٰى بِعَهۡدِهٖ مِنَ اللّٰهِ فَاسۡتَبۡشِرُوۡا بِبَيۡعِكُمُ الَّذِىۡ بَايَعۡتُمۡ بِهٖ وَذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ" ۽ الله کان وڌيڪ پنهنجي وعدي کي وفا ڪندڙ ڪير آهي؟ پوءِ ان پنهنجي سودي تي خوش ٿيو جيڪو اوهان ان سان ڪيو آهي ۽ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي. مقصد تہ وعدي وفا ڪرڻ ۽ پوري ڪرڻ ۾ الله کان وڌيڪ ڪير بہ ناهي ڇو تہ ٻئي ڪنهن کي وعدي وفا ڪرڻ ۾ رڪاوٽون بہ درپيش اچي سگهن ٿيون مگر الله تعالىٰ تہ سڀ ڪان غالب آهي. ان جي ڪري ان سان سودي ڪرڻ تي سڀ خوش رهو اهو سودو جنهن کي نصيب ٿيو ان کي وڏي ڪاميابي حاصل ٿي حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنہ جو فرمان آهي تہ: اوهان جي بدنن جو ملهہ جنت ڪانسواءِ ڪا بي شيءِ ناهي انهن کي وڪڻو تہ بہ جنت جي بدلي ۾ وڪڻو (۴)

(١) تنويرالاذهان صہ ١٠٦ جلد ٢ (٢) ضياءُ القرآن صہ ٢٥٧ جلد٢ تفهيم القرآن صہ ج٢
(٣) تفسير القاسمي صہ ٢٢٢ جلد ٥ جز ٨ (۴) تفسير المراغي صہ ٣٣ جلد ۴ جزءِ ١١

فائدا: "۱" الله جل شانه جي بارگاه بي ڪس پناهہ ۾ ايمان وارن جي جان ۽ مال جنت ڪان بہ اعليٰ ۽ ارفع آهن ڇو تہ هن آيت ۾ مومنن جي جان ۽ مال ڪي جنت جي عوض ۾ خريد ڪرڻ جو بيان ڪيو ويو آهي جيئن "بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ" مان واضح ٿي رهيو آهي "۲" مومن ڪي اهو يقين رکڻ گهرجي تہ سندس جان ۽ مال الله جل شانه سان واپار ۾ ان جي حوالي ٿي چڪا آهن ۽ پنهنجي مال ۽ هر عضوي ڪي ان جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ استعمال نہ ڪندڙ خيانت ڪندڙ سمجهيو ويندو ۽ اهو بہ يقين رکي تہ ائين ڪرڻ سان ڪيس جنت عطا ٿي چڪي آهي "۱"

اَلتَّآئِبُوْنَ الْعَابِدُوْنَ الْحَامِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرَّاكِعُوْنَ

توبه ڪندڙ،عبادت ڪندڙ،حمد ڪندڙ،روزو رکندڙ،رکوع ڪندڙ،

السَّاجِدُوْنَ الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ

سجدو ڪندڙ،امر ڪندڙ سٺي ڪم جو ۽ روڪيندڙ برائيءَ ڪان

وَالْحَافِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۲﴾

۽ حفاظت ڪندڙ الله جي حدن جا ۽ خوشخبري ڏي مومنن ڪي

تفسير

اڳيئين آيت ۾ ٻڌايو ويو تہ الله جل شانه جي ذات انهن لاءِ ڪاميابي رکي آهي جن پنهنجون جانيون ۽ مال سندس حوالي ڪيا ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪي ماٿهو هنن "۹" صفتن سان موصوف آهن انهن لاءِ بہ جنت جي بشارت آهي فرمان الاهي آهي "اَلتَّآئِبُوْنَ الْعَابِدُوْنَ الْحَامِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرَّاكِعُوْنَ" توبه ڪندڙ، عبادت ڪندڙ،حمد ڪندڙ، روزا رکندڙ، رکوع ڪندڙ، هي ڪاملن مومنن جي سهڻين صفتن جو بيان آهي "۱" اَلتَّآئِبُوْنَ توبه ڪندڙ- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هتي اهو لفظ جنهن انداز سان آندو ويو آهي ان مان صاف ظاهر

(۱) نعيمي ص۴۰ جلد ۱۱

آهي تہ توبه ڪرڻ اهل ايمان جي مستقل صفت آهي مومن جيتوڻيڪ پنهنجي پوري شعور ۽ ارادي سان الله جل شانه سان پنهنجي ساهہ ۽ مال جي وڪڻڻ جو معاملو طي ڪري چڪو آهي پر جڏهن تہ ظاهري لحاظ سان اٿين محسوس ٿيندو آهي تہ ساه بہ سندس شيءِ آهي ۽ مال بہ سندس شئي آه ۽ اها ڳالهہ تہ اهي ٻئي اصل ۾ الله تعالىٰ جي ملڪيت آهن محسوس نہ ٿيندي آهي بلڪ هڪ معقول امر آهي ان جي ڪري مومن جي حياتيءَ ۾ ڪئين ڀيرا اهڙا موقعا ايندا آهن جو اهو مذڪور واپار ان ڪان ذهن مان نڪري ويندو آهي ۽ الله جل شانه جي بي فرماني ڪري وهندو آهي پر حقيقي مومن جي صفت هيءَ آهي تہ بي فرمانيءَ ڪان پوءِ پشيمان ٿي الله تعالىٰ ڏانهن رجوع ڪندو۽ معافي گهرندو آهي. سندس ان صفت کي هتي بيان ڪيو ويو آهي "٢" "اَلْعَابِدُوْنَ" عبادت ڪندڙ، خالص الله جي لاءِ عبادت ۾ ٻئي ڪنهن کي شريڪ نہ بنائيندا "٣" "اَلْحَامِدُوْنَ" حمد ڪندڙ هر حال ۾ الله تعالىٰ جي ساراه ۽ ثنا ڪندا رهندا- طبراني،حاڪم ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي صحيح سند سان حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن فرمايو "اَوَّلُ مَنْ يُدْعَي اِلَى الْجَنَّةَ الْحَمَّادُوْنَ الَّذِيْنَ يَحْمَدُوْنَ اللهَ عَلَي السَّرَّاءِ وَالضَّرَّاءِ" (١) يعني جنت ڏانهن اول اهي گهڻو حمد ڪندڙ ٻانها سڏيا ويندا جيڪي خوشيءَ ۽ ڏک ۾ الله جو حمد ڪندا آهن مطلب تہ هرحال ۾ هرجاءِ ۾ الله جي تعريف ڪرڻ وارا هر ننڍيءَ ۽ وڏيءَ نعمت ملڻ تي ان جو حمد ۽ شڪر ڪرڻ وارا. "۴" اَلسَّائِحُوْنَ. روزا رکندڙ. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ قرآن مجيد ۾ جتي بہ اهو لفظ آيو آهي ان مان مراد روزي رکڻ وارا آهن (٢) ۵- "اَلرَّاكِعُوْنَ" رڪوع ڪندڙ "٦" "اَلسَّاجِدُوْنَ" سجدو ڪندڙ. انهن ٻنهي صفتن مان مراد نمازي آهن نماز ۾ اٿڻ ۽ وهڻ بہ ٿيندو آهي پر جڏهن تہ رڪوع ۽ سجدو ان جا خاص ارڪان آهن تڏهن اهي خصوصيت سان ذڪر ڪيا ويا آهن ڇو تہ اٿڻ ۽ وهڻ تہ ٻين ڪمن ۾ بہ هوندو آهي ۽ رڪوع ۽ سجدو صرف نماز ۾ هوندو آهي ان جي ڪري گهڻو ڪري رڪوع ۽ سجدي مان مراد نماز هوندي آهي.

نماز جهاد کان بہ افضل آهي

بخاري ۽ مسلم حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله (ﷺ) جن کان (عرض ڪري) پڇيو تہ

(١) مظهري صہ ٣٠۴ جلد ۴ (٢) نعيمي صہ ٨١ جلد ١١ الڪشاف ص ٢١٧

"اَيُّ الْاَعْمَالِ اَحَبُّ اِلَى اللّٰهِ قَالَ الصَّلٰوةُ لِوَقْتِهَا قُلْتُ ثُمَّ اَيٌّ قَالَ بِرُّالْوَالِدَيْنِ قُلْتُ ثُمَّ اَيٌّ قَالَ اَلْجِهَادُ فِیْ سَبِيْلِ اللّٰهِ (١) يعني (نيڪن) عملن مان ڪهڙو عمل الله کي وڌيڪ پيارو آهي فرمايائون ته "وقت تي نماز پڙهڻ" عرض ڪيم ته ان ڪانپوءِ فرمايائون ته: والدين سان چڱائي ڪرڻ" عرض ڪيم ته ان ڪانپوءِ فرمايائون ته: الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ (٧) "اَلْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ نيڪيءَ جو امر ڪندڙ. نيڪيءَ مان مراد ايمان ۽ اطاعت آهي علامه ابو الليث لکيو آهي ته ماڻهن کي الله تعاليٰ جي توحيد ۽ چڱن ڪمن جو امر ڪن ٿا (٢) (٨) "وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ" ۽ برائيءَ کان روڪيندڙ منڪر مان مراد شرڪ ۽ گناهه آهن المطلب ته جيڪڏهن ڪنهن کي شريعت جي خلاف ڪو ڪم ڪندي ڏسندا ته ان کي روڪيندا (٣) (٩) "وَالْحَافِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ" ۽ الله جي حدن جي حفاظت ڪندڙ مقصد ته الله جل جلاله جي طرفان مقرر ڪيل حدن جي حفاظت ڪندا "۴" "وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ ايمان وارن کي بشارت ڏي. هي فرمان مبارڪ جدا ۽ نئون جملو آهي. ان جي ڪري هن جمله ۾ آيل واو ابتدائيه آهي "بشر" ۾ خطاب حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سان آهي. مقصد ته اي محبوب! مٿين صفتن سان موصوف مسلمانن، متقين، مومنن کي الله تعاليٰ جي طرفان ملندڙن خاص درجن، بلند مقامن ۽ قرب جي مبارڪ ڏي.

فائدو: هن آيت ۾ "اَلتَّائِبُوْنَ" توبه ڪندڙ اڳ ۾ آٿي واضح ڪيو ويو آهي ته نيڪ عمل کان اڳ ۾ برائين کان توبه ڪرڻ گهرجي توبه نيڪ عمل جي لاءِ ائين آهي جيئن نماز لاءِ وضو.

مَاكَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ آمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا

ناهي واسطي نبي جي ۽ انهن جي جو ايمان آندائون ته مغفرت طلب ڪن

لِلْمُشْرِكِيْنَ وَلَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ

مشرڪن جي لاءِ جيتوڻيڪ هجن صاحب مائٽيءَ جا ان ڪانپوءِ جو ظاهر ٿيو انهن لاءِ

(١) المظهري صـ٣٠٥ جلد۴ (٢) بحر العلوم صـ٧٦ جلد٢ (٣) فتح القدير صـ۴٠٨ جلد٢ (۴) ايسر التفاسير صـ ٢۴١ جلد٢

اَنَّهُمْ اَصْحَابُ الْجَحِيْمِ ﴿١١٣﴾ وَمَا كَانَ اسْتِغْفَارُ اِبْرَاهِيْمَ لِاَبِيْهِ

تہ تحقيق اهي دوزخي آهن ۽ نہ هئي مغفرت طلب ڪرڻ ابراهيم جي واسطي پيءُ (چاچي) پنهنجي

اِلَّا عَنْ مَّوْعِدَةٍ وَّعَدَهَآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗٓ

مگران وعدي جي ڪري جو وعدو ڪيائين ان سان پوءِ جڏهن ظاهر ٿيو ان لاءِ تہ

اَنَّهٗ عَدُوٌّ لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنْهُ ۚ اِنَّ اِبْرَاهِيْمَ لَاَوَّاهٌ حَلِيْمٌ ﴿١١٤﴾

بيشڪ اهو دشمن آهي واسطي الله جي تہ بيزار ٿيو ان کان تحقيق ابراهيم البت نرم دل بردبار آهي.

تفسير

اڳيئن آيت ۾ انهن صفتن جو ذڪر هو جن سان موصوف هجڻ مومنن جو شان ۽ انهن جي مناسب هو ۽ هتي انهن ڪمن کي بيان ڪيو ويو آهي جن جو ڪرڻ مناسب نہ آهي.

شان نزول

هنن ٻنهي آيتن جي شان نزول ۾ مختلف روايتون آهن جن مان هڪ هيءَ آهي تہ: حضرت علي رضي الله تعالیٰ عنه هڪ شخص کان ٻڌو تہ اهو پنهنجن مري ويلن ماءُ ۽ پيءُ جي لاءِ مغفرت جي دعا گهري رهيو هو تہ يا الله! تون انهن کي بخش فرماءِ. حضرت علي رضي الله عنه ان کي فرمايو تہ ڇا تون مشرڪن جي لاءِ مغفرت طلب ڪري رهيو آهين؟ ان چيو تہ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو پنهنجي مشرڪ پيءُ (چاچي) جي لاءِ مغفرت جي دعا گهري هئي اها ڳالهہ حضرت علي رضي الله تعالیٰ عنه حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪئي ان جي ڪري هي ٻئي آيتون نازل ٿيون (١) ۽ ڪن روايتن ۾ آيو آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجن والدين جي حق ۾ دعا گهري هئي ان کان کين روڪيو ويو آهي ڇو تہ اهي (معاذ الله) مشرڪ هئا. پر اهي روايتون مستند نہ آهن انهن جي ضعيف هجڻ کي علامه ثناء الله پاني پتي قدس سره وضاحت سان بيان ڪيو آهي(٢)

(١) نعيمي صـ٨٧ جلد١١ الكشاف صـ٢١٥ ج٢ (٢) مظهري صـ٣٠٦-٣٠٧ ج ۴

حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جا والدين كريمين رضي الله عنهما مشرك نه هيا پكا مومن هيا جيئن مون ان جو تحقيق هن تفسير جي پهرئين جلد ص۲۸۵ ۾ کولي لکيو آهي ايزدي ارشاد آهي "مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ آمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَلَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحَابُ الْجَحِيْمِ" نبي (ﷺ) ۽ مومنن جي لاءِ (جائز) نه آهي ته مشركن جي لاءِ مغفرت طلب كن جيتوڻيك سندن مائٽ هجن ان كان پوءِ جو انهن لاءِ ظاهر ٿي ويو آهي ته بلا شك اهي جهنمي آهن ذهن نشين كرڻ گهرجي ته جڏهن كو انسان فوت ٿي وڃي ٿو ته جيئرن كي گهرجي ته اهي ان جي لاءِ مغفرت جون دعائون كندا رهن تانته انهن جي دعائن سان پروردگار ان ميت كي مغفرت نصيب كري پر هتي واضح طور تي ٻڌايو ويو آهي ته مغفرت جي دعا صرف ان جي لاءِ آهي جيكو مومن هجي جيكو كفر ۽ شرك جي حالت ۾ مري ان جي لاءِ مغفرت گهرڻ جو دروازو بند كيو ٿو وڃي اهو حكم هن آيت ۾ نازل آهي پوءِ اهو كفر تي مرڻ وارو ڀلي كيترو به دعا كندڙ جو قريب، مائٽ هجي پر دعا كرڻ جي اجازت نه آهي علماءِ كرام لكيو آهي ته "مَا كَانَ" جي لفظ جو قرآن پاك ۾ استعمال ٻن معنائن سان آيو آهي نفيءَ جي معنىٰ ۾ جيئن فرمان عالي شان آهي "وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تَمُوْتَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ" (۲) كنهن نفس جي لاءِ ناهي ته اهو الله جي اذن كانسواءِ مري يا نهي جي معنىٰ ۾ جيئن هتي آيو آهي (۳) "وَمَا كَانَ اسْتِغْفَارُ اِبْرَاهِيْمَ لِاَبِيْهِ اِلَّا عَنْ مَّوْعِدَةٍ وَّعَدَهَآ اِيَّاهُ" ۽ ابراهيم جو پنهنجي پيءُ (چاچي) لاءِ استغفار صرف ان وعدي جي كري هو جيكو ان سان كيو هيائين هن آيت ۾ ان وسوسي جو ازالو كيو ويو آهي ته حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي طرفان آزر لاءِ مغفرت طلب كرڻ جو وجه ڇا هو جو حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام آزر سان وعدو كيو هو ته پاڻ ان جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرندو ۽ ان وقت سندس خيال مبارك ۾ اهو هو ته شايد آزر ايمان آڻي وڃي تڏهن پاڻ دعا گهري اهو وعدو پورو كيو هيائون.

آزر حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو چاچو هو پيءُ نه هو

چڱيءَ طرح ڄاڻڻ گهرجي ته قرآن پاك ۾ جتي به حضرت ابراهيم جي بيان ۾ "لِاَبِيْهِ" آيو آهي ان مان مراد سندس چاچو آزر آهي. حضرت ابراهيم جي پيءُ جو نالو تارخ هو ڇو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نسب جو سلسلو ان سان ملي ٿو ۽ سندن ابن

(۱) سورة آلعمران آيت ۱۴۵ ضياء القرآن صه ۲۵۹ جلد۲

۽ ڏاڏن ۾ ڪير بہ ڪافر ۽ مشرڪ نہ هو "۱" ابو الڪلام آزاد بہ لکيو آهي تہ "زياده قوي
بات يهي معلوم هوتي هے کہ آزر ان کا چچا تها اور يہ معاملہ اسی کے ساتهہ پيش
آيا "۲" فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهُ أَنَّهُ عَدُوٌّ لِلَّهِ تَبَرَّأَ مِنْهُ إِنَّ إِبْرَاهِيمَ لَأَوَّاهٌ حَلِيمٌ " پوء جڏهن ان لاءِ
ظاهر ٿيو تہ بيشڪ اهو الله جو دشمن آهي تہ ان کان بيزار ٿيو بلاشڪ ابراهيم نرم
دل، بردبار آهي يعني جڏهن حضرت ابرهيم عليه الصلواة والسلام کي خبر پئي تہ آزر
الله جو دشمن، مشرڪ آهي تہ سندس دل ۾ ان کان نفرت، پيدا ٿي ۽ ان جي لاءِ دعا
گهرڻ بند ڪري ڇڏيائين.

سوال: سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي ڪيئن معلوم ٿيو تہ آزر
مشرڪ آهي ۽ مشرڪ ٿي مرندو؟

جواب: ان ۾ بہ قول آهن "۱" تہ سندس دربار ۾ وحي آيو تہ اهو مشرڪ آهي
شرڪ تي مرندو "۲" تہ ان جو موت شرڪ تي ڏنو هيائين تڏهن ان جي لاءِ دعا نہ
گهريائين "أَوَّاهٌ" جي معنیٰ نرم دل ۽ گهڻي زاري ڪرڻ وارو، گهڻيون دعائون گهرڻ
وارو، هن لفظ جون چوڏهن معنائون آهن (۳) "حَلِيمٌ" معنیٰ تمام گهڻو بردبار ۽
برداشت ڪرڻ وارو.

فائدا: هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" "مَا كَانَ
لِلنَّبِيِّ" ۾ نالي مبارڪ جي بجاءِ "النبي" آڻڻ مان ثابت ٿيو تہ
ضرورت ڪانسواءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو نالو مبارڪ استعمال ڪرڻ
جي بجاءِ سندن ذڪر لقبن سان ڪجي "۲" مسلمان ڪنهن ڪافر جي لاءِ مرحوم يا
رحمت الله عليه يا رضي الله عنه نہ چوي ڇو تہ اهي سڀ دعا جا الفاظ آهن ۽ ڪافر
جي لاءِ دعا منع آهي "۳" ڪافرن کي ختم قرآن ۽ ٻين خير خيراتن جو ثواب بخشڻ بہ
حرام آهي ڇو تہ ان ۾ بہ ان جي مغفرت لاءِ دعا آهي "۴" ڪافرن جي بخشش ناممڪن
آهي جيڪو ڪفر جي حالت ۾ مرندو اهو جنتي نہ ٿي سگهندو (۲)

وَمَا كَانَ اللَّهُ لِيُضِلَّ قَوْمًا بَعْدَ إِذْ هَدَاهُمْ حَتَّى يُبَيِّنَ لَهُمْ

۽ ناهي الله (جو ڪم) تانت گمراهہ ڪري ڪنهن قوم کي ان کان پوءِ جو هدايت ڪيائين انهن کي تان جو کولي بيان ڪري

(۱) نعيمي صہ ۹۰ جلد ۱۱ —
(۲) نعيمي صہ ۹۱ جلد ۱۱

مَا يَتَّقُوْنَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ

انهن جي لاءِ اهو جو بچن (انهن کان) بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي بيشڪ الله ان جي لاءِ آهي بادشاهي آسمانن جي

وَالْاَرْضِ ۭ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۭ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١١٦﴾

۽ زمين جي جياري ٿو ۽ ماري ٿو ناهي اوهان لاءِ سواءِ الله جي ڪو (حقيقي) دوست ۽ نه ڪو (حقيقي) مددگار

تفسير

اڳين آيتن ۾ مري ويلن ڪافرن جي مٿان انتهائيءَ غضب جو اظهار ڪيو ويو ته ڪوبه انهن جي مغفرت لاءِ دعا نه گهري ۽ هتي ان غضب جو سبب ۽ وجه بيان ڪيو ويو آهي ته الله تعالىٰ انهن کي انبياءِ عظام عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي سڀ ڪجهه ٻڌايو هو پوءِ به اهي ڄاڻي واڻي ڪافر رهيا انهن تي اها ڪاوڙ ۽ سختي ظلم ناهي عين عدل ۽ انصاف آهي فرمان مبارڪ آهي "وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ قَوْمًا بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ" ۽ الله جي (شان جي لائق) ناهي جو ڪنهن قوم کي هدايت ڪرڻ ڪانپوءِ گمراهه ڪري. هدايت مان مراد اسلام آهي جيڪو رب العزة جل شانه پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي ٻانهن تائين پهچايو "حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمْ مَّا يَتَّقُوْنَ" تان جو انهن لاءِ اهي شيون بيان ڪري جن کان بچڻ ضروري آهي.

مقصد ته الله جل شانه ٻانهن جي لاءِ حق کي ظاهر ڪري کولي کولي بيان ڪندو آهي ان ڪانپوءِ به جيڪڏهن ڪو شخص ڪفر تي قائم رهي ٿو ته رب العزة جل مجده ان کي گمراهن جي ٽولي ۾ داخل ڪرائي ٿو ڇڏي "لِيُضِلَّ" جو مطلب اهو ناهي ته سڌي رستي سان ويو ٿي پر الله جل شانه ان کي ان تان هٽائي گمراهه ڪري ڇڏيو "اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" بيشڪ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي ان کي اهو علم آهي ته ڪير حق ٻڌڻ ڪانپوءِ به نه ٿو مڃي ۽ سزا ۽ عذاب جو حقدار آهي ۽ ڪير آهي جيڪو بي علميءَ ۽ بي خبريءَ جي ڪري غلطي ڪري رهيو آهي. ڪنهن کي سزا ڏيڻ گهرجي ۽ ڪنهن کي معاف ڪرڻ گهرجي "اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ" بيشڪ آسمانن ۽ زمينن ۾ بادشاهي الله جي لاءِ ئي آهي جياري ٿو ۽ ماري ٿو هن

حصي ۾ انهن ماڻهن کي تسلي ۽ تسڪين ڏني وئي آهي جيڪي چوندا هيا تہ دنيا جي اڪثر آبادي ڪافر آهن جيڪڏهن اسين انهن کان جدا ٿي ويا سين تہ دنيا ۾ ڪيئن گذاريندا سين؟

نڪتو

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ظاهري بادشاهيءَ کي ملڪ ۽ باطني بادشاهت کي ملڪوت سڏيندا آهن جسم تي حڪومت ملڪ آهي دل ۽ جان تي حڪومت ملڪوت آهي رب العالمين عز اسمہ ملڪ ۽ ملڪوت ٻنهي جو مالڪ آهي ۽ "لَهٗ" ۾ لام تمليڪ جو آهي. اهي ٻئي جهان الله جل اسمہ جي ملڪيت آهن ٻانهن مان جيڪو جنهن شيءِ جو مالڪ آهي اهو ان جي عطا سان آهي الله جل مجده جي حقيقي مالڪ هجڻ جو اهو دليل آهي تہ پاڻ ئي جياري ۽ ماري ٿو.

"وَ مَالَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَانَصِيْرٍ" ۽ اوهان جو الله کانسواءِ ڪوبہ نہ (حقيقي) دوست آهي ۽ نہ مددگار. مطلب تہ جڏهن آسمانن ۽ زمينن ۾ ان جي بادشاهي آهي تہ ان جو ئي حڪم هلندو اهو پنهنجي علم محيط ۽ ڪامل قدرت سان جيڪي احڪام نافذ ڪري ٻانهن جو ڪم آهي تہ خوف ۽ خطري کانسواءِ ان تي عمل ڪن ڪنهن رياءَ وغيره کي ان ۾ دخل نہ ڏين ڇو تہ حقيقت ۾ الله تعالىٰ کانسواءِ ٻانهن جو ڪوبہ دوست ۽ مددگار ناهي.

اعتراض: وَمَالَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ" مان ثابت ٿيو تہ الله تعالىٰ کانسواءِ ڪوبہ دوست ۽ مددگار نہ آهي پوءِ اوهان ڇو ٿا چئو تہ انبيا عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءَ ڪرام بہ مددگار آهن؟

جواب: ان مان مراد آهي تہ ڪوبہ حقيقي مددگار نہ آهي باقي مجازي،الله تعالىٰ جي اذن سان انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ ڪرام بہ مددگار آهن جيئن رب العزة جل شانہ جو ٻيو فرمان آهي "اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" بلاشڪ اوهان جو دوست، (مددگار) الله آهي ۽ ان جو رسول ۽ جن ايمان آندو-اهل السنت والجماعت وارا رب العزة جل شانہ جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ ڪرام کي ان مجازي معنىٰ سان مددگار سمجهندا آهن جيڪو بالڪل درست ۽ صحيح آهي.

لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَالْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ

البت تحقيق ٻاجهہ سان توجهہ فرمايو الله نبي ڏانهن ۽ مهاجرن ۽ انصارن ڏانهن جن

اتَّبَعُوْهُ فِيْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْۢ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ فَرِيْقٍ

تابعداري ڪئي ان جي تنگيءَ جي گهڙيءَ ۾ ان ڪانپوءِ جو ويجهي ٿي هيءَ ڳالهہ جو ٽڙن دليون هڪ ٽولي جون

مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۱۷﴾

انهن مان ان ڪانپوءِ جو توبه قبول ڪرڻ سان متوجهہ ٿيو انهن ڏانهن بيشڪ اهو انهن سان ٻاجهارو، مهربان آهي

وَّعَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا ۭ حَتّٰٓى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ

۽ (انهن) ٽن تي جيڪي پوئتي رهايا ويا تان جو جڏهن تنگ ٿي انهن تي

الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَظَنُّوْٓا اَنْ

زمين ان جي باوجود جو ڪشادي هئي ۽ تنگ ٿيا (منجهي پيا) انهن تي ساهہ انهن جا ۽ ڀانيائون تہ ناهي

لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّآ اِلَيْهِ ۭ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا ۭ

ڪابہ پناهہ جي جاءِ الله کان مگر ان ڏانهن ان ڪانپوءِ (ٻاجهہ سان) موٽيو انهن تي تانتہ توبه ڪن

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۱۸﴾ ع

بيشڪ الله ئي توبه قبول ڪندڙ مهربان آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام تي ڪيل اهو اعتراض دفع فرمايو تہ ان پنهنجي مشرڪ چاچي آذر جي لاءِ مغفرت جي دعا ڇو گهري؟ ۽ هتي ڪن اصحابن سڳورن تي ڪيل اعتراض (تہ اهي تبوڪ جي جنگ کان ڇو رهجي ويا) دفع ڪندي ارشاد ٿيو آهي "لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَالْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ

ع ۴/۱۴

الَّذِينَ اتَّبَعُوهُ فِي سَاعَةِ الْعُسْرَةِ " البت تحقيق ٻاجهه سان توجهه فرمايو الله نبي تي ۽ مهاجرن ۽ انصارن تي جيڪي تنگيءَ جي گهڙيءَ ۾ سندس تابع ٿيا. سمجهڻ گهرجي ته آيت ۾ آيل لفظ "الْعُسْرَةِ" جي معنيٰ آهي تنگي ۽ سختي. ۽ هتي "سَاعَةِ الْعُسْرَةِ" مان مراد آهي تبوڪ جي جنگ وارو زمانو جڏهن مسلمان نموني،نموني جي مشڪلاتن ۾ گهيريل هئا سخت گرميءَ جي موسم هئي سفر تمام وڏو ۽ ڏکيو هو ۽ روم جي بادشاهه قيصر جي نهايت وڏي لشڪر جو مقابلو هو سوارين جي ايتري گهٽتائي هئي جو ڏهن "۱۰" ماڻهن لاءِ هڪ اٺ هو جنهن تي واري واري سان سوار ٿي رهيا هئا کاڌي جو سامان به ٿورو هو ۽ اهڙو وقت به آيو جو ٻن ماڻهن کي کجور جي هڪ داڻي تي وقت بسر ڪرڻو پيو هو پاڻي به نه هجڻ جي برابر هو اهڙي ڏکيي وقت ۾ منافق ته بهانا ناهي گهرن ۾ ويهي ويا مگر حالات جي سخت هجڻ جي ڪري ڪن مخلص مسلمانن جي دلين ۾ به خيال پيدا ٿيو ته اهي به ان سفر ۾ شريڪ نه ٿين پر الله تعاليٰ انهن جي ترڪندڙن پيرن کي مضبوط بنايو ۽ انهن جي دلين مان ان شيطاني وسوسي کي ڪڍي ڇڏيو ۽ الله جل جلاله جي طرفان عطا ٿيل ان خاص توفيق جي مدد سان اهي جهاد ۾ شريڪ ٿيا انهن مان هڪ جو نالو ابو خيثمه هو اهو به مخلص مومن هجڻ جي باوجود حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن سان ان جهاد ۾ شريڪ نه ٿيو هو. هڪ ڏينهن ٻن پهرن جي وقت منجهند جو جڏهن گهر آيو ۽ ڏٺائين ته ان جي ٻن گهروارين پنهنجي پنهنجي ڪمري جي اڳيان پاڻيءَ جو ڇنڪار ڪري ٿڌي پاڻيءَ جون گهگهيون ۽ لذيذ کاڌو تيار ڪري رکيو آهي ته ڪجهه سوچي دروازي وٽ ئي بيهي رهيو ۽ پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳو ته افسوس! الله تعاليٰ جو محبوب عليه الصلواة والسلام ته سخت اس ۽ گرم گرم هوائن ۾ سفر جون تڪليفون برداشت ڪري رهيو آهي ۽ مون لاءِ ٿڌيءَ ڇانو ۾ هنڌ لڳو پيو آهي پيئڻ جو ٿڌو پاڻي، لذيذ کاڌو ۽ انتهائي حسين به زالون خدمت ڪرڻ لاءِ موجود آهن. الله جل شانه جو قسم ته اهو انصاف ناهي پوءِ پنهنجين گهروارين کي چيائين ته: جيستائين پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام سان نه ملندس تيستائين ٿڌيءَ ڇانو ۾ نه وهندس. ائين چوندي پنهنجيءَ ڏاچيءَ تي سوار ٿي تبوڪ وارو رستو ورتائين ۽ ان کي تڪو هلائيندي جڏهن حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي لشڪر کي ويجهو پهتو ته اصحابن سڳورن نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته: يا رسول الله! هيءَ سوار ته اسان ڏانهن اچڻ وارو ٿو

معلوم ٿئي. پاڻ فرمايائون تہ "كُنْ اَبَا خَيْثِمَةَ" ابو خيثمة هج. جڏهن اهو ويجهو آيو ۽ اصحابن سڳورن سڃاتو تڏهن عرض ڪيائون تہ: والله هو ابو خيثمة" الله جو قسم تہ اهو ابو خيثمة آهي حضرت ابو خيثمه خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي پنهنجو سمورو قصو ٻڌايو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ سندس حق ۾ دعا فرمايائون. (۱)

توبه مان مراد ڇا آهي؟

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ "تَابَ اللّٰهُ" جو جملو آيل آهي تاب جو فاعل الله آهي. ان جي معنیٰ آهي توبه جي توفيق ڏيڻ يا توبه قبول ڪرڻ ۽ هتي پهرين معنیٰ مراد آهي ۽ جيڪڏهن ان جي معنیٰ رحمت نازل ڪرڻ ڪئي ويندي تہ پوءِ تہ مراد ظاهر آهي.

حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذڪر ڪرڻ ۾ حڪمتون

ياد رکڻ گهرجي تہ "تَابَ اللّٰهُ" کانپوءِ "عَلَى النَّبِيِّ" آڻڻ ۾ مفسرن ڀلارن ھي حڪمتون بيان ڪيون آهن "۱" محبوب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جو ذڪر صرف برڪت جي لاءِ آهي اصل مقصد مهاجرن ۽ انصارن جي توبه مقبول ڪرڻ جو بيان آهي جيئن "فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ" ۾ الله جو ذڪر برڪت جي لاءِ آهي حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان گناهہ نہ ٿيا نہ ممڪن آهي جو ٿين پاڻ هر طرح معصوم ۽ پاڪ آهن جڏهن گناهہ ٿيا ئي ناهن تہ پوءِ توبه ڇاجي؟ "۲" "تَابَ" جي معنى آهي الله جل شانه جي رحمت متوجه ٿي ۽ جڏهن تہ الله جي رحمت اول حضور عليه الصلواة والسلام تي ايندي آهي ۽ پوءِ سندن ذريعي ۽ واسطي سان ٻين ۾ تقسيم ٿيندي آهي ان جي ڪري اول حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جو ذڪر آيو ان کانپوءِ مهاجرن ۽ انصارن جو "۳" تاب جي معنى آهي گناهن کان بچايائين، بي گناه بنايائين مطلب تہ الله تعالیٰ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي معصوم بنايو ۽ مهاجرن ۽ انصارن کي محفوظ فرمايو. (۲)

محبوب عليه الصلواة والسلام جي محبوب دعا

جڏهن پاڻيءَ نہ ملڻ جي ڪري مجاهدن کي اڄ سخت پريشان ڪيو ۽ ڪيترن جون زبانون ٻاهر نڪري آيون تڏهن سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه حبيب

(۱) ضياء القرآن صہ ۲۶۰ ۔ ۲۶۱ جلد ۲ (۲) نعيمي صہ ۱۰۰ ۔ ۱۰۱ جلد ۱۱

پاڪ عليه التحيه والتسليم جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: سائين! برسات جي لاءِ دعا گهرو لشڪر وارا اڄ جي ڪري سخت پريشان آهن. محبوب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن حضرت ابوبڪر کي فرمايو تہ ڇا تون بہ اها ڳالهہ پسند ڪرين ٿو؟ عرض ڪيائين تہ هائو. پوءِ پاڻ دعا جي لاءِ هٿ مبارڪ کنياٿون تہ ڪڪر ڦرجي آيا ۽ ايترو مينهن وسيو جو مجاهدن پاڻ پاڻي پيتو، پنهنجين سوارين کي پياريو، ٿانو ۽ کليون ڀريون ۽ پوءِ خبر پئي تہ مينهن صرف لشڪر تي وسيو هو ۽ باقي ڀر پاسي واريون زمينون جيئن سڪل هيون تيئن ئي هيون. (۱) "مِنْۢ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ فَرِيْقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ" ان ڪانپوءِ جو انهن مان هڪ جماعت جون دليون ڏنگي ٿيڻ جي قريب هيون وري بہ انهن تي مهربان ٿيو "اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ" بيشڪ اهو انهن سان ٻاجهارو، مهربان آهي مطلب تہ الله جل جلالہ جون حضور عليه الصلواة والسلام جن تي ۽ سندن صدقي مهاجرن ۽ انصارن تي بيشمار ڀلايون ۽ مهربانيون رهيون آهن جو انهن کي ايمان ۽ عرفان سان مشرف فرمايائين نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي اتباع، الله جي واٽ ۾ جهاد ۽ وڏن اهم امور جي سر انجام ڏيڻ جي همت ۽ توفيق عطا ڪيائين پوءِ اهڙي مشڪل وقت ۾ جڏهن بعضي مومنن جون دليون بہ مشڪلاتن ۽ مصيبتن جا هجوم ڏسي ڏکڻ لڳيون هيون ۽ سندن قدم نبوي رفاقت کان پوئتي هٽڻ جي قريب هيا تہ الله تعالىٰ وري مهرباني ڪري انهن کي انهن وسوسن ۽ خيالن کان آزاد ۽ محفوظ فرمايو ۽ سندن ارادن ۽ همتن کي بلند بنايو. "وَّعَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا" ۽ انهن ٽن شخصن تي جيڪي پوئتي رهايا ويا- هنن ٽن مان مراد ڪعب بن مالڪ، هلال بن اميه ۽ مراد بن الربيع آهن جيڪي مخلص مومن هجڻ جي باوجود ڪنهن شرعي عذر کانسواءِ رڳي آرام جي يار هجڻ جي ڪري تبوڪ جي جنگ ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا. جڏهن حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن واپس تشريف فرما ٿيا تہ نہ انهن منافقن وانگر ڪوڙا عذر پيش ڪيا ۽ نہ بعضي اصحابن وانگر پاڻ کي مسجد جي ٿنڀن سان ٻڌائون جيڪو واقعو هو اهو صاف صاف بيان ڪيائون ۽ پنهنجو قصور ۽ ڪوتاهي کلي مڃيائون نتيجو هي ٿيو جو منافقن کي بظاهر ڇڏي ڏني وئي، سندن باطني ڳالهيون الله جل شانہ جي حوالي ڪيون ويون مسجد جي ٿنڀن سان ٻڌلن جي توبہ قبول ڪئي وئي ۽ هنن ٽن جو فيصلو ان جي ڪري ڪجهہ وقت لاءِ ملتوي ڪيو ويو تہ آئنده جي لاءِ ائين سستي نہ ڪن ۽ پنجاهہ ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ هنن جي توبہ

"۱" روح البيان صہ ۵۲٦ جلد۳

قبول ڪئي وئي "خُلِّفُوْا" (پوئتي رهايا ويا) مان اهو پوئتي رهائڻ مراد آهي. (١)
حَتّٰٓى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَظَنُّوْٓا اَنْ لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّآ اِلَيْهِ" تان جو انهن تي ڪشادي هجڻ جي باوجود زمين تنگ ٿي پئي ۽ سندن ساه به تنگ ٿي منجهي پيا ۽ سمجهي ويا ته الله جي ذات کانسواءِ ڪا به پناه جي جاءِ نه آهي مطلب ته ايڏي وڏي ساري زمين به انهن کي تنگ محسوس ٿي رهي هئي ڪٿي به سڪون ۽ قرار نه ٿي حاصل ٿين ۽ سندن ساه تنگ ٿي منجهي ٿي پيا پنهنجي جان کان تنگ ٿي پيا هئا ڪير به ساڻن نه ڳالهائڻ لاءِ تيار هو نه سلام ڪلام ڪرڻ لاءِ ۽ اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ويا هئا ته اسين الله جل جلاله جي عتاب ۽ ميار جي هيٺان اچي ويا آهيون ان جي معاف ڪرڻ کانسواءِ ڪو رستو ناهي "ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ" ان ڪانپوءِ انهن تي توبه قبول ڪرڻ سان مهربان ٿيو تانته اهي رجوع ڪن بيشڪ الله ئي توبه قبول ڪندڙ، مهربان آهي هتي "ثُمَّ تَابَ" ۾ تاڪيد جي لاءِ وري توبه جي قبول ڪرڻ کي بيان ڪيو ويو آهي تانت ڀانها توبه ڪرڻ ڪانپوءِ مايوس نه رهن.

يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾

اي ايمان وارو! ڊڄو الله کان ۽ گڏ هجو سچن سان

تفسير

اڳين آيتن ۾ تبوڪ جي جنگ ۾ نه وڃڻ وارن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي سچي توبه قبول ڪرڻ جو بيان هو ۽ هن آيت ۾ اهڙن سچن سان گڏ رهڻ جو ارشاد ٿي رهيو آهي "يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ" اي ايمان وارا! الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ هجو هن آيت ۾ رب العزة سچن ڀانهن جي صحبت جي ترغيب ڏياري آهي حضرت ابن عباس ۽ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما جو فرمان آهي ته صادقين سان گڏ هجڻ مان مراد آهي حضور عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي اصحابن سان گڏ هجو.

(١) حاشيه شبير احمد عثماني ص ۲۷۲ مطبوعه سعودي عربيه.

ضحاڪ ۽ سعيد بن جبير جو قول آهي تہ مراد آهي تہ ابوبڪر ۽ عمر سان گڏ هجو (۱) فقهاءِ ڪرام فرمايو آهي تہ هيءَ آيت اجماع امت جي شرعي حجت هجڻ جو هڪ مستقل دليل آهي عارفن ٻانهن ڪاملن مرشدن جي صحبت ۽ مجتهدن امامن جي اقتدا! جو اشارو بہ هن آيت مان سمجهيو ويو آهي ۽ گڏ رهڻ مان مراد سچن جي ويجهو ۽ گڏ رهڻ آهي . (۲)

سچ ڳالهائڻ جون ڀلايون

علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمتہ هن آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: جڏهن هر جاءِ تي سچ استعمال ڪيو ويندو جيئن دل ۾، فڪر ۾، نيت ۾، قول ۾، فعل ۾، عمل ۾ تہ منامات، واردات، احوال، مقامات، مواهب ۽ مشاهدات بہ سچا نصيب ٿيندا. ڇو تہ سچ ڪمال جي وڻ جو اصل، احوال جي ميوي جو ٻج ۽ هر قسم جي خير ۽ سعادة جي مالڪ هجڻ جو ذريعو آهي (۳)

نبوي ارشادات

نمبر۱: ابو داود طيالسي، الادب المفرد ۾ بخاري، ابن عدي ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ مون رسول الله ﷺ جن کان هڏو ڀاڻ فرمايائون تہ "عَلَيْكُمْ بِالصِّدْقِ فَاِنَّهٗ يَهْدِيْ اِلَى الْبِرِّ وَهُمَا فِي الْجَنَّةِ وَاِيَّاكُمْ وَالْكَذِبَ فَاِنَّهٗ يَهْدِيْ اِلَى الْفُجُوْرِ وَهُمَا فِى النَّارِ وَلَايَزَالُ الرَّجُلُ يَصْدُقُ حَتّٰى يُكْتَبَ عِنْدَاللهِ صِدِّيْقًا وَلَايَزَالُ يَكْذِبُ حَتّٰى يُكْتَبَ عِنْدَاللهِ كَذَّابًا" يعني اوهان سچ کي لازم ڪري وٺو اهو يقينًا نيڪيءَ جو رستو ڏسي ٿو ۽ اهي ٻئي (سچ ۽ نيڪي) بهشت ۾ (پهچائڻ وارا) آهن ۽ پاڻ کي ڪوڙ کان پري رکو پوءِ يقين ڄاڻو تہ اهو ڪوڙ برائيءَ جي واٽ وٺرائي ٿو ۽ اهي ٻئي (ڪوڙ ۽ برائي) (جهنم جي) باه ۾ (پڄائڻ وارا) آهن ۽ مرد سچ ڳالهائيندو رهندو تہ الله وٽ بہ سچو لکيو ويندو ۽ ڪوڙ ڳالهائيندو رهندو تہ الله وٽ بہ ڪوڙو لکيو ويندو.

نمبر۲: ابن ابي شيبه، بخاري، مسلم ابن عدي، بيهقيءَ ۽ ابن ابي حاتم حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان بہ اهڙي معنىٰ ۽ مراد واري روايت آندي آهي.

نمبر۳: امام احمد ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ ابو مالڪ جشميءَ کان روايت آندي آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن ان کي فرمايو "ڏي خبر، جيڪڏهن

(۱) المظهري صہ ۳۲۰ جلد۴ (۲) حاشيه مراد آبادي صہ ۴۲۸ (۳) روح المعاني صہ ۵۶ جزء۱۱ جلد ۴

توکي ﺑﻪ ڀانها هجن هڪڙو تو سان خيانت ڪري ۽ ڪوڙ هٽي ٻيو تو سان خيانت نه ڪري ۽ سچ ڳالهائي ته انهن ٻنهي مان توکي وڌيڪ پيارو ڪهڙو لڳندو؟

ان عرض ڪيو ته جيڪو خيانت نه ڪري ۽ سچ ڳالهائي پاڻ فرمايائون ته: اوهان ﺑﻪ الله عز وجل وٽ ائين آهيو"(۱)

فائدا: هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا-۱: ايمان وارن کي سڌي تقوئ ۽ سچن سان گڏ رهڻ جي حڪم ڪرڻ مان ثابت ٿيو ته بي ايمان کي نه تقوئ مان فائدو ٿيندو نه صالحن سان گڏ رهڻ مان -۲: ايمان سان سڌڻ ڪانپوء تقوئ ۽ سچن جي گڏ رهڻ واري حڪم مان ثابت ٿيو ته صرف ايمان تي اڪتفا نه ڪجي تقوئ ۽ صالحن جي صحبت ﺑﻪ ضرورڪرڻ گهرجي -۳: دنيا ۾سچا ڀانها قيامت تائين ٿيندا رهندا ڇو ته انهن سان گڏ رهڻ جو حڪم عارضي ۽ وقتي نه پر دائمي آهي ۽ جيڪڏهن سچا ڀانها نه ٿيندا اڇن ته پوء ايمان وارا ڪنهن سان گڏ رهن (۲)

مَاكَانَ لِأَهْلِ الْمَدِيْنَةِ وَمَنْ حَوْلَهُمْ مِّنَ الْأَعْرَابِ أَنْ

نه هو (لائق) مدينه وارن ۽ انهن جي لاء جيڪي چوڌاري انهن جي آهن ٻهراڙيء وارن مان ته

يَّتَخَلَّفُوْا عَنْ رَّسُوْلِ اللهِ وَلَا يَرْغَبُوْا بِأَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ ذَالِكَ

پوئتي رهي پون الله جي رسول کان ۽ نه هيء ته محبت رکن سرن پنهنجن سان وڌيڪ ذات ان جي کان اهو

بِأَنَّهُمْ لَا يُصِيْبُهُمْ ظَمَأٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّلَا مَخْمَصَةٌ فِىْ سَبِيْلِ اللهِ

سببان ان جي جو بلا شڪ اهي نه ٿي پهچي انهن کي اڃ ۽ نه ڪا تڪليف ۽ نه بک الله جي واٽ ۾

وَلَا يَطَئُوْنَ مَوْطِئًا يَّغِيْظُ الْكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ نَّيْلًا إِلَّا

۽ نه ٿا لتاڙين ڪو رستو جو ڪاوڙ ڏياري ڪافرن کي ۽ نه ٿا ڪسي وٺن دشمن کان ڪا شيء مگر

كُتِبَ لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ۭ إِنَّ اللهَ لَا يُضِيْعُ أَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۲۰﴾

لکيو ٿو وڃي انهن لاء ان جي ڪري عمل سٺو بيشڪ الله نه ٿو ضايع ڪري اجر نيڪو ڪارن جو

(۱)الدر المنثور صه ۳۱۶ . ۳۱۷ جلد۴ (۲) نعيمي صه ۱۱۶ جلد۱۱

وَلَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَـةً صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً وَّلَا يَقْطَعُـوْنَ وَادِيًـا اِلَّا

۽ نہ ٿا خرچ ڪن ڪو خرچ ننڍو ۽ نہ وڏو ۽ نہ ٿا لنگھن ڪا واڏي مگر

كُتِبَ لَهُمْ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۱﴾

لکيو ويو انهن لاءِ تانت بدلو ڏي انهن کي الله سهڻو ان (ڪم) جو جيڪو ڪياون ٿي

تفسير

اڳيـنءِ آيت ۾ ايمان وارن کي تقويٰ ۽ سچن سان گڏ رهڻ جو حڪم ڪيـو ويـو هو ۽ هتي اها شيءِ ٻڌائي ٿي وڃي جيڪا ان تقويٰ جو بہ اصل آهي يعني حضور عليه الصلواة والسلام جن کان جدا نہ ٿيڻ سندن فرمان فيض رسان تي هلڻ گويا کہ هي آيتون اڳينءِ آيت جي تشريح ۽ تفسير آهـن. فـرمـان الاهي آهي "مَا كَانَ لِاَهْلِ الْمَدِيْنَةِ وَمَنْ حَوْلَهُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ اَنْ يَّتَخَلَّفُوْا عَنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ" يعني مدينہ وارن ۽ جيڪي ٻهـراڙيءِ وارا انهن جي چوڌاري آهـن انهـن لاءِ لائـق نـہ هـو جـو الله جي رسـول کـان پوئتي رهجـي ويهي رهـن مطلـب تـہ حضـور عليه الصلـواة والسـلام جـن سفـر جـون تڪليفون برداشت ڪري الله جي واٽ ۾ جهاد ڪن ۽ هي آرام جا يار ٿيو گهرن ۾ ويٺا رهن اهو انهن لاءِ مناسب ۽ لائق نہ آهي "وَلَا يَرْغَبُوْا بِاَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ" ۽ نہ اهو مناسب اٿن جو الله جي رسول عليه الصلواة والسلام جي ذات پاڪ کان پنهنجن سرن سان وڌيڪ محبت رکن. مفسرن هن فرمان مبارڪ جو هي مطلب بيان ڪيـو آهي تـہ ڪنهن بہ جهاد ۾ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام کان پوئتي نـہ رهـن جـو حضـور جـن جهـاد ۾ وڃن ۽ هي نـہ وڃن (۱) "ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ لَا يُصِيْبُهُمْ ظَمَاٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّلَا مَخْمَصَةٌ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَطَئُوْنَ مَوْطِئًا يَّغِيْظُ الْكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ نَّيْلًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ" اهو ان جي ڪري جو بلاشڪ اهي نہ ڪا اڃ ۽ نہ ڪا تڪليف ۽ نـہ ڪا بک انهن کي پهچي ٿي ۽ نہ ڪو اهڙو رستو لتاڙي وڃن ٿا جيڪو ڪافرن کي ڪاوڙ ڏياري ۽ نہ ڪنهن دشمن کان ڪاشيءِ ڪسي

(۱) نعيمـي صـہ ۹۰ جلد ۱۱

وٺن ٿا مگر انهن سڀني ڪمن جي ڪري سندن لاءِ نيڪ عمل لکيو ويندو آهي بلاشڪ الله نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نه ڪندو آهي يعني جهاد جي لاءِ نڪرڻ ڪانپوءِ جيڪا به اڃ، بک، ۽ جهاد جي واٽ ڪي لتاڙڻ جنهن جي ڪري ڪافر ڪاوڙجن يا دشمن ڪان ڪا شئي کسڻ وغيره جي ڪري جيڪا به مجاهدن کي تڪليف اچي ٿي ان جو ڪين در جو ملندو ۽ ان جي ڪري انهن لاءِ نيڪ عمل لکيو ويندو آهي. يقيناً الله نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نه ڪندو آهي. ۽ مجاهد ته سڀني ڪان وڏيڪ اجر جا حقدار آهن پوءِ انهن جا اجر ضايع ڪيئن ڪندو؟ "وَلَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً وَّلَا يَقْطَعُوْنَ وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ" ۽ ڪو به ننڍو ۽ نه ڪو وڏو خرچ ڪن ٿا ۽ نه ڪا وادي لنگهن ٿا مگر اهو ڪم به انهن لاءِ ثواب طور لکيو ويندو آهي ڪا ذري به ضايع نه ٿيندي آهي "لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" تانت جيڪو به سهڻو عمل ڪيائون ٿي الله انهن جو ڪين بدلو عطا ڪرڻ فرمائي مطلب ته سندن هر عمل مقبول ۽ محبوب آهي.

جهاد في نفسه فرض ڪفايه آهي

هنن آيتن جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي ته جهاد اصل ۾ فرض ڪفايه آهي جنهن جي تقاضا هيءَ آهي ته ڪجهه ماڻهو جهاد ۾ وڃن ته ڪجهه ماڻهو دين جا ٻيا ڪم ڪن مثلاً ديني احڪام پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سان لڳن هڪدم جيڪڏهن سيئي ماڻهو جهاد لاءِ نڪري وڃن ته حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن وٽ ڪير رهي؟ ۽ مٿن جيڪو وحي جو نزول ٿئي ان ڪان استفادي جي صورت ڪهڙي هوندي؟ ڪجهه ماڻهن جو ان ڪم جي لاءِ سندن خدمت ۾ هجڻ ضروري هو. هيءُ ديني مصلحت جو پاسو ٿيو پر دنيوي مصلحت جي تقاضا به اها آهي ته سيئي ماڻهو جهاد تي نه وڃن نه ته دارالخلافت خالي رهجي ويندي جنهن مان دشمن جي حملي ۽ قبضي ڪرڻ جي خطري جو امڪان آهي المقصد ته ٻنهي مصلحتن جي رعايت ۽ ٻنهي نقصانن ڪان حفاظت ضروري آهي ۽ ديني ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي لاءِ به ڪجهه ماڻهن جو پوئتي رهڻ ضروري آهي جو جو گهٽو ڪري علم جي تحصيل ۽ ان جي لاءِ رهڻ شهر ۾ ٿيندو آهي. پر جيڪڏهن حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي سر پاڻ جنگ ۾ نڪرن پوءِ هر مسلمان تي جهاد ڪرڻ فرض عين ٿي ويندو ۽ ان صورت ۾ ساٿ ۾ وڃڻ وارن کي سندن غلامي ڏيڻ سان گڏ تعليم دين جو خطرو به نه رهندو هيءُ ته هيو نبوي دور جو حڪم. پر هن موجود دور ۾ جيڪڏهن وقت جو مسلمان حاڪم عام اعلان ڪري ته به سڀني کي نڪرڻ لازم آهي (۱)

"۱" ڪمالين شرح اردو جلالين صہ ۳۰ جلد۳

وَمَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً ۚ فَلَوْلَا نَفَرَ مِنْ كُلِّ

۽ نہ آهي (لائق تہ) مومن نڪرن سڀ گڏجي پوءِ ڇو نہ نڪتي انهن جي هر هڪ

فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِى الدِّيْنِ وَلِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ

ٽولي مانهڪ جماعت تانت فقه (سمجهہ) حاصل ڪن دين ۾ ۽ تانت ڊيڄارين قوم پنهنجيءَ کي

اِذَا رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ ع

جڏهن موٽيا انهن ڏانهن تانت اهي ڊڄن

تفسير

اڳين آيتن ۾ مسلمانن کي جهاد جي سفر ۾ نڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي ۽ هن آيت ۾ ديني علم جي حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي تہ ان لاءِ بہ سفر ڪرڻ گهرجي.

فرمان مبارڪ آهي "وَمَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً" يعني مومنن لاءِ مناسب ناهي جو سڀ جهاد وغيره لاءِ نڪرن ان صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل بہ خطرا سامهون ايندا - ۱: تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن اڪيلا رهجي ويندا ۽ سندن ڪان وحي جي نزول وقت ڪير شرعي احڪام سکندو ۽ ٻين کي سيکاريندو-۲: ٻيو تہ مسلمانن جي مرڪز کي خالي ڏسي ڪافر حملو ڪري مٿن قابض ۽ حاوي ٿي سگهن ٿا. ان جي ڪري جهاد يا علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ سيئي مؤمن نہ نڪرڻ. "فَلَوْ لَا نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِى الدِّيْنِ وَلِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ" پوءِ انهن جي هر هڪ ٽولي مان هڪ جماعت ٻاهر ڇو نہ نڪتي تانت دين ۾ فقيهہ ٿين ۽ جڏهن انهن ڏانهن موٽن تہ انهن کي ڊيڄارين تانت اهي ڊڄن يعني مسلمانن مان هڪ اهڙي جماعت نڪري جيڪي پڙهڻ پڙهائڻ سان دين جي ڄاڻ رکن ۽ شرعي احڪام سکي جڏهن وطن واپس اچن تہ پنهنجن علائقن وارن کي الله تعاليٰ جو خوف ڏيارين ۽ ڊيڄارين نہ سڀ شهر ڇڏي نڪري وڃن ۽ نہ سڀ

جاهل رهن بلڪ پڙهيل اڻ پڙهيلن ۾ ديني شعور پيدا ڪن.

ديني علم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ڀلاين لاءِ نبوي فرمان

١- امام شافعي عليه الرحمة روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ماڻهن کي ائين کاڻيون لهندؤ جيئن سون ۽ چانديءَ جون کاڻيون هونديون آهن جاهليت جي حالت ۾ جيڪي ڀلا هوندا اهي اسلام ۾ بہ ڀلا هوندا جيڪڏهن فقيہ (ديني ڄاڻ وارا) ٿيندا.

٢- طبراني حضرت ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو "اَلنَّاسُ رَجُلَانِ عَالِمٌ وَمُتَعَلِّمٌ وَلَا خَيْرَ فِيْمَا سِوَاهُمَا" (حقيقت ۾) انسان ٻہ شخص آهن ١- عالم ٢- متعلم (پڙهندڙ) انهن ٻنهي کانسواءِ ٻئي ڪنهن ۾ ڀلائي نہ آهي.

٣- ابن عدي ۽ بيهقيءَ صحيح سند سان حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو "طلب العلم فريضہ علىٰ کل مسلم" هر مسلمان تي علم جي طلب ڪرڻ فرض آهي.

۴- مسند الفردوس ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو طَلَبُ الْعِلْمِ اَفْضَلُ عِنْدَ اللّٰهِ مِنَ الصَّلٰوةِ وَالصِّيَامِ وَالْحَجِّ وَالْجِهَادِ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" علم جي طلب ڪرڻ الله وٽ (نفلي) نماز، روزي، حج ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان ڀلي آهي هي سڀ روايتون آڻي علامه ثناءُ الله پاني پتي قدس سره لکيو آهي تہ علم پڙهڻ هر نفلي عبادت کان ڀلو آهي. (١)

يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ مِّنَ الْكُفَّارِ

اي ايمان وارو! جنگ ڪيو انهن سان جو ويجها آهن اوهان کي ڪافرن مان

وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ غِلْظَةً وَّاعْلَمُوْا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۲۳﴾

۽ جڳائي تہ لهن اوهان ۾ سختي ۽ (يقين) ڄاڻو تہ بيشڪ الله پرهيز گارن سان گڏ آهي

(١) مظهري صہ ٣٢٣ جلد۴

تفسير

اڳين ڪيترين آيتن ۾ جهاد واري سفر ۾ شريڪ ٿيڻ جا احڪام آيا هئا ۽ هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته صرف پري وارو جهاد نه ڪيو پر پاڙي وارن ڪافرن مان جيڪڏهن اسلام جي خلاف ڪم ڪرڻ جي بوءِ اچي ته انهن سان به سختيءَ سان پيش ايندي جهاد ڪيو.

شان نزول

قرآن پاڪ جي نزول دوران ڪن مسلمانن کي خيال ٿيو ته پنهنجن پاڙيوارن ۽ رشتيدارن ڪافرن سان جهاد نه ڪجي انهن سان جهاد ڪرڻ جي ڪري صله رحمي (مائٽي ڳنڍڻ) وارو شرعي حڪم متاثر ٿيندو. سهڻي ۽ سٺي سلوڪ جي خلاف آهي ته مؤمن پٽ ڪافر پيءُ تي تلوار هلائي ان خيال کي دور ڪرڻ جي لاءِ هيءُ آيت نازل ٿي (۱) ارشاد الاهي آهي. "يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ مِّنَ الْكُفَّارِ وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ غِلْظَةً" اي ايمان وارؤ! ڪافرن مان انهن سان جنگ ڪيو جيڪي اوهان کي قريب آهن ۽ گهرجي ته اوهان ۾ سختي لهن مطلب ته سڀ کان پهريان انهن ڪافرن سان جهاد ڪيو جيڪي اوهان کي ويجها رهن ٿا ان کانپوءِ انهن سان جيڪي انهن کي ويجها رهن ٿا. اهڙي نموني سان جهاد جو دائرو وڌايو جو پري وڃي پهچو (۲) ويجهو رهندڙن کي ڇڏي ڏيڻ انهن کي پنهنجي مٿان حملي ڪرڻ جو موقعو ميسر ڪرڻو آهي ۽ "اوهان ۾ سختي محسوس ڪن" جو مطلب ته دشمن تي حملي لاءِ نڪرڻ کانپوءِ ڪابه نرمي نه ڪيو انهن تي پنهنجون تيز ۽ تکيون تلوارون اهڙيون هلايو جو انهن جي فولادي ٽوپلن ۽ زرهن کي ڪٽي نڪري وڃن "وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ" ۽ يقين ڄاڻو ته بلاشڪ الله متقين سان گڏ آهي جيڪي ٻانها الله کان ڊڄندا آهن الله جل شانه جي مدد انهن سان گڏ آهي ۽ جنهن سان ايزدي مدد گڏ آهي دنيا جي ڪابه طاقت ان کي هيٺ ڏيکاري نه سگهندي. ان جي ڪري ڪفر ۽ باطل جي مقابلي ۾ مڙس ٿي بيهڻ ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي.

(۱) نعيمي صه۱۳۴ جلد۱۱ (۲) روح المعاني صه۵۰ جزء ۱۱ جلد۴

وَإِذَا مَآ أُنْزِلَتْ سُورَةٌ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُولُ أَيُّكُمْ زَادَتْهُ

۽ جڏهن به نازل ڪئي ٿي وڃي ڪا سورة ته پوءِ انهن مان اهو به آهي جو چوي ٿو ته ڪهڙو اوهان مان آهي جو وڌايو ان ڪي

هٰذِهٖٓ إِيمَانًا ۚ فَأَمَّا الَّذِينَ آمَنُوا فَزَادَتْهُمْ إِيمَانًا وَّهُمْ

هن ايمان پوءِ پر جن ايمان آندو پوءِ وڌايائين انهن ڪي ايمان ۽ اهي

يَسْتَبْشِرُونَ ﴿١٢٤﴾ وَأَمَّا الَّذِينَ فِي قُلُوبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا

خوش ٿين ٿا ۽ پر اهي جو دلين انهن جي ۾ بيماري آهي پوءِ وڌايائين انهن ڪي پليدي

إِلَىٰ رِجْسِهِمْ وَمَاتُوا وَهُمْ كَافِرُونَ ﴿١٢٥﴾ أَوَلَا يَرَوْنَ أَنَّهُمْ يُفْتَنُونَ

پليديءِ انهن جي تي ۽ مئا حالانڪ اهي ڪفر ڪندڙ آهن ڇا نه ٿا ڏسن ته بيشڪ اهي آزمايا وڃن ٿا

فِي كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً أَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا يَتُوبُونَ وَلَا هُمْ يَذَّكَّرُونَ ﴿١٢٦﴾

هر سال ۾ هڪ ڀيرو يا ٻه ڀيرا ان ڪانپوءِ نه ٿا توبه ڪن ۽ نه اهي نصيحت وٺن ٿا

وَإِذَا مَآ أُنْزِلَتْ سُورَةٌ نَّظَرَ بَعْضُهُمْ إِلَىٰ بَعْضٍ هَلْ يَرَاكُمْ مِّنْ

۽ جڏهن نازل ڪئي وئي ڪا سورة ته ڏٺو بعض انهن مان بعض ڏانهن ته ڇا ڏسي ٿو اوهان ڪي ڪو

أَحَدٍ ثُمَّ انْصَرَفُوا ۚ صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوبَهُمْ بِأَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُونَ ﴿١٢٧﴾

هڪ؟ ان ڪانپوءِ ڦريا ڦيرايون الله دليون انهن جون ان سببان جو بيشڪ اهي قوم آهن جو نه ٿا سمجهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو ته الله تعالىٰ مومنن متقين سان گڏ آهي ۽ هنن آيتن ۾ ان گڏ هجڻ جو نتيجو بيان ڪيو ويو آهي ته جڏهن الله تعالىٰ انهن سان گڏ آهي ان جي

ڪري قرآن ڪريم جي هر هڪ سورة بلڪ آيت انهن جي ايمان ۾ ڪمال عطا ڪري ٿي ۽ جڏهن ته منافقن تي الله تعالىٰ جو غضب آهي ته قرآن پاڪ جي هر هڪ سورة بلڪ آيت جو نزول انهن جي مٿان الاهي غضب کي وڌائي ٿو جيئن جيئن انڪار ڪندا ويندا تيئن تيئن انهن تي ڏاتار جو ڏمر وڌندو ويندو. فرمان مبارڪ آهي "وَإِذَا مَآ أُنزِلَتْ سُورَةٌ فَمِنْهُم مَّن يَقُولُ أَيُّكُمْ زَادَتْهُ هَٰذِهِۦٓ إِيمَٰنًا" ۽ جڏهن ڪا سورة نازل ڪئي وڃي ٿي ته پوءِ انهن مان اهو به آهي جيڪو چوي ٿو ته اوهان مان ڪير آهي؟ جنهن کي هن سورة ايمان وڌايو (ڪمال ڏنو) آهي منافق مسلمانن کان مذاق طور اهو پڇندا هيا انهن جي جواب ۾ ارشاد ٿيو "فَأَمَّا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ فَزَادَتْهُمْ إِيمَٰنًا وَهُمْ يَسْتَبْشِرُونَ" پوءِ پر جن (اڳ ۾ ئي) ايمان آندو آهي (سورتن جي نزول) انهن جي ايمان ۾ قوت پيدا ڪئي آهي ۽ اهي خوش ٿين ٿا يعني مومنن کي قرآن پاڪ جي وڏيڪ سورتن ۽ آيتن تي ايمان آڻڻ جي ڪري جيڪا ايمان ۾ ترقي ۽ ڪمال محسوس ٿئي ٿو ان تي خوش ٿين ٿا قرآن ڪريم جي نزول جي ڪري سندن ايمان جي نورانيّت، حلاوت ۽ تازگيءَ ۾ اضافو ٿئي ٿو "وَأَمَّا ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا إِلَىٰ رِجْسِهِمْ وَمَاتُوا۟ وَهُمْ كَٰفِرُونَ" ۽ پر جن ڪفر ڪيو پوءِ (قرآن پاڪ جي سورة نازل ٿي) انهن جي پليديءَ ۾ پليدي وڌائي ۽ اهي ڪفر ڪندي مري ويا جو قرآن پاڪ جي جنهن حصي جو پهريان انڪار ڪري چڪا هئا ٻئي حصي جي انڪار ڪرڻ جي ڪري ان گندگيءَ ۽ پليديءَ ۾ واڌارو آيو ۽ ائين ڪندي ڪافر ٿي مري ويا "أَوَلَا يَرَوْنَ أَنَّهُمْ يُفْتَنُونَ فِى كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً أَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا يَتُوبُونَ وَلَا هُمْ يَذَّكَّرُونَ" ڇا نه ٿا ڏسن ته بلاشڪ اهي هر سال ۾ هڪ ڀيرو يا ٻه ڀيرا آزمائش ۾ وڌا وڃن ٿا ان ڪانپوءِ به نه توبه ڪن ٿا ۽ نه اهي نصيحت پرائين ٿا يعني هر سال ۾ هڪ يا ٻه ڀيرا اهڙيون حالتون پيدا ٿين ٿيون جن سان انهن جي ايمان جي دعوىٰ کي آزمايو وڃي ٿو ۽ سندن اندر وارو کوٽ پڌرو ٿي پوي ٿو ڪڏهن قرآن پاڪ ۾ اهڙو حڪم اچي وڃي ٿو جنهن سان سندن نفساني خواهشات تي نئين پابندي لاڳو ٿي وڃي ٿي ۽ ڪڏهن دين جي طرفان اهڙو مطالبو سامهون اچي ٿو جنهن سان انهن جي مفاد کي ڌڪ لڳي ٿو ۽ ڪڏهن اندروني طرح ڪو اهڙو معاملو پيش پوي ٿو جنهن ۾ اهو امتحان لڪل هوندو آهي ته انهن کي پنهنجا دنيوي تعلقات ۽ پنهنجون شخصي، خانداني ۽ قبائلي دلچسپيون الله تعالىٰ، ان جي رسول عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي دين کان ڪيتريون وڌيڪ پياريون آهن جنهن ۾ هيءَ آزمائش آهي ته هي

جيڪا ايمان جي دعوٰى ڪري رهيا آهن ان جي لاءِ جان، مال، وقت ۽ محنت جي ڪيتري قرباني ڏين ٿا. اهڙن سڀني موقعن تي نہ صرف اهو آهي تہ انهن جي منافقت جي اها گندگي جيڪا سندن ڪوڙي اقرار جي هيٺان لڪل هئي کلي سامهون آئي پر هر ڀيري جڏهن اهي ايمان جي تقاضائن ڪان منهن موڙين ٿا تہ سندن اندر جي گندگي اڳين ڪان ڪجهہ وڌيڪ ٿيندي آهي پر ان ڪانپوءِ بہ اهي نہ توبه ڪن ٿا ۽ نہ نصيحت پر ائين ٿا "وَاِذَا مَآ اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ نَّظَرَ بَعۡضُهُمۡ اِلٰى بَعۡضٍؕ هَلۡ يَرٰٮكُمۡ مِّنۡ اَحَدٍ ثُمَّ انْصَرَفُوۡا ؕ صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوۡبَهُمۡ بِاَنَّهُمۡ قَوۡمٌ لَّا يَفۡقَهُوۡنَ" ۽ جڏهن ڪا سورة نازل ڪئي وڃي ٿي تہ هڪڙا انهن مان ٻين ڏانهن نهاري (اشارن سان چون ٿا تہ) ڇا اوهان کي ڪو ڏسي تہ ڪونہ ٿو؟ (انهن اشارن ڪرڻ ڪان) پوءِ (گهرن ڏانهن) موٽندا آهن الله انهن جي دلين کي ڦيرايو ان سببان جو بلاشڪ اهي اهڙي قوم آهن جيڪي نہ ٿا سمجهن ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن حضور سرور ڪون ومڪان ﷺ جن تي ڪا سورة نازل ٿيندي هئي تہ پاڻ عليه الصلواة والسلام جن اصحابن سڳورن کي گڏ ٿيڻ جو اعلان ڪرائيندا هئا ۽ پوءِ ان عام مجمع ۾ اها سورة تلاوت فرمائيندا هئا ۽ پنهنجي پاڻ کي لڪائڻ لاءِ منافق بہ ان مجمع ۾ حاضر ٿيندا هئا ان محفل ۾ اهل ايمان جو تہ اهو حال هوندو هو جو مڪمل طور متوجه ٿي الاهي ڪلام جا مزا ماڻيندا هئا ۽ ٻڌڻ وقت ان ۾ مستغرق رهندا هئا ۽ منافقن جي دل ۾ اها پريشان هوندي هئي تہ ڪٿي ان سورة ۾ سندن منافقيءَ جا پول پڌرا نہ ٿي پون ڪوشش ڪندا هئا تہ حاضرين ۾ بہ شامل هجن ۽ ڪنهن بهاني سان تڪڙا تڪڙا نڪري بہ وڃن ان جي ڪري هڪ ٻئي کي اکين سان اشارا ڪندا هئا ۽ جڏهن اصحابن سڳورن کي قرآن پاڪ جي سورة ٻڌڻ ۽ ان ۾ غور ڪرڻ جي ڪري مستغرق سمجهندا هئا تہ خاموشيءَ سان کسڪڻ شروع ڪندا هئا تانت سندن نڪرڻ جو ڪڙڪو بہ ڪنهن جي ڪن تي نہ پوي رب العزة جل جلاله فرمايو تہ جڏهن انهن منهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کان منهن ڦيرايو تہ مون انهن جي دلين کي حق جي قبول ڪرڻ کان ڦيرائي ڇڏيو دلين کي دين کان ڦيرائڻ جو سبب سندن روگرداني ۽ منهن موڙڻ آهي يقينًا اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي مفاد کي نہ ٿا سمجهن پنهنجي ڪاميابيءَ جي رستي کان پري ۽ پنهنجي ڀلائي سوچڻ کان بي فڪر آهن بي وقوف آهن انهن جي ناداني ۽ ڪم عقليءَ جو ان کان وڌيڪ ڪهڙو ثبوت آهي جو الله تعالىٰ ڪين رحمت للعالمين نبي عطا فرمايو ۽ هي ان کان ڀڳا ڀيا وڃن ڇا اهو ماڻهو بي عقل نہ آهي جو بيماريءَ جي سختيءَ جي ڪري مرڻ جي قريب آهي

پوءِ بہ حاذق حڪيم جي دوا ڪان پڇي؟ حاذق حڪيم ڪيس پيار سان دوا پيئڻ جي لاءِ سمجهائي ۽ سندس جان بچائڻ لاءِ ڪوشش ڪري پر هي ذوا نہ پيئڻ واري ضد تي قائم رهي.

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُولٌ مِّنْ أَنفُسِكُمْ عَزِيزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ

البت تحقيق آيو اوهان وٽ (شاندار) رسول اوهان منجهان ڳرو آهي ان تي اهو جو ڏکوئجو اوهان (ان سان)

حَرِيصٌ عَلَيْكُم بِالْمُؤْمِنِينَ رَءُوفٌ رَّحِيمٌ ﴿١٢٨﴾ فَإِن تَوَلَّوْا فَقُلْ

حرص ڪندڙ آهي اوهان تي مومنن سان ٻاجهارو، مهربان آهي پوءِ جيڪڏهن ڦرن تہ پوءِ فرماءِ تہ

حَسْبِيَ اللَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۖ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ ﴿١٢٩﴾ ع ۵

ڪافي آهي مون لاءِ الله ناهي ڪو معبود (بالحق) ان ڪانسواءِ ان تي ڀروسو ڪيم ۽ اهوئي عرش عظيم جو رب آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ منافق وڏا بي قد رهيا جو محبوب ڪريم عليه التحيه والتسليم جي محفلن مان لڪي لڪي نڪري ويندا هئا ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ جنهن محبوب جي محفل مان ڪسڪي نڪرندا هئا ان جو شان وڏو آهي ۽ ان جون هي سهڻيون صفتون آهن فرمان مبارڪ آهي "لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُولٌ مِّنْ أَنفُسِكُمْ عَزِيزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيصٌ عَلَيْكُم بِالْمُؤْمِنِينَ رَءُوفٌ رَّحِيمٌ" يعني البت يقيناً اوهان وٽ اوهان مان اهو (شاندار) رسول تشريف فرما ٿيو آهي جو اوهان کي جيڪو بہ ڏک پهچندو آهي اهو ان کي ڏکيو ۽ ڳرو لڳندو آهي اوهان جي مٿان حرص ڪندڙ (شفيق) آهي مومنن سان ٻاجهارو، مهربان آهي ياد رکڻ گهرجي تہ "كُمْ" جمع مخاطب جي ضمير ۾ ڪنهن سان خطاب آهي بعضي مفسرن فرمايو تہ ان مان مراد اهل عرب آهن پر صحيح قول اهو آهي جيڪو مفسر قرآن قرطبي آندو آهي تہ ان مان مراد جميع العالم (۱) (سارو جهان) آهي ڇو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن

(۱) القرطبي صہ جلد

سيني جا رسول بنجي آيا آهن "رَسُوْلٌ" ۾ تنوين تعظيم جي آهي "عَنِتُّمْ" عنتُ کان ورتل آهي ان جي معنىٰ تڪليف ۽ سختي آهي "مَا" مصدريه يا موصوله آهي يعني جيڪا به شيءِ اوهان کي تڪليف ٿي ڏي ته اها سندن مهربان دل تي ڳري، تڪليف ده ۽ بار ٿي بنجي ۽ هر اها شئي جنهن ۾ اوهان جي ڀلائي آهي حضور عليه الصلواة والسلام جن گهڻو خيال ڪندڙ آهن ته اها اوهان کي ملي آقاءِ نامدار ﷺ جو امت سان جيڪو شفقت ۽ رحمت وارو تعلق آهي ان جو مثال ملڻ ناممڪن آهي ۽ جڏهن ساري جهان لاءِ ان جي پاڪ دل ايتري شفيق آهي ته پنهنجن محبت رکڻ وارن، مومنن امتين تي ان جي مهربانيءَ ۽ خصوصي رحم جو حساب ئي ناهي "رَءُوْفٌ" فعول جي وزن تي اسم مبالغي جو صيغو آهي ان جي معنىٰ آهي بي حد مهربان، ڀاڄهارو مفسرن لکيو آهي ته الله تعالىٰ حضور عليه الصلواة والسلام کان سواءِ ڪنهن نبي عليه الصلواة والسلام جي لاءِ ائين پنهنجا ٻه صفا تي نالا گڏي نه آندا آهن "عَزِيْزٌ عَلَيْهِ" جو مطلب سمجهايو اٿن ته: نبي پاڪ ﷺ جن وٽ اوهان جي فوز ۽ فلاح کان وڌيڪ ڪنهن به شيءِ جي اهميت ناهي "فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ" پوءِ جيڪڏهن ڦرن ته فرماءِ مون لاءِ الله ڪافي آهي

ان کانسواءِ ڪوبه عبادت جو لائق ناهي ان تي ڀروسو ڪيو اٿم ۽ اهو ئي عرش عظيم جو رب آهي مطلب ته جيڪڏهن اهي بي سمجهه توجهڙي شفقت ۽ رحمت واري نبي (عليه الصلواة والسلام) جي تعليم ۽ فرمان کان منهن موڙين ته اوهان کي ڇا ٿيندو؟ اوهان ڇئو ته مون لاءِ الله ڪافي آهي اهو ئي منهنجو محافظ آهي ۽ اهو ئي عرش عظيم جو رب آهي.

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا-۱: حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سيني جي لاءِ دائمي رسول آهن سندن رسالت ڪنهن وقت يا علائقي سان قيد ڪيل ناهي -۲: ته پاڻ وڏي شان وارا آهن جو سندن نبوت ۽ رسالت تي ايمان آڻڻ جي لاءِ ڀين نبين عليهم الصلواة والسلام کان به پڪو انجام ورتو ويو هو -۳ : "لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ" ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اچڻ جو بيان الله تعالىٰ پاڻ ڪيو آهي. ان مان ثابت ٿيو ته محبوب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي ميلاد جي محفل ڪري سندن اچڻ جو بيان ڪرڻ، سندن سهڻيون صفتون ڳائڻ سهڻو عمل ۽ الاهي طريقو آهي -۴: حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي ساري امت جي ڏک سک کان هميشه باخبر آهن جيڪڏهن

(معاذ الله) بي خبر هجن ها تہ کين امت جي تکليف کيئن ڳري لڳي ها؟ -۵: الله تعاليٰ حضورانور عليه الصلواة والسلام جن کي جن پنهنجن پيارن نالن سان ياد فرمايو آهي اسين بہ کين انهن نالن سان ياد ڪيون تہ ڪو ڏوهہ ناهي. -٦: پاڻ امت جي لاءِ نهايت سخي، ڪريم ۽ انهن کي هر نعمت ملڻ جي لاءِ حريص ۽ شفيق آهن -۷: جيڪڏهن ڪنهن ديندار کان بي دين منهن موڙين تہ اهو حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي سنت تي عمل ڪندي الله تعاليٰ تي توڪل ڪري. توڪل ۽ صبر سان هر مشڪل آسان ٿي ويندي آهي.

الله تعاليٰ جا اڻ ڪٿ احسان جو سندس مهربانيءَ سان اڄ بمورخہ ۹ رجب ۱۴۱۹ھ جمعہ جي ڏينهن مطابق ۲۹-۱۰-۱۹۹۸ تي سورة توبه جو تفسير لکي پورو ڪيم.



سورة يونس جو تعارف

هن سورة سڳوريءَ جي تعارف ۾ هيٺين ڳالهين کي ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي.

١- نالو- هن سورة سڳوريءَ کي حضرت يونس عليه الصلواة والسلام جي نالي مبارڪ سان سڏيو ويو آهي ڇوته ان جي هڪ رڪوع ۾ سندس قوم جي نجات جو ذڪر آهي.

٢- رڪوع، آيتن، ڪلمات ۽ حرفن جو تعداد- هن سورة پاڪ ۾ يارهن رڪوع، هڪ سو نو(١٠٩) آيتون ۽ ارڙهن سؤ ٻٽيهه ڪلمات ۽ نو هزار نوانوي حرف آهن. (١)

٣- مڪيه آهي يامدنيه- حضرت حسن بصري، حضرت عڪرمه، حضرت عطا ۽ حضرت جابر رضي الله تعالیٰ عنهم کان روايت آهي ته هيءَ سورة مڪيه آهي سموري مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي جمهور مفسرين جو اهو قول آهي (٢)

۴- سورة توبه کان پوءِ آڻڻ جي مناسبت- هن سورة کي سورة توبه جي پويان آڻڻ ۾ هڪ هيءَ مناسبت آهي جو صاحب وحي رسول پاڪ صلی الله عليه وسلم جي ذڪر سان پوري ٿي ۽ هيءَ سورة به اتباع وحي جي حڪم سان پوري ڪئي وئي آهي ۽ ان ۾ اهي ڳالهيون ذڪر ڪيون ويون هيون جيڪي قرآن پاڪ جي نزول وقت منافق چوندا هئا ۽ هن ۾ اهي ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن جيڪي قرآن ڪريم جي نزول وقت ڪافر چوندا هئا. (٣)

۵- مضمون- هن سورة پاڪ جا مخاطبين مڪه پاڪ جا رهاڪو مشرڪ هيا جن کي روشن دليلن سان توحيد جا اصول، شرڪ
کي ختم ڪرڻ، رسالت کي ثابت ڪرڻ، مرڻ کان پوءِ اٿڻ ۽ اهي ڳالهيون سمجهايون ويون آهن جيڪي دين جي مقاصد مان اهم آهن ۽ اهوئي ٻين مڪيه سورتن جو موضوع رهيو آهي. (۴)

٦- نزول جو زمانو- هن سورة مبارڪه جي زمانهٔ نزول جي متعلق ڪابه روايت نه ملي آهي پر ان ۾ بيان ٿيل ڳالهين مان محسوس ٿئي ٿو ته هيءَ سورة حضور پرنور عليه الصلاة والسلام جن جي مڪه پاڪ ۾ رهڻ واري دور جي پڇاڙيءَ ۾ نازل ٿي

(١) ضياءالقرآن صه ٢٧١ جلد ٢- (٢) روح المعاني صه٥٨ جزءُ ١١ جلد ۴-
(٣) المراغي صه٥٨ جزءُ ١١ جلد ۴ روح المعاني صه٥٨ جزء ١١ جلد ۴-
(۴) المراغي صه٥٨ جزءُ ١١ جلد ۴-

هوندي- (۱) علامہ رشيد رضا صاحب لکيو آهي تہ سورة يونس، سورة الاسراء کان پوءِ نازل ٿي هئي. (۲)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله جي نالي سان شروع جيڪو وڏو مهربان ۽ نهايت رحم ڪرڻ وارو آهي

سُوۡرَةُ يُوۡنُسَ مَكِّيَةٌ

سورة يونس مکيه آهي

وَهِيَ مِائَةٌ وَّتِسۡع آيَاتٍ وَاحَدَ عَشَرَ رُكُوۡعًا.

۽ ان ۾ هڪ سؤنو (۱۰۹) آيتون ۽ يارهن رکوع آهن.

الٓرٰ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ الۡحَكِيۡمِ ① اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنۡ

الف، لام را- هي آيتون آهن ڪتاب حڪمت واري جون ڇا آهي ماڻهن لاءِ عجب؟ تہ

اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى رَجُلٍ مِّنۡهُمۡ اَنۡ اَنۡذِرِ النَّاسَ وَبَشِّرِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنَّ

وحي ڪيو اسان هڪ مڙس ڏانهن انهن مان تہ ڊيڄار ماڻهن کي ۽ بشارت ڏي انهن کي جو ايمان آندائون تہ

لَهُمۡ قَدَمَ صِدۡقٍ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ؕ قَالَ الۡكٰفِرُوۡنَ اِنَّ هٰذَا

تحقيق انهن لاءِ جاءِ سچائيءَ جي آهي رب انهن جي وٽ، چيو ڪافرن تہ بيشڪ هي

لَسٰحِرٌ مُّبِيۡنٌ ②

البت ڪليل جادوگر آهي.

تفسير

اڳئين آيت (سورة توبہ جي آخري آيت) ۾ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام

(۱) في ظلال القرآن صـ۱۷۴۶ جلد ۳- (۲) المنار صـ۱۴۱ جلد ۱۱

صـ وقف النبي صلى الله عليه وسلم

جي سهڻين صفتن جو بيان هو ۽ هن سورة جي شروعات ۾ سندن صاحب كتاب نبي هجڻ واري صفت بيان كئي وئي آهي. فرمان عالي شان آهي. "الٓرٰ":- هن قسم جا حروف جيكي كن سورتن جي ابتداء ۾ آيا آهن انهن كي حروف مقطعات سڏيو ويو آهي انهن جي مفهوم ۽ مراد ڇا آهي؟ مفسرن ڀلارن ان جون مختلف توجيهات بيان كيون آهن- بعض مفسرن جو قول آهي ته: اهي حروف انهن سورتن جا نالا آهن جن جي اڳيان هي آندا ويا آهن (۱) ۽ سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما جو هڪ قول آهي ته اهي الله جل جلاله جا نالا آهن ۽ ٻيو قول آهي ته: الٓرٰ "جي معنىٰ آهي "انا الله ارىٰ" مان الله آهيان ڏسان ٿو- (جيكو كجهه كيو ٿا)

۳- ٽيون قول آهي ته: "الٓرٰ" "حٰمٓ" ۽ "نٓ" الله جل جل جلاله جي نالي "الرحمان" جا جدا جدا حروف آهن (۲)

سوال: ڇا انهن حرفن جي يقيني مراد ۽ مفهوم كير ڄاڻي ٿو؟

جواب: انهن مقطعات حرفن جي معنىٰ، مفهوم ۽ مراد حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن ڄاڻن ٿا ۽ سندن ٿي فيض ۽ بركت ۽ وسيلي سان الله جل جلاله جا ولي ۽ كامل ٻانها به ڄاڻن ٿا. علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمته سورة البقرة جي شروعات ۾ مقطعات حرفن جو تفسير كندي لكيو آهي ته: فلايعرفه بعد رسول الله صلى الله عليه وسلم الاالاولياء الورثته فهم يعرفونه من تلك الحضرة وقد تنطق لهم الحروف كماكانت تنطق لمن سبح في كفه الحصى (۳) مطلب ته انهن حرفن جي صحيح معنىٰ ۽ مفهوم (نبي پاك صلى الله عليه وسلم جن ڄاڻن ٿا) ۽ انهن كان پوءِ اولياءِ جيكي سندن فيوض ۽ علوم جا وارث آهن- ۽ كڏهن كڏهن اهي حروف مقطعات انهن ولين سان ائين ڳالهائين ٿا جيئن حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن جي اڳيان پٿريون تسبيح پڙهنديون هيون.

"تِلْكَ آيَاتُ الْكِتَابِ الْحَكِيْمِ" هي كتاب حكمت واري جون آيتون آهن. ياد ركڻ گهرجي ته "تلك" جي معنىٰ "هي" ابن ابي حاتم حضرت انس بن مالك رضي الله عنه كان روايت كئي آهي (۴) پر اسم اشاره "تِلْكَ" (سان ان شيءِ ڏانهن اشارو كيو ويندو آهي جيكا پري هوندي آهي) قرآن كريم جي عظمت ۽ شان جي بلنديءَ ڏانهن اشاري كرڻ جي لاءِ آندو ويو آهي (۵) "آيَاتُ" آيته جو جمع آهي آيته جي معنىٰ

(۱) ضياءالقران صه ۲۷۵ جلد ۲- (۲) الدرالمنثور صه ۳۳۹ جلد ۴ تفسير ابن عباس صه ۱۶۹ -(۳) روح المعاني صه ۱۰۰ جزءِ اول - جلد ۱- (۴) الدر المنثور صه ۳۴۰ جلد ۳-

نشاني. هي آيتون جڏهن تہ الله تعاليٰ جي توحيد ۽ حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جي حقانيت جي لاءِ دليل ۽ نشانيون آهن ان جي ڪري انهن کي آيت سڏيو ويو آهي. ۽ اصطلاح ۾ قرآن پاڪ جي ان حصي جو نالو آيت آهي جنهن جو مضمون تہ پورو هجي پر ان جو جدا نالو نہ هجي. حڪمت واري- مان مراد آهي اهڙو مضبوط ۽ محڪم جيڪو اڳين ڪتابن تورات ۽ انجيل وانگر منسوخ نہ ٿئي قيامت تائين اچڻ وارن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندو اچي.(۱)

"اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى رَجُلٍ مِّنْهُمْ" ڇا ماڻهن لاءِ اها ڳالهہ عجب ۾ وجهڻ جهڙي آهي تہ اسان انهن مان هڪ مڙس ڏانهن وحي موڪليو. آيت مبارڪہ جي هن حصي ۾ قرآن پاڪ ٻڌائيندڙ حبيب پاڪ صلی الله عليه وسلم جي متعلق ڪافرن جي ان شبهي کي بيان ڪيو آهي تہ الله تعاليٰ انهن مان هڪ مڙس ڏانهن وحي ڪيئن موڪليو؟ ۽ اهو الله جل جلالہ جي ايڏي قرب جو حقدار ڪيئن بڻيو؟ حالانڪہ حقيقت هيءَ هئي ۽ آهي تہ جنهن شخصيت سندن آڏو الله جل شانہ جي نبي ۽ رسول هجڻ جو اظهار فرمايو هو ان جي وجود مسعود ۽ خلق عظيم کي ڏسن ۽ سوچين ها تہ ڪڏهن بہ اهو شبهو نہ ڪن ها اها شخصيت حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن آهن جيڪي خالق ڪائنات جي تخليق جو شاهڪار آهن ان ۾ جيڪي صلاحيتون رکيون ويون آهن جيڪڏهن انهن کي ڏٺو وڃي تہ رب العزة جل جلالہ جي بارگاه ۾ قرب جي جنهن مقام جو هي حقدار ٿي سگهي ٿو اتي روح الامين کي بہ ساهہ کڻڻ جي همت ناهي.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هتي ڪافرن جو جيڪو عجب ۾ پوڻ بيان ڪيو ويو آهي اهو صرف حيرت جو نہ پر حيرت سان گڏ انڪار ڪرڻ جو بہ هو ۽ وحي مان مراد نبوت جو وحي آهي. حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ گهڻن قسمن جو وحي ايندو هئو ظاهري وحي ملائڪن جي ذريعي، باطني وحي خواب يا الهام جي ذريعي ۽ ڪنهن بہ واسطي کان سواءِ سڌو سنئون ۾ ڪين معراج واري رات وحي ڪيو ويو. جيئن سورة النجم ۾ آيو آهي "فَاَوْحٰى اِلٰى عَبْدِهٖ مَآ اَوْحٰى" (۲) پوءِ پنهنجي ٻانهي ڏانهن جيئن وحي ڪرڻ گهريائين وحي ڪيائين. ڄاڻڻ گهرجي تہ ٻين نبين سڀني عليهم السلام کان اول نبوت جو اظهار ۽ اعلان ڪرايو ويو پوءِ کين ڪتاب ڏنا ويا ۽ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي نبوت جو اظهار ٿي ڪتاب جي نزول سان گڏ ڪرايو ويو.

(۱) نعيمي ص۱٦۴ جلد ۱۱ (۲) سورة النجم آيت ۱۰

"اَنْ اَنْذِرِ النَّاسَ وَبَشِّرِالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اَنَّ لَهُمْ قَدَمَ صِدْقٍ عِنْدَرَبِّهِمْ" ماڻهن کي ڊيڄار ۽ جن ايمان آندو انهن کي بشارت ڏي ته يقيناً انهن لاءِ سندن رب وٽ سچ جي جاءِ (بلند مرتبو) آهي-

"قَدَمَ صِدْقٍ" مان ڇا مراد آهي؟

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته "قَدَمَ صِدْقٍ" مان مراد ۾ مختلف قول آهن. ١- حضرت مخدوم نوح هالائي عليه الرحمته ان جو ترجمه منزلت بزرگ (١) (بلند مقام) ڪيو آهي ۽ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته ان مان مراد سندن ڪيلن نيڪن عملن جو سهڻو بدلو آهي ۽ ابوالشيخ بڪار بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "قَدَمَ صِدْقٍ" مان مراد حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ذات عالي صفات آهي. ابن جرير ۽ ابوشيخ حضرت حسن بصري رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي ته "قَدَمَ صِدْقٍ" مان مراد حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي شفاعت آهي (٢) ڪن جو قول آهي ته ان مان مراد اها سعادت آهي جيڪا سندن لاءِ ازل کان لوح محفوظ ۾ لکيل آهي ياجنت ۾ بلند درجو مراد آهي (٣) ڪن جو قول آهي ته ان مان مراد انهن جو جنت ۾ اڳ داخل ٿيڻ آهي. جيئن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان مبارڪ آهي "نَحْنُ الْاٰخِرُوْنَ السَّابِقُوْنَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ" اسين (دنيا ۾ اچڻ ۾) آخري (۽ جنت ۾ داخل ٿيڻ ۾) قيامت جي ڏينهن اڳرائي ڪندڙ آهيون. ٻيءَ روايت ۾ آهي ته "اِنَّ الْجَنَّةَ مُحَرَّمَةٌ عَلَى الْاَنْبِيَاءِحَتّٰى اَدْخُلَهَا اَنَا وَعَلَى الْاُمَمِ حَتّٰى تَدْخُلَهَا اُمَّتِيْ" بلاشڪ جنت (ٻين) نبين تي تيستائين حرام آهي جيستائين ان ۾ مان داخل ٿيان ۽ (ٻين) امتين تي تيستائين حرام آهي جيستائين ان ۾ منهنجي امت داخل ٿئي (۴) "قَالَ الْكَافِرُوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسَاحِرٌ مُّبِيْنٌ" ڪافرن چيو ته يقيناً هي چٽو جادوگر آهي. جڏهن ڪافرن وٽ اهڙو ڪوبه دليل نه هيو جنهن سان اهي قرآن ڪريم جي ڪلام الله هجڻ ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي نبي ۽ رسول هجڻ جو انڪار ۽ ترديد ڪري سگهن ته مجبور ٿي پنهنجي شڪست تي پردي وجهڻ لاءِ اهو بهتان ٻڌائون ته اها عقل، دل ۽ نگاهه کي عاجز ڪندڙ روشني۽روح کي سرشار ڪندڙ ڪلام جادو آهي ۽ اهو ٻڌائيندڙ دلنواز هستي الله تعالىٰ جو نبي نه پر جادوگر آهي. (معاذالله ثم معاذالله)

(١) فارسي ترجمه مخدوم نوح صه٢٠٩- (٢) الدرالمنثور صه٣۴١ جلد ۴ (٣) الصاوي صه ١٦٥ جلد ١جزءُ ٢- (۴) روح المعاني صه٦٢ جزءُ ١١ جلد ۴-

ڪافرن وٽ صرف اهوئي هٿيار هو جنهن سان نبين سڳورن عليهم السلام جي تڪذيب ڪندا هئا- مشرڪن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي جادوگر سڏيو ته هو پر انهن اهو نه سوچيو ته انهن جو اهو الزام ڪيترو ڪمزور آهي ڇا اهي اهو ٻڌائي سگهيا ٿي ته جادوگرن جي ذليل ذهنيت ۽ انهن جي ڪريلن عملن جي گهٽ ۾ گهٽ نشاني به حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن وٽ موجود هئي- نه ڪڏهن به نه- ۽ نه اهي اهو ٻڌائي يا ڇئي سگهيا ته پاڻ فلاڻي جادوگر وٽ جادو سکيا هيا- (معاذالله ثم معاذالله) جادوگرن جي اڳيان سندن ذاتي ۽ حقير مفاد هوندا آهن ۽ انهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ اهي سيئي سور پٽيندا آهن پر حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي زندگي مبارڪ جي ڪتاب ۾ خودغرضي ۽ جاه طلبيءَ جو ڪو ادنيٰ ثبوت به ڪونهي فڪر ۽ عمل جي ايتري واضح ۽ روشن تفاوت جي هوندي حضرت حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي جادوگر چوڻ خالص افتراءُ ۽ صريح بهتان ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

فائدا: هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- ته ڪنهن به شخص کي قرآن مجيد جو علم حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جي برابر نٿي سگهندو. اهو فائدو "الر" مان حاصل ٿي رهيو آهي جو رب العالمين جل جلاله بعضيسورتن کي حروف مقطعات سان شروع ڪيو آهي ۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي انهن جو تفصيلي علم عطا ڪيو ويو آهي رب العزة جل جلاله جو فرمان اقدس آهي. "اَلرَّحْمٰنُ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ" رحمان قرآن پڙهايو- مقصد ته ڪين ساري قرآن جي تعليم الله تعالىٰ ڏني آهي پڙهائيندڙ الله ۽ پڙهندڙ حضور ته پوءِ ڪهڙي گهٽتائي رهي هوندي.

٢- قرآن پاڪ جي هڪ صفت "اَلْحَكِيْمُ" اهڙي آهي جيڪا ٻئي ڪنهن به آسماني ڪتاب کي عطا نٿي هئي يعني محڪم ۽ اهڙو مضبوط ڪتاب جو قيامت تائين قائم آهي نه منسوخ ٿيندو ۽ نه ان ڪان پوءِ ٻيو ڪو ڪتاب ايندو اهوئي الله جل جلاله جو آخري ڪتاب آهي جيڪو آخري نبي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم تي نازل ڪيو ويو آهي.

٣- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ڊيڄاريندڙ ته سڀني انسانن لاءِ آهن پر جنت جي بشارت ڏيندڙ صرف ايمان وارن لاءِ آهن،جيئن آيت مبارڪ ۾ آيو "اَنْذِرِالنَّاسَ" ماڻهن کي ڊيڄار ۽ "بَشِّرِالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" مومنن کي (بهشت جي) بشارت ڏي.

۴- "اَلنَّاسَ" ۽ "اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" جي اطلاق مان ثابت ٿيو ته پاڻ اولين ۽ آخرين جا نبي آهن- ڇوته ٻئي لفظ ڪنهن وقت يا زماني سان قيد ڪيل ناهن، جيئن ٻين آيتن ۾ آيو آهي، ١- "وَمَآاَرْسَلْنٰكَ اِلَّاكَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا" (١)

(١) سورة سبا آيت ٢٨-

۽ اسان اوهان کي سيني ماڻهن لاءِ بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بنائي موڪليو آهي.
۴- "لِيَكُوْنَ لِلْعَالَمِيْنَ نَذِيْرًا" (۱) تانته جهانن لاءِ ڊيڄاريندڙ هجي-
۵- قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ جي رحمت ۽ حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جي شفاعت صرف ۽ صرف مومنن لاءِ هوندي. اها ڳالهه "اَنَّ لَهُمْ قَدَمَ صِدْقٍ" ۾ "لَهُمْ" کي اڳيان آڻڻ مان صاف صاف ثابت ٿي رهي آهي.
۶- نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن سان بغض، عداوت ۽ حسد انسانن کي عقل کان خالي ۽ اهڙو چريو بنائي ڇڏي ٿو جو ان کي پنهنجي پاڻ تي بہ اعتماد نٿو رهي. ڏسو ڪافر حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي ڪڏهن شاعر تہ ڪڏهن مجنون تہ ڪڏهن ساحر سڏيندا هئا ڪين ايترو سوچڻ نصيب ٿي نہ ٿيو هو تہ پاڻ نہ ڪنهن ملڪ يا ڪنهن شهر ۾ جادو سکڻ ويا نہ ڪنهن جادوگر سان ڪو واسطو رکيائون ڪيئن جادوگر بڻيا؟ ان ڳالهہ تي غور ئي نہ ڪندا هئا؟ حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جي عداوت ۾ انڌا ٿي پيا هئا.

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ

بيشڪ رب اوهان جو اهو آهي جنهن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين ڇهن ڏينهن ۾

ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ

تنهن کان پوءِ استواء فرمايائين عرش تي تدبير ٿو فرمائي امر جي ناهي ڪو شفاعت ڪندڙ مگر پڇاڻا

اِذْنِهٖ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ۝۳ اِلَيْهِ

اذن ان جي اهو الله رب اوهان جو آهي پوءِ عبادت ڪيو ان جي ڇا پوءِ نٿا نصيحت وٺو ان ڏانهن آهي موٽڻ

مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا اِنَّهٗ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ

اوهان سيني جو وعدو الله جو سچو بيشڪ اهو شروع ۾ پيدا ٿو ڪري مخلوق کي ان کان پوءِ

لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ بِالْقِسْطِ وَالَّذِيْنَ

موٽائي ٿو ان کي تانته بدلو ڏي انهن کي جو ايمان آندائون ۽ ڪيائون ڀلا ڪم انصاف سان ۽ جن

(۱) سورة الفرقان آيت ۱-

كَفَرُوْا لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿۴﴾

ڪفر ڪيو انهن لاءِ پيڻ آهي گرم ٽهڪندڙ پاڻيءَ مان ۽ عذاب دردناڪ سببان ان جي جو ڪفر ٿي ڪيائون

تفسير

اڳين آيتن ۾ قرآن ڪريم ۽ ان کي پڙهي ٻڌائڻ واري محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ان رب العالمين جل جلاله جو حمد ۽ ثنا سان ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن اهو قرآن پنهنجي محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم کي عطا فرمايو آهي. ارشاد رباني آهي، "اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ" بيشڪ اوهان جو رب اهو الله آهي جنهن آسمان ۽ زمين ڇهن ڏينهن ۾ پيدا فرمايا.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ڇهن ڏينهن مان مراد دنيا وارا ڏينهن ناهن ڇوته جڏهن آسمان ۽ زمينون پيدا ڪيون ويون هيون، تڏهن انهن جو وجود ئي نه هو بلڪ مراد آهي ته ايتري وقت ۾ پيدا ڪيا ويا هئا. ۽ ڏينهن مان مراد حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما جي بقول هڪ هزار سال جو ڏينهن آهي گويا زمين ۽ آسمان ڇهن هزارن سالن جي مدت ۾ تيار ڪيا ويا هئا بلاشڪ وشبهه الله تعالىٰ ان ڳالهه تي به قادر آهي جو "كُنْ" امر سان فورًا سڀ پيدا ڪري ڇڏي ها پر سندس حڪمت جي تقاضا اها هئي ته درجي بدر جي پيدا فرمائي شايد ٻانهن کي سبق ڏيڻو هو ته قدرت هوندي به ڪم سوچي سمجهي ڪجي جلد بازيءَ کان پاسو ڪجي ۽ تدريجًا پيدا ڪرڻ ۾ جلدي ۽ هڪ دفعي سان پيدا ڪرڻ جي نسبت ان ڳالهه جو زياده اظهار ٿئي ٿو ته الله تعالىٰ ڪنهن جي پيدا ڪرڻ لاءِ مضطر ۽ مجبور ناهي جڏهن پيدا ڪري جيئن پيدا ڪري مرضي جو مالڪ آهي "ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ" تنهن کان پوءِ عرش تي استوا فرمايائين- ياد رکڻ گهرجي ته عرش تي استواءَ مان مراد ان تي اهڙو غالب ٿيڻ آهي جو ان جو ڪو به حصو قدرت ۽ اقتدار کان ٻاهر نه رهي ۽ نه ان تي قبضي ۽ قادر هجڻ ۾ ڪنهن جي ڪا مزاحمت يا گڙ ٻڙ پيش اچي الله تعالىٰ جي عرش تي غالب هجڻ ۾ ڪو به سندس شريڪ يا مزاحم ناهي ان تي ڪامل قبضو، اقتدار ۽ هر قسم

جا مالڪاڻا، شهنشاهاڻا تصرفات جا حق ان ڪي ئي حاصل آهن (١)
حڪيم الامت مفتي احمد يارخان نعيمي عليه الرحمت لکيو آهي تہ: حق هي آهي تہ عرش تائين آسمان جو نالو نہ آهي جيئن فلاسفر چون ٿا بلڪہ هي هڪ جدا جسم آهي جيڪو سڀني آسمانن، سڀني زمينن ۽ ساري عالم اجسام کي گهيري ۾ رکيو بيٺو آهي (٢) "يُدَبِّرُ الْاَمْرَ" هر ڪم جي تدبير ٿو فرمائي. يعني الله تعالىٰ دنيا جي واقعات جا احڪام صادر فرمائي ٿو پر هر امر جي انجام کي بہ ڄاڻي ٿو سندس هر فيصلي ۾ هزارين حڪمتون آهن ان لحاظ سان امر جي تدبير ڪرڻ سندس شان ۽ صفت آهي- هن آيت تي غور ڪرڻ سان نمونن نمونن جي گمراهين جي ترديد آهي جن ۾ صرف جاهل ۽ گهٽ عقل قائل نہ آهن پر پنهنجو پاڻ کي عقل ۽ دانائي جي ولايت جا حاڪم سڏائيندڙ بہ گرفتار آهن چناچہ اهڙا فلاسفر سڏائڻ وارا گذريا ۽ اڄان بہ ڪي آهن جيڪي الله تعالىٰ جي وجود جا ئي قائل ناهن ڪي الله تعالىٰ جي وجود کي تہ تسليم ڪن ٿا پر مادي کي قديم مڃين ٿا ۽ ڪن جو هي خيال آهي تہ هر شيءِ جو خالق تہ اهو آهي زمين ۽ آسمان ماده ۽ ماديات جي تخليق تہ ان ڪئي آهي پر پيدا ڪرڻ کان پوءِ هاڻي ان جو پنهنجي پيدا ڪيلن شين سان ڪوبہ واسطو نہ آهي (معاذالله) هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو خالق بہ آهي تہ هر امر جي تدبير بہ اهوئي فرمائي ٿو "مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اِذْنِهٖ" ڪوبہ ان جي اذن کان سواءِ شفاعت ڪندڙ ناهي يعني ان جو حصي دار ياشريڪ تہ ڪير ناهي پر ان جي اجازت ۽ اذن کان سواءِ شفاعت لاءِ ڪو چپ بہ چوري نٿو سگهي. هي جملو بہ حقيقت ۾ ڪافرن ۽ مشرڪن جي ان عقيدي جو رد آهي جيڪي مٽيءَ ۽ پٿرن وغيرها مان ناهيلن بتن کي پوڄيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ هي اسان جا شفاعت ڪندڙ آهن. انهن کي تنبيه ڪئي وئي تہ الله تعالىٰ وٽ ان جي اذن کان سواءِ ڪوبہ شفاعت نہ ڪري سگهندو، اهي اوهان جي هٿ جا ناهيل ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا بت ڇا ڪندا؟ هن آيت ۾ انهن گستاخن ۽ بي ادبن جو بہ رد آهي جيڪي الله تعالىٰ جي نبين ۽ ولين جي شفاعت جا منڪر آهن ڇو تہ "اِلَّا بِاِذْنِهٖ" ۾ انهن جي شفاعت جو ثبوت آهي. مفسر قرآن بيضاوي لکيو آهي تہ: وفيه اثبات الشفاعت لمن اذن له. (٣)
۽ ان ۾ ان جي شفاعت جو ثبوت آهي جنهن لاءِ اذن ڏيندو، "ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ"

(١) حاشيہ شبير احمد عثماني ص٢٠٩ مطبوعہ سعودي عربيہ - (٢) نعيمي ص١٧١ جلد ١١-
(٣) بيضاوي ڪامل ص٢٧٢-

"أَفَلَا تَذَكَّرُونَ" اهو الله اوهان جو رب آهي پوءِ ان جي عبادت ڪيو. ڇا پوءِ نٿا نصيحت وٺو- يعني اوهان جو پالڻهار اهو الله آهي جيڪو انهن قدرتن ۽ حڪمتن جو مالڪ هر ننڍي ڪان ننڍي ۽ وڏي ڪان وڏي ڪم ڪي پنهنجي اختيار ۽ مرضيءَ سان سرانجام ڏيڻ وارو آهي جنهن جي حضور ۾ اجازت ڪان سواءِ ڪير به ڪجهه ڪچڻ جي جرئت نه ڪندو. جڏهن اهوئي ان شان وارو آهي ته ان جي عبادت ڪريو ان ڪي ڇڏي ٻين جي عبادت ڇوٿا ڪريو؟ ڀلا جيڪڏهن اڳ ۾ غلطيون ڪري ويٺا آهيو ته هاڻي نصيحت پرايو. ڇا اجان به غور نٿا ڪريو؟

"إِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيعًا" "وَعْدَاللهِ حَقًّا" ان ڏانهن اوهان سڀني جو موٽڻ آهي. . الله جو وعدو حق آهي- مطلب ته ان جي فضل سان اوهان سڀ وجود ۾ آيا ۽ نيٺ سڀني ڪي ان ڏانهن ئي موٽڻو آهي الله جو وعدو حق آهي ته پوءِ ان جي قاصدن پيغمبرن سڀني عليهم السلام ڪان منهن ڇوٿا موڙيو؟ "إِنَّهُ يَبْدَؤُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيدُهُ لِيَجْزِيَ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ بِالْقِسْطِ" بيشڪ اهوئي پيدا ڪري ٿو،خلق ڪي ان ڪان پوءِ ان ڪي ورائي ٿو تانته جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا انهن ڪي انصاف سان بدلو ڏي. مطلب ته ننڍي ڪان ننڍي نيڪي به ضايع نه ڪري "وَالَّذِينَ كَفَرُوا لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيمٍ وَعَذَابٌ أَلِيمٌ بِمَا كَانُوا يَكْفُرُونَ" ۽ جن ڪفر ڪيو انهن جي پيڻ لاءِ ان جي ڪري جو ڪفر ٿي ڪيائون گرم ٽهڪندڙ پاڻي ۽ دردناڪ عذاب آهي.

هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪافرن ڪي گرم پاڻي پيارڻ ۽ دردناڪ عذاب سان سزا ڏني ويندي. (۱)

فائدا: هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا، ۱- "ذَٰلِكُمُ اللهُ رَبُّكُمْ" مان واضح ٿيو ته الله تعالىٰ هر ڀانهي جو هر وقت رب (پالڻهار) آهي نبيُّ هجي يا امتي،مومن هجي ياڪافر، متقي هجي ياگنهگار- ها سندس ان پرورش ۾ فرق آهي ڪافرن جي پرورش صرف جسماني ڪندو آهي ۽ مومنن جي جسماني به ته روحاني به. ۲- ٻانهن ڪي گهرجي ته ڪم ڪار ۾ تڪڙ نه ڪن ڪوبه ڪم ڪن ته ٺاهي ٺاهي ڪن اهو فائدو "فِي سِتَّةِ أَيَّامٍ" مان حاصل ٿي رهيو آهي. ڏسو الله تعالىٰ قادر آهي ته هڪ "كُنْ" جي امر سان اتي جو اتي لڪين جهان ٺاهي ڇڏي پر ان آسمان ۽ زمينون ڇهن ڏينهن ۾ ٺاهيا. ۳- سلطنت الاهيه جو دارالحڪومت جتان سڀ احڪام جاري ٿين ٿا عرش عظيم آهي. جيئن "اسْتَوَىٰ عَلَى الْعَرْشِ" مان واضح آهي، ۴- "وَالَّذِينَ كَفَرُوا لَهُمْ

(۱) اضوا٠البيان ص ۴۷۷ جلد۲

"شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ" مان ثابت ٿيو ته ڪافر ٻيون نيڪيون ڪيتريون به ڪري جهنم ۾ ضرور ويندو ۽ اتي گرم پاڻي پيارياويندا انهن کي دردناڪ عذاب ڏنو ويندو.

هُوَالَّذِيْ جَعَلَ الشَّمْسَ ضِيَآءً وَّالْقَمَرَ نُوْرًا وَّقَدَّرَهٗ مَنَازِلَ

اهو (الله) اهو آهي جو ڪيائين سج کي روشن ۽ چنڊ کي نور ۽ مقرر (اندازو) ڪيائين ان جون منزلون

لِتَعْلَمُوْا عَدَدَالسِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ مَاخَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّابِالْحَقِّ

تانته ڄاڻو عدد سالن جو ۽ حساب (به ڄاڻو) نه پيدا ڪيو الله ان کي مگر حق سان

يُفَصِّلُ الْاٰيَاتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۝ اِنَّ فِى اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ

کولي کولي بيان ٿو ڪري آيتون واسطي ان قوم جي جيڪي ڄاڻن ٿا بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي

وَمَاخَلَقَ اللّٰهُ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيَاتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَّقُوْنَ ۝

ڦرڻ گهرڻ ۾ ۽ جيڪو پيدا ڪيو الله آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ البته نشانيون آهن واسطي ان قوم جي جيڪي ڊڄن ٿا

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله تعالىٰ جو معبود بالحق هجڻ کي سندس قدرت ۽ آسمانن ۽ زمينن جي پيدائش سان ثابت ڪيو ويو. جيئن "خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضِ" مان ظاهر آهي ۽ هنن آيتن ۾ ان جو معبود بالحق هجڻ آسمانن ۽ زمينن ۾ ٻين شين جي خالق هجڻ سان ثابت ڪيو ويو آهي. فرمان مبارڪ آهي، "هُوَالَّذِيْ جَعَلَ الشَّمْسَ ضِيَآءً وَّالْقَمَرَ نُوْرًا وَّقَدَّرَهٗ مَنَازِلَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَالسِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ" اهو (الله) اهو آهي جنهن سج کي روشن ۽ چنڊ کي نور بنايو ۽ ان جون منزلون مقرر ڪيون اٿس تانته اوهان سالن جو تعداد ۽ حساب ڄاڻو- مطلب ته الله تعالىٰ ئي آهي جنهن ڏينهن جو سج کي سيني جهانن لاءِ روشن ڪيو ۽ چنڊ کي رات جي لاءِ نور بنايو آهي، عربي لغت ۾ ضياءِ نور ٻئي لفظ روشنيءَ لاءِ استعمال ٿيندا آهن. علامه زمخشري ۽ علامه طيبي لکيو آهي ته جيتوڻيڪ روشنيءَ جي معنىٰ انهن ٻنهي لفظن ۾ مشترڪ آهي پر لفظ

"نور" عام آهي هر قوي ۽ ضعيف، هلڪي ۽ تيز روشنيءَ کي نور سڏيو ويندو آهي ۽ ضوءُ ۽ ضياءُ قوي ۽ تيز روشنيءَ کي سڏيندا آهن جڏهن ته انسان کي ٻنهي قسمن جي روشنيءَ جي ضرورت پوندي آهي عام ڪاروبار جي لاءِ ڏينهن جي تيز روشني درڪار آهي ۽ معمولي ڪم ڪار جي لاءِ رات جي هلڪي روشني محبوب آهي، تڏهن الله تعالىٰ ٻئي روشنيون عطا فرمايون آهن جيڪڏهن ڏينهن جو به صرف هلڪي روشني هجي ته ڏينهن جي ڪاروبار ۾ خلل پوي ها ۽ جيڪڏهن رات جو به سج هلندو رهي ها ته ننڊ ۽ رات جي مناسب ڪمن ۾ خلل پوي ها- "وَقَدَّرَهٗ مَنَازِلَ" "قَدَّرَ" تقد يرڪان ورتل آهي ان جي معنىٰ آهي ڪنهن شيءِ کي زماني يامڪان يا صفات جي اعتبار سان هڪ مخصوص مقدار تي رکڻ. رات ۽ ڏينهن کي هڪ مخصوص انداز تي رکڻ جي لاءِ قرآن پاڪ ۾ ارشاد آيو آهي. "وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ" (١) ۽ الله رات ۽ ڏينهن کي اندازي سان رکيو آهي- ۽ منازل منزل جو جمع آهي، جنهن جي اصل معنىٰ آهي نزول جي جاءِ. الله تعالىٰ سج ۽ چنڊ ٻنهي جي رفتار جي لاءِ خاص حدون مقرر ڪيون آهن جن مان هر هڪ کي منزل سڏيو وڃي ٿو چنڊ جڏهن ته انهن ۾ پنهنجو دورو هر مهيني ۾ پورو ڪري ٿو. ان جي ڪري ان جون ٽيهه يا اوڻٽيهه منزلون ٿين ٿيون پر جڏهن ته چنڊ هر مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن غائب رهندو آهي ان جي ڪري عمومًا ان جون اٺاويهه منزلون چيون وينديون آهن ۽ سج جو دورو پورو سال هوندو آهي ان جي ڪري ان جون منزلون ٽي سئو سٺ (٣٦٠) يا ٽي سئو پنجهٺ (٣٦٥) هونديون آهن عرب جي قديم جاهليت ۽ علم هيئت ۽ رياضيءَ جي ڄاڻندڙن وٽ به انهن منزلن جا انهن ستارن جي لحاظ سان خاص خاص نالا رکيل آهن جيڪي انهن منزلن جي برابريءَ ۾ لڌا ويندا آهن قرآن پاڪ انهن اصطلاحي نالن کان بالاتر آهي ان جي مراد صرف اهي فاصلا آهن جن کي سج ۽ چنڊ خاص خاص ڏينهن ۾ طي ڪندا آهن. هن آيت ۾ الله تعالىٰ "قَدَّرَهٗ" مفرد جو ضمير آندو آهي حالانڪ منزلون ته سج ۽ چنڊ ٻنهي جون هونديون آهن ان جي ڪري بعض مفسرن فرمايو آهي ته "قَدَّرَهٗ" ۾ جيتوڻڪ ضمير مفرد آهي پر مراد هر هڪ جي لحاظ سان ٻئيءَ آهن ۾ ٻئيءَ مراد وٺڻ جا مثال قرآن پاڪ ۽ عربي محاورات ۾ گهڻا ملن ٿا ۽ بعض مفسرن جو قول آهي ته جيتوڻڪ منزلون ته سج ۽ چنڊ ٻنهي جون آهن پر هتي صرف چنڊ جي منزلن جو ذڪر مقصود آهي ڇو ته سج جون منزلون آلات رصديه ۽ حسابات کان سواءِ معلوم نٿي

سورة مزمل آيت ٢٠-

سگھنديون آهن ان جو اپرڻ ۽ لهڻ هڪ ئي هيئت ۾ سال جا سمورا ڏينهن ٿيندو رهندو آهي مشاهدي سان ڪنهن کي به خبر نه پوندي آهي ته اڄ سج ڪهڙي منزل ۾ آهي. ان جي برعڪس چنڊ جون حالتون هرروز مختلف هونديون آهن مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ ته بلڪل نظر ئي نه ايندو آهي اهڙين متغير حالتن کي ڏسي اڻ پڙهيل ماڻهون به تاريخن جو علم رکندا آهن مثلاً چئجي ته اڄ مارچ جي ڏهين تاريخ آهي ته ڪوماڻهو سج ڏانهن نهاري اها تاريخ محسوس نه ڪندو پر جيڪڏهن چئجي ته اڄ چنڊ جي چوڏهين تاريخ آهي ته ڏسڻ سان به محسوس ٿي ويندو. آيت مذڪوره ۾ جڏهن ته هي ٻڌائڻ مقصود آهي ته الله تعالىٰ جي ان عظيم الشان نشانين سان انسان جو هي فائدو به وابسته آهي ته ان جي ذريعي اهو سالن ۽ مهينن ۽ انهن جي تاريخن جا حساب معلوم ڪندو آهي ۽ اهو حساب به جيتوڻيڪ ٻنهي سج ۽ چنڊ جي تاريخن ذريعي معلوم ٿيندو آهي پر چنڊ جي ذريعي مهينن ۽ تاريخن جو حساب مشاهدي ۽ تجربي سان معلوم ٿيندو آهي ان جي برعڪس سج جي تاريخن جو حساب مشاهدي سان معلوم نه ٿيندو آهي ان جي ڪري هن آيت ۾ سج ۽ چنڊ ٻنهي جي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ جڏهن انهن جي منزلون مقرر ڪرڻ جو ذڪر آيو ته "قَدَّرَهٗ" فرمائي مفرد ضمير آڻي صرف چنڊ جي منزلن جو ذڪر ذڪر ڪيو ويو ۽ جڏهن ته اسلامي احڪام ۾ هر جاءِ ۽ هر موقعي تي اها رعايت رکي وئي آهي ته انهن جي ادائگي هر شخص جي لاءِ آسان هجي پوءِ اهو پڙهيل هجي يا اڻ پڙهيل شهري هجي يا ڳوٺاڻو ان جي ڪري عمومًا اسلامي احڪام ۾ قمري سال، مهينا ۽ تاريخون اعتبار ڪيون ويون آهن نماز، روزا، حج، زڪواة، ۽ عدت وغيره اسلامي فرائض ۽ احڪام ۾ به قمري حساب رکيو ويو آهي ان جو مطلب اهو نه آهي ته شمسي حساب رکڻ يا استعمال ڪرڻ ناجائز آهي پر ان جو اختيار آهي ته ڪو ماڻهو نماز، روزا، حج، زڪواة، ۽ عدت جي معاملن ۾ چنڊ جو حساب شريعت جي مطابق استعمال ڪري پر پنهنجو ڪاروبار شمسي مهينن جي لحاظ سان هلائي مگر شرط اهو آهي ته مجموئي طور مسلمانن ۾ چنڊ جي لحاظ سان حساب جاري رهي تانته رمضان ۽ حج وغيره جا وقت معلوم ٿيندا رهن ائين نه ٿئي جو مسلمان کي جنوري، فيبروري وغيره کان سواءِ ڪو مهينو ئي معلوم نه هجي فقهاءِ ڪرام چنڊ جي لحاظ سان مهينا ۽ تاريخون ڄاڻڻ کي فرض ڪفايه قرار ڏنو آهي. ۽ ان ۾ به ڪوشڪ ناهي ته اڳين سيني نبين ۽ حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم ۽ خلفاءِ راشدين به چنڊ جي تاريخن سان حساب

هلايو هو انهن جي اتباع بہ برکت ۽ ثواب جو باعث آهي الغرض تہ مذکوره آيت ۾ الله جل جلالہ جي قدرت ۽ حکمت جو کجهہ بيان آهي تہ ان روشنيءَ ڏيڻ لاءِ بہ عظيم الشان خزانا پيدا فرمايا آهن ۽ هر هڪ جي رفتار لاءِ اهڙيون منزلون مقرر ڪيون آهن جن سان سال، مهينا، تاريخون ۽ وقت جي هڪ هڪ منٽ ڪي معلوم ڪري سگهجي ٿو نہ ڪڏنهن انهن جي رفتار ۾ فرق اچي ٿو،نہ ڪڏهن اڳتي پوئتي ٿين ٿا ،نہ ڪڏهن انهن جي مشينن کي مرمت لاءِ وقفو ڏيڻ جي ضرورت آهي،نہ گريسنگ جو لاچار آهي ۽ نہ اهي گسي پڇن ٿيون- جنهن شان سان ڪين الله تعالىٰ هلايو آهي هلي رهيا آهن (۱)

"مَا خَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّا بِالْحَقِّ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ" نہ پيدا ڪيو انهن کي الله مگر حق سان ان قوم لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا نشانيون کولي کولي بيان ڪري ٿو- يعني الله تعالىٰ اهي سڀ شيون بي فائده ۽ اجايون پيدا نہ ڪيون آهن انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ وڏيون حڪمتون ۽ انسانن لاءِ بي شمار فائدا آهن ۽ الله تعالىٰ اهي پنهنجي قدرت جون نشانيون ۽ دلائل کولي کولي انهن ماڻهن کي ٻڌائي رهيو آهي جيڪي عقل ۽ علم رکن ٿا. "اِنَّ فِي اخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَّقُوْنَ" بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي ڦيرڦار ۽ انهن شين ۾ جيڪي الله آسمانن ۽ زمينن ۾ پيدا ڪيون آهن ان قوم لاءِ نشانيون آهن جيڪي ڊڄن ٿا.

"آيٰتٍ" مان مراد الله تعالىٰ جي وجود، وحدانيت ۽ خالقيت جا دلائل آهن جن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿئي ٿو تہ عقيدا ۽ اعمال بہ اهي رکجن ۽ ڪجن جيڪي پاڻ فرمايا اٿس (۲) ۽ ان مان آخرت جي جهان جا دلائل بہ ثابت آهن. ڇو تہ جنهن حڪمت واري ذات انهن سڀني شين کي انسان جي لاءِ ناهي هڪ مضبوط ۽ محڪم نظام جو پابند ڪيو آهي ان ڪان اهو ڪيئن ٿيندو جو ساري دنيا جي مخدوم انسان کي محض کائڻ، پيئڻ وغيره لاءِ پيدا ڪيو هجيس، ۽ ان جي ذمي ڪي فرائض نہ رکيا هجنس، ۽ جڏهن ان تي فرض رکيا اٿس تہ انهن کي اداڪندڙن ۽ نہ اداڪندڙن جو حساب ٿئي فرض اداڪندڙن کي سهڻو بدلو ۽ فرض نہ اداڪندڙن کي سزا ملي ان جي لاءِ ضروري هو تہ هڪ ڏينهن مقرر ڪيو وڃي ۽ اهو قيامت جو ڏينهن آهي. جنهن جو هڪ نالو آخرت جو ڏينهن بہ آهي

(۱) معارف القرآن ص۵۰۴-۵۰۷ جلد ۴- (۲) المراغي ص٦۹ جزء ۱۱ جلد ۴-

إِنَّ الَّذِيْنَ لَايَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا وَرَضُوْا بِالْحَيواةِ الدُّنْيَا وَاطْمَاَنُّوْا

بيشڪ اهي شخص جيڪي نٿا اميد رکن ملڻ اسان جي جي ۽ راضي ٿيا حياتيءَ دنيا جي سان ۽ مطمئن ٿيا

بِهَا وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنْ آيَاتِنَا غٰفِلُوْنَ ۝ اُولٰٓئِكَ مَاْوٰهُمُ النَّارُ

ان سان ۽ اهي شخص جيڪي اهي آيتن اسان جن کان غافل آهن اهي جاءِ انهن جي (جهنم جي) باهه آهي

بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝٨

ان سببان جيڪو ڪيائون ٿي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ قيامت جي قائم ڪرڻ جا دليل بيان ڪيا ويا "يَبْدَؤُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ" ۽ هنن آيتن ۾ انهن ماڻهن جو ذڪر آهي جيڪي انهن تي غور نٿا ڪن ۽ قيامت جي ڏينهن قائم ٿيڻ ۽ ان ۾ جزا ۽ سزا ملڻ جو انڪار ڪريو وينا آهن گويا هدايت جي ذڪر کان پوءِ ان مان فائدو نه وٺڻ وارن جو بيان ٿي رهيو آهي. فرمان عالي شان آهي. "اِنَّ الَّذِيْنَ لَايَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا وَرَضُوْا بِالْحَيواةِ الدُّنْيَا وَاطْمَاَنُّوْا بِهَا" بيشڪ اهي شخص جيڪي اسان جي ملڻ جي اميد نٿا رکن ۽ دنيا جي حياتيءَ تي راضي ۽ ان سان مطمئن آهن- مقصد ته اهي بارگاهه الاهيءَ ۾ پيش ٿيڻ ۽ حساب ڏيڻ جا قائل ناهن ۽ اخروي زندگيءَ جي مقابلي ۾ دنيوي زندگيءَ تي مطمئن ۽ مست آهن "وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنْ آيَاتِنَا غَافِلُوْنَ" ۽ اهي شخص جيڪي اسان جي آيتن کان غافل آهن- "آيات" (نشانيون) مان مراد قرآني آيتون ۽ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي مقدس ذات آهي پاڻ سرتاپا الله جل جلاله جي نشاني آهن ۽ سندن معجزا جيڪي رب جي قدرت ۽ رحمت جا نشان آهن سيئي آهن- ۽ انهن کان غفلت مان مراد بي خبري نه پر انڪار ڪرڻ واري غفلت آهي. "اُولٰٓئِكَ مَاْوٰهُمُ النَّارُ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" اهي انهن جي جاءِ (جهنم جي) باهه آهي ان سببان جيڪو ڪيائون ٿي. مطلب ته سندن برن

عقيدن ۽ بڇڙن عملن جي ڪري سندن جاءِ جهنم جي پڙڪندڙ باهه آهي.

فائدو- قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ پيش ته سڀ انسان ٿيندا پر ان پيش ٿيڻ جون صورتون مختلف هونديون ڪافرن جي ملاقات قهر ۽ غضب سان هوندي گنهگار مومنن جي حاضري ان تي مغفرت ۽ ڪرم ڪرڻ جي لاءِ هوندي نيڪو ڪارن جي حاضري خصوصي رحمت ۽ فضل حاصل ڪرڻ لاءِ هوندي ۽ محبوبن جي ملاقات محبت ۽ الفت واري انداز سان هوندي.

اِنَّ الَّذِيْنَ آمَنُوْا وَعَمِلُوالصَّالِحَاتِ يَهْدِيْهِمْ رَبُّهُمْ بِاِيْمَانِهِمْ

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڪيائون ڀلا ڪم هدايت ڪندو انهن کي رب انهن جو سببان ايمان انهن جي

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهَارُ فِيْ جَنَّاتِ النَّعِيْمِ ﴿۹﴾ دَعْوَاهُمْ

وهن ٿيون هيٺان انهن جي نهرون بهشتن نعمتن جي ۾، دعا انهن جي

فِيْهَا سُبْحَانَكَ اللّٰهُمَّ وَتَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلَامٌ ۚ وَآخِرُ دَعْوَاهُمْ

انهن ۾ (هيءَ آهي) پاڪائي آهي تنهنجي اي الله! ۽ ملاقات انهن جي ان ۾ سلام آهي ۽ پڇاڙي دعا انهن جي ان ۾

اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ ﴿۱۰﴾ ع

هيءَ آهي ته سڀ ساراهه ثابت آهي الله رب جهانن جي لاءِ.

ع ۲

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي برن عقيدن ۽ بڇڙن عملن جو مختصر ذڪر هو تانته ماڻهو ان کان بچن هاڻي انهن جي مقابلي ۾ مومنن جي سهڻن عقيدن ۽ ڀلن عملن جو ذڪر ٿي رهيو آهي. فرمان ايزدي آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ آمَنُوْا وَعَمِلُوالصَّالِحَاتِ يَهْدِيْهِمْ رَبُّهُمْ بِاِيْمَانِهِمْ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهَارُ فِيْ جَنَّاتِ النَّعِيْمِ" بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڀلا ڪم ڪيا ان ايمان جي ڪري سندن رب کين هدايت ڪندو سندن هيٺان نعمتن واري بهشت ۾ نهرون وهن ٿيون. مطلب ته

ايمان آڻڻ ۽ نيڪن عملن جي برڪت سان منزل مقصود تي آسانيءَ سان پهچندا. ۽ اها جنت ملندين جنهن ۾ آرام، سڪون ۽ هيٺان وهندڙ نهرن وارا باغ هوندا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هن آيت ۾ آيل لفظ "يَهْدِيهِمْ" هدايت مان ورتل آهي هدايت جي مشهور معنىٰ آهي رستو ٻڌائڻ ۽ رستو ڏيکارڻ ۽ ڪڏهن منزل مقصود تائين پهچائڻ ڪي بہ هدايت سڏيندا آهن هتي اهائي معنىٰ مراد آهي يعني جنت ۾ پهچائڻ جنهن جي وضاحت پويان آيلن لفظن مان ئي رهي آهي- "دَعْوَاهُمْ فِيهَا سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ" انهن جي ان ۾ دعا هيءَ آهي: پاڪائي آهي تنهنجي ياالله! هتي دعوىٰ جو لفظ دعا جي معنىٰ ۾ آيل آهي.

سوال- دعا حرف عام ۾ ڪنهن شيءِ جي درخواست ۽ ڪنهن مقصد جي طلب ڪرڻ کي چيو ويندو آهي، "سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ" ۾ نڪا درخواست آهي نہ ڪنهن مقصد جي طلب. ان کي ڪهڙي حيثيت سان دعا سڏيو ويو آهي؟

جواب- ان ڪلمي سان اهو ٻڌائڻ مقصود آهي تہ جنتين کي جنت ۾ هر راحت ۽ هر دل گهريو مطلب خود بخود حاصل هوندو ڪنهن شيءِ جي گهرڻ يا طلب ڪرڻ جي ڪين ضرورت نہ پوندي ان جي ڪري درخواست، طلب ۽ دعا جي معروف معنىٰ جي بجاءِ انهن جي زبان تي صرف الله تعالىٰ جي تسبيح هوندي ۽ اها بہ دنيا وانگر ڪنهن عبادت جي فريضہ ادا ڪرڻ وانگر نہ پر صرف ان ڪلمي جي لذت حاصل ڪرڻ لاءِ ائين چوندا رهندا.

۽ ڪن مفسرن جو قول آهي تہ جنتي جڏهن ڪنهن شيءِ جي سوال ڪرڻ جو ارادو ڪندا تہ تسبيح پڙهندا. (١) ۽ مقاتل بن حيان جو قول آهي تہ: جنت وارا جڏهن طعام گهرائڻ چاهيندا تہ "سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ" چوندا پوءِ سندن خدمت لاءِ ڏهہ هزار خادم سون جون پليٽون ڪٽي ايندا هڪ هڪ پليٽ ۾ جيڪو طعام هوندو اهو ٻيءَ ۾ نہ هوندو. ۽ اهي انهن سڀني مان کائيندا (٢) "وَتَحِيَّتُهُمْ فِيهَا سَلَامٌ وَآخِرُ دَعْوَاهُمْ أَنِ الْحَمْدُ لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ" اتي سندن (ملاقات ۾) مرحبا سلام آهي ۽ سندن دعا جي پڇاڙي (هيءَ آهي تہ) سڀ ساراهہ الله تعالىٰ جهانن جي رب لاءِ ثابت آهي هن جي وضاحت ڪندي ڪن مفسرن فرمايو آهي تہ: جنت وارن وٽان جڏهن پرواز ڪندي ڪو پکي لنگهندو ۽ ان جي کائڻ جي اشتها ڏيکاريندا (تہ اهو ڪين کائڻ لاءِ پيش ڪيو ويندو) پوءِ

(١) القرطبي صہ٣١٣ جلد ٨- (٢) ابن ڪثير صہ٤٠٨ جلد ٢-

جڏهن ڪائيندا تہ الله جو حمد ڪندا. اشتها جو اظهار تسبيح سان ۽ ختم حمد سان هوندو- (۱) هڪ ٻئي جي مرحبا سلام سان ڪندا يا اهو سلام انهن جي لاءِ رب العزة جل جلاله جي طرفان هوندو- جيئن سورة يٰسٓ ۾ آيو آهي، "سَلٰمٌ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ" (۲) يا جنت ۾ داخل ٿيڻ وقت ملائڪ کين سلام چوندا جيئن سورة الزمر ۾ ارشاد آهي، "وَسِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا حَتّٰى اِذَا جَآءُوْهَا وَفُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوْهَا خٰلِدِيْنَ" ۽ جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا جنت ڏانهن ٽولا ٽولا ڪري هلايا ويندا تانجو جڏهن اتي ايندا ۽ ان جا دروازا کوليا ويندا ۽ ان جا خازن کين چوندا تہ اوهان تي سلام آهي اوهان ڀلارا هيئو ان ۾ هميشہ رهڻ لاءِ داخل ٿيو. (۳)

وَلَوْ يُعَجِّلُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ لَقُضِيَ

۽ جيڪڏهن جلد موڪلي ها الله واسطي ماڻهن جي مدائي مثل تڪڙي گهرڻ انهن جي ڀلائيءَ ڪي تہ البتہ پورو ڪيو وڃي ها

اِلَيْهِمْ اَجَلُهُمْ ؕ فَنَذَرُ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا فِيْ طُغْيَانِهِمْ

انهن لاءِ مدو انهن جو پوءِ ڇڏيون ٿا انهن کي جو نٿا اميد رکن اسان جي ملڻ جي گمراهي پنهنجي ۾

يَعْمَهُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنْۢبِهٖٓ اَوْ قَاعِدًا

ٿا حيران ڦرن ۽ جڏهن پهچي ٿي انسان کي تڪليف تہ سڏي ٿو اسان کي پنهنجي پرپاسي يا ويٺي

اَوْ قَآئِمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ يَدْعُنَآ اِلٰى ضُرٍّ

يا بيٺي پوءِ جڏهن لاٿي سون ان کان تڪليف ان جي تہ لنگهيو چڻ تہ اسان کي سڏيو ئي نہ هيائين ان تڪليف ڏانهن ۾

مَّسَّهٗ ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲﴾

جيڪا ان کي پهتي هئي اهڙي طرح سينگاريو ويو حد کان لنگهندڙن جي لاءِ جيڪي ڪندا هئا.

(۱) القرطبي صہ ۳۱۳ ج ۸- (۲) معارف القرآن صہ ۵۱۲ جلد ۴-
(۳) البيان لترجمتہ القرآن صہ ۶۰۴-

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي انڪار، اعتراض ۽ بتن کي سفارشي سمجهڻ واري ذهن جي ترديد ڪئي ۽ هتي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي ان سوال جو جواب ڏنو ويو آهي ته جيڪڏهن اوهان سچا نبي آهيو ته عذاب الاهي ڇو نٿو اچي؟

شان نزول

هڪ ڀيري نضر بن حارث پنهنجي قوم کي ڪفر تي مضبوطي ڏيکارڻ لاءِ دعا گهري ته: ياالله! جيڪڏهن اسلام واقعي سچو دين آهي ۽ اسان ان کي قبول نه ڪيو آهي ته اسان تي غيبي پٿر وساءِ- ان جي جواب ۾ هيءَ آيت نازل ٿي (١) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي ته: هيءَ آيت ان شخص جو حال بيان ڪرڻ لاءِ لٿي آهي

جيڪو ڪافي وڏو وقت پنهنجي اهل اولاد کي چوندو آهي ته: الله تعالىٰ اوهان تي لعنت ڪري، اوهان ۾ برڪت نه وجهي ۽ قتادة جو قول آهي ته هيءَ آيت ان شخص جي حال کي بيان ڪري رهي آهي جيڪو پاڻ کي پٽيندو آهي (٢) فرمان عالي شان آهي، "وَلَوْيُعَجِّلُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ لَقُضِيَ اِلَيْهِمْ اَجَلُهُمْ" ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن تي مدائي ائين جلد موڪلي ها جيئن اهي چڱائي تڪڙي گهرن ٿا ته سندن لاءِ ڏنل مدو پورو ڪيو وڃي ها- مطلب ته جيئن عذاب الاهيءَ جي پاڻ گهر ڪئي هيائون يا انسان تڪڙ ۽ ڪاوڙ ۾ پاڻ کي يا پنهنجي اهل عيال کي بد دعا ڪندو آهي ياپنهنجي لاءِ چڱائي جلد گهرندو آهي الله تعالىٰ به انهن تي تڪڙو عذاب موڪلي ها ته انهن لاءِ رکيل عذاب جو مدو جلد پورو ڪري هڪدم کين هلاڪ ڪري ماري ڇڏي ها (٣) "فَنَذَرُ الَّذِيْنَ لَايَرْجُوْنَ لِقَاءَنَا فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ" پوءِ جيڪي اسان جي ملڻ جي اميد نٿا رکن انهن کي ير ڏئي ڇڏي ڏيون ٿا پنهنجي سرڪشيءَ ۾ حيران ڦرن ٿا- مطلب ته ماڻهو ڪٿي ڪيتري به سرڪشي ڪن ٿا پر الله تعالىٰ جو طريقو اهو آهي ته انهن کي

(١) زادالمسير صـ ١١ جلد ۴- (٢) الفتوحات الالاهية صـ٣٣٧ جلد ٢ (٣) تفسير ابي السعود صـ١٢٥ جزء ۴ جلد٢

پاڻ سنڀالڻ جو موقعو ڏيندو آهي بار بار خبردار ڪرائيندو آهي ته من رجوع ڪن واپس ٿين پر جڏهن رجوع جي سوچ ئي نه رکندا آهن ته پوءِ ڪين سندن ڪيلن عملن جي سزا ڏيڻ واري قانون ڪي نافذ ڪندو آهي- (۱) "وَإِذَامَسَّ الْإِنسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنبِهِ أَوْ قَاعِدًا أَوْ قَائِمًا فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهُ مَرَّ كَأَن لَّمْ يَدْعُنَا إِلَىٰ ضُرٍّ مَّسَّهُ" ۽ جڏهن انسان کي تڪليف پهچي ٿي ته اسان کي پاسي پر يا ويٺي يا بيٺي سڏي ٿو، پوءِ جڏهن ان کان اها تڪليف لاٿي سون ته ائين لنگهي ٿو وڃي چڻ ته اسان کي ان تڪليف لاهڻ لاءِ جيڪا ڪيس پهتي هئي سڏيو ئي نه هيائين- مطلب ته تڪليف لاهڻ کان پوءِ پاڻ کي مستغني ۽ لاپرواه سمجهي ٿو- (۲) "كَذَٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِينَ مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ" اهڙي طرح حد کان لنگهندڙن جي لاءِ اهي ڪم سينگاريا ويا جيڪي ڪندا هئا. مطلب ته جيڪي اسراف ۽ حد کان لنگهڻ جا عادي آهن انهن جي بگڙيل فطرت ۽ مسخ ٿيل ذهنيت انهن گناهن ۾ وڏو حسن ۽ جاذبيت محسوس ڪندي آهي جنهن ڪردار جي سبب اهو هلاڪت ۾ پيو هو ۽ جنهن گناهه سندس زندگي زهر بنائي هئي هي وري به اوڏانهن وڃي رهيو آهي.

وَلَقَدْ أَهْلَكْنَا الْقُرُونَ مِن قَبْلِكُمْ لَمَّا ظَلَمُوا ۙ وَجَاءَتْهُمْ

۽ البته تحقيق هلاڪ ڪيون اسان قومون اڳي اوهان کان جڏهن حد کان لنگهيا ۽ آيا انهن وٽ

رُسُلُهُم بِالْبَيِّنَاتِ وَمَا كَانُوا لِيُؤْمِنُوا ۚ كَذَٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ

رسول انهن جا چٽن دليلن سان ۽ نه هئا تانته ايمان آڻن اهڙي طرح بدلو ڏيون ٿا

الْمُجْرِمِينَ ﴿١٣﴾ ثُمَّ جَعَلْنَاكُمْ خَلَائِفَ فِي الْأَرْضِ مِن بَعْدِهِمْ

مجرم قوم کي ان کان پوءِ بنايو سون اوهان کي نائب زمين تي پڄاڻان انهن جي

(۱) تفهيم القرآن ص ۲۷۰ جلد ۲-(۲) تفسيرالقرآن بڪلام الرحمان ص ۱۹۵-ج۲

لِنَنظُرَ كَيفَ تَعمَلُونَ۝ وَاِذَا تُتلىٰ عَلَيهِم آيَاتُنَا بَيِّنَاتٍ قَالَ

تانته ڏسون ته ڪهڙي طرح ٿا عمل ڪيو ۽ جڏهن پڙهيون ٿيون وڃن انهن تي آيتون اسان جون روشن ته چيو

الَّذِينَ لَايَرجُونَ لِقَآءَنَا ائتِ بِقُرآنٍ غَيرِ هٰذَآ اَوبَدِّلهُ قُل

انهن جو نٿا اميد رکن اسان جي ملڻ جي ته آڻ تون قرآن سواءِ هن جي يا مٽاءِ ان کي فرماءِ

مَايَكُونُ لِيٓ اَن اُبَدِّلَهٗ مِن تِلقَآءِ نَفسِيٓ اِن اَتَّبِعُ اِلَّامَايُوحىٰ

نٿو هجي مون وٽ هي (اختيار) ته مٽايان ان کي پنهنجي ذات جي طرفان نٿو تابعداري ڪيان مان مگر ان جي جو وحي ٿو ڪيو وڃي

اِلَيَّ اِنِّيٓ اَخَافُ اِن عَصَيتُ رَبِّي عَذَابَ يَومٍ عَظِيمٍ۝

مون ڏانهن بيشڪ مان ڊڄان ٿو جيڪڏهن بي فرماني ڪئي مون رب پنهنجي جي عذاب وڏي ڏينهن جي کان.

تفسير

اڳين آيت جي آخر ۾ ارشاد ٿيو ته ڪافرن کي انهن جا برا عقيدا ۽ برا عمل نهايت پسند آهن ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انهن براين جو انجام هلاڪت آهي فرمان مبارڪ آهي. "وَلَقَد اَهلَكنَا القُرُونَ مِن قَبلِكُم لَمَّا ظَلَمُوا وَجَآءَتهُم رُسُلُهُم بِالبَيِّنَاتِ وَمَاكَانُوا لِيُؤمِنُوا"

۽ البته تحقيق اوهان کان اڳي قومون هلاڪ ڪيون سون جڏهن حد کان لنگهيا. ۽ انهن وٽ انهن ڏانهن موڪليل رسول روشن دليلن سان آيا ۽ (پر اهي) ايمان آڻڻ وارا نه هئا- هنن جملن ۾ مڪه وارن کي متنبه ڪيو ويو آهي ته اوهان جيڪا روش اختيار ڪئي آهي اها ڪنهن عقلمند ۽ عاقبت انديش انسان جي روش ناهي. ياد رکو اوهان کان اڳي به اهڙي قسم جا ماڻهو گذريا آهن اسان انهن کي به سمجهڻ ۽ پير سنڀالڻ جي لاءِ ڪافي مهلت ڏني ۽ انهن وٽ اسان جا موڪليل پيغمبر عليهم السلام روشن دليل کڻي آيا ڪين هدايت

ڪيائون پر جڏهن انهن ايمان نه آندو ته انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيوسين ۽ اهڙا تباهه ٿي ويا جو سندن نالو نشان ئي نه رهيو. "كَذَٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ الْمُجْرِمِينَ" اهڙيءَ طرح مجرم قوم کي به بدلو ڏيندا سون. مطلب ته صرف اڳين کي هلاڪ نه ڪيوسين پر جيڪا به قوم جرم ڪندي ۽ هدايت ڪرڻ ۽ سمجهائڻ کان پوءِ به نه سڌرندي ته انهن کي به ائين هلاڪ ڪري ڇڏينداسون- هتي مجرمن مان مراد ڪافر آهن ۽ قوم جو لفظ ان جي ڪري آندو ويو آهي ته عام عذاب صرف هڪ يا ٻن مجرمن جي ڪري نه پر جڏهن پوري قوم ڏوهه ڪندي آهي تڏهن ايندو آهي.

"ثُمَّ جَعَلْنَاكُمْ خَلَائِفَ فِي الْأَرْضِ مِن بَعْدِهِمْ لِنَنظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُونَ" ان کان پوءِ اوهان کي انهن کان بعد زمين تي نائب بڻايوسون تانته ڏسون ته ڪيئن عمل ڪيو ٿا. مطلب ته اي مخاطبؤ ! اوهان ان عذاب سان هلاڪ ڪيل قومن جا جاءِ نشين بڻايا ويا آهيو قدرتي نگاهه هر وقت اوهان کئ ڏسي رهي آهي ته ڪهڙا عمل ڪيو ٿا. جيڪڏهن اوهان سچ،عدل ۽ انصاف جون تقاضائون پوريون ڪندي نيڪيون وڌائي برايون ختم ڪيون ته اوهان کي ڪابه تڪليف نه ايندي پر جي بد عقيدا ۽ براعمل اختيار ڪيو ته پوءِ اوهان لاءِ به ساڳي سزا تيار آهي ان کان بچي نه سگهندو .،وَإِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِمْ آيَاتُنَا بَيِّنَاتٍ قَالَ الَّذِينَ لَا يَرْجُونَ لِقَاءَنَا ائْتِ بِقُرْآنٍ غَيْرِ هَٰذَا أَوْ بَدِّلْهُ" ۽ جڏهن انهن جي اڳيان اسان جون روشن دليلن سان آيتون پڙهيون ٿيون وڃن ته جيڪي اسان جي ملڻ جي اميد نٿا رکن چون ٿا ته هن کان سواءِ ٻيو قرآن آڻ يا ان کي مٽاءِ- ڪافرن جي اڳيان جڏهن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن قرآن ڪريم جون آيتون پڙهي روشن دليل بيان ڪري ڪين حق ڏي سڏيندا هئا ته چوندا هئا ٺيڪ آهي اسين اوهان جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون پر ان شرط سان ته ياته قرآن ٻيو آڻ جنهن ۾ اسان جي بتن جي مخالفت نه هجي يا ان ۾ ئي اسان جي ڪري ڪجهه تبديليون ڪر- جڏهن ته انهن کي رسالت ۽ نبوت جي ذميدارين جي خبر ئي نه هئي تڏهن الله تعالىٰ انهن کي جواب ڏيڻ لاءِ پنهنجي محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم کي فرمايو، "قُلْ مَا يَكُونُ لِي أَنْ أُبَدِّلَهُ مِن تِلْقَاءِ نَفْسِي إِنْ أَتَّبِعُ إِلَّا مَا يُوحَىٰ إِلَيَّ" فرماءِ ته: مون کي اهو اختيار نه آهي جو ان (قرآن ڪريم) کي پنهنجي ذات جي طرفان بدلايان مان ته ان جي تابعداري ڪيان ٿو

جيڪو مون ڏانهن وحي ڪيو ٿو وڃي.
مطلب تہ اوهان جي ان خواهش کي مان پورو نہ ڪري سگهندس منهنجي وس کان اها ڳالهہ مٿي آهي جو الله تعاليٰ جي قرآن ۾ پنهنجي طرفان تبديلي ڪيان، "اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ" جيڪڏهن مون پنهنجي رب جي (معاذالله) بي فرماني ڪئي تہ مان وڏي ڏينهن (قيامت) جي عذاب کان ڊڄان ٿو. مطلب تہ اوهان بي فرمانيءَ ۽ گناهہ جي جرئت ڪندا آهيو مون کان اهو نٿي سگهندو ان جي قهر ۽ غضب جي ٻرندڙ باهہ کي اوهان کون تہ ڏسو مان ڏسان ٿو- ان جي ڪري ان جي ڪلام ۾ ڪا بہ تبديلي نہ ڪندس.

فائدا

١- مسلمانن کي گهرجي تہ اڳين هلاڪ ٿيل قومن جون حالتون پڙهن، پڙهن ۽ انهن مان عبرت وٺن انهن جهڙا عمل نہ ڪن جيئن "وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ" مان سبق ملي ٿو آهي.
٢- "لَمَّا ظَلَمُوْا" (جڏهن حد کان لنگهيا) مان ثابت ٿيو تہ الله تعاليٰ جو عذاب ان تي ايندو آهي جيڪو ظلم ڪري عذاب گهرندو آهي ها ان جو ڪرم عمل کان سواءِ بہ ٿيندو آهي.
٣- "وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ" مان ثابت ٿيو تہ جن ڪافرن جي ايمان آڻڻ جي اميد نہ آهي انهن کي بہ قرآن ڪريم ٻڌائي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏجي جيتوڻيڪ اهي ايمان نہ آڻيندا پر قرآن پاڪ ٻڌائيندڙ ۽ ڪين ايمان ڏانهن سڏيندڙ جي محنت ضايع نہ ٿيندي ان کي الله تعاليٰ دين جي دعوت جو اجر عطا فرمائيندو.
۴- "مَايَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اُبَدِّلَهٗ" (مون کي اختيار نہ آهي تہ مان قرآن ۾ تبديلي ڪيان) ان مان واضح ٿيو تہ ڪنهن جي ذاتي خيال ۽ راءِ سان قرآن مجيد بدلجي نہ سگهندو جيڪڏهن پاڻ کي عقلمند سڏائڻ وارا روءِ زمين جا سڀ گڏ ٿين ۽ قرآن پاڪ جي ڪنهن حڪم جي خلاف راءِ ڏين تہ اها راءِ ڪفر آهي قرآن پاڪ جي حڪم کي نہ ڇڏبو. (١)

(١) نعيمي صہ٢١٧ جلد ١١-

قُلْ لَّوْشَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوْتُهٗ عَلَيْكُمْ وَلَآ اَدْرٰىكُمْ بِهٖ ۖ فَقَدْ لَبِثْتُ

فرماءِ جيڪڏهن گهري ها الله ته نه پڙهان ها اهو اوهان تي ۽ نه مطلع ڪري ها اوهان کي ان تي پوءِ

فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهٖ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى

تحقيق رهيس مان اوهان ۾ زندگي ان ڪان اڳي ڇا پوءِ نٿا عقل رکو پوءِ ڪير آهي وڌيڪ ظالم

عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ۭ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿١٧﴾

ان ڪان جو ٺاهيائين الله تي ڪوڙ يا ڪوڙو ڪيائين آيتن ان جي کي بيشڪ نه ڪامياب ٿيندا مجرم

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ

۽ عبادت ڪن ٿا سواءِ الله جي ان جي جو نٿو نقصان ڏي انهن کي ۽ نٿو نفعو ڏي انهن کي ۽ چون ٿا

هٰٓؤُلَاۗءِ شُفَعَاۗؤُنَا عِنْدَ اللّٰهِ ۭ قُلْ اَتُنَبِّــُٔـوْنَ اللّٰهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي

ته هي سفارشي اسان جا آهن الله وٽ فرماءِ ڇا خبر ڏيو ٿا الله کي ان جي جو نٿو ڄاڻي

السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ ۭ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١٨﴾

آسمانن ۾ ۽ زمين ۾؟ پاڪائي آهي ان جي ۽ مٿاهون ٿيو ان ڪان جو شرڪ ڪن ٿا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي ان مطالبي جي ترديد ڪئي وئي ته ٻيو قرآن آڻيو يا ان ۾ تبديلي ڪيو ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مان هي قرآن به اوهان کي پنهنجي طرفان نٿو ٻڌايان صرف رب پاڪ جي حڪم سان ٻڌايان ٿو جيڪڏهن اهو حڪم نه ڪري ها ته مان اهو به اوهان جي اڳيان تلاوت نه ڪيان ها- ارشاد عالي آهي، "قُلْ لَّوْشَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوْتُهٗ عَلَيْكُمْ وَلَآ اَدْرٰىكُمْ بِهٖ" فرماءِ ته جيڪڏهن الله گهري ها ته مان اوهان جي اڳيان

ان جي نہ تلاوت ڪيان ها ۽ نہ (اهو پاڻ) اوهان کي ان تي مطلع ڪري ها- اَهو تہ ان جو فضل ۽ اوهان تي رحمت آهي جو مون کي اوهان جي اڳيان قرآن پاڪ جي تلاوت جو امر ڪيو اٿس ۽ اوهان کي ان جي معنيٰ ۽ مراد سمجهڻ لاءِ عقل ۽ اڊراڪ عطا فرمايو اٿس- (۱) پر ان هوندي بہ مڃيو نٿا- "فَقَدْ لَبِثْتُ فِيكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهِ اَفَلَاتَعْقِلُوْنَ" پوءِ تحقيق اوهان ۾ ان کان اڳي مون زندگي گذاري آهي. ڇا (اڃان بہ) نٿا سمجهو؟ مطلب تہ هن کان اڳ ۾ چاليهہ سال عمر جا اوهان ۾ گذاريا اٿم ۽ ايتري وڏي عرصي ۾ مون اوهان کي نہ قرآن پڙهي ٻڌايو نہ اسلام جي دعوت ڏني ڇا اڃان نٿا سمجهو؟ تہ جيڪڏهن مان پنهنجي طرفان ٺاهي ڪجهہ پڙهان يا ڪيان ها تہ اڳم نہ ڪيان ها؟ غور ڪيو عقل کان ڪم وٺو ۽ يقين ڪيو تہ مان هاڻي اوهان جي اڳيان الله تعالىٰ جي امر سان ان جو ڪلام تلاوت ڪندو آهيان. "فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرَىٰ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْكَذَّبَ بِـاٰيٰتِهٖ" پوءِ ان کان وڏيڪ ڪير ظالم آهي جنهن الله تي ڪوڙ ٺاهي هڻيو يا ان جي آيتن کي ڪوڙو چيو؟ مطلب تہ گناهگارن جا ڪيترائي قسم آهن ڪو ننڍو گنهگار هوندو تہ ڪو وڏو پر اهو شخص وڏو گنهگار ۽ وڏو ظالم آهي جيڪو الله تعالىٰ تي ڪوڙ هڻي پنهنجي ٺاهيل ڪلام کي الله جو ڪلام سڏي يا ان جي نازل ڪيل ڪتاب جي آيتن کي ڪوڙو چوي- هن فرمان پاڪ ۾ ڪافرن کي متنبه ڪيو ويو آهي تہ غور ڪيو مون چاليهہ سال نہ ڪو ٻرو ڪم ڪيو نہ بتن جي لاءِ ڪٺل جانور جو گوشت کاڌو نہ سڄي زندگي ڪوڙ ڳالهايو نہ ڪو تماشو ڏٺو ۽ ايترو سراپا صدق ۽ صفا هوندي وڏي ۾ وڏو ظلم الله تعالىٰ تي ڪوڙ هڻڻ جو ڪم ڪيئن ڪندس ۽ ڪيئن پنهنجي طرفان آيتون ٺاهي چوندس تہ هي الله تعالىٰ جو ڪلام آهي. "اِنَّهٗ لَايُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ" يقينًا مجرم ڪامياب نہ ٿيندا- مطلب تہ الله تعالىٰ تي ڪوڙ هڻڻ وارا مجرم ڪامياب نہ ٿيندا ۽ مان جڏهن ڪامياب آهيان ۽ ڪامياب ٿيندس تہ پڪ ڄاڻو تہ مان نہ مجرم آهيان ۽ نہ بهتان هڻندڙ، ڪوڙو آهيان- مان تہ الله تعالىٰ جو سچو رسول ۽ محبوب نبي آهيان- "وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَالَايَضُرُّهُمْ وَلَايَنْفَعُهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ هٰٓـؤُلَاۗءِ شُفَعَاۗؤُنَا عِنْدَاللّٰهِ" ۽ الله کان سواءِ انهن جي عبادت ڪن ٿا جيڪي نہ انهن کي نفعو ٿا ڏين ۽ نڪو نقصان ٿا ڏين ۽ چون ٿا تہ هي الله وٽ اسان جا شفاعت ڪندڙ آهن. قرآن پاڪ ۾ پاڻ کي عقلمند ۽ دانشور سمجهندڙن جي انتهائي بي عقلي ظاهر ڪئي وئي

(۱) تفسير حسيني صـ۳۳۸-

آهي تہ اهي مٽيءَ، پٿر، ۽ ٻين ٻي حس شين مان ناهيلن بتن کي پنهنجو معبود ۽ مسجود بنايو وينا آهن ۽ ايتري بہ سمجهہ نٿا رکن تہ ٻجريءَ ۽ پٿر جي روڙي مان ٺهيل جيڪي ڪنهن انسان ناهي رکيا آهن ڪيئن معبود ٿيڻ جا لائق بڻجندا؟ ۽ اهي پاڻ محتاج ٻين جا حاجت رواڪيئن ٿيندا؟ ڇا انهن جي عبادت ڪرڻ شرف ۽ شان واري انسان جي توهين ناهي؟ علامہ رازي عليه الرحمتہ فرمايو آهي تہ تعظيم ۽ توقير ڪرڻ جو سڀ کان بلند مقام عبادت ڪرڻ آهي ۽ اها صرف ان ذات لاءِ سونهي ٿي جنهن جا احسان ۽ انعام سيني احسانن ۽ انعامن کان مٿي هجن جيئن حياتي، عقل، قدرت، دنيوي ۽ اخروي نفعا ۽ فائدا وغيره. اهي سڀ شيون الله وحده لاشريڪ لہ جون عطا ڪيل آهن ان جي ڪري اهوئي معبود بالحق ۽ سچو خدا آهي(۱) ۽ هتي اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ اهي ڪافر بتن کي پنهنجو شفاعت ڪندڙ سمجهندا هئا- اها بہ انهن جي ناداني ۽ جهالت هئي شفاعت تہ اهو ڪندو جنهن کي رب العزة جل جلالہ جي بارگاه مان شفاعت ڪرڻ لاءِ اجازت ۽ اذن مليل هجي انهن بتن کي شفاعت جي نہ خبر آهي نہ صلاحيت نہ انهن کي اجازت مليل آهي انهن ۾ اها اميد رکڻ ٿي ٻيرن کان ٻير گهرڻ جي بجاءِ آهي-

الله تعالىٰ جي اذن سان شفاعت حق آهي

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ڪي ڪي ماڻهو يهودين ۽ عيسائين جا ايجنٽ، الله تعالىٰ جي ڪلام قرآن ڪريم، فرقان عظيم مان اهڙيون اهڙيون آيتون جن ۾ بتن جي شفاعت جو انڪار ڪيل آهي لکي يا پڙهي الله تعالىٰ جي اذن سان سندس پيارن پانهن نبين عليهم السلام ۽ ولين وغيرهم جي شفاعت جو بہ انڪار ڪندا آهن اهي گمراهہ، بي دين، الله تعالىٰ ۽ ان جي پياري حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جي ڪيترن ئي فرمانن جا منڪر آهي شفاعت بلڪل حق آهي ڇا بتن ۽ انبياءِ عظام عليهم السلام جي الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ مقبوليت ۽ محبوبيت برابر آهي؟ نہ هرگز نہ مسلمانو! انهن مڪريلن، ڌوڪي بازن کان هوشيار رهو- شفاعت جي ثبوت ۾ ڪيتريون ئي آيتون ۽ نبوي صحيح حديثون آيل آهن- "قُلْ أَتُنَبِّئُونَ اللَّهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي السَّمَاوَاتِ وَلَا فِي الْأَرْضِ" فرماءِ تہ: ڇا الله کي اها خبر ڏيو ٿا جيڪا آسمانن ۽ زمينن ۾ نٿو ڄاڻي؟ مطلب تہ بتن جو شفيع هجڻ ۽ شفاعت ڪندڙ جو عبادت جي لائق هجڻ بئي دعوائون

(۱) التفسيرالكبير صہ۵۹ جزءِ ۱۷-

غلط ۽ بي اصل آهن جن جو وقوع ۽ وجود آهي ئي ڪونہ- ڇا اهڙيون ڳالهيون الله تعاليٰ کي ڄاڻايو ۽ ٻڌايو ٿا. جيڪو اهو نٿو ڄاڻي؟ يقينا الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمينن ۾ هر وجود ۽ واقعي کي ڄاڻي ٿو. ان جو اهو فيصلو ۽ فرمان تہ بت باطل ۽ نقصان ۽ نفعي ڏيڻ واري شيء ناهن صحيح ۽ حق آهي. "سُبْحَانَهُ وَتَعَالىٰ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ" اهو انهن جي شرڪ کان پاڪ ۽ بلند آهي- هن عالي شان فرمان ۾ بت پرستن جي ذڪر ڪيل عقائدن جي زور سان ترديد ڪيل آهي تہ انهن جي بت پرستي ۽ بتن کي سفارشي بنائڻ وارن ڪوڙن کان الله سبحانه وتعاليٰ هر طرح پاڪ آهي اهي بهتان ٿا هڻن جو انهن بي ساهن بتن کي الله تعاليٰ جو شريڪ ٿا ناهين (۱) (معاذالله ثم معاذالله)

وَمَا كَانَ النَّاسُ اِلَّآ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا ۭ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ

۽ نہ هئا ماڻهو مگر ٽولو هڪ پوء اختلاف ڪيائون ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها حڪم جيڪو اڳي ٿيو

مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ فِيْمَا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۝۱۹ وَيَقُوْلُوْنَ لَوْلَآ

رب تنهنجي جي طرفان تہ فيصلو ڪيو وڃي ها سندن وچ ۾ ان ڳالھ جي باري ۾ جو ان ۾ اختلاف ڪن ٿا، ۽ چون ٿا تہ ڇو نہ

اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلْ اِنَّمَا الْغَيْبُ لِلّٰهِ

نازل ڪئي وئي ان تي ڪا نشاني سندس رب جي طرفان پوء فرماء تہ: غيب تہ آهي ئي الله جي لاء

فَانْتَظِرُوْا ۚ اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ۝۲۰ ع

پوء انتظار ڪريومان بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان.

ع ۷ ن ۲

تفسير

اڳئين آيت ۾ بت پرستيء جي خرابي ۽ بت پرستن جي برائيء جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو تہ سندن اهو عمل عقل جي خلاف آهي جو شرف ۽ شان وارو انسان ڪاٺ ۽ پٿر کي سجدا ڪري . حيرت جو مقام تہ اهو آهي جو بت ناهڻ وارو پاڻ بہ انهن کي

(۱) روح المعاني صہ۸۹ جزء ۱۱ جلد ۴-

سجدا ڪري جيڪي هٿ سان ناهيا هيائين ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ٿو وڃي تہ اها ناداني ۽ بيوقوفي انسانن ۾ اصل کان ڪانہ هئي اصل ۾ اهي سڀ هڪ الله جل جلالہ جا پڄاري هئا ،اها بت پرستي پوءِ آئي - فرمان مبارڪ آهي - "وَمَا كَانَ النَّاسُ اِلَّآ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا" ۽ (اصل ۾) ماڻهو هڪ ٽولو هئا پوءِ اختلاف ڪيائون. مطلب تہ حضرت آدم عليہ السلام جي سموري اولاد شروع ۾ مومن مسلمان الله تعاليٰ جي توحيد جا قائل، شرڪ ۽ ڪفر کان بيزار هئا پوءِ توحيد جي عقيدي ۾ اختلاف ڪري مختلف قومون ۽ مختلف ٽولا بڻيا- اهو مسلمان ۽ هڪ امت هجڻ جو زمانو ڪيترو هو ۽ ڪيستائين رهيو؟ سيرت ۽ حديثن جي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت نوح عليہ السلام جي زماني تائين اها حالت هئي ۽ جڏهن شرڪ ۽ ڪفر ظاهر ٿيا تہ حضرت نوح عليہ السلام کي انهن جو مقابلو ڪرڻو پيو،(١) ۽ هي بہ ظاهر آهي تہ حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي حضرت نوح عليہ السلام تائين هڪ وڏو عرصو گذريو هو دنيا ۾ انساني نسل ۽ آبادي ڪافي پکڙجي چڪي هئي انهن سيني انسانن ۾ رنگ روپ ۽ طرزِ معاشرت جو اختلاف هڪ طبعي امر آهي ۽ زمين جي مختلف خطن ۾ پکڙجڻ کان پوءِ وطن جو اختلاف بہ يقيني امر هو ۽ ممڪن آهي تہ ڳالهائڻ،ٻولهائڻ ۾ زبانون بہ ڪجهہ مختلف ٿيون هونديون پر قرآن ڪريم اُن نسبي، قبائلي رنگ ۽ وطن جي اختلاف کي جيڪو فطري امر آهي امت جي وحدت (هڪ هجڻ) ۾ خلل وجهندڙ قرار نہ ڏنو آهي ۽ انهن سيني اختلافن جي هوندي انسانن کي مختلف قومون يا مختلف امتون نہ پر هڪ امت سڏيو آهي- ها پر جڏهن ايمان جي خلاف ڪفر ۽ شرڪ وڌيو تہ ڪافرن ۽ مشرڪن کي جدا قوم ۽ جدا ملت قرار ڏيندي ارشاد ٿيو- "فَاخْتَلَفُوْا" (پوءِ اختلاف ڪيائون) قرآن ڪريم جي آيت "هُوَالَّذِيْ خَلَقَكُمْ فَمِنْكُمْ كَافِرٌوَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ" (اهو ئي تہ آهي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو پوءِ اوهان مان ڪافر (بہ) آهن ۽ اوهان مان مومن (بہ آهن) ان مضمون کي وڌيڪ واضح ڪيو آهي تہ الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل انسانن کي مختلف قومن ۾ ورهائڻ واري شيءِ صرف ايمان ۽ اسلام کان منهن موڙڻ آهي نسبي ۽ وطني رشتي سان قومون جدا جدا نہ ٿينديون زبان،وطن،رنگ ۽ نسل جي بناتي انسانن کي مختلف ٽولن ۾ ورهائڻ نہ صرف جهالت پر حماقت آهي جيڪا نئين ذهن پيدا ڪئي آهي

(١) مظهري صـ ١٧ جلد ٥

۽ اڄ جا ڪيترا لڪيل، پڙهيل ماڻهو ان خيال جي پويان لڳي هزارين فتنن ۽ فسادن ۾ ڦاٿا پيا آهن. (۱) "وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ فِيمَا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ" ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب جي طرفان هڪ حڪم اڳ ۾ ٺيل نہ هجي ها تہ جنهن ڳالھ ۾ اهي اختلاف ڪن ٿا ان جو انهن ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها- يعني هجڻ تہ ائين کپندو هو تہ جڏهن انهن حق جي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڄاڻي واڻي ڪفر ۽ شرڪ قبول ڪري انسانی وحدت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو تہ فورًا ڪين ختم ڪيو وڃي ها پر الله تعالیٰ جي طرفان اهو حڪم ٿي چڪو هو تہ انهن کي هڪدم هلاڪ نہ ڪبو ڪين سمجهڻ ۽ صحيح ٿيڻ لاءِ وقت ڏنو ويندو. ۽ غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو ويندو. ان جي ڪري هڪدم هلاڪ نہ ڪيا ويا- "وَيَقُولُونَ لَوْلَا أُنْزِلَ عَلَيْهِ آيَةٌ مِّنْ رَّبِّهِ فَقُلْ إِنَّمَا الْغَيْبُ لِلَّهِ فَانْتَظِرُوا إِنِّي مَعَكُمْ مِنَ الْمُنْتَظِرِينَ" ۽ چون ٿا تہ ان (حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم) تي سندس رب جي طرفان ڪانشاني ڇونہ لاٿي وئي، پوءِ فرماءِ تہ: غيب تہ الله وٽ ئي آهي اوهان بہ انتظار ڪريو يقينًا مان بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان- يعني جن نشانين جي اهي فرمائش ڪن ٿا انهن مان ڪابہ نشاني ڇونہ لٿي؟ جواب جو مطلب هي آهي تہ الله تعالیٰ جي رسول نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي سچي هجڻ جانشان تہ پهريان گهڻا ڏسي چڪا آهيو. ضروري ناهي تہ اوهان هر هر جيڪو گهرو اهو ٿيندو رهي اهو نہ ٿيندو نہ ايترو مفيد رهندو- آئنده جي لاءِ بہ جيڪا الله تعالیٰ جي مرضي هوندي اهي نشان ڏيکاريندو ۽ ان جو علم بہ الله تعالیٰ کي آهي تہ مستقبل ۾ ڪهڙي شان وارا نشان ظاهر ڪندو اوهان انتظار ڪيو مان بہ منتظر آهيان (۲)

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا. ۱-انسان جو اصلي دين جنهن کي ان عالم ارواح کان پاڻ سان گڏ آندو اهو اسلام آهي ڪفر، شرڪ منافقي غلط دين آهن جيڪي دنيا تي شيطان جي ذريعي شيطاني طبع انسانن وٽ پهتا ۽ انهن قبول ڪيا. ۲- ڪفر ۽ شرڪ جي اصلي سزا ۽ ايمان ۽ تقویٰ جي اصلي جزا قيامت ۾ ملندي دنيا ان جي جاءِ نہ آهي- جيئن "وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ" مان واضح ٿي رهيو آهي دنيا ۾ ڪافر تي عذاب جو اچڻ يا مومن کي الله تعالیٰ جي رحمت جو نصيب ٿيڻ اصلي سزا ۽ جزا ناهي.

(۱) معارف القرآن ص۵۲۲ جلد ۴- (۲) حاشيہ شبيراحمد عثماني ص ۲۷۸ مطبوعہ سعودي عربيہ-

وَإِذَآ أَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً مِّنْ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُمْ إِذَا لَهُم

۽ جڏهن چکائي سون ماڻهن کي رحمت پڄاڻان تڪليف جي جو پهتي انهن کي ته ان وقت انهن جون

مَّكْرٌ فِيٓ آيَاتِنَا ۚ قُلِ اللَّهُ أَسْرَعُ مَكْرًا ۚ إِنَّ رُسُلَنَا

بدگمانيون آهن آيتن اسان جن ۾ فرماءِ ته: الله تڪڙو آهي (ان بدگمانيءِ جي) سزا ڏيڻ ۾ بيشڪ اسان جا موڪليل (ملائڪ)

يَكْتُبُونَ مَا تَمْكُرُونَ ۝٢١ هُوَ الَّذِي يُسَيِّرُكُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۖ حَتَّىٰ

لکن ٿا جيڪي (بريون) رٿون رٿيو ٿا اهو (الله) ئي آهي جو سير ڪرائي ٿو اوهان کي پٽ ۽ سمنڊ ۾ تانجو

إِذَا كُنتُمْ فِي الْفُلْكِ وَجَرَيْنَ بِهِم بِرِيحٍ طَيِّبَةٍ وَفَرِحُوا بِهَا

جڏهن هوندا آهيو ٻيڙين ۾ ۽ هليون ڪٽي انهن کي هوا سٺائيءَ سان ۽ خوش ٿيا ان سان ته

جَآءَتْهَا رِيحٌ عَاصِفٌ وَجَآءَهُمُ الْمَوْجُ مِن كُلِّ مَكَانٍ وَظَنُّوٓا

آئي انهن کي هوا اٿائي ۽ آئي انهن وٽ (پاڻيءَ جي) لهر هر جاءِ (طرف) کان ۽ خيال ڪيائون ته

أَنَّهُمْ أُحِيطَ بِهِمْ ۙ دَعَوُا اللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ لَئِنْ أَنجَيْتَنَا

بيشڪ اهي گهيراءِ ڪيو ويو انهن کي ته سڏيائون الله کي خالص ڪندڙ ان جي لاءِ عبادت البته جيڪڏهن ڇڏايو توهان اسان کي

مِنْ هَٰذِهِ لَنَكُونَنَّ مِنَ الشَّاكِرِينَ ۝٢٢

هن کان ته البته ضرور ٿينداسون شڪر ڪندڙن مان.

تفسير

اڳين آيت ۾ ارشاد ٿيو ته اهي ڪافر پنهنجا مطالبا پوري ٿيڻ تي به ايمان نه آڻيندا ۽ هتي هڪ غيبي خبر ڏني وئي آهي جنهن جو ثبوت انهن جي رات ۽ ڏينهن واريون حالتون آهن ته اهي ماڻهو معمولي مصيبت ۾ ڦاسي گهٽا وعدا ڪندا آهن

تہ اسين ايمان آڻيندا سون نيڪ عمل ڪندا سون ۽ پوءِ ان تڪليف دفع ٿيڻ سان ئي ايمان جي خلاف ڪم ڪندا ۽ عقيدو رکندا آهن اهڙن ڪوڙن وعدن ڪندڙن تي ڪهڙو اعتبار ڪبو؟ هيءَ آيت گويا اڳين آيت جو دليل آهي. فرمان مبارڪ آهي "وَإِذَآ أَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً مِّنۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُمْ إِذَا لَهُم مَّكْرٌ فِىٓ ءَايَاتِنَا" ۽ جڏهن ماڻهن کي پهچڻ واري تڪليف کان پوءِ رحمت چکايون ٿا تہ اتي جو اتي انهن کي اسان جي آيتن ۾ بدگمانيون ٿينديون آهن. مقصد تہ نبي ﷺ جن جي صداقت ۽ بارگاه الاهيءَ ۾ مقبوليت ۽ سندن رسالت ۽ نبوت جا روشن ۽ واضح دليل ڏسي بہ اهي پنهنجي هٺ ڌرميءَ ۽ عناد کان نٿا مڙن.

ابن ابي شيبہ، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، حضرت مجاهد کان روايت آندي آهي تہ "إِذَا لَهُم مَّكْرٌ فِىٓ ءَايَاتِنَا" مان مراد چٽر ڪرڻ ۽ ڪوڙو چوڻ آهي- (۱) محدث بخاري عليه الرحمۃ روايت آندي آهي تہ: جڏهن ڪافرن جو عناد ۽ سرڪشي وڌندي وئي تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن رب العزة جل جلاله جي دربار ۾ دعا گهري تہ "اللهم اعني عليهم بسبع سنين كسبع يوسف" ياالله! انهن جي مٿان يوسف (عليه السلام) جي وقت ۾ اچڻ واري ڏڪارجي ستن سالن وانگر ڏڪار موڪلي منهنجي مدد ڪرڻ فرماءِ. الله جل جلاله سندن اها دعا قبول فرمائي قحط ۽ ڏڪار تمام گهٽي سختيءَ سان آيو هر طرف مٽي اڏامڻ لڳي ڪاڏي پيتي جون شيون ايتري قدر گم ٿي ويون جو مڪه مڪرمه جا رهاڪو مجبورًا مردار ڪائي پيٽ پرڻ لڳا ۽ نجات جو ٻيو ڪو ذريعو ۽ رستو نہ ڏسي ابو سفيان حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳو تہ: اوهان الله جي اطاعت ۽ مائٽيءَ ڳنڍڻ جو امر ڪيو ٿا حالانڪہ اوهان جي قوم وارا هلاڪ ٿي رهيا آهن الله تعالىٰ کان دعا گهرو تہ انهن تان ڏڪار دفع ڪري. پاڻ دعا گهريائون ۽ الله تعالىٰ سندن اها دعا قبول ڪري ايتري رحمت واري برسات وسائي جو بر،ٻر پرجي ويا برباد ۽ ويران زمينون آباد ٿي ويون (۲) انهن اهو ڏٺو بہ تہ الله تعالىٰ ڪيئن پنهنجي پيغمبر،نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي دعا جي مقبوليت کي ظاهر فرمايو- هجڻ تہ ائين کپندو هو تہ اهي خوشيءَ سان سچي ۽ حق واري دين کي قبول ڪري ايماندار بڻجن ها پر انهن ابتو اسلام جي دشمني ۽ مسلمانن کي ايذائڻ تي زور ڏنو ۽

(۱) الدرالمنثور صہ ۳۵۰ جلد ۴-(۲) مظهري صہ ۱۸ جلد ۵-

اهي ظالم برسات جي لاءِ چوڻ لڳا تہ اهو سڀ ڪجهہ اسان جي بتن جو ڪمال آهي يافلاڻي ستاري جي اڀرڻ جي ڪري ائين ٿيو آهي- (۱)

"قُلِ اللّٰهُ اَسۡرَعُ مَكۡرًا" فرماءِ تہ الله (ان اوهان جي بدگمانين ۽ برين رٿن جي سزا ڏيڻ ۾) زياده تکڙو آهي- يعني الله تعالىٰ جي تدبير انهن جي اختيار ڪيلن تدبيرن کان تيز آهي ۽ اها هيءَ آهي تہ الله تعالىٰ ہانهن کي جڏهن بہ پڪڙڻ ۽ سزا ڏيڻ گهري تہ قادر آهي جلدي بہ سزا ڏئي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن سندس حڪمت جي تقاضا دير سان سزا ڏيڻ گهري تہ دير سان بہ- مڪر عربي زبان ۾ خفيه تدبير ۽ حڪمت عمليءَ کي سڏيو ويندو آهي جيڪا سٺي بہ ٿي سگهي ٿي تہ بري بہ. هتي "مَكۡرا" جو لفظ عقوبت ۽ گرفت جي معنىٰ ۾ آيل آهي (۲) اسلام ۾ محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي خلاف انهن جيڪي بہ چالاڪيءَ ۽ مڪر سان چار وچايا هئا الله تعالىٰ اهي سيئي ختم ڪيا، ٿوري ئي عرصي ۾ مشرڪانہ ۽ ڪافرانہ عقائد جو حجاز مقدس جي سرزمين تي نالو نشان ئي نہ رهيو"اِنَّ رُسُلَنَا يَكۡتُبُوۡنَ مَا تَمۡكُرُوۡنَ" بيشڪ اسان جا موڪليل (ملائڪ) جيڪي بہ اوهان (بريون) رٿون رٿيو ٿا اهي لکن ٿا- يعني اوهان وڏي رازداريءَ سان اسلام جي خلاف رات جي انڌيرن ۾ بند ڪمرن جي ڪنڊن ۾ويهي سازشون ڪيو ٿا ۽ منهنجي محبوب نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم کي ايذائڻ جا پروگرام ٺاهيو ٿا ۽ دل ۾ سمجهو ٿا تہ اوهان جي اها سموري ڪاروائي لڪل راز آهي نہ ڪير ڏسي ٿو ۽ نہ ڪير ٻڌي ٿو ۽ نہ ڪير ڄاڻي ٿو پر الله تعالىٰ کان اهي راز لڪل ناهن ان جا موڪليل ۽ مقرر ٿيل ملائڪ اهو سڀ ڪجهہ لکن ٿا-

"هُوَ الَّذِيۡ يُسَيِّرُكُمۡ فِى الۡبَرِّ وَالۡبَحۡرِ" اهو (الله) ئي آهي جيڪو اوهان کي پٽ ۽ سمنڊ ۾ سير ڪرائي ٿو- سير ڪرائڻ مان مراد آهي سير ڪرڻ جا اسباب پيدا فرمائڻ. ان کي اهو موقعو ڏيڻ- پير، گهوڙي گاڏيون، ريلون، ڪارون، بسون، وغيره پٽ جي سير جا اسباب آهن پيڙيون، بحري جهاز، ۽ لانچون وغيره سمنڊ جي سير جا اسباب آهن، ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ پٽ ۾ هلڻ ڦرڻ هر شخص کي هر وقت ميسر هوندو آهي ۽ سمنڊ ۾ سير ۽ سفر ڪڏهن ڪڏهن، ان جي ڪري اول بر ۽ پوءِ بحر جو ذڪر ڪيو ويو آهي- (۳) "حَتّٰۤى اِذَا كُنۡتُمۡ فِى الۡفُلۡكِ

(۱) ضياءُ القرآن صـ۲۸۹ جلد ۲- (۲) حاشيہ صلاح الدين برترجمہ محمد جونا ڳڙهي صـ۵٦٧ مطبوعه سعوديه عربيہ- (۳) نعيمي صـ۲۴٦ جلد ۱۱-

وجرين بهم بريح طيبة وفرحوا بها جاءتها ريح عاصف وجاءهم الموج من كل مكان" تانجو جڏهن اوهان ٻيڙيءِ ۾ هوندا آهيو جيڪي انهن کي سٺائي واءِ سان ڪٺي هلنديون آهن ۽ اهي انهن تي خوش ٿيندا آهن ته اوچتو انهن وٽ اٿائو واءُ ايندو آهي ۽ ڪين هرجاءِ (طرف) کان لهر گهيرو ڪري ويندي آهي- "وظنوا انهم احيط بهم دعوا الله مخلصين له الدين" ۽ خيال ڪندا آهن ته بلاشڪ اهي (لهرن جي) گهيري ۾ آندا ويا آهن ته الله تعالىٰ کان ان جي لاءِ عبادت کي خالص بنائي، دعا گهرندا آهن- ابن زيد رضي الله عنه جو فرمان آهي ته: عرب ڪافر سک ۽ آرام جي حالت ۾ به الله تعالىٰ کان دعائون گهرندا هئا ته بتن کان به پر اضطرار ۽ مجبوريءَ جي حالت ۾ صرف الله تعالىٰ کان دعائون گهرندا هئا- هتي ان جو ذڪر ٿي رهيو آهي (۱) "لئن انجيتنا من هذه لنكونن من الشاكرين" البته جيڪڏهن تو اسان کي هن کان ڇڏايو ته ضرور ضرور شڪر ڪندڙن مان ٿينداسون- مطلب ته ياالله! جيڪڏهن هن پيري هنن لهرن مان اسان جي جان بچائيئي ته باقي ساري حياتي متقي پرهيزگار ۽ تنهنجا شڪر گذار ٻانها ٿي رهنداسون-

فائدو- "يسيركم" مان واضح ٿيو ته اسان جو زمين تي هلڻ يا سمنڊ ۾ سير ڪرڻ سڀ الله تعالىٰ جو ڪرم آهي جيڪڏهن اهو نه گهري ته اسين ڪجهه به نٿا ڪري سگهون.

فَلَمَّآ اَنْجَاهُمْ اِذَاهُمْ يَبْغُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ

پوءِ جڏهن ڇڏايائين انهن کي ته اتي ئي اهي طلب ٿا ڪن زمين ۾ ناحق

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَا بَغْيُكُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ مَّتَاعَ الْحَيٰوةِ

اي انسانو! ان کان سواءِ ناهي ته اوهان جي بغاوت اوهان جي سرن تي آهي سامان حياتيءَ

الدُّنْيَا ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُكُمْ فَنُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۳﴾

دنيا واريءَ جو- ان کان پوءِ اسان ڏانهن موٽڻ اوهان جو آهي پوءِ خبر ڏينداسون اوهان کي ان جي جيڪو ڪندا هيئو.

(۱) التفسيرالڪبير ص ۷۰ جزءِ ۱۷-

تفسير

اڳئين آيت ۾ ڪافرن جي ان دعا جو بيان هو جيڪا اهي مصيبت ۾ ڦاسڻ کان پوءِ گهرندا هئا ۽ هتي ان دعا جي ڪري نجات ملڻ کان پوءِ جيڪا بي شڪري ۽ بي قدري ڪندا هئا ان جو بيان ٿي رهيو آهي- ارشاد الاهي آهي، "فَلَمَّآ اَنۡجٰهُمۡ اِذَا هُمۡ يَبۡغُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ" پوءِ جڏهن انهن کي ڇڏايائين ته اتي ئي اهي زمين تي ناحق طلب ڪن پيا. يعني اهڙي زيادتي ڪن ٿا جن کي پاڻ به ناحق سمجهندا هئا- مطلب ته سمنڊ جون ڇوليون ۽ ناموافق هوا ڏسي پريشان ٿي باطل معبود وساري الله وحده لاشريڪ له کي ياد ڪري ان کان نجات جون دعائون گهرن ٿا جڏهن اهو کين بچائي ڪناري تي پهچائي ٿو ته لهڻ شرط فتنو ۽ فساد شروع ڪري ٿا ڏين ۽ الله جل جلاله سان ڪيل وعدي تي پڪا ٿي نٿا بيهن. "يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَا بَغۡيُكُمۡ عَلٰٓى اَنۡفُسِكُمۡ" اي انسانو! ان کان سواءِ ڪجهه به ناهي ته اوهان جي زيادتيءَ (جو وبال) اوهان جي سرن تي آهي مطلب ته اوهان جي وعدي برخلافيءَ جي ڪري نه الله تعالىٰ جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ ۾ ڪو فرق ايندو ۽ نه اسلام جي ترقيءَ ۾ ڪا رڪاوٽ پيدا ٿيندي پر انهن غلطين جي سزا اوهان کي ئي ملندي جيڪا اوهان کي نيست ونابود ڪري ڇڏيندي. "مَتَاعَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا" دنيا جي حياتيءَ جو سامان- هي جملو هل لڪل فعل "تمتعوا" جو مفعول مطلق آهي- مقصد ته دنيوي حياتيءَ جي سامان جو مزو وٺو - متاع استعمال ڪرڻ جي ان سامان کي سڏيو ويندو آهي جنهن کي استعمال ڪندڙ انسان استعمال ڪري هليو وڃي ۽ اهو سامان رهجي وڃي- (۱) "ثُمَّ اِلَيۡنَا مَرۡجِعُكُمۡ فَنُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ" ان کان پوءِ اسان ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي پوءِ اوهان کي انهن عملن جي خبر ڏينداسون جيڪي ڪندا هيئو- يعني اوهان جي شرارتن ۽ بدڪردارين جي اوهان کي تڏهن خبر پوندي جڏهن انهن جي سزا لوڙيندئو-

فائدا هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا-

۱- انسان کي گهرجي ته سکن کي ڏسي ڏکن وارو وقت نه وساري- ان وقت کي

(۱) نعيمي صہ۲۵۳ ج ۱۱-

وسارڻ ڪافرن جو طريقو آهي جيئن "فَلَمَّا اَنْجَاهُمْ" مان واضح ٿي رهيو آهي-
۲- انسان مصيبت جي وقت الله تعالىٰ سان جيڪي وعدا ڪري اهي مصيبت دور ٿيڻ ڪان پوءِ ضرور پورا ڪري، پر جيڪڏهن ڪو وعدو نہ ڪيو هجيس تہ بہ مصيبت جي دفع ڪرڻ جي ڪري الله تعالىٰ جو شڪر ضرور ڪندو رهي بي شڪري ڪرڻ بہ ڪافرن جو طريقو آهي جيئن، "اِذَاهُمْ يَبْغُوْنَ فِى الْاَرْضِ" مان واضح ٿي رهيو آهي-
۳- الله تعالىٰ دنيا ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪافرن جون بہ ڪي دعائون قبول ڪندو آهي جيئن "فَاَنْجَاهُمْ" جي "ف" مان ثابت ٿي رهيو آهي. جو هتي انهن جي نجات ڪي سندن دعا تي مرتب ڪيو ويو آهي-
۴- ٻين ڪي ڦاسائڻ وارو انشاءالله تعالىٰ پاڻ ڦاسندو آهي جيئن "اِنَّمَابَغْيُكُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ" مان روشن ٿي رهيو آهي عرب چوندا آهن تہ "من حفرلاخيه وقع فيه" جنهن پنهنجي ڀاءُ لاءِ کڏ کوٽي اهو پاڻ ان ۾ ڪرندو- پوءِ جلدي ڪري يا دير سان.
۵- ڪافر ڪي مرڻ ڪان پوءِ سندس مال ۽ اسباب ڪم نہ ايندو پر مومن کي ڪم ايندو چوتہ مومن دنيا ۾ رب پاڪ جي نالي تي ڏيندو ۽ صدقو جاري ڪري ويندو آهي.

اِنَّمَا مَثَلُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ

ان ڪان سواءِ ڪجهہ ناهي تہ دنيا جي حياتيءَ جو مثال پاڻيءَ وانگر آهي جو نازل ڪيو سون ان کي آسمان مان، ۽ گهاٽا ٿي نڪتا

بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ مِمَّا يَاْكُلُ النَّاسُ وَالْاَنْعَامُ ؕ حَتّٰٓى اِذَآ اَخَذَتِ

ان مان سلا زمين جا ان مان جو کائن ٿا ماڻهو ۽ چوپايا جانور تانجو جڏهن ورتي زمين ساوڪ پنهنجي

الْاَرْضُ زُخْرُفَهَا وَازَّيَّنَتْ وَظَنَّ اَهْلُهَآ اَنَّهُمْ قٰدِرُوْنَ عَلَيْهَآ ۙ

۽ سينگارجي وئي ۽ گمان ڪيو رهندڙن (مالڪن) ان جي تہ تحقيق اهي قدرت رکندڙ آهن ان تي تہ

اَتٰىهَآ اَمْرُنَا لَيْلًا اَوْ نَهَارًا فَجَعَلْنٰهَا حَصِيْدًا كَاَنْ لَّمْ تَغْنَ

آيو ان تي امر اسان جو رات جو يا ڏينهن جو پوءِ ڪيو اسان ان کي ڪٽيل گويا نہ هئي

بِالْاَمْسِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۴﴾

ڪالهہ اهڙيءَ طرح کولي کولي بيان ڪيون ٿا آيتون واسطي ان قوم جي جيڪي فڪر ڪن ٿا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته ڪافر مصيبتن ۾ ڦاسي الله تعالىٰ سان ڳهٽا وعدا ڪندا، دعائون گهرندا ۽ پوءِ ڦري ويندا آهن، هتي ٻڌايو ويو آهي ته اهي جنهن حياتيءَ جي لاءِ ائين ڪندا آهن ان جو مثال هيئن آهي- فرمان الاهي آهي "اِنَّمَا مَثَلُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ مِمَّا يَاْكُلُ النَّاسُ وَالْاَنْعَامُ" ان ڪان سواءِ ڪجهه ناهي ته دنيا جي حياتيءَ جو مثال ان پاڻيءَ وانگر آهي جنهن کي اسان آسمان مان لاٿو پوءِ ان سان گهاٽا ٿي زمين جا سلا نڪتا ان مان جو ماڻهو ۽ چوپايا کائن ٿا. مطلب ته دنيوي حياتي فنا ٿيڻ ۽ زوال ۾ ائين آهي جيئن اهو پاڻي جنهن کي اسان آسمان مان لاٿو آهي پوءِ ان جي ڪري زمين مان نڪرندڙ سلا گهاٽا ٿي نڪتا جيڪي ماڻهو ۽ چوپايا کائن ٿا- خيال رکڻ گهرجي ته دنيوي حياتيءَ کي مينهن سان تشبيه ٽن وجهن جي ڪري ڏني وئي آهي، ۱- ته ڪوهه ۽ تلاءَ جو پاڻي انسان جي قبضي ۾ هوندو آهي پر مينهن جو پاڻي قبضي ۾ نه هوندو آهي اهڙيءَ طرح دنيا جا حالات به انسان جي قبضي ڪان ٻاهر هوندا آهن.۲- ته مينهن ڪڏهن ضرورت ڪان گهٽو وسندو آهي ڪڏهن گهٽ ته ڪڏهن بلڪل نه وسندو آهي دنيا جو حال به اهڙو آهي. ۳- ته مينهن جي اچڻ جو وقت عام طرح معلوم نه هوندو آهي دنيا به ائين آهي.۴- ته جيڪڏهن مينهن نه وسي ته به مصيبت جيڪڏهن وسي ته به آفت دنيا به ائين آهي جيڪڏهن نه آهي ته تڪليف ۽ جيڪڏهن وڌيڪ آهي ته آفت (۱) "حَتّٰٓى اِذَآ اَخَذَتِ الْاَرْضُ زُخْرُفَهَا وَازَّيَّنَتْ وَظَنَّ اَهْلُهَآ اَنَّهُمْ قٰدِرُوْنَ عَلَيْهَآ اَتٰىهَآ اَمْرُنَا لَيْلًا اَوْ نَهَارًا فَجَعَلْنٰهَا حَصِيْدًا كَاَنْ لَّمْ تَغْنَ بِالْاَمْسِ" تانجو جڏهن زمين پنهنجو سينگار ورتو ۽ پوري سينگار جي وئي ۽ ان جي رهاڪو (مالڪن) سمجهيو ته بلاشڪ اهي ان تي قادر آهن ته ان تي اسان جو امر رات جي وقت يا ڏينهن جو آيو پوءِ اسان ان کي اهڙو ڪٽيل ڪري ڇڏيو چڻ ته ڪالهه ئي نه هئي. اهڙيءَ طرح ڪافر به وڏي تڪليف سان دنيا گڏ ڪري ٿو ۽ جڏهن گڏ ٿيس ته سمجهي ٿو ته هاڻي هيءَ منهنجي ٿي وئي آهي مان جيئن چاهيندس تيئن ان ۾ تصرف ڪندس پوءِ اوچتو يا ته پاڻ مري وڃي ٿو يا دنيا ڪانئس اهڙي نموني

(۱) نورالعرفان ص۳۳٦-

موڪلائي ٿي وڃي جو رڳو افسوس جا هٿ ويٺو ملي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته مينهن جو پاڻي باغ ۾ پئجي گل پيداڪندو آهي ڪلر ۾ سم واري زمين ۾ ڪنڊا ڄمائيندو آهي دنيا به ڪافر وٽ پهچي ان جو ڪفر وڌائيندي آهي ۽ مومن وٽ پهچي ان جي ايمان ۾ برڪت پيدا ڪندي آهي، ابوجهل مال ۾ ملڪيت سان جهنم خريد ڪيو ۽ حضرت عثمان غني رضي الله تعالىٰ عنه جنت بلڪ ڪوثر وارو حوض ورتو. "كَذَٰلِكَ نُفَصِّلُ الْآيَاتِ لِقَوْمٍ يَتَفَكَّرُونَ" اهڙيءَ طرح ان قوم جي لاءِ جيڪي فڪر ۽ سوچ رکن ٿا آيتون کولي کولي بيان ڪيون ٿا. يعني دنيا جي بي وفائي ۽ مصيبتن جو اوچتو اچڻ به عقلمند کي درسِ عبرت ڏيندو آهي ۽ انهن شين سان ان جو ايمان وڌيڪ قوي ٿيندوآهي بلڪ ڪيترا غافل به دنيا وڃائي ويهندا آهن پوءِ اڪ ڪلندي اٿن ۽ الله تعالىٰ ڏانهن متوجه ٿيندا آهن- صحيح فڪر،سوچ،۽ عقل اهو آهي ته ماڻهو اڳندي ئي پنهنجي پالڻهار ڏانهن رغبت رکي نه ته مصيبت اچڻ کان پوءِ مالڪ جو وفادار ٻانهو ٿي رهي.

وَاللَّهُ يَدْعُوا إِلَىٰ دَارِ السَّلَامِ وَيَهْدِي مَنْ يَشَاءُ

۽ الله سڏي ٿو گهر سلامتيءَ جي طرف ۽ هدايت ٿو ڪري جنهن کي گهري

إِلَىٰ صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ ۝٢٥ لِلَّذِينَ أَحْسَنُوا الْحُسْنَىٰ

واٽ سڌيءَ ڏانهن انهن جي لاءِ جو سهڻا ڪم ڪيائون سهڻي شيءِ آهي

وَزِيَادَةٌ ۖ وَلَا يَرْهَقُ وُجُوهَهُمْ قَتَرٌ وَلَا ذِلَّةٌ ۚ

۽ وڌيڪ به ۽ نه ڍڪيندي منهن انهن جي ڪي ڪارنهن ۽ نه خواري

أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ۝٢٦

اهي بهشت وارا آهن اهي ان ۾ هميشه رهندڙ آهن.

تفسير

اڳينءَ آيت ۾ دنيا دارالفنا جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ان جي مقابل دارالبقا جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي، "وَاللَّهُ يَدْعُوا إِلَىٰ دَارِ السَّلَامِ" ۽ الله سلامتيءَ واري گهر

(بهشت) ڏانهن سڏي ٿو- اهو سڏ انبياء ڪرام عليهم السلام جي واسطي سان آهي ۽ انهن جي ظاهري رحلت کان پوءِ (ظاهري ان جي ڪري لکان ٿو جو انبياءَ عليهم السلام هميشہ لاءِ حقيقي زندگيءَ سان زنده آهن- مفسرن، محدثن، رباني عالمن ۽ ولين سڳورن جو اهو عقيدو آهي) عالمن ۽ ولين جي ذريعي سان انبياءَ عليهم السلام سڏا رب پاڪ کان احڪام حاصل ڪن ٿا ۽ علماءَ ۽ اولياءَ- انبياءَ عظام عليهم السلام کان- انهن حضراتن جا اقوال، اعمال ۽ احوال سيئي الله تعالىٰ جي دعوت آهن انهن جي حالت ڏسي ۽ فرمودات ٻڌي ماڻهو سڌي رستي تي ايندا آهن، (۱)

دارالسلام مان مراد ڇا آهي؟

مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ بهشت کي درالسلام سڏڻ جا سبب هي آهن، ۱- "السلام" رب العزة جل جلاله جو پاڪ نالو آهي. سلام معنىٰ سلامتيءَ وارو- الله تعالىٰ سيني ڪمزورين، عيبن ۽ محتاجيءَ کان سلامت ۽ پاڪ آهي- دارالسلام جي معنىٰ الله جو گهر ۽ ان مان مراد جنت آهي، اهو حضرت قتادة سڳوري جو قول آهي، (۲)

۽ جنت کي ان جي ڪري بہ الله تعالىٰ جو گهر سڏيو ويو آهي جو ان جو ٺاهيندڙ براه راست رب العزة جل جلاله پاڻ آهي ان کي ڪنهن ڪاريگر يا مستريءَ نہ ٺاهيو آهي، ۲- دارالسلام معنىٰ سلام ڪرڻ جي جاءِ- جنت ۾ الله تعالىٰ پاڻ ۽ ان جا ملائڪ جنت ۾ داخل ٿيندڙن تي سلام چوندا- ان جي ڪري ان کي دارالسلام سڏيو ويو آهي (۳) ۳- سيدنا امام حسن بصري عليه الرحمتہ فرمايو آهي تہ: "ان السلام لاينقطع عن اهل الجنة وهو تحيتهم كما قال" وَتَحِيَّتُهُمْ فِيهَا سَلَامٌ" (۴) يعني جنت وارن کان سلام ڪڏهن بہ ختم ڪونہ ٿيندو- جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ جنت ۾ انهن جي مرحبا سلام سان هوندي- ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ بهشت ست آهن جن جا نالا هي آهن، ۱- دارالجلال ،۲- دارالسلام، ۳- جنات عدن، ۴- جنتہ الماوىٰ، ۵- جنتہ الخلد ۶- جنتہ الفردوس، ۷- جنتہ النعيم، (۵) "وَيَهْدِي مَنْ يَشَاءُ إِلَىٰ صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ" ۽ جنهن کي گهري ٿو ان کي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو- يعني الله تعالىٰ جنهن کي گهري ٿو ان کي سڌي واٽ دين اسلام ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو- "يَدْعُوا إِلَىٰ

(۱) نعيمي صہ ۲۶۲ جلد ۱۱- (۲) المظهري صہ۲۱ جلد ۵- (۳) البيضاوي ڪامل صہ۲۷۷- (۴) سورة يونس آيت۲ (۵) القرطبي صہ۳۲۹ جلد ۸-

"دَارِالسَّلَامِ" ۾ حجت جي اظهار لاءِ عام دعوت بيان ڪيائين ۽ پنهنجي قدرت جي اظهار ۽ خلق کان بي پرواه هجڻ کي "يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ" ۾ بيان فرمايائين. (۱)

"لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوا الْحُسْنٰى وَزِيَادَةٌ" انهن لاءِ جن سهڻا ڪم ڪيا سهڻي شيءِ آهي ۽ وڌيڪ به آهي- يعني جن الله تعالىٰ جي طرفان واجب ڪيل عمل سهڻي نموني ادا ڪيا ۽ جن ڪمن کان الله تعالىٰ روڪيو انهن کان رڪجي ويا انهن لاءِ سهڻو ثواب آهي ۽ ڪن جو قول آهي ته: "اَلْحُسْنٰى" مان مراد بهشت آهي، ۽ "زِيَادَةٌ" مان مراد انهن تي ٿيندڙ وڌيڪ مهربانيون آهن ۽ ڪي چون ٿا ته "زِيَادَةٌ" مان مراد رب ڪريم جو ديدار آهي- ڪي چون ٿا ته "زِيَادَةٌ" مان مراد نيڪيءَ کي ڏهوڻ تائين وڌائڻ آهي. ڪي چون ٿا ته "زِيَادَةٌ" مان مراد موتيءَ جو ٺهيل ڪمرو آهي. ڪي چون ٿا ته ان مان مراد الله تعالىٰ جي مغفرت ۽ رضا مندو آهي (۲)

"وَلَا يَرْهَقُ وُجُوْهَهُمْ قَتَرٌ وَّلَا ذِلَّةٌ" ۽ انهن جي منهن کي نه ڪارنهن ڍڪيندي ۽ نه خواري- "قتر" جي معنىٰ اهو غبار جنهن ۾ ڪارنهن هجي ۽ "ذلت" جي معنىٰ خواريءَ جو اثر آهي- (۳) مطلب ته جيڪا شيءِ جهنم جي حقدارن کي ڍڪيو ويندي هوندي اها هنن کي نه ڍڪيندي (۴) انهن جا چهرا چمڪدار، تر ۽ تازا هوندا جيئن ٻيءِ آيت ۾ آيو آهي "وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ" ڪي منهن ان ڏينهن تازا، پنهنجي رب ڏانهن نهاريندڙ هوندا- "اُولٰٓئِكَ اَصْحَابُ الْجَنَّةِ فِيْهَا خَالِدُوْنَ" اهي جنتي آهن اهي ان ۾ هميشه رهندڙ هوندا- مقصد ته اهي ماٺهو ٿوري عرصي لاءِ جنت ۾ نه ويندا ان ۾ هميشه رهيا پيا هوندا-

فائدا-هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا، ۱- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جو سڏ درحقيقت الله تعالىٰ جو سڏ آهي ان کان پوءِ علماءِ عظام ۽ اولياءِ اڪرام جو سڏ وري حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو سڏ آهي- اهو فائدو "وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا اِلٰى دَارِالسَّلَامِ" مان حاصل ٿيو- مخلوق کي جنت ڏانهن سڏي ته حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم تو پر رب پاڪ فرمائي ته "الله تو سڏي" - ۲- "يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ" مان ثابت ٿيو ته الله تعالىٰ جي طرفان دعوت (سڏڻ عام آهي ۽ هدايت ڪرڻ خاص سيني کي سڏيو وڃي ٿو پر هدايت ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿئي ٿي، ۳- "لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا" مان ثابت ٿيو ته جنهن کي جنتي بنجڻ جو شوق آهي اهو عقيدا به سهڻا رکي ته عمل به سٺا

(۱) الخازن صـ۲۹۳ جلد ۲-(۲) فتح القدير صـ۴۳۸ جلد ۲-
(۳) تفسيروبيان ڪلمات القرآن صـ۲۱۲- (۴) الڪشاف صـ۲۳۴ جلد ۲-

ڪري ايمان دل جي پلي هجڻ جو نالو آهي تہ تقويٰ جسم جي نيڪيءَ جو نالو آهي،
۴- "زِيَادَةٌ" مان مراد جيڪڏهن ديدار الاهي وٺندو تہ ثابت ٿيندو تہ جنت ۾ سيني مومنن کي الله تعالىٰ جو ديدار نصيب ٿيندو ۽ اهو ڪنهن عمل جو بدلو نہ خالص خداوندي فضل ۽ ڪرم هوندو.

وَالَّذِينَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍۭ بِمِثْلِهَا ۙ وَتَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ

۽ جن ڪيا گناھ بدلو برائيءَ جو مثل ان جي آهي ۽ ڍڪيندي انهن کي خواري

مَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَآ اُغْشِيَتْ وُجُوْهُهُمْ قِطَعًا

نہ آهي واسطي انهن جي طرفان الله جي ڪو بچائيندڙ گويا ڍڪايا ويا منهن انهن جا ٽڪرو

مِّنَ الَّيْلِ مُظْلِمًا ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۷﴾

رات انڌيري واريءَ جو اهي جهنمي آهن اهي ان ۾ هميشہ رهندڙ آهن

وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا مَكَانَكُمْ

۽ انڏينهن اٿاريندا سون انهن کي سيني کي تنهن کان پوءِ چونداسون واسطي انهن جي جو شرڪ ڪيائون تہ پنهنجي جاءِ تي رهو

اَنْتُمْ وَشُرَكَآؤُكُمْ ۚ فَزَيَّلْنَا بَيْنَهُمْ وَقَالَ شُرَكَآؤُهُمْ مَّا كُنْتُمْ

اوهان ۽ شريڪ اوهان جا پوءِ جدائي وجهنداسون وچ انهن جي ۾ ۽ چوندا شريڪ انهن جا تہ نہ هئو

اِيَّانَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۲۸﴾ فَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اِنْ

جو اسان جي عبادت ٿي ڪيو پوءِ ڪافي آهي الله شاهد اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾

كُنَّا عَنْ عِبَادَتِكُمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿۲۹﴾

بيشڪ هئاسون اسين عبادت اوهان جي کان البتہ غافل.

تفسير

اڳين آيت ۾ دنيا جي بي وفائي ۽ باقي نہ هجڻ جو مثال ڏنو ويو ۽ هتي ان مثال

ڪي ڪافرن جي اعمال ۽ عقائد تي پورو لاهي ٻڌايو وڃي ٿو تہ جيئن سرديءَ ۽ گرميءَ
جي هڪ وار سان سائي ۽ تازي پوک خشڪ ٿي ويندي آهي ائين ئي موت جي اچڻ
سان ڪافرن جو سڀ ڪجھ ڪيل رکيل برباد ٿي ويندو آهي پوءِ نہ سندن باطل ۽
ڪوڙا معبود ڪين ڪم ايندا آهن نہ سندن باطل عقيدا ۽ اعمال ڪم ايندا آهن. ارشاد
الاهي آهي- "وَالَّذِينَ كَسَبُوا السَّيِّئَاتِ جَزَاءُ سَيِّئَةٍ بِمِثْلِهَا وَتَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ" ۽ جن گناھ
ڪيا گناھ جو بدلو ان جي برابر هوندو ۽ انهن کي ذلت ڍڪي بيهندي. مطلب تہ
برائيءَ جو بدلو برائيءَ کان زياده نہ هوندو- الله تعاليٰ مختار مطلق آهي گهٽ سزا
ڏي يا بلڪل معاف ڪري ڇڏي- ياد رکڻ گهرجي تہ: "جَزَاءُ سَيِّئَةٍ بِمِثْلِهَا" جي
ترڪيب ۾ مختلف قول آهن پر آسان ترڪيب هيءَ آهي تہ "جَزَاءُ" کان اول "لهم" مقدر
آهي- يعني ڪافرن جي لاءِ برائيءَ جي سزا برائي آهي ۽ هوندي وڌيڪ نہ(۱) ۽ انهن کي
ذلت ڍڪي بيهندي جو مطلب تہ اها ذلت ۽ خواري صرف سندن منهن تي نہ هوندي پر
ساري جسم تي هوندي "مَا لَهُمْ مِنَ اللَّهِ مِنْ عَاصِمٍ" انهن کي الله کان ڪو بچائيندڙ نہ
هوندو- يعني جڏهن انهن ڪافرن تي عذاب الاهي لهندو تہ ان کي ڪير بہ روڪڻ
وارو نہ هوندو، (۱) "كَأَنَّمَا أُغْشِيَتْ وُجُوهُهُمْ قِطَعًا مِنَ اللَّيْلِ مُظْلِمًا" ڄڻ تہ انهن جا
منهن اونداهيءَ رات جو ٽڪرو ڍڪايا ويا آهن يعني انهن جا منهن ايتري قدر ڪارا
ڪيل هوندا ڄڻ تہ انڌيري رات جو ٽڪرو سندن منهن تي ڄمايو ويو آهي، (اعاذنا الله
تعاليٰ وسائر المسلمين) "أُولَئِكَ أَصْحَابُ النَّارِ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ" اهي باھ وارا
آهن اهي ان ۾ هميشہ رهيا پيا هوندا- هن فرمان عاليءَ ۾ ڪافرن جي ٻن حالتن جو
بيان ڪيو ويو آهي، ۱- اهي باھ وارا آهن باھ انهن لاءِ ۽ اهي باھ لاءِ پيدا ڪيا ويا
آهن جيئن ڪوئلو باھ لاءِ ۽ باھ ڪوئلي لاءِ تيار هوندي آهي، ۲- اهي باھ ۾ هميشہ
هوندا نہ باھ وسامندي نہ هلڪي ٿيندي ۽ اهي هڪ منٽ بہ ان مان ٽڪرنداءِ نہ مرندا-
"وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيعًا ثُمَّ نَقُولُ لِلَّذِينَ أَشْرَكُوا مَكَانَكُمْ أَنْتُمْ وَشُرَكَاؤُكُمْ" ۽ ان ڏينهن
جو انهن سڀني کي اٿاريندا سون تنهن کان پوءِ جن شرڪ ڪيو انهن کي چونداسون تہ
اوهان ۽ اوهان جا شريڪ پنهنجي جاءِ تي رهو- يعني مشرڪن کي ميدان حشر ۾ اٿاري
چونداسون تہ اوهان ۽ جن کي اوهان الله تعاليٰ جو شريڪ بنايو هو يا انهن کي الله تعاليٰ
جا پٽ يا ڌيئرون سڏيندا هئو- مثلاً حضرت عيسيٰ عليه السلام جنهن کي نصاريٰ ابن
الله بلڪ عين الله سڏيندا هئا يا ملائڪ سڳورا ، ۽ سندن راهب ۽ علماءَ جن کي هڪ

(۱) نعيمي صہ ۲۷۳ جلد ۱۱ (۲) بحر العلوم صـ ۹۶ جلد ۲

حيثيت سان خدائيءَ جو رتبو ڏئي ڇڏيو هيائون يا اهي بت جن کي مکي پاڪ جي رهاڪو مشرڪن الله تعالىٰ جا اختيار ورهائي ڏنا هئا سيني کي سندن مرتبي جي حال آهر بيهي رهڻ جو حڪم ڏنو ويندو- (۱)

"فَزَيَّلْنَا بَيْنَهُمْ وَقَالَ شُرَكَآؤُهُمْ مَّاكُنتُمْ إِيَّانَا تَعْبُدُونَ" پوءِ انهن جي وچ ۾ جدائي وجهنداسون ۽ سندن شريڪ بنايل (ڪين) چوندا ته اوهان اسان جي عبادت نه ڪندا هيئو. يعني باطل دين ۽ سندن عبادت ڪندڙن جي وچ مان تعلقات ڪٽيا ويندا، عابد پنهنجن مصنوعي معبودن کان بيزار ٿيندا ۽ باطل معبود عابدن کي چوندا ته اوهان اسان جي عبادت ته ڪندا ئي نه هيئو. (۲) "فَكَفَىٰ بِاللَّهِ شَهِيدًا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ إِن كُنَّا عَنْ عِبَادَتِكُمْ لَغَافِلِينَ" پوءِ الله اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪافي آهي شاهد بلاشڪ اسين اوهان جي عبادت کان غافل هئاسون- مقصد ته ان وقت عجيب افراتفري ۽ نفسا نفسي هوندي باطل معبودن ۽ سندن عابدن ۾ جدائي ٿي ويندي. ۽ دنيا ۾ پنهنجن خيالن ۽ وهمن سان جيڪي تعلقات قائم ڪري رکيا هيائون اهي سڀ ٽوڙيا ويندا- مشرڪن کي جن باطل معبودن ۾ وڏيون اميدون هيون اهي باطل معبود صاف جواب ڏيندي چوندن ته: اوهان اسان جي عبادت ته ڪندا ئي نه هيئو- اسان جي ۽ اوهان جي ان حال جو الله شاهد آهي ۽ اهوئي ڪافي آهي.

هُنَالِكَ تَبْلُوا كُلُّ نَفْسٍ مَّآ أَسْلَفَتْ وَرُدُّوٓا إِلَى اللَّهِ مَوْلَاهُمُ

اتي آزمائي ڏسندو هر نفس اهو جيڪو اڳي ڪري موڪليائين ۽ موٽايا ويندا الله مالڪ پنهنجي

الْحَقِّ وَضَلَّ عَنْهُم مَّا كَانُوا يَفْتَرُونَ ﴿٣٠﴾

سچي ڏانهن ۽ پلجي ويندو انهن کان جيڪو ناهيائون ٿي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بتن ۽ بت پرستن جي انهن جهڳڙن جو ذڪر هو جيڪي اهي قيامت ۾ ڪندا ۽ هن آيت ۾ انهن جهڳڙن جي نتيجي جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي،

(۱) جاشيه عثماني ص ۲۸۰ الڪشاف ص ۲۳۵ جلد ۲ (۲) خازن ص ۲۹۵ جلد ۲-

"هُنَالِکَ تَبلُوا کُلُّ نَفسٍ مَّآاَسلَفَتْ وَرُدُّوٓا اِلَى اللهِ مَوْلاَهُمُ الْحَقِّ وَضَلَّ عَنهُمْ مَّاكَانُوا يَفْتَرُوْنَ" هر نفس اتي انهن عملن کي جيکي اڳي ڪري موڪليا هوندائين آزمائي ڏسندو ۽ پنهنجي الله سچي مالڪ ڏانهن موٽايا ويندا ۽ جيکي ٺاهه ٺاهيا هيائون اهي انهن کان وسري ويندا- مطلب ته ڪوڙا ۽ بي اصل وهم اڏامي ويندا هر شخص پنهنجين اکين سان مشاهدو ڪري ڏسندو ته ان سچي حقيقي مالڪ کان سواءِ رجوع ڪرڻ جي لاءِ ٻي ڪابه جاءِ نه آهي ۽ هر هڪ انسان کي پنهنجن پلن ۽ ٻرن عملن جو اندازو ٿي ويندو ته ڪيترو وزن رکن ٿا.

فائدا

هن آيت کي سمجهڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا، ۱-جيڪا شيءِ دنيا ۾ لڪل آهي اها قيامت ۾ ظاهر ٿي ويندي ۽ اتي الله تعالىٰ جي پيارن نبين عليهم السلام جي حقانيت سج وانگر روشن ٿي سامهون ايندي. ۲- "تَبْلُوْا کُلُّ نَفْسٍ" مان ظاهر ٿيو ته قيامت ۾ هر شخص پنهنجن عملن جو پاڻ ئي حساب ڪيو بيٺو هوندو رب پاڪ جي طرفان حساب قانوني ڪاروائي پوري ڪرڻ لاءِ هوندو. ۳- قيامت جي ڏينهن مومن پنهنجي مالڪ جي بارگاهه ڏانهن ڪلندو ويندو ۽ ڪافر کي ڌڪا ڏئي جهنم ۾ موڪليو ويندو. جيئن (ردوا الى الله) مان ظاهر ٿي رهيو آهي- (۱)

قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اَمَّنْ يَّمْلِكُ السَّمْعَ

فرماءِ ته: ڪير ٿو رزق ڏي اوهان کي زمين ۽ آسمان مان ياڪير ٿو مالڪ ٿئي ڪنن ۽ اکين جو ۽

وَالْاَبْصَارَ وَمَنْ يُّخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ

ڪير ٿو ڪڍي جيئري کي مئل مان ۽ ڪڍي ٿو مئل کي جيئري مان ۽ ڪير ٿو تدبير ڪري امر

الْحَيِّ وَمَنْ يُّدَبِّرُ الْاَمْرَ فَسَيَقُوْلُوْنَ اللّٰهُ فَقُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۳۱﴾

کي پوءِ جلد چوندا ته الله، پوءِ فرماءِ ته: ڇا پوءِ نٿا ڊڄو.

(۱) نعيمي صه ۲۸۵ جلد ۱۱-

تفسير

ذڪر ڪيل آيتن ۾ ارشاد ٿيو هو تہ قيامت جي ڏينهن مشرڪ ۽ ڪافر بہ پنهنجي بي ڪسي ۽ بي وسي ڏسي رب العزة جل جلالہ جي وحدانيت ۽ حقانيت تي ايمان آڻيندا ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ دنيا ۾ بہ اسلام جي طرفان پيش ڪيل دلائل ڏسي ڪڏهن مشرڪ الله تعالىٰ جي وحدانيت ۽ قدرت جا قائل هجڻ تي مجبور ٿيندا آهن، فرمان عالي شان آهي، "قُلْ مَنْ يَرْزُقُكُمْ مِنَ السَّمَآءِ وَالْأَرْضِ" فرماءِ تہ: اوهان کي آسمان ۽ زمين مان ڪير ٿو رزق ڏئي؟ ظاهر آهي تہ "قُلْ" ۾ خطاب حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم سان آهي ۽ "يَرْزُقُكُمْ" ۾ گفتگو انهن ڪافرن سان آهي جيڪي الله تعالىٰ کي رازق، مالڪ ۽ خالق مڃيندا هئا پر بتن کي پنهنجو سفارشي سمجهي انهن جي عبادت ڪندا هئا- جيئن ٻيءَ آيت ۾ ارشاد آهي- "مَانَعْبُدُهُمْ اِلَّالِيُقَرِّبُوْنَا اِلَى اللّٰهِ زُلْفٰى" (۱) اسين انهن (بتن) جي عبادت صرف ان لاءِ ٿا ڪيون تہ اهي اسان کي الله تعالىٰ ڏانهن ويجهو ڪندا- عرب جي عام مشرڪن ۽ خصوصًامڪہ مڪرمہ جي رهاڪن جو اهو عقيدو هوندو هو- "اَمَّنْ يَّمْلِكُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ" ياڪير ٿو مالڪ ٿي ڪنن ۽ اکين جو-

ياد رکڻ گهرجي تہ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جون طاقتون سڀني طاقتن کان اعلىٰ ۽ افضل آهن جو ٻيون هلڻ، ڦرڻ جون طاقتون بہ انهن جي مدد جون محتاج آهن ۽ الله تعالىٰ جي قدرت جون نشانيون بہ انهن جي ذريعي محسوس ٿينديون ۽ مشاهدي ۾ اينديون آهن انهن سان ئي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان ٻڌو ۽ جمال ڏٺو ويندو آهي هاڻي بہ ڪعبہ مڪرمہ ۽ روضہ مطهره جي زيارت انهن سان ٿيندي آهي ان جي ڪري انهن جو ذڪر خصوصيت سان ڪيو ويو آهي. ۽ جڏهن تہ ڪن هر طرف کان آواز ٻڌندو آهي ۽ اک صرف سامهون واري شيءِ کي ڏسندي آهي، ان جي ڪري اول ڪن ان کان پوءِ اک جو ذڪر ڪيو ويو آهي. خيال ۾ رهي تہ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ الله تعالىٰ جي قدرت جا عجيب نظارا آهن معلوم نہ آهي تہ اک ۾ ڪيترا پردا آهن ۽ هر پردو کهڙو کهڙو ڪم ڪري ٿو ان کان پوءِ اهي ايتريون نازڪ آهن جو ڪن پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو ۽ اک هڪ ڪک بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن، سئيون ۽ پليون اکيون ٿوريون بہ خراب

(۱) سورة الزمر آيت ۳-

ٿي ويندي ون آهن، الله جل جلاله ئي آهي جيڪو اهي نعمتون ڏيندڙ ۽ انهن جي حفاظت ڪندڙ آهي ان جي ڪري انهن لاءِ ﴿يَمْلِكُ﴾ جو لفظ آڻڻ نهايت مناسب آهي، "وَمَنْ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ" ۽ ڪير آهي جيڪو جيئري کي مئل مان ڪڍي ٿو ۽ مئل کي جيئري مان ڪڍي ٿو- هتي جيئري ۽ مئل مان مراد ڪير آهن ان ۾ مختلف قول آهن، ۱- حي (جيئري) مان مراد ساهه واري شيءِ ۽ ميت (مئل) مان مراد بي ساهي شيءِ آهي رب پاڪ ساهه واري حيوان کي بي ساهه نطفي مان پيدا ڪري ٿو- يا ساهه واري پکيءَ مان بي ساهي آني کي ڪڍي ٿو ۽ ان آني مان ساهه واري پکيءَ کي ڪڍي ٿو. "وَمَنْ يُدَبِّرُ الْأَمْرَ" ۽ ڪير ٿو امر جي تدبير ڪري؟ امر جي تدبير مان مراد ملڪي نظام آهي جنهن سان دنيا قائم رهي ۽ امر مان مراد تڪويني (ڪائنات کي وجود ڏيڻ وارا احڪام آهن مطلب ته ٻڌايو! ته ساري دنيا جو انتظام ڪير سنڀالي رهيو آهي ۽ ڪنهن جي امر سان هي جهان قائم آهي؟ رزق جي تقسيم موسمن جي تبديلي موت ۽ حياتي، قومن جي ترقي ۽ تنزل، چنڊ ۽ سج جو اڀرڻ ۽ لهڻ اهو سارو نظام ڪير هلائي رهيو آهي؟ جڏهن اوهان انهن کان اهي سمورا سوال ڪندؤ ته "فَسَيَقُولُونَ اللَّهُ" پوءِ جلد چوندا ته الله- يعني اهي مشرڪ ۽ منڪر هڪدم جواب ڏيندا ته اهو سڀ ڪجهه ڪندڙ الله آهي. انهن ڪمن ۾ ان جو ڪوبه شريڪ ناهي "فَقُلْ أَفَلَا تَتَّقُونَ" پوءِ فرماءِ ته: ڇا پوءِ ڊڄو نٿا؟ هن ۾ الله تعاليٰ محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي ڪافرن جي جواب جو جواب سيڪاريو آهي. يعني اي ڪافرؤ! جڏهن اوهان انهن سڀني صفتن کي مڃيو ٿا ته سڀ ڪجهه ڪرڻ وارو الله وحده لاشريڪ له آهي ته پوءِ ان کان ڊڄي شرڪ ۽ بت پرستيءَ کي ڇڏيو ڇو نٿا؟ بي ساهن بتن جي پوڄا مان فائدو ڪهڙو؟

فائدا هن آيت مبارڪه کي غور سان پڙهڻ مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ۱- "قُلْ مَنْ يَرْزُقُكُمْ" مان واضح ٿيو ته هرسوال سوال ڪندڙ جي بي علم هجڻ جو دليل ناهي ڪڏهن ڪنهن کان اقرار ڪرائڻ يا ان کي ملامت ڪرڻ لاءِ به سوال ڪيو ويندو آهي. هن آيت ۾ به ڪافر کان اهي سوال اقرار ڪرائڻ لاءِ ڪيا ويا. ۲- "مِنَ السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ" مان واضح ٿيو ته رزق جو ڪارخانو آسمان ۾ ۽ خزانو زمين ۾ آهي. ٻيءَ آيت ۾ آيو آهي، "وَفِي السَّمَاءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوعَدُونَ"(۱) ۽ آسمان ۾ اوهان جو رزق آهي ۽ جيڪو وعدو ڪيو ٿا وڃو اهو به آهي-

(۱) سورة الذاريات آيت ۲۲-

فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ ۚ فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ ۚۖ فَاَنّٰى

پوءِ اهو الله رب اوهان جو سچو آهي پوءِ ڇا آهي حق کان پوءِ سواءِ گمراهيءَ جي پوءِ ڪيڏانهن

تُصْرَفُوْنَ ﴿۳۲﴾ كَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ فَسَقُوْٓا

ٿا ڦيرايا وڃو اهڙي طرح ثابت ٿيو فرمان رب تنهنجي جو انهن تي جو فاسق ٿيا

اَنَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۳۳﴾ قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ

ته تحقيق اهي نه ايمان آڻيندا فرماءِ ته ڪي شريڪ بڻايلن اوهان جن مان ڪو آهي جيڪو شروع ڪري پيدا ڪرڻ کي

ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ۚ قُلِ اللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۳۴﴾

تنهن کان پوءِ ورائي ان کي فرماءِ ته الله شروع ڪري ٿو پيدا ڪرڻ کي تنهن کان پوءِ موٽائيندو ان کي پوءِ ڪيڏانهن ٿا اونڌا ڦيرايا وڃو

قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ ۚ قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ

فرماءِ ته ڇا اوهان جن شريڪ بڻايلن مان اهو آهي جيڪو هدايت ڪري ٿو حق ڏانهن فرماءِ ته الله هدايت ڪري ٿو

لِلْحَقِّ ۚ اَفَمَنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ اَمَّنْ

حق جي طرف ڇا پوءِ جيڪو هدايت ٿو ڪري حق جي طرف وڌيڪ حقدار آهي هن ڳالهه جو جو تابعداري ڪئي وڃي يا اهو جو

لَّا يَهِدِّيْٓ اِلَّآ اَنْ يُّهْدٰى ۚ فَمَا لَكُمْ ۟ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿۳۵﴾

پاڻ ئي هدايت وارو نٿو رهي مگر هي جو هدايت ڪيو وڃي پوءِ ڇا آهي واسطي اوهان جي ڪيئن ٿا فيصلو ڪيو.

تفسير

هنن کان پهريائين ذڪر ڪيلن آيتن ۾ رب العزة جل جلاله جون اهي صفتون بيان ڪيون ويون جنهن کي مشرڪ، يهودي ۽ عيسائي بلڪ سڀ ڪافر خوشيءَ، ناخوشيءَ مڃين ٿا ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي مڃڻ جو نتيجو بيان ڪندي ارشاد ٿي

رهيو آهي، "فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ" پوءِ اهو (مذكوره صفتن وارو) الله آهي اوهان جو سچو رب- پوءِ حق كان پوءِ گمراهيءَ كان سواءِ رهيو ڇا آهي؟ پوءِ كيڏانهن ٿا ڦيرايا وڃو. مطلب ته جيكو پاڪ رب انهن كمال وارين صفتن سان موصوف ۽ انهن خوبين جو مالڪ آهي اهوئي ته الله برحق آهي ان سچ ۽ حق كان پوءِ جيكڏهن كنهن ٻئي كي پنهنجو خدا يا معبود بنائيندو ته اها خالص گمراهي هوندي ٿورو غور كريو ته كڏانهن پيا ڦيرايا وڃو.

"كَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ فَسَقُوْٓا اَنَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ" اهڙي طرح تنهنجي رب جو فرمان انهن تي ثابت ٿي ويو جيكي فاسق (بي فرمان) ٿيا- بلاشڪ اهي ايمان نه آڻيندا- يعني اوهان كان اڳ پڻ به جن كوتاهه انديشن ۽ بدنصيبن حق كي ڇڏي باطل جو ساٿ ڏنو ۽ الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ۽ تقويٰ جي بجاءِ فسق، فجور ۽ برائيءَ كي پنهنجو شعار بنايو اسان انهن كان سندن ٺئي غلطين جي كري هدايت قبول كرڻ جي صلاحيت كسي ڇڏي ۽ انهن جي اکين كي حق جي نور ڏسڻ كان محروم كري ڇڏيو، كٿي ائين نه ٿئي جو اوهان جي انهن مسلسل نافرمانين ۽ لڳاتار گستاخين جي كري اوهان كان به حق سمجهڻ ۽ ان كي قبول كرڻ جي صلاحيت سلب ٿي وڃي ۽ اوهان باطل جي اُنڌيرن ۾ ڌكا كائيندا رهو "قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ" فرماءِ ته ڇا اوهان جي شريڪ بنايلن مان كو آهي؟ جيكو پيدا كرڻ جي شروعات به كري ان كان پوءِ ان كي موٽائي- هن حصي ۾ بتن ۽ باطل معبودن جي پڄارين كان هڪ ٻيو سوال كيو ٿو وڃي ته هي ٻڌايو ته: هن جهان كي نيست مان هست ۽ عدم مان وجود ۾ كنهن آندو آهي ۽ وري قيامت جي ڏينهن كير انهن كي ٻيو ڀيرو زنده كري ميدان حشر ۾ اچي بيهاريندو- ڇا اوهان جا هي باطل معبود انهن ڳالهين مان كنهن تي قادر آهن؟ ڇا آسمانن واري ڇِتي انهن بيهاري آهي؟ چمكندڙ ۽ روشن ڳٽڻ كان مٿي تارا آسمانن تي انهن بيهاريا آهن؟ اهو سڀ كجهه انهن باطل معبودن، بتن وغيره كان لكين سال اڳ ۾ پيدا كيل هو. پوءِ بتن ۽ باطل معبودن انهن كي پنهنجي وجود كان به اڳ ۾ كيئن پيدا كيو؟ ڇا پيدا كندڙ پيدا كيل كان پوءِ هوندو آهي؟ ڇا هي زمين جو فرش انهن وڇايو آهي ۽ ان تي آسمان كي ويجها ويندڙ جبل به انهن ركيا آهن؟ ڇا پاڻيءَ ۽ خشكيءَ جي پيدا كرڻ ۾ انهن جو به كو حصو آهي؟ ۽ جيكڏهن هرگز نه آهي ته پوءِ اهي بت كائنات جا خالق كيئن ٿيا؟ پوءِ جيكڏهن اهڙي

پرعظمت جهان کي پيدا ڪرڻ تي اهو قادر آهي تہ ان کي فنا ڪري ٻيو ڀيرو زنده ڪرڻ تي بہ اهو قادر آهي ۽ اوهان جا هي باطل معبود بت وغيره جن کي اوهان معبود مڃيو ٿا ۽ خدا سمجهي انهن جي عبادت ڪيو ٿا جڏهن تہ نہ پيدا ڪرڻ تي قادر آهن ۽ نہ فنا ڪرڻ کان پوءِ جيئري ڪرڻ تي تہ پوءِ حقيقي خالق ۽ معبود برحق کان سواءِ انهن کي خدا ڇو مڃيو وڃي ۽ الله برحق رب کان سواءِ ٻين جي عبادت ڇو ڪئي وڃي؟ "قُلِ اللّٰهُ يَبْدَؤُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ" فرماءِ تہ: الله پيدا ڪرڻ کي شروع ڪري ٿو ان کان پوءِ ان کي ورائي ٿو پوءِ اوهان ڪيڏانهن ٿا اونڌا ڪيا وڃو- ڪافرن جي طرفان سوال قيامت جي متعلق بہ ٿيندا هئا تہ اها ڪير قائم ڪندو؟ ان جي ڪري الله تعالىٰ پنهنجي محبوب نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي زبان مبارڪ کان چورايو تہ جيڪو الله خلق جي ابتدا ڪري ٿو اهوئي انهن کي فنا ٿيڻ کان پوءِ بہ جيئرو ڪري ورائي آڻيندو- "قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ لِلْحَقِّ" فرماءِ تہ ڇا اوهان جي (طرفان الله سان ٺاهيل) شريڪن مان ڪير آهي جيڪو حق جي واٽ ڏيکاري؟ فرماءِ تہ الله حق جي واٽ ڏيکاري ٿو- مطلب تہ جڏهن اوهان بہ سمجهو ٿا تہ اوهان جي باطل معبودن جو ڪائنات جي تخليق ۽ احوال ۾ ڪوئي عمل دخل ناهي تہ ڀلا هي ٻڌايو تہ ڇا انهن وٽ ڪو هدايت جو پيغام آهي؟ جنهن جي روشني اوهان جي حياتيءَ جي شاهراه کي چمڪائي ۽ اوهان ڏکن ڪاٺڻ کان بچو ڇا انهن وٽ ڪو اهڙو منشور آهي؟ جيڪو اوهان جي انفرادي ۽ اجتماعي ترقيءَ جو ضامن هجي؟ ڇا انهن وٽ ڪو اهڙو ضابطهء اخلاق آهي جيڪو اوهان جي اعمال ۾ اخلاص واري خوبي پيدا ڪري ۽ اوهان جي تمدني ۽ معاشرتي سرگرمين کي عدل ۽ انصاف جو آئينه دار بنائي جڏهن اهي انهن معاملن ۾ بہ ڪا شيءِ ناهن تہ انهن کي خدا سمجهڻ ۽ انهن جي عبادت ڪرڻ ڪيڏي نہ وڏي بيوقوفي آهي الله تعالىٰ جي ذات تہ اها آهي جتان رشد ۽ هدايت ملي ٿي هدايت جو نور جنهن رنگ ۽ جنهن صورت ۾ ڪٿي جلوا ڪندڙ آهي تہ اهو الله تعالىٰ جي عنايت سان آهي. اهوئي حق ۽ سچ ڏانهن رهنمائي ڪندو آهي اهوئي حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ واري سمجهہ ۽ فهم عطا ڪندو آهي، اهوئي پنهنجا وڏي شان وارا انبياءَ عليهم السلام موڪلي سچ ڏانهن سڏائيندو آهي ۽ نبين سڳورن عليهم السلام جي نبوت جي حقانيت لاءِ انهن جي هٿان معجزا ظاهر ڪندو آهي ۽ حق قبول ڪرڻ جي توفيق بہ اهو ڏيندو آهي ان جي ڪري اهوئي سڀني جو معبود ۽ محبوب آهي. ان کان

سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ اهڙي ناهي جو ان کي سچو معبود بنائجي- "اَفَمَنۡ يَّهۡدِيۡۤ اِلَى الۡحَـقِّ اَحَقُّ اَنۡ يُّتَّبَعَ اَمَّنۡ لَّا يَهِدِّىۡۤ اِلَّاۤ اَنۡ يُّهۡدٰى" ڇا پوءِ جيڪو حق ڏي رهنمائي ڪري ان ڳالهہ جو وڌيڪ حقدار آهي تہ تابعداري ڪيو وڃي يا اهو جو بغير هدايت ڪرڻ جي پاڻ ئي هدايت جي رستي تي ناهي. مطلب تہ بت ۽ ٻيا باطل معبود پنهنجي پاڻ کي ئي سنڀالڻ جي لائق ناهن ۽ هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ تائين پهچڻ ۾ بہ انسان جا محتاج آهن جڏهن اهو ڪٿي ڪٿي رکين تہ پوءِ اهي عبادت جا حقدار ڪيئن ٿيندا؟ "فَمَا لَكُمۡ كَيۡفَ تَحۡكُمُوۡنَ" پوءِ (اي مشرڪو!) اوهان کي ڇا ٿيو آهي؟ ڪيئن ٿا فيصلو ڪيو، يعني اي بي وقوفئو! اوهان اونڌا فيصلا ڪهڙي نموني ٿا ڪريو؟ جو ايترن قوي دليلن هوندي وري بہ شرڪ ۽ ڪفر اختيار ٿا ڪيو-

فائدا

هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ" جي لفظ مان واضح ٿيو تہ قيامت ۾ مخلوق جي ٻيو ڀيرو پيدائش نئين نہ هوندي. پهرين پيدائش وارايل هوندي جيتوڻيڪ شڪل ۽ صورت ۾ فرق هوندو- هر جنتي شخص جو قد سٺ گز هوندو- ۽ دنيا ۾ حسين ۽ جميل هوندڙ ڪافر جي صورت انتهائي بري هوندي ان جي هر هڪ ڏاڙ جبل جيڏي هوندي پر هوندو انهن اصلي جزن مان موٽايل، ٢- حق جي رهنمائي ڪرڻ الله تعالىٰ جي وڏي نعمت آهي اهو فائدو هدايت کي خلق کان پوءِ ذڪر ڪرڻ مان معلوم ٿيو. جيئن جسماني جهان جو نظام سج سان ٻڌل آهي تيئن روحاني جهان جو نظام هادي عالم، نور مجسم، حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم سان ٻڌل آهي ان جي ڪري ڪين قرآن ڪريم ۾ رحمتہ للعالمين سڏيو ويو آهي حضور انور صلى الله عليه وسلم جن وٽ پهچڻ الله تعالىٰ وٽ پهچڻ آهي.٣- الله تعالىٰ جانبيءَ علماءِ دين ۽ اولياءِ ڪاملين الله تعالىٰ جي هدايت جا مظهر اتم آهن پاڻ ئي انهن جي ذريعي هدايت ڪرڻ جو نظام قائم ڪيو اٿس.

وَمَا يَتَّبِعُ اَكۡثَرُهُمۡ اِلَّا ظَنًّا ؕ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغۡنِىۡ مِنَ الۡحَـقِّ شَيۡـئًا ؕ

۽ نٿا تابعداري ڪن اڪثر انهن جا مگر گمان جي بيشڪ گمان نٿو فائدو ڏي حق جي مقابلي ۾ ڪا شيءِ

اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌۢ بِمَا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۳۶﴾ وَمَا كَانَ هٰذَا الۡقُرۡاٰنُ اَنۡ يُّفۡتَرٰى

بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا ۽ ناهي هي قرآن جيڪو پاڻ ٺاهيو وڃي

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ

سواءِ الله جي ۽ پر تصديق (آهي) ان جي جيكو اڳيان ان جي هو ۽ تفصيل (آهي)

الْكِتَابِ لَارَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعَالَمِيْنَ ﴿۳۷﴾

ان كتاب جو ناهي كو شڪ ان ۾ (اهو) رب العالمين جي طرفان آهي.

تفسير

مذكوره آيتن ۾ كافرن جي بي عقليءَ جو ذكر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي وهم پرستيءَ جو ذكر كيو ويو آهي-

شان نزول

عرب جا كافر چوندا هئا ته قرآن مجيد الله تعاليٰ جو كتاب ناهي حضور (كريم صلى الله عليه وسلم) جن پاڻ ناهي ان جي نسبت الله تعاليٰ ڏانهن كئي آهي هنن آيتن ۾ انهن جو رد كيو ويو آهي- فرمان آهي، "وَمَا يَتَّبِعُ اَكْثَرُهُمْ اِلَّاظَنًّا" ۽ انهن مان گهڻا گمان كان سواءِ ٻئي كنهن ڳالهه جي تابعداري نٿا كن- هي فرمان مبارك نئون جملو آهي- "اَكْثَرُهُمْ" مان مراد انهن جا سردار آهن جيكي پنهنجي گمان ۽ وهم سان بتن جي پوڄا كندا هئا ۽ انهن جي ماتحت رهڻ وارا كين ڏسي بتن كي پوڄيندا هئا گمان سان پوڄا جو مطلب آهي ته پنهنجن جاهلن ابن ۽ ڏاڏن كي ڏسندا آيا ان جي كري پاڻ به بتن كي پوڄن ٿا يا اهو وهم هوندو هون ته هك الله ايڏي سڄي جهان كي كيئن هلائي سگهندو؟ ان جي كري كجهه ان جا شريك به آهن ۽ بعض مفسرن لكيو آهي ته ان فرمان مبارك مان هك هيءَ به مراد آهي ته كيترائي كافر رب پاك جي وحدانيت ۽ ان جي ذات ۽ صفات كي به مڃيندا هئا پر حضور كريم صلى الله عليه وسلم جي نبوت واري نور سان نه محض پنهنجي راءِ سان لهاذا اهي به كافر آهن جو ظن ۽ گمان سان مڃين ٿا مالك مٺي جي بارگاه ۾ مقبول توحيد اها آهي جيكا نبي پاك صلى الله عليه وسلم سيكاري آهي- (۱)

(۱) نعيمي صـ۳۰۷ جلد ۱۱-

"اِنَّ الظَّنَّ لَايُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا" بلاشڪ گمان حق جي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو- مطلب تہ ڪافرن جا ذڪر ڪيل گمان حق جي مقابلي ۾ ڪا اهميت نٿا رکن اهي الاهي وحي ۽ نبوت کان بي نياز نٿا ڪري سگهن- وڏي ڪان وڏو عقلمند بہ دين جي معاملي ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جو محتاج آهي، "اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ" يقينًا جيڪو ڪجهہ اهي ڪن ٿا الله تعالىٰ ڄاڻندڙ آهي. يعني اهي ڪافر جيڪي بہ بڇڙا عقيدا رکي برا عمل ڪن ٿا يقينًا الله اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي ڪين سخت سزا ڏيندو. "وَمَا كَانَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ" ۽ هي قرآن الله کان سواءِ (ٻئي ڪنهن جي طرفان) ٺاهيو نہ ويو آهي، المقصد تہ دنيا ۾ هڪ اهوئي ڪتاب صحيح رستو ٻڌائڻ وارو، گمانن ۽ وهمن جي مقابلي ۾ سچيون حقيقتون پيش ڪندڙ آهي ان ۾ مسايل علوم، معارف، احڪام، قانون ۽ معجزانہ فصاحت ۽ بلاغت تي نظر ڪري چوڻو پوي ٿو تہ هي قرآن ڪريم اهو ڪتاب ناهي جو الله تعالىٰ کان سواءِ ڪير ٻيو ٺاهي پيش ڪري سارو قرآن تہ بجاءِ خود ان جي هڪ سورة جو مثال پيش ڪرڻ کان بہ ساري مخلوق عاجز آهي. "وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ الْكِتٰبِ لَارَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ" ۽ پر ان کان اڳين (نازل ڪيلن ڪتابن) جي تصديق ۽ لکيل (فرمانن) جو تفصيل آهي ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي (تہ هي) رب العالمين جي طرفان آهي- يعني قرآن ڪريم جو ڪلام الله هجڻ ان مان بہ ظاهر آهي تہ اهو سڀني اڳين آسماني ڪتابن جي سچائيءَ تي تصديق جي مهر هڻندڙ ۽ انهن جي اصلي مضمونن جي حفاظت ڪندڙ ۽ انهن جي پيشين گوين جي صداقت جو کليل اظهار ڪندڙ آهي ۽ جيڪي حقائق، معارف ۽ احڪام الاهي اڳين ڪتابن ۾ نهايت اختصار سان ذڪر ڪيل هئا قرآن پاڪ اهي ڪافي تفصيل سان بيان ڪري رهيو آهي سچ هي آهي تہ هن ڪتاب ۾ عقلمند جي لاءِ شڪ ۽ شبهي جي ڪا گنجائش ناهي اهڙو جامع، بليغ، حڪمت سان ڀريل ۽ صداقت جي نور سان روشن ڪلام رب العالمين جو آهي ٻئي ڪنهن جو ناهي-

فائدو- "اِنَّ الظَّنَّ لَايُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا" مان ثابت ٿيو تہ جن عقيدن تي ايمان ۽ ڪفر جو دارومدار آهي ان ۾ صرف پنهنجو قياس ڪافي ناهي انهن جي لاءِ خالص وحي يا وحي جي تائيد ضروري آهي "اِنَّ الظَّنَّ" ۾ لام عهدي آهي جنهن مان مراد ڪافرن جا عقائد ۽ "الْحَقِّ" مان مراد اسلامي عقيدا آهن جن جي ذريعي ماڻهو الله تعالىٰ کي راضي ڪندو آهي-

اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ افۡتَرَاهُ قُلۡ فَاۡتُوۡا بِسُوۡرَةٍ مِّثۡلِهٖ وَادۡعُوۡا مَنِ

ڇا چون ٿا تہ هڻ سان ناهيائين ان کي فرماءِ تہ: پوءِ آڻيو ڪا سورة ان جهڙي ۽ سڏيو انهن کي جي

اسۡتَطَعۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ۝۳۸ بَلۡ كَذَّبُوۡا بِمَا لَمۡ

طاقت رکو ٿا الله کان سواءِ جيڪڏهن آهيو سچا بلڪہ ڪوڙو ڇيائون ان کي جونہ

يُحِيۡطُوۡا بِعِلۡمِهٖ وَلَمَّا يَاۡتِهِمۡ تَاۡوِيۡلُهٗ كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيۡنَ مِنۡ

گهيراءِ ڪيائون علم ان جي کي ۽ اڃان نہ آيو انهن وٽ تاويل ان جو اهڙي طرح ڪوڙو ڪيو انهن جو

قَبۡلِهِمۡ فَانۡظُرۡ كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيۡنَ ۝۳۹

اڳي انهن کان هٿا پوءِ ڏس تہ ڪهڙيءَ طرح هٿا پڇاڙي ظالمن جي.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيتن ۾ اجمالي طرح ارشاد ٿيو تہ ڪافر صرف پنهنجي وهم، گمان ۽ ابن ڏاڏن جي پيروي ڪندي بت پرستي ڪن ٿا، ۽ هنن آيتن ۾ ان اجمال جو ڪجهہ تفصيل بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ ڏسو هي ماڻهو قرآن ڪريم کي رسول الله صلى الله عليه وسلم جو پنهنجو ناهيل ڪلام ٿا چون پر ان جو ثبوت ڪجهہ ڪونہ اٿن. فرمان ايزدي آهي، "اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ افۡتَرَاهُ قُلۡ فَاۡتُوۡا بِسُوۡرَةٍ مِّثۡلِهٖ وَادۡعُوۡا مَنِ اسۡتَطَعۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ" ڇا چون ٿا تہ هڻ سان ناهيو اٿس ان کي، فرماءِ تہ: ان جهڙي سورة آڻيو جيڪڏهن سچا آهيو ۽ الله کان سواءِ جنهن کي بہ طاقت رکو ٿا سڏيو-

فائدو- هي ام منقطعہ آهي جنهن جي اڳيان بل مقدر آهي. ۽ "اَفۡتَرَاهُ" ۾ لڪل ضمير نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن ڏانهن وري ٿو. (۱) مطلب تہ ڪافر چون ٿا تہ اهو قرآن ڪريم نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن پاڻ ناهيو آهي الله تعالىٰ فرمايو تہ:

(۱) روح المعاني صہ۱۱۸ جزءِ ۱۱جلد ۴-

جيكڏهن اهو قرآن هڻ جو ناهيل آهي ته اوهان اهڙي سورة پيش ڪيو صرف اوهان نه پر جيڪي الله تعالىٰ کان سواءِ باطل معبود بنايا اٿو انهن کي به طاقت آهر سڏي وٺو ۽ گڏجي اهڙي سورة ٺاهيو- پر اهي نه چٽلنج کي قبول ڪري سگهيا ۽ نه ڪا اهڙي سورة ٺاهي پيش ڪري سگهيا، (١) "بَلْ كَذَّبُوْا بِمَالَـمْ يُحِيْطُوْا بِعِلْمِهٖ وَلَمَّا يَاْتِهِمْ تَاْوِيْلُهٗ" بلڪه ڪوڙو ڪيائون ان کي جنهن جي علم کي گهيراءُ ڪري نه سگهيا- ۽ اڃان انهن وٽ ان جي حقيقت نه آئي آهي، هي جملو نصب جي محل ۾ حال آهي- مطلب ته جنهن کي ڪوڙو چون ٿا نه ان جي حقيقت هنن وٽ آئي آهي نه ان کي سمجهيا آهن نه ان کي سندن عقل پهتا آهن هروڀرو ڪوڙو پيا چون- ان تي غور ڪن ها ۽ سوچين ها ته ڪڏهن به ڪوڙو نه چون ها- (٢) "كَذَالِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظَّالِمِيْنَ" ائين ئي انهن به ڪوڙو چيو هو جيڪي انهن کان اڳ هئا پوءِ ڏس ته ظالمن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي هئي؟ مطلب ته پهرين قومن به اهو فرصت جو وقت وڃايو هو ۽ انبياءِ ڪرام جي دعوت کي رد ڪيو هو ۽ انهن جي روشن معجزن کي ڏسي اکيون ٻوٽيون هيائون پوءِ ڏس ته انهن جو حال ڪهڙو ٿيو - ان جي ڪري هنن کي به سوچي سمجهي جلد ايمان آڻڻ گهرجي متان انهن وانگر عذاب الاهيءَ ۾ اچي وڃن.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهٖ ۚ وَرَبُّكَ اَعْلَمُ

۽ انهن مان اهو به آهي جيڪو ايمان آڻيندو ان تي ۽ انهن مان اهو به آهي جيڪو ايمان نه آڻيندو ان تي ۽ رب تنهنجو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي

بِالْمُفْسِدِيْنَ ۝٤٠ وَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ لِّيْ عَمَلِيْ وَلَكُمْ عَمَلُكُمْ ۚ

فساد ڪندڙن کي ۽ جيڪڏهن ڪوڙو چون توکي پوءِ فرماءِ ته مون لاءِ عمل منهنجو آهي ۽ اوهان لاءِ عمل اوهان جو آهي

اَنْتُمْ بَرِيْٓـُٔوْنَ مِمَّآ اَعْمَلُ وَاَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ۝٤١

اوهان بيزار آهيو ان کان جيڪو مان ڪيان ٿو ۽ مان بيزار آهيان ان کان جيڪو اوهان ڪيو ٿا.

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن جو اٿندي حال بيان ڪيو ويو ته اهي قرآن پاڪ کي سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ ڪوڙو چون ٿا. ۽ هتي انهن جو ديرَ وارو حال بيان ڪيو ٿو وڃي ته انهن مان ڪي ايمان آڻيندا ته ڪي نه آڻيندا- فرمان مبارڪ آهي، "وَمِنْهُمْ مَّنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهٖ" ۽ ڪو انهن

(١) الصاوى على الجلالين صـ١٧٦ جزءِ ٢- (٢) فتح القدير صـ۴۴٦ جلد ٢

مان ان تي ايمان آڻيندو ۽ کو انهن مان ان تي ايمان نہ آڻيندو- "بِهٖ" ۾ ضمير کنهن ڏانهن ٿو وري، اقرب قول اهو آهي تہ اهو ضمير قرآن ڏانهن ٿو وري ڇو تہ اهوئي مٿي ذکر کيل آهي، چاڻڻ گهرجي تہ جنهن جو قرآن پاک تي ايمان هوندو تہ ان جو خود بخود رسول الله صلى الله عليه وسلم جن تي بہ ايمان هوندو- ۽ "يُؤْمِنُ" فعل مضارع جو صيغو آهي جيکو حال ۽ استقبال ٻنهي لاءِ ايندو آهي پر هتي ان مان ڇا مراد آهي؟ ان ۾ اختلاف آهي ڪي چون ٿا تہ حال مراد آهي پوءِ مطلب ٿيندو تہ انهن مان ڪي لک ۾ ايمان آڻين ٿا پر ظاهر ۾ عمدًا انڪار ۽ تڪذيب ڪن ٿا. ۽ ڪي اهڙا آهن جيڪي ظاهر باطن ٻنهي حالتن ۾ منڪر آهن ۽ ڪي فرمائن ٿا تہ ان مان مراد مستقبل آهي يعني ڪي اڳتي هلي ڪفر ڇڏي ايمان آڻيندا ۽ ڪي نہ آڻيندا- (۱) ۽ سچيءَ دنيا ڏٺو تہ جيئن قرآن ڪريم ٻڌايو تيئن ئي ٿيو. ڪن ايمان آڻي اسلام جي وڏي خدمت ڪئي جيئن حضرت خالد بن وليد، عڪرمہ بن ابوجهل ۽ ابو سفيان وغيرهم- رضي الله عنهم- ڪي تہ مرڻ تائين ڪافر رهيا اصل ئي نہ مڙيا جيئن ابوجهل، اميہ بن خلف وغيرهم "وَرَبُّكَ اَعْلَمُ بِالْمُفْسِدِيْنَ" ۽ تنهنجو رب فساد ڪندڙن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي هتي فساد ڪندڙن مان مراد ڪفر تي مرندڙ ڪفار آهن ۽ اصلي فسادي بہ اهي آهن ۽ انهن کي وڌيڪ ڄاڻڻ مان مراد انهن تي غضب ۽ قهر ڪرڻ لاءِ ڄاڻڻ آهي. يعني اي محبوب! ڪريم (صلى الله عليه وسلم) اسين انهن فسادي ڪافرن کي گهڻو ڄاڻون ٿا اسين انهن کي سخت سزائون ڏينداسون-

"وَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ لِّيْ عَمَلِيْ وَلَكُمْ عَمَلُكُمْ اَنْتُمْ بَرِيْٓئُوْنَ مِمَّآ اَعْمَلُ وَاَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ"

۽ جيڪڏهن توکي ڪوڙو چون تہ پوءِ (انهن کي) فرماءِ تہ مون لاءِ منهنجو عمل آهي ۽ اوهان لاءِ اوهان جو عمل، اوهان ان کان بيزار آهيو جيڪو مان ٿو ڪيان ۽ مان ان کان بيزار آهيان جيڪو اوهان ٿا ڪيو- نہ اوهان منهنجي عملن جي ڪري پڪڙيا ويندؤ ۽ نہ مان اوهان جي عملن جي ڪري پڪڙيو ويندس. (۲)-

فائدا- هنن آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ۱- قرآن مجيد جيڪي غيبي خبرون ڏنيون آهن اهي بالڪل حق آهن جيئن ٻڌايائين تيئن ئي ٿيو- اهو "مِنْهُمْ مَّنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهٖ" مان واضح ٿي رهيو آهي، واقعي ڪيترا ڪافر مسلمان ٿيا ۽ ڪيترا ڪفر تي ئي رهجي مري ويا. ۲- "وَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ لِّيْ عَمَلِيْ" مان واضح ٿيو تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جا عمل مومنن کي فائدو ڏيندا. ۽

(۱) الڪبير صـ ۹۹ جزءِ ۱۷- (۲) المظهري صـ ۲۹ جلد ۵-

كافرن كي نہ ڏيندا- ڇو تہ "لِيْ عَمَلِيْ" کي "اِنْ كَذَّبُوْكَ" سان معلق ڪيو ويو آهي. يعني جيڪي اوهان کي ڪوڙو چون انهن کي ائين فرمايو پر جيڪي مومن آهن انهن کي سندن عمل بہ فائدو ڏيندو ۽ پاڻ انهن کان بيزار بہ ناهن انهن تي مهربان ۽ حريص آهن- انهن لاءِ شفاعت ڪندا انهن جا گناهہ بخشرائيندا- الله تعاليٰ مومنن لاءِ ڪين فرمايو آهي تہ "لَاتَعْدُ عَيْنَاكَ عَنْهُمْ" (۱) اوهان جون نگاهون انهن کان تجاوز نہ ڪن. ۽ ٻيءَ جاءِ تي فرمان عالي شان آهي. "وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ" (۲) ۽ مومنن لاءِ پنهنجي ٻانهون جهڪايل ڪر.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ وَلَوْ كَانُوْا

۽ بعض انهن مان اهي آهن جيڪي ڪن ٿا ڏين توڏانهن ڇا پوءِ تون ٻڌائيندين ٻوڙن کي جيتوڻيڪ هجن جو

لَايَعْقِلُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْظُرُ اِلَيْكَ اَفَاَنْتَ تَهْدِى الْعُمْيَ وَلَوْ

نٿا عقل رکن ۽ ڪي انهن مان اهي آهن جيڪي ڏسن ٿا توڏانهن ڇا پوءِ تون هدايت ڪرين ٿو انڌن کي جيتوڻيڪ

كَانُوْا لَايُبْصِرُوْنَ ﴿۴۳﴾

هجن جو نٿا ڏسن.

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ارشاد ٿيو هو تہ قرآن مجيد تي ڪي ماڻهو ايمان آڻيندا ۽ ڪي نہ آڻيندا ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ايمان نہ آڻڻ وارن جون هي صفتون هونديون- ارشاد رباني آهي. "وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ وَلَوْكَانُوْا لَايَعْقِلُوْنَ" ۽ انهن مان ڪي اهي آهن جيڪي توڏانهن ڪن ڏين ٿا ڇا پوءِ تون ٻوڙن کي ٻڌائيندي جيتوڻيڪ اهي عقل نہ رکندا هجن- يعني اي محبوب! انهن ڪافرن مان ڪي اهڙا بہ آهن جيڪي اوهان جي طرفان قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ نصيحت ظاهر ۾ ڪن ڏئي اهڙي نموني ٻڌن ٿا جو ڏسڻ وارو سمجهي تہ وڏي غور ۽ محبت سان ٻڌي رهيا

(۱) سورة ڪهف آيت ۲۸- (۲) سورة حجر آيت ۸۸-

آهن پر حقيقت هيءَ آهي ته انهن جي دلين جا ڪن ٻوڙا آهن ان جي ڪري انهن جي دلين تائين اوهان جو آواز نٿو پهچي- ڇا پوءِ اوهان اهڙن ٻوڙن کي جيڪي عقل به ڪونه ٿا رکن ٻڌائيندوءِ؟- عقل جي نفي ڪرڻ مان واضح ٿيو ته جيڪڏهن انهن کي عقل هجي ها ته ٻوڙي هجڻ جي باوجود به ڪجهه نه ڪجهه پرائين ها، جيئن عقلمند ٻوڙو عقل جي ذريعي به ڪجهه نه ڪجهه فائدو پرائيندو آهي. "وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْظُرُ اِلَيْكَ اَفَاَنْتَ تَهْدِي الْعُمْيَ وَلَوْ كَانُوْا لَا يُبْصِرُوْنَ" ۽ انهن مان ڪي اهي آهن جيڪي اوهان ڏانهن ڏسن ٿا ڇا پوءِ تون انڌن کي هدايت ڪندين جيتوڻيڪ نه ڏسندا هجن- يعني ڪي فسادي ڪافر اهي آهن جيڪي اوهان ۽ اوهان جي معجزن کي پنهنجي اکين سان ڏسن ٿا پر انهن جون دل واريون اکيون انڌيون آهن جنهن ڪري انهن جي دلين ۾ اوهان جي الفت ۽ اوهان جي معجزن جي عظمت نٿي وهي ڇا پوءِ اهڙن انڌن کي جيڪي ڏسن ئي نٿا اوهان هدايت ڪندؤ.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْئًا وَّلٰكِنَّ النَّاسَ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ۝

بيشڪ الله نٿو ظلم ڪري ماڻهن سان ڪجهه به ۽ پر ماڻهو نفسن پنهنجن تي پاڻ ظلم ڪن ٿا

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ كَاَنْ لَّمْ يَلْبَثُوْا اِلَّا سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ

۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪندو انهن کي ڄڻ ته نه رهيا مگر هڪ گهڙي ڏينهن مان

يَتَعَارَفُوْنَ بَيْنَهُمْ ؕ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ

هڪ ٻئي کي سڃاڻندا پاڻ ۾ تحقيق نقصان ۾ پيا اهي شخص جو ڪوڙو ڄاڻون الله جي ملڻ کي

وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ۝

۽ نه هئا هدايت وارا.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته دنيا ۾ ڪن کي ايمان جي

توفيق ملندي ۽ ڪن کي نہ ملندي ۽ هتي بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪن کي توفيق جو نہ ملڻ الله تعالىٰ جي طرفان انهن تي ظلم ناهي پر انهن پاڻ اهڙو ڪم ڪيو جو بي نصيب بڻجي ويا. فرمان عالي شان آهي، "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْئًا" بلاشڪ الله تعالىٰ ماڻهن تي ڪجهہ بہ ظلم نٿو ڪري. يعني الله تعالىٰ ظالم هجڻ کان پاڪ آهي، ان کان ظلم ٿيڻ ناممڪن آهي- "وَلٰكِنَّ النَّاسَ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ" ۽ پر ماڻهو پنهنجن نفسن تي (پاڻ) ظلم ٿا ڪن- مطلب تہ الله تعالىٰ پنهنجا رسول موڪلي انهن جي ذريعي ماڻهن کي خبردار ڪري، ڊيڄاري سندن عذر ۽ بهانا ختم ڪري ڇڏيا. هاڻي جيڪڏهن سندن بد عملن جي ڪين سزا ڏي ٿو تہ اهو ظلم نہ آهي سراسر عدل ۽ انصاف آهي ڇوتہ ان سزا جو سبب سندن ئي ڪيل عمل آهن. (۱) "وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ كَاَنْ لَّمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُوْنَ بَيْنَهُمْ" ۽ جنهن ڏينهن انهن کي (ميدان محشر ۾) گڏ ڪندو (ائين سمجهندا) ڄڻ تہ (دنيا ۾ يا قبرن ۾) ڏينهن جي هڪ گهڙيءَ کان سواءِ نہ رهيا هئا پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻندا- مطلب تہ دنيا ۾ رهڻ واري زندگي يا قبرن ۾ رهڻ وارو وقت ڪٿي ڪيترو بہ وڏيڪ گذريو هجي پر سمجهندا ائين تہ ڄڻ ڏينهن جي هڪ گهڙيءَ کان سواءِ نہ رهيا هئا ۽ جيئن دنيا ۾ پٽ پيئرن کي ۽ مائٽ مائٽن کي سڃاڻندا آهن تيئن اتي بہ هڪ ٻئي کي سڃاڻندا پر هرهڪ پنهنجو پاڻ ۾ مشغول هوندو. (۲)

"قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ" تحقيق نقصان ۾ پيا اهي شخص جن الله سان ملڻ کي ڪوڙو ڄاتو ۽ هدايت وارا نہ هيا- يعني جن شخصن الله تعالىٰ جي ملڻ، ان جي درٻار ۾ پيش ٿيڻ واري عقيدي کي ڪوڙو ڄاتو انهن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو جو جنت جهڙي نعمت کان محروم رهجي ويا- ۽ الله تعالىٰ جي علم ۾ اها ڳالهہ هئي تہ اهي هدايت وارا نہ ٿيندا. (۳)

فائدو- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ الله تعالىٰ جرم ۽ قصور کان سواءِ ڪنهن ٻانهي کي سزا نہ ڏيندو آهي ڇو تہ ائين ڪرڻ ظلم آهي ۽ رب پاڪ هر قسم جي ظلم کان پاڪ آهي. ۽ اها ڳالهہ بہ ثابت ٿي تہ جن ماڻهن کي الله تعالىٰ جي نبين جو آندل پيغام نہ پهتو جيئن حضرت عيسىٰ عليه السلام کان پوءِ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کان اڳ ۾ فطرت واري دور جي ماڻهن کي بہ سزا نہ ملندي ڇوتہ

(۱) البحر المحيط ص۱۶۲ جلد ۵- (۲) تفسير ابن ڪثير ص۴۱۹ جلد۲
(۳) القرطبي ص۳۴۸ جلد۸

بغير پيغام پهچائڻ جي سزا ڏيڻ ظلم آهي ۽ الله تعاليٰ ظلم کان پاڪ آهي. ۽ اهو به ثابت ٿيو ته حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جا والدين جنتي آهن جهنمي ناهن ڇوته اهي به فطرت جي دور ۾ هئا. ۽ اهو به ناممڪن آهي جو الله تعاليٰ ڪنهن ٻانهي جون نيڪيون قبول ڪرڻ فرمائي ۽ پوءِ ان کي انهن جو ثواب ۽ بدلو عطا نه ڪري ڇو ته اهو به وعدي الاهي جي خلاف ۽ ظلم آهي ۽ سندس پاڪ ذات کان وعدي برخلافي ۽ ظلم ڪرڻ ناممڪن آهي مالڪ مٿو پاڻ به سچو آهي ته سندس وعدا به سچا آهن. (١)

وَإِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِي نَعِدُهُمْ أَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ

۽ جيڪڏهن ڏيکاريون توکي حصو ان (عذاب) جو جيڪو وعدو ڏيون ٿا اسين انهن کي يا وفات ڪرايون اسين توکي

فَإِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ اللَّهُ شَهِيدٌ عَلَىٰ مَا يَفْعَلُونَ ﴿٤٦﴾

پوءِ اسان ڏانهن موٽڻ انهن جو آهي ان کان پوءِ الله شاهد آهي ان تي جيڪو ڪن ٿا

وَلِكُلِّ أُمَّةٍ رَسُولٌ ۖ فَإِذَا جَاءَ رَسُولُهُمْ قُضِيَ بَيْنَهُمْ

۽ واسطي هر امت جي رسول آهي پوءِ جڏهن ايندو رسول انهن جو ته فيصلو ڪيو ويندو انهن ۾

بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُونَ ﴿٤٧﴾

انصاف سان ۽ اهي نه ظلم ڪيا ويندا.

تفسير

گذريلن آيتن ۾ ڪافرن تي اچڻ واري اُخروي عذاب جو بيان هو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي ته انهن تي دنيا ۾ به عذاب ايندا- جن کي اوهان پنهنجين اکين سان ڏسندا. ارشاد گرامي آهي. "وَإِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِي نَعِدُهُمْ أَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ" ۽ جيڪڏهن ان عذاب جو جيڪو اسين انهن سان وعدو ڪيون ٿا ڪجهه حصو توکي ڏيکاريون (جو اوهان جي ظاهري زندگيءَ ۾ ئي ان جو نزول ٿي وڃي) ۽ (ان جي نزول کان اڳ ۾ ئي) اوهان

(١) نعيمي صـ٣٣٣ جلد ١١-

کي (ظاهري) وفات ڪرايون. (۱) ۽ آخرت ۾ انهن تي عذاب نازل ڪري اوهان ڪي ڏيکاريندا سون- (۲) "فَإِلَيۡنَا مَرۡجِعُهُمۡ ثُمَّ ٱللَّهُ شَهِيدٌ عَلَىٰ مَا يَفۡعَلُونَ" پوءِ اسان ڏانهن انهن جو موٽڻ آهي ان کان پوءِ اهي جيڪو ڪجهه ڪن ٿا الله ان تي شاهد آهي- يعني اسان ڪافرن کي عذاب ڏيڻ ۽ اسلام کي غالب ڪرڻ جا جيڪي اوهان سان وعدا ڪيا آهن خواه انهن مان بعض وعدا ڪنهن حد تائين اوهان جي (ظاهري) موجودگيءَ ۾ پورا ڏيکاريا وڃن جيئن بدر جي جنگ وغيره ۾ ڏيکاريا ويا يا اوهان کي رحلت ڪرائي وڃي ۽ اوهان جي (ظاهري) موجودگيءَ ۾ کي پورا نه ٿين پر هيءَ ڳالهه يقيني آهي ته اهي سيئي پورا ٿيندا- يلا جيڪڏهن ڪنهن مصلحت جي ڪري دنيا ۾ ڪافرن کي سزا نه ڏني وئي ته آخرت ۾ اها کين ضرور ملندي. اسان کان بچي ڪيڏانهن ڀڄندا ،سڀني کي اسان ڏانهن موٽڻو آهي.

۽ انهن جا سمورا اعمال اسان جي سامهون آهن (۳) "وَلِكُلِّ أُمَّةٖ رَّسُولٞۖ فَإِذَا جَآءَ رَسُولُهُمۡ قُضِيَ بَيۡنَهُم بِٱلۡقِسۡطِ وَهُمۡ لَا يُظۡلَمُونَ" ۽ هر امت لاءِ رسول آهي پوءِ جڏهن انهن جو رسول اچي ويندو آهي ته انهن جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو آهي ۽ اهي ظلم نه ڪيا ويندا آهن، مفسرن هن آيت مبارڪه جي هن حصي جا ٻه مطلب بيان ڪيا آهن. ۱- هي آهي ته اسين هر امت ۾ رسول موڪليندا رهياسين ۽ جڏهن انهن ڏانهن موڪليل رسول حق جي تبليغ وارو فرض ادا ڪري ڇڏيو ته اسان انهن ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو يعني رسول سڳوري ۽ ان تي ايمان آڻڻ وارن کي بچايوسون ۽ نه مڃڻ وارن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو سون ۽ ان فيصلي ۾ به انهن تي ڪو ظلم نه ٿيندو هو ڇو ته ظلم تڏهن هجي ها جڏهن گناهن ڪرڻ کان سواءِ انهن تي عذاب موڪلجي ها يا حجت پوري ڪرڻ ڌان سواءِ انهن کي پڪڙجي ها. (۴) ۲- هي آهي ته هن حصي ۾ بيان ٿيل ڳالهه جو تعلق قيامت سان آهي يعني قيامت جي ڏينهن جڏهن هر امت الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ پيش ٿيندي ته انهن سان گڏ انهن لاءِ موڪليل رسول سڳورو به هوندو. ۽ سڀني جا اعمال نامه به هوندا ۽ شاهد طور ملائڪ به پيش ٿيندا ۽ هر امت ۽ سندن طرف موڪليل رسول سڳوري جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو- هر هڪ امت کان پوءِ ٻي امت آندي ويندي-(محمدي امت علىٰ نبيها الصلواة والسلام) جو شان امتن ۾ جيتوڻيڪ هي آخري امت آهي پر قيامت جي ڏينهن حساب لاءِ سڀني

(۱) معارف القرآن صہ ۵۳۷ جلد ۴- (۲) الفتوحات الالهية صہ ۳۵۳ جلد ۲- (۳) حاشيه احمد عثمان عثما صہ ۲۸۳ (۴) فتح القدير صہ ۴۴۹ جلد ۲

کان اول آندي ويندي. ۽ انهن جو فيصلو بہ اڳ ۾ ڪيو ويندو جيئن امام بخاري ۽ مسلم روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو. "نَحنُ الاٰخِرُونَ السَّابِقُونَ يَومَ القِيَامَةِ المَقضِيّ لَهُمْ قَبلَ الخَلَائِقِ" (۱) اسين پوءِ اچڻ وارا، قيامت جي ڏينهن اڳرائي ڪندڙ آهيون جن جو فيصلو ساري مخلوقات کان اڳ ۾ ڪيو ويندو.

وَيَقُولُونَ مَتىٰ هٰذَا الوَعدُ اِن كُنتُم صَادِقِينَ ﴿۴۸﴾

۽ چون ٿا تہ ڪڏهن ٿيندو پورو هي وعدو جيڪڏهن آهيو سچا

قُل لَّآ اَملِكُ لِنَفسِي ضَرًّا وَّلَا نَفعًا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ

فرماءِ تہ: نہ مالڪ ٿيان واسطي ذات پنهنجي نقصان جو ۽ نہ نفعي جو مگر جيڪو گهري الله

لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ؕ اِذَا جَآءَ اَجَلُهُم

واسطي هر امت جي مقرر وقت آهي جڏهن ايندو مقرر وقت انهن جو تہ.

فَلَا يَستَاخِرُونَ سَاعَةً وَّلَا يَستَقدِمُونَ ﴿۴۹﴾

پوءِ نہ پوئتي ٿي سگهندا هڪ گهڙي ۽ نہ اڳتي ٿي سگهندا.

تفسير

هنن آيتن کان پهريائين ذکر ڪيل آيتن ۾ قيامت ۽ ان ڏينهن جي عذابن جو ذکر هو ۽ هن آيت ۾ ان ڏينهن جي اچڻ تي عرب جي مشرڪن جي تعجب ڪرڻ ۽ ان جي مذاق اڏائڻ جو ذکر ڪيو ويو آهي.

شان نزول

جڏهن آيت مبارڪ "وَاِمَّا نُرِيَنَّكَ" نازل ٿي تہ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن چئو ڪندي حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم کي چيو تہ: جنهن عذاب جي دنيا ۾ ڏيکارڻ

(۱) تفسير ابن ڪثير ص۴۱۹ جلد ۲

جو اوهان سان وعدو ڪيو ويو آهي اهو اسان تي ڪڏهن ايندو؟ اسان بي چينيءَ سان ان جا منتظر آهيون انهن جي جواب ۾ هي آيتون نازل ٿيون- (۱) فرمان مبارڪ آهي. "وَيَقُولُونَ مَتىٰ هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صَادِقِيْنَ" ۽ چون ٿا ته ڪڏهن آهي هي وعدو- جيڪڏهن اوهان سچا آهيو. مطلب ته اي محبوب! اوهان ڪي ڪافر ائين چون ٿا پر اوهان مغموم نه ٿيو ۽ ڪن بزرگن فرمايو ته: اهي ائين چوڻ وارا هر نبي سڳوري جا اهي امتي هئا جيڪي ان ڪي ڪوڙو چوندا هئا- (۲) "اِنْ كُنْتُمْ صَادِقِيْنَ" (جيڪڏهن اوهان سچا آهيو) ۾ خطاب ڪنهن سان آهي؟ ان جي وضاحت ڪندي علامه علي بن محمد بن ابراهيم بغدادي المعروف بالخازن لکيو آهي ته: جمع ان جي ڪري آندو ويو آهي جو هر امت پنهنجي پنهنجي نبيءَ ڪي ائين چيو هو پوءِ چوڻ وارا به گهڻا ته انبياءَ ڪرام به گهڻا. يا مراد آهي ته جيڪڏهن اوهان اي محمد! (صلى الله عليه وسلم) ۽ اوهان جا تابع سچا آهيو- يا جمع تعظيم جي لحاظ سان آندو ويو آهي. (۳) "قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ" فرماءِ ته: مان پنهنجي ذات لاءِ به نقصان ۽ نفعي جو مالڪ نه آهيان مگر جيڪي الله گهري- هي انهن ڪافرن جي سوال جو جواب آهي. جڏهن ته مٿي ذڪر ڪيلن ۽ ٻين سيني وعدن ۾ الله تعالىٰ ۽ ٻانهن جي وچ ۾ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن واسطه عظمىٰ آهن جو مسلمان به سندن زبان پاڪ کان ٻڌي ڪافرن ڪي عذاب جي خبر ڏيندا هئا ان جي ڪري مٿيون جواب به حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کان ڏياريو ويو- "قُلْ" ۾ خطاب حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن سان آهي- يعني اوهان انهن ڪافرن ڪي فرمايو ته مان (ان جي اذن ۽ عطا کان سواءِ) پنهنجي ذات لاءِ به نقصان ۽ نفعي جو مالڪ نه آهيان- "اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ" پر جيڪو الله گهري-

سوال

هن آيت مان ثابت ٿيو ته اوهان اهل السنته والجماعت جو عقيدو غلط آهي جو چوندا آهيو ته حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن نفعو يا نقصان ڏئي سگهن ٿا؟

جواب: اهو سوال ڪرڻ وارا اسان جي سچي ۽ صحيح عقيدي ڪي سمجهيائي ناهن اسان جو عقيدو آهي ته حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن الله تعالىٰ جي اذن ۽ مشيت سان نفعو ۽ نقصان ڏئي سگهن ٿا ۽ اهائي ڳالهه هن آيت مان واضح ٿي رهي

(۱) خزائن العرفان سنڌي ص ۲۵۸ حاشيه ۱۲۳- (۲) القرطبي ص ۳۴۹ جلد ۸- (۳) الخازن ص ۳۰۰ جلد ۲

آهي. ڇوته "اِلَّامَاشَاءَاللّٰهُ"جو مطلب آهي ته "جيڪو الله گهريو ان جو مالڪ آهيان- ۽ اهوئي مطلب قرآن پاڪ جي مفسرن به لکيو آهي،علامه ابن جرير لکيو آهي، "لَآاَمْلِكُ لِنَفْسِيْ ايهاالقوم لاقدر لها علي ضرولانفع في دنيا ولادين الاماشاءالله ان املكه فاجلبه اليها باذنه" (۱) يعني اي قوم وارا! مان پنهنجي ذات لاءِ به نقصان ۽ نفعي ڏيڻ جو دنيا ۽ دين ۾ مالڪ ناهيان مگر جيڪو الله گهريو مان ان جو مالڪ ٿيان ٿو پوءِ ان کي ان جي ئي اذن سان ڇڪيان ٿو- علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمة لکيو آهي ته: "ان للعبد قدرة موءثرة باذن الله تعالىٰ لانه ليس له قدرة اصلا" يعني سلف صالحن وٽ ٻانهي کي الله تعالىٰ جي اذن سان موءثر قدرت عطا ٿيل آهي ائين ناهي ته ان کي اصل قدرة ناهي. ان کان پوءِ آيت جي هن حصي جو تفسير ڪندي لکيو اٿس ته: "المعنىٰ لااقدر علي شيءٍ من الضر والنفع الاماشاءالله تعالىٰ ان اقدر عليه منهما فاني اقدر عليه بمشيته سبحانه" (۲) مطلب ته هن آيت جي معنىٰ هيءَ آهي ته: مان ڪنهن قسم جو نقصان يا نفعو ڏيڻ تي قادر نه آهيان-

پر جيڪو الله گهري مون کي ان جو مالڪ بنايو آهي اهو نفعو ۽ نقصان ڏئي سگهان ٿو- آيت جو مقصد ڪافرن جي اجاين سوالن کي ختم ڪرڻ هو پر حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي بي ادبن، گستاخن هن آيت جو غلط مفهوم بيان ڪندي حضور رحمة للعالمين، شفيع المذنبين صلى الله عليه وسلم جن جي فضائل ۽ ڪمالات جو انڪار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ چوڻ لڳا ته: حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن نه ڪجهه ڪري سگهن ٿا ۽ نه ڪنهن کي ڪجهه ڏئي سگهن ٿا سندن دربار ۾ ڏکن ۽ سورن جون دانهون ڏيڻ شرڪ ۽ ڪفر آهي- (مَعَاذَاللّٰهَ ثُمَّ مَعَاذَاللّٰهَ) انهن، "لَآاَمْلِكُ لِنَفْسِيْ ضَرًّاوَّلَانَفْعًا" ته پڙهيو پر، "اِلَّامَاشَآءَاللّٰهُ" تي غور نه ڪيو غور ڪندڙ کي هتي نفي به نظراچي ٿي ته اثبات به- ذاتي طور بااختيار هجڻ جي نفي آهي ۽ الله تعالىٰ جي مشيت، اذن ۽ عطا سان مختار هجڻ جو ثبوت به آهي. جيڪو شخص هيئن سمجهي ته جيڪڏهن الله تعالىٰ ڪنهن کي نه گهري ته به حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن الله تعالىٰ جي مقابلي ۾ ان کي نوازي سگهن ٿا ته اهو شرڪ ۽ ڪفر آهي ۽ جيڪو اهو عقيدو رکي ته پاڻ الله تعالىٰ جي طرفان عطا ٿيل اختيار جي باوجود به ڪجهه نٿا ڏئي سگهن ته اهو نه صرف واقعات جي خلاف آهي پر مصطفوي شان جي انڪار سان گڏ الله تعالىٰ جي عطا واري صفت جو به انڪار آهي-

(۱) جامع البيان ص۸۵ جلد ۷ جزء ۱۱- (۲) روح المعاني ص۱۳۰ جزء ۱۱ جلد ۴-

الله جا ٻانها ٿورو غور ڪيو تہ: جڏهن الله تعالىٰ پنهنجي حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم کي رحمتہ للعالمين هجڻ جو شرف ۽ شان عطا ڪيو آهي تہ ڇا ان جي ڪا حقيقت بہ آهي يا معاذالله، استغفرالله- اها صرف شاعرانہ مبالغہ آرائي،تصنُّع ۽ تڪلف جو مظاهرو آهي- نہ، ڪڏهن بہ نہ- اهو ارشاد حقيقت تي مبني ۽ اهڙي روشن حقيقت آهي جنهن تي جيڪڏهن ڪو هزار پردا وجهڻ جي ڪوشش ڪري تہ بہ اها حقيقت لڪي نٿي سگهي الله تعالىٰ پاڻ ڪيترن مقامن تي انهن فيوضات وبرڪات جو ذڪر فرمايو آهي جن جو سرچشمو حضرت محمد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم جي ذات پاڪ آهي. جن مان ڪجهہ اوهان جي اڳيان لکجن ٿا.

١- ارشاد الاهي آهي، "وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيهِمْ" ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو ۽ انهن کي پاڪ ۽ صاف ڪري ٿو. ٢- فرمان مبارڪ آهي، "الٓر كِتَابٌ أَنْزَلْنَاهُ إِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمَاتِ إِلَى النُّورِ بِإِذْنِ رَبِّهِ" هي ڪتاب اسان ان ڪي توڏانهن ان جي ڪري نازل ڪيو آهي تانتہ ماڻهن کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ڏانهن آڻين- سندن پالڻهار جي اذن سان. ٣- ارشاد مبارڪ آهي، "عَزِيزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِينَ رَءُوفٌ رَحِيمٌ" جيڪا بہ شيءِ اوهان کي تڪليف ڏي ان تي ڳري آهي اوهان جي مٿان حرص ڪندڙ، مومنن سان ٻاجهارو، مهربان آهي جيڪڏهن هي آيتون نبوي شان جي منڪرن ۽ گستاخن وٽ ڪا معنىٰ رکن ٿيون تہ اهي انهن کي بار بار پڙهن تہ مصطفوي عظمت جي متعلق انهن جا شبهات دور ٿي ويندا. ۽ سندن دلين جي دنيا ۾ موجود انڌيرن کي يقين جو سج ختم ڪري انهن کي منور ۽ روشن ڪري ڇڏيندو پر جيڪڏهن انهن وٽ آيتن جو ڪو مفهوم ۽ مراد نہ آهي تہ اهي پنهنجي بدبختيءَ تي جيترو بہ ماتم ڪري سگهن ٿا اوترو ڪن، جيڪڏهن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن الله تعالىٰ جي اذن، مشيت ۽ عطا سان بہ ڪو نفعو، نقصان نٿا ڏئي سگهن تہ پوءِ پاڻ جهانن لاءِ رحمت ڪيئن آهن؟ مومنن تي حريص، نهايت ٻاجهارا ۽ مهربان ڪيئن آهن؟ امت جي تڪليف کي ڳرو سمجهڻ جو مطلب ڇا آهي؟ ۽ صحيح حديثن جي مطابق قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهو ٻين پيغمبرن جي دروازن تان مايوس ٿي حضرت عيسىٰ عليہ السلام جي دروازي تي ايندا تہ اهو انهن کي نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جي دروازي جو ڏس ڇو ڏيندو؟ ڇا ان نبي سڳوري کي بہ اها خبر نہ هوندي تہ الله تعالىٰ کان سواءِ ڪير بہ نفعو ۽ نقصان ڏئي نٿو سگهي؟ ۽ جڏهن اهي حضور ڪريم صلى الله

عليه وسلم جن وٽ ايندا تہ ڇا (معاذالله) ڪين بہ خبر نہ هوندي يا اها آيت ذهن ۾ نہ هوندي تہ: مان ڪنهن کي نفعي ۽ نقصان ڏيڻ جو ڪو ڇاور نٿو رکان. جو ڀاڻ انهن گهبرايلن ۽ مايوس ٿيلن کي فرمائيندا تہ: "اَنَالَهَا- اَنَالَهَا" مان ان لاءِ ويٺو آهيان، مان ان لاءِ ويٺو آهيان- ۽ پوءِ عرش الاهيءَ جي سامهون اچي بارگاه ايزديءَ ۾ سجدو ڪندا ۽ الله تعالیٰ کان مغفرت طلب ڪندا- رب العزة جل جلاله ڪين فرمائيندو- "يامحمد! "ارفع راسک واشفع تشفع، سل تعط" اي (محمد!) حبيب ڪريم (صلی الله عليه وسلم) مٿو مبارڪ مٿي ڪٽو سفارش ڪريو تہ سفارشون قبول ڪيون وڃن، گهرو تہ عطا ڪيا وڃو- ڇا اهو نفعو ڏيڻ ناهي؟ جو پريشانن جون پريشانيون درو ڪيون وڃن. حق اهو آهي تہ جيئن الله تعالیٰ جي لاءِ توحيد واري عقيدي ۾ ٿوري ذري برابر گستاخي ڪفر آهي تيئن محبوب ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي شان ۾ بہ ذري برابر گستاخي ڪفر آهي.

علامه ابو حيان اندلسي هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "الاماشاءَ الله ظاهره انه استثناءَ بمتصل الاماشاءالله ان املکه واقدر عليه (۱)

يعنيٰ ظاهر اها ڳالهہ آهي تہ الاماشاءَ الله استثناءَ متصل آهي ،مطلب تہ مان نقصان ۽ نفعي جو مالڪ نہ آهيان پر جيڪو الله گهريو ان جو مالڪ آهيان ۽ ان تي قادر آهيان - علامہ سليمان بن عمر المعروف بالجمل ۽ صاوي هن آيت جي تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: "الاماشاءَ الله" جي استثناءَ ۾ ٻہ وجهہ آهن. ۱-اها استثناءَ متصل آهي اصل ۾ عبارت هيئن آهي تہ: الاماشاءَ الله ان املکه واقدر عليه پر جيڪو الله گهريو تہ مان ان جو مالڪ ٿيان ۽ ان تي قادر رهان. ۲- اها استثناءَ منقطع آهي. الالکن جي معنیٰ ۾ آهي مطلب تہ "ولاکن ماشاءَ الله من ذالک فاني املک لکم الضر واجاب العذاب" (۲) ۽ پر جيڪو الله ان مان گهريو پوءِ يقينًا مان اوهان جي لاءِ نقصان ڏيڻ جو مالڪ آهيان ۽ عذاب دفع ڪيان ٿو - اشرف علي ٿانوي بہ، "الاماشاءَ الله" جي معنیٰ ڪندي لکيو آهي تہ: مگر جتنا اختيار خدا کو منظور هو اتنا اختيار البتہ حاصل هے (۳) شبير احمد عثماني صاحب هن آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: مين خود اپني نفع نقصان کان صرف اسي قدر مالک هون جتنا الله چاهے پهر دوسرون پر کوئي بهلائي،برائي وارد کرنے کان مستقل اختيار مجهي کهان سے هوتا. (۴) انهن سيني عبارتن مان اهوئي عقيدو واضح آهي تہ الله تعالیٰ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن کي جيترو گهريو آهي اوترو مالڪ بنايو

(۱) البحرالمحيط صہ ۱۶۵ جلد ۵ (۲) الفتوحآت الالٰهيہ صہ۳۵۴ جلد ۲ الصاوي صہ۱۷۸جزءِ۲ (۳) بيان القرآن مع معارف القرآن صہ۵۳۸ جلد ۴- (۴) حاشيہ شبير احمد عثماني صہ۲۸۳ مطبوعہ سعودي عربيہ جزءُ ۲-

آهي- رهيو سوال تہ ڪيترو گهريو آهي. اهو بہ قرآن پاڪ مان صاف صاف ثابت آهي، "اِنَّا اَعطيناڪَ الڪَوْثَرَ" يقيناً اسان توکي تمام گهڻو عطا ڪيو آهي" ۽ مالڪ مٿي جو فرمان آهي، "وَمَنْ يُؤْتَ الحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا" ۽ جيڪو حڪمت ڏنو ويو اهو گهڻي ڀلائي ڏنو ويو. ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي تہ ايتري حڪمت عطا ڪيل آهي. جو پاڻ ان جا معلم ٿي آيا- فرمان عاليَ شان آهي، "يُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ" انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت پڙهائي ٿو- الغرض، اسان حق وارن سنين جا اهي دلائل انتهائي قوي آهن، ۽ اسان جو عقيدو بالڪل صحيح آهي. "لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ" هر امت لاءِ مقرر وقت آهي ظاهر آهي تہ "ڪل امتہ" مان مراد ڪافر آهن ۽ "اجل" مان مراد انهن تي اچڻ واري عذاب جو وقت آهي يعني هر ڪافر جماعت جي هلاڪ ٿيڻ لاءِ وقت طي ٿيل آهي ڪير بہ الله تعاليٰ جي مرضيءَ کان سواءِ ان کي اڳي يا پوءِ نٿو ڪري سگهي. "اِذَا جَاۤءَ اَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ" جڏهن انهن جي لاءِ مقرر ڪيل وقت ايندو تہ نہ هڪ گهڙي پوئتي ٿي سگهندا ۽ نہ اڳتي ٿي سگهندا. يعني الله تعاليٰ اوهان جي جلد بازيءَ جي ڪري پنهنجا فيصلا نہ بدلائيندو جڏهن وقت ايندو ۽ اوهان تي عذاب نازل ٿيڻ شروع ٿيو تہ پوءِ اوهان جي وس کان ڳالهہ ٻاهر هوندي ان کي ڪير بہ اڳتي پوئتي نہ ڪري سگهندو-

فائدا-- هنن آيتن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ۱- قيامت جي اچڻ يا مصيبتن جي اچڻ جو وقت پڇڻ ڪافرن جو ڪم آهي ۽ موت لاءِ تيار نہ رهڻ بي وقوفي آهي جيئن "وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ" مان واضح ٿي رهيو آهي. ۲- ڪو شخص بہ الله تعاليٰ جي عطا کان سواءِ ڪنهن شيءِ جو مالڪ مختار ناهي. سڀ ان جا محتاج آهن اهو غني ۽ بي نياز آهي جيئن "لَاۤ اَمْلِكُ" مان روشن آهي. ۳- الله تعاليٰ جي اذن، عطا ۽ مشيت سان حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن نفعي ۽ نقصان ڏيڻ جا مالڪ آهن- جيئن "اِلَّا مَا شَاۤءَ اللّٰهُ" مان صاف صاف ثابت آهي. ڏسو تفسيرن جال لکيل حوالا. ۲- هر ڪافر امت جي هلاڪ ٿيڻ جو وقت مقرر آهي جيڪو لوح محفوظ ۾ لکيل آهي. جيئن "لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ" مان پڌرو آهي ۽ جن ٻانهن جي نگاه لوح محفوظ کي ڏسي ٿي اهي ان کان باخبر آهن- جيئن رومي عليہ الرحمتہ جو فرمان آهي-

لوح محفوظ است پيش اوليا-

ازچہ محفوظ است محفوظ ازخطا.

قُلْ اَرَاَيْتُمْ اِنْ اَتَاكُمْ عَذَابُهٗ بَيَاتًا اَوْنَهَارًا مَّاذَا يَسْتَعْجِلُ

فرماءِ ته: خبر ڏيو جيڪڏهن اچي اوهان تي ان جو عذاب رات ۾ يا ڏينهن ۾ ته ڪهڙي آهي اها شيءِ جيڪا تڪڙي گهرندا

مِنْهُ الْمُجْرِمُوْنَ﴿۵۰﴾ اَثُمَّ اِذَامَا وَقَعَ اٰمَنْتُمْ بِهٖ ط آٰلْئٰنَ وَقَدْ

ان کان مجرم- ڇا جنهن وقت واقع ٿيندو ته ايمان آڻيندؤ ان تي هاڻي، حالانڪ

كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ﴿۵۱﴾ ثُمَّ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ

تڪڙو گهريو ٿي اوهان اهو (عذاب) ان کان پوءِ چيو ويندو واسطي انهن جي جو ظلم ڪيائون ته چکو

الْخُلْدِ ج هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ﴿۵۲﴾

عذاب هميشہ وارو نہ بدلو ڏنا ويندؤ اوهان پر ان جو جيڪو ڪمايو ٿي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ڪافرن جي ان سوال جو جواب ڏنو ويو هو تہ عذاب جي اچڻ وارو وعدو ڪڏهن پورو ٿيندو ۽ عذاب ڪڏهن ايندو هتي ان سوال جو ٻيو جواب ڏنو ٿو وڃي تہ اوهان جي طرفان عذاب جي جلد گهر ڪرڻ اوهان جي لاءِ نقصان ڪار آهي. فرمان عالي شان آهي، "قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَتَاكُمْ عَذَابُهٗ بَيَاتًا اَوْنَهَارًا مَّاذَا يَسْتَعْجِلُ مِنْهُ الْمُجْرِمُوْنَ" فرماءِ ته: خبر ڏيو. جيڪڏهن اوهان وٽ ان جو عذاب رات جو يا ڏينهن جو اچي تہ ان مان گنهگار ڇا جلدي ونندا- مطلب تہ رات جو سمهڻ مهل يا ڏينهن جو جڏهن اوهان دنيا جي ڌندن ۾ مشغول هوندا آهيو جيڪڏهن اوچتو الله تعالىٰ جو عذاب اچي وڃي تہ اوهان گنهگار تڪڙ ڪري ڇا بچائي سگهندؤ . جڏهن بچاءُ ڪري نہ سگهندؤ تہ پوءِ عذاب جي اچڻ جو وقت پڇڻ مان فائدو ڪهڙو؟ يا مطلب آهي تہ عجب جو مقام آهي جو مجرم ڪهڙي سخت خوفناڪ شيءِ جي اچڻ لاءِ تڪڙ پيا ڪن حالانڪ هڪ مجرم جي لاءِ مناسب تہ اهو

هو جو اهو ايندڙ سزا جي تصور کان ڏجي ختم ٿي وڃي ها (۱)
"اَثُمَّ اِذَا مَاوَقَعَ اٰمَنْتُمْ بِهٖ" ڇا جڏهن (عذاب) واقع ٿيندو تہ ان تي ايمان آڻيندؤ هي فرمان ڪافرن جي ملامت ڪرڻ لاءِ آهي جيڪي ايمان آڻڻ جي بجاءِ تڪڙي عذاب جي گهر ڪري رهيا هئا يعني اي بي وقوفؤ ! ڇا جڏهن اوهان تي عذاب اچي ڪرڪندو تڏهن ايمان آڻيندؤ . حالانڪہ ان وقت اهو ايمان آڻڻ فائدو نہ ڏيندو. فرعون بہ ٻڏڻ وقت چيو هو تہ مون ايمان آندو. پر اهو قبول نہ ٿيو. "آٰلْئٰنَ وَقَدْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ" هاڻي حالانڪہ اوهان انهيءَ (عذاب) جي تڪڙي گهر ڪئي ٿي. مطلب تہ عذاب الاهي ڏسي جيڪڏهن ايمان آڻيندؤ تہ اوهان کي چيو ويندو ڇا هاڻي ايمان آڻيو ٿا؟ ۽ اوهان ئي تہ اهو عذاب تڪڙو گهرندا هيئو ۽ چٿر ڪري چوندا هيئو تہ ڪڏهن ايندو؟ (۲)
"ثُمَّ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ" ان کان پوءِ انهن کي چيو ويندو جن ظلم ڪيو هو تہ دائمي عذاب چکو اوهان کي سزا ڏني ويندي پر ان جيتري جيڪي ڪمائيندا هيئو- شرڪ ڪندا هيئو ۽ الله تعالىٰ جي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم کي ڪوڙو چوندا هيئو (۳)
فائدو- مٿي ذڪر ڪيل لفظن "بَيَاتًا اَوْنَهَارًا" مان ثابت ٿيو تہ الله تعالىٰ جي طرفان بانهن تي عذاب گهڻو ڪري اهڙي وقت ۾ ايندو آهي جنهن ۾ اهي غافل هوندا آهن- نہ ڀڄي سگهندا نہ بچاءَ جي تدبير سوچي سگهندا- "بياتا" رات جي سمهڻ ۽ آرام ڪرڻ واري وقت کي چئبو آهي. (۴)

وَيَسْتَنْۢبِـُٔوْنَكَ اَحَقٌّ هُوَ قُلْ اِيْ وَرَبِّيْٓ اِنَّهٗ لَحَقٌّ

۽ خبر ٿا پڇن توکان تہ ڇا حق آهي اهو ؟ فرماءِ تہ هائو قسم آهي رب منهنجي جو تہ بيشڪ اهو البتہ حق آهي

وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۵۳﴾ وَلَوْ اَنَّ لِكُلِّ نَفْسٍ ظَلَمَتْ مَا فِى

۽ ناهيو اوهان عاجز ڪندڙ ۽ جيڪڏهن تحقيق واسطي هر نفس جي (هجي ها) اهو جيڪو

الْاَرْضِ لَافْتَدَتْ بِهٖ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ

زمين ۾ آهي تہ البتہ فديو ڏي ها ان سان ۽ لڪائيندا پيشماني جڏهن ڏسندا عذاب

وقف النبي عليه السلام
وقف النبي عليه السلام
ع ۵

(۱) البحرالمحيط صہ۱٦٦ جلد ۵- (۲) زادالمنير صہ۳۸ جلد ۴- (۳) مدارڪ صہ۱٦٧ جلد ۱ جزء ۲- (۴) نعيمي صہ۳۵۱ جلد ۱۱-

وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۵۴﴾

۽ فيصلو ڪيو ويندو انهن ۾ عدل سان ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا.

تفسير

هنن آيتن کان اڳي ذڪر ڪيل آيتن ۾ ڪافرن جي مذاق جي هڪ قسم جو ذڪر هو جيڪا اهي قيامت يا عذاب الاهي جي متعلق ڪندا هئا يعني جلدي گهرندا هئا ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي ٻئي قسم جي مذاق جو بيان ڪيو ويو آهي جيڪا ڪندي چوندا هئا تہ ڇا واقعي اهو عذاب حق آهي؟ ڇا اهو ايندو؟ گويا هڪ قسم جي انڪار کان پوءِ ٻئي قسم جي انڪار جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي.

شان نزول

هڪ ڀيري خيبر جي يهودين جو سردار حي بن اخطب مڪه معظمه ۾ آيو- جڏهن ان کي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي طرفان نبوت جي اظهار،ان ڏانهن سڏڻ ۽ آخرت جي عذاب جون خبرون مليون تہ ان سندن خدمت ۾ حاضر ٿي چيو تہ: اي محمد! (صلى الله عليه وسلم) اوهان جيڪو چئو ٿا اهو مذاق طور يا خوش طبعي ڪندي ٿا چئو (معاذالله) يا اهي ڳالهيون واقعي حق آهن؟ ان جي جواب ۾ هيءَ آيت نازل ٿي. (۱) ان حي بن اخطب جي ڌي حضرت بيبي صفيه بنت حي بن اخطب خيبر جي جنگ وقت گرفتار ٿي مدينہ منوره ۾ پهتي هئي ۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان کي آزاد ڪري ان سان نڪاح ڪيو هوءِ پوءِ اها ام المؤمنين (مومنن جي ماءُ) ٿي هئي (۲) فرمان عالي شان آهي. "وَيَسْتَنْبِئُوْنَكَ اَحَقٌّ هُوَ" ۽ اوهان کان خبر پڇن ٿا تہ ڇا اهو حق آهي؟ يعني انڪار ۽ چٿر ڪندي پڇن ٿا "قُلْ اِيْ وَرَبِّيْٓ اِنَّهٗ لَحَقٌّ" فرماءِ تہ: هائو قسم آهي منهنجي رب جو تہ بلاشڪ اهو حق آهي- يعني اوهان انهن جي چٿر ۽ انڪار ڏانهن توجهہ نہ ڪندي فرمايو تہ مون کي پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي تہ اهو وعدو ڏنل عذاب حق آهي ثابت آهي مقرر ٿيل وقت

(۱) بيضاوي ڪامل صہ۲۸۱- (۲) نعيمي صہ ۳۵۵ جلد ۱۱-

تي ضرور ايندو، "وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ" ۽ اوهان عاجز بنائيندڙ ناهيو- جو رب پاڪ کان پڇي ان جي عذاب کان بچي سگهو (۱) "وَلَوْ اَنَّ لِكُلِّ نَفْسٍ ظَلَمَتْ مَا فِى الْاَرْضِ لَافْتَدَتْ بِهٖ" ۽ جيڪڏهن هر نفس لاءِ جيڪو زمين ۾ آهي هجي ها ته ان سان فديو ڏي ها- مطلب ته جڏهن اهو عذاب ايندو ته ان کان اهڙو تنگ ٿيندا جو جيڪڏهن انهن مان هر هڪ کي ساري زمين جا خزانا ۽ بادشاهي هجي ها ته اهي سڀ ڪجهه فديو ڏئي جان ڇڏائين ها- (۲)

"وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ" ۽ جڏهن عذاب ڏسندا ته (پيشمان ٿيندا پر) پيشماني لڪائيندا- مطلب ته ايمان نه آڻڻ صالح عمل نه ڪرڻ ۽ سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي تابعداري نه ڪرڻ تي سخت پيشمان ٿيندا "وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَايُظْلَمُوْنَ" ۽ انهن ۾ عدل سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ اهي ظلم نه ڪيا ويندا- مطلب ته الله تعالىٰ کي هڪ مڃڻ وارن ۽ مشرڪن، ظالمن ۽ مظلومن جي وچ ۾ عدل الاهي سان فيصلو ڪيو ويندو ظلم نه ڪيا ويندا جو جيڪي ڏوهه نه ڪيائون انهن جي به سزا ڏني وڃين- ائين نه ٿيندو- (۳)

فائدا- هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ۱- جيڪڏهن ڪو جاهل مذاق طور به ڪا ڳالهه ڪنهن عالم کان پڇي ته عالم ان کي تحمل سان جواب ڏئي سمجهائي ڇو ته اهو به حق جي پيغام پهچائڻ جو هڪ طريقو آهي ڏسو حيي بن اخطب حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کان سوال مذاق طور ڪيو هو پر پاڻ ان کي جواب تحمل سان ڏنائون- هڪ ڪافر هڪ اصحابي کان پڇيو ته: ڇا اوهان جو نبي حضور (ڪريم صلى الله عليه وسلم) اوهان کي پائخانه ۽ پيشاب جون ڳالهيون به سيکاري ٿو؟ (اها ان ڪافر مذاق ڪئي هئي) اصحابي سڳوري رضي الله تعالىٰ عنه ان کي تحمل سان جواب ڏئي ٻڌايو ته: هائو- ان اسان کي حڪم ڏنو آهي ته پيشاب ۽ پائخانه جي حالت ۾ ڪعبه شريف کي نه پٺي ڏئي ويهو ۽ نه سامهون ٿيو- ۽ صفائيءَ لاءِ ۳پٿر استعمال ڪيو هي حڪيمانه جواب هئا جيڪي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ۽ سندن اصحابن رضي الله عنهم ڏنا هئا- (۴) ۲- حق جي پيغام ڏيڻ وقت هر جاءِ تي دليل ڏيڻ جي ضرورت نه هوندي آهي سامهون اچڻ وارن جي طبيعت تي به ڏيان ڏيڻو پوندو آهي ته انهن کي ڪهڙي شيءِ اثرائتي ٿيندي.

(۱) تنويرالاذهان صه۱۴۶ جلد ۲- (۲) تنويرالايمان صه۵۴ پ۱۱-
(۳) ايسرالتفاسير صه۲۸۶-۲۸۷ جلد ۲- (۴) نعيمي صه۳۵۸ جلد ۱۱

جيڪڏهن اهي قسم سان مطمئن ٿين ٿا ته پوءِ قسم سان ڳالهه ڪري انهن کي ماڻ ڪرائجي، جيئن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان يهوديءَ کي جواب ۾ فرمايو ته: "اِيْ وَرَبِّيْٓ اِنَّهٗ لَحَقٌّ" هائو منهنجي رب جو قسم آهي ته اهو حق آهي. حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن قسم سان گڏ انَّ ۽ لام تاڪيد جو آڻي ان کي ماڻ ڪرائي- ۳- "وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ" مان ثابت ٿيو ته ڪوبه ماڻهو پنهنجي زور، طاقت، حبلي ۽ بهاني سان الله تعالىٰ جي پڪڙ کان بچي نه سگهندو اتي اطاعت ۽ زاري ڪر ايندي آهي جيئن حضرت رومي فرمايو آهي.

عجز کار انبيا واوليا است

عاجزي محبوب درگاه خداست

يعني الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ عاجزي ڏيکارڻ نبين ۽ ولين ڀلارن جو ڪم آهي عاجزي الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ پياري آهي ۽ "مَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ" مان اهو به ثابت ٿيو ته جيڪڏهن سوال کان جواب وڌائي پيش ڪرڻ ۾ فائدو آهي ته ڀلي پيش ڪجي جيئن الله تعالىٰ حضور ڪريم صلى الله عليه ولسم جن کي جواب ڏيڻ ۾ وڌيڪ الفاظ سيکاريا.

اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَلَآ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ

خبردار بيشڪ (صرف) الله جي لاءِ آهن اهي (شيون) جو آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهن خبردار بيشڪ وعدو الله جو حق آهي

وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۵۵﴾ هُوَ يُحْىٖ وَيُمِيْتُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۵۶﴾

۽ پر اڪثر انهن مان نٿا ڄاڻن اهوئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندو.

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ارشاد ٿيو ته جيڪڏهن قيامت ۾ ڪافر ساري روءِ زمين جي خزانن جا مالڪ هجن ها ته پاڻ کي عذاب کان بچائڻ لاءِ اهي سڀ فديي طور ڏين ها- ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته هر شيءِ جيڪا آسمانن ۽ زمينن ۾ آهي سا الله تعالىٰ جي حقيقي ملڪيت آهي ڪافر ته هڪ ذري ۽ قطري جا به مالڪ نه هوندا ته پوءِ قيامت ۾ نه ڪجهه ڏئي سگهندا ۽ نه عذاب کان ڇٽندا ائين ڪٿي سمجهو ته اڳ ۾

ذڪر ڪيل آيتن ۾ دعويٰ هئي ۽ هتي ان دعويٰ جو دليل پيش ڪيو ويو آهي- رباني فرمان آهي، "اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" خبردار، يقينًا جيڪي شيون آسمانن ۽ زمينن ۾ آهن خالص الله جي حقيقي ملڪيت آهن- هن آيت جي ابتداء ۾ "اَلَآ" تنبيه جو حرف ۽ "اِنَّ" تحقيق جو حرف آڻي انهن غافلن کي تنبيه ڪئي وئي آهي جيڪي پاڻ کي دنيوي مال ۽ ملڪيت جو حقيقي مالڪ سمجهيو ويٺا هئا ۽ ڪڏهن غور نہ ڪندا هئا تہ هي سندن مالڪي عارضي شيءِ آهي ۽ "لِلّٰهِ" ۾ لام تمليڪ جو آهي جنهن مان مراد حقيقي مالڪ هجڻ آهي مطلب تہ هر شيءِ سندس مملوڪ آهي ان ۾ جيئن گهري ٿو تصرف ڪري ٿو پيدا ڪري، فنا ڪري، ثواب ڏي، عذاب ڏي ان جي اختيار ۾ آهي. "اَلَآ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ" خبردار الله جو وعدو حق آهي ۽ پر انهن مان اڪثر نٿا ڄاڻن- يعني الله تعالىٰ جنهن ڪم تي جيڪو بہ ثواب يا عذاب ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي اهو ثابت آهي ضرور ٿيندو الله تعالىٰ وعدي برخلافي نہ ڪندو آهي- (۱)

پر ماڻهو پنهنجي عقل جي قصور ۽ مٿن غفلت غالب هجڻ جي ڪري صرف ظاهري دنيوي حياتيءَ جون ڳالهيون ڄاڻن ٿا حقيقت کان بلڪل بي علم ۽ بي خبر آهن- "هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ" اهو جياري ۽ ماري ٿو ۽ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ . يعني جيارڻ ۽ مارڻ جو تصرف بہ ان جي قدر تي هٿ ۾ آهي ڪوبہ ان جو شريڪ نہ آهي ۽ سڀئي قيامت جي ڏينهن ان ڏانهن موٽايا ويندؤ پوءِ اوهان کي پلن ۽ برن عملن جو بدلو ڏيندو. (۲)

يٰاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَشِفَآءٌ لِّمَا فِی

اي انسانئو! تحقيق آئي اوهان وٽ نصيحت طرفان رب اوهان جي ۽ شفاء واسطي ان جي جيڪا

الصُّدُوْرِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۝ قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ

سينن ۾ آهي ۽ هدايت ۽ رحمت واسطي مومنن جي- فرماءِ تہ: الله جي فضل ۽ ان جي رحمت تي

فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ۭ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ۝

پوءِ ان سان پوءِ جڳائي تہ خوش ٿين اهو ڀلو آهي ان کان جو اهي گڏ ڪن ٿا.

(۱) روح البيان صہ۵۳ جلد ۴- (۲) تيسرالڪرير الرحمان صہ۳۴۱ جلد ۲-

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ الله تعاليٰ جي طرفان ڪافرن تي اچڻ وارن عذابن جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ ان جي رحمتن ۽ نعمتن جو ذڪر آهي. ارشاد گرامي آهي، "يَاأَيُّهَاالنَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ" اي انسانئو! تحقيق اوهان وٽ اوهان جي رب جي طرفان نصيحت آئي آهي-

"الناس" مان مراد ڪير آهن.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته "اَلنَّاسُ" (ماڻهو) مان مراد حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي ظاهري حياتيءَ جي وقت کان وٺي قيامت تائين اچڻ وارا سيئي انسان آهن ڀلي ڪهڙي دور ۾ ۽ ڪهڙي سرزمين ۾ هجن قرآن پاڪ انهن سيني لاءِ ئين نصيحت آهي جيئن سج جي روشني سيني لاءِ آهي. اڳين نبين تي نازل ڪيل ڪتاب صرف خاص قومن لاءِ هيا ۽ قرآن پاڪ انسانن سان گڏ جنن لاءِ بہ نصيحت آهي بلڪہ ان جا ڪي احڪام ملائڪن تي بہ جاري آهن جيئن نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي پاڪ گهر ۾ اجازت کان سواءِ نہ وڃن- ۽ رستي وغيره ۾ سندن اڳيان نہ هلن پر جڏهن تہ انسان اڪثر مخلوق کان اشرف هجڻ جي ڪري قرآن پاڪ جي نزول جو خاص مقصود آهي ٻيا سندس تابع آهن ان جي ڪَري "اَلنَّاس" آٿي ان سان خصوصي خطاب ڪيو ويو آهي، (١) "وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ" ۽ جيڪي (بيماريون) سينن ۾ آهن انهن جي لاءِ شفاء آهي- انهن بيمارين مان مراد جهل، شڪ، شرڪ، نفاق ۽ ٻيا فاسد عقائد آهن (٢) (وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ هدايت ۽ مومنن لاءِ رحمت آهي. يعني قرآن پاڪ ايمان وارن لاءِ گمراهيءَ کان هدايت ڏي آڻيندڙ ۽ رحمت آهي جو ان جي ذريعي عذاب الاهي کان بچي ويا. (٣)

خيال ۾ رهي تہ قرآن پاڪ مان فيض ياب صرف اهل ايمان ٿي ٿيندا آهن ان جي ڪري هتي بيان ڪيو ويو تہ مومنن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي نہ تہ لٽو تہ ساري جهان وارن ڪي سمجهائڻ لاءِ آهي. "قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا" فرماءِ تہ! الله جي فضل ۽ ان جي رحمت تي پوءِ ان سان ئي ڀلي تہ خوش ٿين- يعني جيڪا شيءِ خوش

(١) نعيمي صہ٣٦٦ جلد ١١ (٢) روح البيان صہ٥٤ جلد ۴ (٣) بحرالعلوم صہ١٠٢ جلد ٢-

ٿيڻ جي لائق آهي ۽ ان تي ئي خوشي ڪجي اهو الله تعالىٰ جو فضل ۽ ان جي رحمت آهي انهن ڪان سواءِ دنيا جي عام نفعن ۽ ڪمائيءَ تي خوشي ڪرڻ نہ گهرجي.

الله تعالىٰ جي فضل ۽ رحمت مان مراد ڇا آهي؟

قرآن پاڪ جي مفسرن جا ان ۾ اٺ قول آهن. ١- فضل ما مراد آهي اسلام ۽ رحمت مان مراد آهي قرآن. ٢- فضل مان مراد آهي قرآن ۽ رحمت مان مراد آهي ان جو اهل بنائڻ. ٣- فضل مان مراد آهي اسلام ۽ رحمت مان مراد آهي اسلام کي دلين ۾ سينگارڻ. ۴- فضل مان مراد آهي قرآن ۽ رحمت مان مراد آهي اسلام. ٥- فضل ۽ رحمت ٻنهي مان مراد قرآن ڪريم آهي. ٦- فضل مان مراد آهي قرآن ۽ رحمت مان مراد آهي سنت. ٧- فضل مان مراد آهي (نيڪ عمل جي) توفيق ۽ رحمت مان مراد آهي (برن ڪمن ڪان) بچڻ. ٨- فضل مان مراد آهي علم ۽ رحمت مان مراد آهي (حضرت) محمد مصطفىٰ (صلى الله عليه وسلم) علامہ آلوسي بغدادي عليه الرحمته لکيو آهي تہ: حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي رحمت واري صفت مشهور آهي جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي. "وَمَآ اَرْسَلْنَاكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ" يعني اسان اوهان کي سيني جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي. (١)علامہ موصوف جي ان اشاري مان آخري مراد کي ترجيح ملي رهي آهي يعني رحمت مان مراد حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن آهن- (٢) مفتي محمد شفيع ديوبندي لکيو آهي تہ"اور حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کي ايک روايت مين هے کے فضل سے مراد قرآن اور رحمت سہ مراد نبي کريم صلى الله عليه وسلم هين، قرآن کی آيت "وَمَآ اَرْسَلْنَاكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ" سے اس مضمون کي تائيد هوتي هے (٣) مٿين حوالن مان ثابت ٿيو تہ مفسرن وٽ ترجيح ان قول کي آهي تہ رحمت مان مراد نبي مڪرم، محبوب معظم صلى الله عليه وسلم جي پاڪ ذات عالي صفات آهي. ۽ "فَبِذَالِکَ فَلْيَفْرَحُوْا" ان تي پوءِ پل تہ خوش ٿين ۽ خوشي ڪن.

ڪهڙي خوشي منع آهي ۽ ڪهڙي

خوشيءَ جو حڪم ڪيو ويو آهي.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ فرح (خوشي) هڪ حسي نعمت تي ڪئي ويندي آهي ٻي. معنوي نعمت تي- جنهن سان سيني جي شرح ٿيندي ۽ قلب کي لذت ايندي آهي ۽ اها

(١) ساڳيو حوالو- (٢) الدرالمنثور صہ٣٦٧ جلد ۴- (٣) معارف القرآن صہ۵۴۴ جلد ۴-

خوشي جائز بلڪ مستحسن عمل آهي. ۽ جيڪا خوشي باطل تي، مال ۽ متاع ڪي ڏسي هٿ ۽ غزور سان ڪئي ويندي آهي اها قرآ پاڪ جي ڪيترين ئي آيتن جي روشنيءَ ۾ منع آهي- ۽ هتي الله تعاليٰ جي فضل ۽ رحمت تي خوشي ڪرڻ جو حڪم جنهن انداز سان ڪيو ويو آهي ان مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ گويا ڪہ الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ: "ان كان في الدنيا شيء يستحق ان يفرح به فهو فضل الله ورحمتہ" (١) يعني دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ اهڙي آهي جنهن سان خوشي ڪرڻ حق آهي تہ اها شيءِ الله تعاليٰ جو فضل ۽ ان جي رحمت آهي. "هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ" اهو ان ڪان ڀلو آهي جيڪو گڏ ڪن ٿا- "هُوَ" مان مراد فرحت ۽ خوشي آهي يا الله تعاليٰ جو فضل ۽ رحمت گڏ ڪيل مان مراد دنيا جو مال متاع آهي. (٢) مطلب تہ اها خوشي ۽ فرحت يا هي قرآن مجيد يا هي فضل ۽ رحمت ساري زندگيءَ جي گڏ ڪيل دولت ڪان ڀلا آهن جو دولت فاني آهي ۽ هيءَ نعمت يا ان نعمت جي خوشيءَ جو ثواب باقي رهندڙ غير فاني آهي.

هنن آيتن ڪي سمجهڻ ۽ ذهن ۾ ويهارڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ" مان ثابت ٿيو تہ قرآن ڪريم سڀني انسانن جي لاءِ ائين نصيحت ٿي آيو آهي جيئن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سڀني لاءِ رسول ۽ نبي ٿي آيا آهن. ٢- "شِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ" مان ثابت ٿيو تہ قرآن ڪريم دلي بيمارين جي لاءِ شفاءِ ۽ روحاني مرض لاءِ علاج ۽ جسماني تڪليف لاءِ دوا آهي. جيئن ٻي آيت ۾ آيو آهي. "شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ" (٣) ان ۾ شفاءَ ۽ مومنن جي لاءِ رحمت آهي.

هر درد جي دوا قرآن ڪريم آهي.

حديث جون روايتون ۽ امت جي وڏن عالمن جا تجربات ان ڳالهہ جا شاهد آهن تہ قرآن ڪريم قلبي، روحاني ۽ جسماني بيمارين جي لاءِ بهترين علاج آهي، حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو تہ مون ڪي سيني ۾ سور آهي، پاڻ ان ڪي فرمايائون تہ: قرآن پڙهہ، ڇوتہ الله جو ارشاد آهي. "وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ" يعني قرآن انهن بيمارين جي لاءِ شفا آهي جيڪي سيني ۾ آهن. اهڙي طرح حضرت واثلتہ بن اسقع کان روايت آهي تہ هڪ شخص حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ: مون ڪي

(١) المنار ص۴٠٦ جلد ١١- (٢) نعيمي ص٣٣٨ جلد ١١-

نڙيءَ ۾ تڪليف آهي پاڻ ان ڪي فرمايائون تہ قرآن پڙهہ. (۱) ۽ امت جي برڪ عالمن روايات، آثار ۽ ڪجهہ پنهنجي تجربن سان قرآني آيتن جا خواص ۽ فائدا مستقل ڪتابن ۾ گڏ ڪري لکيا آهن امام غزاليءَ جو هڪ ڪتاب "خواص قرآنيہ" نالي سان ان موضوع تي مشهور ۽ معروف آهي- ۽ ڪن مفسرن ڏ مايو آهي تہ "مَوْعِظَةٌ" جو تعلق انسان جي ظاهري اعمال سان آهي جنهن ڪي شريعت چيو ويندو آهي قرآن پاڪ ان اعمال جي اصلاحَ جو بهترين ذريعو آهي ۽ "شِفَاءٌ لِّمَا فِى الصُّدُوْرِ" جو تعلق انسان جي باطني اعمال سان آهي جنهن ڪي طريقت ۽ تصوف جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. (۲) ۳- "فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا" مان ثابت ٿيو تہ رمضان المبارڪ جي مهيني خصوصا شب قدر ۾ قرآن ڪريم جي نزول جي خوشي ملهائڻ نهايت ڀلي عبادت آهي ۽ اهڙي طرح ربيع الاول جي مهيني ۾ خصوصا ٻارهين تاريخ محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم جي ميلاد جي خوشي ڪرڻ صلواة وسلام پڙهڻ، مسڪينن ۽ غريبن ڪي کاڌو کارائڻ ثواب ۽ برڪت جو باعث آهي- ۴- اها ذڪر ڪيل خوشي دنيا جي ٻين سيني نعمتن ۽ انهن تي خوشين ملهائڻ کان بهتر ۽ افضل آهي جيئن "هُوَخَيْرٌ مِّمَّايَجْمَعُوْنَ" مان واضح آهي ڇوتہ اها خوشي ديني آهي ۽ دين يقينا دنيا کان بهتر آهي علامہ مفتي احمد يارخان نعيمي عليه الرحمتہ جو پيارو شعر آهي،

شب ولادت مين سب مسلمان كرين نہ كيون جان ومال قربان
ابولهب جيسے سخت كافر خوشي مين جب فيض پارها هے

ان موضوع تي تہ سرڪار دوعالم حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي ميلاد ملهائڻ ۾ ڪيتري برڪت ۽ ڀلائي آهي وڏن محققن علامہ ابن حجر عسقلاني فتح الباري ۾ علامہ عيني عمدة القاري ۾ ،علامہ احمد قسطلاني مواهب لدنيہ ۾ ،علامہ ابن حجر ۽ علامہ سيوطيءَ مستقل ڪتابن ۾ سنو مواد پيش ڪيو آهي، جيڪي پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ جهڙا آهن- الفقير محمد ادريس- ۱۴- رمضان- ۱۹ ۱۴هہ.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ مِّنْهُ حَرَامًا

فرماءِ تہ: خبر ڏيو جيڪو لاٿو الله اوهان جي لاءِ رزق پوءِ ڪيو اوهان ان مان حرام

(۱) روح المعاني صہ ۱۴۰-۱۴۱ جزء ۱۱ جلد ۴
(۲) معارف القرآن صہ ۵۴۳ جلد ۴- (۲) نعيمي صہ ۳۷۱ جلد ۱۱-

وَّحَلٰلًا ؕ قُلْ آٰللّٰهُ اَذِنَ لَكُمْ اَمْ عَلَى اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَمَا ظَنُّ

۽ حلال فرماءِ ته: ڇا الله موکل ڏنائين واسطي اوهان جي يا الله تي بهتان هڻو ٿا، ۽ ڪهڙو آهي گمان

الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

انهن جو جيڪي ناهي هڻن ٿا الله تي ڪوڙ قيامت جي ڏينهن بيشڪ الله

لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۶۰﴾

البته ڀلائيءَ وارو آهي ماڻهن تي ۽ پر اڪثر انهن مان نٿا شڪر ڪن.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ قرآن ڪريم جي شفاء، رحمت ۽ هدايت جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ انهن بدنصيبن جو ذڪر آهي جيڪي اهڙي اعلىٰ ڪتاب مان نفعو نٿا وٺن حلال ۽ حرام جي متعلق قرآني احڪام ڪي ڇڏي پنهنجي عقل سان حلال ۽ حرام ٺا ناهين. فرمان مبارڪ آهي، "قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ مِّنْهُ حَرَامًا وَّحَلٰلًا" فرماءِ ته: خبر ته ڏيو جيڪي الله اوهان جي لاءِ روزي لاٿي پوءِ اوهان (پاڻ) ان مان حرام ۽ حلال بنايو- "قل" ۾ خطاب نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن سان آهي ۽ "اَرَءَيْتُمْ" ۾ مذمت ۽ ملامت ڪرڻ لاءِ ڪافرن کان سوال ڪيو ويو آهي- "قُلْ آٰللّٰهُ اَذِنَ لَكُمْ اَمْ عَلَى اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ" فرماءِ ته: ڇا الله اوهان کي موڪل ڏني آهي يا الله تي بهتان هڻو ٿا؟

مقصد ته جيڪو قرآن پاڪ نصيحت، شفا ، هدايت ۽ رحمت آهي اهوئي دليل بنائڻ جي لائق آهي احڪام الاهي جي معرفت حلال ۽ حرام جي تميز به ان سان ئي ٿي سگهندي هي ڪهڙو نه غلط خيال آهي جو الله تعالىٰ ته اوهان جي نفعي جي لاءِ هر قسم جي روزي پيدا ڪئي آهي پر اوهان محض پنهنجي راءِ ۽ وهم سان ان روزيءَ ۽ رزق مان ڪنهن کي حلال پيا بنايو ته ڪنهن کي حرام. ڇا الله تعالىٰ اوهان کي اهڙي اجازت ڏني آهي؟ يا الله تعالىٰ تي به بهتان پيا هڻو- "وَمَا ظَنُّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ

يَوْمَ الْقِيَامَةِ " ۽ جيڪي الله تي ڪوڙ ناهي هڻن انهن جو قيامت جي ڏينهن لاءِ ڪهڙو گمان آهي؟ مقصد تہ انهن بهتان هڻندڙن جو قيامت جي ڏينهن لاءِ ڇا خيال آهي ڇا سزا ملڻ کان سواءِ ڇٽي ويندا؟ نہ- ضرور سزا چکندا- "اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْفَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَايَشْكُرُوْنَ" بيشڪ الله ماڻهن تي ڀلائي ڪرڻ وارو آهي ۽ پر انهن مان اڪثر شڪر نٿا ڪن- مطلب تہ الله تعالىٰ وڏي فضل وارو آهي ۽ اهو پنهنجي فضل سان ماڻهن کي مهلت بہ ڏيندو آهي ۽ ڪيترا قصور معاف بہ فرمائيندو آهي پر گهڻا ماڻهو ان مهلت ۽ درگذر جو غلط فائدو وٺي وڏيڪ بي شڪر ۽ گناهہ ڪرڻ تي دلير ٿين ٿا.

وَمَا تَكُوْنُ فِيْ شَاْنٍ وَّمَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ قُرْاٰنٍ وَّلَا تَعْمَلُوْنَ مِنْ

۽ نڪو هجين تون ڪنهن حال ۾ ۽ نڪو پڙهين ان مان ڪجهہ قرآن ۽ نٿا ڪيو اوهان ڪو

عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُوْدًا اِذْ تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ۭ وَمَا يَعْزُبُ عَنْ

عمل مگر جو هوندا آهيون اسين اوهان تي حاضر جڏهن مصروف هوندا آهيو ان ۾ ۽ نڪو غائب رهي رب

رَّبِّكَ مِنْ مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِى الْاَرْضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ وَلَآ اَصْغَرَ مِنْ

تنهنجي کان ڪو وزن ذري جو زمين ۾ ۽ نہ آسمان ۾ ۽ نہ ننڍو

ذٰلِكَ وَلَآ اَكْبَرَ اِلَّا فِىْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦١﴾

ان کان ۽ نہ وڏو پر اهو ڪتاب ڪليل ۾ آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله تعالىٰ جي عام فضل جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ ان جي عام علم جو- فرمان مبارڪ آهي- "وَمَا تَكُوْنُ فِيْ شَاْنٍ وَّمَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ قُرْاٰنٍ وَّلَا تَعْمَلُوْنَ مِنْ عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُوْدًا اِذْ تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ" ۽ تون ڪهڙي بہ حال ۾ آهين ۽ قرآن مان ڪجهہ بہ تلاوت ڪندو آهين ۽ اوهان ڪوبہ عمل نہ ڪندا آهيو پر جڏهن ان ۾ مصروف ٿيندا آهيو تہ اسين اوهان جي مٿان حاضر هوندا آهيون- آيت جي هن حصي ۾ الله جل جلالہ

جي علم محيط ۽ ان جي بي مثال وسعت جو حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن کي مخاطب ٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ: اوهان جهڙي حال ۾، جهڙي ڪم ۾ بہ هميشہ هوندا آهيو يا قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندا آهيو تہ ان مان ڪو ذرو بہ اسان کان مخفي نہ هوندو آهي. اهڙي طرح اوهان سڀ انسان جيڪو عمل ڪيو ٿا اسين اوهان وٽ حاضر آهيون ۽ اهو عمل اسان جي نظرن جي سامهون آهي، "وَمَا يَعْزُبُ عَنْ رَّبِّكَ مِنْ مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِي الْأَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاءِ وَلَا أَصْغَرَ مِنْ ذَالِكَ وَلَا أَكْبَرَ إِلَّا فِي كِتَابٍ مُّبِينٍ" ۽ تنهنجي رب کان هڪ ذري جو وزن بہ زمين ۽ آسمان ۾ غائب نٿو رهي ۽ ان مان هرڪا ننڍي ۽ وڏي شيءِ ڪليل ڪتاب ۾ آهي. "كِتَابٍ مُّبِينٍ" مان مراد لوح محفوظ آهي. مقصد تہ آسمان ۽ زمين ۾ ڪابہ ننڍي يا وڏي شيءِ چونہ ڪٿي هڪ ذري جي برابر هجي اوهان جي رب کان لڪل ناهي ۽ هر شيءِ لوح محفوظ ۾ لکيل آهہ. بظاهر هن جاءِ تي الاهي علم جي وسعت ۽ هر شيءِ کي محيط هجڻ جي بيان ۾ هيءَ حڪمت آهي جو ان جي ذريعي نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن کي تسلي ڏني وڃي تہ جيتوڻڪ اوهان جا دشمن ۽ مخالف گهڻا آهن پر الله تعالیٰ جي حفاظت اوهان سان گڏ آهي اهي اوهان کي ڪوبہ ايذاءُ پهچائي نہ سگهندا- **فائدا**- هنن آيتن جي مفهوم کي ذهن نشين ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا. ۱- حبيب ڪريم صلی الله عليه وسلم جن هر وقت هر گهڙي رب العزة جل جلالہ جي نگاه ڪرم جي هيٺان آهن. جيئن "وَمَا تَكُونُ فِي شَأْنٍ" مان ظاهر آهي. ۲- قرآن ڪريم جي تلاوت الله تعالیٰ کي تمام گهڻي پياري آهي خاص ڪري جڏهن قرآنِ پاڪ سمجهي الله تعالیٰ جي دين جي دعوت ۽ پيغام پهچائڻ لاءِ پڙهيو وڃي. جيئن "وَمَا تَتْلُوا مِنْهُ مِنْ قُرْآنٍ" مان سمجهہ ۾ اچي رهيو آهي. ۳- انسان کي گناهن کان بچائڻ ۽ نيڪ عمل ڪرائڻ واري وڏي شيءِ هيءَ آهي تہ انسان خيال رکي تہ مون کي ۽ منهنجي هر ننڍي ۽ وڏي عمل کي الله تعالیٰ ڏسي رهيو آهي- انشاءالله تعالیٰ اهو خيال رکڻ وارو ماڻهو نيڪ عمل ڪرڻ ۽ برائيءَ کان بچڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندو. ۴ "إِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُودًا" مان ظاهر ٿي رهيو آهي تہ رب العزة جل جلالہ هر انسان ۽ ان جي هر هڪ عمل کي ڏسي رهيو آهي پر محبوبن کي محبت جي نظر سان ۽ مردودن کي قهر ۽ غضب جي نظر سان- "شُهُودًا" جو هڪ تعلق حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم سان سندن هر حال سان ۽ سندن تلاوت سان آهي تہ ٻيو عام ماڻهن جي اعمال سان- پر ٻنهي تعلقن جي نوعيتن ۾ فرق آهي. ان جي ڪري اول حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن سان تعلق بعد ۾ عام ماڻهن سان تعلق جو بيان ڪيو ويو.

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ۝ الَّذِيْنَ

خبردار بيشڪ الله جا ولي ڪونهي ڪو خوف انهن تي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا اهي جن

اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ۝ لَهُمُ الْبُشْرٰى فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِى

ايمان آندو ۽ پرهيزگار بڻيا واسطي انهن جي آهي بشارت دنيا جي حياتيءَ ۾ ۽ آخرت ۾

الْاٰخِرَةِ ؕ لَاتَبْدِيْلَ لِكَلِمَاتِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَالْفَوْزُ الْعَظِيْمُ۝

ڪونهي تبديلي واسطي حڪمن الله جي اهائي ڪاميابي وڏي آهي.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان الله سبحانه وتعاليٰ پنهنجي علم جي وسعت ۽ ٻانهن جي هر حال کي نگاهہ ۾ رکڻ جو بيان ڪري فرمايو تہ ٻانها سندس فضل ۽ مهربانيءَ کي نہ وسارين، شڪر ڪندا رهن ۽ هنن آيتن ۾ انهن متقين، شاڪرين جو حال بيان ڪيل آهي جن جي لاءِ قيامت ۾ سهڻو بدلو تيار آهي- فرمان عالي شان آهي، "اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ" خبردار- بيشڪ الله جا ولي ياد رکڻ گهرجي تہ جنهن مضمون جا منڪر موجود هوندا آهن يا ممڪن آهي تہ پيدا ٿين تہ ان مضمون کي تاڪيدي حرفن سان شروع ڪيو ويندو آهي. مثلاً قد، لقد، الا، ان، وغيره سان- ۽ جيتري قدر انڪار سامهون ايندو اوتري قدر تاڪيد ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ مڪه مڪرمه جا رهاڪو مشرڪ ۽ ڪافر نبوت جا ئي قائل نہ هئا تہ اهي ولايت کي ڪيئن پيا مڃي سگهن ۽ ٻيو تہ آئنده خود مسلمان سڏائيندڙن ۾ بہ اولياءِ ڪرام جا منڪر پيدا ٿيڻا هئا. ان جي ڪري هن مضمون کي "اَلَآ" حرف تنبيہ ۽ "اِنَّ" حرف تحقيق سان بيان ڪيو ويو آهي- "اَوْلِيَآءَ" ولي جو جمع الولاءِ کان ورتل آهي- هتي الولاءِ عزت ۽ مدد جي معنيٰ ۾ ايندو آهي متقي ۽ پرهيزگارن ٻانهن کي اهو لقب ان جي ڪري مليو آهي جو اهي ئي الله تعاليٰ جي طرفان مدد ڪيل ۽ عزت ڏنل آهن ۽ الله تعاليٰ جي قرب کان سواءِ ڪابہ طمع نہ رکندا آهن ۽ "ولي" فعيل جي وزن تي فاعل جي معنيٰ

۾ آيل آهي يعني پنهنجي روح، جسم، ۽ دنيا بلڪ جيڪو بہ وس ۾ اٿس ان سان پنهنجي رب جي (دين جي) خدمت ڪرڻ جي حوالي هوندڙ يامفعول جي معنىٰ ۾ آيل آهي- يعني الله تعالىٰ ان کي اعزاز، اڪرام، عطائون ۽ نعمتون ڏيندو آهي ۽ ان کي پنهنجي پاڪ ذات کان سواءِ ڪنهن جي حوالي نہ ڪندو آهي. پوءِ اهو جيتري خدمت ڪندو آهي اوتري الله تعالىٰ ان تي نوازش ۽ مهرباني ڪرڻ فرمائيندو آهي ۽ اهوئي هن حديث مبارڪ جو راز آهي تہ: يا دنيا من خدمني فاخدميه" اي دنيا! جنهن منهنجي خدمت ڪئي تون ان جي خدمت ڪر. پوءِ ان لحاظ سان ولي اهو ٿيانهو آهي جيڪو الله تعالىٰ جي فرمانبرداريءَ ۾ گم هجي جنهن تي انوار ۽ اسرار پلٽايا وڃن ۽ ولي جي نشاني اهائي آهي جيڪا حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم بيان ڪئي آهي تہ: اولياء الله اهي آهن جو جڏهن انهن کي ڏٺو وڃي تہ الله تعالىٰ ياد اچي وڃي- ۽ ان جو سبب معرفت جي انهن انوار جو ظاهر تي نمايان ٿيڻ آهي جيڪي سندن باطن ۾ هئا ۽ الله تعالىٰ جي فرمان "سِيمَاهُمْ فِي وُجُوهِهِم مِّنْ أَثَرِ السُّجُودِ" (انهن جون نشانيون سندن ٿي منهن ۾ سجدن جي اثر جي ڪري هونديون آهن) ۾ بہ اهوئي راز آهي. پوءِ الله تعالىٰ جو ولي اهو آهي جيڪو الله تعالىٰ جي طرفان فرض ڪيل احڪام اداڪرڻ سان گڏ الله تعالى سان مشغول، سندس قلب الله جي معرفتن واري نور ۾ مستغرق هجي ڏسي تہ الله تعالىٰ جي قدرت جا دلائل ڏسي ٻڌي تہ الله تعالىٰ جون آيتون ٻڌي، ڳالهائي تہ الله تعالىٰ جي ثناء، ۽ حمد ڪري چرپر ڪري تہ الله تعالىٰ جي اطاعت ڪري. ڪوشش ڪري تہ اهڙن ڪمن جي جيڪي ڪيس الله تعالىٰ جي قريب ڪن نہ الله تعالىٰ جو ذڪر بند ڪري ۽ نہ پنهنجي دل سان غير الله ڏانهن متوجہ رهي- هي آهن اولياءالله جون صفتون. (١) ۽ ڪن مفسرن لکيو آهي تہ: قاموس ۾ آهي تہ ولي، الولي کان ورتل آهي معنىٰ قرب ۽ نزديڪي- پوءِ ولي جي معنىٰ ويجهو، محب، سچو ۽ مددگار آهي ۽ قرب جا ٻہ قسم آهن. ١- اهو قرب جيڪو هر انسان بلڪ ڪائنات جي ذري، ذري کي پنهنجي خالق سان آهي ۽ جيڪڏهن اهو قرب نہ هجي تہ ڪابہ شيءِ موجود نٿي سگهي. "وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ" ۾ ان ڏانهن اشارو آهي. ٢- اهو قرب آهي جيڪو خاص ٻانهن سان مخصوص ۽ انهن کي ميسر هوندو آهي ان کي قرب محبت چيو ويندو آهي ۽ قرب جي انهن ٻنهي قسمن ۾ مال جي لحاظ سان شراڪت کان سواءِ

(١) الصاوي صہ١٨٢ جزء ٢ جلد ١-

ڪابہ شراڪت ناهي قرب محبت جا بيشمار درجا آهن جن مان هڪ ڪان پيو بلند ٿئي ڪان ٿيون وڌيڪ بلند هوندو آهي. انهن لاءِ پهريون شرط ايمان آهي ان ڪان پوءِ همت ۽ عزم وارا پاڻها ترقيءَ جا مختلف درجا طي ڪندي اڳتي وڌندا رهندا آهن، تانجو ان بلند مقام تي پهچندا آهن جنهن جي وضاحت حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن هيئن فرمائي آهي تہ: الله تعاليٰ فرمايو آهي، ”هميشہ منهنجو پانهو نفلي عبادات سان مون کي قريب ٿيندو آهي ۽ ايتري قدر قريب ٿيندو آهي جو مان پاڻ ان سان محبت رکندو آهيان ۽ جڏهن مان ان سان محبت رکندو آهيان تہ مان ان جو ڪن ٿيندو آهيان جنهن سان ٻڌندو آهي ۽ مان ان جي اک ٿيندو آهيان جنهن سان ڏسندو آهي (الحديث رواه البخاري) ۽ قرب جي درجن مان سڀني کان اعليٰ درجا انبياءِ ڪرام عليه الصلواة والسلام جا آهن ۽ انهن مان بہ سڀني کان مٿي درجا حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جا آهن جيڪي ابد الاباد بلند ٿيندا رهندا- انهن جي ڪا نهايت ئي ڪانہ آهي- صوفياءِ ڪرام جي اصطلاح ۾ولي ان کي چوندا آهن جنهن جي دل الاهي ذڪر ۾ مشغول رهي ۽ اهو رات ڏينهن تسبيح ۽ تهليل ۾ مصروف هجي الاهي محبت ۾ ان جي دل اهڙي ڀريل هجي جو ڪنهن بہ غير جي ان ۾ گنجائش نہ رهي اهو جيڪڏهن ڪنهن سان محبت ٿو ڪري تہ بہ الله تعاليٰ جي لاءِ ۽ جيڪڏهن ڪنهن کان نفرت ٿو ڪري تہ بہ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ اهوئي اهو مقام آهي جنهن کي فناءالقلب چوندا آهن (۱) ولايت جي مرتبي ملڻ جي هيءَ صورت آهي جو بالواسطہ يا بلاواسطہ دل جي آئيني تي رسالت جي آفتاب جا انوار چمڪن ۽ محمدي جمال عليٰ صاحبه الصلواة والسلام جون تجليون دل ۽ روح کي روشن ڪن ۽ هيءَ نعمت ان کي بخشي ويندي آهي جيڪو بارگاه رسالت ۾ يا سندن نائبن ولين جي صحبت ۾ ڪثرت سان حاضر رهندو آهي، مسنون طريقي سان ذڪر گهڻو ڪرڻ ان نسبت کي قوي ڪندو آهي-

اولياءَ الله جي صحبت جي اهميت

انهن ئي قدسي نفوس جي صحبت ۽ هم نشينيءَ جي متعلق نبوي حديثن ۾ ترغيب ۽ شوق ڏياريو ويو آهي- امام مالڪ، امام احمد بن حنبل ۽ طبراني وغيره حضرت معاذ بن جبل رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ: الله تعاليٰ فرمايو آهي. ”وَجَبَتْ مَحَبَّتِيْ لِلْمُتَحَابِّيْنَ

(۱) المظهري صہ۳۸ جلد ۵-

فِيَّ وَالْمُتَجَالِسِيْنَ فِيَّ وَالْمُتَزَاوِرِيْنَ فِيَّ وَالْمُتَبَاذِلِيْنَ فِيَّ" يعني منهنجي محبت انهن ٻانهن لاءِ ضروري ٿي چڪي جيڪي منهنجي ڪري هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا ۽ منهنجي ڪري هڪ ٻئي سان ويهن ٿا ۽ منهنجي ڪري هڪ ٻئي جي زيارت ڪن ٿا ۽ منهنجي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ ڪن ٿا- ۽ حضرت ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي ته هڪ شخص بارگاه رسالت ۾ عرض ڪيو ته: يارسول الله! ان شخص جي باري ۾ ڇاٿا ارشاد فرمايو جيڪو هڪ قوم سان محبت رکي ٿو پر عمل ۽ تقوىٰ ۾ انهن جي برابر ناهي؟ پاڻ فرمايائون ته هر شخص انهن سان گڏ هوندو جن سان محبت رکندو هوندو- (۱) بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضرت ابو رزين کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ان کي فرمايو: ڇا مان توکي هن امر (دين) جي اهڙي شيءِ نه ٻڌايان جنهن سان تون دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ کي پهچين؟ اهل ذڪر جي مجلس کي لازم ڪري وٺ ۽ جڏهن اڪيلو ويهين ته جيتري قدر ٿي سگهئي پنهنجي زبان الله تعالىٰ جي ذڪر سان چورېندو رهه. ڪنهن سان محبت رکين ته الله جي لاءِ رک ۽ جيڪڏهن بغض رکين ته به الله جي لاءِ رک-

اولياءَ الله جا قسم.

مفسر قرآن علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمته هن آيت جي تفسير ڪندي لکيو آهي ته: اولياءُ الله جا ٻه قسم آهن. هڪڙا اهي آهن جيڪي طالب ۽ مريد آهن. ٻيا اهي آهن جيڪي مطلوب ۽ مراد آهن، هڪڙا محب آهن ته ٻيا محبوب آهن. جن کي محبوبيت جي اعلىٰ نعمت سان نوازيو ويو آهي- ۽ اهي ئي هن نبوي حديث مان مراد آهن جيڪا امام مسلم ۽ ٻين محدثن حضرت ابوهريرة رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت ڪئي آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: جڏهن الله تعالىٰ پنهنجي ڪنهن ٻانهي سان محبت ڪندو آهي ته جبريل کي سڏي فرمائيندو آهي اي جبرئيل! مان فلاڻي ٻانهي سان محبت رکان ٿو تون به ان سان محبت رک پوءِ جبرئيل به ان سان محبت رکي ٿو ۽ آسمان ۾ اعلان ڪري ٿو ته الله تعالىٰ فلاڻي ٻانهي سان محبت رکي ٿو اوهان به ان سان محبت ڪريو-

پوءِ آسمان وارا سڀ ان سان محبت ڪن ٿا ۽ زمين تي به ان کي مقبوليت ملي ٿي. (۲) "لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ"

(۱) ضياءالقرآن صه۳۱۳ جلد ۲- (۲) مظهري صه۴۰ جلد ۵-

نہ انهن تي ڪو خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا. هن حصي مان ڇا مراد آهي ان ۾ مختلف قول آهن. ١-ان خوف ۽ غمگين هجڻ جي نفي مان مراد آخرت وارو عذاب آهي يعني اهو خوف ۽ غم الله تعالىٰ جي ولي ڪي نہ هوندو جيڪو ڪافرن، فاسقن ۽ ظالمن کي محشر جي ميدان ۾ حاضريءَ وقت آخرت جي عذاب کي ڏسي ٿيندو. جيئن ٻيءَ جاءِ تي ارشاد عالي شان آهي. "لَا يَحْزُنُهُمُ الْفَزَعُ الْأَكْبَرُ" (١) انهن کي وڏو خوف مگين نہ بڻائيندو- ۽ نہ انهن کي ڪنهن تڪليف پهچڻ يا پياريءَ شيءِ جي وڃڻ جو غم هوندو- ڇوتہ سندن مقصد الله تعالىٰ جو رضامندو حاصل ڪرڻ هو جنهن ڪان پويان ڪري ڪرم ۽ قرب بيٺو آهي ۽ الاهي وعدي مطابق ان جي حصول ۾ ڪوبہ شڪ نہ اهي ۽ اهڙي طرح دنيا ۾ ان شيءِ ڪان نہ ڊڄندا جنهن ڪان ڪافر ۽ ايمان جا ڪمزور ۽ دنيا جا وڪاٽل ڊڄندا آهن. (٢)

٢-انهن کي هميشہ ڪنهن بہ قسم جو ڪو خوف نہ آهي ڇوتہ جيڪي ڪم الله تعالىٰ ن تي وا- ڪيا هئا اهي ادا ڪيائون ۽ جيڪي ڪم گناهہ جا هئا انهن ڪان پاڻ پليائون، اهي رب پاڪ جي طرفان مقرر ڪيل قضا ۽ تقدير تي راضي آهن انهن کي ڪوبہ فڪر ۽ غم نہ هوندو- (٣) ٣-اولياءَ الله جو دنيا ۾ خوف ۽ غم ڪان محفوظ هجڻ ان اعتبار سان آهي تہ جن شين جي خوف ۽ غم ۾ عام طور دنيا جا ماڻهو مبتلا رهندا آهن جو دنيوي مقاصد، آرام، راحت، عزت، ۽ دولت ۾ ٿوري ڪمي هجڻ تي بہ مري پوندا آهن ۽ رات ڏينهن ذري برابر تڪليف ۽ پريشانيءَ ڪان بچڻ جي تدبيرن ۾ لڳا پيا هوندا آهن اولياءَ الله جو مقام انهن سڀني ڪان بلند ۽ بالاهوندو آهي انهن جي نگاهہ ۾ دنيا ۽ ان سڀ جي ان ڏني، ڪان بہ ٻري آهي جنهن تي، ڪتي پيشاب ڪيو هجي (٤)

"اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ" جن ايمان آندو ۽ پرهيزگار بڻيا- مطلب تہ انهن جو ايمان الله تعالىٰ جي توحيد، حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم جي رسالت ۽ قرآن ڪريم جي حقانيت تي ايترو مضبوط ۽ محڪم آهي جو ڪابہ شيطاني شرارت ۽ وسوسو ان کي متزلزل ڪري نہ سگهندو آهي. اهي اهڙا متقي هوندا آهن جو سندن ظاهر ۽ باطن تقوىٰ جي نور سان روشن هوندو آهي اهڙا سمورا عمل ۽ اخلاق جن ڪان الله تعالىٰ ناراض ٿئي تن ڪان اهي بلڪل آزاد هوندا آهن شرڪ جلي، شرڪ خفي، شرڪ اخفىٰ، حسد،

(١) سورة الانبياء آيت صہ١٠٣- (٢) المراغي صہ١٢٩ جلد ٤ جزءُ ١١-
(٣) فتح القدير صہ٤٥٧ جلد ٢- (٤) روح المعاني صہ١٤٦ جلد٤ جزءُ ١١-

كينو غرور تكبر، هوا ۽ هوس. مطلب تہ هر بري اخلاق كان پاڪ هوندا آهن اهوئي تقويٰ جو اعليٰ مقام آهي جو جڏهن انسان اتي پهچندو آهي تہ ان کي ولايت جي خلعت سان نوازيو ويندو آهي ۽ ان عاجزي ۽ نياز كندڙ کي اهڙي سربلندي عطا كئي ويندي آهي جنهن کي دنيا ريس جي نگاه سان ڏسندي آهي. سيدنا فاروق اعظم رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اِنَّ مِنْ عِبَادِاللّٰهِ عِبَادًا مَّاهُمْ بِاَنْبِيَاءَ وَلَاشُهَدَاءَ يَغْبِطُهُمُ الْاَنْبِيَاءُ وَالشُّهَدَاءُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ لِمَكَانِهِمْ مِنَ اللّٰهِ قَالُوْا يَارَسُوْلَ اللّٰهِ! خَبِّرْنَا مَنْهُمْ؟ وَمَااَعْمَالُهُمْ؟ فَلَعَلَّنَانُحِبُّهُمْ قَالَ: هُمْ قَوْمٌ تَحَابَّوْا فِي اللّٰهِ عَلٰى غَيْرِ اَرْحَامٍ بَيْنَهُمْ وَلَا اَمْوَالٍ يَّتَعَاطُوْنَ بِهَا فَوَاللّٰهِ اِنَّ وُجُوْهَهُمْ لَنُوْرٌ وَاِنَّهُمْ عَلٰى مَنَابِرَ مِنْ نُوْرٍ لَايَخَافُوْنَ اِذَاخَافَ النَّاسُ وَلَايَحْزَنُوْنَ اِذَاحَزِنَ النَّاسُ ثُمَّ قَرَءَ" "اَلَآاِنَّ اَوْلِيَآءَاللّٰهِ لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ" (۱) يعني الله تعاليٰ جي ٻانهن مان اهڙا ٻانها بہ آهن جيڪي نہ نبي آهن ۽ نہ شهيد آهن، پر قيامت جي ڏينهن الاهي قرب جي ڪري انبياءَ ۽ شهيد انهن سان ريس كندا (اصحابن) عرض كيو تہ: يارسول الله! اسان کي ٻڌايو تہ اهي كير آهن ۽ انهن جا اعمال كهڙا آهن تانتہ اسين انهن سان محبت رکون؟ پاڻ فرمايائون؟ تہ اهي اهڙا شخص آهن جيڪي الله تعاليٰ جي رضا لاءِ هڪ ٻئي سان محبت رکن ٿا نہ كنهن مائٽي مٽيءَ جي ڪري ۽ نہ كنهن مال ملكيت جي ڏيتيءَ ليتيءَ جي ڪري- الله جو قسم آهي تہ يقينًا انهن جا منهن نور آهن ۽ يقينا اهي نور جي منبرن تي هوندا جڏهن ماڻهو خوف رکندا تہ اهي خوف نہ رکندا ۽ جڏهن ماڻهو غمگين ٿيندا تہ اهي كو غم نہ كندا- ان كان پوءِ مٿين آيت مبارك تلاوت كيائون.

اولياءَ الله جون نشانيون.

ذهن نشين كرڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ هن آيت ۾ اولياءِ كرام جي شان ٻڌائڻ سان گڏ انهن جي نشانين کي بہ بيان فرمايو تہ: اهي ايمان وارا ۽ نهايت پرهيزگار هوندا- حضور كريم صلى الله عليه وسلم جن بہ اولياءِ كرام جون نشانيون بيان فرمايون آهن جيئن هنن روايتن مان واضح آهي. روايت ۱- ابن جرير ۽ ابن ابي حاتم حضرت ابن زيد رضي الله عنه كان روايت آندي آهي تہ: اَلَآاِنَّ اَوْلِيَآءَاللّٰهِ الايتہ- اهي آهن جو جڏهن انهن کي ڏسجي تہ الله ياد اچي-

روايت۲- ابن المبارك، ابن ابي شيبتہ، ابن جرير، ابوالشيخ ۽ ابن مردويہ حضرت

(۱) القرطبي صہ۳۵۶ جلد ۸- •

سعيد بن جبير کان ۽ ان حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان روايت آندي آهي ته: "اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ" (۽ جن الله تعالىٰ جي ولين جو بيان آهي سي) اهي آهن جو انهن کي ڏسجي ته الله ياد اچي وڃي.

روايت ۳- ابن المبارڪ، نوادرالاصول ۾ حڪيم ترمذيءَ، بزار، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، ابوالشيخ ۽ ابن مردويه حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آندي آهي ته: حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو ته: يَارَسُوْلَ اللّٰهِ! مَنْ اَوْلِيَاءُ اللّٰهِ؟ قَالَ "اَلَّذِيْنَ اِذَا رُءُوْا ذُكِرَاللّٰهُ" (۱) اي الله جا رسول! الله جا وليُّ ڪير آهن؟ فرمايائون ته: اهي جو جڏهن اهي ڏٺا وڃن ته الله ياد ڪيو وڃي-

الله تعالىٰ جي ٻانهن مان ڀلا ڪير آهن؟

روايت۱- امام احمد عبدالرحمان بن غنم رضي الله عنه کان ۽ ان رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان روايت آندي آهي ته: الله جي ٻانهن مان ڀلا اهي آهن جو جڏهن ڏٺا وڃن ته الله ياد ڪيو وڃي ۽ الله جي ٻانهن مان برا، چغلخور، دوستن ۾ جدائي وجهندڙ، بغاوت ڪندڙ آهن الخ-

روايت۲- حڪيم ترمذي حضرت عبدالله بن عمروبن العاص رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته: اوهان مان ڀلا اهي آهن جن جو ڏسڻ اوهان کي الله ياد ڏياري، ۽ انهن جو ڳالهائڻ اوهان جي علم ۾ واڌارو آڻي. ۽ انهن جو عمل اوهان کي آخرت جي رغبت ڏياري. (۱) "لَهُمُ الْبُشْرٰى فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِى الْاٰخِرَةِ" انهن لاءِ دنيا جي حياتي ۽ آخرت ۾ بشارت آهي-

البشرىٰ (بشارت) مان مراد ڇا آهي؟

ان مان مراد ۾ چار قول آهن. ۱- بشارت سهڻا خواب آهن- جيئن طيالسي، احمد، دارمي، ترمذي ۽ ابن ماجه وغيرهم حضرت عبادة بن الصامت رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي ته مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان "لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" جي باري ۾ پڇيو- پاڻ فرمايائون ته: بشارت اهي سهڻا خواب آهن جيڪي مؤمن ڏسي ٿو يا ان کي ڏيکاريا وڃن ٿا. (۲) ۽ اسين جڏهن "لَهُمُ الْبُشْرٰى" مان مراد سنا ۽ سهڻا خواب وٺنداسون ته پوءِ هن نص جي

(۱) اورد هذه الروايات كلها في الدرالمنثور ص ۳۷۰-۷۱ جلد۴- (۲) ساڳيو حوالو-

ظاهر جي تقاضا اهاهوندي تہ اها حالت صرف انهن ولين کي ئي حاصل ٿئي ٿي عقل بہ ان تي دلالت ڪري ٿو. ڇوتہ الله جو ولي ئي اهو هوندو آهي جنهن جي دل ۽ روح الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مستغرق رهندا آهن ۽ اهڙي ۽ پانهي جو روح ننڊ ۾ بہ الله تعاليٰ جي معرفت ۾ رهندو آهي ۽ اها ڳالهہ بہ معلوم ٿي آهي تہ الله تعاليٰ جي معرفت ۽ جلال جي نور سان حق ۽ سچ ئي حاصل ٿيندو آهي. ۽ پر جنهن پانهي جو فڪر هن انڌيري واري جهان تي ورهايل هوندو ان جي ننڊ جي حالت بہ اهڙي هوندي ان جي ڪري سندس خواب تي بہ اعتماد نٿو رهي- ۽ انهيءَ سبب جي ڪري ئي "لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" ۾ "لهم" کي اڳي ذڪر ڪيو ويو آهي تانتہ تخصيص ۽ حصر جو فائدو ڏي.

۲- "الْبُشْرٰى" (بشارت مان مراد آهي تہ ماڻهو انهن سان محبت رکندا ۽ انهن کي سهڻي ثناءَ سان ياد ڪندا- جيئن حضرت ابو ذر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ: مون عرض ڪيو يارسول الله! انسان عمل تہ الله تعاليٰ لاءِ ٿو ڪري پوءِ ماڻهو ان سان محبت ڇو ٿا رکن؟ پاڻ فرمايائون تہ: اها مومن لاءِ تڪڙي بشارت آهي- ۽ ڄاڻڻ گهرجي تہ عقلي بحثن جي لحاظ سان بہ اها معنيٰ ۽ مراد قوي لڳي ٿي ڇوتہ ڪمال محبوب لذاته شيءِ آهي. ۽ جنهن ۾ بہ ڪمال جي صفتن مان ڪا صفت هوندي تہ اهو بہ هر ڪنهن لاءِ محبوب هوندو ۽ پانهي جي لاءِ سندس دل جو الله تعاليٰ جي معرفت ۾ ۽ زبان جو الله جي ذڪر ۾ ۽ عضون جو الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مستغرق رهڻ کان وڌيڪ بلند ۽ شرف وارو ٻيو ڪوبہ ڪمال ناهي ۽ جڏهن پانهي لاءِ هي دروازو کلي ويو تہ ان جي زبان سندس مدح ۾ جاري رهندي ۽ سندن دل مالڪ مٺي جي محبت ۾ پريل هوندي ۽ جيئن ان ۾ اهي سهڻيون صفتون وڌنديون وينديون تيئن اها محبت قوي ٿيندي ويندي- ۽ هيءَ ڳالهہ بہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جي معرفت جو نور بذات خود مخدوم آهي ۽ جنهن جي دل ۾ اهو هوندو تہ اهو پانهو بہ بالطبع مخدوم هوندو. ۳- "الْبُشْرٰى" مان مراد مرڻ وقت بشارت ملڻ آهي جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي "تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰۤئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ" (۱) انهن تي ملائڪ لهي ايندا (جيڪي انهن کي چوندا تہ) نہ خوف ڪريو ۽ نہ غمگين ٿيو بهشت جي بشارت اٿو- ۽ آخرت ۾ بشارت مان مراد انهن تي ملائڪن جي طرفان ۽ مالڪ مٺي جي طرفان سلام آهي ۽ ان مان مراد انهن لاءِ

(۱) سورة حم السجده آيت ۳۰-

قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل پيون نعمتون، منهن جو روشن هجڻ، ۽ سڄي هٿ ۾ اعمال نامن جو ملڻ بہ داخل آهي. ۴- ان مان مراد اها بشارت آهي جيڪا الله تعالىٰ پنهنجن متقي ٻانهن کي پنهنجن ڪتابن ۾ ۽ پنهنجن نبين جي زبانن مبارڪن مان جنت ڏيڻ ۽ وڏو ثواب عطا ڪرڻ سان ڏني آهي. ڄاڻڻ گهرجي تہ لغوي لحاظ سان بشارت ان خوشي ڏيندڙ خبر کي چيو ويندو آهي جنهن جي ٻڌڻ سان ٻڌندڙ جي منهن ۾ خوشيءَ جا آثار نظر اچن- پوءِ جن خوشي ڏيندڙ ڳالهين جو تعلق دنيا سان آهي اهي "لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" ۾ داخل آهن ۽ جن جو تعلق آخرت سان آهي اهي "وَفِي الْاٰخِرَةِ" ۾ داخل آهن (۱) ۽ ان بشارت ۾ اها بشارت بہ داخل آهي جيڪا حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجن پيارن اصحابن،عشرة مبشرة ۽ حسنين ڪريمين،سيده فاطمہ زهراءَ،عائشہ الحميراءَ وغيرهم کي جنتي هجڻ لاءِ ڏني هئي- "لَاتَبْدِيْلَ لِكَلِمَاتِ اللّٰهِ ذٰلِكَ هُوَالْفَوْزُالْعَظِيْمُ" الله جي ڪلمات ۾ ڪابہ تبديلي ناهي. اهائي وڏي ڪاميابي آهي- مطلب تہ جن مقبول ٻانهن سان الله تعالىٰ بشارت ۽ انعامات عطا ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي اهو ضرور پورو ٿيندو اهو يقيني ۽ قطعي فيصلو آهي ان ۾ ڪابہ ۽ ڪنهن قسم جي بہ تبديلي نہ ٿيندي ۽ انهن ٻانهن کي ملڻ واري اها ڪاميابي ئي وڏي ڪاميابي آهي جو ملائڪن جي طرفان بلڪ رب العزة جل جلالہ جي طرفان ڪين سلام جون سوکڙيون ملن- ۽ سندن مٿي تي بهشتي تاج رکيا وڃن.

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن ۾ آيا. ۱- حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي پاڪ ذات تي نبوت ختم ٿي سندن ڪان پوءِ ڪنهن بہ قسم جو نبي نہ ايندو پر ولايت ختم نہ ٿيندي اولياءِ ڪرام جو سلسلو قيامت تائين جاري رهندو ۽ هر دور ۾ هڪ يا ٻہ نہ پر الله تعالىٰ جا ولي گهڻا ٿيندا رهندا- جيئن "اَوْلِيَآءَ" جي صيغي کي جمع ڪرڻ سان آڻڻ مان ثابت ٿي رهيو آهي. ۲- آيت مبارڪ ۾ اولياءَ جي صيغي کي "اللّٰه" ڏانهن اضافت ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ "اولياءَ الله" جدا هستيون آهن ۽ "اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ" ٻي شي آهن، اولياءَالله مقبول آهن ۽ "اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ" مردود آهن. ۳- اولياءَ جي ذڪر ڪان پوءِ "لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ" ۾ علىٰ آڻڻ سان ثابت ٿيو تہ الله تعالىٰ جي ولين جي مٿان مخلوق مان ڪنهن بہ شيءِ جو خوف ڇانيل نہ هوندو پر جيڪڏهن ٿوري عرصي لاءِ عارضي طرح ٿئي تہ ممڪن آهي.

(۱) التفسيرالكبير صـ۱۲۷- ۱۲۸ جزءُ ۱۷-

جيئن حضرت موسىٰ عليه السلام جن کي فرمان ٿيو هو ته "لَاتَخَفْ" خوف نه ڪر اهو خوف عارضي هو نه چانيل رهيو ۽ نه گهڻي دير تائين قائم رهيو. ۴- "اَلَّذِيْنَ آمَنُوْا" مان واضح ٿيو ته ڪوبه مشرڪ، ڪافر، بد مذهب، الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول مقبول ڪريم صلى الله عليه وسلم، اصحابن، امامن، اوليائن ۽ رباني عالمن جو گستاخ ولي نٿي سگهندو ڇو ته انهن کي ايمان ئي نه آهي ته اهي ولي ڪٿان ٿي سگهندا؟ "وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ" مان ثابت ٿيو ته ڪوبه فاسق، فاجر، زاني، شرابي، ڀنگي، ۽ بدمعاش ولي نٿو ٿي سگهي- ڪوبه شخص ڪيتري به درجي تي پهچڻ جي دعوىٰ ڪري حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي غلامي، اتباع ۽ اطاعت کان آزاد نٿو ٿي سگهي جيئن هر وقت سج جي نور جي ڌرتيءَ کي ضرورت آهي ۽ ڪاڏي پيتي جي هر پير کي ضرورت آهي تيئن حضرت محمد مصطفىٰ ڪريم صلى الله عليه وسلم جي شريعت جي به هر مسلمان مومن کي ضرورت آهي- بلڪه سج جي روشنيءَ ۽ کاڏي پيتي جي ضرورت مرڻ کان پوءِ نه هوندي پر حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي فيض ۽ برڪات جي ضرورت مرڻ کا پوءِ به رهي ٿي. ۵- ڪنهن به صالح مومن متقي ٻانهي لاءِ عام مومنن صالحن ٻانهن جو چوڻ ته هي الله تعالىٰ جو ولي آهي ان جي ولي هجڻ جو دليل ۽ نشاني آهي- جيئن "لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" جي مراد مان هڪ قول بيان ٿي چڪو آهي. حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان مبارڪ آهي "اَنْتُمْ شُهَدَآءُ اللهِ فِي الْاَرْضِ" اوهان زمين تي الله جا شاهد آهيو. جيڪڏهن اوهان ڪنهن لاءِ چئو ته هي الله تعالىٰ جو ولي آهي ته اها شاهدي قبول آهي. (۱)

وَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ۭ هُوَ

وقف لازم

۽ نه غمگين ڪري توکي چوڻ انهن جو بيشڪ عزت الله جي لاءِ ئي آهي سموري اهوئي

السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦٥﴾ اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي

ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي، خبردار بيشڪ الله جي لاءِ ئي آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه

الْاَرْضِ ۭ وَمَا يَتَّبِعُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ ۭ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ

زمين ۾ آهي ڪنهن جي تا تابعداري ڪن اهي جو پوڄين تا الله کان سواءِ شريڪن کي، نٿا تابعداري ڪن

(۱) نعيمي صه ۳۹۹ جلد ۱۱-

اِلَّاالظَّـنَّ وَاِنْ هُـمْ اِلَّايَخْرُصُوْنَ۝

پر گمان جي ۽ ناهن اهي مگر ٿا اٽكل كن.

تفسير

هنن آيتن كان اول ذكر كيلن آيتن ۾ الله تعالىٰ جي پيارن ولين جي شان، سچاٽپ ۽ عاقبت جو بيان هو ۽ هنن ۾ الله تعالىٰ جي دشمنن كافرن جي براين جو ذكر كيو ويو آهي.

شان نزول

مكه مكرمه جا رهاكو مشرك مسكينن ۽ غريبن مسلمانن كي ڌمكيون ۽ دڙكا ڏيندا هئا ته اسين اولاد، عزت ۽ دولت جي لحاظ سان اوهان كان وڌيك آهيون اوهان كي برباد كري ڇڏينداسون انهن مشركن جي ترديد ۽ مومنن جي تسكين ۽ تسلي لاءِ هي آيتون پلاريون نازل ٿيون. (۱) فرمان عالي شان آهي- "وَلَايَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ اِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا هُوَالسَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ" ۽ انهن جو قول توكي غمگين نه بڻائي بلاشك عزت الله جي لاءِ ئي آهي اهوئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي- هن آيت ۾ خطاب ته حضور كريم صلي الله عليه وسلم جن سان آهي پر ان مان مقصد سندن اصحابن ۽ قيامت تائين ايندڙن مومنن كي ٻڌائڻ آهي مطلب ته انهن مشركن جي گدڙ ڀبكين كان ملول نه ٿيو عزت غلبي، وقار، عظمت جو حقيقي مالك الله تعالىٰ آهي اهو جيكڏهن كنهن كي عزت، غلبو ۽ عظمت عطاكندو ته ٻيا ڇا كندا- اهو انهن مشركن جي ڌمكين ۽ اوهان مومنن جي نرم لهجي واري گفتگو كي ٻڌي ٿو ۽ انهن جي متكبرانه گفتگو جي كري اوهان جيكا تكليف محسوس كيو ٿا ان كي به ڄاڻي ٿو كافرن جا اهي رعب، تاب ۽ دٻدٻا هميشه نه رهندا جلد اهڙو انقلاب ايندو جو كافر ذليل ٿيندا ۽ اوهان جي بخت جو ستارو چمكندو-

(۱) الخازن صہ۳۰٦ جلد ۲-

ڇا الله تعالىٰ جا رسول عليهم الصلواة والسلام ۽ مومن پانها بہ عزت وارا آهن؟

ڪي ماڻهو مذڪوره آيت جي حصي "اِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا" کي آڙ بنائي چوندا آهن تہ الله تعالىٰ جا انبياء ۽ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ۽ اولياء سڳورا الله تعالىٰ جي اڳيان ڇهڙي چمار ڪان بہ ذليل آهن (معاذالله ثم معاذالله) پر اهو سندن قول بلڪل غلط ۽ گمراهي بلڪ ڪفر آهي. مفسر قرآن علامہ خازن هن آيت جي تفسير ۾ آندو آهي تہ: حضرت سعيد بن المسيب فرمايو آهي تہ: عزت الله جي لاءِ آهي. پوءِ اهو جنهن کي گهري ٿو عزت وارو بنائي ٿو. جيئن ٻيءَ آيت ۾ فرمان مبارڪ آهي "وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ الله جي لاءِ عزت آهي ۽ ان جي رسول ۽ مومنن لاءِ بہ عزت آهي. ۽ ٻنهي آيتن ۾ ڪابہ هڪ ٻئي جي مخالفت نہ آهي ڇوتہ انبياء ڪرام ،مرسلين عظام ۽ مومنن پانهن جي عزت بہ الله تعالىٰ جي عطا سان آهي. ۽ (حقيقت) ۾ سڀ عزت سندس ئي لاءِ ثابت آهي. (١) "اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَنْ فِي السَّمٰوٰاتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ" خبردار جيڪو ڪجهہ آسمانن ۾ ۽ جيڪو ڪجهہ زمينن ۾ آهي يقينا اهو الله جي لاءِ ئي آهي- ياد رکڻ گهرجي تہ "لِلّٰهِ" ۾ لام تمليڪ جو آهي ۽ هي نئون جملو اڳئين فرمان عاليءَ جو دليل آهي. يعني جڏهن آسمانن ۽ زمين ۾ موجود شيون الله تعالىٰ جي ملڪيت آهن تہ انهن ڪي عزت غلبو ۽ وقار ڏيڻ بہ ان جي قدرت ۾ آهي. "وَمَا يَتَّبِعُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ" ۽ اهي ڪنهن جي تابعداري ٿا ڪن جيڪي الله ڪان سواءِ (ٻين) شريڪن کي ٿا پوڄين؟ هن جملي ۾ آيل لفظ "مَا" ۾ ٽي قول آهن، ١- نافيہ ٢- موصولہ ٣- استفهاميہ مفسرن سڳورن استفهاميہ هجڻ کي ترجيح ڏني آهي (٢) مطلب تہ هي مشرڪ جن کي الله تعالىٰ ڪان سواءِ پوڄن ۽ عبادت ڪن ٿا-

حقيقت ۾ اهي الله تعالىٰ جا شريڪ ناهن جو الله تعالىٰ وحده لاشريڪ له آهي- "اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ" نٿا تابعداري ڪن مگر گمان جي ۽ ناهن اهي مگر اٽڪل ڪن ٿا. مطلب تہ انهن ڪافرن مشرڪن جي طرفان بتن کي معبود بنائڻ نہ ڪنهن عقلي دليل تي بنا ڪيل آهي ۽ نہ ڪنهن نبي سڳوري کين اها تعليم ڏني آهي. حقيقي معبود کي ڇڏي باطل معبودن جي پوڄا ڪرڻ سندن ئي گمان ۽ اٽڪل

(١) الخازن صہ ٣٠٥ جلد ٢- (٢) ضياءالقرآن صہ ٣١٧ جلد ٢-

بازي آهي حقيقت سان ان جو پري جو واسطو به ناهي-

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ١- حقيقي طرح عزت جو مالڪ الله تعالىٰ آهي اهو جنهن کي عزت ڏي ان جي مرضي آهي- ڪافرن، فاسقن ۽ بي دين دنيادارن جي عزت عارضي آهي- انهن جي اها عارضي ۽ ظاهري عزت ڏسي مسلمان ڏوڪي ۾ نه اچن ڇوته اها اچڻ وڃڻ واري شيء آهي انهن جي ڌمڪين ۽ ھٿاڪن کان به خوف زنده نه ٿيڻ گهرجي جيئن "وَلَايَحْزُنْکَ قَوْلُهُمْ" مان واضح ٿي رهيو آهي. ٢- "اَنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ" مان واضح ٿيو ته مشرڪ بتن کي پنهنجي غلط خيال سان معبود بنيايو ويٺا هئا يا جيئن اڄان به هندو وغيرهم انهن جي پوڄا ڪندا آهن. عقائد ۾ صرف ظن گمان ۽ اٽڪل ڪافي ناهي عقائد ۾قطعي الثبوت ۽ قطعي الدلالة دليل گهرجن.

اعتراض- الله تعالىٰ ته ساري مخلوق جي ذري ذري جو مالڪ آهي پوء آيت ۾ "من" عقلمندن لاءِ استعمال ٿيندڙلفظ آڻي "مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِى الْاَرْضِ" (آسمان وارن ۽ زمين وارن) کي خاص طرح ڇو ذڪر ڪيو ويو؟

جواب١- الله تعالىٰ عقل کان خالي شين جو به مالڪ آهي پر جڏهن ته عقل کان خالي شيون تابع آهن ۽ عقلمند متبوع (اڳواڻ) ته انهن متبوعن جي ذڪر ڪرڻ ۾ تابع به اچي ويا. ٢- انسان جو عقل صرف آسمانن ۽ زمينن تائين وڃي ٿو ان جي ڪري انهن جو ذڪر اسان کي سمجهائڻ لاءِ ڪيو ويو آهي قيد لڳائڻ لاءِ نه ڪيو ويو آهي.

هُوَالَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ

اهو (الله) اهو آهي جو (پيدا) ڪيائين اوهان لاءِ رات تانته آرام ڪيو ان ۾ ۽ ڏينهن کي

مُبْصِرًا ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِکَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٧﴾

روشن بيشڪ انهيءِ ۾ البته نشانيون آهن واسطي ان قوم جي جو ٻڌن ٿا

قَالُوا اتَّخَذَاللّٰهُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ۭ هُوَالْغَنِيُّ ۭ لَهٗ

چيائون ته ورتو الله اولاد پاڪائي آهي ان جي اهو بي نياز آهي ان جي لاءِ آهي

(١) الخازن صہ ٣٠٥ جلد ٢- (٢) ضياءالقرآن صہ٣١٧ جلد ٢-

مَا فِی السَّمٰوٰات وَمَا فِي الْاَرْضِ اِنْ عِنْدَكُمْ

جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي ناهي اوهان وٽ ڪو

مِّنْ سُلْطَانٍ بِهٰذَا اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۶۸﴾

دليل هن جو ڇا چئو ٿا الله تي اهو جو نٿا ڄاڻو

قُلْ اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿۶۹﴾

فرماءِ بيشڪ اهي شخص جو ناهي هڻن ٿا الله تي ڪوڙ نه ڪامياب ٿيندا.

مَتَاعٌ فِی الدُّنْيَا ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ

ٿورو سامان آ دنيا جو تنهن ڪان پوءِ اسان ڏانهن آهي موٽڻ انهن جو

ثُمَّ نُذِيْقُهُمُ الْعَذَابَ الشَّدِيْدَ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿۷۰﴾

انڪان پوءِ چکائينداسون انهن کي عذاب سخت ان سببان جو ڪفر ڪندا هئا.

الثلثه

تفسير

هنن آيتن کان اول مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته آسمانن ۽ زمين ۾ رهندڙ سيئي ٻانها، ملائڪ، جن، انسان، وغيرهم الله تعالىٰ جا پيدا ڪيل، مملوڪ ۽ مقبوض آهن ۽ هنن آيتن ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي ته اسين انهن جا صرف مالڪ ئي ناهيون پر سندن لاءِ هر قسم جو انتظام ڪندڙ، سنڀاليندڙ ۽ هر ضرورت پوري ڪرڻ وارا به آهيون. ارشاد مبارڪ آهي. "هُوَالَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا" اهو (الله) ئي تہ آهي جنهن اوهان لاءِ ان جي ڪري رات پيدا ڪئي آهي تانته ان ۾ آرام ڪيو ۽ ڏينهن کي روشن بنايائين- يعني الله تعالىٰ اهو قدرت، رحم ۽ ڪرم وارو آهي جنهن اوهان لاءِ رات کي انڌيري وارو رکيو تانت اوهان ان ۾ روحاني ۽ جسماني سڪون ۽ قرار حاصل ڪري سگهو ۽ ڏينهن کي اهڙو روشن بنايائين جو اوهان ان ۾

ھيون شيون ڏسو گھمو، ڦرو ۽ پنهنجي روزي ڪمائي سگھو- "لَكُمُ" ۾ لام تمليڪ جو نہ پر نفي ونڻ لاءِ آيل آهي. ۽ "كُمْ" ۾ خطاب سيني انسانن سان آهي جڏهن تہ انسان ساري مخلوق ۾ اصل مقصود آهن ان جي ڪري انهن سان ئي خطاب ڪيو ويو آهي مقصد تہ رات ڏينهن مان فائدو ہيا جاندار، جن وغيره بہ وٺن ٿا پر اوهان جي طفيلي ۽ جڏهن تہ رات اول ايندي آهي ڏينهن پوءِ ان جي ڪري "اَلَّيْلَ" اڳ ۾ ۽ "النَّهَارَ" پوءِ ذڪر ڪيو ويو آهي. "اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيَاتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ" بيشڪ انهيءَ ۾ ان قوم لاءِ نشانيون آهن جيڪي ٻڌن ٿا- هن فرمان مبارڪ ۾ رات ۽ ڏينهن جي اچڻ وڃڻ ۽ ماڻهن جي حالات مختلف ٿيڻ جي حڪمت بيان ڪئي وئي آهي- ۽ ان ۾ ان ڳالهہ ڏانهن بہ لطيف اشارو ڪيو ويو آهي تہ: جيئن رات جي انڌيري ڪان پوءِ الله تعاليٰ روشن ڏينهن ڪي آڻي ٿو ۽ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ اهي شيون نظر اچن ٿيون جيڪي رات جي اونداهيءَ ۾ نظر نہ اينديون آهن تيئن مشرڪن جي اونده ۽ انڌيري وارن عقيدن ڪي ختم ڪرڻ جي لاءِ الله تعاليٰ قرآن ڪريم روشني بخشيندڙ نور ڪي لاٿو ۽ ڪائنات ڪي چمڪائيندڙ "سِرَاجًا مُّنِيْرًا" حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم ڪي موڪليو آهي جيڪي ماڻهن جي لاءِ وصول الي الله جو ذريعو آهن "قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا سُبْحَانَهٗ هُوَ الْغَنِيُّ" چيائون تہ الله (تعاليٰ) اولاد ورتو آهي. ان جي پاڪائي آهي. اهو بي نياز آهي- هن فرمان مبارڪ ۾ ڪافرن جي ٻيءَ حماقت جو بيان آهي. "قَالُوْا" چيائون- اهي ائين چوڻ وارا هڪڙا مڪه مڪرمه جا رهاڪو مشرڪ هيا جيڪي ملائڪن ڪي الله تعاليٰ جون ڌيئرون چوندا هئا ہيا يهودي ۽ نصاريٰ هئا جيڪي حضرت عزير ۽ حضرت عيسيٰ عليهما السلام ڪي الله تعاليٰ جا پٽ سڏيندا هئا- انهن جي رد لاءِ هي ہے دليل پيش ڪيا ويا آهن. ١-اهو غني آهي ڪنهن جو محتاج ناهي ۽ ڪائنات جو ذرو ذرو پنهنجي وجود، نشو، نماءَ ۽ بقا ۾ ان جو محتاج آهي اولاد ڪان پاڪ آهي اولاد جي ضرورت ان لاءِ محسوس ڪئي ويندي آهي تہ انسان پاڻ ڪمزور آهي. اهو چاهي ٿو تہ ڪيس اولاد هجي تانتہ انهن جي ذريعي طاقتور رهي ۽ پنهنجن دشمنن ڪي مغلوب ڪري سگھي ۽ جيڪڏهن مسڪين آهي تہ اولاد روزي ڪمائڻ ۾ سندس معاون ۽ مددگار رهي. ۽ جيڪڏهن موت اچي تہ سندس مال، ملڪيت جو وارث اولاد رهي ۽ سندس نالو نشان باقي رهي، پر رب العزة جل جلالہ تہ انهن ڳالهين مان ڪنهن جو بہ محتاج نہ آهي اهو اولاد ڇو رکي؟ "لَهٗ مَافِي السَّمٰوَاتِ وَمَافِي الْاَرْضِ" ان جو آهي جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾

آهي- هي الله تعالىٰ جي لاءِ اولاد چوڻ وارن جي رد لاءِ ٻيو دليل آهي- يعني جڏهن آسمانن ۽ زمين ۾ موجود هر نئين ۽ وڏي شيءِ ان جي پيدا ڪيل ۽ ملڪيت آهي ته اها ان جو اولاد ڪيئن ٿي سگهندي؟ "إِنْ عِنْدَكُمْ مِنْ سُلْطَانٍ بِهَذَا أَتَقُولُونَ عَلَى اللَّهِ مَا لَا تَعْلَمُونَ" اوهان وٽ هن ڳالهه جو ڪوبه دليل ناهي. ڇا الله تعالىٰ تي اهڙي ڳالهه ٿا جيڪا ڄاڻو ئي نٿا يعني الله تعالىٰ جي شان ۾ گستاخي ڪندي اهڙي ڳالهه ڪيو ٿا جنهن جو نه اوهان وٽ ڪو دليل آهي ۽ نه ڪا ڄاڻ آهي. "قُلْ إِنَّ الَّذِينَ يَفْتَرُونَ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُونَ" فرماءِ ته: بيشڪ جيڪي شخص الله تي ڪوڙ هڻن ٿا اهي ڪامياب نه ٿيندا- يعني الله تعالىٰ لاءِ شريڪ بنائيندڙ ان جي لاءِ اولاد چوندڙ نه دنيا ۾ حقيقي ڪاميابي حاصل ڪندا ۽ نه آخرت ۾ عذاب ڪان ڇٽي سگهندا- "مَتَاعٌ فِي الدُّنْيَا ثُمَّ إِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ نُذِيقُهُمُ الْعَذَابَ الشَّدِيدَ بِمَا كَانُوا يَكْفُرُونَ" دنيا ۾ (ٿورو) نفعو وٺڻ آهي ان ڪان پوءِ انهن جو اسان ڏانهن موٽڻ آهي ان ڪان پوءِ ان جي ڪري جو ڪفر ڪندا هئا انهن کي سخت عذاب چکائينداسون- يعني دنياوي زندگيءَ جا عارضي مزا ماڻي وٺن ان ڪان پوءِ اسان ڏانهن ئي موٽي ايندا ۽ ڪين سخت عذاب چکائينداسون. "مَتَاعٌ فِي الدُّنْيَا" چوڻ ۾ اهو به اشارو آهي ته دنياوي حياتيءَ جا مزا ڪٽي ڪيترا به هجن اخروي نعمتن جي مقابلي ۾ ڪجهه به ناهن. (۱)

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَأَ نُوحٍ إِذْ قَالَ لِقَوْمِهِ يَا قَوْمِ إِنْ كَانَ كَبُرَ

وقف لازم

۽ پڙهه انهن جي مٿان خبر نوح جي جڏهن چيائين واسطي قوم پنهنجي اي منهنجي قوم! جيڪڏهن ڳرو ٿيو آهي

عَلَيْكُمْ مَقَامِي وَتَذْكِيرِي بِآيَاتِ اللَّهِ فَعَلَى اللَّهِ تَوَكَّلْتُ

اوهان تي رهڻ منهنجو ۽ نصيحت ڪرڻ منهنجي آيتن الله جي سان پوءِ الله تي توڪل ڪئي آهي مون

فَأَجْمِعُوا أَمْرَكُمْ وَشُرَكَاءَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُنْ أَمْرُكُمْ عَلَيْكُمْ

پوءِ گڏ ڪيو امر پنهنجي کي ۽ شريڪن پنهنجن کي تنهن ڪان پوءِ نه هجي امر اوهان جو اوهان تي

(۱) المراغي صه۱۳٦ جزءِ ۱۱ جلد ۴-

غُمَّةً ثُمَّ اقْضُوٓا اِلَيَّ وَلَاتُنْظِرُوْنِ ۞ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَمَا

گجهو تنهن کان پوءِ ڪري وٺو مون سان (جيڪو ڪري سگهو) ۽ نه مهلت ڏيو مون کي پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيو اوهان ته پوءِ نه

سَاَ لْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ

گهريو مون اوهان کان ڪو اجورو ناهي اجورو منهنجو مگر الله تي ۽ امر ڪيو ويو آهيان مان ته هجان

مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ۞ فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِى الْفُلْكِ

فرمانبردار پوءِ ڪوڙو ڄاتائون ان کي پوءِ ڇڏايوسون ان کي ۽ انهن کي جيڪي گڏ هئا ان سان ٻيڙيءَ ۾

وَجَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ

۽ ڪيو سون انهن کي جاءِ نشين ۽ ٻوڙيوسون انهن کي جو ڪوڙو ڪيائون آيتن اسان جن کي پوءِ ڏس ته ڪيئن

كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ۞

هئي پڇاڙي ڊيڄاريلن جي.

تفسير

هنن آيتن کان اول ذڪر ڪيل آيتن ۾ يهودين ۽ نصارن جي ناڪاميءَ ۽ خواريءَ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت نوح عليه السلام جي نه مڃڻ وارن ڪافرن جي ناڪاميءَ جو ذڪر ڪندي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي نه مڃڻ وارن کي متنبه ڪيو ويو آهي ته اوهان جو به اهڙو حشر ٿيندو- فرمان مبارڪ آهي. "وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَنُوْحٍ" ۽ انهن کي نوح (عليه السلام) جي خبر پڙهي ٻڌاءِ- تانته اهي تنهنجي بي فرمانيءَ کان ڊڄن.

يادرکڻ گهرجي ته حضرت نوح عليه السلام جو نالو شاڪر هو يا يشڪر شاڪر جي معنىٰ سان ۽ نوح جي معنىٰ آهي روئيندڙ. پاڻ الله تعالىٰ جي خوف کان تمام گهڻو روئندا هئا ان جي ڪري نوح سڏيا ويا. ڪيس چار سئو اسي (۴۸۰) سالن جي

عمر ۾ نبوت جي اظهار جو حڪم مليو ۽ اهو پهريون نبي هو جنهن کي شرعي احڪام مليا. (۱) ۽ علامہ صاوي لکيو آهي تہ حضرت نوح عليه السلام جو نالو مبارڪ عبدالغفار هو. ۽ حضرت ادريس عليه السلام کان هڪ هزار (۱۰۰۰) سال پوءِ آيو هو. ۽ سندس قوم جو ذڪر اڳ ۾ ان جي ڪري آندو ويو آهي جو اول هلاڪ بہ اها قوم ٿي هئي. (۲) "إِذْ قَالَ لِقَوْمِهِ يَا قَوْمِ إِن كَانَ كَبُرَ عَلَيْكُم مَّقَامِي وَتَذْكِيرِي بِآيَاتِ فَعَلَى اللَّهِ تَوَكَّلْتُ فَأَجْمِعُوا أَمْرَكُمْ وَشُرَكَاءَكُمْ" جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين تہ: اي منهنجي قوم! جيڪڏهن اوهان تي منهنجو رهڻ ۽ منهنجي طرفان الله تعالىٰ جي آيتن سان نصيحت ڪرڻ ڳرو ٿو لڳي تہ پوءِ مون الله تي توڪل ڪئي آهي، اوهان پنهنجو امر ۽ پنهنجا شريڪ گڏ ڪيو- مطلب تہ مان اوهان کي الله تعالىٰ جي وحدانيت ڏانهن صاف صاف لفظن ۾ سڏيان ٿو جيڪڏهن اها ڳالهہ ۽ منهنجو اوهان ۾ رهڻ اوهان کي ڳرو ٿو لڳي تہ پلي لڳي مون کي پنهنجي الله تي پورو اعتماد ۽ پروسو آهي ۽ پنهنجي ڪاميابيءَ تي يقين ۽ پڪو عقيدو آهي- اوهان جاٽي واٽي سوچي سمجهي هڪ پيري گڏ ٿي مڪمل فيصلو ڪيو تانتہ ان فيصلي تي عمل ڪرڻ وقت اوهان کي ڪير روڪڻ وارو نہ هجي ۽ پوءِ عمل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ائين نہ چئو تہ اسان اهو فيصلو سوچي سمجهي نہ ڪيو هو ۽ نہ ائين چئي سگهو تہ جيڪڏهن فلاڻي جو لحاظ نہ هجي ها يا فلاڻو نہ روڪي ها تہ (حضرت) نوح (عليه السلام) کي هيئن ڪري وجهون ها- روز روز ڌمڪيون نہ ڏيو- جيڪو ڪرڻو اٿو ڪيو. شايد اوهان ائين ٿا سمجهو تہ مان اوهان جي ڌمڪين کان ڊڄي پنهنجي رب جي اطاعت، بندگي ۽ سندس سچي دين جي تبليغ بند ڪري ڇڏيندس؟ نہ هرگز نہ- ۽ نہ ائين سمجهو تہ مان اوهان جن باطل معبودن بتن وغيره ۽ انهن تي رهندڙن ڀاون، يا عيسائي پادرين ۽ پنڊتن کان ڊڄندس جن کي اوهان غلط عقيدو رکي الله تعالىٰ جو شريڪ بنايو آهي- اوهان پلي انهن کي بہ فيصلي ۾ شريڪ بنايو ۽ منهنجي خلاف انهن کان ظاهري ۽ باطني مدد وٺو- منهنجي طرفان اوهان کي ڪليل اجازت آهي "ثُمَّ لَا يَكُنْ أَمْرُكُمْ عَلَيْكُمْ غُمَّةً" ان کان پوءِ اوهان جو امر اوهان تي منجهيل نہ هجي. يعني اهو اوهان جو گڏيل فيصلو ۽ امر اوهان تي يا اوهان مان ڪنهن هڪ تي بہ مخفي نہ هجي ظاهر ۽ واضح هجي ان ۾ ڪوبہ اهڙو شڪ، شبهو نہ هجي جيڪو اوهان کي عمل ڪرڻ ۾

(۱) روح البيان صہ ٦٥ جلد ۴ نعيمي ۴۲۲ جلد ۱۱- (۲) الصاوي صہ ۱۸۴ جزءِ ۲-

رڪاوٽ بنجي- "ثُمَّ اقْضُوٓا اِلَيَّ وَلَا تُنظِرُوْنِ" ان کان پوءِ فيصلو ڪري وٺو مون لاءِ- (جيڪو به ڪري سگهو) ۽ مون کي (ڪابه) مهلت نه ڏيو. يعني جيڪا به تڪليف يانقصان ڏيڻ جي خواهش رکو ٿا اها ڏيو مون کي ڀر اصل نه ڏيو- هيءُ الله تعالىٰ جي پياري نبي حضرت نوح عليه السلام جي طرفان ڪافرن کي چيلنج آهي جيڪو سندن دليري، همت، جرءت ۽ الله تعالىٰ تي پوري پوري توڪل جو اظهار آهي. سندن سينو مبارڪ حق جي نور سان ڀرپور هو ڪين الله تعالىٰ جي نصرت ۽ مدد تي ڪامل، مڪمل اعتماد هو ۽ ڪين پنهنجي ڪاميابيءَ جي متعلق يقين هو- (فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَمَاسَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ" پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ ته پوءِ مون اوهان کان ڪو اجورو ته نه گهريو آهي منهنجو اجورو ته الله وٽ آهي ۽ مان امر ڪيو ويو آهيان ته فرمانبردار هجان- يعني اوهان جي مقابلي ۾ نه جاني ۽ نه مالي تڪليف کان گهرايان ٿو ۽ نه ڪنهن نقصان پهچڻ جو فڪر ٿو رکان ڇو ته مون جيڪا به الله تعالىٰ جي دين جي دعوت ڏني آهي يا خدمت ڪئي آهي ان جو اوهان کان ڪو معاوضو نه گهريو اٿم ۽ نه گهران ٿو جو ڊپ ٿئيم ته اهو روڪجي ويندو يا اوهان کي اهو چوڻ جو موقعو ملي ته اها سڀ محنت مال ۽ دولت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري رهيو آهي مان جنهن سچي معبود مالڪ مٺي، الله جل جلاله، عزبرهانه جي حڪم کي اداڪندي ان جي دين جي دعوت ڏئي، پيغام پهچائي رهيو آهيان منهنجو اجورو ان جي ڪرم ۽ رحم جي ذمي آهي جڏهن مان ان جو فرمانبردار آهيان ۽ ان جي طرفان مقرر ڪيل خدمت ۽ ڪم صحيح نموني اداڪري رهيو آهيان ته ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو اهو مون لاءِ پنهنجي فضل ۽ رحمت جا دروازا ڪليل نه رکي- "فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنَاهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَجَعَلْنَاهُمْ خَلٰٓئِفَ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ" پوءِ (قوم وارن) ان کي ڪوڙو چيو پوءِ ان کي ۽ جيڪي ٻيڙيءَ ۾ ان سان گڏ هئا انهن کي ڇڏايوسون ۽ انهن کي (ٻڏي ويلن جو) جاءِ نشين بڻايوسون- ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو انهن کي ٻوڙي ڇڏيوسون ۽ ڏس ته ڊيڄاريلن جي ڇپاڙي ڪيئن ٿي هئي. يعني جنهن کي عبرت حاصل ڪرڻ واري اک آهي اهو ڏسي ۽ عبرت حاصل ڪري ته الله تعالىٰ جي نبين کي ڪوڙو چوندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي. انهن ماڻهن کي حضرت نوح عليه السلام سوين سال نصيحت ڪئي نه مڃڻ جي صورت ۾ نقصان پهچڻ جي حالات کان آگاه ڪيو جڏهن ڪابه ڳالهه انهن لاءِ موءثر نه ٿي ۽ رهندءعناد ۽ ضد ۾ اچي ويا ته الله

تعالىٰ سخت طوفان موڪلي سيني منڪرن ۽ مڪذبن کي ٻوڙي ڇڏيو صرف حضرت نوح عليه السلام ۽ ساڻس ٻيڙيءَ ۾ گڏ چڙهندڙ محفوظ رهيا ۽ اهي ئي ٻڏي ويلن جي جاءِ تي آباد ٿيا جن مان انساني نسل وڌيو يادرکڻ گهرجي ته حضرت نوح عليه السلام جو قصو سورة الاعراف ۾ اڳي ئي لکجي چڪو آهي ان جي ڪري هتي صرف آيتن جي تفسير تي اڪتفا ڪئي وئي آهي.

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا سمجهه ۾ آيا. ۱- الله جل جلاله جا نبي نهايت ئي دلير ۽ بهادر هوندا آهن ۽ اهو انهن جو امتيازي شان آهي ڏسو حضرت نوح عليه السلام اڪيلو ايتري وڏي قوم جي اڳيان جيڪي سندس سخت دشمن هئا ۽ انهن مان رعايت ڪرڻ جي ڪابه اميد نه هئي ڪيڏي جرئت سان خطاب ڪري رهيو هو. ايڏي جرئت الله تعالىٰ جي نبين جوئي خاصو آهي يا سندن فيض ۽ برڪت جي صدقي بعض اولياء ڪرام جو. ۲- الله تعالىٰ جا نبي سڀئي جيترا بهادر ۽ دلير هوندا آهن اوتر دنيا جي طمع ۽ لالچ کان پاڪ، صاف ۽ بي پرواه هوندا آهن سندن روشن سينا ۽ پاڪ دليون دنيوي محب جي آلائش کان به آزاد هونديون آهن- حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کان پوءِ نبوت جي ڪوڙي دعوىٰ ڪندڙ مسيلمه ڪذاب، مرزا قادياني ۽ ٻيا عليهم اللعنته ڏٺا به ويا ته انتهائي درجي جا لالچي ۽ دنيا جا پوڄاري به هئا. ۳- علماءِ عظام ۽ صوفيا ڪرام (زادهم الله تعالىٰ وبارڪ فيهم) کي گهرجي ته دين مٿي جو هر ڪم مٿي مالڪ جل جلاله ۽ ان جي محبوب نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن- الله جل جلاله جي پياري ٻانهي، وليه ڪامله سيده رابعه بصريه رضي الله عنها کان روايت آهي ته پاڻ پنهنجي مقرر ڪيل عبادت کان سواءِ هزار نفل روزانو ان لاءِ پڙهندي هئي ته منهنجا اهي نفل ڏسي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن راضي ٿين ۽ پاڻ قيامت جي ڏينهن انبياءِ ڪرام جي اڳيان فخر سان فرمائن ته ڏسو! منهنجي هن امتياڻيءَ الله تعالىٰ جي ڪيتري گهڻي عبادت ڪئي آهي-

مسئلو

متاخرين علماءِ ڪرام علم پڙهائڻ، بانگ ڏيڻ، امامت ڪرڻ، خطابت وغيره تي اجورو وٺڻ جائز قرار ڏنو آهي پر ان هوندي به معلم، موذن امام ۽ خطيب کي نيت ۾ اخلاص رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي معاشي تڪليف دور ڪرڻ ۽ ضرورتون پوريون ڪرڻ سان گڏ الله تعالىٰ ۽ ان جي حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جي رضا حاصل ڪرڻ کي اوليت ڏيڻ گهرجي ماڻهن جي صحيح رهنمائي ڪرڻ، سندن عقائد ۽

اعمال جي اصلاح ڪرڻ حق ۽ سچ هلائڻ، لالچ ۽ طمع جي ڪري غلط فتوائن ڪان بچڻ مشائخ عظام ۽ رباني علماءَ جي اهم ذميداري آهي. اهڙو رستو ونجي جنهن سان دنيوي تڪليفون به دفع ٿين ته آخرت جو اجر به عطا ٿئي- وَمَا ذَالِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ.

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ

تنهن ڪان پوءِ موڪلياسون ان ڪان بعد رسول (پنهنجين) پنهنجين قومن ڏانهن پوءِ آيا انهن وٽ

فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ۚ كَذٰلِكَ نَطْبَعُ

پوءِ نه هئا تانته ايمان آڻين ان تي جو ڪوڙو چيو هيائون ان کي اڳ ۾ اهڙيءَ طرح مهر ٿا هڻون

عَلٰى قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۷۴﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى وَهٰرُوْنَ

دلين سرڪشن جي تي تنهن ڪان پوءِ موڪليوسون انهن ڪان بعد موسىٰ ۽ هارون کي

اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ بِاٰيٰتِنَا فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا

فرعون ۽ ان جي ماڻهن ڏانهن نشانين پنهنجين سان پوءِ تڪبر ڪيائون ۽ هئا قوم

مُّجْرِمِيْنَ ﴿۷۵﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْٓا اِنَّ هٰذَا لَسِحْرٌ

مجرم پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ حق اسان وٽان ته چيائون بيشڪ هي البته جادو

مُّبِيْنٌ ﴿۷۶﴾ قَالَ مُوْسٰٓى اَتَقُوْلُوْنَ لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَكُمْ ۭ اَسِحْرٌ هٰذَا ۭ

کليل آهي،چيو موسىٰ ڇا چئو ٿا حق جي لاءِ جڏهن آيو اوهان وٽ ته ڇا جادو آهي هيءُ؛

وَلَا يُفْلِحُ السّٰحِرُوْنَ ﴿۷۷﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِتَلْفِتَنَا عَمَّا وَجَدْنَا عَلَيْهِ

۽ نه ڪامياب ٿيندا جادوگر چيائون ته ڇا آئين تون اسان وٽ تانته ڦيرائين اسان کي ان ڪان جو لڌاسون ان تي

اٰبَآءَنَا وَتَكُوْنَ لَكُمَا الْكِبْرِيَآءُ فِي الْاَرْضِ ۭ وَمَا نَحْنُ لَكُمَا

پيئر پنهنجا ۽ هجي اوهان ٻن لاءِ سرداري زمين ۾ ۽ ناهيون اسين اوهان ٻنهي کي

بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿۷۸﴾ وَقَالَ فِرْعَوْنُ ائْتُوْنِيْ بِكُلِّ سَاحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿۷۹﴾ فَلَمَّا

مڃيندڙ ۽ چيو فرعون تہ آڻيو مون وٽ هر جادوگر ڄاڻندڙ پوءِ جڏهن

جَآءَ السَّحَرَةُ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰٓى اَلْقُوْا مَآ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿۸۰﴾ فَلَمَّآ

آيا جادوگر تہ چيو انهن کي موسىٰ وجهو جيڪو اوهان وجهندڙ آهيو پوءِ جڏهن

اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰى مَا جِئْتُمْ بِهِ السِّحْرُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَيُبْطِلُهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ

(جادو) وڌائون تہ چيو موسىٰ جيڪو آندو اٿو اهو جادو آهي بيشڪ الله جلد باطل ڪندو

لَا يُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۸۱﴾

ان کي بيشڪ الله نٿو ناهي ڪر فساد ڪندڙن جي ڪي.

تفسير

هنن آيتن کان پهرين آيتن ۾ حضرت نوح عليه السلام جي نافرمان هنيلن امتين جي غرق ٿيڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ بعد ۾ اچڻ وارين امتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ اهي بہ ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ ان طوفان جي صورت ۾ آيل عذاب کان غافل ٿي ويون هيون- فرمان مبارڪ آهي، "ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ۭ كَذٰلِكَ نَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ" تنهن کان پوءِ ان (حضرت نوح عليه السلام) کان بعد پنهنجين (پنهنجين) قومن ڏانهن رسول موڪلياسون پوءِ اهي انهن وٽ روشن دليلن سان آيا (پر اهي) پوءِ بہ (تيار نہ هئا) تانتہ جنهن کي اڳ ۾ ڪوڙو چيو هيائون ان تي ايمان آڻين- ان نموني سرڪشن ماڻهن جي دلين تي مهر هڻون ٿا- يعني حضرت نوح عليه السلام کان پوءِ حضرت هود عليه السلام، حضرت صالح عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت لوط عليه السلام، ۽ حضرت شعيب عليه السلام کي پنهنجين پنهنجين قومن ڏانهن کليل دليلن ۽ نشانين سان موڪليو ويو پر جنهن جهالت ۽ ڪفر جي حالت ۾ اهي ماڻهو انهن پيغمبرن جي بعثت کان اڳي

هيا پوءِ به ان تي رهيا انهن پلارن نبين جي سمجهائڻ سان نه سڌريا ۽ پچاڙي، تائين براين تي قائم رهيا حق جي مسلسل انڪار ڪرڻ جي صورت ۾ سندن دلين تي مهرون لڳي ويون ۽ وري حق قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه رهيون. "ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْ بَعْدِهِمْ مُوسَىٰ وَهَارُونَ إِلَىٰ فِرْعَوْنَ وَمَلَائِهِ بِآيَاتِنَا فَاسْتَكْبَرُوا وَكَانُوا قَوْمًا مُجْرِمِينَ" پوءِ انهن کان بعد فرعون ۽ سندس (دربار جي مقرب ماڻهن ڏانهن موسىٰ ۽ هارون کي پنهنجي نشانين سان موڪليو سون پوءِ (انهن) تڪبر ڪيو ۽ اهي مجرم قوم هئا- يعني فرعون ۽ سندس دربار جي مقرب سردارن ڏانهن پنهنجي طرفان نشانيون (معجزا) ڏئي (حضرتْ) موسىٰ ۽ (حضرت) هارون (عليهما السلام) کي موڪليوسون پر اهي مجرم گناهن جا عادي ۽ ايترا ته بدڪردار رهيا جو تڪبر ۽ هٺ ڌرميءَ جي ڪري پنهي نبين پلارن کي نه مڃيائون- اهي نشانيون ست هيون جيڪي سورة الاعراف ۾ تفصيل سان بيان ڪيون ويون آهن. (١) "فَلَمَّا جَاءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوا إِنَّ هَٰذَا لَسِحْرٌ مُبِينٌ" پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان وٽان حق آيو ته چيائون يقيناً هي ته چٽو جادو آهي- يعني الله تعالىٰ جي نبي جي هٿان معجزا ڏسي مڃڻ ۽ تسلي ڪرڻ جي بجاءِ چوڻ لڳا ته هي کليو جادو آهي- "قَالَ مُوسَىٰ أَتَقُولُونَ لِلْحَقِّ لَمَّا جَاءَكُمْ أَسِحْرٌ هَٰذَا وَلَا يُفْلِحُ السَّاحِرُونَ" موسىٰ فرماين ته ڇا اوهان حق لاءِ جڏهن اوهان وٽ آيو چئو ٿا ته هي جادو آهي؟ ۽ جادوگر ته ڪامياب نه ٿيندا- يعني حق کي جادو ٿا چئو؟ ڇا جادو ائين هوندو آهي؟ ڇا جادوءَ وارو نبوت جي دعوىٰ ڪري ڪامياب ٿيندو آهي؟ نه هرگز نه- الله تعالى جي نبين جي روشن چهري پاڪيزه اخلاق تقوىٰ جي نور ،شوڪت ۽ عظمت واري احوال ۾ سندن حق تي هجڻ جي بديهي شاهدي موجود هوندي آهي- جادوگري ۽ شعبده بازيءَ سان ان جو پري جو واسطو به نه هوندو آهي- انهن امتيازي صورتن جي هوندي الله تعالىٰ جي پيغمبر سڳوري نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم کي جادوگر چوڻ بيحيائي ناهي ته بيو ڇا آهي؟ "قَالُوا أَجِئْتَنَا لِتَلْفِتَنَا عَمَّا وَجَدْنَا عَلَيْهِ آبَاءَنَا وَتَكُونَ لَكُمَا الْكِبْرِيَاءُ فِي الْأَرْضِ وَمَا نَحْنُ لَكُمَا بِمُؤْمِنِينَ" چوڻ لڳا ته ڇا تون ان لاءِ آيو آهين ته جنهن (دين) تي اسان پنهنجن ابن، ڏاڏن کي لڌو هو ان کان اسان کي ڦيرائين ۽ اوهان ٻنهي (ڀائرن) جي لاءِ زمين ۾ سرداري هجي يعني فرعوني چوڻ لڳا ته (معاذالله) اوهان جو مقصد اهو آهي ته اسان کي ابن ڏاڏن جي رستي کان هٽائي هن ملڪ ۾ انقلاب برپا ڪري پنهنجي حڪومت ۽ سرداري قائم ڪيو سو نه

(١) تفسير ابوالسعود ص ١٦٧ جزء ۴ جلد ٢ القرطبي ص ٣٦٦ جلد ٨-

اسين اوهان کي مجيندا سون ۽ نہ اوهان جي اها اميد پوري ٿيندي. "وَقَالَ فِرْعَوْنُ ائْتُونِي بِكُلِّ سَاحِرٍ عَلِيمٍ" ۽ فرعون چيو تہ مون وٽ هر جادوگر جادوءَ جي عمل وارو آڻيو- يعني فرعون پنهنجن ساٿين سردارن ۽ دربار جي مقربن کي چيو تہ موسىٰ عليه السلام جادوگر آهي اوهان اهي سڀئي جادوگر جيڪي جادوءَ جو علم رکندڙ هشيار ۽ ڄاڻو هجن اهي مون وٽ وٺي اچو تہ مقابلو ڪرايون. "فَلَمَّا جَاءَ السَّحَرَةُ قَالَ لَهُمْ مُوسَىٰ أَلْقُوا مَا أَنْتُمْ مُلْقُونَ فَلَمَّا أَلْقَوْا قَالَ مُوسَىٰ مَا جِئْتُمْ بِهِ السِّحْرُ إِنَّ اللَّهَ سَيُبْطِلُهُ إِنَّ اللَّهَ لَا يُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِينَ" پوءِ جڏهن جادوگر آيا تہ انهن کي (حضرت) موسيٰ (عليه السلام) فرمايو جيڪو ڪجهہ (جادو) وجهڻ گهرو ٿا وجهو پوءِ جڏهن جادو وڌائون تہ (حضرت) موسىٰ (عليه السلام) فرمايو جيڪو ڪجهہ اوهان آندو آهي اهو جادو آهي. يقيناً الله ان کي جلد باطل (ختم) ڪندو بيشڪ الله فساد ڪندڙ جي ڪم کي نہ ناهيندو آهي. قرآن پاڪ ۾ هيءَ جاءِ تي آيو آهي تہ جادوگرن حضرت موسىٰ عليه السلام کان پڇيو هو تہ: اوهان اڳ ۾ پنهنجو ڪرتب ڏيکاريندؤ يا اسين ڏيکاريون؟ پاڻ انهن کي فرمايائون تہ: جيڪو اوهان کي ڪري ڏيکارڻو آهي اهو ڪري ڏيکاريو-

حضرت موسىٰ عليه السلام انهن کي پهريان جادوگرڻ جي موڪل ان جي ڪري ڏني هئي تہ باطل جي پوري زور آزمائڻ ۽ فنڪاري ظاهري ڪرڻ کان پوءِ حق جو اچڻ ۽ باطل کي هيٺ ڪري ميٽڻ وڌيڪ اثرائتو ۽ حق کي واضح ڪرڻ وارو هوندو آهي جادوگرن پنهنجيون لٺيون ۽ رسيون زمين تي اڇلايون تہ جادوءَ سان ڏسندڙن جي نظر بندي جي ڪري ائين محسوس ڪري رهيا هئا تہ سارو ميدان نانگن سان ڀريل آهي حضرت موسىٰ عليه السلام فرماين تہ جادو تہ هي آهي جنهن کي الله تعالىٰ جلد ختم ڪندو. يقيناً الله تعالىٰ فساد ڪندڙن جي عمل کي ناهيندو ناهي، منهنجي هٿان ظاهر ٿيندڙ خوارق عادات جادو ناهن اهي معجزا آهن.

وَيُحِقُّ اللَّهُ الْحَقَّ بِكَلِمَاتِهِ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُونَ ﴿٨٢﴾ فَمَا آمَنَ

۽ سچو ثابت ٿو ڪري الله حق کي پنهنجن فرمانن سان جيتوڻيڪ نہ پسند ڪن مجرم پوءِ نہ ايمان آندو

لِمُوسَىٰ إِلَّا ذُرِّيَّةٌ مِنْ قَوْمِهِ عَلَىٰ خَوْفٍ مِنْ فِرْعَوْنَ وَمَلَئِهِمْ أَنْ

موسىٰ تي مگر ڪجهہ اولاد قوم ان جي مان ڊڄندي فرعون ۽ ان جي ماڻهن کان تہ متان

يَّفْتِنَهُمْ ۗ وَاِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِى الْاَرْضِ ۚ وَاِنَّهٗ لَمِنَ

مجبور ڪري انهن کي ۽ بلاشڪ فرعون البت هنيلو هو زمين ۾ ۽ بيشڪ اهو البت

الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَقَالَ مُوْسٰى يٰقَوْمِ اِنْ كُنْتُمْ

حد کان لنگهندڙن مان آهي ۽ چيو موسىٰ اي منهنجي قوم! جيڪڏهن ايمان آندو اٿو الله تي

اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ فَعَلَيْهِ تَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّسْلِمِيْنَ ﴿٨٤﴾

پوءِ ان تي ئي توڪل ڪيو جيڪڏهن آهيو مسلمان.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام جو جادوگرن سان قولي ۽ فعلي مقابلي جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي الله تعالىٰ حق کي ثابت ڪندو آهي ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام تي ايمان آڻڻ وارا ٿورا هئا تڏهن به ڪامياب رهيا فرمان مبارڪ آهي. "وَيُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ" ۽ الله حق کي پنهنجن فرمانن سان ثابت ڪري ڏيکاري ٿو. يعني الله تعالىٰ پنهنجي ڪلمات سان حق کي حق ثابت ڪري ڏيکاريندو آهي- ڪلمات مان مراد ۾ ٽي احتمال آهن. ١- ان مان مراد نبين جا معجزا يا خود انبياءَ عليه السلام آهن. ٢- ان مان مراد تقدير ۾ الله تعالىٰ جو ڪيل فيصلو آهي. ٣- ان مان مراد الله تعالىٰ جي طرفان نبين سان ڪيل وعدا آهن- "وَلَوْكَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ" جيتوڻيڪ مجرم نٿا پسند ڪن- هتي مجرمن مان مراد ڪافر آهن ڇوته ڪافرن کي نبي ۽ ولي، جو شان ۽ اسلام جي عزت نه وڻندي آهي ۽ اهو هر طرح ڪوشش ڪندو آهي ته اسلام دنيا تي نه رهي.

مومن ۽ مسلمان ڪٿي ڪيترو به گنهگار هجي الله تعالى جي نبين، ولين، ۽ اسلام جي عظمت ۽ شان کي پسند ڪندو آهي. "فَمَآ اٰمَنَ لِمُوْسٰٓى اِلَّا ذُرِّيَّةٌ مِّنْ قَوْمِهٖ عَلٰى خَوْفٍ مِّنْ فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهِمْ اَنْ يَّفْتِنَهُمْ وَاِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِي الْاَرْضِ وَاِنَّهٗ لَمِنَ الْمُسْرِفِيْنَ" پوءِ موسىٰ تي ايمان نه آندائون مگر سندس قوم مان ڪجھ اولاد، فرعون ۽ سندس درٻاري ماڻهن جي خوف کان

تہ متان کين مجبور کري ۽ بلاشک فرعون زمين ۾ هنيلو (پاڻ کي متي سمجهندڙ) هو.

حضرت موسىٰ عليه السلام

تي اول نوجوانن ايمان آندو

ياد رکڻ گهرجي تہ فرعون مصر جو چڙواگ بادشاه هو پر ان صرف بادشاهہ سڏائڻ تي اکتفا نہ کئي هئي بلکہ پنهنجي رب اعلىٰ هجڻ جو اعلان کري ڇڏيو هو ۽ مخالفن کي سخت سزائون ڏئي اهڙو ڊيڄاري ڇڏيو هو جو حضرت موسىٰ عليه السلام تي ايمان آڻڻ لاءِ فرعون جي خوف کان کير بہ تيار نہ هو. سندس قوم مان پوڙهن پکن ان حق جي ميدان ۾ لهڻ ۽ متس ايمان آڻڻ کان صفا انکار کري ڇڏيو البتہ بني اسرائيل مان کجهہ نوجوان آيا جن جان جا خطرا قبول کري الله تعالىٰ جي کلمي جي سڏ کي جيءُ چيو ۽ ايمان آندائون. "اِلَّا ذُرِّيَّةٌ مِّنۡ قَوۡمِهٖ" ۾ انهن جو ذکر کيو ويو آهي، "وَقَالَ مُوۡسٰى يٰقَوۡمِ اِنۡ كُنۡتُمۡ اٰمَنۡتُمۡ بِاللّٰهِ فَعَلَيۡهِ تَوَكَّلُوۡۤا اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّسۡلِمِيۡنَ" ۽ موسىٰ عليه السلام فرمايو تہ: اي منهنجي قوم! جيکڏهن الله تي ايمان آندو اٿو تہ ان تي توکل کيو. جيکڏهن مسلمان آهيو- هن فرمان سان حضرت موسىٰ عليه السلام پنهنجن وفادارن ساٿين کي تربيت ڏئي رهيو هو تہ: جيکڏهن اوهان الله تعالىٰ تي ايمان آڻڻ جي دعوىٰ کيو ٿا تہ پوءِ اوهان کي حالات جي سمورين مخالفتن جي باوجود گهبرائڻو نہ پوندو پر هر حال ۾ الله تعالىٰ جي تائيد ۽ مدد تي مکمل ڀرسو کرڻو پوندو حق جي واٽ جي مسافر لا توکل على الله کان بهتر کوبہ واٽ جو ساٿي نہ آهي.

فَقَالُوۡا عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلۡنَا‌ۚ رَبَّنَا لَا تَجۡعَلۡنَا فِتۡنَةً لِّلۡقَوۡمِ

پوءِ چيائون الله تي توکل کئي اسان اي اسان جا پالڻهار! نہ بناءِ اسان کي فتنو ظالم قوم جي لاءِ

الظّٰلِمِيۡنَ ۝۸۵ وَنَجِّنَا بِرَحۡمَتِكَ مِنَ الۡقَوۡمِ الۡكٰفِرِيۡنَ ۝۸۶

۽ ڇڏاءِ اسان کي رحمت پنهنجيءَ سان کافر قوم کان.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ذکر کيل آيتن ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام جي پاک

ارشاد جو ذڪر هو ۽ هتي انهن جي اثر ڪي بيان ڪندي فرمان ٿيو آهي. "فَقَالُوا عَلَى اللَّهِ تَوَكَّلْنَا رَبَّنَا لَاتَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِلْقَوْمِ الظَّالِمِينَ" پوءِ چيائون ته الله تي توڪل ڪئي آهي اسان اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ظالم قوم جي لا فتنو نه بناءِ- هي سيدنا موسىٰ عليه السلام تي ايمان آڻيندڙن نوجوانن جي هڪ دعا آهي- فتنو نه بناءِ- جا ٻه مطلب آهن. ١- انهن کي اسان تي غالب نه بناءِ جو اسان تي ظلم ڪندا رهن ۽ اسان جي برداشت کان ڳالهه چڙهي وڃي. ٢- انهن جي هٿان يا پاڻ وٽان اسان کي اهڙو عذاب نه ڏي جو اهي ڪافر ڏسي چون ته هي مجڻ وارا حق تي هجن ها ته انهن عذابن ۾ نه هجن ها. اسين آزاد آهيون ان جي ڪري اسين حق تي آهيون. (١) "وَنَجِّنَا بِرَحْمَتِكَ مِنَ الْقَوْمِ الْكَافِرِينَ" ۽ پنهنجي رحمت سان اسان کي ڪافر قوم کان ڇڏاءِ- هيءَ انهن نيڪو ڪارن نوجوانن جي ٻي دعا آهي. يعني انهن جي غلاميءَ ۽ محڪوم هجڻ کان نجات ڏئي اسان کي آزاديءَ جي دولت سان مالا مال ڪر.

وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰى وَاَخِيْهِ اَنْ تَبَوَّاٰ لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوْتًا

۽ وحي ڪيوسون موسىٰ ۽ پاءُ ان جي ڏانهن ته مقرر ڪيو واسطي قوم پنهنجي مصر ۾ گهڻا گهر

وَّاجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۗ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٨٧

۽ ڪيو گهرن پنهنجن کي قبلو ۽ قائم ڪيو نماز ۽ خوشخبري ڏي مومنن کي.

تفسير

هن آيت کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ايمان ۽ اسلام جو ذڪر هو ۽ هن ۾ اعمال جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰى وَاَخِيْهِ اَنْ تَبَوَّاٰ لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوْتًا وَّاجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً" ۽ موسىٰ ۽ ان جي ڀاءُ ڏانهن وحي موڪليوسون ته پنهنجي قوم لاءِ مصر ۾ گهر مقرر ڪيو (ٺاهيو) ۽ پنهنجا گهر قبلو بنايو- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته مصر ۾ بني اسرائيلن عبادت ڪرڻ لاءِ عبادت گاهون ٺاهيون هيون

(١) المظهري ص ٥٠ جلد ٥

جن ۾ اهي گڏ ٿي عبادت ڪندا هئا پر حضرت موسىٰ عليه السلام جي آمد کان پوءِ فرعون حڪم ڪري اهي عبادت گاهون ڊهرائي ڇڏيون هيون ۽ بني اسرائيل جي طرفان ٿيندڙن ديني اجتماعن تي بہ پابندي لڳائي ڇڏي هيائون انهن حالتن ۾ جڏهن جو انهن جي عبادت گاهن کي ويران بنايو ويو هو الله تعالىٰ جي طرفان کين حڪم ٿيو هو تہ اوهان پنهنجا گهر ناهي انهن ۾ ئي عبادت ڪيو ۽ "قِبْلَةً" جو مطلب تہ گهرن کي مسجدون بنايو گهرن جا منهن قبلي جي طرف ڪيو ۽ مجاهد جو قول آهي تہ بني اسرائيل اول پنهنجن عبادت گاهن ۾ عبادت ڪندا هئا پوءِ (دشمنن کان بچاءَ لاءِ) کين حڪم ڪيو ويو تہ گهرن ۾ عبادت ڪن ۽ ابراهيم نخعيءَ جو قول آهي تہ ڊپ کان گهرن ۾ عبادت ڪندا هئا. (۱)

"وَاَقِيمُوا الصَّلٰوةَ" ۽ نماز قائم ڪريو. يعني سيئي هڪ قبلي ڏي منهن ڪري نماز پڙهو ڇو تہ هڪ طرف منهن ڪرڻ واري اتحاد سان دلين ۾ بہ اتحاد پيدا ٿيندو آهي. (۲)

"وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ مومنن کي بشارت ڏي- ياد رکڻ گهرجي تہ بگڙيل حالات ۾ قوم جي حوصلن کي بلند رکڻ نهايت ئي ضروري هوندو آهي نہ تہ انهن جي دفاعي قوت ڪم نہ ڪندي آهي، حضرت موسىٰ عليه السلام جي دور ۾ حق ۽ باطل جي هيءَ ڪشمڪش گهٽي ڏکي ۽ صبر آزما ٿي هئي فرعون کي مصري ماڻهو خدا سمجهيو ويٺا هئا (معاذالله) ۽ ظاهر ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام جي ڪاميابيءَ جو ڪو امڪان ئي نظر نٿي آيو جيڪڏهن وڪ وڪ تي انهن مجاهدن جي حوصلہ افزائي نہ ڪئي وڃي ها تہ اهي ڪنهن وقت بہ همت هاري ويهن ها ان جي ڪري خصوصي طور فرمان ٿيو تہ: انهن کي پنهنجي رب ڪريم جي مدد جو يقين ڏياريندا رهو ۽ ٻڌايو تہ يقين سان ڪاميابي اوهان جي قدمن هيٺان آهي ۽ ان وڏي رعب وتاب هوندي بہ فرعون تباهہ ڪيو ويندو- ۽ دنيا ڏٺو تہ ائين ئي ٿيو.

وَقَالَ مُوْسٰى رَبَّنَآ اِنَّكَ آتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَمَلَاَهٗ زِيْنَةً وَّاَمْوَالًا فِي

۽ عرض ڪيو موسىٰ اي اسان جا پالڻهار! بيشڪ تو ڏنو فرعون کي ۽ ان جي (دور جي) سردارن کي سينگار ۽ گهڻا مال

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا رَبَّنَا لِيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِكَ رَبَّنَا اطْمِسْ عَلٰٓى

حياتيءَ دنيا جي ۾ اي اسان جا پالڻهار! ان تہ گمراهہ ڪن واٽ تنهنجي کان اي اسان جا پالڻهار! برباد ڪر

(۱) بحرالعلوم ص۱۰۸ جلد ۲- (۲) المراغي ص۱۴۶ جزء ۱۱ جلد ۴-

اَمْوَالِهِمْ وَاشْدُدْ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَايُؤْمِنُوْا حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ

مالن انهن جي تي ۽ سختي کر دلين انهن جي تي پوءِ نہ ايمان آڻين تانجو ڏسن عذاب

الْاَلِيْمَ ﴿۸۸﴾ قَالَ قَدْ اُجِيْبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا

دردناڪ فرمايو (الله) تحقيق قبول ڪئي وئي دعا اوهان جي پوءِ ثابت قدم رهو ۽ هٿي

وَلَاتَتَّبِعٰنِّ سَبِيْلَ الَّذِيْنَ لَايَعْلَمُوْنَ ﴿۸۹﴾

۽ نہ تابعداري ڪيو انهن جي واٽ جي جيڪي نٿا ڄاڻن.

تفسير

مذڪوره آيت ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام ڪي الاهي حڪم ٿيو هو تہ اوهان مومنن ڪي اتحاد ۽ حڪمراني جا آداب سيکاري مضبوط ڪيو تانت مسلمانن جي حڪومت قائم ٿئي ۽ باطل ڪمزور ۽ مغلوب بڻجي ۽ هنن آيتن ۾ فرعون جي غربت ۽ ڪمزور ٿيڻ لاءِ دعا جو ذڪر ڪيو ويو آهي ڇوتہ فرعوني حڪومت جي خاتمه کان سواءِ مسلمانن جي حڪومت جو قيام ائين ناممڪن هو جيئن انڌيري جي خاتمي کانسواءِ روشنيءَ جو وجود ناممڪن هوندو آهي- فرمان اقدس آهي. "وَقَالَ مُوْسٰى رَبَّنَآ اِنَّكَ آتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَمَلَاَهٗ زِيْنَةً وَّاَمْوَالًا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" ۽ موسىٰ (عليه السلام) چيو تہ: اي اسان جا پالڻهار! تو فرعون ۽ ان جي (درباري) سردارن کي دنياوي حياتيءَ ۾ سينگار ۽ گهڻا مال ڏنا آهن- سينگار ۽ گهڻن مالن مان مراد هر قسم جي رونق ۽ آسائش جو سامان آهي. مثلاً سهڻي صورت، سرداري، پلو لباس، گهر جو سامان، مال دولت جا خزانا، سون ۽ چانديءَ جون کاڻيون وغيره آهن. (۱) "رَبَّنَا لِيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِكَ" اي اسان جا پالڻهار! تانتہ تنهنجي واٽ کان گمراهہ ڪن. مفسر قرطبيءَ لکيو آهي تہ اصح قول اهو آهي تہ "لِيُضِلُّوْا" ۾ لام عاقبت بيان ڪرڻ جي لاءِ آهي. (۲) مطلب تہ: اهو مال ۽ سامان انهن کي مليو ان لاءِ هو تہ ان کي خير جي

(۱) حاشيہ عثمانيہ ص۲۸۸ حاشيہ ۱۱ (۲) القرطبي ص۳۷۴ جلد ۸

ڪمن ۾ خرچ ڪن ۽ نعمتن جي ذريعي حقيقي مالڪ کي سڃاڻن، ان جا شڪر گذار ٻانها ٻڻجن پر ان جي برخلاف انهن پنهنجي بدبختيءَ جي ڪري الله تعاليٰ جي طرفان عطا ڪيل نعمت کي ماڻهن جي گمراهه ڪرڻ ۾ استعمال ڪيو ۽ ائين ڪيايو گويا اهي مال ۽ سامان کين ملڻائي گمراهه ڪرڻ لاءِ هئا.

"رَبَّنَا اطْمِسْ عَلَىٰٓ اَمْوَالِهِمْ وَاشْدُدْ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْا حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ" اي اسان جا پالڻهار! انهن جي مالن کي برباد ڪر ۽ انهن جي دلين تي سختي ڪر پوءِ جيستائين دردناڪ عذاب نه ڏسن ته تيستائين ايمان نه آڻين- يعني جنهن مال ۽ دولت جي نشي ۾ تنهنجو شڪر ادا نٿا ڪن ته انهن کي ختم ڪري ڇڏ نه هوندا ۽ نه مغرور ٿيندا- ۽ انهن جي دلين ۾ نرميءَ جي بجاءِ اهڙي سختي پيدا ڪر جو تڪبر ۽ غرور ۾ ٻڏل رهن ۽ جيستائين دردناڪ عذاب نه ڏسن تيستائين ايمان ئي نصيب نه ٿين. ۽ عذاب ڏسڻ کان پوءِ جيڪڏهن ايمان آڻيندا ته اهو فائدو نه ڏيندن- حضرت موسيٰ عليه السلام انهن جي ايمان آڻڻ کان مايوس ٿي پوءِ اها دعا گهري هئي. (١)

"قَالَ قَدْ اُجِيْبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا وَلَا تَتَّبِعَآنِّ سَبِيْلَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ" (الله تعاليٰ) فرمايو ته اوهان ٻنهي جيَ دعا يقينًا قبول ڪئي وئي آهي پوءِ ثابت قدم رهو ۽ انهن جي رستي جي تابعدار نه ڪيو جيڪي ڄاڻن ئي نٿا. مطلب ته اوهان جي دعا مقبول آهي انهن کي اوهان جي دعا ۾ ذڪر ڪيل سڀ سزائون ملنديون پر ان لاءِ وقت مقرر ڪيل آهي اوهان اڻ ڄاڻن وارن وانگر جلد بازي نه ڪجو.

وَجَاوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ وَجُنُوْدُهٗ

۽ لنگهايوسون بني اسرائيل کي سمنڊ کان پوءِ پويان پيو انهن جي فرعون ۽ لشڪر ان جو نه

بَغْيًا وَّعَدْوًا ۭ حَتّٰٓى اِذَآ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ

سرڪشيءَ ۽ دشمنيءَ جي ڪري تانجو جڏهن پهتو ان کي غرق ٿيڻ ته (مايوس ٿي)

قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَآئِيْلَ

چيائين ايمان آندو مون تحقيق شان هي آهي ته ناهي ڪو معبود بالحق پر اهو جو ايمان آندو ان تي بني اسرائيل

(١) المراغي ص١۴٨ جزء ١١ جلد ۴-

وَأَنَا مِنَ الْمُسْلِمِينَ ۝٩٠ آٰلْئٰنَ وَقَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَكُنْتَ

۽ مان مسلمانن مان آهيان ڇا هاڻي؟ ۽ تحقيق بي فرماني ڪئي تو اڳ ۽ هئين تون

مِنَ الْمُفْسِدِينَ ۝٩١ فَالْيَوْمَ نُنَجِّيكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُونَ لِمَنْ خَلْفَكَ

فساد ڪندڙن مان پوءِ اڄ بچائيندا سون توکي لاش تنهنجي سان گڏ تانته هجين انهن لاءِ جو پويان تنهنجي

آيَةً ۚ وَإِنَّ كَثِيرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ آيَاتِنَا لَغَافِلُونَ ۝٩٢ ع

آهن نشاني (عبرت پرائڻ لاءِ) ۽ بيشڪ گهڻا ماڻهن مان نشانين اسان جن کان البته غافل آهن.

٩ع ١۴

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ فرعونين جي هلاڪت لاءِ حضرت موسىٰ عليه السلام جي دعا جو ابتدائي ذڪر هو ۽ هنن ۾ ان جي انتها جو ذڪر ڪندي بيان ٿي رهيو آهي. "وَجَاوَزْنَا بِبَنِيٓ إِسْرَآئِيلَ الْبَحْرَ فَأَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ وَجُنُودُهُ بَغْيًا وَعَدْوًا" ۽ بني اسرائيل کي سمنڊ (درياءَ) کان پار لنگهايوسون پوءِ فرعون ۽ سندس لشڪر سرڪشيءَ ۽ دشمنيءَ جي ڪري انهن جي پويان پيا. يعني بني اسرائيل درياءَ مان لنگهڻ لاءِ پاڻ تيار نه هئا اسان انهن کي ان مان لنگهائي پار پهچايو هو- بني اسرائيل مان مراد حضرت موسىٰ عليه السلام جي قوم مان مڃڻ وارا مومن آهن ۽ انهن ۾ اهي ٿورڙا قبطي (فرعون جي قبيلي وارا) به داخل آهن جن ايمان آندو هو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته عربي اصطلاح ۾ بحر سمنڊ کي به چئبو آهي ته وڏي درياءَ کي به چئبو آهي ۽ هاڻي ته ننڍي درياءَ کي به بحر سڏيو ويندو آهي ۽ هتي بحر مان مراد قلزم درياءُ آهي جيڪو گهڻو اونهو هو. (١) مفسرن سڀني لکيو آهي ته مصر مان حضرت موسىٰ عليه السلام سان گڏ نڪرڻ وارا بني اسرائيل ڇهه لک (٦٠٠٠٠٠) ته وڏا جنگ ڪرڻ جهڙا هئا. ٻار ۽ عورتون انهن کان سواءِ هيا ۽ قبطين (فرعون جي قبيلي وارن) جا زيور به بني اسرائيل وٽ پيا هئا جيڪي گڏ کڻي هليا هئا اها خبر جڏهن

(١) نعيمي صـ۴٨٨ جلد ١١-

فرعون ٻڌي تہ سخت ڪاوڙيو ۽ شهرن ۾ ماڻهو پڄايائين تہ اچو تہ گڏجي بني اسرائيل کي پهچون. اعلان ٻڌڻ شرط فرعون جا سائي ۽ ڪيس خدا مڃڻ وارا اچي گڏ ٿيا ۽ ملي ڪري بني اسرائيل جي پويان پيا جڏهن ويجها ٿيا ۽ هڪ ٻئي کي ڏٺائون تہ بني اسرائيل حضرت موسىٰ عليه السلام کي چوڻ لڳا تہ دشمن اسان کي اچي پهتا آهن حضرت موسىٰ عليه السلام فرماين. تہ مون سان گڏ منهنجو رب آهي اهو مون کي جلد رستو ڏيکاريندو- پوءِ الله تعالىٰ فرمايس تہ: پنهنجي لٺ درياءَ ۾ هڻ. جيئن جو حضرت موسىٰ عليه السلام لٺ پاڻيءَ ۾ هنئي تہ درياءَ چيرجي پيو ۽ ان ۾ ٻارنهن رستا ٺهي پيا ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام سان بہ ٻارهن قبيلا گڏ هئا هر هڪ قبيلي لاءِ جدا جدا رستا مقرر ڪيا ويا ۽ وچ وارو پاڻي اهڙو صاف هو جو هر هڪ قبيلي هڪ ٻئي کي ڏٺو ٿي. ۽ ڪنهن کي بہ اهو فڪر لاحق نہ هو تہ فلاڻا الائي ڪهڙي حال ۾ آهن، هيڏانهن بني اسرائيل نڪري پار ٿيا هوڏانهن فرعون پنهنجن سائين سميت ٻئي پاسي پهتو. درياءَ ۾ رستا ٺهيل ڏسي دپ ٿيس ۽ موٽڻ جي ڪيائين پر جبرئيل سڳوري هڪ پلي گهوڙي تي چڙهي فرعون جي گهوڙن جي اڳيان اچي درياءَ ۾ گهوڙو لاتو فرعونين جا گهوڙا ان کي ڏسي زوريءَ درياءَ ۾ لهي پيا- اڳيان جبرئيل هو تہ پويان ميڪائيل عليه السلام سيني کي هڪليندو ڪاهيندو آيو جڏهن سمورا گهوڙا اندر اچي ويا تہ الله تعالىٰ درياءَ جي ڇولين کي امر ڪيو جن اچي وراين ۽ ڪوبہ ٻڌڻ ڪان نہ بچي سگهيو. ڇولين مٿي ڪٽي وري هيٺ ٿي هنين. فرعون جڏهن اها حالت ڏٺي تہ تڏهن ايمان آڻڻ جو اعلان ڪيائين جيڪو قبول نہ ٿيو. (١) ان حقيقت کي هن آيت ۾ بيان ڪري ارشاد ٿيو آهي. "حَتّٰىٓ اِذَآ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَاۗءِيْلَ وَاَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ" تانجو جڏهن ان کي ٻڏڻ جي حالت پهتي (ٻڏڻ لڳو) تہ چيائين مون ايمان آندو آهي تہ بلاشڪ ڪوبہ معبود بالحق ناهي پر اهو معبود بالحق آهي جنهن تي بني اسرائيل ايمان آندو آهي ۽ مان مسلمانن مان آهيان- مطلب تہ درياءَ جي تيز ڇولين جي وڪڙ ۾ اچڻ کان پوءِ خدا سڏائڻ وارو نشو لهي ويس ۽ ايمان آڻي مسلمان ٿيڻ جو اعلان ڪرڻ لڳو. "آٰلْئٰنَ وَقَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَكُنْتَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ" چا هاڻي؟ ۽ اڳ ۾ تو بي فرماني ڪئي ۽ فساد ڪندڙن مان هئين. يعني الله تعالىٰ جي طرفان فرعون کي (ملائڪ سڳوري) سڏ ڪري چيو تہ: ڇا تون هاڻي عذاب ٿيڻ ۽ مرڻ جي وقت ايمان ٿو آڻين؟ حينئر تہ

تفسير ابن ڪثير صہ ۴۳٠ جلد ٢-

تنهنجي بدن ۾ مرڻ جو وقت آهي هينئر تنهنجو ايمان قبول نه آهي. (۱) "فَالْيَوْمَ نُنَجِّيْكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ اٰيَةً" پوءِ اڄ توکي تنهنجي (روح کان سواءِ) بدن سان گڏ بچائيندا سون تانته تون تنهنجن پوين جي لاءِ نشاني هجين.

درياءَ جي ڇولين فرعون جي لاش کي ٻاهر ڪڍي اڇلايو.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ممڪن هو جو درياءَ جون بي رحم ڇوليون فرعون جي لاش کي ڪٿي پري کڻي وڃن ها ۽ درياءَ جو پاڻي ان جي گوشت ۽ کل کي ڳاري ڇڏي ها يا درياءَ ۾ رهندڙ جانور ۽ جيت ان کي کائي ڇڏين ها ۽ سندن ڪو نشان ئي سلامت نه رهي ها پر قدرت کي اهو منظور نه هو ته دنيا وارا خدا هجڻ جي ڪوڙي دعويٰ ڪندڙ جي خطرناڪ انجام کي وساري ويهن- الله تعاليٰ جي طرفان درياءَ جي ڇولين کي حڪم مليو ته فرعون جي بي روح جسم کي ڪٿي هڪ دڙي تي اڇلائي ڇڏيو.
اها جاءِ اڄان تائين جبل فرعون جي نالي سان مشهور آهي ۽ اتان جا ماڻهو ٻڌائن ٿا ته اهائي جاءِ آهي جتي درياءَ فرعون جي لاش کي اڇلايو هو ۽ سندس لاش کي ڏسي ۽ سڃاڻي بني اسرائيل کي فرعون جي ٻڏڻ جو يقين ٿيو هو ۽ ٻين ماڻهن لاءِ به ان ۾ عبرت پرائڻ جو درس هو- ڪافي پراڻي دورکان مصر ۾ اهڙا مصالحه ايجاد ٿي چڪا هئا جن جي استعمال سان لاشن کي ڳرڻ ۽ سڙڻ کان بچايو ويو ٿي ۽ ان وقت جي بادشاهن ۽ اميرن جا لاش ممي بنائي رکيا ويا ٿي. جيئن ته آثار قديمه جي ماهرن مصر جي شاهي قبرستان مان ممي ٿيل لاش ڪڍيا آهن جيڪي محفوظ آهن اڄان تائين مصر جي دارالآثار (عجائب گهر) ۾ هڪ لاش موجود آهي جنهن جي متعلق اثريات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته هي حضرت موسيٰ عليه السلام جي دور واري فرعون جو لاش آهي سنه ۱۹۰۷ ۾ سراگرافٽ اليٽ سمٿ ان جي ممي ءَ تان جڏهن پٽيون کوليون هيون ته ان جي لاش تي ٻڏڻ جا آثار نمايان هئا. (۲) ۽ اڄ تائين اهو مقام جزيره نما سيناءَ جي اولهه واري ڪناري تي موجود آهي ان جي قريب گرم پاڻيءَ جو هڪ چشمو به آهي جنهن کي اتي جا رهاڪو حمام فرعون جي نالي سان سڏيندا آهن اهو ابو زنيمة شهر کان ٻٽي ميل متي ڏکڻ طرف آهي جتي ان علائقي جا ماڻهو اها جاءِ ٻڌائيندا آهن (۳) "وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ اٰيٰتِنَا لَغٰفِلُوْنَ" ۽ ماڻهن مان گهڻا اسان جي نشانين کان البته غافل آهن- يعني اسين ته سبق سيکاريندڙ ۽

(۱) تنوير الايمان صه ٦٥ پ۱۱- (۲) ضياء القرآن صه ۳۲۸ جلد ۲- (۳) تفهيم القرآن صه ۳۱۰ جلد ۲-

عبرت ڏياريندڙ نشانيون ڏيکاريون ٿا پر گهڻا ماڻهو انهن کان غافل آهن نه انهن
ڏانهن دلين کي متوجه ٿا ڪن ۽ نه آفاقي ۽ انفسي نشانين تي غور ٿا ڪن. (١) ۽
هن حصي کي "ان" تحقيق ۽ لام تاڪيد واري سان ان جي ڪري آندو ويو آهي جو
جيتري قدر اهي نشانيون گهڻيون ظاهر آهن اوتري قدر ماڻهو تمام گهڻا غافل آهن. (٢)

فائدا- هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ١- "نُنَجِّيْكَ بِبَدَنِكَ" ۾
"كَ" خطاب جي ضمير کان پوءِ "بِبَدَنِكَ" کي آڻڻ سان واضح ۽ ثابت ڪيو ويو ته
فرعون جو ساهه ڪڍي صرف سندس جسم بچائي ٻاهر اڇلايو ويو هو. جيڪڏهن
صرف "نُنَجِّيْكَ" هجي ها ته پوءِ روح جسم ٻئي مراد هجن ها ڇوته "كَ" خطاب جو
ضمير روح ۽ جسم ٻنهي لاءِ ايندو آهي. سيدنا عيسىٰ عليه السلام جي لاءِ ارشاد
ٿيو. "وَرَافِعُكَ اِلَيَّ" ۽ توکي پاڻ ڏانهن کڻندڙ آهيان هتي "كَ" خطاب جو ضمير آهي
ان مان مراد روح ۽ جسم ٻنهي سان کڻڻ مراد آهي ۽ عيسائين ۽ سندن اولاد
قاديانين ٻنهي جي عقيدي کي واضح طور رد ڪيو ويو آهي جيڪي چوندا آهن ته
حضرت عيسىٰ عليه السلام جو صرف جسم وفات کان پوءِ کنيو ويو (معاذالله ثم
معاذالله) انهن ٻنهي گمراهن ٽولن جي اها ڳالهه قطعًا غلط آهي. ٢- ان واقعي بيان
ڪرڻ سان قرآن ڪريم جي سچائي ۽ حقانيت عقلاً، نقلاً تجربي، تاريخ ۽ هر لحاظ
کان ثابت آهي ۽ اها ڳالهه موجوده دور جي تجربي سان به ثابت ٿي رهي آهي-
هلندڙ دور ۾ شايع ٿيندڙ بائيبل جي ڪتاب خروج ۾ مصر جي فرعون جو سچو واقعو
داخل ڪيل آهي پر ان ۾ نه فرعون جي ٻڏڻ وقت توبه ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ نه ان جي
لاش کي بچائڻ جو بيان آهي- ڪنهن به اسرائيلي ڪتاب ۾ اهو ناهي پر نبي
ڪريم رءوف، رحيم، عربي، امي، عليه افضل الصلوات واڪمل التحيات جن
ڪنهن انسان وٽ نه پڙهڻ ۽ نه لکڻ جي باوجود خدا وندي وحي جي ذريعي فرعون
جي لاش بچائڻ ۽ اڇلائڻ جو ذڪر فرمايو، حالانڪه پاڻ ڪڏهن مصر جو سفر به نه
ڪيو هيائون ۽ ان واقعي بيان ڪرڻ سان جنهن جو توراة، انجيل ۾ بيان ناهي
يهودين جي ان بهتان جو به واضح رد ٿي ويو ته مسلمانن جي نبي عليه الصلواة
والسلام انجيل ۽ زبور مان ڳالهيون هٿ ڪري قرآن پاڪ ناهيو آهي. (٣)

(١) في ظلال القرآن ص١٨١٨ جلد ٣-(٢) المنار ص۴٧٧ جلد ١١-
(٣) نعيمي ص۴٩٣ جلد ١١-

وَلَقَدْ بَوَّأْنَا بَنِيٓ إِسْرَآئِيلَ مُبَوَّأَ صِدْقٍ وَّرَزَقْنَاهُمْ مِّنَ

۽ البته تحقيق رهايوسون بني اسرائيل کي ڀلي جاءِ ۾ ۽ روزي ڏني سون انهن کي

الطَّيِّبَاتِ فَمَا اخْتَلَفُوْا حَتّٰى جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۗ إِنَّ رَبَّكَ يَقْضِي

پاک صاف شين مان پوءِ نه اختلاف ڪيائون تانجو آيو انهن وٽ (حقيقت جو) علم بيشڪ رب تنهنجو فيصلو ڪندو

بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيمَا كَانُوْا فِيهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٣﴾

انهن ۾ قيامت جي ڏينهن ان ڳالهه جو جنهن ۾ اختلاف ڪيائون ٿي.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته بني اسرائيلن اسان جي حڪمن کي ڇڏي دنيا دارن فرعونين جو سهارو ورتو هو ته انهن جي هٿان ذليل ۽ خوار ٿيا هئا ۽ هتي بيان ڪيو ويو آهي ته انهن ساڳين بني اسرائيلن جڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام جي صحبت ڪري اسان سان تعلق مضبوط ڪيو ته اسان انهن کي دنيا ۾ ئي عزت ۽ سڪون واري زندگي نصيب ڪئي- فرمان عالي شان آهي. "وَلَقَدْ بَوَّأْنَا بَنِيٓ إِسْرَآئِيلَ مُبَوَّأَ صِدْقٍ وَّرَزَقْنَاهُمْ مِّنَ الطَّيِّبَاتِ" ۽ البته تحقيق اسان بني اسرائيل کي ڀلي جاءِ ۾ رهايو ۽ انهن کي پاک صاف رزق ڏنو- هن آيت ۾ آيل لفظ "مُبَوَّأَ" جي معنىٰ رهڻ جي جاءِ "صِدْقٍ" جي معنىٰ عمده ۽ پسند ڪيل يعني سٺي پسند ڪيل جاءِ. (١) مبوا جي صدق ڏي نسبت ان جي ڪري ڪئي وئي آهي جو عربن جي عادت آهي ته جڏهن ڪنهن به شيءِ جي تعريف ڪندا آهن ته ان جي صدق ڏي نسبت ڪندا آهن- ۽ هتي "مُبَوَّأَ صِدْقٍ" مان مراد ڇا آهي؟ هڪ قول مطابق مصر ٻئي قول مطابق شام، قدس ۽ اردن مراد آهن جيڪي سرسبز ۽ شاداب علائقا آهن (٢) "فَمَا اخْتَلَفُوْا حَتّٰى جَآءَهُمُ الْعِلْمُ" پوءِ (ايستائين) اختلاف نه ڪيائون جيستائين انهن وٽ (حقيقت جو) علم نه آيو هو- مطلب ته بعد ۾ انهن پنهنجي دين ۾ جيڪو تفرقو پيدا

(١) البحر المحيط ص-١٩٠ جلد ۵ ، (٢) ڪمالين ص-٨۴ جلد ٣-

ڪري نوان، نوان مذهب ڪڍيا ان جو وجھ اهو نہ هو تہ ڪين حقيقت جي خبر نہ هئي ۽
ناواقفيت جي بناتي مجبورًا ائين ڪيو هيائون پر حقيقت ۾ اهو سڀ ڪجھ سندن
نفس جي شرارتن جو نتيجو هو الله تعالىٰ جي طرفان تہ انهن کي واضح طور ٻڌايو ويو
هو تہ سچو دين هي آهي ۽ هي ان جا اصول آهن. هي ان جون تقاضائون ۽ مطالبا آهن،
هي ڪفر ۽ اسلام جون امتيازي حدون آهن اطاعت هن کي چئبو آهي ۽ معصيت هن جو
نالو آهي الله تعالىٰ وٽ هنن ڳالهين جي پڇا ڪئي ويندي ۽ هي اهي قائدا آهن جن تي
دنيا ۾ اوهان جي زندگي قائم هجڻ گهرجي پر انهن صاف صاف هدايتن جي باوجود
انهن هڪ دين کي ڪيترن ئي دينن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ الله تعالىٰ جي طرفان ڏنل
بنيادن کي ڇڏي ڪجھ ٻين بنيادن تي پنهنجي مذهبي فرقن جون عمارتون
بيهاريائون. "اِنَّ رَبَّکَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ" بيشڪ
تنهنجو رب قيامت جي ڏينهن انهن جي ڳالھ جو فيصلو ڪندو جنهن ۾ اختلاف
ڪيائون ٿي. پوءِ حق وارن کي ثواب ڏيندو ۽ ناحق وارن تي عذاب نازل ڪندو. (١)

فَاِنْ كُنْتَ فِيْ شَكٍّ مِّمَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ فَاسْئَلِ الَّذِيْنَ

پوءِ جيڪڏهن آهين تون شڪ ۾ ان (جي باري) ۾ جو نازل ڪيو سون توڏانهن پوءِ پڇ انهن کان جو

يَقْرَءُوْنَ الْكِتَابَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَقَدْ جَآءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ

پڙهن ٿا ڪتاب اڳي توکان البتہ تحقيق آيو تو وٽ حق رب تنهنجي وٽان پوءِ

فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٩٤﴾ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

هرگز نہ هج شڪ ڪندڙن مان ۽ هرگز نہ هج انهن مان جو ڪوڙو ڪيائون

بِاٰيَاتِ اللّٰهِ فَتَكُوْنَ مِنَ الْخَاسِرِيْنَ ﴿٩٥﴾

آيتن الله جي کي پوءِ ٿي پوين نقصان وارن مان.

(٢) روح البيان صہ٧٩ جلد ۴۔

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ اهل ڪتاب اسان جي نعمتن جي باوجود اسان جي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جا منڪر ٿي بيٺا دنيا ۽ آخرت جي عذاب جا مستحق بڻيا ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ: اي مسلمانو! اوهان عبرت حاصل ڪيو اوهان اهڙي شڪ ۾ نہ رهجو تہ اوهان بہ نقصان ۾ نہ پئجي وڃو. فرمان مبارڪ آهي. "فَإِنْ كُنْتَ فِي شَكٍّ مِمَّا أَنْزَلْنَا إِلَيْكَ فَاسْأَلِ الَّذِينَ يَقْرَءُونَ الْكِتَابَ مِنْ قَبْلِكَ" پوءِ جيڪڏهن تون ان جي باري ۾ شڪ ۾ آهين جيڪو توڏانهن نازل ڪيو ويو آهي تہ پوءِ انهن کان پڇ جيڪي توکان اڳي ڪتاب پڙهن ٿا- هتي "كُنْتَ" "إِلَيْكَ ۽ "فَاسْئَلْ" ۾ ڪنهن سان خطاب آهي. ان ۾ اختلاف آهي ڪي مفسر لکن ٿا تہ ان ۾ خطاب عام مسلمانن سان آهي. (١) ۽ ڪي لکن ٿا تہ ان ۾ بظاهر خطاب نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن سان آهي، (پر پاڻ جڏهن تہ هر قسم جي شڪ ۽ شبهي کان پاڪ آهن ان جي ڪري) ان مان مراد انهن کي سمجهائڻ آهي جيڪي سندن معاملي ۽ قرآن پاڪ جي الله وٽان نازل هجڻ ۾ ٿورو گهڻو شڪ ڪندا هئا ۽ انهن مان جيڪي اڳ ۾ ڪتاب پڙهندا هئا مراد اهل ڪتاب آهن- انهن کان پڇڻ لاءِ ان جي ڪري حڪم ڪيو ويو جو عرب عوام تہ آسماني ڪتابن جي علم کان بي بهره هئا انهن لاءِ هي آواز هڪ نئون آواز هو- اهل ڪتاب مان جيڪي شخص متدين ۽ منصف مزاج هئا اهي ان امر جي تصديق ڪري سگهيا. ٿي تہ جنهن دين جي دعوت قرآن پاڪ ڏي ٿو اهو اهوئي سچو دين آهي جنهن جي دعوت اڳيان انبياءَ عليهم السلام ڏيندا رهيا. (٢) "لَقَدْ جَاءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَبِّكَ فَلَا تَكُونَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِينَ وَلَا تَكُونَنَّ مِنَ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِ اللَّهِ فَتَكُونَ مِنَ الْخَاسِرِينَ" البتہ تحقيق تو وٽ تنهنجي رب جي طرفان حق آيو آهي پوءِ شڪ ڪندڙن مان ڪڏهن بہ نہ ٿجانءِ ۽ نہ ڪڏهن انهن مان ٿجانءِ جن الله تعالىٰ جي آيتن کي ڪوڙو چيو پوءِ نقصان وارن مان ٿي پوين.

هنن ٻن آيتن ۾ بہ هڪ قول مطابق ظاهري خطاب حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم سان آهي پر مراد ساڻن خطاب ڪرڻ جي ذريعي ٻين کي ٻڌائڻ آهي جيڪي هڪ اهڙيءَ شخصيت کان ايڏا عظيم الشان حقائق ۽ واقعات ٻڌي حيران ٿي ويندا هئا جيڪو نہ

(١) نعيمي صہ٥٠٣ جلد ١١- (٢) تفهيم القرآن صہ٣١١ جلد ٢-

ڪنهن وٽ پڙهيو آهي نہ ڪنهن وٽ سکيو آهي- باقي حضور صلی الله عليه وسلم جي
متان نازل ڪيل ڪتاب ۾ شڪ ڪن يا ان ڪي ڪوڙو چون تہ اهو قطعًا ناممڪن ۽
محال آهي- جيئن ڪجهہ آيتن کان پوءِ فرمان مبارڪ آيل آهي. "قُلْ يٰاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ
كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ" فرماءِ تہ: اي انسانو! جيڪڏهن اوهان کي منهنجي دين ۾
شڪ آهي. هن فرمان مبارڪ صاف صاف ٻڌايو تہ شڪ ڪرڻ وارا ٻيا هئا- حضور
ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هر قسم جي شڪ ۽ شبهي کان پاڪ آهن. (١)

اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ عَلَيْهِمْ كَلِمَةُ رَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝ وَلَوْ جَآءَتْهُمْ

بيشڪ اهي ماڻهو جو ثابت ٿيو انهن تي فرمان رب تنهنجي جو نہ ايمان آڻيندا، جيتوڻيڪ اچي

كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ۝

انهن وٽ هر نشاني تانجو ڏسن عذاب دردناڪ.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ انهن ماڻهن جو ذڪر هو جيڪي شيطاني وسوسن جي ڪري
شڪوڪ ۽ شبهات ۾ هيا پر انهن جو هدايت جي رستي ڏانهن موٽڻ ممڪن هو ۽ هتي
هنن آيتن ۾ انهن ماڻهن جو بيان ڪيو ٿو وڃي جن جو هدايت ڏانهن اچڻ ممڪن ئي
ناهي فرمان ايزدي آهي. "اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ عَلَيْهِمْ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ" بيشڪ اهي
ٻانها جن تي تنهنجي رب جو فرمان ثابت ٿي چڪو آهي ايمان نہ آڻيندا هي آيت
ڪريمہ انتهائي عبرت ناڪ آهي- الله تعالىٰ کان پناهہ گهرجي تہ محفوظ رکي. هن ۾ انهن ڪافرن
جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جو ڪفر تي رهڻ ۽ ڪفر تي مرڻ مقدر ٿي چڪو آهي مقصد تہ
ضد هٺ ڌرمي غرور، تڪبر، الله تعالىٰ جي پيارن نبين سڳورن سان حسد، بغض، ۽ بزرگان دين جي
گستاخين جي ڪري اهي ايزدي بارگاهہ جا مردود ٿي ويا ۽ انهن جو خاتمو ڪفر تي
ٿيڻ تقديري فيصلو ٿي چڪو آهي نہ ايمان نصيب ٿيندن ۽ نہ سڌي واٽ وٺي
سگهندا. "وَلَوْ جَآءَتْهُمْ كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ" جيتوڻيڪ انهن وٽ هر نشاني

(١) حاشيہ عثماني صہ ٢٩٠ حاشيہ ١ مطبوعہ سعودي عربيہ-

اچي تانجو دردناڪ عذاب ڏسن- يعني قرآن،حديث،معجزات ۽ ڪرامات جون هزارين نشانيون ڏسن پر جيستائين دردناڪ عذاب نہ ڏسندا تيستائين نہ مڃيندا- دردناڪ عذاب مان مراد موت وارو عذاب آهي (١) مطلب تہ جيئن فرعون پاڻ کي ٻڏندو ڏسي ايمان آندو پر ان ايمان ڪيس نفعو نہ ڏنو تيئن هي بہ موت جي حالت ڏسي ايمان آڻيندا پر اهو نفعو نہ ڏيندن. (٢)

فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ اٰمَنَتْ فَنَفَعَهَآ اِيْمَانُهَآ اِلَّا قَوْمَ

پوءِ ڇو نہ ڪو ڳوٺ جو ايمان آڻي ها پوءِ نفعو ڏي ها ان کي ايمان ان جو پر قوم

يُوْنُسَ لَمَّآ اٰمَنُوْا كَشَفْنَا عَنْهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ

يونس جي جڏهن ايمان آندائون تہ پري ڪيوسون انهن کان عذاب خواريءَ جو حياتيءَ

الدُّنْيَا وَمَتَّعْنَاهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٩٨﴾ وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ

دنيا جي ۾ ۽ نفعو ڏنوسون انهن کي مقرر وقت تائين ۽ جيڪڏهن گهري ها رب تنهنجو تہ البت ايمان آڻين ها

مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا ۭ اَفَاَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى

اهي جو زمين ۾ آهن سڀ ئي پوري جا پورا ڇا پوءِ مجبور ڪندين تون ماڻهن کي تانجو

يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تُؤْمِنَ

ٿين مومن ۽ نٿو ھجي ڪنهن نفس جي لاءِ تہ ايمان آڻي

اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَيَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٠﴾

مگر الله جي اذن سان ۽ وجهي ٿو (ڪفر جي) پليدي انهن تي جو نٿا عقل رکن.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ موت وارو دردناڪ عذاب ڏسي ايمان آڻڻ معتبر ناهي ۽

(١) نعيمي صـ٥٠٨ جلد ١١- (٢) ايسرالتفاسير صـ٣٠٨ جلد ٢-

هنن آيتن ۾ ان ڳالهہ جو تجرباتي ثبوت ڏيندي ارشاد ٿيو آهي تہ واقعتًا ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي جو آخري وقت عذاب ڏسي ڪنهن جو ايمان آڻڻ قبول ٿيو هجي. ايزدي فرمان آهي. "فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ آمَنَتْ فَنَفَعَهَا إِيمَانُهَا إِلَّا قَوْمَ يُونُسَ لَمَّا آمَنُوا كَشَفْنَا عَنْهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَمَتَّعْنَاهُمْ إِلَىٰ حِينٍ" پوءِ هيئن ڇونہ هو جو ڪو ڳوٺ ايمان آڻي پوءِ ان کي ايمان آڻڻ نفعو ڏي يونسؑ جي قوم کان سواءِ- انهن جڏهن ايمان آندو تہ اسان انهن کان دنيا جي حياتيءَ ۾ ٿي خواريءَ وارو عذاب پري ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي مقرر وقت تائين نفعو ڏنو سين. يعني جيترا بہ ڳوٺ انبياءَ عليهم السلام کي نہ مڃڻ، ڪوڙي چوڻ ۽ ٻين شرارتن جي ڪري عذاب جي لائق بڻيا انهن مان ڪنهن کي بہ اهڙي طرح ايمان آڻڻ جو موقعو نہ مليو جو ڪين الاهي عذاب کان نجات ڏياري. صرف حضرت يونس عليه السلام جي قوم جو مثال ملي ٿو جيڪي عذاب ڏسي بہ ايمان آڻي اچڻ واري عذاب کان بچي ويا عذاب سندن مٿان لهرون ڏئي رهيو هو پر ايمان آڻڻ جي ڪري الله تعالىٰ ڪين بچايو.

حضرت يونس عليه السلام جو واقعو.

قرآن پاڪ جي مفسرن سڀورن لکيو آهي تہ حضرت عيسىٰ عليه السلام کان اٺ سوَ (۸۰۰) سال اڳ عراق ملڪ ۾ سيريا نالي هڪ قوم آباد هئي ان وقت بادشاهي بہ انهن جي هئي ۽ ان بادشاهيءَ جو مرڪزي مقام تقريبًا ۵۰ ميل مربع نينوىٰ نالي هڪ شهر هو. جيڪو دجله دريا جي ڪناري تي موصل شهر کي ويجهو هو اها قوم نهايت ظالم ۽ بت پرست هئي حضرت يونس عليه السلام جي والد جو نالو متي هو- علامہ صاوي سورة الصافات ۾ آيت مبارڪہ "وَإِنَّ يُونُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِينَ" جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ حضرت يونس عليه السلام جي والده پوڙهي هئي نہ ان وقت ان وقت الله تعالىٰ جو نبي حضرت الياس عليه السلام پنهنجي ڪافر قوم کان لکي ڇهہ مهينا اچي رهيو هو. ان وقت حضرت يونس عليه السلام کير پياڪ هو- ۽ سندس پوڙهي امان الله تعالىٰ جي نبي حضرت الياس عليه السلام جي نهايت ادب ۽ محبت سان خدمت ڪندي هئي ۽ ان خدمت ۽ احترام ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي نہ ڪندي هئي. جڏهن الله تعالىٰ حضرت الياس عليه السلام کي اتان نڪري جبلن ۾ رهڻ جو امر فرمايو تہ پاڻ جبلن ڏانهن روانو ٿيو ۽ پوئتي متى جي ان پوڙهي گهرواريءَ مان پيدا ٿيل پٽ حضرت يونس عليه السلام وفات ڪري ويو- وفات ڪيل پٽ کي گهر ۾ رکي اها پوڙهي ماءُ الياس عليه السلام کي ڳوليندي جبلن ۾ اچي ملي

۽ ڪيس عرض ڪيائين تہ منهنجو پٽ يونس وفات ڪري ويو آهي دعا گهرو تہ الله تعالىٰ ان کي جيئرو ڪري. حضرت الياس عليہ السلام سيدنا حضرت يونس عليہ السلام جي وفات کان چوڏهن ڏينهن پوءِ آيو ۽ مٿان بيهي دعا گهريائين تہ الله تعالىٰ حضرت الياس عليہ السلام جي دعا سان ان کي زنده ڪيو. (١) اٺاويهن سالن جي عمر ۾ ڪيس نبوت جو تاج ڍڪايو ويو ۽ ڪيس سيريا قوم ڏانهن مبعوث ڪيو ويو اهي بني اسرائيل مان نہ هئا پر انهن کي حضرت يونس عليہ السلام جي امتي هجڻ جي لحاظ سان سندس قوم سڏيو ويو آهي- حضرت يونس عليہ السلام انهن کي ظلم ۽ بت پرستيءَ کان روڪيو پر انهن مڃڻ کان انڪار ڪيو حضرت يونس عليہ السلام انهن کي ڪافي عرصو هدايت ڪئي پر انهن مان ڪوبہ مسلمان ڪونہ ٿيو تڏهن پاڻ دعا گهريائين تہ مولا! هي تہ منهنجو چوڻ نٿا مڃين. وحي آيس تہ: انهن تي ٽن ڏينهن کان پوءِ عذاب ايندو، حضرت يونس عليہ السلام انهن کي اهو ٻڌايو تہ پاڻ ۾ مشورو ڪرڻ لڳا. هڪڙن چيو تہ ڪوڙ ٿو هڻي- پر انهن مان گهڻن چيو تہ اڳ ۾ تہ ان ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ هنيو آهي- ڏسون ٿا- ڳالهہ آزمائڻ جهڙي آهي جيڪڏهن جنهن رات عذاب اچڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري اهو هتي هوندو تہ پوءِ اها ڳالهہ عذاب واري ڪوڙي آهي ۽ جيڪڏهن هوندو نڪري ويو تہ پوءِ سچي آهي- عذاب جي وعدي واري ڏينهن کان پهرين رات جو جڏهن ڪجهہ حصو گذريو تہ حضرت يونس عليہ السلام اتان نڪري ويو ۽ جيئن جو صبح ٿي تہ ڳوٺ وارن ڏٺو تہ آسمان تي نهايت ئي ڪاراڪڪر ڇانئجي ويا ۽ سڄو ڳوٺ مايوس ٿي ويو ۽ ڪکرن جي ڪارونڀار جلد جلد وڌڻ شروع ٿي وئي سمجهي ويا تہ انهن ڪکرن مان عذاب اچي رهيو آهي پريشان ٿي حضرت يونس عليہ السلام ڏانهن ڀڳا خبر پين تہ اهو بہ نڪري ويو آهي پوءِ تہ وڌيڪ پڪ ٿين تہ عذاب اچي ويو آهي پوءِ ڇا ٿيو جو سڀ پوڙها ،جوان،عورتون،مرد ۽ ننڍڙا ٻار بہ گهرن مان نڪري پيا ۽هر فرد ... هئي کان جدا ٿي ويو سيئي اڳئين ظلم ۽ بت پرستيءَ کان سچي توبہ ڪرڻ ۽ الله تعالىٰ کان معافي طلب ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا سجدي ۾ ڪري زارو قطار روئي عرض ڪرڻ لڳا تہ اي پروردگار! اسين تنهنجي هيڪڙائيءَ ۽ تنهنجي نبين جي نبوت ۽ دين جي دعوت تي سچي دل سان ايمان آڻيون ٿا- پوءِ الله تعالىٰ سندن توبہ قبول ڪري مٿان آيل عذاب ٽاري ڇڏيو ۽ عذاب کان بچي ويا . اِها مهرباني انهن تي ڏهين محرم جمعي جي ڏينهن ٿي هئي. (٢) هوڏانهن حضرت يونس عليہ السلام

(١) الصاوي علي الجلالين ص ٣٢۴ جزء ٢- روح المعاني ص ١٩٢- ١٩٣ جزء ١١ جلد ۴-

ڳوٺ کان نڪري دجله درياءَ جي ڪناري تي پهتو ۽ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو ان وقت قدرت جو عجيب قانون هو تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو غلام ڀڄي درياءَ کان ٻئي پاسي ڀڄڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ چڙهندو هو تہ درياءَ جي وچ ۾ هلي ٻيڙي بيهي ويندي هئي ۽ ملاح سمجهي ويندو هو تہ ڪو ڀڄي آيل غلام ٻيڙيءَ ۾ ويٺو آهي اهو سڀني جا نالا ڍڪي ڪڍو وجهندو هو جنهن جو بہ نالو نڪرندو هو ان کي درياءَ ۾ اڇلايو ويندو هو پوءِ ٻيڙي هلندي هئي.

هن ڀيري بہ ائين ٿيو جو ٻيڙي هلڻ کان بيهي وئي جڏهن ملاح ڪڍو وڌو تہ حضرت يونس عليه السلام جو نالو مبارڪ نڪتو. ماڻهن حضرت يونس عليه السلام کي عرض ڪيو تہ پاڻ فرمايائون مان بہ مالڪ الملڪ جل جلاله جو ڀانهو آهيان مون کي درياءَ ۾ وجهو. انهن جڏهن حضرت يونس عليه السلام کي ٻيڙيءَ مان لاهي درياءَ جي حوالي ڪيو تہ ٻيڙيءَ هلڻ شروع ڪيو ۽ حضرت يونس عليه السلام جيئن ئي درياءَ ۾ تشريف فرما ٿيو تہ رب پاڪ جي حڪم سان هڪ وڏي مڇي ڪيس ڳهي وئي ۽ پاڻ چاليهہ ڏينهن مڇيءَ جي پيٽ ۾ رهيو. "لَآ إِلٰهَ إِلَّآ أَنْتَ سُبْحَانَكَ إِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ" پڙهندا رهيو چاليهن ڏينهن کان پوءِ مڇيءَ ڪيس دجله درياءَ جي ڪناري تي ڪڍيو جسماني ضعف جي ڪري پاڻ اتي ئي رهيو الله تعالىٰ جي قدرت ۽ ڪرم سان ڪدوءَ جي پنن مٿس ڇانو ڪئي ۽ مشڪ جي دن واريءَ هرڻيءَ ڪيس کير پيارڻ شروع ڪيو پنجاهہ ڏينهن کان پوءِ پاڻ نهايت ئي تندرست ۽ طاقتوارو ٿي پنهنجي امت وٽ آيو تہ سڀ خوش ٿيا ۽ سندس هٿ مبارڪ تي بيعت ڪري ايمان آندائون- تفسير صاوي لکيو آهي تہ عذاب اچڻ کان اڳ ۾ پاڻ نڪري جهنگ ۾ ويهي رهيا هئا ۽ عذاب کي ڏسندا رهيا پر جڏهن عذاب ٽري ويو تہ پاڻ ان خيال کان تہ جيڪڏهن مان هينئر پنهنجي قوم (امت) ڏانهن ويندس تہ مون کي ڪوڙو چوندا دريا ڏانهن روانا ٿيا هئا ۽ سندس قوم مسلمان ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ظلم ۽ برايون ختم ڪيون تہ الله تعالىٰ کين رزق ڪشادو ڏنو ۽ تقريبًا سئو سال سندن بادشاهي رهي- ان جي ڪري فرمان ٿيو تہ اسان دنيا جي حياتيءَ ۾ انهن کان خواري وارو عذاب دفع ڪيو ۽ کين مقرر وقت تائين نفعو ڏنو. (۱) "وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْأَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا اَفَاَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ" ۽ جيڪڏهن تنهنجو رب گهري ها تہ جيڪي بہ ماڻهو زمين تي آهن اهي سيئي ايمان آڻين ها. ڇا پوءِ تون ماڻهن کي مجبور ڪندين تانتہ مومن ٿين- يعني اوهان زوريءَ ڪنهن کي مومن نہ بنائيندؤ الله تعالىٰ

(۱) نعيمي صہ۵۱۴- ۵۱۵ جلد ۱۱-

سيني کي مومن بنائي ها تہ بنائي سگھيو ٿي پر سندس تکويني حکمت ۽ مصلحت جي تقاضا اها آهي تہ ماڻهو پنهنجي اختيار سان مومن ٿين ان جي ڪري زوريءَ سيني کي مومن بنائڻ جو نظام جاري نہ فرمايائين- "وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تُؤْمِنَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ" ۽ ڪنهن بہ نفس جو وس ناهي جو الله تعاليٰ جي اذن کان سواءِ ايمان آڻي- ايمان بہ ان جي توفيق سان نصيب ٿيندو آهي. "وَيَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ" ۽ (ڪفر جي) پليدي انهن تي وجهي ٿو جيڪي عقلمند ناهن. يعني جيڪي ماڻهو عقل،سوچ، ۽ سمجهہ سان الله تعاليٰ جي قدرت جي نشانين تي غور نٿا ڪن الله تعاليٰ انهن کي ڪفر ۽ شرڪ جي گندگيءَ ۾ ڇڏي ٿو ڏي.

قُلِ انْظُرُوْا مَاذَا فِى السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضِ وَمَا تُغْنِى الْاٰيَاتُ

فرماءِ تہ: ڏسو تہ ڇا آهي آسمانن ۽ زمينن ۾ ۽ نٿيون فائدو ڏين آيتون

وَالنُّذُرُ عَنْ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۰۱﴾ فَهَلْ يَنْتَظِرُوْنَ اِلَّا مِثْلَ اَيَّامِ

۽ ڊيڄاريندڙ ان قوم کي جيڪي نٿا ايمان آڻين، پوءِ نٿا انتظار ڪن پر مثال ڏينهن

الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ قُلْ فَانْتَظِرُوْا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ

انهن جي جيڪي گذريا انهن کان اڳي فرماءِ تہ پوءِ انتظار ڪيو بلاشڪ مان اوهان سان گڏ

الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿۱۰۲﴾ ثُمَّ نُنَجِّيْ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كَذٰلِكَ ۚ حَقًّا

انتظار ڪندڙن مان آهيان ان کان پوءِ بچائيندا سون رسولن پنهنجن کي ۽ انهن کي جن ايمان آندو اهڙي طرح حق آهي

عَلَيْنَا نُنْجِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۰۳﴾ ع ۱۵ ۱۰

اسان تي تہ ڇڏائيندا سون مومنن کي.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ اڳين قومن جي حالات،انجام ۽ عذاب جي سبب جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ايندڙ نسلن ۽ قومن کي عبرت حاصل ڪرڻ جي رغبت ڏياريندي فرمان ٿي.

رهيو آهي. "قُلِ انْظُرُوْ مَاذَا فِى السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضِ" فرماءِ تہ: (غور سان) ڏسو تہ آسمانن ۽ زمينن ۾ ڪهڙا عجائبات آهن مطلب تہ انهن ٻڌندڙن کي چئو تہ ڪائنات جي دفتر کي غور سان پڙهن تہ انهن کي وک وکي تي رب العزة جل جلاله جي الوهيت جا انفسي ۽ آفاقي دلائل نظر ايندا ۽ هر جاءِ تي انهن کي هدايت جا روشن ڏيا ڏسڻ ۾ ايندا پر جيڪڏهن اهي اکيون بند رکڻ تي هميشگي ڪندا تہ انهن جي قسمت ۾ منجهند جي روشن سج هوندي بہ انڌيرا هوندا- "وَمَا تُغْنِى الْاٰيَاتُ وَالنُّذُرُ عَنْ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ" ۽ آيتون ۽ ڊيڄارڻ وارا ان قوم کي جيڪي ايمان نٿا آڻين فائدو نہ ڏيندا- مطلب تہ انهن آيتن ۽ ڊيڄارڻ وارن کان مستفيد صرف اهي ماڻهو ٿيندا جن جي دلين ۾ حق جي طلب جو جذبو هوندو پر جيڪي حق کي سمجهڻ جي باوجود منهن ڦيرائيندا تہ انهن کي نڪو معجزو فائدہ ڏيندو ۽ نڪو ڊيڄارڻ وارو بچائي سگهندو. "فَهَلْ يَنْتَظِرُوْنَ اِلَّا مِثْلَ اَيَّامِ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِهِمْ" پوءِ نٿا انتظار ڪن پر انهن ماڻهن جي ڏينهن وانگر جيڪي ڪائنن اڳ ۾ گذري ويا- مطلب تہ حق واضح ٿيڻ ۽ حجت پوري ٿيڻ جي باوجود بہ جيڪي ماڻهو ايمان نٿا آڻين اهي انهن عذاب وارن ڏينهن جا منتظر آهن جيڪي هنن کان اڳ وارن تي گذريا- "قُلْ فَانْتَظِرُوْا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ" فرماءِ تہ: انتظار ڪيو يقينًا مان بہ اوهان سان گڏ انتظا ڪندڙن مان آهيان- مطلب تہ مان بہ انتظار ڪيان ٿو ۽ اوهان بہ ان وقت جو انتظا ڪريو جيڪو اوهان جي هلاڪت ۽ بربادي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. "ثُمَّ نُنَجِّيْ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كَذٰلِكَ حَقًّا عَلَيْنَا نُنْجِ الْمُؤْمِنِيْنَ" تنهن کان پوءِ پنهنجن رسولن کي ۽ جن انهن تي ايمان آندو آهي انهن کي بچائيندا سون- اهڙي طرح ٿيندو. هي اسان تي حق آهي تہ مومنن کي ڇڏائيندا سون- مطلب تہ جيڪو تباهہ ڪندڙ عذاب ڪافرن تي ايندو پنهنجن پيغمبرن ۽ مومن ٻانهن کي ان کان بچائيندا سون ڪين ڪابہ تڪليف نہ پهچندي. درياءَ جي جن موجن فرعون ۽ ان جي لشڪر وارن کي ٻوڙي ماريو هو حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ سندس ساٿين لاءِ رستن کي صاف ڪنديون رهيون- اسان جو پنهنجن ٻانهن سان اهو اهڙو پڪو وعدو آهي جيڪو ڪڏهن بہ نہ ڪٽندو ۽ نہ ان جي برخلاف ٿيندو-

قُلْ يٰاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ فَلَآ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ

فرماءِ تہ: اي انسانو! جيڪڏهن آهيو شڪ ۾ منهنجي دين مان پوءِ نہ عبادت (ڪندس) مان انهن جي)

تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ اَعْبُدُاللّٰهَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰكُمْ صلے

جي جو عبادت ڪيو ٿا اوهان انهن جي الله کان سواءِ پر عبادت ڪيان ٿو مان الله جي جيڪو وفات ڪرائي ٿو اوهان کي

وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٤﴾ وَاَنْ اَقِمْ

۽ امر ڪيو ويو آهيان ته هجان مومنن سان ۽ هي ته سڌو رک منهن

وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ج وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٥﴾

پنهنجو واسطي دين جي حق تي هلندڙ باطل کا منهن موڙيندڙ ۽ هرگز نه هج مشرڪن مان

وَلَا تَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَلَا يَضُرُّكَ ج

۽ نه عبادت ڪر سواءِ الله جي ان جي جو نه تو نفعو ڏي توکي ۽ نه تو نقصان ڏي توکي

فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾

پوءِ جيڪڏهن ڪندين ته پوءِ بيشڪ تون ان وقت ظالمن مان هوندين.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏيڻ سان گڏ سندن عقل جي ڪمزوري بيان ڪئي وئي هئي ته انهن ڪافرن کي اسلام ۾ شڪ صرف نادان هجڻ جي ڪري آهي ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته اهي ماڻهو سڌي رستي تي ايندا ئي ڪو نه ڇو ته اهي بي عقل هجڻ جي ڪري شڪ ۾ آهن. عقل وارو جيڪڏهن شڪ ڪري ته اهو دلائل سان دور ڪري سگهجي ٿو پر جهالت وارو شڪ پري نه ڪري سگهبو آهي- فرمان الاهي آهي، "قُلْ يٰاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ فَلَآ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ" فرماءِ ته: اي انسانو! جيڪڏهن اوهان کي منهنجي دين ۾ شڪ آهي ته مان انهن جي عبادت نه ڪندس جن جي اوهان الله کان سواءِ عبادت ڪيو ٿا- ڪافر ان خيال ۾ هوندا هئا ته حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن يا سندن مڃڻ وارا

مومن نيٺ اسان واري كفر ڏانهن موٽندا- (معاذالله) انهن كي ٻڌايو ويو تہ اها صورت ناممكن بلكہ محال آهي. "وَلٰكِنْ اَعْبُدُاللّٰهَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰكُمْ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ پر مان ان جي عبادت كيان ٿو جيكو اوهان كي وفات كرائي ٿو ۽ مون كي امر كيو ويو آهي تہ مان مجڻ وارن مان هجان- مطلب تہ مخلوق مان كير كهڙي بہ مقام تي پهتل هجي ان جي عبادت نہ كندس نہ اها عبادت جائز آهي مان ان الله سچي معبود جي عبادت كيان ٿو جنهن جي قدرتي هٿ ۾ حياتي آهي ۽ اهوئي اوهان كي وفات كرائي ٿو ۽ مون كي اهو بہ امر كيل آهي تہ مومنن سان گڏ هجان- "مِنَ الْمُؤْمنين" ۾ "من مع جي معنىٰ ۾ آهي- (١) يعني انهن كي فيوضات وبركات سان نوازيندو رهان. "وَاَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا" ۽ مون كي اهو بہ امر كيو ويو آهي تہ پنهنجي چهري (مبارك ذات) كي سچي دين لاءِ سامهون ۽ ان تي قائم رک ۽ باطل دينن كان جدا ۽ پري رهہ- يعني كنهن كي بہ عمل ۽ اعتقاد سان الله جل جلاله جو شريك نہ بناءِ ۽ نہ كنهن كي ان جو شريك سمجهہ- "وَلَاتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" ۽ هرگز نہ هج مشركن مان- مشركن مان نہ هجڻ جو مطلب تہ اوهان عقائد جي لحاظ سان تہ انهن كان بالكل پري ۽ پاک صاف آهيو پر نہ انهن سان دوستي ركو نہ انهن وارو لباس ڍكيو ۽ نہ انهن جي كنهن بہ قسم جي كڏهن حمايت كجو. (٢) "وَلَاتَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَالَايَنْفَعُكَ وَلَايَضُرُّكَ" ۽ الله كان سواءِ ان جي عبادت نہ كر جيكو نہ توكي نفعو ٿو ڏي ۽ نہ توكي نقصان ٿو ڏي- علامہ قرطبي "لَاتَدْعُ" جي معنىٰ لكي آهي "لَاتَعْبُدْ" (٣) مطلب تہ جڏهن نفعي ۽ نقصان ڏيڻ جو مطلق، مستقل ۽ كلي اختيار الله تعالىٰ جو آهي تہ ان كان سواءِ ٻئي كنهن جي عبادت نہ كر ٻئي جي عبادت كرڻ ناداني ۽ بيوقوفي آهي.

"فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ" پوءِ جيكڏهن كندين تہ پوءِ يقينًا تون ان وقت ظالمن مان هوندين مطلب تہ تون ائين كندين تہ كو نہ چو تہ الله تعالىٰ جي نبي كان اهو ناممكن، محال بالذات آهي- پر جيكڏهن بفرض محال ائين كرين تہ تون بہ حق وارن مان نہ هوندين- (معاذ الله)

وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ۚ وَاِنْ يُّرِدْكَ بِخَيْرٍ

۽ جيكڏهن پهچائي توكي الله نقصان پوءِ ناهي كو دور كندڙ واسطي ان جي مگر اهو ۽ جيكڏهن ارادو كري تولاءِ ڀلائي ۽ جو

(١) نعيمي صہ٥٣٣ جلد ١١- (٢) ساڳيو حوالو- (٣) القرطبي صہ٣٨٨ جلد ٨-

فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ ؕ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ

تہ پوءِ ناهي ڪو موٽائيندڙ واسطي مهرباني ءِ ان جي پهچائي ٿو ان کي جنهن کي گهري ٻانهن پنهنجن مان

وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۰۷﴾ قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الْحَقُّ مِنْ

اهو بخشڻهار مهربان آهي فرماءِ: اي انسانو! تحقيق آيو اوهان وٽ حق

رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا

رب اوهان جي کان پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو پوءِ تحقيق هدايت وارو ٿو ٿئي واسطي سر پنهنجي ءِ جيڪو گمراهہ ٿيو پوءِ تحقيق

يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿۱۰۸﴾ وَاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ

گمراهہ ٿو ٿئي پاڻ تي ءِ ناهيان مان اوهان تي ذميوار ءِ تابع ٿيءُ ان جو جيڪو وحي ڪيو ٿو وڃي تو ڏانهن

وَاصْبِرْ حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾

ءِ صبر ڪر تانجو حڪم ڪري الله ءِ اهو حڪم ڪندڙن مان ڀلو آهي.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ باطل ءِ ڪوڙن معبودن بتن وغيره جي عبادت کان منع ڪئي وئي ءِ بهترين عقلي دلائل سان سمجهايو ويو تہ جيڪي نفعو ءِ نقصان نٿا ڏئي سگهن نہ ان جا مستقل طور مطلق مالڪ آهن تہ انهن جي عبادت ڇو ڪئي وڃي؟ ءِ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ نفعي ءِ نقصان جو مالڪ، مستقل مختار الله تعالىٰ آهي ان جي ئي عبادت ڪرڻ گهرجي- فرمان مبارڪ آهي. "وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗۤ اِلَّا هُوَ وَاِنْ يُّرِدْكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ" ءِ جيڪڏهن الله توکي نقصان پهچائڻ گهري تہ ڪوبہ ان کي ان (الله تعالىٰ) کان سواءِ کوليندڙ (پري ڪندڙ) ناهي ءِ جيڪڏهن توکي ڀلائي پهچائڻ جو ارادو فرمائي تہ ان (الله تعالىٰ) جي فضل کي ڪير بہ روڪيندڙ ناهي پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهري

ٿو تہ اها (پلائي) پهچائي ٿو ۽ اهوئي بخشڻهار مهربان آهي- هنن آيتن ۾ باطل معبودن جي برخلاف مالڪ مٺي پنهنجي ڪامل قدرت جو بيان ڪندي ٻڌايو آهي تہ الله تعالىٰ جيڪڏهن ڪنهن کي نقصان پهچائڻ گهري تہ ڪير بہ ان کي الله تعالىٰ کان سواءِ دفع ۽ دور نہ ڪري سگهندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن تي مهربان ٿي ان کي نوازڻ گهري تہ ڪير بہ سندس فضل ۽ احسان کي روڪڻ وارو نہ آهي-

سوال- جڏهن نفعي ۽ نقصان جو مستقل مالڪ الله تعالىٰ آهي پيو ڪوبہ نفعو نقصان نٿو ڏئي سگهي تہ پوءِ الله تعالىٰ جي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم ۽ اولياءِ ڪرام کي پنهنجن ڪمن ۾ حاجت لاءِ ڇو ٿو سڏيو وڃي ڇا اهو شرڪ ۽ ڪفر ناهي؟

جواب- ڪوبہ مسلمان الله تعالىٰ جي پياري نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم ۽ اولياءِ ڪرام کي الله تعالىٰ جي مقابلي يا ضد ۾ ڪونہ ٿو سڏي تہ سائين الله تعالىٰ جهڙي قدرت ۽ طاقت تو وٽ بہ آهي اهو مون کي ماري ٿو تون جيار، اهو سچو ٿو ڪري تون سکيو ڪر الله تعالىٰ جي مقابلي ۾ يا الله تعالىٰ جهڙو ڪنهن کي سمجهي سڏڻ يا ان کان مدد گهرڻ بالڪل شرڪ، ڪفر ۽ بي ايماني آهي. پر هر مسلمان نہ اهو عقيدو رکي ٿو نہ انهيءَ عقيدي سان انبياءِ ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام کي سڏي ٿو. مسلمان الله تعالىٰ جي پيارن نبين کي مالڪ جي دربار جو مقرب، محبوب، ۽ پيارو سمجهي انهن کي سفارشي ٿو بنائي انهن جي صدقي دعائون ٿو گهري ۽ انهن کي دعائن لاءِ درخواست ٿو ڪري، ۽ ائين ڪرڻ نہ شرڪ آهي نہ ڪفر ۽ نہ گناهہ آهي. اهو طريقو حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم سيکاريو آهي ۽ اصحابن، امامن، اولياءِ ڪرامءِ رباني علماء جو ان تي عمل رهيو آهي جيڪو ڪيترن ئي حوالن سان ثابت آهي. مسلمانن کي ڪافر چوڻ، مشرڪ سڏڻ بري ۾ برو ڪم غلط عقيدو خارجين، ناصبين ۽ رافضين جو شيوو آهي. "قُلْ يَآاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ" فرماءِ تہ: اي انسانو! يقينًا اوهان وٽ اوهان جي رب وٽان حق آيو آهي پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو تہ پنهنجي سر جي ڀلائيءَ لاءِ هدايت وارو ٿيندو ۽ جيڪو گمراهہ ٿيو تہ اهو بہ پنهنجي سر تي گمراهيءَ جو بار وجهي ٿو ۽ مان اوهان جو ذميدار ناهيان مطلب تہ: اي انسانو! ڪن کولي ٻڌو محمدي سج پنهنجي ڪامل انوار ۽ تجليات سان اوهان جي اڳيان چمڪارا ڪري رهيو آهي نيڪيءَ، تقوىٰ ۽ سچ جو رستو صفا روشن ٿيو بيٺو آهي هاڻي اوهان جي مرضي آهي حق تي هلي جنت جا حقدار ٿيو يا عمدًا ڏسي

وائسي جهنم جي کڏ ۾ ڪرو. مون پنهنجي مٿان دين ڏانهن سڏڻ وارو مقرر ڪيل فرض ادا ڪيو هاڻي مان اوهان جي ڪمن جو ذميوار ناهيان اوهان چاڻو اوهان جو ڪم ڄاڻي، جهڙي پوکيندؤ اهڙي لڻندؤ. "وَاتَّبِعْ مَايُوْحىٰ اِلَيْکَ" ۽ جيڪو توڏانهن وحي ڪيو ٿو وڃي ان جي تابعداري ڪر- يعني (اي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم) اوهان پنهنجي مالڪ جي طرفان موڪليل وحي جي اتباع ڪريو انهن جي پرواه نه ڪريو- احڪام الاهيءَ جي بي خوف وخطر پيروي ڪندا رهو. "وَاصْبِرْ حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ وَهُوَ خَيْرُ الْحَاكِمِيْنَ" ۽ صبر ڪر تانجو الله حڪم (فيصلو) ڪري ۽ اهو حڪم ڪندڙن (فيصلي ڪندڙن) ۾ ڀلو آهي- مطلب ته ڪافرن جي طرفان اوهان کي جيڪي ايذاء ۽ تڪليفون پهچن ٿيون انهن تي صبر ڪريو فيصلي جو وقت اچي رهيو آهي فيصلي ڪرڻ وارو رب العالمين جل جلاله پاڻ هوندوءِ اهوئي بهترين فيصلو ڪندڙ آهي- ان جي فيصلي ۾ غلطي ناممڪن ۽ محال آهي اهو ٻانهن جي اندرين رازن کي به ائين ڄاڻي ٿو جيئن ٻاهرين حالات کي ڄاڻندو آهي. ڪروڙين ڪرم رب ڪريم جا جنهن نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي صدقي مون عاجز گنهگار ٻانهڙي کي پنهنجي ڪلام ڪريم جي سورة يونس سڄوريءَ جو تفسير اڄ بمورخہ ٨ شوال ١۴١٩ھ مطابق ٢٦-١-١٩٩٩ عيسوي اڱاري جي ڏينهن صبح جو٩ لڳي ٣٥ منٽن تي لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪئي. سندس ئي بارگاه ۾ ادب سان عرض آهي ته منهنجي اها ٿورڙي محنت قبول ڪرڻ سان گڏ باقي رهيلن سورتن جو تفسير لکي پورو ڪرڻ واري نعمت سان به جلد از جلد نوازي- آمين ثم آمين يارب العالمين بحرمت سيدالانبياء والمرسلين صلواتک وسلامک عليه وعليهم وعلىٰ آله واصحابه اجمعين الى يوم الدين. حرره المفتقرالي رحمته ربه المغيث محمد ادريس الداهري عفي عنه ماکان اويکون منه.



سورة هود جو تعارف

هن سورة جي تعارف ۾ هيٺ لکيل ٦ ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ گهرجن.

۱- اڳين سورة سان ربط ۽ تعلق.
۲- نالو. نالي جي معنىٰ ۽ ان نالي سان سڏجڻ جو سبب.
۳- نزول. مڪيہ آهي يا مدنيہ؟
۴ - رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد.
۵- ڪهڙن مضمونن تي مشتمل آهي؟
٦- فضائل ۽ تاثير-

اڳينءَ سورة سان ربط ۽ تعلق.

هن سورة هود جو اڳينءَ سورة يونس سان هي تعلق آهي تہ جيڪي اسلامي اصول توحيد، نبوت، قيامت، حساب، ۽ جزاءَ ان ۾ بيان ٿيا هئا سي هن ۾ بہ ذڪر ڪيل آهن ۽ جيڪي رسولن سڳورن جا قصا اجمالي طرح ان ۾ بيان ٿيا هئا اهي هن ۾ تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن ۽ جيئن اها حروف مقطعات "الر" سان شروع ڪئي وئي آهي تيئن هيءَ بہ انهن مقطعات حروف "الر" سان شروع ڪئي وئي آهي. (۱)

نالو ۽ ان سان سڏجڻ جو سبب.

هن سورة جو نالو سورة هود آهي-هود جو لفظ عجمہ ۽ علم هجڻ جي ڪري غير منصرف آهي. (۲) ان نالي سان ان جي ڪري سڏي وئي آهي. جوهن سورة ۾ حضرت هود عليہ السلام جو ذڪر تفصيل سان ڪيو ويو آهي ۽ اهو اسم مبارڪ هود هن ۾ پنج ڀيرا ورائي ورائي آندو ويو آهي. (۳).

نزول

هيءَ سورة مبارڪه سورة يونس کان پوءِ جلد نازل ٿي هئي جڏهن سخت مخالفت ۽ مزاحمت جي باوجود اسلام جو نور ڪفر ۽ شرڪ جي مضبوط مورچن کي هيٺ ڪري اڳتي وڌي رهيو هو ۽ ان حالات کي ڏسي ڪافرن ۽ مشرڪن کي پيرن هيٺان باهہ لڳي پئي هئي ۽ پنهنجي ظلم ۽ زيادتيءَ جا تير زور سان هلائي رهيا هئا اسلام ۽ اسلام

(۱) المراغي ص ١٦٧ جزء ۱۱ جلد ۴-(۲) نعيمي ص ۵۴۵ جلد ۱۱- (۳) بحرالعلوم ص ۱۱۵ جلد ۲-

آٽيندڙ نبي عليه افضل الصلوات واكمل التحيات جي مخالفت ۾ انتهائي بد اخلاقيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا هئا نادار ۽ مسڪينن مسلمانن تي ظلم جي انتها ڪري ڇڏي هيائون ان حالت ۾ هن سورة جو نزول ٿيو هو. (١) هيءَ سورة مڪيہ آهي- يعني هجرت کان پهريان نازل ٿي هئي پر هن ۾ چار آيتون مدنيه آهن. ١- "اَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ" الايتہ. ٢- "فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعْضَ مَا يُوْحٰىٓ اِلَيْكَ" الايتہ. ٣- "وَاُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ" الايتہ. ٤- "اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ" الايتہ. (٢)-

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد-

هن سورة سڳوريءَ ۾ ڏهہ رڪوع، هڪ سئو ٽيويہ (١٢٣) آيتون هڪ هزارڇهہ سوءِ (١٦٠٠) ڪلمات ۽ نو هزار پنج سئو سٺهٺ (٩٥٦٧) حروف آهن.

ڪهڙن مضمونن تي مشتمل آهي؟

هن سورة ۾ قرآن پاڪ جي آيتن جي محڪم ۽ مضبوط هجڻ. نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي بشير، نذير هجڻ، انبياء مرسلين جا وضاحت سان قصا، وچ ۾ انهن جي طرفان الله تعالىٰ جي دين جي دعوت ڏيڻ جو تفصيل قرآن پاڪ جي الاهي ڪلام هجڻ جي ثبوت لاءِ منڪرن کي اهڙي ڪلام پيش ڪرڻ جو چٽلينج، قيامت، عذاب، عتاب ۽ ڪافرن تي الاهي غضب جي واقع ٿيڻ وغيره جو اهڙو بيان آهي جنهن مان يقين سان ثابت آهي تہ هي الاهي ڪلام آهي.

فضائل ۽ تاثير

دارمي، مراسيل ۾ ابو داود، ابوالشيخ، ابن مردويہ ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت ڪعب رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اِقْرَءُوْا هُوْدَ يَوْمَ الْجُمُعَةِ" (٣) جمعي جي ڏينهن سورة هود پڙهندا ڪيو- هن سورة جي نازل ٿيڻ جو نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي ذات عالي صفات تي گهڻو اثر پيو جيئن هيٺ لکيل روايتن مان ظاهر ٿي رهيو آهي.

روايت١- بيهقي دلائل النبوة ۾ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه حضور پاڪ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ "يَارَسُوْلَ اللّٰهِ!

"اَسْرَعَ اِلَيْكَ الشَّيْبُ" قَالَ "شَيَّبَتْنِيْ هُوْدٌ وَاَخَوَاتُهَا الْوَاقِعَةُ" وَعَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ" وَاِذَا الشَّمْسُ

(١) ضياءالقرآن صہ ٣٣٧ جلد٢- (٢) نعيمي صہ ٥٤٥ جلد ١١- (٣) روح المعاني صہ ٢٠٢ جزء ١١ جلد٤-

كُوِّرَتْ" (۱) يعني يا رسول الله! اوهان وٽ وارن (مبارڪن) جي سفيدي جلد پهچي وئي آهي. پاڻ فرمايائون تہ: مون کي اڇن وارن وارو (سورة) هود ۽ ان جي ڀينرن، (سورة) الواقعة ۽ (سورة) "عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ" ۽ (سورة) "اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ" بنايو آهي.

روايت۲– محدث ترمذي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ حضرت ابوبکر عرض کيو تہ يارسول الله! اوهان (جلد) اڇن وارن وارا ٿي ويا آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ: مون کي هود، الواقعة، المرسلات، عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ، ۽ اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ، (سورتن) اڇن وارن وارو ڪري ڇڏيو آهي. (۳) ان ساڳي معنىٰ ۽ مفهوم واريون ڪيتريون ئي ٻيون روايتون بہ مفسرن آنديون آهن جيڪي اختصار کي نظر ۾ رکندي نہ ٿيون لکيون وڃن.

سُوْرَةُ هُوْدٍ مَكِّيَّةٌ آيَاتُهَا- ۱۲۳- رُكُوْعَاتُهَا- ۱۶-

سورة هود مڪيہ آهي. هن جون آيتون هڪ سؤ ٽيويهہ (۱۲۳) آهن. ان جا رڪوع ۱۶ آهن.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمَانِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو وڏو مهربان رحم ڪرڻ وارو آهي.

الٓرٰ تف كِتَابٌ اُحْكِمَتْ آيَاتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ

(هي) ڪتاب آهي جو محڪم ڪيون ويون آيتون ان جون ان کان پو تفصيل سان بيان ڪيون ويون حڪمت واري

خَبِيْرٍ ﴿۱﴾ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللهَ ؕ اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ ﴿۲﴾ وَّاَنِ

خبر رکندڙ وٽان تہ نہ عبادت ڪيو مگر الله جي بيشڪ مان اوهان لاءِ ان جي طرفان ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان

اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰٓى

۽ هي تہ مغفرت گهرو پنهنجي رب کان تنهن کان پوءِ توبہ ڪريو ان ڏانهن تہ نفعو ڏيندو اوهان کي نفعو سهڻو

اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّيُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ ؕ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّيْٓ

مدي مقرر ڪيل تائين ۽ ڏيندو هر صاحب نيڪيءَ جي کي نيڪي ان جي ۽ جيڪڏهن منهن موڙيو تہ پوءِ يقينًا مان

(۱) الدرالمنثور ص۳۹۷ جلد۴- (۲) تفسير ابن ڪثير ص۴۳۵ جلد۲-

اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ ۝ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ ۚ وَهُوَ

ڊڄان ٿو اوهان تي عذاب ڏينهن وڏي جي ڪان طرف الله جي آهي موٽڻ اوهان جو ۽ اهو

عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝۴

هر شيءِ تي قادر آهي.

تفسير

مذڪوره سورة ۾ ان نبي سڳوري حضرت يونس عليه السلام جو ذڪر هو جيڪو غير قبيلي ۾ مالڪ مٺي جي دين جي دعوت ڏيڻ آيو هو ۽ هن سورة ۾ ان نبي سڳوري حضرت هود عليه السلام جو ذڪر آهي جيڪو پنهنجي علائقي ڪان نڪري عرب جي علائقي ۾ دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ تشريف فرما ٿيو هو. الاهي ارشاد آهي، "الٓرٰ" هنن حرفن جي معنىٰ ۽ مراد الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو ۽ ان جي ڄاڻائڻ سان حضور نبي ڪريم محبوب معظم ،محمد صلى الله عليه وسلم ۽ سندن فيض ۽ برڪت سان سندن امت جا ڪامل اولياءِ سڳورا ڄاڻن ٿا- جيئن سورة يونس جي شروعات ۾ حوالو لکي آيا آهيون- "كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ" هي ڪتاب آهي جنهن جون آيتون مستحڪم بنايون ويون آهن ان ڪان پوءِ حڪمت واري،خبر رکندڙ (الله) ڪان وضاحت ڪيون ويون آهن.

مطلب ته هي ڪتاب الفاظ ۽ معنائن جي لحاظ سان ايترو محڪم ۽ مضبوط آهي جنهن ۾ نڪا يل آهي نڪو شڪ ۽ شبهو آهي صورة ۽ معنى هر لحاظ سان ڪمال جي درجي تي فائز آهي. قرآن پاڪ جي مفسرن مجاهد ۽ قتادة ڪان اهائي معنىٰ روايت ڪيل آهي ۽ ابن جرير مفسر به ان کي ئي اختيار ڪيو آهي. (۱) "اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ۭ اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ" ته الله ڪان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪيو بيشڪ مان اوهان لاءِ ان جي طرفان ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان. يعني هي ڪتاب اوهان کي اها ڳالهه سمجهائڻ لاءِ لٿو آهي ته عبادت صرف الله وحده لاشريڪ له جي ڪيو هٽرادو

(۱) ابن ڪثير صه ۴۳۵ جلد ۲-

معبودن ۽ الله تعالىٰ جي لاءِ ناهيلن شريڪن کي ڇڏيو ۽ مان اوهان جي لاءِ الله تعالىٰ جي طرفان ڊيڄاريندڙ آهيان جيڪڏهن بي فرماني ڪندؤ. تہ عذاب ۾ پوندؤ. ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان جيڪڏهن فرمانبرداري ڪندؤ. تہ جنت ۾ جاء ملنديو. ان جي ڪري خلوص سان الله تعالىٰ جي فرمانبرداري ۽ عبادت ڪريو. (۱)

"وَاَنِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْا اِلَيْهِ. يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّيُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ" ۽ (مان اوهان کي اهو بہ امر ڪيان ٿو) تہ پنهنجي رب کان مغفرت گهرو ان کان پوءِ (سچيءَ دل سان) ان ڏانهن رجوع ڪريو تہ اوهان کي مقرر مدي تائين سهڻو نفعو ڏيندو ۽ هر نيڪيءَ واري کي ان جي نيڪيءَ جو سهڻو بدلو ڏيندو- مطلب تہ زندگيءَ ۾ ڪيل شرڪ جي گناهہ کان مغفرت گهرو ۽ عبادات ۽ اطاعات سان رجوع ڪريو تہ الله تعالىٰ اوهان کي دنيا ۾ گهڻا سهڻا نفعا ڏيندو جن سان اوهان کي سٺي معاش ۽ مسلسل نعمتن واري زندگي نصيب ٿيندي ۽ جيڪو بہ نيڪيءَ وارو ٿي نيڪي وڌائيندو تہ الله تعالىٰ ان کي ان جو بدلو بہ اهڙو وڌائي ڏيندو جو دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ موجون ماڻيندو رهندو. (۲)

"وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ" ۽ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ تہ پوءِ يقين سان مان اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب اچڻ کان ڊڄان ٿو- "يَوْمٍ كَبِيْرٍ" مان مراد قيامت جو ڏينهن آهي ان کي وڏو ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان ۾ خوفناڪ حالتون هونديون. (۳) "اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" الله ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي مطلب تہ: اوهان کي قبرن مان اٿي الله تعالىٰ ڏانهن موٽڻو آهي ۽ قبرن مان اٿڻ کان پوءِ ان جي عظيم قدرت کان ٻاهر نہ هوندو. اهو هر شيءِ تي قادر آهي جنهن کي عذاب ڪندو تہ ڪري سگهندو ان جي احڪام کان روگرداني ڪري جهنم جا حقدار نہ بڻجو. (۴)

فائدا- مذڪوره آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا- "اُحْكِمَتْ آيَاتُهٗ" مان واضح ٿيو تہ اسلامي قوانين هر دور ۾ هر انسان جي لاءِ هميشہ مفيد ۽ گهڻا آسان آهن- جاهل ۽ بي دين ماڻهو جيڪو چوندا آهن تہ هن دور ۾ اسلام تي پورو عمل نہ ڪري سگهبو اهو بالڪل غلط آهي. جنهن ڪتاب جون آيتون الله جل جلاله مستحڪم ۽ مضبوط ڪري لاٿيون آهن اهو هر وقت ڪاميابيءَ جو رهنما ۽ رهبر آهي.

(۱) تفسيرالطبري صہ۱۲۴ جزء ۱۱ جلد ۷- (۲) الجواهر في تفسيرالقرآن صہ۱۲۷ جزء ٦ جلد۳- (۳) القرطبي صہ۴ جلد۹- (۴) البحرالمحيط صہ۲۰۲ جلد ۵-

۲- "اِنَّنِيْ لَكُمْ مِنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ" (مان اوهان لاءِ ان جي طرفان ڊيڄاريندڙ ۽ بشارت ڏيندڙ آهيان) ۾ ڪنهن وقت يا زماني جو قيد لڳل نہ هجڻ جي ڪري ثابت ٿيو تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن قيامت تائين هر ٻي فرمان جي لاءِ نذير ۽ فرمانبردار جي لاءِ بشير آهن ۽ پاڻ آخري نبي ۽ رسول آهن، ڪانئن پوءِ ڪنهن بہ قسم جي نبي جو اچڻ ممڪن ئي ناهي. ۳- مغفرت گهرڻ ۽ توبہ ڪرڻ جي ذڪر ڪان پوءِ "يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا" مان انهن ماڻهن جي غلط ذهن جي اصلاح ڪرڻ بہ مقصود آهي جيڪي سمجهندا آهن تہ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول مقبول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي اطاعت جو مطلب آهي تہ انسان هر قسم جي لذتن ڪان پري رهي. منهن تي محرومي؏ جو نشان رکي غربت ۽ ناداري؏ جي پڃري ۾ ڦاسي ڦٿڪندو رهي. هتي ٻڌايو ويو آهي تہ: جيڪڏهن اوهان الله تعاليٰ جي توحيد جو اعتراف ڪيو ڪيلن گناهن ڪان مغفرت گهري باقي زندگي ان جي ٻڌايل احڪام مطابق گذاري تہ اوهان ڪي هر طرح جي لذت، راحت، عزت، آرام، فوز ۽ فلاح سان سرافراز ڪيو ويندو الله تعاليٰ جي سچي ٻانهي بڻجڻ جو مقصد محرومين جو شڪار ٿيڻ ناهي بلڪہ سچي؏ دل سان ان جي ٻانهي ٿيڻ واري جي لاءِ ان جي رحمت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ ان ٻانهي کي سڀني خوشين ۽ حقيقي ڪاميابين سان نوازيو ويندو آهي.

اَلَاۤ اِنَّهُمْ يَثْنُوْنَ صُدُوْرَهُمْ لِيَسْتَخْفُوْا مِنْهُ ؕ

خبردار بيشڪ اهي ٻيڻا ڪن (وٽين) ٿا سينا پنهنجا تانتہ لڪن

اَلَا حِيْنَ يَسْتَغْشُوْنَ ثِيَابَهُمْ ۙ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ

ان ڪان خبردار جنهن وقت ڍڪين ٿا ڪپڙا پنهنجا ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائين ٿا

وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۚ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝۵

۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا بيشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي سيني وارين ڳالهين کي.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ فرمايو ويو هو تہ الله تعاليٰ هر مومن (کي "مَتَاعًا حَسَنًا" سهڻو نفعو

ڏيندو آهي ۽ نيڪيءَ جي صاحبن کي وڏيڪ نوازيندو آهي ۽ ان جو مدار جذهن تہ نيت ۽ عمل ۾ اخلاص تي هوندو آهي ۽ نيت دل جي شيءِ آهي جنهن جي ان نيت ڪرڻ واري کي خبر هوندي آهي. لهاذا نيت جي خلوص لاءِ متنبہ ڪندي ہدايو ويو آهي تہ الله تعاليٰ کان اوهان جي ڪابہ ڪيفيت لڪل ناهي نہ اوهان جي دل ۽ نہ اوهان جو جسم. فرمان ايزدي آهي، "اَلَآ اِنَّهُمْ يَثْنُوْنَ صُدُوْرَهُمْ لِيَسْتَخْفُوْا مِنْهُ" خبردار بلاشڪ اهي پنهنجا سينا ہيٹا ڪن (وٽين) تہ تانتہ ان کان لڪن- مطلب تہ اي ايمان وارو! انهن ڪافرن جي مڪر ۽ فريب کان هوشيار رهو- اهي اوهان وٹ سينا ہيٹا ڪيڙا ڪري دل ۾ بغض ۽ حسد رکي نرم لهجي ۾ اڇي ڳالهائين تہ تہ اوهان انهن کي سٺو سمجهو پر اهي اوهان جا خيرخواهہ نہ آهن- اهي اهو سڀ ڪجهہ ان لاءِ تہ ڪن تہ الله تعاليٰ کان لڪل رهن- "اَلَا حِيْنَ يَسْتَغْشُوْنَ ثِيَابَهُمْ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ" خبردار جنهن وقت پنهنجا ڪپڙا ڍڪين تہ (الله تعاليٰ) اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو جيڪو لڪائين ٿا ۽ جيڪو ظاهر ڪن ٿا- مطلب تہ ڪپڙن ۾ لڪڻ کان پوءِ بہ جيڪا ڪجهہ پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪن ٿا يا دل ۾ لڪائي رکن ٿا الله تعاليٰ اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. "اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" بيشڪ اهو (الله) سينن واريون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي- يعني الله تعاليٰ ازل کان ابد تائين اول کان آخر تائين هميشہ کان هميشہ تائين دين، دنيا ظاهر، لڪل،نيڪي،بدي،دوستي، دشمني هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي-

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِى الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا وَيَعْلَمُ مُسْتَقَرَّهَا

۽ ناهي ڪا چرندڙ شيءِ زمين ۾ مگر الله تي رزق ان جو آهي ۽ ڄاڻي ٿو ان جي رهڻ واري جاءِ

وَمُسْتَوْدَعَهَا ؕ كُلٌّ فِىْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝۶ وَهُوَ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ

۽ انجي حوالي ٿيڻ جي جاءِ هر شيءِ ڪتاب روشن ۾ آهي ۽ اهو (الله) ئي آهي جنهن پيدا ڪيا آسمان

وَالْاَرْضَ فِىْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّكَانَ عَرْشُهٗ عَلَى الْمَآءِ لِيَبْلُوَكُمْ

۽ زمينون ڇهن ڏينهن ۾ ۽ هو عرش ان جو پاڻيءَ تي تانتہ آزمائي اوهان کي

اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ وَلَئِنْ قُلْتَ اِنَّكُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ مِنْۢ

تہ ڪير اوهان ما وڏيڪ سهڻو آهي عمل جي لحاظ سان ۽ البتہ جيڪڏهہ چيو تو تہ بيشڪ اوهان اٿاربل آهيو

بَعۡدِ الۡمَوۡتِ لَيَقُوۡلَنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ۝

مرڻ کان پوءِ تہ البتہ چوندا ڪافر تہ ناهي هي مگر جادو ڪليل

وَلَئِنۡ اَخَّرۡنَا عَنۡهُمُ الۡعَذَابَ اِلٰۤى اُمَّةٍ مَّعۡدُوۡدَةٍ

۽ البتہ جيڪڏهن پوئتي ڪنداسون انهن کان عذاب مدت مقرر ڪيل تائين

لَّيَقُوۡلُنَّ مَا يَحۡبِسُهٗ ؕ اَلَا يَوۡمَ يَاۡتِيۡهِمۡ لَيۡسَ مَصۡرُوۡفًا عَنۡهُمۡ

البتہ ضرور چوندا تہ ڪير ٿو روڪي ان کي خبردار جنهن ڏينهن ايندو انهن وٽ ناهي ڦيرايل انهن کان

ع وَحَاقَ بِهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ۝ ؑ

۽ گهيري ۾ وٺندو انهن کي اهو (عذاب) جو ان سان چٿر ڪندا هئا.

تفسير

مذڪوره آيت ۾ بيان ڪيو ويو تہ "اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ" بيشڪ اهو (الله تعالىٰ) سينن وارين ڳالهين کي ڄاڻندڙ آهي هيءَ هڪ وڏي دعوىٰ هئي ۽ هنن آيتن ۾ ان دعوىٰ جو هڪ عجيب انداز ۾ دليل ڏنو ويو آهي تہ: الله تعالىٰ زمين ۾ رهندڙ اربن جي تعداد ۾ مخلوق کي سندن حاجت ۽ ضرورت آهر رزق ڏيندو آهي جيڪڏهن سينن ۽ دلين جي ڳالهين ۽ حالتن کي نہ ڄاڻي ها تہ انهن جي قلبي، خيالي، ۽ جسماني ضرورتن کان ڪيئن واقف ٿي سگهي ها ۽ انهن جون گهرجون ڪيئن پوريون ڪري ها- هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي هر ڪنهن جي حاجات ۽ ضروريات پوري ڪندڙ آهي. ارشاد الاهي آهي- "وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا" ۽ جيڪا بہ چرندڙ شيءِ زمين تي آهي الله (جي ڪرم جي ذمي) تي ان کي رزق ڏيڻ آهي. آيت جي هن حصي ۾ هڪ مڪمل ضابطه حيات ملي ٿو ۽ اهو آهي رزق ۽ روزيءَ جي معاملي ۾ الله تعالىٰ تي توڪل رکڻ- ڇو تہ انسان الله تعالىٰ تي توڪل رکڻ جي ڪري ڪامياب ۽ سڪون واري زندگي گذاري ٿو.

سوال- هن آيت مباركه ۾ "دَآبَّةٍ" (چرندڙ شيء) جي رزق جو ذڪر ڪيو ويو آهي ڇا جيڪي شيون چرن، هلن ڦرن نٿيون انهن کي رزق ڪونہ ٿو ملي؟ جيڪڏهن ملي ٿو تہ انهن جو ذڪر ڇونہ ڪيو ويو آهي؟

جواب- هن آيت ۾ جيتوڻيڪ رزق ڏيڻ جي نسبت مخلوق جي هڪ خاص طبقي ڏانهن ڪئي وئي آهي پر باري تعالىٰ سڀني جاندار ۽ بي جان شين کي روزي ڏيندڙ آهي ساري مخلوق روزيءَ جي محتاج آهي ها اها جدا ڳالهہ آهي تہ مختلف مخلوق جو رزق بہ مختلف نوعيت جو آهي جنهن مان ڪو انساني عقل ۾ اچي سگهندو آهي تہ ڪو نہ ايندو آهي. حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ ملائڪن جي غذا الله جل جلالہ جي تسبيح آهيءَ جنات جي غذا جو ذڪر بہ حديثن مان ثابت آهي زمين ما نڪرندڙ سلا ۽ وڻ بہ رزق حاصل ڪن ٿا پٿرن ۽ باهہ ۾ رهندڙ ڪيڙا بہ رزق روزي ڪائن ٿا- **(عجيب واقعو)** قرآن ڪريم جي مفسر علامہ آلوسي بغدادي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ هڪ ڀيري حضرت موسىٰ عليه السلام جو مٿس وحي جي نزول وقت پنهنجي اهل جي طرف خيال ويو (شايد انهن جي رزق روزي جي طرف ڌيان ڏنو هيائون) الله تعالىٰ کيس امر فرمايو تہ پنهنجي لٺ (مبارڪ) پٿر کي هڻ پاڻ پٿر کي لٺ هنيائين تہ پٿر ڀڃي پيو ۽ ان مان هيو ننڍو پٿر نڪتو- الله تعالىٰ امر ڪيس تہ: ان کي بہ لٺ هڻ، پاڻ ان کي بہ لٺ هنيائين تہ پٿر ڀڃي پيو ۽ ان مان اجان بہ هڪ ننڍو پٿر نڪتو- وري ان پٿر کي بہ لٺ هنيائين تہ اهو ڀڃي پيو ۽ ان مان هڪ ننڍو ڪيڙو نڪتو جنهن جي وات ۾ غذا هئي ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام ان کان ٻڌو تہ اهو چئي رهيو هو-

"سُبْحَانَ مَنْ يَّرَانِىْ وَيَسْمَعُ كَلَامِىْ ،وَيَعْرِفُ مَكَانِىْ وَيَذْكُرُنِىْ وَلَايَنْسَانِىْ"(۱) الله جي ان ذات جي پاڪائي آهي جيڪو مون کي ڏسي ٿو ۽ منهنجي ڳالهائڻ کي ٻڌي ٿو ۽ منهنجي جاءِ سڃاڻي ٿو ۽ مون کي ياد ڪري ٿو ۽ مون کي وساري نٿو.

هڪ علمي نڪتو.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ "عَلَى اللهِ" ۾ علي جو لفظ آيو آهي ۽ اهو شرعي اصطلاح ۾ وجوب جي لاءِ ايندو آهي ۽ هتي بہ ان وجوب جي معنىٰ ۾ آيل آهي پر وجوب جا ٻہ قسم آهن. ۱- هي تہ ڪو مٿانهون هيٺاهين تي واجب ڪري جيئن الله تعالىٰ جي طرفان ٻانهن تي عبادت.اطاعت ۽ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جي اتباع واجب ڪيل آهي

(۱) روح المعاني صہ۲ جزء ۱۲ جلد۴-

يا دنيوي حڪمران پنهنجي فرمانبرداري عوام تي واجب ڪري ڇڏيندا آهن. ٢- هي تہ ڪنهن مٿانهين هيٺئين تي ڪجهہ واجب نہ ڪيو آهي پر مٿانهين پاڻ پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان پاڻ تي اها ڳالهہ واجب ڪري ڇڏي آهي ۽ ان جي ڇڏڻ جي ڪري نہ گناهہ آهي نہ ڇيا ڳاڇا- هتي "عَلَى اللّٰهِ" ۾ عليٰ جي آڻڻ مان بہ اهوئي وجوب مراد آهي- يعني رب العزة جل جلالہ پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان مخلوق ڪي روزي رسائڻ پنهنجي پاڪ ذات تي واجب ڪري ڇڏي آهي ۽ جڏهن ڪنهن بہ ڳالهہ جي وجوب جي نسبت الله تعاليٰ جي طرف ڪئي ويندي آهي تہ ان جو مطلب هي هوندو آهي تہ ان جي خلاف ٿيڻ ناممڪن آهي. ڪن عالمن سڳورن دعا ۾ " بحق فلان" چوڻ ڪان روڪيو آهي ڇوتہ الله تعاليٰ تي ڪنهن جو ڪو حق ناهي. پر صحيح قول مطابق حق جو لفظ آڻڻ منع ناهي- قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي "وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِيْنَ" (١) ۽ اسان تي مومنن جي مدد ڪرڻ حق آهي. ۽ اهڙي طرح حديث پاڪ ۾ بہ آيو آهي تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنه جي والده سيده فاطمہ اسديہ رضي الله عنها جي لاءِ جيڪا دعا گهري هئي ان جا الفاظ هي هئا "بحق نبيک والانبياء الذين من قبلي" پنهنجي نبي (حضرت محمد) مصطفىٰ صلي الله عليه وسلم ۽ انهن نبين جي حق جي ڪري جيڪي مون کان اڳي آيا هئا- اها حديث طبراني المعجم الڪبير ۽ المعجم الصغير ۾ ۽ محدث حاڪم صحيح سند سان آندي آهي. (٢) اهڙي طرح ٻين آيتن ۽ حديثن مان بہ دلائل ملن ٿا- پر اتي حق مان مراد اهوئي ڪرم ۽ رحم جي ذمي ڪيل وجوب آهي ۽ ڪٿي حق مان مراد طفيل يا واسطو آهي- "وَيَعْلَمُ مُسْتَقَرَّهَا وَمُسْتَوْدَعَهَا" ۽ ان جي قرار وٺڻ واري جاءِ ۽ حوالي ڪرڻ واري جاءِ ڄاڻي ٿو. "مستقر" مان مراد هن دنيا ۾ ان جي رهڻ جي جاءِ آهي ۽ "مُسْتَوْدَع" مان مراد ان جي قبر آهي. الله جل جلالہ انهن سڀني کي ڄاڻي ٿو- "كُلٌّ فِيْ كِتَابٍ مُّبِيْنٍ" هر شيءِ ڪليل ڪتاب ۾ آهي- "كِتَابٌ مُّبِيْنٌ" مان مراد لوح محفوظ آهي (٣) "وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَكَانَ عَرْشُهٗ عَلَى الْمَاءِ" ۽ اهو (الله) ئي تہ آهي جنهن آسمان ۽ زمين ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيا ۽ ان جو عرش

(١) نعيمي ص-١١ جلد ١٢- (٢) سورة آيت
(٣) شواهد الحق ص-١٥٧- (۴) زادالميسر ص-٧٩ جلد۴-

پاڻيءَ تي هو الله تعالىٰ پنهنجي علم محيط ۽ رزاقيت جي شان کي بيان
ڪرڻ ڪانپوءِ هن آيت ۾ پنهنجي ڪامل قدرت جو بيان ڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته
سڀئي آسمان ۽ زمين ڇهن (٦) ڏينهن ۾ پيدا ڪيا اٿم انهن ڏينهن مان مراد ڇا
آهي؟ ان ۾ اختلاف آهي پر صحيح مفهوم ۽ مراد هيءَ آهي ته ان مان مراد مطلق وقت
آهي يعني سڀني آسمانن ۽ زمين جي پيدا ٿيڻ جا ڇهه دور هئا عام ڏينهن جيڪو سج
اڀرڻ ڪان شروع ٿيندو ۽ سج لهڻ تي پورو ٿيندو آهي اهو هتي مراد وٺڻ صحيح ناهي
ڇو ته آسمان ۽ زمين جڏهن پيدا ٿيا هئا ته نه سج پيدا ٿيل هو نه ڏينهن هو نه رات
هئي. "۽ ان جو عرش پاڻيءَ تي هو" جو مطلب آهي ته آسمانن ۽ زمين کان پاڻي
پهريان پيدا ڪيل هو (١) ۽ اهو بعد ۾ پيدا ٿيندڙ شين جو ماده حيات بنجڻ وارو هو
جيئن. ارشاد الاهي آهي "وَجَعَلۡنَا مِنَ الۡمَآءِ كُلَّ شَيۡءٍ حَيٍّ" (٢) ۽ اسان حياتيءَ واري
هر شئي پاڻيءَ مان پيدا ڪئي ۽ اڳ ۾ عرش الاهي پاڻيءَ جي مٿان هو جيئن هاڻي
آسمانن ڪان مٿان آهي گويا هيءَ هڪ صورت هئي جيڪا ان حقيقت کي ظاهر
ڪري رهي هئي ته ڪائنات جي گهڻين شين جو مادو ۽ حياتيءَ جو ذريعو
مڪمل، پوري جو پورو رب العرش جل شانه جي تسلط، تصرف ۽ قدرت مطلقه جي
ماتحت آهي ان پاڻيءَ جي حقيقت ڇا هئي هلندڙ موجود پاڻي هو يا ٻي ڪا پاڻيءَ
جهڙي پنڙي وهندڙ شئي هئي جنهن کي پاڻي سڏيو ويو آهي. الله تعالىٰ ئي ڄاڻي ٿو.
اسان کي خبر ناهي "لِيَبۡلُوَكُمۡ أَيُّكُمۡ أَحۡسَنُ عَمَلًا" تانت اوهان کي آزمائي ته اوهان
مان عمل جي لحاظ سان ڪير وڌيڪ سهڻو آهي. آيت مبارڪه جي هن حصي ۾
انسان جي پيدا ڪرڻ جو مقصد بيان ڪيو ويو آهي. يعني ڏسڻو هي آهي ته انسان
کي جيڪا عقل ۽ علم جي دولت عطا ڪئي وئي آهي ان کي اهو ڪهڙي
طرح استعمال ڪري ٿو ڇا ان ڪيس مليل سڀئي صلاحيتون نفس جي
پوڄا، عيش ۽ عياشيءَ ۾ صرف ڪيون يا پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي
معرفت حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن کي استعمال ڪيو آهي "وَلَئِن قُلۡتَ إِنَّكُم مَّبۡعُوثُونَ
مِنۢ بَعۡدِ الۡمَوۡتِ لَيَقُولَنَّ الَّذِينَ كَفَرُوٓاْ إِنۡ هَٰذَآ إِلَّا سِحۡرٌ مُّبِينٌ" ۽ البت جيڪڏهن تون
چوندين ته بلاشڪ اوهان موت کان پوءِ اٿاريا ويندؤ ته جن ڪفر ڪيو آهي اهي
ضرور چوندا ته هيءَ ته کليل جادو آهي مطلب ته پاڻ ته اسلام، ايمان ۽ قرآن پاڪ
جي حقيقت ڪونه ٿا سمجهن پر جيڪڏهن اوهان انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش

(١) ضياءِ القرآن صہ ٣٤٣ جلد ٢ (٢) سورة الانبياءِ آيت نمبر٣٠

کندي چوندؤ تہ: اوهان کي مرڻ کانپوءِ زنده ڪري الله تعاليٰ جي بارگاه ۾ حساب لاءِ پيش ڪيو ويندو تہ ابتو جواب ڏئي چوندا تہ اوهڻ جنهن ڪتاب (قرآن پاڪ) جون آيتون پڙهي ٿا ٻڌايو اهو ڪليل ۽ روشن جادو آهي. الله جل شانه جو ڪلام نہ آهي "وَلَئِنْ اَخَّرْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ اِلٰٓى اُمَّةٍ مَّعْدُوْدَةٍ لَّيَقُوْلُنَّ مَا يَحْبِسُهٗ" ۽ البت جيڪڏهن اسين انهن کان ڳڻيل مدت (ڪجهہ عرصي) تائين عذاب پوئتي ڪندا سون تہ ضرور چوندا تہ ان کي ڪير ٿو روڪي؟ يعني انهن منڪرن جو حال حيرت ۾ وجهڻ جهڙو آهي. جڏهن انهن کي سندن ڪفر ۽ شرڪ جي ڪري مٿن اچڻ واري عذاب کان ڊيجاريو ٿو وڃي تہ چون ٿا تہ ڪير ٿو عذاب کي روڪي؟ ڇڏيو پلي اچي ڪٽي آهي اهو اوهان وارو عذاب جنهن کان اسان کي ڊيجاريو ٿا؛ "اَلَا يَوْمَ يَاْتِيْهِمْ لَيْسَ مَصْرُوْفًا عَنْهُمْ وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ" خبردار. جڏهن (اهو عذاب) انهن وٽ ايندو تہ انهن کان ڦيرايو نہ ويندو ۽ جنهن (عذاب جي باري ۾) چٿرون ڪندا هئا اهو کين گهيري ۾ آڻي ڇڏيندو. مطلب تہ مذاق ۽ غرور نہ ڪيو. جڏهن اهو الاهي عذاب اوهان وٽ ايندو تہ پوءِ اوهان ڪيترين ٻہ دانهون ڪندؤ، روئندؤ تہ بہ اهو اوهان کان پري نہ ڪيو ويندو ۽ اوهان ڪيڏانهن ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندؤ تہ ڀڄي نہ سگهندؤ ڇو تہ اهو اوهان کي پنهنجي گهيري ۾ اهڙو آڻي ڇڏيندو جو ڪا ڀڄڻ جي واهہ بہ نہ رهنديوَ.

وَلَئِنْ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنَاهَا مِنْهُ ۚ

۽ البت جيڪڏهن چکائي سون انسان کي پاڻ وٽان رحمت ان کانپوءِ جو کسيو سون ان کي ان کان

اِنَّهٗ لَيَئُوْسٌ كَفُوْرٌ ﴿٩﴾ وَلَئِنْ اَذَقْنَاهُ نَعْمَآءَ بَعْدَ ضَرَّآءَ

تہ بيشڪ اهو البت گهڻو مايوس، ناشڪر آهي ۽ البت جيڪڏهن چکايون سون ان کي نعمتون تڪليف کانپوءِ

مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ ذَهَبَ السَّيِّاٰتُ عَنِّيْ ؕ اِنَّهٗ لَفَرِحٌ فَخُوْرٌ ﴿١٠﴾ اِلَّا

جو پهتي ان کي تہ البت ضرور چوندو تہ (پري ٿي) ويون برايون مون کان بيشڪ اهو البت خوش ٿيندڙ فخر ڪندڙ آهي مگر

الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿١١﴾

اهي (ماڻهو) جو صبر ڪيائون ۽ ڪيائون سنا عمل اهي انهن لاءِ بخشش ۽ ثواب وڏو آهي.

تفسير

مذڪوره آيت ۾ ٻڌايو ويو هو تہ ڪافر ڪيڏا احمق آهن جو الله جل شانه جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام سان مقابلي ۾ لهي ٿا اچن ڪڏهن انهن جي ڳالهين کي جادو ٿا چون ڪڏهن انهن تي چٿرون ۽ ٺوڪون ٿا ڪن ۽ اهو سڀ ڪجهہ انهن جي متڪبر مزاج جو اثر آهي ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهي ڪافر وري اهڙا دل جا ڪمزور هوندا آهن جو هڪ حال تي ثابت قدم نہ رهندا آهن. فرمان مبارڪ آهي "وَلَئِنْ أَذَقْنَا الْإِنسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنَاهَا مِنْهُ إِنَّهُ لَيَئُوسٌ كَفُورٌ" ۽ البت جيڪڏهن اسين انسان کي پاڻ وٽان رحمت جو مزو چکائي ان کان پوءِ اها رحمت ان کان کسي وٺندا آهيون تہ بلاشڪ اهو گهڻو نا اميد ۽ گهڻو بي شڪر هوندو آهي. هن آيت ۾ انسان جي مٿان اچڻ وارين مختلف حالتن ۾ سندس مختلف ڪيفيتن کي بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪڏهن ان تي خوشيءَ جي حالت طاري ٿيندي آهي ڪڏهن غم جي ڪڏهن تندرست ۽ قوي هوندو آهي تہ ڪڏهن بيمار ۽ لاچار پيو هوندو آهي ۽ انهن ٻنهي حالتن ۾ ڪافر جو رد عمل پنهنجو هوندو آهي تہ مومن جو پنهنجو هتي "الْإِنسَانَ" مان مراد انسان جي جنس آهي ڪنهن خاص شخص ياقوم جوان ۾ ذڪر ناهي ۽ "رَحْمَةً" مان مراد صحت،امن، عافيت، بخت، ياڳ ۽ هر قسم جي مهرباني آهي "يَئُوسٌ" مبالغي جو صيغو آهي يعني صفا مايوس جنهن کي حالات جي بهتر هجڻ جي توقع ئي نہ هجي "كَفُورٌ" هي بہ مبالغي جو صيغو آهي يعني تمام گهڻو بي شڪر "وَلَئِنْ أَذَقْنَاهُ نَعْمَاءَ بَعْدَ ضَرَّاءَ مَسَّتْهُ لَيَقُولَنَّ ذَهَبَ السَّيِّئَاتُ عَنِّي إِنَّهُ لَفَرِحٌ فَخُورٌ إِلَّا الَّذِينَ صَبَرُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ أُولَٰئِكَ لَهُم مَّغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ كَبِيرٌ" ۽ البت جيڪڏهن اسان ان کي ان تڪليف کان پوءِ جيڪا کيس پهتي نعمتون چکايون تہ البت ضرور چوندو تہ مون کان برايون (تڪليفون) سيئي دور ٿي ويون بيشڪ اهو البت خوشي ڪندڙ، گهڻو فخر ڪندڙ آهي مگر جن صبر ۽ صالح عمل ڪيا اهي انهن لاءِ مغفرت ۽ وڏو ثواب آهي.

يعني مصيبت کانپوءِ جيڪڏهن ان کي الله جل جلالہ آرام ۽ سڪون نصيب ڪري ٿو تہ ائين ٿو سمجهي ڄڻ ان تان هاڻي هميشه لاءِ مصيبتن ۽ تڪليفن جو خاتمو ٿي ويو آهي ۽ اڳين تڪليف وري مٿس ڪڏهن بہ موٽي اچي نہ ٿي سگهي. ان وقت غافل ۽ مغرور ٿي هلي ٿو مگر ان مٿين حالتن کان الله جل شانه جا اهي ٻانها مستثنیٰ آهن

جيڪي تڪليفن ۽ مصيبتن جي مقابلي ۾ صبر ۽ استقامت کان ڪم وٺندا ۽ صالح عمل ڪندا آهن ۽ اهڙن پيارن ۽ پڪي ارادي وارن لاءِ ئي الله جل شانه جي مغفرت ۽ وڏي ثواب جا خزانا ڪليل آهن.

فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعْضَ مَا يُوْحٰۤى اِلَيْكَ وَضَآئِقٌۢ بِهٖ

پوءِ شايد تون ڇڏيندڙ آهين ڪجهه ان مان جو وحي ڪيو ويو توڏانهن ۽ تنگ آهي ان جي ڪري

صَدْرُكَ اَنْ يَّقُوْلُوْا لَوْ لَاۤ اُنْزِلَ عَلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ جَآءَ مَعَهٗ مَلَكٌ

سينو (پاڪ) تنهنجو هي جو چون ته ڇو نه نازل ڪيو ويو ان تي خزانو يا آيو ان سان گڏ ملائڪ

اِنَّمَاۤ اَنْتَ نَذِيْرٌ وَّاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ (۱۲) اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ

تون ته صرف ڊيڄاريندڙ آهين ۽ الله هر شيءِ جو سنڀاليندڙ آهي ڇا چون ٿا ته ٺاهيائين ان کي

قُلْ فَاْتُوْا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهٖ مُفْتَرَيٰتٍ وَّادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ

فرماءِ ته: پوءِ آڻيو ڏهه سورتون ان جهڙيون هٿ جون ٺاهيلون ۽ سڏيو ان کي جو سڏي سگهو

مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (۱۳)

الله کانسواءِ جيڪڏهن آهيو سچا.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جي متڪبرانه ڪردار جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام کي انهن جي دل ايذائيندڙ گفتار کان ملول ٿيڻ کان روڪيو ويو آهي فرمان پاڪ آهي "فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعْضَ مَا يُوْحٰۤى اِلَيْكَ وَضَآئِقٌۢ بِهٖ صَدْرُكَ اَنْ يَّقُوْلُوْا لَوْ لَاۤ اُنْزِلَ عَلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ جَآءَ مَعَهٗ مَلَكٌ" پوءِ شايد جيڪو توڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ان جو ڪجهه حصو تون ڇڏي ڏيندين؟ ۽ ان جي ڪري جو اهي چون ٿا ته

ان تي خزانو ڇو نہ نازل ڪيو ويو يا ان سان گڏ ملائڪ ڇو نہ آيو تنهنجو سينو (پاڪ) تنگ ٿو ٿي پوي؟ ڪافرن حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي خدمت اقدس ۾ اچي چيو تہ هتي قرآن جيڪو اوهان پڙهي ٻڌايو ٿا ان ۾ اسان جي (باطل) معبودن ڪي برو چيو ويو آهي ان جي ڪري اسين ان ڪي مڃڻ لاءِ تيار ناهيون ها جيڪڏهن اوهان اهڙو قرآن (پاڪ) آڻيو جنهن ۾ اسان جي بتن لاءِ ڪنهن بہ قسم جي برائي بيان ٿيل نہ هجي تہ پوءِ اسين اوهان تي ايمان آڻي سگهون ٿا ٻيو تہ جيڪڏهن اوهان سچا نبي هجو ها تہ اوهان وٽ سون، چانديءَ، لعلن ۽ جواهرن جا خزانا هجن ها ۽ اوهان اهي ماڻهن ۾ ورهائيندا رهو ها يا اوهان سان گڏ ڪو ملائڪ هجي ها جيڪو ماڻهن ڪي اوهان جي سچي هجڻ جو يقين ڏياري ها ۽ جيڪو مڃڻ کان انڪار ڪري ها تہ ان جو ڪنڌ مروڙي ان ڪي ختم ڪري ڇڏي ها هڻن سان اڻين ٿئي ها تہ ڪنهن ڪي بہ اوهان جي ديني دعوت ڪي رد ڪرڻ جي جرءَت نہ ٿئي ها ۽ اوهان تہ ظاهر ۾ پاڻ بہ ڏينهن جا ڏينهن ڪاڏي ڪانسواءِ گذاريو پيا اسين اوهان ڪي طرحين طرحين جون تڪليفون ڏيون پيا ۽ اسان ڪي ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو ٿئي تہ پوءِ اوهان پاڻ سو چيو تہ اوهان جي اتباع ڪرڻ سان ڪنهن ڪي ڇا ملندو ۽ ضرورت ڪهڙي آهي؟ اهي سڀ ڳالهيون ظاهر ۾ تہ حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي پاڪ دل تي ڳريون گذريون هونديون تہ بہ الله جل شانه ڪين مذڪوره آيتن ۾ ارشاد فرمايو تہ: ڇا اهو ممڪن آهي جو اوهان انهن جي راضي ڪرڻ لاءِ الله جل شانه جي فرمان اقدس، قرآن مقدس ۾ ردو بدل ڪيو؟ يا دنيوي مال متاع جي گهٽتائيءَ ۽ ڪنهن فرشتي جي گڏ نہ هجڻ جي ڪري دل ۾ تنگي محسوس ڪيو؟ نہ هر گز نہ، مطلب تہ اوهان ڪان اهو ٿي نہ سگهندو اوهان انهن ڪافرن ڪي اهو ئي پيغام پهچائيندؤ، جيڪو اوهان ڏانهن نازل ڪيو ويندو. اوهان هر طرح دين جي دعوت ۾ مصروف رهندؤ، اسان اوهان ڪي معصوم بنايو آهي جيڪڏهن اسين معصوم نہ بنايون ها تہ پوءِ ٻي ڪا ڳالهہ ممڪن هئي. (۱)

"إِنَّمَا أَنتَ نَذِيرٌ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ وَكِيلٌ" تون تہ صرف ڊيڄاريندڙ آهين ۽ الله هر شئي ڪي سنڀاليندڙ آهي. يعني اوهان انهن جي ڳالهين ڏي توجهہ نہ فرمايو اوهان انهن ڪي الله جل شانه جي عذاب ڪان ڊيڄاريندا رهو. اهي قبول ڪن يا نہ ڪن الله تعاليٰ انهن جي هر قول ڪي سنڀالي محفوظ ڪري رکيو آهي اهو ئي ڪين ان جي سزا ڏيندو "(۲)

"أَمْ يَقُولُونَ افْتَرَاهُ ۖ قُلْ فَأْتُوا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهِ مُفْتَرَيَاتٍ وَادْعُوا مَنِ اسْتَطَعْتُم مِّن دُونِ اللَّهِ

(۱) المنارصہ ۳۰ جلد ۱۲ القرطبي صہ ۱۲ جلد ۹ (۲) المظهري صہ ۱۰ جلد ۵

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" جا چون ٿا تہ (قرآن هڻ سان ٺاهيو اٿس ۽ جيڪڏهن قرآن هڻ سان ٺاهڻ ممڪن آهي تہ) اوهان انهن کي چئو تہ پوءِ ان جهڙيون هڻ سان ٺاهيل ڏهہ سورتون آڻي ڏيکاريو ۽ جنهن کي بہ الله کانسواءِ سڏي سگهو سڏي وٺو جيڪڏهن سچا آهيو. يعني انهن ڪافرن کي جيڪي چون ٿا تہ اهو قرآن الله جل شانه جو ڪلام ناهي (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) پاڻ ٺاهيو آهي اوهان چئلنج ڏيو تہ جيڪڏهن قرآن پاڪ مون ٺاهيو آهي تہ اوهان بہ فصيح ۽ بليغ زبان وارا عرب آهيو قرآن ڪريم جهڙيون ڏهہ سورتون ٺاهي ڪٺي اچو ۽ الله تعالىٰ کانسواءِ جنهن کي بہ سڏي سگهو ان کي سڏي ان کان مدد وٺو ۽ جڏهن عاجز آهيو اهڙو ڪلام ٺاهي نہ ٿا سگهو تہ تسليم ڪيو تہ هي واقعي ڪلام الاهي آهي جنهن جي اطاعت ڪرڻ فرض آهي. (۱)

فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اُنْزِلَ بِعِلْمِ

پوءِ جيڪڏهن نہ قبول ڪن اوهان جو (چوڻ) پوءِ يقين ڄاڻو تہ تحقيق نازل ڪيو ويو آهي

اللّٰهِ وَاَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۴﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ

الله جي علم سان ۽ هيءَ تہ ناهي ڪو عبادت جو حقدار مگر اهو پوءِ ڇا اوهان مڃيندڙ آهيو؟ جيڪو شخص بہ ارادو ٿو ڪري

الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا وَهُمْ

حياتيءَ دنيا واريءَ جو ۽ سينگار ان جي جو تہ پورو بدلو ڏيندا سون انهن کي عملن انهن جي جوان ۾ ۽ اهي

فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ ﴿۱۵﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَيْسَ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا النَّارُ ۖ

ان ۾ نہ نقصان ڏنا ويندا اهيئي اهي آهن جو ناهي انهن لاءِ آخرت ۾ مگر باهہ

وَحَبِطَ مَا صَنَعُوْا فِيْهَا وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶﴾

۽ برباد ٿي ويو اهو جو ڪيائون ۽ باطل آهي اهو جو ڪيو هيائون.

(۱) المراغي صہ ۱۲ جزء ۱۲ جلد ۴

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جي ان قول ڪي (تہ قرآن ڪريم (نبي پاڪ) جو ناهيل ڪتاب آهي) چئلنج ڪيو ويو تہ جيڪڏهن اهو الله جل شانه جو پاڪ ڪلام ناهي تہ پوءِ اوهان ان جهڙيون ڏهہ سورتون ناهي ڏيکاريو ۽ هنن آيتن ۾ مومنن ڪي ثابت قدم رهڻ جي لاءِ هدايت ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن اهي ڪافر اوهان جو چئلينج قبول نہ ٿا ڪن تہ اوهان انهن ڪي ڇڏي ڏيو پاڻ دين تي مضبوط رهو ۽ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي دامن ڪي مضبوطيءَ سان جهليو ارشاد الاهي آهي

"فَإِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اُنْزِلَ بِعِلْمِ اللّٰهِ وَاَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ"

پوءِ جيڪڏهن (اوهان جو چئلينج) قبول نہ ڪن تہ پوءِ يقين ڄاڻو تہ (قرآن ڪريم) الله جي علم سان نازل ڪيو ويو آهي ۽ هي بہ (يقين ڄاڻو تہ) ان ڪانسواءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ناهي پوءِ ڇا اوهان مڃيندڙ آهيو؟

مطلب تہ جڏهن سيئي ڪافر فصيح، بليغ ۽ خالص عرب هوندي بہ اهڙو ڪلام پيش ڪرڻ ڪان عاجز آهن تہ پوءِ اوهان مسلمان تہ يقين ڪيو تہ قرآن ڪريم اهو ڪتاب آهي جيڪو الله جل جلاله پنهنجي ڪامل علم سان پنهنجي پياري نبي عليه الصلواة والسلام تي نازل فرمايو آهي ۽ اهو بہ يقين ڪيو تہ جنهن جي ڪلام جهڙو ڪو ڪلام نہ ٺوئي سگهي تہ ان جي ذات ۽ ٻين صفتن ۾ ڪير سندس شريڪ ڪيئن ٿي سگهندو؟ اهڙو بي مثال ڪلام ان بي مثال الله جو آهي جنهن جو ڪير بہ شريڪ ناهي ڇا اهڙن روشن دليلن ڪانپوءِ بہ مسلمان ٿيڻ ۽ الله جل مجده جي حڪم مڃڻ ۾ ڪنهن شيءِ جو انتظار ڪيو ٿا؟

ضروري وضاحت

قرآن ڪريم جي طرفان ان جهڙو ڪلام پيش ڪرڻ جو چئلينج ڪافرن ڪي ٽن مرحلن ۾ ڏنو ويو آهي "١" تہ اهڙو پورو ڪتاب آڻيو "٢" تہ ان جهڙيون ڏهہ سورتون آڻيو "٣" تہ ان جي هڪ سورة جهڙي ڪا ننڍي سورة آڻيو مگر اهي ٽنهي چئلينجن ۾ عاجز رهيا ۽ قرآن ڪريم جو الاهي ڪلام هجڻ يقيني رهيو، آهي ۽ رهندو والحمدلله

"مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا وَهُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ"

جيڪو دنياوي حياتيءَ ۽ ان جي سينگار جو ارادو ٿو ڪري ته اسين انهن ڪي سندن عملن جو پورو بدلو دنيا ۾ ئي ڏيندا سون ۽ انهن ۾ اهي ڪنهن به قسم جو نقصان نه ڏنا ويندا. يعني اهڙي روشن ثبوت جي هوندي به جيڪو شخص قرآن ڪريم تي ايمان نه ٿو آڻي يا ان جي بيان ڪيل رستي تي نه ٿو هلي بلڪ دنيا جي ۽ڻن ڏينهن واريءَ زندگيءَ کي مقصود بنائي ان لاءِ عملي جدوجهد ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن ظاهر ۾ ڪو خير خيرات جهڙو ڪم ڪري ٿو ته ان مان به ان جو مقصد الله تعالىٰ جي رضا ۽ آخرت جي بهتري نه پر دنيوي فائدا ۽ واه واه حاصل ڪرڻ آهي اهڙن ماڻهن جي لاءِ پوءِ اهي مشرڪ، منافق هجن يا يهودي ۽ عيسائي يا ريا ڪار مسلمان هڏايو ويو آهي ته ڪين دنيا ۾ ان جو بدلو ڏنو ويندو باقي مرڻ کان پوءِ اخروي زندگيءَ ۾ انهن کي ڪوبه فائدو نه ملندو. "أُولَٰئِكَ الَّذِينَ لَيْسَ لَهُمْ فِي الْآخِرَةِ إِلَّا النَّارُ وَحَبِطَ مَا صَنَعُوا فِيهَا وَبَاطِلٌ مَّا كَانُوا يَعْمَلُونَ" اهي ئي اهي آهن جن لاءِ آخرت ۾ باه ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي ۽ جيڪي ان ۾ ڪيائون اهو برباد ٿي ويو ۽ جيڪي عمل ڪيائون ٿي اهي باطل آهن. مطلب ته انهن لاءِ اخروي زندگيءَ ۾ جهنم جي باه ڪانسواءِ ڪجهه به نه هوندو دنيا ۾ جيڪي ڪم دنيوي غرضن لاءِ ڪيا هيائون اهي ائين برباد ٿي ويندا ڄڻ ته ڪيا ئي نه هيائون.

فائدو "فَإِن لَّمْ يَسْتَجِيبُوا لَكُمْ" مان واضح ٿيو ته دنيا جي ڪائنات ۾ ڪير ڪيتري به علم وارو هجي پر اهو الله جل مجده جي ڪلام جهڙو ڪلام ناهي نه سگهندو ۽ دنيوي حياتيءَ مان مراد ذلت واري زندگي آهي جنهن ۾ لالچ. حسد، بغض، سرڪشي شرڪ، ڪفر منافقي، رياڪاري، ڌوڪو ڏيڻ، ڪاوڙ ۽ دنيوي جاه وجلال جي طلب هجي اهڙي حياتيءَ جا طالب دنيا دار، بد نيت هوندا آهن ۽ هن جهان ۾ مخلص مومن، متقيءَ جي حياتي، "حياة طيبة" هوندي آهي.

أَفَمَن كَانَ عَلَىٰ بَيِّنَةٍ مِّن رَّبِّهِ وَيَتْلُوهُ شَاهِدٌ مِّنْهُ

ڇا پوءِ جيڪو هجي روشن دليل تي پنهنجي رب جي طرفان ۽ اچي ان وٽ شاهد ان جي طرفان

وَمِن قَبْلِهِ كِتَابُ مُوسَىٰ إِمَامًا وَرَحْمَةً ۚ أُولَٰئِكَ يُؤْمِنُونَ بِهِ ۚ

۽ اڳي ان کان آهي ڪتاب موسىٰ جو امام ۽ رحمت اهي ئي ايمان آڻين ٿا ان تي

وَمَنۡ يَّكۡفُرۡ بِهٖ مِنَ الۡاَحۡزَابِ فَالنَّارُ مَوۡعِدُهٗ‌ۚ فَلَا تَكُ فِىۡ

۽جيڪو ڪفر ڪندو ان جو جماعتن مان پوءِ باه ان جي وعدي جي جاءِ آهي پوءِ نہ هج تون

مِرۡيَةٍ مِّنۡهُ‌ۚ اِنَّهُ الۡحَـقُّ مِنۡ رَّبِّكَ وَلٰـكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۷﴾

شڪ ۾ ان کان بيشڪ اهو حق آهي طرفان رب تنهنجي ۽ پر اڪثر ماڻهو ايمان نہ ٿا آڻين

وَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَـرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا‌ ؕ اُولٰۤـئِكَ يُعۡرَضُوۡنَ عَلٰى

۽ ڪيرو ڏيڪ ظالم آهي ان کان جو ناهي هنيائين الله تي ڪوڙ اهي پيش ڪيا ويندا

رَبِّهِمۡ وَيَقُوۡلُ الۡاَشۡهَادُ هٰٓؤُلَۤاءِ الَّذِيۡنَ كَذَبُوۡا عَلٰى رَبِّهِمۡ‌ۚ اَلَا

پنهنجي رب جي اڳيان ۽ چوندا شاهد تہ هي اهي آهن جو ڪوڙ هنيائون پنهنجي رب تي خبردار

لَـعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيۡنَۙ‏ ﴿۱۸﴾

الله جي لعنت آهي ظالمن تي.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو تہ ڪافر دنيوي حياتيءَ جي دولت ۽ زينت کي سڀ ڪجهہ سمجهي ويٺا آهن ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اصل شيءِ الله جل جلاله جي طرفان مليل روشن دليل ۽ عقل سليم آهي جنهن سان حق ۽ ناحق ۾ تميز ڪري حق تي هلجي ۽ ناحق کان پاسو ڪجي. ايزدي فرمان آهي "اَفَمَنۡ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّهٖ وَيَتۡلُوۡهُ شَاهِدٌ مِّنۡهُ وَمِنۡ قَبۡلِهٖ كِتٰبُ مُوۡسٰٓى اِمَامًا وَّرَحۡمَةً" ڇا پوءِ اهو شخص جو پنهنجي رب جي طرفان روشن دليل تي هجي ۽ ان وٽ ان (الله تعالىٰ) جي طرفان شاهد بہ اچي ۽ ان کان اڳي ان وٽ حضرت موسىٰ جو ڪتاب بہ امام ۽ رحمت آهي هتي حق ۽ باطل جو نهايت شاندار طريقي سان مقابلو ڪيو ويو آهي تہ هڪ اهو ٽولو آهي جيڪو دنيا جي هر شيءِ ڪي لالچ جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ صرف مطلب پرستيءَ جي پويان ۽

پنهنجي عيش جوڳو لائق آهي ان جي سالم عقل تي نفسانيت جو غلبو آهي ۽ دنيا پرستيءَ ان کي انڌو ڪري وڌو آهي ۽ بيو اهو ٽولو آهي جن جون نگاهون ڪچنديئي هر طرف انوار ايزديءَ جو مشاهدو ڪنديون آهن جڏهن اهي ڪامل ۽ الله جل شانه جا پيارا پانها عشق الاهيءَ سان مخمور نگاهون کڻندا آهن ته ڪين الله جل مجده جي معرفت جا بي مثال مڙانصيب ٿيندا آهن اهي اسلام جي حقانيت جي روشن دليل ۽ ان سان گڏ هڪ سچي شاهد جي شاهديءَ ۽ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام تي نازل ڪيل ڪتاب جي هوندي جيڪو امام ۽ رحمت آهي ڪيئن انڪار ڪندا؟

بينة ۽ شاهد مان مراد ڪير آهن؟

"بَيِّنَةٍ" مان مراد ۾ مختلف قول آهن "١" عقلي دليل "٢" قرآن ڪريم "٣" سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم "٤" دين ۽ ان بينه تي رهندڙ مان مراد مسلمان آهن. (١) ۽ شاهد مان مراد ۾ به مختلف اقوال آهن "١" ته ان مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جي زبان مبارڪ آهي حضرت شير خدا جي فرزند محمد بن حنفيه رضي الله عنهما ڪان روايت آهي ته مون پنهنجي والد سيدنا علي المرتضىٰ ڪان پڇيو ته قرآن پاڪ جي آيت "وَيَتْلُوْهُ شَاهِدٌ مِّنْهُ" ۾ شاهد اوهان آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته ان مان مراد مان ناهيان ان هان مراد نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي زبان مبارڪ آهي(٢)

"٢" ته ان شاهد مان مراد خود قرآن ڪريم آهي ۽ يتلو جي معنىٰ يتبع مطلب ته حضور عليه الصلواة والسلام جن عقلي برهان تي آهن ۽ ساڻن گڏ قرآن به آهي (٣) "٣" حضرت ابن عباس، نخعي، مجاهد، ضحاڪ، ابو صالح ۽ عڪرمه جو قول آهي ته شاهد مان مراد حضرت جبريل آهي جيڪو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ قرآن پڙهي پيش ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندو رهندو هو "٤" سيدنا امام حسن بن علي رضي الله عنهما جو قول آهي ته شاهد مان مراد خود حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جو وجود مسعود آهي. (٤)

"٤" شاهد مان مراد حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي (٥) ته شاهد مان مراد حضرت علي رضي الله عنه آهي (٦) "اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ" اهي ان تي ايمان آڻين ٿا.

(١) ضياءُ القرآن صه ٣٤٩ جلد٢ (٢) زاد المسيرصه ٨٥ جلد ۴ (٣) تفسير طبري صه ١٠ جزء١٢ جلد٧ (۴) الجواهر في تفسير القرآن صه ١۴۴ جزء ٦ جلد٣ (٥) البحر المحيط ٢١١ جلد٥ (٦) روح المعاني صه ٢٨ جزء ١٢ جلد ۴

مطلب تہ مٿين صفتن سان موصوف قرآن پاڪ کي دل سان سچو چون ٿا (۱) "وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ مِنَ الْاَحْزَابِ فَالنَّارُ مَوْعِدُهٗ" ۽ جيڪو انهن جماعتن مان ان جو انڪار ڪري ٿو ان جي وعدي جي جاءِ (جهنم جي) باھ آهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ احزاب حزب جو جمع آهي ۽ ان مان مراد ڪافرن جون سڀ جماعتون ۽ ٽولا آهن ۽ "النَّار" مان مراد جهنم آهي جهنم جا هڪ سئو ٽيھ (۱۳۰) نالا آهن النار ۽ "موعد" بہ ان جا نالا آهن(۲)

"فَلَا تَكُ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ" پوءِ ان جي متعلق ڪنهن بہ قسم جي شڪ ۾ نہ رھ يقينًا اهو تنهنجي رب کان حق آهي يعني ڪافرن جو دائمي جهنم ۾ هجڻ ۽ نيڪو ڪارن جو جنت ۾ هميشه رهڻ يقيني امر آهي ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ ناهي. بلڪ اهي هئي ٽولا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پهچندا "وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ" ۽ پر اڪثر ماڻهو ايمان نٿا آڻين. يعني ڪافر ايمان نہ ٿا آڻين يا ان جي ڪري جو عقل نہ اٿن يا ان لاءِ جو انهن جو غور ۽ فڪر دنيا جي طرف لڳل آهي انهن جو آخرت جي طرف خيال ئي ناهي ان جي ڪري اهڙا متڪبر ۽ مغرور آهن جو اهل علم ۽ روحانيّت جي صاحبن وٽ وهڻ،انهن جي ٻڌڻ ۽ انهن سان روح رهان ڪرڻ پنهنجيَ توهين سمجهن ٿا "وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا" ۽ ان ڪان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن (سچي) الله تي ڪوڙ ٺاهي هنيو. يعني(يا تہ اهڙا عقيدا ٺاهيائين تہ الله جل جلالہ ڪوڙ هٽي سگهي ٿو) يا پنهنجي طرفان ڪا ڳالھ ٺاهي چوي تہ الله جل شانه هيئن فرمايو آهي حالانڪ جاڻي ٿو تہ پاڻ ڪوڙ هٽي رهيو آهي "اُولٰٓئِكَ يُعْرَضُوْنَ عَلٰى رَبِّهِمْ وَيَقُوْلُ الْاَشْهَادُ هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ" اهي پنهنجي رب جي اڳيان پيش ڪيا ويندا ۽ شاهد چوندا تہ هي اهي آهن جن پنهنجي رب تي ڪوڙ هنيو هو. مطلب تہ الله تعاليٰ تي ڪوڙ هڻڻ وارا پنهنجن بدعملن، بهتانن ۽ افترائن سميت حاضر ڪيا ويندا ۽ نهايت ذليل ۽ خوار ٿيندا اتي نہ انڪار ڪري سگهندا نہ عذاب ڪان بچي سگهندا ۽ مٿن سندن عضوا يا ملائڪ، ڪرامًا ڪاتبين شاهدي ڏيندا "اَلَا لَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ" خبردار ظالمن تي الله جي لعنت آهي. هتي "الظّٰلِمِيْنَ" مان مراد مشرڪ آهن (۳) ظالم ورتل آهي ظلم کان ۽ ظلم جي معنيٰ ڪنهن شيءِ کي ان جي اصلي جاءِ تي نہ رکڻ انهن مشرڪن بہ عبادت کي جيڪا الله جل جلالہ جي لاءِ خاص آهي ان جي غير محل (بتن) لاءِ رکيو هو ان جي ڪري ظالم سڏيا ويا. (۴)

(۱) ساڳيو حوالو (۲) نعيمي صہ ۵۹ جلد۱۲ (۳) ايسرالتفاسير صہ ۳۳۰ جلد۲
(۴) القرطبي صہ ۱۸ جلد ۹

اَلَّذِیْنَ یَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِیْلِ اللّٰهِ وَیَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ؕ وَهُمْ

اهي شخص جو روڪين ٿا الله جي واٽ کان ۽ طلب ڪن ٿا ان ڪي ڏنگو ۽ اهي ئي

بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۱۹﴾ اُولٰٓئِکَ لَمْ یَکُوْنُوْا مُعْجِزِیْنَ فِی الْاَرْضِ

آخرت جا انڪاري آهن اهي ناهن عاجز ڪندڙ زمين ۾

وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِیَآءَ ۘ یُضٰعَفُ لَهُمُ الْعَذَابُ ؕ

۽ ناهن واسطي انهن جي سواءِ الله جي ڪي مددگار ٻيڻو ڪيو ويندو انهن لاءِ عذاب

مَا كَانُوْا یَسْتَطِیْعُوْنَ السَّمْعَ وَمَا كَانُوْا یُبْصِرُوْنَ ﴿۲۰﴾ اُولٰٓئِکَ

نہ ٿا طاقت رکن ٻڌڻ جي ۽ نہ هئا جو ڏسن اهيئي

الَّذِیْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا یَفْتَرُوْنَ ﴿۲۱﴾

اهي آهن جو نقصان ۾ وڌائون سر پنهنجا ۽ گم ٿيو انهن کان اهوجو هٺ جو ناهيو هيائون.

تفسير

هنن آيتن کان اول ذڪر ڪيل آيت ۾ ظالمن تي لعنت جو ذڪر هو مگر انهن کهڙو ظلم ڪيو هو هنن آيتن ۾ ان جي وضاحت ڪئي وئي آهي فرمان مبارڪ آهي "اَلَّذِیْنَ یَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِیْلِ اللّٰهِ وَیَبْغُوْنَهَا عِوَجًا وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ" جيڪي الله جي واٽ کان روڪين ٿا ۽ ان ڪي ڏنگو طلب ڪن ٿا ۽ اهي ئي آخرت جا منڪر آهن يعني جيڪي الله پاڪ جي ڪلام کي ڪوڙو چون ٿا، آخرت جا صاف صاف منڪر آهن، ٻين ڪي بہ الله جي واٽ کان روڪي سڌيءَ واٽ کي ڏنگو ڪرڻ ٿا گهرن اهڙن ظالمن تي الله جي لعنت آهي "اُولٰٓئِکَ لَمْ یَکُوْنُوْا مُعْجِزِیْنَ فِی الْاَرْضِ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِیَآءَ یُضٰعَفُ لَهُمُ الْعَذَابُ" اهي زمين ۾ عاجز ڪندڙ ناهن ۽ نہ انهن لاءِ الله کانسواءِ ڪي مددگار آهن انهن لاءِ عذاب ٻيڻو ڪيو ويندو. مطلب تہ اهي نہ ڪنهن کي زمين ۾

ٽڪائي عاجز ڪري سگهندا ۽ نہ انهن لاءِ الله جي ايڏي وسيع ۽ ڪشاديءَ زمين ۾ ڪي حمايتي ۽ مددگار هوندا اهي پاڻ بہ گمراهہ رهيا ۽ ٻين کي بہ گمراهہ ڪيائون ان جي ڪري انهن لاءِ ٻيڻو عذاب ڪيو ويندو "مَا كَانُوا يَسْتَطِيعُونَ السَّمْعَ وَمَا كَانُوا يُبْصِرُونَ" نہ ٻڌڻ جي طاقت ٿي رکيائون ۽ نہ ڏسي ٿي سگهيا. يعني اهڙا ٻوڙا ۽ انڌا ٿي پيا جو نہ ٿي حق جي ڳالهہ ٻڌائون ۽ نہ ٿي الله جل شانه جي قدرت جون اهي نشانيون ڏٺائون جن جي ڏسڻ سان ممڪن هو تہ هدايت جي رستي تي اچي وڃن ها "أُولَئِكَ الَّذِينَ خَسِرُوا أَنفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُم مَّا كَانُوا يَفْتَرُونَ" اهي ئي اهي شخص آهن جن پنهنجن سرن کي نقصان ۾ وڌو ۽ انهن کان اهو گم ٿي ويو جيڪو هٿ سان ٺاهيو هيائون يعني هٿ جا ٺاهيل ڪوڙ اتي گم ٿي ويندن انهن پنهنجن سرن کي پاڻ ئي ابدي عذاب جي حوالي ڪري ڇڏيو.

فائدا هنن پاڪ آيتن جي مفهوم کي ذهن ۾ رهارڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "١" جيڪي شخص اسلام ۾ پنهنجو خيال هلائڻ گهرندا آهن اهي ڪافرن وانگر آهن ڇو تہ اسلام جي اصول ۽ فروع جي پائبندي نہ ڪرڻ،اسلام ۾ غلط تاويلون ڪرڻ،مروڙي سروڙي پنهنجي مطلب لاءِ تحريفون ڪرڻ ڪافرن جو رستو آهي جيئن "وَيَبْغُونَهَا عِوَجًا"، (۽ ان کي ڏنگو ٿا طلب ڪن) مان واضح ۽ روشن آهي "٢" الَّذِينَ يَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ اللَّهِ (جيڪي الله جي واٽ کان روڪين ٿا) مان ثابت ٿيو تہ الله جل شانه جي ذڪر ۽ ذڪر جي مجلسن کان روڪڻ،بدعت جي بهاني انهن کان منع ڪرڻ صالحن جي صحبت ۽ انهن جي مزارات جي حاضري ڏيڻ کي برو سمجهڻ بہ ڪافرن جي ڪردار سان مشابهہ آهي "٣" "وَمَا كَانَ لَهُم مِّن دُونِ اللَّهِ مِنْ أَوْلِيَاءَ" (انهن لاءِ الله کان سواءِ ڪير بہ مددگار نہ آهن) مان واضح ٿيو تہ ڪير بہ ڪافرن جا مددگار نہ هوندا پر انهن جي برعڪس الله جل شانه جي (اذن سان ان جي) محبوب وارن مومنن مسلمانن ٻانهن جا ڪئين مددگار آهن ۽ هوندا.

"۴" اهي ماڻهو خوش نصيب آهن جن کي الله تعالىٰ دين ٻڌڻ ۽ سڌڻ سان گڏ انهن جي حقيقت ۽ اسرار جي دولت سان مالامال ڪيو آهي ڪافر ٻڌندا ۽ معجزا ڏسندا بہ هئا پر انهن جي حقيقت ۽ اسرار کان محروم رهيا جيئن "مَا كَانُوا يَسْتَطِيعُونَ السَّمْعَ وَمَا كَانُوا يُبْصِرُونَ" مان واضح ٿي رهيو آهي. دين جي صحيح نمونې سمجهہ ملڻ الله جل جلالہ جو خاص ڪرم ۽ مهرباني آهي.

لَاجَرَمَ اَنَّهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ ﴿۲۲﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

بيشڪ يقينًا اهي آخرت ۾ اهي ئي زياده نقصان وارا آهن بيشڪ جن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْٓا

ايمان آندو ۽ ڪيائون نيڪ عمل ۽ جهڪيا

اِلٰى رَبِّهِمْ ۙ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۳﴾

طرف رب پنهنجي اهي جنتي آهن اهي ان ۾ هميشه رهندڙ آهن

مَثَلُ الْفَرِيْقَيْنِ كَالْاَعْمٰى وَالْاَصَمِّ وَالْبَصِيْرِ وَالسَّمِيْعِ ۭ

مثال ٻنهي جماعتن جو مثل انڌي ۽ ٻوڙي ۽ ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ جي آهي

ع ۲ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۴﴾

ڇا ٻـرا ٻـرا ٿيندا مثال جي لحاظ سان؟ ڇا پوءِ نه ٿا نصيحت وٺو؟

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ظالمن تي لعنت جو ذڪر هو ۽ هاڻي ان لعنت پوڻ جي نقصان جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "لَاجَرَمَ اَنَّهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ" بيشڪ يقينًا اهي ئي آخرت ۾ زياده نقصان وارا آهن مطلب ته هڪڙا ماڻهو پاڻ گناهه ڪري دين کان پري رهي نقصان ۾ پيا ٻيا جن جو هتي ذڪر آهي اهي آهن جيڪي پاڻ ته دين کان غافل رهيا پر ٻين کي به دين کان روڪي وڏيڪ نقصان وارا ٿيا (۱) "اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ" بيشڪ جن شخصن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ۽

(۱) المظهري ص ۱۷ جلد ۵

پنهنجي رب جي طرف جهڪيا اهي ئي جنتي آهن اهي ان ۾ هميشه رهيا پيا هوندا.
هن آيت ۾ اسلام ۽ ايمان جي منڪرن جي مقابلي ۾ مومنن، صالح عمل ڪندڙن جي ڀلائي ۽ فضيلت بيان ڪئي وئي آهي. تہ اهي ايمان آڻڻ وارا، ڀلا عمل ڪندڙ ۽ پنهنجي رب جي طرف جهڪندڙ جنتي آهن هميشه جنت جا مزا ماڻيندا رهندا "مَثَلُ الْفَرِيْقَيْنِ كَالْاَعْمٰى وَالْاَصَمِّ وَالْبَصِيْرِ وَالسَّمِيْعِ" ٻنهي جماعتن جو مثال انڌي ۽ ٻوڙي ۽ ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ وانگر آهي يعني ڪافر انڌا ۽ ٻوڙا آهن جو نہ حق ڏسن ٿا ۽ نہ سچ ٻڌن ٿا ۽ مومن ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ آهن جو حق ڏسن ٿا ۽ سچ ٻڌن ٿا الله جل شانه انهن جي دلين ۾ ايمان جو نور پيدا ڪيو آهي "هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا" ڇا اهي ٻئي جماعتون مثال جي لحاظ سان برابر آهن؟ نہ ڪڏهن بہ نہ "اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ" ڇا پوءِ نصيحت نہ ٿا وٺو؟ يعني انهن مثالن تي غور ڪيو ۽ ڪجهہ فائدو وٺو اهڙن روشن ۽ واضح سمجهاڻين کان غافل نہ رهو. (۱)

فائدا: هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي ڳالهيون ذهن ۾ اچن ٿيون "۱" "لَاجَرَمَ" الايت تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ دنيا آخرت جو نمونو آهي جيڪو شخص گهري ٿو تہ پنهنجي پڇاڙي ۽ اخروي زندگي معلوم ڪري ان کي کپي تہ پنهنجي هتي واريءَ حياتيءَ تي غور ڪري جيڪڏهن سندس هيءَ حياتي ديني لحاظ سان خراب آهي عيش پرستي، دين کان غفلت، صالحن عملن ۾ سستي، علماءِ ربانيين ۽ اولياءِ ڪاملين کان پري رهندي گذري رهي آهي تہ پوءِ سمجهي ڇڏي تہ سندس اخروي حياتي الاهي عذاب کان سواءِ ڪجهہ ناهي "۲" "اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ" مان واضح ٿيو تہ سچا مومن ۽ صالح عمل ڪندڙ الاهي حڪم ٻڌي جهڪندا آهن، چو ۽ چا لاءِ نہ ڪندا آهن. اعتراض ڪرڻ يا عقلي گهوڙا ڊوڙائي ديني ڳالهين تي ٽوڪ ڪرڻ مسلمان جو ڪم نہ آهي.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اِنِّىْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۲۵﴾

۽ البت تحقيق موڪليو سون نوح کي سندس قوم ڏانهن بيشڪ مان اوهان لاءِ ڪليل ڊيڄاريندڙ آهيان

اَنْ لَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۶﴾

نہ عبادت ڪيو مگر الله جي بيشڪ مان ڊڄان ٿو اوهان تي عذاب ڏينهن دردناڪ جي کان

(۱) المراغي صـ۲۳ جزء ۱۲ جلد۴

فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرَاكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا

پوءِ چيو سردارن جن ڪفر ڪيو هو قوم ان جي مان تہ نہ ٿا ڏسون تو کي مگر بشر اسان جهڙو

وَمَا نَرَاكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِيَ الرَّاْيِ ۚ وَمَا

۽ نہ ٿا ڏسون تو کي جو تابعداري ڪئي تنهنجي مگر انهن شخصن جو اهي اسان مان ذليل آهن ظاهر ڏسڻ ۾ ۽ نہ

نَرٰى لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿۲۷﴾ قَالَ يٰقَوْمِ

ٿا ڏسون اوهان جي لاءِ اسان تي ڪا فضيلت بلڪ گمان ڪيون ٿا اوهان کي ڪوڙا فرمايائين: اي قوم

اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَاٰتَانِيْ رَحْمَةً مِّنْ

منهنجي! خبر ڏيو جيڪڏهن آهيان مان روشن دليل تي طرفان رب پنهنجي ۽ ڏنائين مون کي (خاص) رحمت

عِنْدِهٖ فَعُمِّيَتْ عَلَيْكُمْ ۭ اَنُلْزِمُكُمُوْهَا وَاَنْتُمْ لَهَا كٰرِهُوْنَ ﴿۲۸﴾

پاڻ وٽان پوءِ انڌائي وڌي وئي اوهان تي تہ ڇا زوري مڙهيندا سون اوهان تي ۽ اوهان واسطي ان جي نہ پسند ڪندڙ آهيو.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ اسان جي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي بعثت ۽ سندن (بينة من ربه) روشن دليل تي هجڻ جو بيان ڪيو ويو ۽ هنن آيتن ۾ ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام جي بعثت جو ذڪر ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ پاڻ نوان نبي ٿي نہ آيا آهن ڪائنات اڳ ۾ نبي موڪليا ويا هئا جن بہ اهو ئي الله وحده لاشريڪ لہ جي عبادت۽قيامت تي ايمان آڻڻ وارو پيغام پهچايو هو فرمان ايزدي آهي "وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اِنِّىْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" ۽ البت تحقيق موڪليو سون نوح کي ان جي قوم ڏانهن (پوءِ انهن کي فرمايائين تہ) يقينًا مان اوهان لاءِ ان جي طرفان ڪليل ڊيڄاريندڙ آهيان ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت نوح عليه الصلواة

والسلام جي متعلق مختصر احوال سورة اعراف آيت ۵۹ جي تفسير ۾ احسن البيان ج ۲ صه ۴۱۵
۾ بيان ٿي چڪو آهي اتي ڏسڻ گهرجي "اَنْ لَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ
يَوْمٍ اَلِيْمٍ" تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو يقينًا مان اوهان تي دردناڪ
ڏينهن جي عذاب جو خوف ٿو ڪيان ڄاڻڻ گهرجي تہ حضرت نوح عليه الصلواة
والسلام جي قوم پهرين قوم هئي جن الله جل شانه سان شرڪ ڪيو ۽ ان جا شريڪ
بنايا ۽ حضرت نوح زمين تي پهريون پيغمبر هو جنهن کي شرڪ کان روڪڻ لاءِ
موڪليو ويو هو (۱) ۽ پاڻ جڏهن انهن کي حق جو پيغام ڏنائين تہ انهن ڪيس هي
چار جواب ڏنا "۱" "فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا" پوءِ سندس
قوم مان جن سردارن ڪفر ڪيو هو انهن چيو تہ اسين تو کي پاڻ جهڙي بشر کان سواءِ
ڪجهہ بہ نہ ٿا ڏسون تون اسان کان ڪهڙي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ وڌيڪ ناهين جو اسين
تنهنجي تابعداري ڪيون ۽ تنهنجي نبوت جو يقين رکون "۲" "وَمَا
نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِيَ الرَّاْيِ" ۽ انهن کانسواءِ جيڪي ظاهري
ڏسڻ ۾ بہ اسان ۾ زياده ذليل آهن اوهان جي تابعداري ڪرڻ وارا نہ ٿا ڏسون
مطلب تہ اوهان جا تابع ڪي وڏا مالدار، امير يا زميندار نہ آهن اوهان جا تابع
هاري، مزدور ۽ نهايت غريب آهن جيڪي ظاهري ڏيک ۾ اوهان وٽ اچي ويا آهن سوچ
۽ فڪر نہ ٿا ڪن تہ پڇاڙيءَ ڇا ٿيندو يا نہ ٿا سوچين تہ جيڪا ڳالهہ نبي سڳورو عليه
الصلواة والسلام ڪري ٿو اها ڪٿي پهچائيندي؟ "۳" "وَمَا نَرٰى لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ"
۽ اسين اوهان لاءِ پنهنجي مٿان ڪابہ فضيلت ڪونہ ٿا ڏسون يعني تون ۽ تنهنجا
تابعدار اسان کان قوة، ڪثرة ۽ ٻين ڳالهين ۾ بہ مٿي نہ آهيو "۴" "بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِيْنَ"
بلڪ اسين خيال ٿا ڪيون تہ اوهان ڪوڙا آهيو يعني اسان وٽ وڌيڪ خيال اهو آهي تہ
نہ اوهان نبوة جي دعوىٰ ۾ سچا آهيو ۽ نہ اهي اوهان جي تصديق ڪرڻ ۾ سچا آهن.

"قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَاٰتٰىنِيْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِهٖ فَعُمِّيَتْ عَلَيْكُمْ
اَنُلْزِمُكُمُوْهَا وَاَنْتُمْ لَهَا كٰرِهُوْنَ" فرمايو (حضرت نوح عليه الصلواة والسلام) اي
منهنجي قوم! خبر ڏيو جيڪڏهن مان پنهنجي رب جي طرفان روشن دليل تي هجان ۽
مون کي پاڻ وٽان (خاص) رحمت عطا ڪرڻ فرمائي اٿس پوءِ اوهان تي انڌائي وڌي
وئي تہ ڇا اسين ان حال ۾ جو اوهان ان کي پسند ڪندڙ ناهيو اهو اوهان تي زوريءَ
مڙهيندا سون؟ هي حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي طرفان نهايت تحمل ۽
بردباريءَ سان پنهنجي قوم کي سمجهائڻ جو انداز آهي. مطلب تہ! اي منهنجي قوم

(۱) المرا ئي صه۲۳ جزء ۱۲ جلد ۴

وارا! اوهان چئو ٿا ته اسين تو کي پاڻ جهڙي بشر هجڻ کانسواءِ نه ڪجهه ڏسون ٿا ۽ نه سمجهون ٿا پر مون کي جن نعمتن سان نوازيو ويو آهي اوڏانهن اوهان جو خيال ٿئي نه ٿو وچي الله تعالىٰ مون کي روشن دليل ڏنو آهي ۽ مون کي پنهنجي اهڙي خصوصي رحمت سان نوازيو اٿس جنهن جي اوهان کي هوا به نه لڳي آهي. پر افسوس آهي جو اوهان جي ڏسڻ واري قوت تي انڌائي آندي وئي آهي اوهان بشريت کان سواءِ ڪجهه ڏسو ٿي ڪونه ٿا جيڪڏهن اوهان منهنجي طرفان ملندڙ دين جي دعوت کي پسند نه ٿا ڪيو ته زوري اسين به اوهان تي دين نه مڙهيندا سون نبي هجڻ جي حيثيت ۾ منهنجو ڪم هو حق جو اظهار اهو مون ڪيو وڌيڪ اوهان جي مرضي مڃيو يا نه.

وَيَاقَوْمِ لَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مَالاً ۭ اِنْ اَجْرِيَ اِلاَّ عَلَى

۽ اي منهنجي قوم! نه ٿو گهران مان اوهان کان ان تي ڪو مال ناهي اجورو منهنجو مگر

اللّٰهِ وَمَآ اَنَا بِطَارِدِ الَّذِيْنَ آمَنُوْا ۭ اِنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَلٰكِنِّيْٓ

الله تي ۽ ناهيان مان تڙيندڙ انهن کي جو ايمان آندائون بيشڪ اهي ملندڙ آهن رب پنهنجي سان ۽ پر مان

اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿۲۹﴾ وَيَاقَوْمِ مَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ

ڏسان ٿو اوهان کي اهڙي قوم (جو حقيقت کان) ناواقف آهيو ۽ اي منهنجي قوم! ڪير مدد ڪري مون کي (ڇڏائيندو) الله کان

اِنْ طَرَدْتُّهُمْ ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۳۰﴾

جيڪڏهن تڙيندس مان انهن کي ڇا پوءِ نه ٿا نصيحت وٺو؟

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي پاڻ جهڙو چوڻ جو جواب بيان ڪيو ويو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي ان وهم کي دور ڪيو ويو آهي ته حضرت نوح عليه الصلواة والسلام اها تبليغ اسان کان مال ملڪيت وٺڻ لاءِ ڪري رهيو آهي فرمان عالي شان آهي: "وَيَاقَوْمِ

لَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مَالًا اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ، ۽ اي منهنجي قوم! مان اوهان کان ان تي کو مال کونہ ٿو گهران منهنجو اجورو الله کانسواءِ کنهن تي بہ ناهي يعني اوهان مون تي چٽرون کيو ٿا، منهنجي ساٿين تي ۽ مون تي پٿر وسايو ٿا اها سڀ تکليف مان اوهان کان مال گهرڻ لاءِ نہ ٿو کيان. منهنجي ان تکليف جو بدلو مون کي الله ڏيندو مان ان کان ئي اهو اجورو گهران ٿو. "وَمَآ اَنَا بِطَارِدِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اِنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَلٰكِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ" ۽ مان انهن شخصن کي تڙيندڙ ناهيان جن ايمان آندو آهي تہ بلاشڪ اهي پنهنجي رب سان ملندڙ آهن ۽ پر مان اوهان کي ڏسان ٿو تہ اوهان (حقيقت کان) ناواقف آهيو ممکن آهي جو حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي سندس قوم جي متڪبرن ۽ هٺيلن چيو هجي تہ: اوهان وٽ وهڻ وارا سڀ مسڪين ۽ مزدور طبقو آهن انهن کي اتا هين تڙيو تہ پوءِ اسين اوهان وٽ اچون اهڙي قسم جو مطالبو مکه مکرمه جي رهاڪن ڪافرن بہ حضور عليه الصلواه والسلام جن کان کيو هو حضرت نوح عليه الصلواة والسلام انهن کي جواب ڏنو تہ اهو ناممکن آهي جو مان انهن مومنن کي تڙي کڍان جن جو يقين آهي تہ اهي الله جل جلالہ سان ملندا. اوهان پنهنجيءَ جاءِ تي ڪٽي ڪيترا بہ وڏا ماڻهو هجو پر منهنجي نظر ۾ نوري شمع جي انهن پروانن جو قدر وڏيڪ آهي الله تعالىٰ وٽ قدر ۽ مرتبي جو معيار اخلاص ۽ تقوىٰ آهي دنيا ۽ دولت ناهي اوهان کي پنهنجي عقل ۽ سمجهہ تي پلي ناز هجي پر مان توهان کي حقيقت کان واقف کيان ٿو "وَيٰقَوْمِ مَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ طَرَدْتُّهُمْ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ" ۽ اي منهنجي قوم! جيڪڏهن مون انهن (مومنن کي) تڙي کڍيو تہ کير منهنجي مدد کري مون کي الله کان ڇڏائيندو؟ ڇا پوءِ نصيحت نہ ٿا وٺو. يعني الله جل جلالہ تي ايمان آڻيندڙ ٻانها جن کي اوهان گهٽ نگاهہ سان ڏسو ٿا الله جل شانه جي بارگاه ۾ نهايت وڏي شان وارا ۽ مقبول آهن جيڪڏهن مان اوهان جي کري انهن جي دل آزاري کيان ۽ انهن کي پاڻ وٽان تڙي کڍان تہ الله تعالىٰ ناراض ٿيندو ۽ مان اها ڳالهہ برداشت کري نٿو سگهان **فائدا** هنن آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا ذهن ۾ آيا "۱" جيڪو انسان بي غرض ۽ لالچ کان آزاد هوندو اهو قوم ۾ عزت ۽ مقام ماڻيندو آهي دنيا جي محبت کان خالي رهندڙ کي تي کمال حاصل ٿيندا آهن "۱" قوم ۾ عزت ۽ وقار "۲" بهادري ۽ بيباکي "۳" فتح مندي اهي ڳالهيون "لَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مَالًا" چوڻ کانپوءِ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي گفتگوءِ مان ظاهر ٿي رهيون آهن "۲" ان واقعي مان اسلام جي

مبلغن ۽ علماءِ ڪرام کي نصيحت حاصل ڪرڻ ۽ ديني دعوت ڏيڻ جو طريقو سکڻ گهرجي ۽ انبياءِ عظام عليهم الصلواة والسلام جي نقش قدم تي هلي دنيا جي محبت کان آزاد رهڻ گهرجي.

"۳" رب العزة جل شانه کي پنهنجي محبوب نبي عليه الصلواة والسلام جي دلجوئي تمام گهڻي پسند ۽ پياري آهي جو اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جا واقعا بيان ڪري ڪين تسلي ڏئي رهيو آهي ته اي حبيب! هي مڪه مڪرمه جا مشرڪ اوهان کان مطالبو ٿا ڪن ته غريبن کي پاڻ وٽان اٿاريو ته پوءِ اسين اوهان وٽ اچون اوهان ان مطالبي کان نه ڏکوئجو. اهو ڪافرن جو پراڻو طريقو آهي اڳين پيغمبرن سڀني کان به ان وقت جا ڪافر اهڙا مطالبا ڪندا هئا.

وَلَآ اَقُوۡلُ لَكُمۡ عِنۡدِىۡ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَاۤ اَعۡلَمُ الۡغَيۡبَ

۽ نڪو چوان مان اوهان کي ته مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نڪو ڄاڻان مان غيب

وَلَاۤ اَقُوۡلُ اِنِّىۡ مَلَكٌ وَّلَاۤ اَقُوۡلُ لِلَّذِيۡنَ تَزۡدَرِىۡۤ

۽ نڪو چوان مان ته بيشڪ مان ملائڪ آهيان ۽ نڪو چوان مان انهن لاءِ جو گهٽ ٿيون سمجهن

اَعۡيُنُكُمۡ لَنۡ يُّؤۡتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيۡرًا‌ ؕ اَللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا فِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ ۖۚ

اکيون اوهان جون انهن کي ته هرگز نه ڏيندو انهن کي الله ڀلائي الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جو ڪجهه انهن جي اندر ۾ آهي

اِنِّىۡۤ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۳۱﴾ قَالُوۡا يٰـنُوۡحُ قَدۡ جَادَلۡتَـنَا فَاَكۡثَرۡتَ

بيشڪ مان ان وقت البت نا انصافن مان آهيان چيائون اي نوح! بيشڪ جهڳڙو ڪيئي اسان سان پوءِ گهڻو

جِدَالَنَا فَاۡتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿۳۲﴾

ڪيئي جهڳڙو اسان سان پوءِ آڻ اسان وٽ جنهن جو وعدو ٿو ڏين اسان کي جيڪڏهن آهين تون سچن مان.

تفسير

هنن ڪان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ڪافرن جي ان وهم جو رد هو ته شايد

حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام تبليغ، اسان کان مال، ملڪيت وٺڻ لاءِ
ڪري رهيو آهي ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي ٻئي وهم جو رد بيان ڪرايو ويو آهي تہ شايد
جيڪو الله جل شانه جو نبي هوندو اهو هميشه بغير اسباب ۽ وسائل خزانا لٽائيندو
رهندو. ارشاد الاهي آهي "وَلَآ اَقُولُ لَكُمۡ عِنۡدِىۡ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعۡلَمُ الۡغَيۡبَ" ۽ نہ ٿو چوان
مان اوهان کي تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نہ غيب ڄاڻان ٿو آيت مبارڪه جي هن
حصي ۾ الله جل جلالہ جي نبي حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي
طرفان پنهنجي قوم جي اڳيان ٻن دعوائن ڪرڻ جي نفي بيان ڪيل آهي مطلب تہ مون
اوهان کي نہ چيو آهي تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نہ ائين چيو آهي تہ مان (الله
جل شانه جي ڄاڻائڻ ڪانسواءِ) غيب ڄاڻان ٿو مون ڪان اوهان مطالبا اهڙا ڪيو
جيڪي منهنجي دعوىٰ مطابق هجن "وَلَآ اَقُولُ اِنِّىۡ مَلَكٌ وَّلَآ اَقُولُ لِلَّذِيۡنَ تَزۡدَرِىۡۤ
اَعۡيُنُكُمۡ لَنۡ يُّؤۡتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيۡرًا ؕ اَللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا فِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ ۖۚ اِنِّىۡۤ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيۡنَ" ۽ نہ مان
چوان ٿو تہ مان ملائڪ آهيان ۽ نہ مان انهن لاءِ چوان ٿو جن کي اوهان جون اکيون
گهٽتائيءَ سان ڏسن ٿيون تہ الله انهن کي ڀلائي ڪڏهن بہ نہ ڏيندو انهن جي دلين ۾
جو ڪجهہ آهي ان کي الله سيني کان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي (جيڪڏهن مون انهن لاءِ
ائين ڪجهہ بہ چيو تہ) تہ پوءِ مان بلاشڪ ظالمن مان آهيان يعني اوهان جو چئو ٿا تہ
تون اسان جهڙو بشر آهين مان ڪو چوان ٿو تہ مان ملائڪ آهيان جو اوهان منهنجي
اها دعوىٰ ڪوڙي ڪري رهيا آهيو ۽ جيڪي مسڪين، غريب مون تي ايمان آڻي مون
وٽ ويٺا آهن ۽ انهن کي اوهان جون متڪبر اکيون گهٽ سمجهن ٿيون مان انهن لاءِ بہ
ڪونہ ٿو چوان تہ الله جل شانه انهن کي ڪا بہ ڀلائي نہ ڏيندو بلڪ الله جل شانه
عنقريب انهن کي دنيا ۾ مال، دولت، حاڪميت ۽ آخرت ۾ جنت جون نعمتون نصيب
ڪرڻ فرمائيندو سندن دلين جي رازن کي الله جل مجده وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ان کي ئي
معلوم آهي تہ انهن مسڪينن مومنن جي سينن ۾ ايمان ۽ معرفت جا انوار ڪيترا
چمڪندڙ ۽ مضبوط آهن مطلب تہ: هي غريب، فقير مومن الله جل شانه جا پيارا آهن
چو تہ انهن نہ ڪنهن دنيوي لالچ لاءِ ۽ نہ غيبي ڳالهيون پڇڻ لاءِ ايمان آندو آهي
انهن مون سان ساٿ صرف الله جل جلالہ جي راضي ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي "قَالُوۡا يٰـنُوۡحُ
قَدۡ جٰدَلۡتَنَا فَاَكۡثَرۡتَ جِدَالَنَا فَاۡتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ" چيائون تہ اي
نوح! (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) تو اسان سان جهڳڙو ڪيو آهي ۽ اهو

جهڳڙو بہ گهڻو ڪيو آهي جيڪڏهن سچن مان آهين تہ جنهن عذاب جو اسان کي وعدو ڏئي رهيو آهين اهو اسان وٽ آڻ ڪافرن بي قدري ڪندي رب ڪريم جي پياري نبي حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي ان محبت آميز نصيحتن کي نظر انداز ڪندي چيو تہ: تو اسان سان جهڳڙو گهڻو ڪيو آهي هاڻي وڌيڪ نہ ڳالهاءِ جيڪو عذاب ٻڌائين ٿو جيڪڏهن سچو آهين تہ اهو پلي آڻ

سوال: "وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ" مان ثابت ٿيو تہ نبين وٽ الله جا خزانا نہ آهن. جڏهن نہ آهن تہ پوءِ انهن کان ڪا شي ڇو گهرجي؟

جواب: ان مان مراد دعوىٰ جي نفي آهي خزائن هجڻ جي نفي نہ آهي. ڪيترا ماٺهو ارب پتي هوندا آهن پر دعوىٰ نہ ڪندا آهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن کي الله جل مجده فرمايو "اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ" يقينا اسان تو کي تمام گهڻو عطا فرمايو آهي ٻيءَ جاءِ تي فرمان مبارڪ آهي "هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامْنُنْ اَوْ اَمْسِكْ بِغَيْرِ حِسَابٍ"(۱) هيءَ اسان جي عطا آهي پوءِ ڪنهن تي ٿورو ڪر (ان کي عطا فرماءِ) يا روڪي ڇڏ. حساب کان سواءِ (عطا آهي)

سوال: "وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ" مان واضح ٿيو تہ نبي سڀ ڳورا غيب نٿا ڄاڻن؟

جواب: ان حصي جو مطلب بہ اهو آهي تہ مان غيب ڄاڻڻ جي دعوىٰ نٿو ڪيان ۽ دعوىٰ جي نفي سان هجڻ جي نفي نہ ٿيندي ۽ رب العالمين جل شانه پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جي اتباع جي برڪت سان ولين کي بہ غيب جو علم عطا ڪندو آهي جيئن قرآن پاڪ جي ٻين آيتن ۽ نبوي حديثن مان ثابت آهي.

سوال: "وَلَآ اَقُوْلُ اِنِّيْ مَلَكٌ" (۽ مان نہ ٿو چوان تہ ملائڪ آهيان) مان ثابت ٿيو تہ ملائڪ نبين عليهم الصلواة والسلام کان ڀلا آهن جو ڪافرن جي قول (تہ تون اسان جهڙو بشر آهين) جي مقابلي ۾ نبي فرمايو تہ مان ملائڪ ناهيان؟

جواب: هتي بشريت ۽ ملڪيت جي مقابلي جي ڳالهہ نہ آهي بلڪ ڪافرن جي ان باطل گمان کي تہ جڏهن تہ ملائڪ افضل آهن تڏهن ملائڪ ئي نبي ٿي اچن وضاحت سان ٻڌايو ويو تہ نبي کي ملائڪ هجڻ جي دعوىٰ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي نبي انسانيت ۽ بشريت ۾ ايترو ڪامل هوندو آهي جو ملائڪ بہ ان جي بلندين کي نہ پهچي سگهندو آهي. (۱)

۱ سورة ص آيت ۳۹ (۲) نعيمي صہ ۱۰۳ جلد۱۲

قَالَ اِنَّمَا يَاْتِيْكُمْ بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَآءَ وَمَآ اَنْتُمْ

فرمايائين تہ: بس آڻيندو اوهان وٽ ان کي الله جيڪڏهن گهرندو ۽ ناهيو اوهان

بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِيْٓ اِنْ اَرَدْتُّ

عاجز ڪندڙ ۽ نہ نفعو ڏيندي اوهان کي نصيحت منهنجي جيڪڏهن ارادو ڪيو مون

اَنْ اَنْصَحَ لَكُمْ اِنْ كَانَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يُّغْوِيَكُمْ ۭ هُوَ

تہ نصيحت ڪيان اوهان کي جيڪڏهن الله ارادو فرمائي تہ اوهان کي گمراهہ ڪري اهو ئي

رَبُّكُمْ ۣ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٣٤﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۭ قُلْ اِنِ

پالڻهار اوهان جو آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندو ڇا چون ٿا تہ پاڻ ٺاهيائين ان کي فرماءِ تہ جيڪڏهن

افْتَرَيْتُهٗ فَعَلَيَّ اِجْرَامِيْ وَاَنَا بَرِيْۗءٌ مِّمَّا تُجْرِمُوْنَ ﴿٣٥﴾ ع

پاڻ ٺاهيو هوندو مون ان کي تہ پوءِ مون تي آهي گناهہ منهنجو ۽ مان بيزار آهيان ان کان جو گناهہ ڪيو ٿا.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ڪافرن جو عذاب جلد گهرڻ بيان ڪيو ويو ۽ هتي ان عذاب جي دير سان اچڻ جو وجه بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قَالَ اِنَّمَا يَاْتِيْكُمْ بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَآءَ" فرمايائين تہ اهو عذاب اوهان وٽ جيڪڏهن الله گهرندو تہ آڻيندو مطلب تہ عذاب جلد يا دير سان آڻڻ الله جل شانه جو ڪم آهي مان تہ صرف اوهان کي ان جي حڪم پهچائڻ وارو آهيان "وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ" ۽ اوهان عاجز بنائيندڙ ناهيو يعني هينئر تہ اوهان مذاق ڪيو ٿا تہ پر جڏهن الاهي عذاب ايندو تہ اوهان وٽ نہ ڪو پڄڻ جو رستو رهندو نہ جان بچائڻ جي طاقت هوندي "وَلَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِيْٓ اِنْ اَرَدْتُّ اَنْ اَنْصَحَ لَكُمْ اِنْ كَانَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يُّغْوِيَكُمْ" ۽ جيڪڏهن مان ارادو بہ ڪيان تہ اوهان کي نصيحت ڪيان پر جيڪڏهن الله اوهان کي گمراهہ ڪرڻ جو ارادو فرمائي تہ منهنجي نصيحت

ڪرڻ اوهان کي فائدو نہ ڏيندي جڏهن حضرت نوح عليه الصلواة والسلام انهن ڪافرن جي سيني قولن جا مڪمل ۽ شافي جواب ڏنا ۽ سمجهي ويو تہ هيءَ قوم نہ سڌرندي تہ حجت پوري ڪرڻ لاءِ ڪين آخري ڪلمات ۾ فرمايائين تہ "مان اوهان کي ڪيتري بہ نصيحت ڪيان پر جيڪڏهن الله جل جلاله اوهان کي هدايت نصيب نٿو ڪري تہ مون واري نصيحت اوهان کي ڪوبہ فائدو نہ ڏيندي" الله جل جلاله کي اوهان جي حرڪتن ۽ ظلم جي خبر آهي اوهان جي ئي ڪردارن جي ڪري اوهان جي لاءِ هدايت جا دروازا بند ڪيا ويا آهن "هُوَ رَبُّكُمْ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ" اهو اوهان جو رب آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ. مطلب تہ اهو اوهان جو مالڪ ، پالڻهار آهي مرڻ ڪانپوءِ بہ اوهان کي ان ڏانهن هلڻو ۽ پيش ٿيڻو آهي "أَمْ يَقُولُونَ افْتَرَاهُ قُلْ إِنِ افْتَرَيْتُهُ فَعَلَيَّ إِجْرَامِي وَأَنَا بَرِيءٌ مِّمَّا تُجْرِمُونَ" ڇا چون ٿا تہ اهو قرآن پاڻ ٺاهيو اٿس؟ فرماءِ تہ: جيڪڏهن اهو مون پاڻ ٺاهيو هوندو تہ پوءِ ان جو گناهہ مون تي آهي ۽ جيڪي اوهان گناهہ ڪيو ٿا مان انهن کان بيزار آهيان. اڪثر مفسرن جو قول آهي تہ:

اها عبارت بہ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي قصي جو حصو آهي الله جل جلاله حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي فرمايو تہ: حجت پوري ڪرڻ لاءِ انهن جو اهو وهم دور ڪري ڇڏيو تہ عذاب اچڻ جي ڳالهہ ڪرڻ، ۽ اسلام جو حق هجڻ، الله جي وحدانيت واري عقيدي جو سچو هجڻ جو وعظ منهنجو هٿ جو ٺاهيل ناهي پر اهو حق ۽ سچ آهي ڀلا جيڪڏهن مون اهي ڳالهيون "بفرض محال اوهان جي قول مطابق پنهنجي طرفان ٺاهيون آهن تہ اوهان ڇو ٿا سوچيو ان جي جوابداري تہ مون تي آهي پر اوهان جيڪي گناهہ ڪيو ٿا انهن کان مان بيزار آهيان مون کان انهن جي متعلق نہ پڇيو ويندو. ۽ ڪن مفسرن جو قول آهي تہ هيءَ آيت جملہ معترضہ آهي جڏهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن حضرت نوح عليه الصلواة السلام جو قصو بيان ڪيو تہ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن چيو تہ اهي سڀ هٿ جون ٺهيل ڳالهيون آهن تڏهن حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي قصي جي وچ ۾ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي انهن جو جواب ڏيڻ لاءِ اهو حڪم ڪيو ويو (١) **فائدا**۔هنن آيتن کي ذهن نشين ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "١" "إِنْ شَاءَ" (جيڪڏهن گهري) لفظ مان واضح ٿيو تہ اعمال جو بدلو دنيا ۾ ملڻ ضروري ناهي اهو الله جل شانہ جي مشيت تي موقوف آهي ڪيترا دفعا نيڪو ڪارن ٻانهن کي تڪليفون ۽ اذيتون پهچنديون آهن ۽

نعيمي صہ١١١ جلد ١٢

بدمعاش مزا ماڻيندا وتندا آهن ان جي ڪري دنيوي حالتن کي نيڪ بختي يا بدبختيءَ جي نشاني سمجهڻ نه گهرجي "۲" هدايت ملڻ جو اصل مرڪز رب العزة جل شانه وٽ آهي بيا سڀ انبياءَ (عليهم الصلواة والسلام) يا اولياءِ عظام ان جي امر ۾ عنايت سان هادي آهن ها اخلاص سان دين جي دعوت ڏيڻ جو اجر دعوت ڏيندڙ کي ضرور ملندو. مذڪوره آيت ۾ "لَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِيْ" (منهنجي نصيحت اوهان کي فائدو نه ڏيندي) تي غور ڪيو ته حضرت نوح عليه الصلواة والسلام) انهن کي ائين چوڻ سان گڏ نصيحت جاري رکي هئي جيڪڏهن ان مان مقصود اخروي فائدو ۽ اجر نه هجي ها ته الله جل شانه جو نبي سڄورو اَيتري محنت نه ڪري ها ۽ الله جل شانه کيس منع ڪري ها ته بي فائدي شيءِ لاءِ وقت ڇو ٿا ضايع ڪيو؟ هن هلندڙ دور ۾ به ديني دعوت ۾ حق جو پيغام ڏيڻ جاري رکجي ماڻهو نه سڌرندا ته به الله جل شانه پنهنجي ڪرم سان دعوت ڏيڻ ۾ حق جي پيغام پهچائڻ جو اجر ڏيندو.

وَاُوْحِيَ اِلٰى نُوْحٍ اَنَّهٗ لَنْ يُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ اِلَّا مَنْ

۽ وحي ڪيو ويو نوح ڏانهن ته تحقيق شان هي آهي ته اصل ايمان نه آڻيندو قوم تنهنجيءَ مان مگر اهو جو

قَدْ آمَنَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿۳۶﴾ وَاصْنَعِ الْفُلْكَ

تحقيق ايمان آندائين پوءِ نه غمگين ٿيءُ ان تي جو ڪيائون ٿي ۽ ٺاهه تون ٻيڙي

بِاَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا وَلَا تُخَاطِبْنِيْ فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ

اسان جي نگاهن اڳيان ۽ اسان جي حڪم سان ۽ نه ڳالهاءِ مون سان انهن جي باري ۾ جن ظلم ڪيو بيشڪ اهي

مُّغْرَقُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَيَصْنَعُ الْفُلْكَ ۟ وَكُلَّمَا مَرَّ عَلَيْهِ مَلَاٌ مِّنْ قَوْمِهٖ

ٻوڙايل آهن ۽ ٺاهي پيو ٻيڙي ۽ جڏهن به لنگهيا ان ڪان سردار قوم ان جي مان ته

سَخِرُوْا مِنْهُ ۭ قَالَ اِنْ تَسْخَرُوْا مِنَّا فَاِنَّا نَسْخَرُ مِنْكُمْ كَمَا

(چٿر سان) ڪلندي لنگهيا اتان فرمايائين ته: جيڪڏهن چٿر سان ڪلو ٿا اسان تان پوءِ تحقيق اسين به ڪلندا سون اوهان تان

تَسْخَرُوْنَ ﴿۳۸﴾ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ

جيئن کلو ٿا (اسان تان) پوءِ جلد ڄاڻندو تہ ڪير آهي جو اچي ٿو ان وٽ عذاب

يُّخْزِيْهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۳۹﴾

جو خوار ٿو ڪري ان کي ۽ لهي ٿو ان تي عذاب هميشہوارو

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي مٿان سندس قوم جي گهڻن ماڻهن طرفان ايمان نہ آڻڻ جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ منڪرن تي عذاب اچڻ ۽ مومنن لاءِ ٻيڙي ٺاهڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ايزدي ارشاد آهي "وَاُوْحِيَ اِلٰى نُوْحٍ اَنَّهٗ لَنْ يُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ اِلَّا مَنْ قَدْ اٰمَنَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ" ۽ نوح (عليه الصلواة والسلام) ڏانهن وحي ڪيو ويو تہ تنهنجيءَ قوم مان جيڪي ايمان آڻي چڪا آهن انهن کانسواءِ ڪير بہ ايمان نہ آڻيندو پوءِ اهي جيڪو ڪجهہ ڪن ٿا ان تي غمگين نہ ٿيءُ المقصد تہ اوهان ڪيترا سال انهن کي توحيد جو درس ڏيندا آيا آهيو پر اهي متاثر ٿيڻ جي بجاءِ اوهان جي مخالفت ۽ دشمنيءَ ۾ وڌندا ٿا وڃن جن کي ايمان نصيب هو اهي مومن ٿيا ٻين جي مقدر ۾ عذاب آهي جيڪو جلد اچي ٿو اوهان انهن جي غلط ڪردار کي ڏسي غم نہ ڪيو "وَاصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا وَلَا تُخَاطِبْنِيْ فِى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ" ۽ اسان جي (قدر تي) نگاهن جي سامهون ۽ اسان جي حڪم سان ٻيڙي ٺاهہ ۽ انهن شخصن جي باري ۾ جن ظلم ڪيو آهي مون سان نہ ڳالهاءِ.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن سوين سال گذرڻ ۽ حضرت نوح على نبينا وعليه الصلواة والسلام جي اڻ ٿڪ ۽ اڻ ڪٽ ديني دعوت ڏيڻ جي باوجود بہ اهي مومن نہ ٿيا ۽ سندن لاءِ مقدر ٿيل عذاب اچڻ جو وقت بہ ويجهو آيو تڏهن الله جل شانہ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي ٻيڙي ٺاهڻ جو حڪم ڏنو جنهن مان مقصد جاندارن مان ڪجهہ جاندارن ۽ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ وارن جي بچا

جو انتظام ڪرڻو هو. "اَلْفُلْكَ" ۾ الف لام ڪهڙو آهي؟ مفسرن مان ڪن جو قول آهي ته الف لام جنسي آهي معنىٰ عام قسم جي هڪ ٻيڙي ٺاهه ڪي مفسر فرمائين ٿا ته اهو الف لام عهدي آهي ۽ اهو ئي صحيح قول آهي جيئن ڪلام جي روش مان ظاهر آهي ۽ "وَاصْنَعِ" صنع ڪان ورتل آهي جنهن جي عرفي معنىٰ آهي هر طرح سان سٺي، صحيح، سهڻي، مضبوط ۽ مڪمل فائديمند هيءَ قرآن پاڪ جي فصاحت ۽ بلاغت آهي جو مختصر امر ۾ ايڏو عظيم ،جامع، مانع ۽ مڪمل حڪم عطا ٿيو جنهن جو مثال نه ٿو ملي سگهي. جڏهن ڪوبه اعلىٰ قسم جو ڪاريگر ۽ فن جو ماهر استاد ڪاشيءِ ٺاهڻ گهرندو آهي ته اهو چئن شين جو خاص خيال رکندو آهي "۱" سامان پلو هجي "۲" نقشو ۽ نمونو لاجواب هجي "۳" فن جو اظهار تمام گهڻو هجي "۴" هر ضرورت پوري هجي حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي "اَصْنَعْ" جي لفظ سان انهن سڀني ڳالهين ڏانهن متوجه ڪيو ويو هو ٻيڙيءَ جو ڪاٺ به پڪو شاندار هجي نمونو ۽ نقشو به سهڻو هجي، فن جو اظهار ڪيو وڃي ۽ ضرورت به پوري ڪري تانت اها ٻيڙي صرف ٻيڙي نه هجي پر الله جل جلاله جي نبي جو معجزو هجي چو ته ان ۾ تمام گهڻيءَ ۽ هر قسم جي مخلوق کي سوار ٿيڻو آهي. ۽ اهو حڪم ظاهر ۾ عوامي لحاظ سان ته نهايت مختصر هو پر حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جڏهن ته الاهي بارگاهه جو پڙهايل هو ان جي ڪري اهو مختصر ۽ مجمل امر به ان لاءِ مفصل هو ان جي ڪري امر ملڻ ڪانپوءِ ڪنهن به قسم جو تفصيل نه پڇيائين ۽ "اسان جي نگاهن جي سامهون ۽ اسان جي وحي سان ٺاهڻ" مان مراد آهي ته اسين ان جي حفاظت ڪندا سون ۽ هر قسم جي اڏيهيءَ ۽ جيت جي ڪائڻ ۽ دشمنن جي هٿ چراند ساڙڻ وغيره ڪان ان کي محفوظ رکندا سون ۽ ان جي ٺاهڻ جي ترتيب به اسين ڏسيندا سون "وَلَاتُخَاطِبْنِيْ" مطلب ته اي نوح! (عليه الصلواة والسلام) پنهنجي رحمدليءَ جي ڪري انهن ڪافرن تان عذاب دفع ٿيڻ لاءِ نه دعا گهرجان نه ڳالهه ٻولهه ڪجان بلڪ خاموش ٿي ڏسندو رهجان ته ڪافرن جو حال ڇا ٿو ٿئي اهي سمورا ڪافر غرق ڪيا ويندا. "وَيَصْنَعُ الْفُلْكَ وَكُلَّمَا مَرَّ عَلَيْهِ مَلَأٌ مِّنْ قَوْمِهٖ سَخِرُوْا مِنْهُ قَالَ اِنْ تَسْخَرُوْا مِنَّا فَاِنَّا نَسْخَرُ مِنْكُمْ كَمَا تَسْخَرُوْنَ" ۽ ٻيڙي پيو ٺاهي ۽ جڏهن به ان وٽان سندس قوم جا سردار لنگهيا ٿي ته چٿر طور ڪلندي ٿي لنگهيا حضرت نوح (عليه الصلواة والسلام انهن کي) فرمايو ته جيڪڏهن اوهان (هينئر) اسان تان ڪلون ٿا ڪيو ته پوءِ (اهو وقت به اچي پيو) جو اسين اوهان جي عذاب واري حالت ڏسي ڪلندا سون مطلب ته حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي

ٻيڙي ٺاهڻ وقت انهن ڪافرن جا سردار جڏهن اتاهين لنگهندا هئا ته ڪلندا هئا يا ته انهن ٻيڙي ڪڏهن ڏٺي نه هئي انهن جي سمجهه ۾ نه ٿي آئي يا ته اتاهين ڪان پاڻيءَ جو درياءَ يا سمنڊ ويجهو نه هو سندن علائقو موصل بابل ۾ اتي جي آس پاس واري زمين هئي جنهن جي اوپر واري پاسي ڪان پنج سئو ميل جي فاصلي تي دجله درياءَ ۽ اولهه واري پاسي ڪان ست سئو ڪان هزار ميل جي پنڌ تي فرات دريا هو. ۽ جودي جبل موصل ڪان ٻه سئو ميل پري آهي ان جبل جي سطح سمنڊ ڪان تيرهن هزار (۱۳۰۰۰) فٽ بلند آهي ڪافر ٻيڙي ٺهندي ڏسي حضرت نوح عليه الصلواة والسلام ڪان پڇندا هئا ته هي ڇا پيو ٺاهين؟ پاڻ فرمايائون ته هي پاڻيءَ تي هلڻ وارو گهر آهي ته چوڻ لڳا هتي پاڻي ڪٿي آهي؟ ائين چوڻ ڪان پوءِ وري ڪلندا هئا. ۽ ائين به چوندا هئا ته ڪالهه تائين نبي ٿي چورايئي اڄ وري ڊکڻ ٿيو ٻيڙي پيو ٺاهين جڏهن ائين چوڻ سان مذاق ڪٺي ڪندا هئا تڏهن پاڻ انهن کي چوندا هئا ته هينئر اوهان اسان تان ڪلون ڪيو ٿا پر جڏهن اوهان کي الاهي عذاب پڪڙيندو پوءِ اسين به اوهان جي بري حالت ڏسي ڪلندا سون "فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ مَنْ يَّأْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ" پوءِ جلد ڄاڻندؤ ته ڪنهن تي خوار ڪندڙ عذاب ٿو اچي ۽ هميشه وارو عذاب ٿو لهي مقصد ته اي ڪافرو! اوهان جي ان ڪردار جو بدلو ۽ برائيءَ جي سزا پري ناهي جلد از جلد اوهان تي اهڙو هميشه وارو عذاب اچي لهندو جو خوار ٿي مرندؤ. اهو عذاب شروع ته دنيا ڪان ٿيندو پر قيامت تائين بلڪ اتي به انهن تي جاري رهندو اڻ کٽ ۽ هميشه لاءِ هوندو ۽ جن مسڪينن مومنن تي ڪلون ٿا ڪيو اهي اتي سڪون ۽ آرام سان جنت جا مزا ماڻيندا رهندا **فائدا** هنن آيتن مان هي فائدا سمجهه ۾ آيا "۱" نيڪو ڪار ٻانها ظاهر ۾ ڪيترا به بي سرو سامان هجن پر الله جل شانه جي نگاهه ڪرم ۾ هوندا آهن جيئن "بِاَعْيُنِنَا" مان واضح ٿي رهيو آهي "۲" "لَاتُخَاطِبْنِيْ" مان واضح ٿيو ته دنيا ۾ شرعي ۽ قانوني مجرم جي بچاءِ لاءِ سفارش نه ڪرڻ گهرجي جن ماڻهن شرعي مجرمن جي لاءِ دنيا ۾ سفارش جي عادت وڌي اهو ملڪ ۽ اها قوم تباهيءَ جي ڪناري تي پهتي گناهه روڪڻ جي بهترين واٽ اها آهي ته مجرم کي ان جي جرم آهر سزا ملي ان جي ڪري اسلام ۾ جيل ۾ سالن جا سال رکڻ سزا ناهي اها سزا انگريز جي ايجاد ڪيل آهي (۱) ۽ اهو به ثابت ٿيو ته نيڪو ڪارن تي ڪلون ڪرڻ هميشه بدڪارن ڪافرن جو رستو رهيو آهي.

(۱) نعيمي صه ۱۲۰ جلد ۱۲

حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّوْرُ ۙ قُلْنَا احْمِلْ فِيْهَا

تان جو جڏهن آيو امر اسان جو ۽ اڀاميو تنور تہ چيو سون سوار ڪر ان ۾

مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَاَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ وَمَنْ

هر جنس جي (نر مادي) جوڙي مان ٻہ ٻہ ۽ پنهنجي اهل کي مگر اهو جو اڳي ئي چڪو آهي ان تي حڪم ۽ انهن کي جو

اٰمَنَ ۭ وَمَآ اٰمَنَ مَعَهٗٓ اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿۴۰﴾ وَقَالَ ارْكَبُوْا فِيْهَا بِسْمِ اللّٰهِ

ايمان آندائون (سوار ڪر) ۽ نہ ايمان آندو ان سان گڏ مگر ٿورن (ماڻهن) ۽ فرمايائين تہ سوار ٿيو ان ۾ الله جي نالي سان

مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا ۭ اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۴۱﴾ وَهِيَ تَجْرِيْ

هلڻ ان جو آهي ۽ بيهڻ ان جو بيشڪ رب منهنجو البت بخشڻهار، مهربان آهي ۽ اها هلڻ لڳي

بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ ۣ وَنَادٰي نُوْحُ ۨابْنَهٗ وَكَانَ فِيْ مَعْزِلٍ

انهن سان (پاڻيءَ جي) موجن ۾ (جيڪي) جبلن وانگر هيون ۽ سڏيو نوح پٽ پنهنجي کي ۽ هو ڪناري تي تہ

يّٰبُنَيَّ ارْكَبْ مَّعَنَا وَلَا تَكُنْ مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۴۲﴾

اي پٽڙا منهنجا! سوار ٿي اسان سان گڏ ۽ نہ هج ڪافرن سان گڏ.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي ٻيڙيءَ ناهڻ ۽ ڪافرن جي طرفان مذاق ڪرڻ جو ذڪر هو تہ اهي سمجهي نہ سگهيا تہ جڏهن تہ پري پري پنڌ تائين بہ نہ ڪو سمنڊ آهي نہ درياءُ نہ ڪا وڏي نهر تہ پوءِ هي ٻيڙي ڇو پئي ٺهي؟ هنن آيتن ۾ انهن ڪافرن کي عملي طور جواب ڏيندي ٻيڙيءَ ناهڻ جي حڪمت بيان ڪئي وئي آهي تہ اسان نوح (عليه الصلواة والسلام) کي فرمايو هو تہ ٻيڙي ان لاءِ ناهہ تہ ان ۾ انسانن مان صرف مسلمان سوار ٿين تانتہ مذاق ڪرڻ وارا عبرت جي

نگاهه سان ڏسندا ۽ ٻڌندا رهن فرمان مبارڪ آهي "حَتَّىٰ إِذَا جَاءَ أَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّورُ قُلْنَا
احْمِلْ فِيهَا مِن كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَأَهْلَكَ إِلَّا مَن سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ وَمَنْ آمَنَ" تان جو جڏهن
اسان جو امر آيو ۽ تنور اٻاميو تہ اسان (حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي)
فرمايو تہ ان (ٻيڙيءَ) ۾ هر قسم مان جوڙا ٻہ ٻہ ۽ پنهنجي اهل کي سوار ڪر مگر اهي
جن جي باري ۾ فرمان اڳي ئي چڪو آهي ۽ انهن کي (سوار ڪر) جن ايمان آندو آهي
تنور مان مراد ۾ مختلف قول آهن "۱" ابن جرير ۽ ابن ابي حاتم حضرت عبدالله بن
عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ ان مان مراد حضرت نوح عليه الصلواة
والسلام جي گهر ۾ ٻرڻ وارو تنور آهي "۲" ابن جرير حضرت حسن بصري رضي الله
تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ ان مان مراد اهو پٿر مان ٺهيل تنور آهي جيڪو
حضرت بيبي حوا رضي الله عنها جو هو ۽ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام تائين
پهتو هو "۳" سعيد بن منصور ابن المنذر ۽ ابو الشيخ حضرت ابن عباس رضي الله
عنهما کان روايت آندي آهي تہ تنور مان مراد زمين جو مٿيون تهہ آهي حضرت
نوح عليه الصلواة والسلام کي حڪم ڪيو ويو تہ جڏهن زمين جي مٿان پاڻي ڏسين
تہ تون پاڻ ۽ جيڪي تو سان گڏ آهن سيئي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿجو (۱) "مِن كُلٍّ زَوْجَيْنِ
اثْنَيْنِ" مان مراد آهي تہ هر قسم جي جانورن جو هڪ هڪ جوڙو ٻہ پاڻ سان گڏ ٻيڙيءَ
۾ چاڙهجان (۲) هن مان معلوم ٿيو تہ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي
ٻيڙيءَ ۾ سڀ دنيا جا جانور گڏ نہ ڪيا ويا هئا صرف انهن جانورن جو جوڙو جوڙو
هو جيڪي نر ۽ ماديءَ جي ملڻ سان وڌن ٿا ۽ پاڻيءَ اندر زنده رهي نہ ٿا سگهن ۽
اهي پاليا ويندا آهن (۳) "إِلَّا مَن سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ" مان مراد ڪافر آهن ۽ خاص
ڪري حضرت نوح عليه الصلواة السلام جو پٽ ۽ زال جن ايمان نہ آندو ۽ پڇاڙيءَ
تائين ڪفر تي قائم رهيا ۽ روايت آهي تہ حضرت نوح عليه الصلواة
والسلام اها ٻيڙي ساڳ جي ڪاٺ مان ٻن سالن ۾ ٺاهي تيار ڪئي هئي ان جي
ڊيگهہ ٽي سئو هٿ، ويڪر پنجاهہ هٿ، ۽ بلندي ٽيهہ هٿ هئي ان ۾ ٽي طبقا رکيل هئا
سڀ کان هيٺئين طبقي ۾ جهنگلي جانور ۽ جيت وغيره هئا وچين طبقي ۾ چوپايا
جانور ۽ مٿئين طبقي ۾ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام پاڻ ۽ ڪيس مڃڻ وارا
مومن ۽ سندن کاڌي پيتي جو سامان هو والله اعلم (۴) "وَمَا آمَنَ مَعَهُ إِلَّا قَلِيلٌ" ۽ ان

(۱) الدر المنثور صہ ۴۲۱ - ۴۲۲ جلد۴ (۲) ضياء القرآن صہ ۳۶۰ جلد۲
(۳) معارف القرآن صہ ۶۲۳ جلد۴ (۴) الڪشاف صہ ۲۶۸ جلد ۲

سان گڏ ايمان نہ آندو هو مگر ٿورن ماڻهن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي تہ حضرت نوح عليہ الصلواة والسلام تي اسي (۸۰) ماڻهن ايمان آندو هو انهن مان ٽي سندس پٽ سام، حام ۽ يافث ۽ ٽي انهن جون گهر واريون هيون اهي جڏهن ٻيڙيءَ ۾ لهي زمين تي آيا هئا تہ هڪ ڳوٺ ٺاهيو هيائون جيڪو موصل شهر جي ويجهو آهي ۽ ان کي "قريہ الثمانين" سڏيندا آهن (۱) "وَقَالَ ارْكَبُوْا فِيهَا بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرِيهَا وَمُرْسَاهَا اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" ۽ چيائين تہ ان ۾ سوار ٿيو الله جي نالي سان ان جو هلڻ آهي ۽ بيهڻ آهي بيشڪ منهنجو رب يقيناً بخشڻهار مهربان آهي حضرت نوح عليہ الصلواة والسلام جڏهن پاڻي ڏٺو تہ مومنن ۽ ٻين جاندارن کي سڏي فرمايائين تہ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو اوهان جي هلاڻ کانسواءِ ٿي الله جي نالي سان پاڻهي هلندي ۽ پاڻهي هلي بيهندي. اوهان الله کي ياد ڪندا هلو بلاشڪ منهنجو رب نهايت بخشڻهار ۽ وڏو مهربان آهي. ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندڙ ڇا پڙهي؟

حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ جيڪو شخص ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيڻ وقت هيءَ دعا "بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرِيهَا وَمُرْسَاهَا اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" پڙهندو تہ اها ٻيڙي ٻڏڻ کان بچي ويندي (۲) "وَهِيَ تَجْرِيْ بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ" ۽ اها (ٻيڙي) انهن کي جبلن وانگر موجن ۾ کڻي هلي رهي هئي. يعني پاڻيءَ جون موجون ۽ لهرون ٻيڙيءَ کان مٿان پئي هليون پر الله جل جلالہ جي قدرت سان اندر ڪونہ ٿي آيون "وَنَادٰى نُوْحُ ۨابْنَهٗ وَكَانَ فِيْ مَعْزِلٍ يّٰبُنَيَّ ارْكَبْ مَّعَنَا وَلَا تَكُنْ مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ" ۽ نوح پنهنجي پٽ کي سڏيو ۽ اهو ڪناري تي هو تہ اي منهنجا پٽڙا! اسان سان گڏ سوار ٿيءُ ۽ ڪافرن سان گڏ نہ هج اهو حضرت نوح عليہ الصلواة والسلام جو سڳو پٽ هو ڪنعان نالو هوس ٻيا ڪافر بچڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄا ٿي ويا ۽ هيءُ هڪ پاسي بيهي اهو منظر ڏسي رهيو هو. حضرت نوح عليہ الصلواة والسلام کي ان تي رحم آيو ۽ وري بہ سڏي چيائينس تہ (ايمان آڻي) ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ۽ ڪافرن سان گڏ نہ هج فائدا هنن آيتن کي ذهن نشين ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" "مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ" مان واضح ٿيو تہ حضرت نوح عليہ الصلواة والسلام تي ايمان آڻيندڙن جي صدقي هر قسم جي جانورن مان بہ جيڪي بہ بہ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيا ويا ٻڏڻ کان محفوظ رهيا هئا "۲" "بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖهَا وَمُرْسَاهَا" مان ثابت ٿيو تہ ايمان وارو ٻانهو هرحال ۾ ڀروسو الله جل شانہ تي ڪندو آهي ايتري مضبوط ٻيڙيءَ ۾ هوندي بہ نبي سڳوري فرمايو تہ ان جو هلڻ ۽ بيهڻ سڀ ڪجهہ الله جل شانہ جي نالي سان آهي ۽ اهو ئي سلامتيءَ سان پار پڄائيندڙ آهي.

(۱) القرطبي صہ ۲۵ جلد۹ (۲) نعيمي صہ۱۲۸ جلد۱۲

قَالَ سَاٰوِيۡٓ اِلٰى جَبَلٍ يَّعۡصِمُنِيۡ مِنَ الۡمَآءِ ؕ قَالَ

چيائين تہ جلد پناھ وٺندس مان جبل ڏانھن جو بچائيندو مون کي پاڻيءَ کان فرمايو

لَا عَاصِمَ الۡيَوۡمَ مِنۡ اَمۡرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنۡ رَّحِمَ ۚ وَحَالَ بَيۡنَهُمَا الۡمَوۡجُ

(حضرت نوح) ناهي ڪو بچائيندڙ اڄ الله جي امر کان مگر جنهن تي رحم ڪري ۽ اچي وئي ٻنهي جي وچ ۾ لهر

فَكَانَ مِنَ الۡمُغۡرَقِيۡنَ ۝۴۳ وَقِيۡلَ يٰۤاَرۡضُ ابۡلَعِيۡ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ

پوءِ ٿي پيو ٻڏلن مان ۽ چيو ويو تہ اي زمين! چوسي ڇڏ پاڻي پنهنجو ۽ اي آسمان!

اَقۡلِعِيۡ وَغِيۡضَ الۡمَآءُ وَقُضِيَ الۡاَمۡرُ وَاسۡتَوَتۡ عَلَى الۡجُوۡدِيِّ

رڪجي پئو ۽ سڪايو ويو پاڻي ۽ ختم ڪيو ويو معاملو ۽ برابر ٿي بيٺي جودي (جبل تي

وَقِيۡلَ بُعۡدًا لِّلۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ۝۴۴

۽ چيو ويو تہ هلاڪت آهي ظالم قوم جي.

الربع

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ الله جل شانه جي نبي حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي پيار واري سڏ جو ذڪر هو ۽ هتي سندس هنيلي پٽ جو متڪبرانه جواب آهي " وَقَالَ سَاٰوِيۡٓ اِلٰى جَبَلٍ يَّعۡصِمُنِيۡ مِنَ الۡمَآءِ " (پٽ جواب ڏيندي) چيو تہ جلد مان اهڙي جبل ڏانهن وڃي پناھ وٺندس جيڪو مون کي پاڻيءَ کان بچائيندو يعني ايترو دلڪش ۽ دلنشين گفتگو ٻڌي بہ ان پٽ جي دل نرم نہ ٿي سخت ڪان سخت جواب ڏئي چوڻ لڳو تہ مون کي ايمان آڻڻ ۽ ان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيڻ جي ضرورت ناهي جيڪڏهن پاڻي وڌي ويو تہ مان ڪنهن جبل تي چڙهي بچاء وٺندس.

"وَقَالَ لَا عَاصِمَ الۡيَوۡمَ مِنۡ اَمۡرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنۡ رَّحِمَ" فرمايائين تہ: اڄ الله جي امر کان ڪوبہ بچائيندڙ ناهي مگر جنهن تي رحم ڪري يعني جبلن جي ڪهڙي مجال آهي جو

تو کي الاهي عذاب ۽ پڪڙ کان بچائي سگھندا اچ ذاتي طور يا صفاتي طور ڪير بہ
تو کي بچائي نہ سگھندو ها مگر جيڪڏھن ڪنھن تي رحم ڪري ۽ ان کي توبه
جي توفيق ملي وڃي تہ اھو ان عذاب کان بچي سگھي ٿو.

تنبيه:

بعضي گستاخ ۽ بي ادب ٽولا ھن آيت ڪريمه کي دليل طور پيش ڪري چوندا آھن تہ الله جل جلالہ جا نبي ۽ پيارا ٻانھا بہ بي وس ھوندا آھن انھن اھو نہ سوچيو ۽ سمجھيو تہ اھو عاجز ھجڻ ڪنھن جي طرفان آھي جيڪڏھن ڪنعان حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي عرض ڪري ھا تہ بابا سائين! مون کي بچاءِ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪر ۽ پوءِ بہ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام نہ ڪري ھا تہ پوءِ نبين عليھم الصلواة والسلام کي بي وس چئي سگھجي ھا ھتي تہ معاملو ئي برعڪس آھي جو حضرت نوح عليه الصلواة والسلام پٽ کي سڏي فرمائي ٿو تہ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيءُ تہ بچي ويندين پر اھو پنھنجيءَ بدبختيءَ جي ڪري نہ چڙھيو ۽ ٻڏي ويو ان جي ٻڏڻ جو سبب اھو نہ ھو تہ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي وس ھو ان دل سان گھريو بہ پر ٻيڙيءَ ۾ پٽ کي وھاري نہ سگھيو ۽ ان جو سبب ھي ھو تہ سندس پٽ پناھہ ۾ اچڻ لاءِ تيار نہ ٿيو "وَحَالَ بَيْنَهُمَا الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ الْمُغْرَقِيْنَ" ۽ ٻنھي جي وچ ۾ لھر اچي وئي پوءِ ٻڏلن مان ٿي ويو. يعني پاڻيءَ جي اھڙي تيز لھر آئي جو ھوڙي گھلي اھڙيءَ جاءِ تي وڃي ڇڏيائينس جو نشان ئي نہ رھيس "وَقِيْلَ يٰۤاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَغِيْضَ الْمَآءُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ" ۽ چيو ويو تہ: اي زمين! پنھنجو پاڻي چوسي ڇڏ ۽ اي آسمان! (وسڻ کان) رڪجي وڃ ۽ پاڻي سڪايو ويو ۽ معاملو پورو ڪيو ويو.

ھن آيت جي فصاحت ۽ بلاغت

علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمة لکيو آھي تہ ھي آيت اعجاز جي ان بلندين تي آيل آھي جنھن جي اڳيان وڏن وڏن فصيحن ۽ بليغن جا ڪنڌ جھڪيل آھن ھڪ ڀيري عرب جي وڏن فصيحن ۽ بليغن قرآن پاڪ جو مثال پيش ڪرڻ لاءِ ارادو ڪيو ۽ چاليھہ ڏينھن شراب پئندي ڪباب کائيندي فصاحت ۽ بلاغت جي قوتن کي تيز ڪندا رھيا اوچتو ھيءَ آيت جو سندن ڪنن تي پھتي تہ ھٿيار ڦٽا ڪري چوڻ لڳا تہ ھذا الڪلام لايشبه ڪلام المخلوقين (١) ھي ڪلام مخلوق جي ڪلام سان مشابھہ ناھي

(١) روح المعاني صـ٦٣ جزء١٢جلد۴

"وَاسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ" ۽ اها ٻيڙي جودي جبل تي بيٺي.

جودي جبل جو بيان

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ دجله درياء جي اوپر طرف جيڪو پهاڙي سلسلو آهي ان ڪي اراراط جبل چوندا آهن اهو سمنڊ جي سطح ڪان سورهن هزار نو سئو ڇائيتاليهہ هزار (۱۶۹۴۶) فٽ بلند آهي ۽ جودي جبل ان جو هڪ حصو آهي جيڪو زمين ڪان تيرهن هزار (۱۳۰۰۰) فٽ مٿي آهي حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي ٻيڙي محرم مهيني جي ڏهين تاريخ جمعه جي ڏينهن عين نماز جي وقت جودي جبل تي لهي اچي بيٺي هئي (۱) "وَقِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ" ۽ فرمايو ويو تہ ظالم قوم لاءِ هلاڪت آهي. اهو فرمان الله جل جلاله جي طرفان حضرت نوح عليه الصلواة والسلام ڪي ٻڌايو ويو هو ۽ قوم ڪي ظلم جي صفت سان ذڪر ڪري ٻڌايو ويو تہ انهن جي هلاڪت ظلم جي ڪري ٿي هئي. (۲)

وَنَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِيْ مِنْ

۽ سڏيو نوح رب پنهنجي کي پوءِ عرض ڪيائين اي منهنجا رب! بيشڪ منهنجو پٽ

اَهْلِيْ وَاِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَاَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۴۵﴾ قَالَ

اهل منهنجي مان آهي ۽ بيشڪ وعدو تنهنجو حق آهي ۽ تون وڏيڪ حاڪم آهين حاڪمن مان فرمايائين

يٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ ۖ

اي نوح! تحقيق اهو ناهي اهل تنهنجي مان بيشڪ اهو غير صالح عمل وارو آهي

فَلَا تَسْئَلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۭ اِنِّيْٓ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ

پوءِ نہ سوال ڪر مون ڪان اها ڳالهہ جو ناهي توکي ان جو علم بيشڪ مان نصيحت ٿو ڪيان توکي هن ڪان تہ هجين

مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۴۶﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اَسْئَلَكَ

بي خبرن مان عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب! بيشڪ مان پناهہ وٺان ٿو تو سان هن ڪان جو سوال ڪيان تو ڪان

(۲) نعيمي صہ ۱۳۷ جلد ۱۲ (۳) القاسمي صہ ۱۲۵ جزء ۹ جلد ۶

مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَاِلَّا تَغْفِرْ لِيْ

اها ڳالهہ جو ناهي مون کي ان جو علم ۽ جيڪڏهن نہ بخشيندين مون کي

وَتَرْحَمْنِيْٓ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۴۷﴾

۽ نہ رحم ڪندين مون تي تہ ٿي پوندس نقصان وارن مان.

تفسير

هنن ڪان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جو پنهنجي ڪافر قوم ۽ ڪافر پٽ ڪنعان سان گفتگو جو بيان هو ۽ هتي حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي طرفان الله جل جلالہ جي دربار ۾ التجائن ۽ انهن جي موٽ ۾ ملڻ وارين سمجهاڻين جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَنَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِيْ مِنْ اَهْلِيْ وَاِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَاَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ" ۽ حضرت نوح (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) پنهنجي رب کي سڏيو پوءِ عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب! بيشڪ منهنجو پٽ منهنجي اهل مان آهي ۽ بيشڪ تنهنجو وعدو حق آهي ۽ تون حاڪمن ڪان وڌيڪ حاڪم آهين ياد رکڻ گهرجي تہ: حضرت نوح عليه الصلواة والسلام اها دعا ڪنعان جي غرق ٿيڻ ڪان اڳي گهري هئي يا پوءِ؟ علماء ڪان اهي ٻئي قول روايت ڪيل آهن جيڪڏهن پهريان هئي تہ ان جو هڪ وجهہ اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪنعان ڪليل ڪفر نہ ڪيو هو پر ان جي دل ۾ منافقي هئي حضرت نوح عليه الصلواة والسلام ان جي ظاهري اسلام جي پيش نظر اها دعا گهري هئي تہ يا الله! تو مون سان وعدو ڪيو آهي تہ تنهنجي اهل،عيال کي بچائيندس هي منهنجو پٽ بہ منهنجي اهل مان آهي ان کي بہ بچاءِ. بعضي علماء جو قول آهي تہ اهو ڪليل ڪافر هو حضرت نوح عليه الصلواة والسلام پدري شفقت ۽ محبت جي غلبي جي ڪري دعا گهري هئي ۽ جيڪڏهن حضرت نوح عليه الصلواة والسلام اها دعا ڪنعان جي ٻڏي وڃڻ ڪانپوءِ گهري هئي تہ پوءِ ان جو مطلب آهي تہ يا الله! ڪنعان جڏهن تہ منهنجو پٽ ۽ اهل هو تہ ان کي غرق ڪرڻ ۾ حڪمت ڇا آهي "قَالَ يٰنُوْحُ اِنَّهٗ

لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ فَلَا تَسْئَلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ اِنِّيْٓ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ" (الله) فرمايو تہ: اي نوح! يقينًا اهو تنهنجي اهل مان ناهي بيشڪ اهو نالائق عمل وارو آهي پوءِ مون کان اهڙو سوال نہ ڪر جنهن جو تو کي علم ناهي بيشڪ مان تو کي نصيحت ٿو ڪيان تہ بي خبرن مان (نہ) ٿي پئجان مطلب تہ اهو بدڪردار ۽ بد عمل هجڻ جي ڪري تنهنجي اهل مان ئي ناهي ۽ اهڙو سوال بہ نہ ڪندو ڪر جنهن کان تون بي خبر آهين هي قدرتي راز آهن جيڪي ڪنهن کي ٻڌائي ٿو ڪنهن کان لڪائي ٿو مان تو کي نصيحت ٿو ڪيان تہ پاڻ کي جاهلن ۾ ڳڻائڻ کان بچاءِ ڪر تنهنجو مقام انهن کان بلند ۽ بالا آهي "المعنىٰ ارفعك اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ" (۱) "قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اَسْئَلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ وَاِلَّا تَغْفِرْ لِيْ وَتَرْحَمْنِيْٓ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ" عرض ڪيائين تہ: اي منهنجا رب! مان تو سان هن ڳالهہ کان پناهہ ٿو وٺان تہ اهڙو سوال ڪيان جنهن جو مون کي علم ناهي ۽ جيڪڏهن تون مون کي نہ بخشيندين ۽ نہ رحم ڪندين تہ مان نقصان وارن مان ٿي ويندس حضرت نوح عليه الصلواة والسلام مالڪ مٿي جو مٿيون مذڪور فرمان ٻڌي پوءِ هيءُ عرض ڪيو هو مطلب تہ يا الله! مان وري اهڙو سوال نہ ڪندس ۽ جيڪڏهن اهو سوال ڪرڻ وارو ڪم مون کي نہ بخشيندين ۽ مون تي رحم نہ ڪندين تہ مان نقصان وارن مان ٿي پوندس هي نهايت عاجزي ۽ انڪساريءَ جو اظهار هو جيڪو سيدنا نوح عليه الصلواة والسلام بارگاه ايزديءَ ۾ ڪيو هو فائدو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ سيدنا حضرت نوح علي نبينا وعليه الصلواة والسلام کي پٽ کان وڌيڪ محبت رب العزة جل شانه ۽ ان جي دين سان هئي. پاڻ پٽ کي ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ بہ ان جي ڪري سڏيو هيائين تہ ڪفر کان بچي پوي ۽ الله جل شانه کي اهو سوال (تہ منهنجو پٽ منهنجي اهل مان آهي) الله تعالى جي طرفان سندس پٽ کي ٻوڙڻ جي حڪمت معلوم ڪرڻ لاءِ هو الله تعالىٰ بہ تڏهن فرمايس تہ "مون کان ان جي باري ۾ سوال نہ ڪر جنهن جو تو کي علم ناهي."

غيرضروري ڳالهيون نہ پڇڻ تہ پلو آهي

آيت مبارڪه "فَلَا تَسْئَلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ" مان واضح ٿيو تہ هر شخص کي اهو علم حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪو ضروري آهي بي فائدو علم، غيرضروري سوال ڪرڻ، هر وقت اها سوچ رکڻ تہ فلاڻي کان ڪهڙو سوال ڪيان جيئن بعضي ماڻهن جي

(۱) القرطبي صہ۴۸ جلد۹

عادت هوندي آهي سنو نه آهي دنيوي حياتي زياده سٺن ۽ سهٽن عملن ۾ صرف ڪرڻ ضروري آهي دنيوي علم ضرورت آهر پڙهڻ ۽ سکڻ گهرجي خاص ڪري مسلمان عورتن کي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي حوالي ڪرڻ جو بي پرده،ڌارين مردن جي نگاهن ۽ شرارتن جو شڪار ٿيڻ دين جي خلاف ۽ اسلام کان پري رهڻ آهي.

نيڪ اعمال ضروري آهن

"اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيۡرُ صَالِحٍ" مان واضح ٿيو ته آخرت ۾ الاهي عذاب کان بچاء جي لاء صرف گناهن کان بچڻ تي مدار ناهي نيڪ اعمال ڪرڻ به ضروري آهن آيت مبارڪه جي جمله "اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيۡرُ صَالِحٍ" ۾ "عَمَلٌ" مصدر آڻي ان مان مراد عامل ورتو ويو آهي ان ۾ به اها حڪمت آهي ۽ الله جل شانه جي بارگاهه ۾ پنهنجي عاجزي، انڪساري پيش ڪري فورًا سندس ناراض ٿيڻ کان پناهه گهرڻ هانهي جي محبوبيت جي نشاني آهي جيئن حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي طرفان رب پاڪ جي بارگاهه ۾ "وَاِلَّا تَغۡفِرۡ لِيۡ وَتَرۡحَمۡنِيۡۤ اَكُنۡ مِّنَ الۡخٰسِرِيۡنَ" مان واضح ٿي رهيو آهي.

قِيۡلَ يٰنُوۡحُ اهۡبِطۡ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَبَرَكٰتٍ عَلَيۡكَ وَعَلٰٓى اُمَمٍ

چيو ويو ته اي نوح! لهه تون سلامتيء سان اسان جي طرفان ۽ برڪتن سان تو تي ۽ امتن تي انهن

مِّمَّنۡ مَّعَكَ ؕ وَاُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمۡ ثُمَّ يَمَسُّهُمۡ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۴۸﴾

مان جو گڏ توسان آهن ۽ امتون جو جلد نفعو ڏيندا سون انهن کي ان کانپوءِ پهچندو انهن کي اسان

تِلۡكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الۡغَيۡبِ نُوۡحِيۡهَاۤ اِلَيۡكَ ۚ مَا كُنۡتَ تَعۡلَمُهَاۤ اَنۡتَ

جي طرفان عذاب دردناڪ هي خبرن غيب جي مان (ڪجهه) آهي وحي ڪيون ٿا انهن کي توڏانهن نه

وَلَا قَوۡمُكَ مِنۡ قَبۡلِ هٰذَا ۛؕ فَاصۡبِرۡ ؕ اِنَّ الۡعَاقِبَةَ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۴۹﴾ ع

ڄاڻندو هئين انهن کي تون ۽ نه قوم تنهنجي اڳي هن کان پوءِ صبر ڪر بيشڪ چڱي پڇاڙي پرهيز گارن لاءِ آهي.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ طوفان جي ابتداء ۽ ٻيڙيءَ تي چڙهڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ طوفان جي انتها، اختتام ۽ ٻيڙيءَ مان لهڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قِيلَ يَا نُوحُ اهْبِطْ بِسَلَامٍ مِّنَّا وَبَرَكَاتٍ عَلَيْكَ وَعَلَىٰ أُمَمٍ مِّمَّن مَّعَكَ" چيو ويو ته! اي نوح! (عليه الصلواة والسلام) اسان جي طرفان سلامتيءَ ۽ تو تي ۽ جيڪي تو سان گڏ آهن انهن مان امتن (جماعتن) تي برڪتن سان لهه. حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي اهو حڪم ان وقت مليو جڏهن سندس ٻيڙي جودي جبل تي لهي بيٺي پوءِ اهو حڪم ٻيڙيءَ مان لهڻ لاءِ مليو ۽ ڪي مفسر لکن ٿا ته جڏهن ٻيڙي جودي جبل تي لٽي ته حضرت نوح عليه الصلواة والسلام ان ۾ سوار ٿيلن جانورن ۽ ماڻهن کي لاهي پاڻ به لٿو پر زمين تي پاڻيءَ هجڻ جي ڪري پاڻ ۽ ساڻس گڏ هجڻ وارا مومن پنج مهينا جبل تي ئي رهيا پيا هئا جو ته هيٺ زمين تي پاڻي بيٺل هو جڏهن اهو سڪي ويو زمين خشڪ ٿي وئي تڏهن الله جل شانه کيس فرمايو ته: سلامتيءَ سان لهو توتي ۽ جيڪي مومن توسان گڏ هيا اوهان سڀني تي اسان جي طرفان برڪتون آهن هاڻي اوهان ڏڪن ۽ سورن کان آزاد آهيو اوهان جي نسل، ڪاروبار ۽ رزق کي اهڙو وڌايو ويندو جو سڪون ۽ آرام سان زندگي بسر ڪندؤ "وَأُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمْ ثُمَّ يَمَسُّهُم مِّنَّا عَذَابٌ أَلِيمٌ" ۽ (ٻيون) امتون (اهڙيون ايندڙيون) جو اسين انهن کي دنيوي نفعو ڏيندا سون ان کانپوءِ کين (آخرت ۾) اسان جي طرفان دردناڪ عذاب پهچندو ظاهر آهي ته ان مان مراد بعد ۾ اچڻ واريون ڪافر قومون آهن ۽ محققن مفسرن لکيو آهي ته آيت جي پنهي حصن ۾ هڪ طرف قيامت تائين اچڻ وارا مومن داخل آهن ته ٻئي طرف قيامت تائين اچڻ وارا ڪافر داخل آهن (۱) "تِلْكَ مِنْ أَنبَاءِ الْغَيْبِ نُوحِيهَا إِلَيْكَ مَا كُنتَ تَعْلَمُهَا أَنتَ وَلَا قَوْمُكَ مِن قَبْلِ هَٰذَا" هي غيب جي خبرن مان (ڪجهه خبرون) آهن جيڪي توڏانهن وحي ٿا ڪيون انهن کي تون ۽ تنهنجي قوم هن کان اڳ ۾ نه ڄاڻندا هيئو مطلب ته اي حبيب پاڪ! (عليه الصلواة والسلام) هي حضرت نوح عليه الصلواة والسلام وارو واقعو به انهن غيبي خبرن مان آهي جيڪي توڏانهن وحي ڪيون ٿا ۽ ان وحي (جلي هجي يا خفي) کان اڳ ۾ ان کي نه تون ڄاڻندو هئين ۽ نه تنهنجي قوم

(۱) حاشيه دريا بادي ص۴٦٩ حاشيه ۷۵

ڄاڻندي هئي وحي جلي (قرآن پاڪ جي نزول) سان ان کي اوهان تہ ڄاڻو ٿا پر اوهان جي قوم تائين بہ اهو صحيح قصو پهتو مومن مجين ٿا بي ايمان کونہ ٿا مجين بلڪ‌ڪافر تہ هٺرادو ڪوڙا قصا ٺاهي ماڻهن کي ڀڏائي گمراهہ ڪن ٿا "فَاصْبِرْ اِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ" پوءِ صبر ڪر يقيناً چڱي پڇاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي يعني اي حبيب پاڪ! (عليه الصلوٰة والسلام) اوهان دل شڪستہ نہ ٿيو جيڪڏهن اهي هٺيلا، سرڪش ۽ بي سمجهہ ڪافر اوهان کي ڪوڙو ٿا چون تہ اوهان صبر ڪيو ۽ حضرت نوح عليہ الصلوٰة والسلام جي قصي مان تسلي ۽ سڪون حاصل ڪيو جيئن ان جي دور ۾ آخري ڪاميابي ۽ ڀلي پڇاڙي مومنن کي حاصل ٿي هئي ائين اوهان تي ايمان آڻيندڙن کي بہ ڀلي پڇاڙي ۽ ڪاميابي حاصل ٿيندي.

"مِنْ اَنْبَاءِ الْغَيْبِ" جي خاص سمجهاڻي

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ انباءِ نبأجوجمع آهي نباءِ جي معنىٰ آهي مطلق خبر ان جي ڪري ان کي "اَلْغَيْبِ" ڏانهن اضافت سان مقيد بنايو ويو آهي ۽ غيب جي معنىٰ ٻڌڻ ڏسڻ سنگهڻ چکڻ ۽ هٿ لڳائڻ سان سمجهہ ۾ نہ اچڻ واري شيءِآهي‌غيب ٻہ قسم آهي "۱" اهو جنهن ۾ مخلوق جي علم ۽ واقع جو ڪو تعلق نہ هجي ان کي غيب مطلق يا غيبہ چوندا آهن. "۲" اهو غيب جنهن سان مخلوق جو تعلق هجي ڦهريون غيب خاص الخاص ٻانهن کي ڄاڻايو ويندو آهي جيئن ارشاد مبارڪ آهي "عَالِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖ اَحَدًا اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ" (۱) غيب ڄاڻندڙ آهي پنهنجي غيب تي ڪنهن کي بہ واقف نہ ٿو رکي مگر جنهن رسول کي بر گزيدو بنائي (۲) هن آيت ۾ "غَيْبِهٖ" ۾ غيب کي "ہٖ" ضمير ڏانهن اضافت ڪرڻ مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ ان پنهنجي خاص غيب تي پنهنجن برگزيدن رسولن کي واقفيت عطا ڪندو آهي ۽ هيو قسم غيب جو تہ عام اولياءَ الله بلڪ قرآن پاڪ جي هنن آيتن جي ذريعي قيامت تائين اچڻ وارن مسلمانن کي بہ مليو آهي ۽ ملندو رهندو چو تہ جيڪو قرآن ڪريم پڙهندو ويندو اهو اهي ڳالهيون ذهن نشين ڪندو رهندو **اعتراض** "۱" حضرت نوح عليہ الصلوٰة والسلام جو قصو تہ قرآن پاڪ کان ڦهريان نازل ڪيلن ڪتابن توراة انجيل ۾ بہ ذڪر ڪيل هو پوءِ ڪيئن چيو ويو تہ هي غيب جي انهن خبرن مان آهي جيڪي اوهان ڏانهن وحي ڪيون ٿا؟ **جواب** اڳ ۾ اهو قصومختصر

(۱) سورة الجن آيت ۲۷ (۲) فارسي ترجمہ مخدوم نوح عليہ الرحمة صہ ۵۷۶

نموني مشهور هو قرآن پاڪ ۾ ان کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي ان جي ڪري
ائين فرمان ٿيو آهي.

اعتراض: "۲" حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جو قصو ته سورة
يونس ۾ بـاڃي چڪو هو پوءِ هتي وري ڇو آندو ويو؟

جواب: هڪ ئي قصو وري وري بيان ڪرڻ مان مقصد مختلف هوندا آهن سورة
يونس ۾ مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن کي اهو جواب ڏنو ويو هو ته اوهان ائين
تڪڙو عذاب ڇا گهرو جيئن حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي قوم وارن گهريو هو
تڪڙو عذاب نه گهرو متان اوهان جو به اهو حال ٿئي جيئن انهن جو ٿيو هو ۽ هتي
مسلمانن کي اهو سمجهائڻو هو ته جيئن حضرت نوح عليه الصلواة والسلام ۽ ان تي
ايمان آڻڻ وارن ڪافرن جي اذيتن ۽ تڪليفن تي صبر ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي
هيائون تيئن اوهان به صبر ڪيو ته ڪاميابي اوهان جي آهي ۽ اهو قصو وري وري بيان
ڪرڻ اجايو نه آهي اهم مقصدن لاءِ آهي.

وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ۗ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

۽ (قوم) عاد ڏانهن انهن جي ڀاءُ هود کي (موڪليوسون) فرمايائين ته: اي منهنجي قوم! عبادت ڪيو الله جي ناهي واسطي اوهان جي

مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُفْتَرُوْنَ ۝۵۰ يٰقَوْمِ لَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ

ڪو عبادت جو لائق سواءِ ان جي ناهيو اوهان مگر ٺاهه ٺاهيندڙ اي منهنجي قوم! نه ٿو گهران اوهان کان ان تي

اَجْرًا ۭ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى الَّذِيْ فَطَرَنِيْ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝۵۱ وَيٰقَوْمِ

ڪو اجورو ناهي اجورو منهنجو مگر ان تي جو پيدا ڪيائين مون کي ڇا پوءِ عقل نه ٿا رکو ۽ اي منهنجي قوم!

اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُرْسِلِ السَّمَاۗءَ عَلَيْكُمْ

مغفرت گهرو رب پنهنجي کان ان کان پوءِ توبه ڪيو ان ڏانهن ته موڪليندو آسمان کان اوهان تي

مِّدْرَارًا وَّيَزِدْكُمْ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمْ وَلَا تَتَوَلَّوْا مُجْرِمِيْنَ ۝۵۲ قَالُوْا

زور سان بارش وسندڙ ۽ وڌائيندو اوهان کي قوت ۾ ٻيهرين قوة اوهان جي کان ۽ نه منهن موڙيو مجرم ٿي ڇيائون ته

يَاهُوْدُ مَا جِئْتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَّمَا نَحْنُ بِتَارِكِيّٓ اٰلِهَتِنَا عَنْ قَوْلِکَ

اي هود! نہ آندو تو اسان وٽ ڪو روشن دليل ۽ ناهيون اسين ڇڏيندڙ معبودن پنهنجن کي چوڻ تنهنجي سان

وَمَا نَحْنُ لَکَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۳﴾

۽ ناهيون اسين تو تي ايمان آڻيندڙ.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي تبليغ، دين جي دعوت ڪافرن جي طرفان ملندڙ تڪليفن ۽ آخر ۾ انهن تي ايندڙ عذاب جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ ان ئي طريقي سان حضرت هود علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي پيش ايندڙ حالات جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي.

"وَاِلىٰ عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا" ۽ عاد قوم ڏانهن سندن (نسب جي لحاظ سان) ڀاءُ (حضرت) هود (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي موڪليو سون حضرت هود عليه الصلواة والسلام جي قوم جو نالو عاد هو سندس ذات عالي صفات ۽ سندس قوم جو احوال تفسير احسن البيان صـ۵۲۲ جلد۳. سورة اعراف آيت ۶۵جي تفسير ۾ لکي آيا آهيون اتي ڏسڻ گهرجي. (الفقير محمد ادريس الداهري) "قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَکُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ اِنْ اَنْتُمْ اِلاَّ مُفْتَرُوْنَ" فرمايائين تہ: اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪيو ان ڪانسواءِ اوهان لاءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ناهي (ٻين کي معبود بنائڻ ۾) تہ اوهان صرف هٺ جو ناهہ ناهيندڙ آهيو هن ارشاد مبارڪ مان واضح ٿيو تہ عاد قوم وارا ٻين خرابين ڪانسواءِ شرڪ جهڙي انتهائي برائيءَ ۾ بہ گرفتار هئا انهن مختلف ڪمن جي لاءِ جدا جدا بت ٺاهي رکيا هئا جن جي پوڄا ڪندا هئا حقيقي معبود، سچي رب، خالق ۽ مالڪ کان انهن جا عقيدا بالڪل پري هئا الله جل جلاله جي نبي علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام انهن کي باطل ۽ ڪوڙن هٺ ٺوڪين معبودن کان روڪي حقيقي ۽ سچي معبود بالحق جو رستو ٻڌايو ۽ ان جي عبادت ڏانهن سڏيو "يَاقَوْمِ لاَ اَسْئَلُکُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِنْ اَجْرِيَ اِلاَّ عَلَى الَّذِيْ فَطَرَنِيْ اَفَلاَ تَعْقِلُوْنَ"

اي منهنجي قوم! مان اوهان کان ان (دين جي دعوت ڏيڻ ۽ تبليغ ڪرڻ) تي ڪو اجورو نه ٿو گهران منهنجو اجورو بئي ڪنهن تي ناهي مگر ان ذات تي آهي جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي ڇا پوءِ نه ٿا عقل رکو.

صداقت جو دليل

هن آيت مبارڪه ۾ حضرت هود عليه الصلواة والسلام پنهنجي قوم وارن جي اڳيان پنهنجي صداقت جو دليل بيان ڪندي بڌايو ته: مان جيڪا تبليغ ڪيان ٿو ۽ اوهان کي سچي دين ڏانهن سڏيان ٿو ان جو اوهان کان ڪو اجورو نه ڪونه ٿو گهران جو اوهان کي شڪ پوي ٿو. منهنجو اجورو الله جل شانه وٽ آهي اهو مون کي منهنجي هن محنت جو ثواب ۽ درجو ڏيندو جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي. ڇا اجان به عقل کان ڪم نه ٿا وٺو ڪنهن لالچ ۽ طمع کان سواءِ ڪوڙو ماڻهو ڪم ڪيئن ڪندو؟ سچ وارو ئي ايتري محنت ۽ جفا ڪري پنهنجي رب کي راضي بنائيندو "وَيَاقَوْمِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْا اِلَيْهِ يُرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِدْرَارًا وَّيَزِدْكُمْ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمْ وَلَا تَتَوَلَّوْا مُجْرِمِيْنَ" ۽ اي منهنجي قوم! پنهنجي پالڻهار کان مغفرت گهرو ان کان پوءِ ان ڏانهن توبه سان رجوع ڪيو ته اوهان تي آسمان کان زبردست برسات موڪليندو ۽ اوهان کي اوهان جي (پهرئينءَ) قوة کان وڌائيندو ۽ مجرم ٿي منهن نه موڙيو. مطلب ته جيڪڏهن رب پاڪ کان پنهنجن گناهن جي مغفرت گهري، سچي توبه ڪندؤ، ايمان آڻي فرمانبردار ٿيندؤ ته الله جل جلاله اوهان تي هر موقعي جي مناسبت سان زبردست برساتون وسائيندو هي. فرمان ان جي ڪري ڪيو ويو جو اهي عاد قوم وارا باغن ۽ پوکن سان پيار ڪندا هئا ان جي ڪري ايمان آڻڻ جا اهي ظاهري فائدا ۽ برڪتون بيان ڪيون ويون جن سان سندن رغبت هئي مفسرن سڳورن جو فرمان آهي ته اهي عاد قوم وارا ڪفر ۽ گناهن جي سزا ملڻ جي ڪري ٽن سالن کان ڏڪر ۾ مبتلا هئا نه مينهن ٿي وسيو نه پوکون ۽ باغ سرسبز هئا ان لاءِ حضرت هود ڪين ايمان آڻڻ جي ڪري ان نعمت ملڻ جي مبارڪ ڏني هئي ۽ پهرين قوة سان قوة وڌائڻ جو مطلب مالي ۽ بدني بئي قوتون عطا ڪري اولاد ۾ اوهان کي برڪت سان گڏ خوشحالي به نصيب فرمائيندو ۽ مادي قوت سان گڏ روحاني قوة به عطا فرمائيندو. ان شرط سان جو مجرمن وانگر ان جي اطاعت ڪرڻ کان منهن نه ڦيرائيندؤ (١) "قَالُوْا يٰهُوْدُ مَا جِئْتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَّمَا نَحْنُ بِتَارِكِيْٓ اٰلِهَتِنَا عَنْ قَوْلِكَ وَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ" (قوم وارن چيو ته اي هود! (علیٰ نبينا وعليه

(١) حاشيه عثمانيه ص ٣٠١ مطبوعه سعوديه عربيه

الصلواة والسلام) تون اسان وٽ ڪنهن روشن دليل سان نہ آيو آهين ۽ نہ اسين تنهنجي چوڻ سان پنهنجا معبود ڇڏيندا سون ۽ اسين تو تي ايمان آڻيندڙ ناهيون هي ۽ انهن جو متڪبرانہ جواب هو.

هر نبي روشن دليل سان ايندو آهي

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ الله جل جلالہ پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام کي جڏهن دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ امر ڪندو آهي تہ انهن کي اهڙا روشن دليل ڏئي موڪليندو آهي جيڪي سندن نبوت جا ڪليل ۽ واضح برهان هوندا آهن جن کي ڏسي جيڪڏهن ڪو ايمان آڻڻ جي نيت رکندو هوندو تہ ايمان آڻيندو حديث پاڪ ۾ بہ ائين آيو آهي (۱) ۽ ان لحاظ سان حضرت هود عليہ الصلواة والسلام وٽ بہ روشن دليل يقينًا هوندا پر نہ مڃڻ واري کي بهانا اڻ کٽ هوندا آهن فائدا. هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا "۱" "لَا أَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا" (مان اوهان کان ان تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران) مان واضح ٿيو تہ انبياءِ عظام عليهم الصلواة والسلام نهايت بلند شان جا مالڪ هوندا آهن انهن کي سندن مقصد ۽ نبوّت واريءَ ڊيوٽيءَ کان نہ ڪا دنياوي طاقت هٽائي سگهندي آهي نہ ڪا دنيوي طمع ۽ لالچ پوئتي ڪندي آهي "۲" "إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَى الَّذِي فَطَرَنِي" (منهنجو اجورو تہ صرف ان ذات وٽ آهي جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي) مان واضح ٿيو تہ مالڪ مٺي جا محبوب ٻانها دنيا کان بي پرواهہ ٿي مالڪ جي ڪم ۾ مشغول هوندا آهن پاڻ ئي پنهنجن ٻانهن کي پاليندو، سنڀاليندو ۽ سکيو رکندو آهي "۳" "يُرْسِلِ السَّمَاءَ عَلَيْكُمْ مِدْرَارًا" (آسمان کان اوهان تي زبردست بارش موڪليندو) مان واضح ٿيو تہ الله جل جلالہ جي راضي ڪرڻ ۽ سندس ياد سان اخروي درجن، نعمتن ۽ مهربانين کان سواءِ خود بخود دنيا ۾ بہ فائدا حاصل ٿيندا آهن پر مومن جي نگاهہ مالڪ جي رضا ۽ اخروي اجر تي هوندي آهي ڇو تہ آخرت پوک جي داٿي وانگر ۽ دنيا ٻُهہ وانگر آهي هاريءَ جو وڏو مقصد پوک پوکڻ مان ان ڪڻ هوندو آهي پر ٻُهہ خود بخود ملي ويندو آهي.

وعظ، نصيحت ۽ دين جي دعوت ڏيڻ تي اجوري گهرڻ کان پاسو ڪجي

قرآن ڪريم تقريبًا سڀني نبين عليهم الصلواة والسلام جي پاڪ زبانن کان اها ڳالهہ نقل ڪئي آهي تہ! اي اسان جا امتيو! اسين اوهان کان دين جي دعوت ۽ ان

(۱) ساڳيو حوالو

لاءِ محنت جو ڪو اجورو يا معاوضو نہ ٿا گهرون. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ دين جي دعوت ڏيڻ جو جيڪڏهن معاوضو گهريو ويندو تہ اها دعوت موثر نہ ٿي رهي تجربي سان بہ اها ڳالهہ ثابت آهي تہ وعظ ۽ نصيحت تي معاوضو گهرڻ واري جو سامعين تي اثر گهٽ پوي ٿو. (۱)

اعتراض: ايمان آڻڻ جي دعوت ڪانپوءِ "اَفَلَاتَعۡقِلُوۡنَ" (ڇا پوءِ عقل نہ ٿا رکو) چو آندو ويو عقل رکڻ جي دعوت ڇو ڏني وئي؟؟ عقل تي هلڻ ڪان تہ بزرگ روڪيندا ويا "عقل قربان ڪن بہ پيش مصطفيٰ" (عليه الصلواة والسلام)

جواب: عقل بذات خود خراب نہ آهي عقل تہ الله جل شانه جي نعمت آهي عقل سفيد ڪپڙي وانگر آهي ان ڪي جهڙو رنگ ڏيندؤ اهڙو ٿي ويندو. دانشمندن جو چوڻ آهي تہ عقل هڪ مُلڪ آهي ان تي جهڙو بادشاهہ هوندو اهڙو ملڪ هلندو. حضرت رومي عليه الرحمه جو فرمان آهي.

عقل اندر حكم دل يزداني است
چون زدل آزاد شد شيطاني است

اهو عقل جيڪو دل جي حڪم جو تابع آهي الله وارو آهي ۽ جڏهن دل جي حڪم کان آزاد ٿي ويو شيطاني آهي هتي "اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ" ۾ بہ ڳالهيون سمجهايون ويون آهن "۱" تہ عقل دين جي خلاف ناهي عقل ڪان ڪم وٺندؤ تہ بت پرستيءَ ڪان بيزار ٿي ويندؤ ڇا عقل جي تقاضا اها آهي تہ جن ڪي هٿ سان ڪوڪا ، ڪنڌاهيڻ ناهيو انهن جي عبادت ڪيو. نہ هرگز نہ سچو دين اسلام عقل ڪي بيڪار نٿو بنائي پر ان ڪي روشن ٿو ڪري ۽ صحيح استعمال ڪرڻ جو حڪم ٿو فرمائي "۲" تہ دين جي معاملات ۾ عقل پنهنجيءَ مرضيءَ سان استعمال نہ ڪيو ان ڪي نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جي فرمان سان استعمال ڪندؤ تہ صديقيت جي مقام تي پهچندؤ الله جل جلاله جا انبياء عليهم الصلواة والسلام ڪنهن بہ نعمت يا جسم جي عضووي ڪي نہ ضايع ڪرڻ ڏيندا آهن نہ غلط استعمال ڪرڻ جي اجازت فرمائيندا آهن اهي گهرندا آهن تہ عقل ڪي دين ۽ ديني علم ۾ استعمال ڪيو يا اهڙين شين ۾ جن سان ديندارن جون ضرورتون پوريون ٿين.

اعتراض: جيڪڏهن ڪافرن ڪي عقل ايترو هجي ها جو اهي دين،ايمان،توحيد ۽ رسالت ڪي سمجهي سگهن ها تہ پوءِ حضرت هود عليه الصلواة والسلام ڪي ڪوڙو ڪيئن چون ها ۽ جيڪڏهن ايترو عقل نہ رکندا هئا تہ انهن ڪي عقل سان سوچڻ جي لاءِ ڇو چيو ويو؟؟

(۱) معارف القرآن صہ ۶۴۱ جلد۴

جواب: انهن کي عقل هو پر ان کي نبي سڳوري علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي فرمان مطابق استعمال نہ کندا هئا ۽ الله جي نبي جي ذات سان دشمني رکڻ ۽ پنهنجن کافرن ابن ڏاڏن جي پوئلڳ هجڻ جي کري سوچڻ لاءِ تيار نہ هئا.

اِنْ نَّقُوْلُ اِلَّا اعْتَرٰىكَ بَعْضُ اٰلِهَتِنَا بِسُوْٓءٍ قَالَ

نٿا چئون اسين مگر (هيءُ ڳالهہ تہ) پهچائي تو کي بعضي معبودن اسان جي برائي (دماغي خلل) فرمايائين تہ

اِنِّيْٓ اُشْهِدُ اللّٰهَ وَاشْهَدُوْٓا اَنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿۵۴﴾ مِنْ

بيشڪ مان شاهد ٿو بڻايان الله کي ۽ شاهدي ڏيو اوهان تہ بيشڪ مان بيزار آهيان انهن کان جو شريڪ بڻايو ٿا

دُوْنِهٖ فَكِيْدُوْنِيْ جَمِيْعًا ثُمَّ لَا تُنْظِرُوْنِ ﴿۵۵﴾ اِنِّيْ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ

ان کانسواءِ پوءِ رٿ رٿيو مون لاءِ سڀئي ان کان پوءِ نہ مهلت ڏيو مون کي بيشڪ مون توکل ڪئي الله تي

رَبِّيْ وَرَبِّكُمْ ۭ مَا مِنْ دَاۗبَّةٍ اِلَّا هُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَا ۭ

رب منهنجي ۽ رب اوهان جي تي ناهي ڪابہ چرندڙ شي مگر اهو وٺندڙ آهي پيشانيءَ ان جي کي

اِنَّ رَبِّيْ عَلٰي صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۵۶﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقَدْ

بيشڪ رب منهنجو رستي سڌي تي آهي پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندڙ پوءِ تحقيق

اَبْلَغْتُكُمْ مَّآ اُرْسِلْتُ بِهٖٓ اِلَيْكُمْ ۭ وَيَسْتَخْلِفُ رَبِّيْ قَوْمًا

پهچايم اوهان کي اهو (پيغام) جو موڪليو ويس مان ان سان ۽ پويان آڻيندو رب منهنجو قوم کي

غَيْرَكُمْ ۚ وَلَا تَضُرُّوْنَهٗ شَـيْـــًٔا ۭ اِنَّ رَبِّيْ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ ﴿۵۷﴾

سواءِ اوهان جي ۽ نہ نقصان ڏيندؤ ان کي ڪابہ شيءِ بيشڪ رب منهنجو هر شيءِ تي نگهبان آهي.

تفسير

هنن آيتن کان اول ذکر ڪيلن آيتن ۾ حضرت هود عليه الصلواة والسلام

جي قوم جي طرفان حضرت هود عليه الصلواة والسلام سان ڪيل گفتگو جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي گفتگو جي بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته انهن حضرت هود عليه الصلواة والسلام کي چيو "اِنْ نَّقُوْلُ اِلَّا اعْتَرٰىكَ بَعْضُ اٰلِهَتِنَا بِسُوْٓءٍ" اسين (ٻيو ڪجھ) نه ٿا چئون مگر (اهو چئون ٿا ته) اسان جي ڪن معبودن توکي برائي (دماغي خلل) پهچايو آهي مطلب ته تو اسان جي بتن کي باطل سڏيو انهن مان ڪن بتن توکي دماغي نقصان پهچايو آهي تڏهن تون اهڙيون ڳالهيون ڪرين ٿو جيڪي مجنڻ ۾ نه ٿيون اچن ۽ جنهن علائقي ۾ تون امن سان رهندو هئين اتي تنهنجا ڪئين دشمن ٿي ويا آهن "قَالَ اِنِّيْٓ اُشْهِدُ اللّٰهَ وَاشْهَدُوْٓا اَنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ" (حضرت هود عليه الصلواة والسلام انهن کي) فرمايو ته مان الله کي شاهد بنايان ٿو ۽ اوهان به شاهد رهو ته جن کي اوهان الله جل شانه کان سواءِ شريڪ بنايو ٿا مان انهن (سيني) کان بيزار آهيان. يعني جيڪڏهن اوهان مون کي سچو نه ٿا سمجهو ته مون کي ڪو غم نه آهي منهنجي حقانيت جو شاهد الله آهي مان ان کي ئي شاهد بنايان ٿو ۽ اوهان به شاهد رهو ته مان انهن هٽ ئوڪين، ڪوڙن ۽ باطل معبودن کان بيزار آهيان جن کي اوهان الله جل شانه جو شريڪ بنايو وينا آهيو اهڙن منحوسن جي پوڄا ڪرڻ جي ڪري اوهان تي بارش وسڻ بند ٿي وئي آهي ۽ نسل ختم ٿي رهيو آهي "فَكِيْدُوْنِيْ جَمِيْعًا ثُمَّ لَا تُنْظِرُوْنِ" پوءِ مون لاءِ سيئي گڏجي جيڪا به رٿ رٿڻي اٿو پلي رٿيو ان کان پوءِ مون کي ڪا به مهلت ۽ دير نه ڏيو. مان اوهان جي بتن کي ڪوڙو چوان ٿو ۽ آئنده جي لاءِ به چوندو رهندس "اِنِّيْ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّيْ وَرَبِّكُمْ مَا مِنْ دَآبَّةٍ اِلَّا هُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَا اِنَّ رَبِّيْ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" بيشڪ مون الله تي جيڪو منهنجو به رب آهي ۽ اوهان جو به رب آهي توڪل ڪئي آهي ڪو (به زمين تي اهڙو) چرندڙ ناهي مگر اهو (الله) ان جي پيشانيءَ کي وٺندڙ آهي بلاشڪ منهنجو رب سڌيءَ واٽ تي آهي هن آيت ۾ حضرت هود عليه الصلواة والسلام جي مذڪور يقين ۽ عزم جو وجه بيان ڪيو آهي ته منهنجو جنهن تي ڀروسو آهي اهو وڏي طاقت ۽ قوت جو مالڪ منهنجو به پالڻهار آهي اوهان جو به پالڻهار آهي بلڪ دنيا ۾ هلڻ ڪان ڳرا جيڪي به چرندڙ جانور جيت، پکي وغيره آهن اهي سڀ ان جي حڪم هيٺان ڪنڌ جهڪائيندڙ آهن پوءِ پاڻ سوچيو ته جنهن جي تائيد ڪرڻ وارو انهن سيني جو رب آهي ان کي اوهان ۽ اوهان جا بي وس ۽ بي اختيار ڪوڙا معبود ڇا ڪري سگهندا؟

پيشانيءَ کي وٺڻ جو مطلب آهي ڪنهن کي مقهور ۽ مغلوب بنائڻ ۽ جيئن چاهڻ تيئن ڪرڻ (١) بلاشڪ منهنجو رب سڌيءَ واٽ تي آهي جو مطلب ته ان جي طرفان جزا، سزا، تقدير، تدبير، عطا ۽ محرومي غرض ته ان جا سڀئي افعال عدل ۽ انصاف تي مبني ۽ ان جي حڪمت بالغه ۽ رحمت واسعه جا آئينه دار آهن ۽ ڪن مفسرن فرمايو ته ان مان مراد آهي ته نه ان جي تدبير ۾ خلل آهي نه ان جي پيدا ڪرڻ ۾ تفاوت آهي. (٢)

دشمنن کان بچاءِ لاءِ وظيفو

ابن ابي حاتم يحيىٰ بن سعيد کان روايت آندي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص کي چور يا ڦاڙيندڙ جانور يا شيطان سرڪش جو ڊپ آهي اهو جيڪڏهن هيءَ آيت "اِنِّيْ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّيْ وَرَبِّكُمْ مَامِنْ دَآبَّةٍ اِلَّا هُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَا اِنَّ رَبِّيْ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" پڙهندو ته الله انهن کي دفع ڪري ڇڏيندو (٣) "فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ مَا اُرْسِلْتُ بِهٖۤ اِلَيْكُمْ وَيَسْتَخْلِفُ رَبِّيْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوْنَهٗ شَيْـًٔا اِنَّ رَبِّيْ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ" پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ ته پوءِ يقينًا اهو پيغام مون اوهان تائين پهچايو آهي جنهن سان مان موڪليو ويو آهيان ۽ منهنجو رب اوهان کان سواءِ اوهان جي جاءِ تي ٻي قوم آڻيندو ۽ اوهان ان کي ڪوبه نقصان ڏئي نه سگهندؤ بلاشڪ منهنجو رب هر شيءِ تي نگهبان آهي يعني جيڪڏهن اهڙيون صاف صاف ڳالهيون ٻڌي به ايمان نه آڻيندؤ ته منهنجو ڪو نقصان ناهي مان تبليغ جو فرض پوري طرح ادا ڪري چڪو آهيان جنهن سان مون کي موڪليو ويو هو. پر اوهان پنهنجو فڪر ڪيو اوهان جي ان هٺ ڌرميءَ ۽ انڪار جي ڪري الاهي عذاب ايندو اوهان هلاڪ ٿي ويندؤ ۽ اوهان جي جاءِ تي ٻي قوم آڻي هن ڌرتيءَ کي آباد ڪندو يقينًا اهو هر شيءِ جي حفاظت ڪندڙ آهي هر سنڀالڻ جهڙي شيءِ کي پنهنجيءَ حفاظت ۽ سنڀال ۾ رکندو.

فائدو: ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته مومن کي جڳائي ته هر حال ۾ الله جل جلاله تي ڀروسو ڪري ۽ سمجهي ته حقيقي مالڪ اها ذات آهي ڪوبه غم، تڪليف خوشي ۽ راحت ان جي ارادي کانسواءِ نٿي اچي سگهي عزت ۽ ذلت ان جي قدرتي هٿ ۾ آهي انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي تعليمات مان اهو ئي سبق ملي ٿو.

(١) ضياء القرآن صه٣٦٩ جلد٢ (٢) القرطبي صه ٥٣ جلد٩ (٣) الذرالمنثور صه ۴۴٣ جلد ۴

وَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُوْدًا وَّالَّذِيْنَ آمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ

۽ جڏهن آيو امر اسان جو تہ ڇڏايو سون هود کي ۽ انهن کي جو ايمان آندائون ان رحمت سان پاڻ وٽان

وَنَجَّيْنَاهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿۵۸﴾ وَتِلْكَ عَادٌ ۟ جَحَدُوْا بِاٰيَاتِ

۽ ڇڏايو سون انهن کي عذاب سخت کان ۽ هي عاد (قوم) آهي جو انڪار ڪيائون آيتن

رَبِّهِمْ وَعَصَوْا رُسُلَهٗ وَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿۵۹﴾

رب پنهنجي جو ۽ بي فرماني ڪيائون ان جي رسولن جي ۽ تابعداري ڪيائون

وَاُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيَامَةِ ۗ اَلَآ اِنَّ

هر مغرور ضد ڪندڙ جي امر جي ۽ پويان لڳايا ويا هن دنيا ۾ لعنت ۽ قيامت جي ڏينهن خبردار بيشڪ

عَادًا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ۗ اَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ ﴿۶۰﴾ ع

۵ع۵

عاد (قوم) ڪفر ڪيو رب پنهنجي سان خبردار ڦٽڪار آهي عاد، هود جي قوم لاءِ .

تفسير

مذڪوره آيات ۾ حضرت هود علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ۽ سندس قوم جو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ذڪر ڪيو ويو ۽ هنن آيتن ۾ ان جو انجام ۽ نتيجو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي "وَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُوْدًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَنَجَّيْنَاهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ" ۽ جڏهن اسان جو امر آيو تہ اسان هود کي ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو هو پنهنجي طرفان رحمت سان ڇڏايو ۽ اسان انهن کي سخت عذاب کان نجات ڏياري سورة الاعراف ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت هود عليه الصلوٰة والسلام جي ڪافر قوم تي ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن لڳاتار انڌيري واري طوفان جي شڪل ۾ اهڙو عذاب هليو جو سندن رهڻ وارين جاين جون ڇتيون اڏامي ويون جايون ڪري پيون وڻ

ڀاڙان پنجي ويا ۽ اهڙي زهر آلوده هوا هئي جو ماڻهن جي نڪ مان گهڙي هيٺان نڪري رهي هئي ۽ ڪافرن جي جسمن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿي ڇڏيائين الله تعالىٰ ان هولناڪ عذاب کان حضرت هود عليه الصلواة والسلام ۽ ان تي ايمان آڻيندڙن کي بچايو ۽ محفوظ رکيو. ۽ ايمان ۽ صالح عملن جي برڪت سان آخرت جي ڳري ۽ سخت عذاب کان به انهن کي محفوظ رکيائين.

حضرت هود علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جا مومن امتي ڪيترا هئا؟

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته حضرت هود عليه الصلواة والسلام کي مڃي ان تي ايمان آڻڻ وارا آخر ۾ چئن هزارن جي انگ تي پهتا هئا (۱) "وَتِلْكَ عَادٌ جَحَدُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَعَصَوْا رُسُلَهٗ وَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ" ۽ هيءَ عاد واري قوم هئي جن پنهنجي رب جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ ان جي رسولن جي بي فرماني ڪيائون ۽ هر مغرور سرڪش جي امر جي تابعداري ڪيائون يعني عاد جي قوم جي برباد هجڻ جو سبب اهو هو جو انهن مان بر سراقتدار طبقو ته ائين ئي سرڪش ۽ متڪبر هو ۽ اهي حق کي قبول ڪرڻ ئي پنهنجي شان جي خلاف سمجهيا ٿي پر ان قوم جي عوام به عقل ۽ دانائيءَ کان ڪم نه ورتو ۽ جڏهن ٻنهي گروپن الله جل جلاله جي آيتن جو انڪار ڪري سندس رسولن جي بي فرماني ڪئي ته سخت عذاب سان هلاڪ ڪيا ويا "وَاُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَلَآ اِنَّ عَادًا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ اَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ" ۽ هن دنيا ۽ قيامت جي ڏينهن ۾ پو ان لعنت لڳايا ويا خبردار عاد جي قوم پنهنجي رب جو ڪفر ڪيو خبردار (حضرت) هود (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي قوم عاد لاءِ ڦٽڪار (هلاڪت ۽ بربادي) آهي مطلب ته الله جل شانه جي طرفان لعنت ۽ ڦٽڪار دنيا ۾ به انهن جي پويان لڳائي وئي جو جتي وڃن ته اها انهن تي وسندي رهي ۽ جتي به انهن جو ذڪر ٿئي ته لعنت سان ٿئي بلڪ قيامت قائم ٿيڻ کان پوءِ به لعنت جو طوق سندن ڳچيءَ ۾ رهندو ۽ ان ابدي ۽ دائمي لعنت جو سبب اهو هو جو ان عاد حضرت هود جي قوم پنهنجي رب سان بتن کي شريڪ بنائي ڪفر ڪيو هو ان جي ڪري انهن لاءِ لعنت ۽ ڦٽڪار آهي ئي آهي.

فائدا: هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" "وَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ"

(۱) حاشيه عثمانيه صہ۳۰۲ مطبوعه السعوديه العربيه

مان واضح ٿيو تہ جيئن نيڪوڪارن جي صحبت، اتباع ۽ خدمتن سان معرفت جي نور جا شعاع ملن ٿا ۽ انهن جي قرب ۾ نيڪيءَ جون مکڙيون ٽڙن ٿيون تيئن بدڪارن ۽ بدنصيبن جي صحبت ۾ بدڪاري، برائي ۽ بيحيائيءَ جون عادتون پيدا ٿين ٿيون ۽ انهن جو انجام ۽ عاقبت الاهي عذاب، بدناميءَ ۽ خواريءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي "٢" دنيوي لحاظ سان ڪير ڪيترو بہ وڏو ۽ سردار ڇو نہ ٿي وڃي پاڻ کي پڙهيو، لکيو ۽ عقلمند چورائي ۽ سمجهي پر جيڪڏهن نبي عليه الصلواة والسلام جي دروازي کان هٽي ويو تہ دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ ملعون ۽ قابل نفرت رهندو "٣" "وَالَّذِيْنَ آمَنُوْا مَعَهٗ" (جن ان سان گڏ ايمان آندو) مان واضح ٿيو تہ نبي سڳوري سان گڏ ايمان آڻڻ وارن جي ايمان کي وڏي اهميت آهي جيڪو نبي سڳوري جي اصحابن جو درجو ۽ مقام آهي اهو غير اصحابيءَ جو ناهي ڇو تہ اصحابيءَ سڳوري کي نبي سڳوري جو قرب حاصل هوندو آهي ۽ نبي جي قرب واري کي الله جو قرب نصيب ٿيندو آهي جيڪو غيرصحابيءَ کي نصيب ناهي.

وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

۽ ثمود ڏانهن ڀاءُ انهن جي صالح کي (موڪليوسون) فرمايائين تہ اي منهنجي قوم ! الله جي عبادت ڪيو تا هي اوهان جي واسطي

مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ هُوَ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَاسْتَعْمَرَكُمْ فِيْهَا

ڪو عبادت جو لائق ان کان سواءِ ان پيدا ڪيو اوهان کي زمين مان ۽ آباد ڪيائين اوهان کي ان ۾

فَاسْتَغْفِرُوْهُ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ قَرِيْبٌ مُّجِيْبٌ ﴿٦١﴾ قَالُوْا

پوءِ مغفرت گهرو ان کان تنهن کان پوءِ توبہ ڪيو ان ڏانهن بيشڪ رب منهنجو ويجهو، (دعائون) قبول ڪندڙ آهي چيائون تہ

يٰصٰلِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَآ اَتَنْهٰىنَآ اَنْ نَّعْبُدَ مَا

اي صالح! تحقيق هئين اسان ۾ اميد رکيل اڳي هن کان ڇا روڪين ٿو اسان کي تہ عبادت ڪيون انهن جي جو

يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا وَاِنَّنَا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٦٢﴾

عبادت ڪندا رهيا پيئر اسان جا ۽ بيشڪ اسين البت شڪ ۾ آهيون ان کان جو سڏين ٿو اسان کي ان ڏانهن شڪ ۾ وجهندڙ.

وقف لازم

تفسير

مذڪوره آيات ۾ حضرت هود عليه الصلواة والسلام جو ذڪر هو ۽ جڏهن تہ ان ڪانپوءِ حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جو زمانو هو تڏهن هنن آيتن ۾ ان جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَإِلَىٰ ثَمُودَ أَخَاهُمْ صَالِحًا قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُ هُوَ أَنشَأَكُم مِّنَ الْأَرْضِ وَاسْتَعْمَرَكُمْ فِيهَا" ۽ ثمود ڏانهن (نسب جي لحاظ سان) سندن ڀاءُ (حضرت) صالح (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڪي موڪليو هيو سون فرمايائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪيو اوهان لاءِ ان ڪانسواءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ناهي ان اوهان ڪي زمين مان پيدا ڪيو ۽ ان ۾ اوهان ڪي آباد ڪيائين.ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ۽ سندس قوم ثمود جو احوال احسن البيان في تفسير القرآن جي جلد۳ صـ ۵۳۱ ڪان صـ۵۳۵ تائين سورة الاعراف جو تفسير ڪندي لکي آيا آهيون اتي مطالعہ ڪرڻ گهرجي هتي نهايت مختصر ايترو لکجي ٿو تہ انهن جي رهائش وارو علائقو حجاز ۽ شام جي وچ تي هو ۽ هي بہ عاد قبيلي جي هڪ شاخ هيا جيڪي شروع ۾ حضرت هود عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ جي ڪري الاهي عذاب ڪان بچي ويا هئا ۽ اتاهين ڪان لڏي ان علائقي ۾ اچي آباد ٿيا ۽ گهڻو وڏي ترقي ڪري ويا هئا ۽ سندن پوڪون ۽ باغ تمام پلا ٿيا هئا ۽ تعمير جي فن ۾ تہ انهن وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي دنيوي نعمتن جي گهڻائيءَ جي ڪري دين ڪان پري ٿي ويا هئا ۽ باطل معبودن جي پوڄا ۾ لڳي ويا هئا اخلاقي طرح بہ تمام ڪريل ٿي چڪا هئا سندن هدايت لاءِ رب العزة جل شانه حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ڪي مبعوث فرمايو اهو ئي ذڪر هتي ٿي رهيو آهي "فَاسْتَغْفِرُوهُ ثُمَّ تُوبُوا إِلَيْهِ" پوءِ ان ڪان مغفرت طلب ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ ان ڏانهن (سچي) توبه ڪيو سيدنا صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پنهنجي تبليغ جو آغاز الله جل شانه جي توحيد سمجهائڻ سان ڪيو ۽ ڪين اهو بہ سمجهايو تہ جيتوڻيڪ اوهان جي زندگيءَ جو اڪثر حصو ڪفر ۽ شرڪ ۾ برباد ٿي چڪو آهي پر اڃان توبه جو دروازو ڪليو پيو آهي هاڻي بہ مغفرت گهري سچي توبه ڪري ان ڏانهن موٽڻ جو وقت اٿو "إِنَّ رَبِّي قَرِيبٌ مُّجِيبٌ" بيشڪ منهنجو رب ويجهو، (دعائون) قبول ڪندڙ آهي يعني جنهن

رب کي اوهان گهڻو پري سمجهيو وينا آهيو بلڪ پنهنجي ذهن مان ان کي مٽائي ڇڏيو اٿو اهو تہ اوهان کي ساهہ جي رڳ کان بہ بالڪل ويجهو ۽ ايترو مهربان آهي جو ان جي ڪرم واري دروازي کان ڪو بہ سائل محروم نہ ٿو ڪيو وڃي "قَالُوْا يَا صَالِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَآ اَتَنْهٰنَآ اَنْ نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ اٰبَاۗؤُنَا وَاِنَّنَا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ" چيائون تہ اي صالح! تون تہ هن تبليغ کان اڳي اسان ۾ اميد رکيل هئين ڇا اسان کي انهن (بتن) جي عبادت کان روڪين ٿو جنهن جي عبادت اسان جا پيئر، ڏاڏا ڪندا هئا يقينًا اسين ان ڳالهہ کان شڪ ۾ آهيون جنهن ڏانهن تون اسان کي سڏين ٿو تون ٿي شڪ ۾ وجهندڙ آهين مطلب تہ اسان تنهنجي عقل، حسن اخلاق کي ڏسي اميد رکي هئي تہ تون اسان جو سردار ٿيندين ڪي مفسر ان مان مراد وٺن ٿا تہ اسان کي تو ۾ اميد هئي تہ تون اسان واري غلط دين ڏانهن موٽندين **فائدو**۔ علامه پاني پتي عليه الرحمه لکيو آهي تہ: حضرت صالح عليه الصلواۃوالسلام جي دور وارن جي عمر ٽي سئو سالن کان هزار سال تائين هوندي هئي.(۱)

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ

چيائين اي منهنجي قوم! خبر ڏيو جيڪڏهن هجان مان روشن دليل تي طرفان رب پنهنجي

وَاٰتٰىنِيْ مِنْهُ رَحْمَةً فَمَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ

۽ ڏنائين مون کي طرفان پنهنجي رحمت تہ پوءِ ڪير مدد ڪري ڇڏائيندو مون کي الله کان

اِنْ عَصَيْتُهٗ فَمَا تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ تَخْسِيْرٍ ﴿۶۳﴾ وَيٰقَوْمِ

جيڪڏهن بي فرماني ڪئي مون ان جي پوءِ نہ ٿا وڌايو اوهان مون کي سواءِ نقصان جي ۽ اي منهنجي قوم!

هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ

هيءَ ڏاچي الله جي اوهان لاءِ نشاني آهي پوءِ ڇڏيو ان کي تہ کائي

اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ

الله جي زمين ۾ ۽ نہ هٿ هڻو ان کي برائيءَ (جي ارادي) سان پوءِ وٺندو اوهان کي عذاب

(۱) المظهري صہ ۳۴ جلد ۵

قَرِيبٌ۝٦٤ فَعَقَرُوهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوا فِي دَارِكُمْ

ويجهو پوءِ تنگون وڍيائون ان جون پوءِ فرمايائين نفعا وٺو جاءِ پنهنجيءَ ۾

ثَلَاثَةَ أَيَّامٍ ذَالِكَ وَعْدٌ غَيْرُ مَكْذُوبٍ۝٦٥

ٽي ڏينهن اهو وعدو ڪوڙو ڪيل نہ آهي

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ قوم ثمود جو حضرت صالح على نبينا وعليه الصلواة والسلام جي طرفان تبليغ ۽ دين جي دعوت ۾ شڪ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جي طرفان ڪين غور ۽ فڪر جي دعوت جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قَالَ يَاقَوْمِ أَرَءَيْتُمْ إِنْ كُنْتُ عَلَىٰ بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَآتَانِيْ مِنْهُ رَحْمَةً فَمَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللهِ إِنْ عَصَيْتُهٗ فَمَا تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ تَخْسِيْرٍ" فرمايائين تہ اي منهنجي قوم! خبر ڏيو. جيڪڏهن مان پنهنجي رب جي طرفان روشن دليل تي هجان ۽ مون کي پاڻ وٽان رحمت ڏني اٿس پوءِ بہ جيڪڏهن مان ان جي بي فرماني ڪندس تہ مون کي ڪير مدد ڪري الله کان ڇڏائيندو پوءِ اوهان تہ مون کي نقصان ڪانسواءِ ڪا بہ شيءِ نٿا وڌايو.

يعني اوهان جي شڪ ۽ شبهي جي ڪري مان هڪ صاف رستو ڪيئن ٿو ڇڏي سگهان الله جل شانه مون کي سمجهہ ڏني، پيغمبري عطا ڪئي هاڻي جيڪڏهن بفرض محال مان ان جي بي فرماني ڪيان تہ مون کي ان جي سزا کان ڪير ڇڏائيندو؟ اوهان ان جي بجاءِ جو پنهنجي سچي خير خواه ۽ محسن جو قدر ڪيو مون کي دعوت ۽ تبليغ جي فرائض کان رڪجڻ جو مشورو ڏئي مون کي وڏو نقصان پهچائڻ ٿا گهرو "وَيَاقَوْمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللهِ لَكُمْ آيَةً فَذَرُوْهَا تَأْكُلْ فِيْٓ أَرْضِ اللهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَأْخُذَكُمْ عَذَابٌ قَرِيْبٌ" ۽ اي منهنجي قوم! هي الله جي ڏاچي اوهان جي لاءِ نشاني آهي پوءِ ان کي ڇڏيو تہ الله جي زمين ۾ کائيندي رهي ۽ ان کي ايذائڻ جي ارادي سان هٿ نہ لڳايو پوءِ اوهان

كي جلد عذاب اچي ونئي "نَاقَةَ اللّٰهِ" (الله جي ڏاچي) جو مطلب تہ الله جل شانه جي قدرت سان نهايت حيران كندڙ طريقي سان وجود ۾ آئي آهي جيكا كافرن جي سردار جندع بن عمرو حضرت صالح عليه الصلواة والسلام كان معجزي طور ظاهر كرڻ لاءِ طلب كئي هئي (۱) "فَعَقَرُوْهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ذٰلِكَ وَعْدٌ غَيْرُمَكْذُوْبٍ" پوءِ ان جون ننگون وڍيائون پوءِ (حضرت صالح) فرمايو تہ پنهنجي جاين ۾ ٽي ڏينهن نفعو حاصل كري وٺو اهو وعدو كوڙو ٽيڻو ناهي حضرت صالح عليه الصلواة والسلام انهن كي فرمايو تہ اوهان ان ڏاچيءَ جون ننگون وڍيون آهن هاڻي ٽي ڏينهن پنهنجن جاين ۾ رهڻ جو فائدو وٺو اوهان تي الله جو عذاب اچي رهيو آهي. اهو وعدو سچو ۽ پكو آهي كوڙو نہ ٿيندو مفسرن لكيو آهي تہ: ان ڏاچيءَ جون ننگون اربعاء جي ڏينهن وڍيائون ۽ ڇنڇر جي ڏينهن عذاب اچي ويو (۲) پاڻ انهن كي ٻڌايو هيائين تہ! اوهان جا منهن پهرين ڏينهن ڦكا ٿيندا ٻئي ڏينهن ڳاڙها (رت وانگر) ٽئين ڏينهن كارا ۽ ٿيو بہ ائين. (۳)

فائدو: حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي طرفان فرمائڻ (تہ هيءَ الله جي ڏاچي آهي ان كي ايذائڻ جي نيت سان هٿ نہ لڳايو) مان ثابت ٿيو تہ انبياءِ كرام عليهم الصلواة والسلام جي معجزن ۽ تبركات جو احترام كرڻ ضروري آهي احترام نہ كندڙ تي الاهي عذاب ايندو. انبياءِ كرام عليهم السلام الله جل جلاله جي عطا سان اهو بہ ڄاڻن ٿا تہ كير كڏهن مرندو .

حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جي طرفان پنهنجيءَ قوم كي فرمائڻ تہ: "تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ" پنهنجيءَ دار ۾ ٽي ڏينهن فائدو وٺو (ان كانپوءِ اوهان هلاك ٿي ويندؤ) مان ثابت ٿيو تہ كيس الله جل شانه جي طرفان اهو علم مليل هو تہ اهي ٽن ڏينهن كانپوءِ تباهہ ٿي مري ويندا. (۴)

اعتراض: قرآن كريم جي آيتن ۽ انهن جي سمجهاڻيءَ لاءِ لكيل تفسيرن مان ظاهر آهي تہ حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي دعا سان پٿر مان نكتل ڏاچي معجزو هئي پلا جيكڏهن معجزو هئي تہ پوءِ كافرن ان كي كيئن وڍيو؟ سيدنا موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي لٺ مباركہ بہ معجزو هئي ان كي تہ اسي هزار (۸۰۰۰۰) جادوگر بہ كجهہ كري نہ سگهيا هئا.

جواب: سيدنا صالح عليه الصلواة والسلام جي ڏاچيءَ مباركہ جو پٿر مان

(۱) نعيمي صہ۱۹۹جلد ۱۲ (۲) الكشاف صہ۲۷۹جلد۲ (۳) نور العرفان صہ۳۶۴(۴)ساڳيو حوالو

نکرڻ معجزو هو ان جي سنڀال ڪرڻ معجزو نہ هو جيڪڏهن ان جي جسم جو هر حصو معجزو هجي ها تہ پوءِ ان مان نڪتل کير بہ کير استعمال ڪري نہ سگهجي ها باقي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي لٺ تہ معجزو ٿيندي ئي تڏهن هئي جڏهن نانگ بنجندي هئي ان جو معاملو ڏاڍي مبارڪ وارو نہ هو.

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صَالِحًا وَّالَّذِيْنَ آمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ

پوءِ جڏهن آيو امر اسان جو تہ ڇڏايو سون (حضرت) صالح کي ۽ انهن کي جو ايمان آندائون ان سان گڏ رحمت سان

مِّنَّا وَمِنْ خِزْيِ يَوْمِئِذٍ اِنَّ رَبَّکَ هُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿٦٦﴾ وَاَخَذَ الَّذِيْنَ

پاڻ وٽان ۽ خواريءَ ان ڏينهن جي کان بيشڪ رب تنهنجو اهو ئي طاقت وارو غالب آهي ۽ ورتو انهن کي جو

ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جَاثِمِيْنَ ﴿٦٧﴾ کَاَنْ لَّمْ

ظلم ڪيائون خوفناڪ آواز پوءِ صبح ڪيائون گهرن پنهنجن ۾ ڪرونڊڙا ٿيندڙ ڄڻ تہ

يَغْنَوْا فِيْهَا اَلَآ اِنَّ ثَمُوْدَاْ کَفَرُوْا رَبَّهُمْ اَلَا بُعْدًا لِّثَمُوْدَ ﴿٦٨﴾ ع ۶

نہ رهيا هئا انهن ۾ خبردار بيشڪ ثمود ڪفر ڪيو پنهنجي رب سان خبردار هلاڪت آهي ثمود جي لاءِ

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي طرفان پنهنجي قوم سان بحث مباحثه، تبليغ ۽ ڪافرن جي طرفان هٺ، عناد ۽ گستاخين جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن ڪافرن کي ملندڙ سزائن جو بيان ڪندي ارشاد عالي آهي "فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صَالِحًا وَّالَّذِيْنَ آمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَمِنْ خِزْيِ يَوْمِئِذٍ اِنَّ رَبَّکَ هُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ" پوءِ جڏهن اسان جو امر آيو تہ اسان صالح کي ۽ انهن کي جن ان سان گڏ ايمان آندو هو ڇڏايو ۽ ان ڏينهن جي خواريءَ کان (بہ بچايو) بلاشڪ تنهنجو رب قوة وارو، غالب آهي مطلب تہ جڏهن اسان جي طرفان عذاب جو حڪم آيو تہ اسان صالح ۽ ان سان گڏ ايمان آڻڻ وارن کي ڇڏايو. پوءِ گويا سوال ڪيو ويو تہ ڇا کان؟ ان

جي جواب ۾ آيو تہ ان ڏينهن جي خواريءَ کان الله جل جلالہ حضرت صالح عليه الصلواۃ والسلام کي حڪم ڪيو هو تہ تون ۽ تنهنجا ساٿي هتان نڪري وڃو. انهن جي نڪرڻ ڪانپوءِ ڪافرن تي عذاب آيو هو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ گڏ ايمان آڻڻ مان مراد آهي تہ ايمان وارا ٿيا هئا اهو مطلب ناهي تہ حضرت صالح عليه الصلواۃ والسلام بہ انهن سان گڏ مومن بڻيو هو ڇو تہ نبي سڳورا تہ ازل کان ئي ايمان جا صاحب آهن ۽ اهو الله ئي قوت ۽ هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو غالب آهي (۱) "وَأَخَذَ الَّذِينَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَأَصْبَحُوا فِي دِيَارِهِمْ جَاثِمِينَ" ۽ جن ظلم ڪيو انهن کي خوفناڪ آواز ورتو پوءِ پنهنجن گهرن ۾ صبح جو ڪرونڊڙا ٿيا پيا هئا خوفناڪ آواز مان مراد کي بيان ڪندي علامہ خازن لکيو آهي تہ: سيدنا جبريل عليه السلام اهڙو آواز ڪيو هو جو اهو ٻڌي سيئي ڪافر مري تباهہ ٿي ويا ۽ ڪن بزرگن جو قول آهي تہ آسمان کان اهڙو ڪڙڪو ٿيو هو جو اهو ٻڌي انهن ڪافرن جا هنياءَ ڦاٽي پيا دليون ٽٽي پيون ۽ سيئي مري هلاڪ ٿي ويا (۲) مفسرن پلارن لکيو آهي تہ هتي "الصيحۃ" آيو آهي معنيٰ خوفناڪ آواز ۽ سورۃ الاعراف ۾ "فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ" (پوءِ انهن کي زلزلي ورتو) آيو آهي. ٻنهي ۾ ڪوبہ اختلاف ناهي ڇو تہ جڏهن ڪڙڪي وارو آواز ايندو آهي تہ زمين ۾ زلزلو ايندو آهي ڪٿي ڪو بم ڌماڪو ٿيندو آهي تہ زمين لڏي ويندي آهي آسمانن کان آيل آواز جو بہ اهڙو اثر هو (۳) "كَأَنْ لَمْ يَغْنَوْا فِيهَا" ڄڻ تہ ان ۾ رهيا ئي نہ هئا علامہ اسماعيل حقي عليه الرحمۃ پنهنجي تفسير ۾ آندو آهي تہ سيدنا صالح على نبينا وعليه الصلواۃ والسلام جي طرفان ٻڌايل ٽن ڏينهن ۾ ڪافرگهرن کان ٻاهر نڪتا ئي نہ هيا بلڪ پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ قبرن جهڙا کڏا کٽي ڇڏيا هيائون تہ انهن ۾ پناهہ وٺندا سين جڏهن الاهي عذاب آيو ۽ اهي قبرن ۾ گهڙي لڪڻ لڳا تہ خوفناڪ آواز جي ڪري مري ويا ۽ سندن جايون ڊهي ختم ٿي ويون ڄڻ تہ نهيل ئي نہ هيون صاف ميدان ٿي نظر آيو (۴)

"أَلَا إِنَّ ثَمُودَا كَفَرُوا رَبَّهُمْ أَلَا بُعْدًا لِثَمُودَ" خبردار ثمود جي قوم وارن پنهنجي رب سان ڪفر ڪيو خبردار ثمود قوم وارن لاءِ هلاڪت آهي مطلب تہ: ثمود جي قوم وارن الله جل جلالہ جي وحدانيت جو انڪار ڪيو ۽ ان جي پياري نبي جي گستاخي ۽ بي ادبي ڪندي ان جي نبوۃ کي نہ مڃيو ان جي ڪري اي ٻڌڻ وارا! پاڻ بہ خبردار ٿيو ۽ ٻين کي بہ خبردار ڪيو ڏسو تہ ڪفر ۽ بي ادبين جي ڪري ثمود وارا ڪيئن هلاڪ ۽ برباد ٿي ويا.

---

(۱) تفسير ابو السعود صہ ۲۲۳ جزء۴ جلد۲ (۲) خازن صہ ۲۳۹ جلد۲ (۳) ضياء القرآن صہ ۳۷۴ جلد۲ (۴) روح البيان صہ ۱٦٠ جلد۴

وَلَقَدۡ جَآءَتۡ رُسُلُنَآ اِبۡرٰهِيۡمَ بِالۡبُشۡرٰى قَالُوۡا سَلٰمًا‌ ؕ قَالَ

۽ البت تحقيق آيا قاصد اسان جا ابراهيم وٽ بشارت سان چيائون سلام - فرمايائين

سَلٰمٌ‌ فَمَا لَبِثَ اَنۡ جَآءَ بِعِجۡلٍ حَنِيۡذٍ ﴿۶۹﴾ فَلَمَّا رَاٰۤ اَيۡدِيَهُمۡ لَا تَصِلُ

سلام پوءِ نہ دير ڪيائين تہ آندائين گابو ڀڳل پوءِ جڏهن ڏٺائين هٿن انهن جي کي جو نہ ٿا پهچن

اِلَيۡهِ نَكِرَهُمۡ وَاَوۡجَسَ مِنۡهُمۡ خِيۡفَةً‌ ؕ قَالُوۡا لَا تَخَفۡ اِنَّاۤ اُرۡسِلۡنَاۤ

ان ڏانهن تہ اوپرو ڀانيائين انهن کي ۽ دل جو دل ۾ ڪيائين انهن کان خوف چيائون تہ نہ خوف ڪر تحقيق اسان موڪليا ويا آهيون

اِلٰى قَوۡمِ لُوۡطٍ ﴿۷۰﴾ وَامۡرَاَتُهٗ قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتۡ فَبَشَّرۡنٰهَا بِاِسۡحٰقَ ۙ

لوط جي قوم ڏانهن ۽ زال ان جي بيٺل آهي پوءِ کلڻ لڳي پوءِ بشارت ڏني سون ان کي اسحاق جي

وَمِنۡ وَّرَآءِ اِسۡحٰقَ يَعۡقُوۡبَ ﴿۷۱﴾ قَالَتۡ يٰوَيۡلَتٰٓى ءَاَلِدُ وَاَنَا عَجُوۡزٌ

۽ پٺاڻان اسحاق جي يعقوب جي چيو (بيبي صاحبہ) اي عجب! ڇا مان ڄڻيندس ۽ مان پوڙهي آهيان

وَّهٰذَا بَعۡلِىۡ شَيۡخًا‌ ؕ اِنَّ هٰذَا لَشَىۡءٌ عَجِيۡبٌ ﴿۷۲﴾ قَالُوۡۤا اَتَعۡجَبِيۡنَ مِنۡ اَمۡرِ

۽ هي مڙس منهنجو آ پوڙهو بيشڪ هيءَ البت شئي عجيب آهي چيائون ڇا عجب ٿي ڪرين

اللّٰهِ رَحۡمَتُ اللّٰهِ وَبَرَكٰتُهٗ عَلَيۡكُمۡ اَهۡلَ الۡبَيۡتِ‌ ؕ اِنَّهٗ حَمِيۡدٌ مَّجِيۡدٌ ﴿۷۳﴾

الله جي امر ۾ الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون اوهان تي آهن اي گهر وارؤ! بيشڪ اهو ساراهيل، عزت وارو آهي.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جي نبوة ۽ سندس قوم جي حالات جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت صالح عليه الصلواة والسلام ڪان بـ

وڏي شان واري سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَلَقَدْ جَاۗءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى قَالُوْا سَلٰمًا قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَاۗءَ بِعِجْلٍ حَنِيْذٍ" البت تحقيق اسان جا قاصد ابراهيم وٽ خوشخبري کڻي آيا (حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي مليا) چيائون تہ سلام (حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام بہ) فرمايو سلام پوءِ دير ئي نہ ڪيائين جو گابو ڀڳل کڻي آيو.

حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ ملائڪن جي آمد

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ جن ملائڪن جي آمد جو ذڪر آهي اهي در اصل حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي قوم کي عذاب ڪرڻ لاءِ موڪليل هئا پر ان سان گڏ انهن کي اهو حڪم بہ ٿيل هو تہ حضرت ابراهيم ۽ سندس اهليه ساره عليه وعليها الصلواة والسلام جن کي پٽ حضرت اسحاق ۽ پوٽي حضرت يعقوب عليهما الصلواة والسلام جي جمڻ جي بہ بشارت ڏيو اچجو جڏهن اهي حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ مهمان نواز هجڻ جي ڪري هڪدم اٿي انهن جي ڪاڌي جو انتظام ڪرڻ لاءِ گهر ۾ حڪم ڪيائون تہ اتي ڳوهي ماني پچايو ۽ پاڻ پنهنجي ڳائي مال جي ڌڻ مان هڪ سگهو گابو ڪاهي کهي ڀڳل بنائي کڻي اچي مهمانن جي اڳيان رکيائون مفسرن سڀورن لکيو آهي تہ اهو گابي جو گوشت گرم پٿرن تي ڀڳل ۽ پچايل هو ۽ ان وقت باهہ ٻاري ان تي ٿانور کي پچڻ يا پچائڻ اجان شروع ڌ ٿيو هو (۱) "فَلَمَّا رَآٰ اَيْدِيَهُمْ لَا تَصِلُ اِلَيْهِ نَكِرَهُمْ وَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً قَالُوْا لَا تَخَفْ اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمِ لُوْطٍ" پوءِ انهن جي هٿن کي ڏٺائين تہ ان (ڪاڌي) ڏانهن نہ ٿا پهچن تہ انهن کي اوپرو سمجهيائين ۽ انهن مان خوف محسوس ڪيائين (انهن) چيو تہ: خوف نہ ڪر بلاشڪ اسين لوط (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون يعني جڏهن انهن مهمانن سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي طرفان پيش ڪيل مهمانيءَ ڏانهن هٿ نہ وڌايا تہ پاڻ حيرت ۾ پئجي دل ۾ سوچڻ لڳو تہ ڇا ڳالهہ آهي؟ ان زماني جي دستور مطابق جيڪڏهن ڪو نئون اچڻ وارو مهمان ڪاڌو نہ کائيندو هو تہ سمجهيو هو تہ هن جي نيت ۾ خير ناهي

(۱) المراغي صـ۵۸ جزء ۱۲ جلد۴

سيدنا ابراهيم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام غور ڪندي دشمنن جي ڏوڪي ڪان ڊڄڻ لڳو الله جل جلاله جي طرفان موڪليلن ملائڪن ڪيس تسلي ڏيندي عرض ڪيو تہ: اوهان خوف نہ ڪيو. اسين الله جا ملائڪ آهيون (حضرت) لوط عليه الصلواة والسلام جي قوم ڪي عذاب ڪرڻ جي لاءِ موڪليا ويا آهيون ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام انهن مهمانن ڪي ملائڪ صرف انهن جي چوڻ سان نہ سمجهيو هو پر الله جل شانه جي طرفان مليل قوة مدرڪه قدسيه جي ذريعي متوجه ٿي يقين سان ڄاتو تہ اهي انسان نہ پر ملائڪ آهن. (۱)

سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي روحاني قوّت جو ادراڪ

ڪي ڪي ماڻهو جن جي عادت الله جل جلا له جي پيارن نبين ۽ ولين ڪي بي علم ۽ بي خبر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش هوندي آهي. حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي ان واقعي ڪي سندس بي علم هجڻ بلڪ سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم جي ذات ڪي بي علم سمجهڻ لاءِ دليل طور پيش ڪندا آهن مگر هتي ذڪر ڪيل عبدالماجد دريا بادي جي حاشيه مان جيڪو ان خود اشرف علي ٿانويءَ ڪان نقل ڪري لکيو آهي ثابت ٿيو تہ سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام انهن ڪي پنهنجي خدا داد قوت سان سڃاتو هو پر اٽندي پاڻ انهن ڏانهن توجه ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي مهمان نوازي جي شوق ڏانهن متوجه رهيا ڪنهن ڏانهن توجهہ نہ ڪرڻ ٻي شيءِ آهي تہ ان جو علم نہ رکڻ ٻي شيءِ آهي توجهہ نہ ڪرڻ بي علم هجڻ جو دليل ناهي "وَامْرَاَتُهٗ قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتْ فَبَشَّرْنَاهَا بِاِسْحَاقَ وَمِنْ وَّرَآءِ اِسْحَاقَ يَعْقُوْبَ" ۽ سندس اهليه بيٺي هئي پوءِ کلڻ لڳي پوءِ اسان ان (سندس اهليه سيده ساره) ڪي اسحاق (پٽ ڄمڻ) جي ۽ ان ڪان پويان يعقوب (پوٽي ڄمڻ) جي بشارت ڏني اها حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي گهرواري سيده ساره حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي چاچي هاران بن ناخور جي ڌيءُ هئي (۲) پردي جي اندران ملائڪن جي اها بشارت ٻڌي کلڻ لڳي هئي "قَالَتْ يٰوَيْلَتٰٓى ءَاَلِدُ وَاَنَا عَجُوْزٌ وَّهٰذَا بَعْلِيْ شَيْخًا اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ عَجِيْبٌ"

چيائين تہ اي افسوس! ڇا مان ڄڻينديس حالانڪ مان پوڙهي آهيان ۽ هيءُ منهنجو

(۱) حاشيه دريا بادي صہ۴۷۳ حاشيه ۱۰۴ (۲) ضيا القرآن صہ۳۷۹ جلد۲

مڙس آهي سو بہ پوڙهو بيشڪ هيءَ تہ عجيب شيءِ آهي.

حضرت ساره کي بشارت ڏيڻ جو وجه

ياد رکڻ گهرجي تہ ملائڪ سڳورا آيا تہ حضرت ابراهيم عليه الصلواۃ والسلام وٽ هئا پر انهن حضرت ساره کي بشارت ان جي ڪري ڏني هئي جو ان ڪان پهريان الله جل شانه حضرت ابراهيم عليه الصلواۃ والسلام کي سيده هاجره رضي الله عنها مان سيدنا اسماعيل پيارو پٽ ڏنو هو حضرت ساره کي پٽ نہ هو مايوس هئي بشارت ڏيڻ سان مايوسيءَ مان نڪري کلڻ لڳي هئي ۽ ائين بہ آهي تہ پٽ ڄمڻ جي خوشي پيءُ کان وڌيڪ ماءُ کي ٿيندي آهي "قَالُوْٓا اَتَعْجَبِيْنَ مِنْ اَمْرِاللّٰهِ رَحْمَتُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْتِ اِنَّهٗ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ" (ملائڪن) چيو تہ ڇا تون الله جي امر کان عجب ۾ ٿي پوين الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون اوهان تي آهن اي گهر وارؤ! بيشڪ اهو ساراهيل، عزت وارو آهي سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن ملائڪن سيده ساره کي پٽ ۽ پوٽي جي ملڻ جي بشارت ڏني هئي تہ ان وقت سيده ساره جي عمر ۹۹ سال ۽ حضرت ابراهيم عليه الصلواۃ والسلام جي عمر مبارڪ هڪ سئو ويهہ (۱۲۰) سال هئي (۱) ان جي ڪري حيرت ۾ پئجي وئي هئي ملائڪن ڪيس سمجهايو تہ: اي ساره! تون اهڙي گهراڻي جي آهين جن تي هميشه الله جل جلالہ جي رحمت ۽ برڪتون رهيون آهن ۽ اهڙيون خوارق عادتون ۽ معجزا اوهان جي لاءِ نئين ڳالهہ ناهي پوءِ تون الله جي امر کان ڪيئن ٿي عجب ۾ پوين؟ تو کي ۽ تنهنجي مڙس کي ان وڏي عمر ۾ اولاد جو ملڻ ان الله جو امر آهي جيڪو ساراهيل، عزت وارو آهي.

فائدا: هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا "۱" "قَالُوْا سَلٰمًا" مان معلوم ٿيو تہ اچڻ واري کي گهرجي تہ جن وٽ آيو آهي جيڪڏهن مسلمان آهن تہ السلام عليڪم چئي ۽ جن تي سلام چيو وڃي انهن تي سلام جو جواب ڏيڻ لازم آهي "۲" هن آيت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ مهمان نوازي سيدنا ابراهيم علي نبينا وعليه الصلواۃ والسلام جي سنت آهي ۽ حضرت نبي ڪريم عليه التحيه والتسليم" بہ مهمان نوازيءَ لاءِ ترغيب ڏني آهي فرمان اقدس آهي "مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلْيُكْرِمْ جَارَهٗ وَمَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلْيُكْرِمْ ضَيْفَهٗ" (۲) جيڪو بہ الله ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو اهو پنهنجي پاڙي واري جي عزت ڪري ۽ جيڪو بہ الله

(۱) القرطبي ص۱۷۰ جلد۹ (۲) القرطبي ص۱۹۴ جلد۹

۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو اهو پنهنجي مهمان جي عزت ڪري سيرت جي ڪتابن مطالعہ ڪرڻ مان خبر پوي ٿي تہ نبي ڪريم عليه التحيه والتسليم جن مهمانن جي عزت ۽ آرام جو خاص اهتمام ڪرڻ فرمائيندا هئا مسئلہ علماءِ اسلام تصريح ڪئي آهي تہ ٻهراڙي (ديهات) جتي ٻاهران اچڻ وارن مسافرن جي لاءِ قيام ۽ طعام هوٽل وغيره نہ هوندا آهن اتي جي رهاڪو ماڻهن تي لازم آهيٰ آيل مسافرن جي قيام ۽ طعام جو انتظام ڪن باقي وڏن شهرن ۾ جتي آرام وارا هوٽل ۽ مسافر خانہ آهن اتي جيڪڏهن ڪير اخلاقي طور مهمان نوازي ڪري تہ ڀلي ڪري پر لازم ۽ ضروري ناهي (۱)

مسئلہ ـ مهمان نوازيءَ جي آداب مان هي بہ آهي تہ مهمان جي اچڻ سان ئي ميزبان جيڪو ڪجهہ کائڻ، پيئڻ لاءِ ميسر هجي ۽ جلد تيار ٿي سگهي اهو ڪڍي اڳي رکي پوءِ جيڪڏهن طاقت ۽ حيثيت جو صاحب آهي تہ وڏيڪ مهمانيءَ جو انتظام ڀلي ڪري، هرو ڀرو تڪلف ۾ نہ پوي. (۲)

ازواج رسول عليه الصلواة والسلام اهل بيت آهن مذڪوره آيت ۾ سيدنا ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي گهرواري سيده ساره رضي الله عنها کي "اهل البيت" سڏڻ مان معلوم ٿيو تہ حضور اڪرم نور مجسم، عليه الصلواة والسلام جي گهروارين کي اهل بيت سڏڻ بالڪل صحيح آهي بلڪ اهل بيت نبوي جو مفهوم اول آهن ئي سندن ازواج مطهرات رضي الله عنهن ازواج مطهرات کي اهل بيت نہ سمجهڻ شيعن جي طرفان انتهائي ظلم ۽ گمراهي آهي.

ڇا حسنين ڪريمن اهل بيت آهن؟

الحمدلله ثم الحمدلله اسان اهل السنت والجماعت جو عقيدو سچ، حق ۽ نهايت صاف آهي تہ ازواج مطهرات حضور پاڪ جون گهر واريون علىٰ زوجهن وعليهن الصلواة والسلام اهل بيت آهن ۽ حضرات حسنين ڪريمين بہ اهل بيت آهن ڏسو مون عاجز جو لکيل تفسير احسن البيان صـ ۳۴۳- ۳۴۴ جلد۲ . علامه رازي عليه الرحمة جو لکيل تفسير ڪبير صـ ۱۹۴ جلد۲ مطبوعه دارالڪتب العلميه طهران.

فَلَمَّا ذَهَبَ عَنْ اِبْرَاهِيْمَ الرَّوْعُ وَجَآءَتْهُ الْبُشْرٰى يُجَادِلُنَا

پوءِ جڏهن پري ٿيو ابراهيم کان ڊپ ۽ آئي ان وٽ بشارت تہ تڪرار ڪرڻ لڳو اسان سان

(۱) ضياء القرآن صـ ۳۷۰ جلد۲ (۲) معارف القرآن صـ ۲۴۸ جلد۴

فِيْ قَوْمِ لُوْطٍ ﴿٧٤﴾ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَحَلِيْمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيْبٌ ﴿٧٥﴾

قوم لوط جي باري ۾ بيشڪ ابراهيم البت بردبار نرم دل (الله ڏانهن) موٽندڙ آهي

يٰٓاِبْرٰهِيْمُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ۚ اِنَّهٗ قَدْ جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ ۚ

اي ابراهيم! منهن موڙ هن کان تحقيق شان هي آهي ته بلاشڪ آيو امر رب تنهنجي جو

وَاِنَّهُمْ اٰتِيْهِمْ عَذَابٌ غَيْرُ مَرْدُوْدٍ ﴿٧٦﴾

۽ بيشڪ اهي ايندڙ آهي انهن وٽ عذاب نه موٽايل.

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيتن ۾ سيدنا ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي مهمان نوازي ۽ مهمان جي طرفان کاڌي کي هٿ نه لڳائڻ جي ڪري پريشان ٿيڻ جو بيان هو جنهن کي خوف جي لفظ سان بيان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سندس انتهائي نرم دلي ۽ برد باريءَ جو اظهار هو ۽ هنن آيتن ۾ سندس شفقت ۽ ڪرم نوازيءَ جو بيو ثبوت ڏنو ويو آهي جڏهن پاڻ حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم تي عذاب اچڻ جو ٻڌائين ته بارگاه ايزديءَ ۾ انهن جي متعلق عرض معروض ۾ شروع ٿي ويو "فرمان عالي شان آهي "فَلَمَّا ذَهَبَ عَنْ اِبْرٰهِيْمَ الرَّوْعُ وَجَآءَتْهُ الْبُشْرٰى يُجَادِلُنَا فِيْ قَوْمِ لُوْطٍ" پوءِ جڏهن ابراهيم کان ڊپ پري ٿيو ۽ ان وٽ خوشخبري آئي ته اسان سان لوط جي قوم جي باري ۾ تڪرار ڪرڻ لڳو يعني ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته اهي کاڌي نه کائڻ وارا ملائڪ آهن تڏهن کاڌو نه ٿا کائن ۽ انهن جي دشمن هجڻ جو خطرو نه رهيو ۽ ڪيس پٽ ۽ پوٽي ملڻ جي خوشخبري به ملي ته اسان سان لوط عليه الصلواة والسلام جي قوم جي باري ۾ تڪرار ڪرڻ لڳو تڪرار ڪرڻ جو مطلب آهي ته نهايت پيار، محبت، ادب ۽ نياز سان حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي قوم جي باري ۾ عرض معروض ڪرڻ لڳو ته انهن کي تباهه ۽ برباد ڪيئن ڪندؤ انهن ۾ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام ۽ ان تي ايمان

آٺڻ وارا فرد بہ آهن "اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَحَلِيْمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيْبٌ" بلاشڪ ابراهيم وڏو بردبار، دل جو نرم، الله ڏانهن موٽندڙ آهي مطلب تہ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام نهايت گهڻو بردبار آهي جو رت جي پياڪ دشمنن کي بہ مهلت ڏي ٿو ۽ انهن کان جلد انتقام وٺڻ لاءِ نہ ٿو سوچي دل جو تمام نرم آهي ڏکويلن جو ڏک ڏسي ٽڏا ٽڏا ساه ڪٽندڙ، آهون ڀريندڙ، ٻين جي غم کي پنهنجو غم سمجهندڙ آهي يا رات جو الله تعالىٰ جي ياد ۽ ان جي عشق ۾ آهون ڪندڙ، ڏينهن جو غمگينن جي غم کي ڏسي غمگين ٿيندر آهي. هرحال ۾ الله جل شانه ڏانهن رجوع ڪندڙ ۽ ان جي ئي ذات کي مستقل ۽ ڪامل سهارو سمجهندڙ آهي هيءَ ان جو ئي ڪرم تہ آهي جو هوڏانهن حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي حليم، اواه ۽ منيب جهڙين ٽن صفتن سان موصوف ڪيائين ۽ هيڏانهن اسان لاءِ پنهنجي محبوب نبي عليه الصلواة والسلام کي اهڙو رحمة للعالمين ڪري مبعوث فرمايائين جو دنيا وارن جي دل مان هي آواز نڪتو. شعر

سلام اس پر کہ جس نے خون کے پیاسون کو قبائین دیں
سلام اس پر کہ سب گستاخیان سن کر دعائین دیں

"يَا اِبْرٰهِيْمُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا اِنَّهٗ قَدْ جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ وَاِنَّهُمْ اٰتِيْهِمْ عَذَابٌ غَيْرُ مَرْدُوْدٍ" اي ابراهيم! تون هن ڳالھ کان منهن موڙ، يقينًا، ڳالھ هيئن آهي تہ تنهنجي رب جو امر پڪي طرح آيو آهي ۽ بلاشڪ انهن وٽ واپس نہ ٿيڻ وارو عذاب اچي رهيو آهي يعني انهن ملائڪن حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي چيو تہ! اوهان ان عرض معروض ڪرڻ کان منهن موڙيو ڇڏي ڏيو الله جل شانه جيڪو ازل ۾ انهن لاءِ (انهن جي ئي ڪرتوتن جي ڪري) عذاب مقدر ڪري ڇڏيو آهي اهو ايندو اهو انهن جي حال کي وڏيڪ جاٽندڙ آهي مٿن اچڻ وارو عذاب نہ ٽرندو. (۱)

فائدا: هنن آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا "۱" "يُجَادِلُنَا" (اسان سان تڪرار پيو ڪري) مان واضح ٿيو تہ الله جا پيارا ٻانها الله جل شانه سان ناز، ۽ انگل ڪندا، حجتون هلندا آهن ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڳالھ تي ضد بہ ڪري بيهندا آهن پر پوءِ بہ الله انهن تي ناراض نہ ٿيندو آهي "۲" اهو بہ ثابت ٿيو تہ الله جل شانه جي ٻانهن سان گفتگو ڪرڻ ڄڻ تہ الله سان گفتگو ڪرڻ آهي حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام بحث ۽ تڪرار تہ ملائڪن سان ڪيو هو پر الله تعالىٰ ان کي پاڻ سان تڪرار سڏيو آهي "۳" ڪافرن جي لاءِ شفاعت ڪرڻ جائز بہ ناهي تہ مقبول بہ ناهي

(۱) بيضاوي ڪامل ص۳۰۲

حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام حضرت لوط على نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ڪافر قوم کي جلد عذاب ڪرڻ کان مهلت ملڻ لاءِ سفارش ڪئي پر قبول نہ ڪئي وئي بلڪ ڪيس روڪيو ويو "۴" الله جل جلاله جي بارگاه ۾ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي وڏي عزت آهي لهذا جيڪڏهن انهن جي پاڪ زبان مان ڪنهن نہ ٽيڻ واري ڪم جي لاءِ بہ سفارش يا طلب ٿيندي آهي تہ رب پاڪ جي طرفان انهن کي ان ڪم نہ ٿيڻ جي حڪمت سمجهائي روڪيو ويندو آهي جيئن "اِنَّهُمْ اٰتِيْهِمْ عَذَابٌ غَيْرُ مَرْدُوْدٍ" مان سمجھ ۾ اچي رهيو آهي.

وَلَمَّا جَاۗءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْۗءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالَ

۽ جڏهن آيا قاصد اسان جا لوط وٽ تہ پريشان ڪيو ويو انهن سان ۽ تنگدل ٿيو انهن جي ڪري ۽ فرمايائين تہ

هٰذَا يَوْمٌ عَصِيْبٌ ۝۷۷ وَجَاۗءَهٗ قَوْمُهٗ يُهْرَعُوْنَ اِلَيْهِ ۭ وَمِنْ قَبْلُ كَانُوْا

هي ڏينهن سخت آهي ۽ آئي ان وٽ قوم ان جي ڊوڙندا ان ڏانهن ۽ اڳ ۾ ڪندا هئا

يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ۭ قَالَ يٰقَوْمِ هٰٓؤُلَاۗءِ بَنَاتِيْ هُنَّ اَطْهَرُ لَكُمْ

برايون فرمايائين تہ اي منهنجي قوم! هي ڌيئرون (قوم) منهنجون آهن اهي پاڪ (حلال) آهن اوهان لاءِ

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخْزُوْنِ فِيْ ضَيْفِيْ ۭ اَلَيْسَ مِنْكُمْ رَجُلٌ رَّشِيْدٌ ۝۷۸

پوءِ ڊڄو الله کان ۽ نہ خوار ڪيو مون کي منهنجن مهمانن (جي معاملي) ۾ ڇا ناهي اوهان مان ڪو مڙس هدايت وارو

قَالُوْا لَقَدْ عَلِمْتَ مَا لَنَا فِيْ بَنٰتِكَ مِنْ حَقٍّ ۚ

چيائون تہ البت تحقيق (چڱيءَ طرح) ڄاڻين ٿو تہ ناهي اسان جو تنهنجي (قوم جي) نياڻين ۾ ڪو حق

وَاِنَّكَ لَتَعْلَمُ مَا نُرِيْدُ ۝۷۹ قَالَ لَوْ اَنَّ لِيْ

۽ بيشڪ تون البت ڄاڻين ٿو تہ اهو جو ارادو ڪيون ٿا فرمايائين تہ جيڪڏهن تحقيق مون کي

بِكُمْ قُوَّةً اَوْ اٰوِيْٓ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ ۝۸۰

اوهان سان (مقابلي ڪرڻ جي) طاقت هجي ها يا پناهہ وٺان ها مضبوط اوٽ ڏانهن.

تفسير

هنن آيتن کان اول ذکر کيلن آيتن ۾ حضرت ابراهيم علي نبينا وعليه الصلواة والسلام وٽ ملائکن جي اچڻ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن ملائکن جو انساني صورتن ۾ ٿي حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو بيان کندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَلَمَّا جَاءَتْ رُسُلُنَا لُوطًا سِيءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَقَالَ هَٰذَا يَوْمٌ عَصِيبٌ" ۽ جڏهن اسان جا قاصد لوط وٽ آيا تہ مغموم ٿيو انهن جي ڪري ۽ تنگدل بہ ٿيو انهن جي ڪري ۽ فرمايائين تہ هيءُ سخت ڏينهن آهي حضرت لوط عليه الصلواة والسلام ان جي ڪري مغموم ٿيو هو جو اهي ملائڪ نهايت حسين ۽ جميل ڇوڪرن جي صورتن ۾ آيا هئا ۽ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام انهن کي ملائڪ نہ سمجهيو ۽ پنهنجي قوم جي حالت کان بخوبي واقف هو ان جي ڪري غمگين ٿيو هو (۱) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ذرع نونٽ تائين هٿ کي چئبو آهي ان جو ذکر ڪري قوت ۽ طاقت مراد وٺڻ عام استعمال ۾ هوندو آهي (سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ فلاڻي جا هٿ مضبوط آهن يعني طاقت وارو آهي) ۽ هتي مراد آهي تہ طاقت جي لحاظ سان پاڻ کي ڪمزور سمجهي پريشان ٿيو ۽ قوم جي غندن کان پنهنجن مهمانن کي بچائڻ جي سوچ ۾ پئجي ويو(۲) ۽ چوڻ لڳو تہ هيءُ تہ نهايت سخت ڏينهن آهي حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جو احوال راقم جي لکيل تفسير احسن البيان صہ ۵۴۲ جلد۳. سورة الاعراف آيت ۸۰ کان ۸۴ جي تفسير ۾ ڏسڻ گهرجي هتي صرف آيتن جي وضاحت کندي ڪجهہ لکجي ٿو.

ڄاڻڻ گهرجي تہ اهي ملائڪ سڀُورا جڏهن حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي خدمت اقدس مان موکل وٺي سندس ڳوٺ کان نکري ڇهن ميلن جي پنڌ تي سدوم نالي ڳوٺ وٽ آيا تہ هڪ قول مطابق سڌا سيدنا حضرت لوط عليٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي خدمت ۾ پهتا ٻيو قول آهي تہ جڏهن ڳوٺ ۾ داخل ٿيا تہ هڪ کوہ تي پهتا جتي ڳوٺ جون ڪجهہ عورتون پاڻي ڀري رهيون هيون انهن هنن نوجوان سهڻن ڇوڪرن جي شڪلين ۾ آيلن کي ڏٺو تہ شهر جي غندن،لونڊي بازن جي مشهور بدفعلي انهن کي بہ بدل هئي

(۱) بيان القرآن مع معارف القرآن صہ ۶۵۱ جلد۴ (۲) ضياء القرآن صہ ۳۸۰ جلد۲

سو ڏڄي انهن کي چيائون ته! اوهان هتي ڇو آيا آهيو؟ جلدي نڪري وڃو ته هتي جا ماڻهو اوهان کي اغوا ڪري نه وڃن ملائڪن سڳورن انهن عورتن کي چيو ته ڇا هتي ڪو مهمان نواز ناهي جو اسان کي ڪجهه وقت رهڻ ڏي؟ انهن اشاري سان ڪين حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي گهر جو ڏس ڏنو اهي حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي گهر ويا ۽ سندن سلام ڪيائون حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ان وقت پنهنجي گهر جي پر ۾ پوک ۾ ڪم ڪري رهيو هو پري ڪان آيلن نهايت حسين، خوبصورت ۽ سهڻن بلوغت جي قريب ڇوڪرن کي مهمان ٿيندي ڏسي پريشان ٿي ويو ڇو ته حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي گهر واري پئسا وٺي جاسوسي ڪندي هئي ۽ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام وٽ آيلن مهمانن جي سموري ڳالهه ڪافرن غنڊن کي ٻڌائيندي هئي. حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام سوچ ۾ پئجي ويو ته جيڪڏهن منهنجي گهر واريءَ هنن نوجوانن جو احوال وڃي انهن کي ٻڌايو ته اهي هليا ايندا ۽ وڏو مشڪل پيدا ٿيندو ان جي ڪري فرمايو هيائين ته هي نهايت سخت ڏينهن آهي "وَجَآءَهٗ قَوْمُهٗ يُهْرَعُوْنَ اِلَيْهِ وَمِنْ قَبْلُ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ" ۽ ان وٽ سندس قوم (وارا) ڊوڙندا آيا ۽ اڳ ۾ ئي برايون ڪندا هئا يعني انهن غنڊن، بدمعاشن کي جڏهن حضرت لوط عليه الصلواة والسلام وٽ آيلن مهمانن جي خبر پئي ته ڊوڙندا آيا ۽ اهي ان برائيءَ جي ارادي سان ئي آيا هئا جيڪا اڳ ۾ ڪندا هئا "قَالَ يٰقَوْمِ هٰٓؤُلَآءِ بَنَاتِيْ هُنَّ اَطْهَرُ لَكُمْ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخْزُوْنِ فِيْ ضَيْفِيْ اَلَيْسَ مِنْكُمْ رَجُلٌ رَّشِيْدٌ" (حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام انهن کي) فرمايو ته: اي منهنجي قوم وارا! هي منهنجي قوم وارن جون نياڻيون آهن اهي اوهان لاءِ وڌيڪ پاڪ "حلال" صاف آهن پوءِ الله کان ڊڄو ۽ مون کي منهنجن مهمانن جي معاملي ۾ خوار نه ڪيو ڇا اوهان مان ڪو به مڙس هدايت وارو ناهي؟

"هٰٓؤُلَآءِ بَنَاتِيْ" جي وضاحت

ڄاڻڻ گهرجي ته سيدنا لوط عليه الصلواة والسلام جن نياڻين لاءِ فرمايو هو ته هي منهنجون نياڻيون آهن اهي حقيقت ۾ به سندس نسبي نياڻيون هيون يا قوم جي نياڻين کي پنهنجون نياڻيون سڏيو هيائين؟ انهيءَ جي متعلق مفسرن جا ٻه قول

آهن "۱" تہ اهي حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي قوم جون نياڻيون هيون علامه سعيد احمد شاه صاحب ڪاظمي عليه الرحمه هنن لفظن جي ترجمي ڪندي لکيو آهي يہ ميري (امت کي) بيٽيان هين (۱) علامه ابو حيان اندلسي غرناطي عليه الرحمه لکيو آهي تہ: "هولاءِ بناتي" الاحسن ان تكون الاضافة مجازية اي بنات قومي" يعني حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جيڪا انهن نياڻين جي پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي آهي تہ هي منهنجون ڌيئرون آهن وڌيڪ سهڻو قول آهي تہ اها اضافت مجازي آهي يعني منهنجي قوم جون نياڻيون ڇو تہ نبي سڄورو پنهنجي قوم (امت) لاءِ پيءُ جي بجاءِ هوندو آهي ۽ ان مراد وٺڻ لاءِ اهو بہ دليل آهي تہ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي صرف بہ نياڻيون هيون ۽ هتي هڪ تہ جمع جو صيغو "بَنَاتِيْ" آيل آهي ۽ ٻيو تہ اهي بہ نياڻيون ساري قوم جي مردن جي نڪاح ۾ ڪيئن اچي سگهن ها (۲) الله جل جلالہ جي پياري نبي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام تي نازل ڪيل ڪتاب توراة ۾ اگرچہ تحريف ڪري ڦيرڦار ڪئي وئي آهي پر ان هوندي بہ ان جي روايتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جون نياڻيون اڳ ۾ شادي شده هيون. (۳)

سوال: حضرت لوط عليه الصلواة والسلام پنهنجي قوم جي نياڻين جي انهن غنڊن کي پيش ڪش ڪهڙي لحاظ سان ڪئي هئي؟

جواب: قرآن پاڪ جي ارشاد "هُنَّ اَطْهَرُ لَكُمْ" (اهي اوهان لاءِ وڌيڪ پاڪ، صاف حلال آهن) مان ثابت ٿيو تہ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام انهن غنڊن کي هنن نياڻين سان نڪاح ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي ڇو تہ پاڪ صاف طريقو نڪاح جو آهي ٻيا سڀ رستا غلط ۽ گمراهي جا آهن ۽ الله جل جلالہ جي هڪ نبي عليه الصلواة والسلام جي شان جي لائق ۽ مناسب بہ اهو آهي.

"قَالُوْا لَقَدْ عَلِمْتَ مَالَنَا فِيْ بَنَاتِكَ مِنْ حَقٍّ وَاِنَّكَ لَتَعْلَمُ مَا نُرِيْدُ" چيائون تہ يقينا تون چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو تہ اسان جو تنهنجي قوم جي نياڻين ۾ ڪو حصو ناهي ۽ جيڪو اسان ارادو ڪري آيا آهيون تون اهو يقينًا ڄاڻين ٿو يعني اسان جي اچڻ جو غرض تو کي معلوم آهي اسان کي اهي عورتون نہ گهرجن اسان جو مقصد ٿو وٽ آيل سهڻا ڇوڪرا آهن (۴) "وَقَالَ لَوْ اَنَّ لِيْ بِكُمْ قُوَّةً اَوْ اٰوِيْۤ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ" فرمايائين تہ: ڪاش! جيڪڏهن مون وٽ اوهان سان (مقابلي جي ظاهري) قوة هجي ها يا مان ڪنهن مضبوط اوٽ (۽ سهاري) سان پناهہ وٺي وڃهان ها.ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هتي

(۱) البيان ترجمة القرآن صـ۲۹۸ (۲) البحر المحيط صـ۲۴۶ جلد۵ (۳) ضياء القرآن صـ۳۸۱ جلد۲ (۴) تفسير ابن ڪثير صـ۴۵۳ جلد۲

آيل لفظ "لو" جو جواب مقدر آ يعني لدفعتكم (۱) اوهان کي دفع ڪري ڇڏيان ها. ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي اها خواهش تہ ڪاش مون ۾ طاقت هجي ها يا ڪو مضبوط سهارو ملي وڃي ها تہ اوهان سان مقابلو ڪري اوهان کي دفع ڪري ڇڏيان ها جو مطلب آهي تہ منهنجي طرفان ملندڙ دين جي دعوت قبول ڪرڻ وارا گهڻا هجن ها يا منهنجو وڏو ڪٽنب ۽ قبيلو هجي ها تہ اهي اوهان کي هنائڻ ۾ دير ئي نہ ڪن ها **فائدو:** حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ان فرمان "اَوْ آوِيَ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ" (يا ڪنهن مضبوط سهاري جي پناهہ حاصل ڪيان ها) مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلالہ کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو سهارو يا ان کان مدد وٺڻ شرڪ يا ڪفر ناهي. ها جيڪڏهن ڪنهن ٻئي کي الله يا الله جي برابر ٿو سمجهي تہ پوءِ اهو بالڪل شرڪ آهي. صرف سهارو سمجهڻ يا مدد وٺڻ منع هجي ها تہ حضرت لوط عليه السلام ائين نہ فرمائي ها.

قَالُوْا يَا لُوْطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّكَ لَنْ يَّصِلُوْٓا اِلَيْكَ فَاَسْرِ

(ملائڪن) چيو تہ اي لوط بيشڪ اسين تنهنجي رب جا قاصد آهيون هرگز نہ پهچندا توڏانهن پوءِ نڪري وڃ

بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَلَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ اِلَّا امْرَاَتَكَ ۭ اِنَّهٗ

اهل پنهنجي سان رات جي ڪنهن حصي ۾ ۽ نہ (پوئتي) واجهائي اوهان مان ڪو هڪڙو مگر زال تنهنجي بيشڪ شان هي آهي تہ

مُصِيْبُهَا مَآ اَصَابَهُمْ ۭ اِنَّ مَوْعِدَهُمُ الصُّبْحُ ۭ اَلَيْسَ الصُّبْحُ

پهچندڙ آهي ان کي جيڪو پهچندو انهن کي بيشڪ انهن جي وعدي جو وقت صبح (وارو) آهي ڇا صبح

بِقَرِيْبٍ ﴿۸۱﴾ فَلَمَّا جَاۗءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا

ويجهي ناهي پوءِ جڏهن آيو امر اسان جو تہ ڪيو سون ا مٿئين (حصي) ان (ڳوٺ) جي کي هيٺين حصو ان جو ۽

عَلَيْهَا حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ڏ مَّنْضُوْدٍ ﴿۸۲﴾ مُّسَوَّمَةً

وساياسون ان تي پٿر باهہ ۾ پچايل لاڳيتا نشان ڪيل

(۱) بيضاوي ڪامل صہ ۳۰۲

عِنۡدَ رَبِّکَ ؕ وَمَا هِیَ مِنَ الظّٰلِمِیۡنَ بِبَعِیۡدٍ ﴿٨٣﴾ ع

رب تنهنجي وٽان ۽ ناهن اهي ظالمن کان پري.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ملائڪن جي انساني شڪل ۾ اچڻ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي طرفان پنهنجي حقيقت کي کولي ٻڌائڻ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قَالُوۡا يٰلُوۡطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّكَ لَنۡ يَّصِلُوۡۤا اِلَيۡكَ فَاَسۡرِ بِاَهۡلِكَ بِقِطۡعٍ مِّنَ الَّيۡلِ وَلَا يَلۡتَفِتۡ مِنۡكُمۡ اَحَدٌ اِلَّا امۡرَاَتَكَ ؕ اِنَّهٗ مُصِيۡبُهَا مَاۤ اَصَابَهُمۡ" چيائون ته اي لوط! يقينًا اسين تنهنجي رب جا قاصد آهيون توڏانهن ڪڏهن به پهچي نه سگهندا تون رات جي ڪنهن حصي ۾ پنهنجي اهل کي وٺي نڪري وڃ ۽ اوهان مان ڪو هڪ به پوئتي نه واجهائي مگر تنهنجي گهرواري (اها گڏ وٺي نه هلجان) ان کي به اهو ئي (عذاب) پهچندو جيڪو هين کي پهچڻ وارو آهي ياد رکڻ گهرجي ته ملائڪ سڳورا في الحال ته خاموشيءَ سان اهو سمورو منظر ڏسندا رهيا پر جڏهن انهن ڪميڻن جي گستاخي ۽ حضرت لوط على نبينا وعليه الصلواة والسلام جي پريشاني گهٽي ٿي وئي تڏهن انهن ملائڪن حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي عرض ڪيو ته: گهبرايو نه اوهان ڇڏي ڏيو اسين رب العزة جل جلاله جي طرفان موڪليل ملائڪ آهيون انهن کي عذاب ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. اوهان رات جي ڪنهن حصي ۾ پنهنجيءَ گهرواريءَ کانسواءِ باقي خاندان جا ماڻهو وٺي نڪري وڃو اوهان جي گهر واري ڪافرياڻي آهي اها ڪافرن سان گڏ عذاب ۾ هلاڪ ٿيندي "اِنَّ مَوۡعِدَهُمُ الصُّبۡحُ ؕ اَلَيۡسَ الصُّبۡحُ بِقَرِيۡبٍ" انهن جي وعدي جو وقت صبح آهي ڇا صبح ويجهي ناهي. يعني انهن ظالمن کي مليل مهلت وارين گهڙيون گهٽيو پري ناهن صبح تائين وقت مليل اٿن ڇا اهو صبح وارو وقت ويجهو ناهي؟ "فَلَمَّا جَآءَ اَمۡرُنَا جَعَلۡنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهَا حِجَارَةً مِّنۡ سِجِّيۡلٍ مَّنۡضُوۡدٍ مُّسَوَّمَةً عِنۡدَ رَبِّكَ" پوءِ جڏهن اسان جو حڪم آيو ته اسان انهن جي (ڳوٺن جي) مٿين حصي کي هيٺان ڪري ڇڏيو ۽ انهن تي باهه ۾ پچايل پٿرن کي لاڳيتو وسايو جيڪي تنهنجي رب وٽان نشان ڪيل هئا مطلب ته جڏهن انهن کي مليل مهلت جو وقت ختم ٿيو ته اسان پنهنجي ڪامل قدرت ۽ قوت سان ملائڪن جي ذريعي انهن ڳوٺن کي

اونڌو ڪري سٽيو حضرت جبريل عليه الصلواة والسلام انهن کي مٿي کڻي اونڌو ڪري اڇلايو هو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جن ماڻهن ڏانهن نبي ڪري موڪليو ويو هو اهي سندس قوم جا نه هئا ۽ انهن جو تعداد چار لک (۴۰۰۰۰۰) هو انهن جا پنج ڳوٺ هئا پنجن ئي ڳوٺن کي "موتفڪات" سڏيو ويو آهي(۱)

"وَمَا هِيَ مِنَ الظَّالِمِيْنَ بِبَعِيْدٍ" ۽ اهو ظالمن کان پري ناهي يعني اهو عذاب زماني جي لحاظ سان به ويجهو آهي ۽ مڪان جي لحاظ سان به پوءِ مطلب هي آهي ته اي ڪافرو! نه اهو دور جنهن ۾ عاد، ثمود ۽ حضرت نوح عليهم الصلواة والسلام جي قوم تي عذاب آيو پري آهي ۽ نه اوهان کان انهن جي رهڻ وارين جاين پري آهن ڇو ته اهي مدينه منوره ۽ شام ملڪ جي وچ تي رهندا هئا جتان مڪي جي قريشين جا واپاري قافلا ايندي ويندي،لنگهندا هئا **فائدا**. هنن آيتن کي پڙهڻ ۽ ذهن نشين ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" ڪافرن جي هلاڪت تي ارمان نه ڪجي حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي سندس ڪافرياڻي زال جي لاءِ جهليو ويو ته ان کي پاڻ سان وٺي نه هلجان پلي عذاب سان هلاڪ ٿئي "۲" مقابلي جي دوران ڪافر نبي سڳوري تي غالب نه ٿي سگهندا آهن پلي کڻي وڏي طاقت وارا هجن جيئن "لَنْ يَّصِلُوْٓا اِلَيْكَ" مان واضح ٿي رهيو آهي ۽ "۳" "اِنَّهٗ مُصِيْبُهَا مَآ اَصَابَهُمْ" (ان کي به اهو عذاب پهچڻ وارو آهي جيڪو انهن کي پهچندو) مان ثابت ٿيو ته گناه تي مدد ڪندڙ به گناه ۾ شريڪ آهي حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي اهليه به گناه جي خبر ڏيڻ جي ڪري انهن گناهن ڪندڙن سان گڏ عذاب ۾ آئي هئي.

وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ۚ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا

۽ طرف مدين جي انهن جي ڀاءُ شعيب کي (موڪليو سون) فرمايائين ته اي منهنجي قوم اعبادت ڪيو الله جي ناهي

لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ وَلَا تَنْقُصُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ اِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ

واسطي اوهان جي ڪو معبود ان ڪانسواءِ ۽ نه گهٽايو ماپ ۽ تور بيشڪ مان ڏسان ٿو اوهان کي

بِخَيْرٍ وَّاِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيْطٍ ۝۸۴ وَيٰقَوْمِ

آسودگيءَ ۾ ۽ بيشڪ مان خوف ٿو رکان اوهان تي عذاب ڏينهن گهيري ڪندڙ جو ۽ اي منهنجي قوم!

(۱) نعيمي ص ۲۴۲ جلد ۱۲

اَوۡفُوا الۡمِكۡيَالَ وَالۡمِيۡزَانَ بِالۡقِسۡطِ وَلَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ

پوري ڪيو ماپ ۽ تور انصاف سان ۽ نہ گھٽائي ڏيو ماڻھن کان شيون انھن جون

وَلَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ﴿۸۵﴾

۽ نہ ڦرو زمين ۾ فساد ڪندڙ.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم جي بدڪرداريءَ جو ۽ ڪين ملڻ واري سزا جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام جي قوم وارن جي بدڪرداريءَ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِلٰى مدين اخاهُمۡ شُعَيۡبًا" ۽ مدين ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي (موڪليو سون) ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام ۽ سندس علائقي مدين جو احوال سورة الاعراف آيت ۸۷ کان ۸۵ تائين احسن البيان صہ۵۴۹ جلد۳ ۾ تفسير ڪندي لکي آيا آهيون اتي ڏسڻ گهرجي هتي صرف ايترو لکجي ٿو تہ سيدنا شعيب عليه الصلواة والسلام جنهن قوم کي هدايت ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو اها قوم مدين ۽ ان جي گردو نوح ۾ آباد هئي ۽ اهو مدين شهر ڳاڙهي سمنڊ جي ان مقام تي آباد هو جتي جزيره نما عرب جا ٻہ تجارتي رستا اچي ملندا هئا يمن ۽ شام، عراق ۽ مصر جا تجارتي قافلا هتان کان لنگهندا هئا ان مان اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ مدين جو شهر ڪيڏي وڏي تجارتي منڊي هوندي ۽ اتي ڪاروبار جو ڇا حال هوندو ۽ اتي جا ماڻهو ڪيڏا نہ خوشحال ۽ آسودا هوندا ۽ جڏهن تہ هر نبي سڳوري جو اولين مقصد ٻانهي جو تعلق مالڪ سان مضبوط بنائڻ هوندو آهي ۽ ان کي حقيقي معبود جي معرفت سان ٻهرور ڪندو آهي ان جي ڪري حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام جو بہ پنهنجي قوم لاءِ پهريان پهريان اهو پيغام بيان ڪيو ٿو وجي "قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَالَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ" فرمايائين تہ اي منهنجي قوم! سچي معبود جي عبادت ڪيو اوهان لاءِ ان کان سواءِ ڪير بہ عبادت جو لائق

ناهي هن ۾ حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام جي طرفان پنهنجي قوم کي توحيد جي دعوت ڏيڻ جو ذڪر آهي ڇو ته اهي مشرڪ هيا وڻن جي پوڄا ڪندا هئا جن کي قرآن پاڪ ۾ "ايڪه" جي لفظ سان ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ان نسبت سان اهل مدين کي اصحاب الايڪه جو لقب ڏنو ويو آهي "وَلَاتَنْقُصُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ" ۽ ماپ ۽ تور نه گهٽايو. ان قوم ۾ ٻيو عيب اهو هو جو تور ۽ ماپ ۾ گهٽتائي ڪري ماڻهن جو حق کائي ويندا هئا جيڪو نهايت سخت گناهه هو الله جل جلاله جي نبي حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام نهايت شفقت ڀريي انداز ۾ اول ته کين فرمايو "اِنِّيْ اَرَاكُمْ بِخَيْرٍ وَاِنِّيْ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيْطٍ" بيشڪ مان اوهان کي آسودگيءَ ۾ ڏسان ٿو ۽ بيشڪ مان اوهان تي گهيري ۾ وٺندڙ ڏينهن جي عذاب کان به ڊڄان ٿو مطلب ته ا مان ڏسان پيو ته اوهان هن وقت نهايت آسودا، خوشحال ۽ مالا مال آهيو ان نعمت جي شڪر جي تقاضا اها آهي ته تور، ماپ ۾ گهٽتائي ڪري مخلوق تي ظلم نه ڪيو پر جيڪڏهن اوهان منهنجيءَ ڳالهه کي نه ٻڌو يا ٻڌي نه مڃيو ته اوهان الله جل جلاله جي طرفان گهيري ڪندڙ عذاب ۾ اچي ويندو "وَيَاقَوْمِ اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ وَلَاتَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَاءَهُمْ وَلَاتَعْثَوْا فِى الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ" ۽ اي منهنجي قوم ماپ ۽ تور انصاف سان پوري پوري ڪندا ڪيو ۽ ماڻهن کي سندن شيون ڪٽائي نه ڏيو ۽ زمين ۾ فساد ڪندڙ ٿي نه ڦرو اهو ساڳيو فرمان تاڪيدي طور ڪيو هيائين.

فائدو: ڪنهن سٺي ڪم ۾ جيڪڏهن ماڻهن جي بدنيتيءَ سان خرابي شامل ٿي وڃي ته ان برائيءَ کي ختم ڪبو پر اهو سٺو ڪم جاري رهندو حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام جي قوم ۾ واپار جي ڏنڌي ۾ تور ماپ ۾ گهٽتائيءَ واري برائي آئي ته ان برائيءَ کان روڪيو ويو واپار کان نه روڪيو ويو اهڙي طرح جيڪڏهن الله جي ڪاملن ٻانهن جون يادون ملهائڻ ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو غلط ڪم ڪري ته ان غلط ڪم کان روڪبو ياد ملهائڻ کان روڪڻ جهالت ۽ ناداني آهي.

بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ

بچايل (بچت) الله جي ڏنل آهي اوهان لاءِ جيڪڏهن آهيو مومن

وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿٨٦﴾ قَالُوْا يَا شُعَيْبُ

۽ ناهيان مان اوهان تي محافظ چيائون ته اي شعيب!

اَصَلٰوتُکَ تَاۡمُرُکَ اَنۡ نَّتۡرُکَ مَا یَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوۡ اَنۡ

ڇا نماز تنهنجي امر ڪري ٿي توکي تہ ڇڏيون ان کي جو پوڄين پيا پيئر اسان جا يا هي تہ

نَّفۡعَلَ فِیۡۤ اَمۡوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا اِنَّکَ لَاَنۡتَ الۡحَلِیۡمُ الرَّشِیۡدُ ﴿۸۷﴾

ڪيون مالن پنهنجن ۾ جيڪي گهرون اسين بيشڪ تون البت تون ئي بردبار هدايت وارو آهين.

تفسير

هنن ڪان پهريان مذڪوره آيات ۾ سيدنا حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام جي قوم جي بد دیانتي، دنيوي حرص ۽ خواهشات ۾ هڪ رهڻ جو ذڪر هو ۽ هاڻي هتي حضرت سيدنا شعيب علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي طرفان ڪين سچي دين جي دعوت ڏيڻ ۽سمجهائڻ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيۡرٌ لَّکُمۡ اِنۡ کُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ" الله جي بچايل بچت اوهان جي لاءِ ڀلي آهي جيڪڏهن مومن آهيو يعني اي منهنجي قوم! اوهان دولت جي جنهن گهٽائيءَ جي هوس ۾ پيا آهيو ان کي ڇڏي جيڪا اوهان کي تجارت جي ذريعي الله جل جلاله جي طرفان حلال روزي ملي اها حاصل ڪيو ۽ اها اوهان لاءِ ڀلي آهي باقي ماپ، تور ۾ گهٽتائي ڪرڻ سان جيڪو ڪجهه ڪمايو ٿا اهو ائين اڏامي ختم ٿي ويندو جيئن هوا ۾ دوڙ اڏامندي آهي حلال روزي ٿوري هوندي آهي تہ بہ برڪت جي ڪري گهڻي معلوم ٿيندي آهي پر ان برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ بہ شرط آهي تہ اوهان مومن هجو. جيڪڏهن مومن نہ بنجندؤ تہ پوءِ اوهان کي اها توفيق نصيب نہ ٿيندي "وَمَاۤ اَنَا عَلَيۡکُمۡ بِحَفِيۡظٍ" ۽ مان اوهان تي محافظ ناهيان مون اوهان کي کولي کولي سمجهايو آهي وڌيڪ اوهان ڄاڻو اوهان جو ڪم ڄاڻي.

تور ۽ ماپ ۾ گهٽتائي ڪرڻ جي سزا

حضرت سعيد بن مسيب فرمايو تہ: جڏهن اهڙي سر زمين ۾ اچين جتي ماپ ۽ **تور صحيح هلي ٿي تہ اتي** گهٽو وقت رهي پئو ۽ جيڪڏهن اهڙي سرزمين تي **اچين جتي ماپ ۽ تور صحيح نہ** ٿي هلي تہ اتي رهڻ کان پاسو ڪر حضرت **عڪرمه جو فرمان آهي تہ**: مان شاهدي ٿو ڏيان تہ ماپ ۽ تور ۾ گهٽتائي ڪندڙ هر

شخص جهنمي آهي ۽ حديث پاڪ ۾ آيو آهي ته: جڏهن مسلمان واپاري واپار ۾ ڪوٽ ۽ ملاوٽ ڪرڻ شروع ڪندا ته مسلمانن تي غير مسلمانن جو غلبو ۽ رعب طاري رهندو ۽ جڏهن بدمعاشي ۽ زنا گهٽجي ٿيندي ته موت گهٽجو ٿيندو ۽ جڏهن ماپ ۽ تور ۾ گهٽتائي ڪندا ته رزق مان برڪت نڪري ويندي ۽ جڏهن ڪا قوم حق جو فيصلو نه ڪندي ته انهن ۾ خونريزي وڌندي ۽ جيڪڏهن ڪا قوم وعدو پورو نه ڪندي ته الله انهن تي دشمن کي غالب ڪندو." (۱)

"قَالُوْا يَا شُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَآ" چيائون ته: اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي امر ٿي ڪري ته اسين انهن کي ڇڏي ڏيون جن جي عبادت اسان جا پيئر ڪندا هئا حضرت شعيب علی نبينا وعليه الصلواة والسلام کي قوم وارن نماز لاءِ ائين چيو ڇو ته حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام نماز گهڻي پڙهندو هو. ابن عساکر احنف رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: "ان شعيبا کان اکثر الانبياء صلواة (۲) يعني نبين عليهم الصلواة والسلام ۾ شعيب عليه الصلواة والسلام نماز گهڻي پڙهندڙ هو "اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْٓ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا" يا اسين پنهنجن مالن ۾ جيڪو گهرون اهو ڪيون يعني ڇا (تنهنجي نماز توکي اهو به امر ڪري ٿي ته تون اسان کي ان ڳالهه کان روڪين) جو اسين پنهنجن مالن ۾ پنهنجو اختيار نه هلايون "اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ الرَّشِيْدُ" بلاشڪ تون البت تون ئي بردبار، هدايت وارو آهين ڪافرن جي طرفان حضرت شعيب کي ائين چوڻ يا ته چٿر طور هو مطلب ته سچي قوم ۾ تون ئي هدايت وارو، بردبار بزرگ آهين بيا سڀ ائين ناهن؟ يا ته حقيقت جو اظهار هو. مطلب ته تون هڪ سمجهدار، با وقار، سٺي طبيعت جو مالڪ ۽ اٿڻ وهڻ ۾ سلجهيل آهين تون اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿو ڪرين؟ (۳) **فائدو:** آيت ۾ نماز مان مراد دين آهي ڇو ته نماز دين لاءِ ائين اهم آهي جيئن انسان لاءِ سندس مٿو. جيئن مٿو ڪٽجي وڃي ته انسان زنده نه رهي سگهندو تيئن جنهن وٽ نماز نه هوندي ان جو دين سلامت نه رهندو.

قَالَ يَا قَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَرَزَقَنِيْ

چيائين ته اي منهنجي قوم! خبر ڏيو جيڪڏهن هجان مان روشن دليل تي رب پنهنجي کان ۽ ڏنائين مون کي پاڻ وٽان

(۱) فتح البيان ص۱۲۳ جلد۴ (۲) الدرالمنثور ص۴۶۶ جلد۲ (۳) القرطبي ص۸۶ جلد۹

مِنۡهُ رِزۡقًا حَسَنًا ؕ وَمَاۤ اُرِيۡدُ اَنۡ اُخَالِفَكُمۡ اِلٰى مَاۤ اَنۡهٰكُمۡ عَنۡهُ ؕ

رزق سهڻو ۽ نہ ٿو ارادو ڪيان تہ مخالفت ڪيان اوهان جي ان ڏانهن جو روڪيان ٿو اوهان کي ان کان

اِنۡ اُرِيۡدُ اِلَّا الۡاِصۡلَاحَ مَا اسۡتَطَعۡتُ ؕ وَمَا تَوۡفِيۡقِىۡۤ اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ عَلَيۡهِ

نہ ٿو ارادو ڪيان مگر درست ڪرڻ جو جيستائين ڪري سگهان ۽ ناهي توفيق منهنجي مگر الله جي طرفان ان تي

تَوَكَّلۡتُ وَاِلَيۡهِ اُنِيۡبُ ﴿۸۸﴾ وَيٰقَوۡمِ لَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ

توڪل ڪئي مون ۽ ان ڏانهن موٽان ٿو ۽ اي منهنجي قوم! هرگز نہ پڙڪائي اوهان کي

شِقَاقِىۡۤ اَنۡ يُّصِيۡبَكُمۡ مِّثۡلُ مَاۤ اَصَابَ قَوۡمَ نُوۡحٍ

مخالفت منهنجي (الله جي نافرماني ۽ تي) متان پهچي اوهان کي مثل ان جي جو پهتو قوم نوح جي کي

اَوۡ قَوۡمَ هُوۡدٍ اَوۡ قَوۡمَ صٰلِحٍ ؕ وَمَا قَوۡمُ لُوۡطٍ مِّنۡكُمۡ بِبَعِيۡدٍ ﴿۸۹﴾

يا قوم هود جي کي يا قوم صالح جي کي ۽ ناهي قوم لوط جي اوهان کان پري.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت شعيب عليه الصلوٰة والسلام جي طرفان قوم کي سڌي نموني سمجهائڻ جو ذڪر هو جنهن جو انهن سوچڻ سمجهڻ کانسواءِ صرف ابن، ڏاڏن جون رسمون سمجهندي الله جل جلاله جي وحدانيت جو انڪار ڪيو هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏيندي عقل کان ڪم وٺڻ جي دعوت جو بيان ڪيو ويو آهي فرمان عالي شان آهي "قَالَ يٰقَوۡمِ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ كُنۡتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّىۡ وَرَزَقَنِىۡ مِنۡهُ رِزۡقًا حَسَنًا" فرمايائين تہ اي منهنجي قوم! خبر ڏيو جيڪڏهن مان پنهنجي رب جي طرفان روشن دليل تي هجان ۽ مون کي پنهنجي طرفان سهڻو رزق بہ ڏنو اٿس (تہ ڇا مان دين جي دعوت روڪي سگهان ٿو؟ نہ هرگز نہ) مون کي اوهان جي دولت ۾ بہ ڪا طمع ناهي ڇو تہ الله جل جلاله مون کي خوشحالي بہ

نصيب ڪئي آهي حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام گهڻو مالدار هوندو هو (۱)
"وَمَا أُرِيدُ أَنْ أُخَالِفَكُمْ إِلَىٰ مَا أَنْهَاكُمْ عَنْهُ" ۽ مان (اهو) ارادو به نه ٿو ڪيان ته جنهن
ڪان اوهان کي روڪيان ٿو ان ڏانهن اوهان جي مخالفت ڪيان يعني منهنجي اها
خواهش ناهي ته جن براين کان اوهان کي روڪيان ٿو اوهان کان جدا ٿي مان پاڻ اهي
ڪيان مثلاً اوهان کي دنيا جو تارڪ بنائي پاڻ دنيا گڏ ڪندو وتان نه هرگز نه جيڪا
ڳالهه اوهان کي چوندو آهيان ته ڪيو اول پاڻ ان تي عمل ڪندو آهيان اهو الزام مون
تي نه هٽي سگهندؤ ته منهنجي نصيحت ڪنهن خود غرضي يا لالچ تي بنا ڪيل آهي
"إِنْ أُرِيدُ إِلَّا الْإِصْلَاحَ مَا اسْتَطَعْتُ وَمَا تَوْفِيقِي إِلَّا بِاللَّهِ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَإِلَيْهِ أُنِيبُ" نه ٿو
ارادو ڪيان مگر اصلاح جو جيترو قدر ڪري سگهيس ۽ ناهي توفيق منهنجي مگر الله
سان ان تي توڪل ڪئي اٿم ۽ ان ڏانهن ئي موٽان ٿو. يعني منهنجي پوري ڪوشش
اها آهي ته اوهان جي اصلاح ٿئي موجوده ردي حالت مان نڪري ايمان ۽ عرفان جي
بلندين تي پهچو اهو ئي وس آهر منهنجو مقصد حيات آهي ۽ ان ڪم جي توفيق ڏيڻ
الله جل جلاله جي قدرتي هٿ ۾ آهي منهنجو ان تي ئي ڀروسو آهي ۽ هر معاملي
۾ ان ڏانهن ئي موٽندو آهيان. "وَيَا قَوْمِ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شِقَاقِي أَنْ يُصِيبَكُمْ مِثْلُ مَا
أَصَابَ قَوْمَ نُوحٍ أَوْ قَوْمَ هُودٍ أَوْ قَوْمَ صَالِحٍ وَمَا قَوْمُ لُوطٍ مِنْكُمْ بِبَعِيدٍ" ۽ اي
منهنجي قوم! اوهان کي منهنجي دشمني الله جي نافرماني ڪرڻ تي ايترو نه
ڀڙڪائي جو اوهان کي به اهڙو عذاب نه اچي پهچي جيڪو نوح، هود ۽ صالح علىٰ نبينا
وعليهم الصلواة والسلام جي قومن کي پهتو هو ۽ لوط عليه الصلواة والسلام جي
قوم به اوهان کان پري ناهي يعني منهنجي ضد ۽ دشمنيءَ ۾ اچي اهڙو ڪم نه ڪجو
جو اوهان کي اڳين قومن وانگر تباهه ۽ برباد ڪيو وڃي حضرت نوح، حضرت هود،
حضرت صالح علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جي قومن کي جيڪي سزائون ۽
عذاب مليا اهي به اوهان کان لڪل ناهن پر حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي
قوم جي حالت ته عنقريب گذري آهي اها به اوهان چڱي نموني ذهن ۾ رکو ٿا پوءِ بي
فرماني ڇو ٿا ڪيو؟

فائدا: هنن آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" "رِزْقًا حَسَنًا"
(سهڻو رزق) مان واضح ٿيو ته حلال روزيءَ مان صرف جسم کي ئي فائدو نه ٿو پهچي
پر روحاني ۽ ايماني قوت ۾ واڌارو ٿو اچي ۽ حلال رزق به اهو آهي جنهن ۾ حرام

(۱) الخازن صـ ۳۴۵ جلد ۲

جو شبهو به نه هجي مخلوط ۽ گڏيل سڏيل مال کي رزق حلال نه ٿو چئي سگهجي "٢"
"وَمَآ اُرِيْدُ اَنْ اُخَالِفَكُمْ" جي معنيٰ تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو ته انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام گناه ته ڇا گناه جي ارادي کان به معصوم ۽ پاڪ آهن انهن کان گناه ٿيڻ ناممڪن آهي "٣" ڪو شخص به الله تعاليٰ جي هدايت ۽، نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي عنايت کانسواءِ پنهنجي عقل سان ايمان ۽ اسلام کي حاصل ڪري نٿو سگهي جيئن "لَايَجْرِمَنَّكُمْ شِقَاقِيْٓ" مان محسوس ٿي رهيو آهي.

وَاسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ۭ اِنَّ رَبِّيْ رَحِيْمٌ وَّدُوْدٌ ﴿٩٠﴾

۽ مغفرت طلب ڪيو رب پنهنجي کان ان کان پوءِ موٽو ان ڏانهن بيشڪ رب منهنجو مهربان پيار ڪندڙ آهي

قَالُوْا يٰشُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَقُوْلُ وَاِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْنَا

چيائون ته اي شعيب! نه ٿا سمجهون گهڻو ان مان جو چوين ٿو ۽ بيشڪ اسين البت ڏسون ٿا تو کي پاڻ ۾

ضَعِيْفًا ۚ وَلَوْلَا رَهْطُكَ لَرَجَمْنٰكَ ۡ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْنَا بِعَزِيْزٍ ﴿٩١﴾ قَالَ

ضعيف ۽ جيڪڏهن نه هجي ها ڪٽنب تنهنجو ته البت سنگسار ڪيون ها تو کي ۽ ناهين تون اسان تي غالب چيائين

يٰقَوْمِ اَرَهْطِيْٓ اَعَزُّ عَلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاتَّخَذْتُمُوْهُ

ته اي منهنجي قوم! ڇا ڪٽنب منهنجو وڌيڪ غالب آهي اوهان تي الله کان ۽ ورتو اوهان ان کي

وَرَاۗءَكُمْ ظِهْرِيًّا ۭ اِنَّ رَبِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٩٢﴾

پويان پنهنجي پٺتي اڇلايل بيشڪ رب منهنجو ان کي جو ڪيو ٿا گهيري ۾ رکندڙ آهي.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت شعيب علي نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ان فرمان جو ذڪر هو ته! اي منهنجي قوم وارؤ! جيڪڏهن اوهان ڏوڪي

سان ڪمايل حرام روزيءَ کان نہ بچندؤ تہ الاهي عذاب ۾ ايندؤ ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت شعيب عليہ الصلواة والسلام پنهنجي قوم کي جيڪو رستو ٻڌايو هو ان ۾ عذاب کان بچڻ سان گڏ دنياوي برڪتن حاصل ٿيڻ جو بہ موقعو هو. فرمان ايزدي آهي "وَاسْتَغْفِرُوا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوبُوا إِلَيْهِ إِنَّ رَبِّي رَحِيمٌ وَدُودٌ" ۽ پنهنجي رب کان مغفرت گهرو ان کان پوءِ ان ڏانهن موٽو بيشڪ منهنجو رب مهربان، پيار ڪندڙ آهي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ الله جل جلالہ کان مغفرت طلب ڪرڻ، ان جي بارگاہ ڏانهن توبہ سان رجوع ڪرڻ اهڙو فائديمند ڪم آهي جنهن جو ڏس هر دور ۾ هر نبي سڳوري پنهنجي امت کي ڏنو آهي پر اهو خيال رکڻ گهرجي تہ هر گناهہ جي توبہ جدا جدا آهي ڪفر کان توبہ ايمان آڻڻ آهي حقوق العباد جي توبہ اهي حق ادا ڪرڻ آهي ڪليل گناهہ جي توبہ بہ ڪليل نموني ڪرڻي آهي "قَالُوا يَا شُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ كَثِيرًا مِّمَّا تَقُولُ وَإِنَّا لَنَرَاكَ فِينَا ضَعِيفًا" چيائون تہ اي شعيب! اسين ان مان جيڪو تون چوين ٿو گهڻو نہ ٿا سمجهون ۽ بلاشڪ البت اسين تو کي پاڻ ۾ ضعيف ٿا سمجهون يعني الله جل شانہ جي توحيد جي وجوب ۽ تور، ماپ ۾ گهٽتائي جي حرام هجڻ لاءِ جيڪو ڪجهہ تون چوين ٿو ۽ ان لاءِ دليل پيش ڪرين ٿو اسين ان مان گهڻو سمجهون ئي ڪونہ ٿا ۽ اهو سڀ ڪجهہ سندن عقل جي قصور ۽ فڪر نہ ڪرڻ جي ڪري هو ڪي بزرگ فرمائن ٿا تہ انهن اهو چئي ۽ ٺوڪ جي خيال سان چيو هو (١) ۽ اسين توکي پاڻ ۾ ضعيف ٿا ڏسون جيڪڏهن اسين تو کي تڪليف ڏيڻ چاهيون تہ تو ۾ دفع ڪرڻ جي طاقت نہ آهي "وَلَوْلَا رَهْطُكَ لَرَجَمْنَاكَ وَمَا أَنتَ عَلَيْنَا بِعَزِيزٍ" ۽ جيڪڏهن تنهنجو ڪٽنب نہ هجي ها تہ البت توکي سنگسار ڪري ڇڏيون ها ۽ تون اسان تي غالب ناهين يعني جيڪڏهن تنهنجا عزيز، قريب جيڪي اسان جي دين تي آهن تنهنجو طرف نہ وٺن ها تہ اسين تو کي پٿر هڻي سنگسار ڪري ڇڏيون ها تون اسان تي غالب نہ آهين پر ان تنهنجي ڪٽنب وارن جي ڪري تو کي ڪجهہ نہ ٿا ڪيون "قَالَ يَا قَوْمِ أَرَهْطِي أَعَزُّ عَلَيْكُم مِّنَ اللَّهِ وَاتَّخَذْتُمُوهُ وَرَاءَكُمْ ظِهْرِيًّا" چيائين تہ: اي منهنجي قوم! ڇا منهنجو ڪٽنب اوهان تي الله کان بہ وڌيڪ غالب آهي ۽ اوهان ان کي پنهنجي پويان پٺيءَ تي اڇلائي ڇڏيو آهي يعني منهنجي جيڪا الله جل شانہ ڏانهن رسول هجڻ جي نسبت آهي اها اوهان کان اهڙي وسري وئي آهي جڻ تہ ان کي پٺيءَ جي پويان اڇلائي ڇڏيو اٿو ۽ منهنجي قوم ان کان وڌيڪ اوهان تي غالب آهي "إِنَّ رَبِّي بِمَا تَعْمَلُونَ مُحِيطٌ" بيشڪ منهنجو

(١) المظهري صہ٥٠ جلد٥

رب جيڪو اوهان کيو ٿا ان کي گهيرو ڪندڙ آهي ڪاٻه شيءِ ان کان لڪل ناهي جو اوهان کي ان جي سزا نه ڏئي سگهي **فائدا**. هنن آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ وهن ٿا "١" انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جو ڪلام ظاهري عقل سان سمجهه ۾ نه ايندو آهي ان جي لاءِ ايماني عقل جي ضرورت آهي جيئن نبي سڳوري جي ڏسڻ لاءِ ظاهري نظر ڪم نه ڪندي آهي ايماني نظر جي ضرورت هوندي آهي "٢" انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام کي ضعيف سمجهڻ ڪافرن جو ڪم آهي جيئن "اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْنَا ضَعِيْفًا" مان ثابت ٿي رهيو آهي.

وَيٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ

۽ اي منهنجي قوم! عمل ڪيو اوهان جاءِ پنهنجيءَ تي بيشڪ مان به عمل ڪندڙ آهيان جلدي

مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَمَنْ هُوَ كَاذِبٌ وَارْتَقِبُوْٓا

ڄاڻندؤ ته ڪير ٿو اچي ان وٽ عذاب جو ٿو خوار ڪري ان کي ۽ ڪير آهي جو اهو ڪوڙو آهي ۽

اِنِّيْ مَعَكُمْ رَقِيْبٌ ﴿٩٣﴾ وَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا شُعَيْبًا

انتظار ڪيو بيشڪ مان اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان ۽ جڏهن آيو امر اسان جو ته ڇڏايو سون

وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَاَخَذَتِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا

شعيب کي ۽ انهن کي جو ايمان آندائون گڏ ان سان رحمت سان پاڻ وٽان ۽ ورتو انهن کي

الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٩٤﴾

جو ظلم ڪيائون ڪڙڪي دار آواز پوءِ صبح ڪيائون گهرن پنهنجن ۾ گوڏن تي ڪرندڙ.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ سيدنا شعيب عليه الصلواة والسلام جي قوم جي ڌمڪين ۽ دڙڪن جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ نبي سڳوري عليه

الصلواة والسلام جي دليري، همت ۽ جرئت سان دين جي دعوت جاري رکڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي فرمان ايزدي آهي "وَيَاقَوْمِ اعْمَلُوا عَلَىٰ مَكَانَتِكُمْ إِنِّي عَامِلٌ" ۽ اي منهنجي قوم! اوهان پنهنجي جاءِ تي عمل ڪيو مان به عمل ڪندڙ آهيان هن فرمان ۾ انهن ڪافرن کي ڪفر جي موڪل يا اجازت ڏيڻ مراد ناهي پر انهن تي ڪاوڙ جو اظهار مقصود آهي جيئن چئجي ته پلي هل، جيڪي ڪرڻو اٿئي ڪر الله جل جلاله جو فرمان آهي "فَمَنْ شَاءَ فَلْيُؤْمِنْ وَمَنْ شَاءَ فَلْيَكْفُرْ" پوءِ جيڪو گهري ته پلي ايمان آڻي ۽ جيڪو گهري ته پلي ڪفر ڪري ان جي سزا ضرور چکندو "سَوْفَ تَعْلَمُونَ مَنْ يَأْتِيهِ عَذَابٌ يُخْزِيهِ وَمَنْ هُوَ كَاذِبٌ" جلدي ڄاڻندؤ ته ڪير آهي جنهن تي اهڙو عذاب ٿو اچي جيڪو ان کي خوار ڪري ۽ ڪير آهي جو اهو ڪوڙو آهي مطلب ته جلد خبر پئجي ويندي ته ڪنهن تي ٿو الاهي عذاب اچي جيڪو ان کي خوار ڪري ۽ ڪير ڪوڙو آهي "وَارْتَقِبُوا إِنِّي مَعَكُمْ رَقِيبٌ" ۽ انتظار ڪيو بلاشڪ مان به اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان. پاڻهي پڌرا ٿيندا ته سچا ڪير ۽ ڪوڙا ڪير، حق تي ڪير ناحق تي ڪير "وَلَمَّا جَاءَ أَمْرُنَا نَجَّيْنَا شُعَيْبًا وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَهُ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَأَخَذَتِ الَّذِينَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَأَصْبَحُوا فِي دِيَارِهِمْ جَاثِمِينَ" ۽ جڏهن اسان جو امر آيو ته شعيب کي ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو هو پنهنجي طرفان رحمت سان ڇڏايو سون ۽ جن ظلم ڪيو هو انهن کي ڪڙڪيدار آواز ورتو پوءِ صبح جو پنهنجن گهرن ۾ گوڏن ڀر ڪريا پيا هئا ياد رکڻ گهرجي ته حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ وارا ڏيڍ لک (١٥٠٠٠٠) ماڻهو هئا. (١)

كَأَن لَّمْ يَغْنَوْا فِيهَا ۗ أَلَا بُعْدًا لِّمَدْيَنَ كَمَا بَعِدَتْ ثَمُودُ ﴿٩٥﴾ رکوع ٨

ڄڻ ته نه رهيا هئا ان ۾ خبردار هلاڪت آهي مدين لاءِ جيئن هلاڪ ٿيا ثمود

تفسير

هن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ عذاب جي نوعيت بيان ڪئي وئي ۽ هن آيت ۾ عذاب کان پوءِ جو حال ٻڌايو ويو آهي ته ان ڳوٺ جو اهڙو حال ٿي ويو ڄڻ ته اتي

(١) نعيمي صه ٢٨۴ جلد ١٢

کو رهيو ٿي نہ هو فرمان عالي شان آهي "كَانْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيهَا اَلَا بُعْدًا لِّمَدْيَنَ كَمَا بَعِدَتْ ثَمُوْدُ" جڻ تہ نہ رهيا هئا ان ۾ خبردار مدين (وارن) لاءِ ائين هلاڪت هئي جيئن ثمود (قوم وارا) هلاڪ ٿيا هئا مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ آسمان کان آيل ڪڙڪيدار آواز جي ڪري حضرت شعيب علي نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم مان نہ مڃڻ وارا ماڻهو مري ويا ۽ اهڙي باهہ ڀڙکي جنهن سان وڻ ۽ فصل سڙي ويا ۽ اهڙو طوفان ۽ زلزلو آيو جو شهر جون جايون ۽ جڳهيون ڊهي ميدان ٿي ويون اتي جو اتي ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ تہ هتي ڪا شيءِ نہ هئي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ثمود جي قوم سان هلاڪت ۾ تشبيه ان جي ڪري بيان ڪئي وئي آهي جو گناهن جا نمونا جيتوڻيڪ مختلف هيا پر انهن جو اصل الله جل جلاله جي نبي علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جي گستاخي ۽ ڪفر هو (۱)

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿۹۶﴾ اِلٰى فِرْعَوْنَ

۽ البت تحقيق موڪليو سون موسیٰ کي آيتن پنهنجين ۽ حجت پڌريءَ سان فرعون

وَمَلَاۡئِهٖ فَاتَّبَعُوْا اَمْرَ فِرْعَوْنَ وَمَاۤ اَمْرُ فِرْعَوْنَ بِرَشِيْدٍ ﴿۹۷﴾ يَقْدُمُ

۽ سردارن ان جي ڏانهن پوءِ تابعدار ٿيا امر فرعون جي جا ۽ ناهي امر فرعون جو سڌو اڳيان ٿيندو

قَوْمَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَاَوْرَدَهُمُ النَّارَ وَبِئْسَ الْوِرْدُ الْمَوْرُوْدُ ﴿۹۸﴾

قوم پنهنجيءَ کان قيامت جي ڏينهن پوءِ وارد ڪندو انهن کي باهہ ۾ ۽ بڇڙي آهي اچڻ واري جاءِ

وَاُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهٖ لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ بِئْسَ الرِّفْدُ الْمَرْفُوْدُ ﴿۹۹﴾

۽ لاڳيتا ڪيا ويندا منجهہ هن (دنيا) جي لعنت ۽ ڏينهن قيامت جي برو آهي انعام عطا ٿيل.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ انهن نبين عليهم الصلواة والسلام

(۱) نعيمي صہ۲۹۱ جلد۱۲

جو ذڪر هو جن کي هڪ هڪ معجزو مليل هو ۽ هنن آيتن ۾ الله جل جلاله جي ان پياري نبي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جو ذڪر آهي جنهن کي زياده معجزا ڏنا ويا هئا ارشاد باري آهي "وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسیٰ بِاٰیٰاتِنَا وَسُلْطَانٍ مُّبِیْنٍ" ۽ البت تحقيق موڪليو سون،موسىٰ کي پنهنجين آيتن ۽ پڌريءَ حجت سان آيات (نشانين) مان مراد حضرت موسي علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي عطا ٿيل نو نشانيون آهن "۱" لٺ "۲" هٿ جو روشن ٿيڻ "۳" عذاب الاهيءَ جو طوفان جي صورت ۾ اچڻ "۴" مڪڙن جو اچڻ "۵" فرعونين جي بدنن ۾ جون پوڻ "۶" ڏيڏرن جو اچڻ "۷" پاڻيءَ جو رت ٿي وڃڻ "۸" سر ۽ جانيون گهٽائڻ "۹" مالن ۾ کوٽ پوڻ (۱) ۽ "سُلْطَانٍ مُّبِیْنٍ" مان مراد اهي دلائل ۽ حجتون آهن جيڪي فرعون سان ڳالهائڻ دوران پيش ڪيا هيائين ۽ فرعون خاموش ٿي ويو هو (۲) "اِلیٰ فِرْعَوْنَ وَمَلَائِهٖ فَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ فِرْعَوْنَ وَمَآ اَمْرُ فِرْعَوْنَ بِرَشِیْدٍ" فرعون ۽ ان جي (درباري) سردارن ڏانهن پوءِ فرعون جي امر جي اتباع ڪيائون ۽ فرعون جو امر سڌو ۽ حق وارو نه هو مطلب ته الله جل جلاله جي وحدانيت جا ڪليل دليل ڏسي به فرعونين ايمان نه آندو ۽ الله جل شانه جي ان دشمن جي چوڻ تي هليا جنهن جي ڪابه ڳالهه هدايت، حق ۽ سچ واري نه هئي جنهن تي هلي انسان ڀلائي حاصل ڪري سگهي "یَقْدُمُ قَوْمَهٗ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ فَاَوْرَدَهُمُ النَّارَ وَبِئْسَ الْوِرْدُ الْمَوْرُوْدُ" قيامت جي ڏينهن پنهنجي قوم جي اڳيان ٿيندو پوءِ انهن کي جهنم ۾ داخل ڪندو ۽ اهو برو مقام هوندو جنهن ۾ داخل ڪيا ويندا مطلب ته جيئن فرعون دنيا ۾ پنهنجي قوم ۽ درباري سردارن جو اڳواڻ هو تيئن قيامت جي ڏينهن جهنم ڏانهن وڃي هلڻ ۾ به انهن جو اڳواڻ ٿي هلندو دنيا ۾ جيڪي اکيون ٻوٽي ان جي حڪم تي هلندا هئا اهي اتي به ان جي پويان هلي جهنم ۾ ويندا "وَاُتْبِعُوْا فِیْ هٰذِهٖ لَعْنَةً وَّیَوْمَ الْقِیٰمَةِ بِئْسَ الرِّفْدُ الْمَرْفُوْدُ" ۽ هن (دنيا) ۾ لاڳيتي لعنت ڪيا ويا ۽ قيامت جي ڏينهن به (انهن کي) مليل انعام برو آهي مقصد ته جيسين هيءَ دنيا آهي تيسين ته فرعون ۽ سندس پوئلڳن تي مسلسل لعنت ڪئي ويندي پر قيامت جي ڏينهن به انهن تي وسندي رهندي اهو هڪ قسم جو نهايت برو انعام آهي جيڪو کين عطا ڪيو ويندو **فائدا.** هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" حشر ۾ هر ڪافر پنهنجي ڪافر بنائيندڙ پيشو اسان گڏ هوندو ۽ جهڙي طرح اهو ڪفر جو قائد دنيا ۾ غرور ۽ تڪبر سان پيشوا بنجي پيو هلندو هو تيئن اهو آخرت ۾ ذلت ۽

(۱) تنوير الاذهان صـ۱۹۶ جلد۲ (۲) ايسر التفاسير صـ۳۶۷ جلد۲

خواريءَ سان جهنم ڏانهن بہ اڳيان هلندو رهندو "۲" بري ۽ بڇڙيءَ دوستيءَ جو انجام
برو ٿيندو جيئن "بِئۡسَ الرِّفۡدُ الۡمَرۡفُوۡدُ" مان واضح آهي تہ ان جي برعكس سٺيءَ
دوستيءَ جو انجام سٺو ٿيندو "۳" باطل جو صرف شور هوندو آهي حقيقت ڪجھ بہ
نہ هوندي آهي ۽ جڏهن الاهي قهر جي هڪ لهر اٿندي آهي تہ باطل جو نالو ۽ نشان بہ
نہ رهندو آهي جيئن "كَاَنۡ لَّمۡ يَغۡنَوۡا فِيۡهَا" مان روشن آهي.

ذَالِكَ مِنۡ اَنۡبَآءِ الۡقُرٰى نَقُصُّهٗ عَلَيۡكَ مِنۡهَا قَآئِمٌ وَّحَصِيۡدٌ ﴿۱۰۰﴾

اهي خبرن ڳوٺن جي مان آهن بيان ٿا ڪيون انهن کي توتي بعضي انهن مان قائم آهن ۽ (بعضي) ڪٽيل آهن

وَمَا ظَلَمۡنَاهُمۡ وَلٰكِنۡ ظَلَمُوۡٓا اَنۡفُسَهُمۡ فَمَآ اَغۡنَتۡ عَنۡهُمۡ

۽ نہ ظلم ڪيو سون انهن تي ۽ پر ظلم ڪيائون سرن پنهنجن تي پوءِ نہ ٽاري انهن کان

اٰلِهَتُهُمُ الَّتِيۡ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ شَيۡءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمۡرُ رَبِّكَ

معبودن انهن جي جو عبادت ڪندا هئا (انهن جي) الله ڪانسواءِ ڪا شي جڏهن آيو امر رب تنهنجي جو

وَمَا زَادُوۡهُمۡ غَيۡرَ تَتۡبِيۡبٍ ﴿۱۰۱﴾ وَكَذٰلِكَ اَخۡذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الۡقُرٰى

۽ نہ وڌايائون انهن کي سواءِ هلاڪت جي ۽ اهڙي طرح آهي پڪڙ رب تنهنجي جي جڏهن پڪڙي ٿو ڳوٺن کي

وَهِيَ ظَالِمَةٌ اِنَّ اَخۡذَهٗۤ اَلِيۡمٌ شَدِيۡدٌ ﴿۱۰۲﴾

۽ اهي ظلم ڪندڙ آهن بيشڪ پڪڙ ان جي دردناڪ سخت آهي.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذکر ڪيلن آيتن ۾ ڪافرن جي بت پرستي ۽ ڪوڙن
معبودن تي ڀروسي ڪرڻ جو ذکر هو هاڻي بيان ڪيو ٿو وڃي تہ جن باطل معبودن تي
ڀروسو ڪيو هيائون اهي ڪين ڪجھ بہ ڪم نہ آيا فرمان ايزدي آهي "ذَالِكَ مِنۡ اَنۡبَآءِ
الۡقُرٰى نَقُصُّهٗ عَلَيۡكَ مِنۡهَا قَآئِمٌ وَّحَصِيۡدٌ" هي انهن ڳوٺن جون ڪجھ خبرون آهن جيڪي

اوهان جي اڳيان بيان ڪيون ٿا انهن مان ڪي ڳوٺ قائم آهن ۽ (ڪي) ڪٽجي ويا آهن مطلب تہ هي واقعات جيڪي اوهان جي سامهون بيان ڪيا ويا آهن انهن ڳوٺن جا آهن جن مان بعضي ڳوٺن جا نشان باقي آهن ۽ اتاهين لنگهڻ وارن ڪي زبان حال سان پنهنجي آباد هجڻ ۽ برباد هجڻ جا داستان ٻڌائي رهيا آهن ۽ ڪي اهڙا ڳوٺ بہ آهن جن جو نالو، نشان ئي ميٽجي ويو آهي.ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ "قَآئِمٌ" ان کي چئبو آهي جيڪو صفا تلف ۽ تباهہ نہ ٿيو هجي ان جي وجود تي دلالت ڪندڙ آثار موجود هجن ۽ "حَصِيْدٌ" ان پوک کي سڏيو ويندو آهي جنهن کي لٽي، ڪٽي ڇڏجي ۽ هتي اهي قوم وارا ۽ انهن جا شهر مراد آهن جيڪي اهڙا ختم ٿي ۽ ڊهي ويا جو سندن ڪو نشان ئي نہ رهيو (۱) "وَمَا ظَلَمْنَاهُمْ وَلٰكِنْ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَمَآ اَغْنَتْ عَنْهُمْ اٰلِهَتُهُمُ الَّتِيْ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ وَمَا زَادُوْهُمْ غَيْرَ تَتْبِيْبٍ" ۽ اسان انهن سان ظلم نہ ڪيو هو ۽ پر پنهنجن نفسن تي پاڻ ظلم ڪيو هيائون پوءِ جڏهن تنهنجي رب جو امر آيو تہ سندن باطل معبودن جن جي الله کانسواءِ عبادت ڪندا هئا انهن کان ڪابہ شيءِ (تڪليف) دفع نہ ڪئي ۽ انهن کي بربادي کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ وڌايائون يعني جڏهن الاهي عذاب آيو تہ جن ڪوڙن بتن جي سهاري هيا اهي هڪ هڪ تي ڪرندا گم ٿيندا ويا ۽ ڪين ڏک جي گهڙيءَ ۾ ڪم نہ آيا بلڪ انهن ڪوڙن معبودن تي اعتماد ڪرڻ ئي سندن بربادي ۽ هلاڪت جو سبب بڻيو "وَكَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِيَ ظَالِمَةٌ اِنَّ اَخْذَهٗٓ اَلِيْمٌ شَدِيْدٌ" ۽ تنهنجي رب جي پڪڙ جڏهن ڳوٺن (وارن) کي پڪڙيندو آهي ان حال ۾ جو اهي ظالم هوندا، آهن ائين ئي هوندي آهي يقينًا ان جي پڪڙ دردناڪ، سخت هوندي آهي جو مجرم ڪيترو بہ زور وارو هجي پاڻ کي پاڻ ڇڏائي نہ سگهندو **فائدو-** "وَمَا زَادُوْهُمْ غَيْرَ تَتْبِيْبٍ" مان واضح ٿيو تہ برن ماڻهن جي ڳالهہ مڃڻ ۽ انهن جي صحبت ڪرڻ ۾ هلاڪت ۽ بربادي کانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي ۽ ان جو لازمي نتيجو اهو آهي تہ صالحن، نيڪن ۽ الله جي پيارن جي صحبت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ دنيا ۽ آخرت جو فائدو ۽ ڀلائي آهي. شعر:

صحبت صالح ترا صالح کند،
صحبت طالح ترا طالح کند

(۱) تسير الڪريم الرحمان ص۴۰۴جلد۲

اِنَّ فِيْ ذَالِکَ لَاٰيٰتٍ لِّمَنْ خَافَ عَذَابَ الْاٰخِرَةِ ذَالِکَ يَوْمٌ

بيشک ان ۾ البت نشاني آهي واسطي ان جي جيڪو خوف ٿو رکي آخرت جي عذاب جو اهو ڏينهن آهي جو

مَّجْمُوْعٌ لَّهُ النَّاسُ وَذَالِکَ يَوْمٌ مَّشْهُوْدٌ ﴿۱۰۳﴾ وَمَا نُؤَخِّرُهٗٓ اِلَّا لِاَجَلٍ

گڏ ڪيا ويندا ان لاءِ ماڻهو ۽ اهو ڏينهن آهي حاضر ڪيل ۽ نه ٿا پوئتي ڪيون ان کي مگر واسطي مدي مقرر جي

مَّعْدُوْدٍ ﴿۱۰۴﴾ يَوْمَ يَاْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ اِلَّا بِاِذْنِهٖ فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ

جنهن ڏينهن ايندو نه ڳالهائيندو ڪو نفس مگر اذن ان جي سان پوءِ انهن مان بدبخت آهن

وَّسَعِيْدٌ ﴿۱۰۵﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ شَقُوْا فَفِي النَّارِ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّشَهِيْقٌ ﴿۱۰۶﴾

۽ نيڪ بخت آهن پوءِ پر اهي جو بدبخت ٿيا پوءِ باھ ۾ هوندا انهن لاءِ ان ۾ (گڏھ وانگر) ڦونگارا ۽ وڏو آواز هوندو

خَالِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمَاوَاتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَاشَآءَ رَبُّکَ

هميشه رهندڙ آهن ان ۾ جيستائين قائم آهن آسمان ۽ زمين مگر جيڪي گهري رب تنهنجو

اِنَّ رَبَّکَ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ﴿۱۰۷﴾

بيشک تنهنجو رب ڪندڙ آهي واسطي ان جي جو ارادو ٿو فرمائي.

تفسير

هنن آيتن کان اول مذڪوره آيتن ۾ عبرت جهڙا واقعا بيان ڪيا ويا ۽ هتي فرمان ٿي رهيو آهي ته انهن واقعن مان ڪير ٿو عبرت پرائي فرمان مبارک آهي "اِنَّ فِيْ ذَالِکَ لَاٰيٰتٍ لِّمَنْ خَافَ عَذَابَ الْاٰخِرَةِ" بيشڪ هن ۾ ان ماڻهوءَ لاءِ نشاني آهي جيڪو آخرت جي عذاب جو خوف ٿو رکي يعني اهو خوش نصيب انسان جنهن کي آخرت جي عذاب جو خوف آهي انهن گذريلن واقعن مان عبرت حاصل ڪندو آهي ۽ انهن خاموش رهندڙن ڪنڊرات جي زبان حال کان عبرت جي ڳالهه ٻڌي پنهنجي اصلاح

جي طرف مائل ٿيندو آهي پر جيڪي غافل انسان، عيش ۽ عشرت ۾ ٻڏل هوندا آهن اهي انهن ڳالهين ڏانهن ڌيان نه ڏيندا آهن انهن جا بي دين ڪميونسٽ ۽ الله جل جلاله کي نه مڃڻ وارا استاد ۽ ساٿي ڪين ٻڌائيندا ۽ سمجهائيندا آهن ته انهن ويران ٿيندڙن ڳوٺن جي بربادي، جو سبب انهن ۾ رهندڙن جي سرڪشي ۽ بي فرماني نه هئي پر طبعي اسباب اهڙا پيدا ٿيا جو زلزلا آيا ۽ انهن آباد ڳوٺن جون آسمان سان ملندڙ جايون ڊهي ميدان ٿي ويون يا برساتون گهٽيون وسيون انهن جو پاڻي دريائن ۾ اچي ويو ۽ اهڙيون سخت ٻوڏيون ٿيون جو سيئي آباد علائقا ويران ٿي ويا جڏهن به اهڙن ويران ڳوٺن کي ڏسندا آهن ته اهو ذهن رکندي پاڻ کي سڌارڻ جي ڪوشش نه ڪندا آهن هلندڙ دور ۾ آثار قديمه جي تحقيقات ڪندڙ به ان سوچ کان خالي هوندا آهن "ذَٰلِكَ يَوْمٌ مَّجْمُوعٌ لَّهُ النَّاسُ وَذَٰلِكَ يَوْمٌ مَّشْهُودٌ" اهو ئي ڏينهن آهي جنهن لاءِ ماڻهو گڏ ڪيا ويندا ۽ اهو ئي ڏينهن آهي جنهن ۾ ماڻهو حاضر ڪيل هوندا مقصد ته ان قيامت جي ڏينهن سيئي ماڻهو گڏ ڪري انهن کان حساب ورتو ويندو ۽ سيئي جواب ڏيڻ لاءِ حاضر ڪيل هوندا. "وَمَا نُؤَخِّرُهُ إِلَّا لِأَجَلٍ مَّعْدُودٍ" ۽ نه ٿا پوئتي ڪيون ان کي مگر ڳڻيل (مقرر) مدي تائين مقصد ته ان ڏينهن جي اچڻ جو مدو مقرر آهي ان تي ضرور ايندو پر جڏهن ته عام کي خبر ناهي تڏهن ان جي اچڻ کان اڳ ۾ پاڻ کي تقويٰ ۽ قلب جي تزڪيه جي دولت سان مالامال ڪرڻ گهرجي "يَوْمَ يَأْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ إِلَّا بِإِذْنِهِ فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ وَسَعِيدٌ" جنهن ڏينهن ايندو ته ڪوبه نفس ان جي اذن کان سواءِ نه ڳالهائيندو پوءِ انهن مان ڪو بدبخت آهي ته ڪو نيڪ بخت آهي مقصد ته ان ڏينهن ۾ هر ڪنهن تي هيبت طاري هوندي ڪنهن کي الله جل جلاله جي اذن ۽ اجازت کان سواءِ ڳالهائڻ جي اجازت به نه هوندي ۽ انهن گڏ ٿيلن مان ڪي بدبخت هوندا ته ڪي نيڪ بخت ياد رکڻ گهرجي ته بدبخت ۽ بي دين ديندارن ۽ نيڪ بختن کان گهٽا هوندا ان جي ڪري بدبختن جو پهريان ۽ نيڪ بختن جو بعد ۾ ذڪر ڪيو ويو. "فَأَمَّا الَّذِينَ شَقُوا فَفِي النَّارِ لَهُمْ فِيهَا زَفِيرٌ وَشَهِيقٌ" پوءِ پر جيڪي بدبخت ٿيا پوءِ (جهنم جي) باهه ۾ هوندا انهن جا ان ۾ (گڏهن وانگر) ڦونگارا ۽ وڏو آواز هوندو. ڄاڻڻ گهرجي ته زفير جي اصل معنيٰ آهي ساه جو اهڙو منجهي پوڻ جو پاسريون ڦوڪجي وڃن (۱) ۽ شهيق ڇٻبو آهي ان ساهه جي منجهي پوڻ جو گهٽي دير تائين ڊگهو هجڻ (۲) ۽ عرف عام ۾ جڏهن گڏهه ڦونگارا هڻي هينگندو آهي ته ان کي زفير ۽ جڏهن هينگڻ کان هٽي آخري آواز ڪندو

(۱) مفردات راغب صه ۲۱۲ (۲) حوالو ساڳيو صه ۲۷۱

آهي تہ ان کي شهيق سڏيندا آهن ۽ هتي وڏي آواز ڪرڻ کي زفير ۽ آهستي آواز ڪرڻ کي شهيق سڏيو ويو آهي مطلب تہ انهن جون جهنم ۾ دانهون پيون نڪرنديون "خَالِدِيْنَ فِيهَا مَا دَامَتِ السَّمَاوَاتُ وَالْأَرْضُ" ان ۾ هميشه رهندڙ هوندا جيستائين آسمان ۽ زمين آهن چاڻ گهرجي تہ هتي آسمانن ۽ زمين مان مراد هي دنيا وارا آسمان ۽ زمين ناهن بلڪ آسمانن مان مراد جهنم جي طبقن جون ڇتيون آهن ۽ زمين مان مراد اهو هيٺيون حصو آهي جنهن تي جهنم ۾ داخل ٿيندڙ پيا هوندا (۱) "اِلَّا مَا شَاءَ رَبُّكَ" مگر جيڪي تنهنجو رب گهري . الا. استثناء جو حرف آهي پر هتي ان معنىٰ ۾ آيل ناهي صرف الله جل جلاله جي اختيار ۽ قدرت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ذڪر ڪيو ويو آهي مقصد تہ اهي ايترو وقت جهنم ۾ هوندا جيترو وقت ان جون ڇتيون ۽ ترو هوندو نہ اهي ختم ٿين نہ عذاب ختم ٿئي ۽ ان ڪان سواءِ بہ جيترو تنهنجو رب گهري عذاب ۾ هوندا اهو گهري ٿو تہ ڪافر هميشه جهنم ۾ هجن ان جي ڪري هميشه هوندا اوهان ان جو ڪو بہ اندازو ڪري نہ ٿا سگهو (۲) "فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ" ڪندڙ آهي جيڪو ارادو فرمائي ٿو "فَعَّالٌ" مبالغي جو صيغو آهي مطلب تہ الله جيڪو بہ ارادو فرمائي ٿو ڪري ٿو ان کي ڪير بہ روڪڻ وارو ناهي اهو مختار ۽ مرضيءَ جو مالڪ آهي **فائدا.** هنن آيتن سمجهڻ مان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" "لِمَنْ خَافَ" مان سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ دنيا ۾ سڀ ڪان وڏي نعمت الله جو خوف آهي جو ان سان الله جل جلاله جي نشانين جي سمجهہ ايندي آهي ۽ ان سان ئي انسان سچو ٻانهو ٿيندو آهي نہ تہ الله جو ڪلام ٻڌن تہ ڪيترا ماڻهو ٿا پر عبرت نہ ٿا وٺن "۲" دنيا ۾ ئي بدبخت ۽ نيڪ بخت جون نشانيون واضح آهن بدبخت بري صحبت ڪندو نيڪ بخت صالح ٻانهن جي صحبت ۾ رهي صالح ٿيندو "۳" ڪافر جهنم ۾ گڏ هن وانگر ڦونگارا هڻي هينگون ڪندا مگر مومن جيتوڻيڪ جهنم ۾ ٿوري وقت لاءِ ويندا پر هينگون نہ ڪندا اها ايمان جي برڪت هوندي.

وَاَمَّا الَّذِيْنَ سُعِدُوْا فَفِى الْجَنَّةِ خَالِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ

۽ پر اهي شخص جو نيڪ بخت بڻايا ويا پوءِ بهشت ۾ (هوندا) هميشه رهندڙ . ان ۾ جيستائين جو قائم رهيا

السَّمَاوَاتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا شَاءَ رَبُّكَ عَطَاءً غَيْرَ مَجْذُوْذٍ ﴿۱۰۸﴾

آسمان ۽ زمين مگر جيترو گهريو رب تنهنجي بخشش نہ ختم ڪيل

(۱) نعيمي صہ ۳۰۹ جلد ۱۲ (۲) ضياء القرآن صہ ۳۹۴ جلد ۲

فَلَاتَکُ فِيْ مِرْيَةٍ مِّمَّا يَعْبُدُ هٰٓؤُلَآءِ مَايَعْبُدُوْنَ اِلَّا كَمَا يَعْبُدُ

پوءِ نہ هج شڪ ۾ ان ڪان جو عبادت ڪن ٿا هي نہ ٿا عبادت ڪن مگر جيئن عبادت ڪندا هئا

آبَاؤُهُمْ مِّنْ قَبْلُ ۚ وَاِنَّا لَمُوَفُّوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ غَيْرَمَنْقُوْصٍ ﴿۱۰۹﴾ وَلَقَدْ

ع ۹

پيئر انهن جا اڳ ۾ ۽ بيشڪ اسين البت پورو ڏيندڙ آهيون انهن کي ڀاڱو انهن جو نہ ڪٽل ۽ البت تحقيق

آتَيْنَا مُوْسَى الْكِتَابَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ۗ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ

ڏنو سون موسیٰ کي ڪتاب پوءِ اختلاف ڪيو ويو ان ۾ ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها حڪم جو اڳي ٿيو رب تنهنجي ڪان

رَّبِّکَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۚ وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۱۱۰﴾

تہ البت فيصلو ڪيو وڃي ها انهن ۾ ۽ بيشڪ اهي البت شڪ ۾ آهن ان ڪان شڪ ۾ وجهندڙ.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ محشر جي ميدان ۾ گڏ ٿيندڙن جا ٻہ قسم بيان ڪري انهن مان پهرئين قسم بدبختن جو ذڪر ڪيو ويو هو ۽ هنن آيتن ۾ ٻئي قسم، نيڪ بختن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاَمَّا الَّذِيْنَ سُعِدُوْا فَفِي الْجَنَّةِ خَالِدِيْنَ فِيْهَا مَادَامَتِ السَّمٰوَاتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَاشَآءَ رَبُّكَ" ۽ پر جيڪي نيڪ بخت بنايا ويا جيستائين آسمان ۽ زمين قائم آهن تيستائين هميشه لاءِ جنت ۾ رهيا پيا هوندا مگر جيترو تنهنجي رب گهريو جيستائين آسمان ۽ زمين قائم آهن مان مراد آهي هميشه رهڻ پر اهو هميشه رهڻ جيڪو اسان جي تصور ۾ اچي اهو ٿورو آهي "اِلَّا مَاشَآءَ رَبُّكَ" آڻي ٻڌايو ويو تہ ان آسمانن ۽ زمين جي هميشه رهڻ واري مدت کان وڌيڪ بہ جيترو تنهنجو رب گهري اوترو رهيا پيا هوندا هن ۾ الله جل جلالہ جي مستقل مشيت ۽ اختيار جو ذڪر ڪري ٻڌايو ويو تہ نہ اها خبر آهي تہ اهو ڪيترو وقت گهري نہ انهن جي جنت ۾ رهڻ جي مدت محدود آهي "عَطَآءً غَيْرَ مَجْذُوْذٍ" (اها) بخشيش ڪٽڻ واري ناهي مقصد تہ ان عطا ڪيل جنت واري نعمت

جي انتها نہ آهي اها انهن لاءِ دائمي ابدي هوندي (١) "فَلَا تَكُ فِي مِرْيَةٍ مِّمَّا يَعْبُدُ هٰؤُلَاءِ مَا يَعْبُدُونَ اِلَّا كَمَا يَعْبُدُ اٰبَاؤُهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَاِنَّا لَمُوَفُّوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ غَيْرَ مَنْقُوْصٍ" پوءِ ان جي متعلق جن جي هي عبادت ڪن ٿا شڪ ۾ نہ هج هي ائين ئي عبادت ڪن ٿا جيئن هنن کان اڳي هنن جا پيئر عبادت ڪندا هئا ۽ بلاشڪ اسين انهن کي سندن ڀاڱو پورو پورو ڏيندا سون ڪٽل نہ هوندو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ "فَلَا تَكُ فِي مِرْيَةٍ مِّنْهُ" (پوءِ ان جي متعلق شڪ ۾ نہ هج) ۾ خطاب عام پڙهندڙ سان آهي ڇو تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي متعلق تہ اهو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي تہ پاڻ ڪنهن شڪ ۾ هوندا هن ڪان اڳ ۾ بہ ڪيترن مقامن تي اهڙي وضاحت ڪئي وئي آهي آيت جو مطلب هي آهي تہ: اي مسلمان! جڏهن اسان ٻڌائي ڇڏيو تہ انهن سرڪشن، مغرورن، ۽ بت پرستن جو انجام دنيا ۾ ڪهڙو خراب ٿيو جو انهن جون سموريون طاقتون، بادشاهيون، وڏايون هڪ پلڪ ۾ مٽيءَ ۾ ملي ويون ڪوبہ بت پنهنجي پوڄاريءَ کي بچائي نہ سگهيو ۽ آخرت ۾ جيڪو انهن جو حال ٿيندو اهو بہ ٻڌايو ويو تہ پوءِ دنيا ۾ سندن عارضي ٺٺ، زيب ۽ زينت ڏسي ڪنهن قسم جو بہ شڪ نہ ڪر اهي بتن جي پوڄا ان جي ڪري ڪن ٿا جو سندن وڏا، ابا، ڏاڏا بہ انهن بتن جي پوڄا ڪندا هئا. انهن وٽ بت پرستيءَ جي لاءِ ٻيو ڪوبہ دليل ناهي انهن جي طرفان بتن جي اڳيان دانهون ۽ دعائون نہ ڪنهن جو نقصان ٿيون ڪري سگهن نہ ڪين فائدو ٿيون ڏين "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ" ۽ البت تحقيق اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو پوءِ ان ۾ اختلاف ڪيو ويو مقصد تہ اي مسلمان! جيڪڏهن اوهان جي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام کي مليل ڪتاب قرآن پاڪ کي ڪافر نہ ٿا مڃين تہ فڪر نہ ڪيو غمگين نہ ٿيو اسان موسيٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي بہ ڪتاب (توراة) ڏنو هو پوءِ ان ۾ اختلاف ڪيو ويو هو ڪن مڃيو تہ ڪي انڪار ڪري ويهي رهيا هئا "وَلَوْ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ" ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب جي طرفان اڳ ۾ حڪم نہ هجي ها تہ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها ۽ بلاشڪ اهي ان کان شڪ ۾ آهن جيڪو شڪ پيدا ڪندڙ بہ آهي مطلب تہ اسان جي طرفان حڪمت تي مبني اهو حڪم جيڪڏهن اڳ ۾ نہ ٿي چڪو هجي ها تہ ڪافرن کي قيامت جي ڏينهن سزا ڏني ويندي تہ انهن جون زيادتيون اهڙيون آهن جو هينئر ئي ڪين سزا ڏئي فيصلو ڪري ڇڏجي ها ۽

(١) ايسر التفاسير صہ ٣٧١ جلد٢

اهي قرآن پاڪ يا نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي باري ۾ پاڻ تہ شڪ ۾ آهن پر
اهو سندن شڪ ہين ڪي بہ شڪ ۾ وجهندڙ آهي.

وَاِنَّ كُلًّا لَّمَّا لَيُوَفِّيَنَّهُمْ رَبُّكَ اَعْمَالَهُمْ

۽ بيشڪ سڀئي جيڪي بہ آهن البت ضرور پورو بدلو ڏيندو انهن کي رب تنهنجو عملن انهن جي جو

اِنَّهٗ بِمَا يَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۱۱۱﴾ فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ وَمَنْ تَابَ مَعَكَ

بيشڪ اهو ان جي جيڪو ڪن ٿا خبر رکندڙ آهي پوءِ استقامت ڪر جيئن امر ڪيو وئين تون ۽ جنهن توبه ڪئي گڏ توسان

وَلَا تَطْغَوْا ۭ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۱۱۲﴾ وَلَا تَرْكَنُوْٓا اِلَى الَّذِيْنَ

۽ نہ حد کان لنگهو بيشڪ اهو الله ان کي جو ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي ۽ نہ لاڙو ڪيو انهن ڏانهن جو

ظَلَمُوْا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ ۙ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَاۗءَ ثُمَّ

ظلم ڪيائون پوءِ لڳي اوهان کي باهہ ۽ ناهن اوهان لاءِ سواءِ الله جي ڪي مددگار تنهن کان پوءِ

لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۱۱۳﴾ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَزُلَفًا مِّنَ الَّيْلِ ۭ

نہ مدد ڪيا ويندو ۽ قائم ڪر نماز ٻن پاسن ڏينهن جي ۾ ۽ ڪجهہ حصي ۾ رات مان

اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّـيِّاٰتِ ۭ ذٰلِكَ ذِكْرٰى لِلذّٰكِرِيْنَ ﴿۱۱۴﴾

بيشڪ نيڪيون مٽائين ٿيون برائين کي اها نصيحت آهي نصيحت وٺندڙن لاءِ

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ جنت جي وعدن ۽ جهنم جي وعيدن
جي متعلق ڳهي گفتگو ڪندي هاڻي ہدايو ٿو وڃي تہ اسين سيني کي سندن اعمال
جو پورو پورو بدلو ڏيندا سون اوهان تسلي ۽ استقامت سان دين جي دعوت جاري رکو

اوهان کي بہ ان محنت جو سهڻو بدلو ڏنو ويندو فرمان عالي شان آهي "وَاِنَّ كُلًّا لَّمَّا لَيُوَفِّيَنَّهُمْ رَبُّكَ اَعْمَالَهُمْ اِنَّهٗ بِمَا يَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ" ۽ بيشڪ سڀني، مڙني کي تنهنجو رب سندن عملن جو بدلو پورو پورو ڏيندو بلاشڪ اهو جيڪي بہ (هي ٻانها) عمل ڪن ٿا انهن جي خبر رکندڙ آهي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ "لما" ۾ لام قسم جو آهي "لَيُوَفِّيَنَّهُمْ" ۾ لام تاڪيد جو آهي (۱) مطلب تہ! سڀئي بدبخت توڙي نيڪ بخت تنهنجي رب جو قسم آهي تہ پنهنجن ڪيلن عملن جو پورو پورو بدلو ڏنا ويندا اهي جيڪو بہ عمل ڪن ٿا الله جل جلالہ ان کان چڱيءَ طرح باخبر آهي "فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ وَمَنْ تَابَ مَعَكَ" پوءِ جيئن امر ڪيو ويو آهين تيئن تون بہ مضبوط ۽ محڪم رهہ ۽ جنهن توسان گڏ توبہ ڪئي آهي (اهو بہ مضبوط ۽ محڪم رهي) هتي "فَاسْتَقِمْ" ۾ خطاب حضور نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن سان آهي هن حصي جي مفهوم بيان ڪندي مفسر ابو حيان عليہ الرحمه لکيو آهي تہ: هن آيت ۾ استقامت تي هوندي استقامت جي امر ڪرڻ مان مراد استقامت تي دائم ۽ ثابت رهڻ آهي ۽ ان ۾ خطاب حضور پر نور عليہ الصلواة والسلام ۽ ساڻن گڏ رهندڙ اصحابن رضي الله عنهم سان آهي جن ڪفر کان توبہ ڪري ايمان آڻي حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي صحبت فيض برڪت حاصل ڪئي هئي ۽ "اُمِرْتَ" ۾ خطاب علىٰ وجه التعظيم آهي ۽ "وَمَنْ تَابَ مَعَكَ" "اِسْتَقِمْ" ۾ لڪل ضمير تي عطف آهي "وَلَا تَطْغَوْا اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ" ۽ حد کان نہ لنگهو بلاشڪ اهو (الله) اوهان جيڪي عمل ڪيو ٿا (انهن کي) چڱيءَ طرح ڏسندڙ آهي مطلب تہ ڪنهن بہ قسم جي سرڪشي، شرعي حدود کان تجاوز، افراط ۽ تفريط نہ ڪيو جيڪي اوهان عمل ڪيو ٿا انهن کي پنهنجي قدرتي ۽ ڪمال واري نظر سان ڏسندڙ آهي "وَلَا تَرْكَنُوْٓا اِلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ" ۽ جن ظلم ڪيو آهي انهن ڏانهن لاڙو بہ نہ ڪيو پوءِ اوهان کي جهنم جي باہ لڳي ويندي مطلب تہ ظلم ڪرڻ کان تہ پاسو ڪيو پر ظالمن کان بہ پري رهو انهن ڏانهن ظاهري، باطني ڪنهن بہ قسم جو لاڙو نہ ڪيو نہ انهن جي ڪنهن ظلم کان دل ۾ راضي رهو يا خوش ٿيو. ائين ڪرڻ سان جيڪا جهنم جي باهہ انهن کي لڳندي اها اوهان کي بہ لڳي ويندي.

ظالم کان پري رهڻ لاءِ ارشاد

حضرت اوس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ ان سيدنا رسول الله ﷺ جن کان

(۱) النهرالماد صہ۲۶۸جلد۵

ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ: "مَنْ مَشٰي مَعَ ظَالِمٍ لِيُقَوِّيَهٗ وَهُوَ يَعْلَمُ اَنَّهٗ ظَالِمٌ فَقَدْ خَرَجَ مِنَ الْاِسْلَامِ" يعني جيڪو شخص ڄاڻڻ جي باوجود تہ هي شخص ظالم آهي ان سان گڏجي ٿو هلي تانت ان کي قوت وارو بنائي تہ پوءِ يقينًا اهو (گڏ وڃڻ وارو) اسلام کان نڪري ويو. حضرت اوزاعي بزرگ عليه الرحمۃ فرمايو آهي تہ: "مَامِنْ شَيْءٍ اَبْغَضَ اِلَی اللّٰهِ مِنْ عَالِمٍ يزور عَامِلًا" الله وٽ ان عالم کان وڌيڪ ناپسنديده ڪا بہ شيءِ ناهي جيڪو ظالم کي ملڻ ٿو وڃي. هڪ روايت ۾ آهي تہ: هڪڙو شخص جماعت سان نماز پڙهي رهيو هو جڏهن امام هيءَ آيت "وَلَا تَرْكَنُوْٓا اِلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا" پڙهي تہ بيهوش ٿي ڪري پيو جڏهن هوش ۾ آيو تہ پڇڻ تي ٻڌايائين تہ جڏهن ظالم ڏانهن لاڙو ڪندڙ کي باهہ ونندي تہ خود ظالم جو ڇا حال ٿيندو؟ (۱)

بد مذهبن کان پري رهجي

ڄاڻڻ گهرجي تہ جيئن ٻين ظالمن ڏانهن لاڙو ڪرڻ وارا جهنم جي باهہ ۾ سڙندا تيئن الله جل جلالہ، ان جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام اصحابن، امامن، اوليائن ۽ علماءِ ربانيين جي دشمنن گلا خورن، بي ادبن، تنقيص ۽ توهين ڪندڙن ڏانهن لاڙو ڪندڙن ۽ دوستي رکندڙن کي بہ جهنم جو ٻارڻ بنايو ويندو تنهنجي ڪري خالص اهل السنت والجماعت حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي محبت وارن، عاشقن ۽ صالحن کان سواءِ ٻين سان صحبت ڪرڻ ۽ محبت رکڻ کان بچڻ فرض عين آهي "وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَآءَ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ" ۽ اوهان لاءِ الله کان سواءِ ڪي مددگار ناهن ان کانپوءِ نہ مدد ڪيا ويندؤ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هتي جيڪو فرمان پاڪ آهي تہ اوهان لاءِ الله کانسواءِ مددگار ناهن ان جو مطلب آهي تہ الله جي مقابلي ۾ يا ان جي اذن کانسواءِ ڪي مددگار ناهن پر جن کي الله تعالىٰ اذن ڏنو آهي نوازيو آهي اهي سندس ئي ڪرم سان سندس ٻانهن جا مددگار آهن ۽ "اوهان مدد نہ ڪيا ويندؤ" جو مطلب تہ قيامت ۾ ائين نہ هوندو جو هتي بہ ڪفر ۽ بي فرمانيون ڪيو ۽ اتي بہ مدد ڪيا وڃو اوهان کي اتي نہ الله جل جلالہ جا صالح ٻانها شفاعت ڪرڻ لاءِ ملندا نہ اوهان جي مدد ڪئي ويندي. ڪفر ۽ شرڪ اهڙيون خباثتون آهن جيڪي جنهن ۾ بہ هونديون اهو قيامت جي ڏينهن بي يارو مددگار هوندو. "وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَزُلَفًا مِّنَ الَّيْلِ اِنَّ

(۱) مظهري صـ ۶۱ جلد ۵

اَلْحَسَنَاتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ ذٰالِكَ ذِكْرٰى لِلذّٰاكِرِيْنَ" ۽ ڏينهن جي ٻن پاسن ۾ ۽ رات جو ڪجهہ حصي ۾ نماز قائم ڪر بلاشڪ نيڪيون براين کي ميٽي ڇڏينديون آهن اها نصيحت وٺندڙن لاءِ نصيحت آهي مقصد تہ اي مسلمانو! جڏهن الله جل شانه جي امر ادا ڪرڻ تي استقامت ڪرڻ اصل الاصول آهي ۽ اها اوهان تي لازم آهي ڄان جا اسباب ۽ ذرائع بہ اوهان تي لازم ۽ ضروري آهن جن ۾ پهريون ۽ نهايت اهم ذريعو نماز آهي ۽ اها ڏينهن جي ٻن طرفن صبح ۽ شام ۾ قائم رکو ۽ رات جي ڪجهہ حصي ۾ بہ نماز قائم ڪندا ڪيو ياد رکڻ گهرجي تہ ڏينهن جي ٻن طرفن ۾نماز قائم ڪرڻ ۾ ۳ وقت فجر، ظهر ۽ عصر اچي ويا ۽ رات واري حصي ۾ مغرب،عشاء جو فرض ۽ وتر اچي ويا (۱) اِنَّ الْحَسَنَاتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ" بلاشڪ نيڪيون براين کي مٽائي ٿيون ڇڏين مطلب تہ ايمان ۽ عبادات نمازن،وغيره تي استقامت ڪرڻ اهڙيون نيڪيون آهن جيڪي حقوق العباد کان سواءِ برايون مٽائي ڇڏين ٿيون ۽ اها انهن ٻانهن لاءِ نصيحت آهي جن کي نصيحت حاصل ڪرڻ جي خواهش هوندي آهي استقامت جو قدر ۽ نمازن جي لذت ۽ مزو بہ اهي ماڻيندا آهن.

نيڪيون براين کي ميٽينديون آهن

خيال ۾ رکڻ کپي تہ هن آيت ۾ جيڪو ارشاد ٿيو تہ نيڪيون برايون ميٽينديون آهن نيڪين مان مراد نماز، روزا، زڪواة، صدقات، سهڻا اخلاق، معاملات ۾ سهڻو رويو رکڻ وغيره سڀ داخل آهن ۽ براين مان مراد ننڍا گناهہ آهن وڏا گناهہ سچي توبه ڪانسواءِ معاف نہ ٿيندا ۽ ٻانهن جا حقوق بہ انهن ٻانهن جي معاف ڪرڻ سان معاف ٿيندا. (۲)

نبوي ارشادات تہ نيڪين سان صغيرا گناه معاف ٿين ٿا

"۱" حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرماياٿون تہ: اِذَا اَمَّنَ الْاِمَامُ فَاَمِّنُوْا فَاِنَّ الْمَلَائِكَةَ تُؤَمِّنُ فَمَنْ وَافَقَ تَاْمِيْنُهٗ تَاْمِيْنَ الْمَلَائِكَةِ غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ" جڏهن امام آمين چوي تہ پوءِ اوهان بہ آمين چئو پوءِ جنهن جي آمين چوڻ ملائڪن جي آمين چوڻ سان موافق ٿي تہ ان جا اڳيان گناهہ بخشيا ويندا "۲" ابو داؤد سنن ۾ اسناد حسن سان سهل بن معاذ بن انس کان ان پنهنجي پيءُ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو جنهن

---

(۱) نعيمي صہ۳۲۶. ۳۲۷جلد۱۲ (۲) معارف القرآن صہ۶۷۷جلد۴

شخص طعام کائي ان کان پوءِ هيءَ دعا پڙهي اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِيْ اَطْعَمَنِيْ هٰذَا الطَّعَامَ وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِنِّيْ وَلَاقُوَّةٍ" (سب ساراه ثابت آهي ان الله جي لاءِ جنهن مون کي هي طعام کارايو ۽ منهنجي طرفان کنهن طاقت ۽ قوة کان سواءِ مون کي اهو رزق ڏنو ته ان جا اڳيان گناه بخشيا ويندا ۽ جنهن ڪپڙو ڍڪي ۽ هيءَ دعا پڙهي "اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ هٰذَا" سڀ ساراه ثابت آهي ان الله جي لاءِ جنهن مون کي هيءَ ڪپڙو ڍڪايو اڳتي مٿين دعا وارا ساڳيا الفاظ آهن ته ان جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا. (١)

وَاصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَايُضِيْعُ اَجْرَالْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۱۵﴾ فَلَوْلَا كَانَ مِنَ

۽ صبر ڪر پوءِ بيشڪ الله نه ٿو ضايع ڪري اجر نيڪو ڪارن جو پوءِ ڇو نه هئا

الْقُرُوْنِ مِنْ قَبْلِكُمْ اُولُوْا بَقِيَّةٍ يَّنْهَوْنَ عَنِ الْفَسَادِ

زمانن ۾ اڳي اوهان کان صاحب سمجهه جا جو روڪين ها فساد کان

فِى الْاَرْضِ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّنْ اَنْجَيْنَا مِنْهُمْ ۚ وَاتَّبَعَ الَّذِيْنَ

زمين ۾ مگر ٿورا انهن مان جو ڇڏايا سون انهن مان ۽ تابع ٿيا اهي جن

ظَلَمُوْا مَآ اُتْرِفُوْا فِيْهِ وَكَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿۱۱۶﴾ وَمَا

ظلم ڪيائون ان ڪي جو آسودا ڪيا ويا ان ۾ ۽ هئا مجرم

كَانَ رَبُّكَ لِيُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا مُصْلِحُوْنَ ﴿۱۱۷﴾

۽ ناهي رب تنهنجو تانت هلاڪ ڪري ڳوٺن ڪي ۽ اهل انهن جو سڌريل آهن.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ استقامت علي الدين جو حڪم ڏنو ويو هو جنهن لاءِ ٻه شيون لازم هيون "١" نماز "٢" صبر. نماز جو اڳ ۾ بيان ٿي چڪو ۽ هاڻي هتي

(١) روح المعاني صـ١٥٧ جزء ١٢ جلد۴

صبر جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاصۡبِرۡ فَاِنَّ اللّٰهَ لَایُضِیۡعُ اَجۡرَ الۡمُحۡسِنِیۡنَ" ۽ صبر ڪر پوءِ بيشڪ الله نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نہ ڪندو آهي مقصد تہ دنياوي تڪليفن ۽ ديني خدمات جي ڪري پيش ايندڙ مصيبتن تي صبر ڪر بلاشڪ الله نيڪو ڪارن جو ثواب ۽ اجر ضايع نہ ڪندو انهن کي ذره ذره جو درجو عطا فرمائيندو "فَلَوۡ لَا کَانَ مِنَ الۡقُرُوۡنِ مِنۡ قَبۡلِکُمۡ اُولُوۡا بَقِیَّۃٍ یَّنۡہَوۡنَ عَنِ الۡفَسَادِ فِی الۡاَرۡضِ اِلَّا قَلِیۡلًا مِّمَّنۡ اَنۡجَیۡنَا مِنۡہُمۡ ۚ وَاتَّبَعَ الَّذِیۡنَ ظَلَمُوۡا مَاۤ اُتۡرِفُوۡا فِیۡہِ وَکَانُوۡا مُجۡرِمِیۡنَ" پوءِ اوهان کان اڳي زمانن ۾ سمجھ جا صاحب ڇو نہ هئا جيڪي زمين ۾ فساد کان روڪين مگر ٿورا جيڪي انهن مان ڇڏائي بچايا هيا سون ۽ جن ظلم ڪيو سي ان جا تابع ٿيا جنهن ۾ نعمت ڪيا ويا ۽ هئا گنهگار. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ رب العزة جل شانه اڳين امتن جا احوال بيان ڪري هن امت کي سڌرڻ جا ارشاد ڪندو آهي هتي بہ هن امت کي سمجهايو ويو آهي تہ: انهن ۾ نيڪيءَ جو امر ڪندڙ ۽ بڇڙاين کان روڪيندڙ گهٽا هجڻ ڪپن گذريل قومون ان جي ڪري تباهہ ٿيون جو انهن مان گهٽا ظالم بنجي عيش ۽ عشرت وارن جي طريقي تي هلي گناهن جي نشي ۾ مست هوندا هئا مگر تمام ٿورا ماڻهو چڱائي چوڻ وارا هيا جن کي اسان عذاب کان ڇڏايو هو پر انهن جي ڪنهن بڌي ڪانہ ٿي نتيجو اهو ٿيو جو اهي ٿورا الاهي عذاب کان بچيا باقي سڀ هلاڪ ٿي ويا "وَمَا کَانَ رَبُّکَ لِیُہۡلِکَ الۡقُرٰی بِظُلۡمٍ وَّاَہۡلُہَا مُصۡلِحُوۡنَ" ۽ تنهنجي رب جو (اهو شان ناهي) جو ڳوٺن کي تباهہ ڪري حالانڪ انهن ۾ رهاڪو ماڻهو سڌريل هجن يعني جنهن ڳوٺ جا رهاڪو پنهنجي حالت درست ڪرڻ ڏانهن متوجهہ ٿي نيڪيءَ جي تائيد ڪري نيڪي مروج ڪندا ۽ برائيءَ کان روڪيندا تہ خداوند قدوس جو شان نہ آهي تہ خواه مخواه انهن کي هلاڪ ۽ برباد ڪري عذاب ان وقت ايندو آهي جڏهن ماڻهو ڪفر، شرڪ، ظلم ۽ سرڪشيءَ ۾ مست ٿي حقيقي خالق ۽ مالڪ کان صفا غافل ٿي ويندا آهن.

وَلَوۡ شَآءَ رَبُّکَ لَجَعَلَ النَّاسَ اُمَّۃً وَّاحِدَۃً وَّلَا یَزَالُوۡنَ

۽ جيڪڏهن گهري ها رب تنهنجو تہ البت ڪري ها ماڻهن کي امت هڪ ۽ هميشه هوندا

مُخۡتَلِفِیۡنَ ﴿۱۱۸﴾ اِلَّا مَنۡ رَّحِمَ رَبُّکَ ؕ وَلِذٰلِکَ خَلَقَہُمۡ ؕ وَتَمَّتۡ کَلِمَۃُ

اختلاف ڪندڙ مگر جنهن تي رحم ڪري رب تنهنجو ۽ ان جي لاءِ پيدا ڪيائين انهن کي ۽ پورو ٿيو فرمان

رَبِّکَ لَاَمۡلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الۡجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۱۱۹﴾ وَكُلًّا نَّقُصُّ

رب تنهنجي جو تہ البت ضرور پريندس جهنم کي جنن ۽ ماڻهن مان گڏي ۽ سڀ ٿا بيان

عَلَيۡکَ مِنۡ اَنۡبَآءِ الرُّسُلِ مَانُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَکَ ۚ وَجَآءَکَ فِيۡ هٰذِهِ

ڪيون اسين توتي خبرن رسولن جي مان اهو جو ثابت ٿا رکون ان سان دل تنهنجي ۽ آيو تو وٽ هن ۾

الۡحَقُّ وَ مَوۡعِظَةٌ وَّ ذِكۡرٰى لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۲۰﴾

حق ۽ نصيحت ۽ ياد ڪرڻ جهڙي ڳالهہ مومنن جي.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ مختلف نظريات، مختلف دينن ۽ انهن تي هلندڙ قومن تي اچڻ وارن عذابن جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ اسان جي مشيت ۽ گهر سان ٿيو هو جيڪڏهن اسين سيني کي هڪ امت بنايون ها تہ بہ اسان جي اڳيان بالڪل آسان هو پر پنهنجي حڪمت جي تحت ائين نہ ڪيو سون فرمان ايزدي آهي "وَلَوۡ شَآءَ رَبُّکَ لَجَعَلَ النَّاسَ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلَا يَزَالُوۡنَ مُخۡتَلِفِيۡنَ اِلَّا مَنۡ رَّحِمَ رَبُّکَ" ۽ جيڪڏهن تنهنجو رب گهري ها تہ سيني ماڻهن کي هڪ امت ڪري ڇڏي ها ۽ هميشہ اختلاف ڪندڙ هوندا مگر جنهن تي تنهنجو رب رحم ڪري يعني جيئن هن کان پهريان ڪيترا ڀيرا بيان ٿي آيو آهي تہ الله جل شانہ جي تڪويني حڪمت ائين نہ گهريو تہ ساري دنيا جا ماڻهو هڪ ئي رستي تي هلن ان جي ڪري حق قبول ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ ۾ هميشہ اختلاف رهيو آهي ۽ رهندو. مگر حقيقت ۾ واقعي طور اختلاف پيدا ڪندڙ اهي ماڻهو آهن جن صاف ۽ صريح فطرت جي مخالفت ڪندي حق ۽ سچ کي ٺڪرايو جيڪڏهن فطرت سليمہ جي موافق سڀ ماڻهو هلن ها تہ اختلاف نہ ٿئي ها ان جي ڪري "اِلَّا مَنۡ رَّحِمَ رَبُّکَ" سان متنبہ ڪيو ويو آهي تہ جنهن تي الله ان جي حق پرستيءَ جي بدولت رحم ڪيو آهي اختلاف ڪندڙن کان مستثنيٰ

آهن "وَلِذٰلِكَ خَلَقَهُمْ وَتَمَّتْ كَلِمَةُ رَبِّكَ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ" ۽ ان لاءِ انهن کي پيدا ڪيائين ۽ تنهنجي رب جو فرمان پورو ٿيو تہ مان جهنم کي جنن ۽ ماڻهن مان گڏي ضرور پريندس مطلب تہ دنياوارن جي پيدا ڪرڻ مان غرض هي آهي تہ الله تعالىٰ جي هر قسم جي صفات جماليه ۽ قهريه جو ظهور ٿئي ان جي ڪري انهن صفتن جي مظاهر جو مختلف هجڻ ضروري آهي تانت هڪ جماعت پنهنجي مالڪ سان وفاداري ۽ اطاعت ڏيکاري رحمت، ڪرم، رضوان ۽ مغفرت جو مظهر بنجي "اِلَّا مَنْ رَّحِمَ رَبُّكَ" جو مصداق ٿئي ۽ ٻي جماعت پنهنجي غداري ۽ بغاوت سان ان جي عدل ۽ انتقام واري صفت جو مظهر ٿي دائمي باهہ جو سزا وار بنجي جنهن تي الله تعالىٰ جو اهو فرمان "لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ" سچو اچي بهرحال جهان کي پيدا ڪرڻ جو تشريعي مقصد عبادت آهي ۽ تڪويني غرض هي آهي تہ تشريعي مقصد کي پنهنجي ارادي، اختيار ۽ ڪمائيءَ سان پورو ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ وارا ٻہ ٽولا اهڙا موجود هجن جو الله تعالىٰ جي جلاليه ۽ جماليه صفات جا مظهر بنجي سگهن ۽ سندس جماليہ صفات جا مظهر بہ پنهنجي استعداد ۽ عملي مدارج جي لحاظ سان مختلف هوندا "وَكُلًّا نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ وَجَآءَكَ فِيْ هٰذِهِ الْحَقُّ وَمَوْعِظَةٌ وَّذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ اسين توتي رسولن جي خبرن مان اهي سڀ بيان ٿا ڪيون جن سان تنهنجي دل کي ثابت رکون ۽ توکي هن ۾ حق ۽ نصيحت ۽ مومنن لاءِ ياد رکڻ جهڙي ڳالهہ آئي آهي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جن ڏينهن ۾ هيءَ سورة نازل ٿي هئي اهي اسلام ۽ ان جي بانيءَ جي لاءِ نهايت صبر آزما ۽ ڏکيا هئا الله تعالىٰ انهن ڏينهن ۾ پنهنجي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام کي گذريلن نبين جا قصا ٻڌائي تسلي ڏيندي ارشاد فرمايو تہ: اهو سڀ ڪجهہ ان جي ڪري ٿا بيان ڪيون تانت اوهان جي دل مضبوط ۽ مستحڪم رهي ۽ اوهان وٽ هن سورة هود سڳوريءَ ۾ سچيون ڳالهيون، عظيم الشان نصيحتون ۽ مومنن لاءِ ياد ڪرڻ جهڙا واقعا بيان ٿيا آهن "كُلًّا" لفظ کي مفعول به مقدم ڪري آڻڻ سان ثابت ڪيو ويو آهي تہ الله جل جلالہ پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي اڳين سيني نبين عليهم الصلواة والسلام جا قصا ۽ احوال ٻڌايا آهن جيڪي ڪجهہ قرآن ۽ حديث جي ذريعي بيان ٿيا آهن جنهن کي وحي جلي سڏيو ويندو آهي تہ ڪجهہ وحي خفي جي ذريعي. (۱)

(۱) نعيمي صہ۳۴۳ جلد۱۲

وَقُل لِّلَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ اعْمَلُوا عَلَىٰ مَكَانَتِكُمْ إِنَّا عَامِلُونَ ﴿١٢١﴾

۽ فرماءِ واسطي انهن جي جيڪي نہ ٿا ايمان آڻين تہ عمل ڪندا ڪيو پنهنجيءَ جاءِ تي بيشڪ اسين عمل ڪندڙ آهيون

وَانتَظِرُوا إِنَّا مُنتَظِرُونَ ﴿١٢٢﴾ وَلِلَّهِ غَيْبُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَإِلَيْهِ

۽ انتظار ڪيو بيشڪ اسين انتظار ڪندڙ آهيون ۽ واسطي الله جي آهن لڪل (ڳالهيون) آسمانن ۽ زمين جون ۽ ان ڏانهن

يُرْجَعُ الْأَمْرُ كُلُّهُ فَاعْبُدْهُ وَتَوَكَّلْ عَلَيْهِ

موٽايو ٿو وڃي امر سڀ جو سڀ پوءِ عبادت ڪر ان جي ۽ توڪل ڪر ان تي

وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُونَ ﴿١٢٣﴾

۽ ناهي رب تنهنجو غافل ان ڪان جو ڪيو ٿا.


تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيات ۾ اڳين نبين علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جي واقعات بيان ڪرڻ سان حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي دل مبارڪ کي مضبوط ۽ محڪم ڪيو ويو ۽ هنن آيتن ۾ ڪين ارشاد ٿي رهيو آهي تہ: اوهان ان مضبوط دل ۽ زبان سان ڪافرن کي فيصلہ ڪن خطاب ڪري فرمايو تہ: جيڪي ڪرڻو اٿو ڪيو فرمان ايزدي آهي "وَقُل لِّلَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ اعْمَلُوا عَلَىٰ مَكَانَتِكُمْ إِنَّا عَامِلُونَ وَانتَظِرُوا إِنَّا مُنتَظِرُونَ"

۽ جيڪي ايمان نہ ٿا آڻين انهن کي چئو تہ عمل ڪندا رهو اسين بہ عمل ڪندڙ آهيون ۽ انتظار ڪيو اسين بہ انتظار ڪندڙ آهيون يعني اي حبيب پاڪ! (عليه الصلواة والسلام) اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جا واقعا، قصا ۽ سندن قومن جي حالات ٻڌي بہ جيڪڏهن ماڻهو ايمان نہ ٿا آڻين تہ: اوهان انهن کي چئي ڇڏيو تہ: اي ڪافرو! اوهان پنهنجي جاءِ تي جو ڪجهہ ڪرڻو اٿو ڪيو اسين بہ ڪيون پيا اوهان بہ شيطان

جي وعدي جو انتظار ڪيو اسين به الله جل شانه جي وعدن جو انتظار ڪري رهيا آهيون ڪجهه ڏينهن ۾ خبر پئجي ويندي ته سچو ڪير ۽ ڪوڙو ڪير آهي حق تي ڪير آهي ۽ غلط ڪير آهي "وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَإِلَيْهِ يُرْجَعُ الْأَمْرُ كُلُّهُ فَاعْبُدْهُ وَتَوَكَّلْ عَلَيْهِ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُونَ" ۽ الله جي لاءِ آهي لڪل ڳالهه آسمانن ۽ زمين جي ۽ ان ڏانهن ئي سڀ جو سڀ امر موٽايو ويندو پوءِ ان جي عبادت ڪر ۽ ان تي توڪل ڪر ۽ جيڪي اوهان ڪيو پيا ان ڪان تنهنجو رب غافل ناهي مطلب ته اي حبيب پاڪ! (عليه الصلواة والسلام) اوهان ڪافرن جي ان ڪفر ۽ شرارتن ڪان دلگير نه ٿيو پنهنجو ڪم ڪندا رهو ۽ انهن جو فيصلو خدا جي حوالي ڪري ڇڏيو ان الله جل جلاله ڪان آسمانن ۽ زمين جي ڪابه ڳالهه لڪل نه آهي سڀئي معاملا ڦري گري ان ڏانهن موٽي اچن ٿا اتي انهن ڪافرن کي پتو پوندو ته ڪيئن گمراهه هيا ۽ اوهان دل ۽ جان سان پنهنجي پروردگار جي عبادت ڪندا رهو ۽ هر ڪم ۾ ان تي ئي توڪل ڪيو اهو اوهان جي مخلصانه عملن ڪان بي خبر ناهي اوهان کي انهن پلن عملن، محنتن ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ جو بدلو به سهڻو ڏيندو ۽ دنيا جوڪو به تيز ۽ تکو طرفان اوهان جي ٻاريل شمع هدايت کي نه وسائي سگهندو.

الحمد لله ثم الحمدلله جو تفسير احسن البيان جو چوٿون جلد اڄ بمورخه ۱۴ ذوالحجه ۱۴۱۹هه موافق ۲. ۴. ۱۹۹۹عيسوي جمعة المبارڪه جي رات جو بوقت ۱۲ لڳي ۲۷ منٽن تي لکي پورو ڪيم. ان ئي ڪريم جي ڪرم واريءِ بارگاه ۾ التجا آهي ته باقي رهيل تفسير به جلدي لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪرڻ فرمائي آمين يا رب العالمين بحرمت سيدالمرسلين عليه وعلىٰ آله واصحابه الصلواة والسلام الى يوم الدين.





ساٿي ۽ سونهان


ڇاپيل	مصنف	ڪتاب جو نالو
	باري تعالىٰ جو ڪلام	١- قرآن ڪريم
دارالفڪر بيروت	علامه جلال الدين سيوطي عليه الرحمة	٢- تفسير الدر المنثور
شرڪه مڪتبه و مطبة مصطفى البابي واولاده بمصر	احمد بن محمد الصاوي المالڪي عليه الرحمة	٣- الصاوي على الجلالين
دارالڪتب العلمية - سهران	علامه فخر الدين رازي عليه الرحمة	٤- الڪبير
الشرڪة العلمية بيرون بوهڙ گيٽ، ملتان	محمد نعيم ديوبندي	٥- ڪمالين شرح اردو جلالين
نعيمي ڪتب خانه گجرات	مفتي احمد يار خان نعيمي عليه الرحمة	٦- نعيمي
دارالباز، عباس احمد الباز مڪه مڪرمه	محمد بن احمد انصاري القرطبي عليه الرحمة	٧- الجامع لاحڪام القرآن
دارالباز عباس احمد الباز بمڪة الڪرمة	محمود بن عمر زمخشري	٨- الڪشاف
اشاعة العلوم، حيدرآباد دڪن انڊيا	ثناء الله پاني پتي عليه الرحمة	٩- المظهري
احياء التراث العربي، بيروت	محسن بن علي شوڪاني	١٠- فتح القدير
مولوي محمد عظيم، تاجر ڪتب شڪارپور	محمد عثمان نورنگ زاده	١١- تنوير الايمان
دارالفڪر بيروت	شهاب الدين آلوسي بغدادي عليه الرحمة	١٢- روح المعاني
= = = =	عبدالله بن عمر شيرازي عليه الرحمة	١٣- البيضاوي
مڪتبة تجارية، مصر	علامه اسماعيل بن ڪثير دمشقي	١٤- ابن ڪثير
دارالمعرفة لبنان	محمد رشيد رضا	١٥- المنار
دارالمعرفة بيروت لبنان	ابو جعفر محمد بن جرير الطبري	١٦- ابن جرير
مڪتبه تجاريه مصر	سليمان بن عمر العجيلي	١٧- الجمل على الجلالين

۱۸- روح البيان	محمد اسماعيل حقي عليه الرحمة	دارالفكر بيروت
۱۹- بحر العلوم	فقيابوالليث سمرقندي عليه الرحمة	دارالكتب العلمية ، بيروت
۲۰- في ظلال القرآن	قطب شهيد	دارالشروف بيروت قاهره
۲۱- التبيان في اعراب القرآن	عبدالله بن حسين عكبري	دارالجيل
۲۲- تنوير الاذهان	محمد علي صابوني	دارالقلم ، دمشق، سوريا
۲۳- حاشية القرآن	شبير احمد عثماني	سعوديه عربيه
۲۴- احسن البيان	محمد ادريس ڈاهري	ادارة خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان نواب شاه
۲۵- تفسير ماجدي	عبدالماجد دريابادي	تاج كمپني، كراچي
۲٦- بيان القرآن مع معارف القرآن	اشرف علي ثانوي	ادارة المعارف كراچي- ۱۴
۲۷- القاسمي	جمال الدين القاسمي	دارالفكر بيروت
۲۸- تنوير المقياس		
۲۹- تاج التفاسير	السيد عثمان بن ابوبكر الميرغني	دارالمعرفة، بيروت
۳۰- موضح القرآن	سيد عبدالقادر دهلوي	تاج كمپني لميٹڈ كراچي
۳۱- اسباب النزول	شيخ ابوالحسن علي بن احمد الواحدي	دارالمعرفة، بيروت لبنان
۳۲- النهر الماد	ابو حيان اندلسي	دارالفكر بيروت
۳۳- الاكليل	جلال الدين سيوطي عليه الرحمة	دارالكتب العلمية بيروت، لبنان
۳۴- اضواء البيان	محمد امين شنقيطي	عالم الكتب = = =
۳۵- البيان لترجمة القرآن	علامه سعيد احمد كاظمي	كاظمي پبليكيشنز، ملتان
۳٦- تفسير القرآن بكلام الرحمان	ثناء الله امرتسري	المطبوع في امرتسر، انديا
۳۷- تفسير حسيني	حسين كاشف الواعظ	مطبع نورالكشور، انديا
۳۸- حاشيه اردو بترجمه محمد جوناگڑهي	ڈاكٹر صلاح الدين يوسف	سعوديه عربيه
۳۹- المدارك	ابوالبركات عبدالله نسفي	المكتبة التجارية المكة المكرمة
۴۰- تفسير و بيان كلمات القرآن	الشيخ حسنين محمد مخلوف	دارالمنار الاسلامية- بيروت
۴۱- خزائن العرفان سنڌي	علامه نعيم الدين مراد آبادي سنڌيكار مفتي محمد رحيم سكندري	ضياء القرآن پبليكيشنز لاهور

۴۲- صحیح بخاري	محمد بن اسماعیل بخاري	نور محمد اصح المطابع کراچي
۴۳- ترمذي	محمد بن عیسیٰ بن سورة ترمذي	سعید. ایچ ایم کمپني ادب منزل پاکستان چوک کراچي
		= = =
۴۴- مشکواة المصابیح	ولي الدین الخطیب	= = =
۴۵- مواهب لدنیه	احمد بن محمد القسطلاني	المکتب الاسلامي بیروت
۴۶- مدارج النبوة	شیخ عبد الحق محدث دهلوي	مدینه پبلشنگ کمپني کراچي
۴۷- تبیان شرح میزان الصرف	علامه عبدالحي لکنوي	مطبع نولکشور اندیا








www.maktabah.org

